# سنڌوءَ جي ساڃاهه



جي ايم سيد

# سنڌوءَ جي ساڃاهه

(ٻئي ڀاڱا هڪ جلد ۾)

جي. ايم. سيد



جي. ايم. سيد اڪيڊمي

سن ضلع ڄامشورو

2010ع

www.sindhsalamat.com

# ٻه اکر

سائين جي. ايم. سيد جي تحريرن ۾ جيڪي نمايان ۽ اهميت رکندڙ ڪتاب آهن انهن ۾ ”سنڌوءَ جي ساڃاهه“ سرفهرست آهي.

سائين جي. ايم. سيد پنهنجن ڪتابن کي تحرير ڪرڻ وقت نه رڳو پنهنجي مشاهدي کان ڪم وٺندو هو پر جنهن موضوع تي لکندو هو اُن موضوع تي مختلف ٻولين جي ڪتابن کي وڏي محنت سان هٿ ڪري، مطالعو ڪندو هو ۽ پنهنجي مشاهدي ۾ آيل ڳالهه کي، پنهنجي مطالعي جي آڌار تي وزن وٺرائيندو هو.

هِن ڪتاب ۾ سائينءَ جي ذاتي مشاهدن، سياست، ادب، مذهب بابت دل کولي لکيل آهي ۽ اِها سائين جي تحرير جي وڏي خوبي هئي ته پنهنجن خيالن جو بلند ٻانگ اظهار ڪجي.

جي. ايم. سيد اڪيڊميءَ طرفان اِهو ڪتاب پهرين الڳ الڳ حصن ۾ ڇاپيو ويو پوءِ وري انهن ٻنهي ڀاڱن کي هڪ ئي جلد ۾ گڏي آندو ويو. هيءَ انهن گڏيل ڪتابن جو ٻيو ڇاپو آهي.

سنڌ جي سياست ۽ تاريخ سان دلچسپي رکندڙ دوستن لاءِ، هيءَ ڪتاب انتهائي اهميت جو حامل آهي.

حيدرآباد، سنڌ

**ناز سنائي**

15 مارچ 2010ع

www.sindhsalamat.com

# فهرست


| | |
|---|---|
| چند لفظ | 05 |
| پيش لفظ | 09 |
| **فصل پهريون** | |
| سنڌ جي ماضي، حال ۽ مستقبل تي سرسري نظر | 35 |
| **فصل ٻيون** | |
| سرزمين سنڌ جي مذهبي ارتقا | 126 |
| **فصل ٽيون** | |
| سنڌي ڪلچر جي ارتقا | 309 |
| **فصل چوٿون** | |
| سنڌ جي جاگرافي: مالي وسائل ۽ انهن جو استعمال | 384 |
| ضميمو ـ 1 | 544 |
| ضميمو ـ 2 | 547 |
| ضميمو ـ 3 | 547 |
| ضميمو ـ 4 | 548 |
| ضميمو ـ 5 | 548 |
| ضميمو ـ 6 | 548 |
| ضميمو ـ 7 | 549 |
| مددي ڪتاب | 550 |


www.sindhsalamat.com

# چند لفظ

جي.ايم.سيد سنڌو ڌرتي جي هڪ اهڙي عظيم شخصيت ۽ بلند پائي جو دانشور آهي، جنهن کي هند ـ سنڌ جو هر شعوري باشندو چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو ۽ سندس وڏي عزت ڪري ٿو. چون ٿا ته جيڪو شخص سنڌ مان ايندو آهي ۽ شريمتي اندرا گانڌيءَ سان ملاقات ڪندو آهي ته هوءَ جي.ايم.سيد جي باري ۾ حال احوال پڇندي آهي.

جي.ايم.سيد هن کان اڳ ۾ پڻ ڪافي موضوعن تي الڳ الڳ ڪتاب لکي پنهنجي وسيع ڄاڻ ۽ فڪر جو مشاهدو ڪرايو آهي، پر هيءُ ڪتاب هڪ نهايت طويل ۽ اهميت ڀري دستاويزي لکاوٽ آهي جنهن ۾ نه صرف هزارن سالن جي سنڌ جي اِتهاس تي هڪ نئين نظر وڌل آهي، پر پاڪستان جي نظرئي توڙي موجوده ڍانچي کي ننگو ڪري، هڪ نئين سچ جو درشن ڪرايو ويو آهي.

گذريل 30 سالن کان به مٿي جي.ايم.سيد سنڌ ڌرتي جي آزاديءَ جو مجسم بڻجي، پاڪستان جي هر فوجي ۽ ٻئي جبر سان وڙهيو آهي ۽ بيباڪ بڻجي هر سوديبازيءَ جي آڇ کي ٺڪرايو اٿس ۽ پنهنجي قدم تي سالم رهيو آهي. هن هر قسم جا سُور ۽ سختيون هموار ڪيون آهن ۽ اڏول رهيو آهي.

هن ڪتاب ۾ ان ڪري، سنڌين سان پاڪستان جي قيام کان پوءِ جيڪي جٽيون ٿيون آهن، تن جو هڪ درد ڀريو داستان آهي ۽ ڪڙيون حقيقتون پيش ڪري ڏيکاريو ويو آهي ته پاڪستان ڪيئن سنڌين لاءِ ڦڳيءَ جو ڦٽ بڻيو آهي، جو هو پنهنجي وطن ۾ پڻ ڌاريا ۽ بيگانا بڻجي پيا آهن نه صرف ايترو پر سنڌ ڌرتي جي آزاديءَ ۽ نئين نرماڻ لاءِ جدوجهد جو خاڪو پڻ هن ۾ سمايل آهي. سنڌ جي آزاديءَ جو گويا هيءُ اعلان آهي.

ڀارت ۾ رهندڙ سنڌين جو پنهنجي وطن سنڌ ۽ اتان جي باشندن سان سياويڪي لڳاءُ آهي. رت جو رشتو آهي. سنڌ ۽ سنڌ وارن جي خوشي ۽ غم ۾ هو ڀائيوار آهن. رهيا آهن ۽ رهندا. هو سنڌ جي آزادي ۽ خوشحاليءَ لاءِ دعائون پنن ٿا. هي ڪتاب هڪ يقين جاڳائيندو ته سنڌ زنده رهندي ۽ سنڌ جو آئيندو روشن آهي.

www.sindhsalamat.com

قومي آزادي ۽ سوشلزم وچ ۾ نڪو ڪوئي ٽڪر آهي نڪو اهي تضادي يا مخالف تحريڪون آهن. اگر انهن کي صحيح پرسپيڪٽو (Percpective) ۾ ڏٺو ۽ پيش ڪيو وڃي. ائين ٿي سگهي ٿو ته مڪاني (پاڪستاني) ڪميونسٽ پارٽي قومن جي مسئلي کي سمجهڻ يا پيش ڪرڻ ۾ (مهاجر ٽولي جي اثر هيٺ) ڪٿي ڪا غلطي ڪري وڌي هجي يا ننڍين قومن جي واجبي شڪن شبهن کي نظرانداز ڪيو هجي يا هنن کي سنڌن صحيح آزادي ۽ حقن جي بچاءَ ڪرڻ جي خاطريءَ ۾ ڪا ڪوتاهي ڪئي هجي وغيره. رد_عمل اگر اهڙي غلط سياسي نظرئي يا روش خلاف آهي ته پوءِ بي ڳالهه آهي.

بي ڳالهه: هر قوم جي آزادي ۽ خودمختياري اڄوڪي انٽر راشٽري (بين الاقوامي) سياسي فيلسوفي دور جو هڪ بنيادي حق تسليم ٿي چُڪو آهي. جنهن کان ڪوئي نظام يا ڪوڙڪو ڪنهن به قوم کي گهڻي وقت تائين محروم نٿو ڪري سگهي. اڄوڪو دور ننڍين قومن جي وجود ۽ وڪاس (ترقي) جو دور آهي، جنهن کان ناڪاري ڪرڻ ذهني سالميت ۾ شڪ پيدا ڪندو. هڪ ڳالهه ضروري آهي ته اِن بابت چٽو نظريو رکجي ته اها قومي آزادي ۽ خودمختياري ڪهڙي مقصد لاءِ؟ ان حقيقت کان هميشه خبردار رهجي ته قومپرستيءَ جي نالي ۾ هڪڙي قوم يا طبقي جو تسلط (لٽ ڦر) ختم ڪري، ٻئي طبقي يا گروهه جي تسلط ته قائم نٿي ڪئي وڃي. اڄوڪي دور جي قومپرستي ٺلهو نعرو نه بلڪ رت ۽ ماس واري قومپرستي آهي. جنهن جو واسطو وڏي ۾ پيڙيل عوام جي زندگيءَ سان آهي. اسان جي اڳيان ڪيترن ملڪن جا مثال سامهون آهن. جن جي قومي آزادي بعد عوام جي قسمت ۾ ڪو روشن ترورو نمودار نه ٿيو آهي.

اها عالم آشڪار حقيقت آهي ته سامراجي نظام، نام نهاد جمهوري راڄ توڙي اسلام جي نالي ۾ ڪڙيون ڪيل حڪومتون ڪثير عوام جي حق ۾ ڪوڪليون ۽ آزاريندڙ ثابت ٿيون آهن. ان جي برعڪس سوشلسٽ ملڪن جي عوام پهريون دفعو هزارن سالن جي ذلت، جهالت ۽ بُک واري حالت کان ڇوٽڪارو پاتو آهي ۽ انساني زندگي بسر ڪري رهيا آهن. مس مس وڃي ڪو ساهه کنيو اٿن. پِل ڪي زيادتيون ٿيون هجن جي شرمساريءَ جو باعث هجن پر اهو ضروري نه آهي ته اهي دهرايون وڃن ۽ به ضروري نه آهي ته سوشلزم جي اقتصادي پروگرام کي قبول ڪندي، هرويرو دهريت (ناستڪپڻي) کي قبول ڪجي. اڄ ته ايشيا ۽ يورپ جي ڪيترن ملڪن ۾ ڪرستان پادري پنهنجي مذهب جا پابند هوندي به

www.sindhsalamat.com

سوشلزم جي اقتصادي پروگرام کي عوام جي ڏکن جو علاج سمجهي ان جا پرچارڪ بڻيا آهن ۽ سور سختيون بہ سهي رهيا آهن.

منهنجي سمجهہ ۾ سنڌ ڌرتي جي آئيندي لاءِ اسان وٽ چٽو نظريو ۽ صحيح پروگرام بہ هئڻ گهرجي، جنهن معرفت عوام جي صدين جي تباهي ۽ پائماليءَ جي خاتمي جي گارنٽي هجي، جيئن سنڌ ڌرتي جي آزاديءَ جي تحريڪ عوام جو هڪ سيلاب بڻجي پوي.

سائين جي.ايم.سيد جي خيالن لاءِ وڏي عزت اٿم پر اندر جي اڌمن کي ظاهر ڪرڻ ضروري سمجهيم.

ڪتاب جا ٻئي پاڱا اوهان جي هٿن ۾ ڏيئي هڪ وڏي فرض جي سرانجامي بعد خوشي ٿيندي آهي، سا پيو محسوس ڪريان.

جيئي سنڌوديش!

ڪيرت ٻاٻاڻي

جيئي سنڌ — علمي ڪتبخانو — جيئي لطيف

جنهن پاءُ ” پيڻ کي PDF ۾ ڪتاب گهرجن ته واٽسپ تي يا فيسبوڪ انبوڪس ۾ رابطو ڪري ڪا بہ فيس ناهي بلڪل مفت ۾ مون وٽ موجود ليکڪن جي ڪتابن جي فهرست هي آهي نوٽ” 35 کان مٿي ليکڪن ۽ انهن جا 300 کان مٿي ڪتابن جا نالا انجان ناهيان لکي سگهيو

جي ايم سيد جا ڪتاب ”21“
امر جليل جا ڪتاب ”19“
ايم ايڇ پنهور جا ڪتاب ”5“
خليل جبران جا ڪتاب ”6“
ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جا ڪتاب ”5“
رسول بخش پليجو جا ڪتاب ”10“
رڪ سنڌي جا ڪتاب ”9“
شاهه جو رسالو ”8“ ليکڪن جو لکيل
مرزا قليچ بيگ جا ڪتاب ”21“
شيخ اياز جا ڪتاب ”20“
عبدالواحد آريسر جا ڪتاب ”19“
محمد ابراهيم جويو جا ڪتاب ”9“
يوسف سنڌي جا ڪتاب ”22“
استاد بخاري جا ڪتاب ”12“
محمد پنيرو جا ڪتاب ”7“
الطاف شيخ جا ڪتاب ”64“

Facebook Tarique Hussain (گمنام باغي)
واٽسپ نمبر 03061618348 Whatsapp

www.sindhsalamat.com

# پيش لفظ

منهنجي زندگيءَ جو گهڻو حصو مذهبي ڪوجنا ۽ ملڪ جي سياسي مشغولين ۾ گذريو آهي. اُن مان جي تجربا، معلومات ۽ تاثرات حاصل پئي ٿيا، تن کي ڪيترن ڪتابن ۾ درج پئي ڪيو اٿم.

ملڪي سياست تي پوڻيان ٻه ڪتاب "پاڪستان جي ماضي، حال ۽ مستقبل تي طائرانه نظر" ۽ "سنڌو ديش ڇو ۽ ڇا لاءِ؟" ذڪر ڪرڻ لائق هئا.

مذهب تي پوڻيان ٻه ڪتاب "جيئن ڏٺو آهه مون" ۽ "ديارِ دل داستان محبت" لکي، مون پنهنجي خيالات جو اظهار ڪيو هو. اُنهن مان منهنجي سياسي ۽ مذهبي خيالن جي ارتقا جو پتو پئجي سگهندو. عمر ۾ وڏي ٿيڻ ڪري آءٌ سمجهان ٿو ته وري انهن مضمونن تي جدا ڪتاب لکي نه سگهندس، تنهن ڪري مناسب سمجهان ٿو ته انهن ٻنهي موضوعن تي حاصل ڪيل معلومات کي هڪ هنڌ گڏ ڪري، پڙهندڙن جي واقفيت لاءِ پيش ڪريان.

هن وقت منهنجي جملي معلومات ۽ اُميدن جو مرڪز "سنڌو ديش" جو مسئلو وڃي رهيو آهي. ان مسئلي کي ڪهڙيءَ طرح نباهجي، اُن واسطي هيءُ ڪتاب لکي رهيو آهيان. جيڪڏهن منهنجي مخاطبن کي اِن مان ڪجهه فائدو پهتو ته منهنجو مقصد گهڻي حد تائين پورو ٿي پوندو.

"سنڌو ديش" برصغير هند جو اُهو ملڪ آهي، جنهن کي قدرت هزارن ورهين کان زرخيز لائق آباد زمين ۽ سنڌو درياهه جي اڪيچار پاڻيءَ ۽ سمنڊ جي ڪناري سان پئي نوازيو آهي. جنهن ڪري هتي جي رهاڪن گهڻي وقت کان شهريت ۽ تهذيب جا درجا طئي ڪرڻ شروع ڪيا هئا. آثار قديمه جي کوٽائيءَ جي تاريخ مان پتو پوي ٿو ته اٽڪل پنجن هزارن ورهين کان هڪ ملڪ دنيا جي قديم تهذيبن: جهڙوڪ مصر، سمير، آسيريا ۽ بابل وغيره ملڪن جي تهذيبن جي وقت کان وٺي، تهذيب ۽ تمدن طرف وِک وڌائي هئي.

ڪن تاريخدانن جو چوڻ آهي ته هتي جا قديم رهاڪو جن تهذيب ۽ تمدن جا مرحلا طئي ڪيا هئا، تن مان ڪيترا دراوڙي نسل سان واسطو رکندڙ هئا. اهي

www.sindhsalamat.com

هتي ڪڏهن ۽ ڪٿان آيل هئا. تنهن بابت سواءِ ڪجهه ابتدائي ڏند ڪٿائن ۽ آثار قديم جي کوجنا مان هٿ آيل معلومات جي. زياده احوال معلوم نه ٿي سگهيو آهي. ان بابت جي رايا ظاهر ڪيا ويا آهن. تن مان هڪ اِهو هو ته اٽڪل 15 هزار ورهيه اڳ موجوده يونچ (ميڊيٽيرينين) سمنڊ جي جاءِ تي زمين هئي. جتي لکها ماڻهو رهندا هئا. جن کي پنهنجو تمدن ۽ تهذيب هئا. جن جي حصول لاءِ هنن کي هزارها ورهيه لڳا هوندا. اُنهيءَ راءِ جي تاريخدانن جو چوڻ آهي ڌرتيءَ جي ڏيڻ يا ڪنهن حادثي جي ڪري دره دانيال ۽ جبرالٽر جي طرف واري زمين جا ٽڪرا هيٺ ٿي ويڃڻ ڪري، ٻنهي طرفن کان سمنڊ جو پاڻي ڪاهي اُن زمين کي ٻوڙي ويو جنهن سموريءَ ايراضيءَ کي تباهيءَ جي زد ۾ آڻي، ان جاءِ تي سمنڊ ڪري ڇڏيو. ان حادثي ڪري لکها ماڻهو مري ويا ۽ تهذيب ۽ تمدن جا آثار سمنڊ هيٺ اچي ويا. اُن تباهيءَ کان جي ماڻهو بچيا، سي اتان لڏي آهستي آهستي ڪري، وچ مشرق کان ٿيندا، مرحليوار سنڌو ديش تائين پهتا، ۽ هتي آباد ٿي، شهر ٻڌي، تهذيب جا مالڪ بنيا.

مصر، سمير، اسيريا ۽ بابل وغيره جي قديم تمدن ۽ تهذيب سان سنڌو ديش جي تهذيب ۽ تمدن جي ڪجهه قدرت مشابهت مان اِهي گمان ڪيا وڃن ٿا.[1]

اٽڪل 15 سئو ورهيه اهي ماڻهو سنڌو ديش تي حاوي رهي، ترقي ڪندا رهيا. ان کان پوءِ اٽڪل 17 سئو ورهيه (ق.م) يعني 37 سئو ورهيه اڳ، وچ ايشيا کان آريا قوم جا ڪثير تعداد ماڻهو لڏي هتي اچڻ شروع ٿيا. اُنهن اڳي ذڪر ڪيل دراوڙي نوم جي ماڻهن مان ڪن کي ڌڪالي ڏکڻ هند طرف روانو ڪيو ته ڪي اُنهن سان وڙهندي مارجي ويا. ۽ باقي، جي نه لڏي سگهيا ۽ نه وڙهي سگهيا، سي نئينءَ آيل قوم جا غلام بنجي، اڇوتن ۽ داسن جي درجي تي وڃي پهتا. هنن نون آيل ماڻهن اڳوڻن دراوڙي ماڻهن جي جاين تي قبضو ڪري نئين شهريت ۽ ڪلچر برپا ڪيو. اهڙيءَ طرح سنڌو ديش جي هاڻوڪن رهاڪو ماڻهن ۾ دراوڙن (يونچ نسل) جي ماڻهن ۽ آريا قوم جي تهذيبن جي ملاوت جا آثار پرکي سگهجن ٿا. سنڌن مذهبي اعتقادن، روايتن ۽ معاشري ۾ گهڻيون اهڙيون ڳالهيون معلوم ٿين ٿيون. جن مان قوي گمان ڪيدي سگهجي ٿو ته انهن تي ٻنهي جي تهذيبن جي ملاوت جا آثار موجود هئا.

---

1 "مٿن ويٿر، وينس ۽ وڌر" ڪرنل ليڊينر ۽ ڊاڪٽر ايني بيسنت. "آئوٽ لائين آف ورلڊ هسٽري". ايچ.جي.ويلس "انڊس ويلي سولائيزيشن". سرجان مارشل

2 "رگ ويد". "انڊس سولائيزيشن". ڊاڪٽر مئڪي

www.sindhsalamat.com

ڪيو. دهليءَ ۾ مغل حڪومت جي ڪمزوريءَ بعد سنڌين ، ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي دور ۾ آهستي ڪري، خودمختيار حڪومتن بنائڻ جي شروعات مس ڪئي، تہ وري انگريزن سنڌ کي فتح ڪري، انتظامي سهوليت خاطر، بمبئي پرڳڻي جو حصو بنائي ڇڏيو. اهڙيءَ طرح هي ديس انگريز سامراج جي ماتحت اچي ويو. بمبئيءَ سان محلق رهڻ بعد، سنڌو ديش جي ترقيءَ جي راھ ۾ گهڻي رڪاوٽ پئجي ويئي. سنڌ سان ماٽيجي ماءُ وارو ورتاءُ روا رکيو ويندو هو. ان کان متاثر ٿي، سنڌ جي قومي ڪارڪنن بمبئي پرڳڻي کان علحدگيءَ جي تحريڪ هلائي، ۽ 1936ع ۾ سنڌ کي اُن کان جدا ڪرائي، علحده صوبي جي صورت ونائي.

قومي امڪان هو تہ هندستان جي انگريزي سامراج کان آزاديءَ بعد سنڌو ديش خود مختيار ملڪ جي حيثيت اختيار ڪري، ترقيءَ جي راھ ۾ وک وڌائي- ڇاڪاڻ تہ انگريزن سنڌ کي آزاد سلطنت جي حيثيت ۾ قبضي هيٺ آندو هو پر شايد سنڌين کي اڃا ڏکيا ڏينهن ڏسڻا هئا. جو آزاديءَ بعد سنڌ انگريزي حڪومت جي مدد ۽ مڪاني ماڻهن جي اڻ سمجهيءَ ۽ پاڻ ۾ اختلافن ڪري، وري مهاجر-پنجابي مستقل مفاد جي سامراج هيٺ اچي ويئي.

سنڌ کي قدرت زرخيز زمين، ڪثير پاڻيءَ، چراگاهن ۽ ڍنڍن ۽ سمنڊ جي ڪناري تي هئڻ ڪري، واپار جي سهوليتن جي نعمتن سان نوازيو آهي. ان ڪري اُن جي پيدائش ۽ قدرتي وسيلن مان فائدي حاصل ڪرڻ خاطر ٻاهرين سامراجي طاقتن کي سدائين حرص پئي ٿيو آهي تہ اُن تي تسلط حاصل ڪري، اُن جو استحصال ڪن. اهڙي نموني، اُنهيءَ لالچ تي، ڪي ٻاهريون طاقتون اُن کي ڦري لٽي موٽي پئي ويون، تہ ڪن اُن تي گهڻي وقت لاءِ سنڌن سامراج قائم رکيو. اهڙين ٻاهرين طاقتن مان ايراني، عرب، مغل ۽ انگريزي سامراج گهڻي وقت تائين مٿس حڪمران رهيا. سنڌ جا رهاڪو اڪثري زراعت، مال چارڻ جي پيشي هئڻ ڪري، جيڪي سنڌن گزران جا دائمي ۽ قدرتي ذريعا هئا. سدائين اَمن ۽ سلامتيءَ جا خواهشمند پئي رهيا آهن. سنڌن اِنهن حالتن منجهن آهنسا (عدم تشدد) جو جذبو پيدا ڪيو هو. ٻيتر سنڌن مذهبي عقيدن بہ منجهن انهيءَ رجحان کي زور وٺائي، سنڌن ڪردار ۾ صلح پسندانہ لاڙو پيدا ڪيو هو.

سنڌ جي گذريل پنجن هزارن ورهين جي تاريخ کي ڇتائي ڏسبو تہ معلوم ٿيندو تہ هتي جي رهاڪن جي قسمت سمنڊ جي مدوجزر (وير جي چاڙهي ۽ لاهي) وانگر تبديل ٿيندي پئي آئي آهي. جيڪڏهن اِن جي ٻين لفظن ۾ تشبيهہ

www.sindhsalamat.com

ڪئي ويئي، تہ اِن جي مثال رات ۽ ڏينهن وانگر ٿيندو. جنهن مطابق رات جو ماٺهو اونداهہ ڪري، سمهي گذاري ٿو تہ ڏينهن بعد، سوجهري سبب، سجاڳيءَ ۾ رهي، دنيا جو ڪاروبار ڪري ٿو. هتي جا رهاڪو ڌارئين سامراج هيٺ رات وانگر ستل ۽ بي حس رهندا هئا ۽ جڏهن ڌاريون سامراج وٽانئن هٽيو ٿي، تہ هنن لاءِ ڏينهن ٿيو ٿي. جنهن ڪري اکيون مهٽي، ننڊ مان اٿي، ترقيءَ جي راهہ ۾ وک وڌايائون ٿي. اهڙيءَ طرح سنڌن حالتون بدلبيون رهيون ٿي.

اِن طرح مسلسل سامراجي تسلطن سنڌ جي رهاڪن کي توڪلي، صابر، بي همت ۽ بزدل بڻائي ڇڏيو ٿي. اهڙن دورن ۾ سنڌن اقتصادي استحصال ٿيڻ ڪري، سنڌن ڪلچرل جي ترقي روڪجي ويئي ٿي، ۽ منجهن سنڌي قوميت جو احساس ڪمزور ٿي پيو ٿي. هن وقت سنڌي، مهاجر پنجابي مستقبل مفاد جي سامراج ماتحت پيڙهجي رهيا آهن. جي سنڌين جي هزارها سالن جي جدا ملڪ ۽ قوم جي وجود کان انڪار ڪري، اُن کي پوريءَ طرح ختم ڪرڻ جي پٺيان آهن.

هنن سنڌين کي طاقت جي ذريعي هڪ طرف محڪوم رکيو آهي، تہ ٻئي طرف اُنهن جو اقتصادي استحصال ڪري، کين مفلس ۽ نادار بڻائي ڇڏيو آهي. پر سڀ کان وڌيڪ هٿ چراند انهن جي مذهبي عقيدن ۽ ڪلچرل سان ڪئي اٿن. اهڙي وقت ۾ سنڌين کي، پاڻ سڃاڻي، سجاڳ ٿيڻ جي ضرورت آهي.

جنهن وقت کان برصغير هند کي مذهب جي غلط تشريح جي نالي ۾ ورهائي، سنڌي هندن کي نفرت جي نگاهہ سان ڏسي، ملڪ نيڪالي ڏيئي، سنڌ کي نئين سامراج هيٺ آندو ويو آهي، تڏهن کان سنڌو ديش ۽ ان جي رهاڪن کي وڌيڪ مشڪلاتون درپيش پيئي آيون آهن. جن کي مدنظر رکي، غور ۽ فڪر ڪرڻ بعد مون، کوجنا ڪري، ڪي نتيجا ڪڍيا آهن. جي آءُ اهل دل ۽ صاحب نظر اڳيان پيش ڪريان ٿو. من هو پڻ سڃاڻي ننڊ مان سجاڳ ٿي، ان نئين سامراج کان آجي ٿيڻ لاءِ اُٿي ۽ گڏجي ڪا جدوجهد ڪن.

هن ڪتاب ۾ آءُ مٿي اشاري طور ذڪر ڪيل، هيٺين نتيجن تي روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪندس:

1. سنڌ جي ماضي ۽ حال ۾ ٻاهرينءَ سامراجيت ۽ سنڌو ديش جي رهاڪن جي وچ ۾ تصادم جا نتيجا ۽ ان مان مستقبل ۾ انديشا.

2. اهل سنڌ جي مذهبي ارتقا جو تجزيو ۽ ان جي درويشن جي مذهبي تشريح ۽ ان سان هن وقت جي غلط مذهبي خيالن جي پرچار ۽ تعليم سان ڀيٽ.

www.sindhsalamat.com

3. سنڌين تي ڌارين سامراجن جي اثر هيٺ سنڌي ڪلچرل جي ترتيب ۽ ان جي مستقبل ۾ رڪاوٽي ۽ سڌارو.

4. سنڌ ۾ آزاديءَ جي عدم موجودگيءَ ڪري وجود ۾ آيل حالات جو تجزيو ۽ ان جي اقتصادي استحصال ۽ سياسي غلاميءَ مان نجات لاءِ تجويزون.

مٿي ذڪر ڪيل چئن مسئلن تي مفصل ذڪر جدا فصلن ۾ پيش ڪندس. ليڪن ناظرين جي معلومات لاءِ هتي انهن سمورن مسئلن تي سرسري روشني وجهان ٿو.

اڄڪلهه هر هڪ مسئلي تي ٻن نقطي نگاهن سان بحث ڪيو وڃي ٿو:

1. نظرياتي (خيالي) نقطي نظر سان.

2. حقيقتن جي بنياد تي، سائنسي تجزيي ڪرڻ سان.

اِنسان جي زمين تي وجود ۾ اچڻ بابت ٻه رايا مروج آهن: هڪ رايو قديم ڏند ڪٿائن جي آڌار تي پيدا ٿيو جن کي مذهبي مهندارن سنڌن ڪتابن ۾ جاءِ ڏيئي، ماڻهن تائين پهچايو هو. ٻيو رايو جديد کوجنائن وسيلي، حقيقتن جي بنياد تي، قائم ڪيو وڃي ٿو.

پهرئين گروهه جي مذهبي پوئلڳن ۾ ٻن راين جا ماڻهو پيدا ٿيا:

هڪ مغربي مذهبن جهڙوڪ يهودي، عيسائي ۽ مسلمانن جي گروهه جن انسانذات جو ڏاڏو حضرت آدم کي قرار ڏيئي، چيو هو تہ خدا سائين ان کي مٽيءَ مان ٺاهي، منجهس ساهه وڌو. انهن آدم جي پيدائش جو وقت ٻڌائي، ان جو شجرو بہ ڏنو آهي، جنهن موجب جملي انسان ذات جو ڏاڏو حضرت آدم اٽڪل ڇهہ هزار ورهيہ اڳ وجود ۾ آيو هو. ٻيو مشرقي مذهبن جهڙوڪ هندو (ويدڪ)، ٻڌ ۽ جين ڌرمن جي پوئلڳن جو گروهہ جن انساني وجود جي پيدائش کي لکن ورهين کان پيدا ٿيل ڄاڻايو ٿي. پر ڪهڙيءَ طرح پهرين پيدا ٿيو ان جو پوريءَ طرح ذڪر نہ ڪيو آهي. ڄاڪاڻ تہ انهيءَ گروهہ جي معلومات جو بنياد بہ ڏند ڪٿائن ۽ خيالي کوجنائن تي ٻڌل هو.

اهڙيءَ طرح روح بابت بہ هنن مذهبن جا مختلف رايا هئا. روح ڇا هو ڪيئن ۽ ڪڏهن پيدا ٿيو هڪ هو يا گهڻا هئا، ان بابت، سواءِ دماغي دم پختن جي، هي گهڻو ڪجهہ معلوم نہ ڪري سگهيا آهن، ۽ ان لاءِ جدا مذهبن وارن جا جدا جدا نظريا پئي رهيا آهن.

www.sindhsalamat.com

مذهبي عقيدا ۽ اُنهن ذريعي پيدا ٿيل رسم ۽ رواج، ڪريا ڪرم عبادتون، دستور ۽ شريعتون، سڀ خيالي نقطي نظر واري مذهبي گروهه جي تخيل جي پيداوار آهن.

مذهبي گروهه جي نظرين جي ابتدا خوف، وهم ۽ گمان سان ٿي. بعد ۾ انهن کي محبت، الهام يا وحيءَ جي نزول جو جامو پهرائي، رنگ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. انهيءَ گروهه ڪيئي نبي، پيغامبر، رشي، مني پنهنجي پنهنجي دنيا لاءِ پيدا ڪيا، جن جي قولن يا ٻڌايل معلومات کي خدا طرفان موڪليل قرار ڏيئي، انهن کي هنن پنهنجي پنهنجي مذهبي ڪتاب ۾ درج ڪيو آهي، ۽ انهي "معلومات" کي صحيح سمجهي، مرڳو سائنس ۽ عقل جي بنياد تي ٿيل کوجنائن کي اڌورو ۽ ناقص ڄاڻي، انهن کي پس پشت اڇلائي، انهن جي اهميت کي گهٽائي ڇڏڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

ٻئي طرف، ظاهري مواد جي بنياد تي عقل ڪسوٽي ۽ سائنسي تجربي جي آڌار تي، شين جي حقيقتن جي کوجنا شروع ٿي، جنهن پهرئين نقطي نگاهه (مذهبي) جي اڪثر معلومات کي غلط ثابت ڪري، نيون حقيقتون ماڻهن جي سامهون پيش ڪيون ٿي. جهڙوڪ: ڪن مذهب وارن جو چوڻ هو ته ڪائنات ۾ ست آسمان ۽ ڌرتي هئا، پر هن گروهه کي کوجنا بعد معلوم ٿيو ته دنيا ۾ لکها سج، چنڊ، تارا ۽ ڌرتيون هيون ۽ اُهي ڪهڙيءَ طرح پيدا ٿيا، تن بابت به ڪجهه معلومات ميسر ڪئي اٿن. ۽ ائين روز بروز نين ڳالهين جي معلوم ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪندا اچن ٿا.

جيتوڻيڪ اجا سائنس طرفان ميسر ٿيل معلومات جي گهٽي ناڪافي آهي، پر مذهبن ۽ قديم ڏند ڪٿائن ذريعي پيش ڪيل احوال کان اها وري به وڌيڪ مستند ۽ معلوماتي آهي. سائنسدان ساهه ۽ روح بابت جيتوڻيڪ ڪافي معلومات ميسر نه ڪري سگهيا آهن، پر جيڪا به حقيقت پيش ڪن ٿا، ان جو بنياد وهم خيال يا ڏندا ڪٿائن تي ٻڌل ڪونه آهي، ۽ هو پنهنجي معلومات کي مذهبن وانگر آخري ۽ مڪمل به نٿا ڄاڻن.

سائنسدانن ۽ فيلسوفن، پيغمبرن جي علم ۽ ڪتابن کي آخري، مڪمل يا غلطيءَ کان خالي نه سمجهي، انهن طرفان پيش ڪيل معلومات کي سائنس ۽ عقل جي ڪسوٽي تي پرکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

سائنسدان ۽ فيلسوف مذهبي عقيدن، سماجي دستورن (شريعتن)، ماڻهن جي

www.sindhsalamat.com

رسم رواجن، ڪريا ڪرمن ۽ عبادتن کي عقل ۽ تجربي جي بنياد تي سوچڻ لڳا آهن. ڇو ته هنن جي خيال ۾ ڪو به ڪتاب يا پيغمبر به غلطيءَ کان خالي ڪونه ٿي سگهيا ٿي. اُنهن جا ڪتاب ۽ بڌايل احوال هر مرض جو علاج ڪونه هئا. سندن راءِ موجب، مذهبن جون بيان ڪيل ڪيتريون ڳالهيون ناقابل قبول، فرسوده ۽ وقت کان ٻاهر ثابت ٿينديون وڃن ٿيون.

هنن جو چوڻ هو ته هر ملڪ ۽ زماني جون شريعتون (قاعدا ۽ قانون)، معلومات ۽ عقيدا جدا هئا، جي ضروريات زندگي، اُن وقت جي حالات ۽ تقاضائن مطابق پيش ڪيل هئا. تنهن ڪري جهڙيءَ طرح دنيا ۾ پيدا ٿيل هر هڪ نباتي، حيواني ۽ انساني وجود پيدا ٿي، عرصئہ حيات گذاري، ختم يا تبديل ٿيو وري نئون روپ وٺن ٿا، اهڙيءَ طرح زماني ۽ معاشري جي تبديليءَ ڪري مذهبي عقيدا، ڪلچر، شريعتون ۽ معلوماتون وقت گذرڻ بعد منسوخ ۽ بيڪار ٿيو پون، ۽ اُنهن جي جاين تي نون عقيدن، ڪلچرن، شريعتن ۽ معلومات کي بدليل حالات ۽ وقت جي تقاضا ڪري جاءِ ڀرڻ لاءِ پيدا ٿيڻو پوي ٿو.

هنن جو چوڻ هو ته زمين جي مختلف جاگرافيائي خطن جي رهاڪو قومن ۾ مختلف دورن اندر پيدا ٿيل مذهب ۽ عقيدا انهيءَ زماني جي تقاضائن ۽ ضرورتن موجب ڪم ڏيئي سگهيا ٿي، پر زماني جي بدلجڻ، معاشري جي تبديلي، نئين معلومات ميسر ٿيڻ، نين کوجنائن ۽ حقيقتن جي سامهون اچڻ تي، اُهي نئين زماني جي تقضائن ۽ حالتن موجب موسم جي ڪپڙن وانگر بدلائڻ ضروري ٿيو پون.

هن وقت جي مکيہ عالمگير مذهبن جهڙو هندو (ويدڪ)، ٻڌ، جين، زردشت، يهودي، عيسائي ۽ اسلام وغيره جي حالت بہ ساڳي ٿيڻ واري آهي. اُهي اِڳيئي ڪافي بدلجي چڪا آهن ۽ هاڻي، وقت آيو آهي تہ اِنهن جي عقيدن ۽ شريعتن تي نئين سر، جديد نقطي نگاهہ سان نظر ڪري، "خذ مان صفا. دع مان ڪدر" يعني "سٺي ۽ ڪارائتي ڳالهہ هٿ ڪري، بيڪار ۽ غلط کي اُڇلي ڇڏڻ" جي مقولي تي عمل ڪيو وڃي. پر ڏسڻ ۾ ائين پيو اچي تہ عام ماڻهن ۾ قدامت پسندي گهر ڪري وڃي ٿي. سندن اڪثريت عقل ۽ سائنسي علم کان ناواقف هئڻ ڪري ڪا بہ نئين ڳالهہ ٻڌڻ يا سمجهڻ لاءِ تيار نہ ٿي ٿئي. جهڙيءَ طرح جانور ڏنل واڻيل رستي کان سواءِ اونده يا روشنيءَ ۾ هلڻ کان نٽائيندو آهي، اهڙيءَ طرح عام ماڻهو بہ نئين راهہ ۽ فڪر جي واٽ اختيار ڪرڻ کان اڪثر ڀيا

www.sindhsalamat.com

ڪترائين. صاحب اقتدار پيسي وارا، مذهبي مهندارن جي پنهنجا مستقل مفاد پيدا ڪري وجن ٿا، سي به ماڻهن جي اڪثريت ۾ صحيح ڳالهه جي سڃاڻپ جي عدم موجدگي ڪري، ڪين لڪير جي فقيرن وانگر ساڳين پراڻن دستورن، رسم و رواجن ۽ مذهبي عقيدن جي ماتحت رکڻ ۾ پنهنجو فائدو سمجهي پيا هلائين. نتيجو اهو نڪري ٿو ته، پوئتي پيل ملڪن جا اڪثر ماڻهو جهالت واري دور جي رسمن، دستورن ۽ معلومات ڪان مٿي نٿا چڙهن. پر مغربي ملڪن جا ماڻهو وڃي چنڊ تي پهتا آهن ۽ هتي جا ماڻهو اڃا ڪهڪشان کي آسمان ۾ نوح نبيءَ جي ٻيڙيءَ جي کوهي جو گيهو سمجهڻ ۾ اعتقاد رکيو ويٺا آهن. مغربي ملڪن جا ماڻهو عقل ۽ سائنس جي تجربن جي آڌار تي هر غلط ۽ فرسوده ڳالهه يا عقيدي کي ختم ڪري نئين دنيا جي تعمير طرف متوجهه آهن، ۽ هتان جا ماڻهو اهوئي گذريل زماني جي تخيلاتي ڪمالات کي ياد ڪنديءَ ان کي موٽائي آڻڻ جي آس ۾ ڳرندا، جهُرندا ۽ پاڻ ۾ وڙهندا ٿا رهن!.

منهنجو اُن خطي زمين "سنڌو ديش" سان واسطو آهي، جو نئين سامراجي بنيادن تي برپا ڪيل "پاڪستان" جو حصو ٿي، نئين هٿرادو مذهبي نظريي هيٺ مهاجر _ پنجابي مستقل مفاد جي سامراجي استحصال لاءِ ڪتب اچي رهيو آهي. مون به اُن جي ٺاهڻ ۾ حصو ورتو آهي، پر ان جي برپا ٿيڻ بعد جيڪي حالتون رونما ٿيون آهن، تن جي آڌار تي تجربي ۽ حقيقتن جي بنياد تي آءٌ ڪن اهڙن نتيجن تي پهتو آهيان، جن عام تسليم ٿيل ڳالهين جي خلاف آهن. آءٌ سچ کي ڪنهن گروهه، فرقي، مذهب جي ملڪيت نٿو ڄاڻان. انهيءَ ڪري هر ماڻهوءَ کي پنهنجي آزاد راءِ ڏيڻ جو حقدار سمجهي، چند رايا، جن تي آءٌ پهتو آهيان، هيٺ پيش ڪريان ٿو:

1. دنيا جي جملي مذهبن کي، اسلام سميت، آخري ۽ مڪمل نٿو ڄاڻان، بلڪ جملي مذهبن جي اصولن پويان هڪ لڪل وحدت جو سرشتو نظر اچيم ٿو. سڀني مذهبن ۾ هڪڙي ارتقائي سلسلي جي ڪڙي ڏسڻ ۾ اچيم ٿي. اهو سلسلو سدائين جاري رهڻ وارو معلوم ٿئيم ٿو.

2. قومن جي مذهبي نظرين جي بنياد تي شمار ٿيڻ ڪري انسان ذات کي جيڪي نقصان پهتا آهن، تن کي مدنظر رکي، قوم جو بنياد وطن، زبان، ڪلچر، قومي روايات، سياسي ۽ اقتصادي مفاد تي قائم ڪرڻ، زياده مفيد ٿو ڄاڻان. ڇاڪاڻ جو تجربي بعد معلوم ٿيو اٿم ته نظريا، حالات، تجربي ۽ معلومات جي ميسر ٿيڻ

www.sindhsalamat.com

بعد تبديل ٿين پيا. ليڪن متي ذڪر ڪيل پنجن نقطن جي آڌارتي برپا ٿيل قومون قانون فطرت جي پيداوار هئڻ ڪري ديرپا ۽ فائديمند ثابت ٿيون آهن.

3. دنيا جي جملي مذهبي ڪتابن کي، قرآن شريف سوڌو نهايت معلوماتي ۽ مفيد سمجهندي، اُنهن کي آخري، مڪمل، بي عيب ۽ هر مرض جو علاج نٿو سمجهان ۽ حقيقت جي ڄاڻ لاءِ مسلسل غور فڪر ۽ تفتيش جي ضرورت لازمي ڄاڻان ٿو.

4. سنڌو ديش کي هزارن ورهين جي جدا جاگرافيائي حدن واري وطن ۽ تاريخي روايت جي آڌار تي جدا قوم، جدا ڪلچر، جدا زبان، جدا سياسي ۽ اقتصادي مفاد جو حامل سمجهي، ان جو موجوده پاڪستان واري سامراج کان آزاد ڪرڻ، هن ملڪي جي رهاڪن ۽ برصغير، بلڪ ساريءَ دنيا جي فائدي خاطر، ضروري ڄاڻان ٿو.

5. جهڙيءَ طرح دنيا جي مختلف مروج قانوني دستور ۽ نظريا ماڻهن جي هدايت لاءِ ڪارآمد پئي رهيا آهن، اهڙيءَ طرح مذهبي تعليم ۽ شريعتن مان به فائدا پئي رسيا آهن. اُنهن مان اڄا به مفيد نتيجا حاصل ڪري سگهجن ٿا. پر تاريخ جي تجربي مان اهو معلوم ٿيو آهي ته صرف ڪن مخصوص مذهبي نظرين کي يڪتا ڄاڻي، انهن جي انڌي تقليد فائديمند نه رهي آهي. ان ڪري سياست ملڪ کي مذهبي عقيدن جي ماتحت ڪري هلائڻ مان فائدي بدران نقصان جو انديشو رهي ٿو.

6. مڪيہ مذهبي مرڪزن جهڙوڪ ڪاشي، جيروسلم، مڪي وغيره تي وڃڻ کي تاريخي معلومات ۽ ماڻهن جي ميل ملاقات کان وڌيڪ اهميت ڏيڻ نه گهرجي. اهڙيءَ طرح بزرگن جي درگاهن ۽مزارن تي حاضري ڀرڻ ۾ سندن تعليمات جي حصول ۽ ياد تازي رکڻ ۽ عزت ڏيڻ کان وڌيڪ نه سمجهجي. انهن مان حصول ثواب، نجات ۽ مقصدن جي حاصل ڪرڻ جي توقع رکڻ بي فائدي آهي.

7. قومن ۽ ملڪن جي اتحاد لاءِ ڪن مخصوص مذهبن جي پوئلڳن کي گڏي هلائڻ مان فائدي بدران نقصان ٿيڻ جو امڪان ڏسڻ ۾ اچي ٿو.
ملڪ ۽ قومون، هندو مسلمان يا عيسائي نه ٿينديون آهن. اتحاد لاءِ سياسي، اقتصادي ۽ ڪلچرل مفاد جا اصول زياده ڪارآمد ٿي سگهن ٿا.

www.sindhsalamat.com

پاڪستان کي اسلامي ملڪ سڏڻ ڌوڪي ڏيڻ کان وڌيڪ نه آهي. مسلمان ملڪن ۾ نه سياسي طرح، نه اقتصادي نقطي نگاهه يا مذهبي عقيدن جي بنياد تي هم خيالي پيدا ڪري سگهجي ٿي، تنهن ڪري مسلم ملڪن جي اتحاد جي ڪوشش مان ڪنهن به فائدي حاصل ٿيڻ جي اُميد نه آهي.

8. آءٌ هن نتيجي تي پهتو آهيان ته مذهبن طرفان پيش ڪيل شريعتن ۾ جيتوڻيڪ ڪيتريون مفيد ڳالهيون آهن، پر معاشري جي بدلجڻ ۽ حالتن جي تقاضائن مطابق ملڪي قانون ۽ حقيقتن جي آڌار تي تبديلي آڻڻ لازمي ٿيو پوي، تنهن ڪري ملڪن ۾ ڪن مذهبي شريعتن مطابق قانون ناهڻ ڪري اُنهن جي ترقي ۽ آزاديءَ جي راهه ۾ فائدي بدران رڪاوٽ پيدا ٿيڻ جا امڪان آهن. اُن تي مفصل روشني ٻئي فصل ۾ وڌي ويئي آهي.

9. منهنجي خيال موجب انسان ذات اُن دور مان گذري رهي آهي، جنهن ۾ علم ۽ سائنسي کوجنا ذريعي معلومات جو ميسر ٿيڻ بنسبت الهام يا ڪشف جي زياده ڪارآمد ۽ مستند ثابت ٿئي ٿو.

10. آءٌ سنڌ جي جدا وجود کي دنيا جي ٻين آزاد ملڪن وانگر، پاڪستان جي دائري کان ٻاهر ڪڍي، آزاد ڪرڻ کي دنيا جي تعمير نؤ لاءِ مفيد ڄاڻان ٿو. سنڌ جي تاريخ تي گهري نظر ڪرڻ بعد هيٺين نتيجن تي پهتو آهيان:

1. سنڌ گذشته هزارن ورهين جي تاريخي تجربن جي آڌار تي جدا جاگرافيائي حدن واري وطن جي حيثيت حاصل ڪري ويئي آهي، جنهن ۾ مختلف نسلن، ملڪن ۽ مذهبن جا ماڻهو هڪ ٻئي سان گڏجي رهڻ بعد، يڪجهتي حاصل ڪري هڪ مستقل قوم بڻجڻ جي نزديڪ اچي پهتا آهن. سنڌ زبان، ڪلچر، سياسي ۽ اقتصادي مفاد، لباس، معاشرت، رسم ۽ رواج قومي ڪردار هزارن ورهين جي تاريخي نتيجن مطابق هڪ ٿي رهيو آهي، جنهن کي علحده خصوصيت ڏيڻ جي ضرورت محسوس ٿي رهي آهي.

2. گذريل پنجن هزارن ورهين کان تاريخ ۾ پاڪستان نالي سان نه ڪو ملڪ رهيو آهي، نه اُتي جي رهاڪن کي جديد نظريه قوميت جي اصول مطابق هڪ ٻولي رهي آهي، نه اُتي جي جملي رهاڪن جو ساڳو ڪلچر وجود ۾ آيل آهي، نه سنڌن روايات ساڳيا رهيا آهن، نه سنڌن سياسي ۽ اقتصادي مفاد ۾ يڪجهتي پيدا ٿي آهي، تنهن ڪري پاڪستان کي هڪ ملڪ ۽ اُتي جي رهاڪن کي

www.sindhsalamat.com

هڪ قوم سمجهڻ ڏوڪي ۽ فريب کان مٿي نہ آهي. هيءَ ڳالهہ صاف ظاهر ٿي ويئي آهي تہ پاڪستان کي مهاجر پنجابي مستقل مفاد، سنڌن سامراج قائم ڪرڻ لاءِ، مذهب جي غلط تشريح جي نالي ۾، نفرت ۽ نفاق پيدا ڪري، وجود ۾ آندو آهي. تنهن ڪري اُن جي وجود کي نہ صرف سنڌ جي رهاڪن لاءِ بلڪ جملي انسان ذات لاءِ نقصانڪار سمجهان ٿو ۽ ان جي جلد خمر ٿيڻ تي، سنڌو ديش جو قائم ٿيڻ، سنڌ جي رهاڪن لاءِ باعث نجات ڄاڻان ٿو.

3. گذريل هزارن ورهين کان ايرانين، يونانين، عربن، مغلن ۽ انگريزن جي سامراجي زبانن، ڪلچرن، مذهبي عقيدن، سنڌو ديش تي ڪيترا اثر ڇڏيا آهن. هن وقت مهاجر پنجابي مستقل مفاد سامراجي، اسلام جي خود ساختہ تعبير جي نالي ۾، نئون ڪلچر ۽ نظريا پيش ڪري رهيا آهن. تن کي بہ سنڌ جي قديم تاريخي روايات جي آثار تي گڏي، مفيد تر تهذيبي مرڪب بنائڻ کان زياده اهميت نٿي ڏيئي سگهجي.

4. سنڌو ديش کي وطن، آبهوا، گذشتہ تاريخي تجربي، جاگرافيائي پوزيشن ڪري خاص حقيقتن ۽ حالتن جي آثار تي جداگانہ ملڪي حيثيت جو حامل ڄاڻي ان ۾ مهاجر پنجابي مستقل مفاد سامراجين طرفان پيش ڪيل اسلامي تشريح کي غلط سمجهان ٿو. سنڌ جي مذهبي تشريح، ڪلچر ۽ قومي ڪردار کي خاص خصوصيت جو مالڪ ڄاڻان ٿو. تنهنڪري هزارن ورهين جي ورثي کي آءُ سامراجي مفاد ۽ اثر هيٺ مسخ ڪرڻ مناسب نٿو ڄاڻان.

5. عربن طرفان پيش ڪيل مذهبي عقيدن، شريعت ۽ روايات کي پيغمبر اسلام جي پيش ڪيل صحيح اسلامي روح کان الڳ سمجهان ٿو ۽ عربن طرفان اهڙيءَ طرح پيش ڪيل اسلام کي دنيا ۾ امن ۽ سلامتي جي پيدا ڪرڻ جي ورڌ سمجهان ٿو.

عربن پنهنجي سامراج جي قيام خاطر سنڌين کي ڦريو ۽ غلام بنايو هو سنڌين جي صحيح مذهبي عقيدن، زبان، نالن ۽ ذاتين کي بدلائي ڪين گهٽو نقصان پهچايو هو. تاريخي تجربي ثابت ڪيو آهي تہ سنڌين عربن جي سامراج کي نقصانڪار سمجهي، ملڪ کان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو ۽ مذهب جي صحيح تشريح ڪرڻ جي طرف متوجهہ ٿيا. جنهن مطابق سڀ ۾ پرين پسي، نفرت، عربي مذهب جي برتريءَ ۽ تشدد ذريعي دين جو پرچار وغيره بدعتون آهستي آهستي

www.sindhsalamat.com

تي ختم ٿيڻ لڳيون. هاڻ وري هي مهاجر پنجابي مستقل مفاد. سنڌ سامراج لاءِ سازگار ماحول ۽ فڪري جواز پيدا ڪرڻ خاطر. جو عربي اسلام ۽ عربي ليڊرشپ جي نالي ۾ سنڌي قوم پرست خيالات کي. نقصان پهچائي رهيا آهن. تنهن کي فطرت ۽ تاريخي فيصلن جي خلاف سمجهي، رد ڪرڻ گهران ٿو.

6. مون کي تجربي مان ثابت ٿيو آهي ته هتي جا اڪثر هن وقت جا پير ۽ مُلا، جي سنڌ بزرگن جي روايات کي وساري، نئين سامراجي مذهبي تشريح جي ڍوڪي هيٺ سامراجين جا ايجنٽ ٿي، سنڌي قومپرستيءَ، روايات، ڪلچر ۽ آزاديءَ جي مخالفت ڪري رهيا آهن. سي مهاجر پنجابي سامراجين کان بدتر آهن. تنهن ڪري سنڌ اثر مان سنڌين کي آزاد ڪرڻ ضروري آگاهه ڪرڻ مناسب سمجهان ٿو.

7. اڄ ڏسي رهيو آهيان ته مذهبي قوميت جي نالي ۾ پاڪستان ۾ رهندڙ جملي رهاڪن کي مسلم قوم جو فرد سڏي مهاجر پنجابي سامراجي سنڌ ۾ ٻاهران ڪثرت تعداد ۾ ماڻهو آڻائي، سنڌ جي جملي وسائل جو استحصال ڪري رهيا آهن ۽ ٻاهرين زبان، ڪلچر ۽ غلط مذهبي عقيدا سنڌين تي مڙهڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. سنڌ اهڙيءَ سازش کان سنڌين کي خبردار ڪرڻ ضروري چاهيان ٿو.

سنڌين جا هزارين ورهين کان سياسي ۽ اقتصادي مفاد علحده پئي رهيا آهن، جن جو مفصل ذڪر هن ڪتاب جي چوٿين فصل ۾ ڏنو ويندو.

## پاڪستان نهڻ کان پوءِ سنڌ لاءِ خطرا

پاڪستان جي وجود قائم رهڻ سان مون کي سنڌ لاءِ هيٺيان خطرا ۽ انديشا نظر اچي رهيا آهن:

1. سنڌ جي ايراضي 57 هزار چورس ميل آهي، پاڪستان جي قيام کان اڳ ان ۾ 50 لک ماڻهو آباد هئا، جي هاڻ وڌي هڪ ڪروڙ ۽ ڇهانوي لک وڃي ٿيا آهن. ان ۾ هن وقت تائين اٽڪل اسي لک ماڻهون ٻاهران اچي آباد ٿيا آهن.

الف: آباديءَ جي توازن جو بدلجي اصلُ سنڌين جي اقليت ٿيڻ جو ڊپ آهي.

ب: زمين تي آدمشماريءَ جي بار وڌي وڃڻ ڪري، معيار زندگي گهٽجي وڃڻ جو انديشو آهي.

www.sindhsalamat.com

ت: سنڌ ۾ ٻاهران آيل ماڻهن کي حڪومت طرفان منظم طريقي سان وسائل جي ڪوشش ٿي رهي آهي جنهن ڪري تجارت، ٻئنڪون ۽ ڪارخانا سنڌن حوالي ٿي ويا آهن. ۽ ائين هو اقتصادي ميدان ۾ سرڪاري سرپرستيءَ ۽ سرمائيدار طبقي جي مدد سان، ملڪ تي حاوي ٿي ويا آهن. سنڌ جا پير، ملا، زميندار ۽ اڪثر سياستدان مهاجر پنجابي سامراج جي ايجنٽ طور ڪم ڪري رهيا آهن.

2. سنڌ جي هن وقت لائق آباد زمين ٻه ڪروڙ ڏهہ لک ايڪڙ آهي، جنهن مان هنڌن جي ڇڏيل 30 لک ايڪڙ اڳيئي مهاجرن کي ڪليم ۾ ڏني ويئي آهي. نئينءَ حڪومت جون واڳون انگريزن، مهاجر پنجابي سياستدانن جي هٿ ۾ ڏنيون ويون هيون. جن سرڪاري طرح دعوت ڏيئي، ٻاهران ماڻهن کي گهرائي، سنڌ ۾ ڪالونائيز ڪرايو هو. ازانسواءِ پنجابين کي مکي ڍنڊ، ڪوٽڙي بئراج ۽ گڊو بئراج تي زمينون ڏيئي، آباد ڪيو ويو آهي. ٻاهرين آفيسرن کي زمينون ڏيئي، ڪالونائيز ڪيو ويو آهي. زمين ورهائڻ لاءِ سرڪاري پاليسي اهڙيءَ طرح ٺاهي ويئي، جو غير سنڌي گهڻي زمين جا مالڪ بڻجي ويا، جنهن ڪري هن وقت تائين اٽڪل سٺ لک ڪن ايڪڙ زمين غير سنڌين جي قبضي ۾ اچي ويئي آهي. انهن ٻاهرين ٻينڪين ڪيترن هارين کي ٻاهران گهرائي، هٿ ڪيل زمين تي آباد ڪيو آهي. انهيءَ زمين مان جيڪا پيداوار ٿئي ٿي، سا پنجاب ۾ رهندڙ ماڻهن يا شهري مهاجرن جي فائدي لاءِ ڪتب اچي رهي آهي. ان ڪري سنڌي آبادگار طبقي جي حالت روز بروز زبون ٿيندي وڃي ٿي.

3. سنڌين جي جدا قوم جي وجود کي ختم ڪري، جملي پاڪستان جي مسلمانن کي مذهب جي نالي ۾ هڪ قوم تصور ڪري، اُن جي بنياد تي آئين ٺاهي، سنڌ جي رهاڪن کي اقليت قرار ڏيئي، پاڪستان کي هڪ ملڪ بنائي، ان ۾ سنڌ کي 21 سيڪڙو نمائندگي ڏيئي، هميشہ پنجابي اڪثريت جو محڪوم بنايو ويو آهي. اِها حالت، جي ڪجھ وقت تائين قائم رهڻ ڏني ويئي، تہ ٿوري وقت اندر سنڌ جي هزارها ورهين جي ملڪ ۽ قوم جو نالو نشان ختم ٿي ويندو.

4. سنڌ ۾ برپا ڪيل اڪثر ڪارخانا، غير سنڌين کي هٿ ۾ ڏياريا ويا آهن. جن اُنهن ۾ مزدور بہ ٻاهران گهرائي رکيا آهن. اهڙيءَ طرح اُنهن ڪارخانن جي سموري ڪمائي غير سنڌين جي حوالي ۾ اچي ويئي آهي، جنهنڪري کين ساليانو پندرهن سئو ڪروڙ روپين کان بہ وڌ فائدو حاصل ٿئي ٿو.

www.sindhsalamat.com

5. سنڌ جو مکيہ بندرگاھ ڪراچي شھر آھي. اُن ۾ ٻاھران آيل غير سنڌين جي اڪثريت کي آباد ڪري، ملڪيءَ ٻاھرئين واپار جي واڳ سندن حوالي ڪيئي ويئي آھي.

جنھن صورت ۾ واپار لاءِ سرڪاري سرپرستيءَ جي ضرورت پوي ٿي. ان ڪري سموري واپار تي قبضو غير سنڌين جو ٿي ويو آھي. اھي اڳھن جي گھاتي واڌيءَ ۾ پين مختلف طريقن سان اھڙي پاليسي اختيار ڪري رھيا آھن، جو سنڌ جي ديھاتي رھاڪن جي حالت روز بروز زبون ٿيندي وڃي. اھي غير ملڪي سرمائيدار انھيءَ ڪمائيءَ مان ملڪ تي پنھنجي سامراج قائم رکڻ لاءِ ڪروڙھا روپيا ساليانو خرچ ڪري، طرح طرح جي نظرين جي پروپيگنڊا ذريعي سنڌ جي رھاڪن جا دماغ مسخ ڪري، پاڪستان ۾ غلاميءَ واريءَ زندگيءَ ۾ راضي رھڻ لاءِ مجبور ڪري رھيا آھن.

6. سنڌ ۾ مسلم قوم جي نالي ۾ ٻاھران ايندڙ ماڻھن تي بندش نہ ھئڻ ڪري، پاڪستان بڻجڻ کانپوءِ اسي لک ماڻھن ٻاھران لڏي اچي شھرن ۽ ڳوٺن ۾ سڪونت اختيار ڪئي آھي. جا اھا حالت زياده وقت لاءِ جاري رھڻ ڏني ويئي، تہ ٿوري وقت اندر سنڌ جا اصل رھاڪو اقليت ۾ ٿي ويندا، جنھن جو اثر سنڌ جي زبان ۽ ڪلچر تي پوڻ لازمي آھي.

7. پاڪستان جي مرڪزي حڪومت ۾ سنڌين کي اقليت ۾ رکڻ ڪري ملڪي پاليسي اھڙيءَ طرح ھلائي وڃي ٿي، جو سنڌ مان پيدا ٿيندڙ اڪثري ٽيڪس، جي اٽڪل ھڪ ھزار ڇھ سئو ڪروڙ روپين کان مٿي ساليانو انڪم ٽيڪس، ايڪسائيز ڊيوٽي، ڪسٽمس ۽ سيلس ٽيڪس وغيره ذريعي وصول ٿين ٿا. سي مرڪزي حڪومت جي حوالي ٿين ٿا. جن مان 5 سيڪڙو خرچ بہ سنڌي رھاڪن جي فائدي لاءِ نٿو ڪيو وڃي. اھڙيءَ طرح سنڌ مان وصول ٿيندڙ ٽيڪسن کي غير سنڌين جي مفاد لاءِ ڪتب آندو وڃي ٿو اھو سنڌين سان ظلم ٿي رھيو آھي، جيڪڏھن انھيءَ ظلم خلاف ڪو آواز ڪڍي ٿو تہ ان کي پاڪستان ۽ اسلام جو دشمن سڏي، ھن جي زبان بند ڪري، سزائون ڏنيون وڃن ٿيون.

8. مرڪزي حڪومت جي بجيٽ جو 80 سيڪڙو سنڌ جي ٽيڪسن تي مشتمل آھي، تہ بہ اُن جي نوڪرين ۾ سنڌين کي ھڪ ھزار تي ھڪ جي تناسب سان بہ

www.sindhsalamat.com

نمائندگي نٿي ڏني وڃي. ان ڪري ملڪ جي ساري ڪاروبار تي غير سنڌين کي اختيار حاصل ٿي ويو آهي. حالت اها وڃي بيٺي آهي. جو سنڌ جي ڪمائي جي آڌار تي غير سنڌي سنڌين تي حڪومت ڪري کين غلام رکيو اچن. ۽ سنڌين کي بيوقوف بنائڻ لاءِ پاڪستان جي سالميت، اتحاد ۽ يڪجهتيءَ لاءِ پروپيگنڊا ڪئي وڃي ٿي. جڻ تہ پاڪستان جي قيام ڪري سنڌين کي جنت نصيب ٿي ويئي آهي. سنڌ جا سمجهدار ماڻهو اهڙي پاڪستان تي لعنت وجهي، ان سامراج کي ختم ڪرڻ لاءِ خدا کان دعائون گهري رهيا آهن. جيڪڏهن کين اسلام جي نالي ۾ ماٺ ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي، تہ چون ٿا تہ اهڙي ڏوڪي واري اسلامي تشريح کان بس ڀلي آهي.

9. ابتدا کان وٺي پاڪستاني حڪومت تي جن بہ سياستدانن جو قبضو رهيو آهي، اُنهن جي پاليسي کي مهاجر _ پنجابي مستقل مفاد جا عيوضي هلائي رهيا آهن. جن سنڌين جي جدا قومي حيثيت کان انڪار ڪري اُنهن جي حقن جي گفتگوءَ کي اسلام، پاڪستان ۽ ملڪي سلامتيءَ جي خلاف سمجهي، اهڙي گفتگوءَ کي صوبہ پرستي، ملڪ دشمني ۽ اسلام جي انحرافيءَ جي نالي سان بدنام ڪري سنڌي قومپرستن کي سزائون ڏنيون آهن ۽ سنڌ جي خود مطلب سياستدانن کي خريد ڪري اڳيان آندو آهي.

10. سنڌ تي ٻاهران آندل اردو ٻوليءَ کي (جا پاڪستان جي ڪنهن بہ حصي جي زبان نہ آهي) قومي ٻولي ڪري مسلط ڪيو ويو آهي. خود سنڌ کي بہ ٻن زبانن جو صوبو ڪري شمار ڪرڻ لڳا آهن. انهيءَ پاليسيءَ کي زور وٺائڻ لاءِ ريڊيي، اخبارن ٽيليويزن، اسڪولن ۽ ڪاليجن ذريعي پرچار ڪري سنڌ جي رهاڪن جا ذهن مسخ ڪيا وڃن ٿا تہ ٻئي طرف سنڌي ادب ۽ ڪلچر کي سخت نقصان پهچايو وڃي ٿو.

11. سنڌ مان ڪن نام نهاد، بي غيرت، بزدل ۽ خود مطلب پيرن، ملن، سياستدانن، واپارين ۽ نوڪري پيشہ ماڻهن کي برغلائي، خريد ڪري يا هيسائي، سنڌ جي ڪلچر، سياسي ۽ اقتصادي مفاد خلاف ڪتب آندو وڃي ٿو. جي اها حالت رهڻ ڏني ويئي، تہ سنڌ جا اصل رهاڪو اهڙن بي ضمير ماڻهن جي پوئلڳيءَ ۾ پاڻ وساري ڏاڍن جي غلاميءَ تي رضامندي ٿي وينديءَ جنهن ڪري اڳتي هلي، سنڌ جي حالت ريڊ انڊين يا اڇوتن جهڙي بنجي ويندي

www.sindhsalamat.com

12. تازو پاڪستان اندر "مسلمان ملڪن جي سربراهن جي ڪانفرنس". مسلم ملڪن جي اتحاد جي نالي ۾ سڏائي، ماڻهن کي ڌوڪو ڏنو ويو تہ اِهو ڪم اسلام کي زور وٺائڻ، مسلم ملڪن جي حفاظت، اتحاد ۽ ترقي لاءِ ڪيو ويو هو.

آءٌ انهن ڳالهين کي غلط ۽ ڌوڪو سمجهان ٿو. اِهي ڳالهيون سنڌي قوم ۽ ٻين ننڍين قومن جي ماڻهن کي ڌوڪو ڏيئي، اُنهن جو رخ سنڌن حقيقي مسئلن کان موڙڻ لاءِ ڪيون وڃن ٿيون. اُن مان نہ صرف سنڌين، بلوچن ۽ پختونن کي نقصان پهچي ٿو پر عالم اسلام کي غير معمولي نقصان پهچڻ جو انديشو آهي. اُن تي مون مفصل بحث هڪ جدا ڪتاب "مسلم سربراهہ ڪانفرنس جو تجزيو" جي نالي سان لکي، ان ڌوڪي جي قلعي کولي آهي.

13. اُن بعد "سيرت ڪانفرنس" سڏائي، ۽ مڪي، مديني جي حرمن جا پيش امام گهرائي، ماڻهن کي اسلام جي نالي ۾ ڌوڪو ڏيئي، سنڌن توجهہ سنڌ جي حقيقي مسئلن کان هٽائڻ لاءِ نئون ناٽڪ رچايو ويو آهي. اِهي پيش امام رسول مقبول جي صحيح تعليم کان بيخبر هئا. اهي ۽ سيرت نبويہ کوڙو ئي نٿو لڳي. آخر ههڙي قسم جون ڌوڪيبازيون ڪري ماڻهن کي ڪيترو وقت برغلايو ويندو!

14. عربن طرفان پيش ڪيل اسلامي تشريح واري مذهب ۾ حج ڪرڻ اسلام جو مکيہ رُڪن شمار ڪري، اُن کي ادا ڪرڻ فرض شمار ڪيو ويو آهي. پاڪستان کي مهاجر پنجابي مستقل مفاد سنڌن سامراج قائم ڪرڻ لاءِ برپا ڪيو هو. ان عام ماڻهن تي مذهب جي اثر هيٺ ڪريہ هر حربي کي، جو سنڌن سامراج کي قائم رکڻ لاءِ ڪارآمد ٿي سگهيو ٿي، استعمال پئي ڪيو آهي. انهن اِن ڳالهہ کي سنڌن عوام ۾ مقبوليت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪارآمد سمجهي، ڪثير تعداد ۾ حج تي وڃڻ جي ماڻهن کي اجازت ڏيئي، ملڪ جي گهٽي زرمبادلہ کي صرف ڪريہ اقتصادي نقصان پهچايو آهي. صرف سنڌ مان هڪ سؤ ڪروڙ روپيا ساليانا ان طرح سان خرچ ٿين ٿا. عام سنڌين کي جا ڳالهہ ذهن ۾ رکڻي آهي، سا اِها آهي تہ ڪثرت ماڻهو ڪهڙي ارادي سان حج تي وڃن ٿا. اُن پاليسيءَ ڪري ملڪ کي فائدو پهچندو يا نقصان؟ جي اِن جو مقصد گناهن جو معاف ڪرائڻ، ثواب حاصل ڪرڻ ۽ نجات حاصل ڪرڻ آهي تہ اِها ڳالهہ غلط ۽ گمراهہ ڪُن آهي. ان بابت مفصل ذڪر پئي فصل ۾ ڪيو ويو آهي.

15. پاڪستان جي قيام کان وٺي، ڀارت ۽ افغانستان سان پاڪستان حڪومتن

www.sindhsalamat.com

جا تعلقات ٺيڪ نہ رهيا آهن. اِنهن حڪومتن جو اصل مقصد مڪاني قومن جي ماٺهن جو توجهه مهاجر پنجابي مستقل مفاد طرفان ٽيندڙ استحصال جي ڳالهه کان هٽائڻ آهي. اِنهيءَ بهاني تي پاڪستاني حڪومتن آمريڪا واري سامراجي گروهه جي حڪومتن کان روس خلاف عهد ناما ڪري هٿيار پٺي ورتا آهن. ظاهر ائين پئي ڪيو ويو آهي تہ پاڪستان جهڙي نوزائيده ملڪ کي پر وارن ملڪن کان خطرو لاحق هو اُن ڪري معاهدا ڪري هٿيار ورتا ويا ها، جو ملڪ جي دفاع کي مضبوط ڪرڻ لازمي هو. پر جيڪڏهن ان ڳالهه تي چٽائي نظر ڪبي، تہ ان پاليسيءَ جو اصل مقصد نئين سامراج هيٺ آيل ننڍين قومن جهڙوڪ سنڌين، پٺاڻن ۽ بلوچن تي مهاجرن پنجابي مستقل مفاد جي تسلط قائم رکڻ معلوم ٿيندو. سنڌين کي ڏسڻو آهي تہ گذريل ٽيهن سالن ۾ ڪهڙي پر واري ملڪ پاڪستان تي حملو ڪري اُن کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ڇا، سنڌين تي تسلط رکڻ لاءِ اُهي حاصل ڪيل هٿيار ڪتب نہ آندا ويا آهن؟ پاڪستان جي قيام کانپوءِ ڪيترا ئي دفعا ملڪ سان مارشل لا لاڳو ڪري، جمهوري حق سلب ڪري، حڪومت هلائڻ لاءِ اُهي هٿيار ڪتب نہ آندا ويا آهن؟ پر وارن ملڪن سان سمجهوتو ۽ صلح هٿيارن جي آڌار تي حاصل نہ ٿي سگهندو جيسين تائين اُنهن ملڪن سان دشمنيءَ جا مکيہ ڪارڻ دور نہ ڪيا ويا آهن. اَچو تہ چٽائي ڏسون تہ پروارن ملڪن سان اختلاف جا مکيہ ڪارڻ ڪهڙا هئا. منهنجي نظر ۾ اُهي هيٺيان آهن:

(1) مذهب جي نالي ۾ جدا قوم جو نظريو مکيہ ڪارڻ آهي. جنهن جي بنياد تي برصغير ورهايو ويو هو: جنهن جي آڌار تي سنڌي، پٺاڻ ۽ بلوچ قومن جي هزارن ورهين جي قوميتن جي وجود کان انڪار ڪري اُنهن جي آزاديءَ کي سلب ڪيو ويو ٿو جنهن ڪري ڪشمير جو مسئلو ڪڙو ڪري، هندستان سان دشمني برقرار رکي وڃي ٿي. جنهن ڪري پختون قوم جي وجود کان انڪار ڪري سنڌن هم قوم افغانستان وارن جي راءِ سان اِختلاف پيدا ڪيا ويا آهن.

(2) هتي هٿيارن جي ڪثير تعداد ۾ گڏ ڪرڻ ۽ لشڪر وڌائڻ مان پارت واسين کي هر وقت پاڪستان آندر سنڌن خلاف پرچار قائم هئڻ ڪري خدشا پيدا ٿين ٿا تہ اُهي هٿيار گڏ ان ڪري ڪيا وڃن ٿا تہ اڳتي هلي پارت جا ڪي ٽڪرا حاصل ڪيا وڃن. ٻئي طرف افغانستان کي اِهو خطرو محسوس ٿئي ٿو تہ اهو فوجي قوت کي وڌائڻ جو ڪم سنڌن هم قوم پٺاڻن کي دٻائي محڪوم رکڻ

www.sindhsalamat.com

لاءِ ڪيو ويو. ٿو. ڪيترا دفعا مارشل لا لڳائي جمهوري حڪومت کي ختم ڪرڻ ۽ ون يونٽ قائم ڪرڻ. اهل بنگال ۽ اهل سنڌ جي سياسي ۽ اقتصادي استحصال ڪرڻ سان پڻ هٿيارن جي گڏ ڪرڻ ۽ لشڪر وڌائڻ جو اصل مقصد ظاهر ٿيو پوي.

16. پاڪستان بنجڻ کان پوءِ حڪومتن جي پاليسي اهڙي رهي هئي، جو سنڌ جا اصل رهاڪو ڪارخانن، واپار، بئنڪن، مرڪزي نوڪرين ۽ زرعي زمين جي گهڻي حصي کان محروم رکيا ويا هئا. مٿي ڄاڻايو ويو آهي ته ڪيئن نه 60 لک کن ايڪڙ زرعي زمين ٿوري عرصي اندر غير سنڌين جي قبضي ۾ اچي ويئي آهي. نئين آئين مطابق جملي پاڪستان کي هڪ ملڪ ۽ قوم تسليم ڪرڻ سان ان جي هر هڪ رهاڪوءَ کي حق ڏنو ويو آهي ته هو ڪٿي به لڏي وڃي رهي سگهي ٿو. بلوچستان ۾ گهڻي زرعي زمين ندين جي پاڻيءَ نه هئڻ ڪري لائق آباد نه ٿي سگهي ٿي، سرحدي علائقي ۾ زمين اُتي جي رهاڪن لاءِ ڪافي نه آهي، جنهن ڪري اُهي لکن جي تعداد ۾ گذر معاش لاءِ ٻين علائقن ۾ سال به سال وڃن ٿا. پنجاب جي 59 هزار چورس ميل ايراضي آهي، ليڪن اُن جي آدمشماري تقريبن ساڍا چار ڪروڙ وڃي ٿي آهي ۽ اُتي زمين تي آبادگارن جو اڳيئي بوجو گهڻو آهي، جنهن ڪري سندن معيار زندگي ۽ روزگار جا ذريعا تنگ ٿيندا وڃن ٿا. باقي صرف سنڌ جو ملڪ وڃي رهيو آهي، جنهن ۾ آدمشماري بنسبت پنجاب جي گهٽ آهي ۽ ايراضي 85 هزار چورس ميل آهي، ۽ تي بئراج تيار ڪرائي به گهڻي زمين زراعت جي لائق بنائي ويئي آهي: اُن ڪري سنڌين کي اِهو خدشو پيدا ٿيو آهي ته اهل پنجاب جي وڏيڪ آدمشماريءَ کي سنڌ تي مسلط ڪرڻ لاءِ ون يونٽ بنائڻ، مارشل لا لاڳو ڪرڻ، جمهوري حڪومتن کي ختم ڪرڻ، سنڌين جي هزارها ورهين جي قومي وجود کان اِنڪار ڪرڻ جا سڀ ڪم ڪين ختم ڪرڻ لاءِ ڪيا وڃن ٿا. مٿي ذڪر ڪيل ٻيا اِقتصادي وسيلا ته اڳ ۾ سندن هٿان کسيا ويا آهن. باقي زرعي زمين رهي هئي، اُن مان به 20 لک ايڪڙ اڳي ڌارين جي هٿ اچي ويا هئا. پر جي اهو سلسلو جاري رهيو ته اهو وقت پري نه آهي ته سنڌي ريڊ انڊين يا اُڇوتن واريءَ حالت تي وڃي پهچندا. ويتر جيڪي سنڌي سندن حقن جي حفاظت لاءِ آواز اٿارين ٿا. ته اُنهن کي اسلام-پاڪستان جو دشمن سڏي، سزائون ڏنيون وڃن ٿيون.

17. اڄڪلهه ريڊيو، ٽيليويزن، اخبارن ۽ ڪتابن کي پروپيگينڊا ڪرڻ جا

www.sindhsalamat.com

مڪيہ اوزار ڪري ڪتب آندو ويو ٿو. پاڪستان جي قيام بعد مهاجر۔ پنجابي مستقل مفاد اُنهن ذريعن کي سنڌن نظرين جي پروپيگنڊا ڪرڻ لاءِ ڪم آڻڻ شروع ڪيو آهي. مرڪزي سرڪار جي پاليسي جنهن صورت ۾ سنڌن اثر هيٺ هلي رهي آهي، تنهن ڪري پهريان ذڪر ڪيل ہہ ادارا سنڌ دشمن نظرين جي پرچار لاءِ ڪتب آندا ٿا وڃن. اخبارون، درسگاهون ۽ ڪتاب بہ اُنهن مضمونن سان ڀريا پيا هوندا آهن. اخبارون سرڪاري سرپرستيءَ، نوٽيسن ۽ اشتهارن وغيره ڏيڻ ڪري ڪم و بيش خريد ٿي هلن ٿيون. قوم پرست اخبارون، رسالا ۽ ڪتاب يا تہ ڇپجن نٿا، ڇاڪاڻ تہ پريس کي ضبط ٿيڻ جو خطرو آهي، پر ڪنهن طرح ڇپجي وڃن تہ اُنهن کي ضبط ڪيو وڃي ٿو. حالت اها وڃي بيٺي آهي جو سنڌو ديش يا سنڌي قوم جو نالو وٺڻ ڏوهہ شيار ڪيو وڃي ٿو. سنڌي حڪمران طبقي جو سنڌن آقائن جو ڊپ کان اهڙو ساهہ سڪو پيو آهي، جو سنڌو ديش يا سنڌي قوم جو نالو سنڌن اڳيان وٺڻ ڪين گار ڏيڻ جي برابر سمجهڻ لڳا آهن.

هن وقت حڪومت جي پاليسي اها آهي تہ هر ڳالهہ جا سنڌ جي فائدي لاءِ ڪئي وڃي ٿي، اُن کي ڏوهہ سمجهي، اخبارن ۽ رسالن تي بندش وڌي وڃي ٿي. پريسن کي ضبط ڪيو وڃي ٿو. سوين شاگرد ۽ قومي ڪارڪن گهٽي عرصي کان نظربند يا جيلن ۾ رکيا ويا آهن. مون کي ان تحريڪ جو مکيہ رُڪن قرار ڏيئي، رُڳو سنڌي قوم ۽ سنڌوديش جي نظريي ۾ اعتماد رکڻ ڪري، دائمي نظربنديءَ هيٺ رکيو ويو آهي. ٻئي طرف سنڌ دشمن يا سنڌ کي غلام بنائيندڙ ماڻهن کي قومي هيرو بنائي، اُنهن جا نالا شهرن، رستن، اسپتالن، مارڪيٽن، ڪاليجن، اسڪولن، لئبررين تي رکي، سنڌين تي اهو اثر ويهاريو وڃي ٿو تہ سنڌ دشمني يا سنڌ کي غلام بنائڻ عمدو ڪم هو جنهن ڪري اُنهن جي يادگيري ملهائي وڃي ٿي.

## سنڌ کي غلاميءَ جي دٻڻ ۾ ڏڪيندڙ

اهڙي قسم جا هيٺيان نالا قابل ذڪر آهن:

1. **محمد بن قاسم** جي نالي تي بند، رستا، لئبرريون ۽ ڪاليج قائم ڪيا ويا آهن. حالانڪ تاريخدانن کي پتو آهي تہ اُن ماڻهوءَ سنڌ تي عرب سامراج قائم ڪرڻ لاءِ قبضو ڪري، اُن مان هزارها مرد ۽ عورتون غلام ۽ ٻانهيون ڪري وڃي

www.sindhsalamat.com

عرب ملڪن ۾ وڪيون هيون. سنڌ جا ڪروڙها روپيا ڦُر ڪري عرب موڪليا هئا. سنڌ جي محافظ مهاراجا ڏاهر جي زال ۽ نياڻين سان زنا ڪئي هئي، جنهن ڪري سنڌس حاڪم طرفان سزا طور هن کي قيد ڪري ماريو ويو هو.

2. **محمد علي جناح** هي اُهو ماڻهو هو جنهن باوجود سنڌ ۾ جنم وٺڻ جي، شخصي اقتدار جي لالچ خاطر، لاهور واري مسلم ليگ جي نهراءَ کي بدلارائي، "سنڌ ۽ ٻين قومي رياستن جي آزاد ۽ خودمختيار رياستن بنائڻ" جي اصول تان ڦري، پاڪستان کي هڪ ملڪ ۽ قوم بنائي، سنڌ جي جداگانه قوم جي وجود کان انڪار ڪيو هو. جنهن ڪراچيءَ کي سنڌ کان علحده ڪري مهاجرن جي خاص مرڪز قائم ڪرڻ لاءِ زوريءَ سنڌ اسيمبليءَ جي نهراءَ ۽ عام راءِ جي خلاف مرڪزي حڪومت جي ماتحت آندو هو. جنهن اُردو زبان کي زوريءَ ملڪ جي قومي زبان بنائي، سنڌي زبان کي ٿهري ڌڪ هنيو هو. جنهن لکها مسلمانن کي هندستان کان لڏائي، سنڌ جي هندن کي لڏرائي، سنڌ جي سرزمين، ڪارخانن، دڪانن، واپار جاين، نوڪرين ۽ ٻئنڪن کي سندن حوالي ۾ ڏئي، سنڌين جي اقتصادي استحصال لاءِ ماحول سازگار بنايو هو. اُنهن حالتن جي باوجود، اُن جي قبي تي ڪروڙها روپيا خرچ ڪري، ماڻهن تي اهو آثر وهارڻ جي ڪوشش ڪئي ويجي ٿي تہ هُو "قوم جو اَبو" هو. اِسپتالن، رستن، شهرن ۽ ڪاليجن تي سندس نالا رکي، اهو ظاهر ڪيو ويجي ٿو تہ هو محسن ملڪ ۽ محسن قوم هو. تازو اُن جي سئو سالہ سالگره ملهائي، ماڻهن جا ذهن گندي پروپيگينڊا ذريعي مسخ ڪري، هڪ غاصب ۽ "غدار سنڌ" سياستدانن کي اعليٰ انسان ڪري ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي هئي. ان مان سندن مقصد صاف پڌرو پئي ڏسڻ ۾ آيو تہ مهاجر پنجابي مستقل مفاد سامراج برپا ڪندڙ حق بجانب هو ۽ هر اُهو ماڻهو جو سنڌ دشمنيءَ جا ڪم ڪري ٿو، سو عزت جي لائق بنجڻ جو حقدار هو.

3. **لياقت علي خان** اصل ۾ يو پيءَ جو رهاڪو هو. مهاجر مفاد جو مکيہ رکن هو. فرعون صفت هئڻ ڪري سنڌين کي حقارت جي نظر سان ڏسندو هو. جڏهين سنڌين جو هڪ وفد وٽس سنڌ جي ڪلچر ۽ زبان جي حفاظت واسطي سيد علي اڪبر شاهہ صدر مسلم ليگ جي اڳواڻيءَ ۾ عرض ڪرڻ لاءِ ويو هو تہ هن چيو تہ : "سنڌين جو ڪهڙو ڪلچر هو؟ هو اُتن ڪاهڻ ۽ ڳڏهن هڪلڻ وارا ماڻهو ٿي رهيا آهن." اهڙيءَ طرح هن سنڌي تهذيب لاءِ حقارت جو اظهار ڪيو

www.sindhsalamat.com

هو. اِهو اُهو ماڻهو هو جنهن ٻاهران هندستان کان منظم طريقي سان مسلمانن کي لڏائي آڻڻ خاطر سنڌ جي رهاڪو هندن خلاف پنهنجي ماڻهن هٿان فساد ڪرائي، هندن کي لڏرائي، انهن جي جاين تي لکن جي تعداد ۾ هندستان کان مهاجر لڏائي، اچي سنڌ کي ڪالونائيز ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. اُن سنڌ جي حقن جي حفاظت ۽ هندن کي پناهه ڏيڻ جي پاداش ۾ خان بهادر محمد ايوب کهڙي، سنڌ جي وزيراعليٰ کي ڪوڙي ڪيس هيٺ جيل ۾ وڌو هو ۽ ايبڊو هيٺ هن کي وزارت مان خارج ڪيو هو اُن جي سنڌ سان ظلمن جي داستان جو "هيڏا هاڃا ٿين، بري هن ڀنڀور ۾". ۽ "سنڌو ديش ڇو ۽ ڇا لاءِ" ڪتابن پڙهڻ مان پتو پئجي سگهي ٿو.

اهڙي سنڌ دشمن ماڻهوءَ جي نالي رستا تعمير ڪيا ويا آهن. اسپتالن تي سندس نالا رکيا ويا آهن. مارڪيٽن، ڪاليجن، ڪالونين تي سندس نالا رکي، سنڌين جي غيرت کي للڪاريو ويو آهي. ان جي قبر کي زيارت گاهه بنائي، ماڻهن تي اهو ذهن نشين ڪيو وڃي ٿو تہ هي ڪو اعليٰ انسان هو. ڪيس "قائد ملت" جي خطاب سان ياد ڪيو وڃي ٿو.

4. ميان غلام محمد خان پنجاب جو ويٺل، انگريز سول سروس جو ماڻهو جنهن ڪڏهن بہ سياست ۾ بهرو نہ ورتو هو. ان کي جناح صاحب قابل عملدار سمجهي، پاڪستان بنجڻ کان پوءِ وزارت ۾ کنيو هو. لياقت علي جي مارائڻ ۾ هن جي هٿ هئڻ جي گفتگو زبان زد عام ٿيئي رهي آهي. لياقت عليءَ جي ائين مارجڻ کان پوءِ ميان ناظم الدين، اهل پنجاب کي رضامند ڪرڻ خاطر، کيس گورنر جنرل بنايو هو. اُن جي ذمي هيٺان خاص ڪم شمار ڪري سگهجن ٿا:

(الف) هن آئين ساز اسيمبليءَ کي ٽوڙي، چونڊيل وزيراعظم کي ڊسمس ڪري، ٻاهران هڪڙو غير نمائنده ماڻهو آڻي، اُن کي وزيراعظم ڪري رکيو هو ۽ اهڙيءَ طرح جمهوريت جي پارليامينٽري اصول کي ڪاپاري ڌڪ هنيو هو.

(ب) هن زوريءَ سنڌ ۽ ٻين صوبن کي مغربي پاڪستان ۾ جزب ڪري، ون يونٽ قائم ڪرايو هو جنهن کي نيٺ تجربي بعد نقصانڪار سمجهي ختم ڪيو ويو.

(ت) هن پنجابين کي سنڌ جي بئراجن ۽ مکي ڊئمن جي ايراضين ۾ زمينون ڏياري، سنڌ ۾ ڪالونائيز ڪرڻ جي شروعات ڪئي هئي.

(ث) هن لياقت علي خان، وزيراعظم پاڪستان کي پنهنجي حوارين هٿان مارائڻ سان سياسي قتل ڪرائڻ جي بدعت رائج ڪئي هئي.

www.sindhsalamat.com

(ج) جنهن سنڌ جي چونڊيل وزيراعليٰ، مسٽر عبدالستار پيرزادي کي ڊسمس ڪري، ايبڊو هيٺ خارج ٿيل ماڻهوءَ کي ان جي جاءِ تي نامزد ڪيو هو.

اهڙي ماڻهوءَ جو ڪوٽڙي بئراج تي نالو رکي، سندس اهڙن ڪارنامن کي ساراهڻ ڪيتري قدر جائز هو!

5. **جنرل جان جيڪب:** انگريزن سنڌ کي زوريءَ فتح ڪري سنڌ سامراج هيٺ آندو جو ڪم سر چارلس نيپئر ڪيو ۽ ان جو مکيه جنرل، جان جيڪب هو. انگريزن ان جي يادگار قائم رکڻ لاءِ اپر سنڌ ضلعي جي هيڊڪوارٽر واري شهر تي جيڪب آباد نالو رکي، سال بسال اُن جي ياد ملهائڻ لاءِ اتي ميلا لڳائڻ جو رواج وڌو هو. ملڪ جي آزاديءَ بعد اميد هئي ته انگريز سامراج جي يادگارن کي مٽايو ويندو پر ائين نه ڪيائون. جيتوڻيڪ پنجاب مان مانٽيگمري شهر تان نالو مٽائي ساهيوال رکيو ويو آهي. پر اهل سنڌ کي ڪمزور سمجهي، اتي ساڳيو سامراجي يادگار نالو ۽ ميلي جو دستور قائم رکيو ويو ٿو.

اهي مختصر حقيقتون آهن، جن ڪري آهستي آهستي ٿي، مون تي ذهن نشين ٿيڻ لڳو آهي ته هي مهاجر پنجابي مستقل مفاد سندس سامراج کي قائم رکڻ لاءِ ڪهڙيءَ طرح سنڌين کي سندن غلاميءَ تي رضامند رکڻ لاءِ سنڌ دشمنن کي قومي هيرو بنائي، سنڌين جا ذهن مسخ ڪري رهيا آهن. اصل کان وٺي هر سامراج جي حامين اهڙا ڪارناما ڪيا آهن.

## سنڌ جي غلامي جو سناءُ

هن ڪتاب ۾ مون سنڌ جي تاريخي ابتدا کان وٺي سامراج ۽ مڪاني رهاڪن جي تصادم جو ذڪر ڪري، اهل سنڌ کي واقف ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته ڪيئن ماضيءَ ۾ سنڌ کي مشڪلاتون درپيش آيون. انهن مان ڪهڙيءَ طرح اهلِ سنڌ نڪري وڃي پار پيا ۽ هن وقت هو ڪهڙين مصيبتن مان گذري رهيا آهن ۽ آئيندي سندن اڳيان ڪهڙا معاملا پيش اچڻ جا امڪان آهن. ان جو اختصار هي آهي ته ماضيءَ ۾ ڪهڙيءَ طرح به وڃي پار پياسون. پر هن وقت جي حالت هي آهي ته (1) سنڌي هن وقت مهاجر پنجابي مستقل مفاد جي سامراج هيٺ غلاميءَ جي زندگي گذاري رهيا آهن. (2) سندن جداگانه ملڪ ۽ قومي وجود کان انڪار ڪيو وڃي ٿو (3) سندن زبان ۽ ڪلچر جي ختم ڪرڻ

www.sindhsalamat.com

لاءِ سازشون سٽجي رهيون آهن. (4) سال بسال لکها ماڻهن کي ٻاهران گهرائي، اصل رهاڪن جي آباديءَ جي توازن کي تبديل ڪرڻ جي ڪوشش جاري آهي، (5) اهڙيءَ طرح سنڌ جي اصل رهاڪن کي منظم منصوبي ماتحت ريڊ انڊين يا اڇوتن جهڙو بنائڻ جو سلسلو جاري آهي. پارت ۾ مرڪزي حڪومت طرفان سنڌي زبان کي زور وٺائڻ لاءِ ساليانو هڪ ڪروڙ روپيا خرچ ڪيا وڃن ٿا، ليڪن هتي مرڪزي خزاني ۾ 80 سيڪڙو ٽيڪس اهل سنڌ طرفان ڏيڻ جي باوجود، مرڪزي حڪومت طرفان سنڌي زبان جي ترقيءَ لاءِ هڪ ڪوڏي به خرچ نٿي ڪئي وڃي.

سنڌين جي اخلاق بگيڙڻ ۽ روايات ختم ڪرڻ سان گڏ، انهن کي صوفيائي ڪرام جي محبت واريءَ تعليم جي عيوض اسلام جي نالي ۾ هٽرادو نفرت جي تعليم ڏيئي، گمراهه ڪيو وڃي ٿو. سنڌي قومپرستن کي هيسائي، سنڌين جي ملڪيتن تي ڌاڙا هڻي، سنڌ جي وسائل کي غير سنڌين جي فائدي لاءِ ڪتب آندو وڃي ٿو. انهن کي شهرن مان نيڪالي ڏيئي، مکيه مرڪزن مان ڪڍي، سنڌن جاين تي غير سنڌين کي ڪالونائيز ڪيو وڃي ٿو تنهن ڪري سنڌين ۾ بيروزگاري روز بروز وڌندڙ آهي.

وڌو ظلم اِهو آهي ته سنڌ جي خود مطلب زميندارن، بي غير-پيرن، ويڪو ملن، بي ضمير سياستدانن، بزدل ۽ غدار سنڌي ڪامورن کي هيسائي، يا لالچ ڏيئي، مهاجر پنجابي سامراج جي ايجنٽ طور ڪتب آندو وڃي ٿو.

منهنجي نظر ۾ اهل سنڌ جي سامهون هن وقت ٻه رستا وڃي رهيا آهن: هڪ رستو اِهو آهي ته سجاڳ ٿي، جدوجهد ڪري، پاڪستاني سامراج کي ڀڃي، سنڌو ديش کي آزاد ڪرائي، ان جي مستقبل روشن ڪن.

ٻيو رستو اِهو اٿن ته اسلام، مسلم قوم، پاڪستان جي نالي ۾ ڌوڪو کائي، يا خريد ٿي، يا ڀڄي، سنڌ جي هزارن ورهين جي وطن، ڪلچر، شاندار روايات، محبتي مذهب جي عقيدي، پنهنجي قومي، سياسي ۽ اقتصادي مفاد، جداگانه ملڪ ۽ قوم جي آزاديءَ ۽ خوشحالي تان هٿ کڻي، صفحي هستي تان مٽجڻ لاءِ تيار ٿين.

پهرئين مقصد (رستي) جي حصول جي راهه ۾ مون کي هيٺيون رنڊڪون نظر اچي رهيون آهن:

1. **نظريو پاڪستان:** جنهن موجب پاڪستان جي رهاڪو مختلف هزارن

www.sindhsalamat.com

ورهين جي وجود ۾ آيل قومن جي جدا وجود کان انڪار ڪري، مذهب جي نالي ۾، هتي جي مسلمانن کي هڪ گڏيل قوم شمار ڪيو ويجي ٿو.

2. **هڪ ملڪ:** برصغير هند جي جدائي بعد مغربي هند جي چئن جدا جدا ملڪن جهڙوڪ سنڌ، پنجاب، بلوچستان ۽ پختونستان کي گڏي، هڪ ملڪ پاڪستان جي نالي سان سڏي، اُتي جا اصل تاريخي ملڪن جي وجود کي مٽائڻ جي ڪوشش ڪئي ويجي ٿي.

3. **اسلام جي غلط تشريح:** هن ملڪ ۾ اسلام جي غلط تشريح ڪري، عوام ۾ نفرت ۽ نفاق پيدا ڪري، ماڻهن کي گمراهه ڪيو ويجي ٿو.

4. **مسلم ملڪن جو اتحاد:** مسلمان ملڪن جي اتحاد جي نالي ۾ نئين بدعت پيدا ڪري، مڪاني قوميتن جو توجهه سندن حقيقي مسئلن کان هٽايو ويجي ٿو.

5. پير، مُلا، زميندار، واپاريءَ ۽ ڪاموري کي ايجنٽ بنائي، خوف ذريعي هيسائي يا لالچ ڏيئي، خريد ڪري، سنڌي مفاد جي مخالفت ڪرائي ويجي ٿي.

6. اسلام، پاڪستان، مسلم قوم جي نالي ۾ سنڌي قوم پرستن جي تحريڪ کي نقصان پهچائي، غلط پروپيگنڊا ۽ زور زبردستيءَ ذريعي بزدل ۽ گمراهه بنايو ويجي ٿو.

انهن رنڊڪن کي دور ڪرڻ لاءِ هيٺيون ڳالهيون اسان لاءِ مشعل راهه جو ڪم ڏيئي سگهن ٿيون:

1. سنڌ جي هر هڪ دائمي رهاڪوءَ کي، پوءِ اهو نئون هجي يا قديم، سنڌو ديش جي محبت ۽ وفاداريءَ کي پاڪستان، اسلام ۽ مسلم قوم تي ترجيح ڏيارڻ جي تعليم سيکاري وڃي.

2. جاهل ۽ خود مطلب پير، ويڪو ۽ صحيح اسلامي تعليم کان اڻ واقف مُلا، بزدل ۽ قومي جذبي کان خالي زميندار، لالچي ۽ سنڌيت جي احساس کان دور واپاريءَ، سنڌي قومپرستيءَ کان بي بهره رشوتي ۽ ڌارين جي غلامي ڪندڙ ڪاموري کي سڃاڻي، انهن کي پس پشت اڇلايو وڃي.

3. ماڻهن جي ذهن صاف ڪرڻ لاءِ، ڪين هيٺين سوالن تي صاف راءِ قائم ڪرڻ لاءِ تيار ڪرڻو پوندو:

(الف) راجا ڏاهر کي قومي هيرو ڪري شمار ڪجي ۽ محمد بن قاسم ۽ عرب سامراج کي سنڌ دشمن ڪري سمجهجي.

(ب) سامراجي اسلامي تشريح کي رد ڪري، سنڌي درويشن جي ٻڌايل طريقي مطابق، قومپرستيءَ جي بنياد تي، مذهب جي نئين تشريح ڪجي.

www.sindhsalamat.com

(ت) صحيح قومپرست اُن کي شمار ڪجي، جو جناح ۽ لياقت کان ڊاڪٽر چوئٿرام جي زياده عزت ڪري.

4. سنڌو ديش جي آزاديءَ لاءِ دنيا جي هر اداري خواه حڪومت يا گروه جي مدد وٺڻ کان نه هٻڪجي. مذهب يا ڪميونزم جي ان جي راهه ۾ رڪاوٽون بنجن ته انهن کي ڦٽو ڪري ڇڏجي.

سنڌيءَ جي شناخت هيٺين ڳالهين جي ڪسوٽيءَ تي ڪجي:

(i) جو به ماڻهو سنڌو ديش جي آزاديءَ جو حامي هجي ۽ پاڪستان جي وجود کي سنڌ جي آزاديءَ جي راهه ۾ رڪاوٽ سمجهي، ان کي سنڌي سڏي سگهجي ٿو پوءِ اُهو نئون آيل هجي يا قديم هجي.

(ii) جو به ماڻهو سنڌ جي رهاڪن کي جدا قوم سمجهي، ان جي سياسي ۽ اقتصادي مفاد، ڪلچر، زبان ۽ روايات جو حامي هجي، ۽ ان قوم ۾ ضم ٿيڻ لاءِ تيار هجي، پوءِ اهو قديم يا نئون رهاڪو ڪٿي ڇو نه هجي، اهو سنڌي سڏائڻ جو حقدار ٿي سگهي ٿو.

(iii) جو سيڪيولر طريقي حڪومت ۾ اعتماد رکندڙ هجي، اهو سچي سنڌي ٿيڻ جو لائق ٿي ٿو.

(iv) جو قومپرستيءَ کي مذهبي يا اقتصادي نظرين تي ترجيح ڏئي، ان کي سنڌي سڏي سگهجي ٿو.

اهو نهايت غلط ٿيندو ته ڪنهن سنڌ ۽ سنڌي دشمن سنڌيءَ کي سنڌين ۾ شمار ڪجي، ۽ جو ٻاهريون ماڻهو دائمي طور سنڌ ۾ رهي ٿو ۽ ذڪر ڪيل اصولن کي مڃي ٿو ان کي غير سنڌي سمجهيو وڃي.

غلام مرتضيٰ

www.sindhsalamat.com

فصل پهريون

# سنڌ جي ماضيءَ، حال ۽ مستقبل تي سرسري نظر

## سنڌ جي ماضيءَ وارو دور

### سنڌ جي طبعي جاگرافي:

ڪن طبقات الارض جي ماهرن جو چوڻ آهي ته موجوده سنڌ جو ڪجهه حصو اٽڪل 25 هزار سالن کان اڳ عرب ۽ مصر ملڪن سان زميني طور ڳنڍيل هو. ان وقت عربي سمنڊ، ايراني سمنڊ ۽ ڳاڙهي سمنڊ جا وجود ڪونه هئا. ڪڇ جي نار کان وٺي وچ راجپوتانا تائين سمنڊ هوندو هو. يونچ سمنڊ (ميڊيٽرينين سيءَ) جي جاءِ تي زمين هوندي هئي، جتي جي رهاڪن پنهنجو تمدن ۽ تهذيب برپا ڪيا هئا. پوءِ اُهو ملڪ ڌرتي جي ڌٻڻ يا ٻيءَ طبعي تبديليءَ ڪري سمنڊ جي پاڻي هيٺ اچي ويو. انهيءَ تبديلي ڪري، ايراني نار عربي سمنڊ ۽ ڳاڙهو سمنڊ پيدا ٿي، عرب، مصر ۽ سنڌ جي وچ ۾ حائل ٿيا. سنڌن چوڻ آهي ته ان دؤر ۾ چؤماسي هوائن لڳڻ ڪري، سنڌ جي مٿئين ڀاڱي ۾ ٻيلا هوندا هئا. ۽ اُتي گهاٽن ٻيلن جا رهاڪو جانور، جهرڪ گينڊا، هاٿي، شينهن، ٻاندر وغيره عام جام رهندا هئا. سنڌ ۾ ٻيلن جي ڪثرت جي ثبوت ۾ هنن جانورن جون تصويرون قديم آثارن مان ملن ٿيون. ان کان سواءِ پڪين سرن جي ڪثرت تعداد ۾ ملڻ، فاسلائيڊ وڻن جي نشانن (جي رني ڪوٽ وٽ عام جام آهن) ۽ ڪوئلي جي کاڻين مان پڻ انهيءَ ڳالهه جو ثبوت ملي ٿو. ٿر ۽ راجپوتانا طرف واريءَ جا دڙا سمنڊ جي ڇڏي ويڻ جا نشان تصور ڪيا وڃن ٿا. ان کان اڳ چوڻ ۾ اچي ٿو ته ائٽلانٽڪ سمنڊ جي جاءِ تي به زمين جو ڪنڊ هوندو هو. جنهن تي هزارن ورهين تائين ماڻهن رهي سنڌن تهذيب ۽ تمدن ڦاهيا هئا. اتي به پوءِ زمين جي ڦيري ڪري، سمنڊ ٿي پيو هو. ان وقت سمنڊ جي جاگرافيائي صورت جو پتو پئجي نٿو سگهي. انهن ٻنهي مکيه طبعي تبديلن جي زماني بابت مختلف

www.sindhsalamat.com

تخمينا آهن. پر انهن جاين تي زمين مان بدلجي سمنڊ ٿيڻ جي حقيقت بابت علم طبقات الارض جا ماهر قريبن متفق آهن. ان زماني ۾ سنڌ جا ڪي حصا سمنڊ هيٺ هئا، ڪي ٻاهر هئا. ان بابت طبقات الارض وارن ڪي نقشا ڏنا آهن. پر اهي نقشا ايتري قديم زماني جا نشان ظاهر ڪن ٿا، جو ان وقت ماڻهو بہ اتي رهندا هئا يا نہ، تنهن جو پتو پئجي نٿو سگهي.[1]

معلوم ائين ٿئي ٿو تہ موجوده سنڌ مان اڳي بہ نديون وهنديون هيون: هڪ سنڌو ندي، جنهن کي ڪٿي مهراڻ بہ سڏيو ويندو هو ۽ ٻي ندي سرسوتي، جا هڪڙو درياه هئي، جنهن کي ڪجهہ وقت اڳ جمنا نديءَ مان بہ پاڻي ملندو هو ۽ اڄا گهڻو وقت نہ گذريو آهي تہ سڪي گم ٿي ويئي آهي. اُهي نديون پاڻ سان گڏ واري ۽ چيڪي لٽ آڻينديون هيون. انهن سنڌ ۾ آباديءَ لائق زمين هموار ڪئي، ۽ ٻئي طرف سمنڊ لٽ ڇڏي، زمين وڌائڻ ۾ مدد ڪئي. سڪندر اعظم جي زماني ۾ بہ سنڌ موجوده حدن کان سمنڊ جي طرف گهٽ هئي.

گهڻي وقت کان سنڌو درياهہ ڪري هن ملڪ تي "سنڌو" نالو پيو ۽ ڪنهن وقت "سويرا" بہ ڪري سڏيندا هئس. پهرين شايد سنڌس حدون وڌيون هيون. پر آهستي ٿي موجوده حدن واري حصي کي "سنڌو ديش" ڪري سڏڻ لڳا. هن سڄي ايراضيءَ جي متئين پاڱي مان پنجن ندين جهڙوڪ ستلج، راوي، بياس، جهلم ۽ چناب لنگهڻ ڪري، ان کي پوءِ پنج آب (پنجاب) سڏيو ويو. ۽ ان پاڱي جي زبان پنجابي، هندي هندڪو نالن سان سڏجڻ ۾ آئي. ان جي هاڻوڪي سنڌ واري علائقي ۾ سنڌي زبان، ان جي مختلف لهجن ۾ ڳالهائڻ ۾ آئي.

## سنڌوءَ جي تاريخ:

سنڌ ايراضي جي قديم تاريخ جو پتو آمريءَ، ڪوٽڏيجي، موهن جي دڙي، ڪاهوءَ دڙي، جهڪر، جهانگارن، چانهون دڙن وغيره مان پئجي سگهيو آهي. جن مان ڪن جو مدو، پنج هزار ورهيہ ٺهرايو ويو آهي. آمريءَ جي دڙي کي ٽي هزار ورهيہ ق.م ڄاڻايو ويو ٿو. ڪوٽڏيجيءَ کي بہ سئو ورهيہ آمريءَ کانپوءِ شمار ڪيو وڃي ٿو. موهن جي دڙي کي بہ هزار ٽي سئو کان 2500 ورهيہ ق.م ڄاڻائين ٿا.

---

[1] "اسٽڊي آف هسٽري". "مئن، ويٿر، وڊر اينڊ وينس"- ليڊبيٽر ۽ ڊاڪٽر ايني بيسنٽ "آئوٽ لائينس آف ورلڊ هسٽري" ايچ. جي. ويلس. "سنڌ جي طبعي جاگرافي". ماڻڪ پڳاوالا. "انڊس سولائيزيشن"، سر جان مارشل. "اسٽوري آف سولائيزيشن"، ولڊ ڊيورانٽ

www.sindhsalamat.com

جنهن مان پتو پوي ٿو تہ اٽڪل 5 هزار ورهيہ اڳ هن ملڪ ۾ تمدن ۽ تهذيب جي سماجي فضا موجود هئي. موهن جي دڙي جا ڪي حصا پاڻيءَ جي سم ڪري کوٽائيءَ هيٺ اچي نہ سگهيا آهن. تنهن ڪري گمان اهو ڪڍيو وڃي ٿو تہ ممڪن آهي ان جي وڌيڪ کوٽائيءَ بعد ان جي قدامت جو وڌيڪ سراغ ملي وڃي. آثار قديم جي ماهرن جو رايو آهي تہ مصر، سمير، اسيريا ۽ بابل جا تمدن ۽ تهذيبون هن کان ٿورو اڳ هيون. پر ڪجهہ وقت هممصر بہ رهيون هيون. جنهن ڪري ڪيترين ڳالهين ۾ منجهن مماثلت جا نشان معلوم ٿي سگهيا آهن. هن وقت دنيا جي قديم تهذيبن ۽ تمدن ۾ مصر ۽ سمير کي سبقت ڏني وڃي ٿي، پر پچاڙيءَ جي دور ۾ هي سڀ تهذيبون هممصر معلوم ٿين ٿيون. منجهن واپار جي آمدرفت جا آثار بہ ملن ٿا.

مصر ۽ سمير جي لڌل تحريرن جي تعبير ٿيڻ ڪري انهن جي تاريخ تي گهڻي روشني پئجي سگهي آهي. سنڌ مان هٿ آيل مهرن جي رسم الخط جي تعبير نہ ٿيسگهي آهي. ان ڪري هن تهذيب جو گهڻو احوال معلوم نہ ٿي سگهيو آهي. ممڪن آهي نين کوٽاين بعد ڪن اهڙن آثار قديم جو پتو پئجي وڃي، جن جي وسيلي رسم الخط ۽ ٻوليءَ جي پروڙ پوڻ بعد قديم سنڌ جي تاريخ تي وڌيڪ روشني پئجي سگهي. ليڪن هيءَ ڳالهہ صاف ظاهر آهي تہ دنيا جي قديم ترين متمدن مهذب ملڪن مان سنڌو ديش هڪ آهي.

هن سرزمين ۾ آرين، سامي، منگول ۽ نيگرو آسٽرلائيڊ ماڻهن جي ورود کان اڳ هڪ متمدن ۽ مهذب قوم جا ماڻهو رهندا هئا ۽ اهي اصل ۾ هزارها ورهيہ اڳ يونچ سمنڊ جي طرف کان آيل ماڻهو هئا. جن بابت چيو وڃي ٿو ڪيترا دراوڙي نسل جا ماڻهو هئا. جڏهن زمين جي ڦيري ڪري اهو ملڪ سمنڊ هيٺ اچي ويو تہ اتي جا ماڻهو جن کي پنهنجو تمدن ۽ تهذيب هو تن مان ڪي ٻيڙي زبون تي ويا ۽ ڪي لڏي مصر،چالڊيا، سمير، ملڪن کان ٿيندا ايران جي رستي اچي سنڌ ۾ قيام پذير ٿيا ۽ اتي جي اصل رهاڪن سان گڏجي هڪ ٿي ويا. اهي ڪهڙي دور ۾ آيا، ان جو پتو اڃا پئجي نہ سگهيو آهي. ليڪن سنڌو درياهہ جي ڪناري تي رهي، زراعت ۽ تجارت ۾ مهارت حاصل ڪري، پنهنجو تمدن ۽ تهذيب قائم ڪيائون. آمري، ڪوٽڏيجي ۽ موهن جي دڙي وغيره قديم آثارن جي کوٽائيءَ مان، جو پتو پيو آهي تہ اٽڪل ساڍا 5 هزار ورهيہ اڳ هنن اتي پنهنجون بينڪون قائم ڪيون هيون ۽ سنڌو تهذيب جي تعمير ۾ حصو ورتو

www.sindhsalamat.com

هو. اٽڪل 1800 ورهيه انهن جو سنڌ ۾ اوج رهيو جيسين تائين وچ ايشيا کان آريا قوم جي جنگجو ماڻهن هنن سان تصادم ۾ اچي مٿن تسلط حاصل ڪيو. ان کان پوءِ دراويڊين جو ڪهڙو حشر ٿيو ان بابت جيڪي معلوم ٿي سگهيو آهي، سو اهو آهي ته ڪي آرين سان تصادم ۾ مري ختم ٿي ويا. ڪي اڇوت ۽ داس بڻجي، نون آيل ماڻهن جي ماتحت غلامي ۽ ذلت جي زندگي گذارڻ لڳا ۽ ڪي لڏي ڏکڻ هند جي طرف وڃي ويٺا. جتي ملايالم تامل ۽ تيليگو ٻولين مان سندن پتو پئجي سگهي ٿو.

سنڌي زبان آرين جي تسلط بعد سموري انڊو يورپ زبان جي پراڪرت بڻجي ويئي، ليڪن ان ۾ ڪيترا لفظ دراويڊي زبان جا رهجي ويا. خاص ڪري سنڌ جي قديم ديهن جي نالن ۾ ان زبان جا نشان معلوم ٿي سگهن ٿا. سنڌ جو پروارو ملڪ، جنهن کي هن وقت بلوچستان سڏجي ٿو سو ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته سنڌ سان لاڳاپي ۾ هو. اتي رهندڙ بروهي قوم جي زبان ۾ دراويڊي زبان جا گهڻا الفاظ رهجي ويا آهن، جو اهي درياهه جي ڪناري کان دور رهڻ ڪري آرين جي سڌي تسلط ۽ اثر هيٺ اچڻ کان بچي ويا. ۽ هنن قديم زبان کي هڪ حد تائين سلامت رکيو آهي.

آثار قديمه وارن موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ بعد، جا راءِ قائم ڪئي آهي، ان مان هو ان راءِ جا ٿيا آهن ته هي شهر دنيا جي قديم شهرن مان زياده باترتيب ٺهيل هو ۽ اتي جي رهاڪن عمارت سازيءَ، شهري جوڙجڪ، صحت صفائي جو بندوبست، واپار ۽ هنر ۾ چڱي مهارت حاصل ڪئي هئي. شهر جون گهٽيون ۽ رستا رٿا موجب سڌا ۽ چونڪن تي ٺهيل هئا. اڪثر گهرن ۾ پڪا کوهه، وهنجڻ جون جايون ۽ پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ پڪيون ڊرينيج جون ناليون ٺهيل هيون. اناج وغيره جي حفاظت لاءِ پڪين سرن جي ٺهيل گدامن جا نشان به ملي سگهيا آهن. درياهه شهر جي پير ۾ هئڻ ڪري ٻيڙين رستي ٻيروني ملڪن سان واپار هئڻ جو به پتو پيو آهي. اسيريا، بابل ۽ سمير مان هتي جي سڪن جي ليڻ مان ان جي نشاندهي ٿئي ٿي. هتان جي لڌل گهڻ ۽ زيورن ۾، جن پٿرن، هيرن ۽ ڌاتن جي هئڻ جو پتو پيو آهي، سي سنڌ ۾ موجود نه هوندا هئا. انهن مان ڪي ڏکڻ هند جي ڪاٺين، ڪي وچ هند ۽ ڪي رنگون جي طرف کان ۽ ڪي ايران، ڪي وچ ايشيا ۽ افغانستان جي طرف کان، خشڪي يا درياهن رستي آيل معلوم ٿين ٿا. جنهن مان پتو پوي ٿو ته هنن ماڻهن جو دور دراز ملڪن سان واپار يا آمدرفت جو لاڳاپو

www.sindhsalamat.com

رهيو هو. انهن شهرن مان لڌل مجسمن مان اهو پتو پوي ٿو تہ اتي مجسمي سازيءَ جي فن بہ خاصي ترقي ڪئي هئي. هڪ رقاصہ جو پتلو هٿ آيل آهي، جنهن مان گمان پوي ٿو تہ رقص ۽ راڳ ۾ بہ هنن چڱي مهارت حاصل ڪئي هئي. مهرن مان ان وقت جي جانورن جون تصويرون، مذهبي اعتقاد ۽ ڪن پوڄا جي دستورن جو بہ پتو پئجي سگهيو آهي. ماڻهن جي دفن ڪرڻ، ساڙڻ يا ٻي طرح لاشن جي نيڪال جو بہ پتو پئجي سگهي ٿو. هتان جي لڌل مهرن يا چورس ٽڪرن تي اُڪريل تصويرن مان ائين معلوم ٿئي ٿو تہ هنن ماڻهن کي پنهنجو رسم الخط بہ هو. آثار قديمہ جي ماهرن انهن تصويرن مان هنن جي مذهبي عقيدن ۽ رواجن جي کوج بہ ڪئي آهي، جنهن مان معلوم ائين ٿئي ٿو تہ انهن جي مذهبي عقيدن تي جاندار ۽ غيرجاندار شين جي فوق الفطرت طاقت جو اثر ويٺل هو. جانورن، وڻن، سورج ۽ تارن جي پرستش جا آثار بہ اتي ملي سگهيا آهن. فيلوس يا لنگم جي قوت جي اثر ڪري منجهن ان جي پوڄا جا بہ دستور هئا. ان ۾ ڍڳي خاص ڪري نمايان جڳهہ والاري ٿي. قربانيءَ جو بہ معلوم ٿئي ٿو تہ منجهن رواج هو. اڳتي هلي هندو ڌرم ۾ بہ تري مورتيءَ جو تصور وجود ۾ آيو ان ۾ شو ديوتا کي پيدا ڪرڻ ۽ مارڻ جي صفتن سان موصوف ڪيو ويو آهي، جنهن جا خاص نشان لنگم، يوني، ڍڳو (جنهن تي شوَ ديوتا سواري ڪندو هو)، قرباني ۽ ترشول شمار ڪيا وڃن ٿا. ان ڳالهہ جو پتو موهن جي دڙي مان هٿ آيل مهرن مان پئجي سگهيو آهي. جنهن صورت ۾ اهڙا ساڳيا نشان مصر، سمير، بابل ۽ اسيريا جي طرف بہ لڌا آهن. تنهن ڪري هو اها راءِ قائم ڪري سگهيا آهن تہ مٿي ذڪر ڪيل ديوتا (پوءِ ان کي کهڙي بہ نالي سان سڏيو ويو ٿي) جي پوڄا جو رواج سيني مٿي ذڪر ڪيل ملڪن ۾ هو جو پوءِ آرين انهن کان ورتو ۽ پنهنجن عقيدن ۾ ملائي ڇڏيو.

سنڌو ديش جي تهذيب ۽ تمدن جو بنياد زراعت ۽واپار تي هو. معلوم ٿئي ٿو تہ هنن جي واپار جو تعلق وچ مشرق ۾ مصر، سمير، بابل، اسيريا ۽ ايران سان هڪ طرف هو تہ وچ ۾ ڏکڻ هندستان سان ٻئي طرف هو.

زراعت پيشي ۽ واپار جي ڪاروبار لاءِ امن امان جي ضرورت پوي ٿي. تنهن ڪري گذر معاش جي ڪشادگيءَ سبب، هتي جي ماڻهن جو امن پسنديءَ طرف زياده توجهہ هو. جنگجو ذهنيت پيدا نہ ٿي هئن. انهيءَ ڪري سندن مذهبي عقيدا ۽ طرز زندگي بہ سندن اهڙيءَ ذهني ڪيفيت تي تعمير ڪيا ويا هئا. ڏسڻ ۾ اچي

www.sindhsalamat.com

ٿو تہ انهيءَ ڪري منجهن جهيڙو فساد گهٽ هو. ڪين اهڙو امڪان نٿي نظر آيو تہ ٻاهران لکن جي تعداد ۾ جنگجو ماڻهو اچي. مٿن تسلط حاصل ڪري. سندن مال ملڪيت تي قبضو ڪري. سندن ساري تهذيب ۽ تمدن کي تباهہ ڪندا.

اهو قدرت جو قانون آهي تہ جهڙيءَ طرح وڻ، جانور ۽ ماڻهو ڄمي، وڏا ٿي، زندگي گذاري، مرن ٿا، تہ ٻيا سندن جاءِ والارين ٿا. جنهن ڪري سلسلو زندگيءَ جو هلندو رهي ٿو اهڙيءَ طرح ڪن قبيلن ۽ قومن طرفان برپا ڪيل تمدن ۽ تهذيبون بہ پيدا ٿي، دور حيات گذاري، ختم ٿي، پنهنجي جاءِ ٻين جي حوالي ڪن ٿيون. انهيءَ دستور مطابق. جڏهن وچ ايشيا جي طرف کان سگهارا، تازه دم، جنگجو اڳرائي ڪندڙ آريا قوم جا ماڻهو ڏڪارن، روزگار جي تنگي، تعداد جي زياده ٿيڻ ۽ ٻين زور آور قومن جي پويان ڏڪيلڻ سبب، سنڌو ديش طرف لکن جي تعداد ۾ آيا. تہ انهن پنهنجي طاقت ذريعي هتي جي رهاڪو دراويدي ۽ ٻين مهذب ۽ متمدن ماڻهن مٿان فتح حاصل ڪري، انهن جي ڳوٺن، شهرن ۽ آبادين تي قبضو ڪري ورتو. هتي جي رهاڪن مان ڪي پاڻ بچائيندي تصادم ۾ مري ويا تہ ڪي سلامتيءَ خاطر لڏي ڏکڻ هندستان طرف هليا ويا. تہ ڪي نئين آيل قوم جا تابع ٿي، اڇوت ۽ داس بنجي، زندگي گذارڻ لڳا.

ان جو نتيجو اهو نڪتو تہ هي هزارن ورهين جو تمدن ۽ تهذيب، سواءِ ڪن مذهبي آثارن، زبان جي لفظن، نالن ۽ لباس جي، قريبن متجي ويئيءَ انهن جي جاءِ نئين آيل آريا قوم ۽ ان جي تهذيب اچي والاري، آريا قوم نہ صرف سنڌو ماتريءَ واري علائقي تي اچي قبضو ڪيو پر آهستي تي برصغير هند جي گهڻي ڀاڱي تي قابض ٿي ويئي. آريا قوم ايران، يونان، يورپ جي گهڻن ملڪن ۾ بہ پکڙجي ويئي، جن جا نشان اتي ڏسڻ ۾ اچن ٿا. لسانيات جي ماهرن آرين جي زبان کي انڊو يورپ زبان جو نالو ڏنو آهي. ان جون شاخون ڀارت ۽ يورپ جي اڪثر ملڪن ۾ قائم ٿي ويون. آرين جڏهن سنڌوءَ جي ڪناري تي بيهڪون قائم ڪيون ۽ دراويڊن ۽ ٻين قديم ماڻهن جي ڳوٺن ۽ زمينن تي سندن قبضا ٿيا. تہ هنن آهستي آهستي ساڳين جاين تي نئين تهذيب ۽ تمدن قائم ڪيو. حضرت سليمان عليہ جو چوڻ آهي تہ "دنيا ۾ ڪا بہ شئي نئين پيدا نٿي ٿئي، پراڻيون شيون صورت بدلائي نئون روپ وٺن ٿيون." ان وانگر آرين بہ پنهنجيءَ تهذيب ۽ تمدن بنائڻ ۾ اڳينءَ تهذيب ۽ تمدن کان گهڻو ڪجهہ حاصل ڪيو ۽ ائين ان ۾ اضافو ڪري نئينءَ صورت ۾ پيش ڪيو. سندن مذهبي خيالات ۽

www.sindhsalamat.com

تهذيب جو ذڪر ٻئي ۽ ٽئي فصل ۾ ڏنو ويندو. هتي صرف ايترو چوڻ ڪافي ٿيندو تہ ان کان پوءِ سنڌ تي آريا قوم جو تسلط رهيو. پر سنڌ جي پيداوار، ملڪيت ۽ زرخيزيءَ جي هاڃي ٻڏي ٻين سامراجي طاقتن بہ ان کي ڦرڻ، استحصال ڪرڻ يا پنهنجي تسلط ۾ آڻڻ لاءِ وقت بہ وقت پئي حملا ڪيا ۽ قبضا ڄمايا.

آريا سنڌ ۾ گهٽي تعداد ۾ اٽڪل 17 سئو ورهيہ ق.م اچڻ شروع ٿيا. ۽ اٽڪل هڪ هزار ورهيہ ق.م کان پوريءَ طرح قابض ٿي چڪا هئا. "مهاڀارت جي لڙائي". جا وڏي پيماني تي هڪ هزار ورهيہ ق.م ۾ لڙي ويئي هئي. اها آرين جي ٻن قبيلن "ڪورون ۽ پانڊون" جي وچ ۾ ٿي هئي. ان جو احوال "مها ڀارت" ۾ ڏنل آهي. ان ۾ سنڌ جي راجا جيدرٿ بہ ڪورون جي مدد ۾ حصو ورتو هو. ان وقت ڏاري سنڌ ۽ بابل جي وچ ۾ سامونڊي رستي واپار هلندڙ هو جو ان وقت تائين دراويدين جي هٿ ۾ هو جي موهن جي دڙي جي قديم رهاڪو دراويدين جي نسل مان هئا.

آرين کان پوءِ سنڌ تي اوائلي ٻاهرين ڪاهہ مصر جي شهنشاهہ "سيميرامس" طرفان 810-5 ق.م ۾ ٿي جنهن کي سنڌ جي حاڪم "ويرسين" شڪست ڏيئي موٽائي ڇڏيو.

چوڻ ۾ اچي ٿو تہ اٽڪل 700 ورهيہ ق.م ۾ سينا چيرب. اسيريا جي شهنشاهہ ڪيهہ جي پوک پنهنجي ملڪ ۾ سنڌ کان ٻج گهرائي رائج ڪئي.

ايرانين، اوائلي ڪاهہ سنڌ تي "هوشنگ پيشتا ديا" جي زماني ۾ اٽڪل 600_700 ورهيہ ق.م ۾ ڪئي جا بہ سنڌين ناڪامياب بنائي ڇڏي

مهاتما ٻڌ 550_600 ق.م جي وچ واري دور ۾ ڄائو هو ۽ اوائلي اپنشد ۾ انهيءَ وقت لکيا ويا هئا.

سنڌ تي ڏارئين سامراج جو قبضو اچيمنين (ڪياني) گهراڻي جي شهنشاهہ دارا_ اول جي ڏينهن ۾، قريبن 519 ق.م ڏاري ٿيو. سندس اميرالبحر، سڪلئس، سندس حڪم موجب، درياهہ جي ان وقت سروي ڪئي هئي. ۽ هن کي ان ۾ ڪابل کان سمنڊ تائين، تيرهن مهينا لڳا. جتان پوءِ هو ايراني نار ۽ مصر طرف ويو.

سنڌ تي ايراني ڪياني سامراج جو تسلط قريبن بہ صديون رهيو جن جي ڏينهن ۾ زردشت جو مذهب سنڌ ۾ آيو ۽ ان جا آتشڪده سنڌ ۾ نهيا. ڊاڪٽر دائود پوٽي جي چوڻ مطابق سنڌ ۾ عربن جي اچڻ تائين پارسي ٻولي ۽ زردشتي

www.sindhsalamat.com

مذهب مروج هئا. "بهمن آباد" جو پايو بہ انهيءَ دؤر ۾ پيو جنهن جو نالو ڪياني شاهنشاهہ جي سپہ سالار "بهمن" جي نالي پٺيان رکيو ويو. "پنيور" جو شهر، جنهن جي اصلي معنيٰ "بن پورا" يعني "سورج ديوتا جو شهر" آهي، سو بہ انهن جو يادگار آهي. چاڪاڻ تہ سورج پوڄا بہ زردشتي مذهب جي يادگار آهي.

ايراني بہ آريا نسل جي شاخ هئا. پارسي مذهب جا مکيہ چار فرقا هئا. جهڙوڪ (1) زردشتي (2) متراڻي (مترائزم) (3) مزدڪ (4) ۽ ماليءَ جا فرقا. انهن چئني فرقن جو سنڌيءَ يا اڻ سڌيءَ طرح سنڌ تي اثر رهيو.

ان کان پوءِ سڪندر اعظم جڏهن ايران فتح ڪيو تہ هن سنڌ جي شاهوڪاريءَ جي ساک ٻڌي ۽ ان کي ايراني سامراج جو حصو سمجهي، ان تي 372 ق.م ۾ حملو ڪري ان کي فتح ڪري ورتو. فتح بعد جلد واپس ويو ۽ سگهوئي بابل ۾ وفات ڪيائين. هن جي وفات کانپوءِ سندس سپہ سالارن مان "پيٿان"، سنڌو درياهہ جي الهندي طرف جي ايراضيءَ جي چارج ۾ رهيو. ان کان پوءِ ٻئڪٽرين جي ڏينهن ۾ يوناني حڪومت وري زور ورتو ۽ 187 ق.م ڌاري "ڊيميٽرس" ڪابل، قنڌار ۽ بولان دري کان اچي، پٽالا (حيدرآباد) تي قبضو ڪري، حڪومت هلائي.

جيئن تہ يوناني بہ آرين نسل جا شاخ هئا، انڪري انهن جو هڪ حاڪم "استرابو _ اول"، ٻڌ ڌرم قبولي، مرگو پکشو (ٻڌ ڌرم جو فقير) ٿيو. ٻئڪٽرين حاڪمن جا سڪا سنڌ جي مختلف جاين کان هٿ آيا آهن. انهيءَ وقت کان وٺي سنڌ تي يونانين جي حڪمت ۽ فلسفي جو اثر پيو ۽ يوناني فلسفي ۽ مذهب تي سنڌ ۽ هند جي مذهبن ۽فلسفي جا اثر پيا،جن بابت ذڪر ٻئي فصل ۾ ڏنو ويندو.

چٽائي ڏسبو تہ معلوم ٿيندو تہ آرين جي سنڌ ۾ رهڻ بعد اتي جا ماڻهو جي ڪڏهن ٻاهرين سامراجي طاقتن کان شڪست کائي ڪجهہ وقت لاءِ ڌارين جا محڪوم رهيا ٿي تہ سگهوئي پاڻ جهلي ٻاهرين طاقتن کان آزاد ٿي وري پنهنجون حڪومتون قائم ڪري ٿي ويا. انهيءَ وقت هنن پنهنجي زرعي خوشحالي تهذيبي ترقي ۽ تمدن جي واڌاري لاءِ ڪوشش پئي ڪئي هئي.

سڪندر اعظم جي جنرلن، پورس ۽ ڊيميٽريس، جي وفاتيءَ بعد موريا گهراڻي جي مهاراجا چندر گپت جو 331 ق.م سنڌ تي قبضو ٿيو. ان جي اولاد مان مها راجا اشوڪ پيدا ٿيو جنهن پنهنجي حڪومت ذريعي هندستان جي

www.sindhsalamat.com

گهڻي ڀاڱي تي قبضو ڪيو ۽ سنڌ به سندس تسلط هيٺ رهي. جيئن ته هن ٻڌ ڌرم قبولي ان جي واڌاري لاءِ ڪوشش ڪئي هئي. ان ڪري سنڌ ۾ ٻڌ ڌرم پکڙيو. ٻڪشن جي ٻي ڪائونسل 288 ق.م ۾ ۽ ٽين ڪائونسل 253 ق.م ۾ سنڌ ۾ ڪيئون ٿيون ۽ سنڌ ٻڌ ڌرم جو مرڪز بنجي ويو. موهن جو دڙو چانهون دڙو ڪاهوءَ جو دڙو ٻهمن آباد، جهرڪن جي پر ۾ ٻڌ ڪا تڪر، مير رڪڻ جو ٺل (ٻانڊي اسٽيشن کان 14 ميلن جي پنڌ تي)، سڌيران جو ڏندو (ٽنڊي محمد خان جي پر ۾)، ديول بندر وغيره جاين تي ٻڌ مذهب جا استوپا ۽ مندر ان جي شاهدي ڏين ٿا.

اشوڪا جي وفاتيءَ بعد موريا گهراڻي جي حڪومت ڪمزور ٿي، ۽ "بئڪترين" يوناني حاڪمن 190 ق.م ۾ پشاور تي قبضو ڪري، موريا خاندان جي آخري بادشاهه "برهادت" کي تتل ڪري، پيهر اتي پنهنجو سامراج قائم ڪيو.

بئڪترين جي بادشاهه "اپولو دوستس" جي وفاتيءَ کان پوءِ 70 ق.م ڌاري، سنڌ سميت موجوده پاڪستان واري ساري ملڪ تي سٿين لوڪن جو تسلط قائم ٿي ويو. معلوم ائين ٿئي ٿو ته انهن جو تسلط 46ع تائين هليو پر انهيءَ وقت ۾ پارٿين جي حڪومت به ڪن حصن تي هلندي رهي. ان کان پوءِ ڪشن گهراڻي جا مهاراجا "ڪنشڪ" سنڌ تي 80ع ڌاري قبضوڪري، پنهنجو تسلط قائم ڪيو. هن گهراڻي جو سنڌ تي قبضو ٽريبن ۾ صديون جاري رهيو. اهي به ٻڌ ڌرم جا پوئلڳ هئا. ڪنشڪ اعظم (90ع) جي زماني ۾ ٻڌ مصورن ۽ ڀڪشن جو وفد چين طرف ويو. ان کان پوءِ معلوم ٿئي ٿو ته ساساني گهراڻي جي بادشاهه بهرام گور _2، 280ع ڌاري سنڌ تي وري ايراني بادشاهت جو تسلط قائم ڪيو جو ڪم و بيش 500ع تائين جاري رهيو. مڪاني سٿين حاڪم ان جا زيردست ٿي ڪم هلائيندا رهيا. پوءِ چندر گپتا ٻئي، سنڌ کي پنهنجي شهنشاهيءَ سان 315_345ع تائين ڳنڍيو. يزدگرد 387ع ۾ سنڌ کي وري ساساني تسلط هيٺ آندو. انهن جي حڪومت راءِ گهراڻي قبضي ۾ آئي. جا 550ع کان 644ع تائين جاري رهي. انهيءَ دور ۾ جيتوڻيڪ هندو ڌرم وري پنهنجو اثر سنڌ تي وڌايو هو. پرهڪ چيني سياح، جنهن جو نالو "هئان چوانگ" هو جنهن 641ع ڌاري سنڌ جو سفر ڪيو هو ان جي چوڻ مطابق ان وقت به آباديءَ جو گهڻو حصو ٻڌ ڌرم جو پوئلڳ هو. ٻاهرين سامراجين کان آزاديءَ جي حالت ۾ هتي جي رهاڪن زراعتي خوشحالي، تهذيبي ترقيءَ ۽ تمدن جي واڌاري طرف وِک وڌائي هئي.

www.sindhsalamat.com

قديم دنيا جي تمدنن ۽ تهذيبن جا، جي آثار ظاهر ٿيا آهن، تن مان ائين معلوم ٿيو آهي تہ اول ۾ ايشيا، يورپ ۽ آفريڪا ۾ گهڻو ڪري ندين جي ڪنارن تي ماڻهن زراعت ۽ واپار ذريعي پنهنجا تهذيب ۽ تمدن قائم ڪيا هئا. جڏهين انهن ماڻهن ۾ ڪمزوري ۽تنزل ٿي آيو تہ ٻاهران جنگجو قومون اچي، انهن تي فتح حاصل ڪري، انهن جو گڏ ڪيل مال لٽي ڦري، واپس ويئون ٿي يا انهن جي جاءِ والاري ملڪ ۾ رهي پيون ٿي.

سنڌ جي پهرين دراويدي تهذيب اٽڪل 2000 ورهيہ ٻنا رنڊڪ ۽ تبديليءَ جي هلي، ترقي ڪندي رهي، جنهن جا نشان مٿي ذڪر ڪيل قديم آثارن مان ملن ٿا. ان ڪان پوءِ ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ سنڌ جي واڌاري ۽ ترقي ۾ رڪاوٽون پئجي ويئون، ۽ سندس عروج رڪجي ويو.

جن ڳالهين سنڌ جي واڌاري ۾ رڪاوٽ وڌي تن مان ڪي خاص هيٺيون هيون:

(1) وقت بوقت ڌرتيءَ جي ڌٻڻ ڪري سنڌ جي برسيل شهرن کي نقصان پهتو ٿي.

(2) مختلف سببن ڪري، دريائن جي رخ بدلجڻ سان زراعت ۽ دريائي آمدرفت کي نقصان پهچڻ سبب، وسايل بستيون ويران ٿي ويون ٿي.

(3) بارش جي گهٽجڻ يا چؤماسي بدلجڻ ڪري، زراعت ۽ ٻيلن کي نقصان پهتو ٿي ۽ ان ڪري مال جي چاري جي گهٽتائيءَ سبب مويشي بہ گهٽيا ٿي.

(4) ملڪ جي خوشحاليءَ جي هاڪ ٻڌي، ٻاهرين سامراجي طاقتن ملڪ تي حملا ڪري ماڻهن کي محڪوم بنائي، نادار ۽ مسڪين ٿي بنايو.

جيڪڏهن غور سان سنڌ جي تاريخ تي نظر ڊوڙائبي، تہ معلوم ٿيندو تہ اوائلي دراويدي تهذيب ۽ تمدن جي ڪمزوريءَ مفتوح ٿيڻ ڪانپوءِ، سنڌوديش مڪاني قومن ۽ ڌارين سامراجي طاقتن جي تصادم جو آکاڙو پئي رهيو آهي. ان جو مکيہ ڪارڻ سنڌو ماتريءَ جي زرخيزي ۽ ٻيا مادي وسائل هئا. اول ۾ ايرانيَ تسلط جيتوڻيڪ مسلسل قائم نہ رهيو پر قريبن ٻہ سئو ورهيہ جدا جدا وقتن ۾، هنن سنڌ جي رهاڪن کي سک جو ساهہ کڻڻ نہ ڏنو. ان ڪان پوءِ يونانين سڪندر اعظم جي اڳواڻيءَ هيٺ جڏهن ايراني سلطنت تي قبضو ڪيو تہ سنڌ جي زرخيزيءَ جي هاڪ ٻڌي ان تي بہ تسلط قائم ڪيائون. پر سڪندر اعظم هتي گهڻو وقت نہ رهيو ۽ مڪاني حڪومتن وري زور ورتو ۽ ڪجهہ وقت ڪانپوءِ ان جي جنرلن مان بئڪٽرين جنرل ڊيميٽريس حيدرآباد (پٽالا) تائين تسلط ڄمائي، وري سنڌين کي

www.sindhsalamat.com

محڪوم بنايو. انهن جي يادگارن جو سواءِ چند سڪن ۽ گنڌارا جي مصوريءَ جي پيو پتو اڃا تائين نہ ملي سگهيو آهي. مڪاني حڪومتن جي وقت ۾ ماڻهن سک سان ساھہ کڻي، پنهنجا شهر ٻڌا، مندر ۽ آشرم برپا ڪيا ۽ سنڌ جي تمدن ۽ ترقي ۾ واڌارو آڻي، پنهنجي معاشري کي خوشحال بنايو. انهيءَ دور ۾ هن ملڪ ۾ ترقي يافتہ مذهبن ۽ انهن جي فلسفن ۽ تعليم جو بنياد پيو. جهڙوڪ ويدڪ ڌرم (جنهن کي هندو ڌرم يا برهمنزم جو نالو بہ ڏين ٿا). ان کان پوءِ ٻڌ ڌرم ۽ جين ڌرم مروج ٿيا، جي حقيقت ۾ ويدڪ ڌرم جون سڌريل شاخون ۽ ترقي يافتہ ۽ سڌاريل صورتون هيون (جن جو مفصل ذڪر ٻئي فصل ۾ ڏنو ويندو).

ستين صدي عيسويءَ ڌاري، موجوده سعودي عربستان واري ايراضيءَ ۾، سواءِ چند شهرن جي، اتي جا رهاڪو نيم وحشي ۽ بدويانہ زندگي گذاريندا هئا. ۽ پاڻ ۾ قبيلائي جنگين ۽ جهيڙن ۾ مشغول رهندا هئا. سندن زندگي نهايت خستہ حالي ۽ مصيبت سان گذرندي هئي. اهو قدرت جو اڪثر قانون رهيو آهي تہ هر ڪمال کي زوال پهچي ٿو. ۽ هر زوال ۾ آيل ڪمزور ماڻهن جو وارو وري ترقي طرف رجوع ٿئي ٿو. ان مطابق نيٺ قدرت کي رحم آيو ۽ انهيءَ قوم ۾ حضرت محمد صلعم پيغمبر پيدا ٿيو جنهن انهن کي مذهب اسلام جي نالي هيٺ گڏ ڪري، هڪ قوم جي صورت وٺائي ۽ گهڻين مشڪلاتن بعد انهن منتشر قبيلن کي ڪجهہ "پرچار، ڪجهہ ذاتي اثر ۽ ڪجهہ زور زبردستيءَ" سان متحد ڪيو. مڪي کي فتح ڪرڻ بعد اُتي، هن هڪ قديم ميلي تي گڏ ٿيندڙ ماڻهن کي (جو حج الوداع جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو) مديني موٽڻ وقت هڪ خطبي ۾ قرآني آيت جي حوالي سان خوشخبري ٻڌائي تہ سندس مشن جو هڪ ڀاڱو عربن مان انتشار ڪڍي کين متحد قوم بنائڻ وارو پورو ٿيو جنهن ڪانپوءِ هنن کي ائين ڪم ڪرڻو هو جڻ هو هڪ لڙيءَ ۾ پوتل هئا. محمد صلعم جي مشن ٻن مکيہ مقصدن تي تعمير ٿيل هئي. انهن مان هڪ مقصد هو عربن کي گڏي، متحد ڪري، سندس مشن جي ٻئي مقصد جي سرانجاميءَ لاءِ تيار ڪرڻ سندس ٻئي مقصد جا بنيادي نڪتا هي هئا:

(1) ڪثرت مذهبن پويان بنيادي وحدت جو اظهار ڪرڻ، (2) دنيا کي انساني اتحاد، عالمي امن ۽ انسان ذات جي ترقيءَ جي پيغام ۽ عمل طرف راغب ڪرڻ ۽ (3) انسان ذات مان نفاق ڪڍي، محبت سان روشناس ڪري اخوت اِسانيءَ جي روح سان روشناس ڪرڻ.

www.sindhsalamat.com

جيئن تہ عرب تمام پوئتي پيل هئا، ۽ دنيا جي مختلف حصن ۾ ماڻهن جي فلاح ۽ بهبود لاءِ جي مذهبي عقيدا مختلف پيغمبرن طرفان پيش ڪيل هئا. انهن جي بنيادي تعليم کان ناواقف هئا. تنهن ڪري مذهبن پويان بنيادي وحدت جي چند مکيہ اصولن جي اظهار کان سواءِ وڌيڪ ڳالهہ مٿن ذهن نشين ٿيڻ مشڪل هئي. ان کانسواءِ، هو پوريءَ طرح پاڻ ۾ متحد بہ ٿي نہ سگهيا هئا. جنهن ڪري ساريءَ انسان ذات کي متحد ڪرڻ جي فوري توقع منجهن رکڻ بيڪار هئي. ان ڪري ان بابت چند مکيہ اصول ٻڌائي ان تي اڪتفا ڪيائين. امن عالم ۽ ترقي بني آدم تہ اتحاد انسانيءَ کان پوءِ حاصل ٿيڻ وارا هئا. سندن مشن جي ٻئي مقصد جي پورائيءَ لاءِ دراز عرصي جي ضرورت هئي. شاهہ لطيف فرمايو آهي تہ:

جي قيام مٿن، تہ بہ ويجها پانئج سپرين!

حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم کي پروڙ پئجي ويا هئا تہ سندن جسماني زندگي اچي پوري ٿيڻ کي ويجهي ٿي هئي، تنهن ڪري پنهنجي مشن جي ٻئي ڀاڱي جي سرانجاميءَ جو ڪم ڪين ڪن خاص ماڻهن جي سپرد ڪرڻو هو. ۽ ڇاڪاڻ تہ عام عرب اڃا بدويانہ زندگيءَ واري ماحول ۾ قائل هئا، سي انهيءَ وڏي مشن جي سمجهڻ يا ان مطابق عمل ڪرڻ لاءِ تيار نہ هئا. تنهن ڪري انهيءَ معاملي کي علي عليہ السلام ۽ ٻين خاص بزرگن جي حوالي ڪيائون. اها مشن ڪين مخفي بہ رکڻي هئي. جيئن تہ عربن جي اڪثريت ذهني، نفسياتيءَ ۽ تربيتي طرح ان اعليٰ مشن جي معما سمجهڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ لاءِ تيار نہ هئي. محمد صلعم خدا جو رسول ۽ پيغمبر هو ۽ "بر رسولان بلاغ باشد بس" وانگر پنهنجي فرض ادائي ڪري، مستقبل جو ڪاروبار الله جي سپرد ڪري هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو.

عربن جو وڏو حصو رسول جي اعليٰ شخصيت، روحاني اثر، ۽ خدا جي مهربانيءَ سان قبيلائي انتشار واريءَ زندگيءَ مان ٻاهر نڪري هڪ متحد قوم بنجي، هڪ مرڪز تي گڏ ٿي، يڪجهتيءَ کي نزديڪ اچي پهتو هو. پر اهو اتحاد عارضي هو. ان کي مضبوط بنائڻ لاءِ ڪجهہ عرصي ۽ ٻينڳالهين جي ضرورت هئي. سندس انتقال بعد سوال اٿيو تہ سندسِ ٻن مقصدن مان پهرين ڪهڙي مقصد جي تڪميل جي ضرورت هئي. شايد قدرت کي ائين منظور هو ۽ حالتون بہ اهڙيون هيون. جو رسول صلعم جي عربن ۾ پيدا ڪيل اتحاد ۽ يڪجهتيءَ جي

www.sindhsalamat.com

تڪميل کي سنڌن دنياوي طاقت ۽ اقتدار لاءِ ڪتب آندو ويجي. قوي گمان هو تہ جي ائين نہ ڪيو ويجي ها، تہ ترت عرب وري ساڳيءَ اڳوڻي انتشار واريءَ حالت ۾ موٽي وڃن ها.

جيئن تہ دين جي هڻ آخري (اسلامي) تشريح ۽ آخري نبيءَ جي بنيادي اصولن کي پوريءَ طرح سمجهڻ جي نہ عربن جي اڪثريت ۾ اهليت هئي ۽ نہ ان لاءِ حالات سازگار هئا. تنهن ڪري رسول جي بين الاقوامي مذهبي تشريح ۽ مشن جي پٺي پاڳي جي ڪم تي طويل المدت مسئلو سمجهي، ان جي تڪميل ۽ اثر پذير ٿيڻ لاءِ اهو ڪم مستقبل تي ڇڏيو ويو.

عربن ۾ حضرت عمر، پيغمبر صلعم جي مشن جي تڪميل جي سلسلي ۾، دنياوي اقتدار جي حصول لاءِ مذهب کي عرب يڪجهتيءَ ۽ سامراج لاءِ ڪتب آڻڻ واسطي، مذهب جي تشريح اهڙيءَ طرح ڪئي، جو پهريون مقصد برتراب ٿي سگهي. ان ڪري هن حضرت ابوبڪر کي پهريون عرب حاڪم مقرر ڪري، ان کي رسول ڪريم صلي الله جو جاءِ نشين ۽ خليفو سڏي ڪاروبار هلائڻ شروع ڪيو. جيئن تہ نبوت حضرت محمد صلعم کي بنيادي طور سنڌن پٺي مقصد عظيم جي سرانجاميءَ لاءِ سپرد ٿيل هئي، ان ڪري ان جي سرانجامي "لااڪراه في الدين" ۽ "لڪم دينڪم ولي دين" جي ٻن ٿنڀن تي تعمير ٿيڻ واري هئي. ان کي حڪومت معنيٰ زور زبردستيءَ ۽ مذهبي معاملن ۾ اختلاف راءِ کي برداشت نہ ڪرڻ جي آڌار تي هلائڻ ڪري، عرب سامراج ۽ اتحاد تہ عارضي طرح حاصل ٿي سگهيو پر آخري نبيءَ صلعم جي مٿي ذڪر ڪيل ٻن بنيادي اصولن کي پس پشت اُڇلايو ويو. اڳتي هلي تاريخ ثابت ڪيو تہ انهيءَ پاليسي سبب اسلام جي بنيادي اصولن کي وڏو نقصان پهتو ۽ اسلام جو مقصد فقط عرب سامراج قائم ڪرڻ ۽ عرب دستور (شريعت) رائج ڪرڻ تائين محدود ٿي ويو. ان جو نتيجو اهو نڪتو تہ نہ رڳو عربن ۽ مسلمانن ۾ انهيءَ پاليسيءَ ڪري خون خرابي پيدا ٿي، پر ڪثرت مذهبن پويان بنيادي وحدت کي وساري، ڪثرت جي جز کي ڪل سمجهڻ ڪري خود اسلام ۾ سوين فرقا پيدا ٿي پيا.

جيڪڏهن غور ڪري ڏسبو تہ ان ساريءَ خرابيءَ جو ڪارڻ خلافت جو ادارو قائم ڪرڻ هو جنهن ۾ سياست ۽ مذهب کي گڏي هلايو ويو. خلافت جي انسٽيٽيوشن غلط هئي، خصوصن اُن حالت ۾ جڏهن حضرت محمد صلعم کي آخري نبي سڏيو ٿي ويو تہ ان جي مذهبي جاءِ نشينيءَ جو اصول ئي غلط هو

www.sindhsalamat.com

ڪرستانن ان اصول تحت، حضرت عيسيٰ عليہ السلام جو جاءِ نشين پوپ کي مقرر ڪري، سبق پرائڻ بعد مجبور ٿي، سياست ۽ مذهب کي جدا ڪري ڇڏيو. ليڪن مسلمانن کي ان جي نقصانن جو پتو 13 سئو ورهين کان پوءِ پيو. جو نيٺ ترڪن ان کي ختم ڪري ڇڏيو.

انهيءَ اداري جي قائم ڪرڻ مان حضرت عمر رضہ جو مقصد عربن جي يڪجهتيءَ لاءِ حڪومت ذريعي مرڪز جو تقرر هو. عرب جيڪي اڪثر بدويانہ زندگي گذاريندا هئا ۽ سندن گذرمعاش لاءِ وسائل ڪونہ هئا. تن جي گذران لاءِ عرب سامراج قائم ڪرڻ ضروري هو. انهيءَ مقصد جي حصول لاءِ، حضرت عمر رضہ اسلام جي نالي کي ڪتب آڻي، ان جي پکيڙڻ جي عذر تي پر وارن ملڪن تي جي سرسبز ۽ شاداب هئا. قابض ٿي ۽ انهن جي پيدائش، گڏ ٿيل خزانن ۽ مال ملڪيت کي لٽي ڦري، غنيمت جو مال قرار ڏيئي، افلاس زده عربن جي مفاد لاءِ ڪتب آندو. انهيءَ مقصد ۽ مراد سان پهرئين عرب حاڪم کي خليفہ رسول الله سڏي مذهب پکيڙڻ جي نالي ۾، هن ٻاهرين ملڪن تي حملا ڪرڻ شروع ڪيا. ان لاءِ، هن دين ۾ هيٺيون بدعتون ايجاد ڪيون:

1. **جهاد**: هن مذهب جي ان عربي تشريح کي زوريءَ ماڻهن تي مڙهڻ لاءِ زبردستيءَ سان مذهب پکيڙڻ واسطي جنگ ڪرڻ اسلام جو جزو ٺهرائي، عربن کي دنياوي فائدي ۽ آخرت جي سعادت لاءِ ڌارين ملڪن تي حملا ڪري، فتح ڪرڻ جي ترغيب ڏياري

2. **خلافت**: هن ملڪي نظام ۽ مذهبي تنظيم لاءِ هڪ ماڻهوءَ کي حاڪم بنائي، رسول جو جاءِ نشين (خليفو) ٺهرائي، حڪومت هلائڻ ۽ فتحن ڪرڻ لاءِ حڪم ڪرڻ جو ڪم سپرد ڪيو.

3. **سامراج**: هن دين جي نالي ۾ ٻين ملڪن ۽ ماڻهن تي قبضا ڪري، انهن جي ملڪيت ۽ ملڪن کي فتح ڪرڻ جائز ٺهرائي. اهڙيءَ طرح لٽ ۽ ڦر جي مال کي غنيمت جو نالو ڏيئي، عربن جي استعمال لاءِ ڪم آڻڻ جو رواج وڌو. ماڻهن جي آزادي ختم ڪري، انهن کي غلام ۽ ٻانهيون بنائڻ جو دستور وڌو. فتح حاصل ڪيل ملڪن ۾ زوريءَ مذهب کي رائج ڪيو يا ماڻهن کي غير مسلم رهڻ جي حالت ۾، مسلم ٽيڪس وصول ڪري، ان کي جزيو سڏيو.

4. **نظام دين**: هن حڪومت جي قيام ۽ ملڪي نظام لاءِ ڪي دستور

www.sindhsalamat.com

ٿاهي، ان کي شريعت جو نالو ڏيئي، ان جي ماتحت نئين سلطنت کي خليفي، قاضين ۽ سپهه سالارن جي هٿ هيٺ هلائڻ جو دستور وڌو جنهن جي واڳ اڪثر عربن جي هٿ هيٺ رکي.

**5. اسلام هڪ علحده دين:** پيغمبر فرمايو هو تہ هڪ خدا کي مرڪزي قوت طور مڃڻ، ماڻهن جي اتحاد ۽ امن ذريعي ماڻهن جي روشن مستقبل ۽ ترقيءَ لاءِ ڪم ڪرڻ (يعني آخرت ۾ ايمان رکڻ) ۽ عمل صالح ڪرڻ بعد، هر ڪو ماڻهو مسلم سڏجي سگهجي ٿو پوءِ اُهو ظاهري طور ڪهڙي بہ مذهب جو پوئلڳ هجي. پر هنن عرب شريعت (دستورن). عرب سامراج (عربن جي مذهبي ۽ قومي برتري) ۽ ٻين ماڻهن جي استحصال ۽ محڪوميءَ کي اسلام جو نالو ڏيئي، جملي ٻين مذهبن کي منسوخ ٺهرائي، دين جي معاملي ۾ راءِ جي آزاديءَ کي ختم ڪري، قرآن جي جملي مذهبن مڃڻ واري اصول کي ختم ڪري. جملي مذهبن پويان وحدت جي پرکڻ جي تعليم کي ترڪ ڪري، هڪجدا دين بنائي، ان کي اسلام سڏيو.

جيئن تہ عرب (موجوده سعودي عربستان) هڪ رڻ پٽ بغير ڪنهن زرعي پيداوار جي هو ۽ ان جي رهاڪن جو گذر مال چارڻ، ڌارين جي نوڪري ڪرڻ ۽ واپار ڪرڻ تي هو ان ڪري انهن جي پيدائش وڌائڻ ۽ روزگار لاءِ حڪومت جون نوڪريون مهيا ڪرڻ ۽ دين جي نالي ۾ ماڻهو مقرر ڪري، انهن کي پرچارڪ ۽ قاضي مقرر ڪري رزق فراهم ڪرڻ لاءِ، اهو ضروري ڄاتو ويو تہ پر وارن سرسبز متمدن، مهذب ۽ شاهوڪار ملڪن تي قبضا ڪري، انهن جو ڳڌ ٿيل مال ڦري ۽ محصولن ذريعي پيدائش حاصل ڪري، سڄو خزانو افلاس زده عربن جي مفاد لاءِ ڪتب آندو وڃي، ۽ اهڙيءَ طرح عربن جي ڪثير تعداد کي سولجر (مجاهد) بنائي، انهن کي بغاوت ۽ انتشار پکيڙڻ کان محفوظ رکيو وڃي.

اهڙيءَ پاليسيءِ هيٺ پهرئين حاڪم (خليفي) ٻاهرين ملڪن تي حملا ڪرڻ شروع ڪيا. جهڙوڪ: شام ۽ عراق جا ملڪ ـ جيڪي زراعت ۽ قديم تمدن جي ڪري مالا مال هئا. انهيءَ پاليسيءَ مطابق ٻئي حاڪم (خليفي) حضرت عمر جي دور ۾ شام، عراق، مصر ۽ ايران جا ملڪ فتح ڪري، انهن جا مال ۽ ملڪيتون ڦري، عربن جي استعمال لاءِ ڪتب آڻڻ شروع ڪيا ويا. ۽ ڪثير تعداد ۾ ٻاهريان ماڻهو غلام ۽ ٻانهيون بنائي، عرب ۾ آندا ويا. ائين عرب قوم کي حڪمران ۽ استحصالي قوم بنايو ويو هو. البت حضرت عثمان جي

www.sindhsalamat.com

ڏينهن ۾ هن جي پنهنجي قبيلي جي ماڻهن کي حڪومت ۾ استحصال جي واڳ ڏيڻ ڪري، ٻين قبيلن ۾ حسد پيدا ٿي پيو ۽ گهرو انتشار ٿيڻ سبب فتوحات گهٽ ٿي ويون ۽ هيءَ عربن هٿان قتل ٿي ويو. ان کان پوءِ حضرت عليءَ کي حڪومت جي واڳ ملي. هن اڳوڻي پاليسيءَ کي بدلائي، عربن ۾ ديني اصلاح آڻڻ طرف توجهه ڪيو پر جنهن صورت ۾ عربن جي اڪثريت مستقل مفاد بنجي، سامراجي حيثيت قائم ڪري ويٺي هئي، تن سندس مخالفت ڪري، کيس شهيد ڪري ڇڏيو ۽ حڪومت تي اقتدار بني اُميه گهراڻي جو رهيو جنهن جو سرغنو امير معاويو هو. حضرت عليءَ کان پوءِ ڪن صحيح اسلام جي چاهڻن، مٿي ذڪر ڪيل بني اميه خاندان جي پاليسيءَ جي مخالفت ڪئي، جهڙوڪ امام حسين رضه ۽ عبدالله بن زبير وغيره. پر انهن کي زوريءَ قتل ڪري، بني اُميه خاندان پنهنجو اقتدار قائم رکيو.

## عرب دور

ابتدا ۾ خانہ جنگين هئڻ ۽ ٻين سببن ڪري، ٿوري وقت لاءِ عرب سامراج جي ٻاهرين فتوحات جو ڪم رڪجي ويو. پر ان کان واندي ٿيڻ بعد، عربن عبدالملڪ بن مروان ۽ وليد بن عبدالملڪ جي زماني ۾، ٻاهرين ملڪن کي فتح ڪري، سندن سامراجي تسلط هيٺ آڻڻ ۽ مال ملڪيت هٿ ڪرڻ جو ڪم چالو رکيو. سنڌ تي حملو ۽ ان کي فتح ڪرڻ جو ڪم بہ ان سلسلي جي ڪڙي هئي. ان جي فتح ڪرڻ لاءِ 14 حملا اڳي ڪيا ويا هئا. آخر ۾ وليد بن عبدالملڪ جي دور ۾ سنڌ کي فتح ڪري، بني اُميہ سامراج جي تسلط هيٺ آندو ويو. بني اُميہ سلطنت کي صرف سنڌ مان چاليهہ ڪروڙ روپيا ڦرلٽ (مال غنيمت) جو حصو مليو. ان کان سواءِ زماني جي دستور مطابق سولجرن (جنگ ڪندڙن) کي جو سامان ڦرلٽ مان هٿ آيو اهو جدا هو. انهن اٽڪل ٽيهہ هزار زالون ۽ مرد غلام بڻائي، عرب ملڪن ۾ پنهنجي استعمال يا وڪري لاءِ موڪليا. اهڙيءَ طرح سال بسال سنڌ مان ڍلن ۽ جزيي (ٽيڪس) مان عربن کي لکين روپيا وصول ٿيڻ لڳا.

بني اُميہ کان پوءِ بني عباس جي حڪومت جي پاليسي بہ ساڳي رهي ۽ سنڌ کي عرب سامراج هيٺ رکي، ان جو استحصال ڪيو ويو. اهڙيءَ طرح سنڌين ۽ سنڌ ملڪ کي عظيم ترين نقصان سهڻو پيو. انهن جي مذهبي آزاديءَ واري پاليسي ختم ٿي وئي. مڪاني حڪومت جي عيوض ڌاري حڪومت جو اقتدار

www.sindhsalamat.com

قائم ٿيو. سنڌ جي پيدائش کي عرب مفاد لاءِ ڪتب آندو ويو. سنڌين ۾ احساس ڪمتري پيدا ڪري، سنڌين مذهبي خيالات کي غلط سنڌين نسل ۽ ذات کي ڪمتر. سنڌين رسم و رواج کي غير شرعي يعني اسلام جي خلاف. ۽ سنڌي توميرستيءَ کي گناهه ٺهرائي، عرب ملڪن جي زيارت، عرب دستورن جي پوئلڳي، ۽ عربي نسل سڏائڻ ۾ شرافت ۽ فخر محسوس ڪرائڻ جو دستور وڌو ويو.

اهڙيءَ ئي طرح هن وقت سنڌ تي مهاجر- پنجابي مستقل مفاد جو سامراج قائم آهي، اهي پنهنجي سامراجي قيام جي جواز ۾ مذهب جو نالو ڪتب آڻين ٿا، ۽ عربن جي سنڌ تي فتح کي هيٺين سببن ڪري جائز ٺهرائين ٿا:

1. عربن جو سنڌ تي حملو اسلام جي فروغ لاءِ هو تنهن ڪري اهو جائز هو ۽ سنڌ جي فتح حقيقت ۾ دين اسلام جي فتح هئي.

2. ان حملي جي جواز ۾ هڪ دليل اهو به ڏنو وڃي ٿو ته سرانديپ جي حاڪم طرفان عرب حاڪم ڏي ڪجهه پاڻهيون ۽ قيمتي تحفا جهاز ذريعي موڪليا ويا هئا. تن کي سنڌ جي ميدن، جي دريائي ڌورو هئا. ۽ جن جو گذران ڦرلٽ تي هو ڦري ورتو هو. انهن جي موٽارائڻ لاءِ عرب سپهه سالار لکي موڪليو هو پر سنڌ جي مهاراجا ڏاهر انهن جي موٽارائڻ ۾ ڪوتاهي ڏيکاري هئي.

3. بني اُميه سامراج جي مخالف ۽ حضرت امام حسين جي هڪ طرفدار عرب سردار محمد بن علافيءَ پڇي اچي سنڌ ۾ پناهه ورتي هئي.ان کي موٽائي موڪلڻ کان راجا انڪار ڪيو هو ان ڪري مجبور ٿي، سزا ڏيڻ لاءِ هي حملو ڪيو ويو هو.

جي چٽائي ڏسبو ته مٿي ذڪر ڪيل سڀ دليل غلط، بي بنياد ۽ هٿ جا گهڙيل هئا. تنهنڪري انهن جي رد ۾ هيٺينءَ طرح منصل ذڪر ڪرڻ جي ضرورت محسوس ٿي آهي.

## دليل پهريون:

اها ڳالهه غلط هئي ته بني اُميه سامراج جو سنڌ تي حملو اسلام جي فروغ لاءِ هو. اها ڳالهه روز روشن جيان پڌري آهي ته عربن کي مذهبي تعليم سان حضرت محمد صلعم روشناس ڪرائي، انهن مان اختلاف دور ڪري، کين متحد قوم بنائڻ لاءِ قدم کنيو هو. پر بني اُميه خاندا. جن جو رسول جي ورود کان اڳ مڪي تي تسلط هو تن رسول پاڪ جو هڪ غريب گهراڻي جو فرد هو ڪي تڪليفون ڏنيون،

www.sindhsalamat.com

مڪي مان لڏائي، مديني ۾ رهڻ لاءِ وڃي مجبور ڪيو. اُتي به ڪيس سک سمهڻ نه ڏنو ويو. نيٺ حضرت محمد صلعم جڏهن آخري طور ڪامياب ٿي مڪو فتح ڪيو ته هنن بيعت قبولي اچي مسلمانن سان شرڪت ڪئي.رسول صلعم جي وفات کان پوءِ حضرت عثمان جي دور حڪومت ۾ هنن حڪومت جي مکيه عهدن تي قبضو ڪري طاقت حاصل ڪري ورتي. جڏهن حضرت علي حڪومت جو مالڪ ٿيو ته ان جي پوئلڳي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري، نيٺ ان کي شهيد ڪرايائون. امير معاويه پوءِ حڪومت پنهنجي هٿ وس ڪري، پنهنجي پٽ يزيد لاءِ بيعت وٺائڻ شروع ڪئي. جڏهن يزيد تخت تي ويٺو ته ان امام حسين کان زوريءَ بيعت وٺائڻ گهري، پر هن جي انڪار ڪرڻ تي هن کي عزيز اقربا سميت، شهيد ڪرائي، سندس سر نيزي تي گهمارايو ۽ اهلبيت جي بيعزتي ڪرائي. عبدالله بن زبير کي ڪعبي ۾ قتل ڪرائي، ٿنيي ۾ ٽنگائي ڇڏيو. ڪوفي جي مسجد ۾ بني اميه جي سپه سالار حجاج بن يوسف، هزارين مسلمانن کي جمعي نماز مهل قتل ڪرايو ۽ ڪعبي تي پٿر اڇلارائي، ان کي نقصان پهچارايو. انهن جو ڪم ڦرلٽ، عيش عشرت، شراب-خوري ۽ بدڪرداري هئا. اهي صحيح طور مسلمان ئي نه هئا. تن لاءِ چوڻ ته انهن اسلام جي فروغ لاءِ جنگيون ڪيون هيون، سراسر ڏوڪو ۽ فريب آهي. پارسي مقولو آهي ته "خود گم آست ڪرا رهبري ڪند." يعني "جو پاڻ گمراهه آهي، سو ٻين جي ڪهڙي رهبري ڪري سگهندو!" ان ڪري جنهن صورت ۾ هو ظالم، غاصب بداخلاق هئا. ته انهن جي جنگين کي جهاد اسلامي قرار ڏيڻ، اسلام جي بي عزتي آهي.

## دليل ٻيون:

ان حملي جي ڪارڻ، سرانديپ (سيلون) جي طرف کان موڪليل ٻانهين ۽ تحفن جي ڪسجڻ جو انتقام وٺڻ، به من گهڙت ۽ غلط آهي. جي ڪٿي اها ڳالهه قبول به ڪجي ته واقعي دريائي قزاق اهي زالون يا تحفا ڦر ڪيا هئا. ته ان لاءِ راجا ڏاهر کي ڪهڙي طرح ڏوهاري نهرائي سگهجي ٿو. سو به مفت جي مال لاءِ جنگ ڪري، ملڪ فتح ڪرڻ ڪهڙيءَ طرح جائز ٿي سگهي ٿو!

## دليل ٽيون:

محمد بن علافيءَ قبيلي سميت، حجاج بن يوسف جي ظلم کان تنگ ٿي، راجا ڏاهر وٽ اچي پناهه ورتي هئي. ان کي موٽائڻ جي گهر کي راجا ڏاهر رد

www.sindhsalamat.com

ڪري ڇڏيو هو جو هن جو چوڻ هو تہ ملڪ جي دستور موجب سام ۾ ورتل ماڻهوءَ کي موٽائڻ نامناسب هو.

راجا ڏاهر جي ملڪ ۾ رواداريءَ سبب سيني مذهبن جا ماڻهو رهندا هئا ۽ انهن کي مذهبي آزادي حاصل هئي. اتي هندن جا مندر هئا. پارسين جا آتشڪدا هئا. ٻڌ ڌرم وارن جا استوپا ۽ خانقاهون هيون. جين ڌرم وارن جا مندر هئا ۽ مسلمانن جون مسجدون هيون. هوڏانهن، بني اُميہ جي عرب حاڪمن جي اها حالت هئي، جو هنن رسول جي اولاد کي بہ اختلاف راءِ يا بيعت نہ ڪرڻ ڪري شهيد ڪري ڇڏيو. سندن ظلم اظهرمن الشمس هئا. ان ڪري ڪين هيءَ رحمدل راجا، ڪهڙيءَ طرح آيل سامون موٽائي ڏيئي سگهيو ٿي. راجا ڏاهر تہ خود امام حسين کي چوائي موڪليو هو تہ جيڪڏهن عربن جي ملڪ ۾ ڪين امن سان رهڻ نٿو ڏنو وڃي، تہ سنڌ ۾ اچي پناهہ وٺي سگهن ٿا. امام حسين رضہ جو سندن اهل النساء سميت، ڪوفي کان سنڌ طرف اچڻ جي ويچار ڪرڻ جو مکيہ ڪارڻ اهو هو. مولانا ابوالڪلام آزاد، پنهنجي ڪتاب " انسانيت موت جي دروازي تي" ۽ مولانا سيد سليمان ندويءَ پنهنجي ڪتاب "عرب و هند ڪي تعلقات" ۾ لکيو آهي، تہ امام صاحب يزيد جي عملدارن کي چيو هو تہ کيس اجازت ڏني وڃي تہ هو سنڌ طرف هليو وڃي. ان ڪري، مٿيان دليل يزيدي طرفدارن طرفان پيش ڪرڻ بي بنياد عذر آهن. سنڌ فتح ڪرڻ لاءِ، عربن طرفان اهو پهريون حملو نہ هو پر عرب سامراج قائم ڪرڻ لاءِ حضرت عمر رضہ جي ڏينهن کان وٺي، حملا شروع ڪيا ويا هئا. هن آخري حملي کان اڳ چوڏهن حملا، سامراج جي فروغ لاءِ ٿيل هئا ۽ هيءُ حملو پندرهون هو.

عرب سامراج جي طرفدارن جي جواب ۾ ؛ ان مسئلي تي روشني وجهڻ واسطي، مختصر طرح انهن چوڏهن حملن جو ذڪر هيٺ ڏجي ٿو:

## پهريون حملو

هيءُ حملو عرب حاڪمن مان ٻئي حاڪم (خليفي) حضرت عمر جي زماني ۾ عثمان بن ابي عاصي ثقفي، بحرين ۽ عمان جي واليءَ ڪيو هو. هن سنڌ طرف حملو سمنڊ رستي ڪيو هو. سندس جهاز بمبئيءَ جي طرف ٺاڻي شهر وڃي نڪتا. اتان اهي ڦرلٽ ڪري واپس موٽيا. ان ڦرلٽ (مال غنيمت)مان حضرت عمر کي حصو موڪليائون. جو هن وصول ڪري، عثمان بن ابي عاصيءَ

www.sindhsalamat.com

کي هدايت ڪري موڪلي تہ سمنڊ رستي جهازن ۾ لشڪر چاڙهي موڪلڻ خطري کان خالي نہ هو. جو هن پاڻ اڳي رومي حڪومت خلاف، جهازن ۾ لشڪر چاڙهي موڪليو هو ۽ سمورو ٻيڙو لشڪر سميت طوفان لڳڻ سبب تباهہ ٿي ويو هو ان ڪري هن قسم کڻي، عام حڪم ڏيئي ڇڏيو هو تہ آئينديءَ سمنڊ رستي جهازن ذريعي حملا نہ ڪيا وڃن. حضرت عمر رضہ جي ان پيغام جا ڪجهہ لفظ هي هئا: "اي برادرا هي فوج، جا تو ٻيڙين رستي رواني ڪئي هئي، ان جو مثال اهڙو هو جو هڪ ڪيڙي کي ڪاٺ تي ويهاري سمنڊ ۾ ڌڪي ڇڏجي. جيڪڏهن اهي لشڪري ڪنهن آفت جو شڪار ٿي وڃن ها، تہ ان جو عيوض آءٌ تنهنجي قوم کان وٺان ها!" (فتوح البلدان).

## پيو ۽ ٽيون حملو

حضرت عمر زبردست حاڪم هو هن جي حڪم کان انحرافي خوفناڪ جرئت جو ڪم هو. پر جنهن صورت ۾ عرب سردارن ۽ سنڌن ماڻهن ۾ ڦرلٽ وسيلي مال غنيمت حاصل ڪرڻ جو شوق سمايل هو ۽ اهو سنڌن ڏنڊو ٿي پيو هو ان ڪري ساڳئي ماڻهوءَ عثمان بن ابي عاصي، پنهنجي ڀاءُ مغيره کي هڪ جهازي ٻيڙي واري لشڪر جو سپهہ سالار مقرر ڪري، حضرت عمر جي حڪم جي انحرافي ڪندي، سنڌ طرف موڪلي ڏنو جن ديبل بندر تي حملو ڪري ڦرلٽ ڪئي. ان جي ٻئي ڀاءُ، حڪم، وري ڀروچ (گجرات) جي شهر تي حملا ڪري، ڦرلٽ ڪئي. مغيره ديبل جي ڪاهہ ۾ مارجي ويو. انهن حملن مان ڪين گهڻو فائدو نہ ٿيو. اِهي حملا، 15 هجريءَ ڌاري، حضرت عمر جي دور حڪومت ۾ ڪيا ويا هئا.

حضرت عمر جي مسند نشينيءَ جي ڏاڍين سال، 21 هجريءَ ۾ سخت لڙاين کان پوءِ نهاوند، ايران جو پرڳڻو فتح ڪيو ويو. 22 هجريءَ ۾ عرب لشڪر اڳتي وڌي همدان، دماوند ۽ خراسان تي قبضا ڪيا. انهن ملڪن جي فتحن مان ڪيترا خزانا، غلام ۽ ٻانهيون مال غنيمت طور عربن کي هٿ آيا. ان وقت باقي ٽن ملڪن جي فتح ڪرڻ جو ڪم رهجي ويو جي هئا: سيستان ڪرمان ۽ مڪران. انهن ٽنهي ملڪن جي فتح ڪرڻ لاءِ 22 هجريءَ ۾ مسلسل حملا ڪرايا ويا. جو تہ اهي ايرانين جي عظيم سلطنت جا باقي رهيل حصا هئا. انهن کي فتح ڪري، ڦرلٽ (مال غنيمت) ۾ مال ملڪيت، غلام ۽ ٻانهيون هٿ ڪيون ويون.

www.sindhsalamat.com

انهي وقت مڪاني ماڻهن کي پتو پئجي ويو هو تہ عربن جي حملن جو خاص مقصد ڦرلٽ ڪري، مال غنيمت هٿ ڪرڻ بعد موٽي وڃڻ هو. تنهن ڪري هو هنن (اسلامي ڌاڪن) جي حملن وقت وڃي ڪٿي لڪا ٿي. جڏهن عرب ڦرلٽ ڪري واپس موٽي ويا ٿي، تہ مڪاني ماڻهن لڪڻ وارين جاين تان موٽي اچي وري پنهنجي ملڪن تي قبضو ڪيو ٿي. انهيءَ سرگذشت کي ڏسي، عربن 23 هجريءَ ڌاري وڏيڪ فوجون موڪليون انهن ملڪن تي نئين سر ڪاهون ڪيون. ڇاڪاڻ تہ عربن جو مقصد صرف ڦرلٽ ڪري مال هٿ ڪرڻ نہ هو پر انهن ملڪن تي پنهنجو سامراجي راڄ قائم ڪري، انهن جو استحصال ڪرڻ بہ هو. جيئن انهن ملڪن جي پيدائش مان سندن حڪومت ۽ ماڻهن لاءِ دائمي پيدائش حاصل ڪندا رهن. ان واسطي هنن هڪ طرف، سهيل بن عدي ۽ عبدالله بن عقبان کي لشڪر ڏيئي، ڪرمان تي حملو ڪرائي ان کي قبضي هيٺ آندو ۽ ٻئي طرف حڪم بن عمرو ۽ عبدالله بن عمير وڃي سيستان کي تابع ڪري، انهن تي ڍلون مڙهي، اتي دائمي عرب بيٺڪ قائم ڪئي.

انهن ٻنهي ملڪن جي فتح ڪرڻ بعد حڪم بن عمرو تغلبي، مڪران طرف ڪاهيو تہ ان سان شهاب بن مخارق ۽ مٿي ذڪر ڪيل سيستان ۽ ڪرمان جي فتح ڪرڻ وارا ٻئي سردار اچي شريڪ ٿيا. ان تي مڪران جي حاڪم (جي "رتبيل" سڏبا هئا) سنڌ جي راجا کان مدد طلب ڪئي، جنهن سندن مدد ۾ لشڪر چاڙهي موڪليو. ان جنگ ۾ چوٽ ۾ اچي ٿو تہ مڪران جو حاڪم ۽ سنڌ جي فوج جو سپهہ سالار شڪست کائي قتل ٿي ويا. ان جنگ ۾ عربن تمام گهڻي قتل و غارت ۽ ڦرلٽ ڪئي، ۽ ڦرلٽ مان پنجون حصو حضرت عمر کي ڏياري موڪليو. جنهن جي ملڻ تي، ان وقت تختگاهہ مديني ۾ ڏاڍو خوشيءَ جو اظهار ڪيو ويو. ۽ ان مال غنيمت کي بيت المال ۾ داخل ڪيو ويو. (ابن الير)

ان ڳالهہ مان معلوم ٿئي ٿو تہ ڦرلٽ ملڻ تي عربن کي ڪيتري نہ خوشي ٿيندي هئي، ڇو تہ انهيءَ تي سندن گذران هو. اهي حاڪم، جن کي اسلام جو خليفو راشد ٿي سڏيو ويو سي خود ان طرح جي مال هٿ ڪرڻ لاءِ ڪوشان هئا. چوڻ ۾ اچي ٿو تہ مال آڻيندڙ صحابي جڏهن حضرت عمر کي ان ملڪ تي قابض ٿيڻ جون مشڪلاتون بيان ڪري ٻڌايون، تہ ان تي حضرت عمر ان طرف وڌيڪ حملن ڪرڻ کان منع ڪري ڇڏي 23 هجريءَ جي پڇاڙيءَ ۾ حضرت عمر قتل

www.sindhsalamat.com

ٿي ويو. ۽ 3 محرم 24هه تي سندس جاءِ تي حضرت عثمان کي نامزد ڪري حاڪم (خليفو) بنايو ويو. امير عثمان، سندس حڪومت جي ٻئي سال، ڪابل طرف فوجون موڪليون. سيستان، ڪرمان ۽ مڪران تہ اڳئين دفعي فتح ٿي چڪا هئا. پر جيئن اڳي ظاهر ڪيل آهي تہ اتي جي ماڻهن جو دستور ٿي ويو هو تہ جڏهن عرب فوجون ڦرلٽ ڪري واپس موٽنديون هيون تہ هو وري ملڪ تي پنهنجو قبضو ڪري وٺندا هئا. هنن ماڻهن کي پوريءَ طرح مطيع ڪرڻ لاءِ ابن عامر خراسان پر تيار ويٺو هو. تنهن عبدالرحمان بن سمره کي سيستان جو والي مقرر ڪري، اوڏانهن روانو ڪيو. جنهن وڃي زرنج تي گهيرو ڪيو ۽ شهر وارن مجبور ٿي اطاعت قبولي.

جي چتائي ڏسبو تہ انهن خلفاءِ راشدين جي دور ۾ ٿي اسلام جا مکيہ مقصد: صلح سلامتي، جملي مذهبن جي پيغمبرن ۽ ڪتابن تي ايمان آڻڻ، زور زبردستي ۽ جبر و تشدد کان پاسي رهڻ، ماڻهن جي آزاديءَ ۽ ملڪيت کي نقصان نہ پهچائڻ- ختم ٿي چڪا هئا. ۽ اسلام کي عرب سامراج جي فروغ ۽ وسعت لاءِ هٿيو بنائي، ڌاڪازني ۽ ملڪ فتح ڪرڻ جو دين بنايو ويو هو. ماڻهو انهن ڳالهين تي اهڙا هري مري ويا هئا، جو ان ڦرلٽ کي جهاد، ۽ ان مان حاصل ڪيل مال کي غنيمت سڏڻ، ان ڪم ۾ جنگ ڪري مرڻ کي شهادت چوڻ، ۽ پراين زالن کي زوريءَ هٿ ڪرڻ کي جائز سمجهڻ لڳا هئا. ان جو اثر اهڙو ويهي ويو. جو اڄا تائين ماڻهو اهڙن ڪمن کي عين اسلام سمجهي رهيا آهن. ۽ اهڙي پاليسي رائج ڪندڙن کي خلفاءِ راشدين سڏي انهن جي پيرويءَ کي مثالي سڏين ٿا.

## چوٿون حملو

عبدالرحمان بن سمره (صحابي رسول) زرنج کان وڌي سنڌ جي انهن ٽڪرن تي قبضو ڪيو جي زرنج ۽ ڪيش جي وچ ۾ هئا. خشڪيءَ رستي کان جڏهن عرب لشڪر سنڌ جي سرحد تي پهتو تہ سنڌ جو اهو حصو عربن جي قبضي هيٺ آيو جيڪو حصو هن وقت سنڌ ۾ نہ آهي، بلڪ بلوچستان جي اتر الهندي حد طرف آهي. تن ڏينهن ۾ هيءُ سارو ملڪ سنڌ اندر شمار ڪيو ويندو هو. ان وقت جاگرافيءَ ۾ ڪوہ ملڪ بلوچستان جي نالي سان نہ سڏيو ويندو هو. مڪران ۽ سيستان سان سنڌ جون حدون مليل هيون.

www.sindhsalamat.com

## پنجون حملو

جڏهن عربن جي ٽئين حاڪم (خليفي) حضرت عثمان رضہ ڪي، عربن ۾ ناراضگيءَ پيدا ٿيڻ ڪري سندس گهر ۾ هڪ هجوم گهڙي قتل ڪيو. ته ان جي جاءِ تي حضرت علي 35 هجريءَ ۾ حاڪم (خليفو) مقرر ٿيو. ان جي ڏينهن ۾ به عربن طرفان اڳيئي شروع ڪيل حملا. سنڌ جي فتح لاءِ جاري هئا. تغار بن صفير سنڌ جي سرحد تي ڪاهه ڪرڻ لاءِ مقرر هو جنهن سان گڏ حارث بن مره عدي به هو جن فوج ڪشيءَ لاءِ ضروري سامان ڪٺو ڪري، 38 هجريءَ جي آخر ۾ ٻهرج ۽ ڪوهه پايہ جي طرف کان اچي قيقان تي حملو ڪيو. چوڻ ۾ اچي ٿو تہ اتي ويهہ هزار پهاڙي فوجن ساڻن مقابلو ڪيو پر هي انهن تي فتح حاصل ڪري مال غنيمت سان پرپور تي واپس موٽيا. (چچنامو ۽ فتوح البلدان)

## ڇهون حملو

مٿي ذڪر ڪيل پنجين حملي کان پوءِ وري حارث بن مره عديءَ، جو اڳئين حملي ۾ فتح پائي، مال هٿ ڪري سگهيو هو سنڌ طرف حملو ڪيو. ان وقت حضرت عليءَ جي شهادت جي خبر هن کي پهتي. پر جنهن صورت ۾ هن جو مقصد عام عربن وانگر ڦرلٽ ڪرڻ هو. ان ڪري هن دل نہ هاري، جنگ ڪئي ۽ خراسان جي ويجهو قيقان جي ير ۾ قتل ٿي ويو. سندس رفيقن مان ٿورا بچيا، ٻيا سڀ قتل ٿي ويا. هوڏانهن حضرت عليءَ جي جاءِ تي امير معاويہ حڪومت جي واڳ سنڀالي. (فتوح البلدان)

## ستون حملو

امير معاويي حاڪم ٿيڻ بعد سگهوئي بصري جي واليءَ عبدالله بن عاصر ۽ راشد بن عمر کي سنڌ ڏانهن روانو ڪيو جن ان طرف کان گهڻو ڦرلٽ جو مال (مال غنيمت) هٿ ڪري اچي هن کي پهچايو.

## اٺون حملو

امير معاويي، 42 هجريءَ ۾ عبدالله بن عاصر ۽ عبدالله سوار عبديءَ کي وري ٻئي دفعي سنڌ ڏانهن حملي لاءِ روانو ڪيو جن قيقان تي حملو ڪري، ڦرلٽ جو گهڻو سامان هٿ ڪيو ۽ ان سان گڏ قيقان جا پلا گهوڙا هٿ ڪري امير معاويہ کي پيش ڪيا. جن تي هو ڏاڍو خوش ٿيو.

www.sindhsalamat.com

## نائون حملو

عبدالله بن عامر ڪجهه وقت دمشق ۾ رهي، وري ٽئين دفعي قيقان جو رخ ورتو. ليڪن هن دفعي هن جو مقابلو ترڪن جي هڪ ٽولي سان ٿيو جي ان طرف ڦرلٽ لاءِ آيا هئا. انهيءَ مقابلي ۾ هيءُ ۽ سندس رفيق قتل ٿي ويا. چچنامي واري لکيو آهي ته امير معاويي عبدالله بن سوار کي چار هزار سوار ڏيئي، سنڌ ڏي فتح ڪرڻ لاءِ موڪليو هو ۽ کيس حڪم ڪيو هئائين ته اڳي جهڙا آندل قيقان جا گهوڙا به هٿ ڪن، پر ان ۾ ڪاميابي حاصل نه ٿي سگهين. (بلاذري)

## ڏهون حملو

سن 44 هجريءَ ۾ مهلب بن ابي صفره (جو عبدالرحمان بن سمره جي فوج جو نامور سردار هو)، سنڌ کي فتح ڪرڻ لاءِ عام رستي کي ڏکيو سمجهي، جبلن جي طرف کان حملو ڪيو. هيءُ قندابيل جي اچي جنگ لڙيو ۽ خوب ڦرلٽ جو مال هٿ ڪري واپس موٽيو.

## يارهون حملو

هيءُ حملو به ساڳئي مهلب، قندابيل جي طرف ڪيو جيتوڻيڪ سنڌ جو رستو بلڪل علحده هو. عبدالله بن سوار جي قتل ٿيڻ تي سيستان جي واليءَ زياد بن ابي سفيان، سنان بن مسلمه بن محبق هزلي سنڌ ڏي روانو ڪيو. هن مڪران طرف ڦرلٽ ڪري، ان تي قبضو ڪري، مال حاڪم (خليفي) کي موڪليو.

## ٻارهون حملو

ان کان پوءِ زياد سنڌ جي ڪناري وارن ملڪن تي راشد بن عمر جويري ازديءَ کي روانو ڪيو. هن وري قيقان تي حملو ڪيو. اتان ڀل وصول ڪري، سارو سال اتي ڦرلٽ جون ڪارروايون ڪري پوئتي موٽي رهيو هو ته مندر ۽ بهرج جي پهاڙين وٽ ميد قوم جو جابلو ماڻهن مٿس زبردست حملو ڪري، کيس قيد ڪري ڇڏيو. ان جي جاءِ تي سنان بن مسلمه مقرر ٿيو جو به ان طرف جي ماڻهن سان لڙائي ڪندي مارجي ويو. (چچنامو)

امير معاويي جي پوئين وقت 49 هه ۾ زياد بن عباد، سيستان جي رستي کان سنڌ جي سرحد تي حملي ڪرڻ لاءِ نڪتو جنهن سنارود تي پهچي رودبار هلمند جي واٽ ورتي، ۽ اُتان قندار پهچي، ڦرلٽ ڪري، واپس موٽيو.

www.sindhsalamat.com

## تيرهون حملو

سنان بن مسلمه جي قتل ٿيڻ کان پوءِ منذر بن جارود مڪران جو والي بنجي، سنڌ تي حملي ڪرڻ لاءِ تياري ڪئي. هن والي بنجڻ شرط ڪيڪانن تي فوج ڪشي ڪئي، پوءِ قصدار کي فتح ڪيائين. اڃا اڳتي مس وڌيو هو ته پويان بغاوت جي خبر ٻڌي موٽي قصدار ۾ رهي پيو ۽ اُتي وفات ڪيائين. منذر بن جارود کان پوءِ عبيدالله بن زياد (جوان وقت پيءُ جي جاءِ تي بصري جو والي مقرر ٿيو هو) سنڌ جي فتح ڪرڻ لاءِ منذر بن حارث بن بصر کي مقرر ڪيو پر هو توران ۾ پهچڻ بعد بيمار ٿي، مري ويو ان بعد ان جو پٽ حڪم ان ڪم لاءِ مقرر ٿيو. (چچنامو)

## چوڏهون حملو

حڪم کان پوءِ ان ابن زياد ٻئي سردار بن حريءَ کي سنڌ جي سرحد تي جنگ لاءِ مقرر ڪيو جنهن سنڌين سان خوب لڙايون ڪيون.

مٿي ذڪر ڪيل حقيقتن کي مدنظر رکي، پڙهندڙن کي صاف معلوم ٿيندو ته عربن جون لڙايون، اسلام جي پکيڙڻ، راجا ڏاهر جي چورن کان مال موٽرائڻ يا محمد بن علافيءَ (جنهن سنڌ ۾ حجاج بن يوسف جي ظلم کان پناهه ورتي هئي) جي واپس ڪرائڻ لاءِ نه ٿي لڙيون ويون. پر عرب سامراج جي حملن جو دستور، جيڪو دنيا جي مکيه سکين سٽابن ملڪن تي قبضي قائم ڪرڻ لاءِ، مذهب جي نالي ۾، حضرت عمر جي وقت کان شروع ٿيو هو ان جو نتيجو هيون. شام، عراق، مصر ۽ ايران جا ملڪ، عربن جي پر ۾ متمدن، مهذب ۽ شاهوڪار ملڪ هئا. انهن کي قبضي ۾ آڻڻ بعد، سنڌ جي شاهوڪاريءَ جي هاڪ ٻڌي ان کي قبضي هيٺ آڻڻ لاءِ عربن کي گهڻي وقت کان سڌ هئي، پر ملڪ پري ٿي پيو هو ۽ وچ ۾ رڻ ۽ جبلن هئڻ ڪري ترت فتح ٿي نه سگهيو هو جنهن کي هاڻ طاقتور ٿيڻ بعد محمد بن قاسم کي موڪلي فتح ڪرايو ويو.

عرب سامراج جو مقصد، انهيءَ زماني جي ٻين حاڪمن وانگر ملڪگيري ۽ مال ملڪيت هٿ ڪرڻ جو هو. هنن عرب حاڪمن يا سندن سپاهين (مجاهدن) جو اسلام جي حقيقي تعليم پکيڙڻ سان ڪو واسطو نه هو نه هي صحيح معنيٰ ۾ اسلام جي صحيح تعليم ۽ تربيت مان واقف هئا. هنن جي فتوحات جو اصل مقصد، عربن کي مذهب جي نالي ۾ متحد رکي، ٻين ملڪن ۽

www.sindhsalamat.com

ماڻهن کي ڦري ۽ اتان محصول وصول ڪري، انهن کي عرب سامراج هيٺ آڻي. سنڌن استحصال ڪرڻ هو. مذهب جي صحيح روح سان- جو محبت، اتحاد انساني، امن ۽ سلامتي هو. هنن ڦورو ظالم ۽ جاهل ماڻهن جو ڪو واسطو نه هو. بلڪ جي ائين چئجي ته بجاءِ ٿيندو ته جن ملڪن تي عربن حملا ڪري قبضا ڪيا ٿي. جهڙوڪ شام عراق، مصر، ايران ۽ سنڌ- سي هنن کان زياده مهذب، متمدن، مذهب جا ڄاڻو ۽ ذاتِ خداونديءَ جا پوئلڳ هئا. ترقي يافته مذهب، تهذيب ۽ تمدن جي پيداوار ٿئي ٿو. عربن جي اڪثريت غير مهذب ۽ بدوياڻه هئڻ ڪري صحيح طرح سلامتيءَ واري دين کي پوريءَ طرح سمجهي نه سگهي هئي. اِن مسئلي تي ٻئي فصل ۾ مفصل ذڪر ڪيو ويندو. هتي هي چوڻ ڪافي ٿيندو ته هنن جي حملن جا محرڪ جذبا نقط ڦرلٽ، شهوت پرستيءَ سبب ٻانهين هٿ ڪرڻ جي خواهش ۽ خون آساميءَ جي خواهش هئا. ان سلسلي ۾ هتي هيءُ ٻڌائڻ مناسب ٿيندو ته سنڌن دور حڪومت ۾ اهل سنڌ کي ڪهڙا نقصان پهتا. انهن جو ڪهڙيءَ طرح استحصال ڪيو ويو ۽ کين ڪهڙيءَ طرح ذليل ۽ ڪمزور ڪيو ويو:

1. عربن سنڌ کي تلسط هيٺ آڻي، هتان هزارين غلام ۽ ٻانهيون بنائي، پنهنجي ملڪ ۾ نيئي، پنهنجي حوالي ڪيون يا وڪيون. ۽ ڦرلٽ مان ڪروڙين روپيا حاصل ڪيا.

2. عربن سنڌ جي صلح پسند ۽ اهنسا (عدم تشدد) جي حامي رهاڪن کي زبردستيءَ زيردست بنائي، ايتري قدر پست همٿ ڪيو جو سنڌ جي ڪيترن ماڻهن ۾ احساس ڪمتري پيدا ٿي ويو. جن عربن جي رضامنديءَ خاطر پنهنجا اصل نسل بدلائي عرب نسل مان سڏائڻ ۾ فخر محسوس ڪيو نالا بدلائي عربي نالا رکڻ شروع ڪيا. ۽ پنهنجا مذهبي اعتقاد بدلائي، عربن جي مذهبي اعتقادن جي پوئلڳي ڪئي.

3. عرب حڪمران جيتوڻيڪ رسول اڪرم جي خاندان جا مخالف ۽ رسول جي روحاني تعليم کان بي بهره هئا. پر نئين مذهب جي نالي ۾ هنن عرب دستورن کي شريعت اسلامي قرار ڏيئي، پنهنجي اقتدار کي قائم رکڻ لاءِ ان کي مستقل مفاد بنائي، سنڌين جو استحصال ڪيو. روح اسلام کي ترڪ ڪري، عرب دستورن کي شريعت محمديءَ جي نالي سان سڏي، هنن سنڌين کي پنهنجي

www.sindhsalamat.com

رنگ ۾ رڱڻ جي ڪوشش ڪئي: ۽ عرب سامراج کي مستحڪم ڪرڻ لاءِ عربي زبان، عربي ڪلچر ۽ عرب جي رهاڪن کي اسلام جو نمائندو قرار ڏيئي، پاڻ کي سنڌين تي مسلط ڪيو.

عرب حاڪمن ۽ انهن جي ايجنٽن، ڪهڙيءَ طرح اسلام جي غلط تعبير ڪري، پاڻ کي برتر ثابت ڪرڻ جو ڪردار ادا ڪيو. ان جو ذڪر ٻئي فصل ۾ ڏيو. هتي هي چوڻ ڪافي ٿيندو ته عربن جي حملن، فتحن ۽ سامراج جو اسلام سان واسطو ڪونه هو بلڪ سنڌن ڪارنامن ڪري پاڻ اسلام جو نالو بدنام ٿيو. ماٺيو عرب حاڪمن جي ڪري مسلمان ڪونه ٿيا هئا. نه انهن حڪمرانن کي خود صحيح اسلام جي ڄاڻ هئي. صحيح اسلامي تعليم ۽ تربيت جو فروغ صوفياءِ ڪرام ذريعي ٿيو جا تعليم ۽ تربيت، ڪن برگزيده صوفين ۽ درويشن ذريعي سيني به سيني هلندي آئي. انهيءَ تعليم ۽ تربيت کي روڪڻ لاءِ حڪمران طبقن ۽ سندن پگهاردار ملن طرفان پاڻ گهٽيون رڪاوٽون ۽ رنڊڪون وڌيون ويون. نتيجو اهو نڪتو ته عربن جي اهڙن ڪارنامن ڪري سندن مرڪزي حڪومت جي ڪمزور ٿيڻ بعد، سنڌين تنگ ٿي، انهن خلاف بغاوت ڪري، پاڻ کي آزاد ڪري، پنهنجون حڪومتون برپا ڪيون.

آءُ مٿي ٻڌائي آيو آهيان ته سنڌ جي قديم دراويدي تهذيب ۽ تمدن کي ڪهڙيءَ طرح آرين ختم ڪري، ان تي پنهنجو تسلط قائم ڪيو هو جنهن جي نتيجي ۾ ٿوري وقت اندر دراويدي قوم پنهنجي تهذيب ۽ تمدن جا ٿورا آثار ڇڏي ختم ٿي ويئي. ان کان پوءِ آرين پنهنجي تهذيب ۽ تمدن برپا ڪيا. جن تي ٿوري وقت کان پوءِ ايراني ۽ يوناني سامراجن پنهنجو تسلط قائم ڪري، پنهنجا آثار ڇڏيا. اهي به ٿورو وقت رهيا، ۽ جنهن صورت ۾ اهي پاڻ به آريه نسل جا هئا، ان ڪري ڦرلٽ ڪري ٿورا نشان پوئتي ڇڏي، موٽي ويا. انهن کان پوءِ سنڌ کي گهٽي ۾ گهڻو نقصان عرب سامراج جي وقت ۾ رسيو جنهن جا مکيه نتيجا هي نڪتا:

(۱) عربن هڪ طرف سنڌ کي ڦريو ۽ لٽيو ۽ ٻئي طرف سنڌين جي قومي غيرت، همت ۽ عقيدن کي ختم ڪرڻ، ۽ عرب سامراج کي مستحڪم ڪرڻ لاءِ هيءُ شرط وڌو ته عربي فڪر ۽ طور طريقي موجب هلڻ عين اسلام هو ۽ ان جي خلاف زندگي اختيار ڪرڻ وڏو گناهه هو. ان جي ڏوهه ۾ هو واجب القتل بنيا ٿي يا جزيا (ٽيڪس) ڏيئي غلام بنايا ويا ٿي. خوشي سان عرب سامراج هيٺ رهڻ ۽

www.sindhsalamat.com

تابعداري ڪرڻ جي صورت ۾ ڪين زنده رهڻ ڏنو ويندو هو. جهڙيءَ طرح اڄڪلهه فلسطاني پارٽيون ماڻهن کي زوريءَ پنهنجي نقطي نگاهه مڃڻ لاءِ مجبور ٿيون ڪن. ڪن عربن بہ اهڙي ساڳي روش ڪئي ٿي. سنڌ جا عام ماڻهو سردارن جي ماتحت هئا. جي اڪثري پنهنجا مستقل مفاد بنائي ويٺا هئا. ۽ اڪثر اپرنڌ سج جا پوڄاري ٿيندا هئا. تنهن ڪري هنن مان ڪيترن دهل ۽ شرنايون وڄائي، عربن جا استقبال ڪري ۽ ڪين سنگ ڏيئي راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ڇو تہ کين خبر هئي تہ عرب شهوت پرست هئا. ۽ زالن جي حصول تي خوش ٿيندا هئا. هن وقت بہ عربن جي ساڳي حالت آهي. ان کي ڏسي، جنرل ايوب خان جي دور حڪومت ۾ غلام محمد لغاريءَ پنهنجي تقرير ۾ اهڙيءَ حالت جو اظهار ڪندي چيو هو تہ "شڪر، جو ايوب خان کي پناٽڪو شوق نہ هو بلڪ تترن مارڻ طرف توجهه هوس. پر خدانخواستہ جي اهو شوق هجيس ها تہ سنڌ جا اڪثر وڏيرا ۽ پير ننگا ٿي، سندس شوق جي پورائي لاءِ هڪ ٻئي تي سبقت حاصل ڪن ها."

(2) سنڌين کي عربن ماري مڃائي، مٿن رعب ويهاريو. غلط پروپيگنڊہ ڪري، غلط مذهبي دور جي اثر هيٺ اهڙيءَ حد تي پهچايو هو جو مشهور مثال "ولايت جي ڪُهر سنڌ ۾ مينا" وانگر هر ڪو سنڌي پاڻ کي عربي نسل مان سڏائڻ ۾ فخر محسوس ڪرڻ لڳو. سمات اصل ۾ آريا، راجپوت نسل مان هئا. سي پاڻ کي عرب نسل مان سڏائڻ ۾ فخر محسوس ڪرڻ لڳا. تعليم يافتہ ماڻهن ڪان هٿرادو شجرا ۽ تاريخون ٺهرائڻ لڳا. سما پڻ کي رسول جي چاچي ابولهب جي اولاد مان شمار ڪرائڻ لڳا. سومرا پاڻ کي علوي سادات سڏائڻ لڳا. ڪلهوڙن پنهنجو شجرو نيئي حضرت عباس تائين پهچايو ۽ عباسي سڏائڻ شروع ڪيو. بلوچن امير حمزي تائين پهچي پاڻ کي ان جو اولاد سڏايو. سنڌ جا ڪيترا ماڻهو سيد، قريشي، صديقي، فاروقي ۽ عقيلي وغيره بنجي ويا. ڄڻ تہ سنڌ ۾ اڳي ماڻهو هئا ئي ڪونہ. ان کي عربن اچي آباد ڪيو هو. اها بي غيرتيءَ ۽ احساس ڪمتريءَ جي حد هئي. دنيا کي معلوم هو تہ عرب اصل ۾ غير مهذب ۽ بدو قوم جا قبيلا هئا. اهي ڳوهون، گلوريون، لوڙ ۽ ڏيڏر کائيندا ۽ انين جو ڪير پيئندا هئا. دنيا جهان جون خرابيون منجهن موجود هيون. هو وحشي هئڻ ڪري جنگجو واقعي هئا. پر اها جانورن جي صفت هئي. انسان جو ڪمال صلح پسنديءَ ۽ امن سان گذاري مهذب ٿيڻ طرف وک وڌائڻ ۾ هو. رسول مقبول جي

www.sindhsalamat.com

اثر، ۽ قدرت جي قانون ”تنزل وارن کي ترقي طرف ۽ ترقيءَ وارن کي تنزل طرف وٺڻو پوي ٿو“ مطابق، هو متحد ٿي، ان جو فائدو وٺي، ٻين ملڪن کي قري لٽي، سگهيا ٿي، پنهنجي سامراجيت قائم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. پر ”پرائين ڏهلين احمق نچي“ وانگر اسان سنڌين کي پنهنجي پنجن هزارن ورهين جي تهذيب کي وساري، هن پوءِ- ڏاول ۽ بدڪردار ماڻهن جي پوئلڳي ڪرڻ ۽ انهن جي نسل مان سڏائڻ کان پرهيز ڪرڻ کپي ها! پر جڏهن ڪن ماڻهن ۾ احساس ڪمتري پيدا ٿي، بزدلي ۽ بي غيرتي وڌندي آهي، ته اهڙيون ذليل حرڪتون ڪرڻ لڳندا آهن. انهيءَ کي مدنظر رکي، سنڌ ۾ هڪ چوڻي مروج ٿي آهي ته ”سائي جا سالا ڪوڙ ٻڪٽي جو پيٽڙيو ٻه ڪو ڪونه ٿئي.“ اها بدعت، جا سنڌ ۾ عربن جي وقت کان رائج ٿي، اڃا تائين هلندي اچي. سنڌي، مغلن جي دور حڪومت ۾ فارسيءَ ۾ گفتگو ڪرڻ ۾ فخر سمجهندا هئا. انگريزي دور حڪومت ۾ ته گهرن ۾ ٻه انگريزي زبان استعمال ڪندا هئا، ۽ هاڻ انهن مان ڪي اردوءَ طرف متوجهه ٿيا آهن. اهي سڀ ڳالهيون سامراجي غلاميءَ جون نشانيون آهن. هاڻ جڏهين نون سامراجي حاڪمن، پنهنجي مفاد لاءِ مسلمان يا پاڪستاني قوم جو نظريو ايجاد ڪيو آهي، ته سنڌ جا وڏا ماڻهو پير ۽ ملا پاڻ وساري، سنڌي قوم جي نالي وٺڻ کان ڇرڪن ٿا. جيڪا پارٽي، حڪومت يا گروهه طاقت ۾ ايندو آهي ته جهٽ وڃي، هو ان جي سلامي ڪندا آهن. هر ميران را رعيت (هر حاڪم جي رعيت ٿيڻ) سنڌن پيشو ٿي پيو آهي. ان جو مکيه ڪارڻ اهو آهي ته خود مطلبي ۽ بزدلي ماڻهن ۾ گهر ڪري ويئي آهي، پوءِ هو طاقت، مذهب يا ڪنهن ڌارئي نظريي ۾ گمراهه ٿي يا پنهنجي ذاتي مفاد لاءِ ڪونه ڪو عذر بنائي، پوئلڳيءَ يا غلاميءَ ۾ نجات محسوس ڪن ٿا.

(3) سنڌين کي فتح ڪرڻ بعد عربن، جيڪا انهن سان تعدي ڪئي، سا اها ته هنن مان قومپرستيءَ جي جذبي ختم ڪرڻ لاءِ، مذهب جي نالي ۾ منجهن عرب جي هر شيءِ کي پاڪ ۽ پوتر سمجهڻ جو رجحان پيدا ڪيائون. هو عرب ملڪ کي پاڪ سڏڻ لڳا. سنڌن دلين ۾ سرزمين سنڌ جي محبت جهڪي ڪرڻ لاءِ، اهڙن خيالن ۽ ڳالهين کي مروج ڪيو ويو جو سمجهڻ ۾ ائين اچڻ لڳو ته عربي نسل مان سڏائڻ باعث فخر هو، عربي زبان خدائي زبان هئي؛ عرب جي مکيه جاين، جهڙوڪ مڪي ۽ مديني، جي زيارتن مان گناهن جي بخشش ۽ نجات حاصل ٿيڻ واري هئي. انهي پرچار، سنڌين جا دماغ اهڙا مسخ ڪري

www.sindhsalamat.com

چڙهيا. جو هر ڪو تمنا ڪرڻ لڳو تہ ڪم از ڪم هڪ دفعو حج ڪري، حاجيءَ جو لقب حاصل ڪري، يا مديني ۾ وڃي مري ۽ دفن ٿئي. شاعر ۽ راڳيندڙ چوڻ لڳا: "مولي مديني ۾ مار!" "مديني جي گهٽين جي خاڪ ٻهاريان" وغيره. هنن پنهنجا اباڻڪا نالا ۽ ذاتيون بدلائي، عربي رکڻ شروع ڪيا. هو عربي دستور يا رواج کي دين اسلام ۽ سنڌي قديم دستور، روايات يا رسم کي بدعت سمجهڻ لڳا. سنڌ جي محبت جي عيوض عرب جي محبت کي ترجيح ڏياري وئي، ۽ سنڌي قوم پرستي جي عيوض مسلم قوم جي نظريي کي اڳيرو ڪيو ويو!

(4) اهو هر قوم ۽ هر ملڪ جي ماڻهن جو دستور ٿيندو آهي تہ پنهنجي قديم روايات کي زنده رکڻ يا پاڻ ۾ ملي خيالن جي ڏي وٺ ڪرڻ، وڻج واپار ۽ تفريح طبعي لاءِ پنهنجي بزرگن يا مکيہ مرڪزن تي ساليانو گڏ ٿي، تهوار يا ميلا ملهائيندا آهن. انهيءَ مان قومي يڪجهتي، خودشناسي ۽ ميل ميلاپ جو جذبو پيدا ٿيندو آهي. هتي سنڌ ۾ ڪيترن بزرگن جا آستان، ويدڪ ڌرم، ٻڌ ڌرم ۽ جين ڌرم جا ڪيئي مندر ۽ اشنان ڪرڻ جون جايون هيون. سنڌ ۾ ملهار ۽ بسنت جا ميلا ملهايا ويندا هئا. پر عربن کي، جو سنڌين مان قومپرستيءَ جو جذبو ختم ڪرائي، پنهنجي سامراجي مرڪزيت طرف متوجهہ ڪرڻو هو تن مذهب جي نالي ۾ سنڌين کي مڪاني مرڪزن کان ٽيڙي، ڪعبي (مڪي) جي سالياني ميلي- جنهن کي "حج" سڏيندا هئا- کي فرض ٺهرائي، ان کي نجات ۽ گناهن معاف ڪرڻ جو ذريعو ٻڌائي، اوڏانهن وڃڻ جي ترغيب ڏني. سندن چوڻ هو تہ "ڪيترا بہ گناهہ ڪيل هوندا، تہ حج ڪرڻ سان ميري ڪپڙي وانگر ڌوپجي صاف ۽ اجرا ٿي پوندا."

اچو تہ ڏسون، تہ ڪعبو ڇا هو؟ اهو عربن جي قديم بت خاني جي جاءِ هو. جتي هر سال عرب وڃي، وڻج واپار، بتن جي پوڄا ۽ پرڪرما (طواف) ڪرڻ لاءِ ڪٺا ٿيندا هئا. اتي ٻن ٽڪرين صفا ۽ مروه جي وچ ۾ ڊڪون پائي، هزارن سالن جي قديم رسم ملهائيندا هئا. هنن جو چوڻ هو تہ: حضرت ابراهيم جي ٻانهي بي بي هاجران، اميدواريءَ جي درد دوران پاڻيءَ جي ڳولا لاءِ هتي ڊڪون پاتيون هيون. ان ڪري، ان رسم جو ملهائڻ سعادت جو باعث هو. هاڻي اتي، قديم وقت جي وحشاني دستور تہ خدا سائين رت ۽ گوشت لاءِ جانور جي قرباني ڪرڻ تي راضي ٿي مرض ۽ مصيبت کان نجات ڏئي ٿو- کي تازي ڪرڻ لاءِ، هر سال لکن جي تعداد ۾ جانورن کي ڪهي، اڪثري ڦٽو ڪري ڇڏين ٿا، جن کي پوءِ حڪومت طرفان ٽرڪن ۾ پيرائي، ڪڏهن کوٽائي، دفن ڪيو وڃي ٿو.

www.sindhsalamat.com

ڪعبو هڪ چورس جاءِ آهي. جنهن بابت چوڻ پر اچي ٿو ته اڳي اتي قديم مذهب وارن جو بتخانو هو جنهن کي سامي قوم جي ابي ۽ پيغمبر حضرت ابراهيم بتن کي پاڪ ڪيو هو پر ماڻهن کي اتي گڏ ٿيڻ ۽ عمارت جي چوڌاري ڦيرن ڏيڻ کان منع نه ڪئي هئي. ان بابت تاريخدانن جا مختلف رايا آهن. ڪن جو چوڻ آهي ته: اِهو شوَ ديوتا جو مندر هو جنهن پر لنگم ۽ يوني رکيل هوندا هئا. ليڪن پوءِ آهستي ٿي مختلف عرب قبيلن پنهنجا بت آڻي رکيا هئا. جن کي پوءِ حضرت محمد صلعم، حضرت موسيٰ جي پوئلڳي پر بتن کان پاڪ ڪرايو. حجر اسود جو اصل پر اتي رکيل شوَ جو لنگم هو- کي ڪعبي جي ڪنڊ پر نصب ڪرائي، عزت خاطر چمي ڏيارڻ جو دستور وڌو ويو.

ٻين تاريخدانن جو چوڻ آهي ته اهو پارسي مذهب جو آتشڪدو هو جنهن پر بابل وارن جي تتبع تي سورج ۽ ٻين ڇهن سيارن-عطارد، مشتري، زهري، مريخ، زحل ۽ قمر جا بت رکيل هئا. جيئن سيارا سج جي چوڌاري ڦرين، ان جو طواف ڪن ٿا، تيئن مندر جي چوڌاري ڦري طواف ڪرڻ، قديم مذهبن جي دستورن مان هڪ هو. هندو به مندرن جي پرڪرما ڪندا هئا. بابل وارا به ائين ڪندا هئا، ۽ هتي به اهو دستور هو جنهن کي قائم رکيو ويو. اڳي دستور هو ته مختلف قومون ۽ قبيلا، جدا جدا جانورن، تارن وغيره کي پنهنجو طرفدار يا همدرد سمجهي، انهن جي پوڄا ڪندا هئا. قديم دستور موجب، عربن جي قريشي قبيلي، زهري کي پنهنجو همدرد يا رکپال سيارو سمجهي، ان جي پرستش اختيار ڪئي هئي. ان روايت موجب، حجر اسود، زهري جو بت هو. جيئن ته عرب مجسمي سازيءَ جي فن مان واقف نه هئا، ان ڪري ڪونه ڪو نئين قسم جو پٿر کڻي، ان کي ڪنهن خاص سياري جو نشان سمجهي، عبادت ڪندا هئا. تنهن ڪري مٿين روايت موجب ان زهري جي بت کي جو عربن وٽ نهايت پوتر هو پٽيو نه ويو پر ٻاهر ڪنڊ پر نصب ڪيو ويو.[1]

حج جي موقعي تي ٻي رسم، "شيطانن کي پٿرين هڻڻ" جي آهي. چوڻ پر اچي ٿو ته اهي "لات ۽ منات" جا بت آهن. جن کان نفرت ڏيارڻ لاءِ ماڻهن کان پٿريون هڻايون وڃن ٿيون. عربن لاءِ چوڻ پر اچي ٿو ته سنڌن خدا کي "الله" ۽ ان

[1] "آريا ورت (سنڌي)"- گنگارام سمراٽ. 2. "دبستان مذاهب"- محسن فاني. 3. "انسائيڪلوپيڊيا رليجن اينڊ ايٿڪس" (بابل). 4. "بابلين ارلي انٽيڪئٽيز". 5. "تصورات عرب" عبدالله قدسي.

www.sindhsalamat.com

جي زال کي "الات" سڏيو ويندو هو. پر جڏهن حضرت ابراهيم هڪ خدا جي پرستش جو دستور وڌو هو ته ان جي تشريح حضرت موسيٰ ان طرح ڪئي هئي ته "جهوا" (جو يهودين جي خدا جو نالو هو) کان سواءِ ٻيو خدا ڪونه هو ان کي زال يا پٽ نه هو. ان بعد، حضرت محمد صلعم قرآن ذريعي "سورة اخلاق" ۾ ان جي تتبع تي، هڪ خدا کان سواءِ ٻئي جي پرستش جي منع ڪئي.

اٽي ٽين رسم "مٽي ڪوڙائڻ" جي آهي، جا هندن ۽ ٻين مذهبن وارن ۾ به مروج آهي، ته ٻتن ۽ پوتر جاين يا جڳهين تي وار لهرايا ويندا هئا. عربن ۾ به اهو قديم دستور هو. ڪي قبيلا ڪٽي وار لاهرائيندا هئا. ته ڪي ڪٽي. ان کي يڪسانيت ڏيارڻ لاءِ مڪي ۾ حج جي موقعي تي وارن لاهرائڻ جو دستور وڌو ويو.

چوٿين رسم "احرام ٻڌڻ" جي آهي. اهو دستور هندن جي سنياسين، ٻڌ ڌرم جي ڀڪشن ۽ مصر جي قديم پوڄارين ۾ به هو. ان کي قائم رکڻ لاءِ حاجين کي احرام ٻڌڻ جي هدايت ڪئي وئي.

پنجين رسم هيءَ آهي ته "کوهه زمزم جو پاڻي" پاڪ سمجهي، پيئڻ يا ڪٽي اڇڻ يا ميت جي ڪفن ڌئارڻ يا ان تي ڇٽڪڻ لاءِ ڪتب آندو وڃي ٿو. اهو دستور گنگا نديءَ، نيل نديءَ ۽ ڪن پوتر چشمن ۽ تلائن جي پاڻيءَ بابت، قديم وقت کان وٺي مختلف مذهبن ۾ مروج هو.[1]

عربن، حضرت محمد صلعم جي ورود کان پوءِ ڪعبي کي ٻتن کان پاڪ ڪرائڻ بعد، ڪي پراڻا دستور جاري رکيا. جنجو مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي. ڇا، سنڌي پنهنجن ميلن جي موقعي تي قديم دستورن کي جاري رکي، تهوار ملهائي نه ٿي سگهيا؟ عرب جي پاڻي پيئڻ ۾ ثواب هو ته لکن ورهين جي سنڌو درياءَ جي پاڻي ۾ ڪهڙي گهٽتائي هئي؟ پر هي سڀ ڳالهيون ڄاڻي واڻي سنڌ مان قوميت جي جذبي کي ختم ڪرائڻ لاءِ، عرب سامراجيت جي مفاد لاءِ ڪيون ويون ٿي.

ان کان پوءِ، ديکا ديکي جڏهين سنڌين پنهنجن پيرن ۽ بزرگن جي مقبرن يا قديم جاين تي ميلا لڳائڻ شروع ڪيا. ته انهن کي ذاتي فائدي حاصل ڪرڻ- اولاد جي حصول، بيمارين کان نجات، مصيبتن کان ڇوٽڪاري وغيره لاءِ ڪتب آڻي، ڪن ماڻهن پير پرستيءَ جي صورت ۾ تبديل ڪري، پنهنجا مستقل مفاد

---

[1] "انسائيڪلوپيڊيا آف رليجن اينڊ ايٿڪس"؛ 2. "تصوارت عرب قبل از اسلام"_ عبدالله قدسي؛ 3. "بابلين لٽريچر".

www.sindhsalamat.com

بڻايا. هي هڪ قسم جي ذهني غلاميءَ جا دستور هئا. انهن جاين جا سجاده نشين اڄڪلهه نه رڳو روحانيت کان خالي آهن، پر هر قسم جي برين عادتن سان ڀرپور آهن. سڀ کان وڏي خرابي منجهن اها آهي ته هو ابن الوقت ٿي، هر حاڪم وقت جا ايجنٽ ٿي، ڪم ڪرڻ ۾ پنهنجو فائدو سمجهن ٿا. شاهه لطيف، سچل سرمست يا قلندر شهباز وغيره درويشن جا چيو هو، تنهن جو پتو نه اٿن. بلڪ انهن جاين تي سنڌين جي رجحان جو ناجائز فائدو وٺي، پاڻ کي مستقل مفاد بنائي ويٺا آهن. اڄڪلهه جيڪي ماڻهو درگاهن تي وڃن ٿا، سي پيرن کان زال ملڻ، اولاد جي حصول، مال ملڪيت حاصل ڪرڻ، ڪيسن ۽ مصيبتن مان آزاد ٿيڻ لاءِ دعائون گهرڻ وڃن ٿا. ڄڻ ته انهن پيرن کي خدائي واڳ هٿ ۾ آهي، جو جنهن کي فائدو يا نقصان پهچائڻ چاهين، سو رسائي سگهيا ٿي. قدرت جي قانون بدلائڻ جي قوت خود حضرت محمد صلعم ۾ به ڪانه هئي، جو جڏهن عربن سندس سوٽ ۽ ناٺي، روحاني تعليم جي ڪليد بردار حضرت علي کي شهيد ڪيو ته ان کي بچائي نه سگهيو ۽ نه پنهنجي ڏوهٽي امام حسين کي عربن هٿان اولاد سميت شهيد ٿيڻ کان بچائي سگهيو. نه وري هن وقت سندس مزار تي ويندڙ زيارتين کي، پيجري کي هٿ لائڻ يا چمي ڏيڻ يا ختمي ڏيڻ لاءِ، منع ڪندڙ پوليس وارن کان آزاد ڪرائي سگهي ٿو!

اسلام جي صحيح تشريح مطابق، نه حج تي وڃي نجات حاصل ڪرڻ صحيح آهي، ۽ نه رسول مقبول ۽ ٻين بزرگن کي حاجت روائي جو وسيلو سمجهڻ نيڪ آهي.

اهڙيءَ طرح، سنڌيت جي قومپرست تصور جي خلاف عربيت کي اسلام جي نالي ۾ ترجيح ڏياري، عرب سامراجيت کي اسلام سڏيو ويو.

نيٺ عربن جي اهڙيءَ پاليسي کان بغاوت ڪري، سنڌين پنهنجون حڪومت قائم ڪيون. پر عربن جي سياسي سامراج مان آزادي حاصل ڪرڻ جي باوجود، سنڌي سندن ذهني سامراج مان جان آزاد ڪرائي نه سگهيا هئا. انهن ۾ احساس ڪمتري ۽ بزدلي گهر ڪري ويهي رهي هئي. مڪاني حاڪمن مان سومرن جي حڪومت 1025ع ۾ شروع ٿي. جن بابت چوڻ ۾ اچي ٿو ته هنن بغداد جي عرب حاڪمن (خليفن) جي عيوض مصر جي فاطمي بادشاهن جو اثر قبولي، شيعت اختيار ڪئي ۽ ڪرامتي سڏجڻ ۾ آيا. جڏهن محمود غزنويءَ هندستان تي حملو ڪري ڦرمار شروع ڪئي، ته ان وقت ملتان ۽ سنڌ ۾

www.sindhsalamat.com

ڪرامتي حاڪم هئا. اهي 377_375ع جي مطابقت وارو زمانو هو. لاڙ جي سومرن جا ملتان جي ڪرامتي حاڪمن سان تعلقات هئا. عربن جي وڃڻ بعد وري پٺاڻ مچرجي پيا. تن مان غزنوين ۽ غورين سنڌ تي حملو ڪري ڦرلٽ ڪئي، پر دائمي طرح سنڌن اثر نه رهيو. سلطان محمود غزنوي ٻه دفعا سنڌ مان لنگهيو. هڪ دفعو سومنات جي مندر کي ڦرڻ لاءِ سنڌ مان ويو ۽ ٻيو ڀيرو آير سنڌ ۾ ٻيڙين ۾ لڙائي ٿي. سلطان محمود غوريءَ ٻه سنڌ تي حملو ڪري، ديبل کي فتح ڪيو پر اهي گهڻو وقت رهيا ڪونه ٿي، ڦرلٽ ڪري موٽي پٺي ويا. ليڪن، اها حقيقت آهي ته انهن ڌارين حملن سنڌين کي سک سان سمهڻ نه ڏنو. سومرن جي ڏينهن ۾ سنڌين ۾ قومي سجاڳي پيدا ٿي. هنن ٽن سون ورهين تائين، باوجود ٻاهرين حملن جي، پنهنجي حڪومت قائم رکي. ان کان پوءِ سمن جي حڪومت، سنڌ تي اٽڪل ٻه سئو ورهيه ڪن رهي. ڏسڻ ۾ ائين اچي ٿو ته انهن 500 ورهين ۾ سنڌ، خوشحالي ۽ ڪلچر جي طرف چڱي وک وڌائي. اهي حڪومتون جيتوڻيڪ قبيلائي هئڻ ڪري، ٻاهرين زبردست حڪومتن سان مقابلي جهڙيون ڪونه هيون، پر پنهنجون روايتون قائم رکيو ٿي آيون.

انهي زماني ۾ دودي سومري سان سندس ڀاءُ چنيسر جي اختلاف ٿيڻ ڪري، چنيسر دهليءَ جي حاڪم وٽ وڃي لشڪر چاڙهي آيو ۽ پنهنجي قبيلي جي تباهيءَ جو ڪارڻ بڻيو. ان بابت لوڪ ڪهاڻين مان جيڪو احوال ملي ٿو ان کي اڃا تائين پٽ فقير ڳائيندا اچن ٿا. ان جي تاريخي ۽ مستند حقيقت ملي نه سگهي آهي، جو ان دور جي تاريخ لکي نه ويئي آهي. انگريزن جيڪي قديم آثار کوٽايا، سي تاريخ کان اول (Prehistoric) يا ٻڌ دور جا هئا. هاڻ پاڪستان بڻجڻ کان پوءِ موجوده حاڪمن جو زور عربن جي حڪومت جي آثارن معلوم ڪرڻ طرف رهيو آهي. سومرن ۽ سمن جي سونهري دور جي آثارن معلوم ڪرڻ طرف نه آثار قديمه وارن توجهه ڪيو آهي، نه تاريخدانن. ليڪن سومرن بابت لوڪ ڪهاڻين مان معلوم ٿيو آهي ته هنن پاڻ کي تباهه ڪرائڻ پسند ڪيو پر خوشيءَ سان ڌارين جي تابعداري قبول نه ڪئي، ۽ نه ئي انهن کي سنگ ڏيڻ قبوليو. ’مومل راڻي، سسئي پنهونءَ، ليلان چنيسر، عمر مارئي، دودي چنيسر وغيره جا قصا، جي شاعرن ڳايا آهن، انهيءَ دور جا هئا. جنهن جي معنيٰ اها ٿي ته شاعرن انهيءَ دور کي سونهري دور سمجهي، انهن واقعن جو ذڪر ڪيو آهي. اسان جي قومي شاعر شاهه لطيف ۽ ٻين ڪلاسيڪي شاعرن، انهن قصن جو پنهنجي شعر ۾ ذڪر ڪيو آهي.

www.sindhsalamat.com

مارئيءَ جي قصي ۾ مارئيءَ جي حب الوطني، مارن لاءِ سڪ ۽ محبت ۽ عمر جو انصاف، ليلا جو چنيسر سان چاڳ ڪرڻ ۽ ڪونئروءَ جي دام ۾ ڦاسي، غلطي ڪري ڏهاڳ ۾ اچي پڇتائڻ، مومل جي راڻي جي محبت ۽ عشق ۾ راتيون وهائي ڏينهن ڪرڻ، سهڻي جو ميهار خاطر ڪاريءَ رات جو درياهه ۾ گهڙي ٻڏڻ ڪان نه ڊڄڻ، سسئيءَ جو پنهونءَ جي ڳولا لاءِ جبل جهاڳي وچ ۾ تباهه ٿيڻ، راءِ ڏياچ جو آواز جي تند تنوار تان سر قربان ڪري، سخا جو بي مثال نمونو ڇڏڻ- سڀ انهيءَ دور جا يادگار واقعا هئا. ان ڪان پوءِ سمن جي حڪومت آئي، جن جي ڏينهن ۾ نوري ڄامڙيءَ ۽ ڄام تماچي جو قصو مشهور ٿيو. ان ئي دور ۾ سنڌ ۾ تعليمي مدرسا قائم ٿيا ۽ ٻاهريان عالم اچي ٺٽي ۾ رهيا. مڪاني طرح امن امان قائم ٿيو. ان دور، مجموعي طور، سنڌ کي ڪلچر ۾ هڪ طرف ۽ تمدن ۾ ٻئي طرف واڌارو ڪرايو. سنڌ صرف سومرن ۽ سمن جي دور ۾، لاڳيتو گهڻي عرصي تائين آزاد رهڻ ڪري، پاڻيري ٿي هئي. نه ته اڪثري ڌارين حاڪمن جي حملن ۽ ڦرلٽ جو شڪار هڪ طرف رهي، ته ٻئي طرف پنهنجن مڪاني ۽ قبيلائي اختلافن به ان کي گهڻو نقصان پئي رسايو آهي. سنڌ کي سنڌس غدارن جيڪي نقصان پهچايا، تن جي لسٽ لکبي ته تمام ڊگهي ٿي پوندي. پر مختصر طور آئيندي نسلن جي واقفيت لاءِ چند نالا پيش ڪرڻ ضروري سمجهي، هيٺ ڏجن ٿا:

(1) عرب سامراج جو سپهه سالار محمد بن قاسم جڏهن سنڌ تي ڪاهي، ان کي تابع ڪرڻ لاءِ هتي آيو ته تاريخن جي لکئي موجب، هتان جي چند ماڻهن- جن مان مکيه ڪي نيرون ڪوٽ جي طرف جا ٻڌ ڌرم جا پوئلڳ، مستقل مفاد هئا. جن کي مڪاني حڪومت سان ڪي ذاتي شڪايتون هيون ۽ هڪ چنا قوم جو سردار هو جنهن عرب سپهه سالار کي راضي ڪرڻ لاءِ دهلن ۽ شرناين سان سنڌس استقبال ڪيو ڪيس سنگ ڏنو ۽ پنهنجو مذهب بدلائي، پنهنجي بي غيرتيءَ ۽ غلاميءَ جو ثبوت ڏنو.

(2) سومرن جي حڪومت جي ڏينهن ۾ چنيسر سومري، پنهنجي ڀاءُ دودي سومري کي راڄ ڀاران پڳ ٻڌائي گاديءَ تي ويهارڻ تان ناراض ٿي، دهلي جو بادشاهي لشڪر سنڌ تي چاڙهائي، سومري قبيلي کي قتل ڪرائڻ ۽ سنڌي حڪومت کي نقصان پهچائڻ جو ڪارنامو ادا ڪيو هو. ان کي سنڌ دشمنن جي قطار ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو ۽ اڄ تائين چنيسر جي ڪردار ادا ڪرڻ کي پنهنجن سان غداري ڪرڻ جي برابر سمجهيو وڃي ٿو.

www.sindhsalamat.com

(3) سما خاندان جي آخري حاڪم جام فيروز جيڪا عيش پرستي، بزدلي ۽ غداري ڏيکاري هئي، سا بہ مثال طور پيش ڪئي وڃي ٿي. هن ڪي ارغون (مغل) نوڪريءَ ۾ رکي، سنڌ جي سورهيہ سردار دولهہ دريا خان کي وزارت عظميٰ تان هٽي وڃڻ لاءِ مجبور ڪيو. ان صورتحال کي ڏسي، مغل نوڪرن ۽ قاضي قاضن، ارغونن کي دعوت ڏيئي گهرائي، سنڌ کي ڌارين جي هٿ ۾ ڏياريو.

(4) مغلن جي شهنشاهہ اڪبر اعظم جي ڏينهن ۾ سنڌ تي چڙهائي وقت مغل سپهہ سالار خان خانان، مخدوم نوح (هالن) جي درگاهہ تي وڃي، سندس گادي نشين کان سنڌ فتح ڪرڻ لاءِ دعا گهرائي هئي. اهڙي ڪم کي سنڌين ملڪ دشمني قرار ڏئي ڌڪاريو هو.

اهي سڀ ڳالهيون، سنڌين مان غدارن جي سلسلي جون ڪڙيون هيون. پر ڪڏهن بہ ائين نہ آهي تہ سنڌ غدار بزدل ۽ بي غيرت ماڻهو پئي پيدا ڪيا هئا.

جيڪڏهن سنڌ مان مٿي ذڪر ڪيل غدار پيدا ٿيا، تہ سنڌ ڪيترائي بهادر غيرتمند ۽ محب وطن ماڻهو بہ پيدا ڪيا، جن ملڪ لاءِ هر ڳالهہ قربان ڪرڻ ۾ ڪين گهٽايو هو۔ مثلن:

(1) راجا ڏاهر، ملڪ جي لڄ تان گهورجي شهيد ٿيڻ قبوليو ليڪن غاصب ۽ سامراجي عرب حڪمرانن جي نہ آڻ مڃي ۽ نہ شرط قبوليا. راجا ڏاهر سنڌ جي شهيدن ۽ محافظن جي سٽ ۾ خاص جاءِ والاري ٿو.

(2) دودي سومري جو ڪٽنب سميت سنڌ جي حفاظت ڪندي قربان ٿيڻ، اهڙو مشهور واقعو آهي، جو اڄ تائين ان جي عظمت اسان جي ذهنن ۾ سمايل آهي، ۽ مکيہ موقعن تي ان واقعي جي واڪاڻ ۾ شعر ذريعي دلن ۽ سازن تي پٽ ۽ راڳيندڙ يادگار ملهائيندا اچن ٿا.

(3) دولهہ دريا خان ۽ سندس ساٿين مخدوم بلاول ۽ سيد حيدر سنائيءَ جا ارغونن خلاف مقابلا ۽ سختيون سهڻ، ڪين سنڌ جي سپوتن جي قطار ۾ بيهارين ٿا.

انهيءَ قسم جا مثال، سنڌ جي تاريخ جي صفحن تي قيامت تائين قائم رهڻ وارا آهن.

## مغل دور

ان (سومرن ۽ سمن جي دور) کان پوءِ مغل سامراج سنڌ تي زوريءَ قبضو ڪري، قريبن بہ سئو ورهيہ پنهنجي حڪومت قائم رکي، جيتوڻيڪ ان دور ۾

www.sindhsalamat.com

اندروني حڪومت جو ڪاروبار ملڪي سردارن جي معرفت هلندو رهيو. مغلن جي دور حڪومت ۾ سنڌين سان جي زيادتيون ٿيون، تن جي مفصل ذڪر ڪرڻ لاءِ سڄو ڪتاب کپي. پر انهن ڏينهن ۾ ٿيل نقصانن جو مختصر ذڪر هيٺ ڏجي ٿو:

(1) سنڌ ۾ سنڌي زبان کي ريٽي، سرڪاري ۽ درسي زبان فارسيءَ کي بنايو ويو. اهو اثر ايتري قدر پڪڙيو جو سنڌ جا وڏا خاندان گهرن ۾ فارسي ڳالهائڻ ۾ فخر سمجهندا هئا. ملن جي مڪتبن ۾ فارسي پڙهائي ويندي هئي. هر ڪا لکپڙهه فارسي ۾ ڪئي ويندي هئي.

(2) اورنگزيب جي ڏينهن کان وٺي سنڌ جي قديم روايات، رواداري ۽ مذهبي هم آهنگيءَ جي خلاف ڪٽرپڻو پيدا ڪري مذهبي پيد پاءُ ۽ نفرت جو ٻج ڇٽيو ويو هو. ملا محمد هاشم ٺٽويءَ جي روش، ڪلهوڙي خاندان جي ڪٽرپڻي ۽ سرهندي پيرن جي تعليم ان ۾ گهڻو اضافو ڪري سنڌي قومپرستيءَ جي جذبي کي ڪمزور ڪري، مذهب جي نالي ۾ مسلمانن جي برتريءَ جو احساس پيدا ڪري، ڌارين جي غلاميءَ تي رضامند ڪرڻ ۽ پنهنجن کان نفرت ۽ نفاق ڏانهن راغب ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي هئي.

(3) قومپرست ۽ هم اوست خيال جي صوفين تي سختيون ڪيون ويون. شاهه عنايت جي شهادت به ان سلسلي جي ڪڙي هئي.

(4) سنڌ ۾ سرسبز ايراضيون مغل سردارن ۽ اميرن کي جاگير طور عطا ڪري، سنڌ کي مغل ڪالوني بنائي، غريب عوام سان طرح طرح جا ظلم ڪيا ويا.[1]

مغلن جي حڪومت ڪمزور ٿي، ته سنڌين، ڪلهوڙن جي دور حڪومت ۾ پاڻ سنڀالي. ملڪ جي آبپاشيءَ جي تعمير طرف رخ رکيو. پر ملڪ جي مال ملڪيت جي هاڪ ٻڌي، نادر شاهه اچي سنڌ کي ڦريو، ان کي نادار بنايو. معلوم ٿئي ٿو ته ميان نور محمد ڪلهوڙي کان ڪيئي ڪروڙ روپيا ڦري، آئيندي تابعيداري ۽ خراج ڏيڻ جي ضمانت طور سندس به پٽ پاڻ سان وٺي ويو. ان کان پوءِ پٺاڻ خراج وٺندا رهيا. ۽ جي سنڌين ان جي ڏيڻ ۾ ڪوتاهي ٿي ڪئي، ته حملا ڪري سزائون ٿي ڏنائون. احمد شاهه ابداليءَ جو حملو ان جو مثال آهي.

---

[1] ڏسو مفصل احوال معلوم ڪرڻ لاءِ "تاريخ مظهر شاهجهاني" فارسي متن. ايڊيٽنگ: حسام الدين راشدي

www.sindhsalamat.com

## انگريز دور

ڪلهوڙن کان پوءِ ٽالپرن جي حڪومت وجود ۾ آئي. جنهن جو پايو چوياريءَ جي صورت ۾ مير فتح علي خان جي ڏينهن ۾ پيو. انهن اڃا پاڻ سنڀالي پيرن تي بيهڻ شروع ڪيو تہ انگريزن اچي ان تي قبضو ڪري، پنهنجو سامراج قائم ڪيو. هنن سنڌن انتظامي سهوليت خاطر سنڌ کي بمبئي پرڳڻي سان ڳنڍي، ان جي ماتحت هڪ ڪمشنر مقرر ڪري، ان کي مڪاني اختيار ڏيئي، سنڌ جي ترقيءَ ۽ تعمير ۾ رنڊڪ وجهي ڇڏي. بمبئي ڪاٽي جا وڏا عملدار سال ۾ هڪ يا ٻہ دفعا شڪار ڪرڻ خاطر سنڌ ۾ ايندا هئا. انهن موقعن تي سنڌ جا جاگيردار، زميندار ۽ پير کين شڪار ڪرائي، دعوتون ڏيئي خوشامد ڪرڻ ۾ اڳڀرائي ڪندا هئا. جنهن جي بدلي ۾ کين لقب، زمينون، ماجسٽريٽيون، دربارن جون ڪرسيون، بندوقن جا پروانا، لونگيون ۽ تلوارون انعام طور ملنديون هيون. انهن حسيس ڳالهين تي هو خوشيءَ سان انگريزن جي، غلامي تي رضامند رهيا آيا. ۽ انگريز حڪومت جي آڌار تي هو عوام تي پنهنجو تسلط قائم رکي، انهن جو استحصال ڪندا آيا. اهڙيءَ طرح سنڌي هارين کي زمين نہ هٿڻ ڪري، سنڌن مال ۽ عزت جو بچاءُ زميندارن ۽ سردارن جي معرفت ٿيڻ لڳو جن جي طاقت جو مدار وري انگريز حڪومت جي ڪامورن تي هوندو هو جن جي رضامنديءَ خاطر هو هڪ ٻئي تي چڙهت ڪندا هئا.

انگريز حڪومت، رومن سامراج جي پاليسيءَ کان سبق حاصل ڪري، ويڙهائي راڄ ڪرڻ جو طريقو اختيار ڪيو هو. زميندارن جا پاڻ ۾ اختلاف تہ فيوڊل ۽ سرداري نظام جو جزو هئا. پر انگريزن بہ ان کي هوا ڏيڻ ۾ ڪين گهٽايو. پر وارا زميندار هڪ ٻئي ۾ معمولي ڳالهين تان وڙهيا وينا هوندا هئا. جنهن ڪري کين انگريز حڪومت جي ڪامورن جي محتاجي ڪڏهن پوندي هئي.

ملن ۽ پيرن جي باهمي اختلافن جي بہ حالت اهڙي ئي هئي. تنهن کان سواءِ انگريزن هندن ۽ مسلمانن کي هڪ ٻئي جي ويجهو اچڻ نہ ڏنو. سنڌ عربن جي ڏينهن کان وٺي سارو وقت مسلمانن جي حڪومت هيٺ رهي هئي، جن مان گهڻن رواداري قائم رکي، هندن سان سٺو برتاءُ ڪيو هو. کين نوڪرين ۾ رکيائون. واپار جون سهوليتون ڏنائون. شادين غمين ۾ وڏن پائرن وانگر اچڻ وڃڻ جو دستور وڌائون. نتيجو اهو نڪتو تہ اهڙي برتاءُ ڪري مسلمانن جو تعداد وڌندو ويو ۽ هندو مسلمان درويشن جا معتقد ٿيا ۽ مسلمان صوفين هندو درويشن کان گهڻو

www.sindhsalamat.com

ڪجهه حاصل ڪيو. سنڌ ۾ ڪرشن مهراج جي گيتا واري تعليم جو گهڻو اثر، ميران ٻائي ۽ ٻين ساڌن جي تعليم رستي پکڙيل ۽ مقبول عام ٿيل هو. ٻڌ ڌرم جو تہ گهڻو وقت ڪان سنڌ تي اثر رهيو هو جنهن جي ڪيترن مرڪزن جو مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان. جين مذهب جا يوگي يا سنياسي، هنگلاج، ننڍي ۽ گنجي ٽڪر ۾ آستان ٺاهيو ويٺا هئا. پارسي مذهب جو مختلف طريقن سان سنڌ جي درويشن تي گهڻو اثر پيل هو خصوصاً رومي، عطار، منصور، شمس تبريز وغيره درويشن جي ذريعي جن حضرت مانيءَ جي تعليم کان گهڻو ڪجهه پرايو هو. ان بابت مفصل ذڪر ٻئي فصل ۾ ايندو.

هتي هي چوڻ ڪافي ٿيندو تہ انگريز راڄ کان اڳ سنڌ ۾ هندو مسلم تعلقات گهڻو وقت ڪجهه ٺيڪ رهيا هئا. پر انگريزي تعليم بعد هندن کي تعليم ۾ سهوليتن ملڻ، واپار ۽ زمين خريد ڪرڻ ۽ نوڪرين ملڻ ڪري، هنن پنهنجي حالت ٺيڪ ڪري ورتي. نوڪرين جي اڪثريت هنن جي هٿن ۾ هئي، واپار گهڻو ڪري سندن حوالي رهيو. باقي ڪراچي ۽ ٻين ڪن شهرن ۾ خوجن، بوهرن ۽ ميمڻن، (جي هندن مان مسلمان ٿيا هئا) جي واپار ۾ ڪجهه دست رسي هئي. هندو ودياجن ۽ ٻين طريقن سان آهستي ڪري، زرعي زمين بہ ويا خريدا ڪندا، ايتري قدر جو انگريزن جي آخري دور حڪومت ۾ اها اٽڪل 30 لک ايڪڙن تائين وڃي پهتي هئي. ننڍا ننڍا ڪارخانا بہ انهن کوليا. منجهن سنڌ اندر پنچاتن ذريعي ٻڌي پيدا ٿيل هئي، ان ڪري هنن اسڪول ڪاليج ۽ ڌرمشالائون وغيره کوليون، پنهنجي ۽ عام ڀلي لاءِ ڪيترائي خيراتي ڪم ڪيا. پر انگريزن جي پاليسي ۽ نئين هٿ آيل طاقت جي نشي، هندستان مان آيل تعصبي تحريڪن، جهڙوڪ آريا سماج ۽ منو سمرتي جي تعليم، ۽ سنڌي ملن جي تعصبي رويي، ٻنهي ڌرين جي تعلقات کي ڪشيده ڪرڻ ۾ ڪين گهٽايو. ۽ حالتون انهي ڪڙيءَ تي وڃي بيٺيون، تہ جي ڪا هندو عورت ڀڄي وڃي مسلمان سان شادي ڪندي هئي، تہ هندو ان تي محشر مچائي، ڪيس ڪري ناحق ماڻهن کي بہ تنگ ڪندا هئا يا جي ڪو هندو ڇوڪر، ماڻن کان ڪاوڙجي يا صحبت ۾ اچي مسلمان ٿيندو هو تہ هندو ڪيس ڪري گوڙ مچائيندا هئا. ۽ ٻئي طرف مسلمان مولوي يا ٻيا تعصبي ملا سرگشت ڪڍي مولود پڙهي شادمان ڪندا هئا تہ دين ۾ واڌارو ٿيو هو. جيتوڻيڪ ڪيترا ڇوڪرا انهن مان وري موٽي ماڻن ۾ بہ هليا ويندا هئا. نتيجو اهو نڪتو تہ هندو پنهنجي

www.sindhsalamat.com

پاڙي ۾ مسلمان کي رهڻ نه ڏيندا هئا ۽ مسلمانن کي ڇت سڏڻ لڳا، ته ملا وري هندن کي ڪافر ڪرار ڏئي ۽ دجال سڏي، نفرت جي نگاهه سان ڏسڻ لڳا. مسلمانن ۾ زميندار روزگار جي ڪشادگيءَ ڪري پڙهڻ ويجهو نه ويندا هئا. باقي شهر جاڪي وچئين طبقي جا ماڻهو پڙهي پاس ٿيندا هئا، ته هندو وري انگريزن کي ليات آهر نوڪرين ڏيڻ جي ترغيب ڏيندا هئا. ٿوري وقت کان پوءِ جڏهن مسلمان تعليم يافتن جو تعداد وڌڻ لڳو ته وڏن عهدن تي ويٺل هندو انهن جي راهه ۾ رنڊڪون وجهڻ لڳا. جڏهن انگريزن آخر ۾ پاليسي بدلائي مسلمانن کي نوڪريءَ ۾ رکڻ شروع ڪيو ته ٻنهي ڌرين ۾ حسد پيدا ٿيو.

انگريزن ٿورو وقت راڄ ڪرڻ کان پوءِ، پنهنجي حڪومتي روايت ۽ مستقبل ۾ بغاوتن کان بچڻ خاطر، اسيمبليون ٺاهي، انهن ۾ ملڪي نمائندا کڻڻ شروع ڪيا. سنڌ بمبئيءَ سان ڳنڍيل هئي، اتي سنڌ جي نمائندن وٽي سنڌ جي پسماندگي جي شڪايت ڪئي. پر ڏوراهين پنڌ هئڻ ۽ ميمبرن جي گهڻائي گجراتين ۽ مرهٽن جي هئڻ ڪري (جن کي سنڌ جي حقيقتن جي ڄاڻ نه هئي) هنن ان طرف ڪو توجهه نه ڏنو. آخرڪار تنگ ٿي، سنڌ جي نمائندن سيٺ هرچند راءِ وشنداس ۽ رئيس اعظم غلام محمد خان ڀرڳڙيءَ سنڌ کي بمبئيءَ کان علحده صوبي بنائڻ جي تحريڪ شروع ڪئي. هي ٻئي ڪانگريس جا مُکيه ڪارڪن هئا. ان وقت ڊاڪٽر اينِي بيسنٽ، تلڪ مهاراج ۽ مهاتما گانڌيءَ جهڙن ليڊرن جي سياسي ميدان ۾ اچڻ ڪري، هندستان جي سياسي سڏارن ۽ پوءِ آزاديءَ جي تحريڪ زور وٺندي ويئي.

انگريزن شروع ۾ باغي تحريڪن کي روڪڻ لاءِ ۽ امن پسند فرمانبردار جمهوري تحريڪ کي زور وٺائڻ خاطر، هڪ رٽائرڊ سول سرونٽ، مسٽرهيوم جي ذريعي ڪانگريس قائم ڪرائي هئي. پر اڳتي هلي جڏهن ڏٺائون ته ان تحريڪ ۾ جوشيلن ۽ انتها پسندن جو زور وڌندو ٿي ويو ته هنن سر سيد احمد خان ذريعي عليگڙهه ڪاليج کولائي، مسلمانن ۾ تعليم رائج ڪري، پنهنجي وفادار مسلمانن جو گروهه پيدا ڪيو ۽ انگريز پرنسپالن معرفت سر سيد احمد خان کي متاثر ڪري، ڪانگريس جي جمهوري قومي تحريڪ جي مخالفت ڪرائي. ٻئي طرف مسلمانن ۾ ديوبند جا عالم هئا، جي آزاديءَ جا خواهان هئڻ ڪري ڪانگريس سان شامل رهيا. انگريزن ان حالت کي منهن ڏيڻ لاءِ سر سيد احمد خان جي وفات کان پوءِ، سندس جاءِ نشين ۽ ڪن سرڪار پرست نوابن کي گڏ

www.sindhsalamat.com

ڪرائي، 1906ع ۾ مسلم ليگ جماعت قائم ڪرائي. جنهن هندستان جي گڏيل مفاد خلاف مسلمانن جي جدا چونڊن، جدا نوڪرين ۾ حقن جي حفاظت جي گهر ڪرڻ شروع ڪئي.

پوءِ پهرين مهاڀاري لڙائي لڳي. ان ۾ ترڪن، انگريزن جي خلاف عرب حڪومت جو ساٿ ڏنو. هن ڪان اڳ انگريز ترڪ پاڻ ۾ دوستيءَ ۾ هئا. فرانس ۾ نيپولين بونا پارٽ جي طاقت وٺڻ بعد جڏهن هن وڏي مصر تي قبضو ڪيو ته انگريزن اتي ترڪن جي مدد ڪئي هئي ۽ هندستان ۾ جڏهن حيدر عليءَ ۽ ٽيپو سلطان انگريزن خلاف بغاوت ڪئي هئي، ته ترڪن انگريزن سان همدردي ظاهر ڪئي هئي. انگريزن انهن ڳالهين کي مدِنظر رکي، جمال الدين افغانيءَ معرفت ترڪن جي ماتحت، پئن اسلام زم جي تحريڪ کي هوا ڏني هئي. هندستان جي مسلمانن کي انڪري ترڪن جي بادشاهه لاءِ جنهن کي خليفة المسلمين ظاهر ڪيو ويو تي، گهڻي محبت ٿي ويئي هئي. هاڻ جڏهن ترڪ جرمن سان جنگ ۾ پنهنجي جهوني دشمن روس جي انگريزن سان شموليت جي ڪري شامل ٿيا، ته هندستان جي مسلمانن جي مذهبي طبقي کي رضامند ڪرڻ لاءِ وعدا ڏنا، ته هنن کي ترڪن جي ڪنهن به ملڪ هضم ڪرڻ جو ارادو ڪونه هو. هنن صرف جرمن سان ترڪن جي شموليت سبب جنگ ڪئي ٿي، ۽ جنگ فتح ٿيڻ بعد هو ترڪن سان بدسلوڪي نه ڪندا. يوپي ۽ پنجاب جا عليڳڙهه جي نقطي نگاهه وارا مسلمان جي اڳيئي انگريزن جي غلام قبولي چڪا هئا، تن پيسن خاطر ۽ انگريزن جي خوشنوديءَ لاءِ جنگ ۾ شامل ٿي، بغداد، شام ۽ خود حجاز ۾ وڃي ترڪن خلاف لڙائي ڪئي. انگريزن عربن کي مختلف طريقن سان خريد ڪري ترڪن جي خلاف ڪري ڇڏيو هو. اڳي انگريزن پئن اسلامزم کي تقويت وٺائي ٿي، جو کين ترڪن جي مدد ۽ همدرديءَ جي ضرورت هئي، پر هاڻ جڏهن ترڪ شهنشاهيت سان جنگ ٿين، ته عرب قومپرستيءَ جي جذبي کي زور وٺائي، عربن کي ترڪن خلاف جنگ ۾ ويڙهايائون ۽ عرب ملڪن جي آزاديءَ جي تحريڪ هلايائون. جنگ وقت ترڪن جا همدرد هند جا مسلمان ليڊر جيلن ۾ رهيا، ۽ ٻئي پاسي علامه اقبال ۽ ٻين ڪيترن مسلمانن انگريزن جي مدد ڪئي. جنگ پوري ٿيڻ بعد انگريزن وعدي خلافي ڪري، شام ۽ لبنان، فرانس جي حوالي ڪيا، ۽ فلسطين، عراق، مصر ۽ حجاز تي پنهنجا هٿ ٺوڪيا حاڪم رکي، حڪومت هلائڻ شروع ڪئي. ٻئي طرف، ترڪن جي گاديءَ جي

www.sindhsalamat.com

هنڌ قسطنطنيه تي قبضو ڪري هڪ هترادو خليفي (حاڪم) کي اتي مقرر ڪيائون. سمرنا جو حصو يونانين جي حوالي ڪرڻ جي رٿ رٿيائون.

مهاڀاري لڙائيءَ ۾ هندوستانين انگريزن جي وڏي مدد ڪئي هئي، تنهن ڪري کين اميد هئي ته جيئن انگريزن ۽ سندن اتحادين يورپ جي مظلوم قومن جي مدد ڪري انهن کي آزادي ڏياري هئي، تيئن سندن پنهنجن ماتحت ملڪن ۽ قومن کي به هو آزادي ڏيندا. پر انگريزن ائين نه ڪيو. ان تي هندستانين ۾ بي آرامي پيدا ٿي پئي. ڊاڪٽر اين بيسنٽ ۽ مهاتما گانڌيءَ جي سياسي ميدان ۾ اچڻ بعد حالتون ويون نازڪ ٿينديون ويون. ويتر جو مسلمانن جي آزاد ملڪن کي يورپين حڪومتن ورهائي ختم ڪرڻ گهريو ان وڏيڪ باهه تي تيل جو ڪم ڏنو. خلافت تحريڪ شروع ٿي. ۽ ڪانگريس ۽ خلافت تحريڪ گڏجي ڪم ڪرڻ لڳيون. ان جي آڏو يوپي ۽ پنجاب جي فرمانبردار انگريز پرست مسلمانن جي دال نه ڳري. خود مسلم ليگ جهڙي انگريز پرست جماعت کي به مجبور ٿي، عام رجحان پٺيان هلي، انگريزن خلاف هلچل ۾ شامل ٿيڻو پيو. ان وچ ۾ امرتسر ۾ هڪ جلسي تي انگريز فوجي عملدارن گوليبازي ڪري، سوين ماڻهن جو ڪوس ڪيو جو جليانوالا ڪوس جي نالي سان مشهور ٿيو. ان واقعي ويتر ملڪ ۾ باهه ٻاري ڏني. سوين ماڻهو انگريزن جي گولين جو شڪار ٿيا ۽ لکين جيلن ۾ ويا. بهرحال ان پيريءَ انگريزن تحريڪ کي زوريءَ دٻائي ڇڏيو ۽ ان ئي سلسلي ۾، پويان انگريزن جي اشاري تي ۽ ڪجهه ڪج فهميءَ ڪري فرقيوار تحريڪون شروع ٿيون. هڪڙين مسلمانن کي هندو بنائڻ جي مهم هٿ ۾ ڪئي، جنهن کي شڌي جي هلچل سڏيو ويو. ٻين هندن کي مسلمانن بنائڻ جي تحريڪ شروع ڪئي، جنهن کي تبليغ جو نالو ڏنو ويو. ان ڪري هندستانين ۾ پيدا ٿيل يڪجهتي ۽ اتحاد جو جوش جهڪو ٿي ويو. ترڪن خلافت کي نقصانڪار سمجهي، مرڳو ختم ڪري ڇڏيو. سنڌ ۾ مولوي فيض الڪريم (ٺارو شاهه لڳ ڳوٺ ساند جي رهواسيءَ) ڪان فتوا لڪائي. ان تي مڪيه پيرن ۽ مولوين جون صحيحون ڪرايون ويئون. ته ترڪ خليفا ڪونه هئا ۽ انهن جي خلاف مڪي جي شريف حسين جي عربي بغاوت صحيح هئي. سنڌ ۾ زميندارن کي ڪجهه هيسائي، ڪجهه لالچ ڏيئي، امن سڀائون ٺهرايون ويون. ان جي سامهون وري ڪن جوشيلن ڪارڪنن طرفان افغانستان طرف هجرت ڪري وڃڻ جي هلچل هلائي. ڪيترن مسلمانن کي اوڏانهن موڪليو ويو. پر اهو ملڪ غريب

www.sindhsalamat.com

هئڻ ڪري، ايترن سارن ماڻهن جو بوجو ڪڍي نه سگهيو ۽ ڪيترا ماڻهو دربدر ٿي موٽي آيا. جنهن ڪري انگريزن خلاف ان تحريڪ جي حامين جي دل شڪني ٿي پيئي.

انگريزن 1921ع ۾ جيڪي سڌارا آندا هئا، انهن کي ناڪافي سمجهي، ڪانگريس انهن جو بائيڪاٽ ڪيو. وري وعدي موجب ڏهن سالن کان پوءِ نون سڌارن ڏيڻ لاءِ غور ڪرڻ واسطي انگريزن 1927ع ڌاري هڪ ڪميشن، سرجان سائمن جي چيئرمنيءَ هيٺ، مقرر ڪئي. پر جنهن صورت ۾ ان ڪميشن تي هڪ به هندستاني نه رکيو هئائون، ان ڪري ڪانگريس، خلافت ڪاميٽيءَ، جمعيت العلماء هند ۽ مسلم ليگ جي هڪ گروه اُن جو بائيڪاٽ ڪيو ۽ هر هنڌ اهو آواز اٿڻ لڳو ته "سائمن واپس وڃ" (Simon go back) پر يوپي ۽ پنجاب جي مسلمانن ـ جيڪي انگريزن جا طرفدار هئا ـ سر محمد شفيع جي صدارت ۽ علامه اقبال (جنرل سيڪريٽريءَ) جي اڳواڻيءَ ۾ ٺهراءُ پاس ڪيا ته ڪميشن سان تعاون ڪرڻ مسلمانن جي فائدي وٽان هو. سنڌ مان بمبئي ڪائونسل تي ڪچيل ميمبرن به ڪميشن سان تعاون ڪيو. انهيءَ وچ ۾ هندن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ آئيندي جي سڌارن جي سوال تي ڪيترا اختلاف پيدا ڪيا ويا. سر آغا خان جي صدارت هيٺ دهليءَ ۾ آل انڊيا مسلم ڪانفرنس جو اجلاس گڏ ٿيو جنهن ۾ هندو ـ مسلم سمجهوتي لاءِ ڪيترائي شرطن جا ٺهراءُ پاس ڪيا ويا. نيٺ "آل پارٽيز ڪميٽي" قائم ٿي ته اختلافي فيصلن تي سمجهوتو ڪري انگريزن جي سامهون آئين جو هڪ گڏ ٿيل مسودو پيش ڪيو وڃي. ان جو چيئرمين مسٽر موتي لعل نهرو مقرر ٿيو پر پنجاب ۽ بنگال، جتي مسلمانن جي اڪثريت هئي، جي نمائندگيءَ جي سوال تان سکن ۽ هندن جي ڦڏي وجهڻ ڪري سمجهوتو ٿي نه سگهيو. 1930ع ڌاري انگريزن لنڊن ۾ گول ميز ڪانفرنس سڏائي. ان ۾ مسلمانن پاران، جناح جو تيار ڪيل 14 نقاطي فارمولا پيش ٿيو جنهن ۾ مکيه سوال جدا چونڊن، مرڪز ۾ ٽيون حصو نمائندگي سنڌ جي بمبئيءَ کان جدائي، سرحد ۽ بلوچستان ۾ ٻين صوبن جهڙا سڌارا وغيره شامل هئا. پاڻ ۾ اتي سمجهوتي تي ٿيڻ ڪري، وري ٻئي اجلاس جي ضرورت محسوس ٿي. ان ٻئين ڪانفرنس ۾ هندستان جي وڏي پارٽيءَ ڪانگريس بائيڪاٽ ڪري ٻهرو نه ورتو. ان کان پوءِ ڪانگريس قانوني انحرافي جي تحريڪ هلائي، جنهن ۾ لکين ماڻهو شريڪ ٿيا.

www.sindhsalamat.com

1. مسلم اقاليت وارن صوبن ۾ هندو تمام گهڻائيءَ ۾ هئا. ۽ باوجود زياده نمائندگي (Vitage) جي، مسلمان اقليت ۾ رهجي ويا. يوپي، مدراس، سي. پي، بهار ۽ بمبئي پرڳڻن ۾ ڪانگريس مڪمل اڪثريت ۾ اچڻ ڪري، پنهنجون وزارتون ٺاهيون. مسلم اڪثريت وارن صوبن اندر سرحد ۾ ڪانگريس جي وزارت ڊاڪٽر خان صاحب جي هٿ هيٺ ٺهي. پنجاب ۾ سر سڪندر حيات يونينسٽ پارٽيءَ جي وزارت ٺاهي. سنڌ ۾ اڪثريت اتحاد پارٽيءَ کي نصيب ٿي. پر ان جي ليڊر ۽ ڊپٽي ليڊر- سر شاهنواز خان ڀٽي ۽ سر حاجي عبدالله هارون کي شڪست اچڻ ڪري، اسان (جن اها پارٽي ٺاهي هئي) خان بهادر الهه بخش کي پارٽيءَ جو ليڊر چونڊي، گورنر کي لکيو ته ان کي وزيراعليٰ ڪري رکيو وڃي. پر گورنر، جمهوري دستورن کي بالائي طاق رکي، 5 ميمبرن جي نمائندي سر غلام حسين هدايت الله کي دعوت ڏيئي، وزارت ٺاهڻ لاءِ گهرايو جنهن مختلف گروهن کي لالچون ڏيئي، گورنر جي آڌار تي وزارت ٺاهي. بنگال ۾ مولوي فضل الحق جي وزارت ٺهي.

هاڻ پتو پئجي ويو ته جدا چونڊن ۾ زياده نمائندگيءَ جي ڪري، مسلمانن کي اقليت وارن صوبن ۾ ڪو فائدو ڪونه پهتو جو جمهوري دستورن موجب، ڪانگريس پارٽين اڪثريت ۾ هئڻ ڪري پنهنجون وزارتون ٺاهيون. يو پيءَ جي مسلم ليگ سندن عيوضي وزارت ۾ کڻڻ لاءِ گهر ڪئي، پر ڪانگريس وارن اهڙا شرط وڌا، جي مسلم ليگ وارا قبولي نه سگهيا. جنهن تي هنن دانهون ڪرڻ شروع ڪيون. پر جمهوريت موجب هو ڪهڙيءَ طرح به وزارتن ۾ شريڪ ٿي نٿي سگهيا.

هيڏانهن مسلم اڪثريت وارن صوبن ۾ وزارتون، هندن ۽ سکن جي رحم ڪرم تي وڃي بيٺيون. ان لاءِ ٿي ڪارڻ هئا. هڪ مسلم اقليت وارن صوبن ۾ مسلمانن کي زياده نمائندگي ڏيڻ ڪري، پنجاب ۽ بنگال ۾ مسلمانن کي اقليت ۾ رکيو ويو. سنڌ ۾ مسلمانن جي زياده اڪثريت، يعني 75 سيڪڙو هئڻ جي باوجود، وزارت جي تشڪيل اهڙي ٿي، جنهن جو مدار هندن جي بيدار اقليت تي وڃي بيٺو. هڪ ته صوبي سنڌ ۾ اسيمبلي ميمبرن جو تعداد تمام گهٽ رکيو ويو هو. يعني فقط 60 ميمبر. ٻيو ته هندن کي زياده نمائندگيءَ ملڻ ڪري، اهي اسيمبلي ۾ 40 سيڪڙو وڃي ٿيا هئا. مسلمانن طرفان زياده تر زميندار جاگير پير ۽ سيد اسيمبليءَ ۾ چونڊجي آيا هئا، جن جي اڳيان قوم ۽ ملڪ جي فائدي

www.sindhsalamat.com

جو ڪو سوال ئي ڪونه هو. صرف خود مطلبي ۽ اقتدار جو حصول سندن نقطي نگاهه وٽ رهيا هئا. تن عهدن خاطر لڙي، هندن کي اسيمبلي ۾ 25 سيڪڙو جي بجاءِ 50 سيڪڙو نمائندگي ڏني: هڪ وزير ۽ هڪ اسيمبليءَ جو اسپيڪر هندو هئا، ۽ صرف ٻه وزير مسلمان ٿيا.

ان وقت سنڌ جي عام مسلمانن اڳيان مُکيه پنج سوال فيصل ڪرڻ جي لائق هئا:

(1) انگريزي دور حڪومت ۾ وياجن وغيره جي طريقن سان اٽڪل 30 لک ايڪڙ زمين غير آبادگار طبقي- هندو واپاريءَ ۽ وياج خور طبقي جي هٿ ۾ اچي ويئي هئي. اها (زمين) آبادگار طبقي کي، جن جي گهڻائي مسلمان هئي، ڏيارڻ لاءِ اتحاد پارٽيءَ طرفان اسيمبلي ۾ "قانوني انتقال ايراضيءَ" جو بل پيش ڪيو ويو جو پنجاب ۾ اڳي مروج هو ۽ سنڌ جي بمبئي علائقي سان گڏيل هئڻ وقت اتي به اهو سوال اٽڪيل هو پر هندو ميمبرن جي اڪثريت هئڻ ۽ انگريزن جي پاليسي سبب بل پاس ٿي نه سگهيو هو. پر هاڻي، سنڌ اسيمبليءَ ۾ به وزارت جو آڌار هندو ميمبرن جي مدد تي هئڻ ڪري، هن بل پاس ٿيڻ ۾ رنڊڪون پئجي ويون.

(2) ٻيو غور طلب سوال اهو هو ته انگريزي حڪومت ۾ انگريزن جي پاليسي سبب، واپار ۽ پيسي تي هندو طبقي جي اثر هئڻ ڪري، مسلمان هارين ۽ زميندارن تي هندن جا بي انداز قرض چڙهي ويا هئا، جن جي نه ڏيئي سگهڻ جي حالت ۾، هزارين ايڪڙ زمين ۽ ٻي ملڪيت هندو شاهوڪار طبقي جي هٿ ۾ وڃي رهي هئي. ان کي روڪڻ لاءِ "قرضن جي گهٽتائي ڪرڻ، ۽ڳرن وياجن تي قانوني بندش وجهڻ ۽ ڪن قرضن جي معاف ڪرڻ" لاءِ بل پاس ڪرڻ جي ضرورت هئي.

هوڏانهن ڪانگريس وزارتن وارن صوبن ۾ اهڙا بل پاس ٿي چڪا هئا. پر اهڙا ساڳيا بل هتي پاس ٿيڻ مشڪل ٿي پيا. ڪانگريسي ميمبرن کي، جي اڪثري هندو هئا، جڏهن چيوسين ٿي ته "ڀائيو! جڏهن ڪانگريس وزارتن وارن صوبن ۾ اهڙا بل پاس ٿيا آهن، ته هتي سنڌ ۾ به اسان کي اهڙا بل پاس ڪرڻ ۾ مدد ڪريو!" ته چوڻ لڳا ته "جدا چونڊن هئڻ ڪري اسان جي ووٽر، جي مستقل مفاد وارا هندو واپاري آهن، سي ان ڳالهه خلاف آهن: ان ڪري اسان، جي بلن جي حمايت ڪندا سون ته آئينده اسان جي چونڊجڻ جو امڪان ڪونه رهندو: ان ڪري اسان مجبور آهيون."

www.sindhsalamat.com

(3) ٽيون سوال هو "نوڪرين" جو زميندارن ۽ جاگيردارن. ڪشادي روزگار هئڻ ۽ عياش زندگي گذارڻ ڪري، پڙهڻ ۾ دلچسپي ڪانه ورتي هئي. چند شهري مسلمانن تعليم حاصل ڪئي هئي، پر اهي اتي ۾ لوڻ برابر هئا. سنڌ اندر هندو 75 سيڪڙو ڪان بہ مٿي نوڪرين ۾ هئا. جيتوڻيڪ سندن آدمشماري 25 سيڪڙو هئي. هاڻ سنڌ جي جدا ٿيڻ بعد، مسلمانن ۾ حڪومت جي نوڪرين حاصل ڪرڻ جو شوق پيدا ٿيو. پر جايون اڳيئي هندن سان پريون پيون هيون. ۽ جيسين تائين اهي هندو سرڪاري نوڪر پينشن ۾ نٿي ويا يا مئا نہ ٿي، مسلمان اميدوارن کي ڪنهن جاءِ ملڻ جو امڪان ڪونہ هو. پڇاڙيءَ جي وقت ۾ انگريزن، ڪانگريس طرفان آزاديءَ جي هلچل هلائڻ ڪري۔ جنهن ۾ اڪثريت هندن جي هئي۔ مسلمانن کي نوازي، سنڌ ۾ مسلمانن کي نوڪريون ڏيڻ شروع بہ ڪيون هيون. پر باوجود ان جي، هو انهن ۾ ڏهہ سيڪڙي کان وڌي 25 سيڪڙو مس ٿيا هئا. اسان گهڻي ڪوشش ڪئي، پر ڪجهہ قانوني رنڊڪن ۽ وزارتن ناهڻ تي هندن جي اثر هئڻ ڪري انهيءَ ڏس ۾ گهڻو ڪجهہ ٿي نہ سگهيو.

(4) چوٿون مسئلو۔ "بي زمين هارين کي زمين ملڻ، ٽيننسي حقن ۽ سندن حفاظت وغيره" جي سوالن جو هو. سنڌ ۾ 80 سيڪڙو ماڻهن جي رهائش ڳوٺن ۾ هئي، جن مان گهڻن جو گذر معاش زمين جي آباديءَ تي هو جاگيردارن ۽ هندو مسلم زميندارن جي هٿ ۾ هئي. تنهن ڪري هاري، زميندارن ۽ جاگيردارن جي رحم ڪرم تي هئا. نون سڌارن موجب هر هڪ مرد ۽ زال کي ووٽ جو حق مليل چڪو هو. پر صرف ووٽ جو حق ملڻ ڪافي نہ هو جيسين تائين انهن ۾ ووٽ جي صحيح استعمال جو شعور پيدا نہ ڪيو ويو هو ان واسطي ڪجهہ سماجي ڪارڪنن گڏجي، 1930ع ۾ ميرپورخاص ۾، مرحوم جمشيد مهتا جي صدارت هيٺ، "هاري ڪاميٽي" ناهڻ لاءِ هڪ ڪانفرنس سڏائي، جنهن جي استقباليہ ڪاميٽيءَ جو چيئرمن آءٌ هوس. نيٺ ان هاري ڪاميٽيءَ، پرنسپال گوڪلي جي صدارت ۾، مسٽر چيتمل پرسرام، شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ ۽ مون کي سيڪريٽري چونڊي ڪم هلائڻ شروع ڪيو. ان ۾ جن پين ماڻهن حصو ورتو. انهن مان مولوي عبدالله لغاري، مصري خان خاصخيلي، ميان فقير محمد مگريو ۽ ڪامريڊ عبدالقادر ڪوڪر مکيہ هئا. ڪيترائي سبب هئا، جنهن ڪري ان تحريڪ زور نہ ورتو جيستائين ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، ڊپيوٽي ڪليڪٽريءَ جي عهدي تان استعيفيٰ ڏيئي، فل ٽائيم ورڪر جي حيثيت ۾ ان ۾ حصو وٺڻ شروع نہ ڪيو.

www.sindhsalamat.com

پر باوجود هن جي اڻٿڪ ڪوشش ۽ اسان جي مدد ۽ همدرديءَ جي، ان تحريڪ گهڻو واڌارو نہ ڪيو جنهن جا مکيہ ڪارڻ هيٺيان هئا:

1. فنڊن ۽ ورڪرن جي کوٽ، جنهن ڪري ساريءَ سنڌ اندر وسيع پيماني تي ڪم نہ ٿي سگهيو.

2 هن تحريڪ کي ان جي ڪارڪنن، ٽريڊ يونين وانگر، صرف هارين جي تنظيم ۽ اقتصادي حقن جي حصول لاءِ ڪتب آڻڻ بجاءِ، سياسي ميدان ۾ ٽپائي آندو ان ڪري اها تحريڪ زميندارن، جاگيردارن، سيدن ۽ پيرن جي مستقل مفاد سان اقتدار جي حصول ۾ چٽاپيٽيءَ جو نشانو بڻجي، خواه مخواه ڪمزور ٿي.

3 ڇڙوڇڙ گهرن ۽ ننڍن ڳوٺن ۾ رهڻ ڪري هارين جي چوپائي مال، زالن ۽ ملڪيت جي چورن کان حفاظت، ڪامورن ۽ پوليس وارن ۽ پر وارن دشمن قبيلن جي ظلم کان بچاءَ، ڏک سک وقت مدد، آباديءَ جي خرچ پکي، ۽ شاديءَ غميءَ وقت خرچن جي انتظام، باهمي جهڳڙن جي فيصلن جي نبيرڻ جا ڪم سڀ زميندارن جي هٿ ۾ هئا: ان ڪري هاري تحريڪ جا ورڪر وسيلن جي گهٽتائيءَ سبب، ۽ زميندارن جي مخالفت يا عدم تعاون جي مقابلي ۾ پوري پوريءَ طرح تحريڪ کي منظم ڪري نہ سگهيا. ان ڪانسواءِ هارين ۾ پنهنجن حقن جي حصول لاءِ سياسي شعور پيدا نہ ٿي سگهڻ ڪري، هو جاگيردارن، زميندارن، پيرن، سيدن ۽ ڪامورن جي اثر کان ٻاهر نہ نڪري سگهيا: ۽ ساريءَ سنڌ ۾ هڪ ٻہ مخلص هاري ورڪر کي، ويندي حيدر بخش جتوئيءَ تائين، چونڊائي نہ سگهيا. ۽ نہ اسيمبلين ۾ سندن ڪو بہ حقيقي نمائندو اچي نہ سگهيو. اسان مان جن کي سندن ڪم سان دلچسپي هئي، تن جو اهڙين جماعتن سان واسطو هو جن ۾ اڪثريت مستقل مفاد جي هئي: تنهن ڪري اسان جو آواز رڃ ۾ رڙ برابر هو.

5. پنجون مسئلو جو سنڌ ۾ اسان جي راهہ ۾ رنڊڪ بڻيو بيٺو هو سو هو "جاگيرداري، زمينداريءَ ۽ پيريءَ مرشديءَ جو اثر." انگريزي دور حڪومت ۾ جيڪو جمهوري نظام رائج ٿيو. اُن ۾ هر بالغ مرد ۽ عورت کي ووٽ ڏيئي، اسيمبليءَ ۾ پنهنجي نمائندي چونڊڻ جو حق تہ حاصل ٿي ويو هو. پر صحيح ۽ ايماندار نمائندي چونڊڻ لاءِ جنهن سياسي شعور جي ضرورت ٿئي ٿي، سا ماڻهن ۾ موجود نہ هئي. ان وقت 80 سيڪڙو ماڻهو ٻهراڙين ۾ رهندڙ هئا. جن مان 75 سيڪڙو بي زمين هارين جو هو. جن مان 25 سيڪڙو ماڻهو ڇڙوڇڙ گهرن ۾

www.sindhsalamat.com

تعليم ۽ صحت جي انتظام ۽ چورن جي ڌاڙي ۽ ظلم جي حفاظت کان محروم هئا. اهي زميندارن جا محتاج، وياج خورن جا قرضي ۽ پيرن جي اثر هيٺ هئا، جن جي اڪثريت بداخلاق، خود مطلب ۽ لالچي هئي. ڳوٺن ۾ جي مُلا رهندا هئا، سي اڪثر صحيح اسلامي تعليم کان اڻ ڄاڻ هئا. تعصب ڦهلائڻ، تعويذ لکڻ ۽ وڏن ماڻهن جي خوشامد ڪرڻ سندن ڌنڌو هو. ڏاڙهي رکائڻ، نماز پڙهڻ، مئلن کي ختما ڏيڻ، مسجد ۾ خطبا پڙهڻ، جيڪي اڪثري ورهين جا پراڻا لکيل هوندا هئا، سندن مشغلا هئا. (خطبن جي ڪن ڪتابن ۾ اڃا به لکيل هوندو هو ته "خدا سائين! امام العادل خليف المسلمين کي برقرار ۽ سلامت رکـ!" جيتوڻيڪ دنيا مان ترڪن خلافت جو اداروئي ختم ڪري ڇڏيو هو.) عام ماڻهو ڌاڙن جي خوف ۽ چورن جي چوريءَ، پوليس جي زوريءَ ۽ زميندارن جي ظلم کان هميشه مرعوب رهندا هئا. اهي غلط پروپيگنڊا ۽ خراب اثر، ڊپ ۽ لالچ ۾ اچي، ٻنان سمجهه سوچ جي ووٽ ڏيندا هئا. انهن حالتن هيٺ ڪهڙيءَ طرح جمهوريت وجود پڪڙي سگهي ٿي! زميندارن وٽ لکين روپيا موجدو هئا، تنهن کان سواءِ قرض به ڪٽي اليڪشن تي خرچ ڪري سگهندا هئا. ملن، پيرن ۽ ڪامورن کي خريد ڪري پنهنجي فائدي لاءِ ڪتب آڻي سگهندا هئا. سالم مڊل ڪلاس اڃا پيدا نه ٿيو هو. اهڙيءَ حالت ۾، اسيمبلين ۾ ڪهڙي قسم جا ميمبر چونڊجي سگهيا ٿي، سا ڳالهه ظاهر هئي.

ان سلسلي جي تلخ حقيقت هي هئي ته سنڌ اسيمبليءَ جي پهرينءَ چونڊ ۾، جڏهن گورنر جمهوري اصولن جي خلاف، 60 ميمبرن مان 5 ميمبرن جي ليڊر کي وزارت ٺاهڻ جو حڪم ڏنوهو تڏهن هو هندن جهڙي باشعور قوم جي مدد صرف اسيمبليءَ ۾ هڪ عهدي ڏيڻ عيوض هٿ ڪري ويو جڏهن ته 13 بلوچ ميمبرن کي هڪ وزارت جي لالچ تي پنهنجي طرف ڪري ورتائين. هر ڪو ميمبر پنهنجي ذاتي ملڪيت ۽ اقتدار وڌائڻ ۾ مشغول ٿي ويو. عوام خواب غفلت ۾ ستل هو. جنهن کي اهو پتو ڪونه هو ته ملڪ ۾ ڇا وَهي واپري رهيو هو. پڙهيل ماڻهو ڏهه سيڪڙو مس هئا. مسلمانن جي صرف هڪ روزانه اخبار "الوحيد" هوندي هئي، جنن جي سرڪيوليشن اڍائي هزار مس هوندي هئي. ان اخبار جا سا'يانه چندا، اڪثر ماڻهن وٽ رهيا پيا هوندا هئا. ان کي اشتهار نه سرڪاري طرح ملندا هئا ۽ نه واپارين کان ملندا هئا. سرڪار ۾ اها اخبار مقبول نه هئي، ۽ تنهن ڪا سواءِ اشتهار ڪلارڪن جي رحم ڪرم تي ملندا

www.sindhsalamat.com

هئا. جن کي ان لاءِ پيسن ڏيڻ جي ضرورت هوندي هئي. واپاري اشتهار جو اڃا پورو رواج نہ پيو هو. پر واپار هندن جي قبضي ۾ هئڻ ڪري اهي اڪثر هندو اخبارن کي ملندا هئا. جن جي روزانہ اخبارن جو تعداد چئن کان زياده هوندو هو. بمبئي کان سنڌ جدا ڪرڻ لاءِ پهريائين سيٺ هرچند راءِ ۽ ٻين هندن تحريڪ ۾ حصو ورتو هو پر آخر ۾ ملڪ منجهه هندو مسلم اختلافن پيدا ٿيڻ بعد، سنڌي هندن جي گهڻائي سنڌ جي بمبئيءَ کان جدائيءَ جي مخالفت ڪئي هئي. ڇو تہ سنڌ ۾ اڪثريت مسلمانن جي هئڻ ڪري، سنڌن انگريزي دور ۾ حاصل ڪيل مستقل مفاد، جهڙوڪ 75 سيڪڙو نوڪرين، 30 لک ايڪڙ زمين، واپار جي هڪ هٽي، ڪارخانن ۽ بئنڪن تي قبضي ۽ قرض وغيره، کي نقصان پهچڻ جو انديشو هو. پر سنڌ جدا ٿيڻ بعد حالت اها وڃي بيٺي، جو سنڌي زميندارن، پيرن، سيدن ۽ جاگيردارن جي چونڊجي اچڻ بعد بہ سنڌ اسيمبلي سدائين انتشار جو شڪار رهي، ۽ حقيقت ۾ هندو مستقل مفاد ميمبرن جي رحم ڪرم تي ٿي رهي- ڇو تہ زميندارن، پيرن، سيدن ۽ جاگيردارن جي اڪثريت کي نہ اصول هئا. نہ سياسي شعور هو ۽ نہ ملڪ ۽ قوم جو اونو. هنن جو مقصد صرف اقتدار جو حصول، ملڪيت وڌائڻ جو حرص، باهمي اختلاف ۽ چتاپيٽين ۾ ڪاميابيءَ جو شوق هو.

ٻئي طرف مسلم اقليت وارن صوبن ۾ جتي انگريزن کان اڳ مسلمانن جي حڪومت رهي هئي، اتي مسلمان پڙهيل هئا. ايتري قدر جو انگريزن جي وڃڻ وقت بہ 54 سيڪڙو نوڪريون مسلمان ڪامورن جي هٿ ۾ هيون. زرعي زمين تہ لڳ ڀڳ 80 سيڪڙو سندن قبضي ۾ هئي، ۽ خود تعداد ۾ آباديءَ جو 14 سيڪڙو مس هئا. مسلم اڪثريت وارن صوبن جي قيمت تي هنن کي ڪجهہ زياده نمائندگي ملي، تہ اها بہ اڌ سيڪڙو کان مٿي نہ هئي. ڪانگريس جي حڪومت ۾ اچڻ بعد هنن جي نوڪرين، زمين وغيره مستقل مفاد کي نقصان پهچڻ جو انديشو ٿي پيو. هاڻ هنن وٽ ٻيو ڪوبہ طريقو پاڻ بچائڻ لاءِ نہ بچيو سواءِ اُن جي تہ مسلمانن جي جداگانہ قوم جو نئون نظريو ايجاد ڪري، مسلم اڪثريت وارن صوبن ۾ پنهنجون آزاد مسلمان حڪومتون بنائي، پاڪستان جي نالي سان سامراج قائم ڪن. هنن کي معلوم هو تہ هند ۾ مذهبي تعصب کي سون ورهين کان اورنگزيب ۽ سرهندي پيرن ۽ ٻين متعصب ملن ۽ مولوين جي تحرڪ سان ڪاني هوا مليل هئي. مسلم عوام جاهل هئا. تن کي هنن بيوقوف

www.sindhsalamat.com

بنائي مسلمانن جي جدا وطن جي نالي ۾ هلچل هلائي. نتيجو اهو نڪتو ته اها هوا باهه وانگر ڦهلجي ويئي. هند ۽ سنڌ جي درويشن، جهڙوڪ خواجگان چشتي، شاهه عنايت جهوڪ واري، شاهه لطيف، سچل سرمست وغيره، جي تعليم ذريعي هندستان کي متحد ڪري پيار ۽ محبت جي جيڪا تعليم ڏنل هئي، اها هڪ طرف، ۽ ٻئي طرف گرو نانڪ، ڪبير ڀڳت، دادو ڀڳت وغيره درويشن، جيڪو پريم جو پرچار ڪيو هو سو مذهب کان غير واقف، چند خود مطلب، مستقل مفاد ۽ سامراجي خيالن جي مسلمان ليڊرن جي نذر ٿي ويو. اسان، جيڪي صوفي درويشن جي تعليم جا تربيت يافته هئاسون، سي به ان وهڪري ۾ وهي وياسون. ۽ مون سنڌ اسيمبليءَ ۾ هند جي رويي کان ناراض ٿي، پاڪستان جي ٺهراءَ پاس ڪرايو ان لاءِ پرچار ڪيو ۽ هندن کي يهودي ڪوٺيو! نتيجو اهو نڪتو ته نيٺ انگريزن جي آڌار تي مسلم اڪثريت وارن پنجن صوبن- بنگال، سنڌ، پنجاب، بلوچستان ۽ سرحد تي مشتمل جدا حڪومت پاڪستان جي نالي سان وجود ۾ آئي. لکن جي تعداد ۾ هتان جي سنڌي ڄائنڌڙ صوفي منش، تعليم يافته، تجارت جا ماهر، انجنيئر، ڊاڪٽر وغيره هندو لڏي ڀارت طرف ويا، ۽ اُتان لکن جي تعداد ۾ ڪٽر فرقي پرست، اردو ڄائنڌڙ ترقي يافته، تجارت ۽ هنر جا ماهر مسلمان، هندستان جي ڏار ڏار صوبن کان لڏي اچي سنڌ ۾ وينا. اسان انهن جي آمد تي خوشيون ملهايون، انهن جون مهمانيون ڪيون، کين جيءَ ۾ جايون ڏنيون، پر اڳتي هلي اسان کي معلوم ٿيڻ لڳو ته هنن ۾ احساس برتري هو. هو پاڻ کي فاتح سمجهي، هن نئين مملڪت کي پنهنجي فتح ڪيل سلطنت سمجهڻ لڳا، ۽ پنهنجي ڪلچر ۽ زبان کي اسان جي مٿان زوريءَ مڙهڻ چاهيائون. اسان مان جن سنڌ جي اصلي رهاڪن جي زبان، ڪلچر، سياسي ۽ اقتصادي حقوق ۽ قوميت جو نالو ٿي ورتو تن کي اسلام، پاڪستان ۽ ملڪ جو دشمن سڏي سخت سزائون ڏيئي، مات ڪرائڻ تي گهريو. نه فقط ايترو پر هنن مورڳو هزارن ورهين جي سنڌو ديش ۽ سنڌي قوم جي وجود کان انڪار ڪيو ۽ سنڌي قوم جي نالي وٺڻ کي ئي ڏوهه ٺهرايو.

انگريز ڌاريا حاڪم هئا، هنن جي دور حڪومت ۾ گهڻا ظلم ۽ خرابيون سرزد ٿيون، پر هي حقيقت احسان فراموشيءَ جي برابر ٿيندي ته سنڌن دور حڪومت ۾ سنڌين کي ڪهڙا فائدا وساري ڇڏيون- جهڙوڪ:

www.sindhsalamat.com

نڪتو تہ سندن دور حڪومت ۾ ٽيهہ لک ايڪڙ زمين مسلمان آبادگارن جي هٿن مان ڪسجي هندو واپارين يا وياج خورن جي هٿن ۾ اچي ويئي. انگريزن جي همت افزائيءَ سبب سندن دور ۾ 75 سيڪڙو نوڪرين، سبب سندن جملي واپار ۽ ڪارخانا هندن جي قبضي ۾ اچي ويا.

(5) پيرن، ملن ۽ زميندارن کي زور وٺائي، غريب عوام کي ڪمزور ۽ بزدل بنائي، مختلف طريقن. جهڙوڪ زمين ڏيڻ، سرڪاري ڪامورن ذريعي سرپرستي ڪرڻ، لقب ۽ ماجسٽريٽين ڏيڻ، درٻارين جي ڪرسين جي پروانن ۽ هٿيارن جي گزيٽ پروانن ڏيڻ وغيره وسيلي، انهن جي مفاد جي همت افزائي ڪئي ويئي. اهڙيءَ طرح هڪ خوشامدي، ابن الوقت ۽ جي حضوري طبقو پيدا ڪري، سنڌين جي وڏي ڪلاس جي ماڻهن مان قومي غيرت ختم ڪري، انهن کي هڪ قوم جي حثيت ۾ بيڪار بنايو ويو.

انگريز جڏهن ملڪ ڇڏي ويا تہ سنڌي عوام ۽ خواص جي اها حالت هئي.

مٿي آءُ مختصر طور ماضيءَ ۾ سنڌي مفاد کي ڌارئين سامراج سان تصادم ذريعي يا انهن جي دور حڪومت جي ڪري، جيڪي نقصان پهتا هئا، تن جو ذڪر ڪري آيو آهيان. ان مان پتو پئجي ويندو تہ گذريل 5 هزار سالن ۾ ڌارين سامراجن هٿان سنڌين ڪهڙيون تڪليفون ۽ مصيبتون برداشت ڪيون هيون. انهي سرگذشت کي مفصل بيان ڪرڻ لاءِ تاريخ جي ڪوجنا ڪري، ڌارين جي ظلمي داستانن، سنڌي قومپرستن جي جدوجهد ۽ انهن دورن ۾ پيدا ٿيل بدعتن ۽ خرابين جي بيان ڪرڻ لاءِ ڪن مستند ڪتابن لکڻ جي ضرورت آهي. پر اهو سيڪجهہ تڏهن ٿي سگهندو جڏهن سنڌين ۾ قومي شعور پيدا ٿيندو ۽ ان جي نتيجي ۾ ملڪ ڌارين جي سامراج مان آزاد ٿي، سنڌو ديش تي سنڌي قوم جو تسلط قائم ٿيندو.

## سنڌ جي موجوده حالتن تي مختصر تبصرو

جڏهن ڪتين جي، پٽر پير ڏکيا ڪري،
تڏهين تنين کي، ساٿ سٽي ئي ڇڏيو! (شاهہ)

هن وقت اسان تي ڌارين ماڻهن، مهاجر پنجابي مستقل مفاد، جو سامراج قائم آهي، جن انگريزن جي مدد، مذهب جي ڏوڪي، خود مطلب سنڌين جي غدارين، سنڌي عوام جي سياسي شعور جي عدم موجودگيءَ، وڏن ماڻهن جي

www.sindhsalamat.com

بزدليءَ. بي همتي ۽ گمراهي جي ڪري، لکن جي تعداد ۾ ٻاهران اچي سنڌ کي والاريو آهي. ۽ ان جو استحصال ڪري رهيا آهن.

جيتري قدر مون ان ساري مسئلي تي نظر ڊوڙائي آهي، تہ هيءَ سامراج، سنڌ جي سموريءَ تاريخ ۾ آرين جي سامراج سان مشابهت رکي ٿو جن لکن جي تعداد ۾ دراويدن مٿان ڪاهي ڪري، پاڻ کي ڪالونائيز ڪري، هتي تسلط ڄمايو هو. البت هنن سنڌ کي غلام بنائڻ لاءِ آرين کان بہ ڪي نوان حربا ڪتب آندا آهن. دراويدن جي دور ۾ عالمي ضمير ايترو بيدار ڪونہ هو ۽ "جيڪو ڏاڍو سو گابو" سان مشابهت رکندڙ دور هو. ان ڪري دراوڙن کي ختم ڪرڻ ۾ آرين کي ڪا تڪليف ڪانہ آئي. هنن کي صرف جنگ ڪري، دراويدن کي شهري بستين مان ڪڍڻو هو. ان ڪري ڪن کي ماريائون، ڪن کي ملڪ نيڪالي ڏنائون. تہ ڪن کي اڇوت ۽ داس بنائي، پنهنجي زيردست نوڪرن وانگر ڪري هلايائون. ليڪن هنن يو پي ۽ پنجاب جي طرف کان آيل نون سامراجين، سنڌين جي استحصال لاءِ هيٺيان نوان حربا استعمال ڪيا آهن:

الف: سنڌين جي مذهب سان دلچسپي ۽ عقل جي گهٽتائيءَ جو ناجائز فائدو وٺي، هنن پنهنجي سامراج جي جواز لاءِ اسلام جي نالي ۾، مذهب جي بنياد تي جدا قوم جو نظريو ايجاد ڪري، دنيا جي عام قبول ڪيل جديد قومي نظريي جي خلاف سنڌين کي مسلم قوم جو جزو قرار ڏيئي، سنڌ ۾ رهندڙ ماڻهن جي هزارها ورهين جي وطن، زبان، ڪلچر، قومي روايات ۽ سياسي ۽ اقتصادي مفاد جي بنياد تي ٺهيل قومي وجود کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي.

ب: شريعت اسلاميءَ جي راڄ کي بهترين لائحہ عمل قرار ڏيندي، مڪاني ماڻهنجو ڌيان سندن حقيقي مسئلن کان هٽائي، سنڌي عوام ۽ خواص جا ذهن مسخ ڪري، پنهنجي نئين سامراجي قومي نظريي کي مٿن مڙهي، کين غلاميءَ تي رضامند رهڻ لاءِ تيار ڪري رهيا آهن.

ت: سنڌي وڏيرن، پيرن، ملن ۽ پڙهيل طبقي جي افراد کي ڍيجاري ۽ لالچ ڏيئي، مختلف طريقن ذريعي گمراهہ ڪري، پنهنجن ايجنٽن طور ڪٺ آڻن جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. ٻاهريان سامراجي جملي ملڪي وسيلن جو استحصال ڪن ٿا، ۽ سندن مٿي ڄاڻايل سنڌي ايجنٽ مڪاني پيماني تي معمولي استحصال تي رضامند ٿيو پون. جيئن شينهنجي شڪار مان بچيل هڏن، آنڊن ۽ اوجهرين تي گدڙ ۽ لومڙ گذارو ڪندا آهن، هي بہ تيئن ڪن ٿا.

www.sindhsalamat.com

ث: سرڪاري مشينريءَ. ريڊيي، ٽيليويزن، اخبارن ۽ ڪتابن جي معرفت، اسلام ۽ پاڪستان جي نالي ۾ پرچار ڪري هي ڏاريان سامراجي پنهنجي ڪارستانين کي سنڌين کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا.

ج: اڄڪلهه مذهب کان علاوه جنهن نئين نظريي گذريل 50 سالن کان عوام جي توجهه پنهنجي ڇڪايو آهي، سو سوشلزم جو اقتصادي نظريو آهي. ان مطابق عوام مان غربت دور ڪرڻ، اقتصادي مساوات لاءِ پيداوار جي ذريعن ۽ پيداوار جي ورهاست کي جملي ماڻهن جي گڏيل مفاد لاءِ ڪتب آڻڻ ۽ سرمائي کي خانگي دسترس مان ٻاهر ڪڍي عوام جي نفعي لاءِ ڪم آڻڻ جي تعليم ڏني ويندي آهي. پر جهڙيءَ طرح مذهب اصل انسان ذات جي اتحاد، امن ۽ ترقيءَ لاءِ ايجاد ڪيا ويا هئا، ۽ اڳتي هلي ان جا ڪارڪن پنهنجا مستقل مفاد بنائي، ماڻهن جي استحصال جا ڪارڻ بنيا هئا، اهڙيءَ طرح سوشلزم جي نالي ۾ به گهڻي گمراهي پيدا ڪري ڪيترن گروهن ان جو غلط استعمال پڻ ڪيو آهي. مثلن: ڪرشچن سوشلزم، جرمن قومي سوشلزم، اسلامي سوشلزم، چيني ڪميونزم، هندي سوشلزم وغيره. مختلف قسمن جا سوشلزم هن وقت تائين ڪتب آڻي، ماڻهن کي گمراهه ڪيو ويو آهي. اسان وٽ هتي اسلامي سوشلزم جي اهڙي ڪنهن بدديانتي واري استعمال جي امڪان کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي.

ح: هتي جي رهاڪن کي نون سامراجين طرفان اسلامي دنيا جي اتحاد، مذهب اسلام جي فروغ ۽ الاهي حڪومت قائم ڪرڻ جي دلاسن سان پرچايو ويجي ٿو.

خ: اڄوڪي زماني ۾، جمهوري سرشتي حڪومت کي پسنديده طريقه حڪومت مڃيو ويجي ٿو. ان ڪري هتي نالو جمهوريت جو وٺي آمرانه طريقي ڪار استعمال ڪري، سنڌين کي محڪوم ۽ مجبور رکيو ويجي ٿو.

جنهن صورت ۾ انهن سوالن مان گهڻن جو تعلق نظرين ۽ مذهب سان آهي، اُن ڪري ان تي مفصل روشني پنهنجي فصل ۾ وڌي ويندي. هتي اسان هيءَ ڳالهه صاف ڪرڻ چاهيون ٿا ته سنڌ ۾ ٻاهران آيل مهاجر-پنجابي مستقل مفاد واقعي سامراجي آهن يا نه؟ ان کان پوءِ سوال اٿندو ته:

(1) جيڪڏهن هو سامراجي آهن، ته سنڌين کي انهن مان ڪهڙن نقصانن پهچڻ جو امڪان آهي؟

www.sindhsalamat.com

باهمي سماجي ۽ اقتصادي مفاد قائم ڪري سگهيا هجن. انهي ڪسوٽيءَ تي سنڌين کي پرکڻ بعد نظر ڪبي تہ معلوم ٿيندو تہ:

(1) سنڌين کي گذريل 5 هزارن سالن کان پنهنجو جدا جاگرافيائي وطن پئي رهيو آهي.

(2) هتي جي رهاڪن کي باوجود مختلف ملڪن ۽ قومن مان هئڻ جي هزارن سالن کان هن ملڪ ۾ گڏجي رهڻ ڪري هڪ گڏيل زبان آهي. جنهن ۾ هنن پنهنجي تاريخي ادب جو سرمايو ڪٺو ڪيو آهي. جنهن ۾ مختلف ٻولين جا اکر گڏجي، هڪ قالب ۾ سمائجي ويا آهن.

(3) هنن هزارين ورهيہ گڏجي رهڻ ۽ ٻين قومن سان لاڳاپي يا تصادم ۾ اچڻ بعد، ڪي قديم روايتون ۽ قومي ڪردار جا مکيہ جزا پيدا ڪري، پنهنجا قومي ورثا ڪيا آهن. جن جي تحفظ ترقي کي هو پنهنجو فرض سمجهن ٿا.

(4) هو صدين تائين هڪ خاص خطي زمين، حالات، آبهوا ۽ باهمي رابطي جي ڪري هڪ مخصوص ڪلچر جا مالڪ بنجي ويا آهن. جنهن تي کين فخر آهي.

(5) هنن پنهنجا سياسي ۽ اقتصادي مفاد علحده ڪري ڇڏيا آهن. جن جي استعمال جو حق هو پنهنجو اباڻو ورثو سمجهن ٿا.

پهرئين نقطي جي ثبوت طور مون هن ڪتاب ۾ ڪافي ذڪر ڪيو آهي. ٻئي نقطي بابت تفصيلي ذڪر مون پنهنجي ڪتاب "موجود سياسي مسئلا" ۾ ڪيو آهي.

ٽئين ۽ چوٿين نقطن بابت سمجهاڻي، منهنجي ڪتاب "سنڌي ڪلچر" ۾ ڏنل آهي.

پنجين نقطي جو ڪجهہ احوال "سنڌو ديش ڇو ۽ ڇا لاءِ؟" ۾ ڏنل آهي. وڌيڪ احوال هن ڪتاب جي ٽئين ۽ چوٿين فصل مان پڙهي سگهبو.

تنهنڪري اها ڳالهہ روز روشن وانگر پڌري پئي ڏسڻ ۾ اچي تہ، سواءِ اکين جي انڌي ڪنن کان ٻوڙي، زبان کان گونگي، جاهل مطلق، غاصب ۽ بدنيت جي، سنڌي قوم جي وجود کان ڪو انڪار ڪري نٿو سگهي.

سنڌي قوم جي جدا وجود هئڻ جي حالت ۾، سنڌين کي پنهنجون حڪومتون بہ رهيون آهن. جيئن ٻين ملڪن تي مختلف زمانن ۾ ڪن سامراجي قومن پنهنجو تسلط ڄمائي، کين غلام بنائي، انهن جو استحصال پئي ڪيو آهي. تيئن سنڌو ديش جي حالت بہ پئي رهي آهي. پر سنڌ جي تاريخ تي نظر ڪرڻ مان

www.sindhsalamat.com

پتو پوي ٿو تہ باوجود گهڻين مشڪلاتن جي، سنڌي قوم ٻاهرين طاقتن کان وقت بہ وقت نجات حاصل ڪري وري آزادي حاصل پئي ڪئي آهي. ۽ پنهنجو وجود اڄان تائين قائم رکيو اچي.

## 2. سامراج (سامراجي حڪومت)

جڏهن ڪي ڌاريا حاڪم، قومون يا طاقتون، ٻئي ملڪ تي مختلف طريقن سان قبضو ڪري، ان ۾ ويهڪون بنائي، مڪاني ماڻهن کي زيردست ڪري اتي جي ملڪي وسيلن جو استحصال ڪنديون آهن، تہ ان کي سامراج سڏيو ويندو آهي. تاريخ ۾ اهڙن ڪيترن سامراجن جا مثال ملن ٿا، جهڙوڪ ايراني سامراج، يوناني سامراج، رومن سامراج، عرب سامراج، مغل سامراج، ترڪ سامراج، انگريز سامراج وغيره.

هاڻ سوال اٿندو تہ سنڌ تي موجوده حڪومت سامراجي آهي يا نہ؟ ان لاءِ هيٺين دليلن جي آڌار تي اِهَ چئي سگهجي ٿو تہ هي نئون مهاجر -پنجابي مستقل مفاد واقعي سامراجي حيثيت قائم ڪري ويو آهي:

(1) هي ٻاهران آيل ماڻهو سنڌ ۾ ڌاريا آهن. جن سنڌ ۾ اچي زوريءَ سڪونت اختيار ڪري، مڪاني ماڻهن جي زرعي زمين، واپار، ٻئنڪن (پيسي) ڪارخانن ۽ نوڪرين تي قبضو ڪيو آهي.

(2) هن حڪمران طبقي دنيا جي تسليم ڪيل قومي اصولن جي خلاف، سنڌين جي جداگانہ قومي وجود کان انڪار ڪري، يوناني، عرب ۽ مغل سامراجن وانگر نہ رڳو سنڌ تي قبضو ڪيو آهي پر سنڌين جي ڪلچر، زبان ۽ قومي روايتن کي ختم ڪري، کين پنهنجيءَ قوم ۾ ضم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

(3) هي سنڌن ماتحت ملڪن جي جداگانہ حيثيت کان انڪار ڪري، کين هڪ مرڪزي حڪومت هيٺ آڻي، مٿن ڌارين اردو زبان ۽ يو پي ڪلچر مڙهي، سنڌ جي قومي روايتن کي ميسارڻ لاءِ ڪوشان آهن. انهن کي علائقائي اقليت جي درجي تي پهچايو ويو آهي. جو انهن کي پاڻ ۾ ضم ڪرڻ جو سنڌن ابتدائي قدم سمجهي سگهجي ٿو.

(4) انهيءَ سامراج ۾ ٻن جدا ملڪن جي مستقل مفاد گڏجي، نون آزاد ٿيل ملڪن سنڌ، بلوچستان ۽ پختونستان تي قبضو ڪيو آهي. انهن مان هڪ گروهہ وچ هندستان جي مسلم رهاڪن تي مشتمل آهي، جيڪي مغل دور حڪومت ۾

www.sindhsalamat.com

سرزمين هند ۾ زرعي زمين، سرڪاري عهدن، لشڪر، واپار ۽ محڪمه مذهب اسلاميءَ تي قبضو ڪري مستقل مفاد بنجي ويا هئا. انگريزن جي پارت مان نڪرڻ ۽ ان کي آزاد ڪرڻ جمهوري سرشتي حڪومت جي ماتحت ڇڏڻ جا آثار محسوس ڪري هنن اتي حالتون ناسازگار ڏسي، پنهنجي مستقل مفاد کي اتان ڪڍي نون ملڪن تي پنهنجي سامراجيت قائم ڪرڻ جي رٿ رٿي، جنهن لاءِ هنن هي اوزار ڪتب آندا آهن.

الف: مسلم اڪثريت وارين رياستن جي رهاڪن کي مذهب جي نالي ۾ بيوقوف بنائي، هنن پاڪستان جي نالي ۾ نئين رياست بنائي آهي، ۽ ڪروڙن جي تعداد ۾ لڏي اتي اچي سڪونت اختيار ڪري، انگريزن جي مدد سان حڪومت تي قبضو ڪيو آهي.

ب: مذهب جي نالي ۾ خودساخته قوم جو نظريو ايجاد ڪري، ساري ملڪ تي نه صرف قبضو ڪيو اٿن، پر هتي جي رهاڪن کي پنهنجي زبان ۽ ڪلچر ڇڏي ڌارئين ڪلچر ۽ زبان جي قبولڻ لاءِ مختلف طريقن سان گمراهه ۽ مجبور ڪيو اٿن. جهڙيءَ طرح عربن هتي جي ماڻهن کي اسلام جي نالي ۾ گمراهه ۽ بيوقوف بنايو هو.

ت: هي پارت مان زوريءَ ڪڍيا ڪونه ويا هئا، بلڪ سمجهيل سوچيل اسڪيم جي ماتحت اتان لڏي هن ملڪ ۾ هتي جي ماڻهن جو استحصال ڪرڻ آيا هئا. ان جو ثبوت هن ڳالهه مان ملي ٿو ته هي پاڻ کي مهاجر سڏائين ٿا. "مهاجر" ان کي چئبو آهي جو مختلف سببن ڪري پنهنجو ملڪ ڇڏي ٻئي ملڪ ۾ وڃي آباد ٿيندو آهي. اوهان هنن کي جيڪڏهن "رفيوجي" (پناهگير) سڏيندا ته ڪاوڙجي پوندا. ان جي صاف معنيٰ اها آهي ته هو زوريءَ ملڪ کان ٻاهر نه ڪڍيا ويا آهن. هنن جو هيتري تعداد ۾ پنهنجو اباڻو وطن ۽ رهڻ جون جايون- جتي هو جاوا نپنا هئا- ڇڏي هتي اچڻ جو مقصد، هن ملڪ ۽ ماڻهن جو استحصال ڪرڻ آهي. واپاريءَ ڪارخانيدار، بئنڪر، زميندار، نوڪري پيشه شاعر ۽ عالم- مطلب ته هر قسم جا ماڻهو اچي وارد ٿيا آهن. ۽ سرڪاري نوڪريءَ وارن ته ڇاٽي واٽي پاڻ کي هن ملڪ لاءِ آپٽ آئوٽ (بدلي) ڪرايو هو.

ٻيو گروهه پنجاب جي رهاڪن جو آهي. هنن ماڻهن انگريزي دور حڪومت ۾ لشڪر ۽ ٻين نوڪرين ۾ داخل ٿي، گهڻو پيسو ڪمايو ۽ پنجاب جي ٻئراجن ۽ نهرن تي زمين آباد ڪري سڪيا ستابا ٿيا ها. ان ڪري هو 59 هزار

www.sindhsalamat.com

چورس ميلن جي ايراضي واري خطي ۾ پوٽا 4 ڪروڙ آدمشماريءَ کي پهچي ويا هئا. جنهن ڪري پنهنجي ملڪ ۾ نه زمين گهٽي هئي، نه ڪارخانن لاءِ سهوليتون هيون ۽ نه ئي سمنڊ جي نه هئڻ سبب ٻاهريون واپار ڪري سگهيا ٿي. نوڪريون به ڪافي نه ٿي ملي سگهيون. سکن ۽ هندن جي مقابلي ۾ هو بيهي نه ٿي سگهيا. تنهنڪري ملڪ ورهائڻ بعد هنن نوڪرين، زمينن، واپار ۽ ڪارخانن جي حصول لاءِ سنڌ طرف رخ رکيو.

جناح صاحب ۽ لياقت علي خان جي دور حڪومت ۾ مهاجر زور هئا. جناح صاحب کان پوءِ وري هن پٺي گروهه جي ماڻهن لياقت علي کي ماري، ملڪي سياست تي قبضو ڪيو ۽ هو پوءِ حڪومتن کي پنهنجي سهوليتن خاطر بدلائيندا پئي رهيا آهن.

سنڌ ۾ زمين گهٽي هئڻ، ڪارخانن کولڻ جي سهوليتن، نون بئراجن جي کوٽجڻ، سنڌي پيرن، جاگيردارن ۽ وڏيرن جي ابن الوقتيءَ کان واقف هئڻ، هنن کي سنڌ ۾ ڪالونائيز ٿيڻ لاءِ ڪشش ڏياري.

هاڻ سوال اٿندو ته ڀارت جي مهاجرن ۽ پنجابين جو سنڌ جي استحصال لاءِ ميلاپ ڪهڙن سبب جي ڪري ٿيو آهي؟ ان تي غور ۽ تجربي بعد مون کي هيٺيان ڪارڻ ذهن ۾ آيا آهن:

(1) ٻنهي ڌرين کي مختلف سببن جي ڪري ملڪ کان ٻاهر نڪري نئين ملڪ ۾ جتي زرعي زمين، واپار ڪارخانن ۽ نوڪرين لاءِ ميدان ڪشادو هجي، ڪالونائيز ٿيڻ جي ضرورت هئي. انهن ڳالهين جي حصول لاءِ، مذهب جي نالي ۾ "مسلم قوم جي نظريو" ٻنهي لاءِ ڪارآمد هو ۽ اهو سندن اشتراڪ جو پهريون ڪارڻ هو.

(2) يو پيءَ ۾ اڳيئي اردو زبان مروج هئي. انگريز دور حڪومت ۾ پنجابي زبان ترقي وٺي نه سگهي هئي ۽ هنن پنهنجي انتظامي سهوليت خاطر پنجاب ۾ به اردوءَ کي رائج ڪري ڇڏيو هو. ابتدا ۾ پنجاب ۾ سکن جو راڄ هو ۽ سندن زبان پنجابي هئي. ان ڪري سندن اثر مٽائڻ لاءِ انگريزن پنجاب ۾ اردوءَ کي زور وٺايو. پنجاب ۾ يو پيءَ جا مسلمان نوڪرين ۾ ڪافي تعداد ۾ هئا. انهن جي اثر هيٺ، پنجابي مسلمانن سندن پوئلڳيءَ، انگريزن جي رضامنديءَ ۽ سکن جي مخالفت سبب اردوءَ کي خوشيءَ سان قبول ڪري، پنهنجي جداگانه قوميت ۽ زبان کي ڇڏي ڏنو هو. انهن ٻنهي گروهن جي اشتراڪ جو ٻيو ڪارڻ "اردو زبان" هئي.

www.sindhsalamat.com

(3) مهاجرن کي، جيئن اڳي بيان ڪري آيو آهيان، پنهنجي استحصال ۾ نئون چراگاهه گهربو هو تن سنڌ کي پنهنجي لاءِ ڪارآمد سمجهي، هجرت ڪرڻ جو ارادو ڪيو. پر اهل پنجاب تعداد ۾ زياده ٿيڻ ۽ پنجاب ۾ زرعي زمين جي گهٽتائيءَ سبب، سنڌ ۾ واپار جي سهوليتن ۽ نوڪرين لاءِ ميدان ڪشادو ڏسي، اڳيئي انگريزي دور حڪومت ۾ سنڌ ۾ اچڻ شروع ڪيو هو. جمڙائو ۽ نارا واهن جي کوٽائيءَ سبب نئين آباديءَ لائق زمين جي ميسر هجڻ، پوليس کاتي ۾ نوڪرين ملڻ، مقاطعن ۽ مزدوريءَ جي سهوليتن هجڻ جي ڪري، هنن سنڌ ۾ آهستي آهستي آباد ٿيڻ شروع ڪيو هو. ويتر جو بٽراج نڪتا، تن سندن لاءِ ميدان هموار ڪري ڇڏيو هو. نوڪريءَ وارن ماڻهن پنهنجن مائٽن کي نوڪريءَ لاءِ گهرايو. نين زمينن جي نڪرڻ ۽ سنڌ ۾ ڪارگر هارين جي کوٽ، هنن کي حرص ڏياري، سنڌ ۾ زمينون وٺي، ويهڪن ٿاهڻ لاءِ آماده ڪيو. سنڌ جي پيرن، جاگيردارن ۽ زميندارن جي خود مطلبيءَ، عياشي ۽ فضول خرچيءَ ۽ سنڌي هارين کي زمين جي هاريي جي حق نه هئڻ ۽ انهن جي سستيءَ کي ڏسي، نون آيل پنجابي هارين پنهنجي مائٽن کي حقيقتن کان آگاهه ڪيو ۽ سنڌ ۾ زمين وٺي آبادي ڪرڻ لاءِ حالتون سازگار معلوم ڪري کين سنڌ ۾ لڏي اچڻ لاءِ ترغيب ڏياري

اهي مکيہ هڪجهڙا مقصد هئا، جن مسلم ملڪ ٺاهڻ لاءِ ٻنهي ڌرين ۾ شوق پيدا ڪرايو.

يو پيءَ ۾ سر سيد احمد اڳيئي انگريزن جي اشاري ۽ پنهنجي حقوق جي حفاظت خاطر مسلمانن کي جدا منظم ڪرڻ جو بنياد وڌو هو. اهل پنجاب جا ڪيترا شاگرد عليگڙهه ۾ وڃي پڙهڻ بعد انهيءَ رنگ ۾ رڱجڻ لڳا هئا. انگريزن جي پاليسيءَ سبب اهڙيون حالتون پيدا ٿيون، جو 1930ع ڌاري علامہ اقبال الهه آباد مسلم ليگ جي اجلاس ۾ مذهب جي بنياد تي مسلمانن جي جداگانه قوميت جو نظريو پيش ڪيو. حالتون اڳيئي سازگار بنيون بيٺيون هيون. ويتر علامہ اقبال جي نئين نقطي نگاهه پيش ڪرڻ ۽ انگريزن جي پشت پناهيءَ ان نظريي کي تقويت پهچائي، نوڙيءَ مان نانگ بنائي ڇڏيو. اردو زبان اڳيئي ساڳي هئن، ۽ ٻاهر وڃي ڪالونائيزيشن ڪرڻ لاءِ ڪارڻ بہ اڳيئي موجود هئن. انهيءَ ڪري ٻنهي گروهن کي هڪٻئي جي نزديڪ اچي، نئين ملڪ ۾ پنهنجي مفاد خاطر سامراجيت قائم ڪرڻ لاءِ اتحاد ڪرڻو پيو ۽ انهيءَ اتحاد کين سنڌ ۾ اچي پنهنجي ويهڪن قائم ڪرڻ جي تحريص ڏياري

www.sindhsalamat.com

انهن نڪتن تي غور ۽ ويچار ڪرڻ بعد پتو پئجي ويندو تہ هنن (پناهگيرن ۽ پنجابين) جي مستقل مفاد جي حڪومت ڪي سامراج ڪوٺڻ ۾ ڪيتري قدر حق بجانب آهيون!

هاڻ اچو تہ چٽائي نظر ڪريون تہ هن نئين سامراج جي قائم ٿيڻ ڪري سنڌ ۽ ننڍن صوبن- سرحد ۽ بلوچستان کي ڪهڙا نقصان پهتا آهن. ۽ جيڪڏهن پاڪستان گهڻي وقت تائين قائم رهيو تہ اسان جو ڪهڙو حشر ٿيندو؟

جيتري قدر مون غور ڪيو آهي، تہ مون کي پاڪستاني سامراج مان سنڌ ۽ ننڍن صوبن کي هيٺئين نوع جا پهتل نقصان نظر اچن ٿا:

(1) سنڌ جي جدا قومي وجود کان انڪار ڪري، هڪ خودساختہ مسلم قوم جي نالي ۾ هڪ مرڪزي حڪومت ۾ سنڌين کي اقليت بنائي، پنجابي اڪثريت، اردو زبان جي تسلط مهاجرن جي قابليت ۽ صلاحيت هيٺ محڪوم ۽ مجبور بنائي، سنڌين مان ڪي ايجنٽ پيدا ڪري، سنڌ ۽ سنڌين جو استحصال ڪيو ويو آهي.

(2) سنڌين جي پنجن هزارن ورهين جي قديم تهذيب، زبان، قومي روايات ۽ ڪردار کي ختم ڪري اسان کي پنهنجي قومي ورثي کان محروم ڪيو پيو وڃي. اسان جي مٿان اردو زبان کي قومي زبان ڪري مڙهيو ويو آهي. ان ڪري اسان جي ورهين جي زبان، جنهن ۾ اسان جو ادب سمايل آهي، جا اسان جي ڪلچرل جي رکپال آهي، ۽ جنهن ۾ اسان جي روايت جو خزانو محفوظ آهي، ان کي آهستي ڪري حرف غلط وانگر مٽائڻ لاءِ هر طرح جو ڪوششون جاري آهن.

(3) مرڪزي حڪومت جي حوالي جيڪي مکيہ ٽئڪس آهن، انهن مان 80 سيڪڙو ٽيڪس سنڌ مان وصول ٿين ٿا. ليڪن انهن جو 95 سيڪڙو پنجاب ۽ مهاجرن جي مفاد لاءِ ڪتب آندو وڃي ٿو. ان مان سنڌ واسطي 5 سيڪڙو بہ خرچ نٿو ڪيو وڃي.

(4) سنڌ ۾ قائم ڪيل گهڻا هنري ڪارخانا ٻاهرين ماڻهن کان برپا ڪرايا ويا آهن، ۽ اهي سنڌن حوالي هئڻ ڪري، انهن مان حاصل ٿيندڙ نفعو ڪين ٿي ملي ٿو.

(5) سنڌ ۾ جملي ٻنڪن تي ٻاهرين ماڻهن کي قبضو ڏياريو ويو آهي، تنهن ڪري ٻاهريان ماڻهو ان کي پنهنجي واپار جي واڌاري ۽ ڪارخانن جي هلائڻ لاءِ ڪتب آڻين ٿا.

www.sindhsalamat.com

(6) مرڪزي سرڪار جي نوڪرين ۾، جن مان ماڻهن جو گذر معاش هڪ طرف ۽ سياسي مفاد ٻئي طرف حاصل ٿئي ٿو سنڌين کي 3 سيڪڙو نوڪريون به نٿيون ڏنيون وڃن.

(7) سنڌ جي زرعي زمين اٽڪل 60 لک ايڪڙ ٻاهرين ماڻهن جي قبضي ۾ اچي ويئي آهي ۽ اڃا به جيڪا پاليسي هلائي وڃي ٿي، ان مان سال بسال وڌيڪ زمين سنڌين حوالي ٿيڻ جو امڪان آهي. ان مان اٽڪل 600 ڪروڙ رپيا ساليانو ڪين نفعو حاصل ٿئي ٿو جنهن جو گهڻو حصو ساليانو سنڌ کان ٻاهر وڃي رهيو آهي.

(8) سنڌ جي ڪارخانن ۽ ورڪشاپن ۾ 90 سيڪڙو غير سنڌي رکيا ويا آهن. جن مان 500 ڪروڙ رپيا ساليانو سنڌ کان ٻاهر وڃي رهيا آهن. ۽ سنڌ جا رهاڪو ان جي نفعي کان محروم ٿين ٿا.

(9) سنڌ ۾ اندروني واپار ۽ ٻاهرين ملڪن سان واپار، ٻاهرين ماڻهن جي حوالي رهي ٿو جنهن مان ڪين 1000 ڪروڙ نفعو حاصل ٿئي ٿو. سنڌي نه صرف ان جي نفعي کان محروم رهن ٿا، پر ان جي ذريعي سنڌ جي پيداوار جي اگهن گهٽائڻ ۽ وڌائڻ جي حرڪت سبب، ساليانو سنڌين کي ڪروڙين روپيا نقصان پوي ٿو.

(10) سنڌ مان وصول ٿيندڙ ٽئڪس مان ساليانو ڪروڙين روپيا ريڊيي، ٽيليويزن ۽ اخبارن کي نوٽيس (اشتهار) ڏيڻ، اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ سنڌين جي دماغن کي مسخ ڪرڻ لاءِ ڪتابن ڇپارائڻ تي خرچ ڪري، سنڌين کي ڌارين جي غلاميءَ تي رضامند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي.

(11) سنڌ جي وڏن شهرن ۾ سنڌ مان وصول ٿيندڙ ٽئڪس جو گهڻو حصو غير سنڌين کي ڪالونيون بڻرائي، آباد ڪرائڻ تي خرچ ڪيو وڃي ٿو جتي ڪين طرح طرح جون سهوليتون ڏيئي، منظم طريقي سان ڪالونائيز ڪيو وڃي ٿو.

(12) سنڌ ۾ سنڌي ماحول کي بدلائڻ ۽ غير سنڌي ماحول پيدا ڪرڻ لاءِ، سنڌ جي قديم روايتن جي يادگارن کي مٽائي، سنڌ جي مکيه رستن، ڪاليجن، مارڪيٽن، محلن، اسٽيشنن، اسپتالن ۽ جاين تي غير سنڌي ماڻهن ۽ خاص ڪري سنڌ دشمنن جا نالا رکيا وڃن ٿا.

(13) سنڌي پيرن، زميندارن، ملن، سياستدانن ۽ نوڪري پيشه ماڻهن کي لالچ ۽ سرڪاري رعب ذريعي خريد ڪري يا ڊيڄاري، بيوقوف بنائي، پنهنجي سامراجيت هلائڻ لاءِ هٿيار طور انهن مان هڪ ابن الوقت، خود مطلب، بي ضمير ۽ بيغرت طبقو پيدا ڪيو ويو آهي.

www.sindhsalamat.com

(14) سنڌ جي مکيه مڪانن، بندر، محلن ۽ رستن تي سنڌ دشمن ماڻهن جانالا رکي، عوام کي اهو ذهن نشين ڪرايو وڃي ٿو ته سنڌ دشمني ۽ سنڌ سان غداري نفعي بخش ڌنڌو آهي.

(15) سنڌ ملڪ جي آزاديءَ، سنڌين جي حقن جي حفاظت، سنڌي زبان، سنڌي ڪلچرل ۽ سياسي ۽ اقتصادي مفاد جي ڳالهين کي ڏوهه ٺهرائي، سنڌي قومپرستن کي جيلن ۽ نظربندين جون سزائون ڏنيون وڃن ٿيون. مذڪور مواد وارن ڪتابن، اخبارن ۽ رسالن تي بندش وجهي يا ضبط ڪري، سنڌين جي زبان، قلم ۽ مجلسن تي تالا هٽايا وڃن ٿا. هن وقت سنڌي بيوسيءَ جي حالت ۾ گذاري رهيا آهن.

(16) سنڌو ديش جي نالي وٺڻ ۽ سنڌين جي جداگانه قومي وجود جي ذڪر ڪرڻ کي قانوني ڏوهه ٺهرايو ويو آهي. ان ڏوهه ۾ مون کي 17 ورهين کان جيلن ۽ نظربنديءَ ۾ رکيو ويو آهي، ۽ ٻيا ڪيترا قومپرست ڪارڪن سختيون ۽ مصيبتون برداشت ڪري رهيا آهن.

(17) سنڌ ۾ ٻي حساب ٻاهرين ماڻهن جي اچي سڪونت اختيار ڪرڻ تي بندش نه هئڻ سبب ساليانو لکين ماڻهو ٻاهران اچي ڪالونائيز ٿي رهيا آهن. انهن لاءِ نه رڳو گذر معاش مهيا ڪيو وڃي ٿو بلڪ سنڌ جي وطني ۽ قومي پيداوار کي به هو پنهنجي ڪالونائيزشن لاءِ ڪتب آڻي رهيا آهن. جي اها حالت ڪجهه وقت رهي ته اصل سنڌي پنهنجي وطن ۾ اقليت بنجي ويندا.

(18) هن وقت جيڪي ڪارخانا يامکيه سرڪاري ادارا آهن يا آئيندي نئين طور سرڪار جي هٿ ۾ ايندا، تن بابت رجحان اهو ڏسجي ٿو ته اهي مرڪزي حڪومت جي هٿ هيٺ رکيا ويندا. ۽ جيئن ته انهن تي ضابطو غير سنڌين جو رهي ٿو ان ڪري انهن مان سنڌ کي فائدي پهچڻ جو گهٽ امڪان رهندو.

(19) سنڌي زبان جي واڌاري ۽ ترقيءَ لاءِ مرڪزي حڪومت طرفان ڪابه مدد ڪانه ٿي ڏني وڃي، بلڪ ادب ۽ ٻوليءَ جي واڌاري وارن ادارن جو قبضو نااهل عناصر جي هٿن ۾ ڏنو ويو آهي، جنهن ڪري سنڌ جي تاريخ بابت ڪتاب، سنڌي لغت، ۽ سنڌيءَ ۾ ڪلاسيڪي ڪتابن جا ترجما ڇپجڻ روڪجي ويا آهن.

(20) سنڌ حڪومت جي سيڪريٽريٽ ۾ مکيه عهدا غير سنڌي عملدارن کي ڏنا ويا آهن. جن تان گهٽي عرصي تائين سنڌي سکڻ به معاف ڪئي ويئي آهي.

www.sindhsalamat.com

گورنر، چيف سيڪريٽري، آءِ جي پوليس، ڊي آءِ جي ۽ ڪيترا سيڪريٽرين جا عهدا، قريبن غير سنڌين جي جاگير بڻجي چڪا آهن.

(21) سنڌ جي رهاڪو هندن ۽ سکن کي منظم سازش سان سنڌ مان لڏائي، ٻاهران مهاجر آڻائي، سندن ڇڏيل ملڪيتون هنن جي حوالي ڪيون ويون آهن.

(22) اردو زبان کي قومي زبان بڻائي، ان جو سکڻ لازمي ٺهرائي، سنڌي ٻارن کي زوريءَ اردو پڙهڻ تي مجبور ڪيو پيو وڃي.

(23) سنڌ مان ڇٽن هزار ڪروڙ روپين کان به مٿي ساليانِي ڪمائي، غير سنڌين جي حوالي ڪئي ٿي وڃي، جا هو سنڌ کان ٻاهر موڪلين ٿا يا پنهنجي جائداد وڌائڻ ۽ عيش عشرت ڪرڻ تي خرچ ڪن ٿا.

سنڌ جي عوام جي گهٽائي، خود مطلب پيرن، ملن، زميندارن ۽ ڪامورن جي اثر هيٺ رهي ٿي. البت اهڙن نااهل ۽ خود مطلب مستقل مفاد جي ختم ٿي وڃڻ جي مون کي ڳڻتي نه آهي، ڇاڪاڻ ته اهي گهڻو ڪري بزدل، بي غيرت، خود فراموش ۽ ڌارين جا ايجنٽ بڻجي چڪا آهن. هنن کي نه پنهنجي شاندار ماضيءَ جو علم آهي، نه ڪين موجوده نازڪ حالتن جي خطري جي معلومات آهي، ۽ نه ئي ڪين سندن مستقبل ۾ ٿيندڙ حشر جو پتو آهي. اهو فطرت جو اٽل قانون آهي ته هر ڪمزور شيءِ فنا ٿي وڃي ٿي، ان جي جاءِ نئين، تازه دم ۽ صالح شيءِ والارينديِ آهي. انهي ڪري مون کي موجوده پير طبقي جو ڪهڙو فڪر ٿي سگهي ٿو جن جو اٿڻ ويهڻ، تعليم ۽ تربيت سندن بزرگن جي روايات ۽ تعليم جي خلاف آهي: جن جي اڪثريت ابن الوقت، ذليل ذهنيت واري، بداخلاق ۽ بين تي ٻاڙيندڙ ٿي پئي آهي جن کي حق حلال جي ڪمائي سٽي ۾ ئي ڪانه ڏني ويئي آهي: ۽ جيڪي پنهنجي ماتحتن جي ڪمائيءَ کي ذاتي اغراض لاءِ وڪڻي رهيا آهن! ڇا، مون کي مذهبي ملن جي عقيدن، علم ۽ اخلاق جو فڪر ٿي سگهي ٿو جن جي اڪثريت پاڻ کي "ثمنا قليلا" تي وڪڻي پيٽ پالي ٿي: جن کي صحيح اسلام جي تعليم ۽ تربيت جو پتو ڪونه آهن: جن جا عقيدا ڪفر کان بدتر آهن: جن جو ڪتن وانگر فروعي ڳالهين جي هڏين تان پاڻ ۾ جهڳڙا ڪري انتشار ڦهلائڻ، روزمره جو ڌنڌو ٿي پيو آهي: جن خاتم النبيءَ جي دين کي ڦيٽڻ، سڳن، تعويزن، ڊگهي ڏاڙهيءَ ۽ چند رسومات تائين محدود ڪري ڇڏيو آهي؟ ڇا، مون کي زميندار ۽ وڏيري طبقي جي زبون ٿي وڃڻ جي خيال اچي ماندو ڪيو آهي، جن جي اڪثريت عياش، بداخلاق، پرمار، ابن الوقت ۽ ڌارين جي غلاميءَ

www.sindhsalamat.com

تي پلجي، فخر ڪندڙ آهي؟ نہ، بلڪل نہ! پر مون کي سنڌ جي قديم ڪلچر، صلح جو ۽ محبت وارين روايتن، سڀ ۾ پرين پسڻ ۽ ڪثرت پويان وحدت پرکيندڙ مذهبي عقيدن، هزارن ورهين جي جدا قومي حيثيت، نهايت شاهوڪار زبان ۽ ان ۾ گڏ ڪيل ادب ۽ سنڌن بين الاقوامي مشن جي سرانجاميءَ جي ڳڻتي ڳاري رهي آهي!

برادرم محمد امين کوسي، جنهن کي "مجذوب سنڌيءَ" جي لقب سان سڏجي تہ روا تي سگهي ٿو مون کي لکيل پنهنجن خطن ۾ جي ڳالهيون لکيون آهن، سي منهنجي اڳيان موجود آهن:

(1) شاهه لطيف، سچل سرمست ۽ بين درگاهن جا سنڌي بزرگ، سنڌ جي قديم تهذيب، مذهبي عقيدن ۽ پريمي جذبات جا ترجمان هئا: توکي (جي. ايم. سيد کي) انهن جو شارح ٿي، سنڌ جي قديم روايات ۽ ڪلچر کي بچائڻ جو ڪم ڪرڻو آهي.

(2) مهاجر-پنجابي مستقل مفاد جي اڳواڻ "جناح صاحب" جو وجود-نفرت جي پرچارڪ هئڻ جي حيثيت ۾- سنڌ اندر "سيڙهہ جي ڪنڊي" وانگر هو. جنهن لاءِ چوٽي آهي تہ جتي بہ هوندو اتي اتحاد ۽ محبت جي عيوض انتشار، فساد ۽ نفرت پکڙجندي آهي. ان ڪري اهڙي عناصر جي خيالات کي سنڌ مان ٻاهر ڪڍي ڦٽو ڪرڻو آهي!

(3) صرف قديم سنڌين جي مدد تي پاڙي ويهڻ خام خيال آهي، جو انهن جي مٿئين طبقي جي اڪثريت غدار آهي ۽ ڌارين سامراجين جي ايجنٽ ٿي، پنهنجي عوام جو استحصال ڪيو آهي، ۽ پڻ ڌارين سان سنڌين جي استحصال ۾ شريڪ رهيا آهن. ان ڪري، پنهنجي تحريڪ جي ڪارڪنن لاءِ ڪي اصول مقرر ٿيڻ گهرجن، جن تي هلڻ يا عمل ڪرڻ لاءِ اصل سنڌين يا نون سنڌين جو شرط نہ رکيو وڃي. ممڪن آهي انهن نون آيل ماڻهن مان ڪيترا ماڻهو پاڪستان مان مستقل مفاد جو تسلط ختم ڪرائي، سنڌو ديش جي آزاديءَ ۽ خوشحاليءَ لاءِ تيار ٿي، سنڌي ڪلچر ۽ زبان جي بنياد تي سنڌي قوم ۾ ضم ٿي وڃڻ قبول ڪن، ۽ سنڌ جي تاريخي مشن جي سرانجاميءَ لاءِ توسان (جي. ايم. سيد سان) گڏجي ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃن. "ڏسڻ ۾ ائين پيو اچي تہ مهاجرن جي اڪثريت مان سنڌن موجوده ذهنيت مطابق ڪي ٿورا ماڻهو ملندا جي توسان شريڪ ڪار ٿي سگهندا." "اهڙي ساڳي حالت سنڌ جي اڪثر پيرن، ملن ۽

www.sindhsalamat.com

زميندارن جي بہ آهي. انهن مان بہ ڪي ٿورا ملندا. جن کي سنڌ جي روايات ۽ بين الاقوامي مشن جو پتو هجي. نہ تہ انهن مان بہ گهڻن جي اها حالت آهي، جو پنهنجي خود۔مطلبيءَ خاطر پنهنجي قومي مفاد کي قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندا. البت صحيح دل ۽ دماغ وارو نوجوان شاگرد ۽ ٻيو پڙهيل طبقو حالتن جي صحيح اندازو ڪري، پنهنجي مستقبل جي تاريخي مشن جي سرانجاميءَ لاءِ شايد تيار ٿي وڃي. تنهن ڪري انهن تي ڀروسي ڪرڻ ۾ عيب نہ آهي."

آءٌ هيٺين اصولن کي مشعل راھ ڪري ڪتب آڻڻ گهران ٿو:

(1) سنڌي جدا قوم آهن ۽ سنڌو ديش هزارين ورهين کان جدا ملڪ رهيو آهي. ان جي مقابلي ۾ مهاجر۔ پنجابي سامراجين طرفان پيش ڪيل اسلامي تشريح، مسلم قوم جو نظريو پاڪستان جي سالميت، استحڪام ۽ يڪجهتيءَ جو تصور غلط ۽ بي بنياد آهي. تنهن ڪري سنڌ جي آزاديءَ، خوشحاليءَ، محبت ۽ اخلاص لاءِ سنڌو ديش جو قيام نهايت عمدو اصول آهي.

(2) پاڪستان جو قيام، سنڌو ديش کي مهاجر۔ پنجابي مستقل مفاد جي سامراج جي تسلط هيٺ قائم رکڻ جي برابر آهي؛ سنڌين جي قومي وجود، قديم روايتن، ڪلچر، زبان ۽ مذهبي عقيدن جي خلاف آهي؛ تنهن ڪري ان جو خاتمو سنڌ جي زنده ڪرڻ جي برابر آهي.

(3) سياست ۾ مذهب کي گڏي هلائڻ سنڌ جي قومي آزاديءَ لاءِ هاڃيڪار آهي.

(4) خود مطلب ڌارين ۽ صحيح شعور نہ رکندڙ سنڌين کي ڇڏي سنڌ جي اصولن ۽ مقصدن ۾ اعتقاد رکندڙ سنڌين کي سچائي، ساڻن گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو.

(5) آزاد سنڌ جي قومي زبان سنڌي ڪرڻي آهي؛ ان ۾ ٻاهرين زبانن جي لفظن کي حد اندر شامل ڪرڻ عيب نہ ٿيندو. ۽ سنڌ ۾ رهندڙ جملي ماڻهن کي هم زبان، هم ڪلچر ۽ هم خيال ٿيڻو پوندو.

ڌارين جي منظم منصوبي ماتحت، سنڌين ۾ هيٺيون خاميون پيدا ٿيون آهن: (1) احساس ڪمتري (2) ابن الوقتي، (3) بزدلي، ۽ (4) بي غيرتي.

اهي خاميون اسان ۾ ڪهڙيءَ طرح پيدا ڪيون ويون، تن تي مختصر روشني هيٺ وجهڻ مناسب سمجهان ٿو:

## 1. احساس ڪمتري

سنڌين تي مسلسل پروپيگنڊا ذريعي اهو اثر ويهاريو وڃي ٿو تہ عرب،

www.sindhsalamat.com

ايران، ڀارت ۽ پنجاب کان آيل مسلمان مهذب، متحد ۽ طاقتور هئا، اهي علم جا ڄاڻو جنگجو ۽ سگهارا هئا، ۽ کين اسلام جي گهڻي ڄاڻ هئي. ٻئي طرف سنڌ جا رهاڪو بزدل، تعداد ۾ ٿورا، جاهل ۽ ڀاڻ ۾ ورڇيل پيئي رهيا آهن، ان ڪري اهي ڌارين سان مقابلو ڪري نه سگهندا. تنهن ڪري کين ڌارين جي غلاميءَ تي راضي رهي، سندن زبان، مذهبي عقيدا ۽ ڪلچر اختيار ڪري، سندن تابعداريءَ هيٺ ساڻن ضم ٿي وڃڻ گهرجي. سنڌ جي جدا قوم ۽ سنڌو ديش جو نالو وٺڻ نه گهرجي، نه ته اسلام ۽ پاڪستان کي نقصان پهچندو. جي سنڌي انهيءَ پاليسي جي مخالفت ڪندا ته ڌاريا کين ختم ڪري ڇڏيندا. هنن مثال مشهور ڪري ڇڏيو آهي ته "جتي پڄڻ ناهي جاءِ، اُتي پڄڻ ڪم وريام جو!" اُئين سنڌين کي نه صرف ڌارين جي غلاميءَ تي رضامند رکڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي، پر اسلام، پاڪستان ۽ مسلم قوم جي خود ساخته نظرين هيٺ سندن دماغ مسخ ڪري، سنڌيت جي مخالفت ڪئي وڃي ٿي.

جيڪي قوم پرست مٿي ذڪر ڪيل ڳالهين جي مڃڻ کان انڪار ڪن ٿا، يا اهڙن راين جي خلاف پنهنجي راءِ ظاهر ڪن ٿا، تن کي اسلام جا دشمن، مسلمانن ۾ انتشار ڦهلائيندڙ صوبائي ذهنيت پيدا ڪندڙ پاڪستان جا باغي، ڌارين طاقتن جا ايجنٽ، ڪافر ۽ دهريا ڪوٺي، هڪ طرف بدنام ڪن ٿا، ته ٻئي طرف کين سزائون ڏين ٿا. مثال طور، سنڌ جي حفاظت لاءِ لڙي شهادت حاصل ڪندڙ راجا ڏاهر کي، جڏهن ڪن سنڌي قومپرستن هيرو سڏيو ٿي، ته کين اسلام جي نالي ۾ ڪافر سڏيو ٿي ويو. جيڪڏهن چتائي نظر ڪبي ته راجا ڏاهر هيٺين خوبين جو مالڪ هو:

(1) راجا ڏاهر کي جڏهن معلوم ٿيو ته رسول مقبول صلي الله عليه وآله وسلم جي ڏوهٽي امام عالي مقام حضرت امام حسين عليه السلام کي عرب جو بني اميه بادشاهه يزيد تنگ ڪري رهيو آهي ته هن امام حسين کي دعوت ڏياري موڪلي ته ڀاڻ سنڌ ملڪ ۾ اچي سندس پناهه هيٺ رهي سگهن ٿا. امام صاحب يزيد جي سپهه سالار کان ان ڳالهه جي تقاضا به ڪئي هئي. امام صاحب يزيدجي سپهه سالار کان ان ڳالهه جي تقاضا به ڪئي هئي. امام صاحب جو اهل النساء ۽ ننڍن ٻارن سميت ڪوفي ڏانهن وڃڻ جو اصل مقصد به سنڌ طرف لڏي اچڻ هو. هاڻ پڙهندڙ پاڻ ئي فيصلو ڪن ته ظاهري طرح هڪ غير مسلم راجا امام صاحب کي پناهه ڏيڻ جي آڇ ڪري ٿو ۽ ظاهري طور هڪ مسلم حاڪم رسول جي ڏوهٽي کي شهيد ڪري ٿو. ان مان راجا ڏاهر جي عظمت پڌري ڏسڻ ۾ اچي ٿي.

www.sindhsalamat.com

(2) حالتن اهڙو رخ اختيار ڪيو جو امام صاحب انهن نام نهاد مسلمانن هٿان شهيد ٿي ويو. ليڪن سنڌس طرفدارن مان محمد بن علافي پنهنجي قبيلي سميت حجاج بن يوسف ثقفي جي ظلم کان بيزار ٿي، سنڌ ۾ لڏي اچي راجا ڏاهر وٽ پناهه ورتي. ان جي موٽائي موڪلڻ لاءِ حجاج راجا کان گهر ڪئي، پر سنڌ جي قديم روايات موجب هن سامر موٽائي ڏيڻ کان انڪار ڪيو. سنڌ تي عربن جي چڙهائي جي ڪارڻن مان هڪ اهو به ڪارڻ هو. راجا ڏاهر ملڪ وڃائڻ قبوليو. شهيد ٿيو ليڪن سامر نه موٽايائين. راجا جي شهادت بعد، محمد بن علافيءَ جي اولاد مان ڪي ماڻهو هندستان ۾ الهه آباد طرف لڏي وڃي ويٺا. جن مان هن وقت ڪي پاڪستان آيا آهن.

(3) محمد بن علافي راجا جي لشڪر ۾ داخل ٿي، راجا جي دشمنن سان لڙندو رهيو. هڪ جنگ ۾ بهادريءَ سان لڙي فتح حاصل ڪرڻ تان راضي ٿي، راجا کيس انعام ڏيڻ چاهيو ان تي هن گهر ڪئي ته سنڌس نالو راجا جي سڪي جي پويان لکايو وڃي. جا ڳالهه راجا قبول ڪري، سنڌس نالو سڪي جي پويان لکايو. هاڻ پڙهندڙ تفاوت معلوم ڪري سگهندا. ته هڪ ظاهري غير مسلم حاڪم طرفان هڪ مسلمان جو نالو سڪي تي لکايو وڃي ۽ هڪ ظاهري مسلم حاڪم رسول مقبول جي ڏوهٽي امام حسين کي شهيد ڪري، سنڌس سر نيزي تي گهمايو ۽ اڄ ڏينهن تائين هر مسجد ۾ اهلبيت ڪرام تي مسلم حاڪم لعنتون وجهائيندا رهيا.

(4) راجا ڏاهر جي زماني ۾ رواداريءَ جو اهو عالم هو جو سنڌ ۾ ٻڌ ڌرم جون عبادتگاهون، استوپا ۽ مندر ڦهليل هئا. جتي ان مذهب جا ڀڪشو ۽ پوڄاري پوڄا ڪندا هئا. ٻئي طرف هندو ڌرم جا مندر موجود هئا. جتي برهمڻ عبادتون ڪندا هئا. ٽئين طرف جين ڌرم جا مندر ۽ زيارتگاهون هيون. چوٿين طرف پارسي مذهب وارن جا آتشڪدا هئا. پنجين طرف مسلمانن کي مسجدون ناهي، نماز پڙهڻ جي اجازت هئي. انهن سڀني مذهبن جي پوڄارين ۽ پوئلڳن کي سرڪاري سرپرستي حاصل هوندي هئي.

ٻئي پاسي مسلمانن جي غازي ۽ سپهه سالار (محمد بن قاسم) جي اها حالت هئي. جو هن ڌارئين ملڪ تي حملي آور ٿي، ان کي پنهنجي قبضي ۾ آندو. ڦرلٽ وسيلي ڪروڙين رپيا هٿ ڪيا، هزارين مردن ۽ عورتن کي غلام ۽ ٻانهيون بنائي، ٻڪرين وانگر وڪيو. غير مذهب وارن جون عبادتگاهون ڊهرايون ۽ بني

www.sindhsalamat.com

اميہ خاندان جي تابعداري نہ ڪندڙ مسلمانن کي قتل ڪرايو. سنڌ جي اهڙي دشمن ۽ غاصب، محمد بن قاسم کي اسلام جو علمبردار ۽ دين جو پکيڙيندڙ سڏي، سندس يادگار ملهايا وڃن ٿا ۽ رواداريءَ جي مجسمي، وطن جي حفاظت لاءِ سر ڏيندڙ ۽ ٻين ملڪن ۽ ماڻهن تي حملي نہ ڪندڙ سامن تي سر گهوريندڙ (راجا ڏاهر) کي ڪافر سڏي، ان جي خلاف ڪيئي من گهڙت ڳالهيون گهڙيہ ڪيس بدنام ڪيو وڃي ٿو.

اسلام جيڪڏهن سلامتيءَ جو پيغام ڏيندڙ دين هو. اسلام جيڪڏهن دنيا ۾ عدل ۽ انصاف مروج ڪرڻ لاءِ وجود ۾ آيو هو. اسلام جيڪڏهن "لااڪراه في الدين" ۾- (دين ۾ زور زبردستي نہ ڪجي)- ۽ "لڪم دينڪم ولي دين"- (تنهنجي لاءِ تنهنجو دين ۽ منهنجي لاءِ منهنجو دين) - جي نقطي نگاھ جو حامي ۽ پيغامبر هو. اسلام جو نبي، جيڪڏهن "رحمت اللعالمين" هو ۽ جنهن چيو هو تہ " اختلاف اُمتي رحمة-" (ماڻهن جا (ايماندارانہ) اختلاف هڪ قسم جي رحمت آهن) ۽ "خدا هر قوم ملڪ ۽ زماني ۾ ماڻهن جي هدايت لاءِ پيغمبر موڪليا هئا. جن جي ڪتابن جي تعليم تي ايمان آڻڻ مسلمان بنجڻ لاءِ ضروري هو." قرآن ۾ جيڪڏهن صاف ڄاڻايل هو تہ "جيڪو خدا کي مڃي ٿو. انسان ذات جي روشن مستقبل (آخرت) ۾ ايمان آڻي ٿو ۽ صالح عمل ڪري ٿو- پوءِ اهو ڪهڙي بہ مذهب جو هجي- نجات جو حقدار آهي"- تہ پوءِ اهڙن صريح حڪمن جي هوندي بہ راجا ڏاهر جهڙي سڀني مذهبن جي عزت ڪندڙ ڏارين کي غلام نہ بنائيندڙ ۽ رواداريءَ جي مجسمي کي ڪافر سڏڻ ۽ رسول مقبول جي اهلبيت ڪرام کي ايذاءَ ڏيئي شهيد ڪندڙ آزاد مردن ۽ عورتن کي غلام ۽ ٻانهيون بنائي وڪرو ڪندڙ ٻين مذهبن جي عبادتگاهن کي ڊاهيندڙ ڦرلٽ ڪري ماڻهن جا جهڳا ناس ڪندڙ قتل عام ڪندڙ ۽ ٻين ملڪن تي قابض ٿيندڙ ۽ ٻين اهڙين صفتن رکندڙ ماڻهوءَ (محمد بن قاسم) کي اسلام جو علمبردار ۽ غازي سڏڻ، اسلام جي عزت آهي يا بي عزتي؟ ڇا، اسلام آخري ۽ مڪمل دين اهڙن ڪمن لاءِ ئي آيو هو؟ "باعتبروا يا اولي الابصار"- (اي روشن اکين وارا! ان مان عبرت وٺو.)

تاريخ جي هر هڪ ڄاڻوءَ کي خبر آهي تہ محمد بن قاسم بني اميہ خاندان جو نوڪر ۽ بني ثقفي خاندان جو فرد هو جن رحمت اللعالمين تي طرح طرح جا ظلم ڪيا هئا. ڪعبي تي پٿر اڇلارايا هئا. عبدالله بن زبير ۽ ٻين صحافين کي ڪعبي اندر (جتي جوءِ مارڻ بہ جائز نہ آهي) قتل ڪيو هو. عبدالله بن زبير

www.sindhsalamat.com

جي لاش کي ڪيترن هفتن تائين ڪعبي جي دروازي تي ٽنگي ڇڏيو هو، جامع مسجد ڪوفي ۾ جمع نماز پڙهندي بنان ڪنهن ڏوهه جي هزارين مسلمانن کي قتل ڪرايو هو جن ۾ ڪيترا حافظ قرآن، رسول جا صحابي ۽ پرهيزگار مسلمان هئا، سنڌ مان 30 هزار مرد ۽ عورتون غلام ڪري، ٻاهر نيئي وڪيون هيون. سنڌ جا چاليهه ڪروڙ روپيا ڦرلٽ ۽ ... عرب موڪليا هئا. سنڌ جي محافظ راجا ڏاهر جي زال ۽ ٻن ڌيئن جي بي حرمتي ڪئي هئي. اهڙي ظالم خاندان جي فرد ۽ غاصب ماڻهوءَ کي غازي ۽ اسلام جو مجاهد سڏي سندس نالي تي ملڪ ۾ لائبريرون، ڪاليج، رستا ۽ بندرو وغيره برپا ڪرائڻ ان دين جي پروڪارن لاءِ ڪيتري قدر شايان شان هو؟ اهڙو بي عزتيءَ جهڙو ڪڌو ڪم غاصب ڪن ها ته فڪر نه هو_ اهو هنن نام نهاد مسلمان ڌاڙيلن جو ڪم هو. پر اها ڳالهه سمجهه ۾ نٿي اچي، جڏهن ڏسجي ٿو ته سنڌ جا ڪيترا ملا، پير، پڙهيل ماڻهو ۽ سياستدان به بيوقوف بنجي، ان ڪم جي تائيد ۽ پرچار ڪن ٿا.

نون ڌارين سامراجين (پناهگيرن ۽ پنجابين طرفان اهڙين ڳالهين ڪرڻ جو مطلب ته صاف ظاهر آهي ته جيڪڏهن عرب سامراجين جو اسلام جي نالي ۾ سامراجيت جائز هئي، ته پوءِ هاڻوڪي مهاجر _ پنجابي مستقل مفاد سامراج کي ڪهڙيءَ طرح رد ڪري سگهجي ٿو! جيڪي سنڌي ڌارين جي غلط پروپيگنڊه سبب گمراهه ٿي، احساس ڪمتريءَ هيٺ اچي، مٿي ذڪر ڪيل ڳالهين کي صحيح ۽ جائز ٿا سمجهن، تن شايد هيٺين ڳالهين تي ڌيان نه ڏنو آهي:

(1) جيڪڏهن سنڌ جو محافظ ۽ رواداريءَ جو مجسمو "راجا ڏاهر"، سنڌ جو هيرو نه هو ته پوءِ تازو ايراني حڪومت طرفان پنهنجي اڍائي هزار ورهيه اڳ جي گبر ايراني شهنشاهه "سائرس" جو جيڪو جشن ملهايو ويو هو ۽ جنهن ۾ دنيا جي حڪومتن جا نمائندا مدعو ڪيا ويا هئا. ان جشن جو پاڪستاني ريڊيي تان لاڳيتو هڪ هفتي تائين پرچار ڪرڻ ۽ ان جشن ۾ پاڪستاني وفد جي پاڪستان جي صدر جي اڳواڻيءَ ۾ شرڪت ڪرڻ _ ڪيتري قدر جائز ڳالهه هئي؟ ڇا، ان ڳالهه خلاف پاڪستان جي عالمن، پيرن ۽ پڙهيل طبقي جي ماڻهن ڪو آواز اٿاريو؟

(2) ايران جي مشهور شاعر "فردوسيءَ"، ايران جي قديم تاريخ "شاهنامي" جي نالي سان منظوم لکي _ جنهن ۾ ايران جي گبر (آتش پرست) بادشاهن جي ساراهه ڪيل هئي. مسلمانن جي بادشاهه محمود غزنويءَ _ جنهن کي ٻين ملڪن کي ڦرلٽ

www.sindhsalamat.com

ڪري مال گڏ ڪرڻ جي ڪارنامي سبب "غازيءَ" جي نالي سان ياد ڪن ٿا _ شاهنامي لکڻ تي ان شاعر کي ٽيهه هزار سونيون مهرون ڏنيون هيون. جنهن شاعر، عربن کي جاهل اٺڙين جو کير پيئندڙ ۽ گوهون کائيندڙ سڏي سندن ندا ڪئي _ جو هنن ايرانين جي جي سلطنت کي غضب ڪيو هو ته ان واقعي جي خلاف ڪو به آواز نٿو ڪيو وڃي، بلڪ فردوسيءَ کي "ايران جو قومي شاعر" سڏيو وڃي ٿو.

(3) ترڪ حاڪمن _ جن کي هندستان ۽ ٻين ڪيترن مسلمان ملڪن جي سني ماڻهن خليفته المسلمين سڏيو ٿي ۽ سندن قومي ڪارڪنن پاڻ کي چنگيز خان ۽ هلاڪو خان جي اولاد سڏائڻ ۾ فخر محسوس ٿي ڪيو انهن چنگيزي منگول حاڪمن هٿان اٽڪل سٺ لک کان به مٿي مسلمان قتل ٿيا هئا. مسلمانن جا ڪيئي شهر، مسجدون، درگاهون ۽ ڪتب خانا تباهه ٿيا هئا. هزارين اولياء ۽ عالم شهيد ٿيا هئا. جن مان خواجه فريد الدين عطار به هڪ هو ۽ انهن مان هزارين ملڪ ڇڏي ٻين ملڪن ۾ اچي پناهگزين ٿيا هئا ته اهڙيءَ حالت ۾ ترڪن کي عتاب ته نه ٿو ڏنو وڃي، پر هن وقت جا پاڪستاني حاڪم انهن ظالمن جي جاءِ نشين سان معاهدن (آر.سي.ڊي وغيره) ۾ شريڪ ٿيڻ پسند ڪن ٿا.

(4) مصر جي نامور قومي ليڊر جمال عبدالناصر مصرين کي آل فرعون سڏي خطاب ڪيو ته ان جي اهڙي قدم تي ڪجهه نه ڪيو ويو. مورڳو مصر جي غير مسلم فرعون حاڪمن جا نالا، جن بني اسرائيل قوم کي ڇهن صدين تائين غلام ڪري رکيو هو مسلم ملڪن ۾ هوٽلن، رستن ۽ جاين وغيره تي رکيا پيا وڃن.

ليڪن هتي جي حالت اها آهي ته نه رڳو سنڌ دشمن عرب حاڪمن جا يادگار ملهايا وڃن ٿا، پر دور جديد جي سنڌ _ دشمن ماڻهن کي پنهنجو "قائد" سڏيو وڃي ٿو. مسٽر جناح کي "قائد اعظم"، لياقت علي خان کي "قائد ملت" ۽ ذوالفقار علي ڀٽو کي "قائد عوام"! ڳالهه صاف پيئي آهي ته اٿين ڪرڻ سان سنڌين کي ڌارين جي غلاميءَ تي رضامند ڪرڻ جي ترغيب ڏياري وڃي ٿي، ان مان ماڻهن تي اهو اثر ويهاريو وڃي ٿو ته ڌارين جو ايجنٽ ٿي سنڌ سان غداري ڪرڻ ڀُرو ڪم نه آهي پر عزت جي نشاني آهي اهي سڀ ڳالهيون "احساس ڪمتريءَ" جي لسٽ ۾ اچي وڃن ٿيون.

## 2. ابن الوقتي

ٻي ڳالهه جا نئين حڪمران طبقي اسان جي ماڻهن ۾ پيدا ڪئي، سا اسان جي مٿئين طبقي جي ماڻهن کي ابن الوقت بنائڻ آهي. ابن الوقت ان کي چئبو

www.sindhsalamat.com

آهي، جو هر ڏينهن هر ايرنڊڙ سج جي سلامي ڪري، قوم جي نفعي جي عيوض شخصي نفعي حاصل ڪرڻ کي ترجيح ڏئي، هر طاقتور حاڪم، قوم ۽ ماڻهوءَ اڳيان نمي سلام ڪري ـــ پوءِ ڪٿي اُهي دين جا دشمن، ملڪ جا دشمن يا ناحق تي هلندڙ ۽ ظالم ڇو نہ هجن.

اڄڪلهہ ان کي نئون نالو "سياسي حڪمت عملي" جو ڏنو اٿن. ان موجب اصولن کي بدلائي، عارضي ڪاميابي حاصل ڪرڻ روا سمجهيو وڃي ٿو. ملڪ ۽ قوم جي دائمي نفعي تان شخصي ڪاميابي ۽ عارضي فتح حاصل ڪرڻ ضروري ڄاتا وڃن ٿا.

مهاجر ـــ پنجابي مستقل مفاد جا حامي، سنڌ ۽ سنڌين جي نفعي جي آواز اٿارڻ تان آگ بگولا ٿي وڃن ٿا. سندن خيال موجب جيڪي ماڻهو "پاڪستان جي يڪجهتيءَ، سالميت ۽ استحڪام جو آواز اٿارين، سي ئي محب وطن آهن، ۽ باقي سڀ ملڪ دشمن عناصر آهن". ان ڪري، ملڪي سياست ۾ اڪثر اهي ماڻهو اڳيان اچن ٿا، جن وٽ ملڪ جي ڀلي جو ڪوبہ اصول نہ هوندو آهي. ملڪ جي عام هوا موجب نعرا لڳائي، بنا ڪنهن غور ۽ فڪر جي پاڻ بہ بيوقوف بڻجن ٿا، ۽ ٻين کي بہ ڏوڪي ڏيڻ کان نٿا رهن. اهڙي قسم جي ماڻهن هندستان جي ورهاڱي وقت هندو مسلم اختلاف کي هوا ڏني، جنهن جي نتيجي ۾ ملڪ ورهائجي ويو ۽ خون خرابيون ٿيون. اهي وقت مسئلا هئا، جن جي حل ٿيڻ بعد انهن ڳالهين کي روڪڻ گهربو هو. پر هو جو ان جا عادي ٿي چُڪا هئا، ان ڪري ان دشمنيءَ کي ڇڏي نہ سگهيا. هاڻ انهيءَ ساڳي دشمنيءَ واري جذبي کي تازي رکڻ لاءِ "پاڪستان کي ڀارت خان خطرو" جا نوان شوشا ڇوڙڻ شروع ڪيا اٿن. ڪڏهن ڪشمير جو مسئلو اٿارين ٿا، تہ ڪڏهن افغانستان کان خوف ڏيارين ٿا. تہ هو ملڪ کي ٽوڙي پختونستان ٺاهڻ جي پٺيان آهي، وغيره. ڪڏهن بلوچستان بابت بہ اهڙائي خدشا اٿارين ٿا، تہ اتان جا ليڊر ملڪ جا دشمن آهن، جيڪي گڏيل ملڪ جي گفتگو ڪرڻ بدران صوبائي سوال اٿاري، انتشار پکيڙين ٿا. نتيجو اهو نڪري ٿو تہ ايماندار ۽ بااصول قومي ڪارڪنن جي ڳالهہ ميڇي نٿي وڃي. هميشہ ابن الوقت سردار اڳيان ٿي، مرڪزي ڪرتا ڌرتا مان ٻٽ ٿي بلوچستان جي حقيقي سوالن کي ـــ جي ملڪ جي پٺتي پيل حصي جا سوال آهن ـــ ڦٽو ڪري، مرڪزي حڪام کي راضي ڪرڻ لاءِ پاڪستان جي يڪجهتيءَ ۽ سلامتيءَ جي ڳالهہ ڪري، بلوچستان جي ترقي ۽ فائدي جي

www.sindhsalamat.com

سوالن کي ڇڏي، پنهنجي اقتدار لاءِ اهي ڪم ڪن ٿا، جن جو ملڪ جي بنيادي تڪليفن سان ڪو واسطو نٿو رهي. تنهن ڪري اتي جا مسئلا حل نٿا ٿي سگهن. جيڪو حقيقي مسئلن جي گفتگو ڪري ٿو ان کي ملڪ جا دشمن عناصر قرار ڏيئي، سزائون ڏنيون وڃن ٿيون. پوءِ ابن الوقت ماڻهو اقتدار ۾ اچي عارضي نفعي خاطر مرڪزي حڪومت جي ڪارندن جي پوئلڳيءَ ۾ هلي ڪم ڪن ٿا. جنهن ڪري نہ مسئلا حل ٿي سگهن ٿا ۽ نہ انتشار جا ڪارڻ بند ٿين ٿا.

اهڙي ساڳي حالت سنڌ جي سياست ۾ آهي. سنڌ سرسبز علائقو آهي، ان مان گهڻي پيدائش ٿي ٿئي، اتي ڪيترا ڪارخانا برپا ڪيا ويا آهن، اتي واپار جي واڌاري لاءِ ڪيئي موقعا ميسر آهن، اتي ٿن نون بئراجن نڪرڻ ڪري آباديءَ لاءِ زمين گهڻي نڪتي آهي، سمنڊ نزديڪ هئڻ ڪري ٻاهرئين واپار جون گهڻيون سهوليتون آهن. مڪاني مختلف ڪارڪن جڏهن انهن مسئلن تي غور ڪن ٿا تہ کين معلوم ٿئي ٿو تہ آباديءَ لاءِ زمين ميسر ٿيڻ جي باوجود ان جو نفعو ٻاهران آيل ماڻهن کي ٿئي ٿو ۽ مڪاني ماڻهو ساڳي غربت واريءَ حالت ۾ گذارين ٿا. واپار لاءِ گهڻين سهوليتن هئڻ جي باوجود، ان مان نفعو سنڌين کي حاصل نٿو ٿئي. ڇو تہ ان جي پاليسي ٻاهران آيل ڪامورن جي هٿ ۾ رهڻ ڪري، اهڙيءَ طرح هلائي وڃي ٿي، جو نفعو سنڌين بدران آيل ماڻهن جي کيسي ۾ وڃي ٿو. ساڳي حالت ڪارخانن بابت آهي. هتي ڪيترائي ڪارخانا کوليا ويا آهن، پر سنڌ جي اصل رهاڪن کي انهن ۾ ڪو حصو نہ ڏنو ويو آهي، جنهن جا مکيہ ڪارڻ مرڪزي سرڪار جي سرپرستي ۽ ٻئنڪن تي ڌارين جو قبضو آهي. وڏا مکيہ شهر _ جتي هندو رهندا هئا ۽ جن جي هٿ ۾ واپار، ٻئنڪون ۽ ڪارخانا هوندا هئا _ منظم منصوبي تحت ٻاهرين ماڻهن جي قبضي ۾ ڏنا ويا آهن. ساڳي طرح نوڪرين سان بہ اهو حشر آهي. سنڌين کي مرڪزي حڪومت ۾ تہ اٽي ۾ لوڻ برابر بہ حصو ڪونہ مليل آهي. ويتر صوبائي نوڪرين ۾ بہ مهاجر ۽ پنجابي قبضو ڪندا وڃن ٿا.

قومپرست ڪارڪن جڏهن چتائي ڏسن ٿا تہ مرڪزي حڪومت ۾ سنڌ 80 سيڪڙو ٽئڪس ڏئي ٿي، پر ان جي ڪاروبار ۽ نوڪرين ۾ کين 5 سيڪڙو بہ حصو مليل نہ آهي. ڪارخانا سنڌن هٿن ۾ نہ آهن، بلڪ انهن ۾ مزدور بہ ٻاهران گهرائي رکيا وڃن ٿا. نون بئراجن تي نڪتل نين زمينن تي ٻاهريان ماڻهو قبضو ڪندا وڃن ٿا. واپار ۾ ٻاهريون واپار تہ جملي غير سنڌين جي حوالي ٿي چڪو

www.sindhsalamat.com

آهي پر مڪاني واپار ۾ سموري ڀڏي واپار تي سنڌين کي ڪو بہ حصو نہ ٿو ڏنو وڃي. اهڙيءَ طرح شين جي اگهن جي لاهي چاڙهيءَ جي پاليسي انهن ٻاهرين ماڻهن جي هٿن ۾ وڃڻ ڪري، ڳوٺاڻا وڃن روز بروز غريب ٿيندا ـــ تہ ان صورتحال ۾ اهي (قومپرست ڪارڪن) مذڪور مسئلن جي حل ڪرڻ لاءِ آواز اٿارين ٿا. ان تي ٻاهريان مستقل مفاد پنهنجي خلاف سمجهي آواز بلند ڪن ٿا. اخبارون سندن قبضي ۾ آهن. مرڪزي حڪومت جنهن جي هٿ ۾ مٿي ذڪر ڪيل مسئلن جي واڳ رهي ٿي، جي چارج ٻاهرين ڪامورن جي هٿن ۾ هئڻ ڪري اهي قومي ڪارڪنن جي آواز کي پنهنجي پاليسي خلاف ٻُڪار سمجهي، اهڙين ڳالهين کي ملڪ دشمني ۽ پاڪستان جي سالميت خلاف قرار ڏيئي ملڪي قومپرستن کي سزائون ڏين ٿا يا انهن جي سامهون پنهنجا ابن الوقت چاڙتا پيدا ڪري ڪاروبار هلائين ٿا. نتيجي طور "مرض بڑهتا گيا جون جون دوا ڪي" واري حالت وڃي ٿئي ٿي. ان تي غور ڪرڻ بعد سنڌي قومپرست انهي نتيجي تي پهتا آهن. تہ انهي مرض دور ڪرڻ جا مکيہ علاج هيٺيان آهن:

(1) پاڪستان هڪ ملڪ نہ هئڻ ڪري، ان جي مختلف صوبن جا مسئلا جدا آهن. انهن جو حل ان وقت تائين ٿي نہ سگهندو جيستائين قوميتن جو مسئلو حل نہ ٿيو آهي. ستن ڪروڙن جي آباديءَ واري ملڪ ۾ 25 لکن بلوچين جو آواز جمهوري سرشتہ حڪومت ۾ موثر طرح ڪيئن پڌرو ۾ ايندو جيستائين کين مرڪزي حڪومت ۾ (جنهن کي سياسي ۽ اقتصادي مسئلن تي اڪيچار اختيار حاصل آهن) مساوي حق ڏنو نٿو وڃي. ساڳي حالت پختونن جي آهي پر اسان سنڌين جي حالت، پاڪستان جي ٽنهي صوبن جي مسئلن کان علحده آهي. سڀ کان گهڻا ٽئڪس اسين ڏيون. پوءِ بہ نہ نوڪرين ۾ پورو حصو ملي ٿو نہ واپار اسان جي هٿن ۾ آهي. نہ ڪارخانا اسان جي حوالي آهن ۽ نہ انهن جي مزدوري ڪرڻ جو اسان کي حق آهي. پيسو اسان وٽان پيدا ٿي ٻين جي حوالي ٿي وڃي ٿو. اهڙين حالتن جي سد باب لاءِ آواز اٿارڻ تي اسلام ۽ پاڪستان جي دشمن ۽ صوبائي عصبيت ڦهلائيندڙ سڏي، اسان کي سزائون ڏنيون وڃن ٿيون. سنڌ جي مٿئين طبقي کي خريد ڪري، کين اڳيان ڪري سنڌ جي مسئلن کي پوئتي اڇلايو وڃي ٿو. نتيجي طور سنڌين ۾ هڪ انتها پسند گروهہ پيدا ٿي، ان سڄيءَ خرابيءَ جو ڪارڻ ـــ قومي مسئلي (نظريي پاڪستان) کي سمجهي ٿو ۽ ان جو علاج سنڌين جي جدا قوم تسليم ڪرائڻ سمجهي ٿو.

www.sindhsalamat.com

(2) ٻيو ڪارڻ: ٻهرئين سوال جي حل خلاف ٻاهران آيل سامراجين لاءِ موثر حربو مذهب جو رهي ٿو جنهن جي غلط تشريح وسيلي پاڪستان ۾ موجود هزارين ورهين جي تاريخ رکندڙ قومن جي وجود کان انڪاري ڪري "مسلمان قوم" جي نالي ۾ استحصال برقرار رکيو وڃي ٿو. ان ڪري "مسلمان قوم" جي حيثيت ۽ وجود کان انڪار ڪرڻ ٻيو حل آهي.

(3) قومپرستيءَ جي پيدا ٿيل جذبي کي ختم ڪرڻ لاءِ "مذهب اسلام ۽ سوشلزم" جي نالي ۾ نظرياتي مسئلا پيدا ڪري مڪاني ماڻهن کي گمراهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي. ان ڪري قومپرست سمجهي ويا آهن ته قومپرستي ۽ مذهب توڙي سوشلزم جا نظريا متضاد آهن. انهن نظرين (مذهب ۽ سوشلزم) وسيلي، سنڌي ماڻهن جي استحصال جو رستو هموار ڪيو وڃي ٿو.

(4) چوٿون ڪارڻ "جمهوريت" جو نالو آهي. صحيح جموريت تڏهن بحال ٿي سگهي ٿي، جڏهن هزارن ورهين جي تاريخ، زبان، ڪلچر، قومي روايات ۽ ڪردار ۽ سياسي ۽ اقتصادي مفاد رکندڙ قومن جي وجود کي تسليم ڪيو وڃي. هن گهڻي قومي ملڪ ۾ جدا قومي حقن کي تسليم نه ڪيو ويو آهي. ۽ ملڪ جي پنتي پيل حصن کي ووٽ ڏيارڻ کان اڳ ذهني ۽ اقتصادي مساوات نه ڏياري ويئي آهي. قومي حقن نه ملڻ، اقتصادي عدم مساوات هئڻ ۽ قومي شعور پيدا نه ٿيڻ ڪري، عام ماڻهن وٽ نه ٻري ڀلي جي سڃاڻپ رهي آهي ۽ نه ئي صحيح حقيقتن کان واقف ٿي سگهيا آهن. مرڪزي حڪومت طرفان عام انساني حق (تقرير، تحرير، جماعت بنديءَ ضمير ۽ مذهب جي آزادي) به کسيا ويا آهن. ان حالت ۾ پڙهندڙ معلوم ڪري سگهندا ته ناراضپو ۽ انتشار ڪيئن گهٽبو ۽ حالتون ڪيئن درست ٿي سگهنديون. انهن سببن جي ڪري ئي ابن الوقتي پيدا ٿيڻ لاءِ ماحول تيار ٿئي ٿو.

## 3. بزدلي

جڏهن ڪي سامراجي طاقتون ڪن ملڪن تي قبضو ڪري، انهن جو استحصال ڪرڻ لڳنديون آهن. ته انهن لاءِ ضروري ٿي پوندو آهي ته ماڻهن ۾ ويڇا پيدا ڪري حڪومت هلائين. جنهن کي انگريزيءَ ۾ سامراجي پاليسي موجب "ويڙهائي راڄ ڪرڻ" (Divide & Rule) جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. ان موجب هتي هڪ طرف، صوبن جي غير مساوي حالتن جي اندازي لڳائڻ ۽ انهن

www.sindhsalamat.com

جي دور ڪرڻ لاءِ باهمي گفتگوءَ ڪرڻ جي عيوض، زور زبردستي ۽ تشدد جا طريقا استعمال ڪيا وڃن ٿا. پوئتي پيل ايراضين جا ماڻهو اڳيئي غريب ۽ ڪمزور ٿين ٿا، منجهن سهپ جي طاقت گهٽ هوندي آهي، ان ڪري حڪومت طرفان ٿيندڙ سختي ۽ ڏاڍ سبب ڊچيو بزدل ٿيو پون. گهٽ تعداد هئڻ ڪري ووٽن ذريعي بہ ڪو ڪجھ ڪري نٿا سگهن، ۽ مرڪز ۽ وڏن صوبن جي موجودگي، لشڪر ۽ سول سروس تي، جن جي هٿ ۾ طاقت رهي ٿي، مستقل مفاد جو قبضو ڏسي، ماڻهو دل هاريو بزدل بنجيو پون. جنهن جي سِڌ باب لاءِ هو مجبور ٿي لڪل ڪوششون ڪرڻ لڳن ٿا، ۽ سازشون ۽ مختلف نظريا قائم ٿي، مرڪزي هڪ هتي ڪي ٽوڙڻ جي ڪوشش ٿئي ٿي.

سنڌ جي مستقل مفاد- پيرن، ملن، زميندارن، واپارين ۽ ڪامورن جي سموري زندگيءَ جو مدار مرڪزي طاقت جي ماتحت ٿئي ٿو. تنهن ڪري ڊپ ۽ خود مطلبي سبب هو ڪابہ اهڙي ڳالھ ڪرڻ لاءِ تيار نٿا ٿين، جنهن ڪري سندن مستقل مفاد کي نقصان پهچي يا سندن لاءِ مرڪزي حاڪمن وٽ ناراضگي پيدا ٿئي، ان ڪريہ اسان جي ڪثرت تعداد ماڻهن جي حالت بزدليءَ جو شڪار رهي ٿي.

### 4. بي غيرتي

جڏهن ڪي سامراجي قومون، ڪن ننڍين، ڪمزور ۽ بي شعور قومن تي قبضو ڪري انهن جو استحصال ڪرڻ لڳنديون آهن، تہ انهن مظلوم قومن مان قومي غيرت ۽ عصبيت ڪڍڻ لاءِ ڪيترا حربا هلائينديون آهن تہ جيئن اهي قومون سندن اڳيان بيوس ٿي وڃن ۽ منجهن پنهنجي حقن لاءِ آواز اُٿارڻ جي ڪابہ طاقت نہ رهي.

جيتري قدر مون غور ڪيو آهي تہ هنن 'پنجابي- پناهگير سامراجين'، سنڌين کي بي غيرت بنائڻ لاءِ هي طريقا استعمال ڪيا آهن:

(1) هنن سنڌين جي هزارن ورهين جي جهوني زبان سنڌيءَ کي ختم ڪري، مٿن نئين سامراجي زبان اردوءَ کي مڙهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. جنهن وسيلي سنڌين وٽ هزارين ورهين کان پيدا ٿيل ورثي- جو ادب، ڏند ڪٿائن ۽ رزميہ ڪلام وسيلي پيدا ٿي، باهمي اتحاد جو ذريعو بنجي ٿو- کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي.

(2) سنڌي قوم جي جداگانہ وجود کان انڪار ڪريہ ڪين پاڻ وسارڻ جي

www.sindhsalamat.com

تعليم ڏيئي، سنڌن وجود کي سامراجي قوم جي ماتحت ڪيو وڃي ٿو. جنهن ڪري سنڌي قوم مان خودداري، عظمت ۽ همت غائب ٿي وڃي ۽ هو پاڻ کي ڪسمپرسيءَ جي حالت ۾ ڏسي، بيچارگيءَ جي درجي تي وڃيو پهچن. هنن مان روايات جي حفاظت، قومي عظمت جي برقراري، پاڻ سڃاڻڻ ۽ خودداريءَ جو جذبو ختم ٿي وڃي ۽ هر ڳالهه ۾ پاڻ کي محتاج ڄاڻي ڌارين جي ظلم، ڏاڍ ۽ استحصال جي مخالفت جي طاقت وڃايو ويهن. ان حالت کي سياسي زبان ۾ "بي غيرتي" سڏبو آهي.

(3) مذهب، ماڻهن ۾ همت ۽ غيرت پيدا ڪرڻ جي هٿيار طور ڪتب ايندو رهيو آهي. پر جڏهن ڪا سامراجي قوم، ڪمزور قوم تي تسلط ڪري ويندي آهي تہ ڪوشش ڪندي آهي تہ: زبردست قوم مان مذهبي عصبيت ڪڍي، کين سندن اصلي عقيدن جي نااهليت ٻڌائي، نوان نظريا پيش ڪري، تسلط کي مضبوط ڪري.

سنڌي هڪ اهڙي بين الاقوامي ۽ اعليٰ اصولن واري دين جا پوئلڳ پئي رهيا آهن، جنهن کي انساني اتحاد، عالمي امن ۽ انساني ترقي جي مثبت پيغام آهي. پر سنڌين تان ان اعليٰ پيغام جو اثر متائڻ لاءِ، کين هڪ خود ساختہ مذهب اسلام جي نالي ۾ گمراهہ ڪري، احساس برتريءَ کي محروم ڪيو پيو وڃي. جي: عرب جي بدوين طرفان پيش ڪيل شريعت (قاعدا قانون) ۽ تشدد، نفرت ۽ بي انصافيءَ جي صفتن وارو دين آخري ۽ مڪمل آهي.

مٿي ذڪر ڪيل حالتن کي مد نظر رکي، سنڌي قومپرست مجبور ٿي، ان نتيجي تي پهچي ٿو تہ سنڌ جي جملي مصيبتن ۽ خرابين جو بنياد پاڪستان جو وجود آهي. اهو جيڪڏهن زياده عرصو قائم رهيو تہ سنڌين لاءِ ٻہ رستان وڃي رهندا:

(1) پاڪستان جي پنجوڙ مان ٻاهر نڪري، سنڌو ديش قائم ڪري، غلط مذهبي تشريح جي ڏوڪي مان ٻاهر نڪرڻ جي ڪوشش ڪن، يا

(2) مهاجر پنجابي سامراج (پاڪستان) ۾ رهي، پنهنجي حالت آرين جي اچڻ بعد دراوڙن جهڙي يا آمريڪا ۾ يوروپي قومن جي تسلط بعد مڪاني باشندن (ريڊ انڊين) جهڙي بنائي، ميڻجي وڃن لاءِ تيار ٿي وڃن.

سنڌ جي حال (موجوده دور) جي حالت مٿي بيان ٿي چڪي، جنهن تي غور ڪري ڏسڻ بعد معلوم ٿيندو تہ سنڌ جو مستقبل نهايت تاريڪ آهي!

www.sindhsalamat.com

## سنڌ جي مستقبل واري دور لاءِ ڪي خدشا

پڙهندڙن کي سنڌ جي موجوده حالتن جي مختصر احوال مان معلوم ٿي ويو هوندو تہ پاڪستان جي قيام ۽ وجود جي ڪري، سنڌي ڪيتري قدر حال هيٺا ٿي ويا آهن. ان پس منظر کي خيال ۾ رکي، آسانيءَ سان سنڌ جي ايندڙ مستقبل بابت اندازا لڳائي سگهجن ٿا. مون کي ڊپ ۾ اچي ٿو تہ جيڪڏهن پاڪستان گهڻي وقت تائين موجوده پاليسي مطابق هلندو رهيو يعني مهاجر پنجابي مستقل مفاد جي استحصال لاءِ ڪتب ايندو رهيو تہ سنڌ جي وجود لاءِ هيٺيان خطر پيدا ٿيندا ۽ حالتون هيءَ رخ اختيار ڪنديون:

(1) پاڪستان جي رهاڪن کي هڪ "مسلم قوم" قرار ڏيڻ سان، هر غير سنڌي مسلمان کي، پوءِ اهو پارت جو هجي يا پنجاب ۽ سرحد کان اچي، سنڌ ۾ سڪونت اختيار ڪرڻ کان روڪي نہ سگهبو. اهي ٻاهريان مسلمان هر سال لکن جي تعداد ۾ زمين وٺڻ، نوڪرين ۽ واپار حاصل ڪرڻ ۽ ڪارخانن کولڻ لاءِ اچي رهيا آهن، ۽ آئيني طور مٿن ڪا بندش نہ آهي. جيڪڏهن ان حالت کي برقرار رهڻ ڏنو ويو تہ ٿوري وقت کان پوءِ سنڌ ۾ سنڌي ڳالهائيندڙ اقليت ۾ ٿي ويندا. ان وقت، جيڪڏهن سنڌين طرفان ان طريقہ ڪار جي مخالفت ڪئي ويئي تہ ان ڳالهہ جو گهڻو امڪان آهي تہ اهي بي رحم سامراجي- جيئن آرين دراوڙن کي هڪالي ڪڍيو هو- تيئن سنڌين کي ماري ملڪ نيڪالي ڏين يا دائمي غلاميءَ جي حالت ۾ رکن. هنن بلوچستان ۾ مرين ۽ مينگل قبيلن سان جيڪا روش اختيار ڪئي آهي، سا اسان جي اکين جي سامهون آهي. تازو مهاجرن جي اچڻ کان پوءِ سنڌ جي هندن کي منظم سازش هيٺ ماري، ڦري، ملڪ مان هڪالي ڪڍڻ جا مثال اسان جي اکين ڏٺا واقعا آهن.

(2) سنڌ جي صوبائي اسيمبليءَ ۾ هن وقت ڪي زميندار، پير، وڪيل وغيره ٻهراڙيءَ جي تڪن مان ميمبر چونڊجي اچن ٿا، جنهن ڪري سنڌ وزارت ۾ سنڌي وزير بہ ڊپ ۾ ايندا آهن. پر ٻاهرين جي تعداد وڌي وڃڻ بعد ٻهراڙين ۾ بہ ڪارخانا کولي انهن ۾ غير سنڌين جي ڀرتي ڪري، آهستي ٿي اسيمبلين ۾ غير سنڌين جو تعداد وڌڻ لڳندو ۽ صوبائي حڪومت تي بہ غير سنڌي حاوي ٿي ويندا. نتيجي طور سنڌ جي سمورين نوڪرين، ڪارخانن، زمين ۽ واپار تي غير سنڌي قابض ٿي ويندا. سنڌي پنهنجي ديس ۾ اڇوتن جهڙيءَ حالت کي پهچي ويندا. اها سڀ ڪارروائي، پنهنجي جهڙي نام نهاد سنڌيءَ جي هوندي بہ ٿي رهي

www.sindhsalamat.com

الف: هن وقت اسيمبلين ۾ سنڌ جا زميندار ۽ پير ميمبر ٿي اچن ٿا. سنڌن زميندارين جي ختم ٿيڻ تي هي نادار ٿي پوندا ۽ اسيمبلين ۾ چونڊجي نه سگهندا. رواجي طرح "خس ڪم جهان پاڪ" واري حالت ٿيندي پرڏيپ آهي ته آباديءَ جي تناسب بدلجڻ ڪري، سنڌن جاءِ تي غير سنڌي ميمبر چونڊجي ايندا. سنڌ جو عام ووٽر اڳيئي پيسي جي لالچ ۾ ڦاسي چڪو آهي. سياسي شعور جي اڻ هوند سبب، پيرن، ملن ۽ ٻين ڪارڪنن کي سرمائيدار خريد ڪري، ماڻهن کي مختلف نعرن ۽ نظرين جي نالي ۾ برغلائي ووٽ وٺي سگهندا. جيڪڏهن پٽو صاحب سوشلزم، اسلام ۽ جمهوريت جي نالي ۾ ماڻهن کي بيوقوف بنائي ويو ته ڪهڙو عجب آهي- ساڳين نعرن ۽ نظرين جو ٻيا فائدو وٺي نه سگهن! پٽي جهڙي بدڪردار جي دور ۾ ماڻهن کي خلافت راشده واري نظام جا دوڪا ڏنا ويا، ۽ ماڻهن جي گهڻي حصي، ان کي قبول ڪيو. جتوئين، ميرن، پيرن ۽ مخدومن ذريعي ماڻهن ۾ سوشلزم جو پرچار ڪيو ويو ته ان تي به انهن اعتماد آندو ته پوءِ آئيندي ڪهڙي گارنٽي آهي ته ساڳي دوڪيبازيءَ سان ماڻهن کي گمراهه نه ڪيو ويندو.

ب: ايوب خان جي دور حڪومت ۾ زمين جي حد گهٽائي پنج سئو ايڪڙ ڪئي ويئي. ڀٽي صاحب جي ڏينهن ۾ (250) اڍائي سئو ايڪڙ حد مقرر ڪئي ويئي. ٿوي امڪان آهي ته آئيندي ان کي گهٽائي 25 يا 50 ايڪڙن جي حد تائين آندو وڃي. اقتصادي پلئننگ ذريعي سوچ ويچار سان ڪم نٿو ڪيو وڃي. سنڌ جي اصل رهاڪن- جن جو گذر اڪثر کيتيءَ تي آهي، ۽ جن جي اڪثريت بي زمين هارين تي مشتمل آهي- کي پنهنجي پنهنجي زمين هئڻ جي نالي تي برغلائڻ ڏکيو نه آهي. اهڙيءَ طرح زمين کي تمام ننڍن ٽڪرن ۾ ورهايو ويندو ۽ نتيجي طور زمين جي پيدائش مان ماڻهن جو پورو گذر معاش ٿي نه سگهندو. جنهن ڪري اُهي ٻين ڌنڌن طرف توجهه ڏيندا. ڪارخانن تي اڳيئي ڌاريا قابض ٿي چڪا آهن. نوڪرين ۾ به حڪومت جي انتظام غير سنڌي ميمبرن ۽ آفيسرن جي هٿ ۾ هئڻ ڪري، سنڌين جي طرف داخلا بند رهندي. کيتيءَ مان گهٽ پيدائش ملڻ ڪري، هنن جو ان طرف کان توجهه هٽي ويندو ۽ پوءِ حڪمران طبقي کي اهو چوڻ جو وجهه ملندو ته موجوده زراعت جي طريقي مان پيدائش گهٽ ٿي ٿئي ۽ ماڻهو به گهٽا سيڙجي رهيا آهن، ان ڪري ملڪي مفاد خاطر زمين کي قومي ملڪيتْ بنائي، سرڪاري قبضي ۾ آڻي، مشنريءَ ذريعي آباد ڪرڻ بهتر ٿيندو. اهڙيءَ طرح، سنڌي زميندارن کي زمين جي ورهاست جي

www.sindhsalamat.com

طريقي سان ختم ڪري، ملڪي سياست مان سنڌن قبضو هڪ طرف ڇڏيندا. ٻئي طرف زمين قومي ملڪيت بنجڻ بعد، مشنريءَ ذريعي آباد ڪرڻ جو سوال اٿندو. جنهن لاءِ مشنريءَ جا ڄاڻو هڪ پاسي کپندا ۽ ٻئي طرف انهن جي نظرداريءَ لاءِ ڄاڻو ماڻهن جي ضرورت پوندي. جنهن صورت ۾ ابتدا ۾ سنڌي نه مشنري هلائي ڄاڻندا، نه انهن جي پرزن جي درست ڪرڻ جي منجهن صلاحيت هوندي ۽ نه ئي زراعت کاتي جي نوڪرين ۾ رکڻ جو اختيار سنڌن هٿن ۾ هوندو. نتيجي طور کيتيءَ تي به ڪارخانن وانگر غير سنڌين جو قبضو ٿي ويندو ۽ باقي رهيل اهو ذريعي معاش به سنڌن هٿن مان نڪري ويندو.

ت: هن وقت مال چارڻ جو ڌنڌو ٻهراڙيءَ ۾ رهندڙ سنڌي مالدارن جي حوالي آهي. جيتوڻيڪ وڏن شهرن ۾ ان تي غير سنڌي مالدار قبضو ڪندا وڃن ٿا. جيئن ته شهري ماڻهن جو گهڻو تعداد گوشت کائي ٿو ان ڪري قومي امڪان آهي ته آهستي ٿي چوپايو مال ختم ٿيڻ شروع ٿئي. اها حالت ڏسي، غير سنڌي سامراجي ان پيشي کي به سرڪار تحويل ۾ آڻي، مال وڌائڻ جي بهاني "سرڪار ڪئٽل فارم"، يا ڪمپنين ذريعي "خانگي ڪئٽل فارم" نهرائڻ جي ڪوشش ڪندا. اهڙيءَ طرح ممڪن آهي ته اهو پيشو به سنڌن تسلط هيٺ اچي وڃي. ائين به ٿي سگهي ٿو ته اول ۾ سرڪاري فارم به نهرائين ۽ خانگي ماڻهن کي مال ڌارڻ جي اجازت به ڏين. پر اڳتي هلي سرڪاري فارمن مان مال جي چوريءَ، مال جي خراب نسل پيدا ٿيڻ، مکڻ ۽ گيهه ۾ ملاوٽ جي انديشي ۽ سرڪاري ۽ خانگي فارمن جي وچ ۾ ڇتا پيٽيءَ جي خطري کي ٽارڻ لاءِ، خانگي طرح مال چارڻ تي بندش وجهي، اهو ڌنڌو به سنڌين جي هٿن مان کسي وٺن!

ٿ: گهڻي وقت کان مڇي مارڻ جو ڪم سنڌي مهاڻن جي هٿ ۾ قبضي ۾ رهيو آهي. پر ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته سمنڊ تي لانچن ۽ ٽريلرن ذريعي مڇي مارڻ جو رواج پوڻ بعد پيسي جي فراوانيءَ سبب لانچن ۽ ٽريلرن جي اڪثريت غير سنڌين جي هٿن ۾ وڃي رهي آهي. ممڪن آهي ته ٿوري وقت کان پوءِ سمنڊ جي مڇي مارڻ جو سمورو قبضو غير سنڌين جي حوالي ٿي وڃي ۽ باقي درياهه ۽ ڍنڍن ۾ مڇي مارڻ جو ڪم سنڌي مهاڻن جي هٿن ۾ وڃي رهي. جيئن ته سمنڊ تي مڇي مارڻ تي ٽئڪس يا ڍل نه آهي ۽ درياهه ۽ ڍنڍن تي مڇي مارڻ جي ٽئڪس جي وصولي لاءِ مقاطعا ڏنا ويندا آهن. ان ڪري هن وقت اهو ڪاروبار مڇي وڌائڻ جي بهاني "فشريز کاتي" جي حوالي ۾ ڏنو ويو آهي جن جا اڪثر عملدار غير سنڌي آهن. ممڪن آهي ته اهي

www.sindhsalamat.com

پنهنجن ماڻهن جي مفاد لاءِ اهڙي پاليسي مرتب ڪن. جنهن ڪري پيسي نه هئڻ ۽ بين ڪيترين رنڊڪن سبب سنڌي مورڳوئي ان ڏنڌي تان به هٿ نه کڻي ڇڏين! پوءِ ڪينجهر ۽ نوري ڄام تماچيءَ جون يادگيريون به ختم ٿي وڃن. ۽ نوان ماڻهو ان جي جاءِ پري ڪينجهر ۽ منڇر وغيره تان محصول معاف ڪري پنهنجن جي وسائڻ لاءِ زمين هموار ڪن!

(6) انسان ترقي يافته جانور هئڻ ڪري پاڻ ۾ ڪيترين جانورن جون وصفون رکي ٿو. جيئن جانور هڪ ٻئي کي مارين ۽ ڦاڙين ٿا ۽ منجهن رحم جو ذرو به پيدا نٿو ٿئي. تيئن بعض حالتن ۾ ماڻهو به ساڳي طرح ائين ڪن ٿا. تاريخ شاهد آهي ته ڪيئن نه انهن هڪ ٻئي کي بي دردي سان قتل ڪيو آهي. هڪ ٻئي جون ملڪيتون ڦريون آهن. ايتري قدر جو بعض وقتن تي مخالف ڌر جو نشان به نه ڇڏيو اٿن. اهڙا ڪيترا مثال ملندا. آريه هتي اچي. دراوڙن جي تهذيب کي ختم ڪري انهن مان ڪن کي قتل ڪيو ڪن کي ٻانهن سنڌن ملڪيتون ڦريون ۽ ڪيترن کي اڇوت بنائي رهڻ ڏنو. اهي ڳالهيون اڳين دورن ۾ ٿينديون آيون آهن ۽ هاڻ به تيئن جو امڪان رهي ٿو. گذريل ٻن مهاڀاري لڙاين ۾ ڪيئن نه ماڻهن هڪ ٻئي کي قتل ڪيو. هوائي جهازن سان بمباري ڪئي. ايتريقدر جو ائٽم بم هٽي هيروشيما ۽ ناگا ساڪيءَ جهڙن پرين پکنين شهرن کي ماڻهن، ٻارن ۽ زالن سميت تباهه ڪري ڇڏيو- جن جو ڪو نشان به نه رهيو آهي. پري ڇو وڃون. هند جي ورهاڱي وقت پنهي پاسن جيڪا خونريزي ٿي، اها تاريخ جو هڪ ورق آهي. هندن مسلمانن کي قتل ڪيو ۽ مسلمانن هندن کي ماري ڦري تباهه ڪيو. تيمور لنگ هٿان ڪيترين مسلمان حڪومتن جي تباهي ٿي سا ڪنهن کان لڪل نه آهي. عربن مان بني اميه بني هاشمين سان جيڪي ظلم ڪيا، سي ڪنهن کان ڳجها آهن. ايتريقدر جو رسول مقبولﷺ جي ڏوهٽي امام حسين عليه السلام کي قتل ڪري ان جو سر نيزي تي چاڙهي ڳوٺن ۾ گهمايو ويو. بني عباسين، بني اُميه وارن کي نه صرف قتل ڪيو. پر سندن لاشن تي تختا رکي فتح جا جشن ملهايائون ۽ قبرن مان لاشا ڪڍي ساڙي انهن جي خاڪ اڇلارائي ڇڏيائون. هاڻ تازو بلوچستان ۾ پنجابين کي ڪالونائيز ڪرڻ لاءِ پاڪستان حڪومت، اتي جي عوامي نمائنده حڪومت (نعب جي حڪومت ڏانهن اشارو) کي ڊسمس ڪري، ان جي جاءِ تي هٿ ٺوڪيون حڪومتون نامزد ڪري اهڙي روش اختيار ڪئي جو بلوچستان جي مري مينگل ۽ ٻين قبيلن جا

www.sindhsalamat.com

بلوچ دربدر خاڪ بسر ٿي، سنڌ ۾ رُلي ۽ پني رهيا آهن. اها ساڳي پاليسي سنڌين سان پڻ اختيار ڪري سگهن ٿا. جرمن ۽ جپان وارن پنهنجن وڏيل ماڻهن کي ٻين ملڪن ۾ ڪالونائيز ڪرڻ لاءِ جيڪي بـ مهاڀاري لڙايون ڪيون، سي گهٽن کي ياد هونديون. مغربي پاڪستان جي حڪمران طبقي بنگلاديش جي رهاڪن کي پنهنجن جائز جمهوري حقن ڏيڻ بجاءِ مٿن حملو ڪري، 30 لک ماڻهو ماريا ۽ اڍائي لک زالن جي عصمت دري ڪئي، اهو سڀ هڪ ملڪ جي ماڻهن خانہ جنگي جي حالت ۾ ڪيو. ان وقت، لڙائي هلندي، بنگال جي پاڪستاني گورنر، جنرل ٽڪا خان، اُتي تقرير ۾ چيو تہ: "اسان کي صرف بنگال جي سرزمين کپي، ماڻهو ٻيا بـ آڻي آباد ڪري سگهجن ٿا." سندن اُن مهم جي ناڪامياب ٿيڻ بعد، ٿورو وقت اڳ ملير (ڪراچي) ۾ فوجين کي خطاب ڪندي، ساڳئي ٽڪا خان ظاهر ڪيو هو تہ: بنگال ۾ سندن اسڪيم ان ڪري ناڪام ٿي جو اتي ماڻهو گهڻا هئا، پنڌ پري هو ۽ پارٽي حڪومت دست اندازي ڪئي هئي، پر هتي سنڌ جا ڪي ماڻهو خود مختياري حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌو ديش جو نعرو هڻن ٿا، کين ختم ڪرڻ ڪو ڏکيو ڪم نہ آهي. سنڌي تعداد ۾ بہ ٿورا آهن، کين ٻاهرين ملڪن جي مدد ملڻ جو بہ امڪان ڪونہ آهي ۽ تنهن کان سواءِ سنڌ پنجاب جي پير ۾ بہ آهي، ان ڪري اتان لشڪر کي صرف مارچ ڪري، سنڌين کي ختم ڪري، سندن جاءِ تي پنجابين کي ڪالونائيز ڪرڻو پوندو. سنڌي زميندار، پير، ملا ۽ ڪامورا، جيڪي ٿلها ٿي رهيا آهن، تن کي "جشن فتح" وقت صرف قربان ڪرڻ جي ضرورت ٿيندي."

ڪن جوابدار ماڻهن جي اهڙن ارادن بعد اها ڳالهہ انهن لاءِ ڏکي نہ آهي تہ سنڌين کي فتح ڪري، پنهنجا ماڻهو اچي آباد ڪن. سنڌ جي هزارن ورهين جي جدا قومي وجود ۽ سنڌ جي جدا ملڪ هئڻ جي دعوائن کي هو اڳيئي رد ڪري چڪا آهن. بلڪ سنڌي قوم جي نالي وٺڻ کي ئي ڏوهہ ٺهرائي ڇڏيو اٿن. هاڻ سنڌين کي ختم ڪرڻ لاءِ هيٺيان ڪم ڪندا تہ عجب نہ آهي:

سنڌي ڪامورن، زميندارن، پيرن ۽ ملن کان سڱ وٺي يا کين ڏئي انهن جي اولاد ذريعي گهرن ۾ اردو ڳالهائڻ کي مروج ڪندا. اهڙيءَ طرح سنڌي ٻولي ۽ ڪلچر کي ختم ڪرڻ ڏکيو نہ ٿيندن هن وقت، ان جي شروعات ٿي چڪي آهي، ڪيترن بي غيرت سنڌين، مهاجرن ۽ پنجابين مان شاديون ڪري، گهرن ۾ اردو ٻولي مروج ڪري ڇڏي آهي ۽ ڪيترن معتبرن پنجابين ۽ مهاجرن کي سنڱ ڏيئي، انهن ۾

www.sindhsalamat.com

ضم ٿيڻ شروع ڪيو اٿن. سنڌين سان عربن بہ اسلام جي نالي ۾ ساڳي ڪار ڪئي هئي. ڌسڻ ۾ ائين پيو اچي تہ هي بہ آهستي آهستي سنڌين مان قديم روايات. زبان ۽ ڪلچرل ختم ڪرائي ڪين پنهنجي سامراجي قوم ۾ ملائي ڇڏيندا. شايد اهو وقت پري نہ هجي تہ آئيندي لکڻ، پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ لاءِ اردوءَ جو استعمال عام جام ڪيو وڃي. سنڌي اخبارن. رسالن. ڪتابن. اسڪولن ۽ فلمن تي بندش وجهي، سنڌي زبان کي جاهلن ۽ ڪافرن جي ٻولي ڪوٺي، سنڌ جي قديم ڪلچر کي ختم ڪيو وڃي. پنجاب. بلوچستان ۽ سرحد ۾ اڳيئي ابتدائي تعليم اردوءَ ۾ ڏني وڃي ٿي، باقي هتي بہ پير الاهي بخش ۽ ٻين جهڙا غدار پيدا ڪري، سنڌي پڙهڻ کي ڏوهہ ٺهرايو وڃي. سنڌ جي موجوده (سابق) وزيرن ٻين، مخدوم امين فهيم، پيرزادي، جتوئيءَ ۽ ٻين جي گهرن ۾ اڳيئي غير سنڌي زالن هئڻ ڪري ٻارن اردوءَ ۾ ڳالهائڻ شروع ڪيو آهي. ممڪن آهي اڳتي هلي سنڌ جا گهڻا وڏا ماڻهو گهرن ۾ اردو ڳالهائڻ ۾ فخر سمجهن ـــ جهڙيءَ طرح انگريزي دور حڪومت ۾ انگريزي ڳالهائڻ وينديءَ هئي. عربي مقولو آهي تہ "الناس عليٰ دين ملوڪهم ـــ" يعني "ماڻهو پنهنجي سردارن جي رستي تي هلن ٿا." ان موجب، عام ماڻهو بہ سنڌن پوئلڳي ڪري اردوءَ ۾ ڳالهائڻ عيب نہ سمجهندا. اڳوڻي عرب سامراج جي اثر سبب هنن جو مذهبي ڪاروبار اڳي ئي عربيءَ ۾ هلي ٿو. هاڻ جي هو ادبي سماجي ڪاروبار اردوءَ ۾ هلائين تہ ڪين ڪير روڪي سگهندو. ان وقت سنڌين جي حالت، آمريڪا جي ريڊ انڊين يا سنڌين جي دراوڙين جي مفتوح ٿيڻ بعد واري وڃي رهندي. ان وقت شاهہ لطيف جي تعليم ۽ سچل سرمست جي ڪلام سمجهڻ وارو ڪير نہ هوندو. سنڌين جا ڪلچرل آستان سنسان پيدا هوندا. شاهہ لطيف اڳئي چيو آهي تہ:

ويا مور مري، هنج رهيو هيڪڙو،
وطن ٿيو وري، ڪوڙن ڪانيرن جو!

(7) ٺئين سامراج طرفان سنڌي لباس، رسم رواج، قومي ڪردار ۽ مذهبي عقيدن کي رد ڪري پنهنجا ڪفر نما اسلام جي نالي ۾ نفرت ۽ زور زبردستي جي بنياد تي، هر ان ڳالهہ کي ڪئيو ويندو جا سنڌي هوندي. مسجدن ۽ درگاهن کي اڳيئي اوقاف ۾ آڻي مرڪزي حڪومت جي ماتحت آندو ويو آهي. اها ڳالهہ هنن لاءِ ڏکي نہ ٿيندي تہ اُتي ملا ۽ مجاور اردو دان مقرر ڪري، خطبا اردوءَ ۾ پڙهايا وڃن ۽ درگاهن تي اردوءَ ۾ گفتگو ڪرائي وڃي ۽ فرضي افسانا گهڙي ائين ظاهر ڪيو وڃي تہ شاهہ ڀٽائي ۽ سچل سرمست هندن کي مسلمان ڪندا هئا. ممڪن آهي اُهي ماڻهو سنڌ جي

www.sindhsalamat.com

اهي طريقا اول ۾ وڏن شهرن ۾ اختيار ڪيا ويندا. پوءِ ڳوٺن ۽ ٻهراڙين ۾ منظم طريقي سان غير سنڌين کي ڪالونائيز ڪرايو ويندو. ڳوٺن ۾ گهٽ وقت کان وٺي سنڌ جي زمين تي پنجابين اڇي ڪيما کوڙيا آهن.

(12) سنڌين مان بيغيرت، خود مطلب، ڪميڻ صفت ۽ بزدل قسم جي ماڻهن جو گروهه پيدا ڪري، انهن کي لالچائي يا هيسائي، مهاجر-پنجابي مستقل مفاد سامراجيت جي ڪلچر، زبان، عقيدن ۽ سياسي ۽ اقتصادي مفاد جي مروج ڪرڻ لاءِ ايجنٽ طور ڪتب آندو ويندو.

(13) پنجابين، سنڌين ۽ پٺاڻن ۾ اختلاف پيدا ڪرائي، تنهي قومن کي ويڙهائي، ختم ڪرائڻ بعد، پارت سان سمجهوتو ڪري اتان ٻيا مهاجر گهرائي، سنڌ کي مهاجر ڪالونيءَ طور ڪتب آندو ويندو ــ ۽ سنڌين، بلوچن ۽ پٺاڻن کي پنهنجن ملڪن مان خارج ڪرايو ويندو.

(14) مهاجر اول ۾ ڪراچي، حيدرآباد، ميرپورخاص، ٽنڊي، سانگهڙ، نوابشاهه، خيرپور، سکر، جيڪب آباد، لاڙڪاڻي ۽ شڪارپور ۾ مرڪز قائم ڪري ڪارخانا کولارائي، پنهنجي ماڻهن کي ڪالونائيز ڪري، انهن شهرن تي قبضو ڪندا. ان بعد حالتون سازگار بنائي، ڳوٺن طرف وڌندا ۽ واپار جون پيڙهيون وجهندا.

(15) سنڌ جي قديم تاريخي يادگارن، روايتن ۽ ڪلچر متائڻ خاطر هنن اڳ ۾ شهرن، ڪاليجن، رستن، اسٽيشنن، مارڪيٽن ۽ چونڪن تي، يو.پي، سي.پي، عرب ۽ ايران جي شهرن ۽ ماڻهن جا نالا رکي، ماحول بدلائڻ شروع ڪيو آهي. اڳتي هلي، اٿين ڏسڻ ۾ اچي پيو تہ هو سنڌ جي تاريخ کي اهڙو مسخ ڪندا جو سنڌ جا ايندڙ نسل پاڻ وساري، مهاجرن ۾ ضم ٿي ويندا. آخر ۾ هر هڪ شيءِ کي قبضي ۾ آڻي، سنڌين کي دراويدين يا ريڊ انڊين وانگر نالي خاطر عجائب گهر جي جانورن مثل ڏيکارڻ لاءِ ڪن ڪئمپن ۾ نمائش طور رکندا.

اِهو مختصر خاڪو جو مون کي سنڌين جي تاريڪ مستقبل بابت ڏسڻ ۾ اچي ٿو، پيش ڪيو اٿم. قرآن ۾ لکيل آهي تہ "زمين جا مالڪ اهي ٿيڻ وارا آهن، جيڪي صالح هوندا." هڪ ٻئي هنڌ چيل آهي تہ "ان الله لا يغير بقوم حتيٰ يغيروا با نفسهم" يعني "جا قوم پنهنجي قسمت بدلائڻ جي ڪوشش نہ ڪندي ان جي خدا بہ قسمت نہ بدلائيندو."

پڙهندڙن کي معلوم آهي تہ سنڌي وڏيرن، پيرن، ملن، ڪامورن، واپارين ۽ جاهل عوام جي گهڻائي، ڪيتري قدر بي حس، بي غيرت ۽ بزدل ٿي چُڪي آهي.

www.sindhsalamat.com

هو آهستي آهستي ٿي ڌارين جي غلاميءَ تي رضامند ٿيندا وڃن ٿا. ان مان سنڌين جي گذريل پنج هزار سالن جي تهذيب، تمدن ۽ روايتن جي خاتمي جو نظارو اکين اڳيان ڦري رهيو آهي. پر مون باوجود ان جي اُميد نہ لاٿي آهي. شاهہ صاحب جو بيت سامهون اچي، اُميد جاڳائي رهيو آهي تہ:

اللهَ ائين م هوءِ، جو آءُ مران بند ۾،
پهرين وڃان لوءِ، پوءِ مر پڇنم ڏينهڙا!!

سنڌ جي بزدل وڏيري، بي غيرت پير، بيوقوف ملي، رشوتي ۽ خود مطلب ڪاموري جي خاتمي جو مون کي افسوس نہ ٿيندو، ڇاڪاڻ تہ اهي سنڌن بُرن اعمالن ڪري، تباهيءَ کي اچي نزديڪ پهتا آهن. هالن پراڻن جي شاعر خليفي "گل" چيو آهي تہ:

انگ ازلي آهہ قادر تو ڪري نا ٽري
جي ڪري ڪو هيٺن هونئن
توٽي ڪري ڪو هونئن هيٺن!

سنڌين هڪ غدار قوم، بداخلاق ۽ ڌوڪيباز سياستدانن کي زور وٺايو ان سنڌي مفاد کي جيڪو نقصان پهچايو يا سنڌي قومپرستن سان جي ظلم ڪيا، سي عالم آشڪار آهن. سنڌي عوام ماٺ ۾ رهيا، پر قدرت کي غيرت آئي، جنهن ان سنڌيءَ جي دشمن کي پنهنجي آقائن مهاجر _ پنجابي سامراجين هٿان ڪٽائي، خوار خراب ڪيو آهي. پر ڪي نااهل سنڌي "جيئي يتو" چوندا وتن ٿا. ڪين خبر هئڻ گهرجي تہ ظالم تي جڏهن قهر الاهي ڪڙڪندو آهي تہ ان جا حامي بہ ان سان گڏ تباهہ ٿي ويندا آهن. قدرت غير صالحن جي عيوض صالحن کي اُن جي جاءِ تي آڻيندي قدرت جو دستور آهي تہ هر ڪمزور ۽ غير صالح شيءِ فنا ڪري ان جي جاءِ تي تازه دم ۽ صالحن کي وجود ۾ آڻيندي آهي. جي فنا ٿيڻ لاءِ تيار ٿي وڃنا هوندا. تن کي ڪوبہ بچائي نٿو سگهي.

مون کي افسوس صرف هيٺين ورثن جي ختم ٿيڻ جو ٿيندو جن جي بچائڻ لاءِ سنڌي قومپرست گروهہ ذريعي ڪوشش ڪري رهيا آهيون:

(1) سنڌ جي مذهب محبت (عشق) جي ختم ٿيڻ جو خطرو اٿم. ان تي مفصل روشني ٻئي فصل ۾ وجهندس.

(2) سنڌي ڪلچر ۽ روايتن جي خاتمي جو فڪر اٿم. جنهن جو ذڪر ٽئين فصل ۾ ايندو.

www.sindhsalamat.com

(ڪ) سنڌ جي سياسي ۽ اقتصادي مفاد جي ٻين جي قبضي ۾ اچڻ جو ڏيپ اٿم. جنهن جو احوال چوٿين فصل ۾ ڪندس.

ان لاءِ منهنجو سنڌ جي نوجوان قومپرست ۽ غير تمند سنڌي ڪارڪن کي عرض آهي ته ڪفن سر سان ٻڌي، سر جي بازي لڳائي، موجوده سامراج (پاڪستان) مان سنڌين کي آزاد ڪن. ان خير جي ڪم ۾ هر ڪو پراڻو يا نئون سنڌي حصو وٺي سگهي ٿو. مون ٻنهي جو ناالو ان ڪري ورتو آهي جو اصل سنڌين ۾ به ڪيترا سنڌ دشمن، بزدل ۽ خود مطلب پيا آهن، جي شخصي مفاد لاءِ ڌارئين سامراج جا ايجنٽ بنجي، سنڌ کي هر نقصان پهچائڻ لاءِ تيار آهن. ٻئي طرف مون اُميد نه لاٿي آهي ته ڪن خدا پرست، سالم دماغ ۽ محبت وطن مهاجرن کي سمجهه اچي ويجي ۽ قومپرست ڪارڪن سان هيٺين اصولن تي گڏجي، سنڌ جي آزاديءَ ۽ صلاح لاءِ ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃن:

(1) سنڌ جدا ملڪ ۽ ان جا رهاڪو جدا قوم آهن. انهن کي پاڪستان جي مستقل مفاد سامراجين جي غلاميءَ مان آزاد ڪرائڻ مفيد ٿيندو.

(2) سنڌي زبان، ڪلچر ۽ روايات کي پنج هزار ورهين جو پس منظر آهي. ان جي حفاظت تاريخي تقاضا ۽ قانون فطرت جي عين مطابق آهي.

(3) مذهب اسلام جي غلط تشريح ڇڏي، ملڪي سياست کي مذهبي عقيدن کان جدا ۽ آزاد رکي، ملڪي حڪومت کي سيڪيولر بنياد تي هلائجي.

(4) اقوام متحده جي پاور بلاڪن کان ٻاهر رکي، دنيا جي امن خاطر غير ملحق ٿي، انسان ذات جي خدمت ڪجي.

(5) سنڌي عوام مان غربت دور ڪري، سندن معيار زندگي بلند ڪرڻ خاطر سوشلزم جي طريقه اقتصاديات مطابق ملڪ جي تعمير ڪرڻ ۾ ويساهه رکجي.

انهن اصولن ۾ ويساهه رکڻ ڪري، سنڌ جي جملي رهاڪن کي هيٺيان فائدا حاصل ٿي سگهندا:

(1) سنڌي پاڪستاني مستقل مفاد سامراج مان آزاد ٿي، پنهنجي حڪومت قائم ڪري آزاد قومن وانگر اقوام متحده جي برادريءَ ۾ شامل ٿي سگهندا.

(2) سنڌ جي حڪومت، پيداوار، ٽئڪسن ۽ وسائل تي غير سنڌين جي شرڪت کان سواءِ _ سنڌ جي دائمي رهاڪن جو قبضو هوندو، جي ان کي عام جي ڀلي ۽ ترقي لاءِ ڪم آڻيندا.

(3) سنڌ جي جملي پيدائشي وسيلن _ جهڙوڪ ڪارخانن، واپار، زمين،

www.sindhsalamat.com

ڪاٿين. ٻاهرئين ناڻي جي مٽا سٽا ۽ جملي وصول ٿيندڙ ٽئڪسن _ ڪي سنڌ جي ڀلي لاءِ ڪتب آڻي سگهبو.

(4) ٻاهرئين ماڻهن جي آمد تي بندش وڌي ويندي هتي رهيل غير سنڌين کي سنڌي زبان سکي، سنڌي ڪلچر اپنائي، سنڌي قوم ۾ ضم ٿي، سنڌ جي آزاديءَ ۽ ڀلائي لاءِ ڪم ڪرڻو پوندو يا ملڪ ڇڏي وڃڻ لاءِ تيار ٿيڻو پوندو.

(5) سنڌ جي ڪارخانن، نوڪرين، واپار ۽ ڪاٿين تي سنڌ جي رهاڪن ۽ سنڌي زبان ڄاڻندڙن کي قبضو ڏنو ويندو ۽ ڪنهن به ٻاهرئين ماڻهوءَ کي هتان پيسا ڪمائي، ٻاهر ڪٺي وڃڻ جي اجازت نه هوندي

(6) هر هڪ سنڌ جي ماڻهوءَ کي روزگار جي ضمانت ڏئي سندس معيار زندگي وڌايو ويندو. هر ماڻهوءَ کي رهڻ جي جاءِ، بيماريءَ ۾ علاج ۽ تعليم ڏني ويندي

(7) سنڌ جي قومي زبان سنڌي هوندي ان جي واڌاري ۽ ترقيءَ جو انتظام حڪومت سنڌ جي ذمي هوندو.

(8) سنڌ جي لڪل خزانن _ تيل، لوهه، ڪوئلي، گيس ۽ ٻين ڌاتن جي کوجنا کوٽائي ڪري، انهن کي ڪتب آندو ويندو.

(9) حڪومت سنڌ کي پاور بلاڪس جي جنگي معاهدن کان آزاد رکي، غير جانبدارانه پاليسي تي هلايو ويندو.

(10) مذهب کي سياست کان جدا رکي، حڪومت کي سيڪيولر بنيادن تي هلائي مذهب جي نالي ۾ ماڻهن جي ٿيندڙ استحصال کي ختم ڪيو ويندو.

(11) مسلم ملڪن جي جدا بلاڪ ٺاهڻ واري خطرناڪ ڍوڪي کان سنڌي حڪومت کي پري رکبو.

(12) سنڌ جي ڳوٺاڻي زندگيءَ جي نئين سر تعمير ڪري، ڳوٺاڻن کي مهذب ۽ متمدن زندگي گذارڻ لاءِ سهوليتون مهيا ڪيون وينديون.

(13) سنڌ لاءِ هڪ جهنڊو، هڪ لباس ۽ هڪ زبان مقرر ڪري، سنڌ جي رهاڪن ۾ قومي يڪجهتي پيدا ڪري، هڪ قوم بنائڻ جي ڪوشش ڪرڻي پوندي، جملي رهاڪن کي، مذهب، ذات ۽ اصل جاءِ رهائش جي پيد ياون مان ڪڍي، هڪ قوم بنائڻ جي تعليم ۽ تربيت ڏني ويندي، سنڌي ڪلچرل ۾ يڪسانگي پيدا ڪرڻ لاءِ منظم منصوبه بنديءَ موجب ڪم ڪرڻو پوندو.

(14) آزاد سنڌ ۾ مذهبي عقائد ۽ صوفياءِ ڪرام جي تعليم مطابق سيني

www.sindhsalamat.com

فصل پيون

# سرزمين سنڌ جي مذهبي ارتقا

مذهب، ماڻهن جي پيدائش کان وٺي، ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ مٿن اثر انداز رهيو آهي. ان جو گهڻو ڪري هيٺين مسئلن سان تعلق رهيو آهي:

(1)مافوق الفطرت: طاقت جي کوجنا ۽ معلومات (2) روح ۽ مادي جي ماهيت ۽ انهن جو هڪ ٻئي سان واسطو (3) غير مرئي (مافوق الفطرت) طاقت جي رضامندي، (4) حيات بعد الممات بابت ڪي تصور، (5) معاشري جي درستيءَ لاءِ ڪن دستور العمل ۽ قانونن جو رواج، (6) سزا ۽ جزا بابت تصور، (7) مختلف مذهبن جي اختلافن جا سبب،(8) مکيہ مذهبن بابت مختصر ذڪر ۽ انهن جا هڪ ٻئي تي اثر، (9) مذهبن جي هڪ ٻئي تي برتريءَ لاءِ چِتا پيتي، (10) اسلام جي اچڻ جا مکيہ مقصد ۽ ان جون مستقل مفاد طرفان غلط تشريحون، (11) تزکيہ نفس ۽ نجات لاءِ عبادتون، (12) منظم مذهبن جون تشريحون ۽ معاشري جي تبديلين بعد انهن ۾ ردوبدل جي ضرورت، (13) ڪثرت مذاهب پويان وحدت جي پروڙ (14) تصوف جا مقصد ۽ مرادون.

سائنسدانن جو چوڻ آهي تہ هن ڌرتيءَ سان واسطو رکندڙ سج مان اربين سال هڪ ٻرندڙ ٽڪرو جدا ٿي، ڪروڙين ورهيہ سج جي ڪشش اندر چوڌاري ڦرندو رهيو ۽ آهستي ٿي ٿڌو ٿيڻ بعد هن ڌرتيءَ جو گولو(ڪرِ ارض) بڻجي پيو جنهن تي اول ۾ صرف مادي ۽ گرميءَ جا عناصر هئا. ليڪن ڪروڙين ورهين کان پوءِ ان ۾ هوا ۽ پاڻيءَ جا ٻيا عنصر وجود ۾ آيا. انهن جي وجود ۾ اچڻ بعد اٽڪل ٻہ ڪروڙ ورهيہ اڳ ڌرتيءَ تي زندگيءَ جا آثار نمودار ٿيا.

سندن چوڻ آهي تہ زندگي ٻن طريقن سان وجود ۾ آئي:

هڪ: پاڻيءَ جي مٿان ,سينور" سائي تھ جمي پوڻ بعد، آهستي ٿي ان مان "وڻڪار" (نباتات) جو ٻج پيدا ٿيو. جنهن مان وڻ مختلف مرحلا طئي ڪري، وري ڪري تي پيا. پر انهن ۾ سندن بقا جي قوت باقي رهي ٿي، جنهن ٻجن يا پاڙن ذريعي وري سندن جاين تي ٻيا وڻ پيدا ڪيا ٿي. اِهو سلسلو قائم رهندو آيو ٿي.

www.sindhsalamat.com

ٻيو: پاڻيءَ ۾ ھڪ ننڍڙو جيوڙو يا "جيو _ گھرڙو" (Amobia)پيدا ٿي، مختلف ارتقائي درجن مان گذري، ڪروڙن ورھين بعد ترقي يافته بدن ۽ ذھن حاصل ڪرڻ کان پوءِ ھلندڙ يا اڏامندڙ جانورن جي صورت اختيار ڪئي ھئي.

"انسان"، جانورن جي ترقي يافته جنسن مان ھڪ ھو جنھن کي آھستي ٿي ڳالھائڻ جي صفت وڌيل ذھن جي ذات عطا ٿي، جنھن ڪري ھو اشرف المخلوقات سڏجڻ ۾ آيو. ھن وقت تائين جيتري قدر معلوم ٿي سگھيو آھي، ته چوڻ ۾ اچي ٿو ته انسان کي وجود ۾ آئي اٽڪل ويھه لک کن ورھيه گذريا آھن. "ذھن" (Mind)بابت ائين چوڻ ۾ اچي ٿو ته ناقص يا ابتدائي حالت ۾ وڻن ۽ جانورن ۾ به آھي. ليڪن ان جو ترقي يافته صورت ۾ وجود انسان ۾ معلوم ٿي سگھيو آھي. مذھب انساني دماغ جي پيداوار آھي.

وڻن، جانورن ۽ ماڻھن ۾ ھڪ طرف جسم يا مادي جو عنصر موجود ھو جو گرميءَ، ھوا، زمين ۽ پاڻيءَ جو مرڪب ھو. ته ٻئي طرف ان ۾ ھڪ غير مرئي (ڏسڻ ۽ سمجھڻ کان مٿي) جزو يا تت به موجود ھو جنھن کي اڳتي ھلي، ساھه، روح، جوت يا آتما وغيره جي نالن سان سڏيو ويو.

مذھبن، اول ۾ ان ڳجھارت جي لڪل معلومات حاصل ڪرڻ طرف توجھه ڏنو جھڙيءَ طرح نباتاتي يا حيواني جسم، ارتقا جا مختلف مرحلا طئي ڪندا آيا ٿي، اھڙيءَ طرح نيٺ جانورن مان ھڪ گروھه ترقي ڪري، ماڻھوءَ جي صورت اختيار ڪئي، پر ماڻھو به آھستي ڪري مختلف مدارج / مرحلا طئي ڪندو آيو. جھڙوڪ وحشيانه دور، بدويانه دور، زراعتي دور، تجارتي دور، ھنري (صنعتي) دور، سائنسي دور، ائٽمي دور وغيره. ماڻھوءَ کي ذھني ارتقا سان گڏ ڪيس اھڙيون معلوماتون حاصل ٿيڻ لڳيون، جن کي مذھبي سلسلي جي ڪڙي ڪوٺي سگھجي ٿو. پر انھن جي معلوماتي وسعت جو مدار به مٿي ذڪر ڪيل ارتقائي درجن تي منحصر ھو. "مذھب"، ماڻھن تي معلوم ۽ نامعلوم بيروني طاقتن جي فوقيت جي پيداوار آھي، ان نسبت پيدا ٿيل تخيل به مختلف خطه زمين، آبھوا، ماحول ۽ نسلي ارتقا مطلب، مختلف دورن ۾ پئي ترقي ڪئي آھي. اھڙيءَ طرح ماڻھن جي ذھني ارتقا مطابق مذھبي معلومات ۾ به پئي وسعت آئي آھي.

ابتدا ۾ ماڻھن روح يا آتما کي مافوق الفطرت (Supernatural)طاقت سمجھي ان کان ڊڄڻ شروع ڪيو ۽ ان کي تسخير ڪرڻ يا وس ۾ آڻڻ لاءِ ڪوششون ڪري ڪي طريقا ايجاد ڪيا، جنھن "جادوءَ" جي صورت اختيار ڪئي. اڳتي

www.sindhsalamat.com

هلي. جڏهن هنن کي ڪيترن معاملن ۾ ان طاقت کي وس ۾ آڻڻ يا تسخير ڪرڻ ۾ پنهنجي بيوسيءَ جو احساس پيدا ٿيو ته هنن ان کي مختلف طريقن سان رضامند ڪرڻ جا رستا ڳولڻ شروع ڪيا. "مذهب". انهيءَ رضامندي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۽ خواهش جي پيداوار آهي. انهيءَ خواهش سان اهو خيال پيدا ٿيڻ لازمي هو ته هو اهو معلوم ڪرڻ گهري ته اهي مافوق الفطرت يا ڏسڻ يا سمجهڻ کان مٿي طاقتون ڇا ۽ ڪهڙيون هيون، هڪ هئي يا گهڻيون هيون، ڪٿي هيون ۽ سنڌن لاڳاپا ۽ واسطا ڪهڙين شين سان هئا؟

انهيءَ ڏس ۾ غور ۽ تفتيش ڪنديءَ اول ۾ ماڻهن کي انهن روحن يا آتمائن (مافوق الفطرت طاقتن) جو لاڳاپو يا وسطو زندگيءَ وارين سڀني شين ۾ محسوس ٿيڻ لڳو جن کي "جاندار شيون" سڏيو ٿي ويو. انهن ۾ وڻڪار ۽ جانورن کي شمار ڪيو ويو. اهڙيءَ طرح آئتي مست (جاندار) شين ۾ روحن جي وجود جو عقيدو پيدا ٿيو. انهي عقيدي جي اثر هيٺ ماڻهو وڻن ۽ جانورن ۾ روحن جي وجود کي تسليم ڪنديءَ سنڌن راضپي حاصل ڪرڻ ۽ منجهائن فائدي وٺڻ يا نقصان کان بچڻ واسطي پوڄا يا پرستش طرف متوجهه ٿيا. اهڙيءَ طرح پپر، ٻڙ، نم، ڪنديءَ، ٻير ۽ هر سائي وڻ ۾ روح جي موجودگي محسوس ڪريءَ انهن کي فائدي يا نقصان جي صفتن سان موصوف ڪريءَ سنڌن رضامندي حاصل ڪرڻ جا طريقا ڳولڻ لڳا. ساون وڻن کي نه وڍڻ، انهن کي پاڻي ڏيڻ، منجهن جهنڊيون ٻڌڻ، انهن هيٺان واس ڌوپ ٻارڻ، ڪاڌو رکڻ وغيره جا ڪي دستور يا رسمون پيدا ٿيون. رات جو وڻن هيٺان نه لنگهڻ، ڪن وڻن کي نقصان ڪار ۽ ڪن کي فائديمند سمجهڻ جا رواج پيا. ساڳي طرح جانورن بنسبت به هنن کي ڪي وهم يا تصور ويٺا. ته انهن مان ڪي "نحس" (تبو) ۽ ڪي "سعد" يا سڀاڳا (توتم) هوندا هئا. انهن جي نحوست تارڻ ۽ سنڌن سعادتيءَ مان فائدي وٺڻ جا ڪيئي رواج ۽ رسمون پيون. شينهن، گينڊو، هاٿي، باندر، ڍڳو ڳئون، گدڙ لومڙ، چيتو سوئر، نانگ، ازدها، رڇ وغيره، هلندڙ جانورن مان ڪي هئا، جن سنڌن پهرين توجهه ڇڪائي ۽ نحس يا سعد جي عقيدي جو رواج پيو. ان بعد انهن مان فائدي وٺڻ يا نقصان کي تارڻ جا دستور پيا. پاڻي مان واڳونءَ، ڪڇون ۽ مڇ کي اهميت ڏني وئي. ان بابت ڏند ڪٿائون گهڙيون ويون. ۽ سنڌن پوڄا جو رواج پيو. درياهن ۽ کوهن ۾ آڪا (اٽي وغيره مان نهيل). ڪاڌي جون شيون ۽ گوشت اڇلي، انهن جانورن کي ڪارائڻ

www.sindhsalamat.com

ثواب سمجهيو ويو. اهڙيءَ طرح هوا ۾ اڏامندڙ پکين مان عقاب، باز سيمرغ، طوطي، مور هد هد، ڪانگ، ڪبوتر ۽ ڳيري وغيره کي پوتر سمجهيو ويو.

مٿي ذڪر ڪيل جانورن بابت ڏند ڪٿائون، مثالاجيءَ جي ڪتابن ۽ ڪهاڻين ۾ داخل ڪيون ويون. ڪيترن ديوتائن بابت اهو ظاهر ڪيو ويو تہ اُهي انهن جانورن ۾ اوتار ڌاري اچن ٿا.

انهيءَ کان پوءِ "ان ائنمي مسٽ" (غير جاندار شين) ۾ روحن جي وجود ۽ طاقت جا ماڻهن جي زندگيءَ تي اثر هئڻ بابت عقيدا پيدا ٿيا.

اِنهيءَ ڏس ۾ هنن آڪاش (آسمان) سورج، چنڊ ۽ مختلف سيارن (عطارد، زهره، مريخ، مشتري، زحل وغيره) ۽ برجن يا گرهن (حمل، حوت، دلي، جدي، قوس، عقرب، ميزان، سنبل، اسد، سرطان، جوزا، ثور (ارس، پيڪنس، اڪيوروس، ڪئپريڪورن، سجيٽا روس، اسڪارپين، ليزا، اسپيڪا ورجيس، ليوس، ڪئنسر، گيمني ۽ تاروس) جي روحن ۽ ماڻهن جي قسمتن تي سندن اثر جا عقيدا پيدا ٿيا. انهن کي جدا نالا ڏئي، خاص شڪلين ۽ صورتن سان منسوب ڪيو ويو. اهڙيءَ طرح اهو دائرو وڌندو ويو. ان ۾ زمين، جبلن، سمنڊن، دريائن، باهہ، هوا وغيره کي روحن يا طاقتن جو حامل شمار ڪيو ويو. اڳتي هلي عضوه مخصوص "لنگم" (فيلوس)، "يوني" ۽ عشق جي ديوتا وغيره جي خاص طاقتن جا عقيدا وجود ۾ آيا. انهيءَ کان سواءِ ماڻهن جي روحن جي مماتيءَ بعد جداگانہ حيثيت، جنن، ديون، ديوين ۽ پرين وغيره جي وجود روحن جي افاديت ۽ نقصانڪاريءَ جا عقيدا وجود ۾ آيا. انهن عقيدن جديد عالمگير مذهبن وانگر منظم ۽ واضح عقيدن جي صورت نہ ورتي، ليڪن اڳتي هلي انهن عقيدن کان عالمگير مذهب بہ پاڙ ڇڏائي، آزاد نہ ٿي سگهيا. روحن بابت لڳ ڀڳ ساڳين عقيدن جي بنياد تي هنن پنهنجي آئينده مذهبن جي عمارتن جي تعمير ڪئي. هر هڪ خطي زمين، آبهوا، ماحول، نسلن ۽ زماني جي مختلف دورن جي تقاضائن ۽ ذهني ارتقا موجب انهن جي نشونما (اوسر) پئي ٿي. جنهن ڪري ڪثرت ديوتائن يا خدائن جي پوڄا مروج ٿي. انهيءَ جي آڌار تي اصنام پرستي (بت پرستي) شروع ٿي. جنهن کي "پوليٿزم" (ڪثرت خدائن) جي نالي سان سڏيو ويو اڳتي هلي جيئن انساني معاشري جي ارتقا سان گڏ ماڻهن جا ذهن بہ ترقي ڪندا ويا، تہ انهن ڪثرت خدائن (ديوتائن) کي گهٽائي (ترموڙتي)، "دوئي" ۽ "وحدت" جي نظرين ۽ عقيدن جي صورت اختيار ڪئي.

www.sindhsalamat.com

اهڙيءَ طرح جادوءَ يا مذهبي عقيدن جي پويان مافوق الفطرت (Supernatural) طاقت کي مطيع يا راضي ڪرڻ جو خيال سمايل هو.

ماڻهن جڏهن وحشياڻي دور يا بدوياڻي دور مان نڪري، ڪن ندين جي ڪنارن تي ڳوٺ ٻڌي سڪونت اختيار ڪري، حياتي گذارڻ شروع ڪئي، ته هنن پنهنجون تهذيبون ۽ تمدن پيدا ڪيا. ترقي يافته مذهبي عقيدن، منظم ڌرمي پوڄائن ۽ معاشري جي ڪاروبار لاءِ ڪن دستورن ۽ سماجي قانونن، انهيءَ دور ۾ جنم ورتو.

لکيل تاريخ مان معلوم ٿئي ٿو ته ابتدا ۾ سنڌ، هند ۽ ايران ۾ ويدڪ ڌرم، ترقي يافته صورت ۾ وجود ۾ آيو جنهن مان ٻڌ ڌرم، جين ڌرم، زراشترزم ۽ اُن جي شاخن ـ مترائزم، مزدڪ ۽ مانيزم جنم ورتو.

مذهبن جي ٻئي وڏي گروهه جي پيدائش، مصر، سمير، بابل، شام، فلسطين ۽ عرب ۾ وجود ۾ آئي، جن مان اڳتي هلي جديزم (يهوديت يا صيهونيت)، مسيحيت (ڪرسچيئنٽي) ۽ اسلام جنم ورتو.

جهڙيءَ طرح طاقتور ماڻهن يا قومن، ڪمزور ماڻهن يا قومن تي پنهنجا تسلط قائم ڪري، پنهنجا سياسي سامراج بنايا ٿي، اهڙيءَ طرح منظم مذهبن جي حامين پنهنجا نظرياتي سامراج قائم ڪرڻ لاءِ چڙوچڙ عقيدن کي گڏي، پنهنجي ماتحت ڪري، ان ۾ ڪي سڌارا ۽ وڌارا آڻي، سندن مذهبن جي برتريءَ ۽ سچائيءَ جا نظريا پيش ڪري، پنهنجي تسلط جي دائري کي وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي. انهن مذهبي عقيدن، دستورن ۽ شريعتن جي واڌاري ۽ وسعت لاءِ ٻه طريقه ڪار استعمال ۾ آندا ويا.

هڪ طريقه ڪار، پروپيگنڊا، تبليغ، تعليم ۽ تربيت جو ذريعو هو، جنهن وسيلي ماڻهن کي رضاڪارانه طور پنهنجي دائري اثر هيٺ آندو ويو ٿي.

ٻيو طريقه ڪار، سياسي ملڪ ۾ شامل ٿي، سياسي طبقي جي مدد سان پنهنجي مذهبن جي توسيع ۽ واڌاري لاءِ ماڻهن کي زوريءَ پنهنجي تسلط هيٺ آڻڻ هو.

پهريون طريقه ڪار، تاليف قلوب ۽ محبت جي ذريعي ڪم آڻڻ سبب ديرپا ۽ وڌيڪ ڪارگر ثابت ٿيو ٿي، پر ان جي فروغ ۽ اثر پذير ٿيڻ ۾ ابتدائي مشڪلاتن جي ڪري دير ٿي ٿي. ٻيو طريقو حڪومت جي آڌار ۽ زبردستيءَ کي ڪتب آڻڻ ڪري زور اثر ۽ ترت فائديمند ثابت ٿيو ٿي. ليڪن انهيءَ طريقه ڪار ۾ سياست ۽ مذهب جي گڏ هئڻ ڪري، مذهب جي بنيادي اصولن سان

www.sindhsalamat.com

سياسي مدد جي عيوض ڪي راڏا ويڙ. مصلحتون يا ڪمپرومائيز ڪرڻا پيا ٿي. جن اڳتي هلي مذهبي اخلاق ۽ عقيدن کي ڪمزور ڪري ٿي ڇڏيو.

جيڪڏهن غور ڪري ڏسبو تہ جملي مذهبي عقيدا، قديم زمانن ۾ پيدا ٿيل وهمن ۽ وسوسن جي مواد تي تعمير ٿيل ڏسڻ ۾ ايندا. انهن ۾ وقت بہ وقت مختلف تهذيبي دورن ۽ معاشري جي تقاضائن ڪري، ڪي تبديليون، اضافا ۽ سڌارا مروج ڪيا ويا ٿي. جيئن هر ڪو دڪاندار پنهنجي دڪان جي شين کي بهترين ثابت ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪندو آهي تہ سندس ڪاروبار ۾ واڌارو ٿئي. تيئن مختلف مذهبي ڪارڪن بہ پنهنجن عقيدن، اصولن ۽ دستورن يا شريعتن کي بهتر ثابت ڪرڻ لاءِ ڪي طريقا استعمال ڪندا آهن: جن مان هيٺيان چار مکيہ طريقا گهڻو ڪري ڪم آندا ويندا آهن:

الف: پنهنجي مذهب جي باني (ايجاد ڪندڙ)، پيغمبر، رشيءَ، منيءَ کي معصوم (گناهن يا غلطين کان پاڪ) ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ.

ب: پنهنجن مذهبن جي عقيدن، دستورن ۽ نظرين کي بي عيب، مڪمل ۽ آخري تصور ڪري، انهيءَ بنياد تي ماڻهن تي اثر وجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ.

ت: پنهنجن بزرگن جي قولن ۽ هدايتن کي ڪتابي صورت ۾ آڻي، انهن کي مافوق الفطرت طاقت (خدا) طرفان موڪليل ظاهر ڪري، بي عيب ۽ غلطين کان پاڪ ظاهر ڪرڻ.

ث: ماڻهن تي اها ڳالهہ ذهن نشين ڪرائڻ تہ انسان ذات جي جملي مسئلن ۽ مشڪلاتن جو حل ۽ دنيوي ۽ ديني نجات جو ذريعو، سندن مذهبن طرفان پيش ڪيل شريعتون آهن.

اهي عقيدا ۽ رايا سامراجي ذهنيت جي پيداوار هئا، جن جي ذريعي هنن پنهنجن مذهبن کي طاقتور بنائي، وسعت ڏيارڻ تي گهري، اڳتي هلي دنيا ۾ مذهبي عقيدا گهڻا ٿي ويا. پر انهن سڀني کي مافوق الفطرت طاقت جي محور جي چوڌاري تعمير ڪيو ويو هو ۽ انهن جي تعمير مختلف دورن ۾ پيدا ٿيل وهمن، وسوسن ۽ جدا جدا حالتن جي تقاضائن موجب پيدا ٿيل عقيدن تي ٻڌي ويئي هئي.

جيڪڏهن غور ڪري ڏسبو تہ جملي مذهبن جا مقصد، قدرت جي لڪل رازن جي معلومات حاصل ڪرڻ، ماڻهن ۾ اتحاد ۽ يڪجهتي پيدا ڪري، امن ۽ سلامتيءَ لاءِ ڪي دستور ۽ قانون ناهي، معاشري جو ماحول سازگار بنائڻ ۽ ماڻهن جي ذهني، سماجي ۽ اقتصادي ترقيءَ لاءِ علاج ڏسڻ هئا.

www.sindhsalamat.com

ان مان ظاهري ٿئي ٿو تہ انهن ڪثرت عقيدن وهمن، عبادتن ۽ دستورن جي رواجن جي پويان اتحاد ۽ امن جي ماحول پيدا ڪرڻ جو هڪ لڪل خيال لڪل هو.

جيئن تہ منهنجي مراد، سنڌ جي مذهبي عقيدن ۽ خيالن جي تاريخي معلومات ۽ زماني جي تبديلي بعد انهن ۾ ٿيل اضافن ۽ ارتقا جو ذڪر ڪرڻ آهي، ان ڪري مٿيئن مختصر تمهيد بعد، آءٌ ڪوشش ڪندس تہ ڄاڻائجي تہ دنيا جي مختلف ملڪن ۾ پيدا ٿيل مذهبن جو هتي جي مذهبن تي ڪهڙو اثر پيو ۽ هتي جي درويشن انهيءَ جملي مواد مان ڪهڙيون ڳالهيون چونڊي، ڪهڙا نتيجا اخذ ڪيا هئا؟ ان ڪري ضروري ٿو ڄاڻان تہ هتي جي ماڻهن تي جن مختلف عقيدن، ويساهن ۽ مذهبن جو اثر پيو آهي، تن جو مختصر ذڪر ڪري، پس منظر پيش ڪريان.

1. **ائني مزم: جاندار شين ۾ روحن جو اعتقاد**

اهو عيقيدو معلوم ائين ٿئي ٿو تہ دنيا جي مختلف ملڪن ۽ قومن جي قديم معاشري ۾ هر هنڌ مروج هو. انهيءَ ذمري ۾ وڻڪار (نباتات)، جملي جانور ۽ بيون ساهہ واريون شيون اچي وڃن ٿيون.

**(i) وڻ پرستي**

وڻن جي جهڙ، وڏڻ ويجهڻ، ڦر ڏيڻ، جهونو ٿي ڪرڻ ۽ انهن جي جاءِ تي وري بين وڻن جو پيدا ٿيڻ جنهن ۾ هزارين قسمن جا ٻوٽا ۽ وڏا وڻ شامل هئا، ماڻهن لاءِ هميشہ هڪ ڳجهارت بڻي رهي آهي. ايتريقدر جو "شيخ سعديءَ" چوڻ تہ اُن جي ترجماني ڪندي چيو هو تہ:

برگ سبز درختان در نظر هوشيار
هر ورق دفريست معرفت ڪردگار

يعني: ساون وڻن جا پن، دانشمند ماڻهوءَ لاءِ خلقڻهار جي سڃاڻپ واسطي ڪتابن (دفترن) جو ڪم ڏين ٿا.

سنڌ مان جيڪي قديم آثار ظاهر ٿيا آهن، تن مان معلوم ٿئي ٿو تہ هتي گهڻي وقت کان وڻن ۾ روحن جي وجود جو اعتماد ويٺل هو. ان ڪري، وڻنجي لڪل طاقت کي ماڻهن جي ڀلائي ۽ نقصان سان واسطيدار سمجهي، انهنجي رضامنديءَ لاءِ پوڄا يا احترام جو دستور مروج ٿيو. وڻن ۾ ٻوٽن، جنن ۽ شهيد ماڻهن جي روحن جي جاءِ سڪونت جو اعتقاد عام هو. ان ڪري عام طرح ساون وڻن جا گل، پن يا تاريون رات جو پٽڻ، ساون وڻن کي وڍڻ يا ٻنپهرن جو پيرر جي

www.sindhsalamat.com

وڻ تي چڙهڻ کي نقصانڪار سمجهيو ويندو هو. اهڙيءَ طرح ڪن ڏڻن جي پوتر هئڻ جو تصور به عام ۽ قديم هو.

هندن وٽ سومر (نشي جو ٻوٽي_ "ڀنگ جهڙي") عزت سان ڏٺي ويندي هئي. ايراني وري هومر وڻ کي پلارو سمجهندا هئا. پڌ ڏرم وارا ٻڌيءَ جي درخت 'پپر' کي عزت ڏيندا هئا. مسلمانن وٽ بهشتي وڻ طوبيٰ جو ذڪر ڪتابن ۾ ڪيو ويندو آهي، بابل جا ماڻهو اشيرا وڻ کي بهشتي درخت ڪري سمجهندا هئا. ۽ اُن جو نقل ٺاهي، خاص وقتن تي پوڄيندا هئا. يورپ ۾ عيسائي اڃا تائين چيل جي وڻ کي "ڪرسمس وڻ" سڏي، ان جي ٽڪر کي ناتال جي موقعي تي هوٽلن يا مکيه جاين تي عقيدت جو مرڪز ٺاهي رکندا آهن. اهي ڳالهيون "وڻ پرستي" جي خيال جي پيداوار آهن.

سنڌ جي واديءَ ۾ اهڙي قسم جا ڪيئي ثبوت ملن ٿا، جن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته ان زماني جا ماڻهو ڪن درختن کي برڪت وارو سمجهي، ان جو احترام يا پوڄا ڪندا هئا. ان جو پتو قديم آثارن مان کوٽي لڌل مهرن تي چٽيل تصويرن مان ملي ٿو.

موهن جي دڙي مان هڪ مهر هٿ آئي آهي، جنهن جي ساڄي طرف زمين تي رکيل هڪ ٿالهيءَ ۾ پپر جي وڻ جون ٻه شاخون نڪتل ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. انهن ٻنهي شاخن جي وچ ۾ هڪ ديويءَ جي تصوير آهي، جنهن جي مٿي تي سڱ آهن ۽ اُن جي سامهون هڪ عورت کي سجدي ۾ ڏيکاريو ويو آهي. ديويءَ ۽ پوڄارڻ جا وار ڍگها آهن. سندن ٻانهن ۾ گهڻيون چوڙيون پيل آهن، ۽ مٿي تي سڱن جي وچ ۾ گاهه يا پن نڪتل اٿس. پوڄارڻ جي پويان هڪ مرڪب جانور جي تصوير آهي، جنهن جو اڌ جسم ڍڳي ۽ اڌ جسم ٻڪريءَ جو ۽ چهرو ماڻهوءَ جهڙو آهي، جو نهايت عقيدت سان اهو نظارو ڏسي رهيو آهي. انهن تصويرن جي هيٺان زناني شڪلين جي هڪ قطار ٻئي طرف منهن ڪري بيٺل آهي. هر شڪل جي مٿي تي هڪ ڪلنگي نڪتل آهي، پر مٿي تي سڱ ڪونه اٿس. هي شڪليون ستن جي طلسمي عدد تي ٻنايل آهن. جاڻن جو خيال آهي ته هي شايد ماتا ديويءَ شيتلا ۽ ان جي ڇهن ڀيڻن جو منظر پيش ڪن ٿيون. (صفحو نمبر 21 بحواله: ڪتاب "واديءِ سنڌ کي تهذيب" محمد ادريس صديقي)

ان منظر ۾ "پپر جو وڻ" خاص اهميت رکي ٿو. اڄڪلهه به هندن جي ڪن فرقن جا پوئلڳ "پپر" جو احترام ڪن ٿا. مثلاً اهو عقيدو ته ڪن خاص موقعن

www.sindhsalamat.com

تي "لڪشمي" (دولت جي ديوي) پيپر ۾ اچي واسو وٺندي آهي. تنهن ڪري اهي ان جي چوڌاري "پرڪرما (طواف) ڪندا آهن. ان جي ٿڙ ۾ ڌاڳا ٻڌندا آهن؛ پاڙ ۾ سينڌور هاريندا آهن؛ ۽ زالون مرداني اولاد لاءِ ان تي ٻاسون باسينديون آهن. "ڪنهن وقت پيپر جي ٽارين ۾ روحن ۽ جنن جي اچ لاهڻ لاءِ پاڻيءَ جا ٿانو (ٿيا) ٽنگي ڇڏيندا آهن. جيئن تہ هن درخت جا پن معمولي هوا ۾ بہ آواز ڪندا آهن. ان ڪري قديم وقت کان اهو ويساهه هليو پيو اچي تہ ان ۾ ديوين ۽ ديوتائن جي رهڻ جا آستان هوندا آهن. ويتر جو ان درخت جي هيٺان مهاتما گوتم ٻڌ کي "گيان" حاصل ٿيو تنهن تہ ان جي اهميت ويتر وڌائي ڇڏي

اهڙي قسم جون ڪيئي مهرون، موهن جي دڙي مان لڌيون آهن، جن تي پيپر جي وڻ کي مختلف صورتن ۾ ڏيکاريو ويو آهي. لڏل مهرن تي نم جي وڻ جون بہ شڪليون چٽيل، ان جي پوتر هئڻ جو ثبوت ڏنو ويو آهي. خيال آهي تہ واديءَ سنڌ ۾ وڻن جي پوڄا جا بہ طريقا رائج هئا. (1) اُهي وڻ، جي پنهنجي نطري حالت ۾ پوڄيا هئا.(2) وڻن جي روح کي انساني شڪل يا صفات ڏيئي، ان جي پوڄا ڪئي ويندي هئي.

هن ملڪ ۾ وڻن يا ٻين شين کي انساني شڪل يا صورت ڏيڻ جو عام رواج هو ڇاڪاڻ تہ سمجهيو ويندو هو تہ وڻن کي جدا شخصيت حاصل هئي ۽ انهن ۾ روح هئا. ان ڪري انهن سان برتاءُ بہ ماڻهوءَ جهڙو ڪيو ويندو هو. وڻ وڍڻ کان اڳ ان کان معافي ورتي ويندي هئي. گونڊ قوم جا دراويدي نسل مان شمار ڪئي وڃي ٿي، رات جو نہ وڻ کي هٿ لائيندي هئي، ۽ نہ ان جو ڦر چونڊيندي هئي؛ ڇاڪاڻ تہ سندن خيال موجب ائين ڪرڻ سان وڻ جي روح جي آرام ۾ خلل پيو ٿي. ڏکڻ هندستان جي دراويدي نسل جي قبيلن جي ماڻهن ۾ (جي اڄا اتي رهن ٿا) دستور آهي تہ زالن کي شادي ڪرائڻ کان اڳ ڪنهن وڻ سان پرڻائيندا آهن، تہ جيئن اُهي (وڻ وانگر) سدائين سرسبز رهن ۽ ڦر ڏين.

اهڙيءَ طرح ڪنڊيءَ جي وڻ کي بہ (خاص ڪري سنڌ ۾) اڄا تائين احترام سان ڏٺو ويندو آهي. ڪن وڻن ۾ جهنڊيون ٻڌيون ونديون آهن، ڪن کي پيرن جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. جهڙوڪ، گاجي شاهه جو ڪنڊو وغيره. انهن جي جنن جي آستانن هئڻ واري وهم ڪري انهن کي وڍڻ ۽ نقصان پهچائڻ کان پاسو ڪيو ويندو آهي. تلسيءَ جي ٻوٽي جي تہ هندن جي گهرن ۾ اڄا تائين عزت ۽ پوڄا ڪئي ويندي آهي.

www.sindhsalamat.com

### (ii) حيوان پرستي

"ائني مزم" ۾ جانورن کي روحن سان منسوب ڪيو ويندو آهي. ائين ته جانورن جي احترام ۽ پوڄا، وڻن جي پوڄا کان گهڻو رواج هو جنهن جو پتو قديم آثارن مان لڌل مهرن يا مٽيءَ ۽ پٿرن جي پتلن جي گهڻائيءَ مان پوي ٿو. سر جان مارشل انهن جانورن کي ٽن قسمن ۾ ورهايو آهي.

(1) خيالي يا تصوري جانور. (2) صرف تصوري حيثيت وارا جانور. (3) فطري قسم جا جانور.

پهرئين قسم جا جانور گڏيل (مرڪب) قسم جا هئا. جهڙوڪ: انهن جو هڪ حصو دنبي يا ٻڪريءَ جو هوندو هو ته ٻيو حصو ڍڳي جهڙو ۽ مٿو ماڻهوءَ جو هوندو هو. اهڙيءَ طرح سمير ۾ شينهن ۽ انساني سر واري جانورن ۽ مصر ۾ انساني جسم ۽ جهرڪيءَ ۽ ٻگهڙ جي مٿي واري مذهبي نوعيت جي جانورن جون تصويرون لڌيون ويون آهن.

موهن جي دڙي مان هڪ عجيب الخلقت جانور جي مهر لڌي آهي، جنهن جا ٽي مٿا آهن. هڪ مٿي ۾ ٻاڏي جهڙا سڱ ٻئي مٿي ۾ هرڻ جهڙا سڱ ۽ ٽئين مٿي ۾ ٻاهر مڙيل سڱن جي عيوض اندر مڙيل سڱ آهن. جانور جي بدن ۽ کر ڍڳي جهڙا آهن. (پليٽ نمبر 22_5 بحواله "واديءَ سندھ کي تهذيب")

ٻيءَ مهر تي اهڙي قسم جا ٽي سر نهيل آهن، جي شينهن جا آهن. ڪن مهرن ۾ اڌ انسان ۽ اڌ ڍڳي جهڙو جانور شينهن تي حملو ڪري ٿو. (پليٽ نمبر 20_5 "واديءَ سندھ کي تهذيب")

اهڙي قسم جي جانورن جون مهرون سمير جي قديم آثارن مان به مليون آهن.

موهن جي دڙي جي هڪ مهر تي اهڙي تصوير ڏسڻ ۾ آئي آهي، جنهن ۾ جسم جو اڳيون حصو گهيٽي جهڙو پٺيون حصو شينهن جهڙو ۽ مٿو ماڻهوءَ جهڙو سونڊ ۽ ڏند هاٿي جهڙا ۽ سڱ ڍڳي جهڙا آهن. (پليٽ نمبر 19_1) هڪ مهر تي پپر جي وڻ جي ٻن شاخن تي هڪ سڱ واري ڍڳي جو سر نڪتل آهي (پليٽ نمبر 22_5 ايضاً)

فطري جانورن مان ڪونهت واري ڍڳي، گينڊي، ڪونهت کان سواءِ ننڍن سڱن واري ڍڳي، شينهن، هاٿيءَ ۽ ٻاڏي کان سواءِ گهيٽي، ڪتي، سوئر، باندر، رڇ، سهي، گلوريءَ ۽ هرڻ جو شڪليون (مهرن تي) ڏيکاريل آهن.

بين جاين تان عقاب، هنج، نانگ، واڳونءَ، ڳيري ۽ ڪڇونءَ جون ڪيئي شڪليون مليون آهن. انهن مان ڪيترا جانور ڪن ديوتائن جا اوتار يا سواريءَ

www.sindhsalamat.com

جا جانور سمجهيا ويندا هئا. جهڙيءَ طرح، برهما ديوتا هنج تي سواري ڪندو هو شوَ مهاراج ڏڳي تي سواري ڪندو هو. شوَ جي زال درگا شينهن تي سواري ڪندي هئي. ۽ شوَ جو پٽ گڻيش ڪُئي تي سواري ڪندو هو.

ٻين ملڪن ۾ ٻه اِهي ويساهه ويٺل هئا. خاص ڪري يونان ۾ ته ڪي ديوتائون جانورنجي صورت ۾ اوتار ڌاري ايندا هئا. جهڙوڪ: امتر ديوتا، نانگ جي صورت وٺندو هو. زيوس ديوتا، ڏڳي جي شڪل ۾ نمودار ٿيندو هو. هيرا ديوتا، ڳئونءَ جي صورت وٺندو هو. ڊيمر ديوتا، سوئر جي شڪل ۾ ايندو هو. اپولو ديوتا، ڪوئي جي صورت ۾ اوتار ٿي ايندو هو. پوزيدان ديوتا گهوڙي جي صورت وٺي ايندو هو. ارسميتس ديوتا، هرڻ جي شڪل ۾ نمودار ٿيندو هو ۽ افروڊائٽ ديوي ڳيري جي صورت وٺندي هئي.

هند ۾ وشنو ديوتا، ڪڇونءَ، سوئر، مڇيءَ ۽ شينهن جي جدا جدا صورتن ۾ اوتار ٿي ايندو هو.

اڳتي هلي ڪن جانورن کي نحس يا نياڳي (ڀَٿو) ۽ ڪن کي سعد يا سياڳي (ٽوٽم) شمار ڪرڻ جو رواج پيو. انهن جي ڏڻ مان سوڻ ورتا ويندا هئا، پر ساڳيا جانور ڪن قبيلن لاءِ سياڳا ته ٻين لاءِ نياڳا شمار ٿيڻ لڳا.

اڄا تائين سنڌ جي ٻهراڙيءَ ۾ وهمي ماڻهو مسافريءَ تي يا شڪار لاءِ ٻاهر نڪرڻ وقت سوڻ وٺندا آهن. مثلن: شڪاري لومڙ کي سامهون ڏسڻ کي سياڳو سوڻ سمجهندا آهن ۽ سهي جي منهن پوڻ کي نياڳو سوڻ سمجهندا آهن. اهڙيءَ طرح تتر جي ساڄي يا کابي طرف تنوارڻ يا ٻولڻ مان سوڻ ورتا وڃن ٿا.

### (iii) ماڻهن جي روحن بابت عقيدا

دنيا جي لڳ ڀڳ هر ملڪ ۾ ماڻهوءَ جي بدن سان گڏ هڪ يا ٻن ساڳين صفتن وارين جدا هستين جو اعتماد هلندو آهي. جن کي ڊبل، همزاد، روح، آتما وغيره نالن سان سڏيو پئي ويو آهي. روحن بابت قديم وحشياتي دور ۾ جيڪي خيال ويٺل هئا. تن کي ماڻهن جي ذهني ارتقا بعد مختلف نمونن سان سمجهڻ جي ڪوشش پئي ٿي آهي. سواءِ انهي گروهه جي جيڪي روحن جي مماتيءَ کان پوءِ جدا وجود رکڻ کان انڪار ڪن ٿا. اڪثر مذهبن جي پوئلڳن، جدا جدا دورن ۽ ملڪن جي ماڻهن ۾ روحن جي جدا وجود جو عقيدو رهندو آيو آهي. ليڪن انهن عقيدن جي صورتن ۽ نمونن ۾ جدا جدا رايا پئي رهيا آهن. جن مان هيٺين ماڻهن جا عقيدا قابل ذڪر آهن.

www.sindhsalamat.com

1. قديم وحشي ماڻهن جا روحن بابت رايا ۽ عقيدا.
2. مصر ۽ سمير جي ماڻهن جا روحن بابت خيال ۽ رايا.
3. بابل جي رهاڪن جا روحن بابت عقيدا.
4. ويدڪ ڌرم يا هندن جا روحن بابت رايا ۽ نظريا.
5. ٻڌ ڌرم وارن جا روحن بنسبت رايا ۽ عقيدا.
6. چيني ماڻهن جا روحن بابت نظريا ۽ عقيدا.
7. يونانين جي روحن بابت سوچ.
8. يهودين جا روحن بابت رايا.
9. ڪرستانن جا روحن بابت عقيدا.
10. قديم ايرانين جو روحن جي باري ۾ نقطي نگاهه.
11. ٽيوٽان قوم جا روحن بابت عقيدا.
12. رومن قوم جي روحن بابت سوچ.
13. مسلمانن جا روحن بابت عقيدا ۽ ويچار.

انهن تي پوريءَ طرح روشني، روحاني مضمونن تي لکيل ڪتابن ۽ "انسائيڪلوپيڊيا آف رليجنس اينڊ ايٿڪس" مان پئجي سگهندي انهن سيني جدا جدا نظرين ۽ سندن وچ ۾ تفاوتن تي بحث ڪرڻ اسان جي مضمون جي دائري کان ٻاهر ٿي پوندو. هتي صرف انهن جي مکيه گروهن آرين ۽ سامي مذهبن جي عقيدن جو مختصر ذڪر ڪرڻ ڪافي سمجها ٿو.

جسم سان گڏ ان غير مرئي (نه ڏسجندڙ) طاقت لاءِ روح، آتما، ساهه، دل، جوت وغيره لفظ به ڪم آندا ويا آهن. انگريزيءَ ۾ "سول" (Soul) ۽ اسپرٽ (Spirit) جا نالا اڪثر ڪري استعمال ٿيندا آهن. پر انهن گهڻن لفظن جي جدا جدا مطلب ۽ معنيٰ جي تفاوتن کي درگذر ڪريءَ ان جي وجود لاءِ سهوليت خاطر "روح" جو لفظ ڪتب آڻي ذڪر ڪندس.

انهن (روحن) بابت ابتدائي عقيدن کان ارتقا ڪندي ترقي يافته يا عالمگير مذهبن جدا مطلب ڪيا آهن. ليڪن اڪثريت ان جي بدن کان علحده جدا روح جي وجود ۾ اعتقاد پئي رکيو آهي ۽ گهڻو ڪري سيني روح کي ابدي ۽ ازلي پئي قرار ڏنو آهي. ڪن ان کي وڻن ۽ حيوانن تائين "روح مرڪب" پئي سڏيو آهي، ۽ ماڻهن ۾ اچڻ بعد منفرد ۽ علحده هستي اختيار ڪرڻ ۾ ويساهه رکيو آهي. ڪن انهن کي نباتات ۽ حيوانات وانگر ابتدائي ناقص حالتن کان ارتقا

www.sindhsalamat.com

ڪنڊي ڪرمن جي ڦل مطابق تناسخ ۽ ارتقائي نظرين سان ملحق ڪيو آهي. تہ ڪن اهو عقيدو پيش رکيو آهي تہ اهي (روح) ڪنهن نامعلوم وقت تي هڪ ئي وقت پيدا ٿي. پنهنجي جدا دنيا يعني عالم الا رواح ۾ گڏ رهي. قانون قدرت (حڪم الاهيءَ) مطابق مقرر وقتن تي جسم ۾ اچي، وقت گذاري، پوءِ زمين ۾ هيٺ يا مٿي آسمان ۾ يا عالم برزخ ۾ رهي. قيامت جي ڏينهن گڏ ٿي، پلصراط ٽپي، خدا جي سامهون حساب ڪتاب ڏئي، ان مطابق بهشت يا دوزخ ۾ زندگي گذاريندا. انهن مان ڪن جو چوڻ آهي تہ حياتيءَ ۾ روحن جو جسم يا بدن سان واسطو رهي ٿو ليڪن زندگيءَ کان پوءِ هو جسم کان جدا ٿي، ڪجهہ وقت تائين قبرن ۾ بدن سان گڏ رهن ٿا. پر اتان بہ هو گهمي ڦري سگهن ٿا. انهن جون خواهشون، اڪثر ڪري حياتيءَ جي خواهشن وانگر ساڳيون رهن ٿيون. انهن کي کاڌي پيتي، گلن جي خوشبوءِ، دعائن، ساراهن ۽ يادگيريءَ جي خواهش رهي ٿي. اهي جن مان راضي ٿين ٿا، تن کي فائدو پهچائين ٿا. ۽ جن کان ناراض ٿين ٿا. تن کي نقصان بہ پهچائي سگهن ٿا. انهن ۾ هن دنيا وانگر دوستيون ۽ دشمنيون بہ رهن ٿيون. اهي ڪن وڻن، جاين ۽ مقامن ۾ سڪونت اختيار ڪن ٿا. انهن جا هڪ ٻئي سان دنيا وانگر تعلقات بہ رهن ٿا. سنڌن نالا بہ اڪثري ساڳيا هوندا آهن. ڪن جو خيال آهي تہ اُهي ڪجهہ وقت کان پوءِ اُتان نڪري هيٺ زمين ۾ ڪا دنيا آهي، جنهن ڏي هليا وڃن ٿا، ۽ ڪن جو خيال آهي تہ اُهي پوءِ "عالم برزخ" ۾ وڃي رهندا. جو زمين ۽ آسمان جي وچ تي آهي. ڪن جي چوڻ مطابق، جيڪڏهن اهي ترقي يافتہ يا چونڊيل هوندا. تہ مٿي آسمانن ۾ وڃي بهشتي زندگي گذاريندا. چوڻ ۾ اچي ٿو تہ ڪائنات، "چئن عالمن" (دنيائن) تي مشتمل آهي. هڪ: عالم ناسوت (فزيڪل ورلڊ). ٻيون: عالم ملڪوت (آسترل ورلڊ). ٽيون: جبروت (انٽيليڪچوئل ورلڊ) ۽ چوٿون: عالم لاهوت (سپريچوئل ورلڊ). اهو بہ چيو وڃي ٿو تہ روح مقرر وقتن تي ازخود يا گهرائڻ سان زمين تي اچي، پنهنجي رهڻ جون جايون، مٽ مائٽ ۽ دوست ڏسي موٽي وڃن ٿا. جيڪڏهن ڪو هنن جي نالي ختمو يا پاٺ ڪرائي ٿو تہ ان تي هو خوش ٿين ٿا. ۽ ان مان کين فائدو يا ثواب پهچي ٿو. ڪن جي چوڻ مطابق هو ڪجهہ عرصي کان پوءِ وري هن دنيا ۾ اچي جنم وٺن ٿا ۽ نئين سر زندگي گذارين ٿا. اڳئين جنم ۾ جيڪڏهن چڱا ڪم ڪيا هونداءون تہ چڱي گهر ۾ جوڻ وٺندا، نہ تہ خراب گهرن ۾ يا مرڳو جانورن ۾ جوڻ وٺي، زندگي گذاريندا. جن، پريون ۽ ديوتائون بہ

www.sindhsalamat.com

ماڻهن جي روحن وانگر جدا هستيون رکن ٿا. يا ڪن جي چوڻ مطابق اهي ڪن ماڻهن جا روح هئا. ڪن جو چوڻ آهي تہ جنن، پرين، ديون ۽ ديوتائن کي اها طاقت آهي، تہ زنده ماڻهن تي قبضو ڪري، انهن کي پنهنجي مرضيءَ موجب هلائي سگهن ٿا. ۽ کين فائدو يا نقصان پهچائي سگهن ٿا. بعضي جن يا پريون، ماڻهن جي قبضي ۾ اچي، سندن تابع ٿي، سندن چئي تي ڪم ڪار ڪن ٿا. خبرون پهچائين ٿا ۽ شيون آڻي ڏين ٿا. اهي هن دنيا ۾ رهن ٿا. پر ڏسڻ ۾ نٿا اچن.

اهڙي قسم جا سوين عقيدا ۽ خيال جنن وغيره بابت دنيا ۾ اجا تائين مختلف صورتن ۾ مجڻ ۾ اچن ٿا.

قديم سنڌ ۾ دراويدي نسل جي تهذيب مروج هئي. ان کان پوءِ آرين اچي انهن جي جاءِ ولاري، اڪثر ماڻهن جو رايو آهي هت قديم مصر، سمير، بابل ۽ سنڌ وغيره ملڪن ۾ دراويدي ماڻهن جي تهذيب ۽ مذهبي راين جو اثر هو. انهن جي ڪيترين ئي ڳالهين ۾ هڪجهڙائي معلوم ٿئي ٿي. اڳتي هلي دراويدي، عبراني ۽ سامي تهذيبن، هڪ ٻئي تي اثر ڇڏيو.

آرين جا روحن بابت عقيدا ڪجهہ قدر سامي قومن جي عقيدن کان علحده هئا. آريہ گروهہ جي ماڻهن، روحن جي ابتدائي خام حالت مان آهستي ٿي، ڪرمن جي آڌار تي ترقي ڪري مختلف مدارج حاصل ڪرڻ جو نظريو مڃيو ٿي. ٻئي طرف سامي گروهہ جي ماڻهن جو اهو عقيدو پئي رهيو آهي، تہ روح ڪنهن مقرر وقت تي پيدا ٿي، عالم ارواح ۾ رهي، مقرر وقتن تي مادي دنيا ۾ اچي، جسم ۾ گڏجي، زندگي گذاري، وفات بعد ڪجهہ وقت عالم برزخ ۾ رهي، قيامت جي ڏينهن وري جسم وٺي، پلصراط تان (جا تلوار کان تکي ۽ وار کان سنهي هوندي) مختلف طريقن سان ٽپي، حشر جي ميدان ۾ خدا جي روبرو ويندا. اُتي ساهمي (ميزان) ٽنگي پيئي هوندي، جتي عملن جو حساب ڪتاب تُرندو. جيڪڏهن ثواب جا ڪم گهڻا ٿيا تہ بهشت ۾ ويندا ۽ جيڪڏهن ڏوهہ زياده ٿيا تہ دوزخ ۾ وڃي سزا ڪاٽيندا.

2. **ان اٿني مزم:** غير جاندار شين ۾ روحن جا اعتقاد

اهو عقيدو بہ قديم وقت کان گهڻن ملڪن ۽ قومن ۾ مروج پئي رهيو آهي. انهيءَ عقيدي مطابق غيرجاندار شين کي بہ روحن سان منسوب ڪيو ويو ٿي. انهن کي صورتن ۽ شڪلين سان بہ نسبت ڏني وئي ٿي. انهن مان ڪن سان ڳالهين بہ شامل ڪيل هيون. انهن بابت اهو ويساهہ ويٺل هو تہ اهي ماڻهن، جانورن ۽

www.sindhsalamat.com

وڻڪاري جي ڪاروبار زندگيءَ تي اثر انداز ٿيندڙ هيون. ۽ منجهائن ڪي فائدو ۽ ڪي نقصان پهچائي سگهيون ٿي. اهي دنيا جي ڏک سک. ڌرتيءَ جي ڌٻڻ، سيلابن اچڻ، باهين لڳڻ، بيمارين پوڻ ۽ جدا جدا شخصن ۽ قومن جي بخت ۽ بدبختي جو باعث بڻجي سگهيون ٿي. انهن غير جاندار شين مان مکيه هيٺيون هيون.

(1) آڪاش (آسمان)، (2) سورج (سج، شمس)، (3) چندرما (چنڊ، قمر)، (4) سج سا واسطو رکندڙ سيارا_ جهڙوڪ: عطارد (مرڪيوري)، مشتري (جپيٽر)، زهرو (وينس)، زحل (اسٽئرن)، يورينس (يورانوس)، مريخ (مارس)، نيپچون، (5) آسمان جا برج، گرهه، زديڪن ۽ نشان: جوزا (گيمني) سرطان (ڪئنسر)، اسد (ليو)، سنبل (اسڪا ورجيس)،_ميزان (لبرا)، عقرب (اسڪاربيين)، قوس (سختياروس)، جدي (ڪئپري ڪورن)، دلو (اڪيوروس) حوت (پميڪنس)، حمل (ارس) ۽ ثور (تا روس)_ ان کان سواءِ (1) زمين، (2) جبل، (3) پاڻي_ دريا، سمنڊ ۽ وڏا تلاءَ، (4) هوا (وايو) (5)باهه_ (اگني)، (6) بيماريون (شيتلا) وغيره، (7) عشق جو ديوتا، (8) فيلوس_ (لنگم) (9) بارش جو ديوتا وغيره. انهن کي جدا هستيون تصور ڪري، ڪين فائدي ۽ نقصان جي صفتن سان موصوف ڪيو ويندو هو. انهن سڀني بابت ڏند ڪٿائون ايجاد ڪيون ويون. انهن مان ڪن جي اثرن بابت کوجنائون ڪري، انهن بنسبت خاص علم وجود ۾ آندا ويا. جهڙوڪ: علم هيئت، علم نجوم وغيره. مختلف ديوتائن ۽ ديوين جي قسمن بابت ديو مالائون لکيون ويون.

اهڙيءَ طرح ڪثرت ارواح يا فطري طاقتن جو ديوتائن يا خدائن جي پرستش جا دستور پيا. جن جي مورتن کي مندرن ۾ رکيو ويندو هو. اهڙن مندرن کي پيئٺين (گهٽڻ ديوتائن جو مندر) ڪري سڏيو ويندو هو. "ڪعبو" پڻ "پيئيٺن" هو. آهستي ٿي، اڳتي هلي، انهن طاقتن مان ٽن خدائن يا ديوتائن جي پوڄا يا پرستش جو نظريو ايجاد ٿيو.

هندن يا ڀارت جي آرين، انهن ٽن طاقتن يا خدائن جا نالا برهما، وشنو ۽ شوَ رکيا. مصر ۾ انهن کي اوسيرس، را ۽ ٿا جي نالن سان منسوب ڪيو ويو. بابل ۾ انو بيل ۽ هيا جي نالن سان سڏيو ويو. يونان ۾ اپولو اٿيني ۽ جيوپيٽر جي نالي سان سڏيا ويا. ڪرسچنٽيءَ ۾ انهن کي فادر سن ۽ هولي گهوسٽ جا نالا ڏنا ويا.

انهن بابت جيڪڏهن چٽائي نظر ڪبي ته ساري ڪائنات جي مکيه طاقتن کي مختلف گروهن ۾ ورهائي ذڪر ڪيو ويو آهي.

www.sindhsalamat.com

آرين مان هندن جي گروهه ۾ ٽي ديوتائون سڏيا ويا:

"برهما" کي ڪائنات جو پيدا ڪندڙ الله يا خالق سمجهيو ويو ٿي. "وشنو" کي پاليندڙ (رب العالمين) ۽ علم سيکاريندڙ شمار ڪيو ويو ٿي ۽ "شوَ" کي جلال جو صاحب ۽ مالڪ يوم الدين سمجهي، ماري وري وجود ۾ آڻيندڙ طاقت جو حامل ڏيکاريو ويو ٿي.

انهن ديوتائن کي زالون بہ هيون: (1) سرسوتي، (2) پاربتي، ۽ (3) درگا.

مصرين جا بہ ٽي ديوتا يا خدا هئا:

"اوسيرس": پيدا ڪندڙ يعني هر شيءِ جو بنياد، سورج جو ديوتا هو. را: جمال جو مجسمو چنڊ ڪري پيش ڪيو ويو ٿي ۽ "تا" کي علم جو ديوتا، تارا، تصور ڪيو ويو ٿي.

بابل وارن جي ٽن خدائن جا نالا: "انو ديوتا"، "بيل ديوتا" ۽ "هيا ديوتا" هئا. انهن ٽنهي ديوتائن کي جلال، جمال ۽ عقل جي صفتن سان موصوف ڪيو ويو ٿي.

عيسائين اڳئين، مشرق واسطيٰ جي تتبع تي ابراهيم عليہ ۽ موسيٰ عليہ (وچ اوير) جي پيرويءَ کان هٽي، تثليث کي جدا صورت ۾ پيش ڪيو. "خالق اڪبر" کي "خدا" يا "پيءُ" سڏيائون. "حضرت عيسيٰ" کي ان جو مظهر سمجهي، "خدا جو جزو" يا "پٽ" سڏيائون ۽ "بيبي مريم" کي جنهن مان حضرت عيسيٰ پيدا ٿيو هو- "روح القدس" ڪوٺيائون. يعني- فادر سن ۽ هولي گهوسٽ. جنهن کي جديد فلاسافيءَ ۾ ٿيسز ائنٽي ٿيسز ۽ سينٿيسز بنيايو ويو آهي.

جيئن انساني دماغ ترقي ڪندا ويا تہ ايران ۾ ڪائنات تي ڪٺين طاقتن واري تصور کي گهٽائي، ٻن کي ڪارفرما ٿيندڙ بنايو ويو. هڪ اهرمزد- حق جي طاقت، ۽ ٻي اهر من- ناحق جي طاقت. يعني هڪ نور ٻي ظلمات. هڪ کي ملڪوتي ۽ ٻيءَ کي شيطاني صفات جي مالڪ سڏيو ويو. ان مطابق هر شيءِ جا بہ پهلو ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي هئي. پوءِ جا، مادو ۽ روح، علم ۽ جهل، حق ۽ ناحق جا نظريا، سڀ انهيءَ بنيادي نقطي جي پيداوار ٿيا.

## سنڌ ۾ موهن جي دڙي واري دور ۽ ان کان پوءِ جا مذهبي عقيدا

سنڌ ۾ قديم تهذيب تي، جنهن کي موهن جي دڙي واري دور جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو ٻن مکيہ نسلن يا قومن دراوڙين ۽ آرين جا مذهبي ۽ تهذيبي اثر پيا.

www.sindhsalamat.com

## دراويدي قوم يا نسل

هن نسل جي اصل بابت ٻه روايتون آهن. هڪڙيءَ روايت وارن جو چوڻ آهي تہ اهي اصل يونوچ (Meditaranian Sea) سمنڊ واريءَ زمين تي رهندڙ ماڻهن جي نسل مان هئا. جن کي اتي پنهنجو تمدن ۽ پنهنجي تهذيب هئي. اتان جي زمين، سمنڊ هيٺ اچي وڃڻ سبب انهن ماڻهن مان گهڻا ٻڏي تباهه ٿي ويا. ۽ باقي جيڪي بچيا، تن آهستي ڪري لڏي مصر، سمير، ڦراگيا، بابل ۽ سنڌو ديش ۾ اچي، آباد ٿي، جدا تهذيبون ۽ تمدن برپا ڪيا. چوڻ ۾ اچي ٿو تہ "توريت" ۾ بيان ڪيل "طوفان نوح" جو قصو بابل جي قديم ڪتابن تان ورتل آهي، ۽ اُهو "ميڊيٽرينين ٻوڏ" جي ڏند ڪٿا تان ورتو ويو آهي.

ڪن جو چوڻ آهي تہ سنڌو ديش جا رهاڪو مصر، سمير ۽ بابل جي قديم رهاڪو ماڻهن جي شاخ- دراويدين نسل مان هئا. عبراني ۽ سامي ماڻهو بہ انهيءَ نسل جي شاخ هئي. انهن جيئن مصر، سمير، بابل ۽ ڦراگيا ۾ تهذيبون برپا ڪيون، اهڙيءَ طرح سنڌو درياهہ جي ڪناري تي آباد ٿي، قديم تهذيب ۽ تمدن جا موجد بنيا. هنن وٽ ڪي مذهبي عقيدا بہ هئا ۽ سندن ڪيترين ڳالهين جي مصر، سمير ۽ بابل جي عقيدن سان هڪ جهڙائي هئي.

ٻي روايت وارن جو چوڻ آهي تہ دراويدي اصل "انڊين اوشن" جي ڀر واري ملڪ (جتي هن وقت ائٽلانٽڪ وڏو سمنڊ آهي) "ائٽلانٽڪ کنڊ" جا رهاڪو هئا. جيڪي "آسٽرلائڊ نسل" مان هئا. اٽڪل 75 هزار ورهيہ اڳ زمين جي تبديليءَ سبب اها زمين سمنڊ جي پاڻيءَ هيٺ ٻڏي ويئي. (جيالاجيءَ جي ڄاڻن ان جو عرصو گهٽو ڄاڻايو آهي.) اتي جي رهاڪن مان، جن کي پنهنجي تهذيب ۽ تمدن هئا، گهڻا ٻڏي ناس ٿي ويا. پر ڪي اتان لڏي انڊونيشيا، انڊوچائنا، برما، آسام ۽ بنگال کان مدراس طرف آيا. جتان آهستي ڪري سمنڊ جو ڪنارو ڏيئي، سنڌ ۾ آيا. جتان ڪي ايران، عراق، شام ۽ مصر جي رستي يونوچ سمنڊ واريءَ زمين تي آباد ٿي، تهذيب ۽ تمدن جا مالڪ بنيا. اتي گهڻي وقت کان پوءِ وري جڏهن ٻوڏ آئي، تہ ڪي غرق ٿي ويا، باقي مصر، سمير ۽ بابل کان ٿيندا، سنڌ مان ڦرندا، مختلف تهذيبون ۽ تمدن برپا ڪندي وڃي مدراس ۾ پهتا. ڪن جو چوڻ آهي تہ سامي قوم وارا انهن جي شاخ هئا. اهي اصل ڪٿي جا هئا، ڪهڙي رستي کان آيا، ڪهڙي زماني ۾ آيا، ڪڏهن تهذيبون ۽ تمدن برپا ڪيائون؟ ان بابت علم آثار قديم (Archeology)، علم طبقات الارض (Geology)، اساطير

www.sindhsalamat.com

الاولين (ڏند ڪٿائون) ۽ Folklore علم جوتش (عام نجوم)، (علم الانسان) (Anthropology)، ماڻهن جي نسلن جي علم (Enthology) ۽ علم لسان (فلالاجي) جي ماهرن جا مختلف رايا آهن، ۽ اجا تحقيق مڪمل نہ ٿي سگهي آهي. اسان جو ان گورک ڌنڌي سان واسطو نہ آهي. هتي صرف هيءُ ڏيکارڻ مطلوب آهي تہ جي پهرئين نظريي تي اعتماد رکبو تہ اول تي مصري تهذيب ۽ تمدن شمار ڪري پوءِ سمير، بابل ۽ سنڌ جي تهذيبن ۽ تمدنن کي تسليم ڪرڻو پوندو. پر جي ٻئي نظريي کي مڃبو تہ پوئين گروهہ موجب، سنڌ جي تهذيب کي اول ۽ بابل، سمير ۽ مصر جي تهذيب کي پوءِ شمار ڪبو.

## آريائي قوم ۽ سنڌن تهذيب ۽ تمدن

آريا قوم جي اچڻ، سنڌن اصل جاءِ پيدائش ۽ سنڌ ۾ سنڌن آمد جي زماني بابت، مٿي ذڪر ڪيل علمن جي ڄاڻن جا رايا مختلف آهن.

هڪڙن جو چوڻ آهي تہ اهي اصل ۾ ڪوهہ ڪاف (جبل) جي طرف جا رهاڪو هئا، جتان انهن مان ڪي ايران ۽ وچ ايشيا ذريعي سنڌ ۽ هند ۾ آيا، ۽ ڪي رومانيا جي ذريعي يورپ طرف ويا.

ٻين جو چوڻ آهي تہ اُهي اصل ۾ وچ ايشيا جي يورال جبلن جا رهاڪو هئا، جتان ڪي وچ ايشيا کان ٿيندا سنڌ ۽ هند طرف آيا، ۽ ڪي ايران ۽ يورپ طرف ويا.

ٽين جو چوڻ آهي تہ اهي اتر سائبيريا ۾ مارو جبل جا رهاڪو هئا، جتان هيٺ لهي، جدا جدا رستن کان سنڌ، هند، يورپ ۽ ايران ڏي پکڙجي ويا.

انهيءَ سموري مسئلي کي ڇڏي، آءٌ سنڌن سنڌ ۾ اچڻ جو ذڪر ڪندس. جيتوڻيڪ ڪيترا هند جا وگياني انهيءَ راءِ جا آهن تہ آريا ڏهن هزارن ورهين ڏان اڳ سنڌ ۽ هند طرف آيل هئا، ۽ هتان ايران، عراق، شام، مصر ۽ عرب طرف ويا ۽ اُتي پنهنجو بيٺڪون قائم ڪيائون. ايتري قدر جو خود "ڪعبو" بہ اصل ۾ سنڌن شوَ مهاراج جو مندر هو ۽ ان جي ڪنڊ ۾ لڳل "حجر اسود" شوَ جو لنگم هو ڪعبي جي چوڌاري "پرڪرما" (طواف) ڪرڻ بہ سنڌن ايجاد هئي، "اشرام" جو لباس، هندو سنياسين جهڙو هو خود عرب جو نالو بہ "ويدڪ ڀاشا" جي "ارؤ" مان نڪتل آهي، جو گهوڙي لاءِ ڪتب آندو ويندو آهي- يعني "گهوڙن جو ملڪ". سنڌن چوڻ آهي تہ "منو سمرتي" ۾ لکيل آهي تہ هڪڙو برهمڻ "سنڪر جاتي

www.sindhsalamat.com

شيک" نالي وارو پهرين پرچار لاءِ عرب پهتو. ان کان پوءِ اتي جا مکيہ ماڻهو "شيخ" بڻجي پيا. جيئن برهمڻن لاءِ ڀارت ۾ عزت هئي، تيئن شيخ بہ عزت وارو لقب آهي. انهيءَ ڪري آريا عرب کي آباد ڪري رهڻ لڳا.

انهن جو اهو بہ چوڻ آهي تہ حضرت محمد صلعم کان 5 سئو ورهيہ اڳ "زاهم بن تائي" نالي عرب شاعر ٿي گذريو آهي، جنهن جو نظم هڪ تختي تي لکيل، قسطنطنيہ مان هٿ آهي، جنهن "ڪرشن مهاراج" ۽ "گيتا" جي ساراهہ ڪئي آهي. سڄو شعر هتي درج ڪرڻ اسان جي مقصد لاءِ ضروري نہ آهي.

مهاراجا وڪرماجيت جي ڏينهن ۾ آريا برهمڻ، ويدڪ ڌرم جي پرچار لاءِ عرب ويندا هئا. هڪ عرب شاعر "نعمان بن آدم" راجا وڪرماجيت جي ساراهہ ۾ هڪ نظم لکيو آهي، جو ڇپيو وڃي ٿو تہ "حميده لائبريري يروشلم" ۾ موجود آهي.

هن وقت عرب "مسئلہ تناسخ" کي نٿا مڃين، پر هڪ ڪتاب "الملل والمحل" ۾ لکيل آهي تہ پراڻي زماني جا عرب تناسخ کي مڃيندا هئا، جو دراصل آريائي نظريو هو. ان زماني ۾ عرب ۾ شوَ مهاراج جي پوڄا زور هوندي هئي. "عمرو بن هشام بن حارث" بہ چون ٿا تہ شوَ جو پوڄاري هو. "جامع اظهر قاهره" (مصر) جي هڪ پروفيسر، ڪيرو (قاهره) جي "الهلال" اخبار ۾ هڪ نظم شايع ڪيو آهي، شاعر جو نالو "عمرو بن هشام" ڏنو اٿس. سندس چوڻ آهي تہ اصل ۾ ان شاعر کي عرب "ابوالحڪم" (ڏاهپ جو پيءُ) سڏيندا هئا، جو پوءِ حضرت محمد صلعم کي نہ مڃڻ ڪري، مسلمانن، ان کي بدلائي، "ابوجهل" جي لقب سان مشهور ڪيو. هو مڪي شهر جو مکيہ ماڻهو عالم ۽ شاعر هو. ان مذڪور نظم شوَ مهاراج جي شان ۾ لکيو آهي. نظم ڊگهو آهي، جنهن ۾ هو چوي ٿو: "مهاديو جي تعريف ڪرڻ ڪري ماڻهوءَ کي وڏو درجو نصيب ٿئي ٿو. ڀارت مذهب جو مرڪز آهي، جتي پهچي ماڻهوءَ کي نجات حاصل ٿئي ٿي وغيره." اهو نظم ڪيرو (قاهره) جي الهلال اخبار ۾ مارچ 1932ع ۾ ڇپيو آهي.

هنن عالمن جو چوڻ آهي تہ حج وقت احرام ۾ بہ اڻ سبيل ڪپڙي جا ٽڪرا پائڻ ۽ حج جي زماني ۾ قرباني کان اڳ جونءِ بہ نہ مارڻ، آريائي رسمون آهن. يهودي اصل ۾ تامل زبان ۾ ڳالهائيندا هئا. تامل پاشا، هيبرو پاشا جي لاڳاپي واري زبان آهي.[1]

---

[1] ڏسو ڪتاب "آريا ورت" ± مصنف: "گنگارام سمراٽ".

www.sindhsalamat.com

جدا نمونن ۾ يونان، روم، مصر، سمير، ڪراگيا ۽ بابل ۾ مروج هئي. جيئن ته تريمورتي ٽن طاقتن جي مختلف صفات جي اظهار جو نالو آهي، ان ڪري آءُ هتي صرف هند جي تريمورتيءَ جو ذڪر ڪندس، جا دنيا جي قديم مذهبن جي پيداوار آهي. انهيءَ جي آڌار تي ٽن ديوتائن جو به تصور ڪري سگهجي ٿو. برهما، وشنو ۽ شو- سنڌ ۽ هند جي اصل ڌرمن جو بنياد آهن.

## 1. برهما

برهما کي ڪائنات جو پيدا ڪندڙ ۽ هلائيندڙ ديوتا ڪري مڃيو وڃي ٿو. برهنزم (مذهب) جو بنيادي عقيدو برهما جي نالي سان وجود ۾ آيو. جيئن ته اول ۾ انساني تصور اجا ايڏي ترقي نه ڪئي هئي. ان ڪري خدا کي به ماڻهوءَ جي تصور تي شمار ڪيو ٿي ويو، ۽ سندس زال جو تصور به ڏنو ويو جنهن جو نالو "سرسوتي" هو.

ابتدا ۾ ان جا پوڄاري ڪريا ڪرمن، منتر اچارڻ ۽ قرباني ڏيڻ سان واسطو رکندا هئا، جنجي مقابلي ۾ اخلاقي فرضن ۽ سماجي دستورن کي خاص وقعت ڪانه هئي. برهمڻن جو واسطو پنڊت ڪلاس تائين محدود هو جن ان مذهب کي پاڪ، الوحيت وارو سمجهي، ان جي تشريح کي پاڻ تائين محدود رکيو. ان جو اثر سنڌ ۽ هند جي مذهبي عقيدن تي گهٽو ويهي ويو. ان جي پوريءَ طرح سمجهڻ لاءِ ڪريا ڪرمن، منترن ۽ قربانيءَ جي معنيٰ ۽ مطلب جي واقفيت ضروري هئي. انهيءَ وسيلي ديوتائن جي راضپي يا ظاهري ۽ باطني دنيا ۾ سرگ ۽ خوشنوديءَ جو حصول مقصد نه هو. پر ان ذريعي پاٽمرادي فائدي حاصل ٿيڻ جو ويساهه سمايل هو. سندن چوڻ هو ته خود ديوتائون به انهيءَ طريقي سان پنهنجي درجي تي پهتا هئا. برهمنزم جي عقيدي موجب ڪريا ڪرمن ادا ڪرڻ، منترن اچارڻ ۽ قرباني ڏيڻ ۾ اهو اثر رکيل هو ته انهن وسيلي ماڻهوءَ کي خاص لياقت حاصل ٿيڻي هئي. جنهن ڪري هو حياتيءَ بعد مستقبل ۾ به فضيلت حاصل ڪري سگهيو ٿي. ظاهري ۽ باطني ڳالهين تي ان جو اثر پيو ٿي. هو جاندار ۽ غير جاندار شين کي تسخير ۾ آڻي سگهيو ٿي. جنهن ماڻهوءَ کي ڪريا ڪرمن، منترن وغيره جي مڪمل ڄاڻ حاصل ٿي ويئي ٿي، اهو مختيارڪل بنجي ٿي ويو ۽ جنهن جي هر خواهش ۽ گهر پوري ٿي سگهي ٿي. انهن ڳالهين ذريعي هو ڪاروبار قدرت کي پنهنجي خواهش موجب هلائي

www.sindhsalamat.com

سگهيو ٿي. اها هڪ قسم جي چاڙهي هئي. جنهن وسيلي هو آسمانن جا سير ڪري سگهيو ٿي. ان کي "يجنا" يا "يوگ" جي نالي سان سڏيائون ٿي. جنهن لاءِ ڪين ويساهه. ويئل هو ته ماڻهو منٿي ذڪر ڪيل طريقن وسيلي ان فطري طاقت تي بجلي وانگر مسلط ٿي سگهيو ٿي. هيڪر جيڪڏهن ڪيس اها طاقت هٿ اچي ٿي وئي ته پوءِ سنڌس سڀ ڪم سرانجام ٿي سگهيا ٿي. ماڻهوءَ جي روحاني روشني وڏي ٻ. ڪائنات کي پنهنجي راءِ مطابق هلائڻ جو اختيار ڪيس ملي ويو ٿي. اها قوت تيرهيدت مثل هئي. پر ان جو سمورو مدار ان جي صحيح سرانجاميءَ تي رکيل هو. جيڪڏهن ان مان رٿيل مقصد حاصل نه ٿي ٿيو ته ان جو ڪارڻ ان جي غلط سرانجامي هئي ۽ نه ان ذريعي جي خامي. اصل مقصد جيتوڻيڪ انهي ذريعي ديوتائن يا خدائن کي راضي رکي، مطلوبہ خواهشن جو حصول هو. پر انهن ڳالهين ۾ اهو اثر رکيل تسليم ڪيو ويو ٿي. ته خود ۾ خدا بہ انهن جي ڪري مجبور ٿي پيا ٿي.

"رگ ويد" جي زماني ۾ "ويدڪ ڌرم" ۾ ڪي اهڙا جزا رکيل هئا. جن کي جيڪڏهن سچبج نموني ترقي وٺائجي ها. ته خدا جو تصور نهايت اوچو رهي ها. ليڪن منٿي ذڪر ڪيل ڪرمن. منترن ۽ قرباني جي ويساهه. ان جي حيثيت گهٽائي ڇڏي. جن مان ديوتائن جي عزت ڪاڻ وڌي بلڪ عبادتن جي اهميت وڌي ويئي.

اگني (باهه). وايو (هوا) ۽ ورون (پاڻي) ديوتائون. برهما جا اوتار شمار ڪري. انهن جي راضي ڪرڻ طرف برهمڻ گهڻو ڌيان ڏنو.

سيوا ڪر سمونڊ جي، جت جر وهي ٿو جال،
سوين سپچن سير ۾، ماڻڪ. موتي. لال.
جي ماسو جڙئي مال، ته پوڄارا پر ٿئين!
(شاهه)

## 2. وشنو مهاراج

اِن تريمورتيءَ جو ٻيو رُڪن وشنو هو. وشنوءَ کي سنڌس مڃيندڙن. ڪائنات جو پاليندڙ چڱيءَ طرح هلائيندڙ ۽ اعليٰ طاقت جو مالڪ ڪري مڃيو ٿي. جنهن جو نعم البدل "رب العالمين" جو تصور تي سگهيو ٿي. هن کي زال ڏني ويئي. جنهن جو نالو "لڪشمي" هو. جا خوشحاليءَ ۽ سک جي ديوي ڪري

www.sindhsalamat.com

ليکي وينديون هيون. وشنو ديوتا جي تصوير هڪ پُرسڪون پرش جهڙي ڏيکاريل هئي. جنهن مان ائين ٿي معلوم ٿيو تہ هيءُ اعليٰ اخلاق ۽ روحاني راحت ڏيندڙ ديوتا هو. تنهن ڪري ماڻهوءَ کي وشنوءَ جي رضامندو صرف صالح عملن ۽ اخلاق ذريعي حاصل ٿي سگهيو ٿي. هو برهما وانگر ڪريا ڪرمن، منترن ۽ قربانيءَ وسيلي راضي ٿي نہ ٿي سگهيو. هن بابت اهو اعتماد ويٺل هو تہ جڏهن دنيا ۾ مصيبتون ۽ ڏک درد وارد ٿيندا آهن، تہ هيءُ اوتار اچي حالتن کي درست ڪرڻ جو ڪم سرانجام ڪندو آهي. هن جي پوڄارين جو زور تزڪيہ نفس تي گهڻو هو. ايتريقدر جو اهي ماس، مڇي يا ٻي ڪابہ ساهہ واري شيءِ ڪونہ کائيندا هئا. ۽ صرف ڀاڄين، اناج ۽ ميوي تي گذران ڪرڻ طرف زياده توجهہ ڇڪائيندا هئا. جو تہ سندن چوڻ هو تہ ان ذريعي اندر اجرندو ۽ اسرار الاهي معلوم ٿيندا.

اکر پڙهہ "الف" جو ورق سڀ وسار
اندر تون اُجار پنا پڙهندين ڪيترا!

سا ست نہ ساريائون "الف" جنهن جي اڳ ۾
"ءُ مقصود في الدارين". اِن پر اُتائون.
سگهر سوٽائون، ٿيا رسيلا رحمان سين.
(شاهہ)

شري "رامچندر" ۽ شري "ڪرشن چندر". وشنو مهاراج جا اوتار مڃيا ويا ٿي. جيڪي "سورج ونسي" ۽ "چندر ونسي" گهراڻن سان واسطيدار شمار ڪيا ويا ٿي.

شري رامچندر کي، پيءُ جي آگيا مڃڻ. ٻن ۾ رهي تپسيا ڪرڻ. راڄن سان محبت ڪرڻ ۽ سيتا سان گهڻي پيار ڪرڻ سبب بهترين اخلاق جو مجسمو ڪري مڃيو ٿي ويو. ان جي دور حڪومت کي بهترين دور ڪري مڃيو وڃي ٿو. اڄ تائين "رام راڄ" کي "حڪومت الاهيہ" يا "ڪنگڊم آف هيون" سان مشابهت ڏني وڃي ٿي.

شري ڪرشن چندر کي ڀڳتيءَ، پريم، اعليٰ فلسفہ حيات ۽ صحيح ڪرم جي زندگيءَ جو مالڪ ۽ پرچارڪ شمار ڪيو وڃي ٿو. ساڻس منسوب ڪيل ڪتاب "شري گيتا". "ويدانت" جي فلسفي جو بهترين مسودو شمار ڪيو وڃي

www.sindhsalamat.com

ٿو. هندو مذهب جي هن مٿي موجب "برهم" (خدا) ڏکين وقتن تي ماڻهن جو جنم وٺي، حالتن کي درست ڪرڻ لاءِ وقت به وقت ايندو رهي ٿو.

تخت هزاري دا صاحب، جانب جوڳي ٿي آيا،
دليان لٽا ورڻ دي ڪيتي، چاڪ لقب چا لايا،
عشق نہ دل وچ مايس، پوش فقيري پايس!

(فقير صوفي خير محمد)

شري ڪرشن جي ڀڳتي جو مثال، سندس شيواداري "ميران ٻائي" جي ڪلام مان ملي سگهي ٿو.

ڪرشن جي پريم ۽ ويدانت جي فلاسافيءَ سنڌين تي گهڻو اثر ڪيو ٿو ڏسجي. سنڌي شاعرن ۽ درويشن ان مان گهڻو ڪجهه پرايو آهي. صرف شاهه عبداللطيف جي ڪلام کي چتائي پڙهبو تہ معلوم ٿيندو تہ هن ڪرشن مهراج جي تعليم جو چٽن سرن، ڪلياڻ، آسا، ليلا چنيسر ۽ ڪاموڏ ۾ ذڪر ڪيو آهي. وحدت الوجود (ويدانت) جي فلسفي جو شاهه صاحب سُر ڪلياڻ ۽ آسا ۾ ذڪر ڪيو آهي:

## سر ڪلياڻ

وحدت تان ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪل،
حق حقيقي هيڪڙو بوليءَ ٻي ۾ ڀل،
هُو هلاچو هل، بالله سندو سڄڻين!

پاڻهي پسي پاڻ کي، پاڻهيئي محبوب،
پاڻهي خلقي خوب، پاڻهي طالب تن جو.

سو هيءُ، سو هو، سو اَجل، سو الله،
سو پرين، سو پساهه، سو ويري، سو واهرو!

ڪوڙين ڪاياڻون تنهنجون، لکن لک هزار،
جيءُ سڀ ڪنهن جي سان، درسن ڏارو ڏار،
پريما! تنهنجا پار، ڪهڙا چئي ڪهڙا چوان!

www.sindhsalamat.com

## سر آسا

لوچان ٿي لاحد ۾، هادي لهان نہ حد،
سپيريان جي سونهن جو نڪو قد نہ مد،
هت سڪڻ بي عدد، هت پرينءَ پرواهہ ناهہ ڪا!

نڪا ابتدا عبد جي، نڪا انتها،
سي وڃڻ ڪي ويا، جن سڃاتو پرينءَ کي!

جت آهہ نہ ناهہ ڪا، ايءَ خيال خاڪي،
پرينءَ جي پاڪي، پسڻان پري ٿي!

حوصلو حيرت جو ڪري ڪين درڪ،
حسن سندو حق، ڪو پروڙي ڪينڪي!

ڏسڻ جي ڏسين، تہ همہ کي حق چوين،
شارڪ شڪ نہ نيين، انڊا اِنهيءَ ڳالهہ ۾!

پاڻ پردو پاڻ کي، سٽي ڪر سنڀال،
وڃان جو وصال، سو تان هئڻ هُن جو!

شاهہ صاحب جي ڪلام جي سرن "ليلا چنيسر" ۽ "ڪاموڏ" ۾ پڳتي، نياز ۽ نماڻائي، چڱيءَ طرح چٽيل آهي، جنهن جي جهلڪ هن "ميران ٻائي" جي ڪلام مان حاصل ڪئي آهي:

## سر ليلا چنيسر

جيڪي ڪم سندام جونا ڏنا جيڏئين،
کلن سپ مٿام ساهيڙيون ۽ سرتيون!

www.sindhsalamat.com

ڏاهي هيس ڏيهہ ۾ سرتين منجهہ سڃاڻ،
ڪا جا پيمر ڪاڻ، جو منهن مٺاهون نہ ڪٿان!

الله ڏاهي ۾ ٿيان، ڏاهيون ڏک ڏسن،
مون سين مون پرين، پورائيءَ ۾ پال ڪيا.

وڏيري هياس، چنيسر جي راڄ ۾
دهلين، دمامين، نقرين، پلپل پڇاياس،
ڍولي ڍيلياس، آيمر ڏنءَ ڏهاڳ جو!

گهوريو سو سهاڳ، جنهن ۾ پسين پاڻ کي،
ڏوري لهہ ڏهاڳ، جنهن ڪر، لاهو داسڙو!

ليلا! حيلا ڇڏ، جي تون سوپي سگهين،
پائي پاند ڳچيءَ ۾ پاڻ غريبيءَ گڏ،
هڏ نہ چوندءِ لڏ، جي ڪارون آٽئين ڪانڌ کي!

جي ليلائي نہ لهين، تہ پڻ ليلائيج،
آسر مَ لاهيج، سڄڻ سڀاجهيندڙ گهڻو!

سپيئي سهاڳڻيون، سين ڳچيءَ هار
پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، مهسين ڪن سينگار
ڍول تنين جي ڍار، ميٺاهيون هلن جي!

سپيئي سهاڳڻيون، سيني منهن جڙاءَ،
سيڪنهن پانيو پاڻ کي، ايندو مون ڳر راءَ،
پيٺو تنهن دراءَ، جي پسي پاڻ لڄائيون!

www.sindhsalamat.com

اوڳڻ ڪري اپار، تو در آيس داسڙا!
جيئن تو رسڻ روح ۾، تئين مون پيٺي ناهه پتار،
سائينءَ لڳ ستار، ميٺ مدايون منهنجون!

جي مون موڙهي مت، ته تون پاڻ سڃاڻج سپرين!
اصل آواين جا، عيب ڏکين تون اُت،
اي پر تنهنجي پت، جئن ولهيون ڏکين ولها!

لِکڻ ڪيم لکيج، جئن موراهين ناهه مون،
مون کي ملهائيج، وارو ڏيئي ولها!

سر ڪاموڏ مان ڪجهه بيت (راڌا بابت)
مهاٽيءَ جي من ۾، نه گيرب نه گاءِ،
نيٽن سين ناز ڪري، ريجهاياائين راءِ،
سمو سين ملاءِ، هيريائين حرفت سين!

ڪو جو ڪامڻ ڪي، آهي اکڙين ۾،
تن تماچيءَ چام جو ناپون پايو ني،
عشق ائين ڪري، جئن چارو چام ڪلهي تي!

ڪرشن مهراج "بندرابن" ۾ ڪيئي راس ليلائون ڪيون هيون. عاشقن بندرابن کي "عشق يا پريم جو ملڪ" ڪري ڪوٺيو آهي. شاهه صاحب به اڪثري "وندر جي وٽن" جي ڳالهه ڪري ٿو. "بندرابن" اصل ۾ "وندورڻ" جو بگڙيل لفظ آهي:

واٽ وندر جي وڻ پيا ڏسيندا. (شاهه)

راڌا. ڪرشن جي خاص نوازيل گوپي هئي. جيئن نوريءَ ڄام تماچي جي خاص نوازيل راڻي هئي. ميران بائي. ڪرشن مهاراج جي ڀڳتڻ هئي. ان جي ڪلام جو شاهه تي گهڻو اثر آهي. شاهه صاحب چوي ٿو:

ڪهي جا ڪين ڪٽي، پريءَ پهتي سا،
ويهي ويڙهجي جا، وصل تنهن وڃائيو!

www.sindhsalamat.com

وشنو ديوتا، جانورن ـ شينهن، سوئر، مڇي ۽ ڪڇونءَ وغيره جي صورت ۾ بہ اوتار ٿي اچي ٿو. ظاهر ڏسڻ ۾ ائين ايندو تہ ان قسم جا عقيدا ڪل جهڙا آهن. تہ هڪ طرف وشنو ديوتا، شري رامچند ۽ ڪرشن جي صورت ۾ نمودار ٿي، انسان ذات جي مدد ۽ رهبريءَ لاءِ اچي ٿو تہ ٻئي طرف جانورن جي شڪلين ۾ روپ ڌاري اچي ٿو. پر ان ۾ تضاد ڏسڻ ۾ نہ ايندو جڏهن ان جي پويان ڪثرت (مايا) جو نظارو نظر ۾ رکي، نظر ڊوڙائبي. مسلمان درويشن ان تضاد کي هن طرح حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ:

تخت هزاري دا صاحب، جانب جوڳي ٿي آيا!

(خوش خير محمد نقير صوفي)

انهن اِن حسن ازليءَ جي ويس بدلائڻ، "هر رنگ دي وچ وسڻ" ۽ جدا جدا ڪرشمن ڏيکارڻ بابت ڪيئي ڳالهيون ڪيون آهن. ان نقطي نظر موجب هر روح کي خدا جو مظهر سڏيو ٿي ويو. اهو جهڙيءَ طرح هڪ جيت ۾ نظر آيو ٿي، تہ اهڙيءَ طرح سڪندر اعظم ۾ بہ نظر اچي سگهيو ٿي.

ان نقطي نگاهہ کان ڏسندڙ درويشن کي ٻن قسمن جي ماڻهن سان منهن ڏيڻو پيو ٿي. هڪ طرف سڌريل، علم وارا ۽ مهذب ماڻهو هئا. تہ ٻئي طرف جهنگلن ۾ رهندڙ وهم پرست ۽ جانورن جي پوڄا ڪندڙ ماڻهو هئا. تنهن ڪري انهن سڀني کي هڪ ڏوريءَ ۾ پوئڻ اهڙو هو جهڙيءَ طرح مختلف رنگن جي داڻن کي هڪ ڏوريءَ ۾ پوئي، انهن جي حسن کي ٻيڻو ڪرڻ جي ڪوشش. اهوئي سبب هو جو پيغمبرن هڪ طرف وحدت جي ڳالهہ ٿي ڪئي، تہ ٻئي طرف عوام جي جملي مواد کي ساڻ کڻڻ سان اهو ڏيکاريو ٿي تہ مذهب جي ابتدا ۽ انتها ڪهڙي هئي.

اهوئي طريقو گهڻو ڪري سڀني مذهبي رهنمائن اختيار ڪيو هو جو ماڻهن جي قديم اعتقاد کي رد ڪرڻ جي عيوض ان جي سڌارڻ لاءِ مختلف تشريحون ڪيائون ٿي. جهڙيءَ طرح وحدت الوجودي مسلمانن "فاين ما توارا فثم وجهہ الله" ± "جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن سڄڻ سامهون" جو آواز ٿي ڪڍيو. تہ ٻئي طرف ڪعبي جي پراڻي مندر واريءَ جاءِ جي چوطرف پرڪرما (طواف) ڪرڻ، صفا ۽ مروا (جبلن) جي وچ ۾ قديم ايام جاهليت عرب جي رسم موجب ڊڪون پائڻ، رڍن، ٻڪرين ۽ جانورن کي قربان ڪرڻ جي قديم رسم کي تازو ڪرڻ، هڪ ڪاري پٿر کي ڪعبي جي ڪنڊ ۾ لڳائي، پوتر سمجهي چمڻ، ڪن مخالف ديوتائن جي بتن کي ڌڪارڻ لاءِ پٿريون هڻڻ، قديمي زماني جو

www.sindhsalamat.com

ڊيگامبر ۽ جين سنياسين جهڙو لباس پائڻ، تيرٿ ياترائن وقت مٿو ڪوڙائي وارن جي پيتا ڏيڻ وغيره دستور قائم رکيا ويا هئا. ازانسواءِ پيغمبرن ۽ ٻين بزرگن جي مزارن تي وڃي انهن جي روحن کي قبرن ۾ ويٺل سمجهي، ڪانئن دنياوي ڪمن جي سرانجاميءَ جي مدد گهرڻ، انهن کان روحاني فيض جي حاصلات لاءِ ورد وضيفا ڪيڏي دعائون گهرڻ، ڪن مقصدن جي حصول لاءِ منت سٽاءَ ڪرڻ وغيره جهڙيون ڳالهيون قائم رکيون ويون آهن.

ازانسواءِ ماڻهن جي فوت ٿيڻ بعد لاشن کي دفنائڻ، سندن نجات لاءِ قرآن جون سورتيون يا قرآن جا ختما پڙهائي بخشائڻ، ٽن ڏينهن، ستن ڏينهن، يارنهن ڏينهن، ايڪيهن ڏينهن، چاليهن ڏينهن يا 12 مهينن بعد ختما ڏيارڻ ۽ ماڻهن کي طرح طرح جي طعامن کارائڻ مان مراد اها هئي، تہ انهن رسمن جي ادائگيءَ سبب فوتي ماڻهن جي روحن کي ثواب مليو ٿي يا کين مذڪور طعام کائڻ لاءِ مليا ٿي. اهي سڀ ڳالهيون قائم رکيون ويون. جيڪي قديم اعتقاد جي آڌار تي وجود ۾ آيل هيون. جاڪاڻ تہ پيغمبر محمد صلعم ائين سمجهيو هو تہ جي اهي سڀ ڳالهيون مذهب مان ڪيڏي ڇڏبيون، تہ انهن ڳالهين تي هريل عام ماڻهو اختلاف ڪندا. ان ڪري اهي ايام جاهليت جا دستور قائم رکيائون. دنيا ترقي ڪري چنڊ تي وڃي پهتي آهي، پر اڄا تائين نہ صرف ۽ عرب پر سڄيءَ دنيا جا مسلمان لکين روپيا خرچ ڪري، مٿي ذڪر ڪيل ڪن رسمن جي ادائگيءَ لاءِ مڪي، مديني ۽ ٻين يادگار درگاهن تي وڃي، حج ۽ زيارتن ڪرڻ ۾ ثواب ۽ راهہ نجات سمجهي، گناهن جي بخشيش ۽ آخرت جي موچرائيءَ جي اميد رکن ٿا.

سنڌي درويش گهڻي وقت کان انهن رسمن جي بيڪار هئڻ کي ذهن ۾ رکي، چٽي ڏنو هو تہ:

ڪعبي وڃن ڪيئن ڪاپڙي، جي عام کان آڳا ٿيا.
ڪعبو اچي تن وٽ هلي، جي سر سمجهي سرها ٿيا!

(اصغر ↑ پير پاڳارو)

نماز پڙهڻ ڪم زنانا، روزا صرف روٽي،
مڪي، مديني او جاون، گهر دي هوون ٽوٽي.

(باهو)

www.sindhsalamat.com

## 3. شوَ مهراج

وشنو مهراج جي ذمي جيڪڏهن زنده شين کي پالي قائم رکڻ، روحن ۽ آتمائن جي صحيح رهبري ڪرڻ، روحاني فيض پهچائڻ جا دستور قائم رکڻ ۽ معاشري جي سلامتيءَ ۽ نظام جي درستيءَ جا ڪم سپرد ٿيل هئا، ته "شوَ مهراج" کي ان جي ابتڙ هر بوسيدهه، ردي يا ختم ٿيندڙ شيءِ، وڻ، جانور، ماڻهوءَ يا قوم کي فنا ڪري، وري نئين طرز ي ساڳين شين جي پيدا ڪرڻ لاءِ ماحول سازگار بنائڻ جا ڪم سپرد ٿيل هئا. هن جي هٿ ۾ جملي جاندار شين جي چارج ڏنل هئي، جنهن مطابق سيني جاندار شين جي نڪمي ٿي مرڻ بعد وري نئين انداز ۾ پيدا ڪرڻ جو ڪم سندس سپرد هو. شوَ جي بزرگي ۽ احترام، وشنو مهاراج جيان جدا جدا اوتارن ذريعي دنيا ۾ اچي ان جي درستيءَ يا سڌاري ڪرڻ ۾ مضمر نه هو، پر هيءَ خاص صفتن سان موصوف ٿيل هو- هيءَ ڪيتريون بيماريون پيدا ڪري، ماري هڪ طرف ٿي سگهيو ته ٻئي طرف فصل بهار وانگر نئين زندگيءَ جي پيدا ڪرڻ جي قوت سان موصوف هو. هيءَ فطرت جو ديوتا هو جا هزارين صورتون پيدا ڪري ٿاهي، ڍاهي، اُنهن جي جاين تي نين شين جي آڻڻ جي ڏات سان موصوف هئي. جديد زماني ۾ ان کي "فطرت" جي نالي سان سڏي، ان جي ذريعي "فاطر السموات والارض" جا ڪم ڪرايا ويچن ٿا. جيئن ته اصل ۾ خدا جو تخيل ماڻهوءَ جي تصور تي ايجاد ڪيل هو ان وانگر ان فطري طاقت کي "شو" جو لقب ڏيئي، سندس زال "درگا" کي به ساڻس انهن اختيارن ۾ شامل ڪيو ويو هو. ان جي پوڄارين يا معتقدن جو ويساهه هو ته هو مختلف طريقن سان فطرت جي ان "جلالي طاقت" جي جوش کي ٿڌو يا راضي ڪري ان مان فائدا حاصل ڪري سگهيا ٿي. ان جا پوڄاري خاڪ (ڦلهير) سان پيوت ٿي هلن ٿا ۽ ڪي سخت تپسيائون ڪن ٿا. ان مان سندن راءِ اها آهي ته اهڙيءَ طرح هو "شوَ" جي طاقت کي تسخير يا راضي ڪري، ڪرامت جهڙا ڪرشما ڏيکاري سگهن ٿا.

سنڌ ۽ هند جا تارڪ دنيا فقير، يوگي ۽ انهن جي اثر هيٺ پيدا ٿيل طريقي- فڪر جا ساڌو انهيءَ ذريعي راهه نجات حاصل ڪرڻ جا قائل هئا. شوَ جي مندرن يا ان جي زال درگا (ڪالي ديوي) کي راضي ڪرڻ لاءِ تپسيائون ڪندا هئا ۽ هزارين جانور بل چاڙهيندا هئا.

قرباني ڪرڻ جو دستور دنيا جي هر ملڪ، قوم ۽ قديم مذهبن ۾ مروج هو.

www.sindhsalamat.com

ان جي پويان اهو عقيدو ڪارفرما هو تہ فوق الفطرت طاقت، خدا، ديوتا ـ هڪ خونخوار، بيرحم ۽ قهار جهڙن صفتن جو مالڪ هو جو خون ڏيڻ، گوشت ۽ چربي جي سڙڻ جي بُوءِ تي راضي ۽ خوش ٿيو ٿي. انسان تي جيڪي بيماريون، آفتون، مصيبتون، ڏک ۽ تڪليفون نازل ٿيون ٿي، سي ان جي ناراضگيءَ جو باعث هيون. ان ڪري ان جي راضپي لاءِ قرباني ڪرڻ لازمي هئي. ابتدا ۾ هر قبيلي يا قوم جا ماڻهو پنهنجي مشڪلات جي دور ڪرائڻ لاءِ مقرر ڪيل قربان گاهہ تي وڃي، پاڻ مان هڪ فرد چونڊي قربان ڪندا هئا. ان مان هنن جو عقيدو هو تہ ساري قبيلي يا قوم تان مصيبت ٽري وڃڻ واري هئي ۽ خدا جو راضپو ۽ خوشي حاصل ٿيندي هئي. قربانيءَ جو رت قربان گاهہ تي هاريو ويندو هو گوشت يا چربي ساڙي ويندي هئي، يا ماڻهن کي سمنڊ يا درياهہ ۾ اڇلائي قربان ڪندا هئا.

مختلف قومن ۽ قبيلن ۾ قربانيءَ جا ڪيترائي قسم ايجاد ٿيل هئا. پوءِ انساني ارتقا سان ان دستور ۾ بہ تبديلي ايندي ويئي. پهرين تبديلي اها ٿي تہ ماڻهن جي عيوض جانورن کي قربان ڪرڻ جو دستور پيو. پر هر قرباني جي پويان مقصد، مافوق الفطرت طاقت، ديوتا يا خدا جي قهري غصي کي ٺڌو ڪرڻ هو. جيڪي ماڻهوان ڳالهہ کي مڃين ٿا، انهن مان ڪن جو چوڻ آهي تہ شوَ اصل ۾ دراويدين جو خدا هو جو پوءِ آرين پنهنجي مذهب جي تريمورتي ۾ داخل ڪري ڇڏيو. ڪن جو اهو بہ چوڻ آهي تہ حضرت ابراهيم عليہ جا وڏا سامي بہ پونوچ ايراضي جي اصل دراويدي نسل مان هئا، جي اتي سمنڊ ٽپڻ بعد ڦراگيا، بابل، مصر ۽ سمير ۾ پکڙجي ويا. ۽ جن ۾ قرباني ڪرڻ جو دستور اڳيئي هو. حضرت ابراهيم ان عقيدي موجب خدا جي رضامنديءَ لاءِ حضرت اسماعيل يا حضرت اسحاق کي قربان ڪرڻ گهريو ٿي، پر وري اندروني آواز (يا خدا جي حڪم) موجب پٽ جي بدران گهيٽي (جانور) جي قربان ڪرڻ جو رواج وڌائين، جو رواج ان جي پويان يهودي ۽ مسلمان اڃا تائين هلائيندا اچن ٿا. صرف حضرت عيسيٰ پاڻ قربان ڪري ان رسم کي بند ڪرايو. مسلمان هر سال ڪروڙين جانور ان پراڻي رسم جي پوئواريءَ لاءِ قربان ڪن ٿا. جن مان گهڻا ڪاٺڻ جي ڪم بہ نٿا اچن ۽ عربستان ۾ کڏون کوٽائي دفنايا وڃن ٿا.

مٿين ڳالهين مان ڪي ماڻهو اهو نتيجو ڪڍن ٿا تہ حضرت ابراهيم عليہ جو خدا بابت تصور "شوَ" جهڙو هو جو خون جي قربانيءَ تي رضامند ٿيو ٿي، تفاوت صرف نالي جو هو حضرت موسيٰ ان کي "جهوا" سڏيو. حضرت محمد

www.sindhsalamat.com

ڪارايو. جنهن تي هو نهايت راضي ٿيو ۽ دعا ڪيائينس تہ ڪيس پٽ پيدا ٿيندو. ان تي حضرت ابراهيم جي گهر واريءَ بيبيءَ ساران چيو تہ هو 90 ورهين جي ٿي چڪي هئي ۽ سندس ماهواري بہ بند ٿي چڪي هئي. سندس مڙس 100 ورهين جو پوڙهو هو سو ڪين پٽ ڪيئن پئدا ٿيندو؟ ان تي خدا ڪيس چيو تہ "مون کي انساني پيداوار (Creation) جي طاقت آهي، ان ڪري ڪهڙيءَ بہ صورت ۾ اولاد پيدا ڪرائي سگهان ٿو." ان وقت، خدا، حضرت ابراهيم کان بہ واعدا ورتا: هڪ تہ هو پاڻ ۽ سندس اولاد ختنو ڪرائيندا ۽ ٻيو قرباني ڪندا ايندا، جنهن جي عيوض ۾ هن جي نسل مان وقت بوقت نبي پيدا ٿيندا رهندا، ۽ دنياوي حڪومت بہ سندس نسل کي ملندي رهندي ان بعد حضرت ابراهيم وعدي پٺاندڙ اهي ٻئي ڳالهيون پوريون ڪيون، ۽ پنهنجي اولاد لاءِ پڻ وصيمت ۾ انهن ٻنهي ڳالهين جي لازمي نهرائڻ جو حڪم ڪري ڇڏيو.

ذرا غور ڪرڻ بعد پتو پئجي سگهندو تہ حضرت ابراهيم جو خدا بابت تصور هڪ شخصي تصور هو جو (خدا) ماڻهوءَ جي صفتن وارو هو. توريت جي باب پيدائش جي 26_27 آيتن ۾ بہ اهڙو اظهار ڪيل آهي تہ "خدا انسان کي پنهنجي صورت تي بنايو آهي."

شوَ مهاراج بابت ڪتابن ۾ اچي ٿو تہ هو ڍڳي تي سواري ڪندو هو ان ڪري ان جي پوترتا ۽ پرستش جو رواج دراويدي قوم ۾ پيو. مصر، سمير، بابل، سنڌ (موهن جي دڙي) جي قديم آثارن مان ان جا نشان ملن ٿا. حضرت ابراهيم بابل ۾ پيدا ٿيو هو جنهن ۾ دراويدي عقيدن ۽ تهذيب جا آثار ملن ٿا.

سنڌ ۾ دراويدي تهذيب جا آثار ملن ٿا. "سيوهڻ" (شو رهڻ) يا "سيوستان" (شو آستان). شو جي نالي جا يادگار آهن. "منڇر" ڍنڍ جو نالو ڪن جي چوڻ مطابق "مانسرور" ڍنڍ هو جا هماليہ واري ڍنڍ "مانسرور" جي نالي پويان سڏي ٿي ويئي. سيوهڻ جي آس پاس شوَ جا ڪيترا ميلا اڄا تائين لڳن ٿا. ڳاجي شاهہ لڪي، امير پير ۽ جهمپير، انهن ميلن مان ڪجهہ آهن. جيڪي سنڌ ۾ شوَ جا آستان ۽ پوڄا جا مرڪز ليکيا ٿي ويا. قلندر شهباز جي درگاهہ جي دروازن تي شو مندرن وانگر ڇڙا ٽنگيل هوندا هئا. جي هاڻي اوقاف وارن لاهرائي ڇڏيا آهن. فقيرن جو ڏاڙهي مٿو ڪوڙائڻ، صبح شام جو نغارن، گهنڊن ۽ نفيلن جو (هندو مندرن جي آرتي وانگر) وڄڻ، ميلي جي موقعن تي ڌمال هڻڻ (رقص ڪرڻ) سڀ شو رسومات جي نشاندهي ڪن ٿا. درگاهہ ۾ اندر الهندي طرف محراب ۾ "لنگم ۽

www.sindhsalamat.com

يوني" جو پٿر رکيل هو جنهن کي "مکڻ- ماکي" جي نالي سان سڏيو ويندو هو. جنهن لاءِ چوڻ ۾ اچي ٿو تہ اوقاف کاتي وارن ڪڍي ڇڏيو آهي. چرس ۽ نشي جو واهپو فقيرن جو چڙهو رهڻ ۽ شادي نہ ڪرڻ اهي سڀ ڳالهيون شوَ ڌرم جي نشاندهي ڪن ٿيون. سنڌ جي هر شهر ۾ "شوالا" (شوَ جا مندر) هوندا هئا. جن ۾ "لنگم" رکيل هوندو هو ۽ ان جي پوڄا ٿيندي هئي.

مٿي آءٌ آرين کان اڳ ۽ سنڌن ابتدائي دور جي مکيہ مذهبن جو ذڪر ڪري آيو آهيان. هاڻ هيٺ سنڌن ترقي يافتہ مذهبي نظرين جو ذڪر ڪندس.

## 1. ويدانت

اهو نظريو ويدن جي بنياد تي ايجاد ڪيل هو. ان کي "اپنشدن" جي معنيٰ سمجهائڻ لاءِ ڪتب آندو ويو آهي. برهمڻن ان کي ويدڪ ڌرم جي ڇهن سمجهاڻين: (1) سنکيا. (2) يوگا. (3) مماسا. (4) ويدانتا. (5) ويسيڪا. ۽ (6) نياتا- ۾ ورهايو آهي.

ويدانتا ۾ همه اوستت جي نظريہ- ڪائنات (پينٿيزم) کي باترتيب، ترقي وٺائي ويئي آهي ۽ ان کي فلسفيانہ بنيادن تي رکيو ويو آهي. ويدانتي فلسفي جو پهريون باني يا شارح، جنهن ان کي باقاعده طور پيش ڪيو هو پنڊت بدريانا هو. جنهن صورت ۾ هن جو ڪتاب پر معنيٰ ۽ حڪمت سان پريل هو ان ڪري پين "سوترا" جي ڪتابن وانگر ان جي سمجهاڻيءَ لاءِ ڪيترين ئي تشريحون ڪيون ويون هيون. جن مان پنڊت سنڪارا جي تشريح وڏي اهميت واري هئي. پنڊت بدريالا، 800ع ڌاري ٿي گذريو آهي. هن (سنڪارا) "برهم سوترا" جي تشريح کان سواءِ اپنشدن جي تشريح تي بہ گهڻو لکيو آهي ۽ ويدانتا جي سمجهاڻي بہ ڏني آهي. ان ۾ هن پنڊت بدريانہ جي مکيہ اصولن جي حمايت ڪئي آهي.

جديد پارت جا گهڻو ڪري سڀ تعليم يافتہ پنڊت- سواءِ انهن جي جيڪي يورپي خيال کان متاثر هئا. انهيءَ ويدانتا جي سمجهاڻيءَ جا حامي هئا. انهن مان ٿي حصا سنڪارا ۽ سوترا جي تشريح کي مڃين ٿا. باقي مٿي ذڪر ڪيل شارحن جي پوئلڳي ڪن ٿا.

ويدانت جي فلسفي جي بنيادي بيهڪ، قديم اپنشدن جي متن تي ٻڌل آهي. جنهن مطابق انساني آتما (روح) خدا سان مشابهت رکي ٿي. جو "روح ڪل" جي حيثيت رکي ٿو. ابدي، ازلي ۽ لامحدود آهي. ۽ ان جي طاقت ساريءَ ڪائنات تي

www.sindhsalamat.com

حاوي، سمايل ۽ ڪارڪن آهي. خدا يا "روح ڪل". جزن ۾ ورهائجي يا بدلجي يا فنا ٿي نٿي سگهي. خدا (برهمن) ڪل ۽ نہ ورهائجندڙ هو. خدا (برهمن) جي وجود کان سواءِ ٻيو ڪوبہ وجود نہ هو. هو هڪ هو ٻيو ڪوبہ نہ هو (لا الله الا الله). سنڪارا جي سمجهاڻيءَ موجب ويدانتا، دوئيءَ جي عدم موجودگي هئي. ان فلسفي جي بنيادي تصور خلاف تجربي مان پتو پوي ٿو تہ دنيا ۾ قسمين قسمين شين ۾ جدا روح جو وجود هو. پر خود ويدن ۾ ڪي ڳالهيون موجود هيون. جن ۾ تناسخ (جوڻ) جو اصول قبول ڪيل هو. ان ۾ جزا ۽ سزا جا اصول قبول ڪيل هئا، ۽ مختلف شخصي روحن جا وجود تسليم ڪيل هئا، جي متضاد ۽ مختلف هئا. انهن متضاد اختلافن جو رد انهيءَ بنياد تي پيش ڪيو ٿي ويو تہ عبادتون، مختلف شين جي موجودگي، جهل ۽ بي شعوريءَ تي ٻڌل هيون جي هر ماڻهوءَ ۾ ڪجهہ قدر موجود رهن ٿيون. ان ڪري روح کي جسم کان علحده سمجهيو وڃي ٿو. نفسياتي ۽ ظاهري اثر ان لاءِ مانع هئا. ظاهري ڪائنات صرف مايا (فريب نظر) هئي. حقيقت ۾ جملي مظاهر قدرت ڏوڪي يا رڄ برابر هئا. جيئن رڄ جي ويجهو وڃبو تہ گم ٿي ويندي آهي ۽ ڏوڪو نظر ايندي آهي. ان ڪري ان کي پوريءَ طرح ڏسڻ بعد ئي سڃاڻي سگهبو. يا ان جو مثال هڪ خواب وانگر هو. جنهن ۾ جملي شيون حقيقت ۾ ڏسڻ ۾ اينديون آهن. پر جاڳڻ بعد گم ٿي وينديون آهن. دنيا ۾ صرف هڪ شيءِ جا ان ڏوڪي کان بالاتر هئي، سا هئي آتما يا روح، جنهن جي ثابتيءَ جي ضرورت نہ هئي. ان جي موجودگي ئي خود ان جو ثبوت هئي، ان ڪري ان کان انڪار ڪري نٿو سگهجي. انڪار خود ان جي موجودگي لاءِ دليل آهي. جيڪا شيءِ هجيئي ڪانہ ان جو انڪار ڪهڙو ڪري سگهبو. روح "جوهر" آهي، جو زمان، مڪان ۽ اسباب (Causation) کان بالاتر هئڻ ڪري مرڪب ٿي نٿو سگهي. ان ڪري، ان جو وجود خدا کان جدا ٿي نٿو سگهي. خدا جو هئڻ ان جو وجود آهي. اسان جو وجود ان کان جدا ٿي نٿو سگهي. صرف اسان کي اندر ۾ جهاتي پائي "پاڻ سڃاڻڻ" جي ضرورت آهي. "وفي انفسڪم افلا تبصرون" يعني "پنهنجي اندر ۾ نظر ڪرڻ سان ڏسي سگهبو." شاهہ سائين فرمائي ٿو تہ:

پيهي جان پاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ،
تہ نہ ڪو ڏونگر ڏيهہ ۾، نڪا ڪيچين ڪاڻ،
پنهون ٿيس پاڻ، سسئيءَ تان سور هئا.

(شاهہ)

www.sindhsalamat.com

اِهي سڀ ڳالهيون انهيءَ ويدانت جي نقطي نگاهه جون مرهون منت هيون. انهيءَ موجب "پاڻ سڃاڻڻ" ذريعي ڪائنات جي ڪثرت واري ڳجهارت پروڙي سگهبي.

مايا جي بي شعوري يا جهل ڪٿان ٿا پيدا ٿين. جنهن ڪري حقيقت لڪل رهي ٿي؟ ان تي "ويدانت فلاسافي" نظر نٿي ڪري ان جو چوڻ آهي تہ جڏهين "جهل" (اوديا) گم ٿي ويندو تہ پاڻهي "عام ڪل" (وديا) ظاهر ٿي پوندو ۽ ان ڳجهارت جو پتو پئجي ويندو. پوءِ اهي مايا (فريب نظر) جا ڍوڪا ختم ٿي ويندا. ۽ آتما جي پرآتما سان موجودگي ظاهر ٿي پوندي دنيا جي ڪثرت وارا ۽ صفاتي تصور گم ٿي ويندا. جنهن صورت ۾ سنڪارا، "اپنشد" جي مشروط اختياريءَ وارن کي مڃي ٿو ان ڪري هو مجبور ٿي، مذهب جي نقط نگاهه ڪريا ڪرمن ۽ منترن اچارڻ وغيره تي عمل ڪرڻ لاءِ ويدانت جي نظريي کي ساڳئي وقت ٻن نمونن سان پيش ڪري ٿو:

**هڪ: پراوديا يعني علم لدني:** جنهن موجب هو فوق الفطرت نقطي نگاهه کان هر مسئلي تي نظر ڊوڙائي، دوئيءَ کان ٻاهر نڪري، ويدانت جي تشريح ڪري ٿو.

**ٻيو: اپار وديا يا ظاهري عام:** جنهن موجب عام مذهبي نقطي نگاهه جيان جڳ سان هلڻ جي ترغيب ڏئي ٿو.

علم لدنيءَ (پراوديا) مطابق خدا (پرآتما) جملي صفات ۽ لياقتن کان مٿي آهي. اهو اوگڻ ۽ بي صفاتي آهي. ليڪن جڏهن ان تي ظاهري علم جي نقط نگاهه کان ڏسبو تہ خدا کي سڀنو۔ اعليٰ صفات ۽ لياقتن جو مالڪ سمجهي، مذهبي رسمن جي پابندي ڪرائجي ٿي. چاڪاڻ تہ سندس چوڻ موجب، ماڻهن جي ڪثرت، جهل (اوديا) جي ڪري خدا کي انساني صفات ۽ لياقتن سان موصوف سمجهي ٿي. ان ڪري جيڪي ماڻهو علم لدني تائين پهچي نہ سگهيا آهن، تن کي نسلي ۽ تشفي ڏيارڻ لاءِ عبادت ڪرائڻ ۽ منتر اچارائڻ ضروري ٿيو پوي. رواجي علم مطابق پرآتما (خدا) جو تصور مجازي ۽ شخصي ٿيو پوي، جو ڪائنات کي پيدا ڪري ان تي حڪمراني ڪري ٿو ۽ ماڻهن کي سندن عملن مطابق جزا ۽ سزا ڏئي ٿو. اُن نگاهه موجب ڪائنات کي حقيقت سمجهي، ان جي وجود کي مڃتو پوي ٿو ۽ اپنشدن جي چوڻ موجب روحن جي جدا جدا صورتن ۽ جوڻن ۾ تبديل ٿيڻ کي قبول ڪري ٿو.

هيناهين علم موجب ٻڌايو وڃي ٿو تہ آتمائون (روح) بدنن جي نفسيات، ڪشش، جسماني بدنن جي واسن ۽ اخلاقي نتيجن جي حدن ۾ رهي، آهستي

www.sindhsalamat.com

آهستي ترقي ڪري، خدا جي ڇهين درجي تي پهچن ٿا. خدا جي ڇهين درجي تي پهچڻ لاءِ "پاڻ سڃاڻڻ" واري علم جي ضرورت آهي. ڇهين درجي وارو علم، ستين درجي تي پهچڻ بعد بيڪار ٿي ويندو. چاڪاڻ ته ڇهين علم وارو خدا جو تخيل، اوديا (جهل) جو ڪارڻ آهي- جو خدا کي صفتن ۽ لياقتن سان منسوب ڪري، عبادت واسطي ڪم آڻي ٿو. ليڪن ستين درجي واري علم حاصل ٿيڻ بعد ماڻهوءَ تي ازخود ظاهر ٿي ويندو ته اهڙو خدا جو تصور ۽ ان جون عبادتون سڀ وهم جي پيداوار هيون:

وهم ورسايا س، نه ته پنهون آءٌ پاڻ هئي!

(شاهه)

"اِنالله واِنا اِليه راجعون"- يعني "اسان خدا مان آهيون ۽ ان طرف موٽڻو آهي."

اِنهيءَ نظريي جي مٿي ڄاڻايل مختلف تشريحن جي تفصيلي سمجهاڻي طوالت جو باعث سمجهي، هتي پيش ڪرڻ مناسب نٿو سمجهان. مطلب ته "ويدانت" هندو ڌرم جي اعليٰ سمجهاڻي ۽ لُب لباب آهي. ليڪن جڏهن وقت گذرڻ بعد هندو ڌرم ڇهين درجي واري سمجهاڻيءَ جي اثر هيٺ ڪريا ڪرمن، عبادتن، منترن اُچارڻ (وظيفن ڪيڻ) ۽ بت پرستيءَ جو اڏو بنجي پيو ته اُن جي سڌاري ۽ تجديد لاءِ "مهاتما ٻڌ" پيدا ٿيو.

## 2. ٻڌ ڌرم (ٻڌيزم)

هيءَ ڌرم جيتوڻيڪ بنيادي طرح ويدن جي تشريح تي ٻڌل آهي، پر اُن جو بنياد زياده تر ذهني ترقيءَ ۽ عملن جي اصلاح تي رکيو ويو آهي. اُن ۾ عبادتن ۽ ڪريا ڪرمن کان وڌيڪ فڪر تي زور ڏنو ويو آهي. هيءَ ذات پات جي چار ڪان بالاتر رهڻ جي تلقين ۽ تربيت طرف راغب ڪري ٿو.

ڪانه پڇي ٿو ذات، جي آيا سي اڳهيا.

(شاهه)

هنن جي عقيدي موجب "دنيا ۾ ڪا به شيءِ دائمي نه آهي. هر شيءِ عرصو گذاري ٻي صورت اختيار ڪري ٿي. جيڪڏهن هر شيءِ جي شروعات آهي ته پڇاڙي به آهي. جيڪڏهن ڪي جيت ڪجهه عرصو جيئرا رهي فوت ٿيو وڃن. ته ٻئي طرف جبل هزارين بلڪ لکن ورهين تائين اُ جود ۾ رهن ٿا. پر هر شيءِ اچڻي ويڃڻي آهي. دنيا ۾ دائميت ڪنهن به شيءِ کي ¹ آهي."

www.sindhsalamat.com

هي سڀ هلڻ هارا، ڪوئہ رهندو ڪو هت، جيڏيون!
آڏيا رهندا اِنهين، هي سڀ ماڳ موچارا.
جن ڪي بادشاهيون بلند هيون، ويا ڇڏي ويچارا.
"ڪل نفس" "ذائقة الموت"، اُهي سمجهہ اِشارا.

(شاهہ ـ سر ڏهر)

انهيءَ تعليم مطابق هر ڪنهن جسم واري فرد يا وجود کي شڪل ۾ لياقتون ٿين ٿيون. مٿاهين درجي جي جانورن يا ماڻهن ۾ ذهن (عقل) جون لياقتون ٿين ٿيون. هر ڪنهن فرد ۾ زندگيءَ جي عرصي دوران اِهي لياقتون وقت بہ وقت پيدا ٿي، وري موت وقت جسم کان جدا ٿي، روح ۾ رهن ٿيون. هنن جو ويساهہ آهي تہ دنيا ۾ دک جو ڪارڻ شخصيت جو جدا وجود تسليم ڪرڻ ۾ اسباب سان لاڳاپن سبب خواهش جو پيدا ٿيڻ آهي. وجود ڪل کان جدائي، دک جو اصل ڪارڻ ٿئي ٿي. ڦوڙائي يا فراق جو روح تي اثر پوي ٿو. جيتري قدر ماڻهو يا فرد پاڻ ۾ خوديءَ کي جاءِ ڏيندو اوتري قدر بيماري، ڪمزوري ۾ موت ويجهو ايندو ويندس. شخصي وجود جو احساس ماڻهوءَ کي محدود ڪري ٿو. جتي حدون آهن، اُتي آوديا (جهل) آهي. جتي جهل آهي، اُتي ان مان غلاميءَ جو سرزد ٿيڻ لازم ملزوم ٿيو پوي. جتي غلطيون هونديون، اُتي دک جو پيدا ٿيڻ لازم ٿئي ٿو. جيسين روح اصل کان جدا آهي، اُن وقت تائين هن کي حواسن جي خواهشن جي شڪار ٿيڻ جو انديشو رهي ٿو. خواهشون حواس جون پيداوار ٿين ٿيون. خواهشون ڪڏهين بہ پوريون نہ ٿي سگهنديون. ڪابہ ڳالهہ تبديليءَ يا موت کي روڪي نٿي سگهي. سڀ ڳالهہ جو مدار ڪرمن جي ڦل جي سبب سان شروع ٿئي ٿو. هر ڪرم مان نتيجا سٺا نڪرن ٿا.

ٻڌ ڌرم جو صحيح چاڻو "شخصي نجات" جو قائل نہ هوندو آهي، بلڪ ڪيس "عالمي نجات" لاءِ ڪم ڪرڻو پوي ٿو. ٻڌ ڌرم وارن زندگيءَ کي صحيح نموني گذارڻ لاءِ ڪي اصول مقرر ڪري، اُن موجب عمل ڪرڻ جي تلقين ڪئي ٿي. هنن جو چوڻ هو تہ عمل صالح ڪرڻ ڪري ماڻهو نروان پد يعني جسماني لڳ ـ لاڳاپن ۽ خواهشن کان آزادي حاصل ڪري سگهندو. سنڌن تعليم جو نچوڙ اهو آهي تہ انساني دک (جدائي) جي نجات، نروان پد سان حاصل ٿي سگهي ٿي. هنن عمل صالح لاءِ هيٺيان "اٺ بنيادي نڪتا" (اصول) مقرر ڪيا آهن:

www.sindhsalamat.com

## 1. صحيح خيال

صحيح خيال، اُن کي چون ٿا، جو وهم ۽ گمراهيءَ کان ٻاهر هجي. اُن جو محرڪ جذبو عشق ٿي سگهي ٿو. عشق هڪ لامتناهي ڳولا جو جذبو آهي، جنهن وسيلي ئي صحيح راهہ تي پهچي سگهجي ٿو.

## 2. اعليٰ مقصد

صحيح خيال عشق حقيقيءَ جي آڌار تي مقرر ڪري سگهجن ٿا. بهتر زندگي گذارڻ لاءِ اُنهن کي ئي راهہ جو رهبر ڪري ڪم آڻڻو آهي، ۽ اُن کي ئي "اعليٰ مقصد" سڏي سگهبو.

## 3. صحيح گفتگو

صحيح گفتگو اُها ٿي سگهي ٿي، جا سچائيءَ تي مبني هوندي آهي، اُها ڪليل ۽ خلوص واري هئڻ گهرجي. اُن موجب پنهنجي راءِ سان گڏ ٻئي جي راءِ جو احترام ڪرڻ لازمي آهي. هڪ طرفي گفتگو يا ڳالهہ معاملن کي سلجهائي نہ سگهندي

## 4. صحيح عمل

"عمل صالح"، صحيح عمل جو ٻيو نالو آهي. اُهي صلح ۽ امن پيدا ڪن ٿا، جنهنڪري نفاق ۽ نفرت مٽجي اتحاد انساني پيدا ٿئي ٿو. اُن جو مدار پراُپڪاري (پاڻ اَرپڻ) تي هوندو آهي، ۽ اُن ۾ خود مطلبي ڪانہ هوندي آهي. اُهي عمل مفاد عام لاءِ ڪيا وڃن ٿا.

اُن مان شخصي فائدي جي عيوض ملڪي ۽ قومي فائدو حاصل ٿئي ٿو، جو انساني نجات جو باعث بڻجي ٿو.

## 5. صحيح گذران

صحيح گذران، ان طريقہ معاش کي چئي سگهجي ٿو جو ٻئي ڪنهن جي استحصال تي مبني نہ هوندو آهي. اُن جي حصول ۾ زور زبردستي ڪم آندل نہ هجي. اُهو ٻئي ڪنهن جي ڪمائيءَ مان چوريءَ يا زوريءَ حاصل نہ ڪيو ويو هجي. اهو ڪنهن ساهہ واري جي ماس ۽ مڇيءَ تي نہ هجي. اُهو گذران، زمين مان پيدا ٿيل اناج يا ميوي يا مال جي کير ۽ مکڻ تي مبني هجي. اُهو گذر، ٺڳيءَ، ٻيجا ۽ ناجائز طريقن سان هٿ نہ ڪيو ويو هجي.

www.sindhsalamat.com

## 6. صحيح ڪوشش

زندگيءَ جو مدار جدوجهد ۽ ڪوشش تي رهي ٿيو. پر ڏسڻو اهو آهي ته اُهي جدوجهدون ۽ ڪوششون ڪهڙن مقصدن جي حصول لاءِ ڪيون وڃن ٿيون. پر آپڪاري، خدمت خلق، عوامي نفعي، ملڪي بهتريءَ ۽ عوامي خوشحاليءَ جي راهه ۾ جا به ڪوشش ڪئي وينديءَ سا صحيح شمار ٿي سگهي ٿي. ليڪن خود مطلبيءَ، ذاتي مفاد، طبقاتي مفاد، گروهي يا طبقي جي بهتري ۽ محدود قبيلن يا ماڻهن جي خوشحاليءَ کي صحيح ڪوشش ۾ داخل ڪري نه سگهبو.

## 7. صحيح الدماغي

صحيح الدماغي ان کي چئبو جا ماڻهوءَ کي بقائي باهمي ۽ گڏيل سهڪار (باهمي تعاون) جي اُصولن کان واقف ڪريءَ زندگيءَ کي سجايو ڪتب آڻڻ لاءِ راهه جي رهبر بنجي، حياتيءَ جي هر لمحي کي قيمتي ڄاڻي، اُن کي نفساني خواهشن کان آزاد ڪريءَ انسان ذات جي ڀلي لاءِ ڪم آڻي. ماڻهو پاڻ کي جز سمجهي، قوم ملڪ ۽ انسان ذات کي ڪل تصور ڪريءَ خوديءَ ۽ خود مطلبيءَ کان پري رهي، ڪل ۾ سمائجڻ جي ڪوشش ڪري

## 8. صحيح ترڪ

صحيح ترڪ، تڏهين حاصل ٿي سگهندو جڏهين نفساني خواهشن کي ماري طمع کي ڦٽو ڪريءَ گولن جو غلام ٿي گذارڻ لاءِ آماده ٿيو. صبر جي تلوار سان ڪيني ۽ بغض کي ختم ڪريءَ وجود وڃائڻ جي رمز کان واقف ٿبو.
شاهه لطيف، جي هيٺين بيت مان سمجهه ۾ اچي ٿو ته مٿس مذڪور اثر وڌل هئا:

جي پائين جوڳي ٿيان، ته طمع ڇڏ تمام،
گولا جي گولن جا، تن جو ٿيءُ غلام،
صبر جي شمشير سين ڪر ڪيني کي قتلام،
ته نانگا! تنهنجو نام، لکجي لاهوتين ۾!

"بيدل سائينءَ" اُن خيال کي هيلين لفظن ۾ پيش ڪيو آهي:

سک رمز وجود وڃاوڻ دي،
نهين حاجت پڑهڻ پڑهاوڻ دي!

www.sindhsalamat.com

نکر ناهه ڪلهي ڪري، هوندن جتن مر هو
توکي ويس وڃائيو ويس وڃايو تو
سامي آهي سو جنهن پاڻ وڃائي پوءِ ڪيو!

هنن هڪ طرف اخلاق جي درستي، عمل صالح، محبت ۽ امن جو پيغام پهچايو ٿي ته ٻئي طرف ويدانت جي صحيح تعليم ۽ مقصد سمجهائڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي.

اڳتي هلي، هن ڌرم ۾ ٻه وڏا فرقا پيدا ٿيا: 1. هنايانم ۽ 2. مهايانم.

1. هنايانم (يعني- اظهار جو ننڍو ذريعو)

ٻڌ ڌرم ماڻهن کي نروان پد (نجات) حاصل ڪرڻ جي تلقين ڪري ٿو. هن جي چوڻ آهي ته روح (آتمائون) جوڻ جي ڪري ڪرمن جي ڦل واري چڪر ۾ ڦاٿا پيا آهن، جنهن ڪري دنيا ۾ درد، بيماري، بک وغيره مصيبتون، ماڻهن کي ويڙهيو ويٺيون آهن. ان ڪري ان کي جوڻ جي چڪر کان آجو ٿيڻ، نجات حاصل ڪرڻ، زندگيءَ جو منزل مقصود بنائڻ گهرجي. اِها نجات، صحيح خيال ۽ صحيح عمل وسيلي حاصل ٿي سگهندي، ان کان پوءِ ئي روح اصل سان ملي، دائمي خوشيءَ واري درجي تي پهچي سگهندو.

2. مهايانم (يعني- اظهار جو وڏو ذريعو)

اِنهي نقطي نظر وارن پنهنجي تعليم جي سمجهاڻي يا تشريح، ٽن اُصولن ذريعي ڏني ٿي: 1. علم حقيقي حاصل ڪرڻ 2. نيڪ ڪم ڪرڻ 3. زهد ۽ رياضت ڪرڻ.

هن فرقي جي راءِ موجب، حق جي راهه تي پهچڻ لاءِ مهاتما ٻڌ جي پيروي ڪرڻ ضروري هئي- (يعني سنت نبوي ان جو مکيه ذريعو هو.)

ٻڌ ڌرم، هڪ وقت ساري هندستان، وچ ايشيا، چين، انڊو چائنا، جپان، منگوليا، ٿبيٽ، برما ۽ سيلون وغيره ملڪن جي ڪثير تعداد ماڻهن تي اثر ڪيو ۽ ان جا ڪيئي فرقا ۽ ڪيترين تشريحون وجود ۾ آيون.

سنڌ ۾ ان جي تعليم جو گهڻو اثر پيو. هن وقت، ان ڌرم جي مرڪزن جا قديم آثار سنڌ ۾ هيٺيان نظر اچن ٿا:

www.sindhsalamat.com

## 1. ڪاهوءَ جي دڙي وارو اسٽوپا

ميرپورخاص جي پرسان "ڪاهوءَ جي دڙي" مان مهاتما ٻڌ جي هائي (خاڪ ۽ هڏن جا دفن ڪيل نشان لڌا آهن. عمارت (اسٽوپا) جي زبون حاليءَ مان به ان جي اصل شان شوڪت جي جهلڪ نظر اچي ٿي. جنهن مان انهيءَ مرڪز جي اهميت ۽ ماڻهن جي عقيدي ۽ توجهه جو پتو پئجي سگهي ٿو.

## 2. موهن جي دڙي وارو نل

موهن جي دڙي تي ٻڌ ڌرم وارن جي اسٽوپا (مندر) جا نشان لڌا ويا آهن. ان مان پتو پئجي سگهي ٿو ته هر تمدن واري شهر ۾ هن پنهنجا آستان اڏيا هئا. ۽ انهن ذريعي ماڻهن جي تعليم ۽ تربيت جو ڪم ڪندا هئا.

## 3. بهمن آباد

شهداد پور (ضلع سانگهڙ) جي پروارن قديم آثارن واري شهر "بهمڻ آباد" مان به ٻڌ ڌرم جي مندرن جا نشان ۽ درسگاهه جا مرڪز مليا سگهيا آهن. اهو شهر، جيتوڻيڪ پارسي شهنشاهه جي سپهه سالار "بهمن" جي نالي پٺيان سڏجي ٿو، ۽ ٿوي امڪان آهي ته اُتي پارسي مذهب جا آتشڪدا به هجن. پر عوام تي ٻڌ ڌرم جو اثر ايتريقدر ويٺل هو جو اهڙي شهر ۾ ٻڌ ڌرم جا اسٽوپا ۽ درسگاهون اڏيا ويا هئا. جن جا نشان اڄا تائين قائم آهن.

## 4. سڌيران جو دڙو.

ٽنڊي محمد خان جي پر ۾ سعيدپور جي ويجهو ٽڪريءَ تي اڏيل هڪ مندر جا نشان ڏيکارجن ٿا. جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته سنڌ جي اُن طرف به ٻڌ ڌرم وارن جو وڏو تعداد رهندڙ هو جنهن جي رهبريءَ ۽ تربيت لاءِ هيءَ مرڪز قائم ڪيو هو.

## 5. ٻڌ ڪا ٽڪر

جهرڪن جي سامهون، درياهه سنڌ جي ٻئي طرف مڪلي ٽڪريءَ جي پر ۾ هڪ وڏو ٽڪر آهي، اُن ۾ ٻڌ ڌرم جي مندر ۽ درسگاهه جا آثار لڌا آهن. جتان معلوم ٿئي ٿو ته لاڙ ۾ سنڌ جي تعليم ۽ تربيت لاءِ ادارا قائم ڪيل هئا.

www.sindhsalamat.com

## 6. مير رکڻ جو ٿل

هيءَ ٿل موري تعلقي ۾ پانڌي اسٽيشن کان ڏکڻ طرف ٻڌ ڌرم جو وڏو مندر ۽ درسگاهه معلوم ٿئي ٿو. جنهن جا آثار ڪوٽائيءَ مان ملي سگهيا آهن. ۽ چيني سياحن بہ ان جي اهميت ۽ مرڪزيت جو ذڪر ڪيو آهي. هيءُ ٿل ستاسي فوٽ اُتانهون آهي.

ڪجهه وقت کان پوءِ جڏهن ٻڌ ڌرم وارن مورتي پوڄا ۽ رهبانيت کي چنبڙي دنيا جي جديد رحجانن کي ترڪ ڪري، مستقل مفاد پيدا ڪيا، تہ وري برهمنزم جو اصل ۾ ويدڪ ڌرم جو بنيادي ڌرم هو نئين تشريح سان هندستان ۾ قبضو ڪري ورتو ۽ ٻڌ ڌرم هندستان جي گهٽي حصي مان نڪري، مٿي ذڪر ڪيل ملڪن ۾ ديرو ڄمايو. پر اِن حالت ۾ بہ سنڌ ۾ ان جا آثار ۽ اثر باقي رهيا. راجا ڏاهر برهمڻ گهراڻي جو راجا هو پر سندس ڏينهن ۾ سنڌ جي گوشي گوشي ۾ ٻڌ ڌرم جا پوڄلڪ رهندا هئا. ان جو ايتري قدر اثر هو جو خود راجا ڏاهر جو هڪ ڀاءُ ٻڌ ڌرم جو پوڄلڪ ۽ ڀڪشو ٿي رهيو. سنڌ ۾ ملسمانن جي آمد وقت بہ ٻڌ ڌرم جا پوڄلڪ ڪافي تعداد ۾ موجود هئا.

هن ڌرم جا ساڌو جن کي ڀڪشو ڪري سڏبو هو آشرمن ۾ رهندا هئا. ڪابہ ملڪيت ڪانہ رکندا هئا. ماڻهن کي پني گذر ڪندا هئا. ساري زندگي پاڻ کي سچائڻ، اخلاقي درستي ۽ روحاني نجات جي تعليم ۽ تربيت ڏيڻ وٺڻ ۾ گذاريندا هئا.

جڏهن برهمڻ- مذهبي ڪارڪنن ۾ ڪي خاميون پيدا ٿي پيون هيون. جهڙوڪ: برهمڻ ذات جي اوچي هئڻ جو تصور، ماڻهن کي جاتين ۾ ورهائي ڇوت ڇات جا ويڇا پيدا ڪرڻ، ڪريا ڪرمن، منترن اُچارڻ ذريعي نجات حاصل ڪرڻ ۾ اعتماد رکڻ ۽ ظاهري پاڪيزگي ۽ تربيت طرف وڌيڪ توجهه ڏيڻ، تہ اُنهن جي درستيءَ لاءِ مهاتما گوتم ٻڌ، "سڌارڪ" جو ڪم ڏنو. هن هندو ڌرم ۾ جاتين ۾ پيد ڀاوَ دور ڪرڻ ۽ ڪريا ڪرمن تي زور ڏيڻ بدران اخلاقي سڌاري طرف توجهه ڏيارڻ ۽ ظاهري پاڪيزگيءَ بدران اندر اجارڻ طرف ماڻهن کي راغب ڪرڻ جا سڌارا آندا. پر هن پاڻ جيڪو تارڪ دنيا درويشن جو گروهه پيدا ڪيو هو اُهو اڳتي هلي برهمڻن وانگر مستقل مفاد بنجي پيو. منجهن ڪيئي خاميون پيدا ٿي پيون. برهمنزم ۽ ٻڌ مت ۾ يهوديت ۽ مسيحيت جهڙا تفاوت هئا. پهرين جو زور، ظاهري پاڪيزگي، ڪريا ڪرمن ۽ منترن اُچارڻ تي هو. ۽ ٻين جو اندر اُجارڻ.

www.sindhsalamat.com

شريعت بدران طريقت طرف وڌيڪ توجهه هو. پهرين ظاهر بيني ۽ سبب اندر اُجارڻ طرف گهٽ ڌيان ڏنو ۽ پوءِ اندر اُجارڻ تي زيادهه زور ڏيڻ ڪري ظاهر کي قريباً وساري ڇڏيو. هر ڳالهه ۾ اعتدال جو هئڻ ضروري آهي. اُنجي عدم توازن ڪري خامين جو پيدا ٿيڻ لازمي ٿيو پوي اُن ڪري، هندستان مان ٻڌ ڌرم اثر وڃائيندو ويو پر سنڌ ۾ مسلمانن جي اچڻ تائين ان جو ڪافي اثر هو. سنڌين ۾ باوجود مسلمان ٿيڻ جي، اهي اثر اڃا تائين هليا اچن. جهڙوڪ:

(1) تارڪ دنيا فقيرن جو گروهه پيدا ٿي، پرچار واسطي پني، پيٽ گذر ڪرڻ کي عيب نہ سمجهي، زندگي گذارڻ لڳو. پر جيئن تہ هنن کي ٻڌن وانگر مرڪز يا ادارا ڪونہ هئا. ان ڪري هر ڪو پنهنجيءَ راءِ مطابق هلڻ لڳو. هنن ۾ آواڳي ڪاهي پيئي، ۽ فائدي بجاءِ معاشري تي بار بنجي پيا. ۽ غمن کي غلط ڪرڻ لاءِ هڪ طرف منجهن ڪاهلي ڪاهي پيئي تہ ٻئي طرف نشي جي عادت پئجي وين.

(2) جيڪڏهن ڪن بزرگن آشرم يا خانقاهون قائم ڪري اُنهن وسيلي ماڻهن جي اخلاقي ۽ روحاني تربيت جو ڪم شروع ڪيو بہ هو تہ سندن وفات بعد اهي آوارا نسلن جي نسل شخصي بنياد تي هلڻ ڪري مستقل مفاد بنجي پيا. اڳين بزرگن جي نالي تي پونير هڪ طرف پلجڻ لڳا، تہ ٻئي طرف قبا ۽ زيارت گاهون بنائي، نيم بت پرستي وانگر اُنهن مان اُنهن اميدن ۽ توقعات جي پورائيءَ جا آسرا ڪرڻ لڳا. جي توحيد جي بنيادي روح جي خلاف هئا.

(3) ٻڌ ڌرم دنيا جي هر شيءِ جي بي ثباتيءَ جو عقيدو پيدا ڪري، ماڻهن کي زندگيءَ جي هر لمحي کي ڪارائتو بنائڻ جي تعليم ڏني هئي. اُن جو بنياد ڪرمن جي ڦل تي رکيل هئڻ ڪري، آئيندي حياتيءَ ۾ ملي جوڻ وٺڻ جو آسرو هو. پر جيئن تہ مسلمانن جوڻ کي نٿي مڃيو تنهنڪري هنن هن دنيا کي وڻ جي سايي ۾ آرام وٺڻ برابر سمجهي، مستقبل ۾ حورن ملڻ جي عقيدي موجب زندگي گذاري ٿي. نتيجو اهو ئي نڪتو تہ مستقبل جي موهوم بهشتي زندگي جي آڌار تي، هيءَ دنيا سستيءَ ۽ ڪاهلي ۾ گذاريائون ٿي. جنهن ڪري هن دنيا جي ڪاروبار ۽ صالح عملن جي اهميت گهٽجي ويئي.

(4) عبادت ۽ ذڪر ذريعي راهه نجات حاصل ڪرڻ جي عقيدي زور ورتو. عمل صالح ۽ صحيح خيالي طرف توجهه نہ ٿيو. ماڻهو ملن ۽ پيرن جي ڦندن ۾ ڦاسي پيا. فطرت الاهي کي رانديڪو سمجهي، ان کي عبادتن ۽ ذڪرن وسيلي تبديل ڪرڻ جو ويساهه گهر ڪرڻ لڳو.

www.sindhsalamat.com

جيئن تہ منهنجو مقصد ٻڌ ڌرم جي جملي تعليم جو ذڪر ڪرڻ نہ هو پر هتي صرف اهو ڏيکارڻ مقصود هو تہ هن عالمگير مذهب بہ سنڌين جي زندگيءَ تي پنهنجا اثر ڇڏيا آهن ـ جيتوڻيڪ سنڌن اڪثريت ملسمان ٿي چڪي آهي. غور ڪري ڏسبو تہ سنڌ جي ڪن مخصوص درويشن، جهڙوڪ، شاهہ عنايت، شاهہ لطيف، سچل سرمست ۽ ٻين ٻڌ ڌرم جي روشن پهلوئن مان گهڻو پرايو آهي. شاهہ لطيف جي ڪلام جي، رپ، ڪاهوڙيءَ، بروي سنڌيءَ، رامڪليءَ ۽ پرڀاتي سرن ۾ ان تعليم جا آثار ملن ٿا:

## سر رپ

(مقصد ۽ پرينءَ جي يادگيريءَ ۾)

گوندر گڏياس، صحت نيم سڄڻين،
مادر ماڙياس، قوڙائي پرينءَ جي!

لائي جو ويا، سو منجهيئي مچ ٻري
سو اُجهائي ڪئان؟ جنهن سوريندڙ سپرين!

چيتاريان چڻڪن، وساريان نہ وسري
ويورو تار ڏکن، سڄڻ، پڳي هڏ جيئن!

نهائينءَ ڪان ڏينهن، سڪ منهنجا سپرين!
سڙي سارو ڏينهن، ٻاهر ٻاڦ نہ نڪري

## سر ڪاهوڙي

(سچن فقيرن جو احوال)

ڏوٽي سا ڏورين، جا جوءِ سُئي نہ ٻڌي
پاسا متي پاهڻين، ڪاهوڙي ڪوڙين،
وڃا اُت وڙين، جت نهايت ناهہ ڪا!

www.sindhsalamat.com

ڪُپيريان پري ٿيا، آ پڌي پڌائون،
اُنين کي آئون، هينئر ڏسي آئيو!

ڏوري ڏوري ڏيهہ، ماءُ، ڪاهوڙي آئيا!
هين پيرين کيهہ، ڪُه ڄاڻان ڪنهن پار جي؟

جهنگل هليا، سي نہ پليا، راهہ هليا ڦرجن،
اوجهڙ سي نہ پون، ہيئي جنين چڏيون!

## سر بروو سنڌي

(محبوب جي ياد)

مون سارينديں سپرين، اڃين جي تون هاڻ،
ڪريان روح رهاڻ، لڪن منجهہ لطيف چئي!

ڪوئي ڪُنائون، اڄ پڻ اڪڙين سين،
ماس وراهي هليا، ڪرنگل چڏيائون،
"وَ توا صوا بالحق وتوا صوابالصبر"، انين اُتائون
مئي ماريائون، ڪلي گهايو سڄڻين!

ماڙهو گهرن مال، آءُ سپ ڏينهن گهران، سپرين،
دنيا تهين دوست تان، فدا ڪريان في الحال،
ڪيس نام نهال، پسڻ تان پري ٿيو!

ڪڏهن ڪونہ ٿيوم، آسارو تنهن عشق جو
محبوبن منٿون ڪري، سڪڻ سيکاريوم
تنهان پوءِ ٿيوم، پسڻ تنهن پرينءَ جو!

www.sindhsalamat.com

جڏهن پوي ياد، صحبت سپيريان جي،
فريادون فرياد، ناگه وڃن نڳيو!

منهنجي مداين جي، ڪل پريان پيئي،
ڪڏهن ڪوسا نه ٿيا، ڏوراپو ڏيئي،
ساجن سپيئي، ڏيکيم ڏول ڏلائيون!

## سر رامڪلي

(جوڳين جو حال)

نوري ۽ ناريءَ، جوڳيئڙا جهان ۾!
ٻري جن ٻاريءَ، آءُ نه جيئندي اُن ري!

واڄٽ ويراڳين جا مون وٽ وڏو مال،
مقالن مهند ٿيا، ڪونهي وتن قال،
حاصل جنين حال، آءُ نه جيئندي اُن ري!

نه ڪي ڪٽن ٻاڻ سان، نڪو ساٽن ٻاڻُ،
اهڙو جن اهڃاڻُ، آءُ نه جيئندي اُن ري!

نڪو "ناهه" ڪلهي ڪريءَ "هوندن" جنن مرهو
توکي ويس وڃائيو ويس وڃايو تو
سامي آهي سو جنهن ٻاڻ وڃائي ٻوءِ ڪيو!

لاهوتي لطيف چئي، سڌ نه ڪٽن ساڻ،
ايءُ آديسين اهڃاڻ جنن تعلق ڇڏيائون تڪيا!

www.sindhsalamat.com

بک وڏائون بگريين، جوڳي ڪندا جج،
طلب نہ رکن طعام جي، اوتيون پين اُڄ،
لاهوتين لطيف چئي، من ماري ڪيو مڃ،
سامي جهاڳي سڄ، وسُنهن کي ويجها ٿيا!

## سر پورب

(مشرقي محبت)

مٿي راهہ روان ٿيان، پورب پورياڻون،
هيءُ گهر گهورياڻون، آ ڳانڊاياڻون اڳيان،

پورب پر پيهي، تان مون گهٽو نهاريا،
سڌ نہ مڪي سڄڻين، جيهي ڪي تيهي،
هتا پرڏيهي، وڃائي وات ٿيا!

پورب ٿي ماريا، ڪنهن در ڏيان دانهڙي؟
متيون ڏيندي لوڪ کي، چري آءُ ٿياس،
جنين نہ جيهاس، مان لنءُ لڳو تن سين!

## سر پرياتي

تون پارس، آءُ لوهہ جي سڄيين تہ سون ٿيان!

صبوح جو سهاڳ، مڱڻهارن ماڻيو
ڏناڻون ڏاتار کي، وڏيءَ وير ڍهاڳ،
وس منهنجي ناهہ ڪا، سيڻن هٿ سهاڳ،
پرينءَ سين پهاڳ، مان نماڻي نصيب ٿئي!

www.sindhsalamat.com

## 3. جين ڌرم (جينزم)

سنڌ ۾ جن مذهبن جو اثر رهيو آهي، اُنهن مان ڪن جو مختصر ذڪر اڳ ۾ ڪري آيو آهيان. "ائنيمسٽ رليجن" (جاندار شين ۾ روحن جي اعتماد)، "اِن ائنيمسٽ رليجن" (غير جاندار شين ۾ روحن جي وجود) ۽ انهن جو ماٺهن جي قسمتن تي اثر، "تريمورتيءَ"، "ويدڪ ڌرم" ۽ "ٻڌ ڌرم" جي ـنڌ تي اثر جو بيان اڳ ٿي چڪو آهي. هاڻ پارت جي ٽئين مک ڌرم "جين" جو احوال پيش ڪريان ٿو جنهن جو سنڌين تي تمام گهڻو اثر رهيو آهي.

هن ڌرم جو باني مهاتما مهاوير هو. هن مذهب وارن جو چوڻ آهي ته اهو مهاتما مهاويرهن فرقي جو آخري پيغمبر هو جنهن کان اڳ هن ڌرم جا 23 ٻيا به پرچارڪ ٿي گذريا آهن. هن مهاتما جي پيدائش وارو زمانو لڳ ڀڳ گوتم ٻڌ وارو دور، يعني 500 سال ق. م جو زمانو هو. هيءُ پاٽنا (بهار) کان 37 ميل اُتر طرف "ڪنب اگرام" ۾ ڄائو هو. مهاتما گوتم ٻڌ وانگر هيءُ به هڪ راجا جو پٽ هو. هيءُ جڏهين ٽيهن ورهين جو ٿيو ته هن جا ماءُ پيءُ گذاري ويا. هن ٻارهن سال زهد ۽ تپسيا ۾ گذاريا. ڪجهه وقت تارڪ دنيا ٿي، ننگو گهمندو رهيو اُن بعد غور ۽ فڪر بعد هن کي علم لدني حاصل ٿيو. جنهن بعد 42 سال زنده رهيو ۽ 72 سالن جي عمر ۾ گذر ڪري ويو. هن "پارا" جي ڳوٺ ۾ "نروان پد" حاصل ڪيو ۽ مهاتما گوتم ٻڌ کان اڳ وفات ڪئي، جو زمانو اٽڪل 480 ق. م جو چيو وڃي ٿو. هن جا پوئلڳ ٻن مکيه فرقن ـ سوتيامبراس ۽ ڊيگامبراس ۾ ورهائجي ويا. هن جي پوئلڳن جو چوڻ آهي ته سندن رشين جو زياده توجهه ترڪ ۽ تپسيا تي هو ان ڪري مهاوير جا ڪيترا ڪتاب زماني جي بي ترسيءَ سبب بچي نه سگهيا. باقي جيڪي بچيا، سي به "مگڌي زبان" ۾ لکيل هئا، جن جو پوءِ "جين مهاراشتري زبان" ۾ ترجمو ڪرايو ويو. هن وقت هن مذهب جي باري ۾ ڪتابن جو چڱو ذخيرو ڪٺو ٿي ويل آهي. هنن جا متا، ٻن گروهن ۾ ورهائجي ويا:

هڪ جو توجهه زندگي جي مکيه مسئلن کي خيال ۽ فڪر جي ذريعي سمجهڻ لاءِ فلاسافيءَ طرف مائل ٿيو ۽ ٻئي جو تعلق ڪرم جي زندگيءَ سان رهيو.

جين فلاسافي جو بنياد شين جي حقيقت، مافوق الصبيعت ۽ نفسيات تي رکيو ويو. سندن عمل يا ڪرم جي زندگي، ٻڌ ڌرم جي پوئلڳن وانگر اخلاق جي درستي، زهد، خانگاهي يا آشرمي زندگي ۽ تارڪ الدنيا اصولن تي برپا ڪئي ويئي آهي. ٻئي درجي ۾ زندگيءَ جي ڪاروبار ۾ جدوجهد ۽ طريقه ڪار جا رستا ڏسيا ويا آهن، مثلن:

www.sindhsalamat.com

1. عملي زندگيءَ ۾ غلطي سرزد ٿيڻ کان بچڻ لاءِ کهڙا طريقا اختيار ڪرڻ گهرجن.
2. ڪرم جي زندگيءَ ۾ غلط تصورن ۽ خيالن کي دور ڪرڻ لاءِ جستجو ڪرڻي آهي.
3. صحيح زندگيءَ ۽ چڱائيءَ جي حصول لاءِ ڪهڙن طريقن اختيار ڪرڻ جي ضرورت آهي.
4. راهه راست جي زندگيءَ لاءِ ڪهڙيءَ ڪوشش جي ضرورت آهي.

هيءَ ڌرم فوق الفطرت (خدائي) ضابطن ۽ اختياريءَ کي رد ڪري ٿو ۽ ماڻهوءَ کي هدايت ڪري ٿو ته پنهنجو سڌارڪ پاڻ ٿئي. ٻئي تي ڀروسو نه رکي، ڀوءِ اهو ڪٿي ڪيڏو به اعليٰ قسم جو انسان هجي. هن ڌرم وارا "پاڻ سڃاڻڻ ۽ پاڻ تي تبضي رکڻ" جي تلقين ڪن ٿا. هيءَ ڌرم نروان پد يا نجات انساني. "خدا يا پرماتما جي فضل ۽ ڪرم يا بزرگن جي معرفت" حاصل ڪرڻ جو حامي نه آهي.

هنن جو زور صحيح الدماغي يعني "فڪر جي درستيءَ ۽ ڪرم جي صلاحيت" تي وڌيڪ آهي. مهاتما مهاوير چيو آهي ته " هو اڳين پيغمبرن جي هدايتن، ڌرمن جي قانونن، دستور العملن ۽ پيش ڪيل تعليمات کي رد ڪرڻ لاءِ نه آيو هو پر اُن جي ڀوئواريءَ ۾ حالتن جي تبديليءَ مطابق نئين تشريح لاءِ آيو هو."

مهاتما مهاوير ۽ مهاتما گوتم ٻڌ هڪ ئي زماني جا هئا. ۽ سندن تعليم ۾ گهڻي قدر هڪجهڙائي به هئي، اُن ڪري ٻنهي جي تعليم کي سمجهڻ لاءِ سندن مکيہ متا هيٺ ڏجن ٿا:

## مهاتما ٻڌ:

1. هن انسان ذات جي گڏيل اتحاد لاءِ محبت جو پيغام آندو هو.
2. هن محبت ۽ اتحاد جي حصول لاءِ هنسا (تشدد) کان پري رهڻ کي سچي مسئلي جي ڪنجي تصور ڪيو ٿي.
3. هن برهمڻ ڪلاس جي پيدا ڪيل جاتين، وهمن يا ڪريا ڪرمن ذريعي نجات حاصل ڪرڻ واري تصور کي رد ڪيو ٿي.
4. هن محبت، امن، خدمت خلق ۽ حسنِ اخلاق ذريعي نروان پد حاصل ڪرڻ جو رستو ڏسيو ٿي.

www.sindhsalamat.com

5. هن مذهب جي صحيح تعليم، تبليغ ۽ تربيت لاءِ ڀڪشو (تارڪ الدنيا) درويش پيدا ڪري، خانقاهون ٺاهرائي ڌرمي پرچار جو انتظام ڪرايو ٿي.

6. هيءُ ڌرم جيتوڻيڪ قديم هندو ڌرم جي ويدن ۽ اپنشدن جي بنياد تي برپا ڪيل ۽ اُن مذهب جي سڌارڪ سمجھائيءَ جي شاخ هو ليڪن ان جا پوئلڳ ويدن جي انڌي تقليد جي خلاف هئا. ۽ هر ڳالھ ۽ مسئلي تي غور بعد فيصلي ڪرڻ جا حامي هئا. يعني "خذما صفادع ماڪدر" (صحيح ڳالھ اختيار ڪريو ۽ غلط ڇڏي ڏيو) هنن ڪي برهمڻن وانگر ويدن جي انادي (ازلي) هئڻ ۽ انسان ذات جي جملي لائحہ حيات لاءِ مڪمل ڪوڊ هئڻ ۾ ويساھ ڪونہ هو. جيئن مسلمان، قرآن کي الاهي ڪلام ۽ مڪمل لائحہ حيات جو ڪوڊ تصور ڪن ٿا. تيئن هنن نٿي ڪيو.

## جين ڌرم (مهاوير):

هن جي فرقي "سويتامبرداس" جا ساڌو اڇو ويس پائيندا هئا. اُهي سنگا، يوگا ۽ ٻڌ ڌرم جي فلسفي تي بحث ڪري، پنهنجو نقطي نگاھ پيش ڪندا هئا. سندن تعليم موجب انساني روح، دنيا ۾ مسلسل جوڻن ۾ جنم وٺڻ سبب دک ۾ رهن ٿا. اُن ڪري جوڻ جي چڪر مان آزاد ٿي، نجات حاصل ڪرڻ، هنن جي فسلفي جو نقطي نگاھ هو. سندن چوڻ موجب اها نجات صحيح عام ذريعي حاصل ٿي سگھي ٿي. انهن ڳالهين ۾ هي تقريبن سنکيا، يوگا ۽ ٻڌ ڌرم جي ويچارن جا هم خيال هئا. پر سنسار جي جوڻ واري چڪر کان مڪتي حاصل ڪرڻ جي طريقہ ڪار ۾ جدا راءِ رکندا هئا.

مابعد الطبيعات جي فلسفي ۾ هو مٿي ڄاڻايل ڌرمن جي راين جا هم خيال هئا. اُنهن نظرين جي عقيدن موجب هنن جسم ۽ روح جي جدا وجودن کي قبول ڪيو ٿي. هنن جي راءِ موجب جسم ۽ روح هڪ مواد مان هئا. تفاوت صرف سندن جسم ڪسان مختلف اثرن هيٺ اچڻ ڪري پيدا ٿيو ٿي. هنن جي نقطي نگاھ موجب مادو لامحدود قسم جي فطرت جو حامل هو جو هر طرح جا رنگ بدلائي سگھيو ٿي. روح جدا جوڻيون ورتيون ٿي. تہ مادو بہ جدا شڪلين ۽ رنگن ۾ نمودار ٿيو ٿي. هنن جو روح بابت نظريو قديم "جاندار شين جي روحن جي اعتقاد" جي بنياد تي ٻڌل هو. هننجي خيال موجب ڪابہ شيءِ دائمي نہ هئي. روح، ديوتائون بلڪ خدا جو تصور بہ دائمي نہ پر عارضي هئا.

www.sindhsalamat.com

ٻڌ ۽ جين ڌرم وارا باوجود طريقي ڪار جي اختلافن جي "تارڪ الدنيا فقيرن جي گروهه" جي هدايتن موجب نجات حاصل ڪرڻ جي حامي هئا. اُن ڪري ڪيترا مغربي عالم جينن کي ٻڌ ڌرم جي شاخ سمجهڻ جي غلطي ڪرڻ لڳا هئا. ان ڪانسواءِ مهاتما گوتم ۽ مهاتما مهاوير همعصر به هئا.

جين مذهب- سنڌن پوئلڳن جي چوڻ مطابق- آبدي ۽ ازلي هو. اُپنشدن جو چوڻ هو تہ "وجود ڪل" ازلي ۽ ابدي هو. يعني بنا شروعات. پڇاڙي ۽ تبديليءَ جي هو. ان جي مخالفت ۾ هنن جو چوڻ هو تہ وجود دائمي ۽ اڻ تبديل ٿيندڙ نہ هو. بلڪ روح پڻ پيدا ٿيڻ بعد هلي، جوٽيون متائي، نيٺ "ڪل" ۾ فنا ٿيڻ وارا هئا:

هي سڀ هلڻ هارا، ڪونہ رهندو ڪو هت جيڏيون. (شاهہ)

اُن کي هنن "وجود جي غير مقرر هئڻ جو نظريو" سڏيو ٿي، جنهن مان سنڌن مطلب اهو هو تہ موجوده شيون، دائمي رڳو نفس مضمون سبب هيون. پر سنڌن لياقتون ۽ قسمتون بدلجي، ختم ٿيڻ واريون هيون. مثلن: مٽيءَ جي صورت تہ ديرپا رهي سگهي ٿي. ليڪن اُن جون لياقتون ۽ شڪليون تبديل ٿيندڙ آهن. مٽي دائمي رهي سگهي ٿي، پر اُن مان ٺهيل سرون، ٺانوَ رنگ ۽ صورتون بدلجي ختم ٿي سگهن ٿيون. برهمڻن جي نقطي نگاهہ وارو وجود، "هستي مطابق" سان واسطو رکندڙ هو پر جين وارن جو عقيدو عام تجربي واري وجود جو هو.

هنن جو ٻيو فرقو "ڊيگامبراس" اگهاڙو ۽ ناڱو ٿي گهمندو هو. جن جا مکيہ متا هيٺيان هئا:

1. اهنسا يا عدم تشدد (جيو-هتيا کان پري رهڻ) جا حامي هئا.
2. دنيا جي هر شيءِ جي بي ثباتي ۾ اعتقاد رکڻ ڪري اُن مان دل لڳائڻ جي خلاف هئا.
3. هڪ هنڌ رهڻ بدران پکين وانگر سدائين سيلاني ٿي گذارڻ هنن جو اصول هو. چو تہ سنڌن چوڻ موجب، هڪ هنڌ رهڻ سان لاڳاپا ۽ موهہ پيدا ٿيو پون.
4. سفر دوران تيرٿ- ياترائون ڪري مکيہ ويراڳين کان تعليم ۽ تربيت حاصل ڪرڻ بہ ضروري ڄاڻندا هئا.
5. دنياوي ڪاروبار ۽ ان سان واسطيدارن شين سان دل لڳائڻ بہ سنڌن متي موجب موهہ ۽ لاڳاپا پيدا ڪندڙ هئا.

جڏهن ٻڌ ڌرم وارن جو برهمڻن جي مقابلي ۾ اثر گهٽجڻ لڳو هو تہ سنڌ ۾ جينن جو اثر نہ گهٽيو. اُن جا هيٺيان سبب هئا:

www.sindhsalamat.com

1. جيين ڌرمر مخصوص حدن ۾ ماڻهن تائين محدود هو جنهن ڪري هيءُ مذهب سان چٽاڀيٽيءَ کان بچيو رهيو ٿي.

2 هن ڌرمر جا پوئلڳ هڪ هنڌ يا هڪ شهر ۾ نہ ٿي رهيا. هنن جا مندر ۽ مڪان جبلن ويران جاين ۽ جهنگلن ۾ هئڻ ڪري، سنڌن مذهبي ماڻهن سان تصادم نہ ٿي ٿي سگهيو. اُن ڪري هنن ۾ ٻڌ ڌرم ۽ برهمڻن وانگر مستقل مفاد (لاڳاپا) پيدا نہ ٿي سگهيا. هنن عيسائي راهبن وانگر تارڪ الدنيا زندگي گذاري، لوڪ ۾ لڪي پئي وقت گذاريو. سنڌ ۾ عربن جي اچڻ ۽ مسلمانن جي اثر پيدا ٿيڻ بعد ٻڌ ڌرم سواءِ پنهنجي اثر ۽ آثار قديم ڇڏڻ جي دين منظر جي حيثيت وڃائي چڪو هو. پر جيين ڌرمر وارا هن طرف دين منظر جي صورت ۾ نہ آيا هئا، اُن ڪري چٽاڀيٽيءَ کان بچيا رهيا. ايتريقدر جو صوفي شاهه عنايت (شهيد)، شاهه لطيف، روحل فقير ۽ سچل سرمست واري زماني ۾ بہ هنن جو سنڌ جي صوفين تي ڪافي اثر هو.

هيءُ مذهب، جيتوڻيڪ پاٽنا (بهار) جي طرف کان شروع ٿيو هو ليڪن اُن جا ڪيترا مرڪز سنڌ ۾ هئڻ ڪري، اُن جي پوئلڳن جي هن طرف اچ وڃ پئي ٿيندي هئي. هنن جي هڪ ياترا، لسبيلي طرف "هنگلاج" هئي، جنهن ڪري اڪثر ياترائن خاطر سنڌ مان پيا لنگهندا هئا. سنڌن ٻيا مرڪز گرنار ڪڇ، گنجو ٽڪر ۽ مڪلي (ٺٽي جي پر ۾) هئا، ۽ هنگلاج سنڌن آخري منزل هو. مڪليءَ جو نالو بہ سنڌن هڪ فرقي ڊيگامبراس جي نالي کان پيو جنهن جو بيو نالو مٺڪلا بہ هو. اُنهن مرڪزن تي تارڪ الدنيا فقير گوشي نشينيءَ جي زندگي پيا گذاريندا هئا.

ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ شاهه لطيف بہ زندگيءَ جو چڱو عرصو اُنهن سان گذاريو هو ۽ سنڌن تعليم ۽ طور طريقن مان گهڻو ڪجهہ پرايو آهي. اُنهيءَ ڪري هن اُن ڌرم جي مختلف سلسلہ طريقت وارن جو ذڪر بہ پنهنجي ڪلام ۾ ڪري، سنڌن نالا ڏنا آهن. جهڙوڪ: جوڳي، سنياسي، گوڙيا، نانگا، ڪن ڪٽ، ڪاپڙي، ڪاهوڙي آڌوتي جنگم، آديسي، لاهوتي، اويسي، ويراڳي، سامي، بيڪاري، لاڱوٽيا، ڪاپٽ وغيره. شاهه صاحب جي سر ڪاهوڙي، پورب ۽ رامڪليءَ ۾ انهن جو بيان اچي ٿو:

## سر ڪاهوڙي

ڪاهوڙي خفيءَ سين، سوجهي لڌو سبحان،
عاشق اهڙي اڪرين، لنگهيا لامڪان،
"هو" ۾ گڏجي "هو" ٿيا، بابو جي بريان،
سيڙئي سبحان، آيو نظر اُنهن جي!

www.sindhsalamat.com

مون سي ڏٺا ماءِ، جنين ڏٺو پرينءَ کي،
تنين سندي ڪاءِ، ڪري نہ سگهان ڳالهڙي!

ويئون پب پٺا، ڪيرون ڪاهوڙين جون،
آءُ تن ڏوٿين جو پڇان پير پهي،
رڃن رات رهي، ڏونگر جنين ڏوريا!

ڪٿن نہ ڪيڪان[1] -پنڌ پراهين هليا،
ڏوٿيڙا ڪنهن ڏت جا، جنبيا ڏاهه جايان،[2]
ڪاهوڙين اُهڃاڻ، انگ نہ سڄي اڳڙي!

سڪا منهن سندن، پيرين پراٽا ڪيترا،
سا جوءِ ڏوري آئيا، سونهان جت مُنجهن،
ڳجها ڳجهيون ڪن، تهان پراهين پنڌ جون!

جت نہ پکيءَ پير، تتي ٽمڪي ٻاهڙي،
ٻاريندو ٻيو ڪير، ڪاهوڙڪيءَ ڪير ري!

پيئي جنين ٻاس، گنجي ڏونگر گام جي،
ڇڏي سڀ لباس، لوچي لاهوتي ٿيا!

ڏسي، ڏوري ڏونگرين، واٽ وڃائي جن،
ڪرندان ڪي پروڙيو رندان سي نہ رڙهن،
ٻئو دار ديون ڪريو پيرت تان نہ پڇن،
ڏوڙ پريان لءِ ڏار ڪيو ويچارا وڃهن،
خبر ڪاهوڙين، آهي لڪ لاهوت جي!

---

1. گهوڙا، وهٽ.
2. ڪوهستان جو مڪان.

www.sindhsalamat.com

## سر رامڪلي

ڳوليان ۽ ڳنڌيان، ويا ويراڳي نڪري،
صحبت جي سنديان، آءٌ نه جيئندي اُن ري!

قدم ڪاپڙين جا، لڳا ۾ لاهوت،
جين سين ياقوت، آءٌ نه جيئندي اُن ري!

پاٿهي ويئا پار ۾، پر ۾ پرياٽين،
هو جي هلڻ سنديون، ڳالهيون ڳالهائين،
ويڄ وڃائين، آءٌ نه جيئندي اُن ري!

ويهي ويراڳين جو ٻئي ڏينهن ٻڌم حال،
اُن جا ڏاڍا ڏوڙ ڀڪليا، جاڳوتا زوال،
تن جاٽي جتائون چڏيون، چوتا چگيءَ چال،
ويچارا وجود جي، ڪنهن سان ڪن نه ڳال،
نانگا ٿيا نهال، لڪا ٻڌن لوڪ ۾!

پريا ڪنهن پرياڻ ۾، ڇهين ڏينهن ڇٽي،
اندر آديسين ڪي، ڏريان ٿي ڏٽي،
بري پاڄهارا ڪيا، ڪانئي خاڪ ڪٽي،
پينو پنج ڪٽي، لڪا ٻڌن لوڪ ۾!

ڪن ڪت، ڪاپت، ڪاپڙي ڪنوٽيا، ڪن چير،
سدا وهن سامهان، عاشق اُتر هير،
تسا ڏيئي تن ڪي-ساڙيائون سرير،
جي فنا ٿيا فقير، هلو تڪيا پسون تن جا!

سامين سمر سور، گوندر گبرين ۾،
جيئري ٻڌائون جان ۾ پيغامن جا پور،
آديسي آسرو وڃائي واٽ ٿيا!

www.sindhsalamat.com

جي پائين جوڳي ٿيان، تہ سڳ سيئي تورڻ
جي چاوا نہ چاپندا، جيءَ تنين سين جوڙ
تہ تون پهچين تورڻ محبت جي ميدان پر!

جي پائين جوڳي ٿيان، منهن پر منڊا پاءِ
ڪنين ڪين وجائيو ڪوڙين ڪڪر وڏاءِ
ڇڏ چادر ٻڌ چمڙا، جتي تو نہ جڳاءِ
تہ ساميڙا سندياءِ، ڳر وٽ ڳلا نہ ٿئي!

جا جياري جوڳئين، سا ماڙهن مصيبت
سامين سور صحت، جي پوربيا پروڙئين!

جوڳي ٿين تہ يار، ڪنهين سين قريب ٿي
مان ملاقي اُن سين، جن "پورب جي پرچار"،
اُٿ ٿي پهر اُن جي، "ناني" ڏانهن نهار
لائي ريا لطيف چئي، اندر منجهہ اپار
سامين ساڻ ستار لاهوتي لال ٿيان!

هي ڪن ڳاڏها وڪٽي، ٻيا ڪي ڪن ڳنهيج،
تني سين سٽيج، سپريان جي ڳالهڙي!

"مونا طور سينا"، سندا سنياسين،
پورب ڪنيو نہ پاڻ سين، بود بيراڳين،
رڌا آهي راز جي، اوچڙ آديسين،
ترب ڪاپڙين، تنهن چوٽي سين ڍڪيو!

جوڳي ڪنڌ ڪپاءِ، ڪن ڪپاٽ ميرڪي
صحبت تنهنجي سيد چئي، سامين وٽ سهاءِ
"يهدي الله بنوره من يشاءَ"، ائين اُنين لءِ آهہ
اِيءَ تنين جي جاءِ "جن ٻيئي جڳ ڇڏيا"!

www.sindhsalamat.com

جن اُجهيو تن نه ٻجهيو ويٺي گڏين وير،
وري ڏنائون ڏک سيمن، پاڻ منجهائون پير،
لٽو تن لطيف ڇٽي، جسي جو جنجير،
ڪين ڏنو هو ڪاپڙين، ڪابل ۽ ڪشمير،
سچ جنين جو سير، ان گر ويٺي ٿي گڏيو!

نااُميدي آجڪو اوڇڻ آڏيسين،
سدا سک وسن، طالب، او تقدير تي

ناڱن ڪين نمائيو ناٿ نمايو ”نينهن“،
مڙهين اُنا مينهن، جوڳيان سنديءَ ذات تي!

پنن ڪين پٽ ڪٽي، گهرن ڪين گهران،
مهيسي مخلوق جي اُپين دور دران،
پڇن ڪوه ”شرعا“، جه اندر ”عدالت“ اُن جي!

لانگوٽي لاهي وانءِ ويراڳين سامهون،
ٻڌ سورن جو سندرو منجهان سڪ ساهي،
اَنين وٽ آهي ”اوڇڻ ڳالهه اُگهاڙ جي!“

لنگ ڪييائون لانگهه موتي ڪن نه مسجو
جا ”اِسلامان اڳي هئي“. سا سڻائون بانگ،
سامي ڇڏي سانگهه گڏيا گورکناٿ کي!

اڄ نه اوطاقن ۾ سندي جوڳيان ذاتِ،
ساري سنياسين کي رُنم ساري رات،
تن جنين جي تات ـ سي لاهوتي لڏي ويا!

نه گندا، نه گبري نه لانگوٽي لڪ،
جيڏانهن پرين وڪ، تيڏانهن سچڻ سامهون!

www.sindhsalamat.com

گل گل پسي، گوڏڙيا، گهٽا نہ پائنيج!
سوئي سڃاڻيج، هي هو آهي هيڪڙو!

جتي عرش نہ اُپ ڪو زمين ناهہ ذرو
نڪو چارو چنڊ جو نڪو سج سرو
اُتي آديسين جو لڳو دنگ دڙو
پري پيين پرو ناٿ ڏناٺون "نانهہ" ۾

## سر پورب

متي راهہ روان ٿيا، پورب پوريائون،
هي گهر گهوريائون- آڳانديائون اڳيان!

پورب ۾ پيهي، مون تا گهٽو نهاريا،
سڏ نہ مڪي سڄڻين، جيهي ڪ تيهي،
هٿا پرڏيهي، وڃائي وات ٿيا!

"پورب مارياس" . ڪنهن در ڏيان داتهڙي
متيون ڏيندي لوڪ کي، چري پاڻ ٿياس،
جنين نہ جيهاس، مان لنءُ لڳو تن سين!

"بيدل فقير" پڻ فرمايو آهي تہ:

سپ چڏيائون سانگ، ڪندا ڪوهہ نماز کي،
جيڏانهن عالم آسرو تيڏانهن ڪن نہ تانگ،
نڪي پرين ڪلمو نہ ڪي پڏن پانگ،
لاهَوتي بي لانگ، عدم کان اڳي ويا!

حقيقت ۾ هڪ ٿيو ڪفر ۽ ايمان،
مظهر مولا پاڪ جو هندو مسلمان،
تارا ڪيا تالان، سورج سندي سوجهري

www.sindhsalamat.com

حقيقت ۾ ٿيو نُوري ۽ ناري
دين، ڪفر آهن ٻئي، هڪ وڻ جي ٽاري
حاذق هشياري، رکن اِنهيءَ رمز جي!

## 4. زراسترزم (زردشتي ڌرم)

هيءَ مذهب، آرين مذهب جي شاخ هو جنهن کي مهاتما زردشت، "ويدن" ۽ "اويستا" جي بنياد تي نئين انداز سان ايران ۾ پيش ڪيو هو. سنڌ ۽ ايران جا گهڻي وقت کان وٺي لاڳاپا رهندا آيا هئا. دراويدن کان پوءِ ٻنهي ملڪن ۾ آرين جو اثر رهيو. سنڌ تي ڪيترين صدين تائين ايراني تلسط رهيو هو. انهيءَ وقت کان وٺي زردشتي عقيدن جو سنڌ ۾ اثر پڪڙيو. ڪن هنڌن تي آتشڪدا بہ برپا ڪيا ويا هئا. سورج جي پوڄا، جا زراسترزم جو مکيہ عقيدو هئي، سنڌ ۾ گهڻين جڳهن تي ٿيڻ لڳي. "ڀنڀور"-ٻن پورا جو شهر- سورج ديوتا جي نالي تي ٻڌايل هو.

هن مذهب جو بنياد وحدت جي اصول تي برپا ٿيل هو اُن ۾ ظاهر ۽ باطن جي حقيقت کي مدنظر رکي، هر شيءِ جا ٻہ پهلو ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. هڪ طرف نور (روشني) تہ ٻئي طرف ظلمات (اونده) هئي. هڪ طرف سچ هو تہ ٻئي طرف ڪوڙ هو. هڪ طرف مادو هو تہ ٻئي طرف روح هو. ان نقط نگاهہ کي ايتري تہ باريڪ بينيءَ سان ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي، جو فوق الفطرت طاقت (خدا) کي سندس ٻن صفات- اهر مزد ۽ اهر من-جي نالن سان سڏيو ويو. جن مان هڪ "چڱائيءَ طرف ڇڪيندڙ طاقت" هئي، ۽ ٻي "شر طرف ٿيندڙ طاقت" هن ۾ فلسفي اضداد (مقابلي) کي اهڙي تہ عمدي پيرايي ۾ پيش ڪيو ويو جو اُن مان ڪيترن مذهبن جي پوئلڳن اسفادو ورتو. هندن "سنگيا" جي سمجهاڻي، اُنهي جي آڌار تي پيش ڪرڻ جي ڪوشس ڪئي؛ ۽ مسلمانن اِن جي بنياد تي "وحدت الشهود" جو فلسفو برپا ڪيو. ويدانت ۽ وحدت الوجود جي فلسفي محض عبادتن، ڪريا ڪرمن، منترن اُچارڻ، وظيفن ڪيڻ، جزا ۽ سزا، بهشت ۽ دوزخ ۽ شريعتن کي بي معنيٰ ۽ بيڪار سمجهڻ جو رجحان پيدا ڪري، ظاهر ۽ باطن جي مسئلن ۾ هڪ قسم جو مونجهارو ۽ تصادم پيدا ڪري ڇڏيو هو- اُن کي سلجهائڻ لاءِ هن نظريي، مذهبن جي عقيدن ۽ عملن جي اختلاف

www.sindhsalamat.com

کي دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. جيڪڏهن "ارسطا طاليس" پنهنجي فلسفي ۽ فڪر لاءِ زراسترزم مان استفادو ڪيو هو ته "عربن" پڻ دين اسلام کي اِن نظريي ماتحت هلائڻ لاءِ گهٽي ڪوشش ورتي.

ٻئي طرف هن فلسفي "دوئيءَ" جو بنياد وڌو. اشيائي عالم کي برتر ۽ ڪمتر جي صورت ۾ پيش ڪيو. محبت ۽ نفاق کي مد مقابل ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي. ۽ نور ۽ اونڌهه کي جدا ڪري ڏيکاريو.

سنڌ ۾ وحدت الوجودي يا ويدانتي فلسفي جي درويشن جو زور هو. پر هندستاني سياست جي اثر هيٺ خواجه غلام احمد سرهنديءَ شريعت اسلاميءَ جي نالي ۾ مسلمانن جي برتري ڏيکارڻ لاءِ هندن ۽ مسلمانن ۾ جيڪو نفرت ۽ نفاق جو ٻج پوکيو اُن سنڌ ۾ به اثر ڏيکاريو. سنڌ ۾ سندس شاگرد ملا محمد هاشم ٺٽوي ۽ ٻين جيڪا نفرت ۽ نفاق جي لهر پيدا ڪئي. سا سرهندي پيرن جي رهبري هيٺ، ظاهر بيني، شريعت ۽ تصنع جي بنياد تي گهڻو وقت هلندي رهي.

ڪلهوڙن جي دور ۾ اُن وڏيڪ زور ورتو جنهن ڪري صوفي فقيرن کي مجبور ٿي چوڻو پيو ته:

هڪ هندو ٻيا مسلمان، ٽيو وچ وڏائون وير،
اندّن اونڌهه نه لهي، تن کي سچ چوندو ڪير،
روحل راهه پرينءَ جي، گهمي ڏنوسين گهير،
ته رب مڙني ۾ هيڪڙو تنهن ۾ ڦند نه ڦير،
سا ڪاڏي ڪندي پير، جا ستي ڪعبي وچ ۾!

(روحل فقير)

شاهه لطيف، سچل سرمست، روحل فقير، بيدل، مصري شاهه ۽ ٻين بزرگن اسلام جي نالي ۾ پيدا ٿيل اِن دوئيءَ جي تعليم کي گهٽائڻ جي گهٽي ڪوشش ڪئي هئي:

سو هي، سو هو سو آجل، سو الله،
سو پرين، سو پساهه سو ويري، سو واهرو!

پڙاڏو سو سڏ، ور وائيءَ جو جي لهين،
هئا اڳهين گڏ، پر ڀڏڻ ۾ ٻه ٿيا!

(شاهه)

www.sindhsalamat.com

گهڻو ڪري جملي مذهبن جي ڪٽر شريعتي فرقن. هن نظريي مان سبق ونئي، دينن کي اتحاد ۽ محبت جي عيوض نفاق ۽ نفرت جو مرڪز بنائي ڇڏيو. هن مذهب ۾ اڳتي هلي، ٽي شاخون (1) مزدهڪ (2) مترا ۽ (3) ماني پيدا ٿي پيون. اُنهن جي تشريح ۾ جي اختلاف هئا. تن جي سمجهاڻيءَ لاءِ هر هڪ جو ذڪر ڪريان ٿو:

## مزدهڪ:

هن مذهبي شاخ جو باني، مزدهڪ ولد بامراهه ايران جي سوسانيا علائقي جو رهاڪو هو ۽ پنجين عيسوي صديءَ ڌاري پيدا ٿيو هو. ساساني حڪومت جي وقت ۾ گهڻي طاقت ورتائين. ايران جو ساساني شهنشاهه "ڪواد"، جو 488ع ۾ تخت تي ويٺو سو هن جي خيالن جو همدرد هو. پر جنهن صورت ۾ صدين کان وٺي ايران جو سرڪاري مذهب "زردشتي ڌرم" رهيو هو، مذهبي معبد ۽ حڪومت جا امير اُن مذهب جا پوئلڳ هئا. اُهي مستقل مفاد بہ پيدا ڪري ويا هئا. تنهنڪري باوجود شهنشاهه جي سرپرستيءَ جي، امير طبقي ۽ مذهبي معبدن اُن جي سخت مخالفت ڪئي، ڇو تہ هن نئين مذهب جا عقيدا سندن مفاد جي خلاف هئا. اُنهن شهنشاهه کي مزدهڪ جي خيالن جو سمجهي، تخت تان لاهي ڇڏيو ۽ اُن جي جاءِ تي "جماسپ" نالي امير کي تخت تي ويهاري حڪومت جون واڳون اُن جي حوالي ڪيون. پوءِ بنهي مذهبي فرقن جي وچ ۾ اختلاف هلندو آيو. مزدهڪ عقيدي وارن وري "ڪواد" جي پٽ کي گاديءَ تي ويهارڻ لاءِ جدوجهد ڪئي، ۽ زردشتين اُن جي عيوض "شهزادي خسرو" کي تخت تي ويهارڻ جي ڪوشش ڪئي. اِن خانہ جنگيءَ ۾ هزارين مزدهڪي پوئلڳ قتل ٿي ويا. اِن جنگ ۾ خود "مزدهڪ" بہ مارجي ويو.

هن فرقي جا مکيہ متا هيٺيان هئا:

1. جنهن صورت ۾ ملڪ ۾ مختلف قبيلا رهندڙ آهن، اُنڪري هر هڪ ايراضيءَ ۾ زمين ۽ ٻي ملڪيت، سموري قبيلي جي ملڪيت شمار ٿيڻ گهرجي. سموري ملڪيت ٿي چند اميرن ۽ مخصوص طاقتور ماڻهن جي قبضي بدران، ان کي ملڪ جي مڙني قبيلن جي عوامي مفاد لاءِ "گڏيل ملڪيت" طور ڪتب آڻڻ گهرجي. چند ماڻهن کي ملڪيت جي استحصال ڪرڻ جي اجازت ڏيڻي نہ آهي.

www.sindhsalamat.com

2. جنهن صورت ۾ جملي ماڻهو ذات پات جي تفاوت کانسواءِ هڪ ئي خدا جا پيدا ڪيل آهن. تنهن ڪري اُها اُن جي مرضي آهي تہ اُن سموريءَ ملڪيت کي سڀني ماڻهن جي بقا ۽ پرورش لاءِ "مجموعي پلاٽي" طور ڪتب آڻڻ کپي. زمين جملي ماڻهن جو گڏيل ورثو آهي.

"ان الارض الله" يعني "بيشڪ زمين خدا جي ملڪيت هئي . وارو خيال پڻ ان نظريي جو مرهون منت هو. پر مسلمانن اِن جي تضاد ۾ ذاتي ملڪيت جي اداري جي حمايت ۾ چيو تہ ".يو رثها من عبادي الصالحون"۔ يعني " (خدا) اُن (ملڪيت) جو وارث پنهنجي صالح بندن کي ڪري ٿو." "صالح" لفظ جون مختلف معنائون ڪڍيون ويون هيون. ڪن جو چوڻ هو تہ "صالح ماڻهو اُهو هو جو طاقتور هو." اُن جو بنياد "تنازع للبقا" (SURVIVAL OF THE FITTED) جي نظريي تي رکيو ويو ٿي، جنهن موجب، هر ڏاڍي حڪومت ۽ ملڪيت جو وارث بڻجڻ جو حقدار ٿي سگهيو ٿي. ليڪن ٻين جو چوڻ هو تہ "جسماني قوت واري مضبوطي، حيواني قانون آهي. انسان جي بهترين لياقت ۽ صلاحيت، صالح اخلاق، صحيح عقيدن ۽ اتحاد ۽ محبت ۾ مضمر آهي." پر جنهن صورت ۾ قدرت، حسن ۽ عقل لاءِ ڪنهن کي سڪايو ڪونہ هو اُن ڪري ان نقطي نگاهہ کان هر ڪو پنهنجي معنيٰ ڪڍي، زمين جي وراثت ۽ اُن مان ٿيندڙ پيداوار جو پاڻ کي حقدار سمجهڻ لڳو. تنهن ڪري اِڳتي هلي اِن مسئلي جو فيصلو معاشري جي حوالي ڪرڻ مفيد سمجهيو ويو. اُن موجب سوسائٽيءَ جي ڪثرت راءِ کي اختيار ڏنو ويو هو تہ اُهي شاهوڪار ۽ اَمير کان سندن قبضي ۾ آيل ملڪيت کي، غريبن عوام ۾ ورهائين. اهو اصولي طور ڪم و بيش اڄڪلهہ جي " ڪميونزم " جي نظريي کي ويجهو آهي، ۽ سماج ۾ ذاتي ملڪيت جي مروج ٿيڻ کانپوءِ اُنجو پهريون پيغمبر مزدڪ هو جنهن جو چوڻ هو تہ " هر هڪ ماڻهوءَ کي ملڪيت جو هڪ جيترو حصو ورهاڱي ۾ ملڻ گهرجي."

مزدڪ فرقي جا پوئلڳ هڪ وقت ۾ اهڙا طاقتور ٿي ويا، جو جتي جتي صورت ۾ شاهوڪارن جي گهرن ۾ گهڙي، سندن مال دولت، ويندي زال ۽ زمين سميت کي، عام ماڻهن ۾ ورهائيندا هئا.

جنهن صورت ۾ عرب ان زماني ۾ ايرانين جي ماتحت ۽ لاڳاپي ۾ هئا، ان ڪري اِنهن خيالن جو مٿن بہ اثر ٿيو ٿو ڏسجي. جڏهن عرب مسلمان ٿي، ٻين ملڪن ۾ قومن تي پنهنجو سامراج قائم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا، تہ هنن بہ اُن

www.sindhsalamat.com

نظريي مطابق ٻين ملڪن جي ماڻهن جي دولت، زالون ۽ مرد زوريءَ قبضي ۾ آڻي، پنهنجي قومي (عربي) مفاد ۽ عوام لاءِ ڪتب آڻڻ شروع ڪيو.

مزدڪين ۽ عرب مسلمانن ۾ تفاوت اهو هو ته مزدڪين حاصل ڪيل ملڪيت کي ساڳئي ملڪ ۽ قوم جي ماڻهن ۾ ورهائڻ ٿي گهريو. ليڪن مسلمان عربن اُن کي عربي مفاد لاءِ ڪتب ٿي آندو. اُن ڪري "مزدڪي نظريو"، "جديد ڪميونزم" کي ويجهو هو ۽ اُن جي برعڪس مسلمانن جي پاليسي سامراجي ذهنيت تي ٻيڌل هئي.

مزدڪ، زردشت ۽ زنداوستا جي بنيادي اصولن جو مخالف نه هو. پر سندس تشريح ايران ۾ صدين کان مروج زردشتي شريعت جي خلاف هئي. اُن ڪري ٻنهي ۾ تصادم ٿيو ۽ ايران جي مستقل مفاد سامراجين هن فرقي کي ختم ڪرڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪري ورتي ۽ حڪومت ساڳي طرح جاگيردار ۽ مستقل مفاد جي هٿن ۾ هلندي آئي.

## متراازم

هيءُ فرقو به آرين مذهب جي زردشتي ڌرم جي شاخ هو. " مترا " لفظ "مهر" مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "سورج". اڪثر قديم مذهبن ۾ سورج کي سڀ کان وڏو ۽ طاقتور ديوتا ڪري مڃيو ويندو هو. مصر ۾ "اوسيرس" کي سورج جو ديوتا ڪري مڃيو ويندو هو جو سندن تثليث جو پهريون خدا هو ۽ وڏي اهميت رکندڙ هو. بابل ۾ "بيل" ديوتا، سورج جي نمائندگي ڪندو هو. اُن ڪري بابلي تهذيب جو سمورو مدار نظام شمسي ۽ نجوم جي آدار تي رٿيو ويو هو. ايران بابل جي پر ۾ هئڻ ڪري، ڪنهن وقت اُن جي اثر هيٺ هو. جنهن ڪري اُتي به "شمس" يا "مهر" کي مکيه ديوتا سمجهي، ان جي پرستش شروع ٿي. هن طرف سنڌ ۽ هند ۾ سورج ديوتا "برهما" جي صورت اختيار ڪئي.

"سورج" روشني ۽ گرمي پيدا ڪري ٿو. "روشني يا نور کي علم هدايت، راهه راست ۽ سچ جو نشان تصور ڪيو ويجي ٿو. اُن جي خلاف اونده (ظلمات)، گمراهي ۽ ڪوڙ سڀ اهرمني يا شيطاني صفتون شمار ڪيون وڃن ٿيون.

"گرمي"، زندگيءَ جي محرڪ آهي. جي گرمي نه هجي ته ماڻهو حيوان ۽ نباتات زنده رهي يا پيدا ٿي نه سگهن. تنهن ڪري مخلوقات جي پيدائش پرورش جو مدار "سورج" تي رهي ٿو.

www.sindhsalamat.com

پارسي مذهب جي پهرئين باني مهاتما زردتشت، پنهنجي "زنداوستا" ۾ "مترا" ۽ "اهر مزد" کي گڏ ڏيکاريو آهي. اڳوڻن ايراني شهنشاهن مان، جي زردتشتي مذهب جا پوئلڳ هئا، داريوس ولد هستاپس (485 ق.م) ارتاگرگس (358 ق.م) ۽ سوسا ۾ دارتا گرگس بن اوڪوس (337 ق.م) جي قبن تي "اهر مزد" سان گڏ "مترا" جا نشان بہ ڏنل آهن.

اڳي "شينهن" کي "سورج ديوتا" جو نمائنده جانور ڪري شمار ڪيو ويندو هو. هن وقت بہ ايراني (پارسي) جهنڊي تي "شينهن ۽ سورج" جون شڪليون، "اهر مزد" ۽ "مترا" جي قديم روايت جي نشاندهي ڪن ٿيون.

آثار قديمہ مان هٿ آيل هڪ تصوير تي ڏيکاريل آهي تہ "شينهن ڍڳي کي ماري رهيو آهي" ان جي معنيٰ اها آهي تہ شينهن سورج جو نمائندو آهي ۽ ڍڳو زمين جو نشان آهي، جنهن جو مطلب اهو نڪري ٿو تہ سج زمين تي غالب آهي، ۽ جڏهن سج جا ڪرڻا زمين تي پون ٿا ۽ زمين اٿين ان جي اثر ۾ اچي ٿي، تڏهن ئي حيوان ۽ نباتات پيدا ٿين ٿا.

اهي خيال اصل ۾ مصر ۽ بابل کان ورتل هئا، جي پوءِ ايرانين ۽ سنڌين تي اثر انداز ٿيا.

مترا جو فرقو آهستي ڪري پوءِ يونان ۽ روم طرف وڌيو ۽ انهن جو مذهب بڻيو جنهن مان پوءِ ڪيترين ڳالهين "ڪرسچنٽي" (مسيحت) اُڌاريون ورتيون. "غار مان ديوتا جو نمودار ٿيڻ، ڪنواريءَ مان يسوع مسيح (خدا جي فرزند) جو پيدا ٿيڻ ۽ "گهيٽي جو نشان" وغيره. ڪرسچنٽيءَ، مترائزم کان حاصل ڪيا آهن.

اڪثري مذهب ابتدا کان وٺي ڪيترين ڳالهين هڪ ٻين کان وٺندا ۽ پرائيندا آهن. سوسائٽيءَ يا معاشري جي تبديليءَ ۽ ارتقا سان تهذيب ۽ مذهب، هڪٻين کان سکندا ۽ اڌاريون ڳالهيون وٺندا آهن.

چٽائي نظر ڪبي تہ "مترائزم" جا اثر سنڌي تهذيب ۽ مذهب تي بہ ڪافي پيا آهن.

## مانيزم

ايران جي مکيہ زردتشتي مذهب جو چوٿون فرقو "مانيزم" آهي. جنهن جو زياده واسطو "علم باطن" (Mysticum) سان رهيو آهي. ان جي شروعات ٽين صدي

www.sindhsalamat.com

عيسويءَ ڌاري ٿي. هن جي بانيءَ جو نالو "ميٿونوس" هو جو پوءِ بدلجي "ماني" جي نالي سان مشهور ٿيو. چيو وڃي ٿو تہ هيءَ 216ع ڌاري بابل جي شهر ۾ ڄائو هو. ننڍپڻ کان وٺي هن تي اثر ويٺل هو تہ کيس الهام ٿيندو هو. ٿورو وڏو ٿيڻ بعد هن مصر ۾ وڃي، اتي جي مخفي رازن مان واقفيت حاصل ڪئي. ان کان پوءِ هو فلسطين ۾ آيو ۽ اتان ڪي مذهبي راز حاصل ڪري، واپس ايران ۾ اچي رهڻ لڳو جتي هن کي ايران جي شهنشاهه شاپور ولد آردشير جي پاءُ فيروز جي سرپرستي حاصل ٿي، ۽ هن ڪي پوئلڳ پيدا ڪيا. ان کان پوءِ هن شهزادي فيروز جي سرپرستيءَ هيٺ وچ ايشيا، انڊيا (سنڌ ۽ هند) ۽ چين جو سير ڪري، اتي جي مذهبن جي روحاني ۽ مخفي علمن کان واقفيت حاصل ڪئي.

هن پنهنجي معلومات ۽ تجربي جي آڌار تي، سيني مذهبن پويان بنيادي وحدت پرکي ورتي هئي. هن جو مذهب بين باطني مذهبن وانگر طريقت ۽ فلاسافي جي اصولن تي تعمير ٿيل هو. هو اسرار الاهي ۽ تشڪيل ڪائنات جي مسئلن تي وڌيڪ سمجهاڻي ۽ زور ڏيندو هو ۽ ظاهري عبادتن، ورد وظائف ۽ مذهبي رسومات تي گهٽ توجهه ڪندو هو. هن جي تعليم جو بنياد زرتشت جي مذهب جي دوئيءَ واري تشريح تي ٻڌل هو. جا حق ۽ باطل، نور ۽ ظلمات جي اصولن تي مبني هئي. هو مذهب جي هر مسئلي کي عقل ذريعي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندو هو. پر هن جو چوڻ هو تہ ڪن مسئلن بابت (جي عقل ذريعي حل نہ ٿي سگهندا هئس) هن کي الهام بہ ٿيندو هو جنهن وسيلي هو منجهيل مسئلن جو حل ڳولي لهڻ ۾ ڪامياب ٿيندو هو. هن جو چوڻ هو تہ اصل ۾ نور ظلمات هڪ ٻئي سان لاڳو هئا، پر گڏيل نہ هئا. نور جو دائرو لامحدود هو ۽ ظلمات محدود هئي. نور جي حڪومت جو بادشاهه خدا هو جنهن جو حڪم ساريءَ ڪائنات تي هلندڙ ۽ محيط هو. اونداهي (ظلمات) مان شيطان پيدا ٿيو جو ازلي ۽ ابدي ڪونہ هو پر منجهس ڪي ابدي جزا موجود هئا. اول ۾ شيطان پيدا ٿيڻ سان دنيا ۾ گمراهي پکيڙي ڇڏي ۽ پوءِ هن خدائي حڪومت وارن معاملن ۾ دست اندازي ڪرڻ شروع ڪئي. پر جڏهن شيطان نورجي دنيا سان منهن مقابل ٿيو تہ ڇمڙي وانگر سورج جي روشني جو تاب نہ سهي، ان سان نفرت ٿي پيس ۽ ان جي مخالفت ڪرڻ شروع ڪيائين. پوءِ خدا وقت بہ وقت پيغمبرن ۽ حڪمين کي پيدا ڪيو جن هن جي شرارتن کي ٻنجي ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي.

www.sindhsalamat.com

حضرت مانيءَ پنهنجي معلومات بعد، حضرت زردشت، حضرت گوتم ٻڌ ۽ حضرت عيسيٰ جي مذهبي اصولن پويان بنيادي وحدت ڳولي، ان جو پرچار شروع ڪيو. هن جو چوڻ هو تہ نہ رڳو ماڻهن ۾ پر جانورن، وڻن ۽ غير جاندار شين ۾ خدا جو نور سمايل هو. هن دنيا ۾ نور ۽ ظلمات جي باهمي ملاوٽ سان ڪاروبار هلي رهيو هو. جڏهن نور مٿي آسمانن ۾ چڙهي هليو ويندو تہ 1458 ورهين تائين دنيا ۾ حق ۽ ناحق جي وچ ۾ تصادم هلندو رهندو. نيٺ حق جي فتح ٿيندي. هن جو چوڻ هو تہ اصل ۾ ماڻهو حيواني (شيطاني) اثر هيٺ آيل هو پر ان ۾ خدا جي نور جو پرتوو پيل هو. ان کي کسڻ لاءِ شيطان، آدم ۽ حوا کي گمراهہ ڪيو. ان کان پوءِ وقت بہ وقت خدا طرفان موڪليل پيغمبرن طرفان ماڻهن جي رهبري پئي ٿي. آهي. سندس اهي ڳالهيون، زردشتي مذهب جي مستقل مفاد معبدن کي پسند نہ پيون، جن جي چوڻ تي "بهرام" بادشاهہ هن کي شهيد ڪرائي ڇڏيو. هن جي تعليم تي اثر رهندو آيو پر ان جي تعليم زياده تر مخفي هئي ۽ منظر مذهبن جي عالمن جي سخت مخالفت سبب، هن جا گهڻا ڪتاب سلامت رهي نہ سگهيا. هن وقت سندس زندگيءَ ۽ عقيدن جو احوال، مخالف مذهبن جو پوئلڳن- ڪرستاني ليکڪن، زردشتي عالمن، مغربي مصنفن ۽ مسلمان تاريخدانن- وٽان ملي سگهيو آهي. پر سيني ان کي متعصب نظر سان ڏٺو آهي، البت مسلمان تاريخدانن ان کي گهٽ تعصبي نگاهہ سان پيش ڪيو آهي، جن جي چوڻ موجب:

هن مذهب جي ڪارڪنن کي مختلف درجن ۾ ورهايو ويو آهي، جن سيني جو مقصد هو تہ ڪهڙيءَ طرح نور کي ظلمات کان جدا ڪيو وڃي. مانيزم جي ڪارڪنن کي چونڊيل درويشن جي ماتحت ڪم ڪرڻو هو جن جو مدار المهام "ماني" پاڻ هو. هنن عبادتن، ورد وظيفن ۽ روزن جي تلقين ڪانہ ٿي ڪئي. سندس خاص لياقت اها هئي تہ هن جا مڃيندڙ ۽ مبلغ علم جي روشنيءَ سبب ڪن ڳالهين کان پرهيز ڪندا هئا، جنهن کي مهر يا بندش سڏيندا هئا. هنن جو زياده زور ڪاڏي ۽ گفتگوءَ جي پاڪيزگي ۽ پرهيز طرف هو. ازانسواءِ هي خراب عملن کان پاسي رهي، عمل صالح ڪرڻ جي هدايت ڪندا هئا. ٽين ڳالهہ جا هو ماڻهن کي ٻڌائيندا هئا، سا اها هئي تہ طالب کي خراب خيالن ۽ خواهشن کان گوشو ڪرڻ گهرجي. هي ساهہ واريءَ شيءِ جي مارڻ ۽ ڪاٽڻ کان پاسو ڪندا هئا، ۽ غلط طريقي جي شهواني خواهشن کان پاسي رهڻ جي هدايت ڪندا هئا.

www.sindhsalamat.com

هنن جا مُکيہ ڪارڪن ماس ۽ مڇي نہ کائيندا هئا. پر هيٺئين درجي جي عام پوئلڳن کي ان جي کائڻ کان منع نہ ڪندا هئا. هو پاڻ فروٽ ۽ ڀاڄي بہ نہ پٽيندا هئا، پر ٻين جي پٽيل تي گذران ڪندا هئا. منجهانئن وڌيڪ برگزيده شخص ڏينهن ۾ هڪ دفعو کاڌو کائڻ ۽ سال ۾ هڪ ويس کان وڌيڪ پائڻ لاءِ ڪپڙو پاڻ وٽ نہ رکندا هئا. هر قسم جي بت پرستيءَ کان پاسو ڪندا هئا، ۽ اهي شادي بہ نہ ڪندا هئا. اهي هر سومر جي ڏينهن تي روزو رکندا هئا. هنن جي عبادت خدا کان سوال گهرڻ يا گناهن کان معافي وٺڻ لاءِ نہ هوندي هئي. هنن جي عقيدي موجب، گناهن ڪرڻ سبب ماڻهن کي جيڪي ڀوڳڻو پيو ٿي، انهن کي گناهن جي سزا نہ پر گناهگار جي اصلاح لاءِ گهربل مهميز ۽ هدايت جو ضابطو سمجهڻو هو. اصلي ضرورت فقط ان ڳالهہ جي هئي تہ گناهہ وارين ڳالهين کان توبهہ ڪري پري رهجي تہ جيئن انهن جي نقصان کان محفوظ بہ رهجي ۽ وري انهن جي ڪرڻ جي ڪاڏهن انساني من کي تانگهہ نہ ٿئي.

هنن عام ماڻهن جي ورهاست ٽن ڪلاسن- چونڊيل يا برگزيدن، عام پوئلڳن ۽ گناهگارن ۾- ڪئي ٿي. مسلڻ عقيدي موجب چونڊيل ماڻهو مرڻ کان پوءِ آسمان (بهشت) طرف اڏامي ويندا هئا؛ عام ماڻهن جا روح ڪجهہ عرصي تائين رلندا وتندا هئا ۽ پاڪ ٿيڻ بعد نجات حاصل ڪندا هئا؛ ۽ گناهگار هڪدم عذاب ۾ موڪليا ويندا هئا.

هنن جو مذهب، زراسترزم، ٻڌ ڌرم ۽ ڪرسچنٽي جي چونڊ عملن اصولن تي ٻڌو ويو هو. اصل ۾ ان جي تعليم بابل جي قديم معلومات مان اخذ ڪيل هئي. هو ٻاهر جي سڌاري ۽ پاڪيزگيءَ کان اندر جي پاڪيزگي ۽ ذهنن جي درستي طرف وڌيڪ توجهہ ڏيندا هئا. هو شخصي دشمن تي فتح ڪرڻ ۽ ڪامياب ۽ سکي زندگي گذارڻ بدران اتحاد، امن ۽ روحاني نجات طرف زياده ڌيان ڏيندا هئا. زردشت جي تعليم هئي تہ دنيا مان ڪهڙيءَ طرح خرابيون ڪڍيون وڃن، پر هنن جي توجهہ خوبين هٿ ڪرڻ طرف هوندو هو. هو يهودين وانگر قربانيءَ ذريعي خدا جي رضامندي حاصل ڪرڻ جي اصول جي خلاف هئا؛ ۽ سندن چوڻ موجب قربانيءَ ذريعي خدا جي راضي ٿيڻ واري نظريو خدا جي رحمت ۽ محبت جي صفات منافي هو. خدا رحمان ۽ رحيم هو ۽ رحم ۽ ٻاجهہ جي صفات جو مالڪ هو، ۽ هن کي قتل ۽ رت ذريعي راضي ڪرڻ وارو نظريو قديم وحشياني دور جي توهمات ۽ عقيدن جو يادگار هو.

www.sindhsalamat.com

حضرت "ماني" ان قسم جو پيغمبر هو جنهن اڳوڻن جملي مذهبن جي ڪثرت پويان بنيادي وحدت ڳولي، مذهبن جو جوهر پيش ڪيو ٿي. هن هڪ طرف ايران جي مجي، مزدهڪ، مترائزم ۽ زراسٽرزم مان سٺيون ڳالهيون چونڊي پيش ڪيون ٿي، تہ ٻئي طرف مصر، سمير ۽ بابل جي مخفي علمن جو پتو ہڏايو ٿي. تہ ٽئين طرف يونان جي فلسفي ۽ توحيدي مذهب جو نچوڙ پيش ڪيو ٿي، ۽ چوٿين طرف هند ۽ سنڌ جي مکيہ ويدانت، ٻڌ ڌرم ۽ جين مت جو روحاني پاسو پيش ڪيو ٿي.

بدقسمتي اها هئي تہ ماڻهن جي اڪثريت اڃا ان درجي تي نہ پهتي هئي، جو هن جي پراسرار متن کي سمجهي سگهي، جنهن ڪري ايران جي ڪٽر مذهبي معبدن جي مخالفت سبب، هن کي سر ڏيئي شهادت جي قرباني ڏيڻي پيئي. ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ اڳتي هلي، اسلام جي اهل تصوف جي تعليم لاءِ هن راهہ هموار ڪئي. اسلامي تصوف، ٿياسافي ۽ ويدانت جي سنڪارا واري تعليم تي هن جي خيالات گهڻو اثر ڇڏيو. جديد ايران جي "بابي فرقي" جي تعليم ۾ بہ گهڻو ڪجهہ سندس فڪر مان پرايو ٿو ڏسجي. ڪن جو چوڻ آهي تہ رومي، عطار سنائي ۽ ٻين ايران ۽ عراق جي مسلمان رهنمائن جي تعليم تي هن جي تعليم جو گهڻو اثر هو. سنڌ ۾ انهيءَ تعليم مسلمان صوفي درويشن ذريعي، اڻ سڌيءَ طرح گهڻو اثر ڪيو ٿو ڏسجي.

## 5. دين موسوي (يهودي مذهب)

هيءَ مذهب، سامي پيغمبرن جي جد امجد حضرت ابراهيم عليہ السلام جي ايجاد ڪيل اصولن تي برپا ڪيل هو. چوڻ ۾ اچي ٿو تہ حضرت ابراهيم کي ٻہ پٽ _ حضرت اسماعيل ۽ حضرت اسحاق هئا. حضرت اسماعيل جي اولاد مان حضرت محمد صلعم پيدا ٿيو جنهن دين اسلام جي تعليم ڏني، ۽ حضرت اسحاق جي هڪ فرزند حضرت يعقوب عليہ مان، جنهن کي "اسرائيل" جي نالي سان بہ سڏيو ويندو هو. بني اسرائيل جا ڪيترا پيغمبر ٿيا. جن مان مکيہ تي حضرت موسيٰ، حضرت دائود ۽ حضرت عيسيٰ تي گذريا آهن. ۽ جي "صاحبِ ڪتاب" سڏجن ٿا. حضرت موسيٰ "توريت" ذريعي يهودي مذهب جو بنياد وڌو. حضرت دائود "زبور" ذريعي پنهنجي تعليم ڏني، ۽ حضرت عيسيٰ "انجيل" ذريعي پنهنجو پيغام پيش ڪيو.

www.sindhsalamat.com

حضرت موسيٰ "يهودي مذهب" جو باني هو. جنهن مذهب تي اهو ناٺو خدا جي نالي "جهوا" تان پيو. هن قوم کي توريت ذريعي تعليم ڏني، جنهنجي تشريح "تالمد" ذريعي ڪئي ويئي.

هي (يهودي) پاڻ کي برگزيده (چونڊيل) قوم سڏائيندا هئا. هنن ٻين خدائن کي ڇڏيل صرف "جهوا" جي عبادت جو سبق پيش ڪيو. مسلمانن "لااللہ الا اللہ" _ (اللہ کان سواءِ ٻيو ڪو بہ خدا نہ آهي) انهيءَ تتبع تي چوڻ شروع ڪيو. چاڪاڻ تہ يهوديٰ بہ چوندا هئا تہ "جهوا" کان سواءِ ٻيو ڪو بہ خدا عبادت جي لائق نہ هو.

هنن جو ڏاڏو حضرت ابراهيم عليه السلام عراق ملڪ اندر بابل (اُر) ۾ ڄائو هو جتي اجڪلهہ "تل العبيد" نالي شهر آباد آهي. اُتي ممڪن آهي تہ سنڌن وڏا، يونوچ واري ٻڌل علائقي مان لڏي آيا هئا. هنن جو مذهب جون مک ڳالهيون هيٺيون هيون:

(1) هڪ "جهوا" کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي خدا ڪري نہ مڃڻ ۽ نہ عباد ڪرڻ (2) بني اسرائيل جي زندگيءَ جي دستور العمل لاءِ "توريت" ذريعي هدايتون ڏيڻ (بعد ۾ ان جي تشريح "تالمد" ذريعي ڪري "موسوي شريعت" قائم ڪرڻ)؛ (3) طهر (ختنو) ڪرائڻ (4) سوئر نہ کائڻ (5) قرباني وسيلي خدا کي راضي ڪرڻ ۽ گناهن جو ڪفارو ادا ڪرڻ (6) جانورن مان حرام ۽ حلال لاءِ ڪي قانون مقرر ڪرڻ (7) ورثي ۽ نڪاح وغيره بابت قاعدا قانون مقرر ڪرڻ ۽ (8) جانورن کي ذبح ڪرڻ جو دستور وجهڻ.

حضرت موسيٰ، حضرت ابراهيم جي اولاد مان "لاوي قبيلي" مان هو. حضرت يوسف کان پوءِ مصر ۾ اسرائيلي (عبراني) نسل جي ماڻهن تي مصر جي بادشاهہ طرفان سختي ٿيڻ لڳي. روايت آهي تہ حضرت موسيٰ جي ڄمڻ وقت مائٽن، ان ڊپ کان تہ متان ٻار کي فرعون مصر مارائي ڇڏي، کيس پيتي ۾ بند ڪري، نيل درياهہ ۾ اڇلي ڇڏيو هو. اتفاقن مصر جي بادشاهہ فرعون جي ڌيءَ درياهہ تي سهيلين سان گڏ وهنجڻ آئي، ۽ پيتيءَ کي لڙهندو ڏسي، ٻاهر ڪيڍائي ڏٺائين تہ ان ۾ هڪ ٻار پيو هو جو روئي رهيو هو. هن کي رحم اچي ويو ۽ ٻار جو نالو موسيٰ رکي، هڪ عبراني عورت (دائي) جي سنڀال هيٺ ان جي پرورش ڪرڻ لڳي. اهڙيءَ طرح حضرت موسيٰ، فرعون جي گهر ۾ نپجي وڏو ٿيو. جڏهن کيس پتو پيو تہ هيءَ اسرائيل نسل مان هو تہ والده (فرعون جي ڌيءَ) کان اجازت

www.sindhsalamat.com

وٺي، اڇي پنهنجيءَ قوم جي ماڻهن سان (هن وانگر) غلاميءَ جي زندگي گذارڻ لڳو. هڪ ڀيري موسيٰ عليہ فرعون حڪومت جي ڪارندي کي ڪنهن اسرائيليءَ سان بدسلوڪي ڪندي ڏٺو تہ کيس ماري ڇڏيائين. پوءِ اتان نڪري "مديان" جي ملڪ ۾ اچي رهڻ لڳو ۽ اتي "رغوايل" نالي هڪ ڪاهن جي ڌيءَ "صفوره" سان شادي ڪيائين. جنهن مان کيس هڪ پٽ پيدا ٿيو. هڪ دفعي، پنهنجي سهري جون ٻڪريون چاريندي "حورب" جبل طرف وڃي نڪتو. اتي کيس خدا طرفان آواز آيو تہ "آءٌ تنهنجي وڏن ابراهيم، اسحاق ۽ يعقوب جو خدا آهيان. مون کي مصر ۾ رهندڙ پنهنجي ماڻهن جي تڪليفن جو پتو آهي: ان ڪري مون فيصلو ڪيو آهي تہ کين ان غلاميءَ واري زندگيءَ مان ڪڍي، هڪ سرسبز ملڪ ۾ پهچايان. مون وٽ سندن فرياد پهتو آهي ۽ مٿن ٿيندڙ ظلم جي خبر پيئي اٿم. هاڻ آءٌ اهو ڪم تنهنجي سپرد ڪريان ٿو تہ اسرائيلين کي مصر مان ڪڍي نئين ملڪ ۾ پهچائي، حڪمراني ڪر!" موسيٰ جواب ڏنو تہ " منهنجي ڪهڙي حيثيت آهي، جو فرعون کان اسرائيلين کي آزاد ڪرائي سگهان." ان تي خدا طرفان کيس دلاسو مليو تہ " ان ڪم ۾ منهنجي توسان مدد شامل حال رهندي منهنجو نالو "جوهون" آهي. تون اسرائيلين کي منهنجا پيغام پهچائج." ان بعد حضرت موسيٰ توڪل ڪري موٽي مصر ۾ آيو. اسرائيلين کي آزادي ملڻ ۽ نئين ملڪ نصيب ٿيڻ جي خوشخبري ٻڌائي، کين منظم ڪرڻ شروع ڪيائين. نيٺ گهڻين تڪليفن کان پوءِ هنن کي مصر مان ڪڍي " صحرائي سينا" ۾ وٺي آيو جتي کين ڪيترين ئي آزمائشن مان گذرڻو پيو. اتي وقت بہ وقت جبل طور سينا تي وڃي خدا طرفان هدايتون ۽ فرمان حاصل ڪندو هو ۽ ڪجهہ وقت اُتي رهي قوم جي رهبريءَ لاءِ "توريت" نالي ڪتاب ڪٺي آيو.

ان کان پوءِ " دين موسويءَ" جو جيڪو بعد ۾ يهودي سڏجڻ ۾ آيو۔ بنياد پيو. ڪجهہ وقت بعد اسرائيلين کي نئون ملڪ نصيب ٿيو جنهن ۾ حضرت دائود ۽ سليمان بادشاهي ڪئي. ان کان پوءِ هنن تي بابلين طرفان حملو ٿيو ۽ وري ڪيترن ماڻهن کي ٻانهي ڪري بابل ۾ وڃي رهڻو پيو. جڏهن بابل ايراني شهنشاهہ فتح ڪيو تہ ان هنن کي آزاد ڪرائي، پنهنجي ملڪ موڪليو. ان کان پوءِ هن قوم کي ڪيئي تڪليفون ۽ مشڪلاتون سامهون آيون. جنهن ڪري هو لڏي دنيا جي مختلف ملڪن ۾ وڃي رهيا. هاڻ هزار ورهين کان پوءِ وري پنهنجي ملڪ ۾ پنهنجي سلطنت قائم ڪري ويٺا آهن.

www.sindhsalamat.com

توريت کان پوءِ يهودين "تالمد" نالي ڪتاب وسيلي پنهنجي زندگيءَ جي راهه هدايت لاءِ قانون ٺاهيا. هن مذهب ۾ سڀ ڳالهيون نيون نه هيون. بلڪ هنن ڪيترڀون ڳالهيون مصر، سمير ۽ بابل جي قديم مذهبن ۽ تهذيبن کان اُڌاريون ورتيون هيون. ۽ پوءِ وقت به وقت حالتن آهر ان ۾ اضافا ڪري زندگيءَ جو مڪمل ظابطو بنايو.

حضرت موسيٰ صحرائي سينا ۾ رهڻ وقت اڪثر جبل (طور) سينا تي چڙهي، ڪجهه وقت وڃي غور و فڪر ۽ عبادتون ڪندو هو. سندس چوڻ هو ته هو اتي اسرائيل جي خدا "جهوا" سان همڪلام ٿيندو هو. ۽ توريت، سندس حڪمن ۽ هدايتن ذريعي تيار ڪيو ويو هو. هو ماڻهن کي معجزن ۽ ڪرامتن ذريعي مرعوب ڪري، پنهنجي تابع رکڻ جي ڪوشش ڪندو هو. هن جي مذهب اڳتي هلي، حضرت دائود، حضرت عيسيٰ ۽ حضرت محمد صلعم جي مذهبن لاءِ بنيادي مواد پيش ڪيو. "دين مسيحت" ۽ "دين اسلام" يهودي مذهب جون شاخون ڪوٺجي ته غلط نه ٿيندو. ڇو ته انهن دينن جون ضروري اصلاحن ۽ اضافن سان گڏ ڪيترڀون ڳالهيون "دين موسوي" تان ورتل معلوم ٿين ٿيون.

اڳتي هلي حضرت موسيٰ ۽ ٻين اسرائيلي نبين جي ڪتابن ۽ صحيفن کي گڏي "پراڻو عهدنامو" سڏيو ويو. ۽حضرت عيسيٰ ۽ ان جي حوارين جي خطن جي ڪتابن کي گڏي "نئين عهدنامي" جو نالو ڏنو ويو. آخرڪار ٻنهي پراڻي ۽ نئين عهدنامي جي ڪتابن کي گڏي "بائبل" سڏيو ويو. انهن ڪتابن جي مطالعي بعد، حضرت ابراهيم ۽ حضرت موسيٰ جي تعليم مان هيٺيان نتيجا اخذ ٿين ٿا:

(1) "جهوا" کي قادر مطلق، همه بين، همه دان ۽ هر جڳهه تي حاضر ناظر نه سمجهيو ويندو هو بلڪ ماڻهوءَ کان وڏيڪ طاقت جو مالڪ سمجهيو ويندو هو. هو اسرائيلين جو خدا هو جو سندن دعائن کي ٻڌندو هو ۽ وقت تي ڪين مدد ڏيندو هو. جيڪڏهن ڪو ماڻهو غير معمولي ڳالهه ڪندو هو ته چوڻ ۾ ايندو هو ته مٿس خدا جو روح حاوي ٿيو هو. ڪنهن وقت چريائي به روحانيت ۾ شمار ڪئي ويندي هئي. (قديم جديزم-ورلڊ رليجنس، ص 54)

(2) "جهوا" جڏهن پنهنجي عبادتگذار جي سامهون ايندو هو ته ماڻهوءَ جي صورت ۾ ايندو هو ۽ مخالفن کي خطرناڪ صورت ۾ نظر ايندو هو. ڪڏهن ڪڏهن طوفان، ڪاري ڪڪر ۽ وڄ جي صورت ۾ نمودار ٿيندو هو.

(ايضا-ص 54)

www.sindhsalamat.com

(3) "جهوا". اسرائيل جي دشمنن تي موت ۽ مصيبت آڻيندو هو ته ان لاءِ ڪڪرن جي پويان ملائڪن جي صورت ۾ نمودار ٿيندو هو. بجلي جي چمڪاٽ ۾ ائين ظاهر ٿيندو هو جڻ نانگ چپي ڪڍي رهيا هئا.

صحرا جي رهاڪن ۾ روحن جي اعتقاد عام هو. دوستانه روحن کي خدا يا ان جي ملائڪن سان تشبيهه ڏني ويندي هئي. اهڙيءَ حالت ۾ انهن جي راضپي لاءِ قرباني ڪئي ويندي هئي. "جهوا" ڪڏهن غضب ۽ ڏمر جي صورت ۾ نمودار ٿيندو هو.

(4) اسرائيل ۾ اهو به ويساهه ويٺل هو ته خدا رات جو خواب ۾ ڏيکاري ڏيئي، صبوح جو گهر تي ويندو هو ۽ خوابن ذريعي کين مستقبل جون خبرون ڏيندو هو. (ايضا ـ ص 54)

(5) اسرائيلين تي اهو به اثر ويٺل هو ته خدا طور سينا جي چوٽيءَ تي ويٺل هو. جنهن ڪري هنن اُتي عبادتگاهه بنائي هئي. ڪنعان جي فتح کان پوءِ جڏهن هنن زمين تي عبادتگاهون بنايون. ته خدا کي انهن عبادتگاهن ۾ ويٺل شمار ڪيو ويندو هو. جيروسلم (بيت المقدس) کي سندس رهڻ جي جاءِ ليکيو ويندو هو. بلڪل ساڳي طرح جيئن هن وقت مسلمان ڪعبي جي پراڻي مندر کي ڪعبة الله. خانه ڪعبه (خدا جو گهر) سڏين ٿا. اهڙيءَ طرح هنن هر ڳوٺ ۾ بنايل عبادتگاهن کي خدا جو گهر سڏيو ٿي. اڄڪلهه مسلمان مسجدن کي خدا جو گهر سڏيندا آهن.

6. ڪن ڪوهن يا تلائن کي پاڪ سمجهيو ويندو هو جنهن مان سندن مراد اها هئي ته اُنهن جاين تي خدا جي رحمت هوندي هئي. "ٿهيم جي ڪوهه" کي اسرائيلي پاڪ تصور ڪندا هئا. مسلمان به سندن تتبع تي ڪعبي واري کوهه "زمزم" کي متبرڪ سمجهي، اُن جي پاڻي کي پاڪ ۽ فائديمند سمجهن ٿا.

7. اسرائيلي ڪن پٿرن کي پاڪ ۽ پوتر ڪري سمجهندا هئا. جهڙوڪ: گلِيد ۾ "بيٿل". "زيان" ۽ "اوفرا" جي پٿرن کي پاڪ سمجهيو ويندو هو. مسلمانن به ان تتبع تي "حجر اسود" کي پاڪ سمجهي، ان کي چمڻ شروع ڪيو ۽ چيو ته اِن طرح گناهن کان آزادي ملي ٿي.

8. اسرائيلي ڪن زمين جي ٽڪرن. جهڙوڪ: "فلسطين ۽ جيروسلم"۔ کي پاڪ سمجهڻ لڳا هئا. مسلمانن به اُن جي تتبع تي "مڪي، مديني جي شهرن ۽ عرب ملڪ کي پاڪ" سڏڻ شروع ڪيو.

www.sindhsalamat.com

9. اسرائيلين جو پڪ ۽ دعائن جي اثر ۾ ايمان هوندو هو. جيروسلم ۾ خدا جي گهرن، بزرگن جي مزارن ۽ درويشن وٽ وڃي دعائون گهرندا هئا. مسلمانن به اُن جي تتبع تي خانه ڪعبه، مديني منوره، امامن ۽ درويشن جي درگاهن کي اِن ڪم لاءِ موزون سمجهي، اُتي وڃي، انهن جاين کي قانون فطرت جي بدلائڻ جا مرڪز تصور ڪري، دعائن گهرڻ ۽ بدعائن لاءِ ڪتب آڻڻ شروع ڪيو آهي.

10. اسرائيلين جي اخلاق جو تعلق، پنهنجي قوم جي ڀلائيءَ ۽ برتريءَ سان وابسته هوندو هو جنهن سان غير اسرائيلين جو واسطو ڪونه هوندو هو. دعا به سندن لاءِ گهري ويندي هئي، ۽ ڀلائي به اُنهن جي مطلوب هئن. نجات جا حقدار به صرف اسرائيلي هئا، جو ته اُهي چونڊيل قوم هئا ۽ ٻيا جينٽائيل هئا. سندن تتبع تي مسلمانن به چوڻ شروع ڪيو ته مسلمان، مسلمان جو ڀاءُ آهي. هڪ مسلمان کي ٻئي مسلمان هٿان نقصان نه پهچڻ گهرجي. نجات جا حقدار صرف مسلمان آهن. ڪنهن جانورن جي ڪٺي حلال تڏهن سمجهبي، جڏهن اهو مسلمان هٿان ذبح ٿيل هوندو. مسلمان پاڪ آهن ۽ ٻيا ڪافر آهن. ٻيا وڌ ۾ وڌ ته اهل ڪتاب آهن، پر سندن ڪتاب منسوخ ٿي چڪا آهن. مسلمانن تان ڪو وقت اهڙو به گذريو آهي جو مسلمانن جي هٿ جو رڌل کاڌو کائي سگهبو ۽ پاڻي به مسلمان جي هٿ جو پيئبو هو ۽ غير مسلم جو رڌل کاڌو کائڻ يا پاڻي پيئڻ منع هئي. اجا به ڪي ماڻهوان ڳالهه ۾ اعتقاد رکن ٿا.

11. اسرائيلي، ساليانو "جيروسلم" ۾ گڏ ٿي، دعائون گهرندا هئا ۽ ڪي رسمون آدا ڪندا هئا. جنهن مان سندن مقصد اهو هو ته هو ساڳي قوم جا ماڻهو هئا. اِن طرح سندن اتحاد وڌيو ٿي. گناه معاف ٿيا ٿي، ۽ اُتي سندن ڏنل قرباني قبول پيئي ٿي. سندن مذڪوره پاڪ جاين تي اسرائيلين کانسواءِ ٻين کي گڏ ٿيڻ يا شموليت ڪرڻ جي منع هئي.

مسلمانن به اُن جي تتبع تي ساليانو حج ڪرڻ جو رواج وڌو ۽ اُتي وڃي رسمن آدا ڪرڻ ۽ دعائن گهرڻ کي نجات جو باعث سمجهيو. هر سال مسلمان دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان مڪي وڃي حج ڪن ٿا، قربانيون ڏين ٿا. ڊڪون پائڻ جي قديم رسم کي حج جو رڪن شمار ڪن ٿا. مڪي يا عرب ملڪ ۾ غير مسلم جي داخلا منع آهي ۽ ڪوبه غير مسلم حج جي رسم ۾ شريڪ ٿي نٿو سگهي.

قديم اسرائيلين جو خدا بابت، ساري عالم، رب ۽ زمينن ۽ آسمانن جي خالق جو تصور نه هو. هنن ۾ اهو ويساهه ويٺل هو ته "جهوا" صرف سندن قوم جو

www.sindhsalamat.com

خدا هو ۽ اهڙيءَ طرح ٻين قومن جا ٻيا خدا ٿي سگهيا ٿي. جهڙوڪ "چيماش"، "مواب" قوم جو خدا، ۽ "ملڪان"، "امان" قوم جو خدا هو. اُنهن خدائن، پنهنجين قومن کي جدا ملڪ ڏنا ۽ سندن نگهداشت ڪئي ٿي. جهوا، ٻين قومن جي خدائن وانگر شخصي روح واري هستي رکندڙ خدا هو. آهستي ٿي، هنن ۾ اهو خيال ويٺو تہ هيءُ خدا، فطرت جي روح واري خدا کان مٿي هو. هو ماڻهن تي غضب ۽ مصيبت بہ آڻي سگهيو ٿي، ۽ راضي ٿي فائدو پهچائي سگهيو ٿي. اُن ڪري سندس راضپي لاءِ قرباني ڏيڻ نهايت ضروري هئي. جهوا جي خواهش هئي تہ اسرائيلي هن مان پوري وفاداريءَ جي اُميد رکن. هو جنگ جي وقت اسرائيل جي مدد ڪندو هو اُن ڪري جهوا کي "جنگ جو خدا" بہ تصور ڪندا هئا. هو اسرائيلين کي غير معمولي حالتن ۾ ڏيکاري ڏئي، سندن مستقبل بابت راز ٻڌائيندو هو. اسرائيلي، خدا جي رهڻ جي پسنديده جاءِ جبلن کي سمجهندا هئا. ٻين قومن وانگر، اسرائيل ۾ خدا جي جاين جا رکپال هوندا هئا، جن وسيلي هو خدا کان سوال ڪري جواب وٺي سگهندا هئا. اڳتي هلي سڀ رکپال حضرت موسيٰ جي اولاد مان سڏائڻ لڳا. ڪجھ وقت بعد عبادتگاهن جي رکپاليءَ لاءِ غلامن ۽ ٻانهن رکڻ جو رواج پيو. اُنهن مان خرابين پيدا ٿيڻ جي انديشي جي مدنظر مردن کي مخنث (کدڙو) بنايو ويندو هو. جهڙيءَ طرح اڳتي هلي سندن تتبع تي مسلمانن بہ ڪعبي ۽ رسول جي روضي جي رکوالي لاءِ خواجہ سرائن رکڻ جو رواج وڌو. اسرائيلي فلسطين ۾ مرڻ کي ترجيح ڏئي، اُن کي نجات جو باعث سمجهندا هئا. مسلمانن ۾ اهو بہ ويساھ ويٺل آهي تہ مڪي ۽ مديني ۾ مرڻ يا دفن ٿيڻ نجات جو وسيلو آهي.

قديم اسرائيلي، بيمارين جو ڪارڻ روحن جي بد دعا يا اثر کي سمجهندا هئا. خدا کان سندن اُميدن جي پورائيءَ لاءِ باسون باسيندا هئا. جنگ وقت اِن قسم جون منٿون بہ باسيون وينديون هيون تہ جنگ ۾ فتح ٿي تہ سيني دشمنن کي جهوا جي قرباني طور قتل ڪيو ويندو. هنن ۾ خدا جي راضپي لاءِ ڪاڏو رڌي ماڻهن کي کارائڻ جو دستور بہ رواج ۾ هو. اسرائيلين جوان ڳالهہ ۾ بہ ويساھ هو تہ ڪن ماڻهن کي اها طاقت هئي جو خدا کان دعا گهري، مختلف ڪم ڪرائي سگهندا هئا. ڪنعان ۾ اسرائيلي خدا جي رضامندي لاءِ ٻهريون ٻار قتل ڪندا هئا. جنهن رسم کي اڳتي هلي ختم ڪيو ويو.

اسرائيلين جو مُکيہ فرض پنهنجي قوم جي خدمت هو. جن جي تتبع تي

www.sindhsalamat.com

مسلمانن به چيو ته مسلمانن جو پنهنجي قوم جي مدد ۽ خدمت ڪرڻ مکيه فرض هو. ڏارين جي خدمت يا مدد ڪرڻ سان سندن ڪو واسطو نه هو.

جيئن انسان ترقي ڪندو ويو تيئن تيئن سندن مذهب به حالتن آهر پاڻ ۾ تجديد ۽ سڌارا آڻيندا وڃن ٿا.

يهودين سياست ۽ مذهب کي گهڻي وقت تائين گڏ رکيو هو. حضرت دائود ۽ حضرت سليمان جي زماني ۾ فلسطين ۾ سندن سلطنتون قائم ٿيون. هنن پنهنجي مذهب جي برتريءَ جي آڌار تي ٻين قومن تي حڪومت ڪئي. هنن 342 ورهيه حڪومت ڪئي، ۽ نتيجي ۾ کين گهڻين تڪليفن ۽ مصيبتن جو مقابلو ڪرڻو پيو. پهرين هنن سان بابل جي ترقي يافته مضبوط حڪومت وارن جنگ ڪئي ۽ فتح بعد سندن لکين ماڻهن کي يرغمال طور بابل ۾ زبردستيءَ رکيو. اُن غلاميءَ مان کين 140 ورهين بعد ايران جي شهنشاهه سائرس طرفان بابل فتح ڪرڻ بعد آزادي ملي ۽ اُهي ٻيهر پنهنجي ملڪ فلسطين ۾ رهڻ لڳا. بابل ۾ رهڻ وارن يهودين اهڙيون ڳالهيون ڪيون هيون جن سندن مذهب ۾ ڪي سڌارا آندا. اُن کانپوءِ وري سڪندر اعظم جي فتح بعد کين وڏيءَ مصيبت ۾ مبتلا ٿيڻو پيو. اُن بعد هنن رومن شهنشاهن جي دور حڪومت ۾ پنهنجي ملڪ اندر ڪجهه اندروني آزادي حاصل ڪري سک سان وقت گذاريو. ليڪن انهيءَ دور ۾ هن ۾ ربين جي قدامت پسندانه روش ۽ خيالن جي ڪري ڪٽرپڻو وڌي ويو. جنهن جي خلاف حضرت عيسيٰ منجهن سڌارا آڻڻ گهريا. پر يهودين ربين، رومن حڪومت جي مدد سان حضرت عيسيٰ کي صليب تي چاڙهائي ڇڏيو. ليڪن اُن کانپوءِ جڏهن رومن شهنشاهيت جو هڪ حاڪم مسيحي ٿيو ته هن کين ملڪ مان لڏائي، طرح طرح جي تڪليفن ۽ مصيبتن ۾ وڌو. جنهن بعد هي يورپ، ايران ۽ اُتر آفريڪا جي مختلف حصن ۾ لڏي وڃي آباد ٿيا. جنهن حالت ۾ هنن کي ڏيڍ هزار ورهيه گذارڻا پيا. پر اِن سموري عرصي ۾ هنن پنهنجي مذهب جي پوريءَ طرح پابندي قائم رکي. ليڪن مختلف ملڪن ۾ رهڻ ۽ حالتن جي تقاضائن ڪري، هنن پنهنجي دين ۾ ڪيترا سڌارا آندا. پوين ٽن چئن صدين ۾ هنن ڪيترا دنيا جا نامور فيسلوف ۽ عالم پيدا ڪيا جهڙوڪ:

1. اسپنوزا. جنهن مذهبي فلسفي کي نئون رنگ ڏنو جنهن مان پوءِ يورپ جي مسيحين ۽ خود مسلمان عالمن گهڻو استفادو ورتو.

2. ڪارل مارڪس: جنهن متيرلزم ۽ ڪميونزم جي نظرين کي جديد نقطي نگاهه موجب دنيا اڳيان پيش ڪيو.

www.sindhsalamat.com

3. سگمنڊ فرائڊ: جنهن علم نفسيات (سائيڪالاجي) کي نئين سائنٽيفڪ طريقي سان دنيا اڳيان پيش ڪيو جنهن دنيا جي خيالات ۾ نئون انقلاب آڻي ڇڏيو.

4. آئن اسٽائن: جنهن فلسفو "رليٽوٽي" پيش ڪري دنيا ۾ مختلف حالتن جي اختلاف کي سمجهڻ لاءِ راهه هموار ڪئي.

اهڙيءَ طرح هن قوم مان ڪيترا بي بها ۽ غير معمولي شخص پيدا ٿيا، جن مان دنيا کي گهڻو فائدو پهتو.

هنن مان "زيانسٽ تحريڪ وارن" وري پنهنجي اڳوٽي تمنا موجب پنهنجي وطن ۽ حڪومت جي قيام لاءِ مذهب کي سياست سان گڏي هلائڻ جي پاليسي اختيار ڪئي. جنهن کي يهودين- جي هن وقت تائين واپار ۽ پيسي ۾ شاهوڪار ٿي چڪا هئا- ڪافي مدد ڪئي. نيٺ هنن انگريزن ۽ آمريڪا جي مدد سان فلسطين ۾ "اسرائيل" نالي ملڪ قائم ڪيو جنهن جي ايراضي 8050 ميل هئي. ليڪن هنن اُن کان پوءِ ٻن جنگين ۾ عربن جي مجموعي طاقت کي شڪست ڏيئي، ٻئي ملڪ تي بہ قبضو ڪري ورتو آهي. اُن تي اڃا تائين دنيا جي عام راءِ ۽ عربن جي متحده مخالفت جي باوجود، قابض ٿيو ويٺا آهن. جيتوڻيڪ سندس آبادي 2995000 ماڻهن تي مشتمل آهي ۽ عربن جي آبادي پنجن ڪروڙن کان بہ مٿي آهي. آئيندي ان جو نتيجو ڪهڙو ٿو نڪري، اهو مستقبل جي پردي ۾ لڪل آهي.

هن وقت دنيا ۾ ٻہ ملڪ پاڪستان ۽ اسرائيل ئي آهن، جي قوم جو بنياد مذهب تي رکن ٿا، ۽ انهن ملڪن ۾ ملڪي سياست کي مذهبي نقطي نگاهہ جو رنگ ڏنو ويجي ٿو.

جديد زيانسٽ تحريڪ ۾ "مسوسيو ميڊلسان" نئون روح ڦوڪيو. هن يهودين کي دنيا جي ٻين مذهبن ۽ ماڻهن کان علحده رهڻ جي پاليسي بدلارائي، سندن مذهبي ڪتابن جي نئين سر تعبير ڪري، قدامت کان ٻاهر ڪڍيو. جنهن کان هو پنهنجيءَ پوريءَ تاريخ ۾ ٻاهر نہ نڪري سگهيا هئا. هن مکيہ طريقو تعليم جو اختيار ڪيو. هن بائيبل جو هيبريو (عبراني) ٻوليءَ مان جرمن ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو. برلن ۾ هڪ درسگاهہ کوليائين، جنهن ۾ ڪيترا ڪرستان بہ دنيوي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ داخل ٿيا. ان درسگاهہ ۾ مخلوط تعليم ڏيڻ جو رواج پيو جنهن هنن مان گهڻي قدر مذهبي ڪٽرپڻي دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ان ڪري يهودين ۽ ڪرستانن ۾ جيڪا هڪ هزار سالن کان جدائيءَ

www.sindhsalamat.com

جي ديوار ڪڙي ٿيل هئي، سا ٽٽي پيئي. ازانسواءِ بابل ۾ مذهب کي نئون روپ ڏيڻي. ڪرينس فرقو پيدا ڪيو جنهن اسپين ۾ مسلمانن ۽ ڪرستانن کي هڪ ٻئي جي تعليم سمجهائڻ جو ڪم ڏنو. اُتي هيبريو (عبراني) ۽ عربي زبان جي ڪتابن کي اسپيني زبان ۾ ترجمو ڪيو ويو جنهن پوءِ لئٽن (لاطيني) زبان ۾ ترجمو ٿيا. ان ڪم ۾ "جيهود بن تبان" گراناڊا جي هڪ عالم گهڻو ڪم ڪيو. جنهن بعد سندن اولاد مان ٻه ڪيترن ان ڪم جي سرانجاميءَ لاءِ پاڻ پتوڙيو.

بعد ۾ جڏهن اسپين ۾ گراناڊا (غرناط) جي ڪرستان شهزادي فرڊيننڊ مسلمانن سان جنگ ڪري، مٿن فتح حاصل ڪري، ڪيترن کي قتل ڪيو ۽ ڪن کي تڙي ڪڍيو تہ اِن ڪٽرپڻي جي جذبي جو ڪُڙو يهودين تي بہ ڪريو ۽ کين اسپين ڇڏي الجيريا ۾ وڃي غلاميءَ جي زندگي گذارڻي پيئي. تازو ٿيل ڀڻ مهاڀاري لڙاين وقت اڌ کان وڌيڪ يهودين رشيا، پولينڊ، باربري، موراڪو ۽ رومانيا ۾ رهندا هئا، جي اُتي نهايت مصيبتن ۽ مشڪلاتن جي زندگي گذاري رهيا هئا. يورپ جي مختلف ملڪن ۾ 18 صديءَ تائين هنن جو وقت نهايت تڪليف سان گذريو.

مذهبي نقطي نگاهه کان انگلينڊ جا يهودي رهاڪو حضرت موسيٰ جي شريعتي قانون سان نهايت سچا رهيا، ۽ پنهنجي سينا گاگ (يهودي مذهبي عبادتگاهن) کي زنده رکندا آيا. هن وقت هو قدامت پسند خيالن ۽ انڌي تقليد کان ٻاهر نڪري، عملي طرح مذهب جي اصلاح لاءِ ڪوشش ڪري رهيا آهن. هو صرف "يهودين جي نجات" واري عقيدي کي ڇڏي، "انساني نجات" جا قائل ٿيا وڃن. خاص مذهبن جي پوئلڳن جي نجات جو فلسفو دنيا ۾ گهڻي خون خرابي جو باعث بڻيو آهي. هن وقت يهودي قديم مذهبي عقيدن خلاف نڪتہ چينيءَ کي برداشت ڪرڻ سگهيا آهن. هنن ذهنن مان ڪٽرپڻو ڪڍي، قديم مذهبي ڪتابن ۽ روايات جي تقليد مان پاڻ ڇڏائڻ شروع ڪيو آهي. هن وقت هو مذهبي عقيدن ۾ ايماندارانہ شڪ اُٿارڻ ۽ ان جي بنياد تي نئين راءِ قائم ڪرڻ جي اجازت ڏين ٿا. هنن مذهبي عقيدن ۽ شريعت موسوي ۾ اخلاق ۽ عقل جي بنياد تي نيون ترميمون ڪرڻ شروع ڪيون آهن. هن وقت سندن چوڻ آهي تہ هر صالح ماڻهو نجات جو حقدار ۽ خدا جي رضامنديءَ جو لائق بنجي سگهي ٿو. حضرت موسيٰ کي طور سينا تي خدا طرفان فرمان مليل هو تہ "جتي بہ خدا جو نالو ورتو ويندو يا ان ۾ اعتماد رکيو ويندو اتي خدا جي رحمت وسندي" هاڻ

www.sindhsalamat.com

هنن پنهنجي ان قديم تعليم کي نئين نموني زنده ڪيو آهي ۽ هر صالح ماڻهوءَ کي نجات جو حقدار سمجهڻ لڳا آهن.

سيني يهودين جو اهو حال نہ آهي. هن وقت بہ ڪيترا قدامت پسند ربي يا عالم يهودي آهن، جن جو اڃا تائين اهو عقيدو آهي تہ نجات جا حقدار صرف يهودي ٿي سگهن ٿا ۽ اهي خدا جي برگزيده (چونڊيل) قوم آهن. هنن جا ڪيترا عالم ان راءِ جا آهن تہ مختلف خيالن، عقيدن ۽ صورتن ۾ خدا جي تجلي جي جهلڪ موجود آهي، جا راءِ قرآن جي هن آيت۔ "فاينما تولوافثم وجه الله" (جيڏانهن نظر ڪندين، اوڏاهين خدا جو مظهر آهي) مطابق آهي. ان نقطي نگاهہ کان هو ماڻهن جي مذهب جي بنياد تي ورهاست جا حامي نہ آهن. هنن جو چوڻ آهي تہ ڪنعان ۾ ڪٽرپڻو مذهبي عقيدن جي بنياد تي نٿي ڪيو ويو پر ان جي پويان سياسي مقصد لڪل هئا. اڳ يهودين ۾ اهو عقيدو ويٺل هو تہ سندن مذهب بهتر هو ۽ ان جي تبليغ ڪرڻ ضروري هئي. پر سندن ڪتاب بين بولين ۾ ترجمو ٿيڻ بعد هاڻ اهو ضروري نٿا ڄاڻن تہ ماڻهن کي زوريءَ يهودي بنايو وڃي يا يهوديت ڇڏڻ تي بندش وڌي وڃي. هاڻ هو اِن عقيدي جا قائل ٿيندا وڃن تہ صحيح تعليم ۽ تبليغ، صالح عملن ۽ سٺن اخلاقن وسيلي ڪري سگهجي ٿي. هن وقت مذهب جو آخري مقصد هو اخلاقي درستي ۽ اعمال صالح ۾ مضمر سمجهن ٿا. هاڻ سندن عقيدي جو مرڪزي نقطو اهو آهي جو پينٽيٽيڪ ۾ لکيل آهي تہ "اوهان کي پاڪباز ٿيڻ گهرجي، چو تہ آءٌ اوهان جو خدا پاڪ آهيان." اها ڳالهہ مسلمانن جي هن عقيدي جي حمايت ڪري ٿي تہ "تخلقوا باخلاق الله". يعني "پاڻ کي خدائي صفتن سان موصوف ڪريو." هاڻ يهودين جو سمجهدار طبقو عبادتن ۽ شريعت جي پابنديءَ کان عمل صالح ۽ اخلاق حميده کي ترجيح ڏئي ٿو.

"يهويش" جي ارڙهين باب ۾ حڪم آهي تہ "توهان کي منهنجن ڪتابن ۽ حڪمن جي پڙهڻ سان گڏ عمل صالح ڪرڻ گهرجن." هڪ هنڌ حڪم آهي تہ "معافي صرف چوري موٽائڻ بعد وٺي سگهجي ٿي. گناهہ کان توبهہ ڪرڻ کان سواءِ قرباني قبول نہ پوندي." نئين نقطي نگاهہ وارن جو چوڻ آهي تہ "خدا کان گناهہ معاف ڪرائڻ کان بهتر آهي تہ ڏوهہ ڪرڻ ئي ڇڏي ڏجي."

سندن چوڻ آهي تہ سندن سونهري دور ۾ هو سچائيءَ ۽ صداقت کي عبادتن کان وڌيڪ ترجيح ڏيندا هئا. ماڻهن جي سلامتي، حق پرستن جي پوئلڳيءَ ۽ انساني محبت جا اصول، سندن تعليم ۽ روايات ۾ درج هئا.

www.sindhsalamat.com

پيغمبر "جيريماح" خدا جي علم حاصل ڪرڻ جي معنيٰ اها ڪئي آهي ته "حق ۽ محبت جي واقفيت حاصل ڪجي." ساڳيو پيغمبر ٻئي هنڌ فرمائي ٿو ته "جيڪو ماڻهو ٻئاڪ هٿي ٿو سو خدا جي ناليءِ طاقت ۽ خزاني مان فيض حاصل ڪرڻ جي اميد نه رکي." سچي يهوديءَ ڪي ان ڳالهه ۾ ويساهه آڻڻ ضروري آهي ته خدا مهربان، منصف (انصاف ڪندڙ) ۽ انسان ذات ۾ امن ۽ سلامتي پيدا ڪرڻ جو متمني آهي. تالمد ۾ لکيل آهي ته "عاجزي ۽ حليمائي، جملي قربانين کان وڌيڪ فائديمند آهن. جيڪو ماڻهو مذهبي علم مان رحم ۽ محبت نٿو سکي، ان جڻ ته خدا کي سڃاتو ئي ڪونه آهي." جديد خيالن جي يهودي ڄاڻن جو چوڻ آهي ته غور ۽ فڪر چڱو ڪم آهي، بشرطيڪ اهو عمل صالح جي ترغيب ڏئي، ان تي عمل ڪرائي. عقل جو مقصد مصلحت ۽ عمل صالح جي پيروي ڪرڻ هئڻ گهرجي. خدا جو صحيح علم ۽ رضامندي عمل صالح ذريعي حاصل ٿي سگهي ٿو.

يهودين جي صحيح ڄاڻن جو چوڻ آهي ته روحاني سڪون حاصل ڪرڻ ۽ عبادت ۾ زندگي گذارڻ کان عمل صالح ڪرڻ زياده مفيد آهن. صحيح عمل، صحيح عقيدي کان وڌيڪ سودمند آهي. مذهبي شريعت کي اخلاق ۽ عمل صالح جي متابعت ۾ هلائڻ گهرجي. سندن نقطي نگاهه موجب: خدا جي رحم جو حقدار اهو ماڻهو ٿي سگهي ٿو جو سچ ڳالهائيندو هجي ۽ ڪنهن کي به بدنام ڪرڻ جي عادت نه رکندو هجي. سندن چوڻ آهي ته "جيڪا ڳالهه توکي پسند نه آهي، سا ٻين کي به نه هوندي" اهو سندن اخلاقيات جو بنيادي نقطو آهي. ٻيون سڀ ڳالهيون ان جون شاخون آهن. سندن چوڻ آهي ته "تون پاڙيسريءَ کي اهڙو پيار ڪر، جهڙو هوند پاڻ کي ڪرين"؛ ۽ "تنهنجو اخلاقي فرض اهو هئڻ گهرجي ته ساري انسان ذات کي خدا جو ٻندو سمجهي، انهن سان هڪجهڙو ورتاءُ ڪرين." تالمد ۾ لکيل آهي ته "جو ڪافر، اخلاق جو صاحب آهي، سو يهودين جي وڏي عالم فاضل جي برابر آهي." سندن چوڻ آهي ته "هر صالح ماڻهو پوءِ اهو ڪهڙي به مذهب جو پوئلڳ هجي- بهشت ۽ نجات جو حقدار آهي."

يهودين جي صحيح عالمن جو چوڻ آهي ته "عقيدن جي اختلاف تي ڪٽر ماڻهو پلي پاڻ ۾ وڙهندا رهن، پر هيءَ ڳالهه ذهن ۾ ويهارڻ جي لائق آهي ته جنهن ماڻهوءَ جا عمل صالح هوندا ۽ اخلاق حميده رکندڙ هوندو سو ڪڏهن به غلط ٿي نه سگهندو."

www.sindhsalamat.com

ڪر، نہ ڪنهن ماڻهوءَ لاءِ منهنجيءَ دل ۾ دشمني پيدا ڪر." "انصاف، ايمانداري، ۽ سخاوت هر ماڻهوءَ لاءِ بنا تفاوت مذهب ۽ ذات جي ڪرڻ گهرجي. غصو بيوقوفن جو ورثو آهي. چڱا ڪم موتي آهن ۽ خدا جو خوف ڌاڳو آهي. جي ڌاڳو ٽٽندو تہ موتي وکري ويندا. ڪابہ مذهبي فرض ادائي اخلاق کانسواءِ بيجان آهي. عمل صالح مذهب جو روح آهن."

اهو صحيح مسلمان نہ چئبو جنهن کي اها خبر نہ آهي تہ "دين موسوي" ٿڙ آهي، ۽ اسلام ۽ مسيحت ان جون ٽاريون آهن.

## 6. عيسائيت (ڪرسچئنٽي)

هن مذهب جو باني حضرت يسوع، ملقب "مسيح" هو جنهن کي مسلمان حضرت عيسيٰ جي نالي سان سڏيندا آهن. هيءُ اٽڪل بہ هزار ورهيہ اڳ "گليل" جي پرڳڻي ۾ بيبي مريم سڳوريءَ کي "يوسف" نالي شخص مان ڄائو هو. اهي سمنڊ جي ڪناري تي "ميربحرن جي ڳوٺ" ۾ رهندا هئا. حضرت عيسيٰ جو پاءُ ۽ پيءُ بہ هئا. قديم دستور موجب مکيہ بزرگن کي خدا يا اُن جو اوتار ڪري سڏيو ويندو هو. اُن ڪري، حضرت عيسيٰ جي پوئلڳن ۾ اهو ويساهہ ويٺل آهي تہ هيءُ بيبي صاحبہ کي يوسف مان پيدا نہ ٿيو هو پر روح القدس طرفان بيبي صاحبہ جي رحم ۾ روح الاهي ڦوڪجڻ سان سرجيو هو. بيبي صاحبہ ڪنواري هئي، ۽ يوسف، جو سندس مڱيندو هو اُن جي عزت بچائڻ خاطر ساڻس نڪاح وجهي ظاهر ڪيو ويو تہ بيبي صاحبہ کي عيسيٰ منجهانئس پيدا ٿيو هو. اهڙيءَ طرح، اڳي باوجود ان علم جي تہ مقدونيا جو بادشاهہ سڪندر اعظم شهزادي فلپ جو پٽ هو سندس عزت وڌائڻ لاءِ ائين ظاهر ڪيو ويو تہ سڪندر فلپ مان پيدا نہ ٿيو هو پر خدا طرفان سندس والده جي رحم ۾ روح جي ڦوڪجڻ سان پيدا ٿيو هو. ساڳي طرح اڳي هندن ۾ ويساهہ ويٺل هو تہ ڪرشن مهاراج ۽ شري رامچند، وشنو ديوتا جا اوتار ٿي آيا هئا، يعني وشنو سندن ماڳرن ۾ اچي، جنم ورتو هو. اِهي قديم ڏند ڪٿائون ۽ اعتقاد آهن، جن جي اهميت ڪيتري آهي، سو هر ساڃهہ وند ماڻهوءَ تي ڇڏيل آهي.

حضرت يسوع، اسرائيلي نسل مان حضرت ابراهيم جي ٻائيتاليهين پيڙهي مان هو. حضرت ابراهيم جي چوڏهين پيڙهيءَ مان حضرت موسيٰ ۽ اٺاريهين پيڙهي مان حضرت دائود پيدا ٿيو. ان کان پوءِ يهودين کي بابل جي حڪومت

www.sindhsalamat.com

گرفتار ڪري، بابل ۾ نيئي، پنهنجي زير دستيءَ ۾ رهايو، جتي هو 14 پيڙهين تائين رهيا. جڏهن ايران جي شهنشاهه "ماريوس". بابل کي فتح ڪيو ته هن، يهودين کي آزاد ڪرائي، وري موٽائي پنهنجي وطن موڪليو جتي بيت الحم جي "يهوديه ڳوٺ" ۾ حضرت يسوع (عيسيٰ) ڄائو. ان وقت ان ملڪ جي حصي جو بادشاهه "هيروڊيس" هو. حضرت يسوع جي ڄمڻ بعد هن جا مائٽ ڪجهه وقت لاءِ مصر وڃي رهيا. هيروڊيس (جو چون ٿا ته يهودين جو مخالف هو) جي مرڻ بعد. يهودي واپس اچي گليل ۾ رهيا. ان وقت "يوحنا" نالي هڪ نبي صحرا ۾ رهندو هو ۽ ماڻهن کي بپتسما ڏيندو هو. حضرت يسوع وڏي ٿيڻ بعد يوحنا وٽ بپتسما وٺڻ لاءِ ويو. يوحنا اُٺ جي وارن (ملس) جي پوشاڪ پائيندو هو. هن عيسيٰ کي ڏسي چيو ته "تنهنجو درجو ايڏو ته بلند ٿيڻ وارو آهي، جو آءٌ خود هوند توکان بپتسمو وٺان. پر جنهن صورت ۾ تون مون وٽ آيو آهين ته حڪم جي بجاآوريءَ طور توکي بپتسمو ڏيان ٿو." ان کان پوءِ حضرت يسوع، چاليهه ڏينهن جهنگل ۾ رهي، عبادت ۽ غور فڪر ڪري، تپسيائي آزمائش مان گذريو.

انهيءَ زماني ۾ فلسطين تي رومي شهنشاهه جي حڪومت هوندي هئي، ۽ ان پاران مقرر ڪيل گورنر هتي رهندا هئا. پر هنن مڪاني ڪاروبار هلائڻ جي واڳ، يعني مڪاني حڪومت، يهودي ڪاهنن جي سردار جي هٿ ۾ ڏيئي ڇڏي هئي. يهودي، برهمڻ وانگر مذهبي شريعت (موسوي) جا سخت پابند هئا. ان وقت، بيت المقدس (جيروسلم) ۾ يهودين جو وڏو مذهبي مرڪز هو جتان هو شريعت موسوي مطابق مذهبي ڪاروبار هلائيندا هئا. اتي ساليانو ميلو لڳندو هو جتي چوطرف جا يهودي زيارت ڪرڻ ۽ قرباني ڏيڻ لاءِ ايندا هئا. حضرت يسوع، جنهن کي خدادا روحاني ذات مليل هئي، جڏهن ٻه ٽي دفعا جيروسلم جي زيارت لاءِ ويو ته کيس معلوم ٿيو ته شريعت موسوي ۾ اهڙيون بدعتون داخل ٿي ويون هيون، جن جي سڌاري کان سواءِ هن جي قوم جي نجات حاصل ٿيڻ ڏکي هئي. ان ڪري هن شريعت تي زور ڏيڻ ۽ قربانيءَ کي نجات جي واحد ذريعي ڄاڻڻ بدران ماڻهن کي صالح عملن، خدا جي بزرگي ۽ رحمت طرف توجهه ڏيارڻ شروع ڪيو. ماڻهن تي اثر ويهارڻ لاءِ هن ڪي اهڙيون ڳالهيون ڪيون، جن کي معجزا ڪوٺجي ته روا ٿيندو.

اهڙين ڳالهين جي ظاهر ٿيڻ بعد هزارين ماڻهو هن وٽ مختلف مشڪلاتن ۽ بيمارين مان ڇوٽڪاري حاصل ڪرڻ لاءِ اچڻ لڳا. حضرت موسيٰ چئي ويو هو

www.sindhsalamat.com

تہ "جڏهن دين موسوي ڪمزور ٿيڻ لڳندو. يهودي قوم محڪوم ۽ مجبور ٿيندي تہ ان وقت هڪ مسيح پيدا ٿيندو جو سندن رهبري ڪري کين وري اڳوڻو اوج وٺائي ڏيڻ ۾ مدد ڪندو." جنهن ڪري هنن وري پنهنجي حڪومت حاصل ڪرڻ جا خواب لهڻ شروع ڪيا هئا. ماڻهن بهرحال هن (عيسيٰ) کي پوري طرح نہ سمجهيو. هيءَ جڏهن چوندو هو تہ کين حڪومت الاهيہ (Kingdom of God) ملڻ واري هئي. تہ هو سمجهندا هئا تہ کين دنياوي بادشاهي وٺي ڏيندو جهڙي حضرت دائود ۽ حضرت سليمان جي ڏينهن ۾ کين مليل هئي. ليڪن ان مان هن جو مطلب روحاني پاڪيزگي ۽ خود ضابطي هئي، ۽ نہ دنياوي جاهہ و جلال. هيءَ جڏهن پنهنجي ساٿين سان آسپاس جي ڳوٺن ۾ سير ڪرڻ ويندو هو تہ ڪيترا ماڻهو هن وٽ شفاياب ٿيڻ لاءِ اچي ڪٺا ٿيندا هئا. اهڙيءَ طرح عام ۾ هن جي شهرت وڌندي ويئي. جا شريعت موسوي جي ڪاهنن جي سردار ۽ ان جي مستقل مفادن وارن کي ناپسند پوڻ لڳي. ازانسواءِ هن پنهنجي سير ۽ گشت دوران ڪن اهڙين ڳالهين جو اظهار ڪيو ٿي، جي شريعت موسوي جي روايات خلاف سمجهڻ ۾ آيون ٿي جهڙوڪ:

(1). يهودين جي روايات ۽ شريعت موجب ڇنڇر جو ڏينهن عبادت ۽ ايڪانت ۾ گذارڻو هو. پر ان ڏينهن بہ جيڪڏهن ڪي ماڻهو هن (عيسيٰ) وٽ ڪم يا شفايابيءَ لاءِ ايندا هئا تہ هيءَ سندن ڪم ڪندو هو ۽ کين شفايابي بخشيندو هو. اهڙيءَ طرح ڇنڇر جي ڏينهن بہ هن وٽ ماڻهن جي ڪٺي ٿيڻ کي، يهودين سندن دين جي مکيہ رڪن جي انحرافي تصور ڪئي.

(2). هن سان جڏهن ربين يا مذهبي ڪارڪنن شريعت موسويءَ جي پابنديءَ جي ڳالهہ ڪئي ٿي، تہ هن چئي ڏنو ٿي تہ شريعت ئي سيڪجهہ نہ آهي. اها ماڻهن جي رهبري ۽ فائدي لاءِ تيار ڪيل هئي، ان ڪري ماڻهو ان جا محتاج بنجڻا نہ هئا. پر ان کي ماڻهن جي مفاد لاءِ ڪتب آڻڻو هو. مکيہ ڳالهہ صالح عمل هئا ۽ نہ قديم دستور ۽ روايات. جن کي شريعت سڏيو ٿي ويو. اهي ڳالهيون يهودي ربين ۽ ڪاهنن جي مستقل مفاد لاءِ نقصانڪار هيون.

(3). هن چيو ٿي تہ "نجات انساني" مذهبي شريعت جي محتاج نہ هئي. پر ان ۾ الاهي فضل کي بہ دخل هو. جيئن ان جي تتبع تي شاهہ لطيف فرمايو آهي تہ:

"عدل ڇٽان آءٌ نہ، ڪو ٿيرو ڪج فضل جو!"

www.sindhsalamat.com

اهڙن خيالن جي اظهار سبب شريعت موسويءَ جو اثر گھٽجي ٿي ويو. ۽ مذهبي جي نالي ۾ شريعت جي هٿيار سان حڪومت هلائيندڙ مستقل مفاد جي ڪاروبار ۾ رولو ٿي پيو. ان ڪري سنڌن مخالفت وڌڻ لڳي.

(4). هن قربانيءَ ذريعي گناهن جي بخشش يا نجات حاصل ڪرڻ واري اصول کي نه ٿي مڃيو. سنڌس چوڻ هو ته خدا رت ڏيڻ ۽ جانور قربان ڪرڻ سان راضي نه ٿيندو ڇو ته هو رحيم آهي نه قهار. اُن جي صحيح رضامندي حاصل ڪرڻ لاءِ خلق جي خدمت ۽ صالح عملن جي ضرورت هئي. ان ڪري يهودي ڪاهنن، سنڌس انهن ڳالهين کي موسوي مذهب جي بنيادي اصول خلاف سمجهي، ناپسند ڪرڻ شروع ڪيو.

(5). يهودين ۾ قديم وقت کان ويساهه ويٺل هو ته خدا طرفان مسيح موعود ايندو- جو سنڌن قوم مان هوندو- ۽ کين دنياوي بادشاهي ڏياري، وري اڳوڻو اوج وٺائيندو. هن کان جڏهن اسرائيلين پڇيو ٿي ته هو ڪير هو ته هن جواب ڏنو ٿي ته هو خدا جو فرزند ۽ مسيح موعود هو. پر ان مان هڪ غلط فهمي اها پيدا ٿي، جو اسرائيلين جي خيال ۾ هو ته جيڪڏهن هيءَ سچ پچ مسيح موعود هو ته کين دنياوي حڪومت جا حقدار خدا جا صالح بندا ۽ صالح اخلاق ماڻهو بنجڻا هئا. ۽ سنڌس قوم ۾ اهي خاصيتون پيدا ٿي نه سگهيون هيون. ان ڪري ضرورت هئي ته پهرين کين روحاني ۽ ذهني طرح لائق بنائجي، ان بعد ئي هو ظاهري طاقت جا حقدار ٿي سگهندا. عبادتن ۽ قربانيءَ جي رسومات تي زور ڏيڻ سبب هنن مان صلاحيت نڪري چڪي هئي. ان ڪري کين پهرين حڪومت الاهيه (روحاني حڪومت) لاءِ ڪوشش ڪرڻي هئي. جڏهن هو ان وسيلي صالح ۽ صاحب اخلاق بڻبا. ته ازخود سنڌن مشڪلاتون دور ٿي وينديون. پر يهودي ڪاهنن ۽ ربي- جي جيروسلم ۾ مڪاني حڪومت جا عهدا والاريو ويٺا هئا ۽ شريعت موسويءَ موجب فيصلا ڪندا ٿي رهيا -انهن ڳالهين کي سمجهي نه سگهيا. هنن کي اهڙيءَ گفتگوءَ مان، رومن کان مليل اقتدار جي وڃائڻ جو ڊپ پيدا ٿيو.

جيسيتائين يسوع مسيح ڳوٺن ۾ گهمندو ماڻهن کي روحاني ترقيءَ جي حصول لاءِ هدايتون ڪندو رهيو ان وقت تائين هنن (ڪاهنن) سنڌس شهرت جي خبرن ٻڌڻ جي باوجود، ڪيس برداشت پئي ڪيو. پر جڏهن ساليانو ميلي جي موقعي تي جيروسلم ۾ ڪيئي لک ماڻهو اچي گڏ ٿيندا هئا، ته هيءَ به اُتي ايندو هوءِ شهر ۾ اچڻ بعد ماڻهن کي وعظ ۽ نصيحت ڪندو هو. سنڌس معجزن

www.sindhsalamat.com

جي ڪري ماڻهن جو اعتقاد روز بروز وڌندو ويو. ان ڪري هيڪل (ديول) جا ڪاهن ان کي پنهنجي حدن ۾ مڪاني حڪومت جي انتظام ۾ دست اندازي سمجهڻ لڳا. يسوع ڏينهن جو شهر ۾ هيڪل ۾ هوندو هو ۽ رات جو جبل يا گهاٽي جهنگ ۾ وڃي رهندو هو. هڪ دفعي، هيءُ هڪ گڏهه تي سوار ٿي، هزارين ماڻهن جي هجوم سان شهر ۾ داخل ٿيو ۽ ڏسڻ ۾ ائين پئي آيو ڄڻ ڪنهن بادشاهه جي سواري گذري رهي هجي. ان ڳالهه ويتر يهودي سردارن ۽ ربين کي سخت رنج پهچايو. جڏهن هنن کي معلوم ٿيو ته سمنڊ جي ڪناري واري هڪ ننڍي ڳوٺ جي رهاڪو واڍي جو پٽ، ماڻهن کي پاڻ ڏانهن ڇڪي، سندن اثر زائل ڪري رهيو هو ڪلمر ڪلا سندن اعتقادن جي مخالفت ڪري پاڻ کي مسيح سڏائي رهيو هو. هنن خوفزده ٿي، سازش سٽي ته کيس "رومن حڪومت" سان تصادم ۾ آڻي، سندن هٿان سزاياب ڪرائين. ان سلسلي ۾ هنن ڪانئس اهڙا سوال پڇڻ شروع ڪيا، جن مان هن جو رومن حڪومت سان تصادم ٿي پوي. مثلاً: هڪ دفعي هن کان سوال پڇيائون ته "ڍل ڪنهن کي ڏيڻ گهرجي." ان تي هن کين چيو ته "مون کي سڪو آڻي ڏيکاريو" جڏهن سڪو هن وٽ آندو ويو ــ جنهن تي رومن شهنشاهه جي تصوير اُڪريل هئي ــ ته هن کين جواب ڏنو ته "هيءُ سڪو جنهن جو آهي، ڍل ان کي ملڻ گهرجي." اهڙيءَ طرح، اهڙي قسم جا ڪيترا شرارت آميز سوال ڪري، هن کي ڦاسائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وئي، پر هيءُ سندن چالبازيءَ ۾ ڦاسي نه سگهيو ۽ مناسب جواب ڏيئي پاڻ ڇڏائيندو رهيو. نيٺ هنن لاچار ٿي يهودي سردارن جي هڪ وڏي ڪائونسل گهرائي، ان آڏو ان مسئلي کي رکيو ۽ فيصلو ڪرايائون ته هن کي مارائي، جان آزاد ڪرائجي. پر هن جي پوئلڳي ايڏي ته وسيع ٿي چڪي هئي جو ڏينهن جو هن کي گرفتار ڪرڻ ڏکيو مسئلو هو ۽ ان مان فساد ٿيڻ جو انديشو هو. جنهن تي هنن سازش سٽي ته جڏهن هيءُ رات جو اڪيلو وڃي جهنگل ۾ سمهي، جتي وٽس چند حوارين کان سواءِ بيو ڪو به نه هجي، ان وقت کيس گرفتار ڪرڻ موزون ۽ وڌيڪ سهوليت وارو ٿيندو. پر جهنگل ۾ سندس سمهڻ جي معلومات سواءِ سندس ساٿين جي، ٻئي ڪنهن کي ڪانه هوندي هئي. ان ڪري هنن سندس ساٿين مان هڪ "يهوداه" کي رشوت ڏيئي پاڻ سان ملائي رضامند ڪري ورتو ته هو کين يسوع جي رات رهڻ واري جاءِ ڏسي، گرفتار ڪرائڻ ۾ مدد ڪرائيندو. هڪ رات جڏهن حضرت يسوع مسيح رات جو اڪيلو وڃي جهنگل ۾ ستو ته "يهوداه"

www.sindhsalamat.com

يهودي سپاهين کي ساڻ ڪري جاءِ وڃي ڏيکاري ۽ کيس گرفتار ڪرايو. جڏهن هو گرفتار ٿيو تہ يهودي سردارن بنا دير جي ان وقت ئي پنهنجي ڪورٽ اڳيان پيش ڪري کيس موت جي سزا ڏني. پر قانون اهو هو تہ اهڙيءَ سزا جي آخري اجازت رومن گورنر کي ڏيڻ جي اختيار ۾ هئي. ان ڪري گرفتاريءَ ۽ سزا مقرر ڪرڻ کان پوءِ هي کيس سڌو رومن گورنر وٽ وٺي ويا. حضرت عيسيٰ کي علم غيب ذريعي ان ساري معاملي جو پتو پئجي ويو هو پر هو خدا جي رضا تي راضي رهي. ان فيصلي لاءِ اڳيئي تيار ٿي ويٺو هو. ڇاڪاڻ تہ هو ان راءِ تي پهچي چڪو هو تہ "سنڌس قوم جي نجات ۽ انسان ذات جو ڀلو" انهي عمل ذريعي ئي حاصل ٿيڻ وارو هو. يهودين جو عقيدو هو تہ ڪين اخلاق حميده ۽ عمل صالح کان سواءِ دنياوي بادشاهي حاصل ڪرڻ بيڪار هئي. ان ڪري هن ماڻهن کي دنياوي بادشاهيءَ بدران روحاني حڪومت جي لائق بنائڻ جو ڪم شروع ڪيو هو. جا ڳالهہ صدين جي غلط عقيدي سبب يهودين کي سمجهہ ۾ نہ پئي آئي. ازانسواءِ هن نجات انسانيءَ لاءِ شريعت کان وڌيڪ اخلاق حميدهءِ عمل صالح کي ترجيح ٿي ڏني. ٻئي طرف يهودين جو سمورو زور ظاهري پاڪيزگي، قانون موسويءَ جي پابنديءَ ۽ دنياوي حڪومت جي حصول طرف هو. هيءُ فقير منش هو ۽ يهودي سردار دنياوي حڪومت جا طالبو هئا. هن جانورن جي قربانيءَ جي مخالفت ٿي ڪئي. ۽ يهودين جو عقيدو هو تہ خدا قربانيءَ کان سواءِ راضي ٿيڻو نہ هو. هن ماڻهن کي خدا جي اولاد برابر سمجهي ماڻٿ ۽ اولاد جي وچ ۾ سڌي رابطي جو پرچار ڪيو ٿي. ۽ شفاعت جي ان نظريي کي نہ ٿي مڃيو جنهن موجب يهودين جو چوڻ هو تہ خدا بزرگن ذريعي شفاعت ڪندو.

جنهن رات يسوع کي گرفتار ڪرڻ وارا هئا. ان رات هن سان ماني تي گڏ ٻارهن حواري هئا. هن کين چيو هو تہ "اوهان مان هڪ غداري مون کي يهودي سردارن جي حوالي ڪندو ۽ ٻيا سڀ ڀڄي ويندا" نيٺ جيئن مٿي ذڪر ٿي آيو آهي تہ يهوداه ان رات کيس گرفتار ڪرايو ۽ يهودي سردارن جي ڪائونسل کيس صليب تي چاڙهي شهيد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ان بعد هن کي رومن گورنر وٽ وٺي آيا. گورنر ڏٺو تہ هن جو ڏوهہ رومن قانون مطابق صليب تي چڙهڻ جهڙو ڪونہ هو پر رومن گورنر باوجود انصاف پسند هئڻ جي رومن حڪومت جي قيام لاءِ مصلحت انديشي کي زياده ترجيح ڏيندا هئا. ان ڪري هن يهودين جي ڪثرت راءِ کي راضي ڪرڻ لاءِ، حضرت عيسيٰ کي درا

www.sindhsalamat.com

مٽائي، ڪنهن جو تاج پارائي. سزا ڏياري. گورنر جو خيال هو تہ ممڪن آهي تہ يهودي ان سزا بعد حضرت عيسيٰ کي صليب تي چاڙهڻ جو ارادو ترڪ ڪن. پر يهودي سردار سختگير ۽ بيرحم هئڻ ڪري، پنهنجي ارادي کان باز نہ آيا ۽ اصرار ڪرڻ لڳا تہ حضرت يسوع کي صليب تي چاڙهيو وڃي. گورنر هنن کي ناراض ڪرڻ نہ ٿي گهريو. ان ڪري لاچار ٿي حڪومتي مصلحت اختيار ڪري حڪم ڪيائين تہ يسوع مسيح کي پلي صليب تي چاڙهيو وڃي. هڪ طرف شخص واحد (عيسيٰ) نون ديني خيالن ۽ معاشري جي اصلاح جو حامي هو تہ ٻئي طرف سموري يهودي قوم جو اثر رسوخ هو. گورنر، سياست ملڪ ۽ حڪومتي مصلحتن جو بار ساهميءَ جي هڪ پڙ ۾ وڌو ۽ ضمير جو آواز ٻئي پڙ ۾. پر جيئن تہ مذهب هئڻ جي باوجود، رومن روحاني ۽ اصولي علم کان اڻ واقف هئا، ان ڪري هن مصلحت جي پڙ کي ڳرو سمجهي، ضمير جي آواز کي نظرانداز ڪري ڇڏيو.

ان فيصلي بعد، يهودي سردار حضرت عيسيٰ کي بروقت صليب تي چاڙهڻ لاءِ وٺي ويا، ۽ کيس ٻن چورن سان گڏ صليب تي چاڙهي، هٿن ۽ پيرن ۾ ڪليون هٽي ماريو ويو. ٽئين ڏينهن جڏهن يهودي سندس قبر تي ويا تہ ڏٺائون تہ قبر کوٽي پئي هئي ۽ لاش گم هو. ان بعد حضرت عيسيٰ جي پوئلڳن کي اهو ويساهہ ويهي ويو تہ کيس خدا (سندس والد) آسمان ۾ گهرائي ورتو هو. سندس مکيہ حوارين مان ڪن شاهدي بہ ڏني تہ هنن اکين سان ڏٺو هو تہ ملائڪ کيس آسمان ڏي کنيو پئي ويا ۽ هو زنده هو. ڪن مرڳو اها شاهدي ڏني تہ حضرت عيسيٰ کين روبرو زنده حالت ۾ پاڻ ڏيکاريو هو. ان حالت ۾ هو مٿي آسمان ۾ خدا وٽ وڃي رهيو هو ۽ سگهوئي امت جي نجات لاءِ دنيا ۾ موٽي ايندو. ان باري ۾ پوءِ سندس پوئلڳن ۾ بہ رايا پيدا ٿيا. هڪڙن جو چوڻ هو تہ هن جو روح مٿي آسمان ۾ خدا طرف کڄي ويو هو ۽ ٻين چيو ٿي تہ سندس روح ۽ جسم ٻئي مٿي هليا ويا هئا.

ملت ابراهيم جي مذهبن، هڪٻئي جي تتبع تي ڳالهيون ڪيون هيون. ان جو پتو هن مان پوندو تہ پهرين حضرت ابراهيم خدا کي تنبوءَ ۾ گهرائي، ماني کارائي، ساڻس ڳالهايو عهد نامو ڪيو ۽ قرباني ڏني. ان بعد حضرت موسيٰ طور سنيا تي چڙهي، خدا سان ڳالهيون ڪيون ۽ اتي قربان گاهہ تيار ڪري قرباني ڏني. تنهن کان پوءِ حضرت عيسيٰ لاءِ هلايو ويو تہ هن انسان ذات جي بهتريءَ لاءِ پنهنجي سر جي قرباني ڏني ۽ مرڻ بعد جيئرو ٿي آسمان ڏانهن هليو ويو. اهڙو

www.sindhsalamat.com

ساڳيو اعتقاد مسلمانن ۾ مروج ٿيو تہ خدا سائينءَ حضرت محمد صلعم کي معراج لاءِ مٿي آسمان تي گهرائي، ساڻس ڳالهايو ۽ کيس آسمانن جو سير ڪرايو. ان بابت بہ حضرت عيسيٰ جي حوارين وانگر، ٻہ رايا آهن. هڪڙن جو چوڻ آهي تہ حضرت جن روحاني طرح معراج تي ويا. تہ ٻين جو چوڻ آهي تہ حضرت جن جسماني توڙي روحاني طرح خدا سان ستين آسمان تي ملڻ ويا هئا.

اهڙيءَ طرح هڪبئي جي تتبع تي ڪيترين ڳالهين ٻڌايون ويون آهن. انهن چئني روايتن مان ملت ابراهيم جي پوئلڳن جي بنيادي اعتقاد جو پتو پوي ٿو تہ هنن هڪ خدا کي مڃيو ٿي، جيتوڻيڪ ان جا نالا جدا ورتائون ٿي، پر انهن سڀني جو خدا بابت تصور شخصي ۽ انساني صفتن وارو هو. جيڪڏهن حضرت ابراهيم خدا کي تنبوءَ ۾ گهرائي، ماني کارائي خاطر تواضع ڪئي، تہ خدا جو اهو تصور بہ انساني هو. خدا سان، قرباني ۽ ختني ڪرڻ جا عهدناما ڪرڻ بہ سندس شخصي اصول جي نشاندهي ڪن ٿا. حضرت موسيٰ سان خدا جو طور سينا تي ديدار ڪرائي ڳالهائڻ، کيس فرعون جي لشڪر سان جنگ وقت مدد ڏيڻ، ڪڏهن ناراض ٿي قهر نازل ڪرڻ ۽ ڪڏهن راضي ٿي من و سلويٰ نازل ڪرڻ جهڙيون ڳالهيون بہ خدا جي انساني تصور سان ملحق هيون. توريت ۾ خدا طرفان فرمائڻ تہ "مون ماڻهوءَ کي پنهنجي صورت تي پيدا ڪيو" _ جهڙيون ڳالهيون، خدا جي انساني تصور ڏي نشاندهي ڪن ٿيون. حضرت عيسيٰ بابت اهو عقيدو رکڻ تہ روح القدس طرفان سندس والده جي رحم ۾ روح ڦوڪڻ سان پيدا ٿيو هو ان بعد خدا جي پٽ سڏائڻ، جسماني طرح مرڻ بعد جيئرو ٿي خدا وٽ ملائڪن ذريعي ڪچي وڃڻ، معجزن ذريعي مئل جيئرا ڪرڻ، ۽ آخر زمان ۾ موٽي اچي دجال کي مارڻ جا ڪم ڪرڻ _ سڀ اهڙيون ڳالهيون هيون، جيڪي "لايدرڪ الابصار" (جنهن کي نہ اکيون ڏسي سگهنديون نہ ڪن ٻڌي سگهندا) واري تصور کان علحده هيون. حضرت محمد صلعم جو جسماني طرح براق تي چڙهي، ستين آسمان تي خدا سان ڳالهائڻ ۽ قرآن ۾ خدا جي هٿن، ڪنن ۽ ٽنگن جو ذڪر اچڻ، سڀ ان شخصي تصور جي ڪڙي آهن.

حضرت يسوع جي زندگيءَ مان مذڪور آهي تہ هڪ پيري هو گليل کان ڦرندو اتي جي عبادتخانن ۾ وعظ ۽ نصيحتون ڪندو مستقبل جي بادشاهيءَ جي خوشخبري ڏيندو ۽ ماڻهن جي بيمارين ۽ تڪليفن کي دور ڪندو ٿي رهيو. تہ سندس شهريت چوڌاري ايتري تہ پکڙجي ويئي جو يهوديہ ۽ برون جي طرف

www.sindhsalamat.com

کان ماڻهن جا ميڙا اچي، سندس پٺيان ڪٺا ٿيا. ايڏي وڏي ميڙ کي ڏسي، حضرت عيسيٰ ٽڪريءَ تي مٿي چڙهي ويو. سندس ساٿي بہ وچي هن جي پير ۾ ويٺا. پاڻ ماڻهن کي هيٺين خطاب ڪيائين ـ جو اڳتي هلي "ٽڪريءَ وارو خطبو" (Sermon on Mountain)سڏجڻ ۾ آيو.

"خدا جي برڪت غريبن ۽ صاف دل ماڻهن تي پوڻ واري آهي. آسمان جي بادشاهي (روحاني آسودگي) انهن کي ملڻ واري آهي..... مبارڪ آهي انهن کي جي هتي غمگين آهن. خدا طرفان کين تسلي ملندي برڪت وارا حليم ماڻهو ٿيندا ۽ اتي ئي زمين جا وارث بڻجڻ وارا آهن. مبارڪ آهي انهن کي جي سچ جي راهہ تي هلڻ ڪري بکيا ۽ اُڃيا (مسڪين) آهن. اهي نيٺ آسوده حال ٿيندا."

"برڪت ملندي انهن کي جي رحمدل آهن. خدا طرفان انهن تي رحم ڪيو ويندو. مبارڪ آهي انهن کي، جن جي دل پاڪ آهي. ڇاڪاڻ تہ رب جو ديدار انهن کي نصيب ٿيندو."

"مبارڪ آهي انهن کي جي ماڻهن ۾ صلح ڪرائين ٿا. ڇاڪاڻ تہ اهي اولاد وانگر خدا جو ڪم ڪن ٿا."

"مبارڪ آهي انهن کي جي صداقت جي راهہ تي هلڻ ڪري ايذايا ويا آهن. مستقبل جي خوشي انهن کي نصيب ٿيڻ واري آهي. "منهنجي ڳالهين ٻڌڻ ڪريءِ ماڻهو اوهان تي لعنت ملامت ڪندا. اوهان کي تڪليفون ڏيندا ۽ اوهان جون گلائون ڪندا. پر ان جو ڪو خيال نہ ڪجو. ڇو تہ نيٺ ان مان توهان کي خوشي ۽ سُک نصيب ٿيندو. مستقبل ۾ اوهان کي ان جو اجورو ملندو. ڇاڪاڻ تہ اڳي بہ جن کي تڪليف ملي هئي، تن کي نيٺ راحت ملي هئي. اوهان زمين جي نمڪيني (لوڻيات) آهيو. جيڪڏهن لوڻ جو سواد هليو وڃي تہ اهو ڪيئن سلوڻو ڪري سگهبو. ان بعد اهو ڪنهن ڪم جو نہ رهندوءِ رڳو ان لائق ٿيندو تہ ان کي اڇلائي ڇڏجي ۽ ماڻهن جي پيرن هيٺان لتاڙجي."

"اوهان دنيا جي روشني آهيو جو شهر ٽڪر تي بيٺل آهي، سو لڪي نہ سگهندو. ڏيئو ٻاري ڪاري هيٺان نہ رکبو آهي. پر مٿي ڏيئيدان ۾ رکبو آهي تہ جيئن ساري گهر کي روشني ڏئي. ساڳيءَ طرح اوهان جي روشني بہ ماڻهن اڳيان چمڪڻ گهرجي تہ جيئن اهي اوهان جا چڱا ڪم ڏسي، اوهان جي آسمان واري پيءُ جي وڏائي بيان ڪن."

"اوهان ائين نہ ڀانيو تہ آءٌ توريت يا نبين جي لکيتن کي رد ڪرڻ لاءِ آيو

www.sindhsalamat.com

آهيان. پر آءُ انهن کي مڪمل ڪرڻ لاءِ آيو آهيان. آءٌ اوهان کي سچ ٿو چوان تہ جيسين زمين ۽ آسمان مٽجي نہ وڃن. تيسين توريت جي سيني ڳالهين پوري ٿيڻ کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ هٽندو. جيڪو ان تي عمل ڪندو ۽ اٿين سيکاريندو. سو ٿي آسمان جي بادشاهت ۾ وڏو سڏبو. "اوهان کي فقيهن ۽ فريسن کان صداقت ۾ وڌيڪ ٿيڻ گهرجي. ٻيءَ صورت ۾ اوهان بهشتي خوشي ماڻي نہ سگهندا."

"اوهان کي ٻڌايو ويو آهي تہ قتل نہ ڪريو. چاڪاڻ تہ عدالت ۾ ان عيوض سزا ملندي. پر آءٌ اوهان کي ٻڌايان ٿو تہ انسان ڀاءُ تي غصو ڪرڻ بہ سزا لائق بنائي ٿو. جو ٻئي کي چريو چوندو اهو بہ سزا جو لائق ٿيندو. جيڪو ٻئي کي بيوقوف سمجهندو يا چوندو اهو دوزخي ٿيندو."

"جڏهن اوهان قرباني ڏيڻ لاءِ قربان گاهہ وڃو اتي ياد اچيو تہ اوهان جي ڪنهن ڀاءُ کي اوهان سان ناراضپو آهي تہ پهرين وڃي ان کي پرچايو. ۽ بعد ۾ قرباني ڪيو تہ قبول پوندي اوهان کي ٻين جي پائي پائيءَ جو حق ادا ڪرڻ گهرجي."

"اوهان کي زنا ڪرڻ کان منع ڪيل آهي. پر آءٌ اوهان کي چوان ٿو تہ پرائي زال ڏي بڇڙي نگاهہ ڪرڻ وارو بہ زنا جو ڏوهي ٿي پوي ٿو. جيڪڏهن اوهان کي ڪا اک پلائي تہ ان کي ڪڍي ٿتو ڪري ڇڏيو ـ جيئن اوهان جو پيو بدن جهنم ۾ وڃڻ کان بچي وڃي."

"اوهان کي چيو ويو آهي تہ زال کان ناراض ٿيو تہ ان کي طلاق نامو لکي ڏيو. پر منهنجي اوهان کي هدايت آهي تہ جيڪو زناڪاريءَ جو الزام کان سواءِ زال کي ڇڏي ڏئي ٿو اهو ڪانئس زنا ڪرائڻ جي ڏوهي ٿيندو جيڪو ان نڪتل زال سان پرڻبو اهو بہ زنا جو ڏوهي ٿيندو."

"اوهان کي چيو ويو آهي تہ ڪوڙو قسم نہ کڻو پر منهنجي اوهان کي هدايت آهي تہ قسم اصل نہ کڻو بلڪ اهڙا ٿيو جو اوهان جي هر ڳالهہ قسم برابر سمجهي وڃي."

"اوهان کي ٻڌايو ويو آهي تہ قصاص وقت اک جي بدلي اک ۽ ڏند جي بدلي ڏند ڪڍي مخالف کي سزا ڏيو. پر منهنجو اوهان کي چوڻ آهي تہ دشمن جو مقابلو نہ ڪريو. جيڪڏهن ڪو اوهان جي ساڄي ڳل تي چماٽ هڻي تہ اوهان پنهنجو کابو ڳل بہ کيس چماٽ هڻڻ لاءِ پيش ڪريو. جيڪڏهن ڪو اوهان جي بي عزتي ڪري توهان جو ڪوٽ لاهي وٺي. تہ اوهان پنهنجي قميص بہ سندس حوالي ڪري ڇڏيو. جيڪڏهن ڪو توکي بيگر ۾ هڪڙو ميل وٺي وڃي تہ ان

www.sindhsalamat.com

سان بہ ميل وڄ. جيڪو توکان ڪي گهري، تنهن کي ڏي ۽ جيڪو توکان اُڌارو وٺي تہ ان کي انڪار نہ ڪرا"

"اوهان کي چيو ويو آهي تہ پاڙيسريءَ سان پيار ڪريو ۽ جيڪي اوهان کي ستائين، تن جي هدايت لاءِ دعا گهرو. اوهان جو پيءُ آسمانن ۾ آهي، ان جا صحيح اولاد ٿيو. ڇا لاءِ تہ اهو چڱن ۽ مدن ٻنهي لاءِ سج اُڀاري ٿو ۽ سچن ۽ ڪوڙن لاءِ يڪسان مينهن وسائي ٿو. جيڪڏهن اوهان صرف ان کي پيار ڪندا، جي اوهان کي پيار ڪن ٿا، تہ اوهان کي ڪهڙو اجر ملندو جيڪڏهن اوهين رڳو پنهنجن ڀائرن کي سلام ڪندا تہ ٻين کان وڌيڪ اوهان ڇا ڪيو _ غير قومن وارا بہ ساڳي طرح ائين ڪن ٿا. اوهان جو پيءُ، جو آسمانن ۾ آهي، سو مڪمل آهي، اوهان بہ ان جي پيرويءَ ۾ ڪامل بڻجوا"

نوٽ: ان جي پوئلڳيءَ ۽ هدايت موجب سنڌي درويشن بہ چيو آهي تہ:

چڱا ڪن چڱائيون، مٺايون مٺن،
جو وڙ جن سين، سو وڙ سي ئي ڪن
(شاهہ)

"خبردارا پنهنجي مٺي عمل کي ٻين جي ڏيکارڻ لاءِ نہ ڪريو ٻيءُ صورت ۾ اوهان کي خدا وٽان اجر نہ ملندو. جيڪڏهن اوهان خيرات ڪريو تہ اهڙيءَ طرح ڪريو جو ساڄي هٿ سان ڏيو تہ کابي کي خبر نہ پوي _ خيراتون ڳجهيون ڏجن، خدا ڏسي ٿو اهو پاڻهي اجر ڏيندو. جڏهن توهان دعا گهرين تہ پنهنجي اندرين ڪوٺيءَ ۾ وڃ ۽ در پوري پنهنجا خدا کان دعا گهر، جو ڏسڻ ۾ نٿو اچي، ليڪن اهو سڀڪجهہ ڏسي ٿو ۽ پاڻهي تنهنجي دعا قبول ڪندو."

"زمين جي ملڪيت گڏ ڪرڻ طرف توجهہ نہ ڏيو جنهن کي ڪينئان ۽ ڪٽ کايو وڃن، ۽ چور ڪاٽ هڻيو چورايو وڃن. پنهنجي لاءِ آخرت جو توشو گڏ ڪريو. جو دائمي ڪم ايندو. ان کي نہ چور چوري ڪري سگهندو ۽ نہ ٻئي ڪنهن نقصان جو انديشو ٿيندو. جتي اوهان جو مال هوندو اتي اوهان جي دل لڳل هوندي. ڪوبہ ماڻهو هڪ ئي وقت ٻن مالڪن جي خدمت ڪري ڪين سگهندو. خدا ۽ دنيا جي محبت هڪ وقت دل ۾ رکي نٿي سگهجي."

خودي ۽ خدا، ڪين ماپيندا من ۾،
ٻن ترارين جاءِ، ڪانهي هڪ مياڻ ۾ا
(شاهہ)

www.sindhsalamat.com

"جسم جي خواهش جو گهڻو فڪر نہ ڪريو. پکين کي ڏسو! جي نہ پوکين ٿا ۽ نہ ان ڪوٺين ۾ گڏ ڪري رکن ٿا. پوءِ بہ الله پيو انهن کي رسائي. سڀاڻي جي ڳڻتي نہ ڪريو. سڀاڻ جو ڏينهن پاڻهي سڀاڻ جي پورائي ڪندو. اڄ جو فڪر اوهان لاءِ ڪافي هئڻ گهرجي."

"ٻين جي عيب جوئي نہ ڪريو متان اوهان جي عيب جوئي ڪئي وڃي."

"پاڪ شيون ڪتن کي نہ ڏيو سوئر اڳيان موتي ڦٽا ڪرڻ سودمند نہ آهن."

"گهرو تہ ملندوَ! _ ڳولهيو تہ لهندؤ_ دروازو کڙڪايو تہ کلندو!"

"اوهان جيڪڏهن چاهيو ٿا تہ ٻيا ماڻهو اوهان سان سٺي روش اختيار ڪن تہ اوهان کي پڻ ساڻن سٺي روش اختيار ڪرڻ گهرجي......"

"وڻ سنڌس ڦر مان سڃاتبو آهي. چڱو وڻ سٺو ڦر ڏئي ٿو ۽ خراب وڻ خراب ڦر ڏيندو آهي. چڱو وڻ خراب ڦل ڏيئي نٿو سگهي؛ ۽ نڪي خراب وڻ سٺو ڦل ڏيئي سگهندو. جيڪڏهن وڻ چڱو ڦل نٿو ڏئي، ان کي وڍي باهہ ۾ وجهبو آهي."

"جي منهنجي خوشامد ٿا ڪن، سي بهشت ۾ نہ ويندا، پر جيڪي خدا جي مرضيءَ مطابق هلن ٿا، سي ئي ان جا حقدار آهن."

هيءُ اختصار ان خطبي جو آهي جو حضرت يسوع عليه السلام ٽڪريءَ تي چڙهي ڏنو هو.

هن هڪ هنڌ چيو هو تہ "جو ماڻهو مون کي مڃي ٿو ان جي آءٌ خدا وٽ شفاعت ڪندس. جو ماڻهو مون کان پنهنجي عزيزن کي وڌيڪ چاهي ٿو سو منهنجو لائق نہ آهي. جو صليب ڪلهي تي کڻي، سو مون سان هلي!"

شاهہ لطيف بہ فرمايو آهي تہ:

سر تيون! سُڃي سيج، متان ڪا مون سين هلي،
پاڻي ناهي پنڌ گهڻو اڳيان رائو رڃ،
متان مري ڪا اُڃ، ڏئي پاراتو پنهل کي.

يسوع مسيح جو چوڻ آهي تہ "جو ماڻهو جان بچائڻ جو انتظار ڪندو سو وڃائيندو جو منهنجن اصولن خاطر قربان ڪندو اهو زنده رهندو. جو مون سان گڏ نہ آهي، اهو منهنجي خلاف آهي."

"ماڻهن جا گناهہ ۽ ڪفر معاف ڪريو. جا ڳالهہ ابن آدم (يسوع) جي خلاف چوندا، اها معاف ڪري سگهجي ٿي. پر جا ڳالهہ انجي اصولن جي خلاف هوندي سا معاف نہ ٿي سگهندي."

www.sindhsalamat.com

"ڪي ماڻھو ڪنن سان ٻڌن ٿا، پر سمجهن ڪونہ ٿا. ڪي اکين سان ڏسن ٿا، پر سڃاڻن ڪونہ ٿا. ھن قوم جي دل تي چرٻي چڙھي وئي آھي."

حضرت يسوع مسيح ھڪ ھنڌ چيو تہ "نبي يا سڌارڪ، اڪثري پنھنجي وطن ۾ بيعزت ٿيندا آھن. پوءِ ڪٿي ڪھڙا بہ معجزا ڏيکارين يا ماڻھن جي ڀلائيءَ لاءِ ڪم ڪن."

"جي ٻانيو تہ بھشتي خوشي اوھان کي نصيب ٿئي تہ ٻارن وانگر معصوم بڻجو!"

جڏھن ھن کي فريسين ۽ صدوقين چيو تہ "سبت (ڇنڇر) جي ڏينھن جو احترام ڪرا" تہ ھن جواب ڏنو تہ "ڏينھن ماڻھن لاءِ بڻيا آھن، نہ ماڻھو ڏينھن لاءِ" ھن ھڪ دفعي چيو تہ "جو اسان جي خلاف نہ آھي سو اسان جي طرف آھي."

حضرت يُسوع کي مسلمان حضرت عيسيٰ جي نالي سان سڏين ٿا، ان جي ڪلام کي انجيل سڏين ٿا. ھن جي حوارين چار انجيل پيش ڪيا آھن، جيئن (1) متي جو انجيل، (2) مرقس جو انجيل، (3) لوقا جو انجيل ۽ (4) يوحنا جو انجيل ـــ جي نالن سان سڃاڻڻ ۾ اچن ٿا. چئن ئي انجيلن ۽ ان جي حوارين مان ڪن جي خطن کي گڏي، انھن کي "نئون عھد نامو" سڏيو ويجي ٿو. "پراڻي عھدنامي" ۽ "نئين عھد نامي" کي گڏي "بائيبل" جو نالو ڏنو ويو آھي.

حضرت يسوع جي نالي چوڻ ۾ اچي ٿو تہ ھو اڻ پڙھيل ھو ھڪ ڏينھن جڏھن ھو ڪجھ پڙھي رھيو ھو تہ يھودين تعجب ۾ پئجي چيو تہ "تون اڻ پڙھيل ٿي ڪري ڪيئن ٿو پڙھين!" تہ ان تي چيائين تہ "مون کي موڪلڻ وارو پڙھائي ٿو."

ھن جو چوڻ آھي تہ "مون سان محبت اھو ٿو ڪري، جو منھنجي ھدايت تي ھلي ٿو."

ھن جو چوڻ ھو تہ "آءٌ خدا وٽان نڪري دنيا ۾ آيو آھيان. ۽ ورِي دنيا کان موڪلائي خدا ڏانھن ويندس." "انا لله و انا اليه راجعون" ـــ (خدا وٽان آيا آھيون ۽ ان ڏي موٽنداسون) جا لفظ سندس متين لفظن جي ترجماني ڪن ٿا.

حضرت عيسيٰ جو چوڻ ھو تہ ھن ڪو نئون مذھب نہ آندو ھو پر اڳين نبين جي مذھبن ۾ بدليل حالات ۽ ذھنن جي ترقيءَ مطابق سڌارو ڪرڻ آيو ھو.

سيبيئي پيغمبر، حڪيم، رشي ۽ مني، ايزدي حڪم موجب ماڻھن جي ھدايت لاءِ پيغام کڻي ايندا ھئا. پر جڏھن اڳتي ھلي سندن پوئلڳ، ان پيغام ۽ تعليم کي آخري ۽ صداقت جو مخزن سمجهي، حالتن جي تقاضائن کي ڦٽو ڪري، پنھنجي مستقل مفاد لاءِ ڪتب آڻڻ جي ڪوشش ڪندا ھئا. تہ نوان

www.sindhsalamat.com

پيغامبر ايندا هئا. پر اڳين جا پوئلڳ پنهنجي هڪ مٿي ٽٽندي ڏسي، انهن جي مخالفت ڪندا هئا، ۽ بعضي حالتن ۾ انهن کي سزائون ڏياريندا هئا. اها ڳالهه هر دور ۾ ٿيندي آئي آهي.

جڏهن يهودي عالمن بدليل حالتن جو اندازو نه ڪري لڪير جي فقير وانگر شريعت موسوي جي قانونن ۽ دستورن تي، جي گذريل زماني جي حالتن موجب ايجاد ڪيل هئا، هلڻ لاءِ زور ڏنو ته وقت جي تقاضا موجب حضرت عيسيٰ عليه السلام جو ورود ٿيو. هن مذهب موسوي کي سڌارڻ جي ڪوشش ڪئي. پر يهودي عالمن طرفان جي مخالفت ٿي، ۽ هن کي صليب تي چاڙهي مارايو هو.

جيڪڏهن چتائي ڏسبو ته بيئي مذهب (دين موسوي ۽ دين مسيحت) هڪ وڻ جون ٽاريون، يعني ملت ابراهيم جون شاخون هئا. جيتري قدر مون انهن تي غور ڪيو آهي ته انهن جي وچ ۾ اختلافن جا ڪارڻ هيٺيان مسئلا هئا.

1. حضرت موسيٰ جي پوئلڳن صدوقين ۽ فروسين جو.. باوجود هڪ ٻين سان مذهبي تشريح جي اختلاف جي- اهو رايو هو ته شريعت موسوي تي هلڻ لازمي هو ۽ ان ۾ ڪابه ڦير ڦار ٿيڻي نه هئي. حضرت عيسيٰ جو چوڻ هو ته زماني ۽ حالتن جي تبديليءَ سان مذهبن جا دستور العمل ۽ قانون به بدلجڻا هئا. پر جن جي هٿن ۾ اڳين قانونن جي تشريح جي واڳ هئي، تن ان ۾ ذري جي تبديلي به پنهنجي مستقل مفاد جي خلاف سمجهي. مخالفت ڪئي ٿي. هو قانون جي پوئواريءَ تي زور ڏيڻ لڳا ۽ هن (عيسيٰ) کين ٻڌايو ته قانون کان سواءِ فضل (Gress) به حقيقت هو.

شاهه لطيف ان خيال جي ترجماني هن طرح ڪئي آهي:

عدل چتان آءُ نه ڪو ڦيرو ڪج فضل جو!

2. حضرت موسيٰ جي پوئلڳن (مستقل مفاد) ڇنڇر جي ڏينهن کي پاڪ سمجهي. عبادت لاءِ مخصوص ڪيو ۽ ان ڏينهن ڪوبه ڪم نه ڪندا هئا. پر حضرت عيسيٰ جو چوڻ هو ته ڏينهن ماڻهن لاءِ پيدا ٿيا هئا ۽ نه ماڻهو ڏينهن لاءِ. تنهنڪري سڀ ڏينهن خدا جا هئا. ۽ هر ڏينهن چڱو ڪم ڪري سگهجي ٿو. ان تي يهودين اختلاف ڪيو.

3. يهودين. پارسين وانگر خدا کي ٻن صفتن- قهاري ۽ رحماني- جو مالڪ سمجهي، سندس قهاري صفت کي ٿڌي ڪرڻ لاءِ رت ۽ چربيءَ جي قرباني ڏيڻ ضروري ڄاتي ٿي. ليڪن حضرت عيسيٰ جو چوڻ هو ته خدا خالق ۽ رحيم هو.

www.sindhsalamat.com

اهو پيءُ جيان پنهنجيءَ جملي مخلوق سان پيار ڪندڙ هو. انسان ذات تي جيڪي مصيبتون يا تڪليفون نازل ٿيون ٿي، اهي سندن بداعمالن جو ڪارڻ هيون. ۽ نہ خدا جي ڪاوڙ ۽ غضب جو نتيجو.

شاهہ لطيف بہ ان جي ترجماني هيئن ڪئي آهي:

ڪا مون هين پروڙ، نہ تہ سجڻ سڀا جهيندڙ گهڻا!

ڪاوڙ انساني ۽ حيواني صفت هئي، خدا تعاليٰ اُن کان برتر ۽ بالا هو. شريعت موسيٰ، زردشت جي دين جي تتبع تي دوئيءَ جي نظريي موجب. هر تڪليف ۽ مصيبت جو ڪارڻ خدا جي ناراضگي موجب. هر تڪليف ۽ مصيبت جو ڪارڻ خدا جي ناراضگيءَ کي ٺهرايو ٿي. ليڪن حضرت عيسيٰ، مشرقي مذهبن، خاص ڪري ٻڌ ڌرم، جي تعليم موجب هر مصيبت جو ڪارڻ شامت اعمال کي سمجهيو ٿي. جنهن کي ڪرم جو ڦل سڏيو ٿي ويو. خدا، ماڻهن کي سزا ڏيڻ جي فعل کان بالاتر هو اُن ڪري هن جي قرباني ڏيڻ ضروري نہ ٿي جاتي. اُن بنيادي متي پر اختلاف سبب يهودين مخالف ڪئي.

4. يهودين کي ٻڌايو ويو هو تہ مذهب جو مکيہ مقصد اِخلاق جي درستي، آمن ۽ سلامتيءَ جو قيام هو. اُن لاءِ کين شريعت موسوي ڏني ويئي هئي، پر هنن شريعت جي عمل پر آڻڻ لاءِ سختيءَ ۽ تشدد کان ڪم وٺڻ ضروري ٿي جاتو.

انهيءَ پاليسيءَ تي هاڻ هلڻ لاءِ هنن سياست ذريعي مذهبي شريعت جو نفاذ لازمي جاتي، پنهنجي حڪومت کي قائم پر رکڻ چاهيو. آسپاس پر وڏيون شهنشاهيون قائم ٿي چڪيون هيون. اهڙيءَ پاليسيءَ سبب هنن جو اُنهن سان تصادم ٿي پيو. اُن مان نہ تہ سندن اخلاقي درستيءَ جو مقصد حاصل ٿيو ٿي. نہ وڏين حڪومتن سان ٽڪرجڻ مان ڪو فائدو ٿي حاصل ٿين. اُن ڪري حضرت عيسيٰ تاريخ مان سبق وٺندي، اخلاقي اصلاح لاءِ سختيءَ ۽ تشدد کي ترڪ ڪري، محبت ۽ تاليف قلوب ذريعي کين عمل ڪرڻ جو سبق ڏنو. يهودي صدوقين ۽ فريسين جي طاقت استعمال ڪرڻ جا عادي ٿي چڪا هئا. ۽ مستقل مفاد بڻجي ويا هئا. تن پر برداشت جو مادو نہ رهيو هو. جڏهين حضرت عيسيٰ کين تلقين ۽ هدايت ٿي ڪئي تہ "گناهگار جي درست ڪرڻ لاءِ سزا جي عيوض معافيءَ جو طريقو اختيار ڪيو وڃي. دشمن کان انتقام وٺڻ بدران ان سان محبت جو برتاءُ ڪيو وڃي. جيڪڏهن ڪو اوهان کي ڳل تي چماٽ هڻي تہ ٻيو ڳل بہ کيس چماٽ لاءِ ڏاهي ڏيو. ۽ جيڪڏهن ڪو اوهان جو ڪڙتو زوريءَ ڦري

www.sindhsalamat.com

وٺي ته ڪيس پهراڻ به لاهي ڏيوس" وغيره. ته انهن ڳالهين کي هنن پنهنجي قديم روايت ۽ شريعت جي خلاف سمجهي مخالفت ڪئي ٿي.

5. يهودين ۾ ورهين کان اعتقاد ويٺل هو ته مسيح موعود پيدا ٿي کين وري حڪومت وٺي ڏيندو. ليڪن جڏهن يسوع پيدا ٿيو ۽ ان پاڻ کي مسيح موعود سڏايو ته هنن منجهانئس توقع رکي ته هو کين رومن حڪومت جي تسلط کان آزاد ڪرائي، پنهنجي حڪومت وٺي ڏيندو. پر حضرت عيسيٰ حالتن جو اندازو لڳائي، ان راءِ تي پهتو هو ته حڪومت ۽ تشدد جي استعمال ڪري يهودين کي فاعدي بدران نقصان پهتو هو. ان ڪري اول انهن جي اخلاق جي درستيءَ ۽ اعمال صالح لاءِ ڪوشش ڪرڻ جي ضرورت هئي. تنهن لاءِ هن کين ذهن نشين ڪرڻ گهريو ته بهترين بادشاهي حڪومت الاهيہ هئي، جنهن لاءِ زور ۽ طاقت جي بدران محبت ۽ تاليف قلوب جو رستو استعمال ڪرڻو هو. پر اهي ان اعليٰ ۽ روحاني طريقي ڪار کي سمجهي نہ سگهيا. هنن کي طاقت ۽ حڪومت کپندي هئي، جنهن جي حصول لاءِ هنن ورهين جا ورهيہ خواب لڌا هئا. هن وقت کين دنياوي اقتدار بدران روحاني خوشيءَ جي حصول لاءِ جا تلقين ڪئي ٿي ويئي، اها ڳالهہ کين پسند نہ پيئي، ۽ حضرت عيسيٰ جا مخالف ٿي پيا.

6. حضرت موسيٰ کان پوءِ، ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته اسرائيلي ٽن گروهن ۾ ورهائجي ويا هئا. هڪڙا صدوقي، جي قوم جا سردار ۽ ڪاهن هئا ٻيا شريعت هلائيندڙ نقيهہ يا فريسي هئا. جن صدوقين ماتحت اسرائيلين جي نظم نسق کي هلايو ٿي ۽ عدالتي ۽ انتظامي ڪاتو سندن هٿ هيٺ هو. ٽيون غريب عوام هو جيڪو مٿين ٻنهي گروهن جي ماتحت پوئلڳن وانگر هلي رهيو هو. جيئن تہ ڪثرت پوئين گروهہ جي هئي ۽ اهي مصيبتن ۽ مشڪلاتن ۾ مبتلا هئا، انڪري حضرت عيسيٰ پنهنجو سمورو توجهہ انهن جي بهتريءَ ۽ ڀلائيءَ طرف ڏنو ٿي. نصيحت، وعظ ۽ خطاب بہ انهن کي ٿي ڪيائين. نجات جو مستحق بہ انهن کي ٿي ٺهرايائين. ان ڪري سندس پوئلڳ بہ اڪثري انهيءَ گروهہ مان ٿيندا ويا جنهن ڳالهہ صدوقين ۽ فريسين کي، جي مستقل مفاد بنجي ويا هئا، پنهنجي اقتدار ۽ اثر لاءِ نقصان ڪار سمجهي، مخالفت شروع ڪئي.

7. برهمڻ وانگر اسرائيلي ڪاهن ۽ نقيهہ پاڻ کي چونڊيل قوم تصور ڪري ٻين قومن کان وڌيڪ سمجهڻ لڳا هئا. جيئن تہ اسرائيلي ختنو ڪرائڻ ضروري سمجهندا هئا. ان ڪري ختنو نہ ڪرائيندڙ ماڻهن کي هنن پنهنجي

www.sindhsalamat.com

دائره مذهب ۾ قوم ۾ تسليم نہ ٿي ڪيو. هنن جي خدا "جهوا" جو تصور سندن قوم جي خدا وارو هو. نجات جو مستحق بہ صرف پاڻ کي سمجهڻ لڳا هئا. ليڪن حضرت عيسيٰ جي خدا جو تصور انسان ذات جي آبي ۽ خالق وارو هو ان ڪري هن نجات جو مستحق هر هڪ کي سمجهيو ٿي. شاهہ لطيف ان جي ترجماني هن طرح ڪئي ٿي:

نئون نياپو آئيو راڻي ملا رات،
لڏيسون لطيف چئي، ڪنا ڏاتر ذات،
ڪانہ پڇي تو ذات، جي آيا سي آگهيا!

اُن نظريي کي يهودين قديم روايات ۾ اسرائيلي قوم جي برتريءَ خلاف سمجهي، حضرت عيسيٰ جي مخالفت شروع ڪئي. اهو سندن اختلاف جو ستون ڪارڻ هو.

8. اسرائيلي ڪاهنن ۽ ربين، پنهنجي قوم جي ڀلائيءَ ۽ نجات لاءِ ظاهري پاڪيزگي ۽ شريعت موسوي جي پابنديءَ جو زور ٿي ڏنو. ليڪن حضرت عيسيٰ ان کي ايتري اهميت نہ ٿي ڏني ۽ سندس زياده تر توجهہ اندر اُجارڻ، محبت انساني، اخلاق حميده ۽ عمل صالح تي هو. ان ڪري هن واعظن ۽ نصيحتن ۾ ماڻهن کي ان ڳالهہ جي هدايت ڪئي ٿي. جا ڳالهہ ڪاهنن، ربين ۽ فرسين پنهنجي عقائد ۽ مفاد لاءِ نقصانڪار سمجهي، مخالفت شروع ڪئي ۽ چيائون تہ اهي ڳالهيون من گهڙت ۽ بدعتون هيون. جيڪي توريت، تالمد ۽ اسرائيلي روايات مطابق نہ هيون.

9. اسرائيلين پاڻ کي مثالي ۽ برتر قوم تصور ڪري، هر خدائي نعمت جو حقدار سمجهيو ٿي. ۽ پنهنجي دين کي مڪمل، پنهنجي شريعت کي زندگيءَ جو بهترين دستور ۽ پاڻ کي حضرت موسيٰ جو سچو پوئلڳ ٿي سڏيو.

حضرت عيسيٰ اُن جي ابتڙ سڄي انسان ذات، کي خدائي برتر جو اولاد سمجهي، اُن جي نعمتن ماڻڻ جو حقدار ٿي ڄاتو. هن دين موسوي کي بنيادي ڍانچو سمجهڻ جي باوجود مذهبي ارتقا ۾ يقين رکيو ٿي. هن موسوي شريعت کي گهٽين خوبين جو باعث سمجهڻ جي باوجود، بدليل حالات، وقت جي تقاضا ۽ قومي ۽ ملڪي ضرورتن پٽاندڙ ان جي مناسب اصلاح ضروري ڄاتي ٿي. حضرت موسيٰ وڏو نبي هو پر هن وقت حضرت عيسيٰ پاڻ کي ان دور جو پيغمبر سمجهي، پنهنجن احڪامن کي ترجيح ڏيارڻ لڳو. انهن اختلافي ڳالهين سبب

www.sindhsalamat.com

اسرائيلي مذهبي مهندارن جي هن سان دشمني پيدا ٿي پيئي. جا نيٺ کيس صليب تي چاڙهائڻ جو ڪارڻ بني.

10. حضرت موسيٰ کان اٽڪل 14 سئو ورهيه پوءِ حضرت عيسيٰ جو ظهور ٿيو. ان وچ ۾ دنيا اندر ڪيئي پيغمبر پيدا ٿي چڪا هئا. اسرائيلي پيغمبرن کان سواءِ مشرق ۾ حضرت گوتم ٻڌ، مهاتما مهاوير ۽ زردشت پيغمبر وجود ۾ اچي چڪا هئا، جن انسان ذات کي نون پيغامن، اُميدن ۽ آسرن سان مستفيد ڪيو هو. ممڪن آهي تہ ظاهري طرح حضرت عيسيٰ کي انهن جي تعليم کان پوري طرح واقفيت نہ ٿي سگهي هجي، پر جنهن صورت ۾ جملي پيغمبرن جو ورود احڪام فطرت، تواريخي تقاضائن ۽ ملڪي حالتن جي ضرورتن پٽاندڙ ٿيو ٿي ۽ روحاني طرح اهو سلسلو ڳنڍيل هو. ان ڪري حضرت عيسيٰ، موسوي شريعت ۽ مذهب ۾ جيڪي سڌارا آڻڻ گهريا ٿي، سي تقدير خداوندي مطابق هئا. پر يهودي ان جي مفهوم ۽ معنيٰ نہ سمجهي، تنگدلي ۽ قدامت پسندي سبب ان جي مخالفت ڪرڻ لڳا.

حضرت عيسيٰ جي عروج بعد مسيحي دين مختلف مشڪلاتن جي باوجود، زياده عرصي تائين مخفي طرح آهستي ٿي پکڙجندو ويو. نتيجو اهو نڪتو تہ رومن حڪومت جو شهنشاهه ڪالسٽائين خود بہ ان جو پيروڪار بنجي ويو ۽ اڄڪلهہ انسان ذات جو اٽڪل 40 کان 50 سيڪڙو انهيءَ دين جو پيروڪار آهي. اهو سندن ترقي يافتہ عقيدن ۽ صحيح طريقہ ڪار جو سبب چئي سگهجي ٿو.

## 8. دين اسلام

هن مذهب جو باني حضرت محمد صلعم هو جو حضرت ابراهيم جي نسل مان سندس ٻانهي بيبي هاجران مان پيدا ٿيل فرزند حضرت اسماعيل جي اولاد جي اٺاويهين پشت مان هو. هن جي والد جو نالو عبدالله بن عبدالمطلب ۽ والده جو نالو بيبي آمنه هو. سندس والد ۽ والده هن جي ننڍپڻ ۾ ئي وفات ڪري ويا هئا. اُن بعد اول ۾ هيءُ پنهنجي ڏاڏي عبدالمطلب جي سنڀال ۾ رهيو ۽ پوءِ پنهنجي چاچي آبي طالب جي نظرداري هيٺ پلجي وڏو ٿيو. سندس پڙ ڏاڏي جو نالو هاشم هو جنهن ڪري سندس خاندان "هاشمي خاندان" سڏبو هو. هيءُ خاندان ڪعبي جي مجاورن مان هو.

www.sindhsalamat.com

حضرت محمد صلعم مڪي شريف ۾ 12 ربيع الاول تي اربع جي ڏينهن ڄائو هو. ننڍي هوندي کان ئي انتهائي عمدي طبيعت ۽ صلاحيت جو مالڪ ٿيو. جنهن ڪري سندس اخلاق حميده کان متاثر ٿي، هڪ شاهوڪار عورت بيبي خديجه الڪبريٰ، ساڻس 24 ورهين جي عمر ۾ شادي ڪئي، ۽ کيس پنهنجي سموري ڪاروبار ۽ واپار جو مالڪ بنايو. بيبي صاحبہ جي عمر ان وقت 40 ورهيہ هئي. حضرت محمد ان ڪاروبار جي سانگي عراق ۽ شام واپار لاءِ ويندو رهندو هو. جتي ٻين مذهبن جي مکيہ ماڻهن ۽ ڪن راهب بزرگن سان هن جي واقفيت ٿي.

شام ۽ عراق گهڻي وقت کان تهذيب ۽ تمدن جا مرڪز رهيا هئا. جتي بابل ۽ سمير جون تهذيبون وجود ۾ آيل هيون. ان وقت اُتي دنيا جي مکيہ مذهبن جا عالم ۽ رهبر بہ رهندا هئا. سنڌ ۽ هند ۾ پيدا ٿيل پيغمبرن ۽ مذهبن جا سڌا ۽ اڻسڌا اثر بہ اُنهن ملڪن تائين پهچي چڪا هئا. پر واري ملڪ مصر جي قديم تهذيب، تمدن ۽ مذهبي عقائد جو بہ اُتي اثر پهتل هو.

40 سالن جي عمر ۾ حضرت محمد کي غار حرا ۾ هڪ نئون منظر ڏسڻ ۾ آيو جنهن کيس هراس ۾ وجهي ڇڏيو. جڏهن اهو احوال پنهنجي بيبي خديجه الڪبريٰ سان ڪيائين تہ اُن هڪ خدا رسيده بزرگ سان اِن باري ۾ مشورو ڪيو. جنهن کيس ٻڌايو تہ اهو فرشتو جبرائيل هو. جنهن ساڻس ملاقات ڪئي هئي. حضرت محمد تي وحي اچڻ جي اها ابتدا هئي، ان کانپوءِ آخر عمر تائين وقت بہ وقت کيس وحي ايندو رهيو. ان دوران اڪثر پاڻ غش ۾ ويندو هو ۽ بي ساختہ سندس زبان مان ڪي الفاظ نڪرندا هئا. جن کي سندس صحابي گڏ ڪري، ياد ڪري لکي ڇڏيندا هئا. اُن گڏ ڪيل مواد کي سندس صحابي حضرت عثمان رضہ آنحضرت جي وفات کان 15 سال کن پوءِ، مرتب ڪري هڪ ڪتاب ٺاهيو جنهن کي قرآن يا فرقان جي نالي سان سڏيو ويو.

سندس نبوت تي ايمان پهرين سندس بيبيءَ ۽ گهر جي ڀاتي حضرت عليءَ (سندس چاچي ابو طالب جي پٽ) آندو.

سندس ساٿين مان جنهن عمر رسيده ماڻهوءَ سڀ کان اڳ ايمان آندو سو چون ٿا تہ حضرت عبدالله بن ابي قحافہ هو. جو بعد ۾ ابوبڪر صديق رضہ جي لقب سان مشهور ٿيو. حضرت اسماعيل جي اولاد مان صرف حضرت محمد صلعم پيغمبر ٿيو ۽ حضرت اسحاق جو فرزند حضرت يعقوب عہ، جو پوءِ اسرائيل جي نالي سان سڏيو ۽ سندس اولاد بني اسرائيلي مشهور ٿيو. مان

www.sindhsalamat.com

ڪيئي رسول پيدا ٿيا. جن مان مکيه حضرت موسيٰ، حضرت دائود ۽ حضرت عيسيٰ جي سڀ اهل ڪتاب سڏيا. ٽين نبين به پنهنجا نندا ڪتاب يا صحيفا ڇڏيا. حضرت موسيٰ جو ڪتاب "توريت" حضرت دائود جو "زبور" ۽ حضرت عيسيٰ جو "انجيل" هو جن سڀني کي گڏي "بائيبل" سڏيو ويو. حضرت محمد تي نازل ٿيل وحي جي آيات کي "قرآن" سڏيو ويو. ۽ پاڻ پنهنجي زندگيءَ ۾ جيڪي هدايتون ڪيائون يا ڳالهايو تن کي "حديثن" جو نالو ڏنو ويو.

ڪعبو جنهن جو هيءُ خاندان مجاور هو قديم عبادتگاهه هو جنهن ۾ قمري سال جي ڏينهن جي حساب سان 360 بت رکيل هئا. اُن ۾ عرب جي هر قبيلي جا بت شامل هئا. ان ڪري ڪثرت خدائن جي بتن سبب ڪعبو "پينٿين" جو ڪم ڏيندو هو. حضرت محمد صلعم، حضرت ابراهيم ۽ ٻين بني اسرائيل جي پيغمبرن جي تتبع تي هڪ خدا کي مڃڻ جي تعليم ڏني، ۽ پنهنجا ڪيترا پوئلڳ ڪري ورتا. جنهن ڪري، ڪعبي ۾ موجود بتن جي قدامت پسند پوڄارين جي هن سان مخالفت ٿي پئي. يهودين ۽ عيسائين به اِن ڳالهه کي موسوي ۽ مسيحي دينن جي عين مطابق نه سمجهيو. اڪثريت جي مخالفت سبب هن ۽ سندس پوئلڳن کي گهڻيون تڪليفون ڏنيون ويون. اُنهن مصيبتن کان تنگ ٿي، سندس ڪن پوئلڳن ۽ ساٿين لڏي وڃي، حبش ۾ اتي جي عيسائي بادشاهه وٽ پناهه ورتي. جنهن هنن کي بچاءُ ۽ هر ڪا سهوليت ڏني.

مڪي ۾ رهڻ وقت هن کي اهڙو ته تنگ ڪيو ويو جو لاچار ٿي هن مديني لڏي وڃڻ جو ارادو ڪيو. ان ڳالهه جو جڏهن مڪي وارن کي پتو پيو ته هنن ڪيس قتل ڪرڻ جي سازش سٽي. پر پاڻ رات جو پنهنجي کٽ تي حضرت عليءَ کي سمهاري، حضرت ابوبڪر کي ساڻ ڪري مديني روانا ٿي ويا. مڪي وارن هن جي پويان ڳولا ڪئي پر پاڻ خدا جي فضل سان مديني پهچي ويا. اُتي جي رهاڪن هن ۽ سندس ساٿين جي گهڻي آڌر ڀاءُ ڪئي. ايتري قدر جو پنهنجي ملڪيت مان اَڌ کين ورهائي ڏنو. اُن بعد رسول جا ٻاهران آيل ساٿي مهاجر (لڏي آيل) ۽ مديني جا همدرد انصار (مدد ڪندڙ) جي لقب سان سڏجڻ ۾ آيا.

مديني هجرت ڪري اچڻ کانپوءِ هن پنهنجي دين جي تبليغ زور شور سان ڪرڻ شروع ڪئي. جنهن ڪري سندس پوئلڳن جو تعداد وڌي ويو. سندس اُن شهرت کي ڏسي، مڪي وارن مخالفت وڌائي ڇڏي ۽ هن کي مديني ۾ به سک سان سمهڻ نه ڏنو. مڪي ۾ مخالفت جي گهڻائي سبب هنن جي حيثيت مدافعتي هئي. پر

www.sindhsalamat.com

هتي مديني ۾ پوئلڳن ۾ همدردن جي ڪثرت هئڻ ڪري، هاڻ اِن پوزيشن ۾ ٿي ويا هئا، جو مقابلي ۾ جنگيون ٿيڻ لڳيون. آهستي ڪري پير وارا مخالفت جا اڏا ختم ڪرڻ ۽ مديني تي مڪي وارن جي حملن کي منهن ڏيڻ کانپوءِ هنن ۾ جرئت پيدا ٿي، تہ مڪي ۾ حج تي وڃڻ لاءِ تياري ڪن. پر پهرئين سال مڪي وارن کين حج ڪرڻ نہ ڏنو ۽ موٽائي ڇڏيو. ٻئي سال هو وڏيءَ تياريءَ سان حج ڪرڻ مڪي آيا. مڪو فتح ٿيو ۽ ڪعبي مان بت ڪڍي ٻاهر ڦٽا ڪيا ويا.

مڪي جي فتح کانپوءِ تقريبن ساري عرب تي هنن جو تسلط قائم ٿي ويو. اڳي مذهب جي تبليغ ۽ پرچار، تاليف قلوب ذريعي ڪئي ويندي هئي، پر هاڻ طاقت هٿ ۾ اچڻ کانپوءِ حڪومت سان وفاداريءَ جو عهد ڇاڻي، ان کي لازمي قرار ڏنو ويو. غير مسلمانن کي مجبورن نئين دين جي پيروي ڪرڻ ٿي پيئي، ٻي صورت ۾ کين ماريو يا غلام ۽ ٻانهو بڻايو ٿي ويو. سندن ملڪيت کي مال غنيمت قرار ڏئي مسلمانن ۾ ورهايو ٿي ويو.

عرب جنگجو ۽ باهمت هئڻ جي باوجود پاڻ ۾ وڙهيل، قبيلن ۾ ورهايل، منتشر، جاهل ۽ وهم پرست جم غفير هئا. تن کي حضرت محمد هڪ نئين دين جي ماتحت متحد ڪري، هڪ قوم بڻائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. فتح مڪي کان پوءِ اُن زماني ۾ قرآن جي هيءَ آيت نازل ٿي هئي:

"آليوم اَڪلمت لڪم دينڪم وَ آلنممت عليڪم نعمتي ورضيت بڪم اسلام ديناط" يعني- "اڄ ڏينهن کان اسان تنهنجي دين (مشن) کي پورو ڪيو ۽ توتي پنهنجي مهربانين جو اختتام ڪيو ۽ تنهنجي لاءِ اسلام کي دين مقرر ڪيو آهي."

عرب اُن وقت متحد ٿي، هڪ فعال قوم بڻجي ويا، ۽ ٿوري وقت کان پوءِ وچ مشرق ۽ دنيا جي گهڻي حصي تي قابض ٿي، پنهنجو سامراج قائم ڪري ويا.

عرب جي پير ۾ عراق، ايران، سنڌ، شام ۽ مصر جهڙا مهذب سرسبز ۽ شاهوڪار ملڪ هئا، جن کي پنهنجون قديم تهذيبون، تمدن ۽ وڏيون حڪومتون هيون. ايران ۽ عراق ۾ ساماني شهنشاهيت هئي، سنڌ ۾ برهمڻ گهراڻي جي سلطنت هئي، جيڪا موجوده پاڪستان کان ٿوروگهڻ ايراضيءَ واري ملڪ تي مشتمل هئي. شام، مصر ۽ ايشيا مائنر رومن سامراج جي ماتحت هئا. اُهي سڀ حڪومت جلد سندن قبضي هيٺ اچي ويون.

هنن جي عروج ۽ زوال تي ڪيئي ڪتاب لکيل آهن. هتي اسان جو مقصد سندن مذهبي عقائد ۽ پاليسيءَ سان آهي. قديم عرب جا بت پرستيءَ وارا عقيدا،

www.sindhsalamat.com

سمير، مصر، بابل، ايران هند ۽ بني اسرائيل جي عقيدن تي مرتب ٿيل هئا. حضرت محمد صلعم بني اسرائيل جي پيغمبرن جي آخري ڪڙي هو. بلڪ جيڪڏهن ڪٿي چئجي ته دنيا جي مذهبن ۾ هن کان پوءِ ڪنهن نئين مذهب اهڙي عالمگير حيثيت اختيار نه ڪئي ته صحيح ٿيندو.

هن مذهب جي مڃيندڙن جي چوڻ موجب هن مذهب ۾ هيٺيون ڳالهيون خاص ۽ نراليون هيون.

1. حضرت محمد صلعم دنيا جو آخري نبي هو. هن جي مذهبي تشريح آخري ۽ مڪمل هئي.

2. حضرت محمد صلعم معصوم، گناهن کان پاڪ، علم غيب ذريعي هر شيءِ جو ڄاڻو ۽ حيات النبي هو.

3. هن جي مذهب جي مکيه سمجهاڻي قرآن (خدا جي ڪلام)ذريعي نازل هئي. جنهن ۾ موجود سڀ ڳالهيون بنا شڪ جي سچيون، اڳين مذهبن جي بهترين هدايتن مان اخذ ڪيل ۽ انسان ذات لاءِ مڪمل لائحه عمل پيش ڪندڙ هيون.

4. حضرت محمد صلعم طرفان پيش ڪيل شريعت اسلامي، انساني ذات جي هر مرض جو علاج، نجات لاءِ آخري ۽ بهترين دستور العمل هئي.

مٿي ذڪر ڪيل چئن دعوائن بابت هيٺ مختصر روشني وجهڻ ۽ سمجهاڻي ڏيڻ جي ڪوشش ڪندي

1 ۽ 2 حضرت محمد صلعم آخري نبي، معصوم ۽ علم غيب جو ڄاڻو هو: پڙهندڙ هيٺين مذهبن جي ارتقا بابت مٿي ڪيل بيانن مان ڪجهه احوال معلوم ڪري آيا هوندا. جهڙوڪ:

1. ويدڪ ڌرم: جو پوءِ هندو ڌرم جي نالي سان مشهور ٿيو.

2. ٻڌ ڌرم: جو ويدڪ ڌرم جي شاخ هو ۽ ان جي اصلاح لاءِ آيل هو.

3. جين ڌرم: جو ويدڪ ڌرم جي شاخ هو ان جي خاص تشريح جو حامل هو.

4. زراسترزم: ۽ ان جون شاخون، جي ب ين جي ويدڪ ڌرم جي بنياد تي مذهب جي خاص تشريح جون حامل هيون.

5. صيحونيت: يا يهودي مذهب، جو حضر ـ موسيٰ جي پيش ڪيل عقائد ۽ شريعت تي تعمير ٿيل هو.

www.sindhsalamat.com

6. مسيحت: يا مسيحي مذهب. جو حضرت عيسيٰ طرفان بني اسرائيل جي مذهب جي نئين تعبير ۽ اصلاح لاءِ وجود ۾ آيل هو.

اُنهن ذڪر ڪيل سيني مذهبن جي پوئلڳن جو پنهنجن پيغمبرن جي معصوميت. غيب جي ڄاڻوءَ ۽ آخري پيغام پيش ڪندڙ جي حيثيت ۾ اُهو ئي ساڳيو عقيدو هو جو مسلمانن حضرت محمد صلعم بابت رکيو ٿي. جيتوڻيڪ سيني پيغمبرن صاف ظاهر ڪيو هو تہ هنن ڪو صفا نئون دين پيش ڪونہ ٿي ڪيو پر اڳين دين جي اصلاح ۽ زماني ۽ حالات جي تبديليءَ سبب اُن جون نيون تشريحون پيش ڪيون ٿي.

مذڪوره مذهبن جي پوئلڳن جو چوڻ هو تہ جيئن تہ سندس پيغمبر اڳين پيغمبرن کان پوءِ آيا هئا. اُن ڪري هنن وقت جي ضرورتن. حالات جي تقاضائن ۽ انساني ذهن جي ارتقا سبب جيڪي تبديليون. اضافا يا اصلاحون ڪيون ٿي. سي آخري ۽ مڪمل هيون. اهو اعتقاد نہ صرف حضرت محمد جي پيروڪارن تائين محدود هو پر بين سيني مذهبن جي پوئلڳن پڻ پنهنجن پيغمبرن کي آخري ۽ سندن تعليم کي مڪمل سمجهيو ٿي. اها ڳالهہ ڪا غلط نہ هئي. ۽ هڪ حد تائين صحيح بہ هئي. اڪثر پيغمبرن جي پوئلڳن اهو ڄاڻايو آهي تہ سندن پيغمبر اُمي يا ظاهري علمن کان اڻ ڄاڻ هئا. پر غيب جي علم ڄاڻڻ ۽ خدا جي هدايت سبب, اُهي وقت جي عالمن کان وڌيڪ ڄاڻو هئا.

جيڪڏهن اُن وقت جي مذهبي عالمن. ظاهري علم جي گهٽتائيءَ سبب. اُنهن کي ايتري اهميت نہ ٿي ڏني ۽ سندن مخالفت ڪئي ٿي. تہ اُن جو ڪارڻ سندن علم غيب کان اڻ ڄاڻائي هو. ازان سواءِ اڪثر قدامت پسند ۽ مستقل مفاد رکندڙ عالم. نئين تشريح ۽ هدايت کي مڃڻ لاءِ تيار نہ هئا. ڇاڪاڻ تہ اُن سان سندن هڪ هٽيءَ کي نقصان پهچڻ جا انديشو هو. هو لڪير جي فقيرن وانگر اڳين مذهبن جي تعليم ۽ روايات جي دائري کان ٻاهر نڪري سوچڻ جي اهليت نہ رکندا هئا. هو پراڻي وقت کان ٻڌندا پئي آيا تہ سندن پيغمبر معصوم, گناهن کان پاڪ. ڪامل, هر شيءِ جو ڄاڻو ۽ خدائي ترجمان هئا, سندن مذهب زماني جو بهترين مذهب هو اِن ڪري هنن اِن طرف سوچيو ئي نٿي تہ وقت جي بدلجندڙ حالتن موجب پيغمبرن کي نئين سر نوان نياپا ڪٽي اچڻو هو. جيئن بازار ۾ موجود دڪاندار پنهنجي سامان وڪڻڻ وقت اِن کي بهترين ڄاڻائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. نئين مذهبن جا پوئلڳ بہ ائين ڪرڻ لڳا هئا. اِن حالت

www.sindhsalamat.com

ڪي ڏسي ڪنهن دانشمند چيو هو تہ: "ڪيس نمي گويد دروغ من ترش است" يعني "ڪوبہ ائين چوڻ لاءِ تيار نہ آهي تہ سندس ڏونئرو ڪٽو آهي."

انهيءَ عام دستور موجب جيڪڏهن مسلمانن بہ پنهنجي پيغمبر کي آخري ۽ هر ڳالهہ جو ڄاڻو ۽ ان جي تعليم کي مڪمل ۽ زندگي گذارڻ جو بهترين نسخو ڄاڻو تہ اها ڪا نئين ۽ نرالي ڳالهہ ڪانہ هئي. خود قرآن جي فرمان مطابق هر دور لاءِ جدا پيغام آهي ۽ اسلام فطرت جو دين آهي. فطرت, ارتقا جي اُصول جي قائل آهي, اُها وهندڙ درياهہ وانگر سدائين روان ۽ دوان آهي. ان ڪري ان جي لامحدود ذخيرن ۽ معلومات, کي محدود ڪري تالاب جي پاڻيءَ وانگر هڪ هنڌ بند ڪرڻ قانون فطرت ۽ تعليمات محمدي جي خلاف آهي.

مسلمانن جو عقيدو آهي تہ حضرت محمد صلعم خاتم النبين هو. ان جي تشريح ٻن نمونن ۾ ٿي سگهي ٿي:

1. ڪائنات پوءِ نون پيغمبرن جو اچڻ بند ٿي ويو.

جيڪڏهن ان مان اهو مطلب ڪڍبو تہ دنيا ۾ نون پيغامن, معلومات, سائنسي علم, حڪمت جي ڳالهين ۽ ايجادات جو اچڻ بند ٿي ويو ۽ هر علم, سائنس, نئين معلومات ۽ ايجادات جو مخزن حضرت محمد صلعم هو تہ اها معنيٰ ۽ مفهوم غلط ۽ دين فطرت (اسلام) جي تعليمات جي خلاف هئي. فطرت لامحدود معلومات سان ٽمٽار آهي. اُن وٽان نئين سچ نوان نياپا ۽ خبرون اچڻيون آهن, جن جي ڪا انتها نہ آهي. اُن بابت شاهہ لطيف فرمايو آهي تہ:

نئون نياپو آئيو راتي ملان رات,
لڌيسون لطيف چئي, ڪنا ڏاتر ڏات,
ڪانہ پڇي تو ذات, جي آيا سي اگهيا!

ڳوليان ڳوليان, م لهان, شال م ملان هوت,
من اندر جا لوچ, مچڻ! ملڻ سين مائي ٿئي!

يا

جي تيام مڙن, تہ بہ ويجها پانڄ سپرين,
تهان پوءِ سُجهن, واڌايون وصال جون!

پيغمبر اسلام اڳين دين کي سچو ڄاڻائيندڙ ۽ دين فطرت جي قانون ارتقا (LAW OF EROLUTION) جو مبلغ هو سو ڪهڙيءَ طرح ان بي انت خزاني ۽

www.sindhsalamat.com

الاهي اسرار کي چؤطرف بند ڪري، اُن جي تازگيءَ ۽ رواني‌ءَ تي بندش وجهي ٿي سگهيو. اهو تصور ٿي دين فطرت جي روح جي خلاف هو.

2. رسول بابت چيو ويجي ٿو تہ هو غيب جي علم جو ڄاڻو هو ۽ هر ڳالهہ تي سندس نظر هئي، ان ڪري هن اهڙو دستور العمل ۽ لائحہ حيات پيش ڪيو آهي، جو هر زماني، حالات ۽ ضرورت لاءِ مڪمل حل آهي. جيڪڏهن ڇتائي ڏسبو تہ اها دعوي بہ سنڌن ڏنل تعليم جي روح جي خلاف هئي. ان لاءِ بہ مثال پيش ڪجن ٿا:

الف: هڪ ڀيري پاڻ کجين جي باغ وٽان لنگهي رهيا هئا، تہ ڏٺائون تہ باغائي نر کجين جو ٻور کڻي مادي کجين جي گلن مٿان ڇنڪاري رهيا هئا. پاڻ ڪانئن ان جو سبب پڇيائون. هنن جواب ڏنو تہ ائين ڪرڻ سان فصل گهڻو ۽ پلو ٿيندو ۽ جيڪڏهن مادي ۽ نر کجين جو ٻور جدا رهيو هو تہ فصل گهٽ ٿيڻ جو امڪان آهي. اُن تي پاڻ فرمايائون تہ قدرت پنهنجو ڪم پاڻهي ڪندي، اوهان ڇڏي ڏيو ڏسون تہ ڇا ٿو نتيجو نڪري، باغاين حڪم جي تعميل ڪندي اُن سال نر کجين جو ٻور مادي کجينجي ٻور مٿان نہ ڇٽيو. نتيجي طور اُن سال فصل تمام گهٽ لٿو. سال جي آخر ۾ باغائين رسول ڪريم سان سچي حقيقت وجي ڪئي. اُن تي پاڻ فرمايائون تہ اسان کي خدا پاران مذهبي ڳالهين بابت علم عطا ڪيل آهي، زراعت بابت ڪا ڄاڻ ڪونہ ٿا رکون. ان ڪري اوهين پنهنجي تجربي ۽ معلومات مطابق عمل ڪندا رهو!

ب: هڪ ڏينهن ڪي ماڻهو رسول پاڪ جن وٽ آيا ۽ کانئن قيامت (آخرت) جي باري ۾ سوال ڪيائون. جنهن تي پاڻ جواب ڏنائون تہ سائل (سوال پڇندڙ) کان وڌيڪ مسئول (جنهن کان سوال پڇيو وڃي) کي ڪا خبر نہ آهي.

مٿين ٻنهي مثالن مان واضح ٿيندو تہ ڪين چند ڳالهين کانسواءِ ٻين بابت واقفيت نہ هئي ۽ پڻ مستقبل ۾ ٿيندڙ واقعن جو علم نہ رکندا هئا.

هيءَ ڳالهہ بہ ذهن ۾ رکڻ جي لائق آهي تہ جيڪڏهن قيامت (آخرت) جي معنيٰ ۽ تعبير، اهرام ۽ مصر ۾ اُڪريل تصوير ۾ ڏيکاريل قديم ڏند ڪٿا موجب ڪئي ويندي، جنهن موجب ميدان حشر ۾ درياءَ غضب جي مٿان پلصراط ٺهيل هوندي، جنهن تان سيني کي گذرڻو پوندو. اُن جي ٻئي طرف خدا عدالت جي ڪرسيءَ تي ويٺل هوندو جنهن جي اڳيان ڏوهن ۽ ثوابن جي تورڻ جي ساهمي لٽڪيل هوندي، اُن ۾ ماڻهن جا ڏوهہ ۽ ثواب توريا ويندا، جنهن ماڻهوءَ جا ڏوهہ

www.sindhsalamat.com

زياده ٿيندا تہ ان کي دوزخ ۾ موڪليندا ۽ جنهن جا ثواب گهڻا ٿيا تہ ان کي بهشت ۾ موڪليو ويندو. تہ اها ڳالهہ جديد معلومات ۽ اسلام جي صحيح ڇاڻن. جهڙوڪ محي الدين ابن عربي وغيره. جي قول موجب غلط ۽ ڏند ڪٿا کان وڌيڪ حيثيت نہ رکندي

شيخ الاڪبر ابن عربيءَ جو چوڻ آهي تہ "قيامت يا آخرت جي معنيٰ آهي "مستقبل" زماني کي ٽن دورن ۾ ورهايو ويو آهي". ۽ "اڄ" جو "حال" آهي، سو "سڀاڻ". "ماضي" بڻجي ويندو. اهڙيءَ طرح هن زماني جو سنساري چڪر پيو ڦري ماضي. حال ۽ مستقبل مختلف دورن جا نالا آهن. نہ ڪي مقرر ڏينهن يا موقعا آهن. ازانسواءِ قيامت جو اهو تصور مصر جي قديم مذاهب تان ورتل هو. مشرقي دنيا جي مذهبن وٽ قيامت بابت اسرائيلي مذهبن وارو تخيل موجود ڪونہ هو. اُن ڪري جيڪڏهن حضرت محمد صلعم قيامت بابت مٿي ذڪر ڪيل جواب ڏنو تہ حق بجانب هو. ڇاڪاڻ تہ ان مسئلي جو پتو پوڻ مشڪل هو.

حضرت محمد صلعم جي معجزن ۽ معراج بابت بہ ڪي ڳالهيون مسلمانن ۾ مروج آهن. جن کي هو رسول جي بزرگي ۽ صداقت جي دليل طور پيش ڪن ٿا. ساڳيءَ طرح دين موسوي ۽ مسيحيت جي پيروڪارن بہ پنهنجن پيغمبرن بابت اهڙيون ڳالهيون ظاهر ڪيون هيون.

الف: حضرت محمد صلعم لاءِ مسلمانن جو چوڻ آهي تہ هڪ ڀيري مخالفن ڪيس معجزي ڏيکارڻ لاءِ چيو. ان تي پاڻ پنهنجي آڱر سان چنڊ ڏي اشارو ڪيو تہ اُهو بہ اڌ ٿي پيو. ۽ اُهي بيٺي اڌ هڪ ٻئي کان ايترو پري وڃي بيٺا. جو وچ ۾ ٽڪري اچي ويئي.

اهڙيون ڳالهيون گهڻو ڪري اڳين نبين ۽ اوتارن بابت ڏند ڪٿائن ۾ ايام جاهليت جي دور ۾ عام ماڻهن تي اثر وجهڻ لاءِ هلايون ويندڙيون هيون. قدرت ۽ زماني لاءِ خدا فرمايو آهي تہ اُن جي گلا نہ ڪريو ۽ اهو سنڌس بنايل قانون فطرت هو. ۽ ان کي تبديل ڪرڻ جي هن کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي اختياري ڪانہ هئي. اجرام فلڪي قدرت جي پيداوار جا مستقل جزا هئا. ۽ ڪا راند نہ هئا. جن کي چند ماڻهن جي تسلي لاءِ ڪو شخص بدلي سگهيو ٿي. اهڙين ڳالهين ۾ ويساهہ ڪرڻ عقل جي خاميءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ هو. جيڪڏهن ان ڳالهہ کي مڃبو تہ اَپولو برهما. وشنو شو حضرت موسيٰ ۽ حضرت عيسيٰ بابت سنڌن پوئلڳن طرفان ظاهر ڪيل معجزن ۽ ڪرشمن کي بہ مڃڻو پوندو. اِن حالت ۾

www.sindhsalamat.com

ڪاروبار فطرت هڪ تماشو بڻجي پوندو جنهن کي چند ماڻهو پنهنجي مرضي موجب ڦيرائي سگهيا ٿي. پوءِ ته خدا جو اٽل قانون فطرت ئي رد ٿي ويندو.

پيغمبر خدا، حضرت محمد صلعم کي آخري نبي اُن ڪري سڏيو وڃي ٿو جو هن جملي مذهبي توهمات کي رد ڪري، خدا جي قانون جي برتريءَ جي تعليم ڏني هئي، ۽ ماڻهن کي هدايت ڪئي هئي ته وهمن کي ڇڏي، عقل جي پوئواري ڪن.

هڪ سنڌي شاعر چيو آهي ته:

انگ ازلي آهه، قادر تو ڪري نا تري،
جي ڪري ڪو هيڻن هونءَ،
توڙي ڪري ڪو هونءَ هيڻن!

(گل)

پيغمبر، معجزن ذريعي يا خدا طرفان احڪام ملڻ جي وسيلي ماڻهن کي پنهنجي سچائيءَ جو ثبوت ڏيندا هئا. پر حضرت محمد پيغمبر جي اچڻ جي اُصول کي ئي رد ڪري ڇڏيو ۽ چيائين ته منهنجا اُمتي انبياء بني اسرائيل جي برابر هئا. اُن جي معنيٰ اها نڪرندي ته انسان ذات، هن وقت عقل جي اُن ارتقائي دور تي پهتل هئي، جنهن جي باهرئين رهبريءَ جي بجاءِ عقل جي رهبريءَ هيٺ هلڻو هو.

ب: حضرت محمد صلعم بابت مسلمانن طرفان بي ڳالهه جيڪا ظاهر ڪئي وڃي ٿي، سا اها ته پاڻ 27 رجب جي رات جو براق (گهوڙي) تي چڙهي، ستين آسمان تي وڃي خدا سان روبرو ملاقات ڪيائون. ملاقات وقت خدا ۽ سندس وچ ۾ ايتري ويجهڙائي هئي، جيتري زهه ۽ ڪمان جي وچ ۾ ٿئي ٿي. اُن موقعي تي خدا سان ڪيترين ڳالهين ڪيائين. ٽئين آسمان تي هڪڙن نبين سان مليو ۽ چوٿين آسمان تي ٻين سان مليو. اُتي ڪيس دوزخ ۽ بهشت ڏيکاريا ويا. بهشت جا درياءَ- جيحون، سيحون (سنڌو) ۽ نيل وغيره ڏنائين. انهيءَ ساري سير دوران ڪين ايترو عرصو لڳو جو سير تي وڃڻ وقت گهر جي دروازي جو ڪڙو جو لڏندي ڇڏي ويا هئا، سو ست آسمان گهمي اچڻ بعد به لڏندو ٿي رهيو.

هنن ڳالهين کي ايتريقدر ته اهميت ڏني وڃي ٿي، جو مسلمانن ۾ اهو بحث طلب مسئلو بڻجي پيو آهي، ۽ ڪي چون ٿا ته اهو معراج روحاني طرح خواب ذريعي ٿيو هو ۽ گهڻن جو چوڻ آهي ته پاڻ جسماني طرح اهو معراج ڪري آيا هئا.

www.sindhsalamat.com

حضرت امير حمزو، رسول جو چاچو جنهن جو رسول سان گهڻو پيار هو جنگ اُحد ۾ مسلمانن طرفان لڙندي شهيد ٿيو هو. رسول کي ٻہ ساڻس گهڻي محبت هئي. جنگ اُحد بعد، امير معاويي جي ماءُ هنده (جا ابوسفيان جي زال هئي) ميدان جنگ ۾ وڃي، امير حمزي جو جگر ڪڍي، چٻاڙي ڪاڏو هو. اها حد درجي جي توهين ۽ وحشيپڻي جي نشاني هئي. اُن کان سواءِ رسول جي مڪي ۾ يا مديني ۾ وڃڻ بعد جن عرب قبيلن مخالفت ڪئي هئي، تن ۾ ابو سفيان جو قبيلو پيش پيو هو. رسول جي سوٽ، نياڻي ۽ مٿس پهرئين ايمان آڻيندڙ حضرت علي عليه السلام سان سندس دور حڪومت ۾ معاويي جنگيون ڪيون، ۽ ماڻهن کي چوري کيس شهيد ڪرايو. حضرت محمد صلعم جو ڏوهٽو ۽ حضرت عليءَ جو فرزند امام حسين، معاويي جي پٽ يزيد جي حڪم تي شهيد ڪرايو ويو. سندس سر نيزي تي چاڙهيو ويو ۽ گهر جي اهلبيت ڪرام کي ننگي سر موصل ۽ دمشق ۾ سرگس طور گهمارايو ويو. ڪيترا ورهيہ جملي مسجدن ۾ بني اميہ حڪمرانن جي حڪم تي اهلبيت ڪرام کي شب و ست (لعنت ۽ ملامت) ٿيندي رهي. اُن دور ۾ اسلام جي بنيادي حڪمن جي پيڪڙي ٿيندي رهي. امن جي دين کي ڪشٽ ۽ خون جو اوزار ڪري ڪتب آندو ويو ۽ بداخلاقيءَ کي زور وٺايو ويو. هاڻ، جيڪڏهن رسول مقبول کي غيب جو علم حاصل هو تہ پوءِ هن طرفان مڪي جي فتح بعد ابوسفيان جي گهراڻي کي معاف ڪري ڇڏڻ ۽ ان لاءِ حڪم ڪرڻ تہ جيڪو اُن جي گهر ۾ پناهہ وٺندو اُن کي هٿ نہ لاتو ويندو، اِن جي معنيٰ ۽ مطلب ڇا هو؟ جيڪڏهن کيس علم هو تہ پوءِ ائين ڪرڻ جا ڪهڙا ڪارڻ هئا.

مسلمانن ۾ خاتم النبيين جو عقيدو ايڏيءَ تہ شدت سان گهر ڪري ويٺل آهي، جو تازو مولوين ۽ ع[!] . راءِ کان مرعوب ٿي، ڀٽي جي آپيشاهي حڪومت، قاديانين کي مسلمانن جي زمري مان خارج ڪري، غير مسلم اقليت قرار ڏيئي ڇڏيو. فقط ان ڪري جو هنن پنهنجي مرشد (غلام احمد قاديانيءَ) کي نبي ڪري مڃيو ٿي. جيتوڻيڪ هو قرآن پڙهندا هئا، نمازن جا پائبند هئا. سندن مکيہ ليڊر، ميرزا غلام احمد، سر ظفر الله وغيره، عبادتگذار، پرهيزگار ظاهري طرح دين اسلام جي اڪثر عقيدن ۾ ايمان رکندڙ هئا. ۽ اخلاق ۾ ڀٽي ۽ اڪثر حڪمرانن ۽ نام نهاد عابدن ۽ زاهدن کان بهتر هئا. ان جي برعڪس مسلمانن ۾ ڪي اهڙا بہ ماڻهو هئا ۽ آهن، جن پاڻ کي خدا سڏايو ٿي يا سڏائين پيا. ۽ ڪي گروهہ ماده پرست، خدا جي وجود جا انڪاري ۽ مذهب کان باغي آهن، تن کي بہ خارج نہ ڪيو ويو آهي.

www.sindhsalamat.com

هاڻ اچو تہ غور ڪري ڏسون تہ رسول مقبول خاتم النبين ڪهڙي نقطي نگاهہ کان ٿي سگهيو ٿي. ان بابت ٽي نڪتا زير بحث اچي سگهن ٿا:

1. جملي مکيہ مذهبن جي پوئلڳن وانگر مسلمانن بہ پنهنجي مذهب جي هڪ هٽي يا برتريت قائم ڪرڻ لاءِ پنهنجي پيغمبر کي آخري نبي سڏڻ جي دعوي ڪئي هجي.

2. انسان ذات جي پيدائش کان وٺي ماڻهو مختلف دورن جهرڙوڪ وحشيانہ. بدويانہ. زرعي. تجارتي. هنري ۽ سائنسي دورن مان پئي گذريا آهن. ۽ هر دور جي ذهني ترقي ۽ سماجي تهذيب مختلف هئي. ان ڪري هر دور جي ضرورت پٽاندڙ حڪيم. پيغمبر ۽ مصلح پئي آيا. ۽ ماڻهن کي سمجهہ پٽاندڙ هدايتون ۽ سمجهاڻيون ڏيندا رهيا. حضرت محمد جي اچڻ بعد انسان ذات ايتري ذهني ترقي ڪري هئي. جو اڳتي ڪين وحي ياالهام جي ضرورت نہ رهي هئي. اڳ جنهن کي الهام يا وحي چيو ٿي ويو اهو هاڻي ترقي يافتہ عقل سڏجڻ ۾ ٿي آيو. ان ڪري هاڻي نبين جي ضرورت نہ رهي هئي.

3. هن ڪي اهڙيون ڳالهيون پيش ڪيون هيون. جي آئيندي نجات ۽ انساني رهبريءَ لاءِ بنيادي نڪتا ٿي ڪم اچڻ واريون هيون. ۽ اُنهن جي آثار تي مستقبل ۾ جملي اخلاقي. اعتقادي ۽ عملي ڳالهين کي ترقي ڪرائي سگهجي ها.

بهتر ٿيندو تہ مٿين ٽنهي نڪتن تي بحث ڪري. اُنهن جي غلطيءَ يا صحت بابت دليل پيش ڪيا وڃن.

## 1. رسول مقبول جي برتري ڏيکارڻ

جيڪڏهن حضرت محمد کي. خاتم النبي انهيءَ مراد سان سڏيو ٿي ويو تہ پوءِ اها ڳالهہ ارشادات محمديءَ ۽ قرآني احڪامن جي خلاف هئي ۽ صحيح نہ هئي. هر مسلمان. هر نماز ۾ "التحيات" پڙهڻ وقت روزانو چئي ٿو تہ "عبده ورسوله" يعني "(محمد) خدا جو ٻانهو رسول آهي." اُن کان سواءِ قرآن ۾ صاف ڏيکاريل آهي تہ:

"آمنة بالله وملائڪة وڪتبه ورسله لانفرق بين احمد من و رسله" يعني- (اسلامي تعليم موجب) الله. اُن جي ملائڪن. ڪتابن ۽ رسولن تي ايمان آڻڻو هو ۽ رسولن جي (درجي ۽ صداقت) وچ ۾ فرق نہ ڪرڻو هو.

www.sindhsalamat.com

اِنهن صريح حڪمن هوندي، حضرت محمد کي برتر سڏڻ ڪيتري قدر صحيح ۽ جائز آهي، سو هر ڪو سالم دماغ ماڻهو سمجهي سگهي ٿو. اِهو نقطي نگاهه مسلمانن جي ملا طبقي طرفان پنهنجي مذهب جي برتريءَ ۽ سندن مستقل مفاد قائم رکڻ لاءِ ايجاد ڪيل هو. ان ڪري صحيح نه هو.

جڏهن رسول اڪرم وفات ڪئي ته عربن ۾ ڪجهه ڦرڻ جا آثار نظر آيا. ان تي حضرت عمر رضه تلوار ڪڍي بيهي رهيو ۽ چيائين ته خدا جو رسول آيو ۽ وفات ڪري ويو پر پاڻ پنيان جيڪو پيغام ڇڏي ويو آهي، سو قائم رهڻو آهي. خبردار، متان ڪو منڪر ٿيو آهي! ان مان صاف ظاهر ٿئي ٿو ته پيغمبر جي عزت سندن اخلاق حسنه ۽ عمدي پيغام جي ڪري هئي: پر سندن گذاري وڃڻ سبب دنيا ڪا بيهي ڪانه رهي هئي.

## 2. حضرت محمد صلعم بعد الهامن جي ضرورت نه هئي

انهيءَ نقطي نگاهه کان حضرت محمد کي آخري نبي ڪوٺڻ روا ٿي سگهي ٿو. آءُ مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان ته ماڻهن جي پيدائش کان وٺي، فوق الفطرت (خدا) جي تخيل بابت مختلف دورن ۾ ذهني ارتقا جي تقاضائن موجب ڪهڙيون تبديلون ٿينديون آيون آهن. ابتدا ڪثرت خدائن جي تخيل کان ٿي ۽ درجي بدرجي وڃي وحدت الاهي تي اڪتفا ٿي. خود انهيءَ وحدت الاهي نيٺ وڃي وحدت الوجود (ويدانت) جي صورت اختيار ڪئي.

حضرت محمد صلعم مذهب جي جيڪا نون نقطن تي تعمير ڪئي، سا آئينده مذهبي ارتقا جو پيش خيمو ٿي ڪتب آئي. جڏهن عمارت نهي راس ٿي ويندي آهي ته پوءِ ان ۾ ويهڻ بعد صرف ان کي سينگارڻ ۽ فراس ڪرڻ جو ڪم وڃي رهندو آهي. ان جي نئين سر تعمير جي ضرورت نه رهندي آهي. جيستائين گهڻي زماني گذرڻ ڪري اها عمارت جهوني ٿي وڃي يا بدليل ضرورتن جي مدنظر رهڻ جي لائق نه رهي. ان ڪري حضرت محمد صلعم هن دور لاءِ جا مذهبي عمارت پيش ڪئي آهي، ان ۾ حالات جي تقاضا موجب درستيون ڪري سگهجن ٿيون. ليڪن اها اهڙي مواد مان نهيل آهي، جو اجا تائين ان کي نئين سر تعمير ڪرڻ جي ضرورت نه ٿي آهي. اُن ڪري، هن دور ۾ کين آخري معمار سڏجي ته اهو حق بجانب ٿيندو. ليڪن ان جي اها معنيٰ ڪڍڻ ته خدا جي ڪار سازيءَ ۽ نظري ارتقا جو دروازو بند ٿي ويو آهي ۽ آئيندا اسرار الاهيءَ جي وهنڌڙ

www.sindhsalamat.com

پر انهن جون تعليمات، شريعتون ۽ ڪتاب زماني جي تبديليءَ جي ڪري منسوخ ٿي چڪا هئا، ان ڪري هن وقت صرف حضرت محمد صلعم جو ڪتاب ۽ شريعت عمل لائق هئا.

جيڪڏهن غور سان ڏسبو تہ ملن جي اھا تعبير، قرآني احڪام ۽ حضرت محمد صلعم جي پيغام جي روح خلاف، جهالت تي مبني ۽ اڻپوري هئي. ان جي صحيح معنيٰ اھا ٿيندي تہ انسان جي پيدائش کان وٺي زماني جي ارتقا مطابق مذهبي نظريا ۽ دستور مٿي ذڪر ڪيل ٽن مقصدن جي مدنظر ترقي ڪندا آيا آهن. جن جو مثال تعليم جي مختلف مرحلن سان مشابهت رکي ٿو. جيئن يونيورسٽيءَ جي تعليم تائين پهچڻ لاءِ اول پرائمري (پرائمري) تعليم، پوءِ ثانوي تعليم ۽ ان بعد هاءِ اسڪول ۽ ڪاليج جي تعليم حاصل ڪرڻي پوندي آهي. يا، جيئن بلند مينار يا عمارت تي پهچڻ لاءِ ڪيئي ڏاڪا چڙهڻا پون ٿا، تيئن مذهبن جي بہ ارتقا آهي. اِهي ڳالهيون ضرور آهي تہ اُنهن کي نہ ميڻ هٽ ڌرمي يا جهالت جو باعث بنجيو پوي ٿي. درجي بدرجي يا سبق بہ سبق جي معلومات، تعليم جي تڪميل لاءِ ضروري آهي. اِهي تاريخي ۽ فطري سبق آهن، سي رد ۽ منسوخ ٿي نہ ٿا سگهن، ۽ اُنهن جو پنهنجو مقام آهي. انهن کي ارتقا جي مدارج سان تشبيهہ ڏيئي سگهبي. ڪاروبار فطرت، علم الاهي، لامحدود ۽ بي انتها آهي، اُن کي چند اصولن، مذهبي شريعتن ۽ دستورن پر محدود ڪري اُن کي آخري ۽ مڪمل ڄاڻڻ، اُن جي روح جي خلاف آهي.

سيني ڪتابن پر ايمان آڻڻ جون بہ معنائون ڪري سگهجن ٿيون: هڪڙا اهي ڪتاب، جي مختلف پيغمبرن، مختلف زمانن پر پنهنجي دينن جي سمجهاڻيءَ ۽ ماڻهن جي رهبريءَ لاءِ پيش ڪيا.

ٻيا ڪتاب، اُنهن جي تاريخي تجربي، علم، حڪمت ۽ فلسفي جي معلومات، سائنسي ايجادن ۽ فطرت جي مختلف مسئلن تي غورڪرڻ بابت قدرت طرفان ماڻهن کي صدين کان ورثي پر مليل هئا.

هاڻ سوال اُٿندو تہ اُن آيت مان صرف پيغمبرن طرفان پيش ڪيل ڪتاب مطلوب آهن، يا مٿي ذڪر ڪيل ٻنهي قسمن جا ڪتاب ڄاڻايل آهن. ان لاءِ منهنجا هيٺيان دليل آهن:

الف: جيڪڏهن ان مان صرف رسولن جا پيش ڪيل ڪتاب مقصد هجن ها، تہ ان آيت پر پهرين رسولن جو لفظ اچي ها، پوءِ ڪتابن جو. ان بعد چئي

www.sindhsalamat.com

سگهجي ها تہ اهي ڪتاب صرف مذهبي هئا. پر هتي پهرين ڪتاب جو لفظ آيو آهي ۽ پوءِ رسولن جو اُن مان صاف ظاهر ٿئي ٿو تہ ان جو تعلق صرف رسولن جي ڪتابن سان نہ هو.

ب: بهتر ٿيندو تہ "ڪتاب" لفظ جي لغت مان معنيٰ ڪڍي پوءِ اُن تي بحث ڪجي۔ تہ ان مان پتو پئجي ويندو تہ "ڪتاب" مان ڪهڙو مفهوم ورتو ويجي.

مکيہ لغتن ۾ ڪتاب جي معنيٰ۔ "لکيل ڳالهہ. ٿيل واقعو (پوءِ اُهو تاريخ جو هجي يا تجربي مان حاصل هجي) قدرت طرفان صادر ٿيل فيصلو قدرت جو قانون" آهي. انهيءَ مطابق. هر تاريخي واقعو. حڪمت طرفان ثابت ٿيل حقيقت. ملڪ ۽ قوم جي ماحول ۾ تجربي جي بنياد تي قبول ڪيل دستور سڀ ڪتاب جي معنيٰ ۾ سمائجي سگهن ٿا. انهيءَ نقطي نگاهہ کان۔ زمانہ قديم کان تاريخ جي ڪسوٽيءَ تي ثابت ٿيل حقيقتون. فلسفا. سائنس. حڪمت ۽ عقل جي ذريعي قائم ڪيل رايا. سڀ "ڪتاب" جي لفظ ۾ شمار ڪري سگهجن ٿا. اُن ڪري. فطرت جي هر مثبت شيءِ کي "ڪتاب" شمار ڪري. ان مان فائدو حاصل ڪرڻ کي "ايمان آڻڻ" سڏي سگهجي ٿو.

رسول جي معنيٰ اها نڪرندي تہ حضرت محمد صلعم جي پيش ڪيل اسلام کي مڃڻ لاءِ نہ صرف جملي پيغمبرن. ڪتابن ۽ انهن جي قولن ۾ ويساهہ آڻڻ ضروري ٿيندو ليڪن تاريخي طرح ثابت ٿيل هر حقيقت. عمل جي بنياد تي پرکيل هر نقطي. حڪمت ۽ سائنس ذريعي ثابت ٿيل هر معلومات کي مڃڻ اسلام جو جزو ٿي پوندو. ان جي برعڪس هر ڳالهہ جا سائنس. عقل. تجربي ۽ حڪمت ذريعي غلط ثابت ٿيل هوندي۔ پوءِ کڻي اُها ويدن. ٻڌ ڌرم جي ڪتابن. جين مت جي ڪتابن. زندا وستا. بائيبل ۽ قرآن ۾ درج ٿيل هوندي۔ تہ بہ مٿينءَ سمجهاڻي مطابق صحيح مسلمان لاءِ غلط ٿي پوندي. پوءِ کڻي اُن تي سوين عالمن جون فتوائون چو نہ هجن. زماني ۽ حڪومت جي ڪسوٽيءَ تي ان ثابت ٿيل قانون فطرت جي خلاف هر ڳالهہ. دستور ۽ نوشتي کي منسوخ يا رد سمجهڻ ضروري ٿي پوندو.

3. ٽين ڳالهہ جا حضرت محمد صلعم قرآن ذريعي ٻڌائي آهي. سا اها تہ نجات يا ڇوٽڪاري. ترقي يا هدايت جو حقدار اُهو آهي جو ٽن ڳالهين۔ خدا کي مڃڻ. انسان جي روشن مستقبل ۾ ايمان رکڻ ۽ عمل صالح ڪرڻ۔ ۾ اعتماد رکي ٿو. اُن لاءِ اهو شرط لاڳو نہ آهي تہ اُهو ماڻهو هر ويرو مسلمان ضرور هجي: پر

www.sindhsalamat.com

يهودي، هندو مسيحي، ٻڌ يا ٻئي ڪنهن بہ مذهب يا عقيدي جو مڃيندڙ ماڻهو بہ نجات جو حقدار ٿي سگهي ٿو. اُن لاءِ هيءَ قرآن جي آيت شاهديءَ طور پيش ڪري سگهجي ٿي:

الَّذِينَ آمَنُوا وَالَّذِينَ هَادُوا وَالنَّصَارَىٰ وَالصَّابِئِينَ مَنْ آمَنَ بِاللَّهِ وَالْيَوْمِ الْآخِرِ وَعَمِلَ صَالِحًا فَلَهُمْ أَجْرُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ وَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُونَ

يعني "تحقيق جيڪي ماڻهو ايمان وارا (مسلمان) هجن. يا يهودي يا نصارا يا ٻين مذهبن جا (پوئلڳ) هجن، پر الله تي ايمان آڻين ٿا. آخرت (انساني مستقبل جي ارتقا) ۾ اعتقاد رکن ٿا ۽ عمل صالح ڪن ٿا. اُنهن کي اجور يا انعام خدا (فطرت) وٽان حاصل ٿيڻ وارو آهي، ۽ اُنهن کي ڪوبہ خوف خطرو يا ڏک ۽ رنج نہ رسندو."

اِها هدايت پر معنيٰ آهي. اِن هڪ ئي ڌڪ سان سڀني مذهبن جي مستقل مفاد جي عقيدن، راين ۽ نظرين کي ختم ڪري ٿي ڇڏيو. خاص ڪري مسلمانن جي مستقل مفاد گروهہ جي اِن راءِ کي تہ. ڇوتہڪاري جا حقدار صرف مسلمان ۽ محمد صلعم جا پوئلڳ آهن، ۽ ٻيا سڀ دوزخي، گمراهہ ۽ تباهي لائق آهن، غلط ڪري ٿي ڇڏيو. ان گروهہ (مستقل مفاد) جو چوڻ هو تہ ٻيا مذهب ۽ شريعتون منسوخ ٿي چڪا هئا. اُن ڪري صرف اهو ايمان آڻڻو هو تہ اُهي ڪتاب ۽ پيغمبر، خدا طرفان آيل هئا. باقي انهن جي تعليم کي نہ سمجهڻو هو ۽ نہ پڙهڻو هو ڇاڪاڻ تہ اُهي رد ٿي چڪا هئا. پر سوال ٿو اُٿي تہ جيڪڏهن رد ٿي ويا هئا، تہ اُنهن تي ايمان آڻڻ جو ذڪر قرآن ۾ ڇو اچي ها؟ ڪيترن مسلمانن کي تہ انهن پيغمبرن جي زندگيءَ جي احوال جي بہ خبر نہ آهي، ۽ نہ ئي سندن ڪتاب پڙهيا اٿن. ڪي مسلمان وري ان راءِ جا آهن تہ بني اسرائيل جي پيغمبرن ۽ ڪتابن تي ايمان آڻڻ کان سواءِ ٻين تي ضروري نہ هو. ڇو تہ اُهي ڪافر آهن. مرڳو جيڪڏهن هندو ڌرم، ٻڌ ڌرم، جين مت، زردشت ۽ اُن جي شناخت وارن پيغمبرن کي عليہ السلام چئبو تہ ڪاوڙجي پوندا ۽ الائي ڇا جو ڇا چئي ويهندا!۔ تنهنڪري حضرت محمد صلعم جي مٿئين قرآني حڪم موجب. موجوده مسلمانن مان گهٽا ماڻهو صحيح مسلمان بہ شمار ڪري نٿا سگهجن. رڳو مسلمانن کي نجات جو حقدار سمجهڻ وارو غلط عقيدو مذهبي

www.sindhsalamat.com

مستقل مفاد طرفان ايجاد ڪيل آهي، جن خدا ۽ ان جي ڪاروبار فطرت تي پنهنجي هٽي (MONOPOLY) سمجهي، دين اسلام کي تماشو بنائي ڇڏيو آهي.

جيڪڏهن مسلمان سڏائيندڙ سڄي ڪائنات جي خالق خدا کي مڃڻ ضروري ڄاڻن ٿا، جيڪڏهن هو ان کي رحيم، رحمان، پيءُ کان وڌيڪ پيار ڪندڙ حق مطلق ۽ منصف سمجهن ٿا. ته پوءِ هو ڪروڙين ماڻهن کي، جي مذهبن يا نبين کان اڳ پيدا ٿي مري ويا هئا، يا انهن مذهبي عقيدن کي نه مڃيندڙ هئا. ڪهڙيءَ طرح چند ماڻهن جي ايجاد ڪيل عقيدن کي نه مڃڻ سبب عذاب الاهيءَ جو مستحق بنائين ٿا؟

مٿينءَ ذڪر ڪيل آيت مان صاف ظاهر آهي ته نجات، ترقي، شانتي ۽ سلامتي جا حقدار ٽن ڳالهين ـ (1) الله ۾ ايمان آڻڻ، (2) آخرت تي يقين رکڻ، (3) عمل صالح ڪرڻ ـ ۾ اعتقاد رکندڙ ئي سگهن ٿا. هاڻ وري جاهل ملا اعتراض اٿاريندا ته انهن ٽنهي حڪمن جي معنيٰ ڇا آهي؟ آءٌ، اُن ڪري بهتر ٿو سمجهان ته انهن اختلافي مسئلن تي ڪجهه وڌيڪ روشني وجهان.

## 1. الله ۾ ايمان آڻڻ جي معنيٰ

مون مٿي مختلف مذهبن جو مختصر بيان ڪندي ڄاڻايو آهي ته ابتدا کان وٺي ماڻهن هر فوق الفطرت ۽ غير مرئي شيءِ کي فائدي ۽ نقصان جو مخزن سمجهي، اُن جي معلومات حاصل ڪرڻ ۽ اُن کي رضامند ڪرڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي. هنن کي اهڙيون جيتريون طاقتون معلوم ٿيون. پهريائين جاندار ۽ غير جاندار شين جي روحن ۾ انهن طاقتن جو موجود هئڻ ـ معلوم ڪري، اُنهن جي رضامنديءَ لاءِ پوڄا جو دستور وڌو ويو. اُن بعد هنن پيون ڪيتريون طاقتون معلوم ڪري، اُگتي هلي انهن کي ايشور برهمن، جهوا، گاڊ، خدا ۽ الله جي نالن سان سڏڻ شروع ڪيو.

دنيا ۾ پهرين ڪثرت خدائن جو تصور مروج ٿيو اُن بعد ترِي مورتي، دوئي ۽ وحدت جا نظريا وجود ۾ آيا. اِنساني ذهن جي ارتقا سان گڏ، خدا جو تصور به مختلف مدراج مان گذرندو آيو آهي. هڪ وقت هر فوق الفطرت شيءِ خدا شمار ٿيندي هئي. جا ذهني ارتقا بعد الله جي تصور طور وڃي بيٺي آهي.

خدا جو (قرآن ۾) چوڻ آهي ته "زماني کي برو نه چئو ڇاڪاڻ ته اهو مان پاڻ آهيان." اِن ارشاد موجب، فطرت الاهي ۽ خدا به شيون نه آهن. بلڪ وحدت الوجود

www.sindhsalamat.com

جي نقطي نگاهه مطابق "حق کانسواءِ ٻيو ڪوبه وجود نه آهي." ڪن درويشن جو چوڻ آهي ته "لاالٰه اِلا الله" جي معنيٰ اها آهي ته خدا کان سواءِ ٻي ڪنهن شيءِ جو وجود ئي نه آهي "لا موجود اِلا الله" به ساڳي معنيٰ رکي ٿو. آخرت ۾ ڪائنات جو پيدا ڪندڙ نطرت ۽ هر طاقتور هستي، "الله" جي نالي جي دائري ۾ اچي وڃي ٿي.

هن وقت اِن مسئلي تي فلسفي جون ٻه مکيه شاخون (1) آئيڊيلزم ۽ (2) مٽيريلزم بحث ڪن ٿيون.

پهرينءَ جو چوڻ آهي ته "ماخلقت هذا با طلا". يعني "ڪابه شيءِ اجائي نه خلقي ويئي آهي". ان موجب، ساري ڪائنات منصوبي (PLAN) ۽ مقصد (PORPOSE) سان پيدا ڪيل آهي.

ٻين جو چوڻ آهي ته "ڪائنات، حادثي يا اتفاق (ACCIDENT) جي پيداوار آهي."

پهرئين گروهه وارا خدا کي ڇڻ لاءِ مجبور ٿين ٿا. ۽ ٻئي گروهه وارا خدا ۽ مذهب کي نٿا مڃين. پهرئين گروهه وارا نجات لاءِ خدا ۾ ايمان رکڻ جي ضرورت محسوس ڪن ٿا. جو ته منصوبي ۽ مقصد کي مڃڻ، خدا جي مڃڻ جي برابر وڃي بيهندو. ڪائنات جي سمجهڻ ۽ زندگي گذارڻ جو اهو طريقو مثبت (POSITIVE) سمجهيو وڃي ٿو. سنڌي صوفي، ان راز کي سمجهڻ لاءِ وحدت الوجود (ويدانت) جو قائل ٿيو آهي.

وحدت تا ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪل،
هي هلاچو هل، بالله سندو سڄڻين!

سو هيءَ، سو هُو سو اجل، سو الله،
سو پرين، سو پساهه، سو ويري سو واهرو!

پيهي جان پاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ،
نڪو ڏونگر ڏيهه، نڪا ڪيچين ڪاڻ،
پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سور هئا!
(شاهه)

آهيان پاڻ الله، پر عشق ڪنا ٿو عبد سڏايان!
(سچل)

www.sindhsalamat.com

## 2. آخرت ۾ ايمان رکڻ جي معنيٰ

جهڙي طرح الله جي وجود بابت مختلف نظريا مروج آهن، اهڙي طرح آخرت بابت بہ مختلف زمانن ۽ ملڪن ۾ مذهبن جدا جدا تخيل پيش ڪيا آهن. مسلمانن اُن کي "قيامت" يا "آخرت" جي لفظن سان سڏيو آهي، پر مٿي ذڪر ڪيل آيت ۾ "قيامت" بدران "آخرت" جي لفظ ڪتب آندل آهي. آخرت، مستقبل کي سڏجي ٿو. هاڻ اِهو سوال اُٿندو تہ مستقبل ڪنهن جو ۽ ڪنهن جي لاءِ بيان ڪيل آهي. آيا ان مان ڪائنات جو مستقبل، انساني روح واحد جو مستقبل، زمين جو مستقبل، هڪ حد تائين پاڻ ۾ ڳنڍيل آهن.

دنيا ۾ هڪ ئي وقت ٻن قسمن جون طاقتون ڪم ڪنديون نظر اچن ٿيون. هڪ ترقيءَ ۽ ٻي تنزل جي، هڪ چڱائي ۽ ٻي برائيءَ جي، هڪ نور ۽ ٻي ظلمات جي. پهرين طاقت ارتقا، حق ۽ صحيح علم طرف وٺي ويندي ۽ ٻي زوال ۽ ناحق ڏي ڪھليندي

مسلم ملا طرفان آخرت يا قيامت جو هيٺيون تصور پيش ڪيو ويو آهي:

> "هڪ ڏينهن صور اسرافيل وڄندي جبل پرزا پرزا ٿي ويندا. زمين هموار ٿي ويندي. پهرين زمين ۽ آسمان ختم ٿيندا ۽ ڪل مخلوقات تباھ ٿيندي اُن کانپوءِ حشر جو ڏينهن ٿيندو. ماڻهو زمين مان ڪنيئن وانگر پيدا ٿيندا. لکن ورهين کان مٽي ۽ خاڪ ٿي ويل ماڻهو ساڳين جسمن ۾ ميدان حشر ۾ ڪٺا ٿيندا. سج نيزي پاند اچي بيهندو. ٻئي طرف خدا سائين تخت تي ويٺل هوندو. وچ ۾ دوزخ جو درياءُ هوندو جنهن تان ٽپڻ لاءِ قربان ڪيل جانور سواريءَ جو ڪم ڏيندا. دنيا ۾ قربان ڪيل گهيٽا، ٻڪريون، ڍڳا، ڪبوتر وغيره ماڻهن کي پل پار ڪرڻ ۾ مدد ڪندا. خدا جي اڳيان هڪ تراڙو (ميزان) ٽنگيو پيو هوندو جنهن ۾ هر ماڻهوءَ جا ڏوھ ۽ ثواب تورِيندا. جن جا ثواب زياده ٿيندا، سي بهشت ۾ ويندا ۽ جن گناھ گهڻا ڪيا هوندا سي دوزخ ۾ نيا ويندا. وغيره."

ثوابن ۽ گناهن جا بہ ڪيترا قسم ٻڌايا وڃن ٿا. خدا جي عبادت ڪرڻ، روزا رکڻ، زڪوات ادا ڪرڻ ۽ حج ڪرڻ وغيره ثواب جي لسٽ ۾ ڏيکاريا وڃن ٿا. تہ پيشاب چيڻڻ لاءِ ڪم آندل پتر جي ڦورن کي بہ ثواب جي پاسي تورڻ جي ڳالھ ڪئي وڃي ٿي. گناهن جي لسٽ ۾ خدا جو غلط تصور، عبادت ۽ صفائيءَ جي عدم موجودگي وغيره شمار ڪيا وڃن ٿا.

www.sindhsalamat.com

آءٌ متي ٻڌائي آيو آهيان تہ اِن قسم جي قيامت جو تصور، اصل ۾ مصر جي اهرامن ۾ اُڪريل تصويرن تان ورتل آهي، ۽ پوءِ سمير ۽ بابل کان ڦرندو بني اسرائيل ۽ مسلمانن جي مذهب جو عقيدو بڻيو. اِنهن ڳالهين، روح سان گڏ جسم جي جزا ۽ سزا جو تصور ڳنڍي ڇڏيو هو.

ٻئي طرف آرين۔ مذهبن جي آخرت جو نظريو اهو هو تہ هر ماڻهوءَ جي جزا ۽ سزا جو مدار زندگيءَ ۾ سندس ڪيل ڪرمن جي ڦل تي آهي. جنهن مطابق ڪيس جدا جدا جوڻن مان گذرڻو هو. جي سٺا ڪم ڪيا هوندائين تہ ٻيءَ حياتيءَ ۾ هن کي سٺي جوڻ نصيب ٿيندي، پر جي خراب ڪم ڪيا هونداين تہ ٻيءَ حياتيءَ ۾ ڪيس سزا طور خراب جوڻ نصيب ٿيندي نيٺ ڪيس انهيءَ جوڻ جي چڪر مان نڪري نرواڻ پد (درجو) حاصل ڪرڻو پوندو.

انهيءَ مسئلي تي غور ڪنديءَ اهل تصوف ٻنهي نظرين کي غلط سمجهي ڦٽو ڪري ڇڏيو. هنن جو چوڻ هو تہ:

بهشت دلاسو دوزخ دڙڪو
ڪوڙي سامي، ڪوڙو ڪڙڪو!
(شاهہ نصير)

يا جيئن غالب چيو آهي:

مجهي معلوم هي جنت کي حقيقت ليکن،
دل کي بهلاني کو يہ غالبا يہ خيال اچا هي!

هن نظريي موجب "جُز" کي نيٺ وڃي "ڪُل" ۾ سمائجڻو هو.

"اِناالله وَ اليه راجعون"۔ "خدا کان آيا آهيون ۽ وري اُن طرف موٽي ويندا سون." اِن سموري مسئلي تي نظر ڊوڙائڻ کانپوءِ نتيجو وڃي هيئين نڪرندو.

1. روح مفرد جي نجات، ڀلائي ۽ نقصان (بهشت ۽ دوزخ) جو نظريو ٺيڪ صحيح نہ هو، صحيح نجات جملي انسان ذات۔ "جز" جو "ڪل" ۾ سمائجڻ۔ کي سڏي سگهبو.

2. ڪائنات جو مستقبل لامتناهي آهي، صرف شڪلين ۽ صورتون بدلجي سگهن ٿيون. پيدا ٿيڻ کان اڳ ڪائنات وجود ۾ آئي ± يعني ذات مان نڪري صفات ۾ آئي۔ اُتان موٽي وڃي ساڳئي مرڪز تي پهچندي، تنهن ڪري قيامت يا آخرت کي اسرائيلي مذهب جي نقطي نگاهہ سان ڏسڻ يا مڃڻ صحيح نہ آهي ۽ اها معني وٺڻ ضروري نہ آهي.

www.sindhsalamat.com

## 3. عمل صالح ڪرڻ جي معنيٰ

عمل صالح بابت به مختلف مذهبن جي پوئلڳن، جدا جدا مطلب ۽ معنائون پئي ڪڍيون آهن. گهڻو ڪري ڪيترن مذهبن جي پوئلڳن ظاهري ڪمن کي عمل صالح شمار پئي ڪيو آهي، ۽ ٻين وري باطن يا روح جي ترقي ۽ مجموعي مفاد جي مسئلن کي عمل صالح سڏيو آهي. بهتر ٿيندو ته اُن مسئلي جي مختلف پهلوئن جي ڇنڊڇاڻ ڪريون، جو اهو مسئلو اختلاف جو باعث پئي رهيو آهي.

### شخصي نجات جو مسئلو

سٺا ڪم يا عمل، جن مان ظاهري فائدو حاصل ٿئي ٿو تن جو واسطو زياده تر عارضي ۽ شخصي بنيادن تي هوندو آهي.

ابتدا کان وٺي اڪثر ماڻهن، قبيلن ۽ مذهبي گروهن جو توجهه شخصي يا گروهي مفاد طرف پئي رهيو آهي. اُن ڪري اڪثر مذهبن هر هڪ ماڻهوءَ ۾ جدا روح جي وجود کي تسليم ڪري، اُن لاءِ هن دنيا ۽ آخرت جي ڀلائيءَ جا رستا ۽ طريقا ڳولي لهڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي. مصري ۽ سامي مذهبن، شخصي روحن ۽ اُنهن جي سزا ۽ جزا جا مسئلا سامهون رکي، اُن بنياد تي پنهنجي مذهبي عقيدن جي تعمير پئي ڪئي آهي؛ ۽ قيامت، پلصراط، گناهه ۽ ثواب جي شمار بهشت ۽ دوزخ جي حصول لاءِ روح مفرد کي مرڪز بنائي پئي بحث ڪيو آهي. ٻئي طرف آريا مذهبن پڻ روح مفرد جي شخصي ترقي ۽ تنزل جي نقط نگاهه کي سامهون رکي، ڪرمن جي ڦل جي آڌار تي مرڻ بعد سٺي يا خراب جوڻ جي صورت ۾ ان مسئلي تي پئي سوچ ويچار ڪيو آهي. اُنهن مذهبن مان صرف ٻڌ ڌرم شخي نجات کان ڪجهه مٿي چڙهي، مجموعي نجات جو تصور پيش ڪيو هو. ليڪن هن مذهب وارن به پاڻ کي شخصي جوڻ جي چڪر واري تصور کان آزاد نه ڪيو هو ۽ صرف نروان پد جي صورت ۾ نجات جي اُميد رکي هئي.

روح مفرد ۽ مرڪب جي وچ ۾ ڪهڙو تفاوت هو اُن طرف مڙني مذهبن گهٽ توجهه ڏنو آهي. اڪثر مذهبن روحن جي ڪثرت جي عقيدي تي قائم رهي، شخصي نجات طرف پئي سوچيو آهي.

اِنهن بنيادي اصولن جي آڌار تي ئي عمل صالح بابت به نظريا ايجاد ڪيا ويا. اُن لاءِ هيٺيان نقطي نگاهه پئي رهيا آهن:

www.sindhsalamat.com

1. روح ابتدا کان وٺي جدا پيدا ڪيا ويا هئا ۽ اُنهن جي ترقيءَ جو مدار بہ شخصي ڪارڪردگيءَ تي رکيو ويو هو.

2. شخصي ترقي ۽ ڪمال لاءِ عبادتون ڪرڻ، روزا رکڻ، تذڪيہ نفس لاءِ ظاهري ۽ باطني پاڪيزگي رکڻ، خون، زنا ۽ چوري نہ ڪرڻ، حج ڪرڻ، درگاهن جي زيارتن ۽ ميلن تي وڃڻ اِهي ڳالهيون ضروري ڄاتيون ويون هيون.

انهي ڳالهہ کي مدنظر رکي، مسلمانن اسلام جا پنج رڪن مقرر ڪيا۔ 1.توحيد الاهي ۾ ايمان (زباني ۽ دلي) رکڻ، 2. نماز پڙهڻ، 3. روزا رکڻ، 4. زڪوات ڏيڻ ۽ 5. حج ڪرڻ. جي چتائي نظر ڪبي تہ اُنهن سيني رڪنن ۾ شخصي، جسماني ۽ روحاني ترقيءَ يا نجات جو مقصد مضمر هو.

حڪمت جي ڄاڻن، روح ۽ جسم جي تميز جي تشريح هن طرح ڪئي آهي: روح اهو جوهر آهي، جنهن جي شناخت پنجن حواسن ذريعي حاصل ٿي نہ ٿي سگهي، ۽ زمان، مڪان ۽اِسباب (CAMSATION) جي حدن کان مٿي هجي. جسم يا مادو اُها شيءِ آهي، جا پنجن حواسن سان معلوم ٿي سگهي، ۽ زمان، مڪان ۽ اسباب ۾ سمائجي سگهي.

جيڪڏهن حڪيمن ۽ فيلسوفن جي مٿين تشريحن کي مڃي، اِن مسئلي تي غور ڪنداسون تہ معلوم ٿي ويندو تہ روح، زمان ۽ مڪان ۾ اچي نٿا سگهن، ۽ اسباب کان بالاتر هئڻ ڪري ورهائي بہ نٿا سگهجن۔ يعني هڪ کان وڌيڪ روحن جي وجود جو نظريو غلط ٿي پوندو. مسلمان صوفين جو پڻ چوڻ آهي تہ خود قرآن ۾ ڪٿي بہ ارواح جو لفظ ڪتب آندو نہ ويو آهي. ويدانت ۽ وحدت الوجود وارن بہ انهيءَ ڳالهہ کي تسليم ڪيو آهي. اِن نقط نگاهہ کان اِن مسئلي تي نظر ڪرڻ بعد اِهو ظاهر ٿي ويندو تہ روح هڪ ٿي سگهي ٿو جو خالق اڪبر جي ذات آهي، باقي سڀ صفات يا مايا آهي. اِن نظريي ۾ ويساهہ رکڻ بعد گهڻن روحن جي وجود، عملن ۽ ڪارڪردگي سبب جزا ۽ سزا، بهشت ۽ دوزخ حاصل ڪرڻ جا سڀ تصور غلط ٿي پوندا.

اُن جي تشريح لاءِ قرآن ۾ ڄاڻايل آهي تہ۔ "يسئلو نلڪ عن الروح"۔ (توکان پڇن ٿا تہ روح ڇا آهي؟)۔ "قل الروح من امر ربي وما اُوية العلم اِلا قليلاہ"۔ "انهن کي ٻڌاءِ تہ روح خدا جي اسرارن مان آهي، اُن جو ماڻهن کي تمام ٿورو علم مليل آهي."

www.sindhsalamat.com

جيئن خدا، شڪل- صورت، عقل، گمان، وهم ۽ قياس ۾ سمائجڻ کان مٿي آهي، اُن وانگر روح به سمجھڻ کان مٿي آهي. ڪن جو چوڻ آهي ته "روح ۽ خدا به شيون نه آهن، بلڪ هڪ آهن." اِنا لله وَاِنا اِليه راجعون." (اسان خدا وٽان آيا آهيون ۽ ان طرف موٽنداسون.)

روحن جو قبرن يا آسمانن ۾ رهڻ، روحن جو ڪرمن جي ڦل مطابق جوڻيون وٺڻ، دشمنيون ۽ دوستيون رکڻ، فائدا ۽ نقصان پهچائڻ، روحن جا جدا وجود هجڻ- وغيره سڀ ڳالهيون، وحشياڻي دور کان پراڻن خيالن جي عقيدن جي آڌار تي ٻڌل آهن. اُن کي مدنظر رکجي ته روحن جي وٽن، مقامن ۽ آسمانن ۾ مفرد حالت ۾ قيامت تائين رهڻ جا تصور ۽ عقيدا، غلط معلوم ٿين ٿا. روح هڪ آهي جو خدا کان جدا نه آهي. شاهه لطيف به اها ڳالهه ڪئي آهي ته:

پيهي جان پاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ،
ته نڪو ڏونگر ڏيهه ۾، نڪا ڪيچين ڪاڻ،
پنهون ٿيس پاڻ، مسئي تان مور هئا!

تنهنڪري، روح جي شخصي ترقي ۽ نجات جي مسئلي ايڏو مونجهارو پيدا ڪيو آهي، جو اُن جو حل سهل نظر نٿو اچي.

مجموعي نجات جو مسئلو: وحدت الوجود يا ويدانت جي نظريي مطابق روح هڪ آهي، جنهن ۾ ڪل ڪائنات سمايل آهي.

ان جو مثال سمنڊ جي قطري جيان آهي. جو گرميءَ جي اثر ڪري ٻاڦ بنجي، صورت بدلائي، مختلف حالتن مان گذري، وري ساڳي حالت ۾ سمنڊ ۾ ملي هڪ ٿيو وڃي. جڏهن اهو اصل مرڪز کان پري آهي ته مختلف مڪانن يا حالتن مان گذري، جدا جدا سير ڪري ٿو ۽ موٽي سمنڊ ۾ پهچڻ بعد سندس جدا ٿيل "جز"، "ڪل" ۾ سمائجي ٿو وڃي. اُن جي تعبير هڪ سنڌي شاعر هن طرح ڪئي آهي:

صورت جو سبحان، پاڻ ڏسڻ آيو پنهنجو تماشو! (سچل)

"نرواڻ پد" جي معنيٰ به "جز" جو جدا جدا سير ڪري "ڪل" ۾ سمائجڻ ٿي سگهي ٿي. "اِنا لله وانا اليه راجعون" به ڪم وبيش ساڳئي مطلب کي پيش ڪري ٿو. ٻڌ ڌرم وارن انهن ڳالهين کي مدنظر رکي، ماڻهن جي صالح ٿيڻ لاءِ هيٺيان اُصول مقرر ڪيا آهن.

www.sindhsalamat.com

1. **صحيح خيال:** اُهي خيال، جيڪي وهم گمان کان بالاتر هجن، ۽ عشق ازليءَ کان پيدا ٿي، لامتناهي ڳولا جي جذبي موجب ماڻهوءَ جي ظاهر ۽ باطن لاءِ صحيح راهہ عمل ڏسڻ ۾ مددگار ٿي سگهن.

2. **اعليٰ مقاصد:** اُهي مقصد جيڪي جذبہِ عشق جي آثار تي غور ۽ فڪر بعد مقرر ڪيل هجن ۽ ماڻهو جتان آيو آهي اُتي ڪيس پهچائڻ لاءِ رهبر راهہ جو ڪم ڏين.

3. **صحيح گفتگو:** اُها گفتگو جيڪا غور فڪر بعد معلوم ٿيل حق ۽ صداقت جي بنياد تي معلوم ٿيل مسئلن تي ڪئي وڃي. ڪليل ۽ خلوص دل واري هجي، تصنع کان خالي ۽ رواداريءَ جي لباس سان ملبوس نہ هجي، ۽ جنهن ۾ پنهنجي راءِ سان گڏ ٻئي جي راءِ جو احترام محفوظ هجي، ڇو تہ هڪ طرفي راءِ يا گفتگو مسئلن کي سلجهائي نہ سگهندي.

4. **صحيح عمل:** صحيح عمل جي معنيٰ عمل صالح آهن، جن مان معاشري ۾ صلح ۽ امن پيدا ٿئي، نفاق ۽ نفرت ختم ٿي وڃي، ماڻهن ۾ محبت ۽ اتحاد پيدا ٿئي، خود مطلبيءَ کان ڪنارو ٿيل هجي، هر ڪم مفاد عام لاءِ ڪيو وڃي، هر ڪم شخصي فائدي جي عيوض قومي ۽ انساني مفاد لاءِ ڪيو وڃي.

5. **صحيح گذران:** اهو گذران، جو ڪنهن جي استحصال ذريعي حاصل نہ ڪيل هجي، اُن جي حصول ۾ زور ۽ زبردستي ڪم آندل نہ هجي، ٻئي جي ڪمائيءَ مان چوريءَ ۽ زوريءَ حاصل نہ ڪيل هجي، اُهو ڪنهن ساهہ واري شيءِ جو ماس ۽ مڇي نہ هجي، زمين جي پيداوار اناج ۽ ميوي، مال جي کير ۽ مکڻ سان حاصل ڪيل هجي ۽ ٺڳيءَ ۽ ناجائز طريقن سان حاصل نہ ڪيل هجي.

6. **صحيح ڪوشش:** زندگيءَ جو مدار جدوجهد ۽ ڪوشش تي رهي ٿو، پر ڏسڻو اهو آهي تہ اها ڪوشش ڪهڙن مقصدن جي حصول لاءِ ڪئي وڃي ٿي، پر اُپڪاريءَ، خدمت خلق، عوامي نفعي، ملڪي بهتريءَ ۽ عوامي خوشحاليءَ جي راهہ ۾ جيڪا بہ ڪوشش ڪئي ويندي، سا صحيح شمار ڪري سگهبي، ليڪن خود مطلبي، ذاتي مفاد، طبقاتي فائدي، گروهہ يا محدود طبقي جي بهتريءَ ۽ خوشحاليءَ کي صحيح ڪوشش ۾ داخل ڪري نہ سگهبو.

www.sindhsalamat.com

متحد ڪري بلنديءَ تي آڻڻ جي هئي. اِهو مقصد، فتح مڪي کان پوءِ قريبن مڪمل ٿيو ۽ اُن ڪري قرآن جي آيت "اليوم اڪملت لڪم دينڪم" ± الخ لٿي هئي. مسلمان ملاڻن جي اِها معنيٰ ڪري ٿو ته: "حضرت محمد صلعم جي نبي آخر زمان ٿي اچڻ ۽ ساري اِنسان ذات لاءِ مڪمل مسوده حيات پيش ڪرڻ جو ڪم پورو ٿيو. ۽ هن بعد ٻيو ڪوبه انسان ذات جو مسئلو حل ڪرڻ لاءِ نه رهيو هو. اها معنيٰ غلط خوش فهمي تي ٻڌل ۽ جهالت جي پيداوار هئي.

ٻي مشن يا مقصد رحمة اللعالمين واري هئي، جنهن مطابق جملي اِنسان ذات جي ذهني ۽ جسماني اتحاد کي پايه تڪميل تي پهچائڻو هو. ليڪن جنهن صورت ۾ عرب قوم نهايت پنتي پيل هئي، ۽ حضرت محمد صلعم جي شخصي زندگي اچي پوري ٿيڻ کي ويجهي بيٺي هئي، اُن ڪري هو ٻي مشن پوري ڪري نه سگهيو. اُن لاءِ مُکيه نظريا ۽ رايا ڀوئتي ڇڏي ايندڙ نسلن کي اُن مشن جي پوري ڪرڻ جو ڪم سپرد ڪري ويو هو.

اسلام دين فطرف هئڻ ڪ ي ارتقا پذير هو. اهو ڪن حدن اندر محصور (بند) ٿي، ساري ڪاروبار فطرت کي محدود ڪرڻ لاءِ نه آيو هو. ان ڪري اُن کي مڪمل آخري مذهب يا مسوده حيات سڏڻ خود قانون فطرت جي خلاف هو جيسين تائين دنيا قائم آهي، اُن ۾ روز نوان نياپا ۽ هدايتون ايندڀون رهنديون. جيڪي وقتي ضرورتن، حالتن جي تقاضائن ۽ انساني ارتقا جي فائدي خاطر ايجاد ٿينديون رهنديون. روز بروز سائنس جون نيون ايجادون ٿينديون ۽ حڪمت جا نوان نڪتا اِنسان ذات جي رهبريءَ ۽ امداد لاءِ ايندا رهندا. اهي وهندڙ درياهه وانگر سدائين جاري رهندا، تنهن ڪري 13 سئو ورهيه اڳ ٻڌايل ديني نظريا هميشه لاءِ رهبر راهه ٿي نه سگهندا.

(4) قرآن مڪمل ڪتاب آهي ڇا؟ اهو تصور به غلط آهي. قرآن چئن قسمن جي آيتن تي مشتمل آهي:

(1) آيات بينات محڪمات ـ يعني بنيادي اُصولن (FUNDAMENTALS) واريون آيتون.

(2) آيات متشابهات يعني تشبيهي سمجهاڻين ۽ اشارن واريون آيتون.

(3) وقتي مسئلن بنسبت احڪامات تي مشتمل آيتون، جي حالت جي تبدليءَ سبب منسوخ ٿي ويئون آهن.

(4) عارضي ۽ فروعاتي مسئلن سان واسطو رکندڙ آيتون.

www.sindhsalamat.com

اُن ڪري قرآن جو پهريون حصو قائم رهڻو هو باقي حصا بيڪار ٿي چڪا آهن. تنهن ڪري ان جي هر هڪ لفظ کي چنبڙي پوڻ ۽ صحيح سمجهڻ غلط ٿيندو. جيئن هين پيغمبرن جي پوئلڳن پنهنجن ڪتابن کي آخري ۽ مڪمل سمجهي پيش ڪيو ٿي. اهڙيءَ طرح مسلمان مستقل مفاد بہ سمجهن ٿا تہ نئين ڳالهہ آهي ئي ڪانہ. قرآن مڪمل آهي. پر حقيقت ۾ دنيا اندر ڪابہ شيءِ آخري ۽ مڪمل ٿي نہ ٿي سگهي. اها حقيقت. قيامت (گهڻي وقت) تائين پوري ٿيڻ واري نہ آهي. مولانا رومي فرمائي ٿو تہ:

ماز قرآن مغز را برداشتم.
استخوان پتش مگان انداختيم!

يعني ـ "مون قرآن مان مغز (جوهر) ڪڍيو باقي هڏا ڪتن جي اڳيان ڦٽا ڪيا آهن. تہ پلي اُنهن جي حاصل ڪرڻ لاءِ وڙهندا رهن!"

## 4. شريعت اسلامي (نظام مصطفيٰ) انسان ذات لاءِ مڪمل راهہ حيات آهي ڇا؟

مسلمانن ۾ بہ ٻين مذهبن وانگر هيءُ عقيدو ويهي ويو آهي تہ حضرت محمد جي ترتيب ڏنل شريعت. بهترين دستور العمل ضابطہ حيات آهي. اها ڳالهہ بہ غلط ۽ فرسودي ٿي وئي آهي. بلڪ آءٌ تہ ائين چوندس تہ اُن جو گهڻو حصو معاشري جي تبديلي سبب بيڪار، رد ۽ منسوخ ٿي چڪو آهي. ۽ اُهو وري زندهہ ٿي نہ سگهندو. تنهن ڪري اهڙي گفتگو ڪرڻ وارا يا تہ بيوقوف آهن. يا ڄاڻي واڻي پنهنجي مستقل مفاد کي برقرار رکڻ لاءِ اهڙي گفتگو ڪن ٿا.

هيٺ آءٌ اِن مسئلي تي پوري روشني وجهڻ لاءِ شريعت اسلاميءَ سان واسطو رکندڙ چند اُنهن ڳالهين جو ذڪر ڪندس. جيڪي معاشري جي تبديليءَ سبب رد ٿي چڪيون آهن:

### (1) وياج وٺڻ يا ڏيڻ:

قرآن جي حڪم موجب وياج وٺڻ يا ڏيڻ حرام هو. پر اُهو حڪم معاشري جي تبديلي سبب رد ٿي چڪو آهي. دنيا ۾ ڪوبہ اهڙو مسلمان ملڪ نہ آهي، جنهن ۾ بئنڪون نہ هجن. اڄڪلهہ جي معاشري ۾ بئنڪن جو هئڻ ضروري

www.sindhsalamat.com

آهي. سمورو واپار، ڪارخانا ۽ روزمره جو ڪاروبار بئنڪن ذريعي هلي ٿو ۽ بئنڪون وياج وٺڻ ۽ ڏيڻ کان سواءِ هلي نه سگهنديون.

## (2) جوا ڪرڻ:

شريعت اسلامي موجب جوا ڪرڻ ناجائز آهي، پر هن وقت معاشري جي تبديلي سبب اُها هر مسلمان ملڪ ۾ ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ مروج آهي. گهوڙن جون ريسون، صورتيون، واپار جا سٽا وغيره سڀ جوا جا جدا جدا قسم آهن. پتي ۽ چڪي رستي به جوا ملڪ ۾ چوريءَ ڇپي هلي پئي. ڪلبون- جن ۾ وڏا ماڻهو وڃن ٿا- جوا جو مرڪز بنيل آهن. اهڙي حالت ۾ اها بندش جڻ ته عملي صورت ۾ رد ٿي چڪي آهي.

## (3) شراب ۽ ٻيو نشو پيئڻ يا واپرائڻ:

اسلامي قانون مطابق نشو واپرائڻ ناجائز آهي. پر معاشرو اهڙي حالت کي پهتل آهي جو اڪثري مسلمان ملڪن ۾ شراب پيئڻ تي بندش نه آهي. خود حڪمران طبقي جا ماڻهو اِن جا عادي ٿي چڪا آهن. چرس، گانجي، آفيم ۽ ڀنگ پيئڻ جو دستور به عام جام ٿي ويو آهي. هتي پاڪستان ۾ اڳين سڀني حڪومتن جي دورن ۾ نشي تي بندش نه هئي ۽ وڏا ماڻهو عام جام واپرائيندا هئا. پر موجوده دور جي سوسائٽي اهڙو ته پلٽو کائي ويئي آهي جو باوجود حڪومت طرفان نشي تي بندش وجهڻ جي، عام ماڻهن جي ڪن ٽار يا تعاون سان شراب جي نهڻ، وڪري ٺيڪ ۽ پيئڻ جو رواج عام آهي. اهڙيءَ طرح ٻيا نشا آفيم، ڀنگ ۽ چرس به عام جاري آهن. اِن مان ظاهر آهي ته عملي طرح مسلمان ملڪن ۾ نشي جو واهپو وڌندو رهي ٿو. ڇاڪاڻ ته سوسائٽيءَ ۾ جا ڳالهه عيب نه سمجهي ويندي اُها باوجود دنياوي قانونن جي بندش ۽ شرعي هدايتن جي چالو رهي ٿي. اُن ڪري اهو شرعي ممانعت جو قانون به عملي طرح منسوخ ٿي چڪو آهي.

## (4) چوري ڪرڻ جي سزا هٿ پير وڍڻ:

زنا جي حالت ۾ سنگسار ڪري مارڻ، خون جو بدلو خون، ڏڪ جي عيوض ڏڪ هڻڻ (قصاص باالقصاص) جا دستور اسلامي شريعت موجب جائز آهن. پر حالتون اهڙي درجي تي وڃي بيٺيون آهن، جو اڄڪلهه اهڙين سزائن کي

www.sindhsalamat.com

وحشيانہ سمجهي، اڪثر حڪومت رد ڪري ڇڏيو آهي. اُن حقيقت جي موجودگيءَ ۾ اهو قانون عملي طرح رد ٿي چڪو آهي. جديد سوسائٽيءَ جي دستور موجب اهي سزائون مهذب سوسائٽي جي شايان شان نہ هئڻ ڪري، قريبن ختم ٿي ويئون آهن.

## 5. زالن ۾ پردي جو رواج:

شريعت اسلامي ۽ قديم مسلم معاشري جي دستور مطابق زالن کي پردي ۾ رهڻ ۽ برقعي پائڻ جي هدايت ڪيل هئي. گڏيل سوسائٽيءَ ۾ زالن جي اُٿڻ ۽ ويهڻ جي رواج جي منع هئي. عورت جي حيثيت گهٽ سمجهڻ جا رواج عام هئا. ايتريقدر جو ورثي ۾ بہ عورت کي مرد جي اڌ جيترو حصو ملنٿو هو. جيئن تہ معاشري ۾ زالون قريبن اڌ جيترو هيون، جن تي جيڪڏهن مٿين قسمن جون بندشون نہ هجن ها تہ مردن سان ڪم ڪار ۾ مددگار ٿي سگهن ها. اهڙيءَ طرح انهن جي ڪارڪردگيءَ کي گهٽائي سوسائٽيءَ جي ترقيءَ ۾ رڪاوٽ وڌي ويئي. اُنهن ڳالهين کي بدليل زماني جي حالتن آهستي ڪري رد ڪرڻ شروع ڪيو آهي. زالن جو پوکن ۾ مردن سان گڏ ڪم ڪرڻ، لابارا ڪرڻ، سنگ چونڊڻ، ماني ۽ ٻيو سامان مردن کي ٻني تي پهچائڻ وغيره جو رواج عام غريب ماڻهن ۾ تہ گهڻي وقت کان رائج آهي. ڪيترين جاين تي تہ مال چارڻ جو ڪم بہ زالن جي سپرد آهي. مسلمان جي مٿين طبقي ٻين قومن جي ڏيکا ڏيکي عورتن جي پردي کي ختم ڪرڻ شروع ڪيو آهي. زالن ۾ تعليم وڌي وڃڻ ڪري ويتر پردو روز بروز هٽندو ويچي ٿو. هن وقت جيئن تہ پردو تمام ٿورو وڃي رهيو آهي، اُن ڪري امڪان اُهي ٿا ڏسجن تہ جلد ئي اهو شريعتي قانون بي اثر ٿي ويندو. ڪن ماڻهن طرفان زالن جي پردي هٽي وڃڻ ڪري فاحشي وڌي وڃڻ جا دليل ڏنا ٿا وڃن، پر اُن مان سندن مقصد، زالن کي بيڪار ۽ محتاج بنائڻ معلوم ٿئي ٿو. اهي دليل مردن طرفان ڏنا وڃن ٿا. ليڪن گهڻي وقت کان مردن ۾ جيڪي خرابيون مروج آهن، تن مان لونڊي بازيءَ (HOMOSEXUAL) جو رجحان وڌيل ڏسجي ٿو. اُن لاءِ هڪ حد تائين عورتن جي پردي جي رواج کي بہ جوابدار بنائي سگهجي ٿو.

هن وقت دنيا ۾ پردي خلاف رجحان وڌي رهيو آهي. ۽ اهو نيٺ بدليل حالتن ۽ معاشري جي تقاضائن موجب پنهنجو ڪرتب ڏيکاري، پردي جي رواج کي ختم ڪري ڇڏيندو. دنيا جيءِ اِن عام رجحان جي سيلاب کي ڪيتري وقت

www.sindhsalamat.com

تائين روڪي سگھبو؟ ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ اهو قانون ڪارخانن ۽ پوڪن مان قريبن ختم ٿيڻ ڪي ويجھو اچي پهتو آهي.

## 6. غلامن ۽ ٻانهن رکڻ جو دستور:

قديم وحشيانہ دور کان وٺي ڏاڍا ماڻهو قبيلا ۽ قومون، ڪمزور ماڻهن، قبيلن ۽ قومن کي غلام بنائي پاڻ وٽ رکندا هئا ۽ پنهنجي تسلط ۽ سامراج هيٺ رهڻ لاءِ مجبور ڪندا هئا. اسلام جي اچڻ بعد حضرت محمد صلعم کي اهڙيون ڳالهيون رائج ڪيون هيون، جن ۾ رضاڪارانہ طور ان رواج کي گھٽائڻ لاءِ حرص ڏياريل هو. پر مذڪور دستور کي معاشري جي عام دستور هيٺ ڪري صفا رد ڪري نہ سگھيو. حضرت محمد صلعم جي انتقال بعد خلافت جهڙي بدعت رائج ڪرڻ بعد عربن غلامن ۽ ٻانهين جي وڌائڻ لاءِ هر قسم جا طريقا اختيار ڪيا. هڪ تہ ٻين ملڪن کي فتح ڪري اُتان غلام ۽ ٻانهيون هٿ ڪيائون ۽ ٻيو تہ ٻين قبيلن ۽ قومن کي تسلط هيٺ رکي سامراج قائم ڪيائون. جيئن تہ شريعت اسلامي موجب چئن شادين ۽ اڪيچار ٻانهين رکڻ جي اجازت ڏنل هئي، تنهن ويتر ان رواج کي هٿي ڏني. عربن ۾ جنسي خواهش تمام گھٽي هئي، اُن ڪري شريعت ۾ هنن کي هڪ طرف جنگيون ڪري ٻانهين هٿ ڪرڻ جو حرص ڏيکاريو ويو تہ ٻئي طرف ٻي زندگي، يعني موت کان پوءِ قيامت ۾ ستر حورن ۽ غلمانن ملڻ جو دلاسو مليل هو. جنهن مطابق اُن ڳالهہ کي بهترين سمجھڻ جو جواز ڪين مليو ويو اُنهيءَ ڪري حضرت محمد صلعم جي طرفان اِن دستور کي گھٽائڻ لاءِ ڏياريل تحريص جو ڪو اثر نہ ٿيو ۽ ويتر غلام ۽ ٻانهيون وڌڻ لڳيون. مسلمان حاڪمن- جن کي خليفا سڏي اهميت ڏني ٿي وئي- اِن رواج کي وڌائي، پنهنجي ۽ متعلقين جي عياشيءَ لاءِ ڪتب آندو. هڪ اهڙي خليفي پنهنجي جنگي سپهہ سالار کي لکي موڪليو تہ ملڪ فتح ڪرڻ بعد غلام ۽ ٻانهيون- خاص وصفن واريون چونڊي- عربن جي استعمال لاءِ موڪليا وڃن.

اهڙين ڳالهين اسلامي شريعت کي اهڙو بدنام ڪيو جو دنيا جي ٻين قومن اِن ڳالهہ کي ذليل ڪارنامو سمجھي، بين الاقوامي دستور موجب رد ڪري ڇڏيو. اُن کان مجبور ٿي مسلمانن کي بہ اِن رواج کي ترڪ ڪرڻو پيو ۽ اِسلام جي اِن شريعتي قانون کي وقت جي تقاضائن جي مدنظر منسوخ ٿيڻو پيو.

www.sindhsalamat.com

### 7. جهاد ڪرڻ:

عربن پنهنجي غريب ۽ ڪٽل سوسائٽيءَ کي شاهوڪار بڻائڻ ۽ مذهب جي وڌائڻ جي بهاني تي ٻين ملڪن کي زوريءَ فتح ڪري پنهنجي سامراج بڻائڻ لاءِ جهاد کي شريعت اسلام موجب مذهبي جزو بڻائي ڇڏيو. هنن غلط پروپگينڊا وسيلي مسلمانن تي واضح ڪيو تہ ٻين ملڪن تي حملا ڪري اُنهن کي تسلط هيٺ آڻڻ، اُتان جا وسائل پنهنجي مفاد لاءِ ڪتب آڻڻ ۽ ٻانهن ۽ ٻانهين هٿ ڪرڻ لاءِ جهاد ڪرڻ ثواب جو ڪم هو. ان وسيلي بهشت ملڻ جو آسرو هو- جت ڪين حورون، غلمان (نوجوان سهڻا ڇوڪرا)، محلات ۽ هر قسم جي عيش جو سامان ملڻا هئا. بهشتي زندگيءَ جو تخيل اهڙو پيش ڪيو ويو جتي دائمي زندگيءَ ۾ هر طرح جو عيش عشرت ملڻ جو حرص ڏياريل هو- مثلن: اُتي آرام (ننڊ) ڪرڻ جي ضرورت محسوس نہ ٿينديءَ اُتي ماڻهو سدائين جوان هوندا، هنن جي شهواني طاقت نهايت وڌي ويندي- ايتريقدر جو حقيقي زالن کان سواءِ ستر حورن ۽ ڏهن غلمانن جي پورائي بہ ڪري سگهندا. بهشت جي تشريح ۾ حورن جي نازڪ بدنن ۽ مردن جي جنسي طاقت جي واڌاري جو ذڪر اهڙي فحش انداز ۾ ڪيو ٿي ويو جنهن مان اهو مطلب ٿي نڪتو تہ بهشت، فحش ڪاريءَ جو هڪ اڏو ٿي ڪم اچڻو هو.

اهڙين ڳالهين کي شريعت اسلاميءَ جي جزي بڻائڻ مان مسلمانن جي اخلاق تي برو اثر پوڻ لازمي هو. ۽ هنن قرآن جي صريح حڪم- "لاِڪراه في الدين" (دين ۾ زور زبردستي نہ هئڻ گهرجي)- جي خلاف، تشدد کي زندگيءَ جو جزو بڻائي ڇڏيو. پرائي مال ڦرڻ کي مال غنيمت سمجهڻ لڳا. ٻين ملڪن کي فتح ڪري عرب سامراج هيٺ آڻڻ کي ثواب جو ڪم سمجهي، اُن لاءِ ڪوششون ڪرڻ لڳا. اُن جو اثر اِهو نڪتو تہ ڪيترا زاهد ۽ عبادتگذار بہ دعائون گهرڻ لڳا تہ "ميدان جهاد" ۾ شهيد ٿي مرن. اِنهيءَ نقطي نگاهہ کي مدنظر رکي، مسلمانن "اسلام سلامتيءَ ۽ امن واري دين" جي نالي هيٺ هر طرح جا ظلم ڪيا. ملڪن ۽ قومن کي ڦريو لٽيو. پرايون زالون ٻانهيون بڻائي، ساڻن زنا ڪرڻ کي جائز سڏيو ۽ فتوائون ڏيئي غير مسلم ملڪن کي فتح ڪرڻ جائز ٺهرايو. اُن جو اثر اهو نڪتو تہ نہ صرف غير مسلم ملڪن سان جنگيون ڪري قتل عام ڪيائون، پر مسلمانن هڪ ٻئي جو (اسلام جي نالي ۾) خون وهايو. ڦرلٽون ڪيون، سوين مرد ۽ عورتون غلام بڻايا. ۽ جهاد کي پنهنجي معاشري جو بهترين

www.sindhsalamat.com

ڪارنامو سڏيو. پوين خليفن کي چڏي جن مان اڪثر حاڪم شيطان ڪان بہ برا هئا. اوائلي مسلمان خليفن- جن کي خلفاءِ راشدين ۽ سندن دور کي سونهري دوري سڏي فخر ڪيو وڃي ٿو- جي ڏينهن ۾ بہ جهاد جي نالي ۾ آزاد ملڪن کي عرب سامراج هيٺ آڻڻ ۽اِن حرص جي تڪميل لاءِ لکن ماڻهن کي قتل ڪرائڻ جو رواج پيو. ٻين سڪين ملڪن جي رهاڪن ۽ حڪومتن کي (پنهنجي حملي جي جواز پيدا ڪرڻ لاءِ) لکيو وينديو هو تہ اسلامي قبولي، عرب حاڪمن جا تابعيدار ٿي، سندن ماتحت رهن. ٻيءَ صورت ۾ مٿن حملو ڪيو ويندو. اُن بعد اُنهن ملڪن تي حملا ڪري، هزارين ماڻهو ناحق قتل ڪري، ملڪ کي ڦري لُٽي، اُتان جا مرد ۽ زالون غلام بنائي، عربن ۾ ورهايا ويندا هئا. جڻ سندن ٻيءَ ڏاڏي جي ملڪيت هئي ۽ اسلام خاص آيو ئي اِنهن ڪمن لاءِ هو. پوءِ اُنهن مفتوح ماڻهن کي مجبور ڪري سندن دين بدلارايو ويندو هو. عرب نالا رکايا ويندا هئا، ۽ عرب نسل مان سڏائڻ تي آماده ڪيو ويندو هو. اهڙيءَ طرح اُن دين فطرت جي نالي ۾ طرح طرح جا ظلم ڪيا ويندا هئا. تاريخ پڙهي ڏسبي تہ پتو پئجي ويندو تہ اِن اسلام جي علمبردارن مذهب جي نالي ۾ ڪهڙا نہ برا ڪم ڪيا. مسلمانن کي اڃا بہ شرم ڪونہ ٿو اچي، جو اهڙن ڪارنامن کي مروج ڪندڙ جي حڪومت کي "بهترين دور حڪومت" ۽ "حڪومت الاهيہ جو دور" سڏي، اُن تي فخر ڪندا رهن ٿا.

اڳتي هلي، اِن خلافت راشده جي دور ۾ مروج ڪيل عرب سامراج جي قيام لاءِ فتوحات ڪرڻ سبب، اسلام جي تاليف قلوب ذريعي ماڻهن کي هدايت ڪرڻ واري صحيح مشن ختم ٿي ويئي. نتيجي طور هن وقت آڱرين تي ڳڻڻ جيترا يهودي، زوريءَ سندن ملڪ فلسطين جي گهڻي حصي تي قابض ٿيو ويٺا آهن. ۽ عربن کي طاقت نہ رهي آهي، جو جهاد ڪري کين هڪالي ڪڍي سگهن.

ڇا، هن وقت مسلمان ملڪن کي- باوجود پنجاهہ ڪروڙ مسلمانن جي آباديءَ جي- اها طاقت آهي، تہ روس، آمريڪا، فرانس، انگليند، ڀارت ۽ چين جهڙين وڏين غير مسلم حڪومتن کي لکي سگهن تہ "مسلمان ٿيو نہ تہ جهاد ذريعي زوريءَ اوهان جي ملڪن کي فتح ڪري، ماڻهن کي مسلمان بنايو ويندو؟" نتيجو اهو نڪتو آهي تہ سوسائٽيءَ جي تبديلي سبب اِهو غلط شريعتي قانون جهاد ازخود ختم ٿي چڪو آهي. حالتون اهڙيون پيدا ٿيون آهن جو انهن تي عمل ڪرڻ ناممڪن ٿي پيو آهي. پر اُن ڪليل حقيقت جي باوجود، شريعت

www.sindhsalamat.com

اسلامي جي پوئلڳن کي اخلاقي جريت ڪانہ آهي تہ ان وحشيانہ دور جي رسم کي غلط سمجهي، اُن کي منسوخ ڪري ڇڏين. ڪجهہ وقت اڳ قاديانين بدليل حالتن جي مدنظر جهاد کي رد ڪرڻ جو رايو ڏيکاريو تہ ڪين مورڳو دين اسلام کان خارج سمجهڻ لڳا.

## 8. خلافت

خلافت جي مسئلي کي مسلمانن پنهنجي شريعتي دين جو حصو بنائي ڇڏيو آهي. جي ڇتائي ڏسبو تہ اُن بابت نہ قرآن ۾ ڪو صحيح حڪم ڏنل آهي ۽ نہ رسول اڪرم صلعم اِن بابت ڪا صاف هدايت يا وصيعت ڇڏي آهي. اها بدعت عربن جي ٻئي نمبر بادشاهہ (خليفي) حضرت عمر رضہ جي دماغ جو اختراع هئي جنهن جي پويان هن جا ٻہ مکيہ مقصد هئا:

1. حضرت محمد جي مذهبي تعليم ۽ اخلاقي اثر سبب عرب متحد ٿي هڪ قوم بنجي ويا هئا. اهڙي جنگجو قوم جي اتحاد ۽ طاقت کي پوريءَ طرح ڪتب آڻي، نہ صرف عرب ملڪ تي حڪومت ٿي سگهي ٿي، پر پر وارن ملڪن تي عرب سامراج قائم ڪرڻ جا امڪان بہ روشن ٿي سگهيا ٿي. حضرت عمر رضہ هڪ دانشمند سياستدان جي حيثيت ۾ اهڙي موقعي کي هٿان وڃائڻ ۽ ملڪ ۽ قوم جي مفاد لاءِ ڪتب نہ آڻڻ صحيح ڳالهہ نٿي ڄاتي.

2. عرب ملڪ جو اڪثر حصو ويران ۽ ريگستاني هو- سواءِ چند شهرن جي، جتي واپار هلندڙ هو زياده ماڻهو قبيلن جي صورت ۾ بدويانہ زندگي گذاريندا هئا. زرعي آبادي نہ جهڙي هئي، بارش تمام ٿوري پوندي هئي. زمين جا گهڻو حصو جابلو ۽ واريا سو هئڻ ڪري آباديءَ جي لائق نہ هو. هتي جي ڪجهہ ماڻهو ڪن حصن ۾ ڪجين جي باغن تي گذران ڪندا هئا. زياده تر ماڻهن جو پيشو مال ڌارڻ ۽ اُن جي کير، گيهہ ۽ گوشت جو وڪرو ڪرڻ هوندو هو. مال جي چاري سانگي، وقت بہ وقت پنهنجي رهڻ جون جايون پيا بدلائيندا هئا. اُن ڪري هنن ۾ خانہ بدوشيءَ سبب بدويانہ وحشت ۽ ٿوري ڳهٽي تان وڙهڻ جي عادت پئجي وئي هئي.

قبيلائي دستورن ۽ روايتن سبب هنن جون دشمنيون ورهين جا ورهيہ هلنديون هيون. هنن مان ڪي پاڻ کي حضرت ابراهيم پيغمبر جي اولاد مان هئڻ ڪري مٿانهون سمجهندا هئا. هنن جو ڪو هڪ مذهب يا عقيدو نہ هو. اڪثر

www.sindhsalamat.com

پنهنجي قبيلائي عقيدن موجب خاص ديوتائن يا خدائن ۾ اعتقاد رکندا هئا. هنن مان ڪي بت پرست، ڪي يهودي ۽ ڪي عيسائي هئا. باوجود اُن جي ڪين پنهنجي ماضيءَ تي فخر هوندو هو ڪنهن ليڊر جي پيدا ٿي ڪين متحد ڪرڻ ۽ رهنمائي ڪرڻ جو لڪل جذبو سمايل هوندو هو. جڏهن منجهن حضرت محمد صلعم جي صورت ۾ اُهو ليڊر پيدا ٿيو ته قبيلائي، ذاتي ۽ قديم روايتي فخرن ۽ تعصبن سبب، هنن ابتدا ۾ سندس هٺ هيٺ متحد ٿيڻ جي مخالفت ڪئي. پر جڏهن حضرت محمد صلعم جي مذهبي تعليم، اخلاقي برتري ۽ شخصي اَثر هنن تي غالب پئجي ويا، ته نيٺ هو اُن جي هٺ هيٺ متحد ٿي ويا. جڏهن حضور اڪرم صلعم جن جي حياتيءَ جا آخري ڏينهن اچي ٿيا ته سندس مکيه ساٿين مان ڪن کي هن جي سياسي جاءِ نشين ٿيڻ جو شوق دامنگير ٿيو. هنن مان گهڻن کي اِهو آچي خوف ٿيو ته ڪٿي حضرت علي (جو دانشمند، بهادر رسول جو سوٽ ۽ نياٺو هو) سندس جاءِ نشين بنجي، عرب جو حڪمران نه بڻجي! حضرت محمد صلعم جو گهراڻو ننڍو ۽ غريب هو. عرب جا سردار- جن کي پنهنجن وڏن قبيلن ۽ مال ملڪيت تي فخر هوندو هو- حضرت محمد صلعم جي غير معمولي حيثيت سبب خوشيءَ يا زور سان سندس پوئلڳ بنجي ويا هئا. ازانسواءِ حضرت علي سخت طبيعت ۽ روحاني علم طرف لاڙو رکندڙ هو. عام عرب آچا اهڙي سختگير ۽ راهب طبيعت ماڻهوءَ جي قيادت لاءِ تيار نه هئا.

حضرت محمد صلعم کي اِن ڳالهه جو پتو هو. هن کي به مشنون- هڪ عربن کي متحد ڪري اوج تي آڻڻ ۽ ٻي ڪثرت مذاهب پويان بنيادي وحدت جو سبق ڏئي انسان ذات کي متحد ڪرڻ جي- سپرد ٿيل هيون. پاڻ پهرين مشن پوري ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو پر ٻي مشن جي پورائيءَ لاءِ وٽس پورا وسيلا ڪونه هئا. سندس عمر به اچي پوري ٿي هئي، ان ڪري ٻي مشن جو ڪم هن چند منتخب ماڻهن جي حوالي ڇڏي ڏنو. باقي پهرين مشن ۾ ڪين زياده دلچسپي نه هئي، جو هن ڄاتو ٿي ته اقتدار جي حصول لاءِ لازمي ڪشمڪش ٿيندي، اُن ڪري مسئلي کي صاف ڪرڻ کانسواءِ ئي ڇڏيو ويو. جيڪڏهن اُن ڪم لاءِ ڪنهن کي منتخب ڪري وڃن ها ته ضرور اختلاف پيدا ٿي پون ٿا، ۽ مرڳو ظاهري مذهب جي فروغ ۾ رنڊڪون پئجي وڃن ها. (تاريخ ۾ اهڙو مثال اڳي به موجود هو جڏهن سڪندر اعظم گهڻن ملڪن جي فتوحات بعد ننڍيءَ عمر ۾ بابل ۾ وفات ڪري رهيو هو ته هن کان پڇيو ويو ته "پنهنجي هيڏي ساري

www.sindhsalamat.com

سلطنت کي ڪنهن جي حوالي ڪري ٿو وڃين؟" هن کي معلوم هو ته اقتدار جي بک گهڻن ماڻهن کي هئي ۽ جيڪڏهن هڪ کي منتخب ڪندو ته اختلاف وڌي ويندا. اُن ڪري ائين چئي جند ڇڏايائين ته "مستقبل ۾ حالتون پاڻهي فيصلو ڪنديون. ۽ جيڪو جتي طاقتور هوندو اُن حد ۾ پنهنجي حڪومت ٺاهيندو." اُن بعد سنڌس حڪومت ٽن ٽولين ۾ ورهائجي ويئي.) رسول مقبول به دنياوي اقتدار جو معاملو پوين جي فيصل ڪرڻ لاءِ ڇڏي ويو.

حضرت عمر رضہ ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته ± سياسي تدبير جي معاملي ۾ دانشمند هو اُن ڪري هن مذهب ۽ سياست کي گڏي پوين جي تتبع تي خلافت قائم ڪرائي، پنهنجي نمائندي حضرت ابوبڪر رضہ کي حاڪم (خليفو) مقرر ڪرايو. ڪيس اُميد هئي ته حضرت ابوبڪر رضہ گهڻو وقت جيئرو نه رهندو ۽ پوءِ سلطنت جي واڳ هن جي هٿ ۾ اچي ويندي.

هن کي خبر هئي ته عرب مذهب جي نالي ۾ متحد ٿيا هئا ۽ اُن جي پويان طاقت جو استعمال به آندل هو. اُن ڪري هن پنهنجي سياست جي پاليسي چئن بنيادن تي قائم ڪئي:

1. هن عربن کي متحد رکڻ لاءِ سياست ۽ مذهب کي گڏي هلائڻ ضروري ڄاتو.
2. هن عربن جي گذرمعاش لاءِ عرب سامراج قائم ڪري ٻين ملڪن جي فتوحات ضروري ڄاتي.
3. هن عرب قوم جي برتري برقرار رکڻ لاءِ عرب ۽ عجم جي تفاوت کي قائم رکيو.
4. هن رسول صلعم جي ٻي مشن جي اصول کي ترڪ ڪري، عرب رسومات، زبان ۽ عربي لباس کي اسلام جي نالي سان تعبير ڪيو.

اِن مسئلي تي هڪ مصري عالم علي عبدالرزاق "الا سلام والا صول الحڪم" نالي هڪ ڪتاب لکيو آهي، جو 1925ع ۾ قاهره ۾ ڇپيو آهي. اُن ۾ هن صاحب اِها ڳالهه ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته خلافت خالص دنيوي (سيڪيولر) ادارو هو جنهن جو مذهب اسلام سان ڪوبه واسطو نه هو. هن پنهنجي ان راءِ جي ثبوت ۾ هيٺيان دليل پيش ڪيا آهن:

1. دين اسلام ۾ صاف طرح ڪنهن به قسم جي حڪومت جو ذڪر نه ڪيل آهي. قرآن ۽ احاديث نبويہ مسلمانن کي آزاد ڇڏيو آهي ته ڪهڙي به قسم جي حڪومت بنائين.

www.sindhsalamat.com

2. جنهن صورت ۾ قرآن ۾ خلافت جو ذڪر نہ صاف طرح ۽ نہ ئي اِشاري طور آيل آهي، اُن ڪري خلافت اِسلام جي بنيادي اُصولن ۾ داخل نہ آهي. ان کي قدامت پسند ملن صرف فقهہ جي ذريعي اعتقاد جو جزو ڪري بنايو آهي.

هنن جو چوڻ آهي تہ خلافت نہ احڪام الاهي يا نبوي حڪم موجب ٺاهي وئي آهي، نہ مسلمانن جي عام راءِ مطابق وجود ۾ آندل آهي. چاڪاڻ تہ پهرين ٽن خليفن کان پوءِ خلافت کي هٿيارن جي آڌار تي قائم رکيو ويو آهي. اُن کي مسلم عوام جي نمائنده هئڻ جو ڪڏهن بہ شرف حاصل نہ رهيو آهي.

3. پيغمبر خدا کي رسالت جي مشن شخصي طرح سپرد ڪيل هئي. هن کي حڪومت برپا ڪري، پوين کي سپرد ڪرڻ جو ڪم سونپيل نہ هو. "خلافت کي مذهبي حيثيت نہ هئڻ ڪري، اسلامي حڪومت جو نظريو غلط ۽ خود ساختہ هو. پر جيڪڏهن خليفي کي دنياوي حاڪم سڏجي، تہ اِها ڳالهہ جدا هئي."

پنهنجي نقطي نگاهہ کي ثابت ڪرڻ لاءِ هيءُ عالم اسلام جي اوائلي تاريخ جو ذڪر ڪري ٻڌائي ٿو تہ: "ابتدا ۾ مسلمان حڪومتن ۾ ڪو منظم دستور عدالت، ماليات، پوليس ۽ اِنتظام جو بندوبست ڪين هو." اُن مان هيءُ نتيجو ڪڍي ٿو: "جيڪڏهن رسول کي حڪومت برپا ڪرڻ جو اِرادو هجي ها، تہ ضرور اُن جا اڪي بنيادي اُصول مقرر ڪري هدايتون ڪڍي ڇڏي ها." گويا ڪتاب لکندڙ هن نظرئي کي رد ڪري ٿو تہ پيغمبر اسلام حضرت محمد صلعم ڪو مسلمانن جو دنيوي حاڪم هو. هو صرف پيغمبر هو. هن جو دنيوي اختيار سندس روحاني مشن جو جزو هو جا ڳالهہ پيغمبري منصب سان واسطو رکڻ ڪري، ٻئي ڪنهن کي سپرد ٿي نہ ٿي سگهي. هن جي راءِ مطابق "پيغمبر جي مشن جو ماڻهن جي عقائد، اخلاق جي درستي، صحيح عملن جي رهبريءَ سان واسطو هو ۽ نہ حڪومت هلائڻ سان. هن جي راءِ مطابق "عرب اتحاد پيغمبر جي روحاني تصرف ۽ اخلاقي برتريءَ سبب پيدا ٿيو نہ سياسي طاقت ذريعي."

پيغمبر جي رحلت کان پوءِ جڏهن سندس رسالت پوري ٿي، تہ اُها سندس دنيوي اختياري، جا سندن پيغمبري مشن جو جزو هئي، ٻئي ڪنهن جي حوالي ٿي نہ ٿي سگهي. ان ڪري ليکڪ حضرت ابوبڪر رضہ جي پيغمبر جي جاءِ نشينيءَ جي دعوي کي رد ڪري ٿو. هن جي راءِ مطابق "حضرت ابوبڪر رضہ کي نئين عرب حڪومت (سامراج) جو پهريون حاڪم سڏي سگهجي ٿو پر کيس نہ خليفو ۽ نہ ئي جاءِ نشين رسول سڏڻ جائز آهي."

www.sindhsalamat.com

هن جي راءِ آهي ته ”چند عرب قبيلن کي سنڌن حڪومت جي استحڪام ۽ وسعت لاءِ ڪا مذهبي سند نه هئي. تنهنڪري مسلمان جيڪڏهن خلافت جي اداري کي رد ڪن ته اُن ۾ اسلامي احڪام جي ڪا به انحرافي ڪانه ٿيندي.“

حضرت ابوبڪر رضہ کان پوءِ حضرت عمر رضہ ۽ اُن کان پوءِ حضرت عثمان رضہ حاڪم ٿيو. سندس دور حڪومت ۾ هن طرفان مقرر ڪيل بني اميہ قبيلي جا گورنر اهڙو تسلط قائم ڪري ويا، جو جڏهن حڪومت جون واڳون حضرت عليءَ جي سپرد ٿيون ته بني اُميہ جي گورنرن اُن جي خلاف بغاوت ڪئي، ۽ آخر کيس شهيد ڪري امير معاويي زوريءَ حڪومت تي قبضو ڪيو. ان کان پوءِ پنهنجي پٽ يزيد کي حڪومت جون واڳون سپرد ڪري اُن جي اقتدار کي مضبوط ڪرڻ لاءِ قدم کنيا. پوءِ يزيد جي حڪومت ۾ حضرت امام حسين کي شهيد ڪري گهڻيءَ خون خرابيءَ کان پوءِ سموريءَ حڪومت تي قبضو بني اُميہ گهراڻي جي حوالي ٿيو.

جيڪڏهن اِن مسئلي جي تهہ ۾ وڃبو ته معلوم ٿيندو ته عرب دنيوي حڪومت جي حامين، هي ٻئي ڳالهيون يهودين ۽ مسيحين کان سکيون هيون: 1. مسلمانن جي جداگانہ ۽ چونڊيل قوم جو تصور، يهودين کان ورتل هو ۽ 2. خلافت جو تصور، مسيحي پوئلڳن جي پوپ واري اداري تان نقل ٿيل هو.

اِنهن ٻنهي ڳالهين جو روح اسلام سان واسطو نہ هو.

خلافت جي اداري تي نظر وجهبي ته معلوم ٿيندو ته اُن جو واسطو نہ اسلام سان هو ۽ نہ اسلامي حڪومت سان، بلڪ بني اُميہ، بني عباس ۽ ترڪ خليفا سڀ دنيوي حاڪم هئا. اهڙيءَ طرح دنيا جي ٻين ملڪن ۾ جيڪي مسلمان حاڪم هئا، تن سڀني مذهب جي نالي کي استعمال ڪيو ٿي. حڪومت سنڌن هٿ ۾ هوندي هئي، ۽ ملن کي راضي رکڻ سواءِ سول ۽ فوجداري فيصلا ڪاڻن ڪرايا ويندا هئا. ان کان سواءِ نماز پڙهڻ، نڪاح پڙهائڻ ۽ ميتن کي غسل ڏيارڻ جا ڪم بہ هنن کان ورتا ويندا هئا. ليڪن حڪومت جي داخلي سوالن، خارجي معاملات، دفاع ۽ ملڪ جي انتظام جي معاملن سان ملن جو ڪوبہ واسطو نہ رهندو هو.

عيسائين ڪجهه وقت کان پوءِ آزمائش ۽ تجربي بعد پوپن جي طاقت گهٽائي، صرف هڪ فرقي جي مذهبي معاملات تائين محدود رکيو. نيٺ ترڪن بہ خلافت جي اداري کي پنهنجي لاءِ نقصانڪار سمجهي، ختم ڪري ڇڏيو:

هرچہ کند دانا، کند نادان،
ليک بعد از خواريءَ بسيار!

www.sindhsalamat.com

## 9. تصويرون ڪڍڻ ۽ رکڻ:

ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ بت پرستي کان بچڻ خاطر شريعت اسلاميءَ ۾ فقيهن، تصوير ڪشي يا مجسمہ سازيءَ کي شرڪ شمار ڪري، اُن جي ختم ڪرڻ جو رواج وڌو. اُنهيءَ شدت ۾ اچي هنن ڪيترن فنون لطيفہ جي نادر نمونن کي ضايع ڪري ڇڏيو. هنن عقل کان ڪم نہ ورتو، اُن طرف توجهہ نہ ڪيو تہ بت پرستي ۽ فنون لطيفہ جدا شيون هيون.

مسلمانن جوش ۾ اچي اُن وقت ڪنهن جي ڳالهہ نہ ٻڌي ليڪن اڳتي هلي جڏهن زماني ڦيرو کاڌو تہ منجهن تميز اچڻ لڳي. ۽ هن وقت تصوير ڪشي، فوٽو گرافي، مجسمہ سازي مسلمانن ۾ عام جام مروج ٿينديون وڃن. اُن ڪري شريعت اسلاميءَ جو اهو قانون بہ منسوخ ٿي ويو آهي.

سعودي عرب جي وهابي حاڪمن ۽ ملن پنهنجي شدت ۾ اچي، اڳين بزرگن جي قبن ۽ مزارن کي بہ منهدم ڪرائي ڇڏيو. ليڪن هاڻي هو پنهنجي فوٽن جا آلبم پاڻ وٽ رکڻ ۾ عيب نٿا سمجهن. مصر جي شهر قاهره جي وچ ۾ محمد علي پاشا جو گهوڙي تي سوار مجسمو لڳل آهي. مصطفيٰ ڪمال جو مجسمو بہ انقره ۾ نمايان جڳهہ تي لڳل آهي. پاڪستان ۾ جناح صاحب جا فوٽا ڇپيل آهن. ٻين مسلمان حاڪمن يا ٻين ماڻهن جا فوٽا رکڻ گناهہ نٿو سمجهيو وڃي. اُن ڪري شريعت جو اهو حڪم بہ قريبن منسوخ ٿي چڪو آهي.

## 10. چار زالون ۽ ٻانهيون رکڻ:

شريعت اسلام موجب هڪ وقت چئن زالن رکڻ ۽ لاتعداد ٻانهين کي زال وانگر ڪتب آڻڻ جي اجازت آهي. ليڪن معاشري جي تبديليءَ سبب هاڻ مختلف مسلمان ملڪن ۾ هڪ کان وڌيڪ زالن رکڻ جي قانوني منع آهي. اُن ڪري اهو شرعي قانون بہ ڏري گهٽ منسوخ ٿيڻ کي ويجهو اچي پهتو آهي. جيتوڻيڪ قرآن ۽ فقهي قانون شريعت موجب اها ڳالهہ جائز هئي، پر بدليل سوسائٽي ان کي غلط ۽ نقصانڪار ڄاڻي رد ڪرڻ ۾ عيب نہ سمجهيو آهي.

## 11. فوجداري ۽ سول قانون:

عربن ۾ گهڻي وقت کان فوجداري ۽ سول فيصلن لاءِ ڪي دستور قديم ايام جاهليت جي روايات يا موسوي شريعت جي پوئلڳي ۾ مروج هئا. جن تان اڳتي

www.sindhsalamat.com

هلي قرآن، احاديث نبوي يا سنت نبويءَ کي فقهي قانون جي صورت ڏنائي، شريعت اسلامي جا قانون تسليم ڪيا ويا. انهن قانونن جي فيصلن ڪرڻ جو ڪم قاضيءَ کي سپرد ڪيو ويو. ليڪن وقت گذرڻ بعد اُهي قانون جديد بين الاقوامي تقاضائن سبب جاهلاڻه ۽ وحشياڻه سمجهي، آهستي آهستي اڪثر ملڪن مان خارج ٿي چڪا آهن، ۽ انهن جي جاءِ تي رومن يا ٻين ملڪن ۾ مروج ٿيل قانون ۽ ٻين ڪيترن مسلمان ملڪن مان زنا جي ڏوهه ۾ سنگسار ڪرڻ جو دستور قريبن ختم ٿي چڪو آهي. چورن جا هٿ پير وڍائڻ ۽ ڏنلن ڪڍائڻ وغيره جا شريعتي قانون مسلم دنيا جي گهڻي حصي مان غير مهذب سمجهي، ختم ڪيا ويا آهن. هاڻ قاضين بجاءِ ماجسٽريٽ ۽ جج عام جام رکيا وڃن ٿا. اهڙيءَ طرح اِهو دستور به نڪرندو وڃي ٿو. اڳي ملا ۽ قاضي سمورا ڪيس هلائيندا هئا، پر هاڻ سواءِ ڪن مخصوص ملڪن جي اهي بيڪار ويٺا آهن.

هتي ڪي پاڪستاني ملا پنهنجي طاقت وڌائڻ لاءِ اُنهن فرسوده دستورن کي وري مروج ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهيا آهن. ڪي خود مطلب سياستدان يا عملدار سندن رضامنديءَ خاطر ها ۾ ها پيا ڪن. پر بين الاقوامي راءِ عامه جي ڪري اڪثر مسلمان ملڪ اُنهن دستورن کي آهستي ڪري ختم پيا ڪن، ۽ اُهي قانون وڃن ازخود ختم ٿيندا. جنهن مان معلوم ٿيندو ته شريعت اسلامي، موجوده دور ۾ مروج ٿيڻ جي لائق نه رهي آهي ۽ ذهني ارتقا سبب منسوخ ٿي ويئي آهي.

## 12. آسمانن جو تصور:

مسلمانن ۾ قرآني تعليم ۽ حديثن مطابق اها اعتقاد ويٺل آهي ته مٿي ست آسمان آهن، جي هڪٻئي مٿان ڇتين وانگر بيٺل آهن ۽ انهن ۾ روشني لاءِ تارا قنديلن وانگر ٽنگيل آهن. انهن مان مختلف آسمانن تي ڪيترن پيغمبرن جا روح ويٺل آهن. آسمان ۾ تارا ڪرڻدا آهن، سي اصل ۾ شيطان کي ملائڪن طرفان اُمڙ هنيا وڃن ٿا، جو ته هو ملائڪن جون ڳالهيون ٻڌڻ لاءِ اوڏاهين ويندا آهن. وغيره.

اهي سڀ ڏند ڪٿائون، جديد سائنسي معلومات غلط ثابت ڪيون آهن. آسمان آهن ئي ڪونه، ۽ نه ڪو تارا آسمان ۾ قنديلن وانگر ٽنگيل آهن. بلڪ اهي هڪ ٻين کان ڪروڙين ميل پري باهمي ڪشش جي آڌار تي بيٺل آهن. اڳئين زماني ۾ سج جي چوڌاري ڦرندڙ ڇهن سيارن کي آسمان ڪري شمار ڪيو

www.sindhsalamat.com

ويندو هو هاڻ ته هنن جو تعداد به وڌيڪ معلوم ٿي چڪو آهي. تنهنڪري اهو نظريو به غلط ۽ فرسوده ٿي چڪو آهي. اُن حالت ۾ قرآن کي خدا جو ڪلام تصور ڪري، ان جي بيان جي آڌار تي انهن ڳالهين ۾ يقين رکڻ، صرف قرآن جي غلطي ثابت ڪرڻ جي برابر ٿيندو.

## 13. ننڍپڻ جو نڪاح:

شريعت اسلامي موجب ننڍپڻ جي شاديءَ کي جائز سمجهيو ويندو هو. ايتريقدر جو خود رسول مقبول صلعم بابت چوڻ ۾ اچي ٿو ته هن بيبي عائشه سان آٺن (8) ورهين جي عمر ۾ شادي ڪئي هئي.

جڏهن انگريزي دور حڪومت ۾ ننڍپڻ جي شاديءَ جي نقصانن کي محسوس ڪري، هندن اهڙين شادين تي بندش وجهڻ لاءِ هڪ ائڪٽ پاس ڪرايو- جو پوءِ ان جي پيش ڪندڙ شاردا صاحب جي نالي پٺيان شاردا ائڪٽ سڏجڻ ۾ آيو ۽ ننڍپڻ جي شادين ڪرڻ تي بندش وڌي وئي ته ان وقت هند جي مسلمانن ان ائڪٽ کي، شريعت اسلامي جي خلاف سمجهي، هاءِ گهوڙا ڪئي ته اهو قانون مسلمانن سان لاڳو نه ڪيو وڃي. انگريزن، مسلمانن جي اهڙيءَ بي وقوفي ۽ تنگ ظرفيءَ کي ڏسي، کين ناراض نه ڪرڻ لاءِ اهو قانون ساڻن لاڳو نه ڪيو. پر اڳتي هلي اُن غلطيءَ کي محسوس ڪندي، جنرل ايوب جي دور حڪومت ۾ ننڍپڻ جي شادين تي بندش وڌي وئي. جنهن مان معلوم ٿيندو ته دنيا جي عام راءِ ۽ عقل جي • دايتن مطابق اهو شريعتي قانون به رد ڪيو ويو چاڪاڻ ته اهو ڪم غلط هو تنهن ڪري عملي طرح ان کي رد ٿيڻو هو. شريعت اسلامي کو خدائي قانون ڪوٺ هو جو زماني جي تبديلي ۽ وقت جي تقاضا سبب بدلجي نه سگهيو ٿي. شريعت اسلامي کي هر مرض جو علاج سمجهڻ ۽ هر دور ۽ هر زماني ۾ صحيح سمجهي، اُن جي پوئلڳي ڪرڻ، جهالت ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه نه آهي. مذهب جي نالي ۾ ماڻهن جي قديم تعصبن ۽ رواجن جي انڌي تلقيد پٺيان هلي، ماڻهن کي بيوقوف بنائڻ نيڪ ڪم نه آهي.

## 14. اسلام جي نالي ۾ ٻين ملڪن ۽ قومن تي حملا ڪرڻ:

مٿي بيان ٿي چڪو آهي ته عرب حاڪمن، پنهنجي گذرمعاش ۽ استحصال لاءِ جهاد کي اسلامي جو جزو بنائي، ٻين ملڪن ۽ ماڻهن جي آزاديءَ

www.sindhsalamat.com

کي ختم ڪرڻ جو دستور وڌو هو. اهو ڪم اسلام جهڙي امن پسند مذهب جي نالي تي بدنما داغ آهي. ڇا امن ۽ سلامتيءَ جي دعوي ڪندڙ جي فرائض ۾ اهو ڪم داخل هئڻ ضروري هو ته مذهب جي نالي ۾ ماڻهن جي آزادي ختم ڪري، سندن ملڪن تي چڙهايون ڪري، عرب سامراج قائم ڪري، جنگين ۾ هزارين ماڻهن جو قتل عام ڪيو وڃي.

هر هڪ ماڻهو آزاد پيدا ٿيو آهي ۽ آزادي سندس جنم جو حق آهي. اهڙيءَ طرح ملڪ ۽ قومون به آزاديءَ جو حق رکن ٿيون. عربن جي سامراجي مقصدن لاءِ وڙهيل جنگين کي جهاد سڏڻ ۽ عربن جي ٻين ملڪن تي فتح کي اسلام جي ڪاميابي ڄاڻڻ بيوقوفي آهي. عربن جيڪي ملڪ فتح ڪيا هئا، اُن پٺيان سندن سامراجي مقصد هو ۽ هنن ٻين ملڪن ۽ ماڻهن تي غضب ڪيو هو. جيئن اڳئين وقت ۾ يا هاڻي به ڪي طاقتور ملڪ، ڪمزور قومن ۽ ملڪن کي زبردستي پنهنجي سامراج هيٺ رکي انهن جو استحصال ڪندا هئا يا ڪن پيا. اهي ڳالهيون ڏاڍائي، ظلم ۽ بداخلاقي واريون هيون. انهن کي شريعت اسلاميءَ جو جزو بنائڻ نهايت غلط ڳالهه هئي.

جيئن هن وقت ڪميونسٽ سندن نظريي کي پکيڙڻ لاءِ خوني انقلاب کي جائز ڄاڻن ٿا. تيئن ملن به پنهنجن عقيدن کي تبليغ ۽ جنگ ذريعي پکيڙڻ جائز ڄاڻي، عرب سامراج لاءِ ڪتب آندو هو. هن وقت دنيا ترقي ڪري ويئي آهي. شريعت اسلامي، معاشري جي تبديليءَ سبب گهڻي قدر منسوخ ٿي چڪي آهي؛ ان ڪري هن وقت اسلام کي مڪمل دين سمجهي، قرآن ۾ آيل سڀني حڪمن کي حرف آخر تصور ڪري، ان جي پيروي ڪرڻ غلط آهي. اهي عقيدا غلط ۽ فرسوده ٿي چڪا آهن. اُن حالت ۾ اهڙن عقيدن ۾ اعتماد رکي، اُنهن جي پوئواري ڪرڻ، دين اسلام جي خدمت ڪرڻ نه بلڪ دنيا جي دانشمند ماڻهن اڳيان دين جي غلطي ۽ بيڪاريءَ لاءِ ثبوت پيش ڪرڻ جي برابر ٿيندو. اُنڪري وقت آيو آهي ته اهڙن شريعتي احڪامن کي منسوخ سمجهي انهن جي مخالفت ڪرڻ گهرجي.

## 15. ڏاڙهي رکائڻ:

ڏاڙهي رکائڻ کي سنت نبويءَ ۽ شريعت جو جزو سمجهيو ويندو هو پر اهو عقيدو به معاشري جي تبديليءَ سبب غلط ثابت ٿيو آهي. هن وقت اڪثر مسلمانن ڏاڙهي رکائڻ ڇڏي ڏني آهي. جنهن مان ثابت ٿيو ته سوسائٽيءَ جي

www.sindhsalamat.com

تبديليءَ. اِن ڳالهہ کي رد ڪري ڇڏيو آهي. رسول مقبول ڏاڙهي رکائي تہ دين اسلام جو جزو ڪانہ ٿي پئي. هن پنهنجي ڏاڏي حضرت ابراهيم ۽ عرب رواج جي پيرويءَ موجب ائين ڪيو هو. اُن وقت بدويانہ زندگي سبب مهذب زندگي جي اصول موجب صفائي رکڻ ۽ ڏاڙهي ڪوڙائڻ مشڪل ڪم هو ان ڪري هن وقت ڏاڙهي رکائڻ جو رواج اڪثر بند ٿي ويو آهي. آءٌ مٿي اِن نظريي کي رد ڪري آيو آهيان تہ رسول مقبول معصوم هو. هو بشر هو اُنڪري سندس ڪي ڪم لائق تحسين هئا. ڪي عمل نقطہ چينيءَ جو باعث بنجي سگهيا ٿي.

اسلام جيڪڏهن فطرت جو دين، نئين سڄ نوان نياپا آڻيندڙ ۽ ارتقا جو قائل هو تہ اُن کي اهڙين معمولي ۽ فضول ڳالهين جو مجموعو بنائڻ، ان جي فائدي وٽان نہ هو. هيءَ کهڙي عقل منديءَ جي ڳالهہ آهي تہ هر پراڻي دستور کي خدا ۽ رسول جي نالي ۾ اسلام (دين فطرت) جو جزو بنائي، ماڻهن کي گمراهہ ڪيو وڃي. اهڙن عقيدن جي ڪري مرڳو اسلام جي بيان ڪيل بهترين اصولن جي اهميت گهٽجي ويندي.

## 16. بادشاهت جو جواز:

مسلمانن عرب سامراج جي قيام لاءِ هڪ طرف خلافت جي اداري کي شريعت اسلاميءَ جو جزو بنايو تہ ٻئي طرف قرآن جي ڪن فرسوده حڪمن جي پيرويءَ ۾ بادشاهت کي جائز قرار ڏنو- جهڙوڪ: "اُطيعو الله وَ اُطيعو الرسول وَ اُولي الامر منڪم ۰"- "خدا، رسول ۽ وقت جي حاڪم جي متابعت ڪريو." ازانسواءِ ملن طرفان نهايت ظالم بادشاهن کي ظل الاهي، محي الدين، صاحب قرآن، جلاله الملڪ وغيره جا لقب ڏئي، سندن تعريف ڪئي وئي. اهو دستور قديم وقت جي بد رسم- "جس ڪي لاٺي اُس ڪي ڀينس" يا "ڏاڍي جي لٺ کي ٻہ مٿا"- جي پيروي هئي.

جيڪڏهن خدا سائين منصف مزاج، عادل، آزاديءَ جو حامي ۽ رب اللعالمين هو تہ پوءِ هيءَ ڪن ماڻهن کي مذهب جي نالي ۾ حڪومت ڏئي، ملڪ جي جملي وسيلن کي پنهنجي شخصي ۽ طبقاتي مفاد لاءِ ڪتب آڻڻ جي کهڙيءَ طرح اجازت ڏئي سگهيو ٿي؟ اُن ڪري اِن ڳالهہ کي شريعت اسلامي جو جزو سمجهڻ ۽ اُن جي پيرويءَ لاءِ ماڻهن کي تيار ڪرڻ بيوقوفي هئي. اهڙن عقيدن کي قائم رکڻ بعد دين اسلام دنيا ۾ رهڻ جو لائق ئي نہ رهيو هو. اڄڪلهہ

www.sindhsalamat.com

جمهوريت جو مروج دستور بهتر سمجهيو وڃي ٿو. اُن ڪري اڪثر ملڪن جي اڪثريت۔ بادشاهيءَ جو دستور کي ترڪ ڪري ڇڏيو آهي. ۽ صرف چند ملڪن ۾ بادشاهه وڃي رهيا آهن. اِن مان صاف ظاهر آهي ته معاشري جي تبديلي اِن دستور کي ازخود ختم ڪري ڇڏيو آهي. اِهو عقيدو جيڪڏهن صحيح هجي ها ته مسلمان ملڪن جي اڪثريت اُن کي رد ڪري نه ڇڏي ها. هاڻ ملن جون فتوائون، قرآن جون آيتون ۽ احڪام نبويهٔ جا دليل، اِن مئل گهوڙي (بادشاهت) کي زنده ڪري نه ٿا سگهن.

## 17. قرآن مڪمل ۽ فيصلہ ڪُن آهي:

اڪثر مسلمانن ۾ اهو خيال ويٺل آهي ته قرآن خدا جو ڪلام آهي ۽ اُن ۾ جيڪي به لکيل آهي سو فيصلي ڪُن ۽ صحيح آهي. ليڪن اِن ڳالهه بابت ذهن صاف هئڻ گهرجن ته گهٽو ڪري جملي مذهبن جي ڪتابن کي الهامي سڏيو وڃي ٿو. اُنهن مذهبن جا پوئلڳ سمجهن ٿا ته اُهي ڪتاب پيغمبرن تي خدا طرفان وحي ذريعي نازل ٿيا هئا. اُن ڪري اُنهن ۾ لکيل ڳالهيون غلطيءَ کان پاڪ ۽ فيصل ڪن هيون. اِن ڳالهه تي خود مسلمانن ۾ گهڻي وقت کان اختلاف راءِ رهيو آهي. هڪڙن جو چوڻ هو ته قرآن شريف اعليٰ عقل ذريعي حالتن مطابق وقت به وقت حضرت محمد تي نازل ٿيندو رهيو تنهن ڪري "خلق" (پيدا ڪيل) آهي. ٻين جو چوڻ هو ته قرآن جا الفاظ خدا جا حڪم (اَمر) هئڻ ڪري، ملڪ جبرائيل رسول کي اچي پڙهائيندو هو ۽ هو اُهي لکائي ڇڏيندو هو. جن کي ڪجهه وقت کان پوءِ گڏي قرآن جي صورت ۾ پيش ڪيو ويو ۽ جو لفظ به لفظ خدا جو فرمان هو. ليڪن اهو قبول ڪيو وڃي ٿو ته اُن جي مرتب ۽ ڪتابي صورت ۾ آڻيندڙ حضرت عثمان رضہ ڪيترييون آيتون ساڳيون هئڻ ڪري ڪڍي ڇڏيون هيون. ڪن ته مورخ ڳوائين ظاهر ڪيو آهي ته اٽڪل ڏهن سيپارن جيترو مواد اُن مان ڪڍيو ويو آهي. اِهو مسئلو بحث طلب هئڻ ڪري، هتي نٿو ڇيڙجي. پر موجوده قرآن تي نظر ڪرڻ بعد پتو پوندو ته اُن جون آيتون چئن قسمن ۾ ورهايل معلوم ٿينديون:

### 1. آيات بينات محڪمات (FUNDAMENTALS):

هي آيتون بنيادي اُصولن سان واسطو رکڻ ڪري خاص اهميت رکندڙ هيون. جهڙوڪ:

www.sindhsalamat.com

الف: جملي مذهبن پويان بنيادي وحدت لڪل هئڻ ڪري مذهب هڪ هو جيڪو مختلف دورن ۾ حالتن پٽاندڙ ترقي ڪندو رهيو آهي.
ب: مذهب جا بنيادي مقصد اتحاد انساني امن عالم ۽ ترقي بني نوع انسان هئا.
ت: جملي پيغمبرن، حڪيمن ۽ رشين جي صداقت ۾ ايمان آڻي، انهن جي تعليمات کي مذهب جو بنيادي مواد ڪري ڪتب آڻڻو هو.
ث: جملي مذهبن جون شريعتون، معاشري جي تبديليءَ سبب منسوخ ٿي حالتن جي تقاضائن سبب نئين صورت اختيار ڪرڻ واريون هيون.
ج: مذهب اسلام قانون فطرت هو جو ارتقائي دستور مطابق روز بروز نين ايجادن ۽ نڪتن جي اپنار ڪرڻ لاءِ ڪليل هو.
د: خدا هڪ هو ليڪن اهو وهم قياس، خيال ۽ عقل سمجهائڻ کان بالاتر هو.
يعني: وجود هڪ هو يعني ذات واحد هئي، ٻي سڀ اُن جي صفات يا مايا هئي.

## 2. آيات متشابهات:

هي آيتون مثال ۽ تشبيهه طور ڪتب آندل آهن. هي آيتون جن دقيق ڳالهين جي سمجهاڻين لاءِ ڪم آنديون ويون آهن، اُنهن لاءِ جدا حڪم يا هدايتون ڏنل نہ آهن. جهڙوڪ:

الف: "صبع سموت طباقا"، ست آسمان چٽين وانگر آهن.
ب: "من السماء ماء" ـ آسمان مان پاڻي اچي ٿو.
ت: "بحجاراه طيران ابابيل" ـ ابابيل پکين پٿريون اُڇلايون. وغيره.

## 3. آيات منسوخات:

اُن لاءِ خود قرآن ثبوت ڏئي ٿو تہ "ننسخ من آيات من ننسهانات" ـ ڪڙيون آيتون ٻين کي رد ڪن ٿيون. جنهن جو مقصد اهو آهي تہ حالتن مطابق احڪام ايندا ويا ۽ بدليل حالات بعد اُنهن کي تبديل ڪيو ٿي ويو. مثلن: "هڪ هنڌ چيل آهي: "فاتتاؤ المشرڪين حتيٰ يڪمتون" ـ "مشرڪن کي جتي ڏسو تہ کين قتل ڪري ڇڏيو".
ليڪن ٻئي هنڌ چيل آهي تہ "لاالڪراه في الدين" ـ " دين جي معاملي ۾ زور زبردستيءَ جي ضرورت نہ آهي." اِهي ٻئي آيتون سنڌن هدايتن مطابق متضاد معلوم ٿين ٿيون.

www.sindhsalamat.com

ان مان ظاهر ٿئي ٿو تہ حالتن ۽ ضرورتن مطابق قرآن جا احڪام بہ تبديل ٿيندا آيا ٿي. پهرين آيت جنگ جي زماني ۾ آيل حڪم جي ترجماني ڪري ٿي. ٻي آيت صلح ۽ سلامتيءَ جي دور ۾ آيل هئي. ان ڪري پوئينءَ آيت کي پهرينءَ تي سبقت حاصل ٿئي ٿي. ڇاڪاڻ تہ جنگ جو زمانو عارضي ٿئي ٿو ۽ صلح دائمي يا ديرپا ڪارنامن لاءِ زمين هموار ڪري ٿو.

## 4. آيات فروعات:

قرآن جو چوٿون حصو روزمره جي معلومات کي عارضي طرح فيصل ڪرڻ لاءِ هدايتون ڏئي ٿو_ مثلن:

الف: قصاص وٺڻ ڪنهن حالت ۾ لازمي ٿيو پوءِ اُن ۾ تجاوز نہ ڪرڻ گهرجي.

ب: هڪ وقت قبلو بيت المقدس طرف هو پوءِ اُن کي بدلائي ڪعبي طرف ڪيو ويو.

ت: چئن شادين ڪرڻ جي اجازت ڏيڻ، پر اُن لاءِ ڪي شرط وجهڻ _ جن جي پوريءَ طرح سرانجامي مشڪل هئي.

ث: چورين ۽ زنا وغيره جي ڏوهن لاءِ (قديم شريعت موسوي مطابق) سزا ڏيڻ، پر اُهي زماني جي ڪسوٽيءَ تي هلي نہ سگهيون ۽ ازخود منسوخ ٿي ويون_ وغيره.

تنهنڪري قرآن جي حڪمن ۽ هدايتن کي هڪ جهڙو ڪري ڏسڻ ٺيڪ نہ ٿيندو. اُن جي هر هڪ ڳالھ کي آخري ۽ نيصلي ڪن. صرف پوءِ پيدا ٿيل مستقل مفاد طرفان سڏيو ويو آهي. ورنہ قديم وقت کان حڪمت جي ڄاڻن ۽ دانشمندن، اُن جي هر هڪ ڳالھ کي "خذما صفادع مان ڪدر" (صحيح کي قبول ڪريو ۽ غلط کي ڦٽو ڪري ڇڏيو) جي نقطي نگاھ کان پٺي ڏنو آهي. اِن حالت کي مد نظر رکي مولانا روم جهڙي بزرگ کي چوڻو پيو تہ:

ماز قرآن مغز رابرداشتيم

استخوان پيش سگان انداخيم

معنيٰ "مون قرآن مان مغز ڪڍي ورتو آهيءِ هڏا ڪتن لاءِ ڇڏيا اٿم." تنهنڪريءِ جهڙي طرح ٻين الهامي ڪتابن کي بدليل حالات جي مدنظر عقل جي ڪسوٽيءَ تي آزمائڻو آهي، ان وانگر قرآن کي ڏسي، حقيقت سيني ڳالهين مان فائدو وٺڻو آهي ۽ باقي آيتن کي لائق عمل نہ سمجهي، ڦٽو ڪري ڇڏڻو آهي.

www.sindhsalamat.com

يورپ جي مشهور فيلسوف جارج برناڊشا. جملي مذهبي ڪتابن بابت فرمايو آهي تہ: "اُنهن کي صبوح جي اخبارن وانگر پڙهي، گهربل مواد هٿ ڪري، پوءِ رکي ڇڏڻ گهرجي." ساري ڪائنات قدرت جو ڪتاب آهي، اُن مان عقل وارن کي سبق وٺڻو آهي. شيخ سعدي فرمائي ٿو:

برگ سبز درختان در نظر هوشيار
هر ورق دفتر ست معرفت ڪردگار.

"ساون وڻن جا پن دانشمند جي نظر ۾ خدا جي سڃاڻپ لاءِ ڪتاب جو ڪم ڏئي سگهن ٿا." خود قرآن بہ اِن بابت جيڪي فرمائي ٿو سو غور ڪرڻ جي لائق آهي:

"اِن في خلق السموات ولارض و اختلاف اليل والنهار و الفلڪ التي تجري ني ابحر بما ينفع الناس وما الزل من المساءَ من ماءٍ فاحيا به الارض بعد موتها و بعث فيها من ڪل دابه و نضريف الريح والسحاب المسخربين السماءَ ولارض لايت القوم تعلقون ٥"

معني _ "تحقيق آسمانن ۽ زمين جي پيدا ڪرڻ ۾ رات ڏينهن جي تبديلي ۽ جهاز جي سمنڊ تي هلن ٿا. جن مان ماڻهن کي فائدو رسي ٿو. جو (الله) ڪڪرن مان پاڻي موڪلي ٿو جنهن مان زمين ۾ زندگي پيدا ٿئي ٿي _ جا اُن جي غير موجودگيءَ ۾ مري چُڪي هئي _ ۽ اُن ۾ طرح طرح جا جانور پکيڙي ٿو _ ۽ هوائن ۾ تبديلي آڻي ٿو ۽ ڪڪرن کي زمين ۽ آسمان جي وچ هلائي ٿو _ (اُنهن ۾) عقل وارن لاءِ نشانيون (هدايتون) آهن."

قرآن هدايت ڪري تہ هر شيءِ مان سبق حاصل ڪريو ۽ مسلمان قرآن جي غير ضروري حصن کي چنبڙيو پيا هجن ۽ قدرت جي ڪتاب پڙهڻ کان انڪار ڪن. تہ اها ڳالھ ڪيتري قدر درست ٿيندي؟ قدرت جي ذري ذري ۾ قرآن سمايل آهي، صرف ڏسڻ وارين اکيون کپن.

حضرت عيسيٰ، پنهنجي "جبل واري واعظ (خطبي)" (SERMON ON MOUNTAIN) ۾ فرمايو هو تہ:

"ڪي ماڻهو ڪنن سان ٻڌن ٿا، پر سمجهن ڪو نہ ٿا، ڪي اکين سان ڏسن ٿا، پر سڃاڻن ڪونہ ٿا. هن قوم جي دل تي چربي چڙهي وئي آهي."

مسلمانن جي بہ ساڳي حالت وڃي رهي آهي. اِن حالت کي مدنظر رکي شاھ لطيف فرمايو آهي تہ:

www.sindhsalamat.com

پڙهيو ٿا پڙهن، ڪڙهن، ڪين قلوب ۾،
پاٺان ڏوهه چڙهن، ورق ورائن وترا!

حافظ شيرازي اُن بابت فرمائي ٿو تہ:

حافظا! مئي خور رندي ڪن خوش باش ولي،
دا تزوير مکن چو دگران قرآن را.

معنيٰ: " اي حافظ! عشق کي حاصل ڪر. رند ٿي، خوش ٿي (حقيقتن کي پرکڻ جي ڪوشش ڪر). ٻين ماڻهن کي (مُلن وانگر) ٺڳيءَ يا ڦاهيءَ ۾ ڦاسائڻ لاءِ قرآن کي ڪتب نہ آڻ."

## 18. پيدائش انسانيءَ بابت قرآني رايا:

انساني پيدائش جي مسئلي تي قرآن، توريت جي پوئلڳي ۾ جملي انسان ذات کي حضرت آدم جو اولاد ظاهر ڪري ٿو. جنهن جي پدائش جو وقت بہ توريت ۽ انجيل جي ڄاڻن ۽ ڪن مسلمان عالمن مقرر ڪيو آهي. جنهن مطابق حضرت آدم کي اتڪل ساڍا ڇهه هزار سال گذري چُڪا آهن. پر آثار قديم جي کوجنا مطابق مصر جا اهرام ساڍا ست هزار ورهيہ پراڻا آهن. ان جي مدنظر قرآن جو توريت وارو تخمينو نيڪ نٿو لڳي. علم طبقات الارض (GEOLOGY)وارن جي موجوده کوجنا مطابق زمين تي انسان جي پيدائش جو زمانو ويهہ لک کن ورهيہ ٿيندو. ان جي مدنظر توريت ۽ قرآن جي اها حقيقت غلط ثابت ٿئي ٿي تہ جملي انسان ذات جو ڏاڏو حضرت آدم هو جو اڍائي هزار ورهيہ اڳ پيدا ٿيو هو ۽ ان کان اڳ زمين تي ماڻهو ڪونہ هئا. توريت ۽ قرآن ۾ بي بها نصيحتن ۽ هدايتن جون آيتون آيل آهن. پر منجهن ڄاڻايل ڪيترين حقيقتون تاريخ ۽ سائنسي کوجنا جي ڪسوٽيءَ تي غلط ثابت ٿيون آهن. تنهن ڪري انهن کي چنبڙي پوڻ ڪري اسلام جو شان وڌڻ بجاءِ گهٽبو ان ڪري شريعت اسلام جي ان معلومات کي رد ڪرڻو پوندو.

## 19. مسلمانن جي جدا قوم جو نظريو:

هيءُ نظريو يهودين (بني اسرائيل) جي جدا قوم جي نظريي جي تتبع تي ٺاهيل آهي اُن نظريي مطابق اسرائيلي چوندا هئا تہ نسل ۽ مذهب جي بنياد تي

www.sindhsalamat.com

چونديل قوم هئا. حضرت يسوع مسيح (عيسيٰ) ان نظريي کي ڊاهي، غير اسرائيلن يا ختنو نہ ڪيل ماڻهن کي بہ مسيحيت ۾ داخل ڪرڻ جي اجازت ڏني، جنهن تي ناراض ٿي، اسرائيلي سردارن ڪيس رومن حاڪمن جي اجازت سان صليب تي چاڙهي شهيد ڪرايو. حضرت محمد بہ ابراهيمي نسل ۾ اُمت مان هئڻ ڪري گهٽيون ڳالهيون جهڙوڪ ختنو ڪرائڻ، سوئر نہ کائڻ، ڪعبي جو طواف ڪرڻ، قرباني ڪرڻ، صفا ۽ مروه ۾ ڊڪون پائڻ وغيره _ اسرائيلي دين جون اختيار ڪيون. ليڪن حضرت محمد صلعم حضرت عيسيٰ جي تتبع تي مسلمانيءَ جي دائري ۾ اچڻ لاءِ سڀني قومن جي ماڻهن لاءِ دروازو کولي ڇڏيو.

جڏهن حضرت عمر رضہ عرب سامراج قائم ڪرڻ جو ارادو ڪيو تہ هن عرب ۽ عجم جا سنڌا قائم ڪري ڇڏيا. عربي لباس عربي ٻولي ۽ عربي رسم رواج مذهب ۾ داخل ڪري ڇڏيو ۽ انهن کي فخريہ انداز ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. اُن ڪري هر ڪنهن ڏارئي ماڻهوءَ تي اهو ذهن نشين ڪرڻ جي ڪوشش ٿي تہ عرب اعليٰ قوم هئا. اُن ڪري محڪوم ماڻهن سندن رسم رواج کي مذهبي جزو سمجهڻ شروع ڪيو سندن ذاتيون ۽ نالا اختيار ڪرڻ ۾ فخر محسوس ڪيو ۽ سندن ملڪ جي قديم عبادت گاهہ ڪعبي ۽ ڪن ٻين جاين جي زيارت ڪرڻ کي ثواب سمجهي نجات جو باعث ڄاڻڻ شروع ڪيو. جن ماڻهن عرب سامراج جو تابع ٿي، سندن رسم ورواج ۽ مذهبي عقيدي کي مڃيو ٿي اُنهن کي خاص رعايتون ڏنيون ٿي ويون. ڪانئن جزيو (ماڻهن تي ٽئڪس نٿي ورتو ويو ۽ منجهائن ٻانهيون ۽ غلام نٿي ڪيا ويا _ وغيره) اُنهن لاءِ ختنو ڪرائڻ، حج ڪرڻ، رمضان جا روزا رکڻ، نماز پڙهڻ، عربي سکڻ لاءِ قرار ڏنو ويو. جملي مذهبي رسومات عربي زبان ۾ ادا ڪيون ٿي ويئون. حضرت محمد اسلام جي پرچار ڪندي عربي ۽ عجميءَ جي فرق مٽائڻ جو ذڪر ڪيو هو پر عربن ۽ سامراج قائم ڪرڻ بعد ٻين ملڪن جي ماڻهن کي عجمي (گنگو) سڏڻ شروع ڪيو. رومن ۽ انگريزن وانگر پاڻ کي اعليٰ قوم سمجهڻ شروع ڪيو. اڳتي هلي ان جو نتيجو اهو نڪتو تہ آهستي ڪري ڪيترن ملڪن ۽ قومن انهي حالت ۾ رهڻ کان انڪار ڪري عربن جي سامراج جو طوق غلامي پاڻ تان لاهي ڦٽو ڪيو. جڏهن تہ شيعا ۽ سني فرقن پيدا ٿيڻ جو مکيہ ڪارڻ بہ سياسي ئي هو. جن ماڻهن عرب سامراج کي قبول ڪيو اُهي سني سڏائڻ لڳا، ۽ جن عربي حڪومت يا خلافت کان بغاوت ڪري پنهنجون حڪومتون قائم ڪيون، تن مان ڪيترا شيعا ٿي ويا.

www.sindhsalamat.com

شيعا ۽ سني، سياسي پارٽيون هئا. شيعا قومپرست ۽ سني سامراجي ذهن جا پوئلڳ هئا. هن وقت دنيا ۾ چاليهه مسلمان حڪومتون آهن. جيڪي آزاد ۽ خودمختيار حيثيت طور _ خلافت کي نه مڃينديون _ اقوام متحده جون ميمبر بڻيون ويٺيون آهن. ليڪن جملي مسلمان ملڪن مان صرف پاڪستان هڪ ملڪ آهي، جنهن جي مستقل مفاد پنهنجي فائدي لاءِ اهو ضروري ڄاتو آهي ته مذهب جي بنياد تي هڪ قوم (مسلمان قوم) سڏائي، پر وارين ننڍين قومن _ سنڌين، بلوچن ۽ پٺاڻن _ تي پنهنجي سامراج قائم ڪرڻ جو جواز پيدا ڪجي. مذڪور قومن جا حق ماري، اُنهن کي اسلام جي نالي ۾ هڪ قوم سڏي، پنجابي قوم جي اڪثريت جي ماتحت هلايو وڃي ٿو. اُنهيءَ آزار کان تنگ ٿي، بنگالين وڙهي جدا ٿي، پنهنجي آزاد سلطنت قائم ڪئي.هاڻ دنيا ۾ صرف بلوچ، پختون ۽ سنڌي قومون آهن، جن کي زوريءَ اسلام جي نالي ۾ غلام ڪري، سنڌن هزارين ورهين جي تهيتن جا حق ماري، اهل پنجاب جي فائدي لاءِ پنهنجي سامراج هيٺ رکيو ويو آهي.

جنهن صورت ۾ هن وقت دنيا ۾ جملي قومن کي وطن، زبان، ڪلچر، تاريخي روايات، سياسي اقتصادي مفاد جي بنياد تي تسليم ڪيو وڃي ٿو اُنڪري اهڙي قسم جي جملي قومن کي آزاديءَ جو حق ڏياري، اقوام متحده جو ميمبر بڻايو ويو آهي.ته پوءِ پاڪستان جي ننڍين قومن ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي، جو اُنهن کي مذهب جي غلط تشريح جي نالي ۾ محڪوم رکيو وڃي ٿو؟ ڪويت، بحرين، اردن، يمن وغيره جهڙن ننڍين ملڪن کي باوجود ساڳيءَ زبان، مذهب، ڪلچر ۽ روايات جي علحده رهڻ جو حق ڏئي، اقوام متحده جو ميمبر بڻايو ويو آهي، ته سنڌين ۽ بلوچن ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي، جو مذهب جي ڏوڪي هيٺ سنڌن آزاديءَ جو حق ڪسيو ٿو وڃي؟ ٻين مسلمان ملڪن جي اڪثريت آزادي حاصل ڪري چُڪي آهي ته اسان کي به آزادي حاصل ڪرڻ جو هرڪو حق آهي. مهاجر _ پنجابي مستقل مفاد سامراجين جي مسلم قوم جي تشريح اسان کي قبول نه آهي. جيڪڏهن روس وارا پنهنجي اقتصادي ۽ سياسي آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ مورڳو دين کان منحرف ٿي وڃن ٿا، هر ويرو چو اسان کي اهڙي راهه وٺڻ لاءِ مجبور ڪيو وڃي ٿو. مذهب جي نالي ۾ مسلمانن جي جداگانه قوم جو تخيل زماني جي ڪسوٽيءَ تي ڪوڙو ثابت ٿي چُڪو آهي. اسان اِن ڪوڙي سڪي کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار نه آهيون.

www.sindhsalamat.com

## 20. مال غنيمت حاصل ڪرڻ:

اڳي جاهليت جي دور ۾ ڏاڍا ماڻهو ڪمزور ماڻهن جي گڏ ڪيل ملڪيت کي زوريءَ ڦري ويندا هئا ۽ اُنهن جي ملڪن تي قبضو ڪندا هئا. پر اهو سيڪجهه تشدد جي اصولن کي جائز سمجهي، ڏاڍي جي تابعيداري قبول ڪرڻ لاءِ ماڻهن کي مجبور ڪرڻ لاءِ ڪيو ويندو هو. اُن لاءِ جواز طاقت (جهنگلي قانون) ۾ ڏنو ٿو ويو. ليڪن مسلمانن مرڳو خدا ۽ رسول جي نالي ۾ آمن ۽ سلامتي جي مذهب کي آڙ بنائي، ڦرلٽ ڪري، حاصل ڪيل ملڪيت کي جائز ٺهرائي، مرڳو بهادريءَ ۽ عزت وارو ڌنڌو قرار ڏنو. وڏي پيماني تي ڌاڙا زني جي اصول کي مروج ڪيو. اِهو ناحق کي حق ٺهرائي، ديده دليريءَ جو ڪم مذهب جي نالي ۾ ڪيو ٿي ويو. اِهي ڪارناما ڪجهه وقت عربن جي فتوحات ۽ سامراج تائين جاري رهيا. پر ظلم ۽ ظالم گهڻي وقت تائين جٽاءُ ڪري نٿا سگهن. ۽ نيٺ غلام ملڪن ۽ قومن، عربن جي غلامي جي طوق کي ڇني ڇڏيو پر هاڻ بہ ہي صورت ۾ سنڌ مان ٽئڪس اسلام جي نالي ۾ وصول ڪري پنجاب جي مفاد لاءِ ڪتب آندا وڃن ٿا. اهو سڀ غير فطري ۽ اسلامي روح جي خلاف دستور آهي ۽ نيٺ اُن کي بہ ختم ٿيڻو پوندو.

## 21. قربانيءَ جو دستور:

پڙهندڙ مذهبن جي ابتدائي تاريخ جي ذڪر مان معلوم ڪري آيا هوندا تہ اصل ۾ قرباني ڏيڻ جو دستور ڪيئن پيو. منهنجي نظر ۾ اُن جا مکيہ ڪارڻ هيٺيان هئا:

1. فوق الفطرت طاقت (خدا يا ديوتا) خطرناڪ، بي رحم ۽ خونخوار هستي هئي. اُن جي ٿهري جذبي کي ٺارڻ يا راضي رکڻ لاءِ پهرين ماڻهو قبيلن جي بچاءَ لاءِ پاڻ مان هڪ کي قربان ڪري اُن جي رت، چربي ۽ گوشت کي ساڙي اُن جو دونهون خدا کي پهچائڻ لاءِ قربانگاهن تي موڪليندا هئا. پر آهستي ئي، ماڻهن جي بدران جانورن قربان ڪرڻ جو دستور مروج ٿيو. حضرت موسيٰ اُن دستور کي جاري رکي، قربان گاهون بنايون. يونان، مصر ۽ روم ۾ بہ اهي دستور جاري رهيا. دراويڊن جي ديوتا شوَ مهاراج جي رضامنديءَ لاءِ بہ سنڌن پوڄاري اها رسم ادا ڪندا رهيا. جيئن تہ اِهو وحشي زماني جو دستور هو عرب وحشي دور کان مس ٻاهر نڪري بدوياڻہ دور ۾ آيا هئا، اُن ڪري منجهن اهو عقيدو ۽ ويساهہ ويٺل هو.

www.sindhsalamat.com

چوڻ ۾ اچي ٿو تہ اڳي مڪي ۾ شوَ مهاراج جو مندر هو اُن ڪري اُتي لنگم جي پوڄا ۽ قرباني جو دستور اڳيئي رائج هو. حضرت محمد صلعم  جو ابراهيمي نسل مان هو ـ بہ اُنهي دستور کي مڪي ۾ جاري ڏٺو. پيغمبر، رسول ۽ مصلح نفسيات جا وڏا ماهر ٿين ٿا. اُن ڪري هن عربن ۾ حجر اسود (لنگم) جي احترام ۽ قرباني جي دستور کي پوريءَ طرح اثر انداز ڏسي، اُنهن دستورن کي رد ڪرڻ مصلحت خلاف ڄاڻي جاري رکيو. عرب سال بہ سال مڪي ۾ ٿيندڙ ساليانی ميلي (حج) جي موقعي تي يهودين جي دستور مطابق قرباني ڏيندا هئا ۽ حجر اسود کي چمندا هئا. سو دستور هليو اچي.

2. دنيا جا ٻيا مذهب يا قومون جڏهن ترقي ڪري اُن بد رسم کي ترڪ ڪري ويا، تہ بہ مسلمان اُن رسم کي سنت ابراهيمي سڏي يا قيامت ڏينهن پلصراط تان لنگهڻ لاءِ سواريءَ جي ڪم ڏيڻ جي بهاني يا خدا جي نالي پياري شيءِ قربان ڪرڻ سان ان کي راضي ڪرڻ جي نالي ۾ چالو رکيو اچن. ان قديم وحشيانہ تصور جي پوري ڪرڻ لاءِ مسلمان حج جي موقعي تي يا ٻين جاين تي ڪروڙين جانور قتل ڪري قرباني ڪن ٿا ۽ اِن رسم کي اسلام جو مکيہ تصور ڪن ٿا.

3. جيتوڻيڪ ٻين نبين ۽ مذهبن جي پوئلڳن مان گهڻن ان رسم کي وحشيانہ ۽ غلط سمجهي ختم ڪري ڇڏيو تہ بہ مسلمان ان رسم کي پوتر سمجهي هلائيندا اچن ٿا. حالت اُتي وڃي بيٺي آهي تہ جڏهن ڪن مذهبن وارا جانورن کي مارڻ بہ پاپ ٿا ڄاڻن، تہ مسلمان ـ جن پاڻ کي اَمن ۽ سلامتي جي دين جا پوئلڳ ڪوٺائين ٿا ـ قربانيءَ جي جانورن کي رنگ ڏئي، گهنگهرو ٻڌي سرگس ڪڍي، نمائش ڪري، قتل ڪرڻ کي باعث ثواب ٿا سمجهن. اِن مان سلامتيءَ جي نالي واري مذهب جي ذهنيت جو پتو پئجي ويندو. مسلمان جي جهالت جي اها حالت آهي تہ جيڪڏهن ڪو اِن بد رسم جي خلاف آواز اٿاري ٿو تہ اهڙن ماڻهن کي قتل ڪرڻ کان بہ گريز نٿا ڪن.

4. مسلمان جيتوڻيڪ پاڻ کي اسلام (سلامتيءَ ۽ امن واري مذهب) جا پوئلڳ ڪوٺائين ٿا، پر تشدد کي پنهنجي مذهب جو مکيہ رڪن ڪري سمجهن ٿا. هيٺين مثالن مان پتو پئجي سگهندو تہ سندن دليل ۾ ڪيتري قدر صداقت آهي:

الف: رحمان رحيم خدا کي راضي ڪرڻ لاءِ ساليانو ڪروڙين جانورن کي قربانيءَ جي نالي ۾ قتل ڪن ٿا.

www.sindhsalamat.com

ب: اِن عمل کي سنئو ڪم ظاهر ڪرڻ لاءِ الله اڪبر جو نالو وٺي جانورن کي ذبح ڪن ٿا.

ت: سامراجي يا ڌاڙ زني واري جنگ ۾ به ماڻهن کي قتل ڪرڻ وقت الله اڪبر جو نعرو هڻن ٿا. اهڙن عملن يا دستورن کي قائم رکڻ مان ظاهر ٿئي ٿو ته هنن جو خدا بابت تصور منتقم مزاج ۽ قهار وارو هو ۽ نه رحمانۡ رحيم هو. ان ڪري سنڌن دين امن ۽ سلامتيءَ جي عيوض فسق ۽ فساد جو ڪارڻ بڻجي ٿو.

22. مهدي پيدا ٿيڻ جو عقيدو:

جڏهن ڪنهن قوم جي ترقيءَ ۽ ڪاميابيءَ جو ڪم اڏوگابرو رهجي ويندو آهي يا اُميدن مطابق اُن جي سرانجامي نه ٿيندي آهي، يا جڏهن ڪا قوم بيروني يا اندروني مشڪلاتن ۽ مصيبتن ۾ ڦاسي پوندي آهي ته اُن ۾ نااُميدي گهيرو ڪري ويندي آهي، اُن حالت ۾ سنڌن ليڊر ماڻهن جي همت افزائيءَ، رهيل مقصد جي پورائيءَ، مشڪلاتن کان ٻاهر نڪرڻ يا قوم ۾ نئين جذبي ۽ اُميد پيدا ڪرڻ لاءِ مستقبل ۾ اوتار، مهدي ۽ مسيح مرعود وغيره اچڻ جون پيشنگوئيون ڪندا آهن.

هندن ۾ ويساهه ويٺل آهي ته ڏکين وقتن تي ماڻهن جي مدد، اصلاح يا رهبريءَ لاءِ وشنو مهاراج اوتار ڌاري ايندو آهي. شري ڪرشن يا سري رامچندر، اُن جا اوتار ٿي آيا هئا، ۽ آئينده پڻ اهڙين حالتن ۾ اوتارن جي اچڻ جاامڪان هئا. بني اسرائيل پڻ حضرت موسيٰ جي انتقال بعد يا حضرت دائود ۽ حضرت سليمان جي اوج دور گذرڻ، مثن بابل وارن جي فتح ڪرڻ، رومن ۽ ٻين حڪومتن جي غلاميءَ ۾ ڦاسڻ ڪري هميشه اُميد رکندا آيا پئي ته هنن جي مشڪلاتن جي ڇوٽڪاري لاءِ مسيح جي صليب تي چڙهڻ ڪري، زمين تي حڪومت الاهيه (KINGDOM OF HEAVEN) اچڻ واري سنڌن اُميد پري ٿي ڪانه سگهي هئي، اُن ڪري مسيمين جي گهٽي تعداد کي اِها اُميد رهندي اچي ته حضرت عيسيٰ وري موٽي اچي پنهنجي مشن کي پورو ڪندو. اهڙيءَ طرح مسلمانن ۾ به اها حسرت رهجي ويئي آهي ته رسول مقبول "عربن کي متحد ڪرڻ اوج تي رسائڻ" واري مشن ته پوري ڪري ويو پر "انسان ذات ۾ اتحاد، امن ۽ ترقي آڻڻ" واري ٻي مشن اڃا رهجي ويئي آهي، اُن ڪري ان جي پورائيءَ لاءِ مهدي پيدا ٿيندو.

www.sindhsalamat.com

اهڙيءَ طرح ڪيترن ماڻهن مهدي هئڻ جي دعوي ڪري ماڻهن جي اخلاقي ۽ روحاني حالت درست ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. پر نہ ماڻهن سندن دعوائن تي اعتبار ڪيو ۽ نہ مسلمانن جون حالتون اهڙيون سازگار هيون. جو هو اُن مان فائدو وٺي سگهن. اهڙن موقعن تي مکيہ غلطي اها پئي ٿي تہ عام ماڻهن اها اُميد پئي رکي تہ اوتار مسيح يا مهدي معجزي وسيلي ڪين اڳوڻي اوج تي آڻي، دنياوي بادشاهي وٺي ڏيندو. ليڪن حضرت عيسيٰ ڪين چيو تہ دنياوي بادشاهي عارضي هئي ۽ حقيقي بادشاهي حڪومت الاهيہ هئي. اُن لاءِ ساريءَ قوم کي اخلاقي ۽ روحاني طرح سڌارڻ جي ضرورت هئي. پر يهودين سندن ڳالهہ نہ سمجهي، مرڳو ڪيس پنهنجيْ مستقل مفاد جي خلاف سمجهي، سندن اخلاقي ۽ روحاني اصلاح وارين ڳالهين کي نقصانڪار ڄاڻي، ڪين صليب تي چاڙهي ڇڏيائون. اهڙيءَ طرح ويدڪ ڌرم وارن ۾ ڪيئي مصلح ۽ پيغمبر پيدا ٿيا. پر عام ماڻهن قوم جي حقيقي مرضن کان واقف نہ هئڻ ڪري، سندن ڳالهہ ٻڌي نہ سگهيا. گوتم ٻڌ، هندو ڌرم جو سڌارڪ هو پر پنڊتن اُن کي نہ سنئو. اِبتدا ۾ هن جي تعليم ڪجهہ اثر پيدا ڪيو پر وري هن جو آواز بي اثر بڻجي، ملڪ کان ٻاهر هليو ويو. نتيجو اهو نڪتو تہ پنڊت نہ ماڻهن جي حالت سڌاري سگهيا ۽ نہ ٻڌ ڌرم وارن جي مشن سرانجام ٿي سگهي.

عرب صحرا مان حضرت محمد صلعم اُن هدايت واري مشن جي سرانجاميءَ لاءِ پيدا ٿيو تہ ابتدا ۾ عربن سندس مخالفت ڪئي، پر آخر ڪيس ڪاميابي نصيب ٿي. پر سندس مشن جو اصل مقصد سمجهي نہ سگهيا. مرڳو اُن تعليم کي روشن ۽ وسيع ڪرڻ وارن حضرت عليءَ ۽ امام حسين کي شهيد ڪري ڇڏيائون. پوءِ عرب ۽ دنيا جا ٻيا مسلمان اُميدون رکندا آيا تہ مهدي پيدا ٿي سندن اُميدون پوريون ڪندو. اِن سلسلي ۾ دنيا جي مختلف حصن ۾ ڪيترائي ماڻهو پيدا ٿيا. جن مهدي هئڻ جي دعوي ڪئي، انهن مان گهڻن ظاهري حڪومتن هٿ ڪرڻ طرف توجهہ ڏني، قوم کي جيارڻ جي ڪوشش ڪئي. پر ڪامياب نہ ٿيا ۽ اڪثر شهيد ٿي ويا. ٻئي طرف ولي الله پيدا ٿيا. جن ماڻهن جي اخلاقي ۽ روحاني مرضن دور ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون. پر ملن ۽ بادشاهن طرفان سندن مخالفتون ٿيون. جيئري اُنهن جو قدر ڪونہ ٿيو ليڪن انتقال بعد سندن مزارن تي قبا اڏي سندن عزت ۽ پرستش ٿيڻ لڳي. پر جنهن مقصد لاءِ اُهي بزرگ آيا هئا. اُن جي سرانجامي طرف سندن پوئلڳن توجهہ نہ ڏنو

www.sindhsalamat.com

پوندو پر قدرت جي رنگا رنگين طرف نظر ڪرڻ سان ڪجهه نه ڪجهه معلوم ٿيندو رهندو. دنيا جا مذهب، اُنهن جا نچوڙ جملي فلاسافيون، حڪمتون ۽ سائنسون اِن ڏس ۾ ڪجهه ڪم ڏئي سگهن ٿيون. جيڪڏهن ڪو ڪيميادان (CHEMIST)مختلف جزن جي کوجنا ۾ عمر صرف ڪري ٿو ته اُهو به اِن راهه جو پانڌيئڙو ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن ڪو ڊاڪٽر بدن جي مختلف مرضن جي تشخيص ۽ علاجن جي ڳولا ۾ وقت صرف ڪري ٿو ته اُهو به ساڳي راهه ۾ ڪم ڪري رهيو آهي. هيءَ منزل هڪ وڏي صحرا مثل آهي، جنهن جي انت جو پتو پوڻ مشڪل آهي، پر اِن راهه ۾ ڪوشش ۽ جدوجهد ڪندو رهڻ فائدي کان خالي نه ٿيندو.

هلندي هوت پنهونءَ ڏي، کهجن ڪي کوٽيون،
پانڌيڙ ٿي پوٽيون، ته ڪتا ڪينئي ڪيچ جا!

(شاهه)

## 24.. روح ۽ مادي بابت تصور:

جملي مذهبن ۽ علمن، روح ۽ مادي جي ماهيت ۽ سندن هڪ ٻئي سان واسطي جي مسئلي جي ڳولا لاءِ گهڻو ڪجهه ڪيو آهي. هزارين پيغمبر، ولي، راهب، رشي، مني، پنڊت ۽ پير انهيءَ مسئلي جي ڳولا لاءِ عمريون صرف ڪري ويا. هر ملڪ، هر قوم ۽ هر زماني جي ماڻهن اِنهن مسئلن جي کوجنا ۾ پاڻ پتي پتوڙيو آهي. روح کي ڪن مفرد روح ته ڪن خدا جو جزو ته ڪن خدا وانگر بي انت بحر سمجهي، حيرت جو اظهار پئي ڪيو آهي، ته ٻين ڪن اُن جي ارتقائي منزلن جي نقط نگاهه کان اُن تي نظر پئي ڊوڙائي آهي. اُنهن ٻڌايو آهي ته روح، مادي، نباتات، حيوانات مان ترقي ڪري اِنسان تائين پهتو آهي، جتان ڪيس ترقي ڪري سندس اصل ذات اِلاهيءَ تائين پهچڻو آهي. ڪن روح کي جدا ۽ مادي کي جدا ڪري ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته ڪن اُنکي هڪ تصوير جا ٻه رخ ثابت ڪرڻ طرف توجهه ڏنو آهي. ڪن اُنهن کي ٿيسز ۾ ڳوليو آهي ته ڪن اينٽي ٿيسز ذريعي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. جڏهن اِنهن ٻنهي ذريعن سان انهي مسئلي جو حل ڳولي ڪيڻ ۾ ناڪامياب ٿيا آهن، ته سنٿيسز ذريعي ڳولا طرف رجوع ٿيا آهن. ڪن مختلف مذهبن، سائنس ۽ فلاسافين جي ڪثرت پويان وحدت کي ڳولي، صوفيزم، هيومنزم، وحدت الوجود

www.sindhsalamat.com

بيدل سائين چيو آهي تہ:

پاڻ نہ ڪڇج پاڻ سان، پاڻ سڃاڻج پاڻ،
آ، ساجن توهي ساڻ، تون ڳولين ٻئي طرف ڏي!

سچل سائين چوي ٿو:

آهيان پاڻ الله، ٿو عشق ڪنون عبد سڏايان!

وري شاهہ لطيف فرمائي ٿو:

پڙاڏو سو سڏ، ور وائي جو جي لهين،
هئا اڳهين گڏ، پر ٻڌڻ ۾ ٿيا!

## 25. معاشري جي درستيءَ لاءِ دستور العملن ۽ قانونن جي ضرورت:

ماڻهو ترقي يافتہ ۽ ڳالهائيندڙ جانور آهي. ان ۾ جانورن واريون ساڳيون جبلتون (INSTINCTS) رهن ٿيون. جنهن ڪري هن ۾ تشدد، خود مطلبيءَ، بي ضابطي، نفساني خواهش، زوريءَ ۽ چوريءَ وغيره جهڙيون عادتون عام جام پيئي رهيون آهن. ان ڪري نفرت، نفاق، خونريزيون ۽ جهيڙا ۽ فساد پيئي سرزد ٿيا آهن.

آهستي ٿي ماڻهن تجربي، سمجهدار ماڻهن جي هدايتن، عمر رسيده بزرگن جي مشورن، مذهبي مهندارن ۽ ملڪ جي حاڪمن جي مصلحتن سبب ڪي دستور العمل، قانون ۽ رسم و رواج اختيار ڪري معاشري جي دُرست ڪرڻ جي ڪوشش پيئي ڪئي آهي. پر اڳتي هلي جن ڳالهين سبب سوسائٽيءَ ۾ امن، اتحاد ۽ انصاف حاصل ٿيڻو هو تن کي ڪن چالاڪ ۽ خود مطلب ماڻهن پنهنجي مستقل مفاد لاءِ ڪتب آڻي، عام ماڻهن جي آزادي ختم ڪري کين قاعدن ۽ دستورن جو ڪٺي غلام بڻايو.

هندن جي برهمڻ ڪلاس عام ماڻهن کي انهن دستورن جو محتاج بڻائي پنهنجي مفاد لاءِ ڪتب آندو. بني اسرائيل (يهودين) وري قانون شريعت کي هر ڳالهہ تي حاوي ڪري ڇڏڻ جو سبق ڏنو انهن پنهنجي هڪ هٽيءَ کي پيچڻ لاءِ هڪ طرف مهاتما گوتم ٻڌ قانون تي اخلاق حميده ۽ عمل صالح کي ترجيح ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي. تہ ٻئي طرف حضرت عيسيٰ، صدوقين ۽ فريسين جي شريعتي استحصال کي ختم ڪرڻ لاءِ، عدل کان فضل طرف ماڻهن جو توجهہ

www.sindhsalamat.com

چڪايو. تہ ٽئين طرف صوفين، ماڻهن کي ان قانوني ۽ دستوري مها چار مان ڪڍڻ لاءِ پرچار ڪيو. پر اڪثر ائين پئي ٿيندو رهيو آهي تہ حڪمران طبقي پنڊت، ربيءَ ۽ ملا طبقي، پنهنجي مفاد کي قائم رکڻ خاطر، اُنهن سڌارڪن کي تڪليفون پئي ڏنيون ۽ سندن ڪم ۽ رنڊڪون پئي وڌيون آهن. هڪ طرف شريعت جا طرفدار هئا تہ ٻئي طرف طريقت (اخلاق حميده، عمل صالح ۽ تزڪيہ نفس) جا حامي هئا. شاهہ لطيف چيو آهي تہ:

عدل ڇٽان آنءُ نہ، ڪو ڦيرو ڪج فضل جو!

قانون ۽ دستور، معاشري جي نظام ۽ شخصي ضابطي لاءِ نهايت ضروري آهن، پر ماڻهوءَ جو درجو اُنهن کان مٿي آهي. قانون ماڻهن جا جوڙيل هئا. تنهنڪري اُهي سندن زير اثر رهڻا هئا ۽ نہ ڪين اُنهن جي انڌي تلقيد ڪري محتاج بنجڻو هو. انسان ارتقا جي مختلف دورن مان پئي گذريو آهي. ۽ هر هڪ دور جون تقاضائون ۽ ضرورتون علحديون هيون. اُن ڪري معاشري جي تبديليءَ سان گڏ دستورن، قانونن ۽ شريعتن جي تبديلي بہ لازم ملزوم هئي. مصلحن ۽ سُڌارڪن جو هميشه اهو مقصد پئي رهيو آهي تہ ماڻهن کي بدليل حالات، نئين ضروريات زندگي ۽ زماني جي حقيقتن مطابق، نيون سمجهاڻيون ۽ هدايتون ڏين. اُن جي ترجماني ڪندي "شاهہ لطيف" فرمائي ٿو تہ:

نئون نياپو آئيو راڻي وٽان رات،
لڌيسون "لطيف" چئي، ڪنا ڏاتر ڏات،
ڪانہ پڇي ٿو ذات، جي آيا سي اگهيا!

اُن ڪري مصلحن ۽ سڌارڪن، غور ۽ فڪر بعد حالتن کي مدنظر رکي معاشري جي ضرورتن آهر وقت بہ وقت نون قانونن، نين هدايتن نون دستورن لاءِ هدايت پئي ڪئي آهي. جيئن زمانو بدلبو پيو تيئن قانون جو بدلجڻ بہ لازمي آهي

اِيءَ گت غواصن، جو سمنڊ سوجهيائون،
پيهي ۾ پاتار جي، ماڻڪ ميڙيائون،
آڻي ڏنائون، هيرا لعل هٿن سين!

(شاهہ)

جيڪڏهن سنڌ جي پوئين دور جي شاعرن ۽ درويشن جي تعليمات کي ڇنڊي ڏسبو تہ معلوم ٿيندو تہ هنن مذهبن جي ظاهري قاعدن بدران حقيقي

www.sindhsalamat.com

مسئلن (طريقت) طرف زياده توجهه ڏنو آهي. هنن مذهبي پيد پاڻ کان مٿي چڙهي چيو ٿي ته:

سڀ چڏياڻون سانگ، ڪندا ڪوهه نماز کي،
جيڏاهن عالم آسرو تيڏانهن ڪن نه تانگ،
نڪي پڙهن ڪلمو نه ڪي ٻڌن ٻانگ،
لاهوتي بي لانگ، عدم کان اڳي ويا!

حقيقت ۾ هڪ ٿيو نوري ۽ ناريءِ
دين ڪفر آهن ٻئي، هڪ وڻ جي ٽاريءِ
حاذق هوشياريءِ رکين انهيءَ رمز جي،
(بيدل)

## 26. فوق الفطرت طاقت جي رضامندي:

جڏهن ماڻهن کي معلوم ٿيڻ لڳو ته ظاهري جسماني دنيا کان جدا ڪا لڪل طاقت به هئي- جا وڻ، جانور وغيره پيدا ڪريءِ وڌائي، ڪجهه عرصي بعد ماري ٿي، ۽ بيمارين، سماوي آفتن ۽ اوچتن حادثن جو ڪارڻ بنجي ٿي- ته هڪ طرف اُن جي معلومات لاءِ کوجنا شروع ڪيائون ٿي، ته ٻئي طرف اُن طاقت کي تسخير ڪريءِ پنهنجي مرضي مطابق هلائڻ لاءِ ڪوشش جاري رکيائون ٿي. پهرين کوجنا جي ڏس ۾ اجا تائين اُن (طاقت) بنسبت سواءِ ٿوري علم جي گهڻو ڪجهه حاصل ڪري نه سگهيا آهن. اُن جي تسخير (رضامندي) لاءِ به مختلف طريقن سان ڪوششون ڪندا رهيا ۽ اجا تائين ڪندا رهن ٿا. حڪمت جي ڄاڻن ان طريقه ڪار کي جادوءَ سان مشابهت ڏني. پر گهڻي تجربي بعد هنن کي نيٺ معلوم ٿيو ته اُن بي اَنت ۽ بي انتها لڪل طاقت کي، پنهنجي قبضي ۾ آڻي نه ٿي سگهيا. اُن ڪانپوءِ ڪين پنهنجي ڪمزوريءَ ۽ ڪم وسنتيءَ جو پتو پوڻ لڳو ۽ بعد ۾ اُن طاقت کان مرعوب ٿي، اُن جي سامهون پنهنجي عجز ۽ بي توفيقي کي محسوس ڪريءِ اُن جي رضامندي حاصل ڪرڻ طرف رجوع ٿيا. اِن رجحان طبع کي مذهب جي ابتدا يا شروعات سان مشابهت ڏني سگهجي ٿي. اِن مقصد جي حصول لاءِ ماڻهن هيٺيون ڪوششون ڪيون ۽ طريقه ڪار ڪتب آندا:

www.sindhsalamat.com

(1) طرح طرح جون عبادتون ۽ ڪريا ڪرم ڪرڻ. (2) ڪن شبدن، وظيفن ۽ پوتر لفظن جي اُچارڻ ۾ تاثير سمجهي، اُنهن ذريعي اعليٰ طاقت کي رضامند ڪرڻ. (3) ڌوپ، واس ۽ خوشبوئون پيش ڪري روحن جي نزول لاءِ حالتون سازگار ڪرڻ. (4) ماڻهن جي يا جانورن جي قرباني ڏئي، اُنهن جي رت، چربيءَ يا گوشت کي ساڙي يا ورهائي، يا کاڌا تيار ڪرائي، ماڻهن کي کارائي، اعليٰ طاقتن ۽ روحن جي رضامندي حاصل ڪرڻ. (5) روزا رکي، تزڪيہ نفس ڪرڻ يا تپسيائن ڪرڻ سان اعليٰ طاقت کي پاڻ تي رحم ڪرڻ لاءِ حرصائڻ. (6) اُن طاقت اڳيان ليلائي، ٻاڏائي، نياز ۽ نوڙت ڏيکاري، اُن جي رحمت ۽ محبت جي جذبي کي متحرڪ ڪرڻ. (7) ٻتن، وڻن، جانورن، مثل ماڻهن جي روحن، جنن ۽ ديوتائن جي راضپي لاءِ خوشبوئن، گلن، طرح طرح جي کاڌن ۽ خيراتن ڪرڻ جا طريقا استعمال ڪرڻ.

روحن بابت ماڻهن ۾ قديم وقت کان عجيب عقيدا ويٺل هئا، جهڙوڪ:

(1) اُهي قبرن يا مقامن ۾ ويٺل آهن، جتي دعائن گهرڻ، خيراتن ڪرڻ ۽ ورد وظيفن پڙهڻ سان سندن مدد يا همدردي حاصل ڪري سگهجي ٿي. (2) روحن کي اها طاقت هئي تہ ڪاروبار فطرت کي پنهنجي مرضي مطابق ڦيرائي سگهيا ٿي. اُن ڪري دنياوي مصيبتن مان آزادي ڏياري سگهيا ٿي. (3) شادين ڪرڻ لاءِ سهوليتون مهيا ڪري سگهيا ٿي. (4) بيمارين کان ڇڏائي سگهيا ٿي. (5) اولاد پيدا ڪرڻ لاءِ مدد ڏئي سگهيا ٿي. (6) دشمن کي نقصان پهچائي سگهيا ٿي. (7) استخاره يا خواب ذريعي غيبي خبرون پهچائي سگهيا ٿي. (8) ۽ روحاني فيض پهچائي سگهيا ٿي.

اِنهن عقيدن جي مدنظر هنن وڻن، جانورن ۽ ديوتائن جا بت ٺاهي، اُنهن جي پوڄا ڪرڻ شروع ڪئي. وڻن ۾ جنسن ۽ روحن جي رهڻ جا اعتقاد قائم ڪيا. ڪن جانورن کي ديوتائن جا اوتار تصور ڪري، اُنهن جي پوڄا ۽ احترام ڪرڻ لڳا. ڪن جانورن کي سعد (ٽوٽم) ۽ ڪن کي نحس (ٽبو) سمجهڻ لڳا. تارن، برجن ۽ سيارن جي ماڻهن جي قسمت تي اثر جو عقيدو پيدا ٿيو. بيمارين کان شفايابيءَ لاءِ ڪن زنده يا مئل ماڻهن جي دعا لاءِ ملتجي ٿيا. روحن بابت اِنهن عقيدن مان ڪيترا عقيدا اڄ تائين قائم آهن.

قديم وحشياڻي دور جي انهن عقيدن تي اول ۾ مصرين اعتماد ڪيو. اُن کان پوءِ جزا ۽ سزا جا عقيدا ۽ بهشت ۽ دوزخ جا ويساهه پيدا ٿيا. ماڻهن عبادتن ۽ وردن وظيفن ذريعي اُنهن جي حصول لاءِ ڪوشش شروع ڪئي. اڪثر مذهب وارن اُنهن

www.sindhsalamat.com

قديم وهمن ۽ گمانن جي آڌار تي تسليم ڪيل نظرين کي معتبر ڄاڻي، پنهنجي اڪثر مذهبي عبادتن جو انهن ڳالهين تي بنياد رکي، پنهنجا مفروضا بنايا. روحن جي جدا وجود ۽ عملن جي ڦل تي اعتماد رکي، مذهبن جو روحاني تصور قائم ڪيو ويو. هڪ طرف ويدانت يا وحدت الوجود ۾ ويساهه رکيو ويو ٻئي طرف ڪثرت ارواح جي عقيدي کي مڃي، اُن مطابق زندگيءَ جو ڪاروبار هلائڻ لڳا. ٻئي متضاد ڳالهيون هيون. ڪي وري پارسين واري دوئيءَ ۾ ويجي، هر شيءِ جا ٻه طرف ڏسڻ لڳا.

## 27. حيات بعد الممات جا عقيدا:

وفاتيءَ کان پوءِ سلسلہ حيات قائم آهي يا نہ. ان تي قديم وقت کان بحث هلندو آيو آهي. اڪثر مذهب وارن روحن جي جدا هستيءَ ۾ اعتماد رکي، انهن کي خدا جو خاص خلقت سمجهي، انهن جي ازلي ۽ ابدي هئڻ جو عقيدو پئي رکيو آهي. ڪن مذهب وارن جو چوڻ هو تہ روح روز ازل وقت خدا جي فرمان "ڪن" (ٿي پئو) موجب "پيدا ٿي پيا" (فيڪون). اهي عالم ارواح ۾ رهن ٿا. جتان جسم ۾ اچي پنهنجي مقرر ٿيل زندگي بسر ڪري، وري آسمان تي يا زمين ۾ هيٺ يا عالم برزخ ۾ رهي. قيامت جي ڏينهن ٻيهر ساڳيا جسم حاصل ڪري ميدان حشر ۾ گڏ ٿي، پلصراط ٽپي، حساب ڪتاب ڏئي، عملن جي نتيجي جي آڌار تي دوزخ يا بهشت ۾ ويندا.

ڪن مذهب وارن جو چوڻ آهي تہ جيئن حيواني جسم اول ۾ جيو- گهرڙي ( ايموبيا Amobia) کان- تنازع لابقا جي اصول مطابق- ترقي ڪندو انسان جي درجي تي پهتو آهي. تيئن روح بہ ابتدا ۾ جمادات (مادي). نباتات (وڻڪار). حيوانات ۽ ماڻهن مان ترقي ڪندا. جدا جوڻيون وٺي. ڪرمن جي ڦل مطابق آخر ويجي نجات حاصل ڪندا- ۽ جز (سنسار) جي چڪر کان آزاد ٿي وڃي ڪل ۾ ملي، "نرواڻ پد" حاصل ڪندا.

ڪن جي چوڻ مطابق ذات خدا ۽ مطلق جي هئي، ٻيو سڀ صفاتي مظهر هو. جڏهن ذات حقيقيءَ کي پنهنجي مظهر ڏيکارڻ جو شوق (عشق) پيدا ٿيو تہ صفات ۾ اچي پنهنجو اظهار ڪيائين.

جڏان عشق دل وچ نہ ماپس، چا پوش فقيري پايس،
دليان لتاوڻ دي ڪيتي، جانب جوڳي ٿي آيا!

(فقير خوش خير محمد صوفي)

www.sindhsalamat.com

صورت جو سبحان، پاڻ ڏسڻ آيو پنهنجو تماشو.
(سچل سرمست)

هاڻي ڪي ماڻهو ته مرڻ کانپوءِ جدا روح ۽ حيات بعد الممات جا قائل ٿي ڪين آهن. سندن چوڻ آهي ته جسم جي مختلف عناصر جي اثر اندازيءَ ڪري زندگي پيدا ٿئي ٿي، ۽ انهن جي عمل بند ٿيڻ بعد زندگي ختم ٿيو وڃي. ۽ روح بعد ۾ جدا حيثيت ڪانه ٿا رکن.

مطلب ته اِهي مسئلا اڃا تائين پوريءَ طرح حل نه ٿي سهگيا آهن ۽ تشنه لب رهجي ويا آهن. معلوم ائين ٿئي ٿو ته گهڻي وقت تائين ائين حل طلب رهندا. "شاهه لطيف" ان تي غور ڪندي فرمايو آهي ته:

جي قيام مڙن، ته به ويجها پانئج سپرين!

٭

خبر نڪو خواب، نڪو اوني آئيو
هتان جي هتي اچي، ڏنو ڪنهن نه جواب،
همين حساب، ڪه ڇاڻان ڪهڙو ٿيو؟

## 28. مذهبي ڪورٽون:

جڏهن حڪومتن کي مذهبي شريعتن موجب هلائبو آهي ته جديد زبان ۾ ان کي "ٿيوڪريسي" (شريعتي راڄ) سڏبو آهي. انهيءَ قسم جي حڪومتن هلائڻ لاءِ قاضين، پنڊتن، ڪاهنن ۽ پادرين کي گهڻا اختيار سونپيا ويندا آهن. پر جڏهن حڪومتون وڏي وڃن ٿيون، ۽ انهن جي حدن ۾ مختلف مذهبن ۽ انهن جي جدا جدا فرقن جا ماڻهو رهڻ لڳن ٿا- جن جي مذهبن جون شريعتون ۽ مختلف مذهبي فرقن جون مذهبي تشريحون به علحده ٿين ٿيون- ته اهڙين حالتن ۾ انهن حڪومتن جا عدلي ۽ انتظامي سرشته حڪومت نهايت پيچيده ٿي پون ٿا. ان حالت ۾ ملڪ جي جملي مذهبن ۽ مذهبي فرقن جا جدا ماجسٽريٽ يا جج مقرر ڪري ڪم هلائڻ دشوار مسئلو بنجي پوي ٿو. ازانسواءِ گڏيل سوسائٽيءَ ۾ جيڪڏهن ڪيس يا معاملي ۾ هڪ کان وڌيڪ مذهبن يا فرقن جا ماڻهو ملوث ٿين، ته اهو مسئلو بحث طلب ٿي پوندو ته اهو ڪيس

www.sindhsalamat.com

ڪهڙي مذهب يا فرقي جي ماجسٽريٽ يا جج وٽ هلايو وڃي، يا هڪ کان وڌيڪ ججن جي حوالي ڪيو وڃي!

تنهن کان سواءِ بدليل معاشري جي حالت ۾ صديون پراڻي معاشري جي حالتن پٽاندڙ مقرر ڪيل قانون ڪيتري قدر موزون ٿي سگهندا. سو سوال بہ بحث طلب آهي. اهڙين حالتن ۾ وقت جي تقاضائن کي مدنظر رکي، وڏين حڪومتن عام حالتن ۾ ضرورتن مطابق سيڪيولر بنيادن تي نوان قانون ٺاهي، حڪومتن جو ڪاروبار هلائڻ شروع ڪيو. دنيا ۾ سواءِ چند ملڪن جي اڪثر ملڪن ۾ پنهنجن چونڊيل نمائندن ذريعي قانون ٺاهي ملڪ جو نظم و نسق ۽ عدليہ کي هلايو وڃي ٿو.

هتي پاڪستان ۾ جيتوڻيڪ ماڻهن کي اسلامي شريعت مطابق حڪومت هلائڻ جو دلاسو پئي ڏنو ويو آهي، ليڪن هر حڪومت حالتن کان مجبور ٿي، انگريزي دور جي مقرر ڪيل ڪورٽن کي قائم رکيو آهي ۽ چونڊيل نمائندن ذريعي قانون ٺاهي، ٿوري رد و بدل سان حڪومت پئي هلائي آهي.

جيئن تہ مذهبي شريعتون ۽ دستور صديون اڳ جدا معاشرن جي حالتن مطابق ٺهيل هئا، جن کي زماني جي تبديلي گهڻي قدر منسوخ ۽ رد ڪري ڇڏيو آهي. ان ڪري موجوده معاشري جي تبديلي ۽ حڪومتن اندر مختلف مذهبن جي پوئلڳن جي موجودگيءَ سبب، مذهبي شريعتن موجب حڪومت هلائڻ ۽ عدالتي فيصلا ڪرڻ مشڪل بنجي پيو آهي.

هتي پاڪستان ۾ شريعتي نظام حڪومت ۽ اسلامي عدليہ جو گهڻو ذڪر ڪيو پيو وڃي. ليڪن 32 سالن گذرڻ بعد بہ اهو فيصلو ڪونہ ٿي سگهيو آهي تہ شريعتي نظام هلائڻ لاءِ شريعتي قانون ڪهڙا آهن، جيڪي رائج ڪجن.

آءٌ هتي چاڻائي آيو آهيان تہ جي ڳالهيون شريعت اسلام سان منسوب ڪيون وڃن ٿيون، سي منسوخ، رد ۽ ناقابل عمل ٿي ويون آهن. ازانسواءِ معاشرن جي تبديليءَ سبب، ڪي اهڙيون ڳالهيون ۽ انهن سان واسطيدار مسئلا ملڪن ۾ مروج ٿيا آهن، جيڪي هزارين سال اڳ مذهبن جي شريعتن ٺهڻ وقت موجود نہ هئا. جهڙوڪ ريلوي لائينون، هوائي جهاز، ٽرئفڪ جا قانون، مختلف قسمن جا ٽئڪس ۽ انهن جون وصوليون، ڪارخانا ۽ انهن سان واسطيدار مسئلا، جمهوري طرز حڪومت موجب عوام جا چونڊيل نمائندا ۽ سندن اختيار، ڌارين ملڪن سان واپاري، سياسي ۽ سفارتي تعلقات، جديد قسم جي جنگ ۽ دفاع جا طريقا،

www.sindhsalamat.com

علاج جا جديد سائنسي طريقا، جدا جدا علمن جي ڄاڻ سبب پيدا ٿيل جدا جدا نظريا ۽ عقيدا، ۽ آزاد راءِ جا اصول ـ اهڙا مسئلا آهن جن قديم شريعتي قانونن موجب ملڪي ڪاروبار هلائڻ مشڪل مسئلو بنائي ڇڏيو آهي. ان ڪري هن وقت حڪومت جو ڪاروبار سيڪيولرزم ۽ جمهوريت مطابق هلائڻ لازمي ٿي پيو آهي، ۽ مذهبي طريقي حڪومت جو رواج ملڪن مان نڪرندو پيو وڃي. ازانسواءِ شريعتي قانونن موجب ملن ۽ پنڊتن جو ماڻهن تي ايڏو تہ ضابطو رهي ٿو جو زندگيءَ جو لطف ختم ٿي وڃي ۽ ماڻهن هڪ قسم جي غلاميءَ ۾ مڦلا ٿيو وڃن. جمهوريت، بقائي باهمي ۽ باهمي تعاون (گڏيل سهڪار) جي اصولن هيٺ ماڻهن کي ڪجهہ آزاد ڪري ٿي، ان ڪري اڄڪلهہ دنيا مان شريعتي قانون ذري گهٽ اڻ لڀ ٿيندا وڃن، ۽ انهن جي وري رائج ٿيڻ جو امڪان ئي نظر نٿو اچي.

## 29. مذهب جي تبديليءَ ۽ راءِ جي آزاديءَ جو حق:

اڪثر مذهب وارن هڪ مذهب کي ڇڏي ٻئي کي اختيا ڪرڻ سخت گناهہ قرار ڏنو آهي. ڪن حالتن ۾ ارتداد (مذهب کان ڦرڻ) جي سزا موت ٺهرائي ويئي آهي. جهڙيءَ طرح هڪ ملڪ جو رهاڪو ٻئي ملڪ سان وفاداري ڏيکاري تہ ان کي بغاوت شمار ڪري اهڙي ئي سخت سزا ڏني وڃي ٿي. ليڪن جمهوري حڪومتن ۾ هر هڪ ماڻهوءَ کي پنهنجي راءِ جي آزاديءَ جو حق رهي ٿو. مذهبن ۽ نظرين جي اختلاف جي منع نہ آهي، ملڪي حڪومت خلاف جماعت سازيءَ تي بندش نہ آهي، بلڪ مخالف پارٽين جو قيام سياسي صحت جي نشاني تصور ڪيو ويندو آهي. جمهوري ملڪن ۾ ڪنهن ماڻهوءَ، گروهہ يا حڪومتي پارٽيءَ کي حق نہ آهي تہ ٻين تي پنهنجي راءِ ۽ مذهبي عقيدا زوريءَ مڙهي. اهڙيءَ طرح اِن طرز حڪومت موجب هڪ قوم کي ٻي قوم جي اندروني معاملن ۾ دست اندازي ڪرڻ جو حق نٿو رهي، ۽ هڪ ملڪ کي ٻئي ملڪ تي تسلط قائم ڪرڻ جو اختيار نہ آهي.

اهي ڳالهيون مذهبي شريعت وارن جي قديم روايتي دستورن، بادشاهت ۽ آمرانہ نظام حڪومت جي خلاف سمجهيون وڃن ٿيون.

جمهوري قانون مطابق هر ماڻهو مظهر حق هئڻ ڪري، آزاد ۽ خود مختيار جمي ٿو ۽ پنهنجي مذهبي يا سياسي عقيدي جي آزادانہ اظهار جو حق رکي ٿو. پر جنهن صورت ۾ اڪثر مذهبن جا مستقل مفاد، خدا، ڪتابن ۽ پيغمبرن جي

www.sindhsalamat.com

اختياريءَ کي رد يا چئلينج ڪرڻ جو حق، ماڻهن کي ڏيڻ کان انڪار ٿا ڪن. ان ڪري ماڻهو۔ مذهبي شريعت يا آمرانه طرز حڪومت موجب ـ هڪ وڏيءَ مشين جو پرزو ٿي، پنهنجي آزادي وڃائي ويهي ٿو. مذهب، الهامي اٿارٽيءَ کي اٽل سمجهي، ان جي تشريح ملن ۽ پنڊتن جي هٿن ۾ ڏيئي ماڻهن کي پنهنجي مرضيءَ مطابق هلائڻ لاءِ مجبور ڪن ٿا. جنهن ڪري انهن جا مستقل مفاد سامراج بڻجيو پون. ساڳي حالت آمرانه ظالم حڪومت موجود شخصي آزاديءَ جي وڃي رهي ٿي. ان ڪري موجوده دور ۾ عالمن، مذهبن ۽ جمهوريت به هڪٻئي جا متضاد نظريا آهن. جمهوريت نه صرف شخصي آزاديءَ جي حامي آهي، پر هر هڪ قوم جي آزاديءَ جي حمايت به ڪري ٿي. جهڙيءَ طرح سامراجيت، قومي آزاديءَ جي دشمن آهي، اهڙيءَ طرح مختلف نظريا يا مذهبي شريعتون ۽ انهن جا احڪام ذهني آزاديءَ جا مخالف ۽ دشمن ٿين ٿا. اهي هڪ قسم جا ذهني يا نفسياتي سامراج ٿين ٿا.

ان ڪري ڏسڻ ۾ ائين پيو اچي ته مذهبي شريعتون، سامراجي حڪومتون ۽ بين الاقوامي نظريا، هڪ طرف آمرانه طرز حڪومت جي حمايت ڪن ٿا، ته ٻئي طرف قومپرستي، جمهوري دستورن ۽ آزاد راءِ جا مخالف آهن. تنهن ڪري ماڻهن کي ذهن صاف رکڻا پوندا ته مٿي ذڪر ڪيل متضاد ڳالهيون هڪ قالب ۾ سمائجي نه سگهنديون. انهيءَ مسئلي جو حل بقائي باهمي (Co-Existence) ذريعي حاصل ڪري سگهجي ٿو.

## 30. تشدد (هنسا):

جيئن ته انسان حيوان جي ترقي يافته صورت آهي ۽ ان ۾ ڪيترريون حيواني جبلتون موجود آهن، جن مان هڪ جبلت۔ فيصلي، سمجهوتي، باهمي رضامنديءَ ۽ رواداريءَ بدران۔ پنهنجي راءِ کي صحيح سمجهي، زور زبردستي ٻئي تي مسلط ڪرڻ آهي. اهڙيءَ طرح ابتدا کان وٺي ڏاڍا هيڻن تي زبردستي تسلط قائم ڪندا آيا آهن. ڏاڍن، هيڻن جون ملڪيتون مختلف طريقن سان پنهنجي قبضي ۾ آنديون وغيره. ڪن ته مرڳو مخالفن کي قتل ڪرائي ڇڏيو. ان واسطي نه صرف لٺ، تلوار وغيره سان پنهنجا مقصد حاصل ڪيا ويا، پر پنهنجي مرضي ۽ مفاد موجب مذهبي عقيدا ايجاد ڪري ماڻهن کي گمراهه ڪري پنهنجي ماتحت رکڻ لاءِ جواز پيدا ڪيا ويا. ڪن وري عقل کي ڪتب

www.sindhsalamat.com

آئي. بقائي اصلح (Survival of the Fittes) جو نظريو ايجاد ڪري، مرڳو قانون فطرت کي پنهنجي حمايت لاءِ ڪتب آندو.

چي: زندگيءَ جي قانون موجب ڪمزور شيءِ فنا ٿي وڃي ٿي ۽ ان جي جاءِ مضبوط طاقتور ۽ صالح شيءِ والاري ٿي. مثلن: وڏا ۽ طاقتور جانور ننڍن جانورن کي کائي گذران ڪن ٿا. ٻڪريءَ کي بگهڙ ماري کائي ٿو. باز ڳيري کي ماري ٿو ۽ ٻلو ڪئي کي ماري گذر ڪري ٿو. وڏا وڻ ننڍن وڻن کي پر ڀر اسرڻ نٿا ڏين. اهڙيءَ طرح هر طاقتور شيءِ ڪمزور تي غالب ٿي وڃي ٿي. اهو قانون نه صرف وڻن ۽ جانورن تائين محدود آهي پر ساڳيو قانون ڏاڍن ۽ هيڻن ماڻهن. ڏاڍين ۽ هيڻن قومن ۽ ڏاڍن ۽ هيڻن نظرين سان لاڳو رهي ٿو. اول ۾ جسماني قوت کي اهميت ڏني وئي، اڳتي هلي اخلاقي، ذهني ۽ روحاني صلاحيتن کي اهميت ڏيڻ شروع ڪيائون. ان لاءِ مثال پيش ڪيا ويا ته: هزارين سال اڳ زمين تي جيڪي وڏا جانور- جهرڪ: ڊائينسور وغيره رهندا هئا، اُهي باوجود قدامت ۽ جسماني قوت رکڻ جي، دماغي صلاحيتن ۾ گهٽ هئڻ ڪري صفحه هستيءَ تان مٽجي ويا. اهڙيءَ طرح ماڻهن به باهمي سمجهوتي ۽ بقائي باهميءَ جي اصولن تي عمل نه ڪرڻ ڪري، پاڻ ۾ وڙهي، هڪ ٻئي کي ختم ڪري ڇڏيو ۽ طاقتور ڌريون قابض ٿي ويون. ان ڪري باهمي اتحاد، ذهني صلاحيت ۽ اخلاقي معيار وڌيڪ جٽادار سمجهي، هنن ڏاڍ ۽ تشدد (هنسا) کي گهٽ اهميت ڏني، اهنسا (عدم تشدد) کي زندگيءَ جو اصول بنايو. هر ڳالهه گڏيل سمجهوتي، رواداريءَ ۽ بقائي باهميءَ جي اصول موجب فيصل ڪرڻ جي تلقين ۽ تعليم ڏيڻ شروع ڪئي، جنهن سبب ماڻهن ۾ اتحاد پيدا ٿيو.

"شاهه لطيف" به ان ڳالهه کي ساراهيندي چوي ٿو:

وڳر ڪيو وتن، پرت نه ڇنن پاڻ ۾،
پسو پکيئڙن، ماڻهوئڻان ميٺ گهڻو!

ڪيترن مذهبن انهن اصولن جي تعليم ۽ تربيت ڏني. ٻڌ ڌرم، جين مت، عيسائيت (Cristionity) ۽ اسلام ان اهنسا واري اصول کي پنهنجو مقصد بنايو. اڳتي هلي انهن جي پوئلڳن پنهنجي حيواني فطرت موجب وري هنسا يا تشدد کي پنهنجي رهبر راهه بنايو.

تاريخي ثبوت موجود آهن ته هر طاقت- پوءِ اها جسماني قوت وسيلي حاصل ڪيل هجي يا ذهني، اخلاقي ۽ روحاني صلاحيتن وسيلي ميسر ٿيل

www.sindhsalamat.com

هجي- پاڻ ۾ آتشين مادو رکڻ ڪري، اعتدال ۾ رهي نٿي سگهي. جنهن ڪري پنهنجي پاڻ کي فنا ڪرڻ جو ذريعو بڻجيو پوي؛ اڪثر مذهب اهنسا جا پرچارڪ پئي رهيا آهن. ليڪن اڳتي هلي باهمي تضادن ۽ چٽاڀيٽين جي ڪري انهن اصولن کان منحرف ٿي پئي ويا آهن. آريا مذهب وارن ابتدا ۾ جسماني قوتن کي اهميت ڏني، ڪمزور قومن. جهڙوڪ دراويدن ۽ اڳوڻين وحشي قومن. کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. پر اڳتي هلي، مهاڀارت جي لڙائيءَ جي نتيجن ڏسڻ بعد هنن کي پيغمبر سڌارڪ پيدا ڪيا، جن هنسا کي ترڪ ڪري، اهنسا جي تعليم ڏيڻ شروع ڪئي. مهاتما ٻڌ ۽ مهاتما مهاوير پارتواسين کي اها تعليم ڏني. مغرب ۾ حضرت موسيٰ، اسرائيلي قوم کي مصرين کان آزادي ڏيارڻ لاءِ تشدد (هنسا) سان روشناس ڪرايو. گهڻي وقت ۽ تجربي بعد اسرائيلي دانشمندن ۽ سڌارڪن کي جڏهن تشدد جي پاليسيءَ جي نقصانن جو پتو پيو تہ حضرت عيسيٰ (يسوع مسيح) اسرائيلين کي محبت ۽ عدم تشدد جي تلقين ڪندي چيو تہ:

"جو اوهان سان نفرت ڪري، اوهان ان سان محبت ڪريو. جيڪڏهن ڪو اوهان کان ڪرتو ڦرڻ چاهي تہ پنهنجو پهراڻ بہ لاهي ڏيوس. جيڪڏهن ڪو اوهان کي هڪ ڳل تي چماٽ هڻي تہ ٻيو ڳل بہ چماٽ لاءِ ڪيس ڏاهي ڏيو!"

ابتدا ۾ تہ اسرائيلين سندن تعليم کي ٻڌو ان ٻڌو ڪري ڇڏيو بلڪ هنن ڪيس پنهنجي مستقل مفاد جو مخالف سمجهي، صليب تي چاڙهائي مارائي ڇڏيو. پر آهستي آهستي ان تعليم جو اهو اثر پيدا ٿيو جو هن وقت دنيا ۾ گهڻي ۾ گهڻا پوئلڳ حضرت عيسيٰ جا آهن.

اهڙي طرح عرب ملڪ جي مڪي شهر ۾ حضرت محمد صلعم پيدا ٿيو جنهن عربن کي متحد ٿيڻ جي تلقين ڪئي ۽ تعليم ڏني. ان سان بہ قدامت پسند ۽ مستقل مفاد عرب سردارن سختيءَ وارو رويو اختيار ڪيو ۽ ڪيس مارائڻ گهريو. تنهن ڪري دين ڪجهہ اهنسا ۽ ڪجهہ تشدد ذريعي آهستي مٿن مسلط ٿي، ڪين نئين دين جي نالي ۾ متحد ڪيو. هن تشدد (هنسا) کي عارضي طرح دفاع لاءِ ڪتب آندو. ليڪن سندس پوين ساٿين عربن جي قومي اتحاد مان ناجائز فائدو وٺي، مذهب جي نالي تي ٻين ملڪن تي حملا ڪري عرب سامراج قائم ڪيو. اسلام کي صلح ۽ امن جي مذهب بنائڻ بدران ٻين ملڪن کي فتح ڪرڻ، انهن جي خزانن ۽ وسيلن کي ڏاڍ ۽ زور سان ڦرڻ لٽڻ جو ذريعو ڪري

www.sindhsalamat.com

ڪم آندو. جيتوڻيڪ ان پاليسيءَ ٿوري وقت اندر کين شاهوڪار بنائي، ڪيترن ملڪن جو مالڪ ۽ حاڪم بنائي ڇڏيو هو پر غلط بنياد رکڻ ڪري منجهن اقتدار جي حصول لاءِ خانہ جنگي پيدا ٿي پئي، ۽ ڏارين بہ جلد پاڻ سنڀالي، ردعمل ۾ کين حسد جو نشانو بنايو. جيتوڻيڪ عربن ٿوري عرصي اندر شام، عراق، مصر، ايران، الهندي آفريڪا، يورپ جي هڪ حصي، وچ ايشيا ۽ سنڌ تي پنهنجون حڪومتون قائم ڪري، انهن جو استحصال ڪيو. ليڪن انهن جنگين ۾ غلط ڪمن کين اهڙو ڪمزور ڪيو جو ڀين ملڪن عرب حڪومتن خلاف بغاوتون ڪري، پنهنجون حڪومتون قائم ڪري ڇڏيون. مذهب نالي ۾ ساڳيو رهيو پر ان کي سياسي اختلافن فرقن ۾ ورهائي، ڪمزور بنائي ڇڏيو. ان جو مکيہ ڪارڻ اهو هو تہ اسلام جي اصل مقصدن ± محبت، اهنسا، امن ۽ رواداريءَ کي وساري، عرب حاڪمن اقتدار جي هوس ۾ نفرت، تشدد، فساد ۽ اڻ سهپ کان ڪم ورتو. دنيا ۾ حضرت محمد صلعم، ويدڪ ڌرم، رازشتررزم، ٻڌ ڌرم، جين ڌرم، جبيزم (يهوديت) ۽ مسيحت جي مکيہ اصولن کي هڪ بين الاقوامي پيغام ماتحت گڏ ڪرڻ لاءِ پيدا ٿيو هو ليڪن ان جي ساٿين اقتدار جي حوس، ذاتي ۽ طبقاتي مفاد خاطر اسلام جي بين الاقوامي مشن کي وساري، ان کي سامراجي ذهنيت وارو مذهب بنائي ڇڏيو.

هن وقت ماڻهو مجبور ٿي، بقاءَ باهمي (لڪم دينڪم ولي دين) جي پوئلڳي ۾ (Co-Existaence) جي نظريي مطابق باهمي تعاون ڪرڻ طرف رجوع ٿيا آهن. ليڪن ان جي راهہ ۾، پاڪستاني تشريح وارو اسلام ۽ ڪميونزم رڪاوٽ بنيا بيٺا آهن.

آءٌ مٿي مختصر طور مختلف مذهبن جي مختلف تعليم ۽ اصولن جو ذڪر ڪري آيو آهيان. اهو بہ ڄاڻايو اٿم تہ ڪيئن مذهب ابتدا کان وٺي بدليل حالتن ۽ ماڻهن جي ذهني ارتقا مطابق ترقي ڪندو انسان ذات جي رهبري ڪندو آيو آهي، ۽ ڪهڙي طرح مذهبن هڪ ٻين کان سبق پرايا آهن.

سنڌ تي نون مذهبن (۱) ائني مسٽ (جاندار شين ۾ روحن جي اعتقاد وارو مذهب)، (2) اِن ائني مسٽ (غير جاندار شين ۾ روحن جي اعتقاد وارو مذهب)، (3) ويدڪ ڌرم، (4) ٻڌ ڌرم، (5) جين مت، (6) زراشتررزم ۽ ان جي شاخن، (7) يهوديت، (8) مسيحت، ۽ (9) اسلام ± پنهنجا اثر ڇڏيا آهن ۽ انهن گڏجي هتان جي مذهبي تخيل جي ساخت ڪئي هئي. مٿي هرهڪ جو مختصر ذڪر ڪري آيو

www.sindhsalamat.com

آهيان. ۽ اهو ٻڌايو اٿم ته ڪهڙي طرح سنڌ جي صوفيائي اڪرام انهن مان سبق حاصل ڪري، پنهنجو پيغام مرتب ڪيو.

هيٺ آءُ سنڌ جي درويشن جي بين الاقوامي پيغام ۽ مشن جو مختصر احوال پيش ڪندس:

ڪتاب جي پهرين فصل ۾ مختصر طرح سنڌ تي ڌارين سامراجي قومن جي حملن، تسلط ۽ اثرن ۽ وقت به وقت سنڌ طرفان پنهنجي آزاديءَ جي بچاءَ لاءِ ڪيل ڪوشش جو ذڪر ڪيو آهي. اهڙيءَ طرح مذهبن جا مستقل مفاد به- سامراجي ذهنيت وانگر ± هڪ ٻين تي تسلط قائم ڪرڻ جون ڪوششون پئي ڪيون آهن. نيٺ ڪن مدبرڪن، سڀني مذهبن پويان وحدت پرکي، بقاءِ باهمي جي اصولن مطابق جملي مذهبن مان سٺيون ڳالهيون چونڊي، هڪ معجون مرڪب بنائي، ان جو نالو تصوف رکيو. جيتوڻيڪ ان کان اڳ يا ان وقت ڪيترن بزرگن مذهبن جو نچوڙ ڪڍي، ماڻهن ۾ اتحاد پيدا ڪرڻ جون ڪوششون پئي ڪيون هيون. انهن مان ڪي هيءَ هئا:

(1) ايران ۾ حضرت مالي: يهوديت، زراشٽرزم، مسيحيت ۽ ٻڌ ڌرم جي عمدين هدايتن کي چونڊي، انهن جو جوهر ڪڍي، ماڻهن جي سامهون پيش ڪيو.

(2) ڀارت ۾ گرونانڪ: (جنم: 1469ع-وفات: 1538ع)، اسلام، هندو ڌرم ۽ ٻڌ ڌرم جي عمدن اصولن جي آڌار تي ماڻهن ۾ اتحاد آڻڻ جي ڪوشش ڪئي. هن شيخ فريد الدين شڪر گنج جي تعليم مان به استفادو ڪيو هو.

(3) ڪبير ڀڳت: اسلام ۽ هندو ڌرم مان جوهر ڪڍي، ماڻهن کي هڪ ٿيڻ لاءِ پنهنجي بي بها ٻاڻي (شعر) ذريعي هدايت ڪئي.

(4) ايران ۽ ڀارت جي ڪن بزرگن، مختلف علمن جي واقفيت بعد، ڪثرت مذهبن جي عقائد پويان بنيادي وحدت ڏسي، تصوف جي تحريڪ کي پڪيڙيو.

(5) راجا رام موهن راءِ ۽ سندس ساٿين هندو ڌرم، مسيحيت ۽ اسلام جي مکيه تعليمات جو تت ڪڍي "برهمو سماج تحريڪ" ذريعي اتحاد آڻڻ جي ڪوشش ڪئي.

(6) سنڌ ۾ جتي گذريل هزارين ورهين ۾ مٿي ذڪر ڪيل نون مذهبن ۽ پنجن تحريڪن پنهنجا اثر ڇڏيا هئا، اُتي سنڌ جي صوفي بزرگن ۽ اَڪيچار درويشن- خاص ڪري شاهه عنايت شهيد (جهوڪ واري)، شاهه لطيف، سچل سرمست، روحل فقير (ڪنڊڙيءَ واري)، قادر بخش بيدل (روهڙيءَ واري)، فقير خوش خير محمد هيسباڻي، مصري شاهه (نصرپور واري)، سامي ۽ دلپت ± جملي مذهبن پويان بنيادي

www.sindhsalamat.com

وحدت پرڪي ڪن مکيہ اصولن پٽاندر پنهنجي پيغام پکيڙڻ جي ڪوشش ڪئي. جن مان ڪي هي هئا:

(1) مذهب هڪ هو جنهن مختلف وقتن ۽ زماني جي تقاضا موجب ترقي پئي ڪئي هئي ۽ جنهن جو مقصد اتحاد انساني امن عالم ۽ ترقيءِ انساني هو.

(2) وحدت الوجود يا ويدانت مطابق وجود يا ذات مطلق هڪ هئي ۽ ٻيا سڀ اُن جا مختلف مظهر هئا. ان ڪري ذات کي سچائي صفات ۾ ڳاڻڻ يا گمراهه ٿيڻ نہ کپي.

(3) جملي مذهبن جو جوهر عشق (محبت) هو.

عشق سارو اسلام مذهبن محبت عين مبارڪ.

(4) ڪثرت اَرواح ۽ اُنهن جي جزا ۽ سزا واري نظريي. ڪرمن جي ڦل ۽ جوڙين جي چڪر کان آزاد ٿي صفات مان نڪري ذات ۾ سمائجڻو هو.

(5) آهنسا. محبت جو جوهر ۽ تشدد حيواني قانون هو.

انساني اتحاد لاءِ رواداري. بقاءِ باهمي ۽ باهمي تعاون لازمي هئا.

(6) شريعتن کان وڌيڪ طريقت هئي جنهن جو بنياد اِخلاق حميده ۽ عمل صالح تي رکيل هو.

اِڳتي هلي اُنهن اثرن هيٺ تصوف. هيومنزم. ٿياسافي ۽ سکيزم جي تحريڪن تقويت ورتي.

هن فصل ۾ مون سنڌ جي گذريل پنجن هزارن ورهين جي مذهبي ارتقا جي تاريخ پيش ڪري آخر صوفين طرفان پيش ڪيل اصولن لاءِ مواد پيش ڪيو آهي. پڙهندڙن کي معلوم ٿي چڪو هوندو تہ مٿي هيٺيون ڳالهيون بيان ٿي چڪيون آهن:

ما فوق الفطرت طاقتن جي ويساهہ سبب اُنهن جي خراب اثرن کان ڊڄڻ ۽ خوبين مان فائدي حاصل ڪرڻ جو ذڪر ۽ ان مان پيدا ٿيل مذهبي عقيدا.

غير جاندار شين ± سورج. چنڊ. سيارن. برجن. جبلن. هوا پاڻيءَ باهہ ۽ زمين وغيره ۾ روحن جي وجود ۽ سندن ماڻهن جي قسمتن تي سٺن يا خراب اثرن جو ذڪر.

ڪثرت خدائن جي عقيدن ايجاد ٿيڻ بعد اصنام (بت) پرستيءَ جو رواج.

تريمورتيءَ. دوئيءَ ۽ توحيد جي تاريخي ارتقا.

جاندار ۽ غير جاندار شين جي مذهبي عقيدن جا ثبوت. موهن جي دڙي مان پيش ڪيل آهن. پوءِ آرين جي اچڻ کان پوءِ تري مورتيءَ. دوئي ۽ توحيد جا نظريا

www.sindhsalamat.com

اِختلافي رنگ ڏيئي ويچا وڌائي ڇڏيا. ٻين مذهبن کي ڇڏي جيڪڏهن اسان اسلام جي اِرتقائي تاريخ تي نظر ڪنداسون تہ معلوم ٿي ويندو تہ:

عربن جو اسلامي تصور علحده هو. ايرانين وٽ اِسلام جدا رنگ ۾ صورت اختيار ڪئي. يورپ وارن اسلام کي جدا نموني پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ۽ سنڌ ۾ اسلام جي تشريح جدا ٿي.

وضاحت طور مٿين جدا جدا اسلامي تصورن جو ذڪر هيٺ ڏجي ٿو:

## عربن جو اسلامي تصور

هر ملڪ ۾ عام ماڻهن تي پنهنجي قديم روايتن، سماجي رسمن، قديم مذهبي عقيدن طبيعتي رجحانن، آبهوا ۽ نسلي لاڙن جو اثر پوي ٿو.

عرب ملڪ ± جنهن ۾ هن وقت سعودي عرب جي حڪومت شامل آهي ± زياده تر بيابان، رڻ پٽ، خشڪ زمين ۽ جابلو حصي مشتمل آهي. اُتي جا رهاڪو ± چند شهرن جي رهاڪن کان سواءِ ± خانہ بدوش، بدويانہ زندگي گذاريندڙ چوپائي مال، ڏاچين جي کير، گلورين ۽ ڳوهن تي گذارندو ڪندڙ قبيلن ۾ ورهايل، ٿوريءَ ڳالهہ تان جنگ جدل ڪندڙ ورهين تائين وير رکندڙ ۽ وهم پرست پئي رهيا هئا. اُنهن تي جيتوڻيڪ مختلف مذهبن جي پيروڪارن جهڙوڪ: آتش پرست پارسين، بت پرست ۽ شو جي پوڄاري هندن، يهودين ۽ نصارن جا اثر پئي پيا، ليڪن اڪثر ڪري هو پنهنجي بدويانہ روايتن ۽ دستورن طرف موٽي پئي ويا. عرب جا ماڻهو صاف دل ۽ ساده مزاج هئا. جڏهن قدرت کين نوازڻ طرف راغب ٿي تہ منجهن حضرت محمد صلعم پيدا ٿيو. اُن کين جيڪا تعليم ڏني اُن جا ٻہ پهلو هئا.

(1) عربن کي پست حالتن مان ڪڍي، باهمي جهيڙن سبب ورهايل ماڻهن کي متحد ڪري هڪ دستور العمل (شريعت) ڏئي هڪ قوم بنائڻ ۽ کين انسان ذات جي مکيہ مسئلن، امن عالم اتحاد انساني عملِ صالح، اخلاق حميده ۽ زندگيءَ جي اونهن اسرارن سان روشناس ڪرائڻ.

رسول مقبول پهرينءَ مشن کي پنهنجي زندگي ۾ تقريبن پورو ڪري عربن کي هڪ پليٽ فارم تي بيهاري، هڪ قوم بنائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو، ليڪن ٻي مشن دور دراز هئي. جنهن لاءِ وقت ۽ صالح ماڻهن جي ضرورت هئي جن ذريعي تعليم ۽ تربيت ڏئي اُن کي سرانجام ڪرڻو هو. پر کيس وقت نہ مليو ۽ اُن جي تڪميل جو سمورو بار پوين تي وجهي ويو. پيغمبر خدا جي برقعي متائڻ بعد سندس اڪثر

www.sindhsalamat.com

پوئلڳ پهرئين مقصد ڏانهن مائل رهيا. ۽ صرف چند علم ڪان وانجهيل صحابين (راسخ العلم صعابين) ٻئي طرف توجهه ڏنو.

جيئن تہ عربن جي گهٽائي ذهني ۽ روحاني طرح ٻئي مقصد جي حصول لاءِ تيار نہ هئي. اُن ڪري اُن صيغہ علم ۽ مقصد عرب ڪان ٻاهر نڪري وڏيڪ مهذب ماڻهن ۾ وڃي نشونما پاتي. پهرئين گروهہ جي ڪار گذاريءَ جي ڪري ظاهري ناٽي وارن مسلمانن جو تعداد ۽ حڪومت جو دائرو وڌيو ليڪن صحيح اسلام ۽ عالمگير مشن وارو مقصد حاصل ٿي نہ سگهيو. پهرئين گروهہ تشدد، حڪومت، عربي عصبيت ۽ عربي سامراج جي حصول لاءِ زياده ڌيان ڏنو جنهن ڪري قتل و غارت، خود مطلبي ظاهر پرستي، ذاتي قبيلائي دشمنيون وڌنديون رهيون. ان پاليسي سبب ٽي خليفا قتل ٿي ويا. ۽ اهلبيت رسول کي جلاوطن ٿي ڪربلا جي ميدان ۾ ٻي يارو مددگار عرب مسلمانن جي هٿان شهيد ٿيڻو پيو. عربن جي قبيلائي ضد جي اها حالت هئي جو سون ورهين تائين مسجدن ۾ جمعي جي خطبن ۾ رسول مقبول صلي الله عليہ وسلم جي اولاد تي شب و ستم (لعنت ملامت) ڪرائيندا رهيا.

تاريخ کي چتائي ڏسبو تہ ان پاليسيءَ جي ڪري عربن جي روحاني ۽ اخلاقي حالت گهٽجي وڃي چند ماڻهن تائين محدود رهي. خود عربن پنهنجي حڪومتن جا مرڪز مڪي ۽ مديني جي عيوض عراق (بغداد)، شام (دمشق) ۽ مصر (قاهره) ۾ وڃي ڪيا. رسول مقبول جي روضي اطهر ۾ سندس اهلبيت مان ڪنهن کي دفن ڪرڻ جو موقعو نہ ڏنو ويو. خود حرم شريف جي دروازن مان ڪنهن کي بہ اهلبيت جي نالن سان منسوب نہ ڪيو ويو. هن وقت بہ دنيا جي پٺتي پيل ماڻهن مان فقط عرب ئي چوريءَ جي سزا لاءِ هٿ وڍاين ٿا. ۽ خون جي عيوض ڏوهارين کي جلادن هٿان حرم جي دروازي تي عام مجمعي جي آڏو قتل ڪرائين ٿا. سندن سرشت ۾ تعصب ۽ تشدد سمائجي ويو آهي عربن جي اڪثريت اسلام جي بنيادي مقصدن ۽ اصولن کان غير واقف آهي.

رسول مقبول جڏهن کين اسلام جو پيغام پهچايو هو تہ اُن وقت عرب قبيلائي دشمنين ۽ جنگ جدل جي ڪري هڪ ٻئي جا دشمن، گروهن ۾ ورهايل. شراب، جوئا، زنا ۽ ٻين برين عادتن ۾ غرق. بت پرستيءَ ۽ وهم پرستيءَ ۾ ڦاٿل ۽ غريب، خانہ بدوش ۽ ڪمزور هئا. رسول جي اخلاقي ۽ مذهبي تعليم ۽ روحاني تصرف کين قبيلائي اختلافن مان ڪڍي هڪ قوم بنايو ۽ شرابخوري، زنا، جوئا ۽ ٻين بد رسمن ۽ بد اخلاقن کان آجو ڪيو. سارو عرب هڪ سياسي نظام هيٺ اچي ويو. بت پرستيءَ

www.sindhsalamat.com

۽ وهم پرستيءَ مان نڪري، توحيد جو نظريو پڪڙيو. اِن سموري ڪم لاءِ گهڻي حد تائين وعظ ۽ نصيحت جا طريقا ڪم آندا ويا، پر ڪن جاين تي حالتن آهر سختيءَ کان به ڪم ورتو ويو. نتيجي طور سارو عرب متحد ٿي هڪ مذهب ۽ حڪومت هيٺ رهڻ لاءِ تيار ٿي ويو. عرب غربت مان نڪري سگهيا ٿيا. ۽ پروارن ملڪن کي فتح ڪري سامراج قائم ڪيائون. پر اِن ڳالھ کان انڪار ڪري نه سگهبو ته جن ملڪن تي عربن قبضا ڄمايا هئا، سي وڌيڪ مطمئن، قديم تهذيبن ۽ وڏين شهنشاهن جا مالڪ هئا. اي عربن کان وڌيڪ علمي ذخيرو هو ۽ ٻين عالمگير مذهبن جا مرڪز قائم ٿيل هئا. پيغمبر خدا جي برڪت سان پيدا ٿيل اتحاد سبب، عربن ٻيا ملڪ فتح ڪري، مال ملڪيتون ۽ خزانا حاصل ڪري، عرب سامراج جو دائرو وڌايو پر هنن کان ڪي غلطيون سرزد ٿي ويون ± جهڙوڪ:

مفتوح ملڪن جي ماڻهن کي عجمي (گونگا) سڏي، عربي قوميت جي برتري ظاهر ڪرڻ لاءِ مٿن اسلام جي نالي ۽ عربي زبان، رسم رواج، دستور ۽ رايا. زوريءَ مڙهيائون ۽ ڪين پنهنجي قديم ۽ بهتر مذهبن کان ڦيرائڻ جي ڪوشش ڪيائون. مڪاني زبانن ۽ رسم الخطن کي بدلايو ويو. ماڻهن جا اصلي نالا بدلرائي، عربي نالا رکڻ جو رواج وڌائون. مفتوحن تي ايترو ته اثر وڌائون، جو انهن پنهنجون اصلي ذاتيون مٽائي، عربي نسل مان سڏائڻ شروع ڪيو. مفتوح ملڪن مان ڦر وسيلي هٿ ڪيل مال کي مال غنيمت سڏي پنهنجي ڪم آندائون. اتان زالن ۽ مردن کي غلام بنائي، پنهنجي ملڪ ۾ اچي وڪرو ڪيائون، ۽ غلام زالن کي نڪاح کان سواءِ ڪتب آڻڻ جائز ٺهرايائون.

مفتوح ملڪن جي قديم مذهبن کي زوريءَ ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائون. قرآن شريف جي واضع ۽ صريح حڪمن جي خلاف ظاهر ڪيائون ته حضرت محمد صلعم جي آمد بعد اڳوڻا سڀ مذهب منسوخ ٿي ويا هئا ۽ انهن جون ڪيتريون ڳالهيون عمل لائق نه رهيون هيون. نتيجي طور پيغمبر اسلام جي- ڪثرت مذهب پويان وحدت واري- پيغام جي مشن رهجي وئي.

قرآن شريف ۾ هو ته "لا اڪراه في الدين" - (دين جي معاملي ۾ زور زبردستي نه آهي)، پر هنن زوريءَ دين پڪيڙڻ شروع ڪيو. قرآن شريف دين جي معاملي م رواداريءَ (لڪم دينڪم ولي دين) جو قائل هو، پر هنن ان اصول کي ڦٽو ڪري، اسلام کان سواءِ ٻين دينن کي ڪفر سڏيو. قرآني تعليم موجب ماڻهو جم کان آزاد ۽ برابر هو پر هنن ان حڪم جي ابتڙ آزاد ماڻهن کي غلام بنائي، سنڌن آزاديءَ ۽

www.sindhsalamat.com

برابريءَ کي ختم ڪيو. قرآن ٻڌايو هو تہ ٻئي ماڻهو جي ملڪيت بنا معاوضي ڦرڻ، لٽڻ يا هٿ ڪرڻ گناهه هو پر هنن عرب سامراج جي مفاد لاءِ ٻين قومن ۽ ماڻهن جي ملڪيت کي زوريءَ ڦرڻ۔ مذهب اسلام جو جزو بنائي ڇڏيو. اسلام جهڙي طرح شخصي آزاديءَ جو قائل هو اهڙي طرح قومن جي آزاديءَ جو رکپال هو. ليڪن هنن ٻين قومن کي زوريءَ فتح ڪري پنهنجي سامراج هيٺ آندو. اسلام جو حڪم هو تہ پرائي زال سان زنا ڪرڻ وڏو گناهه ۽ سنگسار ٿيڻ لائق هو پر هنن عربن جي سهوليت ۽ عياشيءَ لاءِ ٻين قومن جي زالن سان بنا نڪاح زنا ڪرڻ جائز ٺهرايو. عربن جن ملڪن کي فتح ڪيو اهي قديم تهذيبن، سڌريل ڪلچرن، ترقي يافتہ زبانن ۽ علمن، وڏن ڪتب خانن جا مالڪ هئا. انهن وٽ صدين کان حاصل ڪيل علمن جا ذخيرا، سان راڳ ۽ فن لطيف جا نادر نمونا موجود هئا. پر عربن فتح جي جوش ۽ جنون ۾ اچي، اهي ڪتب خانا ساڙائي ڇڏيا. جنهن ڪري دنيا هزارن ورهين جي گڏ ڪيل علمي ذخيري کان محروم رهجي وئي. فنون لطيفہ جا نادر ذخيرا، بت پرستيءَ کان بچڻ جي عذر تي ناس ڪيا ويا. تصويرن، پتلن، ساز ۽ راڳ کي ممنوع ٺهرايو ويو. جهڙي طرح اڄ ڪالهہ ڪميونسٽ جوش جنون ۾ اچي مارڪس، لينن، مائوزيتنگ وغيره جي ڳالهين کان سواءِ ٻي ڳالهہ ٻڌڻ لاءِ تيار ناهن. اهڙي طرح عربن ۽ سندن هم خيال نون مسلمانن، هر قديم عقيدي ۽ شيءِ کي ختم ڪري، سامراجي اثر هيٺ رکڻ جي ڪوشش ڪئي. چوڻ لڳا تہ قرآن ۽ حديث ڪافي هئا، ۽ ٻي ڪنهن ڳالهہ جي ضرورت ڪانہ هئي. پر هنن ان ڳالهہ ڏي توجهہ ئي نہ ڏنو تہ خود قرآن ۽ رسول وڏي واڪي پئي چيو تہ:

"زمين ۾ پکڙي وڃو". "علم حاصل ڪريو توڙي چين وڃڻو پوي!"

"اندر جي اکين وارن کي هر شيءِ مان سبق حاصل ڪرڻ گهرجي."

"خود خدا جي سڃاڻپ بہ مخلوق ذريعي حاصل ٿيڻي آهي."

جملي ڪتاب، علم، تصويرون، مجسما ۽ زبانون، فطرت الاهي ۽ تاريخي تجربن جي پيداوار هيون. اُهي معرفت ۽ ڪردار جي ڪتاب جا ورق ۽ نشانيون هيون. هي عرب ڪير ٿيندا هئا، جيڪي خالق اڪبر جي پيدا ڪيل زماني ("زماني کي برو نہ چئو جو زمانو خدا پاڻ آهي" ۔ قرآن) جي شين کي پنهنجي آمرانہ نقط نگاهہ کان غلط سمجهي، پاڻ کي صحيح ڄاڻي، ختم ڪن. خدا طرفان چيو ويو هو تہ اسلام نئون دين ڪونہ هو پر اڳين دينن کي سڌارڻ ۽ سچو ثابت ڪرڻ لاءِ آيو هو ۽ ان کي ڪثرت پٺيان وحدت پرکڻ جو ڪم سپرد ڪيل هو.

www.sindhsalamat.com

عربن آهستي ڪري اسلام کي اهڙي رنگ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي، جڻ تہ عرب قوميت، عربي زبان، عربي عبادت، عربي مذهبي عقيدا ۽ اسلام ساڳي ڳالهہ هئا. تنهن ڪري هر عربي ڳالهہ کي غير اسلامي ۽ بدعت سڏيو ويو. عرب جي سرزمين تي مرڻ باعث نجات سمجهيو ويو. عربي زبان ۾ بنا معنيٰ سمجهڻ جي عبادت ڪرڻ لازمي ٺهرائي وئي. مختلف ملڪن ۾ مروج شادين ۽ غمگين جي دستورن کي ڪڍي، عربي دستور مروج ڪيا ويا. مسلمان ٿيڻ لاءِ عربي لباس پائڻ ۽ عربي نالا رکائڻ لازمي سمجهيا ويا. روحانيت ۽ عقل جي ڳالهين کي فوقيت ڏيڻ بدران يهودين ۽ برهمڻن وانگر ظاهري عبادتن ۽ وردن وظيفن کي اسلامي شريعت سمجهي، اهميت ڏني وئي. خدا جي فضل، اخلاق جي اصولن ۽ عمل صالح جي هدايتن کي پٺي پويان اُڇلايو ويو. قرآن ۾ چِٽائيو ويو هو تہ "دين جي معاملي ۾ زبردستي جائز نہ آهي"؛ "ماڻهن کي حق طرف وعظ نصيحت ۽ حڪمت ذريعي آڻيو". ۽ "مذهب جي معاملي ۾ بقاءِ باهميءَ جي اصولن کي مدنظر رکو" - پر هنن سامراجي ذهنيت رکندڙ اُنن جي کير پيئندڙ ۽ گلوريون کائيندڙ عربن، مذهب کي پنهنجي سامراجي مفادن جو هٿيار بنائي، هر ڳالهہ ۾ تشدد لازمي ٺهرائي، ماڻهن کي خود ساختہ عربي ساخت جي اسلام جي قالب ۾ سمائڻ جي ڪوشش ڪئي. هنن جهاد (زبردستي) ذريعي ملڪ فتح ڪرڻ، پنهنجا رايا ٻين تي مڙهڻ وغيره کي اسلام سمجهيو. هن اندر اُجاڙڻ جي عيوض ظاهر پرستيءَ تي زور ڏنو، فقهہ کي اسلام ۾ اول درجو ڏنو. "الله اڪبر". خدا جي جلال جي هر طرف مظهر ڏسڻ جو نعرو هو. پر هنن اُن نعري کي جانورن کي ذبح ڪرڻ ۽ ماڻهن کي قتل ڪرڻ جو "سلوگن" (آواز ± نعرو) ڪٿي بنايو. هنن اسلام ۾ جهڙي امن، سلامتي ۽ محبت جي پرچارڪ دين کي فساد، نفاق جو دين ڪٿي بنايو. سامراجيت جو آلو بنائي ڇڏيو. اسلام دنيا لاءِ رحمت جو دين ۽ پيغمبر صلعم رحمتہ العالمين بنجي آيو هو. ليڪن عربن اُن دين کي عربي سامراج لاءِ ظلم ۽ جنگ جدل جو دين بنائي ڇڏيو.

مٿين ڳالهين جو نتيجو اهو نڪتو تہ مفتوح ملڪن ۾ رد عمل پيدا ٿيا ۽ اُهي عرب سامراج جا مخالف بنجي پيا. ٻئي طرف خود عربن ۾ اقتدار لاءِ ڇتاپيڻي شروع ٿي وئي. بني عباسين، بني اميہ خاندان ۽ حڪومت کي ختم ڪيو. ليڪن جڏهن عباسين بہ ساڳي طرح مذهب ۽ سياست کي گڏ عرب سامراج قائم رکڻ گهريو تہ حالتون اهڙيون پيدا ٿي ويون جو اسلام ۾ مکيہ سياسي گروهن ۾ ورهائجي

www.sindhsalamat.com

ويو. جيڪي عرب سامراج جا حامي رهيا تن سني سڏائڻ شروع ڪيو ۽ جن اُن جي مخالفت ڪئي سي شيعا سڏائڻ لڳا.

عرب هڪ وقت ايران ۾ ايرانين جا پگهاردار سپاهي ٿي ڪم ڪندا هئا، پر جڏهن هنن ايران فتح ڪري پنهنجي سلطنت ۽ تسلط قائم ڪيو تہ ايرانين ۾ عربن خلاف ايتري تہ مخالفت پيدا ٿي پئي. جو ايران جو قومي شاعر "فردوسيءَ" کي مجبور ٿي چوڻو پيو تہ:

زشيرو شتر خوردن سو سمار
عرب را بجاء رسيده است کار
ڪتخت ڪيان را ڪندا آرزو؟
تفو برتو اي چرخ گردان تفو!

معني۔ "اوٺڙين جو کير پيئندڙ ۽ گوهون کائيندڙ (ع ـ بن) کي اهڙي جرئت ٿي آهي جو ڪياني شهنشاهيت جي تخت تي (قابض ٿيڻ جي) آرزو رکن ٿا؟ اي گردش زمانہ (آسمان) توکي حيف هجي!"

انهن دشمنين ايتري قدر زور ورتو جو آخر ۾ عباسين جي هڪ شيعي وزيراعظم هالاڪو خان منگول کي دعوت ڏني، عباسين جي حڪومت کي برباد ڪري ڇڏيو.

## ايران ۾ اسلام جي تشريح

ايرانين کي قديم وقت کان پنهنجي تهذيب ۽ پنهنجو تمدن هئو. هنن جي شهنشاهيت تمام وڏي هئي. ڪو وقت سنڌ، ترڪستان، عراق، شام، ايشيا مائنر ۽ مصر بہ اُن جي ماتحت هئا. ۽ عربستان جا رهاڪو ايران جي لشڪر ۾ پرتي ٿي خدمتگار رهندا هئا. هنن (ايرانين) پنهنجا پيغمبر پيدا ڪيا. جن پنهنجا مذهب۔ زردشت، مترا، مزدهڪ ۽ مالي۔ پيش ڪيا. جن جو مختصر ذڪر مٿي ڪري آيو آهيان. هنن دنيا کي دوئيءَ جي فلسفي کان واقف ڪيو. جنهن هر هڪ شيءِ جا بہ طرف ٿي ڏيکاريا. ايتري قدر جو فوق الفطرت طاقتون (خدا) بہ ٻن گروهن ± اهر مزد ۽ اهرمن (چڱائي ۽ برائي جون طاقتون) ۔ ۾ ورهائي، ڪارفرما ٿيندڙ ڏيکاريائون. نور ۽ ظلمات، حق ۽ ناحق، روح ۽ مادي ذريعي اُنهن ٻنهي طرفن جي تميز ڪرائي ٿي. هنن سورج کي نور جو منبع ۽ باهہ کي زمين جو نمائندو تصور ڪري اُن جي پوڄا شروع ڪئي. سورج کي نور جو مرڪز ۽ اونداهيءَ کي گمراهيءَ جو نشان ڪري مڃيائون.

www.sindhsalamat.com

ملائڪ ۽ شيطان انهيءَ تصور جي پيدائش هئا. ايرانين تي جڏهن اسلام جي عربن واري تعبير مڙهي وئي ته آهستي ڪري هنن سني فرقي کي ترڪ ڪري شيعا فرقو اختيار ڪيو، ڇاڪاڻ ته شيعن حضرت عليءَ کي حضرت محمد صلعم جي حديث ± "انا مدينة العلم وعلي بابها" (آئون علم جو شهر ۽ علي ان جو دروازو آهي) موجب روحانيت جو علمبردار ٿي سمجهيو. ان کانسواءِ هنن انهيءَ بهاني سان عرب سامراج جي غلاميءَ کان آزادي حاصل ڪرڻ گهري ٿي. اهل سنت وجماعت کي عرب خليفي جي مذهبي ايجنسي سمجهي، عرب سامراج جي نمائنده تصور ڪيائون ٿي. اُن ڪري هنن سياست ۾ قوم پرستيءَ کي ترجيح ڏني. ٿوري وقت کانپوءِ هنن پنهنجي ڪلچر ۽ زبان کي نئين سر زور وٺائي عربي زبان ۽ ڪلچر کان پاڻ کي آزاد ڪيو.

ايراني آريا نسل مان هئا ۽ عرب دراويدي نسل جي شاخ مان هئا. اڳتي هلي ايرانين جي ڪلچر ۽ زبان ايتريقدر ترقي ڪئي، جو جڏهن منگولن ڪين فتح ڪري پنهنجو سامراج قائم ڪيو ته اُهي به سندن رنگ ۾ رڱجي ويا. پوءِ ترڪن ۽ مغلن به ايراني ڪلچر ۽ زبان کي اختيار ڪيو.

اسلام جي تعليم جيتوڻيڪ حضرت محمد صلعم عرب مان پيش ڪئي هئي، ليڪن جيئن مٿي ڄاڻائي آيو آهيان ته عربن پنهنجي سامراجي مفاد ۽ جنگجو ۽ وحشيانه ذهنيت سبب ظاهرداريءَ کي چنبڙي اُن کي بگاڙي ڇڏيو پر اسلام ايران ۾ اچڻ کان پوءِ مانيزم جي سمجهاڻيءَ مطابق اُتان جي گذشته تهذيب جي اثر هيٺ اهڙي پسنديده انداز ۾ پيش ٿيو جو اُن جي تعليم جو اثر اسلامي دنيا جي گهڻي حصي تي ڇانئجي ويو. منصور حلاج، خواجه فريدالدين عطار، مولانا جلال الدين رومي شمس تبريز ۽ حڪيم سنائي وغيره اسلام جي ايراني تشريح جا موجد هئا، جنهن جو بنياد عشق ۽ محبت جي جذبي تي رکيل هو. عربن نفرت جو سبق سيکاريو هو.

مٿي ذڪر ڪيل بزرگن حضرت مانيءَ جي تعليم مان سبق وٺي ويدڪ ڌرم، ٻڌ ڌرم، مسيحيت ۽ اسلام جي تعليم جو جوهر ڪڍي، اسلامي تصوف جو بنياد وڌو. ايرانين جا عالم ۽ دانشور (درويش) مغلن ۽ سمن جي دور حڪومتن ۾ مڪاني حاڪمن جي قدر شناسيءَ سبب سنڌ ۽ هند ۾ گهڻي تعداد ۾ آيا. منصور ۽ سرمد وغيره به ايران کان سنڌ ۾ آيا هئا. شاهه عنايت شهيد، شاهه لطيف، سچل سرمست ۽ بيدل سائين ۽ ٻين سنڌي درويشن تي ايراني اسلام جي تصوف جو گهڻو اثر پيو.

www.sindhsalamat.com

فارسي زبان گهڻي وقت تائين سنڌ جي سرڪاري ۽ درسي زبان رهي. هنن اخلاقيات ۽ تصوف جي باري ۾ اسلام جي عربن کان بهتر تشريح ڪئي.

## يورپ ۾ اسلام جي تشريح

جڏهن اسلام جو آواز عرب مان نڪتو ته اُن وقت يورپ جي گهڻي حصي ايشيا مائنر ۽ شام تائين رومن سامراج جو تسلط هو. جڏهن مسلمانن اُيرندي کان آسٽريا جي اڌ تائين ملڪ فتح ڪيا، ته رومن سامراج جي هڪ شاخ قسطنطنيه جو تخت گاهه به هنن جي هٿ ۾ آيو. ۽ الهندي طرف سارو اُتر ± آفريڪا، اسپين تائين مسلمانن جي قبضي هيٺ آيا. اُنهيءَ وقت کان اسلام عربن جي تنگ نظر ۽ متعصبانه دائري مان نڪري يونان جي فلسفي ۽ مسيحي مذهب جي جذبي محبت، اهنسا، رهبانيت واري تقوي ۽ روحاني تعليم مان گهڻو ڪجهه فيض پرايو. هڪ طرف ايران جي تصوف ۽ ٻئي طرف مسيحي تقوي ۽ ٽئين طرف يوناني فلسفي گڏجي اسلام جي نئين تعبير لاءِ ماحول سازگار بنايو. جنهن جو بهترين نمونو شيخ الاڪبر محي الدين ابن عربي جي تعليم ذريعي نمودار ٿيو. ابن عربي اسپين جي هڪ عرب خاندان ۾ ڄائو. اُن تي افلاطون نيو فلاطون منصور حلاج جي ويدانتي تعليم ۽ روميءَ ۽ عطار جي تعليم جا اثر پيا.

يورپ تي جيتوڻيڪ سمورو وقت مسيحت جو اثر رهيو ليڪن اُها مسيحت يوناني فلسفي ۽ اسلامي تصوف ۽ نظريه حيات کان متاثر ٿيڻ کان بچي نه سگهي. پراٽسٽنٽ فرقو اُنهن اثرن جي پيداوار هو. اُن کان پوءِ يورپ جي مستشرقين عالمن مثنوي مولانا روم، حديقة حڪيم سنائي، منطق الطير (پکين جي پارليامينٽ) ۽ منصور جي اقوال ۽ احوال کي مغرب سان روشناس ڪرايو. اُن وقت تائين يورپين حڪومتون دنيا جي گهڻي حصي تي غالب پئجي پنهنجو تسلط قائم ڪري ويون هيون. تن ايراني تصوف، يوناني فلسفي ۽ محي الدين ابن عربيءَ جي تعليم کان دنيا جي گهڻي حصي کي واقف ڪرايو. اها اِسلام جي يورپي تشريح وڏيڪ ڪشادي ۽ بالغ نظر هئي.

خلافت جو ادارو مسلمانن ± پوپن جي ڪليسائي تتبع تي ± مسيحت کان ورتو. ليڪن اڳتي هلي جڏهن يورپي قومن، مذهب ۽ سياست کي گڏي ڪليسا (پوپ) جي حڪم هيٺ هلائڻ جي نقصانن مان سبق حاصل ڪيو ته هنن اُن کي گهڻي حصي تائين سياست مان ٻي دخل ڪري ڇڏيو.

www.sindhsalamat.com

پر ته به مسلمان پٺي هٽ وجهي، ترڪن جي خلافت کي چنبڙيا پيا هئا. جيستائين وچي خود ترڪن ان کي پنهنجي مفاد لاءِ نقصانڪار سمجهي، ان اداري کي مرڳو ختم ڪري ڇڏيو.

مسلمانن مغرب کان ڪيترا سبق سکيا. هڪ طرف عربن يورپ ۾ مسيحي ڪليسا جي تتبع تي "خلافت" جو ادارو قائم ڪيو، ٻئي طرف مسلمانن ترڪ سلطنت کي بچائڻ لاءِ، يورپي طاقتن جي هڪ گروهه جي ايجاد ڪيل نظريي "پئن اسلامزم" جي پوئلڳي ڪئي، ۽ ٽئين طرف ترڪ سلطنت ۽ جرمنن جي شموليت سبب، هنن پهرين مهاڀاري جنگ ۾ عرب نيشلزم جو نعرو هڻي، عربن کي ترڪن خلاف لڙايو.

هاڻي عرب ۽ ڪن ٻين مسلمان ملڪن ۾ قومپرستيءَ ۽ سوشلزم جي رجحان کي پکڙجندو ڏسي، وري مغربي قومن مسلم اتحاد جي نالي ۾ مسلمانن کي گمراهه ڪرڻ شروع ڪيو آهي.

يوناني فلسفي ۽ يورپي سائنسي ايجادن، عربن جي اسلام جا گهڻا خوش فهميءَ وارا عقيدا مسمار ڪري، عقل جي پوئلڳيءَ ۽ غير مقلديءَ جا نظريا پيش ڪيا آهن.

## سنڌ جي اسلامي تشريح

عربن بني اُميه سامراج جي دور ۾ سنڌ کي فتح ڪري پنهنجو تسلط قائم ڪيو هو. سنڌ جي عام ماڻهن ۽ مٿاهين طبقي ڪجهه جزئي جي خوف کان، ڪجهه فاتح ڪارندن وٽ پسند پوڻ جي خيال کان ۽ ڪجهه درويشن جي اثر ڪري، اسلام قبول ڪيو. ابتدا ۾ هو ڌارين حڪومتن جي دٻپ کان دٻيا پيا هئا، پر آهستي آهستي هنن کي پتو پيو ته اصل اسلام جدا ڳالهه هو ۽ عرب سامراج طرفان پيش ڪيل اسلام جو تصور جدا هو. اُن ڪري هنن عرب سامراج کي هڪالي پنهنجون حڪومتون قائم ڪيون.

جيئن آئون مٿي بيان ڪري آيو آهيان ته سنڌ تي نون مذهبن جي تعليم جا اثر پيل هئا، اُن ڪري سنڌين جي اڪثريت کي معلوم ٿيو ته عرب سامراج جي اسلامي تشريح کان مڪاني مذهبن جي تعليم هيٺين ڳالهين ۾ بهتر هئي:

عربن جو اسلام تشدد جو حامي هو ۽ هي آهنسا جا پوئلڳ هئا.

عربن جي مذهبي تشريح موجب ٻين ملڪن جي آزادي ختم ڪرڻ ۽ مرد ۽ عورتون غلام بنائڻ جائز هو پر هي اهڙن بد ڪمن کان پري هئا.

www.sindhsalamat.com

عربن، ٻين مذهبن جي پوئلڳن کي ڪافر سمجهي، ساڻن رواداري نہ ٿي رکي، بلڪ اُنهن کي ذليل حالت ۾ رکڻ روا ٿي ڄاتو. مٿي ۾ پيرين اُگهاڙي هلڻ، گڏهن تي چڙهڻ ۾ پاڻ سان ڪتن کي گڏ رکڻ جون ڳالهيون هتان جي اڳوڻن حاڪمن وٽ نہ هيون. هنن سنڌ ۾ ويدڪ ڌرم، ٻڌ ڌرم، جين ڌرم ۾ پارسي مذهب جي ماڻهن کي هڪجهڙا حق ڏنا هئا. مذڪور مذهبن جي پوئلڳن جون سنڌ ۾ عبادتگاهون هيون، جن تي حڪومت طرفان بندش يا رنڊڪ ڪا نہ هوندي هئي. پر ڪن حالتن ۾ پاڻ حڪومت طرفان هنن سان همدردانہ سلوڪ اختيار ڪري، کين انعام ۾ وظيفا ڏنا ويندا هئا.

سنڌ ۾ زوريءَ مذهب بدلائڻ جو دستور ڪو نہ هو. عربن اُن جي خلاف حڪومت ذريعي اهڙا طريقا اختيار ڪيا، جو ماڻهو يا تہ اڇوتن وانگر رهن، يا قتل ٿين يا دين بدلائي وحشي عربن جي دين جا پوئلڳ بڻجن. عام ماڻهن ۾ سهپ جو مادو گهٽ هو ۾ جاگيردارانہ نظام حڪومت سبب هنن ۾ احساس ڪمتري پيدا ٿي چڪي هئي ۾ بزدل ٿي پيا هئا. جنهن ڪري مثال مشهور ٿي ويو تہ:

"سنڌ سنئين، وڻ ڏنگا، ماڻهو منجهس خام،
جيڪو ڪٽي موچڙو تنهن جو ڪن سلام."

عربن پنهنجيءَ قوم ۾ زبان جي برتريءَ جو ماڻهن تي ڌاڪو ڄمائي ڇڏيو هو. اُن ڪري عربي زبان سکڻ، عربيءَ ۾ عبادت ڪرڻ، عرب نسل مان سڏائڻ ۾ پاڻ تي عربي نالن رکائڻ جو عام رواج ٿي ويو هو. "ولايت جي ڪهر سنڌ ۾ مينا" سڏجڻ لڳي. سنڌين آرين دور کان وٺي ڌارين طرفان اهڙو سلوڪ ٿيندو نہ ڏٺو هو ۾ نہ پاڻ ڪنهن سان ايئن هليا هئا. اُن ڪري هنن کي ڌڪ ويڙهي ويو تہ متان هي بہ ساڻن اَهڙو سلوڪ ڪن، جهڙو آرين دراويڊين سان ڪيو هو.

قرآني تعليم موجب صحيح مسلمان لاءِ اڳين پيغمبرن ۾ سندن ڪتابن جي تعليم ۾ ويساهہ رکڻ ضروري هو پر هنن عرب ظالمن اُن حڪم جي کليل خلاف ورزي ڪري، اڳين جملي دينن کي منسوخ (رد) ڄاڻايو ٿي. عربي رسم ۽ رواج، دستورن ۾ عقيدن کي شريعت اسلامي سڏي، ٻين مذهبن وارن سان بدتر سلوڪ ڪيو ٿي. سنڌين ڪڏهن بہ اهڙو دستور اڳ نہ ڏٺو هو ۾ نہ ئي سندن مذهبي تعليم ان نموني جي هئي.

عربن پنهنجي ملڪ جي ميلي (حج) کي اسلام جو مکيہ رڪن ٺهرائي عرب ملڪ جي فوقيت برقرار رکڻ جو رواج وڌو پر سنڌين ڪڏهن بہ پاڻ ٻين کان مٿانهون نہ سمجهيو.

www.sindhsalamat.com

آئون مٿي ٻڌائي آيو آهيان تہ سنڌين مٿي ذڪر ڪيل مذهبن مان ڪيترا سبق حاصل ڪيا هئا:

(1) ڀارت جي ويدڪ ڌرم مان سنڌين ڪي ڪرشن جي گيتا ۽ ٻيءَ تعليم ذريعي ويدانيت (وحدت الوجود) جو سبق حاصل ٿيو (2) ڪرشن جي پوڄارڻ شاعره ميران ٻائيءَ جي ٻاڻيءَ ذريعي پريم ۽ ڀڳتيءَ جي تعليم حاصل ٿي، (3) مهاتما ٻڌ جي ڌرم سان محبت، اهنسا، نفي جي اسرارن ۽ ٻڌ ڌرم جي ائن بنيادي اصولن جي واقفيت ٿي، (4) جين ڌرم جي يوگين، سنياسين، آڌوتين ۽ نانگن جي معرفت اهنسا، اندر اجارڻ ۽ دنياوي خواهشن ترڪ ڪرڻ جا سبق مليا، (5) پارسين جي ماني مذهب جي تعليم ۽ ان جي بنياد تي ايجاد ٿيل ايراني تصوف جي متن جي واقفيت ٿي.

اهڙيءَ طرح مذڪور مذهبن جي تعليم سبب سنڌي تشدد، لالچ، خود مطلبي ۽ ظاهر پرستيءَ جي مرضن کان ٻاهر نڪري اهنسا (عدم تشدد)، پراپڪاري اندر اُجارڻ ۽ طريقت جي راهہ تي روان ٿي چڪا هئا. تنهن ڪري غور ڪري ڏسڻ سان معلوم ٿيندو تہ سنڌ جي صوفين تي مٿي ذڪر ڪيل نون مذهبن جي تعليم جو گهرو اثر ٿيل هو ان ڪري هنن مان شاهہ عنايت شهيد، شاهہ لطيف، گرو نانڪ، سچل سرمست، روحل فقير، سامي ۽ بيدل وغيره جهڙا درويش پيدا ٿيا، جن هيٺين اصولن جي بنياد تي جملي مذهبن جي تعليم جو جوهر ڪڍي پيغام پيش ڪيو:

وحدت الوجود (ويدانت).

مذهب هڪ هو ۽ ڪثرت مذاهب پويان بنيادي وحدت لڪل هئي.

اهنسا، زندگيءَ جي بقا ۽ انسان ذات جي فلاح ۽ بهبود جي ڪنجي هئي.

رواداري وسيلي اڪثر متنازعي مسئلا حل ٿي سگهيا ٿي.

بقائي باهمي (Co-Existacnce) جو اصول زندگيءَ جي گهڻن مسئلن حل ڪرائڻ ۾ ڪار آمد ٿي سگهيو ٿي.

محبت، جملي مذهبن جو بنيادي اصول ۽ نقطو هو.

مذهب جو آخري مقصد، اخلاق حميده پيدا ڪري انسان ڪامل بنائڻ هو.

عمل صالح کان سواءِ زندگي جانورن کان بدتر هئي.

سنڌي درويشن مٿي ذڪر ڪيل اصولن موجب مشرق ۽ مغرب جي تعليم جو جوهر ڪڍي پنهنجن شعرن ۽ اقوالن ذريعي اهو پيغام انسان ذات جي رهبريءَ لاءِ پيش ڪيو.

www.sindhsalamat.com

هن وقت مهاجر ± پنجابي مستقل مفاد سامراجين طرفان اسلام جي جيڪا تعبير ڪئي ويجي ٿي، سا گهڻ يا وڌ عرب عرب سامراجين جي پش ڪيل تعليم جي آڌار تي تعمير ڪيل آهي. هنن جو چوڻ آهي تہ:

مسلمان مذهب جي آڌار تي جدا قوم آهن. پر اُها ڳالهہ سنڌي درويشن ڪڏهن قبول نہ ڪئي هئي. شيخ سعدي جي قول "بني آدم اعضائي بڪ ديگراند" الخ موجب انهن جملي انسان ذات ۾ ذات الاهي جو پر تو ڏٺو ٿي.

هي اسلامي آئين ۽ اسلامي نظام جون ڳالهيون ڪن ٿا، جي ڳالهيون سنڌي درويشن وٽ ناقابل قبول هيون. ۽ سندن تصور موجب اسلامي شريعت جو گهڻو حصو حالتن جي تبديل ٿيڻ ڪري رد ٿي چڪو هو. اسلامي نظام ٿيندو ئي ڪو نہ هو بلڪ اصل مقصد قومي نظامن جي اتحاد ذريعي انساني اتحاد ۽ نظام هو.

هي مسلمانن جي اتحاد جي ڳالهہ ڪن ٿا. ۽ سنڌين ان ڳالهہ کي ڏوڪو سمجهي، سنڌين جي قومي اتحاد ذريعي انساني اتحاد لاءِ ڪوشش ڪرڻ کي مناسب ٿي سمجهيو.

هنن جو اسلام جي جداگانہ مذهب ۽ نظام جو تخيل، سنڌي درويشن جي تعليم مطابق غلط هو. سندن تشريح مطابق هر صاحب اخلاق ۽ صالح ماڻهو نجات جو حقدار هو. اڳتي هلي، جملي معاشري کي صالح ماڻهن جي بنياد تي تعمير ڪرڻو هو ۽ غير صالح ۽ بد اخلاق ماڻهو تنازع للبقا موجب ختم ٿيڻ وارا هئا.

سنڌي درويشن جي پيغام کي پوريءَ طرح پرکڻ لاءِ هيٺ ذڪر ڪيل تحريڪن جي علمن مان واقفيت حاصل ڪرڻ ضروري آهي:

(1) مانيزم (بهائيزم بہ ان جي شاخ آهي). (2) صوفيزم (3) سکيزم (4) ٿياسافي ۽ (5) هيومنزم.

www.sindhsalamat.com

فصل ٽيون

# سنڌي ڪلچر جي ارتقا

مون پنهنجي ڪتاب "سنڌي ڪلچر" ۾ "ڪلچر" جي معنيٰ هيٺين طرح ڪئي آهي:

"ڪلچر" لاءِ ثقافت، تهذيب ۽ سڀيتا جي لفظن جو استعمال ڪيو وڃي ٿو. ليڪن جيتري قدر مون کوجنا ڪئي آهي، اهي ان جو نعم البدل ٿي نٿا سگهن. لغتن ۾ "ثقافت" جي معنيٰ "عقل وذائت" ڪئي وئي آهي، جنهن جو تعلق صرف ذهني ڳالهين سان ٿيندو. "تهذيب" جو واسطو ظاهري ۽ نفسياتي آراستگيءَ سان رهي ٿو. "سڀيتا" مان گهڻ يا وڌ تهذيب ۽ تمدن جي معنيٰ نڪري ٿي. منهنجي سمجهه ۾ "ڪلچر" جو لفظ وڌيڪ جامع آهي، تنهن ڪري ان کي بحال رکيو اٿم جنهن مان ثقافت، تهذيب ۽ تمدن ٽنهي جو مطلب نڪري سگهي ٿو. ان جي وسعت ۾ انساني زندگيءَ جي اندروني توڙي ظاهري آراستگي ۽ اصلاح اچي وڃن ٿا. اخلاق جي درستي، نفسي اصلاح ۽ ذهني تربيت، ان جي دائري ۾ هڪ طرف اچن ٿا ته ملڪ ۽ معاشري جي ترقي ٻئي طرف مقصود ٿئي ٿي. ان جي وسعت ۾ مذهب، فلسفو نفسيات، سائنس، ادب، شعر، مصوري، موسيقي، رقص ۽ ڊراما اچي وڃن ٿا.

"ڪلچر" هڪ اڻکٽ اظهار خيال، جذبي ۽ عمل جو نالو آهي. جهڙيءَ طرح سج جي روشني جملي ذي حيات شين لاءِ ضروري آهي، اهڙيءَ طرح ڪلچر انسان جي اندروني خواهه ظاهري اصلاح ۽ آراستگيءَ لاءِ لازمي آهي. جهڙيءَ طرح انسان ذات بنيادي طرح هڪ جنس آهي، پر سڄاڻپ ۽ نظام لاءِ قبيلن ۽ قومن ۾ ورهايل آهي، اهڙيءَ طرح آخري طور جملي انسان ذات جو ڪلچر بہ هڪ ٿيڻو آهي. ليڪن هر ملڪ ۽ قوم وٽ هزارن ورهين جي تجربي، معلومات، ماحول جي اثرن، نسلي رجحانن ۽ باهمي ميلاپ بعد ڪلچر بہ سرجي، پرورش پائي، خاص صورت وٺي ٿو جو سنڌن قومي ورثو بڻجي پوي ٿو جنهن کي ماڻهو قيمتي ذخيرو سمجهي محفوظ رکندا آهن. اڳتي هلي جڏهن مختلف قومن جي

www.sindhsalamat.com

ڪلچرن مان انسان ذات جو هڪ ڪلچر بنيو ته ان ۾ صلاحيت وارا ڪلچر تاڃي پيٽي جو ڪم ڏيندا۽ ناموزون ڪلچر ڦٽا ڪري ڇڏيا ويندا.

ڪلچر جا مکيه جزا هيٺيان ڏسڻ ۾ آيا آهن:

(1) نظرياتي ۽ مذهبي عقيدا، (2) سماجي زندگيءَ جا طور طريقا، (3) قومي ڪردار (4) فن لطيف ۽ ادب.

سنڌ جي تاريخ جو پتو آثار قديمه ذريعي پنجن هزارن سالن تائين پئجي سگهيو آهي. جنهن مان ان جي مذهبي قومي ۽ سماجي سياسي زندگيءَ جو پتو پئجي سگهيو آهي. هن ڪتاب جي پهرئين فصل ۾ سنڌ جي قومي ۽ سياسي زندگيءَ تي مختصر روشني وڌي اٿم. ٻئي فصل ۾ سنڌ جي مذهبي ارتقا جو ذڪر ڪيو اٿم. هن فصل ۾ آءٌ سنڌ جي ڪلچرل پهلوءَ جي ارتقا ۽ ان جي مختلف شعبن تي ڪجهه احوال پيش ڪندس.

محترم ميان محمد ابراهيم جويي پنهنجي ڪتاب "شاهه سچل ۽ سامي- (هڪ مطالعو)" ۾ سماج جي تنظيم جا بنيادي شعبا ٽي ڄاڻايا آهن: 1. مذهب. 2. رياست ۽ 3 تهذيب.

لائق مصنف، منهنجي خيال ۾ سڄي ڪتاب ۾ لفظ "تهذيب" کي "ڪلچر" جي معنيٰ ۾ ڪم آندو آهي.

ڪلچر ۾ منهنجي ڄاڻ موجب هيٺيان صيغا اچي وڃن ٿا.

1. تهذيب، سڀيتا (Civilization) ، 2. تمدن يا شهريت (Citizenship) ، 3. سماجي زندگيءَ جا طور طريقا. 4. قومي ڪردار 5. فن لطيف (Art) ، 6. زبان ۽ ادب. 7. طرز معاشرت.

مٿي ذڪر ڪيل هرهڪ صيغي تي سنڌ جي نقطي نگاهه کان هيٺ مختصر روشني وجهان ٿو:

## 1. تهذيب، سڀيتا (Civilization)

معلوم ٿئي ٿو ته انسان ذات ابتدا ۾ وحشيانه دور مان گذري، پوءِ بدويانه دور ۾ آئي هئي. جو دور وحشيانه دور جي بنسبت قدري بهتر هو. انهيءَ دور ۾ هو مال چاري، خانه بدوش زندگي گذاريندو هو. گهڻي زماني تائين انهيءَ حالت ۾ رهڻ بعد نيٺ سندس زندگي ۾ اهو ڦيرو آيو جو هنن مان ڪيترا دريائن جي ڪنارن تي پوک ڪري ننڍا ڳوٺ ٻڌي ويهڻ لڳا. ان کان پوءِ آهستي آهستي ڪري هو تمدن

www.sindhsalamat.com

(شهريت) ۽ تهذيب (سڌاري) جي طرف رخ وڌائڻ لڳا. هن معنيٰ ۾ "تهذيب" کي اسين "سيپيتا" به چئون ٿا.

سنڌ ۾ ان طرف ڪڏهن توجهه ڏنو ويو ان جو پورو پتو اڃا پئجي نه سگهيو آهي. ليڪن هت آيل آثار قديمه جي کوٽائي ۽ کوجنا مان جيڪي معلوم ٿي سگهيو آهي، ان موجب اٽڪل پنج هزار ورهيه يا ان کان ڪجهه اڳ سنڌو درياهه جي ڪناري تي ڪي ماڻهو ڳوٺ ٻڌي، سڌاري طرف مائل ٿيا. لکڻ پڙهڻ لاءِ رسم الخط ايجاد ڪري سگهيا. مصوري سکيائون. ويس وڳا پائڻ سکيا. زيور پائڻ لڳا. جانور پالڻ ۽ پوک ڪرڻ سکيا. رٿا سان شهر ٺاهي انهن ۾ رهڻ لڳا. واپار ڪرڻ سکيا. جنهن ڪري پنهنجي ملڪ ۾ پيدا ٿيندڙ شيون ٻاهر موڪلڻ لڳا ۽ ٻاهرين ملڪن مان مختلف قسمن ۽ ضروريات جون شيون واپار ذريعي گهرائڻ لڳا. قياس آرائيءَ ذريعي معلوم ٿي سگهي ٿو ته اهو واپار ٻن وسيلن سان ڪيو ويو هو. هڪ: ٻيڙيون ٺاهي، درياهه رستي ۽ پوءِ سمنڊ رستي وڏن ٻيڙن، جهازن ۽ غورابن ۾ سفر ڪري واپار ڪيو ٿي ويو. جو ته هڪ طرف هنن جو ايران، عراق ۽ شام توڙي مصر سان واسطو رهيو هو ته ٻئي طرف برما بنگال جي طرف کان آيل شيون پڻ هتي لڌيون آهن. جي صرف سمنڊ رستي اچي سگهيون هونديون. واپار جو ٻيو ذريعو خشڪيءَ رستي گهوڙن، ڳڏهن ۽ اُٺن ذريعي هو. آثار قديمه مان ڪي اهڙيون شيون به هٿ آيون آهن، جي افغانستان، سمرقند، بخارا ۽ وچ هندستان طرف پيدا ٿيون هيون. ۽ اهي ضرور زميني مسافريءَ ذريعي آيون هونديون. انهن ڏينهن ۾ ايلام، بابل، سمير ۽ مصر تهذيب يافته ملڪ هئا. اتان کوٽائي مان ڪي هتي جون مهرون يا ٻيو سامان هٿ آيو آهي. ان مان اهو معلوم ڪري سگهجي ٿو ته انهن ملڪن سان به هنن جو لاڳاپو رهيو هوندو.

مشهور تاريخدان "آرنولڊ ٽوينبي" جو چوڻ آهي ته جهڙي طرح وڻ، جانور ۽ ماڻهو ننڍين مان وڏا ٿي، حياتيءَ جو عرصو گذاري، نيٺ مري وڃن ٿا. اهڙيءَ طرح مختلف قومن ۽ تهذيبن جي دور جا به عرصا ٿين ٿا. جي پيدا ٿي، وڌي ويجهي، ترقي ڪري، آخر صفحه هستيءَ تان ميٽجيو وڃن يا تنزل کي وڃيو رسن.

سنڌ ۾ معلوم ٿئي ٿو ته پهرين تهذيب جو دور اٽڪل ساڍا 5 هزار ورهين کان شروع ٿيل ڏسجي ٿو جنهن لاءِ قياس آرائي آهي ته اهو دراويدي نسل جي ماڻهن جو دور هو جنهن جو بيان اڳين فصلن ۾ اچي چڪو آهي. انهيءَ تهذيب جو زمانو قريبن ٻه هزار کن ورهيه قائم رهيو. ان کان پوءِ چوڻ ۾ اچي ٿو ته اٽڪل 1700 يا 2 هزار

www.sindhsalamat.com

ھئا. جي ھن ملڪ ۾ پيدا ڪين ٿيندا ھئا. ۽ اھي برما، بنگال، وچ ھندستان، ايران، افغانستان، ترڪستان ۽ اتر چين مان واپار ذريعي گھرايا ويندا ھوندا. ان مان تاريخدان سراغ رسائي ڪن ٿا تہ ان وقت بہ ھنن جو ڪنھن نہ ڪنھن طرح انھن ملڪن سان سڌو يا اڻ سڌو واسطو ھو. بابل ۽ سمير مان اھڙيون مھرون لڌيون ويون آھن، جيڪي ھتي جون معلوم ٿين ٿيون.

آثار قديمہ وارن موھن جي دڙي جي کوٽائي ڪندي ڪن اھڙين جاين جو پتو ڪڍيو آھي، جن بابت سندن چوڻ آھي تہ اھي اناج جي گدامن طور ڪم ايندڙ ھيون. انھن بابت قياس آرائي ڪئي وڃي ٿي تہ اھي يا تہ واپارين جا اناج ٻاھر موڪلڻ لاءِ ٺھرايل گدام ھئا. يا سرڪاري طرح قحط سالي وقت ڪم آڻڻ لاءِ اناج ڪٺي ڪرڻ لاءِ ٺھرايا ويا ھئا. اھي جڳھيون اھڙيون پڪيون ۽ ديرپا ٺھيل آھن جو پنج ھزار ورھيہ گذري وڃڻ ڪان پوءِ بہ انھن جا نشان سلامت آھن.

ان وقت ڏڳي گاڏين ذريعي سامان ڍوئڻ جو رواج پيل ھو. ٺڪر جي ڏڳي گاڏين جا جيڪي نمونا ھٿ آيا آھن، اھي اُتر سنڌ ۾ ھن وقت استعمال ٿيندڙ گاڏين جھڙا آھن.

کاڌ خوراڪ، پاڻي رکڻ، گھر جي سينگار وغيره لاءِ طرح طرح جي برتنن جا نمونا ھٿ آيا آھن، جن ۾ گھگھيون، دلا، مٽ، ناديون، پيالا، پاٽيون، پليٽون، دکيون، گلن رکڻ ۽ واس ڌوپ ٻارڻ جا ڪيترا ٿانو ٿالھيون ۽ ڍڪ وغيره بہ ھٿ آيا آھن. اناج رکڻ جا وڏا ڪولا بہ لڌا آھن. دلن، مٽن، ڪوزن ۽ ٻين ٿانون تي جانورن جون تصويرون، گلڪاريون، وڻن جا پن ۽ تاريون نڪتل آھن. زالن ۽ مردن جا مختلف قسمن جا مجسما، قيمتي پٿرن جا ڳچيءَ ۾ پائڻ جا ھار ڪنگڻ ۽ چوڙيون (پٿر ۽ ٺڪر جون ٺھيل) بہ ھٿ آيون آھن. پتلن ۽ مھرن مان ڪيترن قسمن جا مٽي ۾ پائڻ جا ٽوپ ۽ پٽڪا بہ معلوم ٿي سگھيا آھن. ٺڪر جي پڪل ۽ ڌاتن مان ٺھيل ٿانون يا مھرن تي مختلف قسم جي جانورن- جھڙوڪ: ڪڪڙ، پولڙي، ڪتي، ڪچونءَ، گدڙ پاڻيءَ جي گھوڙي، سوئر، رڇ، ٻڪرين، دنبن، ڍڳن (جن مان ڪي ڪونھٽ وارا تہ ڪي بنا ڪونھٽ جي ھئا) وغيره- جون تصويرون ڏسڻ ۾ آيون آھن. ماڻھن جا ڪيترا مجسما لڌا ويا آھن، جن مان ڪن کي ڏاڙھيون رکيل تہ ڪن جون ڪتريل آھن. وار گھنگھريلا ۽ وريل، بت تي گلڪاري ۽ پرت وارا ڪرتا پھريل آھن. زالن کي ڳھيون ۽ مختلف نمونن سان ويڙھيل وارن جون چوٽيون بہ ڏسڻ ۾ آيون آھن.

www.sindhsalamat.com

مهرن تي طرح طرح جون تصويرون اُڪريل ڏسڻ ۾ آيون آهن. جهڙوڪ: هڪ سڱ وارو هڪ جانور وڏيءَ ڪونڌيءَ ۾ ڪجهه ڪائي رهيو آهي. ان مهر تي ڪي اکر بہ لکيل آهن. پر اڃا تائين پڙهجي نہ سگهيا آهن. انهن مهرن تي گهيٽن، پاڏي، ڪونهٽ وارن ڍڳن، شينهن، سرهن، هاٿين، گينڊن، پاڻيءَ ـ گهوڙن، باندرن وغيره جون نهايت عمديون تصويرون اُڪريل آهن. ان کان سواءِ سازن جو سامان، مصالحي پيهڻ جا ٿانو سرايون، گول سوراخن وارا چلا، وارن ۾ وجهڻ جون پنون، آرسيون، وچائڻ جون نفيلون، ٽامي جا هٿيار ڪنگڻ، هس، سبڻ جون سيون، مڇي ڦاسائڻ جا ڪلوڙا، گلي ۾ پائڻ جي هارن جا مهرا (ٽڪا)، ٽامي ۽ ڪٽ جو سامان، ڪهاڙا، هارن ۾ وجهڻ جا قيمتي پٿرن جا داڻا، منڊيون وغيره ـ ان هٿ آيل سامان مان ڪجهه آهن. جن جو ذڪر ڪيل آهي.

اها آهي شهرن ۾ رهندڙن جي زندگيءَ سان واسطو رکندڙ شين جي معلومات، اُهي (شهري) زراعت ۽ واپار ڪرڻ ڪري شاهوڪار بنجي چڪا هئا. جنهن جا آثار سندن رهائش جي گهرن مان معلوم ٿي سگهن ٿا. موهن جي دڙي جون جايون گهٽو ڪري پڪين سرن جون ٺهيل هيون. جن ۾ کوهہ، وهنجڻ جون جايون، خراب پاڻيءَ جي نيڪال جون موريون هيون. شهر جي گهٽين ۾ ڊرينيج سسٽم هئڻ مان. ماڻهن جي مهذب زندگيءَ جو پتو پئجي سگهي ٿو. ليڪن انهي ساڳي دور ۾ معلوم ائين ٿئي ٿو تہ هتي جا رهاڪو ٽن گروهن ۾ ورهايل هئا:

1. هڪڙا: گهاٽن ٻيلن، جبلن ۽ ميدانن ۾ رهي مال چارڻ تي گذران ڪندا هئا. بعضي گوشت، کير ۽ مکڻ شهري ايراضين جي ماڻهن کي وڪرو ڪري ٻي ضروريات زندگي حاصل ڪندا هئا. ٻيلن ۾ رهڻ ڪري، ٻيلن ۾ موجوده جانورن ± هاٿين، باندرن، سوئرن، رڇن، گهوڙن، پاڻيءَ جي گهوڙن ± جي رضامنديءَ جي حصول لاءِ سندن پوڄا ڪندا هئا، يا ڪن سان مقابلو ڪندا هئا. جنهن جي ثابتي، لڌل مهرن تي اڪريل تصويرن مان ملي سگهي ٿي.

جيئن تہ ان قسم جا جانور صرف وڏن ٻيلن ۾ رهي سگهن ٿا. ان ڪري معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌ ۾ گهڻي بارش سبب پيدا ٿيل گهاٽن ٻيلن ۾ اُهي جانور رهندا هئا. قياس آرائي ڪيل آهي تہ اُنهن ڏينهن ۾ چوماسو قدري هن طرف هو جنهن ڪري هتي وڏا ٻيلا پيدا ٿيا هئا. ۽ بعد ۾ اُهو چوماسو بدلجي ويو هو.

اُن دراوڙي نسل جي ماڻهن مان گونڊ ۽ ڀيل. پوءِ لڏي وڃي مهاراشٽر طرف ويا. جنهن مان معلوم ٿي ٿو تہ اُتان جي ماڻهن جو هتان جي قديم باشندن سان

www.sindhsalamat.com

لاڳاپو هوندو هو. جانور ڌارڻ ڪري ممڪن آهي تہ اُنهن ماڻهن مان ڪي وچ ايشيا، وچ هندستان، مهاراشٽرا، راجستان، ايران ۽ افغانستان سان قافلن جي صورت ۾ واپار بہ ڪندا هئا. ڇو تہ سنڌ مان ڪيترين اهڙين شين مليون آهن، جي اُن طرف جون آهن.

بلوچستان مان بہ جو اُن وقت سنڌ جو حصو هوندو هو دراويدن جي شهرن ۾ رهائش جا آثار مليا آهن. بروهي زبان ۾ بہ ڪيترا دراويدي لفظ موجود آهن.

اِهي جهنگلن ۽ برپٽن ۾ رهندڙ ماڻهو شهرن سان لاڳاپي باوجود ڇڙوڇڙ گهرن يا جهوپڙين ۾ بدويانہ ۽ خانہ بدوش زندگي گذاريندا هئا. ۽ وڏيرن، مکين، سردارن ۽ رتيبلن جي ماتحت قبيلائي زندگيءَ ۾ رهندا هئا. اڄ ڏينهن تائين ڀهراڙين ۾ اِن قسم جي بدويانہ زندگي گذارڻ وارا ماڻهو خاص تعداد ۾ رهن ٿا. جنهن مان پتو پوي ٿو تہ اِهو رهائش جو طريقو ڪين قديم وقت کان ورثي ۾ مليل آهي. اها زندگي شهري نموني جي عين خلاف ٿئي ٿي. جهڙيءَ طرح عرب ملڪ ۾ بدو ڀهراڙين ۽ صحرائن ۾ رهي مال، اُٺن ۽ گهوڙن کي پالين ٿا، ۽ گوشت ۽ کير تي گذران ڪن ٿا. اهڙي ساڳي حالت هتي جي رهاڪن جي هئي. اُنهن قبيلن جا پاڻ ۾ مختلف ڳالهين تان اختلاف رهندا هئا. اُهي وهم ۽ خوف وغيره جي ڪري جانورن، وڻن، جنن ۽ ڀوتن جي روحن جي وجود ۾ اعتماد رکندا هئا. جنهن ڳالهہ جا ڪي مثال ۽ نشان اڄ بہ ملن ٿا. ڪنڊن، نمن ۽ ٻين وڻن ۾ جهنڊيون ٻڌڻ، جن ڪيڻ يا اُنهن جي رضامنديءَ لاءِ سرندا وڄائي پرٽا هٿائڻ، ڪن جاين کي پوتر سمجهي، اُنهن جو احترام ڪرڻ، سوٽن ۽ پيرمن ۾ ويساهہ رکڻ وغيره اُنهن ڏينهن جا باقيات آهن.

2. **ٻيا ماڻهو:** معلوم ٿئي ٿو تہ ڍنڍن، درياهہ ۽ سمنڊ جي پير ۾ رهڻ ڪري، مڇي ماري گذارو ڪندا هئا. اُنهن مان ڪي ڄارين رڇن، ڪلوڙن، ڇتين سان مڇيون ماريندا هئا. تہ ڪي ننڍين ٻيڙين ۾ رهي، ڍنڍن ۽ درياهن جي جدا جدا جاين تي وڃي، سرسانگي گذارو ڪندا هئا.

جيئن تہ ٻڌايو ويجي ٿو تہ اُن وقت سمنڊ لاڙ طرف، موجوده حيدرآباد جي لڳ ڀڳ هوندو هو جنهن جي ثبوت ۾ رڻ ڪڇ ۽ ٿر جي واريءَ جي پٽن ۽ ڏڙن جا نشان پيش ڪيا وڃن ٿا. ان مان مٿين ڳالهہ جي صداقت معلوم ٿئي ٿي.

3. **ٽئين قسم جا ماڻهو:** سمنڊ ۽ درياهہ جي ڪنارن تي رهندا هئا. جن مان ڪي ٻيڙيون ٺهرائي، سمنڊ جون مڇيون ماريندا هئا. ۽ ڪي غوراب، جهاز ۽

www.sindhsalamat.com

ڊنگيون ٺهرائي سامان ڪٽيُ. ٻين ملڪن سان واپار ڪندا هئا. ڪن تاريخدانن جو چوڻ آهي تہ قبل از مسيح. اهي ماڻهو ايراني نار عربي سمنڊ کان ڦري، هڪ طرف مصر تائين ويندا هئا. ڪيترا قديم ٻولين جا اکر اجا تائين بيڙين ۽ انهن جي پرزن لاءِ رواج ۾ آهن.

جهڙوڪ: لاڄو مڪڙي ڪوها وغيره.

اهو تهذيب جو سلسلو قريبن ڊ هزار سال کن رهيو.

## آريائي تهذيب جو دور

ان کان پوءِ آريا قوم جا ماڻهو اتر اولهہ کان ٽولا ٽولا ٿي، هتي سنڌ ۾ آيا ۽ شهري آباديءَ کي لُٽي، قبضو ڄمائي ويا. اهي جنگجو خانہ بدوش ۽ بهادر هئا. ڪين پنهنجون ڏند ڪٿائون ۽ روايتون هيون. اهي هڪ وڏيءَ قوم جو حصو هئا. جن مان ڪي يورپ، ڪي ايران، ڪي سنڌ ۽ ڪي ڀارت ۾ لڏي اچي ملڪ آباد ڪري ويٺا. آرين جيتوڻيڪ سنڌ ۽ پنجاب جي شهرن مان گهڻي قدر دراويدن کي هڪالي ڪڍي ڇڏيو هو ليڪن سمنڊن جي ڀرسان، جبلن، صحرائن ۽ ٻيلن ۾ ڪيترا دراويدي رهجي ويا. جي داسن ۽ اڇوتن وانگر زندگي گذارڻ لڳا. آرين هتان جي قديم ماڻهن کي اڻ ± آريا (اناڙي) ڪري سڏيو پر ڪانئن ڪيتريرو ڳالهيون اڌاريون بہ ورتيون.

اها ڳالهہ اسان جي دائري مضمون کان ٻاهر آهي تہ هتي ويهي ڇنڊڇاڻ ڪريون تہ آرين، دراويدن کان ڪهڙيون روايتون، مذهبي عقيدا ۽ زبان جا لفظ اُڌارا ورتا. ۽ پاڻ ڪهڙيون روايتون، مذهبي عقيدا، ٻوليءَ جا لفظ ۽ ڏند ڪٿائون، هتان جي ماڻهن کي ڏنائون. اهو مسئلو وڏيءَ کوجنا ۽ تفتيش جو ڪارڻ بڻجندو. دنيا ۾ نيون شيون ٿوريون ٿين ٿيون. اڪثري پراڻيون شيون روپ مٽائي، نئين صورت اختيار ڪن ٿيون. ليڪن هيءَ ڳالهہ صاف آهي تہ آريا ۽ دراويدي، نسل ۽ ٻولي جي نقط نگاهہ کان جدا هئا. دراويدي ڪجهہ عبرانين ۽ سامين سان مشابهت رکي سگهيا ٿي. ليڪن آريا جدا نسل ۽ ٻوليءَ جا مالڪ هئا. سندن اڪثر ڏند ڪٿائون ۽ مذهبي عقيدا جدا هئا. ويد، پراڻ ۽ سمرتيون هنن جا ايجاد ڪيل هئا. هي دراويدن ۽ ٻين مخالف قومن سان ٿيل جنگين جا داستان يادگار طور ڇڏي ويا. پراڪرت ۽ آخري طرح ترقي يافتہ زبان سنسڪرت سندن يادگار آهن. هنن جدا رسم الخط ناهيو. هي پاڻ ۾ ٿيل

www.sindhsalamat.com

جنگين جا داستان وڏن پستڪن رامائڻ ۽ مهاڀارت، وغيره- جي صورت ۾ چڙهي ويا. هنن سڄي سنڌ ۽ هند جي ڪيترن حصن تي اهڙو ته اثر ويهاريو جو ملڪ جي گهڻي ڀاڱي ۾ پنهنجون ٻوليون رائج ڪيائون، جن ٻولين کي، ٻوليءَ جي چاڻن انڊو يورپ زبانون ڪري سڏيو. البت ڏکڻ هند ۾ ملايام، تيلگو ۽ تامل زبانون خاص دراوڙن جون رهجي ويون ۽ هتان پر واري زبان، بروهڪيءَ ۾ به گهڻو حصو دراوڙي زبان جو رهجي ويو.... آرين هتان جي ديوتائن جي بدران پنهنجا ديوتا ۽ پنهنجون ديو مالائون ايجاد ڪيون. جنهن ڪري اسان هن دور کي "سنڌ جي تهذيب جو ٻيو دور" سڏي سگهون ٿا، جنهن ۾ اڳين دراوڙي تهذيب جي جاءِ تي نئين تهذيب مروج ٿي.

آريا تقريبن 1500 يا 2000 ق-م ڌاري سنڌ ۽ هند ۾ اچڻ شروع ٿيا. ٻن اڍائي هزار سالن تائين سنڌ تهذيب سنڌ تي مسلط رهي، جيسين تائين ڪ آرين جي ٻي شاخ 200 ورهيه ق-م ۾ اچي، ان تي قبضو ڪري، پنهنجي تهذيب جو اثر وجهڻ شروع ڪيو. ان کان پوءِ يونانين 300 ق-م ڌاري هتي قبضو ڪري، پنهنجي تهذيب کي روشناس ڪرايو. پر جنهن صورت ۾ اهي ٻئي آرين نسل ۽ تهذيب جون شاخسار هيون، ان ڪري انهن کي آريا تهذيب ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو. اهي آريا مختلف دورن ۾ ۽ جدا جدا نالن سان آيا، تنهنڪري ڪين جدا تهذيبن ۾ شمار ڪري نه ٿو سگهجي.

آرين پنهنجي تهذيبي دور ۾ ملڪ ۾ اڳوڻي ٻوليءَ جي جاءِ تي ڪيترين ئي نين ٻولين جا نمونا مروج ڪيا. سنڌ ۾ صرف سنڌي پراڪرت مروج ٿي، اهڙيءَ طرح پنجاب ۾ پنجابي، وچ هندستان ۾ هندي، اپرندي ۾ بنگالي، مهاراشٽرا ۾ مرهٽي ۽ گجرات ۾ گجراتي ٻوليون مروج ٿيون.

آرين پنچاتي ۽ راڄائي حڪومتن جا طريقا رواج ۾ آندا. جدا مذهبي عقيدا رائج ڪيائون، جن مان اڪثر ويدن جي آڌار تي برپا ڪيائون، پر حالتن ۽ وقت جي ضرورتن مطابق انهن جدا جدا نالا اختيار ڪيا. پهرين برهمن ڌرم مروج ٿيو جنهن اڳتي هلي ويدڪ يا هندو ڌرم، جين ڌرم، زراسترزم- برپا ڪيون. يونان ۽ ايران جي مذهبن به ساڳئي چشمي مان فيض پرايو ٿو ڏسجي.

آرين مذهبي عقيدن جي سلسلي ۾ سڀ کان اڳ مقامي رهاڪن- خاص ڪري دراوڙن- کان متاثر ٿي "ڪثرت خدائن" (ديوتائن) ۾ ويساهه رکيو. پوءِ مصر، سمير، بابل، يونان، ٺراڪيا وغيره جي طريقي مطابق "تريمورتي" (تثليث) يعني ٽن

www.sindhsalamat.com

خدائن جي عقيدي طرف متوجهه ٿيا. جيتوڻيڪ هنن انهن جا نالا ۽ انهن جون صفتون جدا پيش ڪيون. ان کان پوءِ ايرانين ترقي ڪري، ان تصور کي ٻن خدائن يا "دوئي" جي صورت ونائي. بعد ۾ سنڌ ۽ هند وارن ان جاءِ تي، ساڳين ويدن جي آڌار تي "توحيد" آندي جنهن کي "ويدانيت" سڏيو ويو. هنن جو بہ ڪثرت ارواح جي نظريي ۾ ويساهه هو. انهن کي ابدي(آدي) ازلي (انادي) سڏي، انهن جي ارتقا ۽ تناسخ جا نظريا ايجاد ڪيا ويا. جنهن ڪري هو دراويدن يا سامي مذهبن جي انهن عقيدن کي ڪو نہ مڃيندا هئا. جن موجب روح هڪ وقت ۾ ساڳي حالت ۾ پيدا ٿي عالم ارواح ۾ رهيا هئا. ۽ جن کي اتان دنيا ۾ اچي زندگي گذاري، موت بعد ميدان حشر تي گڏ ٿي گناهن ۽ ثوابن جي آڌار تي دوزخ يا بهشت ۾ وڃي، زندگي گذارڻي هئي. بلڪ هنن جو ويساهه هو تہ روحن کي جمادات(مادي)، نباتات (وڻڪار)، حيوانات (جانورن) ۽ ماڻهن جي درجن مان ازخود تجربہ ۽ ڪرمن جي ڦل مطابق ترقي ۽ تنزل جا درجا لنگهي، نروان پد ۾ پهچڻو هو. جا ڳالهہ "ويدانيت" جي سمجهاڻيءَ موجب "جز" جي "ڪل" سمائجڻ جي مشابهہ هئي. جهڙي طرح هو ڪثرت خدائن (ديوتائن) جي نظريي کان ترقي ڪري، ويدانيت (توحيد) جي نظريي تي پهتا هئا. اهڙيءَ طرح هو ڪثرت ارواح جي نقطا نگاهہ کان مٿي چڙهي، "روح ڪل" (برهمن) کي محيط لڳا. جو هڪ خدا جو نالو هو. ٻين روحن ۽ جسمن کي هنن جدا نہ ٿي سمجهيو بلڪ ان برهمن (ايشور) جي مايا (صفات) ٿي ڄاتو. انهي درجي تي پهچڻ بعد هنن برهمن (هڪ خدا) جي وجود کانسواءِ ٻئي وجود کي تسليم نہ ٿي ڪيو. هو هڪ هٿوٺي کان سواءِ "سنڪارا" جي سمجهاڻيءَ موجب "ويدانتا دوئيءَ جي عدم موجودگي هئي." جنهن صورت ۾ ان مسئلي تي ٻئي فصل ۾ ڪافي روشني وڌل آهي. ان ڪري وڌيڪ تفصيل هتي نہ ٿو ڏجي.

هنن جيڪڏهن مذهبن جي بنيادي اصولن بابت جدا نظريا پيش ڪيا تہ زندگيءَ گذارڻ بابت منو مهراج جي سمرتي (ڪوڊ) مطابق ڪي دستور بہ پيش ڪيا. جن هموارائي وارن دستورن جي آڌار تي سامين وٽ موسوي شريعت جي صورت اختيار ڪئي هئي.

آريا اول هر شيءِ کي کائيندا هئا. پر پوءِ هو هر ساهواري شيءِ جي کائڻ کان آزاد ٿي، اناج خوريءَ سبزي خوري طرف راغب ٿيا. ٻئي طرف دراويدن (سامين) صرف مختلف جانورن جي کائڻ لاءِ ڪي سنڌا مقرر ڪري، حرام ۽ حلال جي بنياد تي جانورن کي ورهائي، پنهنجي کاڌي کي محدود ڪيو.

www.sindhsalamat.com

ازدواجي (سڳابندي) جي معاملي ۾ آرين "ايڪساگامس" (Exogomes) قبيلي کان ٻاهر مٽي مائٽي ڪرڻ جي اجازت ڏني. ليڪن دراويدي (سامي) "اينڊوگامس" قبيلي اندر سواءِ تمام نزديڪي مائٽن، جهڙوڪ ماءُ، ڀيڻ، ڌيءَ، ڀڳيءَ وغيره جي ± مٽي مائٽيءَ جا قائل رهيا. ٻئي طرف آرين ساڳئي ڪل ۾ ٻه مٽي مائٽي ڪرڻ جي منع ڪئي ٿي.

آرين اڳتي هلي، سوسائٽيءَ کي چئن جاتين ± (1) برهمڻ، (2) ڪشتري (3) وئش ۽ (4) شودر - ۾ ورهائي ڇڏيو. پر ڪجهه وقت ڪانپوءِ ٻڌ ڌرم وارن سڌارا آڻي، اُنهن ورنن جي ويڇن کي ڪيڏڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن جو اثر سنڌ ۾ ديرپا رهيو پر پيِن هندن جا ماٺهو اڳين ويڇن طرف موٽي ويا.

آرين، هاٿين کي پالي سواريءَ ڪرڻ ۽ جنگ لاءِ ڪتب آندو. هنن گهوڙا ڏاري اُنهن کي سواريءَ ڪرڻ ۽ رٿن ۽ گاڏين ڇڪڻ لاءِ استعمال ڪيو ۽ تير، ڪمانون، ڀالا ۽ برڇيون ايجاد ڪري جنگ لاءِ ڪتب آنديون.

دراويدن جي زماني ۾ شهر پڪا ۽ رٿابنديءَ سان عمدا ٺهيل هئا. پر شهريت ٿوري هئي. ليڪن آرين اڳتي هلي، اُن کي وڌائي زور وٺايو ۽ زراعت لاءِ هڪ هنڌ رهڻ جا قانون ٺاهيا. ايتريقدر جو سمنڊ جي مسافريءَ جي منع ڪري ڇڏيائون. رهڻي ڪهڻي ۽ طرز معاشرت ۾ سڌارا آندائون. سنڌي زبان پنهنجي موجوده صورت آرين جي زماني کان ورتي، ليڪن اُن جي رسم الخط ۾ پارسين ۽ عربن جي تسلط بعد فرق آيو ۽ اُن ۾ نون لفظن جو خاصو اضافو ٿيو.

آرين جي زبان پراڪرت هئي، جنهن مان ترقي ڪري ٺيٺ علمي زبان سنسڪرت استعمال ٿيڻ لڳي.

آريا اوائل ۾ هنسا (تشدد) جا قائل هئا، پر مهاڀارت جي جنگ بعد پيدا ٿيل خون خرابي ڪين اهنسا (عدم تشدد) طرف راغب ڪيو. اهو خيال، عين جنگ جي زماني ۾ رد عمل طور پيدا ٿيو هو مثلا: گيتا ۾ سري ڪرشن سان ارجن جي گفتگوءَ مان اهو خيال معلوم ٿئي ٿو. پر عين جنگ جي ميدان مان پڇڻ (ٻاهر نڪرڻ) کي سري ڪرشن فرض ادائيءَ کان ڪوتاهي ۽ بزدلي تصور ڪري، زبردست دليلن سان ارجن کي جنگ جاري رکڻ جو قائل ڪري ڇڏيو. ليڪن اُن پيدا ٿيل رد عمل هٽي وڃي هنڌ ڪيو ۽ اهنسا جو نظريو هنسا جي جاءِ وٺي ويو. مهاتما ٻڌ ۽ مهاتما مهاوير جي تعليم اُن کي خاص تقويت پهچائي.

چوماسي جي تبديلي ڪري، سنڌي معاشري جو ڪثير تعداد وري خانه

www.sindhsalamat.com

بدوشي ۽ بدويانه طرز زندگي طرف راغب ٿيو جنهن ڪري منظم سوسائٽي نه هئڻ ڪري هو ڌارين جي حملن وقت مدافعت نه ٿي ڪري سگهيا. ايرانين، يونانين، سٿين، پارٿين وغيره جي حملن ماڻهن کي ڪمزور ڪري ڇڏيو جنهن ڪري اهنسا جي آدار تي هنن ۾ بزدلي پيدا ٿي پئي.

## گڏيل تهذيب جو دور

هيءَ دور 5 صدي عيسويءَ کان اڄ تائين شمار ڪري سگهجي ٿو. اُن ۾ ايرانين، عربن، پٺاڻن، مغلن، يورپين ۽ خاص ڪري انگريزن ۽ مهاجرن- پنجابين جي تسلط واري زماني کي شامل ڪري سگهجي ٿو. هن دور کي اٽڪل 15 سئو ورهيه گذري چڪا آهن.

قومن جي ترقيءَ، تنزل ۽ تهذيبن تي اثر جي عام دستور مطابق، دراويڊن ۽ آرين جي تهذيبن جو اثر ترڻبن ختم ٿيڻ تي اچي پڳو آهي. مذڪور ٻاهرين حملي آورن جي تسلط ۽ اثرن سبب سنڌي ڪلچر ۽ تهذيب پنهنجي اصلي جداگانه شخصيت ۽ خصوصيت وڃائي، چون جي مرڪب ٿي پئي آهي.هن وقت سنڌي تهذيب ۽ مختلف تهذيبن ۾ برتريءَ ۽ اثر اندازيءَ جو تصادم هلندڙ آهي. سنڌين جي گهٽائيءَ مان پنهنجي قديم تهذيب جي شناخت عدم پيدا ٿيندي وڃي. عام ماڻهن ۾ بزدلي، قومي خود فراموشي، قديم روايات کان بيگانگي، ايثار ۽ عصبيت جي جذبن جي گهٽتائي پيدا ٿيندي وڃي.

اسان هن وقت سنڌي تهذيب جي اُن نازڪ مرحلي تي اچي پهتا آهيون، جو يا ته همت جهلي اِن چاڙهه مان چڙهي وڃون، يا بدليل حالتن جي مقابلي جي طاقت نه ساري ماضيءَ جي روايات ۽ اثرات کي وساري ڇڏيون. بقول "شاهه لطيف": "ڪٿين جي هارايئين، هنڌ تنهنجو هيءَ!"

هن پندرنهن سئو (1500) ورهين جي عرصي جو بغور مطالعو ڪبو ته معلوم ٿيندو ته اول ۾ هتي ايرانين اچي نه رڳو سنڌي ماڻهن ۽ ملڪ جو استحصال ڪري سنڌن طاقت مدافعت کي ڪمزور ڪيو پر سنڌن زبان، مذهبي عقيدن ۽ تهذيب کي دائمي طور اثر انداز ٿيا.

اُن کانپوءِ عربن اچي ملڪ فتح ڪيو ۽ ساري معاشري ۾ ردوبدل آڻي ڇڏيائون، جنهن جو ذڪر اڳين فصلن ۾ ڪري آيو آهيان. هن وقت جيتوڻيڪ عربن جي حڪومت نه آهي، پر لکين ماڻهو پاڻ کي عربي نسل سڏائڻ ۾ فخر محسوس ڪن ٿا.

www.sindhsalamat.com

ڪي، آرين جي اولاد سڏائڻ بدران ڳوهن ۽ گلورين ڪائينڊرڙ ۽ ڏاچين جو ڪير پيئندڙ بدوين جي اولاد سڏائڻ ۾ عزت افزائي سمجهن ٿا. مذهبي عبادتون عربي زبان ۾ ادا ڪن ٿا، جنهن ڪي گهٽي قدر سمجهن بہ نہ ٿا. شاهہ سچل ۽ سامي جي بهترين تعليم کان چند ڪم نهم ۽ نہ اچڻ جهڙين عربي زبان جي دعائن کي چنبڙيو پيا آهن. هزارين ماڻهو ساليانو ڪروڙين رپيا خرچ ڪري سعودي عرب حج تي وڃن ٿا ۽ اُتي بزرگن جي زيارتن کي ثواب ۽ نجات جو ذريعو سمجهن ٿا. جا ڳالهہ عرب سامراج جي مرڪز پيدا ڪرڻ جي يادگار آهي. هن وقت سنڌي زبان جو رسم الخط عربي آهي. گهڻا ماڻهو پنهنجن بزرگن شاهہ سچل ۽ سامي جي روايتن کي ڇڏي ± جن محبت، اهنسا ۽ صوفي لاڪوفي جي هدايت ڪئي ٿي ± عربي تعصب، تشدد ۽ عرب شريعت واري مذهب جا پوئلڳ ٿيو پيا هلن. جڻ تہ اهي ڳالهيون عين اسلام آهن. سنڌ ۾ ڪيترا اهڙا ماڻهو پيا آهن. جيڪي عرب ملڪ ۾ مري سڌو بهشت ۾ وڃڻ جون سڌون رکن ٿا. جيتوڻيڪ اها بہ خبر آٿن تہ اُتي مئل ماڻهن جا لاشا، ڪجهہ وقت بعد دفن وارين جاين تان ڪڍي غارن ۾ اُڇلايا ويندا آهن. هو عرب جي کوهن جي پاڻي کي سنڌو درياهہ جي پاڻيءَ کان بهتر سمجهي، ڪفن بہ اُن پاڻيءَ ۾ ڊٻارين ٿا. اُتي جي مٽيءَ کي خاڪ شفا سمجهي، سجدي مهل اُن تي پيشاني رکن ٿا. عرب ملڪ کي پاڪ ملڪ ڪري سمجهن ٿا.

سنڌين اچا عربن کي مس ملڪ مان هڪالي ٻاهر ڪڍيو هو تہ سگهو ئي پٺاڻن سنڌ ۾ اچي ڦر لُٽ شروع ڪري حڪومتون قائم ڪيون. محمود غزنويءَ وغيره جون ڪاهون اُنهن ۾ ڳڻي سگهجن ٿيون.

سومرن ۽ سمن جي سنڌي دور حڪومت ۾ سنڌين ڪجهہ پاڻ جهلي تهذيب ۽ تمدن طرف رخ رکيو. پر سومرن جي دور ۾ دهليءَ جي حڪومت طرفان علاوالدين جي وقت ۾ سنڌ کي تباهہ ڪيو ويو. پوءِ ارغون ۽ ترخان سنڌ کي پيلڻ آيا، جن کان وري مغلن حڪومت ورتي. اِن عرصي دوران سنڌ ۾ فارسي ٻولي لکڻ ۽ پڙهڻ جو عام دستور ٿي پيو وڏين شلوارن، ڪرتن ۽ وڏن پٽڪن پائڻ جو رواج پيو. ڪيترن ماڻهن پاڻ کي پٺاڻ نسل مان سڏائڻ شروع ڪيو ۽ ڌارين سان گڏ ملڪ جي ڌاڙي ۾ شريڪ ٿيا. ملن، وڏيرن ۽ سردارن، مغلن جي رضامنديءَ خاطر شاهہ عنايت جهوڪ واري جي شهادت ۾ حصو ورتو. هن جو ڏوهہ اهو هو تہ هن سنڌ جي قديم مذهبي ۽ روايتي ڳالهين (تصوف) برقرار رکڻ ۽ سنڌي ماڻهن جي ڀلائيءَ جي ڳالهہ ڪئي ٿي، اُن ڪري هن جو سر وڍايو ويو.

www.sindhsalamat.com

مغلن جو دور بہ سو ورهيہ کن هليو. اُن دور ۾ نہ صرف پارسي تعليم درسي تعليم ٿي رهي، پر سرهندي پيرن جي ڪٽر پڻي، منافقي ۽ تصنع جي تعليم بہ رائج ٿي. هندن خلاف مولوي محمد هاشم ٺٽويءَ جي فتويٰ، منهنجي ڪتاب "پيغام لطيف" ۾ پڙهي سگهجي ٿي. هن دور ۾ ڇا وهيو واپريو اُن جو مفصل احوال، پير حسام الدين راشديءَ جي ايڊٽ ۽ تصنيف ڪيل تاريخن "مظهر شاهجهاني" ۽ "تاريخ معصومي" مان معلوم ٿي سگهي ٿو.

اُن کان پوءِ نادر شاهہ ۽ مدد خان پٺاڻ جا ظلم ۽ ڦريون، سنڌ جي تاريخ جا اندوهناڪ واقعا آهن.

## انگريز دور جو خرابيون

ڪلهوڙن ۽ ميرن جي حڪومتن جي ڌارين ۽ حملن ۽ دست درازين جي باوجود سنڌ اڃا مس پاڻ پري ٿي هئي، تہ اُن تي بنا سبب ۽ زوريءَ انگريزن اچي قبضو ڪيو ۽ سنڌ کي پنهنجي انتظامي سهوليت خاطر بمبئي پرڳڻي جي ڪمشنري بنائي ڇڏيو. هن دور ۾ ڪي خراب ۽ ڪي چڱيون ڳالهيون بہ سرزد ٿيون. هيٺيون خراب ڳالهيون انگريز دور جون يادگار آهن:

هنن جاگيردارن ۽ زميندارن جو هڪ خود مطلب، جي حضور ۽ بي ضمير گروهہ پيدا ڪري، پنهنجي ايجنٽ طور ڪم آندو.

هنن قوم فروش، غلامانہ ذهنيت رکندڙ رشوتي ۽ لالچي ڪامورو ڪلاس پيدا ڪري، اُن کي عوام ۽ ملڪي مفاد خلاف هلايو.

هنن هندن ۽ مسلمانن ۾ گروهي تعصب، اقتصادي چتاپيٽيون ۽ باهمي اختلاف پيدا ڪرائي، کين ويڙهائي راڄ ڪرڻ واري پاليسي تي عمل ڪيو.

هنن جملي باهرئين واپار، مڪاني ٻڌي تجارت وڏين نوڪرين جي عهدن، انتظامي مسئلن ۽ پاليسيءَ جي سوالن کي پنهنجي هٿ ۾ رکي، پنهنجن مڪاني چاڙتن کي نوازي، ملڪ کي اقتصادي طرح غلام رکيو.

هنن اورنگزيبي دور ۾ پيدا ٿيل مذهبي اختلافن ۽ فرقيوارانہ ذهنيت جي تتبع لاءِ ملن، پنڊتن ۽ پيرن جي همت افزائي ڪري، کين پنهنجي سامراجي مفاد جي مضبوطيءَ لاءِ ڪم آندو.

هنن شهري زندگي کي زور وٺائي، ڳوٺن طرف توجهہ نہ ڏنو. ڳوٺاڻي عوام کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ زميندارن ۽ جاگيردارن کي بندوقن جا ليسن، ڪامورن جي

www.sindhsalamat.com

حمايت، عزت وارا لقب، دربار جون ڪرسيون، آنرري ماجسٽريٽون ڏنائون. اهڙيءَ طرح هڪڙن ماڻهن کي ڪمزور ڪري غلامانه زندگي گذارڻ تي هيراياائون. ۽ پياجن خود داري يا خود سري ٿي ڏيکاري، تن کي زميندارن، پوليس ۽ ڪامورن ۽ سخت قانون ذريعي دبائي، سخت سزائون ٿي ڏنائون.

هنن هندن جي واپاري ۽ وياج خور ڪلاس کي ڪورٽن جي آڌار تي طاقتور بنائي، ڳوٺاڻن جي زمين ۽ ملڪيت هٿ ڪري، شاهوڪار بنائڻ لاءِ ماحول سازگار بنايو. ايتري قدر جو انگريزن کان اڳ هندن جي واپاري ڪلاس کي هڪ سيڪڙو زرعي زمين به نه هئي، سي انگريزن جي آخري ڏينهن ۾ 30 لک ايڪڙ زمين جا مالڪ بنجي ويا. سموري دڪانداري ۽ ديهاتي تجارت هنن جي هٿن ۾ اچي ويئي. ننڍا ڪارخانا به هنن جي حوالي رهيا. آباديءَ جي 25 سيڪڙي هئڻ جي باوجود کين 75 سيڪڙو نوڪريون ڏياريون ويون. تعليمي ادارن جي گهڻائي شهرن ۾ هئڻ ڪري اُن جو اڪثر فائدو شهري هندن ۽ ڪن ٿالي ماتر مسلمانن کي پهتو. رشوت عام جام هئڻ ڪري، اهو ڪلاس ملڪيت ۽ پئسي وارو ٿي ويو. اُن جو سمورو اثر ڳوٺن تي پيو. پيسو ۽ ڪمائيءَ جا مکيه ذريعا ڳوٺاڻن کان کسجي، شهرن ۾ وڃي ڪٺا ٿيا هئا. هر ڳوٺاڻو بي زمين هاري، مالدار مڇي مارينڊڙ ۽ ڪاسبي روز بروز مفلس ٿيندو ويو.

اهڙين حالتن هيٺ جڏهن شهري تاجر، ڪارخانيدار ۽ پڙهيل طبقي ۾ سجاڳي پيدا ٿي، ۽ هنن وڌيڪ حقن حاصل ڪرڻ جي گهر ڪئي ته سندن توجهه هٽائڻ لاءِ مسلمانن کي نوازي کين هندو پڙهيل، تاجر ۽ شاهوڪاري طبقي خلاف مدد ڏيڻ شروع ڪئي. جنهن ڪري طبقاتي چتاپيٽون هڪ طرف پيدا ٿيون ۽ نوڪرين، واپار ۽ اقتدار لاءِ ڪشمڪش ٻئي طرف پيدا ڪرائي وئي. ان وچ ۾ مڪاني طرح انگريز- حڪومت ± هندستان جي آزادي پسند گروهن ۾ هڪ طرف اختلاف پيدا ٿيا ته ٻئي طرف بين الاقوامي سطح تي سامراجي طاقتن جي اقتدار جي حصول، واپاري چتاپيٽين ۽ ٻين ملڪن تي قابض ٿيڻ جي خواهش، به مهاڀاري لڙايون ڇيڙي ڇڏيون. جن ۾ هندستان ۽ ٻين ڪالونائيز ملڪن جي ماڻهن جي وسائل، پيسي، لشڪر ۽ تعداد جي مدد سان انگريزن ۽ سندن حمايتن جي فتح ٿي، ليڪن انگريز حڪومت جي ماتحت ملڪن جن پنهنجن حاڪمن (انگريزن) جي مدد ۾ هر طرح جي قرباني ڏني هئي ± کي ڪجهه به حاصل نه ٿيو ۽ اُن تي هندستان جي ماڻهن ۾ درد عمل پيدا ٿيو ۽ آزاديءَ

www.sindhsalamat.com

جي تحريڪ زور وٺي وئي. اُن کي دور ڪرڻ لاءِ انگريز حڪومت طرح طرح جون حڪمت عمليون ڪتب آنديون:

جن مان هڪ حڪمت عملي هيءَ هئي ته هندستان ۾ هڪ قوم جي بنياد تي جمهوري حڪومت قائم ڪرڻ جو دلاسو ڏنو. اُن لاءِ هنن ملڪي سياست کي آئيني طور هلائڻ واسطي ڪانگريس جماعت تيار ڪرائي. هن آزادي پسند، طاقتور جماعت ۾ هندو ڪارڪنن جي اڪثريت ٿي ويڻ ڪري، اهو ويساهه عام ٿيهي ويو ته حڪومت جو اختيار عملي طور هندن جي هٿ ۾ اچي ويندو.

ٻي حڪمت عملي هيءَ هئي ته هنن مستقل مفاد ۽ فرقي پرست مسلمانن کي اُڀاري، مسلم ليگ قائم ڪرائي، جنهن جا نظرياتي ليڊر سر سيد احمد خان، علامه اقبال ۽ جناح صاحب کي بنائي، سندن همت افزائي ڪئي وئي. جن مذهب ۽ قديم حڪومتي روايات تي مسلمانن کي جدا قوم قرار ڏيئي، پهرين جدا حقن جي تقاضا ڪئي، ۽ آخر ۾ هندستان کي تقسيم ڪرائي، پاڪستان ۽ ڀارت جي نالن سان مسلمان ۽ هندن جون حڪومتون برپا ڪرايون.

غور سان نظر ڪري ڏسبي ته مٿيان ٻئي نظريا غلط هئا. نه ساري برصغير هند جا رهاڪو (زبانن، ڪلچرن، زميني خطن، تاريخي روايات، سياسي ۽ اقتصادي بنيادن تي هڪ نه هئڻ ڪري) هڪ قوم هئا، ۽ نه مسلمان، مذهب جي بنياد تي جدا قوم هئا. پر جيئن ته ٻنهي ڌرين جي مستقل مفاد اُنهن نظرين ۾ پنهنجو فائدو ڏٺو، اُنڪري انهن ڳالهين تي آتل ٻيهي رهيا. ڪن سمجهدار سياستدانن ± راجگوپال آچاريه، مولانا عبيدالله سنڌيءَ، شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ اسان ± هندستان جي مختلف صوبن ۾ رهندڙ مختلف قومن کي جديد نظريه قوميت (جدا زبان، ڪلچر، قديم روايات، سياسي ۽ اقتصادي مفاد) جي بنياد تي تسليم ڪري، مختلف قومن کي آزاد حڪومتن ۾ ورهائي، ڪانفيڊريشن بنائڻ جو آواز اُٿاريو. پر وڏين جماعتن ۽ انگريزن جي هل هنگامي ۾ اسان جون آواز طوطي جي نقارخاني ۾ آواز وانگر ڪنهن به نه ٻڌو ۽ ملڪ ورهائجي ويو جنهن مان خاص ڪري سنڌين کي ڪيترا نقصان پهتا. جهڙوڪ:

سنڌين کي جداگانه قوم ۽ آزاد سياست جي حق کان محروم ڪيو ويو. لاهور واري ٺهراءَ کان ڦري، جنهن موجب هن ملڪ جي "رياستن کي آزاد ۽ خودمختيار بنائڻو هو ورهاست ۾ آيل خطي زمين وارين رياستن کي هڪ ملڪ "پاڪستان" ۽ رهاڪن کي هڪ قوم "مسلمان" جو نالو ڏنو ويو. جا

www.sindhsalamat.com

ڳالهه "اعجوبہ روزگار" (FREAK OF NATURE) هئي. دنيا ۾ اسرائيل کانسواءِ ڪٿي بہ مذهبي بنياد تي قوم کي تسليم نہ ٿي ڪيو ويو. اهڙيءَ طرح نہ وري ڪڏهن تاريخ ۾ پاڪستان نالي سان ڪو ملڪ موجود هو. اُن نئين ملڪ پاڪستان ۾ آباديءَ جي اڪثريت بنگال ۾ هئي ۽ ايراضيءَ جي اڪثريت اُلهندي وارن خطن ± سنڌ، پنجاب، بلوچستان ۽ پختونستان - ۾ هئي. انهن ٻنهي حصن کي اُڀرندو ۽ اُلهندو پاڪستان سڏيو ويو. اُنهن ملڪن (خطن) جون اَصل قديم زبانون (سنڌي، پنجابي، بلوچي، پشتو ۽ بنگالي) ريتي، هندستان مان آندل نئين زبان اُردو کي ملڪ جي قومي زبان بنايو ويو. مختلف قومن جي وجود کان انڪار ڪيو ويو. حڪومت جون واڳون هندستان کان آيل مستقل مفاد مسلمانن (مهاجرن) ۽ پنجاب وارن جي هٿن ۾ ڏنيون ويون. ان نئينءَ جوڙجڪ مان گهڻو نقصان بنگال ۽ سنڌ جي رهاڪن کي پهتو. تعداد ۾ گهٽي هئڻ ڪري جمهوري دستور موجب حڪومت تي قبضو بنگالين جو رهڻو هو پر حڪومت مهاجرن ۽ پنجابين پاڻ ۾ ورهائي، پنهنجي تسلط هيٺ آندي ۽ پنهنجي مفاد لاءِ ڪتب آڻڻ لڳا. ڪروڙين مسلمانن کي منظر منصوبي هيٺ هندستان مان گهرائي، بنگال ۽ سنڌ ۾ آباد ڪرايو ويو. جملي وڏن عهدن ۽ نوڪرين تي اُنهن کي قابض ڪرايو ويو. هندن جي ڇڏيل واپار دڪانن، زمينن، بئنڪن ۽ ڪارخانن تي انهن جو تسلط برقرار رکيو ويو. حڪومت جي پاليسي اهڙي مرتب ڪئي وئي، جو هنن جي راين ۽ نظرين جي مخالفت کي ملڪ دشمنيءَ، اسلام دشمنيءَ، صوبي پرستي، ڌارين ملڪن جي ايجنٽيءَ ۽ انتشار پسنديءَ سان تعبير ڪيو ويو ۽ بنگالين ۽ سنڌين کي آزاد راءِ رکڻ سبب سزائون ڏنيون ويون. اڳتي هلي، بنگالين گهڻي جدوجهد، قربانيءَ ۽ خونريزيءَ بعد پاڪستان جي پنجوڙ مان جند آزاد ڪرائي، ملڪ کي آزاد ڪرايو. باقي سنڌ اڃا اسلام . پاڪستان ۽ مسلم قوم جي غلاميءَ واري ڪٽ ۾ ڦاٿي پيئي آهي. اُن سان جيڪي عقوبتون ٿين پيون يا ٿينديون، تن جو مختصر ذڪر پهرئين فصل ۾ اَچي چڪو آهي، اُنڪري دهرائڻ مناسب نہ ٿيندو.

## انگريز دؤر جون خوبيون

هاڻ اَچو تہ انگريزي حڪومت جي خوبين ۽ چڱاين جو تذڪرو ڪريون. اُن جو بيان نہ ڪرڻ ڪفر نعمت برابر ٿيندو.

www.sindhsalamat.com

هنن اول پر انتظامي سهوليتن جي مدنظر سنڌ کي بمبئيءَ سان ملائي ڇڏيو هو جنهن ڪري سنڌين کي زبردست نقصان پهتو. پر جڏهن سنڌين "سنڌ جي بمبئيءَ کان آزاديءَ" جي هلچل هلائي، تہ هنن (انگريزن) وچڻ کان اڳ سنڌ کي "جدا رياست" بنائي ڇڏيو.

هنن سنڌي رسم الخط ٺهرائي، پرائمري تعليم سنڌيءَ پر ڏيڻ جو رواج وڌو.

هنن سنڌ جي سرڪاري ۽ ڪورٽ ± زبان سنڌيءَ کي بنايو ۽ چيف ڪورٽن تائين لکپڙهہ سنڌيءَ پر ڪرڻ لازمي ٺهرائي. هر ٻاهرئين علمدار لاءِ ڇهن مهينن اندر سنڌي زبان سکڻ لازمي قرار ڏنو.

هنن ساري ملڪ پر ريلوي لائينون وڇائي، آمدرفت کي سهل بنائي ڇڏيو ۽ هوائي سروس ذريعي سنڌ کي دنيا سان ڳنڍي ڇڏيو.

هنن پرائمري اِسڪولن، هاءِ اِسڪولن ۽ ڪاليجن پر جديد تعليم کان ماڻهن کي روشناس ڪرايو.

هنن ملڪ پر امن امان ۽ نظم و نسق قائم ڪيو. جمهوري طرز تي حڪومت هلائڻ جو رواج وڌو ۽ ملڪ پر جديد قانون رائج ڪيا.

هنن آبپاشيءَ جا ذريعا سڌاري، زراعت کي جديد طرز تي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪئي.

هنن ملڪ پر مغربي تهذيب، سائنس، علم ۽ فڪر کي مروج ڪري نئون انقلاب آندو.

انگريزن جي دور حڪومت پر ملڪي حالتن اهڙو تہ ڦيرو کاڌو جو جڏهن هو ملڪ کي آزاد ڪري، مڪاني ماڻهن جي حوالي ڪري ويا، تہ مذهبي تعصب، اقتصادي ڇتاڀيڻين ۽ مستقل مفاد جي ڪارگذارين، ڪروڙين ماڻهن کي پنهنجن اباڻن وطنن کي ڇڏائي، ٻين وطنن پر وڃي آباد ٿيڻ لاءِ مجبور ڪيو. جنهن ڪري لکين ماڻهن جي خونريزي ۽ لاتعداد عورتن جي عصمت دريءَ جا واقعا رونما ٿيا. پاڪستان جي قيام بعد سنڌ مان 13 لک سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙ سنڌي تهذيب ۽ تمدن جا معمار، شاهہ، سچل ۽ سامي جي تعليم جا ڄاڻو ڊاڪٽر، انجنيئر، سائنسدان، فلسفي ۽ تصوف جا ماهر هندوملڪ ۽ ملڪيتون ڇڏي ڀارت پر آباد ٿيا. ۽ اُنهن جي جاءِ تي ٽيهہ لک پارتواسي تاجر، اعليٰ منتظم، ڊاڪٽر، انجنيئر، سائنسدان، ڪارخانيدار، ڀنڪر ۽ هنر مند مسلمان اچي سنڌ پر آباد ٿيا. مسلم قوم جي اصول کي مڙهي، پنجاب ۽ سرحد مان بہ اٽڪل 25 لک

www.sindhsalamat.com

ماڻهو لڏائي، سنڌ ۾ آباد ڪرڻ، هن دور جو يادگار ڪارنامو آهي. سنڌ ملڪ، سنڌي قوم، سنڌي زبان ۽ سنڌي راڄن کي ختم ڪرڻ به پاڪستان جي حڪمران طبقي جا مکيه ڪارناما آهن.

هن وقت سنڌ جو مٺڙين طبقو (پير، زميندار، ملا، ڪامورا ۽ اڪثر سياستدان)، حڪمران طبقي جا دلال بنجي، سنڌي تهذيب، زبان ۽ قومي ڪردار ۽ روايات کي تباهه ڪرڻ لاءِ ساڻن ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺو آهي. سنڌين جي اخلاق، اُصولن، همت ۽ مذهبي نظرين تي ڪاري ضرب لڳي رهي آهي. اُردو ٻولي، اُردو راڳ، اُردو تهذيب، مذهب جو اُردو تشريح، نفرت ۽ نفاق جي تعليم ۽ تربيت اسان تي زوريءَ مڙهڻ لاءِ سرڪاري مشنريءَ (اخبارن، ڪتابن، ريڊيي، ٽيليويزن وغيره) ذريعي سنڌ جي ماڻهن جي ذهنن کي زهر آلوده ڪيو پيو وڃي. سنڌ دشمنن جا نالا سنڌ جي اسڪولن، ڪاليجن، رستن، شهرن، بندرن، ڪتبخانن تي رکي سامراجي تسلط قائم رکيو پيو وڃي. سنڌ جي دشمنن ± جناح ۽ اقبال ± جون سئو سال ورسيون ۽ سالگرهون ملهائي، اسان جي عوام ۽ خواص کي غلاميءَ جي زندگيءَ تي هيرايو پيو وڃي. سنڌي قومپرستيءَ کي گناهه ۽ سنڌ دشمنيءَ جي ڪارنامن کي عزت جو ڪارڻ ظاهر ڪيو پيو وڃي. پاڪستان جي وجود مان سنڌ جي 1. جداگانه قوميت، 2. زبان، 3. تمدن، 4. قومي روايات ۽ 5. قومي ڪردار کي ڪاري ضرب پهچي رهي آهي. ان ڪري آءٌ ضروري سمجهان ٿو ته مذڪوره پنجن تاريخي ورثن جو ذڪر ڪري، انهن کي نئين ماحول مان پهچندڙ نقصان جو ذڪر ڪريان. تمدن، قومي روايات ۽ قومي ڪردار تي مفصل بحث هن ئي فصل ۾ اڳتي ايندو هتي صرف سنڌين جي جداگانه قوميت ۽ زبان جي اهميت ۽ ان کي پهچندڙ نقصان جو مختصر بيان پيش ڪريان:

## 1. سنڌين جي جداگانه قوميت

آءٌ هتي ڪتاب جي پهرئين فصل ۽ هن فصل ۾ پڻ بيان ڪري آيو آهيان ته سنڌ گذريل ساڍن 5 هزار سالن کان جدا ملڪ جي حيثيت ۾ قائم رهيو آهي. هتي ٻه هزار ورهيه دراويدي ۽ ٻه هزار ورهيه آرين تهذيبن جو عمل دخل رهيو. اسان کي جدا ٻولي، تهذيب، قومي ڪردار ۽ روايات پيئي رهيا آهن، جي دراويدي ۽ آرين تهذيبن ۽ ڪلچرن جي مواد تي تعمير ٿيل هئا. گذريل پندرنهن سئو ورهين جي گڏيل تهذيبي دورن ان ۾ ردوبدل آڻڻ جي گهٽ ڪوشش ڪئي آهي.

www.sindhsalamat.com

اڳوڻي ڪلچر جي ڍانچي کي ڍاهي، نون بنيادن تي تعمير ڪرڻ جي ڪوشش پئي ٿي آهي. پر زماني جي حادثن باوجود، سنڌي ملڪ، قوم، زبان، ڪلچر، قومي ڪردار ۽ روايات کي اڄا تائين بچائيندا پئي آيا آهن. ليڪن هن وقت اسان مذڪور سيني ورثن جي ختم ٿيڻ جو نظارو اکئين ڏسي رهيا آهيون. پهريون وڏو وار اسان جي ملڪ جي جداگانه وجود تي ڪيو ويو آهي. سنڌ انگريزن کان اڳ جدا ملڪ ۽ ان ۾ جدا حڪومت هئي، هن وقت ان جي علحده ملڪي حيثيت ختم ڪري، ان کي نئين نالي واري ملڪ پاڪستان جو صوبو بنايو ويو آهي. ان کي مرڪز ۾ 21 سيڪڙو نمائندگي ڏئي، اقليت ۾ بدلايو ويو آهي. ان جي آزاد ۽ خودمختيار حيثيت کي ختم ڪيو ويو آهي. هتي جي رهاڪن جي تاريخي وجود کان انڪار ڪيو ويو آهي، نه صرف ايترو پر اهڙي قسم جي گفتگوءَ کي به ڏوهه ٺهرائي، سزائون ڏنيون وڃن ٿيون.

## 2. سنڌي زبان

موجوده سنڌي زبان معلوم ائين ٿئي ٿو ته اندو- آرين زبان جي پراڪرت آهي، جنهن ۾ دراويدي، پارسي، عربي ۽ منگول زبانن جا لفظ گڏجي ويا آهن. هن زبان جي موجوده رسم الخط عربي آهي، جو نسخ ۾ لکيو وڃي ٿو. دراويدي دور جو رسم الخط به ملي سگهيو آهي. پر ان جي گهڻي لکپڙهه نه ملڻ سبب مڪمل پڙهجي نه سگهيو آهي. ان کان پوءِ آرين جي وقت ۾ ڪهڙو رسم الخط هو ان جو پوريءَ طرح پتو پئجي نه سگهيو آهي. هندو سنڌي ۽ گرمکي خط تي سگهي ٿو قديم رسم الخط هجن. عربن جي دور ۾ بيا به ڪجهه رسم الخط معلوم ٿيا آهن. پر عربن ۽ پارسين جي گهڻي وقت راڄ رهڻ سبب، اهي رسم الخط ترقي ڪري نه سگهيا.

اها حقيقت آهي ته آريا قوم اُتر- اولهه کان برصغير هند ۾ آئي. ۽ سندن زبانن کي اندو- آرين زبانون سڏيو وڃي ٿو. هن وقت برصغير هند جي ٻولين کي ٻن گروهن ۾ ورهايو ويو آهي: هڪڙيون دراويدي نسل واريون ٻوليون، جهڙوڪ تيليگو ملايالم ۽ تامل وغيره. جي ڏکڻ هند ۾ رائج آهن. ٻيون اندو- آرين زبانون، جهڙوڪ بنگالي، گجراتي، مرهٽي، هندي، پنجابي، ڪشميري، سنڌي ۽ اوڙيا وغيره.

آرين پهرين سنڌونديءَ جي ڪناري تي اچي ٻيٺڪون ٺاهيون هيون. اتي رهڻ وقت سندن جيڪا اوائلي ٻولي هئي، ان جا ڪي نشان (لفظ وغيره) سنڌ ماتريءَ جي ٻولين- سنڌيءَ ۽ ڪشميريءَ- ۾ ملي سگهن ٿا. جن ۾ مماثلت ۽

www.sindhsalamat.com

لساني رابطو موجود آهي. اهي آريائي ماڻهو پنهنجي سنڌو ماتريءَ واري اها اصلوڪي ٻولي کڻي، اوپر طرف هندستان ڏي وڌيا. جتي سنڌن ان ٻولي مان پوءِ مگڌ ۽ بهار ۾ سنسڪرت زبان بڻي. انهيءَ لحاظ کان سنڌي ٻولي سنسڪرت جي وڏي پيڻ آهي، ۽ ٻين هندستاني ٻولين جي، جيڪي جملي سنسڪرت مان نڪتيون آهن ڇڻ تہ ماسي آهي. ان حساب سان سنڌي ٻولي جملي انڊو آريائي ٻولين ۾ قديم ۽ اهم ترين ٻولي ـــي ٻيون سڀ انڊو آريائي ٻوليون سنسڪرت مان نڪتيون ۽ مقامي پراڪرتن ذريعي مڪاني ماحول ۾ پلجي وڏيون ٿيون. انهيءَ ڪري سنڌن لفظي ۽ اصطلاحي جوڙجڪ پراڪرتن ذريعي سنسڪرت تائين محدود رهي. مگر سنڌي ٻولي، سنسڪرت کان اڳ ساماڻي، ان کي اتر اولهہ کان سنڌو ماتريءَ ۾ نووارد آرين جي لفظن جو ذخيرو حاصل ٿيو موهن جي دڙي واري ٻوليءَ مان دراويدي لفظن جو ورثو مليو ۽ ايران مان ايندڙ آرين جي پهلوي زبان مان ڪجهہ ذخيرو حاصل ٿيو. سنڌو ماتريءَ ۾ ڪوشان گهراڻي جي سياسي تسلط بعد ان کي پراڪرت ذريعي سنسڪرت ٻوليءَ مان ذخيرو نصيب ٿيو. آخر ۾ عربن جي اچڻ بعد عربي زبان جو سرمايو بہ حاصل ڪيائين. اهڙيءَ طرح سنڌي زبان دنيا جي مکيہ زبانن ـ دراويدي، ايراني، سنسڪرت ۽ عربيءَ ـ جي سرچشمن مان مالامال ٿي آهي، ان ڪري هندستان جي ڪا بہ انڊو آريائي ٻولي، سنڌي ٻوليءَ جي سرمائي جو مقابلو ڪري نہ ٿي سگهي. سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ جا اهڙا واقعا آهن، جن کان ٻيون هند ـ آريائي ٻوليون خالي آهن. سنڌي ٻوليءَ جي هن خاص تاريخي ارتقا جو نتيجو اهو نڪتو جو سنڌي پنهنجي اندروني، لساني ۽ لغوي ترقيءَ ۾ ٻين مڙني هند ـ آريائي ٻولين کان گوءِ کڻي وئي. جيئن تہ سنڌي ٻوليءَ پنهنجو بنيادي سرمايو سنڌو ماتريءَ جي اوائلي دراويدي ۽ آريائي ٻولين مان هٿ ڪيو جنهن مان پوءِ سنسڪرت نڪتي، تنهن ڪري سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترا لفظ پنهنجي نج ۽ اصلوڪي حالت ۾ محفوظ رهيا. جي پوءِ سنسڪرت ۽ سنڌيءَ ۾ ٿي اهڙا مشترڪ لفظ پنهنجي اصلوڪي حالت ۾ موجود آهن، جيڪي ٻين هند ـ آريائي ٻولين ۾ نہ آهن. بين الاقوامي زبانن سان رشتي هئڻ سبب سنڌيءَ ۾ ڪي اهڙا بہ اصولي پرُ معنيٰ لفظ موجود آهن، جي ٻئي ڪنهن جديد هند ـ آريائي ٻوليءَ ۾ نہ ٿا ملن. سنڌيءَ ۾ اسمن جي جزياتي تفصيل ڪري هر ننڍيءَ ۽ وڏيءَ شيءِ کي نالو ڏنو ويو ۽ ڪيترين شين جا درجن کان وڌيڪ نالا مقرر ٿيا، ۽ ڪيترن نالن جون مختلف معنائون پيدا ٿيون. مثلن:

www.sindhsalamat.com

سنڌيءَ ۾ اُٺ ۽ گهوڙي جا عمر، رنگ ۽ نسل جي لحاظ کان ٻن درجنن کان وڌيڪ نالا آهن، جنهن جو مثال ڪنهن بہ هند- آريائي ٻوليءَ ۾ نہ ٿو ملي. سنڌيءَ ۾ هر شيءِ جي حصي کي نالو ڏنو ويو آهي. ٻيڙيءَ، آڏاڻي، نار ۽ هر وغيره جي پرزن ۽ حصن جا جدا جدا نالا ۽ اصطلاح سنڌيءَ ۾ موجود آهن. سنڌ جي سر زمين جي سنهي ۾ سنهي توڙي وڏي گاهہ ٻوٽي ۽ وڻ جو نالو رکيل آهي. اِهي تفصيلوار جزياتي نالا سنڌيءَ کان سواءِ ٻي ڪنهن ٻوليءَ ۾ نہ ٿا ملن. تنهن جو مطلب تہ پنهنجي ذاتي لفظي ذخيري پيدا ڪرڻ ۽ وڌائڻ جي جيڪا خصوصيت سنڌيءَ ۾ آهي، سا ڪنهن ٻي ٻوليءَ ۾ نہ آهي. ٻيون جديد هند — آريائي ٻوليون محض اسمن لاءِ بہ ٻين ٻولين جون محتاج آهن. اُردوءَ جي اسمن جو تہ سڄو سرمايو اُڌارن لفظن تي آهن. سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ پنهنجي ذاتي لفظي ذخيري پيدا ڪرڻ جي خاص خصوصيت ۽ صلاحيت آهي، جا نون نون علمي ۽ فني نالن ۽ اصطلاحن پيدا ڪرڻ جي ذميوار آهي، ۽ اُن جي مقابلي ۾ اُردو تہ محض بيوس ۽ محتاج آهي. سنڌي ٻولي جي تاريخي ارتقا ۽ مکيہ بين الاقوامي ٻولين سان لاڳاپي هئڻ سبب، اُن ۾ نہ صرف لفظي ذخيري جي ڪثرت ۽ جدت آهي، مگر هن ٻوليءَ جي صرف نحو ۾ بہ اِها وسعت ۽ جدت آهي، جا ٻي ڪنهن بہ هند آريائي ٻولي جي گرامر ۾ نہ آهي. اِنهي ڪري بيان جي اظهار ايجاز ۽ اختصار پيدا ڪرڻ لاءِ بہ سنڌي ٻوليءَ جي گرامر جي سٽاءَ ۽ ساخت ايتري وسيع، ڳوڙهي ۽ مڪمل آهي، جنهن جو مثال ٻيءَ ڪنهن هند — آريائي ٻوليءَ ۾ نہ ٿو ملي. سنڌي فعل جي ڦيرن، جنس، عدد ۽ زمانن موجب اُنهن جي گردانن، ضميري پڇاڙين ۽ اعرابن جو جن يورپي علم — زبانن جي ماهرن مطالعو ڪيو آهي، تن پڻ سنڌيءَ کي ٻين جديد هند — آريائي ٻولين کان گهڻو ترقي يا فتہ ۽ مڪمل ڪري مڃيو آهي. ڪئپٽن ايسٽوڪ ۽ ڊاڪٽر ٽرمپ جي لکيل سنڌي گرامرن مان اها حقيقت واضح ٿئي ٿي، ۽ جي. آر. گريئرسن جي ڪتاب، هندستاني ٻولين جي پڌمائش، جلد 8، حصي — 1 جي مطالعي مان پڻ اِن حقيقت جي تائيد ٿئي ٿي.

هن وقت اهڙي ترقي يا فتہ زبان جي حيثيت کي ختم ڪري، اُردوءَ کي ملڪ جي قومي زبان بنائي، سنڌين مٿان زوريءَ مڙهيو ويو آهي، ۽ سنڌيءَ کي اسڪولن، ڪاليجن، يونيورسٽين ۽ ڪورٽن وغيره مان خارج ڪرائڻ جون سازشون هلي رهيون آهن.

www.sindhsalamat.com

## 3. سنڌي تمدن يا شهريت (Citizenship)

آئون پوئتي ٻڌائي آيو آهيان تہ سنڌ شهريت (پلننگ، تعمير ۽ ڊرينيج) جي معاملي ۾ ايڏي ترقي ڪئي هئي، جو دنيا جو ڪو بہ ملڪ اِن سلسلي ۾ سائنس دم هٽي نہ ٿو سگهي.

موهن جي دڙي جو شهر سڄو پڪو اڏيل آهي. اُن جا گهر پڪين سرن جا ۽ گهٽيون ۽ رستا پلئن مطابق ٺهيل آهن. گهرن ۾ کوهہ ۽ وهنجڻ جون جايون موجود آهن. پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ بهترين ڊرينيج سسٽم آهي. گندي پاڻيءَ جون ناليون گهرن مان نڪري، گهٽين جي وڏين ۽ ڍڪيل نالين ۾ پون ٿيون. جتان اِهو پاڻي شهر کان ٻاهر نيڪال ٿيندو هو. شهر جي وچ ۾ هڪ وڏو تلاءُ، حمام ۽ غسلخاني جي قسم جو ٺهرايل آهي، جنهن ۾ هيٺ لهڻ لاءِ سرن جون ڏاڪڻيون ٺهيل آهن. معلوم ٿئي ٿو تہ اِهو تلاءُ پبلڪ حمام يا غسلخاني طور ڪم ايندو هو. اُن ۾ ٻاهران پاڻي جو اچڻ جو انتظام هڪ طرف ۽ گندي پاڻي جي نيڪال جو بندوبست ٻئي طرف ٿيل هو. گهرن جون پٽيون تمام ويڪريون ۽ مضبوط ٻڌيون ويون هيون، جيڪي پنج هزار سال گذرڻ کان پوءِ بہ سلامت بيٺيون آهن. شهر ۾ ٿنڀن (Pillars) تي ٺهيل هڪ هال جا نشان ڏسڻ ۾ آيا آهن، جو شايد پبلڪ هال، وڏيءَ عبادتگاهه يا جماعت خاني طور ڪتب ايندو هو. شهر ۾ ڪجهه جايون پڪن فرشن سان ٻڌايل نظر اچن ٿيون، جي شايد ان يا ٻئي واپاري سامان جي گودامن طور ٺهرايل هيون. تلاش جي پر ۾ ڪي ويهڻ جي جاين جا نشان ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جي شايد وهنجڻ وقت ماڻهن جي ڪپڙن يا سامان رکڻ لاءِ ڪتب ايندڙيون هيون. شهر واپار جي وڏي منڊي، مرڪز ۽ شاهوڪار هو. شهر جي پڪين جاين جي باترتيب اَڏاوت تي تمام گهڻو خرچ آيو هوندو. سرن جي ٺاهڻ لاءِ ڪيترا ڪورا بہ ٺهرايا ويا هوندا. اُن وقت تعمير جي فن جي چڱي ترقي ڪيل ڏسجي ٿي. کوٽائيءَ مان مليل مهرن، ماڻهن جي مجسمن، پڪل نڪر جي ٿانون، رانديڪن، ڍڳي گاڏين وغيره مان معلوم ٿئي ٿو تہ اِن فن بہ چڱي ترقي ڪئي هئي.

اِن کان پوءِ جي ٻڌ ڌرم واري دور جي اسٽوپا جا نشان بہ ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جنهن جي پر ۾ پوڄارين جي رهڻ جي جاين جا آثار بہ ملن ٿا.

موهن جي دڙي واري دور کان ٿورو اڳ يا ڪجهہ پوءِ واري دور جي شهرن جا نشان پڻ سنڌ ۾ مليا آهن، جن مان ڪيترا پڪسرا ٺهيل هئا. جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ جڏهن دنيا جو اڪثر حصو بدويانہ طرز زندگي گذاريندو هو هتي زرعي

www.sindhsalamat.com

آباديءَ ۽ واپار ٿيڻ سبب ملڪ سائو ۽ ستابو هو جنهن ڪري ئي شهري زندگي ايڏي ترقي ڪئي هئي. اهو دور 3500 ورهيه ق.م کان وٺي 1500 ق.م تائين هليو جنهن کي دراويدي تهذيب ۽ تمدن جو دور سڏيو ويو. ان بعد اٽڪل 1500 ورهيه يا ٻه هزار ورهيه ق.م ۾ آريا قوم جي مختلف گروهن هتي اچي، اڳوڻن شهرن ۽ ڳوٺن کي فتح ڪري، وسائڻ شروع ڪيو. ليڪن معلوم ٿئي ٿو ته اُن بعد چوماسو بدلجڻ ڪري، ٻيلا گهٽجي ويا، ۽ ماڻهن پڪين سرن جي عيوض ڪچين سرن جا گهر به ٺاهڻ شروع ڪيا. شهرن جو تعداد اڳي جي نسبت ۾ وڌي ويو پر اڪثر شهر ڪچرا ٺهيل هئڻ ڪري، اُنهن جا ٿورا ڪي نشان - السور، ٻهمڻ آباد، چانهونءَ جي دڙي، جهڪر جي دڙي، پنيور ۽ ڪن ٻڌ عبادت گاهن جي صورت ۾ ملن ٿا. ازنسواءِ انگريزي دور کان سواءِ پاڪستان ۾ ڪا خاص نمايان کوٽائي ڪا نه ڪئي وئي آهي، جو پراڻن شهرن يا جاين جا آثار ملي سگهن. اهو پتو پئجي نه سگهيو آهي ته موهن جي دڙي واري دور ۾ شهري نظام پنچاتن جي هٿن ۾ هو يا ڪي سنديڪيٽ ٺهيل هئا. راجائن جو سرشتو به شايد عمل ۾ نه آيل هو جو اهڙا ڪي محلات ڏسڻ ۾ نه آيا آهن. ممڪن آهي آرين جي زماني ۾ شهرن ۾ رهندڙ ماڻهن، پنچاتن يا راجائن ذريعي ملڪي ڪاروبار سنڀالڻ شروع ڪيو هجي، ۽ ڳوٺن يا ڇڙوڇڙ گهرن ۾ رهندڙ ماڻهن نظام سندن سردارن، رتيبلن وڏيرن وغيره ذريعي هلندو هجي. ڪجهه وقت بعد راجائون به حڪومت ڪرڻ لڳا، جن وڏيرن ۽ سردارن ذريعي ملڪ جي ڪاروبار کي هلايو هجي. اُن دور ۾ هاٿي پالي سواريءَ يا جنگ ۾ ڪم آڻڻ، گهوڙن تي سواريءَ ڪرڻ ۽ رٿن ۽ گاڏين ڇڪڻ جو رواج به پيل ڏسڻ ۾ اچي ٿو. مهاڀارت جي جنگ ۾ معلوم ٿئي ٿو ته سنڌ مان راجا جيدرٿ، ڪورون جي مدد ۾ لشڪر موڪليو هو. راجا جيدرٿ سنڌ جي ڪهڙي هنڌ يا شهر جو رهاڪو هو اُن بابت پورو پتو (مهاڀارت مان به) نه پئجي سگهيو آهي. مهاڀارت جي جنگ، ڪن تاريخدانن جي چوڻ موجب هڪ هزار ورهيه ق.م ۾ لڳي هئي، ۽ ڪن اُن جي زماني بابت مختلف رايا پيش ڪيا آهن.

ليڪن اُن کانپوءِ ايرانين ۽ سڪندراعظم جي دور جي ڪيترن شهرن- جهڙوڪ: ٻهمڻ آباد، پنيور، پٽالا، سيوهڻ وغيره — جو پتو پوي ٿو. سڪندراعظم جي سپهه سالار ڊيميترس، ڪجهه وقت پٽالا (حيدرآباد) تي حڪومت به ڪئي هئي. سيوهڻ ۽ روهڙيءَ جا شهر اُن زماني جا ٺهيل معلوم ٿين ٿا. سنڌو درياهه وقت به وقت پنهنجا پيٽ پٽي بدلايا آهن، تنهن ڪري ڪيترن شهرن جي

www.sindhsalamat.com

پاڻيءَ وجهڻ جا امڪان ٿي سگهن ٿا. اڳي آبادي گهڻو ڪري سيلاب (ٻوڏ) تي ٽينڊي هئي، ممڪن آهي ڪي ڪوهه يا واهه به آباديءَ لاءِ کوٽايا ويا هجن. اڪثر ماڻهو زراعت، مال ڌارڻ، مڇي جي مارڻ وغيره تي ياڙڻ ڪري خانه بدوش رهندا هئا يا نندين ڪچين لانڊين ۽ ڳوٺن ۾ رهندا هئا. جيئن ڪي دريا جي رخ بدلجڻ ۽ گاهه (چاري) جي گهٽجڻ سبب بدلبا رهندا هئا. ماڻهن جي رکپالي يا سلامتيءَ جو انتظام سردارن، وڏيرن، اربابن، چامن، راڻن ۽ لامائن جي هٿن ۾ هوندو هو.

اهو تمدني دور 5ـ صدي عيسويءَ تائين هليل معلوم ٿئي ٿو اُن ڪانپوءِ جي ڌارين حملي آورن ملڪ کي تهه و بالا ڪرڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي. پهرين ايراني سامراج جي ڪياني حاڪمن ۽ حملا ڪيا. ان بعد پارٿين ۽ سٿين آيا جن جو تفصيلوار احوال ملڻ مشڪل نظر ٿو اچي، اُن بعد عرب آيا. جن ديبل بندر، نيرون ڪوٽ، سيوهڻ، الور ۽ ٻهمڻ آباد جي اڳ ٻڌايل شهرن ۾ پنهنجون بيلڪون قائم ڪيون. عربن بدويانه زندگيءَ جي هيراڪ هئڻ ڪري شهريت کي وڌائڻ طرف خاص توجهه ڪو نه ڏنو. شهرن ۾ ويهي، نوڪرين ۽ مذهبي ڪاروبار وسيلي سنڌ جي ملڪيت ڦري، پنهنجي ديس موڪلڻ لڳا. هنن مذهب جي نالي ۾ زور زبردستي استعمال ڪري، ماڻهن کي بي همت ۽ بزدل بنايو. عربن پاڻ کي پير، عالم ۽ بزرگ بنائي، ماڻهن تي اثر ويهارڻ جي ڪوشش ڪئي. سنڌ جي ڪيترن وهم پرست ماڻهن هنن جي ڏکين ڏاڙهين، جبن ۽ مذهبي تصنع کي ڏسي، سنڌن معتقدي اختيار ڪئي. عربن جي رهڻ جون جايون، خانقاهون، سنڌن قبرستان، درگاهون ۽ مدرسا احترام ۽ عزت جا مڪان بنجي ويا. آريه ـ ڌرمن جو سنڌ ۾ جيتوڻيڪ ٿورو گهڻو اثر باقي رهيو هو پر ملن ۽ پيرن، عرب سامراجين جي همدرديءَ ۽ اثر هيٺ زور وٺي، ماڻهن تي تسلط ڄمائڻ شروع ڪيو ۽ اسلام کي پنهنجي مفاد لاءِ استعمال ڪيو. جڏهن عرب مال غنيمت جي ورهاست، اقتدار، وسيع سلطنت جي انتظام ۽ مشڪلاتن، پيسي جي فراوانيءَ ۽ عيش عشرت ۾ ڦاسي پوڻ بعد خانه جنگين ۾ مبتلا ٿي، ابتدائي جوش و خروش وڃائي ويٺا. تڏهن مڪاني ماڻهن وري پنهنجين حڪومتن، ريتن رسمن ۽ مذهبي عقيدن کي زنده رکڻ جي ڪوشش ڪئي. پر عام سنڌي قومي اتحاده ٽٽڻ، قوت دفاع وڃائڻ، قبيلائي اختلافن ۾ ورهائجڻ ۽ منظم مضبوط ۽ متحد حڪومت جي نه هئڻ ڪري اهڙا ڪمزور ٿي پيا هئا. جو عربن جي طاقت گهٽجڻ بعد مٿن ٻاهرين پناڻن محمود غزنويءَ ذريعي حملا ۽ ڦرلٽ ڪري قبضو

www.sindhsalamat.com

ڪلهوڙي جا ٺاهيا ٿيا ۽ ڪيترا ننڍا قلعا، اڄ تائين صحيح سلامت يا ڦٽل حالت ۾ موجود آهن.

اُن کانپوءِ انگريزن جي حڪومت آئي، جنهن ملڪي تعمير جا نهايت وڏا ڪم ڪرايا. هنن سنڌ ۾ ريلوي لائينون وڇارايون. ڪوٽڙي، سکر ۽ روهڙيءَ وٽ درياهه تي پلون ٺهرايون. سنڌ ۾ دائمي آبپاشي ۽ زراعت واسطي سکر بئراج ٺهرايو. سنڌ جي گوشي گوشي ۾ انسپيڪشن بنگلا ۽ رستا ٺهرايا. ڪراچي جو بندرگاهه تعمير ڪرايو ۽ فريئر هال، ڊينسو هال وغيره جهڙيون عمديون عمارتون ٺهرايون. هنن واهه کوٽايا. اسڪول ۽ ڪاليج ٺهرايا. ڪجهه ننڍا هنري ڪارخانا کولايا. سنڌي رسم الخط جوڙائي، سنڌي ۾ پرائمري تعليم ڏيارڻ جو بندوبست ڪيائون. ايتري قدر جو سنڌن وڃڻ پڄاڻا سنڌ ۾ هزارين اسڪول موجود هئا. هنن ملڪي ۽ غير ملڪي واپار کي زور وٺايو. سنڌين ۾ قومپرستي جي جذبي وڌڻ سبب سنڌ جي بمبئي کان جدائي جي تحريڪ شروع ٿي. انگريزن نيٺ عام راءِ اڳيان ڪنڌ نمائي، سنڌ کي بمبئيءَ کان ڌار ڪري جدا صوبو بنايو ۽ سنڌ کي قانون ساز اسيمبلي ۽ جدا حڪومت ڏياري.

جڏهن انگريزن هندستان جي ورهاست قبول ڪري، پارت ۽ پاڪستان جي نالي سان ٻه ملڪ برپا ڪيا، ته وڏي خونريزي ٿي ۽ ڪروڙين ماڻهو پنهنجا اباڻا وطن ڇڏي دربدر ٿيا. سنڌ مان لکين هندو لڏي پارت ويا ۽ سنڌن جاءِ مهاجرن، پنجابين ۽ پٺاڻن اچي والاري. هاڻ منظم طريقي سان سنڌي قومپرستيءَ جي جذبي کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ٿي رهي آهي. سنڌ جي قديم روايات مٽائڻ لاءِ هر هنڌ غير سنڌين ۽ سنڌ دشمن جي نالن سان هاءِ اسڪول، ڪاليج، رستا، بندر لائبريريون وغيره قائم ڪرڻ جون ڪوششون ٿي رهيون آهن. اهو سڀ ڪجهه اسلام جي غلط تشريح ۽ پاڪستان جي اتحاد، يڪجهتي ۽ مضبوطيءَ جي نالي ۾ ٿي رهيو آهي. سنڌ جي مٺين طبقي کي سامراجي حاڪمن جي ايجنٽ طور ڪتب آندو ٿو وڃي. اهڙيءَ طرح سنڌي عوام جي اخلاق، همت ۽ سياسي شعور کي نقصان رسائي، سنڌن قوم جي وجود کان انڪار ڪيو وڃي ٿو ۽ سنڌ جي نالي، تهذيب ۽ تمدن کي مٽائڻ جون ڪوششون ڪيون وڃن ٿيون.

## سنڌ جي سماجي زندگيءَ ۽ روايات جا طور طريقا

سنڌين هزارن ورهين جي تجربي، روايات، تعليم ۽ تربيت بعد چند قومي

www.sindhsalamat.com

خصوصيتون حاصل ڪيون هيون. جن مان مکيه هي آهن: (1) قومي غيرت جي خود شناسي، (2) حب الوطني جو جذبو (3) رواداريءَ جي خاصيت، (4) بقاءِ باهميءَ جي روايت، ۽ (5) محبت ۽ پريم جو سبق.

## 1. قومي غيرت ۽ خودشناسي:

جيتري قدر مون کي سنڌ جي تاريخي مطالعي مان معلوم ٿيو آهي، ته هزارن ورهين کان جيتوڻيڪ ڪيترن سامراجي طاقتن، لشڪر ۽ جنگجو قوت جي آڌار تي حملا ڪري سنڌ کي پنهنجي تسلط هيٺ پئي آندو آهي، ۽ سنڌ جي رهاڪن تي پنهنجي زبان، ڪلچر، مذهبي تشريح ۽ سياسي حڪومت مڙهڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي، پر سرزمين سنڌ جا رهاڪو اڃا تائين پنهنجي سنڌي زبان، ڪلچر، مذهب جي صوفيانه تعبير ۽ سياسي آزادي برقرار رکڻ جي ڪوشش ڪندا آيا آهن.

جيڪڏهن سنڌي زبان تي نظر ڪنداسون ته پتو پوندو ته جيتوڻيڪ ايرانين، عربن، مغلن، انگريزن ۽ ٻين سامراجي حڪومتن، پنهنجي دور حڪومتن ۾ سنڌ تي سندن زبانون مڙهڻ جون ڪوششون ڪيون پر سنڌين، اُنهن زبانن مان چند لفظن جي استفاده ڪرڻ (جو هر زبان ڪندي آهي) کانسواءِ، پنهنجي اَصلوڪي زبان کي زنده پئي رکيو آهي. سنڌيءَ جا رسم الخط ٽي دفعا بدليا آهن. ابتدا ۾ موهن جي دڙي وارو رسم الخط رائج هو اُن کانپوءِ ناگري قسم جي رسم الخط جو دستور پيو ۽ بعد ۾ پرشو — عربيڪ رسم الخط مروج ٿيو جو اڃا تائين هلندو اچي. سنڌي هر دور ۾ پنهنجي زبان سلامت رکندا آيا آهن. سنڌي جي لاثاني شاعرن، شاهه عنايت، شاهه لطيف، سچل سرمست، ۽ ساميءَ، روحل فقير، خليفي نبي بخش ۽ ٻين، پنهنجي ٻوليءَ کي اُها جاوداني حيثيت بخشي ڇڏي آهي، جو موجوده مهاجر-پنجابي مستقل مفاد حڪمرانن جي منظم ڪوشش، ريڊين، ٽيليوزن، اخبارن ۽ ڪتابن جي غلط پروپگينڊا ۽ اُردوءَ جي تسلط جي باوجود سنڌي زبان نه رڳو قائم ۽ سلامت آهي، پر ڏينهون ڏينهن ترقي پذير آهي. ان جي واڌاري لاءِ نه رڳو هتي جي سنڌين پر پارٽ لڏي ويل سنڌي هندن به وسان ڪونه گهٽايو آهي. پاڪستان جي غلاميءَ ۾ اچڻ بعد سنڌي پنهنجو ڪو اهڙو رسم الخط ايجاد نه ڪري سگهيا آهن، جو لئٽن زبان وانگر شارٽ هئنڊ رائيٽنگ ۽ جلد ٽائيپنگ لاءِ ڪم ڏئي سگهي، پر هنن نسخ

www.sindhsalamat.com

خط ۾ نئي ٽائيپ ايجاد ڪري ڪتاب ڇپرائي، پنهنجي زبان کي بچائڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي آهي. پارٽ ۾ لڏي ويل هندو حڪومت ۽ قدامت پسند طبقي جي سخت مخالفت باوجود اڃا تائين اڳوڻو پرشو-عربڪ رسم الخط قائم رکيو اچن. جنهن مان سندن مقصد سنڌي قوم جي جداگانہ شخصيت ۽ حيثيت قائم رکڻ کان سواءِ ٻيو ڪو بہ ٿي نہ ٿو سگهي. اهڙيءَ طرح سنڌي پنهنجي لباس- پٽڪي، ٽوپي، سٿڻ، چولي ۽ قميص- کي اڃا تائين قائم رکندا اچن ٿا.

بدقسمتي اها پئي رهي آهي تہ جاگيرداري نظام معاش هئڻ سبب سنڌ جي مٿئين ڪلاس (زميندار، پير، ملي ڪاموري ۽ واپاري) هميشہ پنهنجي طبقاتي مفاد خاطر ڌارين جي ايجنٽيءَ ۾ فخر پئي محسوس ڪيو آهي. پر تنهن هوندي بہ سنڌي عوام باوجود مشڪلاتن جي پنهنجي زبان، پنهنجو لباس، پنهنجي طرز معاشرت ۽ علحده حيثيت قائم پئي رکي آهي. سنڌ جي اڪثريت مذهب اِسلام جي پيروڪار آهي. هنن مهاجر پنجابي مستقل مفاد جي نفرت انگيز تشدد ۽ فسطائي ذهنيت واري مذهبي تشريح کان جدا رهي، پاڻ کي پنهنجي قديم محبت، اهنسا، رواداريءَ ۽ بقائي باهمي جي اصولن تي ڪاربند رکيو آهي. هنن کي وڏين سامراجي طاقتن پاڻ ۾ ضم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر هي هميشہ پنهنجي جداگانہ قومي حيثيت برقرار رکندا آيا ۽ ڪڏهن بہ ڌارين ۾ ضم نہ ٿيا. هن وقت اسلام، پاڪستان، مسلم قوم ۽ ڪميونزم جي نالن ۾ سنڌين جي قومي وطني ۽ تهذيبي خاصيتن کي مٽائڻ جي ڪوشش ٿي رهي آهي پر ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ سنڌي ڌارينءَ اسلامي تشريح ۽ ڪميونزم جي نالي ۾ قومپرستيءَ جي جلبي گهٽائڻ جي ڪوشش کان آزاد ٿي ويندا. مذڪوره ڏوڪا ڪين گهڻو وقت بيوقوف بنائي نہ سگهندا. هو پنهنجي جدا قومي حيثيت، ملڪي آزاديءَ ۽ اسلام جي صوفياني تعبير کان دستبردار نہ ٿيندا. اهو ئي سبب آهي جو نوجوان طبقي جي گهڻائي پاڪستان کي غلاميءَ جو طوق سمجهي، سنڌوديش جي آزاديءَ طرف روز بروز وڌيڪ مائل ٿيندي ٿي وڃي. سنڌ جو سمجهدار طبقو اقبال مودوديءَ ۽ عربن جي اسلامي شريعت واري ڦندي کان واقف ٿيندو پيو وڃي ۽ شاهہ سچل ۽ ساميءَ جي پيرويءَ کي وڌيڪ ترجيح ڏئي ٿو. هو شاهہ صاحب جا هيٺيان لفظ دهرائي رهيا آهن تہ:

پورب ماريا‌س، ڪنهن در ڏيان دانهڙي؟  
مٿيون ڏيندي لوڪ کي، چري پاڻ ٿياس،  
جنين نہ جيهاس، مون لنءُ لڳي تن سين!

www.sindhsalamat.com

ان مان ثابت آهي تہ سنڌي مغربي پوئلڳي (جنهن ۾ اسلام جي عربي تشريح بہ اچي وڃي ٿي) کان پورب جي محبت، ويدانيت، اهنسا، رواداري ۽ بقائي باهمي جي اصولن کي وڌيڪ ترجيح ڏين ٿا.

## 2. حب الوطنيءَ جو جذبو

سنڌين جي حب الوطنيءَ جو جذبو قديم زماني کان مشهور پئي رهيو آهي. سنڌي، مسلمان ٿيڻ بعد جيڪڏهن عرب يا ٻين ملڪن ۾ وڃي آباد ٿيا ٿي، تہ بہ پنهنجي نالن جي پٺيان "سنڌي" جي لقب ڳنڍڻ کي فخر ٿي سمجهيائون. "سنڌي جت" هزارن ورهين کان لڏي وڃي يُورُپ ۾ ويٺا آهن ۽ جي هن وقت "جپسي" سڏائين ٿا. تن جي زبانن ۾ اجا تائين چند سنڌي لفظ هليا اچن ٿا، جنهن مان سندن اصل زبان جي ياد تازي رکڻ مطلوب آهي. جيڪڏهن ڪي سنڌي سوداگر ويسٽ انڊيز انڊونيشيا، جپان، ماريشس ۽ چين طرف واپار سانگي لڏي وڃي ويٺا آهن، تہ بہ پنهنجي ساڳي زبان قائم رکيو سنڌي سڏائيندا ٿا اچن. ۽ شاهہ، سچل ۽ ساميءَ وارو صوفيانہ رنگ نہ ڇڏيو اٿن. اهي اتان ڪمائي آڻي سنڌ ۾ خرچ ڪندا هئا. جيستائين ڪو موجوده سامراجي حاڪمن سندن اچڻ تي بندش وجهي، ڪين لڏرائي ٻاهر نہ ڪيي ڇڏيو. هو هن وقت بہ وطن موٽي اچڻ لاءِ تيار ٿي وڃن، جيڪڏهن سندن موٽڻ لاءِ حالتون سازگار بنايون وڃن.

شاهہ لطيف ۽ ٻين سنڌي شاعرن، مارئيءَ جي قصي وسيلي ڄا ٻي طرح جيڪو حب الوطني جو آواز بلند ڪيو آهي، اهو تازو واقعو آهي، پر سنڌ جا رهاڪو سون ورهين کان شادين ۽ خوشيءَ جي موقعن تي مارن (سنڌين) ۽ ديس جي حب جا گيت ڳائيندا رهيا آهن. وطن جي حب جي شدت جو اندازو سندن هيٺين عام چوڻين مان پئجي سگهي ٿو:

سڄڻ ۽ ساٿيهہ ڪنھن آڻاسي وسري!
حيف تنين کي هوءِ، وطن جن وساريو!

ديسي سيڻ ڪجن، پرديسي ڪهڙا پرين!

حب اولطني ۽ قومپرستي هڪ ئي جذبي جي پيداوار آهن. ان جذبي جا مذهب ۽ ڪميونزم وڏا دشمن رهيا آهن. بهتر ٿيندو تہ ان جي ڪجهہ تشريح ڪريان:

www.sindhsalamat.com

اسلام جيڪو هت عربن آندو ۽ پاڪستان جا نوان حڪمران ان جي پوٺلڳي ڪري رهيا آهن. ان جون هيٺيون ڳالهيون قومپرستي خلاف قابل ذڪر آهن:

جهاد يا تشدد ذريعي ٻين مذهبن ۽ خيال وارن کي پنهنجو پوٺلڳ بنائڻ.

اسلام جي عقيدن، نظرين ۽ خيالن کي نہ مڃيندڙ ماڻهن کي ڪافر ۽ ملحد وغيره لقبن سان سڏي انهن خلاف نفرت ڦهلائڻ.

مذهب جي نالي ۾ ٻين ملڪن تي حملا ڪري ڦرلٽ ڪرڻ ماڻهن کي غلام ۽ ٻانهيون بنائڻ، ماڻهن کي ڪٽ ڪري خواجہ سرا بنائي حرمن جي نگهباني لاءِ رکڻ.

قومن ۽ شخصن جي آزادي ختم ڪرڻ خلافتي سامراج قائم ڪري عرب جي زمين، ماڻهن پاڻيءَ ۽ مٽيءَ کي پاڪ تصور ڪرڻ ان ملڪ ۾ مرڻ کي نجات جو باعث قرار ڏيڻ، عرب مرڪزيت جي قيام لاءِ حج ڪرڻ کي فرض ٺهرائڻ.

مذهب ۽ نظرين جي بنياد تي غالب قوم جي تسلط هيٺ سوسائٽي يا قوم بنائڻ- وغيره

قومون-وطن، زبان، ڪلچر ۽ قديم روايات، سياسي ۽ اقتصادي مفاد جي بنيادن تي، هزارين سال گذارڻ بعد هم جنس ماڻهن جي گروهن مان ٺهن ٿيون. مذهبن اڪثر قومن جي مخالفت پئي ڪئي آهي. ان ڪري هٽلر مذهب ۽ ڪميونزم جو انتها پسند قومي نظريي رکڻ ڪري مخالف هو.

ٻئي طرف ڪميونزم بہ مذهب وانگر قومپرستيءَ جو هيٺين ڳالهين ڪري دشمن آهي:

ڪميونزم طبقاتي مخالفت (Class Struggle) جي بنياد تي ماڻهن ۾ نفرت پيدا ڪرڻ جو پرچارڪ رهيو آهي.

ڪميونسٽ نظرين پکيڙڻ لاءِ خوني انقلاب (Blood Revolution) ضروري ڄاتو ويجي ٿو.

ڪميونزم مقصد جي حصول لاءِ هر قسم جي طريقن استعمال ڪرڻ جو حامي آهي، جنهنڪري بري ۽ ڀلي جو تفاوت نہ ٿو رهي.

ڪميونزم قومن ۽ شخصن کان زياده پنهنجن نظرين کي اهميت ڏيندڙ آهي. تنهنڪري قومي ۽ شخصي مفاد کان طبقاتي نظريي جي مفاد کي وڌيڪ ترجيح ڏني ٿو. اهو ئي سبب آهي جو ڪميونزم وٽ قومي آزادي ثانوي درجو وڃي وٺي ٿي، ۽ طبقاتي جنگ ۾ ويساهہ رکڻ ڪري، ڪميونزم اڻ سڌي طرح قومي طاقتن جي متحد محاذ ٺاهڻ جو جو مخالف بنجي ٿو.

www.sindhsalamat.com

ڪميونزم جو بنياد بين الاقوامي نظرين جي آڌار تي رکيل هجڻ ڪري، اهو پنهنجي گروهه کان سواءِ ٻئي کي برداشت نه ٿو ڪري. ان ڪري ٻين بين الاقوامي جماعتن (يعني مذهبن) جو مخالف رهيو آهي.

## 3. رواداريءَ جي خاصيت:

سنڌي سماج جي خصوصيت رواداري پئي رهي آهي. جنهن موجب، تعصب رکڻو نه آهي ۽ هڪ ٻئي سان ڀائرن جهڙو ورتاءُ ڪرڻو آهي. آرين هندستان ۾ اچڻ بعد ماڻهن کي چئن جاتين، برهمڻ، کشتريه، ونش ۽ شودرن ۾ ورهائي ڇڏيو هو. شودرن کي داس يا اڇوت به سڏيو ويندو هو جن ۾ اڪثر اصلوڪن ماڻهن (جن کي اڻ آرين به سڏيو وڃي ٿو) جا افراد شمار ڪيا ويندا هئا. انهن سان ڪاڏو پيتو نه ڪو نه ڪيو ويندو هو پر انهن جي هٿ لڳل شيءِ کي به پليت سمجهيو ويندو هو. ڪن جاين تي انهن جو اچڻ بند هوندو هو. ڪن کوهن مان پاڻي پيري نه سگهندا هئا ۽ ڪن گهٽين مان سندن لنگهڻ تي منع هوندي هئي. پر سنڌ ان مرض کان ٻڌ ڌرم جي اثر سبب گهڻو ڪري آزاد هئي. عربن جڏهن سنڌ فتح ڪئي ته هنن هندن سان. گڏهه تي چڙهڻ، مٿو اگهاڙو ڪري هلڻ، ڪتو ساڻ ڪڻڻ وغيره جهڙا بي عزتي جا شرط لاڳو ڪيا ۽ مٿن "جزيي" نالي خاص ٽيڪس مڙهيو. هنن اسلام جهڙي مساوات ۽ رواداريءَ واري مذهب کي ڪل جوڳو بنائي ڇڏيو. اڳتي هلي سنڌي درويشن ان ڳالهه کي ناپسند ڪيو ۽ چيو:

هڪ هندو ٻيا مسلمان، ٽيون وچون وڏائون وير،
آنڌن اونده نه لهي، تن کي سچ چوندو ڪير.
روحل راهه پرينءَ جي، گهمي ڏٺوسين گهير.
ته رب مڙني ۾ هيڪڙو جنهن ۾ ڦند نه ڦير.
سه ڪاڏي ڪندي پير، جا ستي ڪعبي وچ ۾!

عربن کي سنڌ مان هڪالي ڪڍڻ بعد هتي اهڙو روادارانه دستور پيو جو هندو مسلمانن جي درگاهن ۽ مسلمان درويشن وٽ فيض ۽ دعا لاءِ ويندا هئا. ۽ نه مدرسن ۽ مسجدن ۾ ملن ۽ درويشن کان وڃي تعليم وٺندا هئا. ٻئي طرف حق جا طالبو مسلمان فقير ۽ درويش، جين ڌرم جي يوگين، سنياسين، آڌوتين ۽ نانگن سان گڏجي، سندن مندرن ۽ رهڻ وارين جاين جون ياترائون ڪندا هئا. هندو

www.sindhsalamat.com

## 4. بقائي باهميءَ جي روايت

جن ماڻهن وٽ رواداري نہ هوندي آهي، اهي پاڻ کان سواءِ ٻين کي برداشت نہ ڪندا آهن. عرب ملڪ ۾ مديني ۽ مڪي جي حدن ۾ غير مسلمانن جي اچڻ جي اجازت نہ آهي. عربن جي دور حڪومت ۾ هندن کي پليت تصور ڪري، ڪين مسجدن ۾ اچڻ نہ ڏنو ويندو هو ۽ نہ ئي سندن هٿ جو کاڌو ورتايو ويندو هو. گهڻي وقت تائين اها ڇوت ڇات ايتري قدر تہ رهي، جو هندن ۽ مسلمانن لاءِ جدا جدا پاڻي رکيو ويندو هو. ليڪن سنڌ ان مرض کان گهڻي حد تائين آزاد رهي آهي. راجا ڏاهر جي دور حڪومت اندر هندن، مسلمانن، آتش پرستن ۽ جين ڌرم وارن کي پنهنجن عبادتگاهن قائم رکڻ جي عام اجازت هوندي هئي، بلڪ حڪومت طرفان انهن جي مدد بہ ڪئي ويندي هئي. ملڪ ۾ هندن جا مندر مسلمانن جون مسجدون، پارسين جا آتشڪدا، جينين جون غفائون ۽ ٻڌن جا اسٽوپا عام هوندا هئا، جتي وڃڻ جي ڪنهن کي بہ جهل ڪانہ هئي. ليڪن عربن جي فتح بعد حالت اها وڃي بيٺي، جو جن اسلام کي نہ ٿي مڃيو تن کي يا تہ قتل ڪيو ويندو هو يا ڪانئن جزيہ (ٽيڪس) ورتو ويندو هو. حڪومت جون واڳون عربن ۽ مسلمانن جي هٿن ۾ هونديون هيون. ٻئي طرف راجا ڏاهر جو حسن اخلاق اهو هو جو هن محمد بن علافي (مسلمان) کي پنهنجي سپاهين جي هڪ گروهہ جي سالار بنائي، پنهنجي طرفان جنگين ۾ موڪليو ٿي.

بعد ۾ جڏهن عربن کان حڪومت کسجي، سنڌي حاڪمن سومرن ۽ سمن- جي هٿن ۾ آئي، تہ سنڌي درويشن، قديم مذهبن (ويدڪ ڌرم)، (هندو ڌرم)، ٻڌ ڌرم جين ڌرم (زراشترزم) جي مڪمل تعليم ۽ تربيت حاصل ڪري، اهڙو فلسفہ حيات (تصوف) ايجاد ڪيو جنهن موجب ڪثرت مذاهب پويان بنيادي وحدت جو سراغ مليو ٿي.

> ايڪ تصر، درلڪ، ڪوڙين ڪٽس ڪِرَڪيون،
> جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن سڄڻ سامهون!
>
> (شاهہ)

ازانسواءِ بقائي باهمي جو رواج سنڌ ۾ ايتري قدر تہ وسيع هو جو مسلمان هندن جي شادين تي ۽ هندو مسلمانن جي شادين تي ويندا هئا. ان کان سواءِ هڪ ٻين جي ميلن ۾ بہ شريڪ ٿيندا هئا. انهيءَ عام رواداريءَ کي ريٽڻ لاءِ،

www.sindhsalamat.com

اورنگزيبي اثر ۽ سرهندي بزرگن جي ڪٽرپڻي کان متاثر ٿي، ملا محمد هاشم ٺٽويءَ ۽ ٻين نهايت گندين فتوائون ڪڍي، ماحول کي ناسازگار بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر سگهو ئي سنڌ جي برک درويشن ۽ شاعرن- شاهه عنايت شهيد صوفي، شاهه لطيف، روحل فقير، سچل سرمست، بيدل فقير، صوفي خوش خير محمد، دلپت ۽ ساميءَ- پنهنجي ڪلام ۽ تعليم ذريعي ان نفرت جي جذبي کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ۽ هر طرف پريت پسڻ جو پرچار ڪيو.

عشق سارو اسلام، مذهب محبت عين مبارڪ!

(مصري شاهه)

## 5. محبت يا پريم جو سبق

عربن، سنڌ ۾ اسلام جي نالي ۾ جيڪو مذهب آندو سو اڪثري نفاق، ڪٽرپڻي ۽ تشدد سان ڀرپور ۽ اسلام جي بنيادي تعليم جي خلاف هو پر هنن ۽ سنڌن پوئلڳ ملن ان کي پنهنجي مستقل مفاد جي حفاظت لاءِ ضروري ڄاتو. ليڪن هتي سنڌ جي رهاڪن تي ڪرشن جي گيتا ۽ ان جي ڀڳتڻ ميران ٻائيءَ جي پريم- پرچار جو اثر ويٺل هو تنهن کي ملا وڏيءَ ڪوشش کان پوءِ به ڪڍي نه سگهيا. ٻڌ ڌرم جي ڀڪشن، جيڪا انهن اصولن جي بنياد تي سنڌين کي تعليم ڏني هئي، سا وسرڻ جهڙي ڪانه هئي. سنڌ جا اڪثر مسلمان درويش، جين ڌرم جي جوڳين ۽ ويراڳين سان حق جي ڳولا لاءِ هرهنڌ گڏجي وڃڻ لڳا. شاهه صاحب جو گنجي ڏونگر گام ۽ هنگلاج وغيره کي پنهنجي ڪلام ۾ ساراهڻ، ان سلسلي جي ڪڙي هو. ان ڪري ساهه چئي ڏنو ته:

سنڌي محبت مام، ڪو پروڙي ڪينڪي!

سچل سرمست ته صاف چئي ڏنو ته:

هندو مومن ناهيان، ورا مان جو ئي آهيان، سو ئي آهيان!

ازانسواءِ سنڌ تي پارسي شاعرن- سنائي، فريد الدين عطار، مولانا روم، منصور، حافظ شيرازي وغيره- جي عشق ۽ محبت واري تعليم (جا هنن پارسي پيغمبر حضرت مانيءَ کان پرائي هئي) جو ڏيرپا اثر ويٺل هو. سنڌ جي شاهه عنايت، شاهه لطيف، روحل فقير، بيدل، ساميءَ، مصري شاهه ۽ ٻين شاعرن اُن اثر هيٺ، سنڌ جي عشقيه قصن کي شعر ۾ آڻي، منجهن محبت جو اهو پيام داخل ڪري ڇڏيو جو فقيرن کي چوٽو پيو ته:

www.sindhsalamat.com

ڪمبي وچن ڪنن ڪاپڙي جي عام ڪان آجا ٿيا!

سسئيءَ جي پنهل خاطر جهنگ ۽ جبل جهاڳي فنا ٿي وڃڻ، مومل جو راڻي لاتيون خاطر جاڳي ڏينهن ڪرڻ ۽ نيٺ پاڻ کي جلائي مارڻ، سهڻيءَ جو ميهار خاطر ڪارين راتين ۾ ڪنن ۾ گهڙيءَ محبت جي راهه ۾ پاڻ ٻوڙي مارڻ، سنڌ جي ناماري بادشاهه ڄام تماچيءَ جو نوريءَ مهاڻيءَ جي عشق ۾ ڦاسي، ڪينجهر ڪناري ڄار ڪلهن تي کڻڻ- اهڙا واقعا آهن، جي سنڌين جي محبت ۽ پريم جو پتو ڏين ٿا. مارئي جي ملير ۽ مارن لاءِ محبت ته نهايت اوچي قسم جي هئي، جنهن جو ماٿهون شخصي محبت کان مٿي چڙهي، ملير (وطن) ۽ مارن (قوم) جي محبت ۾ شمار ٿئي ٿو.

اسان جي شاعرن اهي قصا بيان ڪري، محبت جي راهه ۾ سرفروشيءَ، قرباني ۽ ايثار جا سبق پيش ڪيا آهن، جن جي ماطلعي وسيلي سنڌي انهن اعليٰ اصولن کان واقف ٿيا ٿي، جن جو مذهبي ملن کي پتو ئي ڪو نه هو. "بيدل سائين" ان کان متاثر ٿي چوي ٿو:

اِتان جاءِ نهين ڪنهن دي آوڻ دي،
ريءَ عشق بنا ليي پاوڻ دي

شاهه صاحب وري محبت جي تلقين ۾ ڏسو ته ڪهڙي نموني ڪئي آهي:

نهائينءَ کان نينهن، سک منهنجا سِرين!
سڙي سارو ڏينهن، ٻاهر ٻاڦ نه نڪري!

(شاهه)

## قومي ڪردار

هزارن ورهين جي تجربن ۽ تاريخي واقعات سان روشناس ٿيڻ بعد هر قوم ۾ ڪي قيمتي ڪردار پيدا ٿيندا آهن، جي اُنهن قومن جا قومي ورثا ليکيا ويندا آهن. سنڌين ۾ صدين جي ڪاوشن، تڪليفن ۽ تجربن بعد پنهنجو قومي ڪردار وجود ۾ آندو آهي، جنهن جي حفاظت ۽ پرداخت لاءِ هو هر قرباني ڏيڻ واسطي تيار ٿي وڃن ٿا. سنڌين جي قومي ڪردار جون مکيه ڳالهيون هي آهن:

(1) سامون جهلڻ ۽ سنڌن حفاظت لاءِ هر قرباني ڏيڻ. (2) صحيح مقصد لاءِ مري مات ٿيڻ. (3) سڀ ۾ پرين پسڻ. (4) وطن ۽ ضمير جي آزاديءَ لاءِ هر ڪوشش ڪرڻ ۽ (5) لوئي جي لڄ بچائڻ.

www.sindhsalamat.com

### 1. سامون جهلڻ ۽ سندن حفاظت لاءِ هر قرباني ڏيڻ:-

قديم وقت کان سرزمين سنڌ ۾ اهو دستور رهيو آهي ته جيڪڏهن ڪنهن ظالم جي خوف کان ڪو ماڻهو ڀڄي، ڀٽي رئيس يا حاڪم وٽ اچي پناهه وٺي، يا ڪو ماڻهو گروهه ٻئي ملڪ جي حاڪمن جي ظلم کان ستائجي، سنڌ جي ڪنهن حاڪم يا طاقتور شخص وٽ پناهه وٺي، ته اُنهن کي ڪيتري به قيمت تي پناهه ڏيڻ ۽ سندن حفاظت ڪرڻ واهروءَ جو فرض سمجهيو ويندو آهي.

قديم واقعن کي ڇڏي، راجا ڏاهر ۽ ان کان پوءِ هيٺ ڪجهه واقعن جو ذڪر ڪجي ٿو:

جڏهن سنڌ جي حاڪم راجا ڏاهر کي معلوم ٿيو ته عربن رسول جي ڏوهٽي امام حسين کي تنگ ڪيو آهي ۽ مارڻ گهرن ٿا، ته هن امام صاحب کي چوائي موڪليو ته اوهان جيڪڏهن سنڌ ۾ ايندا ته اوهان کي پناهه ڏني ويندي (ياد رهي ته راجا ڏاهر 59 هجري ۾ تخت تي ويٺو ۽ امام صاحب جي شهادت 61 هه ۾ واقع ٿي، ۽ عربن سنڌ تي 92هه ۾ حملو ڪيو هو) ان آڇ تي امام عالي مقام با عيال سنڌ ڏانهن لڏي اچڻ لاءِ روزانو ٿيو. جنهن صورت ۾ رستو عراق طرف هو ان ڪري بني اميه خاندان جي بادشاهه يزيد، امام صاحب جو ڪوفي کان ايران طرف ويڃڻ جو رستو روڪائي ڇڏيو ۽ پنهنجي سپهه سالار کي حڪم ڪيو ته امام صاحب کان بيعت ورتي وڃي، ٻيءَ صورت ۾ کيس شهيد ڪيو وڃي. جنهن ان حڪم موجب عمل ڪيو امام صاحب کي شهيد ڪيو ويو ۽ سندن اهل عيال ۽ طرفدارن تي ظلم شروع ڪيا ويا.

اِنهن ظلمن کان تنگ ٿي، محمد بن علافيءَ ڀڄي اچي سنڌ ۾ راجا ڏاهر وٽ 500 ڄڻن سان پناهه ورتي. راجا سندس آڌرڀاءُ ڪيو ۽ پڻ گذر معاش جو انتظام ڪيو. اُن تي بني اُميه خاندان جي سپهه سالار حجاج بن يوسف، راجا ڏاهر کي چوائي موڪليو ته "اُهي ماڻهو عرب حڪومت جا باغي هئا، تنهن ڪري ڪين موٽائي موڪليو وڃي." راجا ڏاهر کي پتو هو ته جيئن عربن امام عالي مقام کي شهيد ڪيو هو تيئن هنن (علافين) کي به قتل ڪرائي ڇڏيندا. ان ڪري راجا صاحب کيس چوائي موڪليو ته "سنڌين جو دستور آهي ته سامون دشمن جي حوالي نه ڪندا آهن. اُنڪري روايتن کان مجبور ٿي، ٻانهون موٽائي نٿيون سگهجن." اُن تي ظالم حجاج، راجا جي ملڪ تي حملي ڪرڻ جي ڌمڪي ڏياري موڪلي، پر راجا اُن جي پرواهه نه ڪئي، ۽ نه ئي هن جي ڌمڪيءَ کي

www.sindhsalamat.com

ليڪن سنڌ ڪانسواءِ ٻين خطن جي حالت اها هئي ته شاهجهان جو وڏو فرزند داراشڪوهه جڏهن پنهنجي ڀاءُ اورنگزيب جي هٿان شڪست کائي ڀڄ ڪان لڏي سنڌ ۾ آيو ته سنڌس نالو ڪنهن به نه ورتو پر خان قلات کيس چوائي موڪليو ته "سنڌ سلامتيءَ واري جاءِ نه آهي ان ڪري هو وٽس جبلن ۾ اچي پناهه ۾ رهي، جتي وڏيڪ حفاظت ۾ رهندو." بعد ۾ ساڳئي خان قلات، اورنگزيب ڪان پيسا وٺي داراشڪوهه کي اورنگزيب جي لشڪر جي حوالي ڪري ڇڏيو جنهن کيس مارائي ڇڏيو. پر مُلن، اهڙي ظالم بادشاهه اورنگزيب کي "محي الدين" جو لقب ڏنو. اُن مان پڙهندڙ اندازو ڪري سگهن ٿا ته ان جو ڪهڙي قسم جو دين هوندو. جنهن جو جيارينڌڙ اورنگزيب جهڙو ظالم حاڪم هجي جيڪو پيءُ کي قيد ڪندڙ ۽ ڀائرن جو قاتل هو. مٿين چند مثالن مان ثابت ٿيندو ته سامون جهلڻ خاص سنڌين جي روايت رهي آهي ۽ ٻين قومن ۾ ان جا گهٽ مثال ملن ٿا.

## 2. صحيح مقصد جي حصول لاءِ مري مات ٿيڻ:

ان مسئلي کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي ته پهرين اسان صحيح مقصد جي تشريح ڪريون. رواجي طرح ملڪيت گڏ ڪرڻ، اقتدار حاصل ڪرڻ، دشمن کان وير وٺڻ، جايون ٺهرائڻ، لکين روپيا ميڙن ملاڪڙن ۾ خرچ ڪري نالو ڪڍائڻ، شاديون ڪرڻ وغيره سڀ ڳالهيون، مقصدن ۾ شمار ٿي سگهن ٿيون. پر صحيح ۽ اعليٰ مقصد اهي ٿي سگهن ٿا، جن مان شخصي فائدي جي بجاءِ ملڪي ۽ قومي فائدي جو حصول ٿئي. زندگي جو (راهه حق) ڳولي هٿ ڪجي. عارضي نفعي وارين ڳالهين جي بدران دائمي فائدي جي شين جي حصول لاءِ زندگي صرف ڪجي وغيره. هيٺيون ڳالهيون اعليٰ مقصد ۾ شمار ڪري سگهجن ٿيون. تاريخ کي چڱي طرح پڙهي ڏسبو ته سنڌ جي واقعات مان ڪيئي اهڙيون ڳالهيون معلوم ٿينديون. جن تي سنڌين کي بجا طور فخر ڪرڻ جو حق آهي. مثلن:

سنڌ ۾ راجا ڏاهر جهڙو عظيم الشان راجا پيدا ٿيو جنهن ملڪ ۾ مذهبي آزاديءَ جا دروازا کولي ڇڏيا هئا. هتي هندن جا مندر، ٻڌن جا استوپا ۽ آشرم مسلمانن جون مسجدون، پارسين جا آتشڪده ۽ جين ڌرم وارن جا مرڪز عام جام هئا. سنڌ ملڪ جون حدون وڏيون هيون ۽ ملڪ ۾ امن امان جو دور دورو هو. ان وقت رواداريءَ جو اهو عالم هو جو راجا جو سڳو ڀاءُ ٻڌ ڌرم جو ڀڪشو ٿي ويو

www.sindhsalamat.com

هو تہ هن ڪو بہ اعتراض نہ ڪيو بلڪ ان جي هر طرح مدد ڪندو رهيو جيتوڻيڪ راجا خود هندو ڌرم جو برهمڻ هو ۽ برهمڻ ملن وانگر اڪثر ڪٽر ٿيندا آهن. ان راجا ڏاهر جڏهن ٻڌو تہ عرب حضرت محمد صلعم جي آل کي تڪليفون ڏئي قتل ڪرڻ چاهين ٿا تہ حضرت امام حسين عليہ کي سنڌ ۾ اچي پناھ وٺڻ جي آڇ ڪيائين. جيتوڻيڪ راجا کي اها خبر هئي تہ عرب وڏنڊڙ طاقت هئا ۽ پر وارن ملڪن تي قابض ٿيندا رهيا ٿي، ان حڪومت جي مخالف کي پاڻ وٽ پناھ ڏيڻ خطري کان خالي ڳالھ نہ هئي. سنڌ تي اڳ بہ عربن ڪيترا دفعا حملا ڪيا هئا، جنهن ڪري ڪين ضرور جوش ايندو. پر هن ان جي پرواھ نہ ڪري، امام صاحب کي پناھ جي دعوت موڪلي. ان بعد امام عالي مقام جي شهادت بعد جڏهن محمد بن علافي سنڌ ۾ آيو تہ راجا صاحب ان کي پناھ ڏني، ۽ نتيجي طور ڪيس پنهنجو سر ڏيڻو پيو. ان مان سنڌ جي اعليٰ مقاصد لاءِ قرباني ڏيڻ جو پتو پئجي سگهي ٿو.

علاءُ الدين خلجي جي دور حڪومت ۾ جڏهن سنڌ تي حملو ڪيو ويو تہ دودي۔ باوجود ان ڄاڻ جي تہ دهلي جي شهنشاھ وٽ طاقت ۽ لشڪر زبردست هو ۽ ان سان مقابلو ڪرڻ ناممڪن هو۔ دهليءَ جي حاڪمن جي شرطن کي نہ مڃي، سنڌ جي، تخت، سنڌ جي عزت ۽ غيرت کي بچائڻ لاءِ ڪٽنب ۽ لشڪر سميت تباھ ٿيڻ قبوليو ليڪن آڻ نہ مڃي. اهو سنڌين جو عزت ۽ غيرت لاءِ مري مات ٿيڻ جو ٻيو مثال هو.

ڄام نظام الدين سمي جي وفات بعد تخت تي سندس پٽ ڄام فيروز ويٺو هو جو عياش ۽ بيڪار هو. ملڪ جو سمورو خزانو ۽ ساشيءَ ۾ لٽائي ڇڏيائين. پاڻ وٽ پناڻ نوڪر رکيائين، جي حقيقت ۾ شاھ بيگ ارغون جا جاسوس هئا. شاھ بيگ هڪ ڀيرو اڳ پنهنجي پاءِ سلاطان محمد مرزا وسيلي، ڄام نظام الدين جي آخري ڏينهن ۾ سنڌ تي حملو ڪرايو هو جنهن تي ڄام نظام الدين جي بهادر سپھ سالار دولھ دريا خان کيس سبيءَ ويجهو شڪست ڏني هئي. پر بعد ۾ ڄام فيروز جي غلط ڪمن کان بيزار ٿي، دولھ دريا خان وزارت عظميٰ ڇڏي اچي ڳوٺ ويٺو. ان موقعي کي غنيمت ڄاڻي، پناڻ شاھ بيگ ارغون کي لکي موڪليو تہ "ڪاھ لاءِ ميدان صاف آهي." اُن تي شاھ بيگ سنڌ تي ڪاهي آيو ۽ ڄام فيروز دم نہ ساري ڀڄي ويو ۽ دولھ دريا خان کي چوائي موڪليائين تہ "اچي ملڪ جي حفاظت ڪر." دريا خان پوڙهو ٿي چڪو هو لشڪر تيار نہ هو ۽

www.sindhsalamat.com

دشمن تخت گاهہ جي ٻاهران اڇي پهتو هو ليڪن ان مهل ۽ اهڙي حالت ۾ ٻہ ڪنڌ ڪيائڻ، سنڌي روايت جي خلاف سمجهي، اچي ڌارين سان لڙائي ڪيائين ۽ شهادت پاتائين.

چوٿون مثال، جو اسان کي سنڌ جي تاريخ مان ملي ٿو سو اهو آهي تہ ٺٽيءَ وٽ راڻي رٽمل سنگهہ سوڍي، دريا خان جي پٽ محمود ۽ مخدوم بلاول جي فقيرن سان گڏجي، ارغونن سان جنگ ڪري شهادت پاتي.

ڄام نظام الدين سمي جي حياتيءَ ۾ هندستان جو سيد ميران محمد جونپوري، امام مهدي سڏائي، سنڌ ۾ مسلمان حاڪمن کي ڪٺي ڪرڻ جي خيال سان آيو هو. ڄام نظام الدين ۽ دولهہ دريا خان ان کي سامراجي چال ۽ سنڌين ۾ نفاق وجهڻ جو ڪارڻ سمجهي، پنهنجي دوستن سيد حيدر شاهہ سنائيءَ ۽ مخدوم بلاول ذريعي، سندن مخالفت ڪرائي، هڪالي ڪڍيو. ان جي پاداش ۾ شاهہ حسن ارغون (شاهہ بيگ جي پٽ) ملن کان فتويٰ وٺي، مخدوم بلاول کي گهاڻي ۾ پيڙائي شهيد ڪرائي ڇڏيو. هن شهادت قبولي، ليڪن ڌارين جي غلاميءَ اڳيان سر نہ جهڪايو.

شاهہ عنايت جهوڪ وارو وحدت الوجود جو حامي ۽ هندو مسلم اتحاد جو طرفدار هو ان ڪري اورنگزيبي سياست کي ڪن دلالن ۽ سرهندي پيرن طرفان رائج ڪري سنڌ ۾ ڪٽرپڻو پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. ان بعد دهليءَ جي صوبيدار شاهہ عنايت سان مقامي زميندارن ۽ حاڪمن جي مخالفت وڌائي، جنگ ڪرائي، بعد ۾ قرآن شريف جي قسم تي ڪيس ٺٽي ۾ گهرائي، شهيد ڪرايو ويو. شاهہ عنايت کي خبر هئي تہ هي ڪيس دغا وسيلي شهيد ڪرائيندا، پر هن عام ماڻهن کي جنگ ۾ مارائڻ کان بهتر سمجهيو تہ خود شهيد ٿي وڃي. ان لاءِ چيائين تہ:

سر در قدم يار فدا شد چہ بجا شد.
ايـن بار گـران بود ادا شد چہ بجا شد.

معنيٰ- "يار (مقصد) تان سر گهوريو تہ بجا ٿيو هيءُ ڳرو بار هو جو ادا ٿيو تہ بجا ٿيو!"

هوشو شيدي ميرن جي فوج جو جنرل هو. هن انگريزن جي جديد هٿيارن، ميرن جي اختلافن ۽ شڪستن جي باوجود توبخاني تي آخر تائين بيهي، سنڌ تان سر ڏنو ۽ چوندو رهيو تہ:

www.sindhsalamat.com

"مرويسون پر سنڌ نہ ڏيسون"

اهڙا ٻيا بہ ڪيترا مثال پيش ڪري سگهجن ٿا. شخصي بهادريءَ ۽ سرويچيءَ جي سلسلي ۾ مسٽي جو پنهل (ور) خاطر جبل ۽ جهنگ جهاڳڻ، مومل جو راڻي خاطر راتيون وهائي ڏينهن ڪرڻ ۽ نيٺ پاڻ مارڻ، سهڻيءَ جو ڪاريءَ رات ڪُنن ۾ گهڙي ٻڏي وڃڻ، اهڙا ڪارناما هئا، جن کي شاهہ صاحب ڳائي امر بنائي ڇڏيو آهي. سهڻيءَ جي قربانين کان متاثر ٿي، شاهہ صاحب کي چوڻو پيو تہ:

تہ ڪر ڪيئن سئي، جي سير نہ گهڙي سهڻي،
هونهئين هوند مئي، پر ٻڏيءَ جا ٻيڻا ٿيا!

3. سڀ ۾ پرين پسڻ:

دنيا ۾ مذهبن جي اختلافن، شخصي دشمنين، طبقاتي مفاد ۽ اقتدار جي هوس جي ڪري نفرت ۽ نفاق پئي پيدا ٿيا آهن، جي اڪثري ملڪ ۾ فسق ۽ فساد جو ڪارڻ بنيا آهن. اهي سڀ ڳالهيون دوئيءَ جي پيداوار هيون. مذهبن جي اختلافن ۾ غلطان ٿيڻ جو مکيہ ڪارڻ مذهبن جي بنيادي مقصد کي نہ سمجهڻ هو. اُن ڪري سنڌ جي درويشن، ڪثرت مذاهب پويان بنيادي وحدت پرکي، هميشہ ان جو پرچار پئي ڪيو. ويدانيت ۽ فلسفي وحدت الوجود پڻ ساڳي ڳالهہ ٿي ڪئي، پر ڪٽر ملن سرهندي پيرن جي فلسفي وحدت الشهود جي آڌار تي مذهبي ڪٽرپڻو پيدا ڪري، نفرت ۽ نفاق ڦهلايو ٿي. ان جي برخلاف، شاهہ لطيف فرمايو هو تہ:

"جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن سڄڻ سامهون!"

اها بيت جي سٽ، لفظي ترجمو آهي، قرآن جي هيٺ ڏنل آيت جو:

فَأَيْنَمَا تُوَلُّوا فَثَمَّ وَجْهُ اللَّهِ إِنَّ اللَّهَ

اهي تہ مذهبي اختلاف هئا، پر شخصي دشمنين کي بہ ڪٽڻ لاءِ، جي خود مطلبي ۽ خود پسنديءَ جي ڪري پيدا ٿينديون آهن، شاهہ صاحب فرمايو هو تہ:

ڪشي ڪان ڪمان ۾، ميان مار مَ مون،
مون ۾ آهين تون، متان تنهنجوئي توکي لڳي!

www.sindhsalamat.com

سنڌين، طبقاتي مفاد تي سنڌ جي مجموعي مفاد کي ترجيح پئي ڏني آهي.
ان جو مثال اهڙو آهي جيئن اڄ ڪلهه جڏهن قومپرست سنڌي طبقاتي ويڇا متائي، ڌارين جي غلاميءَ کان آزاديءَ لاءِ آواز اٿارين ٿا، تہ سامراجي ڪميونسٽن جا ايجنٽ طبقاتي جهڳڙا پيدا ڪرائي، سنڌين کي ويڙهائي، ڌارين جي تسلط ۽ سامراج کي مضبوط ۽ محڪم بنائين ٿا.
ملا جو مذهب في سبيل الله فساد رهيو آهي، جنهن مان نفرت ۽ نفاق پيدا پئي ٿيا آهن، پر سنڌي درويشن، شيخ سعديءَ جي هيٺين شعر کي سامهون رکي، انسان ذات کي هڪ وڻ جون ٽاريون يا هڪ ئي بدن جا عضوا تصور ڪري، سدائين محبت جو پرچار ڪيو آهي:

بني آدمي اعضايءَ يڪدِ يگرند،
ڪہ دراصل زيڪ جو هراند،
اگر يڪ عضوه بدرد آور روزگار
همہ حضوهارا نماند قرار.

معنيٰ- "انسان زات هڪ بدن جي عضون وانگر آهن، ڇاڪاڻ تہ سندن بنياد ۽ اصل هڪ آهي. جيئن هڪ عضوي کي درد رسي ٿو تہ سيني جو آرام ختم ٿي وڃي، تيئن انسان جي حالت بہ ساڳي آهي."
ان ساڳي مضمون کي شاهہ لطيف هين لفظن ۾ هن طرح ادا ڪيو آهي:

ڪٺا منجهہ قرار هٿا هيڪاندا سنگ ۾
ڳاهي ڳاهہ فراق جي، ڪيا ڌارون ڌار
نہ ڄاڻان پيهار ڪير ملندا ڪن سين!

## 4. وطن ۽ ضمير جي آزاديءَ لاءِ پاڻ پتوڙڻ

سنڌين جي قومي ڪردار جي چوٿين صفت وطن ۽ ضمير جي آزاديءَ لاءِ پتوڙڻ ۽ هر قسم جي قرباني ڏيڻ آهي.
آءُ پوئتي سنڌين جي روايات ۽ حب اوطنيءَ جي جذبي جو ذڪر ڪندي اهو ڄاڻائي آيو آهيان، حب اوطنيءَ ۽ قومپرستي هڪ ئي جذبي جي پيداوار آهن. هتي اهو ڏيکارڻو آهي تہ سنڌين باوجود مشڪلاتن جي وطن جي آزاديءَ، ضمير جي آزاديءَ ڪانسواءِ حاصل ٿيڻ ڪيتري قدر دشوار آهي؟ اُن لاءِ اسان کي تاريخ تي ڇتائي نظر ڪرڻي آهي تہ سنڌ ۽ سنڌي، مختلف وقتن ۾ ڪهڙن

www.sindhsalamat.com

سبب ڪري غلامي هيٺ آيا آهن. آءَ سنڌ جي تهذيب کي ٽن دورن دراويدي دور، آريائي دور ۽ گڏيل دور ـ ۾ ورهائي آيو آهيان.

## دراويدي دور

هن دور بابت پڙهايو ائٿم تہ اهو دور اٽڪل پہ هزار سال رهيو جنهن ۾ هنن چڱي ترقي ڪئي هئي. اهي اڪثر تاجر ۽ آبادگار هئا. هنن سنڌ ۾ شهر اڏيا، شهريءَ زندگي ۾ ڪافي ترقي ڪئي هئي، پر سندن اڪثر آبادي جهنگ ۾ بدوياڻہ يا خانہ بدوش زندگي گذاريندي هئي. اُهي مال چاري ۽ مڇي ماري گذر معاش ڪندا هئا. منجهن باهمي اتحاد ۽ نظام جا آثار ڏسڻ ۾ ڪونہ آيا آهن. جنهن ڪري ڌارين جي حملي وقت پنهنجي آزادي برقرار رکي نہ سگهيا. منجهانئن اڪثريت ملڪ ڇڏي هندستان جي ڏکڻ طرف لڏي وئي. ڪي آرين سان تصادم ۾ مارجي ويا ۽ ڪي داس ۽ اڇوت بڻجي ڌارين جي غلامي ۾ گذارڻ لڳا. باقي شهرن جي رهاڪن نہ ناگهاني حادثن سبب پيدا ٿيندڙ مشڪلاتن طرف توجهہ ڏنو هو ۽ نہ ٻهراڙيءَ جي خانہ بدوش ماڻهن سان لاڳاپي ۾ اچي ڪين ۽ پاڻ کي ملڪي بچاءَ لاءِ تيار ڪيو هو. اُن ڪري ڪثير تعداد آرين جي تصادم ۽ مخالفت جو شهري آبادي بہ ڌڪ جهلي نہ سگهي. اهڙيءَ طرح هي ٻہ هزارن ورهين جي تهذيب ۽ تمدن رکندڙ قوم ذري گهٽ صفحہ هستيءَ تان ميٽجي وئي.

## آرين جو دور

هي دور بہ قريبن بہ هزار سال کن رهيو. جڏهن آرين دراويدين جي جاءِ اچي والاري تہ مقامي تمدن (شهريت) جون ڪيترين ڳالهيون قبوليون، پنهنجي تهذيب ۽ پنهنجو تمدن اچي رائج ڪيائون.

اڳتي هلي مذهبي عقيدن ۾ هنن جيڪا ترميم ڪئي هئي، ان جو ٽيون ديوتا "شو" دراويدين کان مستعار ورتو هئائون. جنهن جا مکيہ نشان هئا: (1) ڍڳي (ڪونهٺ واري) جو احترام (2) درگا جي قرباني جو دستور (3) لنگم جي پوڄا ـ يا اُن ڪلت (مسلڪ يا طريقي) جي پوئلڳي (جنهنجي معنيٰ "طاقتور شيءِ اڀيان جهڪڻ". "ڏاڍي جي لٺ کي بہ مٿا سمجهي سلام ڪرڻ" هئي). ۽ (4) ترشول (سواستڪا).

شو جي مکيہ صفت "فنا ڪرڻ جي طاقت" هئي، جنهن لاءِ هن جو خوفناڪ

www.sindhsalamat.com

هٿيار ترشول (سواستڪا). ماڻهن جي ڪوپڙين جو هار ۽ نانگن جو ساڻ هئڻ ڊيڪاريل هوندو هو. انهيءَ عقيدي هنن ۾ دنيا جي بي ثباتيءَ جو نظريو پيدا ڪيو جنهن ڪري فقير بنجي، اُن فنا ڪندڙ طاقت کي رضامند ڪرڻ جو رواج پيو.

انهي ۽ ٻين سببن جي ڪري، اُهي سنڌن هم نسل آرين جي ٻين گروهن جهڙوڪ: ايراني شهنشاهن، سٿين، پارٿين ۽ يونانين جي حملي جو شڪار بنبا آيا. پر باوجود اُنهن سڀني مشڪلاتن جي آرين جي تهذيب ۽ تمدن ٻه هزار سال ڪن رهيو.

اُن بعد گڏيل تهذيب جو دور آيو جنهن کي پندرهن سئو سال گذري چڪا آهن، جنهن ۾ عرب، پٺاڻ، مغل، يورپي آرين قوم جا نمائندا انگريز وغيره شامل آهن.

هن وقت مٿي ذڪر ڪيل ٽن طاقتن (عربن، پٺاڻن ۽ مغلن) جي تهذيب ۽ سنڌ جي اصلي آرين جي تهذيب ۽ تمدن جي هڪ ٻئي تي تسلط حاصل ڪرڻ جو تصادم هلي رهيو آهي. جو تصادم سياسي اقتدار، اقتصادي استحصال ۽ نظرين جي اختلاف جو آهي. هر هڪ ڳالهه جي تشريح ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان. "سياسي اقتدار" جي مسئلي تي پهرئين فصل ۾ ڪافي روشني وجهي آيو آهيان، "اقتصادي مسئلو" چوٿين باب ۾ بيان ٿيندو ۽ نظرياتي اختلافن تي ٻئي فصل ۾ تفصيلي ذڪر ڪري آيو آهيان. هتي صرف هيءَ ٻڌائڻ ضروري ٿو سمجهان ته اصلوڪن سنڌين گذريل 15 سئو سالن جي عرصي ۾ ڌارين جي حملن ۽ نظرياتي ۽ اقتصادي استحصال سبب گهڻو ڪجهه سٺو آهي، پر هنن جلد ئي سجاڳ ٿي پنهنجي ضمير ۽ وطن جي سياسي آزادي ۽ جداگانه حيثيت برقرار پئي رکي آهي.

1. سنڌين سنڌ کي عربن جي غلاميءَ مان ڪڍي پنهنجون حڪومتون ناهيون.
2. پاڻ کي پٺاڻن جي حڪومت هيٺ گهڻو عرصو رهڻ نه ڏنائون ۽ مڪاني آزادي ورتائون.
3. مغلن جي حڪومت ٻه گهڻو وقت رهي نه سگهي ۽ سنڌين وري آزادي حاصل ڪئي.
4. انگريز سامراج ٻه ڪجهه وقت رهيو ۽ هنن سنڌ کي بمبئيءَ جو حصو بنائي ڇڏيو هو پر سنڌين وري لڙي جدا صوبي جي حيثيت قائم ڪرائي.
5. انگريزن جي وڃڻ بعد سنڌ تي مهاجر- پنجابي گروهه سامراجي تسلط قائم ڪري، سنڌين کي نئين ڊانچي ۾ ضم ڪرائڻ لاءِ ون يونٽ قائم ڪرايو پر

www.sindhsalamat.com

سنڌين ون يونٽ برداشت نہ ڪيو ۽ وڏيءَ جدوجهد ۽ مشڪلات بعد ان کي ختم ڪرائي، پنهنجي اڳوڻي حيثيت قائم ڪرائي.

6. هن وقت سنڌ کي پاڪستان جو صوبو بنائي، اُن جي قومي وجود کان انڪار ڪري، اُن کي محض 21 سيڪٽري واري اقليت بنائي، اُن جو هر طرح استحصال ڪيو پيو وڃي. پر سنڌ جو نوجوان طبقو سجاڳ ٿي ويو آهي. جڏهن مهاجر پنجابي سامراجي ماڻهن تي غلط اثر ويهارڻ لاءِ جناح جون سئو سالہ سالگرهہ ملهائڻ لڳا، تہ سنڌي نوجوانن سنڌيءَ ۾ هزارن جي تعداد ۾ پترا ڇپائي، جناح کي قادو حجام، قاتلِ اعظم، ڪافرِ اعظم ۽ غدار سنڌ سڏي، اُن جو جواب ڏنو.

1977ع کي سامراجي حاڪمن 'علامہ اقبال جو سال' قرار ڏني، ان جي سئو سالہ ورسي ملهائڻ شروع ڪئي تہ سنڌ جي غيور نوجوانن 1978ع کي "لطيف جو سال" قرار ڏني، شاهہ لطيف جون ورسيون سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ملهائي، قومپرستيءَ جي جذبن کي زور وٺائڻ شروع ڪيو آهي.

اسان جو عوام خواب غفلت ۾ ستل آهي، جن جي اڪثريت ڪنهن نہ ڪنهن طرح نجات حاصل ڪرڻ جي جذبي ۾ اچي جناح ۽ پٽي جهڙي غدار سنڌ جي پويان ڊوڙي وڃي ٿي. ملن، پيرن، زميندارن، واپارين ۽ ڪامورن جي اڪثريت خود مطلبيءَ سبب هر قسم جي غداري ڪرڻ لاءِ تيار آهي. حالتون نهايت مشڪل آهن. پر سنڌي نوجوانن جو ضمير بيدار ٿيندو پيو وڃي. اهي "پاڪستان مرده باد" ۽ "سنڌوديش زنده باد" جا نعرا هڻن ٿا. سنڌين جي جدا قوم ۾ ويساهہ رکن ٿا ۽ مسلم قوم کي غلط ۽ دلبو سمجهن ٿا. ۽ مهاجر پنجابين جي اسلامي تشريح کي ڌوڪو ۽ ماڻهن کي گمراهہ ڪرڻ جو چار تصور ڪن ٿا.

اهڙيءَ حالت هيٺ مون اميد نہ لاٿي آهي. ۽ "لا تقنطوا من الرحمت الله" موجب اميد رکيو ويٺو آهيان تہ سنڌي هيءَ چاڙهي بہ چڙهي ويندا ۽ مڪمل آزادي حاصل ڪري وٺندا.

پاڪستان جي مضبوطي لاءِ حڪمرانن طرفان ٿيندڙ هر ڳالهہ جي جواب ۾ سنڌي شاهہ لطيف جو هيءُ بيت اچاريندا رهن ٿا:

جا عمرا! تو مل عيد، سا اسان سو ورتي سومرا!
ويـئـي ويـچارن وسـري، خوشي ۽ خريد،
سـڪڻ ڪـيا شهيد، مارو ملڪ ملير جا!

www.sindhsalamat.com

## 5. لوئيءَ جي لڄ قائم رکڻ

سنڌين جي قومي ڪردار جي پنجين وصف لوئيءَ جي لڄ رکڻ آهي. جنهن جي صحيح معنيٰ اِها نڪرندي تہ هو قديم روايات جو احترام رکي، پنهنجي قوم ۽ وطن جي ناموس ۽ عزت خاطر- هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ويندا آهن، بشرطيڪ اُنهن جي قومي جذبي کي اُڀاريو وڃي. گهڻائي هميشہ بزدل ماڻهن جي ٿيندي آهي ۽ همت وارا ڪي ٿورا ٿيندا آهن. قرآن ۾ بہ چيل آهي تہ "ڪم من فئه قليه ڪثريه- (صالح ماڻهن جي ٿورائي بہ گهڻن غير صالحن تي غلبو حاصل ڪري ويندي آهي.) اهڙي موقعي ميسر ٿيڻ لاءِ شاهہ لطيف فرمايو آهي تہ:

ماڙين ماريس ڪينڪي، ميس مارن لاءِ،
ڪر لهندا ڪڏهين، منهنجي اڇي ماءِ!
سانيڻڙن سداءِ، ويلو واجهہ وجهي هنيون!

شاهہ صاحب، وطن کي "ملير" جي نالي سان ياد ڪري ٿو:

ڪريو مهاڙ ملير ڏي، رويو اُيي چوءِ،
سهج سوري پانڌيان، سومرا! سندوءِ،
مِلڪِ ماروءَ جي آهيان، جور نہ ٿيان جوءِ،
سو قلب ڪٿ نہ هوءِ، جو هتيجن هٿ ڪيو!

اُصولن خاطر قرباني ڏيڻ کي شاهہ صاحب گهڻو ساراهيو آهي:

تہ ڪر ڪيئن سُئي جي سير نہ گهڙي سهڻي
هتي حياتي ڏينهڙا، هڏ هن تان نہ هٽي،
هونهين هوند مُئي، پر بڏيءَ جا بيٺا ٿيا!

اِهيئي ڳالهيون آهن، جن سنڌين کي پنهنجي قديم روايات جي حفاظت لاءِ حرص ڏياريو ٿي. جن لاءِ سنڌن دلين ۾ عزت ۽ احترام آهي، ۽ جن کي زندهہ رکڻ لاءِ هو هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار ٿي سگهندا. (بشرطيڪ کين ٿوري ترغيب ڏياري و.. )

هن وقت نوان سامراجي، اسلام پاڪستان، اقتدار ٻين لالچن، دڙڪن، ڌوڪن، سزائن جي خوف، ۽ نون نظرين جي آڙ ۾ سنڌين کي بيوقوف بنائي، گمراهہ ڪري، کين پنهنجي روايات وسارائڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهيا آهن. پر

www.sindhsalamat.com

مون کي پڪ آهي تہ سنڌ جا نوجوان ۽ غيرتمند ماڻهو شاھہ صاحب جي هن هدايت تي هلڻ لاءِ تيار ٿي ويندا تہ:

کيئن ڇڏيان مان سومرا، تن پنهوارن پچار،
ميخون محبت سنديون، هينئڙي منجهہ هزار،
پکا ۽ پنهوار، ڏني مون ڏينهن ٿيا!

## فن لطيف (آرٽ)

ڪلچر جون پنجون شعبو آرٽ (فن لطيف) آهي، جنهن جي هڪ حصي جو واسطو فلسفي حيات، نفسيات ۽ مذهبي عقيدن سان رهي ٿو ۽ ٻئي جو تعلق ادب ۽ فن لطيف سان رهي ٿو. پهرئين جو ذڪر ٻئي فصل ۾ گهٽي قدر اڳ ۾ ويو آهي، هتي ٻئي حصي جو ذڪر ڪجي ٿو:

### 1. ادب

هر ملڪ جي رهاڪن وٽ هڪٻئي سان لاڳاپن قائم رکڻ، خيالن جي ڏي وٺ ڪرڻ ۽ جذبن جي اظهار لاءِ عام ٻولي هوندي آهي، جا سندن ابتدائي دور ۾ خام ۽ اڻ پوري هوندي هئي، ليڪن جڏهن ماڻهو بدويانہ زندگيءَ مان ترقي ڪري دريائن جي ڪنارن يا شهرن ۾ زندگي بسر ڪرڻ لڳندا آهن، تڏهن هو آهستي ڪري ان کي قلم بند ڪرڻ لاءِ رسم الخط ايجاد ڪري لکندا آهن. جنهن ۾ بعد ۾ قصن ڪهاڻين، ٻهاڪن، شعرن، افسانن، علمي ڳالهين ۽ تاريخي واقعات جو وڏو ذخيرو ڪٺو ٿيو وڃي، جنهن جي مجموعي کي اُن ٻولي جو ادب ۽ ساهت سڏيو ويندو آهي.

ساڳئي وطن ۾ رهي، هڪ زبان ڳالهائڻ ذريعي هڪٻئي سان لاڳاپو رکڻ سبب ماڻهن ۾ هم جنسيت جو مادو پيدا ٿيندو آهي، جنهن مان ڪلچر جنم وٺي ٿو جو قوم بنجڻ لاءِ مکيہ مواد جو حامل ٿئي ٿو.

هر قوم جي ڪلچر يا سڀيتا جو ذخيرو سندن اَدب جي ذريعي محفوظ رهي ٿو. ماڻهن جو ڪوبہ مجموعو زبان ۽ اَدب کانسواءِ قوم بنجي نٿو سگهي. ساڳئي طرح زبان ۽ اَدب، قوم جي وجود کانسواءِ علحده رهي نٿا سگهن.

دنيا جو هر ڪم ڪونہ ڪو مقصد ۽ مراد رکي ٿو. خود ڪائنات جي پيدائش مقصد ۽ مراد کان خالي نہ آهي. قرآن ۾ آهي تہ " مَا خَلَقْتَ هٰذَا بَاطِلًا" ـ (ڇا دنيا جو ماڻدارڻ منصوبي ۽ مقصد (Plan of Purpose) کان سواءِ آهي؟)

www.sindhsalamat.com

عام طرح اَدب کي ٻن شعبن (1) اَدب تفريح لاءِ (2) ادب قومي ترقيءَ لاءِ ۾ ورهائي ذڪر ڪيو ويو آهي.

جذبات ۽ اُصولن جي مواد ميسر ڪرڻ لاءِ ٻنهي قسمن جي اَدب جي ضرورت پوي ٿي، پر ڏسڻو آهي تہ ان مان ترجيح ڪنهن کي ڏيڻ گهرجي.

سنڌي اَدب تي نظر ڪنداسون تہ معلوم ٿيندو تہ اسان ڪلاسيڪي شاعرن ۽ اَديبن پوئين قسم جي اَدب تي خاص توجهہ ڏنو آهي.

خوشتران باشد ڪہ سر دلبران،
گفتہ آيد در حديث ديگران!

(مولانا روم)

"دلي ڳالهين ۽ اعليٰ خيالن جي اظهار جو بهترين طريقو ٻين جي قصن ڪهاڻين ۽ تشبيهن ذريعي پيش ڪرڻ آهي."

شاهہ لطيف، سچل سرمست، روحل فقير، شاهہ نصير، بيدل فقير، مصري شاهہ، سامي ۽ دلپت جهڙن شاعرن- اعليٰ سلوڪ جون ڳالهيون، سرويچيءَ جي تعليم، ملڪ ۽ قوم لاءِ قرباني، حب الوطني ۽ قومپرستيءَ جي جذبي رکڻ، مشڪلات کي منهن ڏيڻ، قومي روايت، محبت، سادگي ۽ اتحاد ۽ اِنسانيت لاءِ ڪم ڪرڻ جون ڳالهيون- سهڻيءَ- سسئيءَ- ليلا چنيسر، مارئيءَ- نوري ڄام تماچيءَ- هير رانجهي.وغيره جي ڪهاڻين ڪنهن بہ ادب جي اِن قسم کي نہ ڇڏيو آهي.

ليڪن اڳتي هلي اسان جي اَدب ۾ جاگيردارانہ نظام جي عياش زندگيءَ جي تفريح طبعيءَ لاءِ ڪجهہ وقت کان اهڙو بہ رجحان پيدا ٿيو جو اردوءَ ۽ فارسيءَ جي تنزل واري دور جي شاعريءَ جي تتبع ۾ دماغي عياشيءَ خاطر هتي جي شاعرن بہ گل و بلبل- يار جي زلفن- رخسار ۽ ناز و انداز کي سيڪجهہ سمجهي ان نموني جو اظهار خيال ڪرڻ شروع ڪيو. ٻئي طرف نثر نويسن وري اَدب کي ديوين، پرين ۽ بادشاهن وغيره جي قصن ۽ ڪهاڻين سان پري ڇڏيو.

پر وري شڪر آهي جو مغربي ملڪن جي اثر، ٻاهرين حاڪمن جي ظلمن ۽ تڪليفن، نوجوان گروهہ جي هڪ حصي کي تحريص ڏياري آهي تہ اَدب کي نين ضرورتن، قومپرستيءَ، سماجي سڌاري، اخلاقي درستيءَ، آزاديءَ جي جذبي ۽ جديد ترقي پسند خيالن طرف موڙي ملڪ ۽ قوم ۾ بيداري پيدا ڪن. ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ انهيءَ رجحان جي ابتدا ۾ ڪن دقيانوسي، ڪٽر فرقي پرست ۽ رجعت

www.sindhsalamat.com

پسند ليکڪن ۽ شاعرن طرفان مخالفت ٿي آهي. ۽ ٿينديءَ رهنديءَ پر اِڳتي هلي اهي حشرات الارض (ڪيڙن ماڪوڙن) وانگر ختم ٿي ويندا.

اڄ جيڪڏهن پير حسام الدين راشديءَ جمال اَبڙي، محمد ابراهيم جويي، شيخ عبدالڪريم گدائي (مرحوم)، نجم عباسي، نياز همايوني، تنوير عباسي، استاد بخاري، ابراهيم منشي، محمد خان مجيديءَ ۽ ٻين محب وطن اَديبن ۽ شاعرن جي سڃاڻپ نہ ٿي آهي، تہ فڪر نہ آهي، پر مون کي اُهو ڏينهن پري ڏسڻ ۾ نٿو اچي، جڏهن سندن آواز سنڌ جي گهر گهر ۾ بلند ٿيندو ۽ رجعت پسند، ڏارين جا دلال ۽ وڪالتي اَديب ختم ٿي ويندا. پر اِهو ڪم اَهڙو سولو نہ آهي جهڙو ڏسڻ ۾ اَچي ٿو. جملي شاگردن، ماسترن، پروفيسرن، عالمن، اَهل علم ۽ صاحب ذوق ماڻهن کي هڙان وڙان ڪوشش ڪري اِن صحيح اَدب جي وڌائڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻي پوندي. اسان جو موجوده سنڌي دان تعليم يافتہ نوجوان، اُردو دان گروهہ جي مقابلي ۾ گهڻو پوئتي پيل آهي. هيءَ ڳالهہ خاص ذهن ۾ ويهارڻ جي لائق آهي تہ رجعت پسند ملا جي تشريح وارو مذهب ۽ ڪميونسٽ سامراجي گروهہ جو قومپرستيءَ خلاف لڪل پرچار مار آستين جو ڪم ڏيندو. قومپرست اَديبن جو اولين فرض اِهو آهي تہ اُهي ساده دل نوجوانن کي اُنهن ڏارين جي ايجنٽن جي چالبازين کان واقف ۽ خبردار ڪن.

## لطيف فن:

لطيف فن جي ذمري ۾ 1. راڳ 2. ساز 3. ڊراما 4. رقص 5. سٺو لباس 6. عمدو طعام 7. هنر 8. فن تعمير 9. رانديون 10. مصوري ۽ نقاشي اَچي وڃن ٿيون. اِن ڏس ۾ سنڌين وٽ ڪجهہ ذخيرو اڳيئي موجود آهي، پر اُهو ڪافي نہ آهي. زماني جي ترقي ۽ رفتار سان ساٿ ڏئي، اسان کي ذڪر ڪيل هر فن ۾ اڳتي وڌڻو آهي. هاڻ آئون مٿي ذڪر ڪيل هر ڳالهہ تي مختصر روشني وجهندس.

## 1. راڳ

اسان ان ڏس ۾ هندستاني راڳ وديا جي پوئلڳي ڪنديءَ ابتدا ۾ ڪجهہ قدم کنيا ۽ ٻہ ٽي راڳڻيون- ڪوهياري، راڻو سنڌي ڀيروي وغيره بہ ايجاد ڪيون. پر خدا جي مار پوي ڪٽر فرقيپرست ملن ۽ پيرن تي، جن راڳ (جو روح جي راحت آهي) کي گناهہ ڄاڻائي، ماڻهن کي ان کان منع ڪئي. جيتوڻيڪ خود مولود ۽ مداحون سر

www.sindhsalamat.com

سان چوندا رهيا ۽ قرآن کي خوش الحانيءَ سان پڙهڻ لاءِ قاري پيدا ڪندا رهيا. پر دهلن ۽ سازن تي ٿيندڙ ڪلاسيڪي راڳ جي برخلافي ڪندا رهيا. ايتريقدر جو شادين يا خوشيءَ جي موقعن تي جيڪڏهن راڳ جي مجلسن جو انعقاد ٿيندو هو ته ان جو بائيڪاٽ ڪندا هئا. هاڻي وقت آيو آهي ته اسان جا نوجوان مغرب ۽ مشرق جي راڳ مان واقفيت پرائي راڳ کي ترقي وٺائين. ڪو دور هو جڏهن ڪي خاندان يا پير، راڳ ۽ راڳيندڙن جي حوصله آفزائي ڪندا هئا. پر هن وقت اُنهن مان ڪي ٿورا وڃي بچيا آهن. ضرورت اِن ڳالهه جي آهي ته راڳ جي واڌاري ۽ تعليم لاءِ ڪي اسڪول ڪولڻ گهرجن. ۽ جماعتون ناهي اُنهن جي هلائڻ جو انتظام ڪجي. ڪن راڳ جي شوقين کي اِسڪالرشپون ڏئي يورپ، آمريڪا، هندستان ۽ بين ملڪن ۾ تعليم ۽ تربيت لاءِ موڪلجي. جيڪي اُتان سکيا وٺي، موٽي آچي هتي اُستاد طور پڙهائين. راڳ جي ماهرن جي گذرمعاش جو انتظام ڪرڻ گهرجي. ۽ اُنهن کي چند فردن جي رحم ڪرم تي ڇڏڻ نه گهرجي. درگاهن جي ميلن، آدبي مجلسن، اسڪولن، ڪاليجن جي فنڪشنن ۽ شاديءَ ۽ خوشيءَ جي موقعن تي کين گهرائي، سندن همت افزائي ڪرڻ گهرجي. راڳ وديا تي ڪتاب لکائڻ گهرجن. مغربي راڳ وانگر پنهنجي راڳ لاءِ به ڪي نوٽيشنس ايجاد ڪرڻ جي ضرورت آهي.

## 2. ساز

سنڌ ۾ قديم وقت کان وٺي ڪي پنهنجا منفرد ساز رهيا آهن. موهن جي دڙي وارين مهرن مان به ڪي اهڙا نشان مليا آهن. جن مان گمان ڪيدي سگهجي ٿو ته هتي راڳ سان سازن جو دستور هو. هن وقت به سنڌ ۾ يڪتارو- گهڙو- نڙ- بين- بوڙيندو- چنگ- گهنڊ- نغارا- دهل- ڍولڪ- ڪڙتالون- ستار- طنبور- گهنگهرو- دنبورو- سرندو ۽ ٻيا ساز رائج آهن. اُن کانسواءِ هيٺين سازن جو اضافو ٿيو آهي. ڪلارينٽ، انگرز هارمونيم، بينجو ۽ طبلو وغيره.

سنڌين کي گهرجي ته دنيا ۾ مروج سازن مان ٻيا ساز به هٿ ڪري پنهنجن سازن ۾ واڌارو آڻين. پارٿ- ايران- عرب- اسپين- مصر- اٽلي ۽ ٻين مغربي ملڪن جي لئي- ڌنن- تارن- نغمن- گرن- طرزن ۽ نوٽ ٿيل راڳن مان سبق سکڻ گهرجي براڊ ڪاسٽنگ اسٽيشنون، سئنيمائون، فلمن جا اسٽوڊيوز ڪي ماهر ۽ استاد انهيءَ راهه ۾ هن وقت ڪم ڪري رهيا آهن. پر جهڙيءَ طرح راڳ، ساز ۽ رقص جي سيکارڻ لاءِ به ڪي ادارا کولائي ڊگرين ڏيڻ جو انتظام ڪرڻ گهرجي.

www.sindhsalamat.com

## 3. ڊراما

ڪو وقت هو جو اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ ڊراما ڪرايا ويندا هئا. شهرن ۾ ٿيٽر هوندا هئا. ڳوٺن ۾ ڀڳت ۽ ڳاٽا ڳالهيون ڪٿي، راڳ ڳائي، گهنگهرو ۽ جاما پائي نچندا هئا. مسخرا به پنهنجي وس آهر سندن فن ذريعي ماڻهن جي تفريح طبعيءَ لاءِ مزاحيه ڳالهيون ڪري ماڻهن کي وندرائيندا هئا. پر هاڻي مذهبي ڪٽرپڻي، ماڻهن جي الغرضائيءَ ۽ همدردن جي گهٽتائيءَ ڪري، سنڌ مان اهو فن قريبن ختم ٿيڻ جي ويجهو اچي پهتو آهي. سوسائٽيءَ جي اخلاقي درستي، تفريح طبعي ۽ روح جي راحت لاءِ اِن فن کي نئين سر زنده ڪرڻ جي ضرورت آهي. سئنيمائون ان راهه ۾ ڪجهه ڪري رهيون آهن. پر ان جي ڪري ڊرامن کي وڏو ڌڪ لڳو آهي. پر جيڪي ڪجهه ٿي رهيو آهي، اُن کي فنڪارن يا ڊائريڪٽرن جي شخصي رجحانن ۽ مفاد تي ڇڏي ڏيڻ بدران ڪن ادارن وسيلي اُن کي خاص مقصدن مرادن جي نقط نگاه کان ... ڊارڻ جي ضرورت آهي. هن وقت حالت اِها آهي جو ان فن کي واندڪائيءَ جي وندر ۽ تفريح طبعي لاءِ ڪم آندو وڃي ٿو. بهتر ائين ٿيندو ته ان فن کي ذهني ۽ اخلاقي سڌاري ۽ ترقيءَ لاءِ ڪتب آڻڻ واسطي، اسان جي اديبن عالمن ۽ سڌارڪن کي توجهه ڏيڻ گهرجي.

پاڪستان جي قيام بعد پيسي ڪمائڻ جي نقط نگاهه کان عياش ماڻهن، هن فن کي روزگار جو وسيلو ڪٿي بنايو آهي. جنهن ڪري اسٽيج يا سئنيمائن کي ڇڙواڳي ملڻ سبب اِخلاق جي درستيءَ بدران اِخلاقي پستي ۽ خرابيون پيدا ٿيڻ لڳيون آهن. فلمن ۽ ٿيٽرن جو ڪم ڪن اَهڙن اَدارن جي نظرداريءَ هيٺ هجي، جيڪي اَهل علم، صاحب اِخلاق ۽ سماج سڌارڪ ماڻهن جي هٿ ۾ هجن ۽ اُهي هن فن کي تعليمي ادارن وانگر ماڻهن جي فلاح ۽ بهبوديءَ لاءِ ڪم آڻين. هن وقت اوباش، آواره پيشه، عياش ۽ پئسي ڪمائڻ وارا ماڻهو هن فن کي پنهنجي شخصي مفاد ۽ آواره ماڻهن جي خوش ڪرڻ لاءِ ڪتب آڻي رهيا آهن. اُنهن تي بندش وجهي، ڪن تسليم ڪيل اَدارن ماتحت هن فن کي زور وٺائڻ گهرجي. پر اِن ڳالهه کي سياست ۾ ٽپائي آڻڻ کان پرهيز ڪرڻ گهرجي. ائين نه ٿئي ته ڪي سياستدان پنهنجن سياسي نظرين يا ڪٽر مذهبي فرقي پرست ماڻهو پنهنجن دقيانوسي عقيدن ۽ نفرت جي پرچار لاءِ اُن کي ڪتب آڻي، مرڳو بيڪار بنائي ڇڏين.

www.sindhsalamat.com

## 4. رقص

اَهل تصوف ۽ اڳوڻن ۽ فيلسوفن رقص کي آرٽ ۾ وڏو درجو ڏنو آهي. هنن جو چوڻ آهي تہ زندگي خود هڪ وڏو رقص آهي. اُن کي جيترو خوش اسلوبيءَ سان آدا ڪبو اوتري موج ۾ گذرندي.

ڪٽر فرقي پرست مذهبي ماڻهن ۽ فحش ۽ عياش طبع رقاصائن هن نهايت اعليٰ فن جي عزت گهٽائي ڇڏي آهي. هڪڙن رقص جي منع تي ڪئي ۽ ٻين اُن کي فحش ڪاريءَ ۽ عريانيءَ طرف ڌڪي ڇڏيو آهي.

اڳين وقتن تي عيدن برادن جي موقعن تي سماع ٿيندا هئا. درگاهن تي ڌمالون لڳنديون هيون. اُهي سڀ رقص جا قسم مروج هئا, پر هاڻي آهستي ٿي گهٽبا وڃن ٿا.

موهن جي دڙي مان نچڻي جو هڪ پتلو لڌو آهي, جنهن جي هڪ ٻانهن ۾ ڪهڻيون چوڙيون پيل آهن, ۽ اُن جي بيهڪ رقصيہ انداز ۾ آهي. اُن مان معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌ ۾ اِهو فن پنجن هزارن سالن کان مروج هو. هندستان جي ڪٿاڪلي رقص ۽ منيپوري ناچ جي شروعات بہ ممڪن آهي هتان ٿي هجي.

هن وقت مغرب ۾ رقص (Dance) جا ڪيترا قسم مروج آهن. جن مان اَڪثر هنن آفريڪا ۽ آمريڪا جي قديم قومن کان سکيا آهن.

رقص, وجد جي حالت آهي, جنهن ۾ جانور, پکي ۽ ماڻهو موج ۾ اچي, خوشيءَ جي انتهائي درجي تي پهچي, بعضي حال مان بيحال ٿيو وڃن.

شو مهاراج جو هڪ پتلو اَهڙو ڏيکاريل آهي, جنهن کي "ڊانس آف ڊيٿ" (موت جو رقص ـ Dance of Death) سڏيو آٿر. سنڌ ۾ قلندر شهباز جي ميلي جي موقعي تي فقير ڌمال وقت نچي, مست ٿي دمادم مست قلندر جا نعرا هڻندا آهن, باريچا فقير ۽ ڪي زالون وار چوڙي رقص ڪندا آهن. جن کي ڪي ماڻهو چيلهہ ۾ ڪپڙا وجهيو ڪِرڻ کان بچائڻ لاءِ جهليو بيٺا هوندا آهن. درگاهن تي صوفي چيريون پايو ڏنڊن ۾ گهنگهرو ٻڌيو, جهمريون هڻيو راڳ بہ ڳائيندا آهن ۽ نچندا بہ آهن. اهل تصوف آرٽ ۾ رقص جو وڏو مرتبو ڄاڻايو آهي. مغرب ۾ هن فن کي ڪافي ترقي وٺائي وئي آهي. هتي بہ اخلاقي حدن کي مدنظر رکي, ان کي ترقي وٺائي سگهجي ٿي, پر اُن لاءِ يارت ۽ يورپ وانگر خاص ادارا کولڻا پوندا.

www.sindhsalamat.com

## 5. شنو لباس

نطرت (خدا) حسين آهي ۽ اُها حسن کي پسند ڪري ٿي. جانورن ۽ ماڻهن ۾ اهو تفاوت آهي تہ جانور اُگهاڙا گهمن ٿا ۽ ماڻهو لباس پائي، پاڻ ڍڪي هلن ٿا. هر ملڪ ۽ قوم ۾ لباس جا قسم آبهوا، قديم روايات ۽ دستورن وغيره سبب نرالا ٿين ٿا. جيئن معاشرو ترقي ڪندو رهندو لباس ۾ بہ تبديلي ۽ ترقي لازمي بنجي پوي ٿي. اُن لاءِ ماڻهن ۾ ٻن قسمن جا رجحان رهيا آهن. هڪڙا ان کي عريانيءَ کان بچڻ لاءِ پردي ۾ رکن. وڏن ڪپڙن، عبائن ۽ جبن طرف جهڪي ويا، ۽ ان کي مصنوعي پرهيزگاريءَ، بزرگيءَ ۽ معتبريءَ لاءِ استعمال ڪرڻ لڳا. ٻين ان کي حسن جي افزائش بدران ظاهري نمائش، پاڻ ڏي ٻين جي توجهہ ڇڪائڻ ۽ وڻندي سيڪس (Sex) جي محرڪات جو هٿيار ڪري ڪتب آندو. جنهن ڪري عرياني وڌڻ لڳي. ڪن تہ اهو اظهار ڪرڻ شروع ڪيو تہ بهترين لباس اُگهاڙپ آهي. ڊاڪٽر اقبال ان کي مدنظر رکي چيو هو تہ:

تجهي بتاؤن کہ تقدير اُمہ کيا هي
شمشير و سناهہ اول، طائوس رباب آخر!

اُن ڪري هڪ گروهہ جنهن جا نمائندا ملا، پادري، پنڊت، معبد وغيره هئا، تن اُن کي بزرگي، رعب ۽ معتبريءَ جو ذريعو ڪري ڪتب آڻڻ شروع ڪيو. ٻين - جن ۾ فقير، نچڻ وارا مرد ۽ عورتون، رانديگر وغيره شامل هئا، تنگ لباس پائي، اُن کي گهٽي بار ڪان بچڻ ۽ بدن جي نمائش لاءِ استعمال ۾ آڻڻ شروع ڪيو جنهن ۾ هر عضوي جي نمائش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي.

سنڌ ۾ قديم وقت کان مختلف نسلن، قبيلن ۽ مذهبي ماڻهن ڪي لباس رواج ۾ آندا هئا. اهڙيءَ طرح مرداني لباس ۾ ڌوتيون، گوڏون، سٿڻون، وڏا چولا، قميصون، پهراڻ، ڊگها جبا، ننڍا چولا، آنگوچا، وڏا پٽڪا، ٽوپ، ٽوپيون، جتيون، بوٽ، چمپلون، گيتلا، وغيره مروج هئا. زالن جي لباس ۾ وري وڏيون سٿڻون، پڙا، چوڙيدار سلوارون، پتلونون، گهاگهرا، چولا، گج، ڪنجريون، ساڙهيون، چادرون، گنديون، برقعا، سنليپر، زنانيون جتيون، بوٽ، چميل وغيره شامل هئا. زالن ۾ زيورن پائڻ جي قسمن جو تہ ڪاٿو ئي ڪونہ هو. سنڌ ۾ رواج ۾ آيل زيور، دهريون، هار هس، پنڙا، ڳن، ايرنگ، چوڙيون، ڪنگڻ، پونچيون، منڊيون، ٻانهيون، ويڙهہ، بازوبند، ڪڙيون، پازيب، چيريون، تعويذ، ڪنمالون وغيره هئا. جن جي پهرڻ جا بہ ڪيترا طريقا هئا.

www.sindhsalamat.com

موهن جي دڙي مان هڪ نچڻيءَ جو پتلو به هٿ آيو آهي، جنهن جي هڪ سڄيءَ ٻانهن ۾ چوڙيون پيل آهن. هڪ ٽنگ به ساري زيورن سان ڀريل آهي ۽ ڪنن ۾ جدا زيور پيل اٿس.

هاڻ ولايت مان مروج نون زيورن اچڻ بعد زيورن جا قسم به بدليا ويچن ٿا. لباس ۽ زيورن جي تبديلي، زماني جي پيسي ۽ ملڪيت جي فراواني ۽ طبيعتن جي رنگين مزاجيءَ جي ڪري ايترو تيزيءَ سان تبديل ٿيئي ٿي، جو ڪن ويسن جا نمونا هڪ سال ٽائين به ٽڪا هلي سگهن. انهن لاءِ خاص طور نوان ٻڌائين رکيا ويچن ٿا. مردن ۽ عورتن جي رجحانن کي ڏسي روز بروز نوان نمونا ايجاد ٿي رهيا آهن. اُن مان پيسي جي فضول خرچي هڪ طرف ۽ مقصد ۽ مراد جي پتو به پئجي نٿو سگهي. سنڌ ۾ عام چوڻي "آنڌي گهوڙي ڪل ۾" وانگر ماڻهو چؤطرف ڏڪا ٿاٻا کائي رهيا آهن. اُن ۾ سنڌن رنگيلي پڻ جو اظهار ٿيئي ٿو. ٻئي پاسي ويهه تاڪيون سٽون، تاڪين جا پٽڪا، پارٽي قسم جون جتيون ۽ گيتلا دستور ۾ هليا اچن ٿا.

معاشرو به عجيب ردو بدل مان گذري رهيو آهي. هڪڙا ماڻهو روزگار جي تنگيءَ ڪري اَڌ اگهاڙا، ڦاٽل ڪپڙن سان، مٽي ۽ پيرن اُگهاڙا ڦرندا ڏسڻ ۾ اچن پيا، ۽ ڪاڏي لاءِ پوري ماني به نصيب ڪانه ٿي ٿئين. ته ٻيا ماڻهو ريشم، ڪيمخواب ڪشميري جا نهايت نفيس لباس پايو هر روز ڏٺاريل ڪپڙا پهرين ٿا ۽ هرويلي ٿي طرح طرح جا طعام کائين ٿا. اُن ڪري اشتراڪي نظريي وارا اقتصادي مساوات آڻڻ لاءِ سرمائيداريءَ جي پاڙوڳي تي ضابطو رکي، پيداوار ۽ ورهاست جي ذريعن کي منظم پلئن هيٺ هلائڻ جي ڪوشش ۾ آهن. پر اُن ۾ پوريءَ طرح ڪامياب نه ٿي سگهيا آهن. ڇاڪاڻ ته علم جي ڄاڻ، سائنس جي واقفيت، هنر جي مهارت ۽ فنڪاريءَ جي لياقت ۾ سڀ ماڻهو هڪجهڙا ڪونه ٿا ٿين. تنهن ڪري ڪن کي پگهار گهڻو ۽ ڪن کي گهٽ ملي ٿو. اُن ڪري زياده پيداوار وارا گهٽ پيداوار وارن ڪان سکيو گذارين ٿا.

جيستائين مهارت ۾ هڪ جهڙائي پيدا نٿي ٿئي، ائين ٿيندو رهندو. چين ۾ ويس هڪ جهڙو ڪيو ويو آهي، يعني پتلون ۽ شرٽ. پر هڪ مزدور عورت ۽ مسز سن يات سين جي ڪپڙن جي لياقت ۾ تفاوت هو. روس ۾ ته ڪمائي ۽ خرچ جي وچ ۾ تمام گهڻو تفاوت هو. ڇاڪاڻ ته اُن ملڪ ۾ چين جي ڀيٽ ۾ آدم شماري گهٽ ۽ ڪمائي ۽ لياقت گهٽي هئي.

www.sindhsalamat.com

انسان بهشتي زندگي يا موجوده زماني جي زبان ۾ يوٽوپيين (تمثيلي) زندگي گذارڻ لاءِ افلاطون (يوناني ڏاهي) جي ذهن کان خواب لهندو پئي آيو آهي، پر اڃا اُن کي حاصل ڪري نہ سگھيو آهي.

مذهب وارن (خدا ۾ مڃڻ وارن) هتي ڇڱن ڪمن جي بدلي ۾ موت بعد اها زندگي قيامت ۾ حاصل ڪرڻ جا دلاسا ڏنا آهن ۽ دهرين (خدا نہ مڃيندڙن) دنيا ۾ بهشتي زندگي نصيب ڪرڻ جا دلاسا ڏنا آهن. پر ماڻهن جي شخص نظرياتي آزاديءَ تي بندش وجهڻ بعد بہ اُهي اقتصادي حالتون ڪجھہ قدر درست ڪرڻ کان سواءِ گھڻو ڪجھہ ڪري نہ سگھيا آهن. چين ۾ ماڻهو گھڻا ۽ پيداوار جا ذريعا گھٽ آهن. اُن ڪري اُتي جي ماڻهن جو معيار زندگي ڪوشش جي باوجود آمريڪا جي درجي تي پهچڻ ناممڪن آهي. جو تہ اُتي پيداواري ذريعا گھٽ آهن. البت اُتي جيڪڏهن اشتراڪي نظام حڪومت رائج ڪيو وڃي تہ اُتي عام ماڻهن جو معيار زندگي گھڻو بلند تي سگھي ٿو. پر جيئن ڪروڙين ماڻهو شڪل شباهت ۾ هڪ جهڙا نہ هوندا آهن. تيئن ذهني اخلاقي ۽ اُصولي طرح جملي انسان ذات جو يڪسان ٿيڻ بہ مشڪل آهي. اسلام جي پوئلڳن دعوي ڪئي ٿي تہ اُهي سياسي، اخلاقي ۽ عقيدي طور مساوات آڻي، دنيا ۾ اتحاد امن ۽ ترقي آڻيندا. ليڪن انهن. ان جي عيوض مذهب ملڪن تي حملا ڪري ڦرلٽ ۽ قتل عام ڪيا ۽ آزاد ماڻهن کي غلام ۽ لونڊيون بنائڻ جائز ڄاتو. انهن جي پنهنجي اهڙي ظلمانہ روش کي مڪمل ڄاتي. ان جي پرچار ۽ رائج ڪرڻ لاءِ جهاد کي جائز ٺهرايو. ساڳي حالت ڪميونزم جي حامين جي آهي. هن شخصي آزادي ختم ڪئي آهي. مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ هر قسم جي طريقن جي استعمال جا حامي آهن (اينڊ جسٽيفائيڊ مينس): خونريز انقلاب ( Blood Revolution) آڻڻ جا طرفدار آهن ۽ ماڻهن ۾ ذريعہ معاش جي معاملي تان نفرت ڦهلائڻ جا ذميدار آهن۔ اُن کانسواءِ پنهنجي نظريي کي مڪمل ڄاڻي، ڀين تي پرچار، تبليغ ۽ زور وسيلي مسلط ڪرڻ گھرن ٿا. باوجود ان جي ڪميونسٽ دنيا جي حالتن ۾ گھڻو ڦيرو نہ اچي سگھيو آهي. جهڙيءَ طرح اسلام وڏين دعوائن جي باوجود انسانذات جون جملي مشڪلاتون حل ڪرڻ ۾ ناڪامياب ويو آهي. اهڙيءَ طرح ساڳي حالت ڪميونزم جي آهي. تنهن ڪري، آئيندي سوچي سمجهي سادگيءَ، عمدگيءَ ۽ گذرمعاش جي ذريعن کي مدنظر رکي لباس کي بنائڻو پوندو.

www.sindhsalamat.com

## 6. عمدو طعام

شيخ سعديءَ کاڌي جي معاملي ۾ بهترين معنيٰ وارو مقولو فرمايو آهي ته:

"خوردن برائي زيستن، نہ زيستن برائي خوردن است"

يعني- کائجي جيئري رهڻ لاءِ، ۽ نہ جيئجي کائڻ لاءِ!

انسان کي وحشيانہ دور کان وٺي جيڪي ڪجهہ کائڻ لاءِ پئي مليو هو اهو کائي زندهہ رهندو آيو. جيئن انسان ترقي ڪئي تيئن سندس کاڌو بہ بدلبو رهيو. زراعتي دور ۾ اناج گوشت، مڇي، کير، ڏڌ ۽ مکڻ کائڻ شروع ڪيائين. ان بعد ماڻهو عقيدن جي لحاظ کان ٻن گروهن ۾ ورهائجي ويا:

هڪڙا گوشت خور ٿيا، جي ساهہ واريون شيون ماري کائڻ لڳا، ۽ ٻيا سبزي خور ٿيا، جي اناج، ڀاڄين، کير ۽ مکڻ تي گذر ڪرڻ لڳا.

سنڌ جا رهاڪو موهن جي دڙي واري زماني ۾ معلوم ٿئي ٿو تہ پهرين گروهہ سان واسطو رکندڙ هئا، پر آرين جي اچڻ ۽ سندن اهنسائي عقيدي ۽ ويساهہ رکڻ بعد سبزي خور ٿي پيا ۽ ساهہ واري شيءِ جي کائڻ کان پرهيز ڪرڻ لڳا. اهڙيءَ طرح ماڻهو وحشياڻي دور ۾ کاڌو بہ ڪچو کائيندا هئا، ۽ پوءِ باهہ جي استعمال بعد کاڌو پچائي يا رڌي کائڻ شروع ڪيائون.

سنڌ ۾ موهن جي دڙي واري تهذيب جي شهري رهائش ۽ لباس مان ائين معلوم ٿئي ٿو تہ ماڻهن طعام جي تياريءَ جي معاملي ۾ بہ ضرور ترقي ڪئي هوندي، پر سنڌ ۾ مسلسل هر صديءَ ۾ قدرتي جي ڏهڻ، سنڌو نديءَ جي ڦيرن گهيرين، چوماسي بدلجڻ، بارش جي گهٽ پوڻ ۽ ٻاهرين حملي آورن جي خوف وغيره سبب شهري زندگي گهٽجي وڃڻ ۽ ڳوٺاڻي زندگي زياده ٿيڻ ڪري، ممڪن آهي تہ سادي طعام جو دستور رائج ٿيو هجي. جنهن ڪري سندن کاڌي ۾ چانور، کير، مکڻ، ڏ، جوئر، ٻاجهريءَ ۽ ڪڻڪ جي ماني، مڇي، گوشت وغيره ڪم اچڻ لڳا، ۽ کاڌي جي تيار ڪرڻ جي طريقي ۾ بہ سادگي اچي وئي. جيئن بادشاهيون برپا ٿيون ۽ شهري زندگي وڌي هونديءَ ان مطابق طعام ۾ تبديلي اچڻ بہ لازمي هئي، ليڪن عام ماڻهن جي طعام جو قسم اڳي کان وٺي اڄ تائين سادو هليو اچي.

مٿاهين طبقي جي ماڻهن، شهري زندگي گذاريندڙن ۽ حڪمران طبقي جي ماڻهن، حالتن موجب گذرمعاش جي فراواني ڪري کاڌو روز بروز بهتر تيار ڪرائڻ شروع ڪيو. هن وقت حالتن ڦيرو کاڌو آهي ۽ شهري زندگي وڌڻ لڳي آهي. سنڌ ۾

www.sindhsalamat.com

ماڻهو ٿورا ۽ زمين ۽ روزگار جا وسيلا (پاڪستان بنجڻ کان اڳ) وڌيڪ سازگار هئا. ان ڪري درمياني طبقي جي ماڻهن جي کاڌي پيتي ۾ تبديلي اچڻ لڳي. مغلن جي دور حڪومت کان سنڌ جي مثاهين طبقي، کاڌي خوراڪ ۾ ٿوري ترقي ڪئي، ليڪن سنڌ ۾ کاڌي جي تياريءَ جي ڪا خاص نمايان ترقي ڪانہ ٿي.

هن وقت حالتون بدلبيون وڃن، پر ماڻهن جي اڪثريت قديم مشرقي طرز جي کاڌي جي عادي ٿي چڪي آهي، جنهن ۾ هيٺيون خرابيون آهن:

(1) کاڌو شوروي، مصالحي ۽ گهٽي پچڻ سبب لذت ۾ بهتر ٿئي ٿو پر هاضمي لاءِ خراب آهي ۽ ڪجھ وقت تائين اهو نٿو رکي سگهجي.

(2) هر هڪ گهر ۾ جدا کاڌو تيار ٿيڻ ڪري وقت گهڻو زيان ٿئي ٿو. جيڪڏهن ڪنهن مرڪزي جاءِ تي کاڌي ڪرڻ جو انتظام ڪيو وڃي تہ هڪ طرف وقت جو بچاءُ ٿيندو ۽ ٻئي طرف بهتر کاڌي هئڻ ڪري بچت جي حالت ۾ خراب نہ ٿيندو.

(3) کاڌي جي مرڪزي انتظام هئڻ ڪري، مغرب ۽ مشرق جي کاڌن جي تجربن جي بنياد تي ڊاڪٽرن ۽ هيلٿ وزيٽرس وغيره جي مشوري سان تيار ٿيل کاڌو زود هضم، زياده مقوي، سستو ۽ صحت جي خيال کان بهتر ٿيندو. جنهن ڪري، خراب کاڌي مان پيدا ٿيندڙ بيمارين کان ماڻهن کي ڇوٽڪارو ملي سگهندو ۽ زالن کي جو گهر ۾ زياده وقت اِن طرف صرف ڪرڻو پوي ٿو سو بچي پوندو.

## 7. هنر

موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ مان معلوم ٿو ٿئي تہ اُن دور ۾ سنڌ هنرن جي معاملي ۾ خاص ترقي ڪئي هئي. جاين جي تعمير، سرون پچائڻ، طرح طرح جي برتنن جي بناوت، ڪاشيءَ جي رنگن جي چٽسالي، مهرن تي مختلف تصويرن جي اُڪر، پشم ۽ سٽ جي ڪپڙن جي اٽاوت، درزگيريءَ، زيور سازيءَ، هٿيار سازيءَ، مختلف قسمن جي جواهرات جي استعمال، ٻيڙين ۽ جهازن جي ناهڻ، لوهارڪي ڪم، مڇي مارڻ ۽ گوشت وڍڻ جي اوزارن جي ناهڻ جا هنر رواج ۾ هئا. ڪاٺ جون ڊگهي گاڏيون ناهي، بار برادريءَ جو ڪم ورتو ويندو هو. ان ڏس ۾ مغرب ۾ مشينن ذريعي جيڪا هنري ترقي ٿي آهي، اها اڃا اسان وٽ مروج نہ ٿي آهي. سنڌ پوئتي پيل ملڪن ۾ شمار ٿئي ٿي. اسان کي ان ڏس ۾ ترقي يافتہ ٿيڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻي پوندي. اُن لاءِ بنيادي هنرن جي مشنري ناهڻ

www.sindhsalamat.com

جي اهليت پيدا ڪرڻي پوندي اُن لاءِ بنيادي هنرن جي مشنري ٺاهڻ جي اهليت پيدا ڪرڻي پوندي. لوهه، رڪ، هوائي جهازن ۽ بجليءَ ٺاهڻ جا ڪارخانا قائم ڪرڻ، هٿيارن ٺاهڻ، سائنس ۽ ڊاڪٽري علم ۾ وڏيڪ ترقي ڪيل شين جا محتاج رهنداسون؟ اسان کي ان معاملي ۾ خود ڪفيل ٿي رهڻو پوندو.

## 8. فن تعمير

سنڌ ۾ عمارت سازيءَ جو فن، موهن جي دڙي جي وقت کان اوج تي پهتل هو. موهن جي دڙي جي شهري تعمير جو اڳي ذڪر ڪيل آهي. ان دور ۾ اهڙي قسم جو شهر هئڻ وڏي ڳالهه هئي. ان بعد جهڪر جي دڙي، چانهوءَ جي دڙي ۽ ڪاهوءَ جي دڙي ۾ ٻڌ اسٽوپا تي ٿيل تعميري ڪم پنهنجو مٽ پاڻ معلوم ٿئي ٿو. رني ڪوٽ، (دنيا جي عجائبات مان هڪ شمار ڪيو وڃي ٿو) ميرزا عيسيٰ جو قبو، جام نظام الدين جو قبو ڪلهوڙن جا قبا، خدا آباد واري جامع مسجد، ٺٽي واري جامع مسجد، ميرزا عبدالباقي جي قبي تي ٿيل ڪاشيءَ جو ڪم، هالن جي پر ۾ خدا آباد وٽ ميرن جا قبا، سنڌ جي تعمير سازيءَ جا بهترين نمونا آهن. درگاهه قلندر شهباز ۽ شاهه عبداللطيف جي درگاهه پڻ اڏاوت ۾ قابل ذڪر آهي. سکر، گڊو ۽ ڪوٽڙي بئراجن جي تعمير به خاص توجهه جي لائق آهي. افسوس آهي ته سنڌ کي اڃا آزادي نصيب نه ٿي آهي ۽ ان جي ڪمائيءَ جي 90 سيڪڙو رقم ڌارين جي قبضي ۾ ويجي رهي آهي. پر جي سنڌ آزاد ٿيندي ته پوءِ سارو ملڪ باغ بهار ٿي ويجي ۽ سنڌ جا نه رڳو وڏا شهر پر ننڍا ڳوٺ به بهشت نما ٿي پون.

## 9. رانديون

سنڌ جي ماڻهن ڪيل ۽ راندين طرف به چڱو توجهه پئي ڏنو آهي. سنڌ جو ملاکڙو مشهور رهيو آهي، جنهن جي ڏسڻ ۾ لاءِ لکن جي تعداد ۾ ماڻهو اچن ٿا. ڪٻڊي، ٻلهاڙو، گِلي ڏڪر، ڪينهوڙي راند، ونجهوٽي، اکبوٽ وغيره سنڌ جون مشهور رانديون آهن. هاڻ نئين نموني ڪرڪيٽ، هاڪي، فوٽبال، والي بال ۽ ٽيبل ٽينس رانديون رواج ۾ آيون آهن.

## 10. مصوري ۽ نقاشي

موهن جي دڙي تان جيڪي مهرون ۽ پتلا لڌا آهن يا برتنن تي نقاشيءَ جي

www.sindhsalamat.com

ڪم جا نمونا هٿ آيا آهن. سي اُن زماني جي وڏي يادگار آهن. اُن ڪان پوءِ سنڌ جي جدا جدا مقبرن، عمارتن ۽ قبرن تي نقاشي ۽ اُڪر جو ڪم پنهنجو مثال پاڻ آهي. ڪاش! جيڪڏهن سنڌ کي آزادي ملي وڃي. تہ هوند اِهو فن اعليٰ درجي تي پهچي سگهي ٿو

نوٽ: ڪلچر جي ڇهين نقطي زبان ۽ ادب جو ذڪر اڳ اچي چڪو آهي.

## طرز معاشرت

قديم وقت کان وٺي سنڌ ۾ باهمي تعلقات ۽ رهڻي ڪهڻيءَ جا خاص طريقا پئي رهيا آهن. جن مان مکيہ جزا هيٺيان شمار ڪيا وڃن ٿا:

(1) شاديءَ ۽ غمي جا رسم ۽ رواج. (2) قبيلائي مذهبي ڌڙ وارا. (3) هڪ ٻين سان گڏجڻ، ڪيڪار ۽ مجلس جا آداب. (4) ميلن ۽ مکيہ موقعن تي ماڻهن جي تفريح ۽ وندر جا ذريعا.

اسان کي هيءَ ڳالهہ ذهن نشين ڪرڻي آهي تہ اسان سنڌ ملڪ جي جملي دائمي رهاڪن کي (پوءِ کڻي اُهي بلوچ، پنجابي، مهاجر، هندو يا سک هجن) هڪ سنڌي قوم جا جزا ڪري سمجهون ٿا. آخر ۾ سڀني رهاڪن جو لباس، کاڌو گهرن جي جوڙجڪ، رهڻ جا طور طريقا، زبان ۽ رسم و رواج ساڳيا بنائڻ گهرون ٿا.

سنڌ ۾ ڪيترن نسلن، زبانن، رسم و رواجن ۽ مذهبي عقيدن جا ماڻهو رهندڙ آهن. پر هزارن ورهين جي گذرڻ بعد هو مٿي ذڪر ڪيل اختلافن کي گهٽائي هڪجهڙا ٿيندا وڃن ٿا. مون کي معلوم آهي تہ سنڌ ۾ تازو آيل لکين ماڻهو جدا زبان، ڪلچر ۽ زندگيءَ جي طور طريقن ۽ رسم و رواجن جا حامل رهندا آيا آهن. جن مان اڪثريت انهن جي آهي، جي گذريل دور ۾ سنڌن ملڪن جي مرڪزي حڪومت جي ويجهڙائيءَ ۾ رهندڙ آسودا. تعليم يافتہ ۽ بودباش، پيسي ۽ هنر ۾ شاهوڪار ۽ سنڌ جي قديم رهاڪن کان وڌيڪ ترقي يافتہ هئا. موجوده حڪومتن ۾ بہ کين وڌيڪ دست رسي حاصل رهي آهي، پر نظرياتي طرح اسان کان گهٽ آهن. هنن ۾ خواهہ مخواهہ احساس برتري سمايل آهي. اِنڪري هو سمجهن ٿا تہ سنڌين کي پنهنجي ڪلچر، زبان ۽ نظرين جي سانچي ۾ سمائي ويندا. ليڪن هو ان ارادي ۾ هر گز ڪامياب ٿي نہ سگهندا. بهتر ٿيندو تہ کين اسان سان تصادم ۾ نہ اچڻ گهرجي.

www.sindhsalamat.com

اسان ڪين آهستي ڪري تاليف قلوب، حسن اخلاق ۽ محبت ذريعي پاڻ ۾ ملائڻ جي ڪوشش ڪنداسون. سنڌن اردو زبان، اسان جي هزار ورهين جي شاهوڪار زبان کي ڪاٽي ڪانه وينديءَ ۽ نه ئي اسان، ان کي ختم ڪرڻ گهرون ٿا. جهڙيءَ طرح اجا تائين ڪيترن سنڌي گهرن ۾ بلوچي، سرائيڪي، مارواڙي ۽ گجراتي وغيره ٻوليون ڳالهائڻ ۾ اچن ٿيون، ۽ ٻاهر سنڌي ڳالهائين ٿا، اهڙيءَ طرح هنن کي به آهستي ڪري سنڌي سکڻي پوندي ۽ گهر استعمال لاءِ اُردوءَ کي صدين تائين قائم رکي سگهن ٿا.

وطن زبان جي جڙ آهي. اُردو زبان وطن* کان پٽجي چڪي آهي. عبراني، سنسڪرت ۽ لئٽن زبانن جو حشر اسان جي سامهون آهي، جيڪي عالمن جي مدد ۽ حڪومت جي سرپرستيءَ جي باوجود ڌارين ملڪن تي گهڻي وقت تائين قابض رهي نه سگهيون.

ٻاهرين ماڻهن جي نفرت واري پاليسي، احساس برتريءَ ۽ حاڪمانه ذهنيت جي باوجود اسان کي ميزبان جو رول ادا ڪري، کين سنڌي سماج ۾ سمائڻو آهي. اسان هيٺين ڳالهين ۾ ڪڏهن به رضانامو ڪرڻ لاءِ تيار نه ٿينداسون.

1. اسان سنڌ جي جداگانه قوم ۽ ملڪ جي وجود ۽ اُن جي آزاديءَ جي سوال تان ڪڏهن به لالچ، ڌپ ۽ ڌمڪين تي هٿ کڻڻ لاءِ تيار نه آهيون.
2. اسان پاڪستان ملڪ، پاڪستاني قوم ۽ مسلم قوم جي وجود کان انڪاري آهيون. پاڪستان کي سنڌ لاءِ غلامي جو طوق ۽ سامراج سمجهي، اُن کي ختم ڪرڻ، پنهنجي ايمان جو جزو سمجهون ٿا.
3. اسان سنڌ ۾ سيڪيولر اسٽيٽ قائم ڪرڻ جا حامي آهيون. اسلامي شريعت، نظام مصطفيٰ، اسلامي راڄ، ڪميونسٽ طريقه حڪومت ۽ سرمائيدارانه نظام حڪومت جا مخالف آهيون ۽ اُن کان بيزاري ڏيکاريون ٿا.

اسان وٽ محبت انساني ۽ اتهاد عالم جا مذهبي عقيدا آهن. اسان کي پنهنجو ڪلچر ۽ پنهنجي بين الاقوامي مشن آهي. ان ۾ جيڪو ويساهه رکندو سو اسان جو آهي ۽ اُن جو مخالف آهي.

اسان هڪ قومي نقطه نگاهه جي لحاظ کان ± شاديءَ ۽ غمي جا رسم ۽ رواج، قبيلائي مذهبي ڏڻ وار، قومي آداب ۽ ميلن وغيره جا موقعا ± سنڌ جي سيني رهاڪن سان گڏجي ملهائڻ جا حامي آهيون.

www.sindhsalamat.com

## شاديءَ ۽ غميءَ جا رسم و رواج:

سنڌ ۾ دراويدي ۽ آرين نسل جا ماڻهو رهندا هئا. دراويدن جي سامي شاخ جي اينڊو گامس قبيلي ۾ سوٽ، ماسات وغيره سان شادي ڪرڻ جو دستور هو ۽ ماءُ پيءُ پيڻ، ڀڦي، ڏيءُ، پاٽتي يا پوٽيءَ سان شادي ڪرڻ جي ممانعت هئي. اهو قاعدو موسموي شريعت مطابق عربن ۾ مروج ٿيو ۽ سنڌ ۾ مسلمانن جي آمد بعد اهو دستور اجا تائين عمل ۾ ايندو رهي ٿو. ليڪن آرين (جي ويدڪ ڌرم يا هندو ڌرم، ٻڌ ڌرم ۽ جين ڌرم ۽ جين متن جا پوئلڳ هئا) ۽ ايڪسو گامس (قبيلي کان ٻاهر) شادي ڪرڻ جو دستور هو. سامي مذهبن ("يهودي، عيسائي ۽ اسلام" ± جي دنيا جي گهڻن حصن ۾ مروج هئا) ۽ ويدڪ ڌرم (هندو ٻڌ ۽ جين) جا پوئلڳ مٿي ذڪر ڪيل گروهن ۾ ورهائجي ويا هئا. هتي سنڌ ۾ جنهن صورت ۾ ٻنهي گروهن جا ماڻهو رهندڙ هئا. اُن ڪري شاديءَ جا ٻئي دستور مروج هئا.

جڏهن مسلمانن هتي فاتح ٿي آيا ته ٻين مذهبن وارن مان (سواءِ اهل ڪتاب يعني عيسائين ۽ يهودين جي) شادي ڪرڻ تي بندش وجهي ڇڏيائون. اهل ڪتاب کي به سڱ ڏيڻ کان منع ڪيائون. هندن، ٻڌن، جينن ۽ پارسين جي عورتن سان مسلمان ڪرڻ کانسواءِ شاديءَ جي ممانعت ڪري ڇڏيائون. البت مغلن کانپوءِ ڪيترن مسلمانن هندن ۽ ٻين غير مذهبن مان بغير مذهب بدلائڻ جي شادي ڪرڻ جو محدود دستور وڌو. پر ڪن خاص تڪرن جهڙوڪ حيدرآباد (دکن) ۽ ٻين هند جي مسلمانن، هندن کي سڱ ڪونه ڏنا. انهن دستورن اهڙي شدت اختيار ڪئي جو مسلمانن ۾ ويجهي قبيلي کان ٻاهر شادي ڪرڻ عيب سمجهيو ويو. ايتريقدر جو بلوچ، سمات، سيد، قريشي وغيره گهٽو ڪري ويجهي عزازت ۾ شادي ڪرڻ جو اصرار ڪندا هئا. جنهن ڪري ڪيترن خاندانن ۾ ته مرڳو مختلف سببن جي ڪري سڱابندي ٿيندي ئي ڪانه هئي. مرد ٻين قبيلن مان شادي ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيندا هئا. نه ته سڄي وهي ڇڙها رهي مري ويندا هئا. ڪيتريون عورتون عمر پر ڪنواريون رهجي وينديون هيون. قبيلي، ملڪيت، باهمي اختلافن ۽ معتبريءَ جا احساس مکيه رڪاوٽون بنيا هئا. هاڻ معاشري جي تبديليءَ ڪري انهن قديم رسمن مان گهڻيون رنڊڪون دور* ٿينديون وڃن ٿيون. تعليم عام ٿيڻ، اسلام جي غلط تشريح سبب پيدا ٿيل تعصب جي گهٽجڻ ۽ هندن خلاف مذهبي تعصب دور ٿيڻ بعد ممڪن آهي ته سنڌ جا رهاڪو باهمي گڏجڻ کي عيب نه سمجهن. هڪ قوم بنجڻ لاءِ هڪ

www.sindhsalamat.com

## موت جا رسم و رواج:

جيئن پوئين باب ۾ ذڪر ٿي چڪو آهي تہ مختلف ملڪن ۽ قومن ۾ روحن بابت مختلف عقيدا رائج هئا. اهڙيءَ طرح جسم جي نيڪال جا بہ ڪيترائي دستور مروج هئا. جن مان مکيہ تي هئا:

1. سامي ۽ دراويدي قومن ۾ مردن کي پورڻ جو دستور هو. منجهن قيامت جي ڏينهن عملن جي حساب ڪتاب بعد بهشت ۽ دوزخ ماڻڻ جو تصور موجود هو. اهو تخيل معلوم ٿئي ٿو تہ اول ۾ مصر مان پيدا ٿيو جتان سمير ۽ بابل تائين پهتو مصري تہ مردن کي دوائن جي استعمال سان ممي بنائي، محفوظ قبرن ۾ دفن ڪندا هئا.
2. زردشتين جو دستور هوندو هو تہ اونها کوهہ کوٽائي، مردن کي لوهي پڃرن ۾ بڌي کوهہ مٿان لڙڪائي ڇڏيندا هئا. مردن جو گوشت پکي کائي ويندا هئا ۽ هڏا کوهہ ۾ ڪري پوندا هئا.
3. آرين ۾ مردن کي ساڙڻ جو دستور هو جو هندن، ٻڌن ۽ جينن اپنايو.

موهن جي دڙي مان ماڻهن جا مردا قبرن مان لڌا ويا آهن ۽ ڪن جاين تي اڌ سڙيل جسم بہ ڏسڻ ۾ آيا آهن.

يورپ جي رهاڪن، ڪجهہ وقت کان وري مردا ساڙڻ شروع ڪيا آهن. جن جي رک دٻن ۾ بند ڪري زمين يا پٽين ۾ پوري ٿي وڃي. ليڪن هندو ۽ مسلمان پنهنجين اباڻين رسمن تي قائم آهن. اهي ساڙڻ ۽ پورڻ جون رسمون نهايت احترام سان ادا ڪن ٿا. ٻنهين ڌرين ۾ ٽئي ڏينهن ختمي يا پاٺ جي صورت ۾ ڪاڏو ڪارايو وڃي ٿو. اهڙيءَ طرح ستين، ٻارهين، ايڪيهن ۽ چاليهن ڏينهن تي خيرات ڪري روحن کي ثواب پهچائڻ جا رواج جاري آهن. باوجود اُن عقيدي جي تہ روح قبرن ۾ نٿا رهن پر عالم برزخ يا آسمان ڏي هليا وڃن ٿا. قبرن تي ختمن يا دعائن جا دستور اڃا مروج آهن.

## قومي ۽ مذهبي ڏڻ وار:

سنڌ ۾ ٻنهي قسمن جا ڏينهن ملهايا ويندا آهن. پهرين قسم جا ڏڻ وار- بسنت جو ڏينهن، قومي بهادرن جا ڏينهن وغيره- مسلمانن جاري نہ رکيا. انگريزن جي اچڻ بعد بادشاهن يا ڪن خاص ماڻهن جي جنم يا وفات جا ڏينهن ملهائجڻ لڳا. پاڪستان ٺهڻ بعد جناح صاحب جي جنم جو ڏينهن، ڊاڪٽر اقبال ۽

www.sindhsalamat.com

لياقت علي خان جي وفات جا ڏينهن. پاڪستان جي نهراءُ پاس ڪرڻ وغيره جا ڏينهن شمار ڪري سگهجن ٿا. سنڌ جا خاص يادگار ڏينهن- جهڙوڪ: سنڌ جي بمبئي کان جدا ٿيڻ جو ڏينهن، ون يونٽ ٽٽڻ جو ڏينهن، شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ ۽ ٻين اڳوڻن قومي هيرن جا ڏينهن- ملهائڻ جي سرڪاري طرح موڪل نہ آهي. قلندر شهباز ۽ شاهہ لطيف جا ساليانہ عرس ۽ ڏينهن بہ قومي سطح تي نہ پر صوبائي سطح تي ملهايا وڃن ٿا. ڪجهہ وقت کان سنڌ جي قومپرست ڪارڪنن پنهنجن قومي ڏينهن ملهائڻ جي سني رسم وڌي آهي، جا روزبروز پکڙجندي وڃي ٿي.

ٻئي طرف مذهب اسلام جي بنياد تي عيد الحج، عيد رمضان، شب برات، رجبي، عاشوري وغيره جا ڏينهن مقرر ڪيا ويا آهن. هندن ۽ عيسائين جا وڏا مذهبي ڏينهن- دسهڙو، ڏياري، جنم اڪشتمي، گرو نانڪ جو ڏينهن، ايسٽر ڪرسمس وغيره- موڙهو قومي لسٽ تان لاٿا ويا آهن.

اسان سنڌين کي حڪمران طبقي جي تشريح واري اسلام ۽ طريقہ حڪومت سان ڪا بہ دلچسپي نہ آهي. بقول شاهہ صاحب:

جا عمرا! تو مل عيد، سا اسان سوءَ ورتي سومرا!

پاڪستاني حڪومت جي حالت اُها آهي تہ هتي دهريت جي پارٽين تي بندش آهي. روس ۽ چين جي خدا کان انڪاري حڪومتن کي سرڪاري طرح تسليم ڪيو ويو آهي. انهن حڪومتن جا دهريت تي مبني ۽ مذهب خلاف ڪتاب، عام جام وڪجي رهيا آهن. پر سنڌ جي ڳالهہ ڪندڙ پارٽين تي سختي ڪئي وڃي ٿي، سنڌي قوميت متعلق لکيل ڪتاب ضبط ڪيا وڃن ٿا. ۽ سنڌي قوم جو نالو وٺڻ ڏوهہ ٺهرايو وڃي ٿو.

اسان عدم تشدد جا حامي آهيون ۽ پنهنجي هزارن ورهين جي وجود رکندڙ قوم جي حق خود اراديءَ جي ڳالهہ ڪريون ٿا تہ اسان کي سزائون ڏنيون وڃن ٿيون. اسان نہ ماڻهن کي حڪومت خلاف عملي طرح بغاوت تي اڪسايو آهي. ۽ نہ تشدد ذريعي سنڌو ديش حاصل ڪرڻ جو پرچار ڪيو آهي. پر رڳو سنڌي قوم ۽ ان جي آزادي لاءِ اخبارن، رسالن ۽ ڪتابن ۾ پنهنجي آزاد راءِ جو اظهار ڪيو آهي، تہ مون کي 17 سال جيل ۽ نظربنديءَ جي سزا ڏني وئي آهي، اسان جي ڪتابن ۽ رسالن تي بندش وڌي وئي آهي ۽ سنڌو ديش جي ڪارڪنن کي سزائون ڏنيون ويون آهن. اهڙيءَ حالت ۾ اسان پاڻ کي غلام ۽ پاڪستاني

www.sindhsalamat.com

حڪومت کي سامراجي سڏڻ سان ڪهڙو ڏوهه ٿا ڪريون؟ اسان کي حڪمران طبقي جي غلط اسلامي تشريح، پاڪستان حڪومت جي روش، ڪارنامن ۽ مسلم قوم جي نظرئي سان دشمني ۽ نفرت پيدا ٿي وئي آهي، ان جي خلاف صرف پنهنجي جذبات جو زباني اظهار ٿا ڪريون.

روس وارن جيڪڏهن پنهنجي سياسي ۽ اقتصادي آزاديءَ لاءِ مذهب کي ڇڏي دهريت کي قبوليو آهي، ته پوءِ اسان کي سنڌي قومپرستي جي رستي کان پاڪستان جي سامراجي حڪومت، مسلم قوم جو ڍوڪو ۽ عربي نبي وارو اسلام ڪيترو روڪي سگهندو. اسان مٿي ذڪر ڪيل ڍوڪن کان پاڻ کي آزاد ڪرڻ جي هر ڳالهه چوڻ لاءِ تيار آهيون، پوءِ اسان تي پلي ڪيتري به سختي ڇو نه ڪئي وڃي.

اسان وٽ سنڌي ڪلچرل جا مکيه جزا [2] (1) محبت، (2) عدم تشدد (اهنسا)، (3) بقائي باهمي، (4) لاڪوفيت، ۽ (5) قومن جي حق خود ارادي آهن. هيٺ هر هڪ شعبي جي مختصر تشريح ڪريان ٿو:

## 1. محبت:

سنڌي ڪلچر ۾ محبت جي تعليم کي وڏو مقام حاصل آهي. سنڌي دنيا جي موجوده مشڪلاتن (1) شڪ شبهن ۽ خوف خطرن، (2) نفاق ۽ نفرت (3) تشدد وسيلي ٻين تي تسلط، ۽ (4) غربت ۽ افلاس- جو حل محبت سمجهن ٿا. اڪثر سنڌي درويشن محبت ۽ عشق جي ساراهه ڪئي آهي. مثلاً:

محبت سنڌي مام، ڪور پروڙي ڪينڪي!

(شاهه)

عشق سارو اسلام، مذهب محبت عين مبارڪ

(مصري شاهه)

اِٿان جاءِ نهين ڪنهن دي آوڻ دي،
ريءَ عشق بنا ليي پاوڻ دي!

(بيدل سائين)

محبت ماڻهن ۾ اتحاد آڻي ٿي، اتحاد امن جو پيش خيمو آهي، ۽ امن انسان ذات جي ترقي لاءِ معاون ۽ مددگار آهي.

www.sindhsalamat.com

سنڌي ڪلچرل جي تشريح موجب ملڪ ۽ قوم ۾ نفرت پيدا ڪندڙ مذهبي تشريح موجب ۽ پرچار ڪفر برابر آهي. اهڙيءَ طرح ڪميونزم جي نالي ۾ خوني انقلاب (تشدد) ۽ ڪلاس اسٽرگل (نفرت) جي ٽيندڙ ڳالهين کي بہ ڌڪاري ٿو.

## 2. عدم تشدد (اهنسا):

سنڌي ڪلچرل بنيادي طرح اهنسا جو حامي آهي. عربن ۽ سنڌن ايجنٽ ملن يا موجوده سامراجي اسلامي تشريح ڪندڙ حڪمرانن طرفان بيان ڪيل جهاد، تعصب ۽ اڻ سهپ کي سنڌي ڪلچر ناپسند ڪري ٿو. اُهي ماڻهو جيڪي دين جي خاطر جهاد ڪرڻ جي ڳالهه ڪن ٿا، ۽ اسلام کي اُهي علحده ۽ بالاتر دين سمجهن ٿا، تن کي اسان تشدد جا حامي سمجهون ٿا. اُهي نالو اسلام (سلامتي) جو وٺن ٿا، پر ڪم ڪفر جا ڪن ٿا.

شاهہ لطيف فرمائي ٿو تہ:

هو چونئي تون، م چوَ واتان ورائي،

مون کي اکڙين، وڏا تورا لائيا،
تہ پڻ پرين پسن، جي ڪٽان کر سامهون!

ڪر جا ڪذ ڪنئي، پوڻ ڪارڻ پرينءَ جي،
تنهن ۾ پاڻ پسئي، غيبتي غار ٿيوا!

اِن سلسلي ۾ سنڌ جا درويش، حضرت ڪرشن، حضرت گوتم ٻڌ ۽ حضرت عيسيٰ جا پيروڪار آهن، نہ عربن طرفان آندل اسلام جا (جنهن جو نالو سلامتيءَ وارو ورتو ويو ٿي، ليڪن مذهب جي نالي ۾ ٻين ملڪن تي حملا ڪرڻ، ڦرلٽ ڪرڻ، غلام ۽ ٻانهيون بنائڻ ۽ پنهنجو سامراج بنائڻ جائز سمجهيا ويا ٿي). اِهو صحيح اسلام نہ هو پر ڪفر کان بدتر عقيدو هو. سنڌي درويشن جو جهاد نفس اماره سان هو ۽ نہ خلق خدا کي مارڻ لاءِ. هنن هنسا (تشدد_جهاد) کي حيواني صفت چائي ڌڪاريو ٿي. هنن کي پتو هو تہ هنسا ذريعي حاصل ڪيل ڪاميابي عارضي ۽ اکين جي ڏؤ برابر هئي. تنهن ڪري هنن انسان ذات جي ڀلي لاءِ صحيح تعليم_ تاليف قلوب، خدمت خلق ۽ هر

www.sindhsalamat.com

ڪنهن سان چڱائي ڪرڻ جي ذريعي ڏيڻ گهري ٿي. هو زور زبردستيءَ ذريعي دين جي تعليم ڏيڻ جا مخالف هئا. ۽ ڪروڙين ماڻهو اڄ سوڏا سندن مرقدن تي سلامي آهن. حضرت محمد ﷺ کان پوءِ جن خليفن ۽ بادشاهن پنهنجي ملڪ گيريءَ يا ڦرلٽ لاءِ اسلام جو نالو استعمال ڪيو سا ڳالهه صحيح ۽ قرآني تعليمات مطابق نه هئي. انهن حاڪمن جي پيرويءَ کان ڀڏ ۽ حضرت عيسيٰ جي اقوال تي هلڻ عين اسلام مطابق هو.

## 3. رواداري:

رواداري اها آهي جنهن کي اڄڪلهه انگريزيءَ ۾ (Co-Existaence) (بقائي باهمي) سڏجي ٿو. سنڌي درويشن، ماڻهن کي وڳر ۾ رهڻ واري جبلت جي تعليم ڏني، هڪ ٻئي کي برداشت ڪرڻ جي تلقين ڪئي آهي.

وڳر ڪيو وتن، پرت نه ڇنن پاڻ ۾
پسو پکيئڙن، ماڻهوئان ميٺ گهڻو!

(شاهه)

اها صفت، حليمائي اختيار ڪرڻ سان حاصل ٿي سگهي ٿي. اڄڪلهه کي حڪمران طبقي جا ماڻهو سندن فسطائي نظرين جي پوئلڳ فيلسوفن جي- "شير ۽ باز بنجي شڪار ڪرڻ ۽ شمشير و سنان سان ملڪن فتح ڪرڻ" واريءَ- تعليم جي تلقين ڪن ٿا. جا تعليم حيواني جبلت جي برابر آهي. اها تعليم هي پنهنجي طبقاتي ۽ شخصي مفاد جي حصول لاءِ ڏئي رهيا آهن. پر اسان وٽ انهن لاءِ شاهه لطيف جي لفظن ۾ جواب آهي تہ:

متو آهين مڇ، تلهو تيو ٿونا هڻين،
تو جا پانئي آڇ، تنهن پاٽيءَ پنا ڏينهڙا!

اسان جي اکين اڳيان فسطائي تعليم ڏيندڙن- هٽلر، مسوليني، توجو سالازار جنرل فرئنڪو پٽي وغيره- جي ختم ٿيڻ جا مثال گذري چڪا آهن. موجوده غير برداشت ڪندڙن جو حشر بہ ساڳيو ٿيڻو آهي.

صبر جنين جو سير، تير نہ ڪسي تن جو!

(شاهه)

www.sindhsalamat.com

## 4. لاڪوفيت (غيرجانبداري):

غير جانبداري لفظ جي معنيٰ سمجهڻ ۾ پوريءَ خبرداريءَ کان ڪم وٺڻو آهي. اسان هيٺين حالتن ۾ غير جانبدار رهڻ جا قائل نه آهيون:

1. هڪ طرف حق هجي، ۽ ٻئي طرف ناحق جي راهه هجي.
2. هڪ طرف اهنسا ۽ انصاف هجي، ۽ ٻئي طرف ڏاڍ ۽ بي انصافي هجي.
3. هڪ طرف راهه هدايت ۽ اعمال صالح هجن، ٻئي طرف گمراهي ۽ بداخلاقي هجي.
4. هڪ طرف فردن ۽ قومن جي آزاديءَ جو مسئلو هجي، ۽ ٻئي طرف سندن آزاديءَ تي بندش هجي.
5. هڪ طرف محبت ڏي ڇڪيندڙ هجي، ۽ ٻئي طرف نفرت پيدا ڪئي وڃي.

اهڙين حالتن هيٺ اسان کي کليو کلايو ڀرين گروهه جي طرفداري وٺي، حق ۽ انصاف واري طرف کي وناڻڻو آهي.

اسان کي غيرجانبداري صرف هيٺين حالتن ۾ اختيار ڪرڻ گهرجي:

(الف) جڏهن ٻه طاقتون يا گروهه سندن سامراجي اقتدار ۽ طبقاتي مفاد جي حصول لاءِ وڙهندي ڏسون، ته ان حالت ۾ ڪنهن جو به طرف وٺڻ نه گهرجي.

(ب) جڏهن مختلف مذهبن جا علمبردار مذهبن جي بنيادي وحدت ۽ دين فطرت جي قانونن کان اڻ واقفيت سبب، پنهنجن مذهبن جي صداقت جي دعويٰ ڪري سندن خيالات ٻين تي زوريءَ مڙهڻ جي ڪوشش ڪن ۽ انسان ذات ۾ نفاق پيدا ڪرڻ جو ڪارڻ بڻجن- ته اُن وقت ڪنهن به گروهه جي طرفداري نه ڪجي.

(ت) جڏهن موجوده نون نظرين- فسطائيزم، ڪميونزم ۽ سامراجيت- وارا پنهنجي صداقت ڄاڻائي، ٻين کي غلط سڏي جنگ جدل جو ڪارڻ بڻجن- ته اهڙيءَ حالت ۾ ڪانئن پاسو ڪجي.

(ث) جڏهن ڪي افراد، قوتون، قومون يا گروهه پنهنجي سائنسي ترقي، پيسي جي فراواني، تعداد جي گهڻائي جنگ جو ذهنيت ۽ موتمار هٿيارن جي آڌار تي ڀنتي ڀيل غريب، تعداد ۾ ٿورن ۽ بي هٿيار فردن، قومن يا گروهن جا حق ماري سامراجيت يا طبقاتي برتريت رکڻ جي حاميت ڪن ته ان حالت ۾ سندن مخالفت ڪرڻ ضروري آهي.

شاهه لطيف چيو آهي ته:

صوفي لاڪوفي، ڪو نه ڀانئيس ڪير،
منجهان ئي منجهه وڙهي، پڌر رکي نه پير،
جنين ساڻس وير، هيءَ تنين جو واهرو!

www.sindhsalamat.com

## 5. حق خود ارادي:

دنيا ۾ اڄڪلهه هر قوم لاءِ حق خود اراديءَ جو اُصول قبول ڪيو آهي. اُن جي حصول لاءِ اقوام متحده طرفان گهڻيون ڪوششون ٿي رهيون آهن. پر اڃا طاقتور ملڪ ۽ قومون. ڪيترن ملڪن ۽ قومن تي ناجائز قبضو ڪيو ويٺا آهن. جهڙوڪ: سائوٿ آفريڪا ۽ روڊيشيا ۾ چند سفيد عام ماڻهن اڪثريت جا حق ماري، کين پنهنجي ماتحت رکي، سندن استحصال ڪري رهيا آهن. ٻئي طرف اسرائيل، عرب ملڪن جي حصن تي زوريءَ مغربي قومن ۽ پنهنجي همر قوم اسرائيلي سرمائيدارن جي آڌار تي تسلط ڄمايو ويٺو آهي. ڪيترا ملڪ سندن ايراضين اندر اقليتي قومن کي خود اراديءَ جي حق ڏيڻ کان نٽائي رهيا آهن. پاڪستان جا حڪمران ڪشميري مسلمانن جي حق خود اراديءَ لاءِ ٻه دفعا هندستان سان جنگ ڪري چڪا آهن ۽ اڃا تائين ان سوال کي هٿ ۾ ڪنيو اچن. پر ٻئي طرف سنڌي، بلوچي ۽ پشتو ٻولي ڳالهائيندڙ ايراضين جي قومن کي زوريءَ وڏيءَ قوم پنجابي (پنجاب) جي ماتحت رکيو ويٺا آهن.

قومن جي حق خود اراديءَ جي سوال کي هڪ طرف رکي، جيڪڏهن اسان ڏسنداسون ته بنيادي انساني حقن جي آزاديءَ جو اُصول ـ باوجود اقوام متحده جي انساني حقن جي چارٽر ۾ داخل هئڻ جي ـ ڪيترن ملڪن ۾ مڃيو نه ٿو وڃي، ۽ انساني بنيادي حق به نه ٿا ڏنا وڃن. سياسي مسئلا ته پري رهيا، پر ڪلچرل ۽ ادبي ڳالهين، تقرير، تحرير ۽ جماعت سازيءَ تي به گهڻن ملڪن ۾ بندش پيل آهي. پاڪستان ۾ قومپرستي جي سوال تي آزاد راءِ کي اسلام ۽ پاڪستان جي يڪجهتي ۽ سلامتي جي نالي تي دٻايو وڃي ٿو.

## ملڪ جون چار وڏيون مشڪلاتون:

هن وقت ملڪ چئن مشڪلاتن ـ باهمي (1) شڪ شبهن، (2) خوف ۽ خطرن (3) نفرت ۽ نفاق، ۽ (4) غربت ۽ افلاس ـ ۾ ڦاٿو پيو آهي. بهتر ٿيندو ته انهن چئن مسئلن جي مختصر طور تشريح ڪريان:

### 1. باهمي شڪ ۽ شبها:

باهمي شڪ شبهي جي مرض ۾ نه صرف افراد ڦاٿل آهن، پر قومون به ان کان آجيون نه ٿي سگهيون آهن. هر ڪنهن کي ٻئي جي نيت ۾ شڪ پوي ٿو. ان

www.sindhsalamat.com

جو مکيه ڪارڻ خود مطلبي ۽ خود فريبي آهي. هر ڪو ماڻهو يا قوم انسان ذات جي مجموعي مفاد کي قطع نظر ڪري پنهنجي شخصي ۽ طبقاتي ۽ قومي مفاد لاءِ ڪوشان آهي. انڪانسواءِ اڪثر ماڻهن ۽ قومن جي دماغي ڪيفيت اها آهي تہ هرڪو پاڻ کي حق تي ۽ ٻين کي ناحق تي ڄاڻي ٿو. اهي ماڻهو تصوير جو صرف هڪ رخ ڏسن ٿا. ان ڪري شڪ شبها پيدا ٿين ٿا. هڪڙا دهريت کي حق ڄاڻي، ان ۾ ڦاٿا پيا آهن. تہ ٻين ماڻهن هر ڳالهہ کي مذهب جي نالي ۾ اڪيون پوري ڪٺي ٻڪ وڌو آهي. ماڻهو دوئيءَ جي دنيا ۾ رهڻ ڪري مذهبي، نظرياتي، نسلي ۽ رنگن جي اختلافن ۽ خود مطلبيءَ جي چار مان پاڻ ڇڏائي آزاد ٿي نہ سگهيا آهن.

مهاتما مهاوير 2500 ورهيہ اڳ ان مسئلي جي سمجهاڻيءَ لاءِ هڪ تمثيل ڏني هئي، جنهن کي شاهہ لطيف هينئين لفظن ۾ ادا ڪيو آهي:

مئي هاٿيءَ سين مامرو اچي پيو انڌن.

سنڌي ڪلچر، ان ڳالهہ جي ٻئي رخ مسئلا وحدت الوجود (ويدانيت) ۾ ايمان رکڻ ڪري سمجهي سگهيو آهي.

سو هيءُ، سو هو سو آجل، سو الله،
سو پرين، سو پساهہ، سو ويري، سو واهرو!

ايڪ قصر در لک، ڪوڙين ڪڻس ڳُڙکيون،
جيڏانهن ڪريان رک، تيڏانهن سڄڻ سامهون!

(شاهہ)

اڄ ڪالهہ پروفيسر "آئن اسٽائن" جي "فلسفا رليٽوٽي" ۾ هڪ حد تائين ان جي جديد سمجهاڻي ملي ٿي. موجوده دور جو بقائي باهمي (Co-Existaence) وارو اصول بہ ان مان نڪري ٿو.

سنڌي ڪلچر رواداريءَ جي تعليم ڏني ٿو ۽ اعتبار جو سبق سيکاري ٿو. ان ڪري سيني مذهبن جي بنيادي وحدت ۾ اعتماد ڪنديءَ سندن مقصدن ـ اتحاد، امن ۽ ترقيءَ انساني ـ جي حاصل ڪرڻ لاءِ جدا جدا طريقا اختيار ڪرڻ روا سمجهي ٿو.

واٽون ويهہ ٿيون، ڪ ڄاڻان ڪيهي ويا!

(شاهہ)

سنڌي ڪلچر نہ رڳو سيني مذهبن جي وچ ۾ رواداريءَ جو قائل آهي پر دهريت ۽

www.sindhsalamat.com

مذهبن جي وچ ۾ بہ رواداريءَ ۽ بقائي باهمي هئڻ ضروري ڄاڻي ٿو. دهريت جو نظريو هزارن ورهين کان دنيا ۾ مختلف صورتن ۾ موجود رهيو آهي. اهو بہ فطري پيداوار آهي. ان جي وجود کان انڪار ڪرڻ حقائق دهر کان انڪار ڪرڻ برابر ٿيندو.

افسوس جو پاڪستان جي قيام بعد حڪمران طبقي "لڪم دينڪم ولي دين" جي صحيح اسلامي حڪم ۽ اصول کي نظر انداز ڪري مذهب جي آڙ ۾ اڻ-سهپ جو رويو اختيار ڪيو آهي. هن وقت سنڌ جي رواداريءَ ۽ بقائي باهمي واري پيغام ۽ حڪمران طبقي جي جارحانہ ۽ نفرت آميز نظريي ۽ ٻين جي خيالن کي نہ سهڻ واري رويي جي وچ ۾ تصادم جاري آهي. عارضي طرح شايد حال سنڌين کي ناڪاميءَ جو منهن ڏسڻو پوي، پر آخري طرح سنڌن ڪلچرل پيغام نہ صرف پاڪستان جي رهاڪن جي صحيح رهبري ڪري سگهندو. پر ساريءَ دنيا جي موجود شڪن شهبن گهٽائڻ ۾ مدد ڪري سگهندو.

## 2. خوف ۽ خطرا:

جيڪڏهن چتائي ڏسبو تہ حقيقت ۾ خوف ۽ خطرا، شڪن ۽ شهبن مان پيدا ٿين ٿا. جڏهن ڪي افراد، قومون يا گروهہ انسان ذات جي بنيادي وحدت کي وساري جزوي اختلافن ۽ مفاد کي مجموعي مفاد تي ترجيح ڏيڻ لڳن ٿا. تہ شڪ پيدا ٿي، خوف جو ڪارڻ بنجن ٿا.

اڄ ڪلهہ چوطرف خوف جي هوا پکڙيل آهي، جيتري قدر مون غور ڪيو آهي تہ خوف پيدا ٿيڻ جا هيٺيان ڪارڻ ٿين ٿا:

1. خود مطلبيءَ جي ڪري هڪ ٻين جي نيتن ۾ شڪ آڻڻ
2. باهمي رابطي ۽ تعلقات جي گهٽتائي.
3. احساس ڪمتريءَ يا برتري جا تصور. ۽
4. قومي، مذهبي، اقتصادي ۽ نسلي تعصبن جو وجود.

پاڪستان جو حڪمران طبقو مستقل مفاد پيدا ڪري ويو آهي، ان ڪري انهيءَ مرض ۾ گرفتار ٿيڻ سبب کيس پاڪستان جي اندر توڙي ان کان ٻاهر چوطرف دشمن ڏسڻ ۾ اچن ٿا. جن کان محفوظ رهڻ لاءِ هيٺيون تدبيرون اختيار ڪرڻ جي ضرورت پيش اٿن:

1. جمهوريت ختم ڪري، آمرانہ حڪومت برپا ڪرڻ.
2. انساني بنيادي حقن تي ضابطو رکي، انهن کي بيڪار بنائڻ.

www.sindhsalamat.com

3. ڪارا قانون ۽ آرڊيننس پاس ڪري، ماڻهن جي آزادي ختم ڪرڻ.
4. اهڙو آئين پاس ڪرڻ، جنهن مطابق ننڍين قومن جي وجود کان انڪار ڪري انهن کي پنجابي اڪثيرت ۽ مستقل مفاد جو آلو بنايو ويو آهي.
5. لشڪر تي خرچ وڌائي ننڍين قومن جا حق مارڻ ۽ سنڌن آزاديءَ جو گلو گهٽڻ.

اها خوف ۽ خطري جي حالت دنيا جي اڪثر ملڪن ۾ آهي. آمريڪا ۽ سندس ساٿين کي ڪميونسٽ ملڪن کان خطرو محسوس ٿي رهيو آهي. ڪميونسٽ ملڪ سرمائيدار ملڪن کان ڇرڪن ٿا. ننڍن ملڪن کي وڏن ۽ پر وارن ملڪن (صوبن) جي استحصال کان خطرو آهي.

اس چشم موري ني عجب اسرار ديکها تها.
ڪ بيچ ابردي آفتاب دا انوار ديکها تها!

(سچل)

خوف ۽ خطري کي ٽارڻ لاءِ هن ڪلچر جا ڏسيل مکيه علاج هيٺيان آهن:

–I اهنسا جي اصول ۾ ويساهه رکي، اختلافن، شڪن ۽ خوفن کي باهمي گفتگوءَ ۽ ڏي وٺ جي بنياد تي دور ڪري سگهجي ٿو. اقوام متحده به اهو اصول قبول ڪيو آهي، جنهن کي "بقائي باهمي" سڏجي ٿو.

I مذهبي، سياسي، نظرياتي ۽ اقتصادي اختلافن جي باوجود به هڪ ٻئي سان رواداراڻه طور رهي سگهجي ٿو. ليڪن ان لاءِ بنيادي ڳالهه اها آهي ته خود مطلبي ڇڏي، استحصال جي روش کي خيرباد چئي، پراپڪاريءَ جي جذبي سان ٻين جي حقن کي تسليم ڪري، انهن سان هٿ چراند نه ڪجي.

## 3. نفرت ۽ نفاق

اڳ مٿي زڪر ڪري آيو آهيان ته جڏهن انسان بنيادي وحدت کي وساري، خودمطلبيءَ جي ڄار ۾ ڦاسي، هڪ ٻين جو استحصال ڪن ٿا يا هڪ ٻين تي ظلم ڪن ٿا ۽ هڪ ٻين سان نفرت رکي نفاق پيدا ڪن ٿا ته فساد پيدا ٿئي ٿو.

سرمائيدار ۽ سامراجي ملڪ نه صرف ڪميونسٽ خيال جي ملڪن ۽ ماڻهن کي حقارت سان ڏسن ٿا، بلڪ سنڌن راءِ سان اختلاف رکندڙن کي ڌارين جا ايجنٽ، ملڪ دشمن، مذهبن جا مخالف ۽ صوبي پرست سڏي تنگ ڪن ٿا. ٻئي طرف ڪميونسٽ ملڪن سنڌن نقطا نگاهه جي پرچار ۽ تبليغ لاءِ "طبقاتي جنگ" (Class Struggle) جي بنياد تي مخالف خلاف نفرت ڦهلائڻ پنهنجو طريقي ڪار بنائي ڇڏيو آهي.

www.sindhsalamat.com

پاڪستان بـ اهڙيءَ زهريلي هوا کان بچي نـ سگهيو آهي. ان جو ڪارڻ اسلام جي غلط تعبير، مسلم قوم جو نظريو ۽ ننڍين قومن جي وجود کان انڪار آهي. هاڻي تـ حڪمران طبقي طرفان مخالفن خلاف نوان الفاظ ـ ڪميونسٽ، دشمن جا ايجنٽ، صوبائي تعصب رکندڙ انتشار، دهريا وغيره ـ ايجاد ڪيا ويا آهن، جن سان کين تنگ ڪيو وڃي ٿو. حالتون ايتري قدر وڌي ويون آهن جو ڪي ماڻهو پاڻ کي پاڪستان، اسلام ۽ مسلم قوم جو ٺيڪيادر سڏائي، مخالفن جي راءِ جي اظهار تقرير ۽ تحرير تي پابندي وجهي، کين نظربند ڪري رهيا آهن يا جيلن ۾ موڪلي رهيا آهن. اڄ ڪالهه چند ماڻهن جو اهو پيشو ٿي ويو آهي تـ جيڪڏهن ڪو ماڻهو سنڌين، بلوچن، پختونن ۽ پنجابين جي حقن جي ڳالهه ڪري ٿو تـ ان کي مذڪوره لقبن سان ياد ڪيو وڃي ٿو.

## 4. غربت ۽ افلاس

سنڌ جي غربت ۽ افلاس جو ڪارڻ پاڪستان جي سامراجي غلامي آهي، سنڌ کي ان غلاميءَ ۾ ڪهڙيءَ طرح نقصان پهچي رهيو آهي، ان جو ذڪر چوٿين فصل ۾ ايندو. ان ڪري هتي نـ ٿو ڏيان.

هي خوشي جي ڳالهه آهي تـ سنڌ جو وسيع باخبر حلقو اسلام جي غلط تشريح، مسلم قوم جي نظرئي ۽ پاڪستان جي دوکن کان خبردار ٿي، صحيح حقيقتن کي سڃاڻڻ لڳو آهي.

هڪ نوجوان سنڌي مسلمان سان گفتگو ڪندي مون کي معلوم ٿيو تـ هاڻ هو ان فسطائي خيال واري مذهب جي ٺيڪيدارن جي خدا، رسول ۽ اسلام کي نـ ٿو مڃي ۽ ساڻن ساڳئي ملڪ ۾ رهڻ کان بيزار آهي. ان جا سبب هيٺيان ٻڌايائين:

1. هن جي خدا جو تصور رب العالمين وارو هو ۽ پاڪستاني حڪمران طبقي جو خدا بابت تصور پنجابي استحصالي مسلمان طبقي وارو هو. جهڙيءَ طرح يهودي، "جهوا" کي پنهنجو رکپال ۽ مددگار خدا تصور ڪن ٿا، اهڙيءَ طرح هي بـ خدا کي پنهنجي گروهه جو مددگار سمجهن ٿا.
2. سنڌ جو اسلام بابت تصور انسان ذات جي بنيادي وحدت ۾ اعتماد رکي، ماڻهن جي اتحاد، امن ۽ ترقي وارو هو پر حڪمران طبقي جو اسلامي تصور مخالف راءِ رکندڙن لاءِ ملڪ ۾ نفرت ۽ نفاق ڦهلائي، پنهنجي مستقل مفاد لاءِ ننڍين قومن جا حق غصب ڪرڻ وارو هو.

www.sindhsalamat.com

3. حڪمران طبقي جي تصور وارو رسول (حضرت محمد صلعم) سندن مخصوص گروهہ جو ليڊر هو ليڪن اسان ان کي رحمت العالمين ڪري مڃون ٿا ۽ محبت ڪريون ٿا.

منهنجي نظر ۾ اهڙن انتها پسند راين پيدا ٿيڻ جو ڪارڻ هيٺيون ڳالهيون آهن:

1. مذهب جي غلط تعبير ڪري، ان جي بنيادي وحدت وساري، ڪثرت مذاهب ۾ ورهائڻ.
2. ڪن ماڻهن جو پنهنجن نظرين، مذهبن ۽ گروهن کي مڪمل، برتر ۽ بي عيب سمجهڻ.
3. حڪومت ۾ دست رسي، آباديءَ ۾ گهڻائي ۽ جنگي برتريءَ جو گهمنڊ.
4. پيسي، تعليم، نوڪرين ۽ ڪارخانن تي تسلط قائم ڪرڻ.

دنيا ۾ ٻہ طاقتون هڪ ئي وقت اثر انداز آهن. هڪ محبت جي ۽ ٻي نفرت جي آهي. محبت کي ڪشش، ملڪوتي طاقت ۽ قانون ارتقا جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. نفرت کي نفاقي ۽ شيطاني قوت سڏجي ٿو. حضرت ٻڌ، حضرت ڪرشن، حضرت عيسيٰ ۽ حضرت محمد صلعم هزارين ورهيہ دنيا کي محبت جو پيغام ڏنو پر مغرب ۽ مشرق جي ماڻهن ان کي وساري ڇڏيو آهي.

اهڙين حالتن هيٺ آئون ان راءِ جو آهيان تہ سنڌي ڪلچرل جي بنيادي متن ـ محبت، بقائي باهمي، عدم تشدد، جمهوريت ۽ اقتصادي مساوات جي بنياد تي اسان، مشرق ۽ مغرب جي تهذيبن کي گڏي دنيا جي اتحاد، امن ۽ ترقيءَ لاءِ ڪجهہ ڪري سگهون ٿا. صرف اسان کي پاڻ سڃاڻڻو آهي.

مون کي يقين آهي تہ پاڪستان جي رهاڪن جي اڪثريت کي سنڌي ڪلچرل جي مذڪور متن جي خلاف هئڻ جي باوجود نيٺ شڪست کائڻي پوندي

هزارين آيا هت سڪندر ۽ دارا،
ڪري ويا ڪجهہ گهڙين لئہ پنهنجا رارا،
مري ويا، سنڌ جا جيڪي ٿيا مارا،
آ زنده سنڌ ۽ سنڌڙيءَ جا پيارا،
چٽل آهي مرڻ کان سنڌ پياري
تيون قربان توتان سنڌ پياري!

(حيدر بخش جتوئي)

www.sindhsalamat.com

# سنڌ جي جاگرافي، مالي وسائل ۽ انهن جو استعمال

سنڌ جي جاگرافيءَ کي ٽن حصن ۾ ورهائي ذڪر ڪري سگهجي ٿو:

1. تاريخ جي مختلف دورن ۾ سنڌ جون جدا جدا سياسي حدون.
2. تاريخ جي مختلف دورن ۾ سنڌ جون قائم ڪيل ڪلچرل حدون ۽ ان جا اثر.
3. موجوده سنڌ جون جدا طبعي حدون ۽ ان جا مختلف وسائل.

جي تاريخ جو غور سان مطالعو ڪري ڏسبو ته سنڌ جون سياسي حدون جدا جدا دورن ۾ گهٽ وڌ ٿينديون رهيون آهن. ان ڪري مٿي ذڪر ڪيل هر حصي بابت مختصر بيان ڪندس.

مختلف دورن ۾ سنڌ جون سياسي حدون هيٺينءَ طرح پئي تبديل ٿيون:

1. پهريون دور۔ موهن جي دڙي واري دراويدي زماني وارو هو.
2. ٻيو دور۔ آرين جي سنڌ ۾ آمد بعد واري زماني جو هو.
3. ٽيون دور۔ ايراني ۽ يوناني سامراج جي حڪومت وارو سڏي سگهجي ٿو.
4. چوٿون دور۔ مڪاني راجائن جي حڪومت وارو اوائلي دور شمار ۾ اچي سگهي ٿو.
5. پنجون دور۔ عربن جي سنڌ فتح ڪرڻ بعد واري زماني جو هو.[1]
6. ڇهون دور۔ مغلن جي شهنشاهي واري زماني جو ٿي سگهي ٿو.
7. ستون دور۔ انگريزي سلطنت جي زماني وارو هو.
8. اٺون دور۔ موجوده پاڪستاني حڪومت جي زماني جو شمار ڪري سگهجي ٿو.

اهڙيءَ طرح بهتر ٿو سمجهان ته مٿي ذڪر ڪيل جملي دورن بابت مختصر روشني وجهي، ان جي پس منظر جو احوال بيان ڪريان:

---

1. "نوٽ: سومرن ۽ سمن جي آزاد حڪومت واري دور جي سنڌ جي سياسي حدن جو ذڪر، ان دور جي تاريخ لکيل نه هئڻ ڪري، ڏيئي نه سگهيو آهيان."

www.sindhsalamat.com

## موهن جي دڙي وارو دراويدي زمانو:

ان بابت زياده تر احوال آرڪيالاجي جي ذريعي حاصل ٿيو آهي، پر لکيل تاريخي مواد ميسر ٿي نہ سگهيو آهي.

ان وقت سنڌوديش جا مکيہ ۽ وڏا مرڪز جن جو پتو پئجي سگهيو آهي، سي موهن جي دڙي ۽ هڙاپا جي دڙي وارا شهر هئا. انهن جي کوٽائي مان، جا معلومات حاصل ٿي آهي، ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ انهن ٻنهي مرڪزن جي وچ ۾ آمدرفت ۽ واپار جو لاڳاپو پيئي رهيو آهي. آيا ان وقت اهي مرڪز ڪنهن هڪ بادشاهيءَ ماتحت هئا يا منجهن شهري حڪومتون قائم ٿيل هيون، ان بابت پوريءَ طرح معلومات ميسر نہ ٿي آهي.

پر ان وقت جي تهذيب جو دائرو هيٺين حدن تائين پکڙيل هو ۽ ان جي ايراضي هيٺين وچي بيهندي:

| | |
|---|---|
| 1. ملتان ڊويزن جي ايراضي، جنهن ۾ هڙاپا جو شهر هو | 24824 چورس ميل |
| 2. بهاولپور ڊويزن جي ايراضي، جنهن مان سنڌو درياهہ لنگهي، موهن جي شهر تائين پهتو ٿي | 17652 چورس ميل |
| 3. بلوچستان جي ايراضي، جنهن ۾ انهيءَ تمدن ۽ تهذيب جا آثار معلوم ٿي سگهيا آهن | 134050 چورس ميل |
| 4. موجوده سنڌ جي ايراضي، جنهن جي مختلف جاين تان ان دور جا آثار معلوم ٿي سگهيا آهن | 57000 چورس ميل |
| 5. موجوده ڪڇ ضلعي جي ايراضي جنهن مان ان دور جا آثار مليا آهن | 8300 چورس ميل |
| 6. جهونا ڳڙهہ جي ايراضي، جنهن جي مختلف جاين تان ان دور جا آثار معلوم ٿي سگهيا آهن. | 3337 چورس ميل |
| ان حصي تهذيب جي ٽوٽل ايراضي | 245163 چورس ميل |

www.sindhsalamat.com

معلوم ائين ٿئي ٿو تہ ان وقت پنجاب نالي سان ڪو بہ ملڪ وجود ۾ نہ آيل هو. انهيءَ تهذيب ۽ تمدن واري ملڪ کي علم آثار قديمہ وارن هڙاپا ـ موهن جي تهذيب واري سنڌوديش جي تهذيب جي نالي سان منسوب ڪيو آهي.

ان کان پوءِ معلوم ٿئي ٿو تہ اتر اولهہ کان هڪ زبردست قوم آهستي ٿي، اچي هن ملڪ کي والاري ڪالونائيز ڪيو جا آريا قوم جي نالي سڏجڻ ۾ آئي. انهن ڪم و بيش مٿي ذڪر ڪيل دراويدي دور جي سمورن ڳوٺن ۽ شهرن کي پنهنجي تسلط هيٺ آندو ٿو ڏسجي. انهيءَ دور ۾ قبيلن جي سردارن جي حڪومت هئي ۽ مختلف وقتن ۾ راجائون ان جي جدا جدا حصن تي حڪومت ڪندا هئا. جن جون حدون گهٽ وڌ پيئي ٿيون.

آريا قوم آهستي آهستي ٿي، هندستان جي گهڻي پاڱي ۾ پکڙجي ويئي. انهن جي ابتدائي حڪومتن، تهذيب ۽ تمدن جي ايراضي يقين سان اڳوڻي دراويدي زماني واري شمار ڪري سگهجي ٿي. جتان هنن جا آثار لڌا آهن، ۽ انهن جي ڪتابن، ويدن مان بہ ان جو پتو پئجي سگهي ٿو.

اڳتي هلي هنن اتر اولهہ هند جي گهڻي پاڱي تي قبضو ڪيو جن ۾ ڪيئي راجائون پکڙيل هئا ـ جن جو ذڪر مهاڀارت لڙائيءَ واري وقت جي قصي مان پئجي سگهي ٿو. انهن جو تهذيب ۽ تمدن هند جي گهڻي پاڱي تائين پکڙجي ويو. پر ان جي ابتدائي زماني کي ساڳي دراويدي دور جي حدن تائين شمار ڪجي تہ مبالغو نہ چئبو.

## آريا دور جي ابتدائي حڪومتن جون حدون:

| | | |
|---|---|---|
| 1. | ملتان ڊويزن جي ايراضي | 24824 چورس ميل |
| 2. | بهاولپور ڊويزن جي ايراضي | 17652 چورس ميل |
| 3. | بلوچستان جي ايراضي | 134050 چورس ميل |
| 4. | موجوده سنڌ واري ايراضي | 57000 چورس ميل |
| 5. | ڪڇ ضلعي واري ايراضي | 8300 چورس ميل |
| 6. | جهونا ڳڙهہ واري ايراضي | 3437 چورس ميل |
| | ان دور جي جملي ايراضي | 245163 چورس ميل |

انهيءَ کان پوءِ معلوم ائين ٿئي ٿو تہ آرين جي ٻين شاخن وارن ماٿهن حملو ڪري هن ملڪ تي قبضا ڪيا هئا. جن کي ايراني ۽ يوناني بادشاهن جا دور

www.sindhsalamat.com

سڌي سگهجي ٿو. پهرين ايراني حڪومت جي شهنشاهه داريوس اول جي وقت ۾ متي ذڪر ڪيل ايراضيءَ واري ملڪ تي ڪم و بيش تسلط قائم ٿيو. ان جي حڪومت جي ايراضيءَ جو پوريءَ طرح پتو پئجي نه ٿو سگهي. پر تخمينا ان جي دائري تسلط واري ملڪ ۾ موجوده سنڌ، بلوچستان، ڪجهه ملتان ۽ بهاولپور وارا حصا شمار ڪيا، ته هرج نه ٿيندو. البت معلوم ائين ٿئي ٿو ته ڪڇ ۽ جهوناڳڙهه وارا حصا ان جي قبضي هيٺ آيل نه هئا. سڪندر اعظم جي ايراني سلطنت تي قبضي ڪرڻ بعد به سندن قبضي ۾ صرف متي ذڪر ڪيل حصا معلوم ٿي سگهن ٿا. تنهن ڪري انهيءَ دور جي ايراضي دراويدي ۽ آرين حڪومتن جي زماني کان گهٽ شمار ڪبي.

جيتوڻيڪ ايراني ۽ يوناني به آريا قوم جي شاخ هئا. پر ٻاهران سامراج طور اچي مڪاني حڪومتن کي فتح ڪري حڪومت ڪرڻ لڳا هئا. سندن راڄ گهڻي وقت تائين نه رهيو. ان هوندي به سندن تهذيب ۽ تمدن جا ڪي اثر ملڪ جي ڪن حصن تي رهجي ويا. ان جي نتيجي ۾ بلوچستان جي ڪجهه حصي تي بلوچي زبان مروج ٿي، جا ايراني زبان جي شاخ هئي. جيتوڻيڪ ڪيترن ٽڪرن ۾ دراويدي (بروهي) ۽ سنڌي آرين پراڪرت زبان رهجي ويئي.

ان مان ائين معلوم ٿئي ٿو ته باوجود سنڌ تي ايراني يا يوناني حڪومتن جي تسلط جي مڪاني آريا زبان ۽ ڪلچر جو اثر گهٽجي نه سگهيو.

## مڪاني هندن جو اوائلي دور

اهو دور ايراني ۽ يوناني حڪومتن کان پوءِ مڪاني راجائن جي تسلط هيٺ شروع ٿئي ٿو. پهرين مهاراجا اشوڪ به ٻڌ ڌرم جو هو جنهن هندستان جي گهڻي ڀاڱي تي حڪومت ڪئي. ان کان پوءِ وري برهمڻن جي تسلط سان راجا وڪرماجيت هندو مذهب جي فروغ لاءِ ڪوشش ڪئي. ٻنهي گهراڻن جي زماني ۾ ڪيترا اثر پيدا ٿيا. ٻڌ ڌرم جا استوپا ۽ مندر سنڌ ۾ پهرين دور جي يادگار آهن ۽ هندو ڌرم جا پوئلڳ پوئين دور ۾ پيدا ٿيا. آخري حڪومتن ۾ راءِ سهاسي ۽ چچ گهراڻي جون حڪومتون شامل ڪري سگهجن ٿيون.

سنڌ جو آخري راجا ڏاهر هو. ان جي حڪومت واري زماني ۾ سنڌ جون حدون هيٺيون هيون:

www.sindhsalamat.com

| | |
|---|---|
| 1. ملتان ڊويزن | 24824 چورس ميل |
| 2. بهاولپور وارو علائقو | 17652 چورس ميل |
| 3. بلوچستان وارو علائقو | 134050 چورس ميل |
| 4. موجوده سنڌ وارو ملڪ | 57000 چورس ميل |
| 5. ڪڇ وارو علائقو | 8300 چورس ميل |
| 6. جهونا ڳڙهه | 3337 چورس ميل |
| جملي ايراضي | 245163 چورس ميل |

انهيءَ حساب سان ان وقت سنڌي حاڪمن جي سياسي تسلط هيٺ مٿي ذڪر ڪيل ايراضي آيل هئي. جنهن جا آثار انهن ملڪن جي ماڻهن جي زبان، ڪلچرل، رسم و رواج ۽ ڪيترين هڪ جهڙين روايتن مان ملي سگهن ٿا.

## عربن جي سامراجي حڪومت وقت سنڌ جون حدون

عربن سنڌ فتح ڪرڻ بعد راجا ڏاهر جي هٿ هيٺ آيل جملي ايراضي واري ملڪلتي، سواءِ ڪڇ ۽ جهوناڳڙهه وارين ايراضين جي، قبضو ڪيو. ان حساب سان ان وقت، سنڌي حڪومت جي ايراضي ڪم و بيش هيٺينءَ طرح وڃي بيهندي

| | |
|---|---|
| 1. ملتان ڊويزن وارو علائقو | 24824 چورس ميل |
| 2. بهاولپور ڊويزن وارو علائقو | 17652 چورس ميل |
| 3. بلوچستان وارو علائقو | 134050 چورس ميل |
| 4. موجوده سنڌ وارو علائقو | 57000 چورس ميل |
| ٽوٽل ايراضي | 233476 چورس ميل |

عربن جي دور حڪومت ۾ ملڪي ايراضيون گهٽ وڌ پئي ٿيون. مڪاني حڪومت جون واڳون، گهڻو ڪري ملڪي سردارن جي هٿ ۾ پئي رهيون، ليڪن انهن کان ڍل وصول ڪرڻ ۽ مٿن قبضي قائم رکڻ لاءِ وقت بوقت دمشق يا بغداد کان عرب گورنر ۽ حاڪم مقرر ٿي، ڪاروبار هلائيندا رهيا. انهن سنڌ جي مکيه مرڪزن ۾ حاڪم مقرر ڪري، ڇانوڻيون قائم ڪيون هيون.

ملتان، الور، بهمن آباد ۽ ديبل بندر، جتي سنڌن گورنر ۽ لشڪر رهندو هو.

**نوٽ:** سمن ۽ سومرن جي دور جي سنڌ جي سياسي حدن جو تعين ڪنهن

www.sindhsalamat.com

ٻه تاريخ مان معلوم نه ٿي سگهيو آهي ۽ ان دور تي سنڌ جي تاريخ اجا لکي ئي نه وئي آهي: ان ڪري ان وقت جي سنڌ جي سياسي حدن جو ذڪر نه ٿو ڪجي.

## مغلن جي دور حڪومت وقت سنڌ جون حدون

جيتوڻيڪ مغلن جي حڪومت هندستان ۽ افغانستان جي گهڻي ڀاڱي تي قائم ٿيل هئي، پر انهن پنهنجي حڪومت کي انتظامي سهوليت خاطر صوبن ۾ ورهائي راڄ پٽي ڪيو. شاهجهان ۽ اورنگزيب جي حڪومت دوران صوبي سنڌ تي ملتان جي مرڪزي شهر ۾ گورنر ويهاري حڪومت ڪئي ويندي هئي: اُن جي هٿ هيٺ ننڍا صوبيدار سکر ۽ ٺٽي ۾ هوندا هئا. جنهن جي حد هيٺينءَ طور شمار ڪري سگهبي:

| | | |
|---|---|---|
| .1 | ملتان ڊويزن وارو علائقو | 24824 چورس ميل |
| .2 | ٻهاولپور ڊويزن وارو علائقو | 17652 چورس ميل |
| .3 | موجوده سنڌ وارو علائقو | 57000 چورس ميل |
| .4 | بلوچستان | 134050 چورس ميل |
| | ٽوٽل ايراضي | 233476 چورس ميل |

اورنگزيب جي حڪومت کان پوءِ آهستي ٿي مغلن جي حڪومت ڪمزور ٿيڻ لڳي. ساري هند ۾ مڪاني حاڪمن جا اثر پيدا ٿيندا ويا. ۽ انهيءَ ڪري سنڌ جون حدون ٻه بدلبيون ويئون. ملتان ڊويزن سکن جي زير تسلط اچي ويئي. ۽ سنڌ کان جدا ٿي ويئي. بلوچستان تي مڪاني بلوچ سردارن ۽ پٺاڻ حاڪمن جو قبضو جمي ويو. باقي سنڌ جا ٻه حصا ٿيا. جن مان سنڌي حاڪمن. ڪلهوڙن جي هٿ ۾ سکر ۽ ٺٽي وارو حصو رهيو ۽ دائود پوٽا. جي انهيءَ خاندان مان هئا تن جو قبضو ٻهاولپور حصي ۾ وڃي قائم ٿيو. ان موجب سنڌين جي تسلط ۾ هيٺين ايراضي وڃي رهي:

| | | |
|---|---|---|
| .1 | ٻهاولپور جي دائود پوٽا حڪومت | 17602 چورس ميل |
| .2 | سنڌ جي ڪلهوڙن واري حڪومت | 57000 چورس ميل |
| .3 | لس ٻيلي ۽ ڪڇي سبي واري جامن واري حڪومت | 79992 چورس ميل |
| | ٽوٽل ايراضي | 154594 چورس ميل |

جيتوڻيڪ اُها حڪومت جدا جدا ايراضيءَ جي بادشاهين ۾ ورهايل هئي.

www.sindhsalamat.com

پر نالي خاطر. ان جا حڪمران سنڌي هئا. زبان بہ انهيءَ سڄي ايراضي ۾ سنڌي ۽ سرائيڪي هلندڙ هئي.

انگريزن هندستان جي مختلف حصن تي جدا جدا وقتن ۾ قبضو ڪيو هو. ڪن ٽڪرن کي هنن سڌو پنهنجي قبضي هيٺ آندو ۽ ڪن تي هُو ڏيهي رياستن ذريعي، حڪومت هلائڻ لڳا. سنڌ کي ٽن حصن ۾ ورهايائون: هڪ حصو جنهن ۾ ساري سنڌ هئي، سا پنهنجي سڌي قبضي ۾ رکيائون. بهاولپور وارو حصو سکن کان کسي بهاولپور جي اُمير جي رياست هيٺ پنجاب سرڪار جي ماتحت رکيائون. ۽ لس بيلي وارو حصو ڄام صاحب جي رياست طور پنجاب سان ملحق ڪيائون. جڏهن سنڌ کي انتظامي سهوليت خاطر بمبئي پرڳڻي سان ملحق ڪيائون تہ سنڌ جي رياست بہ ان سان گڏ رهي. ليڪن ڪجهہ وقت کان پوءِ جڏهن سنڌين بمبئيءَ کان علحدگيءَ جي هلچل هلائي تہ 1936ع ڌاري اُن کي جدا صوبي جي حيثيت ڏياري، بمبئيءَ کان جدا ڪيو ويو. جڏهن انگريزن ساري هندستان کي آزادي ڏني تہ ان کي ورهائي بہ ٽڪر ڪري ڇڏيائون. مسلمان ايراضي جي اڪثريت واري حصي کي مسلمانن جي حوالي ڪيائون. ۽ هندو اڪثريت واري حصي کي هندن جي حوالي ڪيو ويو. مسلمان اڪثريت واري علائقي کي پاڪستان نالو ڏيئي، ان جي حڪومت جي واڳ مهاجر- پنجابي سياستدانن جي هٿ ۾ ڏني ويئي.

جيئن تہ بر صغير هند کي مسلم ۽ هندو اڪثريت جي بنياد تي ورهايو ويو هو اُن ڪري سنڌ جا ڪڇ ۽ جهوناڳڙهہ وارا حصا ڀارت سرڪار جي تسلط هيٺ اچي ويا ۽ بهاولپور ۽ لس بيلي جون رياستون ختم ڪرڻ بعد پاڪستان سرڪار پنجاب ۽ بلوچستان سان ملحق ڪري ڇڏيون. ۽ صرف خيرپور رياست کي سنڌ جي وچ ۾ هئڻ ڪري سنڌ سان ملايو ويو.

سنڌين کي توقع هئي تہ ان ڪري ساڻن اڳيان سنڌي ڪلچر وارا حصا گڏجي هڪ ڪيا ويندا. ليڪن سنڌ ۾ چوڻي آهي تہ "ويٺي سگهن لاءِ پر ڪن بہ ڪپائي آئي" آزادي اسان لاءِ خوشيءَ جي ڪارڻ نہ بني. پر برباديءَ جو پيغام کڻي آئي.

انگريزن، ميرن کان سنڌ آزاد ملڪ جي حالت ۾ فتح ڪئي هئي. جڏهن ڇڏي ٿي ويا تہ توقع هئي تہ وري بہ اُن کي آزاد ڪري ويندا. پر جنهن پاڪستان جي ملڪ سان هن کي ملايو ويو هو ان ۾ هن کي اقليت ڪري، پنجاب ۽ بنگال جي وڏن صوبن جي رحم ڪرم تي ڇڏيو ويو.

## پاڪستان دور حڪومت ۾ سنڌ جي حيثيت

اول ۾ پاڪستان کي پنجن صوبن ۾ ورهايو ويو هو. رياستون علحدن مرڪزي سرڪار جي هٿ ۾ رکيون ويئون هيون. پر آهستي ڪري رياستن کي ختم ڪري صوبن سان ملايو ويو. مهاجر پنجابي، جيڪي هن نئينءَ سامراجي حڪومت جا سامراجي حڪمران بنيا هئا. تن بهاولپور کي پنجاب صوبي سان ڳنڍي ڇڏيو ۽ قلات ۽ لس ٻيلي جي رياستن کي برٽش بلوچستان واري حصي سان ملائي ڇڏيو. صرف خيرپور کي سنڌ سان رکيو ويو.

اهڙيءَ طرح اول ۾ صوبي سنڌ کي گهٽ ضابطن ۽ بندشن هيٺ علحده حيثيت ۾ رکيو ويو. اُن جي وزارتن کي مرڪزي سرڪار طرفان سنڌ اسيمبلي جي راءِ خلاف بدلايو ويندو هو. ان ۾ هندن جي ڇڏيل زمين، ڪارخانن، دڪانن، واپار ٻنڌڪن، تعليمي ادارن کي هندستان کان مهاجر گهرائي، انهن جي حوالي ڪيو ويو. مکيه نوڪرين جا عهدا غير سنڌين جي حوالي ڪيا ويا.

شروع ۾ انتظامي نقط نگاهه کان، پاڪستان کي پنجن صوبن ۾ ورهائي ڪاروبار هلايو ٿي ويو جنهن ڪري بنگال، پنجاب، سنڌ، فرنٽيئر، بلوچستان صوبا برپا ڪيا ويا. جيتوڻيڪ طاقت سموري مرڪزي حڪومت جي هٿ ۾ رکي وئي، جنهن تي مهاجر پنجابي مستقل مفاد جو قبضو هو. پوءِ ان تي راضي نه ٿي مغربي پاڪستنا جي جملي صوبن کي پنجاب جي مفاد خاطر ختم ڪري ون يونٽ يعني مغربي پاڪستان جي هڪ صوبي ۾ ضم ڪري، ان جو استحصال ڪرڻ شروع ڪيو ويو.

## سنڌ جون ڪلچرل حدون

"ڪلچر" لفظ جون ڪيترين ئي معنائون ڪڍي سگهجن ٿيون. جن مان مکيه اُن جون هيٺيون ڳالهيون شمار ڪري سگهجن ٿيون:

1. زبان
2. رسم و رواج
3. مذهبي عقيدا
4. قديم روايات
5. رهڻي ڪهڻي.

مٿي ذڪر ڪيل پنجن نقطن جي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي ته انهي مان هر هڪ جي تشريع ڪري ان مطابق ملڪي حدن جي ورهاست ڪجي.

www.sindhsalamat.com

## 1. زبان:

سنڌ جي اصل زبان دراويدي قسم جي هئي، جنهن جو رسم الخط بہ هو جو موهن جي دڙي مان لڌل مهرن مان معلوم ٿي سگهيو آهي. ليڪن ان ٻوليءَ جي لفظن جو گهڻي تعداد ۾ لکيل هئڻ نہ ڪري ۽ انهن سان گڏ ڪنهن ٻيءَ معلوم ٻوليءَ جي هم معنيٰ لفظن جي موجود نہ هئڻ ڪري، انهن لفظن جي معنيٰ معلوم نہ ٿي سگهي آهي. دراويدي زبان جون ٽي شاخون مدراس ۾ ذڪرڻ سنڌ ۾ مروج آهن. ملايالم، تامل ۽ تيليگو. ڪن ماهرن جو چوڻ آهي تہ عبراني زبان ۾ ڪي اهڙا لفظ ملن ٿا، جن جي مشابهت دراويدي زبان سان آهي. ازانسواءِ بروهي زبان ۾ ڪيترا دراويدي لفظ ملن ٿا.

پر سنڌ جي اصل دراويدي زبان ڪهڙي قسم جي هئي، ان جو اجا پتو پئجي نہ سگهيو آهي. دراويدين کان پوءِ آريا هن ملڪ ۾ آيا. جن اصل باشندن جي جڳهہ اچي والاري ان جي مختلف قبيلن جي زبانن جا لهجا جدا جدا قسم جا هئا. موجوده سنڌي زبان ان جي پراڪرت معلوم ٿئي ٿي. آرين جي زبان پوءِ ترقي ڪري وچ هند ۾ سنسڪرت زبان جي صورت ورتي، جنهن ۾ ويد ۽ پراڻ لکيا ويا.

جيئن تہ آريا قوم اُتر هندستان جي گهڻي حصي، روس، ايران، يونان، جرمني، انگلنڊ وغيره ملڪن ۾ پکڙجي ويئي، ان ڪري انهن جي زبانن کي انڊو يورپ زبانون سڏجي ٿو. موجوده سنڌي زبان بہ انهن انڊو يورپ زبانن مان هڪ آهي يا انهن مان ڪنهن هڪ جي پراڪرت آهي، جنهن بابت ڪجهہ اڳئين فصل ۾ لکي آيو آهيان.

سنڌ تي پوءِ ايرانين، يونانين، عربن، انگريزن جا سامراج رهيا هئا. ان ڪري هتي جي زبان ۾ ڪيترا لفظ مٿي ذڪر ڪيل قومن جي زبانن جا بہ ملي ويا.

هندستان ۾ ڪجهہ وقت لاءِ پٺاڻن ۽ مغلن جي حڪومت بہ رهي هئي، جن جي سرڪاري زبان پارسي هئي. پر لشڪر ۾ مختلف زبانن جي ڳالهائڻ ڪري هڪ نئين زبان مروج ٿي، جنهن کي اردو (لشڪري) زبانن جي نالي سان سڏيو ويو. جنهن آهستي ڪري مغلن جي آخري دور ۾ زور ورتو. انگريزن جي اچڻ وقت اتر اولهہ هند ۾ بہ مکيہ زبانون رهجي ويون، هڪ هندي ۽ ٻي اردو. وچ هندستان جي مسلمانن پارسي سان مشابهت رکڻ ڪري اردو زبان کي ترقي ڏيارڻ طرف توجهہ ڏنو ۽ هندن سنسڪرت سان لاڳاپي سبب هنديءَ جي واڌاري لاءِ ڪوشش ڪئي. جڏهن هندستان جي آزاديءَ لاءِ ڪوشش شروع ٿي، تہ زبان جو مسئلو بہ اختلاف جو باعث بڻيو.

www.sindhsalamat.com

پاڪستان ۾ يوپي ۽ سي پيءَ کان ڪيترا ماڻهو لڏي آيا. جن جي زبان اردو هئي. انگريزن پنهجي حڪومت جي آخري دور ۾ پنجاب، فرنٽيئر ۽ بلوچستان ۾ ابتدائي تعليم اردوءَ ۾ ڏيارڻ جو رواج وڌو. ليڪن هنن بنگال ۽ سنڌ جي زبانن کي ترقي يافته ڄاڻي نه صرف انهن کي قائم رکيو پر انهن کي رسم الخط ڏيئي، وڌيڪ ترقي وٺارائي. پاڪستان بنجڻ بعد حڪمران طبقو جيڪو يو پي ۽ پنجاب جي طرف جو هو تن پاڪستان کي، جو پنجن مختلف قومن جي ملڪن تي مشتمل هو هڪ ملڪ بنائڻ لاءِ اردو زبان کي قومي زبان بنائڻ جي تجويز رٿي. پنجاب، فرنٽيئر ۽ بلوچستان ۾ ته اڳئي اردو زبان ابتدائي تعليم طور مروج هئي، ليڪن بنگالين ۽ سنڌين، جن جون زبانون ۽ رسم لاخط علحده هئا، اهڙيءَ ڪوشش جي سخت مخالفت ڪئي. جنهن ڪري حڪمران طبقي طرفان باوجود گهڻي ڪوشش جي انهن زبانن پنهنجو اصل وجود برقرار رکيو. بنگال جڏهن پاڪستان کان جدا ٿيو ته ان جي جدا ٿيڻ جي ڪارڻن مان هڪ سبب زبان جو مسئلو به هو. سنڌين به ان ڳالهه جي سخت مخالفت ڪئي. ۽ باوجود رهيل پاڪستان جي قومي زبان اردو ٿيڻ جي به هو ان کي تسليم ڪرڻ لاءِ تيار نه ٿيا ۽ انيڪ سرڪاري رنڊڪن هوندي سنڌي زبان جي ترقيءَ لاءِ ڪوشان آهن.

هن وقت سنڌ ۾ 40 سيڪڙو غير سنڌي ڳالهائيندڙ ماڻهو رهائش اختيار ڪري ويا آهن. پنجاب جي ماڻهن اڳئي سنڌن مادري زبان کي رد ڪري اردوءَ ۾ تعليم ڏيڻ شروع ڪئي آهي. پنجاب جي آبادي 1972ع ڌاري 3،76،09،000 ماڻهن تي مشتمل هئي. سنڌ جي آبادي انهيءَ وقت 1،40،07،772 هئي. پنجاب ۾ في چورس ميل ۾ 473 ماڻهو رهيا ٿي ۽ سنڌ تي في چورس ميل ماڻهن جو بوجو 257 هو. پنجاب ۾ زمين تي ماڻهن جو بار زياده هو. ان ڪري انهن جي مفاد وٽان هو ته ان بار کي هلڪي ڪرڻ لاءِ سنڌن ماڻهن کي لڏائي سنڌ ۾ ڪالونائيز ڪن.

سنڌ پاڪستان جي جملي صوبن کان زياده زرخيز آهي. ان ۾ روزگار جا ذريعا زياده آهن. ان ڪري پنجاب، فرنٽيئر، بلوچستان ۽ هندستان کان ماڻهو لڏيندا سنڌ ۾ آباد ٿي رهيا آهن. پاڪستان کان اڳ 1941ع ۾ سنڌ جي آبادي 48،50،905 هئي. جنهن مان ورهاڱي بعد 13 لک کن سنڌي ڳالهائيندڙ هندو پارت هليا ويا. ان ڪري ڳالهائيندڙ 34 لک ماڻهو وڃي رهيا. 1972ع ۾ سنڌ جي آبادي 1،40،07،772 وڃي بيٺي هئي. يعني ٽيڻ آبادي وڌي آهي.

www.sindhsalamat.com

ان جو تناسب شهري آبادي 57،00،426 ٿئي ٿو ۽ ديهاتي آبادي 83،17،296 وڃي ٿيندو. 1961ع ۾ سنڌ جي آبادي 83،67،065 هئي، ۽ اها وڌي 1972ع ۾ وڃي ٿي هئي 1،40،07،722 ماڻهو. يعني پورين ڏهن سالن ۾ واڌ 56،40،657 ٿي هئي. ان حساب سان هر سال ۾ 564070 ماڻهن جو واڌارو ٿيو آهي. جي اها رفتار قائم رهي ته 20 سالن ۾ 1،12،80000 ماڻهو وڌي سگهن ٿا. يعني 1990ع ڌاري سنڌ جي آبادي اڍائي ڪروڙ کن ٿي ويندي. 1961ع ۾ سنڌ تي آباديءَ جو بار 154 ماڻهو في ميل هو اهو 1972ع ۾ وڌي 257 تي وڃي بيٺو.

نئون آئين جنهن تي صاحب جي دور حڪومت ۾ پاس ٿيو ان مطابق ڪنهن به ماڻهو لاءِ سنڌ ۾ آباد ٿيڻ تي روڪ نه آهي. هن وقت اردو ڳالهائيندڙ ماڻهو 40 سيڪڙو تي وڃي پهتا آهن، ان وقت شايد 55 سيڪڙو تي وڃن، ۽ پوءِ سنڌيءَ کي زوريءَ رد ڪري ابتدائي زبان اردو ڪئي ويندي ته ان کي ڪير روڪي سگهندو![1] جي اها حالت رهڻ ڏني وئي، جا پاڪستان جي موجودگيءَ ۾ ضرور ٿيڻ واري آهي، اڃا به زياده وقت گذرڻ بعد جيئن دراويدي زبان جي حالت آرين جي ملڪ تي قابض ٿيڻ بعد ٿي هئي يعني اها زبان اتان غائب ٿي وئي، تيئن هتي به ساڳي حالت ٿيڻ واري آهي. نوان آيل ماڻهو بنسبت سنڌين جي زياده طاقتور، پيسي وارا، متحد، زياده تعليم يافته هئڻ ڪري اصل سنڌين جي حالت آمريڪا وارن ريڊ انڊين وانگر بنائي، سنڌي زبان کي ختم ڪري سگهن ٿا ـ انهن کي روڪڻ وارو ڪو به نه هوندو.

سنڌ جي اصل ڪلچرل ايراضي، بهاولپور، لس بيلي، ڪڇي، ڪڇ ۽ جهونا ڳڙهه اڳئي ٻين ملڪن سان ملائي ڇڏيا ويا آهن. باقي رهيل سنڌ جي آباديءَ جي حالت به مٿي ذڪري ڪيل حالتن مطابق بدلائي ويئي، ته نه سنڌ ملڪ رهندو ۽ نه سنڌي زبان رهندي ٻنهي جي خاتمي بعد سنڌي قوم جو حشر پڌرو پيو آهي.

## 2. رسم و رواج:

هر قوم جي ملڪ جو ماحول، آبهوا ۽ نسلن جا رسم و رواج جدا جدا ٿين ٿا. اهي ماڻهو باهمي تعلقات ۽ ميل ميلاپ بعد آهستي ڪري هڪ ٻين جي اثر

---

[1] ”حڪومت پاڪستان جي سيڪريٽري پاپوليشن ۽ پلاننگ، مسٽر آخوند، جي ڏنل 1979ع جي تازن انگن اکرن موجب هن وقت سنڌ جي آدم شماري 1،96،00،000 آهي جنهن موجب غير سنڌي 48 سيڪڙو تي ويا آهن، ۽ سنڌي 52 سيڪڙو آهن.“

www.sindhsalamat.com

هيٺ هڪ قسم جي يڪرنگي ۽ هم آهنگي اختيار ڪيو وڃن ٿا.
سنڌ ۾ دراويدي دور جا رسم و رواج علحده هئا. آرين جي اچڻ بعد، جن کي پنهنجا دستور ۽ رسم و رواج جدا هئا. تن اچي ٿوريءَ ڦير گهير سان اڳين رسم رواجن ۽ دستورن کي تبديل ڪري، جدا صورت ورتائي. ازنسواءِ خود آرين جي مختلف شاخن جهڙوڪ هڻ لوڪن، ايرانين ۽ يونانين جا دستور ۽ رسم و رواج بہ مختلف هئا. سي هڪ ٻين تي اثر انداز ٿيڻ کان سواءِ رهي نہ سگهيا. انهن سڀني جي شادين، غمين جي موقعن جا رسم و رواج ۽ دستور بہ جدا هئا. ڪن مردا ساڙيا ٿي، ڪن دفن ڪيا ٿي، ڪن کوهن جي مٿان پيڙن تي رکي پکين جو کاڄ ڪرايا ٿي. اِهي سنڌن مردن جي نيڪال جا طريقا هئا. شادين بابت بہ ڪي ايڪسا گامس (قبيلي کان ٻاهر) شادين ڪرڻ ۾ ويساهہ رکندا هئا، تہ ڪي انتروگامس (قبيلي اندر) شادين ڪرڻ ۾ عيب نہ سمجهندا هئا. لباس بابت بہ ڪي گوڏيون پائيندا هئا، تہ ڪي سٿڻيون تہ ڪي تنگ پاجاما پائڻ جا عادي ٿيا. شادين جي موقعن تي گهوڙي تي چڙهي سرگس ڪرڻ، موڙ ٻڌڻ، لائون لهڻ، ڦل چونڊڻ، مينڌي مکڻ ۽ ٻيا رسم رواج بہ قديم وقت جا يادگار آهن. وارن جون جدا ڪتون، زيورن جي جدا جدا ساخت، گهرن ۾ ڪاٺي پيتي جي برتنن جا قسم، سڀ آهستي آهستي، هڪ سر زمين ۽ اُن جي ماحول ۾ هڪٻئي سان رلي ملي رهڻ ڪري، هتان جي رهواسين ۾ ويجهڙائپ بلڪ ڪيترين ڳالهين ۾ يڪسانيت وڌندا ويا.

## مذهبي عقيدا:

جي چتائي جانچ ڪبي تہ اول ۾ دراويدن ۽ آرين ٻنهي ڌرين ۾ ائني مست (ساهوارن وٽن يا جانورن) جي پوڄا جو دستور مروج هو. اهڙيءَ طرح ان ائني مست (غير جاندار شين) جهڙوڪ سج، چنڊ، سيارن، برجن، پاڻي، باهہ، زمين، جبلن، هوا، آسمان وغيره جي پوڄا بہ رائج هئي.
پوءِ آرين ويد، سمرتيون، پران ٺاهي، ان موجب مذهبي عقيدا مروج ڪيا. جيئن تہ ڪيترا ماڻهو اڻ پڙهيل جهنگلن ۾ رهاڪو هئا، ان ڪري اڳيان مذهبي عقيدا بہ منجهن هلندا آيا. دريا، سمنڊ، وٽن ۽ ڳئون- پوڄا وغيره جا دستور هلندا آيا. انهن بابت مفصل احوال ٻي فصل ۾ ڏنو اٿم. انهن جي سڌاري لاءِ ٻڌ ڌرم ۽ جين ڌرم سنڌ ۾ مروج ٿيا. ان کان پوءِ پارسين جا عقيدا سورج پرستي ۽ آتش

www.sindhsalamat.com

پرستيءَ جا عقيدا بہ ماڻهن ۾ پکڙيا. يهودي ۽ عيسائي عربن ذريعي هتي پهتا. جانچ ڪرڻ بعد معلوم ٿيندو تہ يهودين، عيسائين ۽ مسلمانن جي عقيدن جو گهڻو حصو بابل، سمير ۽ مصر کان ورتل هو. اهڙيءَ طرح سنڌ جيئن اڳي ذڪر ڪري آيو آهيان آخري دور ۾ مذهبن مان بهترين ڳالهيون هٿ ڪري، خاص طرح جي تصوف کي جنم ڏنو جنهن جي اسان جي صوفي درويشن، جهڙوڪ شاهہ عنايت صوفي، شاهہ لطيف، سچل سرمست، بيدل، سامي، روحل فقير وغيره پنهنجي ڪلام ۾ اپٽار ڪئي آهي.

### قديم روايات:

سنڌ ۾ صدين جي تجربي بعد ڪي روايتون قائم ٿيون هيون، جن مان ڪي چڱيون هيون ۽ ڪي خراب هيون. سٺين روايتن مان خاص هيٺيون هيون.

### سام ڪڻڻ:

يعني ٻاهران آيل مظلوم يا مسافر کي پناهہ ڏئي ان جي حفاظت ۽ مهمان نوازي ڪرڻ، پوءِ ان راهہ ۾ هن کي ڪيتري بہ تڪليف برداشت ڪرڻي ڇو نہ پوي

### لوئيءَ جي لڄ رکڻ:

يعني قبيلي جي ننگ ناموس، عورتن جي عصمت ۽ عزت لاءِ هر طرح جو بچاءُ ڪرڻ - ايتري قدر جو ان راهہ ۾ قتل ۽ خونريزي ٿيڻ جو امڪان هجي.

### مهمان نوازي:

غريب ۽ شاهوڪار ٻاهران مسافر جي مهمان نوازي ڪرڻ ۾ پنهنجي عزت ۽ فرض سمجهي وسان ڪين گهٽائيندو آهي. ايتري قدر جو گهر ۾ کائڻ لاءِ ڪجهہ نہ بہ هجي، تہ بہ قرض کڻي يا اڌارو وٺي بہ آئي جي آڌرڀاءُ ڪرڻ کي پنهنجو فرض ڄاڻندو آهي. فضول خرچي بہ انهي روايت جو غلط دستور آهي.

### وطن جي حب:

سنڌين ۾ قديم وقت کان اها عادت پئجي وئي آهي تہ ڪٿي بہ ڪهڙي بہ حالت ۾ وطن جي ياد نہ وساريندو آهي ۽ ان جي محبت کي ايمان جو جزو ڪري

www.sindhsalamat.com

سمجهندو آهي. ان ڪري اهڙي صفت کي سنڌن ڪلاسيڪل شاعرن پنهنجي شعر ۾ هميشہ اتم جڳهہ ڏني آهي. شادين يا ٻين خوشيءَ جي موقعن تي اهڙا ڪلام خاص طور ڇپيا ويندا آهن. مارئيءَ جي ڪهاڻي انهن جي لوڪ ادب (فوڪ لور) ۾ خاص جڳهہ والاري آهي. شاهہ سائينءَ ان لاءِ چوي ٿو:

- حيف تنين کي هوءِ، وطن جن وساريو.

- ديسي سيڻ ڪجن، پرديسي ڪهڙا پرين!

- وطن ريءَ ويهي، جي مون گهاريا ڏينهڙا،
مارو ڏيندم ميهڻا. ڏاڏاڻا ڏيهي!

- ايءَ نہ مارن ريت، جئن سيڻ مٽائن سون تي!

## رضا تي راضي رهڻ:

يعني مصيبت ۽ تڪليف کي برداشت ڪرڻ جو مادو بہ سنڌين ۾ حد درجي جو ويٺل آهي. ايتريقدر جو سنڌن شاعر چون ٿا تہ:

- ڏک سکن جي سونهن، گهوريا سک ڏک ريءَ!

- ڏنا جي ڏاتار سي مون جهولي پائي جهليا!

- مٺ مٺ سورن سپ ڪنهن، مون وٺ وتاڻان،
پريون ڪيو پاڻان، ويا وهائو نہ ڪري

پر ان سان گڏ منجهن ڪي عيبن جهڙيون خراب عادتون بہ گهر ڪري ويهي رهيون آهن. انهن جي ڪري هنن کي گهڻيون مشڪلاتون ۽ مصيبتون سهڻيون پون ٿيون. جن مان هيٺيون ڳالهيون خاص آهن:

## 1. احساس ڪمتري:

زميندارن، پيرن، ملن، ڏارين حاڪمن جي خوف کان ماڻهن ۾ احساس

www.sindhsalamat.com

ڪمتري پيدا ٿي. ڪين بزدل بنائي ڇڏيو هو.

## 2. قبيلائي دشمنيون:

ماڻهو جدا جدا نسلن ۽ ملڪ جي جدا جدا ايراضين ۾ رهڻ ڪري مڪاني اختلافن ۾ ڦاسي ويا هئا. جنهن ڪري منجهن بي اتفاقي هلندي آئي ٿي. جنهن جو فائدو وٺي، ٻاهرين ماڻهن. مٿن قبضو ڪري استحصال پئي ڪيو آهي.

## 3. ٻاهرين جو رعب:

مٿي ذڪر ڪيو اٿم ته مختلف سببن ڪري سنڌين ۾ احساس ڪمتري پيدا ٿيڻ ڪري بزدلي گهر ڪري ويٺل هئي. تنهن ڪري ٻاڻ کان تعداد ۾ گهٽ يا طاقتور ٻاهرين ماڻهن جو مٿن اڪثري رعب پئي رهيو آهي. ان ڪري سنڌ ۾ مثل مشهور آهي ته "ولايت جي ڪهر سنڌ ۾ مينا". جڏهن آريا آيا. انهن انهن کان مرعوب ٿي ٻولي، رسم و رواج، مذهبي عقيدا، لباس وغيره انهن جو اختيار ڪيائون. جڏهن ايراني ۽ يوناني مٿن حاڪم ٿيا ته انهن جي ٻوليءَ ۾ ڪيتريون ڳالهيون سندن اختيار ڪيائون. بلوچي زبان پارسي حڪومت جي يادگار آهي. مغلن جي حڪومت جي زماني ۾ پارسيءَ ۾ ڳالهائڻ ڪي فخر سمجهيو ويندو هو. پوءِ انگريزي حڪومت وقت گهرن ۾ انگريزي ڳالهائڻ وڏ ماڻهپي جي نشاني سمجهي ويندي هئي، ايتريقدر جو ٻارن کي ابتدائي تعليم به انگريزي زبان ۾ ڏيارڻ، انهن جو لباس پائڻ عزت جو نشان سمجهيو ويندو هو.

هاڻ ڪيترا ڏسٽا وائسٽا سنڌي گهرن ۾ اردو ڳالهائڻ لڳا آهن. جنهن جو آخري نتيجو شايد اهو نڪري ته قديم ادب جهڙوڪ شاهه لطيف، سچل سرمست، سامي وغيره جي تعليم به شايد وسرڻ لڳي.

4. جنهن صورت ۾ ڳوٺاڻي زندگي زياده هئي، ماڻهو خانه بدوش يا نيم خانه بدوش ڇڙوڇڙ گهرن ۾ رهڻ ڪري سلامتي، تندرسي ۽ يڪجهتيءَ جي نعمتن کان محروم رهندا هئا، ان ڪري منجهن خود مطلبي جي عادت گهر ڪري ويٺل هئي. ان ڪري سنڌيءَ ۾ مثل مشهور آهي ته ”پهرين پيٽ پنجوءَ جو پوءِ ٻار ٻچا. تنهن ڪري سنڌ جي عام ماڻهن ۾ خانداني، قبيلائي، قومي يڪجهتي پيدا نه ٿي سگهي هئي. سڀڪو پنهنجي شخصي مفاد لاءِ ڪوشان هو. جنهن ڪري قومي شعور، قومي يڪجهتي ۽ قومي عصبيت عدم موجود هئا. انهن ڳالهين جو فائدو

www.sindhsalamat.com

وٺي، ٻاهرين حاڪمن سنڌ تي حملو ڪري يا ڦر ڦصل پٽي ڪيا هئا يا قبضو ڪري حڪومت پٺي ڪئي هئي.

انهيءَ ڪري انهيءَ خامي جو فائدو وٺي، ڪن ماڻهن مسلمانن جي جدا قوم، پاڪستان جي سالميت ۽ يڪجهتيءَ جو نالو وٺي، سنڌي قوم ۽ ديش جي آزادي سلب ڪري، سنڌين کي غلام بنائڻ شروع ڪيو آهي.

## 5. قومي شعور جي عدم موجودگي:

سنڌي گڏريل پنجن هزارن ورهين کان جدا ملڪ، جدا زبان، ڪلچر، سياسي ۽ اقتصادي مفاد رکڻ ڪري جدا قوم ته پٽي رهيا آهن، پر جيستائين هتي جي رهاڪن ۾ شخصي مفاد تي قومي مفاد کي ترجيح ڏيڻ، قومي شعور پيدا ٿئي، يڪجهتي ۽ گڏيل مفاد لاءِ ڪم ڪرڻ جو مادو پيدا نه ٿيو آهي. ان وقت تائين عملي طرح هڪ متحده قوم بنجي نه سگهيا آهن. ۽ ٻاهرين طاقت، مختلف ڍوڪيبازين جهڙوڪ مسلمانن جي جدا قوم، پاڪستان، اسلام جي نالي ۾ برغلجي، احساس ڪمتريءَ ۾، ٻاهرين جي علمي فوقيت ۽ جنگجو ذهنيت کان مرعوب ٿي، غلام بنجي، پنهنجو استحصال ڪرائي رهيا آهن.

## 6. رهڻي ڪهڻي- طرز معاشرت:

سنڌ جي ماڻهن جي اڪثريت قديم وقت کان ديهاتي پٽي رهي آهي. ڪيترا ماڻهو خانه بدوشيءَ جي حالت ۾ رهيا ٿي. ڪي ڍنڍن، دريائن ۽ سمنڊ جي ڪنارن تي جهوپڙين يا ننڍين ڍونڊين ۾ رهيا پيا هئا. گهڻا مال تي گذاري ڪرڻ ڪري هڪ جاءِ تي نه ٿي رهيا. سنڌن اڪثريت شهري زندگي سان مانوس ٿيل نه هئي. ان ڪري تمدن يا شهري زندگي جي فائدن کان محروم پٽي رهيا هئا.

تازو پاڪستان جي قيام کان پوءِ سٺ لکن کان متي ماڻهن جي واڌ ٿي آهي، جن جي اڪثريت شهرن ۾ رهي ٿي. تنهن ڪري شهري زندگيءَ جو تناسب وڌي ويل آهي. پر سنڌ جي اصل رهاڪن جي اڪثريت اڃا ديهات ۾ رهي ٿي.

تمدني زندگيءَ جو فائدو جهڙوڪ تعليم، صحت، صفائي، روزگار جي سهوليت، ڪارخانن ۾ نوڪريون، تجارت، سٺا گهر، عمدا رستا ۽ شهر کين نصيب ٿين ٿا. شهري زندگي گذارڻ ڪري انهن ۾ يڪجهتي، سياسي شعور، جماعت سازي، پنهنجن حقن جي حفاظت لاءِ ڪوشش ڪرڻ جو شعور به

www.sindhsalamat.com

منجهن پيدا ٿيو آهي. اخبارون پڙهڻ، ميل ميلاپ جون سهوليتون کين ميسر ٿين ٿيون. هن وقت حالت قريبن اها وڃي بيٺي آهي تہ ٻاهران آيل غير سنڌين جي اڪثريت شهري زندگيءَ جا فائدا ماڻي رهي آهي ۽ اصل سنڌي اڪثري ساڳي ديهاتي زندگي گذارڻ ڪري تمدني سهليتن کان محروم آهن.

تعليم شهر جي رهاڪن ۾ 90 سيڪڙو آهي ۽ ديهاتي زندگيءَ وارن ۾ 10 سيڪڙو بہ نہ آهي. صحت لاءِ صاف پاڻي پيئڻ واسطي بہ ميسر نہ ٿو ٿئين. علاج لاءِ پورو انتظام نہ هئڻ ڪري اموات ديهات ۾ گهڻو آهي. ٻهراڙيءَ جي رهڻ لاءِ جهوپڙيون يا وڻ جا پاسا ئي وسائين ٿا. ۽ مال چارڻ يا مڇي مارڻ، زميندارن جي کيتي ڪرڻ کان سواءِ ٻيو گذر معاش جو ذريعو ڪو نہ اٿن. شهري ۽ ديهاتي زندگي گذارڻ وارن جي زندگيءَ ۾ وڏو تفاوت آهي. ڳوٺاڻن ماڻهن جي في ڪس آمدني ساليانو 75 روپيا آهي ۽ شهرن ۾ رهاڪو ماڻهن جي آمدني في ڪس هزار روپيا آهي.

انهيءَ معيار زندگي ڪري سنڌن رهڻي ڪهڻي ۾ وڏو تفاوت آهي. تعليم، تندرستي، سياسي شعور، ذاتي حفاظت ۾ شهري رهاڪن کي گهڻو فائدو حاصل ٿئي ٿو. ٻئي طرف ديهاتي ماڻهو چور ڇڪار جي ڦر فصل ۽ عملدارن جي ڦرلٽ جا شڪار ۽ بيماريءَ وقت علاج جي سهوليت کان محروم رهن ٿا. منجهن سياسي شعور گهٽ آهي، ان ڪري سنڌن حياتي ڪسمپرسيءَ جهڙي گذري ٿي. شهري ماڻهو مٿي ذڪر ڪيل حالتن ڪري ديهاتي ماڻهن تي حاوي رهن ٿا. اها حالت جي قائم رهڻ ڏني ويئي، تہ ٿوري وقت اندر هو غلام مسڪين، جاهل، مظلوم ۽ بيمار رهڻ ڪري آهستي ٿي فنا ٿي ويندا.

## سنڌ جون طبعي حدون:

سنڌ جي طبعي حدن ۾ لازمي طرح ڪلچرل حدن کي شمار ڪرڻو پوندو جو انهن جي زبان، قديم روايات، رسم و رواج، مذهبي عقيدا، رهڻي ڪهڻي گهڻو ڪري ساڳي رهي ٿي. ان نقطي نگاهہ کان بهاولپور واري اڳوڻي رياست جو گهڻو حصو جو دائودپوٽا خاندان جي هٿ ۾ هئڻ ڪري سنڌي هو سنڌ ۾ شمار ڪرڻ گهرجي. سبي ضلعو ڪڇي ضلعو لس ٻيلو ضلعو ڪڇ ۽ جهونا ڳڙهہ سنڌ جي ڪلچرل حدن ۾ شمار ڪري سگهجن ٿا. پر زماني جي ستم ظريفيءَ جي ڪري، پاڪستان ۽ ڀارت جي جدا ٿيڻ ڪري، ڪڇ ۽ جهونا ڳڙهہ ڀارت ۾ هليا ويا ۽ سياسي طرح ڀارت جا حصا شمار ٿين ٿا. سبي، ڪڇي ۽ لس ٻيلي وارا حصا

www.sindhsalamat.com

بلوچستان سان شامل ڪيا ويا آهن. ان ڪري انهن حصن کي سنڌ جي ڪلچرل حدن ۾ شمار ڪرڻ خوامخواهه وقت وڃائڻو آهي. هاڻ اسان کي صرف موجوده سنڌ جي حصي کي آزاد ۽ ترقي يافته بنائڻ جي ڪوشش ڪرڻي پوندي، جا پاڪستان جي موجودگيءَ ڪري حاصل ٿيڻ مشڪل آهي.

هن وقت موجوده سنڌ هيٺين ضلعن ۾ ورهايل آهي:

1-ڪراچي، 2. ٺٽو، 3. بدين، 4. حيدرآباد، 5. ٿرپارڪر، 6. سانگهڙ، 7. نواب شاهه، 8. خيرپور، 9. سکر، 10. شڪارپور، 11. اپر سرحد سنڌ (جيڪب آباد)، 12. لاڙڪاڻو، 13. دادو.

انهن جي ايراضي ۽ آدمشماري 1972ع موجب هيٺين طرح بيٺل آهي.

| نالو ضلعي جو | ايريا | آدمشماري |
|---|---|---|
| ڪراچي | 1362 چورس ميل | 35،89،154 |
| ٺٽو | 6933 چورس ميل | 6،74،590 |
| حيدرآباد (بدين سوڌو) | 4969 چورس ميل | 22،70،873 |
| ٿرپارڪر | 13435 چورس ميل | 10،00،972 |
| سانگهڙ | 4142 چورس ميل | 6،81،168 |
| دادو | 7342 چورس ميل | 8،07،753 |
| جيڪب آباد | 2982 چورس ميل | 6،94،792 |
| سکر (شڪارپور سوڌو) | 5531 چورس ميل | 13،68،595 |
| لاڙڪاڻو | 2866 چورس ميل | 9،22،907 |
| خيرپور | 6018 چورس ميل | 7،17،373 |
| نواب شاهه | 2896 چورس ميل | 13،41،706 |
| | ٽوٽل | 1،40،07،722 |

سنڌ جي "سب سائل سروي" ڪانه ٿيل آهي. سواءِ محمد حسين پنهور جي لکيل "انڊر گرائونڊ واٽر ان سنڌ" ڪتاب جي، جنهن ۾ پاڻيءَ جي مٽي ۽ کاري هئڻ بابت تحقيق ڪيل آهي، ليڪن زمين ۾ ڪيترو ڪلر، ڪيتري واريا سي مٽي، ڪيتري چيڪي مٽي ۽ ڪيتري پوٽاش، سوڊيم ڪاربونيٽ ۽ نائٽروجن وغيره آهن، تن جي جانچ سواءِ چند ايگريڪلچر فارمن تي ڪجهه قدر ڪيل ڪم جي، ساري سنڌ اندر ٿيل نه آهي.

www.sindhsalamat.com

1954ع ۾ سنڌ ايگريڪلچرل ڪميشن ان جي سروي ڪرڻ لاءِ ڪميشن مقرر ڪرڻ جي سفارش ڪئي هئي. پر سگهو ئي ون يونٽ ٺاهڻ ڪري انهيءَ تجويز کي سرانجام نه ڪيو ويو. تازو حاصل ٿيل معلومات مان سنڌ جي ايراضي هيٺينءَ طرح ورهايل ڏيکاري ويئي آهي.

| | | |
|---|---|---|
| 1. | لائق آباد زمين | 34531 چورس ميل |
| 2. | جبل ۽ ماٿريون | 5000 چورس ميل |
| 3. | ٻيلن هيٺ زمين | 1800 چورس ميل |
| 4. | ٿر ۽ بر هيٺ زمين | 13100 چورس ميل |
| 5. | درياهه ۽ ڍنڍن هيٺ زمين | 1200 چورس ميل |
| 6. | دواٻي (ڊيلٽا) سمنڊ جي پر واري زمين | 1500 چورس ميل |
| | ٽوٽل ايراضي | 57131 چورس ميل |

1. انهيءَ مان لائق آباد زمين 2،21،00،000 ايڪڙ ٿيندي جنهن جا ميل مٿي ڏيکاريل آهن.
2. سنڌ ۾ جهرڪن کان وٺي ويندي ڪير ٿر جبل تائين جبلن ۽ ماٿرين جي قطار وڃي ٿي. مڪلي، پير پٺو ۽ ان ۾ اچي وڃن ٿا. اِهي ماٿريون ڪراچي ۽ لسٻيلي تائين وڃن ٿيون. ان جي سامهون هڪ ابن شاهه جو ٽڪر، اڪيلو شاهه بندر تعلقي ۾ آهي. درياهه جي اوڀر طرف گنجو ٽڪر، ٿرپارڪر ۾ ڪارونجهر جبل، روهڙيءَ طرف جا ٽڪر ڪوٽڏيجيءَ تائين وڃن ٿا. جيتوڻيڪ انهن جبلن جي ايراضي پوريءَ طرح سروي نه ڪيل آهي، پر اٽڪل 5000 چورس ميل ٿيندي.
3. سنڌ ۾ اوباوڙي تعلقي کان سنڌو درياهه داخل ٿي، ڪيٽي بندر وٽ وڃي سمنڊ ۾ ڪري ٿو. ان جي ڊيگهه 300 ميل آهي، پر اها ورن وڪڙن سان 500 ميل وڃي ٿئي ٿي.

اونهاري ۾ درياهه ۾ پاڻي گهٽو ٿئي ٿو ۽ سياري ۾ گهٽ ٿئي ٿو پر سراسري ان جو پيٽ ٻه ميل ٻڌجي ته 600 ميل زمين درياهه هيٺ ويندي اهڙيءَ طرح سنڌ ۾ 520 ڍنڍون ۽ تالاب آهن، جن مان مکيه منڇر، ڪينجهر، مکيءَ ڍنڍون هيون، جن هيٺ اٽڪل 600 ميل پاڻي بيٺل رهي ٿو. اهڙيءَ طرح سنڌ جي سرزمين جو مٿاڇرو جملي 1200 چورس ميل پاڻي هيٺ آهي.

4. درياهه جي ٻنهي طرف ٻيلا آهن. مکيءَ ڍنڍ طرف ٻيا ٻه ڪيٽرين جاين تي

www.sindhsalamat.com

سنڌ مان ٽئڪسن جي ڪمائي هڪ طرف مرڪزي سرڪار جي حوالي ٿيو وڃي. ٻئي طرف سوين ڪارخانا کولي، انهن جي ڪمائي مهاجر-پنجابي مستقل مفاد جي حوالي ڪئي ويئي آهي. ٽئين طرف لکين ٻاهران گهرايل مزدور سنڌ مان ساليانو اربها روپيا ڪمائي، سنڌ کان ٻاهر موڪلي، ملڪ کي غريب بنائي رهيا آهن. سنڌ پاڪستان بنجڻ کان پوءِ ننڍڙڪو ملڪ ٿي پيئي آهي. آخر محڪوم ۽ مجبور ماڻهو تعمير ۽ ترقيءَ لاءِ ڇا ڪري سگهندا.

## سنڌ جي پيداوار جا ذريعا:

سنڌ جي پيداوار هيٺين ٽن قسمن تي مشتمل آهي:

1. قدرتي وسائل ذريعي حاصل ٿيڻ واري پيداوار.
2. سنڌ مان وصول ٿيندڙ ٽئڪسن ذريعي پئسو.
3. ڪارخانن، ڪاٽين ۽ واپار جي پيداوار.

انهن مان هر هڪ مسئلي تي نظر ڪبي ته معلوم ٿيندو ته پاڪستان وجود ۾ اچڻ ڪري، سنڌ ۽ سنڌ جا اصل رهاڪو ڪهڙي عذاب هيٺ اچي ويا آهن.

1. قدرتي وسائل ذريعي حاصل ٿيڻ واري پيداوار ان ۾ هيٺين قسم جا ذريعا شمار ڪري سگهجن ٿا:

1. زرعي پيداوار ذريعي حاصل ٿيندڙ پيدائش.
2. اڻ سڌريل زمين کي سڌاريءِ لائق آباد بنائڻ جو ذريعو.
3. ڊيلٽا کي سڌاري وڌائڻ جو ذريعو.
4. جبلن ۽ ماٿرين کي سڌاريءِ ان مان فائدو حاصل ڪرڻ جو ذريعو.
5. ٻيلن کي وڌائي، ان مان پيدائش حاصل ڪرڻ.
6. مڇي مارڻ جي طريقن کي سڌاريءِ ان مان حاصل ٿيل پيدائش کي ڪتب آڻڻ.
7. سنڌ مان ڪاٽين جي کوٽائڻ جو انتظام ڪرڻ.
8. سنڌ جي جبلن مان پٿر، ڪڪري، سيمينٽ هٿ ڪري ملڪ جي ترقي ۽ تعمير لاءِ ڪتب آڻڻ.

## سنڌ جي زرعي پيدائش کي وڌائڻ ۽ سڌارڻ:

سنڌ ۾ لائق آباد زمين. سنڌ اسيمبليءَ ۾ علي قطب شاهه ميمبر اسيمبلي

www.sindhsalamat.com

جي پچيل هڪ سوال جي جواب ۾ 2,2100000 ايڪڙ ٻڏائي ويئي هئي. سنڌ ۾ ٽي بئراج ڪوٽايل آهن. جن لاءِ 1,34000 ڪيوسڪ پاڻي الاٽ ٿيل هو. ان واسطي هند سرڪار جي ڏينهن ۾ پنجاب ۽ سنڌ جي وچ ۾ پاڻيءَ جو عهدنامو ٿيل هو جنهن مطابق سنڌ کي پنجاب جي پنجن ندين مان 25 سيڪڙو پاڻي ملڻو هو ۽ سنڌو درياهه مان 75 سيڪڙو پاڻي. سنڌ جي واهن لاءِ ڏيڻو هو. پر پاڪستان ٺهڻ بعد سنڌ پنجاب جي رحم ڪرم تي وڃي ٿي آهي.

پهرين هنن ون يونٽ بنائي. سنڌ کي پنجاب سان ٿيل عهدنامي موجب پاڻي ملڻ جي پيچڪڙي ڪري پاڻيءَ کان سڪايو. ان جو ذڪر عهدنامي جو نقل پيش ڪري، ان مان سنڌ کي نقصان پهچايا ويا آهن. اڳتي هلي ڪندس.

هتي سر هيءَ ٻڌائڻ ڪافي ٿو سمجهان ته عهدنامي جي پيچڪڙي ڪري، پنجاب ۾ نوان بئراج کوٽائي، ڊيم ٻڌرائي، اڌ کان وڌيڪ پاڻي سنڌ کان کسيو ويو. ٻيو پاڻي آمريڪا ۽ ٻين ملڪن کان بئراجن ۽ ڊئم ٻڌڻ لاءِ پيسا وٺي، پارٽ کي وڪيو ويو جنهن ڪري پنجاب جي پيداوار ۽ ايراضي وڌي ويئي ۽ سنڌ جي گهٽجي ويئي. هيٺ ٻنهي صوبن ۾ 74_1973ع جي آباديءَ جي انگن اکرن مان پتو پوندو ته حالت ڪهڙيءَ حد تي پهتل آهي:

## پنجاب ۾ 74_1973ع ۾ آبادي ايراضي _ پيداوار جا انگ اکر

| فصل واري آباديءَ هيٺ ايراضي | ايڪڙ | پيداوار (ٽنن ۾) | ايڪڙ تي پيداوار سير | ايڪڙ تي پيداوار مڻ |
|---|---|---|---|---|
| 1. چانورن هيٺ ايراضي | 17،62000 | 10،96،000 | 9 | 16 |
| 2. ڪڻڪ هيٺ ايراضي | 1،90،40000 | 55،75،500 | 9 | 13 |
| 3. جَوَن هيٺ ايراضي | 281000 | 74000 | 2 | 7 |
| 4. جوار هيٺ ايراضي | 629000 | 234000 | 0 | 6 |
| 5. ٻاجهريءَ هيٺ ايراضي | 1166000 | 339000 | 5 | 5 |
| 6. مڪئي هيٺ ايراضي | 684000 | 431000 | 5 | 13 |
| 7. چڻن هيٺ ايراضي | 1974000 | 431000 | 9 | 5 |
| 8. ڪمند هيٺ ايراضي | 1091000 | 16355000 | 0 | 408 |
| 9. ڄانبي هيٺ ايراضي | 789100 | 165000 | 0 | 6 |
| 10. تر هيٺ ايراضي | 31000 | 4000 | 5 | 3 |

www.sindhsalamat.com

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 11. ڪيهه هيٺ ايراضي | 3383000 | 2410000 | 6 | 3 |
| ٽوٽل | 21994800 | 14851000 | | |

## سنڌ جي 74_1973ع جي آباد ايراضي جا انگ اکر

| نالو جنس جو | آباد ايراضي (ايڪڙن ۾) | پيداوار (ٽنن ۾) | في ايڪڙ پيداوار سير | مڻ |
|---|---|---|---|---|
| چانور | 1744800 | 1215000 | 0 | 19 |
| ڪڻڪ | 2076000 | 1226000 | 0 | 16 |
| جَوَ | 43000 | 9000 | 7 | 5 |
| جوار | 407000 | 108000 | 2 | 7 |
| ٻاجهري | 526000 | 95000 | 0 | 5 |
| مڪئي | 54000 | 12000 | 3 | 6 |
| چڻا | 531000 | 139000 | 1 | 7 |
| چانيو | 148000 | 75000 | 0 | 5 |
| تر | 30000 | 4000 | 9 | 3 |
| ڪمند | 251000 | 3735000 | 4 | 4 |
| ڪپهه | 1167600 | 256000 | 8 | 4 |
| ٽوٽل | 11181900 | 5823000 | | |

## مقابلو آباديءَ جو، سنڌ ۽ پنجاب ۾

| | ايڪڙ | |
|---|---|---|
| جملي پنجاب جي آباد ايراضي | 21994000 | 14851000 |
| جملي سنڌ جي آباد ايراضي | 11881000 | 5823000 |
| تفاوت گهٽ | 10113000 | 9028000 |
| پنجاب جي ڪڻڪ هيٺ ايراضي | 1،9،400000 | 750820000 |
| سنڌ جي ڪڻڪ هيٺ ايراضي | 20،76000 | 1226000 |
| تفاوت گهٽ | 8828000 | 4349000 |
| پنجاب جي ڪپهه هيٺ ايراضي | 3383000 | 441000 |

www.sindhsalamat.com

لاءِ سفارش ڪئي هئي:

## 1. دائو دائم ۽ پراجيڪٽ:

محال ڪوهستان ۾ جنهن تي خريف ۾ 11040 ايڪڙ زمين آباد ٿي سگهي ها ۽ ربيع ۾ 15530 ايڪڙ آباد ٿين ها. ان تي 3869000 لک رپيا خرچ جي ايسٽيمينٽ ٿهيل هئي. ان لاءِ ٻن سؤ ميلن جي ايريا جو پاڻي حاصل ڪري سگهجي ها. ڊئم ۾ 1400 ميلن ڪيوبڪ فٽ پاڻي جمع ٿي سگهي ها. جملي 16570 ايڪڙ آباد ڪري سگهجن ها. اسڪيم مان نيٽ پيداوار 196954 روپيا ٿئي ها.

## 2. دراوت ڊئم پراجيڪٽ:

اهو ڊئم بارڻ نئين تي ٿاهيو وڃي ها. اِهو 8 ميل ٿاڻي بولا خان کان پري هو. ان جي ٺهڻ بعد 461 ڪيوسڪ فٽ خريف ۾ 46100 ايڪڙ زمين آباد ڪرائي ها. 100 ڪيوسڪ ڊيوٽي پاڻيءَ جي بنياد تي، ان جو ايسٽيمينٽ خرچ 8723000 رپيا رٿيل هو. ان لاءِ 1014 چورس ميلن جو پاڻي ڪٺو ڪري سگهجي ها. ڊئم ۾ 5726 ملين ڪيوبڪ فٽ پاڻي ڪٺو ٿي سگهي ها. جنهن مان 5110 ملين ڪيوبڪ فٽ پاڻي آباديءَ لاءِ ڪم اچي سگهي ها. ان لاءِ 29130 ايڪڙ آباد ٿئي ها. اسڪيم مان نيٽ پيداوار 840965 روپيا ٿئي ها.

## 3. گاج نئين پراجيڪٽ:

اهو ڊئم 20 ميل جوهيءَ کان مٿي هو. ان تي ٽوٽل ايسٽيمينٽ ٿيل خرچ 1245000 روپيا هو. ان تي جملي 2000 ميلن جو پاڻي ڪٺو ڪري سگهجي ها.

ان جي ڪراس ڪمانڊ ايرايا 200000 ايڪڙ هئي.

ان جي ڪلچرل ڪمانڊ ايريا 170000 ايڪڙ هئي.

50 ڪيوسڪ فٽ جي حساب سان 85 هزار ايڪڙ ساليانه آباد ڪرائي سگهي ها. خريف ۾ مٿس آبادي 65 هزار ايڪڙ ٿئي ها. ربيع ۾ آبادي 17 هزار ايڪڙ ڪرائي سگهي ها. اسڪيم مان نيٽ فائدو 805384 روپيا ٿئي ها.

## 4. سن نئين پراجيڪٽ:

اِهو ڊئم سن کان 20 ميلن جي مفاصلي تي ٻڌجي ها. ان تي جملي خرچ جي

www.sindhsalamat.com

ايسٽيمينٽ 1376000 روپيا ٿئي ها. ٻن سالن ۾ مڪمل ٿي سگهي ها ۽ ان ۾ 105 چورس ميلن جو پاڻي ڪٺو ٿي سگهي ها. ان جي ڪراس ڪمانڊ ايريا 15000 ايڪڙ هئي. ساليانو 61 ڪيوسڪ ڊيوٽي پاڻيءَ سان 7360 ايڪڙ خريف ۾ آباد ڪرائي سگهي ها. ساليانو نيٽ فائدو 60557 روپيا ٿئي ها. نيٽ حاصل ٽينڊڙ پاڻي 383 ايم سي ايف (ملين ڪيوبڪ فٽ) ڪٺو ٿئي ها.

## 5. پال پراجيڪٽ:

هي 10 ميل ڏکڻ اولهه ڪراچيءَ کان ٿئي ها. ان تي جملي خرچ جي ايسٽيمينٽ 3650000 روپيا رٿيل هئي. هڪ سال ۾ تيار ٿي وڃي ها. ان جي ڪراس ڪمانڊ ايريا 38400 ايڪڙ زمين هئي. آباديءَ لائق ايريا 30720 ايڪڙ زمين ٿئي ها. خريف ۾ 16360 ايڪڙ زمين آباد ڪرائي سگهي ها. اسڪيم مان نيٽ فائدو 132367 روپيا ٿئي ها. منجهس ايم سي ايف پاڻي ڪٺو ڪري سگهجي ها.

## 6. انگاني نئين پراجيڪٽ:

هن نئين تي ٻه بند ٻڌجن ها. اها منجهر ڊيڊ کان 10 ميل پري هئي. ان تي خرچ جي ايسٽيمنٽ 2468000 روپيا هئي. ان ۾ 175 ميلن جو پاڻي ڪٺو ڪري سگهجي ها. ان جي ٻنهي بندن ۾ 556 ايم سي ايف پاڻي ڪٺو ڪري سگهجي ها. ڪراس ڪمانڊ ايريا 30700 ايڪڙ هئي. ساليانو 10000 ايڪڙ آباد ڪرائي سگهجن ها. نيٽ پيدائش 146075 روپيا ٽيڻ واري هئي.

## 7. نئينگ نئين پراجيڪٽ:

اِهو بند منجهر کان 10 ميل ڏکڻ_الهندي ٻڌجي ها. ان تي خرچ جي ايسٽيمينٽ 2553200 روپيا هئي. ان ۾ 251 ميلن جو پاڻي ڪٺو ڪري سگهجي ها. ڪراس ڪمانڊ ايريا 32000 ايڪڙ هئي. ساليانو 16600 ايڪڙ آباد ڪرائي ها. نيٽ فائدو 160471 روپيا ٿئي ها.

## 8. جنگشاهي ۽ رڻ پٽيا ٽي نين جا پراجيڪٽ:

هي نيون ٿاڻي بولا خان ۽ لاڙي ڪراچي_ڪوٽڙيءَ رستي تي آهن. هن

www.sindhsalamat.com

پراجيڪٽ موجب 700 ملين جو پاڻي ڪنلو ڪري سگهجن ها. ان تي ايسٽيمينٽ خرچ 8100000 روپيا رٿيل هو. ٽوٽل پاڻي 2600 ايم سي ايف ڪنلو ڪري سگهجي ها. ڪراس ڪمانڊ ايريا 150000 ايڪڙ هئي. ساليانو 50000 ايڪڙ آباد ڪرائي سگهي ها. نيٽ فائدو اسڪيم مان 471370 روپيا ٿئي ها.

## 9. مازراني ۽ ڊيلان پراجيڪٽ:

ان تي ايسٽيمينٽ خرچ 8200000 روپيا رٿيل هو. ان ۾ 750 ميلن جو پاڻي ڪنلو ٿي سگهي ها. ٽوٽل پاڻي 2860 ايم سي ايف ڪنلو ٿئي ها. ڪراس ڪمانڊ ايريا 110000 ايڪڙ هئي. ساليانو 55000 ايڪڙ آباد ٿي سگهن ها.

نيٽ فائدو 510302 روپيا هو.

## 10. اوچو پرٽي نئين پراجيڪٽ:

ان تي ايسٽيمينٽ خرچ 2565000 روپيا رٿيل هو. ان ۾ 300 ميلن جو پاڻي ڪنلو ڪري سگهجي ها. ٽوٽل پاڻي 974 ايم سي ايف ڪنلو ڪري سگهجي ها. ڪراس ڪمانڊ ايريا 25000 ايڪڙ زمين هئي. ساليانو خريف ۾ 14000 ايڪڙ زمين آباد ڪرائي سگهجي ها. اسڪيم مان نيٽ فائدو 117386 رپيا ٿئي ها.

## 11. باران نئين جي ڪهي طرف بند ويره پراجيڪٽ:

اُن ۾ 450 ميلن جو پاڻي ڪنلو ڪري سگهجي ها. ان تي استيمينٽ خرچ 4000000 رپيا ٿئي ها. ڪراس ڪمانڊ ايريا 75000 ايڪڙ زمين ٿئي ها. ساليانه خريف ۾ 22578 ايڪڙ آباد ٿي سگهن ها. ٽوٽل پاڻي 1462 ايم ايف سي ڪنلو ٿي سگهي ها. اسڪيم مان نيٽ فائدو 219797 روپيا ٿئي ها.

## 12. پانڌي نيئن پراجيڪٽ:

هي نئين ذڪڙ اتر منچر ڪان وهي ٿي ۽ آنگائي نيئن ڪان ايرندي آهي. ان تي استيمينٽ خرچ 3650000 روپيا رٿيل هو. ڪراس ڪمانڊ ايريا 60000 ايڪڙ هئي. ڪلچرل ايبل ايريا 40000 ايڪڙ هئي. خريف ۾ 16156 ايڪڙ آباد ڪرائي سگهي ها. ٽوٽل پاڻي 1056 ايم سي ايف ڪنلو ٿي سگهي ها. اسڪيم مان نيٽ فائدو 214721 روپيا ٿئي ها. انهن سمورن پراجيڪٽن جون اسڪيمون تيار هيون. خرچ

www.sindhsalamat.com

سنڌ پنهنجو ٿي ڪيو. پاڪستان سرڪار ڪي سنڌ سان اهڙي دشمني هئي، جو هڪ طرف پنجاب سرڪار سنڌ جو عهدنامي وارو پاڻي ناحق غصب ڪيو ٻئي طرف بارش جي پاڻي محفوظ ڪرڻ لاءِ اسڪيمون تيار ٿيون. ته ون يونٽ آڏي اهي پيسا پنجاب ۾ خرچ ڪرائي ڇڏيا. ٽئين طرف جيڪڏهن سنڌ جي تعمير ۽ ترڪيءَ لاءِ قرض ڪٺي سڏارن ڪرڻ لاءِ منظوري ٿي گهري ويئي، ته ان بهاني سان انڪار ٿي ڪيو ويو ته سنڌ کي پنهنجا پئسا هئا. ساڳئي وقت پنجاب کي اهڙن سڏارن لاءِ هڪ سئو ڪروڙ روپيين قرض جي اجازت ڏني هئائون.

پاڪستان، جنهن لاءِ اسان، اسيمبلي ۾ نهراءِ پاس ڪرائي ڪانفرنسون ڪوئائي، دربدر گهمي، ماٺهن کي ان جي حصول لاءِ تيار ڪيو هو سو سنڌ لاءِ گلن جو هار نه ٿيو پر سورن سندو سگهڙو ٿي پيو. سنڌ اهڙيءَ غلامي ۽ استحصال جي مصيبت جو شڪار ٿي پيئي آهي جو هرڏي شعور سنڌي رات ڏينهن ان جي خاتمي لاءِ درگاهه الاهيءَ مان دعائون گهري رهيو آهي.

## ٿرن ۽ برن کي سڏارڻ جون اسڪيمون:

زماني جي ستم ظريفي ۽ مهاجر ۽ پنجابي مستقل مفاد سامراجين جي ڪارستانين اسان کان سنڌ جي ڪلچرل حدن جهڙوڪ ڪڇ، جهوناڳڙهه، بهاولپور ڪڇي ضلعي، سبي ۽ لسٻيلي ضلعن کي جدا ڪرايو پر سنڌ رڻ پٽ ۽ ريگستان واري اڻ سڏريل زمين کي سڏاري آباد ڪرائڻ لاءِ هڪ سب ڊويزن ڪولهي ڪوڃنا شروع ڪرائي ويئي هئي، ان تي به عمل ممڪن بڻجي نه سگهيو. ان پروجيڪٽ جو ڪجهه تفصيلي احوال ڪرڻ دلچسپيءَ کان خالي نه آهي.

هڪ تمام گهٽي ايريا ڪڇ رڻ جي اتر طرف اڏ برپٽ ۽ ڍين ڍڙن هيٺ آيل آهي، جا جيتوڻيڪ "سنڌ گزيٽيئر" موجب 13100 چورس ميل آهي، پر سنڌ جي چيف انجنيئر جي رپورٽ مطابق رڳو ٿر پارڪر ضلعي ۾ 10000 چورس ميل ڇاڇري، ننگر پارڪر، مٺي ۽ ڏيپلي تعلقن ۾ آهي، جنهن مان 7 هزار چورس ميل 4480000 ايڪڙن تي مشتمل آهي. جنهن جي 1500000 ايڪڙن جي سڏاري لاءِ اسڪيم تيار ڪرڻ جون تياريون رٿيل هيون. ان ۾ 70 ميلن جي ايريا ڪارونجهر جبل ننگرپارڪر ۾ هئي، جنهن ۾ 26 سالن جي سراسري بارش پوڻ جي رڪارڊ موجب ساليانو بارش 13.59 انچ پونڊڙ هئي. ان جي پر واريءَ زمين کي ترائي سڏجي ٿو. ان جو پاڻي رڻ پٽ ۾ ضايع ٿيندڙ هو. ان کي حال ڪنزرو

www.sindhsalamat.com

ڪري زراعت لاءِ تجويز رٿيل هئي. جنهن موجب 919240 ملين ڪيوسڪ فٽ آباديءَ لاءِ ميسر ٿي سگهي ها. جيڪڏهن ان کي ٿئپ ڪيو وڃي ها تہ 90 ڏينهن ساليانو 3372 ڪيوسڪ پاڻي ڏياري سگهي ها. 100 ايڪڙ ڊيوٽي جي بنياد تي ان لاءِ هيٺيون تجويزون هيون:

1. انڊر گرائونڊ پاڻي ڪڍو ڪرڻ لاءِ بند ۾ پاڻيءَ جي محفوظ ڪرڻ لاءِ ديوارون ڪٽائڻ.
2. جبل ڪارونجهر جي نين ۽ نالن جي پاڻي ڪٺي ڪرڻ جو انتظام ڪرڻ.
3. فيلڊ بندنگ ڪرڻ.

ان نموني ڪان پوءِ پاڻي ٽيوب ويلن ذريعي سارو سال حاصل ڪري سگهجي ها. جنهن جو خرچ بہ آبادگار سرڪاري مدد سان ڪرڻ لاءِ تيار هئا. بورنگ ايريل سروي ۽ کوهن لاءِ جڳهيون چونڊڻ جي رٿ هئي. اٽڪل 311 لک روپيا خرچ ٿين ها. نيٽ فائدو 2160278 روپيا. 25 روپيا ايڪڙ جي حساب سان حاصل ٿي سگهن ها. اِهي پٽون ۽ ڏڙا سانگهڙ نوابشاهہ خيرپور ۽ سکر ضلعن تائين هليا وڃن ٿا. جن جي ايراضي بہ تخمينا 10 هزار چورس ميل ٿي سگهي ٿي. جا 6400000 ايڪڙن تي مشتمل ٿئي ها. اها اصل غائب ٿيل درياهہ هاڪڙي جي پير ۾ هئي. اونهاري جي سنڌو درياهہ جي زائد پاڻي کي، جو سمنڊ ۾ خارج ٿئي ٿو وڏا ڊئم ٻڌائي سکر ضلعي ۾ مکي ڍنڍ ۾ ڪتب آڻڻ لاءِ بہ رٿ هئي. ٻئي طرف انهيءَ زمين کي مشنريءَ ذريعي هموار ڪرڻ لاءِ بہ غور ٿي رهيو هو. پر خدا مار وجهي اهل پنجاب جي بي انتها حرص تي جنهن ون يونٽ بنائي، انهن سمورين اميدن تي پاڻي ڦيري ڇڏيو. ان وقت سنڌ ۾ نهايت اعليٰ صلاحيت وارا انجنيئر موجود هئا. جهڙوڪ _ مرحوم موسيٰ ميمڻ چيف انجنيئر سنڌ. جو پوءِ مغربي پاڪستان جو چيف انجنيئر ٿيو تنهن مرحوم غلام محي الدين عباسيءَ کي ان ڪم جي سروي ۽ اسڪيمن تيار ڪرڻ لاءِ رکيو ٿي.

## سمنڊ جي طرف ڊيلٽا واري ايراضي سڌارڻ:

سمنڊ طرف ڊيلٽا جي ايراضي اٽڪل 1500 چورس ميل آهي. پر ماهرن جو رايو هو تہ ان کي مصنوعي طريقن سان وڌائي ٽي هزار چورس ميلن تائين ڪري سگهجي ها. جنهن مان 19 لک ايڪڙ لائق آباد زمين‌ڪري سگهي ها.

سمنڊي جي طرف ڪان ابراهيم حيدريءَ ڪان وٺي ڪڇ جي حد تائين پٿر جي ديوار ڏيارڻ سان اونهاري ۾ سنڌو درياهہ جي زائد پاڻيءَ کي روڪي، ڊئم طور

www.sindhsalamat.com

بي شعوريءَ ۽ اسلام جي غلط تشريح ڪري، حقيقي مسئلن کان توجهه هٽائي فرضي ڳالهين طرف رجوع ڪرڻ سبب سڀ ختم ٿي ويون. هاڻ سوال طلب ڳالهه هيءَ وڃي بچي آهي تہ ڇا، هڪ قوم جي حيثيت ۾ پنجن هزارن سالن جي تاريخي پس منظر جي باوجود، پنهنجي آزادي ۽ قومي هستي وڃائي ختم ٿي وڃون، يا آزاد ۽ خودمختيار قوم ۽ ملڪ جي حيثيت حاصل ڪري نشاط ثانيہ لاءِ هر طرح جي جدوجهد ڪريون.

## مڇي جي افزائش، ان جي پيداوار کي ڪتب آڻڻ ۽ ان مان زرمبادلہ حاصل ڪرڻ:

سنڌ ۾ مٺي پاڻيءَ جي مڇيءَ جي حصول لاءِ ڪن جي تخميني موجب 520 ڍنڍون ۽ تالاب آهن. فشريز کاتي جي رپورٽ موجب 721 ڍنڍون ۽ ڍورا آهن. جن مان هن وقت 15000 ٽن ساليانو مڇي حاصل ٿئي ٿي. ۽ ان کان سواءِ سمنڊ جو وسيع ڪنارو آهي جنهن مان ساليانو 190000 ٽن مڇي مري ٿي. جا نہ صرف سنڌ جي کاڌي لاءِ ڪتب اچي سگهي ٿي، پر زرمبادلہ جي وسيع ڪمائيءَ جو ذريعو ٿئي ٿي.

سنڌ ايگريڪلچرل ڪميشن اڳيان سنڌ جي اندروني ڍنڍن ۾ مڇيءَ جي افزائش ۽ سڌريل قسم جي مڇي جي پيداوار جون ڪيئي تجويزون هيون. وچ سنڌ مان مڇي رفريجريٽر ذريعي شهرن تائين پهچائڻ لاءِ نئين قسم جي ٽرڪن، رستي جي ڄار وڇائڻ، ننڍي مڇي مارڻ کان پرهيز ڪرڻ، نوان رڇ ڪتب آڻڻ، سمنڊ ۾ اسٽيمر ٽريلرن کي ڪتب آڻڻ، فش هاربر ڪثير تعداد ۾ کولائي، مڇيءَ جي گهڻي وقت تائين محفوظ رکڻ جا جديد طريقا استعمال ڪرڻ جون تجويزون رٿيل هيون. هاڻ فشريز کاتي کي مرڪزي سرڪار مستقل مفاد جي فائدي ۽ پاڪستان لاءِ زرمبادلہ ڪمائڻ جو ذريعو ڪري ڪتب آڻڻ جي پويان آهي. سنڌ ۽ ان جي ماڻهن جو مجموعي فائدو پنڻ پويان اڇلايو وڃي ٿو.

## 2. سنڌ مان وصول ٽينڊر ٽيڪس:

سنڌ کي قدرت طرح طرح جي نعمتن سان نوازيو آهي جن مان سمنڊ ۽ ان تي ٻاهرين واپار لاءِ بندر بہ هڪ آهي نہ رڳو سنڌ بلڪ پاڪستان جي سمورن صوبن ۽ افغانستان جو واپار ڪراچي بندر ذريعي هلي ٿو. ان ڪري ان کي پيداوار جا ذريعا

www.sindhsalamat.com

اٽڪل اڌ 2 ارب روپيا سنڌ مان پيدا ٿئي ٿو.

جملي سنڌ مان پيدائش 60 ڪروڙ 16 ارب روپيا ٿئي ٿي.

ان ۾ واپڊا، پي آءِ ڊي سي، ريلوي، پي آءِ اي وغيره آزاد ڪاتن جي اسٽيٽ ٽريڊنگ پيدائش به نه ڏيکاريل آهي.

ٻاهريان ۽ اندريان قرض جن تي وياج ۽ قسطن ۾ اٽڪل 3 ارب روپيا ڏنا وڃن ٿا، انهن جو گهڻو حصو به سنڌ کان ٻاهر خرچ ڪيو وڃي ٿو.

ٻئي طرف ڪن ٽئڪسن مان صوبن کي خرچ جو حصو ڏنو وڃي ٿو جو هيٺين ءَ طرح آهي:

| | |
|---|---|
| مرڪزي سرڪار پنجاب کي قرض ڏنو | 170400000 |
| سنڌ کي قرض ڏنو | 62100000 |
| 1975_76ع جملي صوبي پنجاب جي پيدائش | 299600000 |
| 1975_76ع جملي سنڌ صوبي جي پيدائش | 123400000 |

انهن انگن اکرن مان معلوم ٿيندو ته مرڪزي حڪومت جو پيسو به بچاءَ ۽ بين سيني ڪاتن ذريعي پنجاب تي گهڻو خرچ ٿئي ٿو. پاڻي وغيره سهوليتن جي ڪري صوبائي پيدائش به پنجاب کي 299600000 روپيا ٿئي ٿي ۽ پنجاب کي مرڪزي سرڪار قرض ۾ 170400000 روپيا ڏئي ٿي. سنڌ کي صوبائي پيدائش صرف 123400000 روپيا ٿئي ٿي ۽ مرڪزي سرڪار کان سنڌ کي قرض لاءِ صرف 62100000 روپيا مليل آهن.

1973ع ۾ پاڪستان ۾ جملي بسون، ٽرڪون، موٽرون 457816 هيون، جن مان بسون 29718، ٽرڪون 49345 ۽ موٽر ڪارون 163042 هيون. انهن مان پنجاب کي جملي بسون، ٽرڪون ۽ موٽر ڪارون هيون 2001311، بسون 16760، ٽرڪس 19896، پنجاب ۾ ٽرڪس 18289 ۽ پنجاب ۾ موٽر ڪارون 55296 هيون.

ٻئي طرف سنڌ ۾ جملي بسون وغيره ڪراچي سوڌيون 208262 هيون. انهن مان بسون 8464، ٽرڪون 16684، موٽر ڪارون 91133 هيون.

پاڪستان ۾ 1974ع ۾ ٽوٽل اسپتالون 521، ڊسپينسريون 2782 ۽ مئٽرنٽي هوم 671 هئا.

انهن اسپتالن ۽ ڊسپينسرين وغيره ۾ جملي بيڊس 23307 هئا. رجسٽرڊ ڊاڪٽر 17194 ۽ نرسون 6697 هيون. انهن مان پنجاب ۾ اسپتالون 239،

www.sindhsalamat.com

ڊسپينسريون 1136، مئٽرنٽي هوم 421، ۽ اسپتالن ۾ بيڊ 15452 هئا.

سنڌ ۾ اسپتالون ڪراچي سوڊيون 134، ڊسپينسريون 874، مئٽرنٽي هوم 112، بيڊس 10089 هئا.

1974ع ۾ اخبارون: جملي پاڪستان ۾ 836 ـ 90 روزانه ۽ هفتيوار 270 هيون.

پنجاب ۾ جملي 479 ـ روزانه 43 ۽ هفتيوار 155، سنڌ ۾ جملي 256 ـ روزانه 24 ۽ هفتيوار 77.

سنڌ مان پئسا ٻاهر ويندڙ 20 لک مزدورن وغيره ذريعي 3 سئو ڪروڙ.

پنجاب ۾ رهندڙ زميندار جن کي سنڌ ۾ زمين آهي ان رستي 3 سئو ڪروڙ.

شهرن ۾ رهندڙ غير سنڌي ڪارخانيدارن کي اٽڪل 1560 ڪارخانا آهن. جن مان ساليانې پيدائش ٿئي ٿي هڪ هزار ڪروڙ.

سنڌ مان مرڪزي ٽئڪس ۾ ويندڙ رقم هڪ هزار ڪروڙ.

غير سنڌي فارين ۽ ٻڌي واپار ذريعي ڪمائين ٿا هڪ هزار ڪروڙ.

واپڊا، پي آءِ ڊي سي، ريلوي وغيره ذريعي سنڌ مان ويندڙ 5 سئو ڪروڙ.

جملي سنڌ مان ساليانه ڌارين جي قبضي ۾ وڃن ٿا 41 سئو ڪروڙ.

## 3. سنڌ ۾ ڪارخانن، ڪاٽين ۽ واپار مان پيداوار:

1928ع ۾ جڏهن ضلعي لوڪل بورڊ ڪراچي جو پريزيڊنٽ چونڊيس ته ڳوٺن ۾ گهمڻ ويس. نه سنا رستا هئا، نه تعليم جو پورو انتظام هو. نه ڪيتيءَ لاءِ پاڻيءَ جو پورو انتظام هو ـ درياهه وهندو رهيو پر ٻنيون سڪيون رهيون. نه ڳوٺن ۾ رهڻ لاءِ سوليون جايون هيون. نه بيماريءَ جي وقت علاج لاءِ اسپتالن ۽ ڊاڪٽرن جي سهوليت هئي. زالن جي حالت نهايت پست هئي. ان وقت منهنجي سامهون مقابلو ڪراچي ۽ بمبئي جي شهرن ۽ ڳوٺن جو هو ۽ انهن ۾ زمين آسمان جو تفاوت ڏٺم. ان وقت روس جو انقلاب اچي چڪو هو. اخبارن ۾ هتن پروگرام ٿاهي، ملڪ جي ترقيءَ لاءِ جيڪي ڪوششون ڪيون هيون ۽ يورپي ملڪن جيڪا ترقي ڪئي هئي، سا پڙهندا هئاسين. دل ۾ خواهش پيدا ٿي ته اسان به پنهنجي ملڪ کي اهڙي ئي منزل تي پهچايون. ان لاءِ "ڳوٺ سڌار" هلچل شروع ڪئي سون. مرحوم جيٺمل پرسرام، جمشيد مهيتا، حاتم علوي ۽ ٻيا ملڪي همدرد ساٿي هئا. بعد ۾ معلوم ٿيو ته سڌارو آڻڻ سولو ڪونه هو. سرڪاري طرح اسان هر ڳالهه ۾ بمبئي سرڪار جا محتاج هئاسون جو

www.sindhsalamat.com

سنڌ ان جي ماتحت هئي. انهيءَ جو مرڪز پري هئڻ ڪري اتي دست رستي ڪانه پئي ٿي. انهيءَ ڳالهه کي سوچي، سمورين انهن خامين کي دور ڪرڻ لاءِ، سنڌ جي بمبئيءَ هيٺ زبردستيءَ کي سبب سمجهي، سنڌ جي بمبئيءَ کان علحدگيءَ لاءِ هلچل کي زور وٺائي. گهڻين مشڪلاتن بعد نيٺ سنڌ بمبئي کان جدا ڪرائيسين. سنڌ کي جدا صوبو بنائي، سنڌ اسيمبليءَ ۾ وڃي پروگرام رٿي، سنڌ جي ترقيءَ لاءِ ڪوشش ڪئي سون. وزير تعليم ۽ انڊسٽري ٿيڻ بعد، بمبئي وڃي، اتي جا ڪارخانا، ڪاليج ۽ يونيورسٽي ڏسي، آل انڊيا نيشنل پلئننگ ڪميشن، جا جواهر لال نهروءَ جي ماتحت ٺهيل هئي، ان ۾ رٿون رٿي، ڪم ڪرڻ جو پروگرام تيار ڪيون سون. پر وري معلوم ٿيو تہ ان ڪم جي راهہ ۾ جيڪي رنڊڪون هيون، انهن مان مکيہ ملڪ جي ڌارين انگريزي سامراجي حڪومت هيٺ غلامي هئي، ان ڪري ان کان آزاد ٿيڻ لاءِ تحريڪن ۾ حصو وٺي، ملڪ جي آزاديءَ لاءِ ڪوشش ۾ شريڪ ٿياسون. ٻي خامي ۽ رنڊڪ جيڪا ڏسڻ ۾ آئي تہ سنڌ جو گهڻائو جو اڪثري مسلمان هو اهو هندو مستقل مفاد جي گرفت ۾ ڦاٿل هئڻ ڪري، پوريءَ طرح آزاديءَ سان ڪم ڪرڻ لاءِ ڪيترين مجبورين ۾ مبتلا هو. ان ڪري ملڪ جي آزاديءَ سان گڏ اهڙي مرڪزي حڪومت کان نجات حاصل ڪرڻ بہ ضروري ڄاتي وئي، جنهن ۾ مستقل مفاد جي چنبي جي اڪثريت ۽ محڪوميت کان بہ آزادي نصيب ٿي، تہ اها ملڪ جي ورهاڱي جي صورت ۾ حاصل ٿي. هڪ حصي ۾ مسلمانن جي اڪثريت هئي، ۽ خيال هو تہ هندو مستقل مفاد جي مکيہ خاميءَ جو ڪارڻ سندن مذهب جي علحدگي هئي. پر پاڪستان بنجڻ بعد تجربي مان معلوم ٿيو تہ مستقل مفاد جو مذهب سان واسطو نہ هو پر ڪي ماڻهو ترقي حاصل ڪري، پنهنجا طبقا ٺاهي، انهن جي ذريعي، ملڪي وسائل ۽ ذرائع جو استحصال ڪن ٿا. آهستي ٿي، محسوس ٿيڻ لڳو تہ هندن جي جاءِ تي مهاجر (هندستان کان لڏي آيل مسلمان) ۽ پنجاب جا مستقل مفاد، سنڌ جي ترقي جي راهہ ۾ رڪاوٽ بنيو بيٺا هئا.

سنڌ جي اندروني خودمختياريءَ ذريعي ترقيءَ لاءِ رٿون رٿيون ويون، پر ان جي راهہ ۾ مرڪزي حڪومت جي زياده دست اندازي ۽ آهل پنجاب جي مستقل مفاد کي حائل ڏٺوسون. تيئن ان چار ۾ وياسون وڌيڪ ڦاسندا. پهرين ون يونٽ بنائي، سنڌ جي اقتصادي وسائل ۽ ذرائع جو استحصال ڪيو ويو. جڏهن گهڻي

www.sindhsalamat.com

مشڪلات بعد ان مان آزاد ٿي، وري صوبائي خودمختياري حاصل ڪئي سون، تہ مضبوط مرڪز ۽ ٻاهران لڏي آيل سرمائيدار- تعليم يافتہ ۽ ڪارخانيدار جي چنبي ۾ پاڻ کي گرفتار ڏٺوسون.

سنڌ ۾ تعليم لاءِ ادارا کولائڻا هئا. اهي کليا پر ملڪ جي حڪومتي پاليسيءَ تي مهاجر- پنجابي مستقل مفاد جي دست اندازيءَ ڪري ان جو فائدو سنڌ جي اصلي باشندن کي گهٽ نصيب نہ ٿيو. ملڪ ۾ ڪارخانن، ڪاٽين ۽ واپار جي سموري ڪاروبار تي غير سنڌي مستقل مفاد کي حاوي ڏٺوسون. دانهون ڪيون سون تہ "ادا، اصل رهاڪو سنڌين لاءِ بہ ڪجهہ ڪيو وڃي!" جواب مليو تہ "مسلمان سڀ ڀائر هئا، ان ۾ سنڌيءَ ۽ غير سنڌيءَ جو تفاوت ڪرڻ اسلام جي اصولن جي خلاف هو." چيوسون تہ "ادا، سنڌ جا رهاڪو هزارن ورهين کان جي ملڪ ۽ قوم جي حيثيت رکندا آيا هئا، انهن جا بہ ڪي حق هئا." چي، "نہ سنڌي علحده قوم هئا نہ سنڌ جي ڪنهن جدا ملڪ هئڻ جو وجود هو. بلڪ اهڙي گفتگو اسلامي اصولن، نئين ملڪ پاڪستان جي يڪجهتيءَ، سلامتي ۽ استقلال جي راهہ ۾ رڪاوٽ هئي. علائقائي ذهنيت جي پيداوار ۽ دهري خيالن جي بنيادن تي ٻيٺل هئي." گهٽ گوڙ ڪيوسون تہ جيل، نظربنديون، مارشل لا، ڊڪٽيٽرانہ (آمرانہ) قانونن ۾ وڙيڪ ڦاسندا وياسون. "جائي ماندن نہ پائي رفتن."

هن وقت سنڌ جي حالت هيٺين طرح آهي: جي ڪارخانن کي کولائي سنڌ جي ترقيءَ لاءِ ڪوشان هئاسون اهي کليا، پر انهن جي واڳ سنڌين جي هٿ ۾ نہ هئي. پاڪستان جي قيام کان وٺي 1954ع تائين اٽڪل 500 کن ڪارخانا سنڌ ۾ لڳي چڪا آهن. انهن جي لسٽ ڏيئي ذڪر ڪرڻ پڙهندڙن کي تنگ ڪرڻ جي برابر ٿيندو پر ان نام نهاد مرڪزي حڪومت پاڪستان جو هنري ڪاتو پنهنجي ماتحت رکي، ڪارخانن کولڻ جون پرمٽون ۽ پيسي جي مدد ڏيئي ڪارخانا کولايا آهن. تن جو 15 آگسٽ 1947ع کان وٺي سال وار ذڪر ڪرڻ، حالات تي ڪجهہ روشني وجهڻ لاءِ ڪافي ٿيندو.

1. 15 آگسٽ 1947ع کان پهرين اپريل 1948ع تائين 14 ڪارخانا کولڻ جي اجازت ڏني وئي، جن مان 7 پرائيويٽ سيڪٽر ۾ هئا ۽ 7 پبلڪ سيڪٽر ۾. ان جي چئن ڪروڙ روپين جي منظوري ڏني ويئي. جن مان هڪ بہ سنڌي انتظام هيٺ نہ هو نہ وري ان ۾ سنڌي مزدور رکيا ويا.
2. وري پهرين اپريل 1948ع کان 30 جون 1948ع تائين 12 ڪارخانا کولڻ جي

www.sindhsalamat.com

اجازت ڏني ويئي، جن جي ماليت ٽن ڪروڙن جي هئي. 3 پبلڪ سيڪٽر ۽ 9 پرائيويٽ سيڪٽر جا هئا. جن مان هڪ جو انتظام بہ سنڌيءَ جي هٿ ۾ نہ هو ۽ نہ ان ۾ سنڌي مزدور ۽ ڪارڪن رکيا ويا.

3. پهرين جولاءِ 1948ع کان 30 سيپٽمبر 1948ع تائين 19 ڪارخانن کولڻ جي اجازت ڏني ويئي، جن مان 8 پبلڪ سيڪٽر ۽ 11 پرائيويٽ سيڪٽر ۾ هئا، جن جي ماليت 6 ڪروڙ روپين جي هئي. انهن مان هڪ بہ سنڌي انتظام هيٺ نہ هو ۽ نہ انهن جا ڪارڪن سنڌي هئا.

4. پهرين آڪٽوبر 1948ع کان 31 ڊسمبر 1948ع تائين 15 ڪارخانن کولڻ جي اجازت ڏني وئي، جي سڀ پرائيويٽ نوعيت جا هئا، جن جي ماليت ٽن ڪروڙ کن جي هئي. انهن مان هڪ بہ سنڌي انتظام هيٺ نہ هو ۽ نہ ان ۾ ڪارڪن سنڌي رکيا ويا.

5. پهرين جنوري 1949ع کان 31 مارچ 1949ع تائين 16 ڪارخانن کولڻ جي اجازت ڏني وئي، جن ۾ 2 پبلڪ ۽ 14 پرائيويٽ سيڪٽر جا هئا، جن جي موڙي اڍائي ڪروڙ روپين جي هئي.

6. پهرين اپريل 1949ع کان 30 جون 1949ع تائين 15 ڪارخانن کولڻ جي اجازت ڏني ويئي. موڙي بہ ڪروڙ روپين جي هئي. ان ۾ هڪ سنڌيءَ جو ۽ 14 غير سنڌين جا هئا. مزدور ۽ ڪارڪن سڀ غير سنڌي هئا.

7. پهرين جولاءِ 1949ع کان 30 سيپٽمبر 1949ع تائين ٻن ڪروڙ روپين جي ماليت جي 16 ڪارخانن کولڻ جي اجازت ڏني ويئي. ان ۾ هڪ بہ سنڌي نہ هو مزدور ۽ ڪارڪن غير سنڌي هئا.

8. پهرين آڪٽوبر 1949ع کان 31 ڊسمبر 1949ع تائين 8 ڪارخانن کولڻ جي اجازت ڏني ويئي، جن جي موڙي 2 ڪروڙ روپيا هئي. انهن ۾ هڪ بہ سنڌيءَ جو نہ هو ۽ نہ مزدور ۽ ڪارڪن سنڌي هئا.

9. پهرين جنوري 1950ع کان 31 مارچ 1950ع تائين 8 ڪارخانن کولڻ جي اجازت ڏني ويئي. موڙي 2 ڪروڙ روپيا هئي. انهن ۾ هڪ بہ سنڌي نظام هيٺ نہ هو ۽ نہ مزدور ۽ ڪارڪن سنڌي رکيا ويا.

10. پهرين اپريل 1950ع کان جون 1950ع تائين 6 ڪارخانا کولڻ جي اجازت ڏني ويئي، موڙي ڏيڍ ڪروڙ روپيا هئي، انهن ۾ هڪ بہ سنڌي نظام هيٺ نہ هو ۽ نہ مزدور ۽ ڪارڪن سنڌي رکيا ويا.

www.sindhsalamat.com

11. پهرين جولاءِ 1950ع کان 30 سيپٽمبر 1950ع تائين ڏيڍ ڪروڙ روپين جي موڙيءَ سان ڇهن ڪارخانن کولڻ جي اجازت ڏني ويئي. انهن ۾ هڪ به سنڌي نظام هيٺ نه هو نه سنڌي ڪارڪن ۽ نه سنڌي مزدور هئا.
12. 30 سيپٽمبر 1950ع کان 31 ڊسمبر 1950ع تائين ٽن ڪروڙن روپين جي موڙيءَ سان 9 ڪارخانن کولڻ جي اجازت ڏني ويئي. انهن مان هڪ به نه سنڌي نظام هيٺ هو نه سنڌي ڪارڪن منجهن رکيا ويا.
13. پهرين اپريل 1951ع کان 30 جون 1951ع تائين 3 ڪروڙ روپين جي موڙيءَ سان 13 ڪارخانن جي اجازت ڏني ويئي. انهن مان هڪ به سنڌي نظام هيٺ نه هو نه مزدور ۽ ڪارڪن سنڌي رکيا ويا.
14. پهرين جولاءِ کان 30 سيپٽمبر 1951 تائين 13 ڪارخانن کولڻ جي اجازت ڏني ويئي، ٽن ڪروڙ روپين جي موڙيءَ اسن. انهن ۾ هڪ به سنڌي نه هو نه مزدور سنڌي رکيا ويا.
15. پهرين آڪٽوبر 1951ع کان 31 ڊسمبر 1951ع تائين ٻن ڪروڙ روپين جي موڙيءَ سان 13 ڪارخانن کولڻ جي اجازت ڏني ويئي. انهن ۾ هڪ به سنڌي نه هو نه مزدور سنڌي رکيا ويا.
16. 1_1_1952ع کان 31 مارچ 1952ع تائين 29 فئڪٽريز جي 4 ڪوڙ روپين جي موڙيءَ سان اجازت ڏني ويئي، انهن ۾ هڪ به سنڌي نه هو نه انهن ۾ مزدور سنڌي رکيا ويا.
17. 1_4_1952ع کان 30_6_1952ع تائين 16 فئڪٽرين وجهڻ جي اجازت ڏني ويئي، 3 ڪروڙ موڙيءَ سان. انهن ۾ هڪ به سنڌي نه هو نه مزدور سنڌي رکيا ويا.
18. پهرين جولاءِ 1952ع کان 30_9_1952ع تائين 17 فئڪٽرين جي اجازت ڏني ويئي، جن جي موڙي 4 ڪروڙ هئي، انهن ۾ هڪ به سنڌي ڪونه هو نه مزدور سنڌي رکيا ويا.
19. پهرين آڪٽوبر 1952ع کان 31 ڊسمبر 1952ع تائين 10 فئڪٽرين جي اجازت ڏني ويئي، جن جي موڙي 4 ڪروڙ هئي، انهن ۾ هڪ به سنڌي نه هو نه سنڌي مزدور رکيا ويا.
20. پهرين جنوري 1953ع کان 30_3_1953ع تائين 9 فئڪٽريز جي اجازت ڏني ويئي. 5 ڪروڙ روپين جي موڙيءَ سان. جن ۾ هڪ به سنڌي نه هو ۽ نه مزدور

www.sindhsalamat.com

سنڌي رکيا ويا.

21. 1_4_1953ع کان 30_6_1953ع تائين 14 فئڪٽريز جي اجازت ڏني ويئي. 5 ڪروڙ روپين جي موڙيءَ سان. ان ۾ هڪ به سنڌي نه هو ۽ نه مزدور سنڌي رکيا ويا.

22. 1_7_1953ع کان 30_9_1953ع تائين 12 فئڪٽريز جي اجازت ڏني ويئي اڍائي ڪروڙ روپين جي موڙيءَ سان. ان ۾ هڪ به سنڌي نه هو ۽ نه سنڌي مزدور رکيا ويا.

23. 1_10_1953ع کان 31_12_1953ع تائين 18 فئڪٽريز جي اجازت ڏني ويئي. 12 ڪروڙ روپين جي موڙيءَ سان. ان ۾ سنڌي مالڪ ڪوبہ ڪونہ هو. سنڌي مزدور نالي خاطر هئا.

ان وقت تائين ٽوٽل 413 فئڪٽريز جي اجازت ڏنل هئي. ان کان پوءِ اٽڪل 200 وڏيڪ فئڪٽريز کليون. پر ون يونٽ ٽيڻ ڪري ان جا جدا تفصيل ڏئي نٿا سگهجن.

ان سڀ جو نتيجو اهو ٿيو آهي. جو ڪارخانا تہ سنڌ ۾ کليا. پر سنڌ جي اصل رهاڪن کي فائدو ڪونہ پهتو. ان ۾ اسان خوش ٿيون ها. جيڪڏهن انهن ڪارخانن جا مالڪ پاڻ کي سنڌي سمجهي. ملڪ ۽ قوم جي ڀلي لاءِ ڪوشش ڪن ها. ليڪن انهن جي مالڪن کان هيٺيان ڪم سرزد ٿيا آهن. جي معاف ڪرڻ جي لائق ٿي نہ ٿا سگهن.

1. هنن پيسا ڏيئي اخبارون ڪڍيون. جن مسلمانن جي جداگانہ قوم جي نالي ۾ سنڌي قوم جي وجود کان انڪار ڪري. قومپرست سنڌين خلاف دشمنيءَ جي روش اختيار ڪئي.

2. هنن جماعت اسلامي جهڙيءَ مهاجر ـ پنجابي سامراج جي ايجنٽ جماعت جي راڄن پٽاندر قومپرستن تي خلاف نفرت ڦهلائي غضب ۽ استحصال جي پاليسي کي هٿي ڏيارڻ شروع ڪئي ۽ ان لاءِ ڪين پيسي جي مدد ڏني.

3. سنڌ ۾ رهڻ وارن مان. جن گهٽن جي اصل سنڌي زبان هئي. گهرن ۾ ڪجهہ سنڌي ڳالهائين ٿا. انهن ۾ ٻارن کي اردو پڙهائي ويئي ۽ ايئن اردوءَ کي قومي زبان بنائڻ جي فريب کي عمل ۾ آندو ويو ٿو.

4. ٻاهريان مزدور نوڪرين ۾ رکي. غير سنڌين جو تعداد وڌائي. اهڙو ماحول بنائڻ جو آغاز ڪيو اٿن. جيئن اصل سنڌي اقليت ۾ ٿي. زبان ۽ ڪلچر

www.sindhsalamat.com

ويئل هو جو سنڌ رهبر راهه ٻنجي وري سنڌ نشاط ثانيه جو ڪارڻ بڻيو ٿي.

ڪجهه وقت اڳ انگريزي حڪومت پنهنجي سامراجي مفاد ۽ انتظامي سهوليتن خاطر سنڌ کي بمبئيءَ ڪاٽي جي ڪمشنري بنائي ان جي جدا گانه حيثيت ختم ڪري ڇڏي هئي، پر سگهوٽي سنڌين کي پنهنجي اِن حالت جو احساس ٿيو ۽ سنڌ رهبر ـ سيٺ هرچند راءِ، غلام محمد خان ڀرگڙي، جمشيد مهيتا، حاجي عبدالله هارون، جيٺمل پرسرام، عبدالمجيد، محمد ايوب کهڙي، علي محمد راشدي مون ۽ ٻين گڏجي هلچل هليئي، ان کي جدا ملڪ جي حيثيت ڏياري ان وقت سنڌ جي بمبئيءَ کان آزاديءَ لاءِ جي دليل ڏنا ويا هئا، تن ۾ سنڌ جي جدا ملڪ ۽ قوم جو ذڪر ڪيل هو.

نيٺ انگريزن وڃڻ کان اڳ سنڌ کي جدا صوبو بنائي ملڪ جي ورهاڱي بعد، ٻن قومن جي خود ساخته نظريي هيٺ نئين نالي واري ملڪ پاڪستان جو پاڙو بنائي ڇڏيو. انهيءَ نئين ناهيل ملڪ ۾ بنگال ۽ سنڌ نه رڳو جدا ملڪ رهيا هئا، پر انگريزن انهن کي آزاد ملڪن جي حيثيت ۾ فتح ڪري تسلط هيٺ آندو هو.

اهو احساس هتي جي باشعور ماڻهن ۾ مضمر هو. ان کي ختم ڪري نئين نالي واري ملڪ ۾ ضم ڪرڻ لاءِ آهل پنجاب ۽ مهاجرن جي مستقل مفاد انهن کي پنهنجي سامراج ۾ سمائڻ لاءِ ڪي نوان نظريا ۽ طريقه ڪار ڪتب آندا، جن مان مکيه هيٺيان هئا:

1. هتي جي قديم قومن جي ملڪي ۽ قومي وجود کي ختم ڪري هڪ نئين خود ساخته مسلم قوم جي نالي هيٺ پاڪستان يڪجهتيءَ جي ڪوشش ڪئي وئي.
2. مقامي قومن جي زبانن کي ريٽي نئين اُردو زبان کي قومي زبان بنائي، ماڻهن کي هڪ قالب ۾ سمائڻ جو منصوبو رٿيو ويو.
3. مرڪزي حڪومت کي مضبوط بنائي ملڪ جي سمورن اقتصادي وسيلن کي طاقت جي آڌار تي مهاجر ـ پنجابي مستقل مفاد جي نفعي لاءِ ڪتب آڻڻ شروع ڪيو ويو.
4. اسلام جي خود ساخته تشريع جي نالي ۾ مڪاني قومن جي جدا وجود کان انڪار ڪري سنڌين جي قومپرستيءَ جي جذبي جي رد ۾ جواز قائم ڪيو ويو.
5. مڪاني قومن ۾ انتشار پيدا ڪرڻ لاءِ طبقاتي اختلاف وڌائي، سنڌن اتحاد کي ختم ڪرڻ لاءِ سوشلزم نالي ۾ پرچار ڪيو ويو.

www.sindhsalamat.com

6. سنڌي قومپرستن کي پاڪستاني سامراج هيٺ جمهوريت نالي ۾ برغلائڻ شروع ڪيو ويو.
7. اڪثريت ۽ ملٽريءَ جي آڌار تي مختلف قومن ۾ خاص ڪري سنڌ کي تسلط هيٺ رکيو ويو.
8. ملڪ ۾ آمدانہ نظام هيٺ مارشل لا لڳائي، زوريءَ اتحاد ۽ يڪجهتي جي ڪوشش ڪئي وئي.

انهن مسئلن کي پوريءَ طرح سمجهائڻ لاءِ مون ڪي ڪتاب لکي سنڌي ماڻهن کي واقف ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جن مان هيٺيان خاص ذڪري لائق آهن:

1. نئين سنڌ لاءِ جدوجهد.
2. موجود سياسي مسئلا.
3. سنڌ جي بمبئي کان آزادي
4. خطبات سيد.
5. سنڌو ديش ڇو ۽ ڇا لاءِ؟ (سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾)
6. پاڪستان جو ماضي، حال ۽ مستقبل.
7. مسلم سربراهہ ڪانفرنس جو تجزيو.
8. جيئن ڏٺو آهہ مون.
9. سنڌ جي ڪهاڻي سيد جي زباني.
10. پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي زباني.
11. سنڌي ڪلچر.
12. سنڌوءَ جي ساڃاهہ.

هيءَ پويون ڪتاب آهي، جنهن ۾ مٿي ذڪر ڪيل جملي ڪتابن جو اخذ ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان.

## 1. نظريو پاڪستان غلط ۽ ڌوڪو آهي:

ان مسئلي تي وڌيڪ روشني وجهڻ جي ضرورت نہ آهي. جو مون اڳي ئي مختلف ڪتابن ۾ هن ڪتاب جي پهرئين ۽ ٻئي فصل ۾ ان تي واضع طور سمجهائي ڏني آهي ۽ ڄاڻايو آهي تہ پاڪستان جا رهاڪو نہ تاريخي نقطي نگاهہ کان هڪ قوم ٿي هڪ ملڪ ۾ رهيا هئا، نہ انهن جي زبان ساڳي هئي. هنن جو

www.sindhsalamat.com

ڪلچر بہ ساڳيو نہ هو ۽ انهن جي مذهبي تخيل ۾ بہ تفاوت هو. نہ هنن جا اقتصادي ۽ سياسي مقاصد ساڳيا هئا، نہ سندن تاريخي روايات ساڳيون هيون. تنهنڪري اهي ملڪ ۽ انهن جا رهاڪو هڪ قوم سڏجڻ جا حقدار نہ آهن.

## 2. اردو زبان کي قومي زبان ڪرڻ جو ڪوبہ حق نہ آهي:

هر هڪ قوم جو وجود سندن جداگانہ وطن جي بنياد تي قائم رهي ٿو. جنهن ۾ هزارين ورهيہ باهمي گڏ رهي هو هڪ گڏيل زبان اختيار ڪندا آهن. سنڌي زبان اهڙي حيثيت قائم ڪري ويئي آهي. جنهن جو مفصل ذڪر ٽئين فصل ۾ ڏنو ويو آهي، تنهن کي هتي دهرائڻ جي ضرورت نہ ٿو ڄاڻان. ان جي مقابلي ۾ سنڌين تي جا۔ قومي زبان اردو مسلط ڪئي ويئي آهي، سا جهوني زبان نہ آهي. ان جي عمر ٽي سئو ورهيہ مس ٿيندي. ٻئي طرف سنڌي زبان کي ڇئن هزارن ورهين جي تاريخ آهي. اردو زبان، پاڪستان ۾ شامل ڪنهن بہ ملڪ جي مادري زبان نہ آهي، نہ ان زبان کي ڪو وطن آهي. ملڪ کان سواءِ زبان جو وجود ئي تسليم ڪري ڪونہ سگهبو. اردو زبان جو مذهب اسلام سان واسطو نہ آهي، جنهن جو سارو مواد عربي زبان ۾ لکيل آهي، جا عبراني زبان سان مشابهت رکي ٿي. هي اردو زبان، مغلن جي لشڪر جي گڏيل زبان هئي، جنهن ڪري مٿس اردو يعني لشڪري زبان جو نالو پيو. ان کي قومي زبان قبول ڪرڻ، مهاجرن ۽ پنجابين جي سامراج قبولڻ جي برابر ٿيندو. اهل پنجاب جيڪڏهن پنهنجي اصلي زبان پنجابيءَ کي وساري بلا شاهہ وارث شاهہ گرونانڪ، خواجہ فريد ۽ شاهہ باهوءَ جي تعليم کي ڦٽو ڪري، اقتدار جي حوص ۾ پنهنجي بيچارگي ڏيکاري، ان کي قبول ڪندا تہ حقيقتون بدلجي نہ سگهنديون. علامہ اقبال جي حيثيت مٿي ذڪر ڪيل بزرگن جي تعليم ۽ تربيت کان مٿي ٿي نہ ٿي سگهي. خود علامہ اقبال بہ پنهنجي غلطي محسوس ڪري، آخر ۾ پنهنجي شعر جو گهڻو حصو اردوءَ بدران پارسيءَ ۾ ڇپيو هو.

ٻئي طرف جيڪڏهن پٺاڻ بہ پنهنجي اصليت کي وساري خوشحال خان خٽڪ جي ساري افغان قومپرستيءَ جي محنت کي رائگان ڪرڻ لاءِ، صرف پاڪستان مان گذرمعاش ڪمائڻ ۽ سندن خود مطلب ليڊرن جي اقتدار خاطر پنهنجي پختون زبان کي ڦٽو ڪرڻ لاءِ تيار آهن تہ سندن مرضي.

بلوچن جي ناگفتہ بہ (نہ بيان ڪرڻ جهڙي آهي.) سندن ملڪ ڇئن زبانن ۾

www.sindhsalamat.com

ورهايل آهي. هڪ حصو پشتو ڳالهائيندڙ آهي، ٻيو حصو بروهي زبان ڳالهائي ٿو ٽيون حصو سنڌي ڳالهائي ٿو ۽ چوٿون حصو بلوچي ڳالهائيندڙ آهي. بلوچستان جي آبادي 30 لک آهي. جنهن مان بلوچي صرف 12 لک ماڻهو ڳالهائين ٿا. سي ڪهڙي آڌار تي اردوءَ کي قبولڻ لاءِ تيار آهن. سو سنڌن مسئلو آهي.

پر سنڌين ڪهڙو ڏوهه ڪيو جن کي هزارين ورهين جي ترقي يافته زبان کي خيرباد ڪرڻ لاءِ چيو وڃي ٿو.

سنڌ ۾ پنجاب کان آيل پنجابي، گجرات کان آيل گجراتي ۽ مارواڙ کان آيل مارواڙي گهرن ۾ سنڌن مادري زبانون ڳالهائين ٿا. پر ٻاهر سنڌي زبان کي پنهنجو ڪري ان ۾ گفتگو ڪونه ٿا ڪن.

جيڪڏهن زبان جي ماهرن جي ڪميشن ويهاري وڃي، ته اهي سنڌيءَ کي اردوءَ کان وڌيڪ شاهوڪار ٻولي شمار ڪندا.

سنڌي ڪهڙي بنياد تي ٻي وطن ۾ سنڌن زبان کان گهٽ الفاظ جو ذخيرو رکندڙ اردو زبان کي سنڌن زبان تي ترجيح ڏيندا.

قوم ملڪ کان سواءِ نهي نه ٿي سگهي ۽ زبان ڪنهن قوم کان سواءِ ڪا حيثيت نه ٿي رکي. اردو زبان کي قومي زبان بنائڻ تي جناح صاحب کان بيان ڏياري، اهل بنگال کي اشتعال ڏيئي، نيٺ ڪين وفاق کان ٻاهر وڃڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو. سنڌ ۾ پير الاهي بخش کي حرصائي اردوءَ کي زوريءَ مسلط ڪرايو ويو جو تجربو ناڪامياب ٿي چڪو آهي. هاڻ ان ڳالهه تي اصرار ڪرڻ سنڌين کي بنگالين وانگر جدا ٿيڻ لاءِ مجبور ڪرڻو آهي.

## 3. مرڪز کي زور وٺائي سنڌ کي پاڪستان ۾ مدغم ڪرڻ جي ڪوشش:

مهاجر ۽ اهل پنجاب جي سامراجي ذهنيت رکندڙ مستقل مفاد جي آله ڪار ٿي، مسٽر جناح تاريخ جي سبق کي وساري اشوڪ، چندر گپتا، اڪبر اعظم، اورنگزيب ۽ انگريزي حڪومت جي هندستان کي متحد رکڻ وارين ڪوشش جي باوجود ملڪ کي ورهائي، جو برو ڪم ڪيو ان جي نتيجي ۾ بنگال علحده ٿي ويو. سنڌين کي مجبور ڪري ٻاهر نڪرڻ لاءِ آماده ڪيو وڃي ٿو.

ان کان پوءِ لياقت علي خان پارٽ کان اڪيچار مسلمان گهرائي، سنڌ کي ڪالونائيز ڪرڻ جو ڪم ڪيو. سنڌين جي زبان تي اردوءَ کي ترجيح ڏيارڻ، سنڌ جي ڪارخانن، واپار مکيه نوڪرين، ٻئنڪن ۽ زرعي زمين تي ڌارين کي

www.sindhsalamat.com

مسلط ڪرڻ جو احوال تفصيلوار اڳي ڏيئي آيو آهيان. اهو (لياقت علي خان) اهل پنجاب هٿان مارجي ويو.

ان کان پوءِ پٽي صاحب کي ڪاٽ ڪلهي تي رکائي، پنجابي- مهاجر سامراج جي پاڙن پختين ڪرن جو لڳاتار پنج سال هن کان ڪم ورتو ويو ۽ هاڻي مارشل لا هيٺ، جماعت اسلاميءَ جون ڪوششون جاري آهن ته ڪيئن سنڌ کي ختم ڪري پنجابي سامراج ۾ ضم ڪيو وڃي. پر اها اهڙي حماقت آهي، جهڙيءَ طرح عربن خلافت جي نالي ۾ جملي فتح ڪيل مسلمان ملڪن کي متحده ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، پر تاريخ ثابت ڪيو ته مسلمانن جي اڪثريت ان کي قبول نه ڪيو ۽ هن وقت مرڳو خلافت جو وجود ئي ختم ٿي ويو آهي.

اهل راءِ هاڻ سمجهڻ لڳا آهن ته اهل سنت ۽ اهل تشيعت جو مذهبي اصولن سان واسطو نه هو. اهي ٻئي فرقا سياسي پارٽيون هيون. اهل سنت وارا عرب سامراج جا خلافت جي نالي ۾ حامي هئا ۽ اهل تشيعت وارا، قومپرست هئڻ ڪري خلافت جا مخالف هئا.

رئيس غلام مصطفيٰ خان پرڳڙي اصل کان چوندو آيو آهي ته "پاڪستاني حڪومت جي واڳ هڪ کان پوءِ وڏيڪ ظالم ۽ ڏوڪيباز ليڊرن جي هٿ اچڻ واري هئي". ۽ پٽو ان صف ۾ سڀ کان وڌ شاطر ۽ پلٽيباز ليڊر هٿ چڙهيو هون ۽ ان جي پاڙ به پنهنجن هٿن سان پاڻ پٽي ڇڏيائون.

هاڻ جو مودودي صاحب جي اثر هيٺ فوجي ٽولي اسلامي حڪومت قائم ڪرڻ جي نالي ۾ سنڌ ملڪ، سنڌي قوم ۽ سنڌي مفاد کي نقصان پهچائڻ جي سازش سٽي آهي، اها انشاالله پاڪستان سان گڏ سامراجي اسلام جي تشريع جي به پاڙ به پٽي ڇڏيندي.

مولوي مودوديءَ جا ڪتاب مون پڙهيا آهن. هو اسلامي فقه جو موجوده دور ۾ وڏو ڄاڻو آهي، ليڪن هن کان مذهب جي خلاف جيڪا بنيادي غلطي سرزد ٿي رهي آهي، سا ايڏي ته وڏي آهي، جو جيڪڏهن ان کي درست نه ڪيو ويو ته مذهب جي هن ملڪ مان به اهڙيءَ طرح پاڙ پٽجي ويندي، جهڙيءَ طرح روس مان پٽجي وئي آهي. اها غلطي، هن جي تاريخ مذاهب عالم کان اڻڄاڻائي آهي. هيءُ مذهب کي سياست سان گڏي هلائڻ گهري ٿو. ان مان سندس مقصد صاف پيو ڏسڻ ۾ اچي ته هو مهاجر-پنجابي مستقل مفاد جي مدد ۾ هنن جي پيسي سان

www.sindhsalamat.com

ملڪ جي هر حصي ۾ تنخواه دار ڪارڪن رکي، انهن جي وسيلي، مسلم قوم ۽ پاڪستان کي مذهب اسلام جي نالي ۾ نئين تشريع ڏيئي-سنڌ جي آزادي، ڪلچر، اقتصادي ۽ سياسي مفاد ۽ سنڌ جي تصوفي روايات جي خلاف تحريڪ هلائي، سنڌ جي رهاڪن، سنڌي قوم ۽ سنڌ ملڪ کي نقصان پهچائڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهيو آهي. هن کي معلوم هئڻ گهرجي تہ خدا طرفان چيل آهي تہ زماني (فطرت) کي برو نہ چئو، چاڪاڻ تہ اهو منهنجو ڪرشمو آهي. تاريخ مذاهب جي ڪارڪردگيءَ مان حاصل ڪيل سبق نطرت جا قانون آهن. ڪيس معلوم هئڻ گهرجي تہ جڏهن بہ مذهب کي سياست سان گڏجي هلائڻ جي ڪوشش ٿي آهي، تہ بقول مولانا ابوالڪلام آزاد جي، سپهہ سالار جي تلوار ۽ ملا جي فتوي، سياسي مقصد جي حصول لاءِ ڪتب پئي آيون آهن. مذهب کي سياسي حاڪم هميشہ پنهنجي مقصد لاءِ پنهجو اوزار ڪري پئي ڪتب آندو آهي. اُن مان جيتوڻيڪ عارضي طرح ڪٿي ڪاميابي حاصل ٿي هجي، پر مذهب جي بنيادي اصولن جهڙوڪ، محبت، رواداري، اهنسا، بقاءِ باهمي ۽ امن جي حصول کي هميشہ ڪاپاري ڌڪ پئي لڳو آهي.

ٻڌ ڌرم جو پنهنجي وقت ۾ بهترين اصولن جو حامل هو تنهن جي وڌائڻ ۽ پکيڙڻ جي سمرات اشوڪا کي اچي شوق پيدا ٿيو. اشوڪا جهڙو شريف النفس شهنشاهہ هندستان ۾ ڪو ڇتو پيدا ٿيو هوندو. سندن ڌرم جي عام ڪرڻ لاءِ ڪوشش لائق تحسين هئي-سندس ڪوشش سان ٻڌ ڌرم هندستان ۾ جاءِ بجاءِ پکڙجي ويو. حڪومت ذريعي ان کي پکيڙڻ جو نتيجو اهو نڪتو تہ ٿوري وقت اندر ٻڌ ڌرم جي هندستان مان پاڙ پٽجي ويئي. ان کان پوءِ هندو ڌرم کي زور وٺائڻ جو اچي سمرات وڪراماجيت کي شوق جاڳيو. جنهن بہ حڪومت جي اثر ڪري، هندو ڌرم کي تقويت وٺائي. ليڪن نتيجو اهو نڪتو تہ ويدانت جهڙو عالمگير مذهب ذات پات جي گورک ڌنڌي ۾ ڦاسي برهمنزم جي مستقل مفاد جو هٿيو بنجي پيو جنهن ڪري هندو مت ۾ ڪيئي متڀيد پيدا ٿي پيا ۽ هندو ڌرم جي اعليٰ مقاصد کي جو نقصان پهتو ان جو اجا تائين سد باب ٿي نہ سگهيو آهي.

حضرت موسيٰ جو مثال وٺو. هن مذهب ۽ سياست کي گڏي هلائڻ جي پنهنجي پوئلڳن کي تعليم ڏني. سندن پوئلڳن (يهودين) حڪومت جي طاقت جي آڌار تي مذهب جي توسيع ۽ تبليغ ڪرڻ گهري. نتيجو اُهو نڪتو تہ پهرين بابل وارن سندن ملڪ تي حملو ڪري ڪين قيد ڪري وٺي پاڻ وٽ غلام بنائي

www.sindhsalamat.com

رکيو. جنهن مان ڪين ايران جي شهنشاهه آزادي ڏياري پر هنن وري به تاريخ کان سبق نه سکيو. جنهن ڪري ڪين سڪندر اعظم جي حملي وقت مصيبت ۾ مبتلا ٿيڻو پيو. بعد ۾ رومن ايمپائر جي دور ۾ ڪين مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پيو ۽ گهڻن کي ملڪ ڇڏي دربدر ٿي رهڻ لاءِ مجبور ٿيڻو پيو. هنن پڻ هزارن سالن کان به وڌيڪ عرصو مصيبتن ۾ ڪاٽيو-جڏهن هنن سياست کان علحده ٿي، تجارت، هنر ۽ علم طرف توجهه ڏنو ته هو اهڙي درجي تي پهتا آهن. جو يورپي ڪرسچن قومون جن جو يهودين جي حضرت عيسيٰ کي صليب تي چاڙهائڻ جي ڪارنامي ڪري، ساڻن وير هو تنهن کي وساري هنن کين زوريءَ فلسطين تي عرب دنيا جي راءِ خلاف مسلط ڪرڻ ۾ مدد ڏني آهي.

منجهن اڃا به ڪي آهن جي مذهب جي بنياد تي زيالزم (صيهونيت) جي توسيع ۽ پرچار لاءِ حڪومت جي ذريعي حضرت دائود ۽ حضرت سليمان جي شهنشاهي اوج جي دور جا خواب ڏسي رهيا آهن. پر تاريخ فطرت، ڪنهن تي رحم ڪرڻ واري نه آهي. جيڪڏهن هنن مذهب ۽ سياست کي گڏي هلائڻ جي پاليسي کي ترڪ نه ڪيو ته حشر نهايت بڇڙو ٿيندو.

زردتشين به فقهي تعليم جي پوئلڳيءَ ۾ سندن مذهبي مصلحين کي قتل ڪرايو. مزدڪ، مترا ۽ مانيءَ جي مذهب کي بدليل زماني جي حالتن پٽاندر سڌاري، انساني فلاح ۽ بهبود لاءِ ڪتب آڻڻ جا طرفدار هئا. نتيجو اهو نڪتو ته هن وقت ان عالمگير مذهب جا نالي خاطر وڃي پوئلڳ رهيا آهن.

حضرت عيسيٰ يهودين جو مسيح موعود هو. هن ڪين دنياوي حڪومت کان ڪناره ڪش ٿي اخلاقي درستيءَ ۽ تزڪيه نفس لاءِ اهنسا جي تعليم ڏني. پر يهودين دين تي دنيا کي ترجيح ڏئي کيس چيو ته "جي تون مسيح آهين ته معجزي جي زور تي اسان کي حڪومت وٺي ڏي" حضرت عيسيٰ کين چيو ته دنياوي حڪومت اڳ ڪين حڪومت الاهي (اخلاقي درستي) حاصل ڪرڻي هئي. هنن ترت نفعي خاطر، هن کي صليب تي چاڙهائي ڇڏيو.

حضرت عيسيٰ جي پوئلڳن صدين تائين پنهنجي پيغمبر جي اهنسا ۽ محبت واري تعليم تي عمل ڪيو. نتيجو اهو نڪتو آهي ته هن وقت دنيا ۾ گهٽي ۾ گهٽا پوئلڳ، طاقتور ۽ حڪومتن جا مالڪ سندن پوئلڳ آهن.

مسلمانن ۾ حضرت عمر، قرآن ۽ رسول جي رحمت اللعالمين واريءَ مشن جي خلاف عرب سامراج قائم ڪرڻ لاءِ مذهب ۽ سياست کي گڏي هلائڻ جي

www.sindhsalamat.com

بدعت ايجاد ڪئي. اسلام پکيڙڻ لاءِ جهاد جي نالي ۾ زور زبردستيءَ سان ڌارين ملڪن کي فتح ڪري، انهن مان حاصل ڪيل املاڪ کي عربن جي گذران لاءِ ڪتب آندو. مفتوح ملڪن جي ماڻهن جي آزادي ختم ڪري، انهن کي غلام ۽ لونڊيون بنايو. انهن ملڪن مان ڦر ڪيل مال کي مال غنيمت سڏي، پنهنجي ماڻهن ۾ تقسيم ڪيو. شريعت اسلامي جي نالي ۾ عرب جي قديم دستورن کي اسلام سڏي، عربي ۽ عجمي جا فرق پيدا ڪيا. رسول مقبول جي رحمت اللعالمين واري مشن کي، جنهن مطابق جملي مذهبن پويان بنيادي وحدت ڏسڻي هئي، ترڪ ڪري عرب کي متحد رکي عرب سامراج کي اسلام جو مقصد قرار ڏنو. نتيجو اهو نڪتو ته اسلام جو اصل مقصدن دنيا ۾ محبت ذريعي اتحاد ۽ امن پيدا ڪري انسان ذات جي فلاح ۽ بهبود آڻڻ وساري، عرب سامراج قائم رکڻ لاءِ عرب فتوحات تي، ظاهري فقهي مذهب پکڙيو. پر اڳتي هلي مسلمانن ۾ ساڍن ٽن سون کان به مٿي فرقا پيدا ٿي پيا. محبت جي عيوض نفرت ۽ نفاق پکڙيو. نيٺ ترڪن خلافت کي سندن ۽ مسلمان دنيا ۾ اسلام لاءِ نقصانڪار ڄاڻي ختم ڪري ڇڏيو.

مولوي مودوديءَ کي معلوم هئڻ گهرجي ته اقبال ۽ جناح واري ساڳي پاليسي اختيار ڪري، مهاجر-پنجابي سامراج قائم ڪرڻ لاءِ هندستان جي مذهب جي بنياد تي ورهاست ڪرائي. هو لکن ماڻهن جي قتل ڪرائڻ ۽ ڪروڙن جي ملڪيت ڇڏي دربدر ٿيڻ جا ڪارڻ بنيا. پوءِ پنجابي-مهاجر سامراج پنهنجي اقتدار کي قائم رکڻ لاءِ، سندس اسلامي جماعت جي هٿان الشمس ۽ البدر جي جماعت ذريعي بنگال ۾ قتل عام ڪرائڻ جو بندوبست ڪيو. ۽ هاڻ هتي سنڌ ۾ سندس پوئلڳن کان سنڌ جي غاصب ۽ عرب سامراج جي علمبردار محمد بن قاسم جي نالي ۾ سوسائٽي قائم ڪرائي. ۽ ساڳيا پروپيگنڊائي اشتعالي ذريعا استعمال ڪرائي، نئون فتنو برپا ڪاڌرايو آهي.

تون اُهو ماڻهن آهين، جنهن چيو هو ته "جيئي سنڌ معنيٰ مري پاڪستان." ان مان تنهنجو مقصد ۽ مراد پڌرا ٿي پيا ته پاڪستان، جو مهاجر-پنجابي سامراج جي قيام لاءِ برپا ڪرايل هو ان کي قائم رکي سنڌ جي جياپي ۽ آزاديءَ کي ختم ڪرائين. تنهنجو علم ۽ ڪردار محبت انساني يا مسلماني جو عيوض، نفرت ۽ نفاق پيدا ڪري، ملڪ ۾ شيطاني پاليسي قائم رکڻ جو مرتڪب بنيو آهي.

www.sindhsalamat.com

اوهان کي معلوم آهي تہ جڏهن روس جي شهنشاهہ زار، راس پوتين جي ذريعي مذهب جي نالي ۾ روسي شهنشاهيت ۽ اُتي جي مستقل مفاد جي فائدن لاءِ ڪم ڪيو تہ روسي عوام، مورڳو مذهب کان بيزار ٿي، دهريت جو پوئلڳ ٿيڻ پسند ڪيو.

اوهان کي ياد ڏيارجي ٿو تہ سنڌين کي تو واري اسلامي تشريع مان ساڃي بوءِ اچي ٿي ۽ هو اهڙا بيزار ٿيا آهن. جو جيڪڏهن شاهہ لطيف، سچل ۽ سامي واريءَ مذهبي تشريع مان واقف نہ هجن ها، تہ تو واري مذهبي تشريح کان دهريت کي وڌيڪ پسند ڪن ها ۽ تو واري ڪارناما، جي باعث هيءَ مسلمان ملڪ بہ دهريو بنجي پوي ها.

هاڻ ملٽري ڪارندا تنهنجا صلاحڪار ٿي، جي ڪم ڪرائي رهيا آهن، ان جو نتيجو اهو نڪرندو تہ نوجوان ردعمل ۾ اچي دهريت طرف وڌندا، ۽ اسان محبت ۽ امن جي حامي ڪارڪن جو کين روڪڻ ناممڪن ٿي پوندو. ممڪن آهي جوش ۾ اچي هو چوڻ لڳن تہ لعنت پوي مودوديءَ واري ديني تشريح ۽ ان جي پوئلڳن تي. اسان پنجابي-مستقل مفاد جي سامراجي هيٺ پاڪستان ۾ غلام ٿي رهڻ جو بنسبت، آزاد سنڌ ۾ دهريا ٿي رهڻ زياده پسند ڪنداسون.

## 4. جمهوريت جو ڍوڱ

اڄڪلهہ جمهوريت کي مقبول عام اصول قبول ڪيو وڃي ٿو. ان جي معنيٰ اها سمجهي وڃي ٿي تہ (1) ملڪ جا سڀ رهاڪو برابر حق رکن ٿا، (2) ان ڪري ڪاروبار حڪومت سيني جي رضامنديءَ سان هلائڻ گهرجي. (3) ملڪ ۾ مذهب ۽ ضمير مطابق راءِ قائم ڪرڻ جي آزادي ميسر ڪري ڏني وڃي، تہ جيئن ڪو بہ ماڻهو پنهنجي مرضيءَ مطابق ان کي قائم ڪري يا تبديل ڪري سگهي. رواداريءَ جي اصول ۾ اعتقاد رکيو وڃي. هر ماڻهوءَ کي پنهنجي راءِ ڏيڻ لاءِ تحرير، تقرار ۽ جماعت سازيءَ جي آزادي هجي. ان موجب نہ صرف اختلاف راءِ کي برداشت ڪيو ويندو پر ان جو، هئڻ کي صحيح جمهوريت قائم ٿيڻ لاءِ لازمي جزو قرار ڏنو ويندو.

حڪومت هلائڻ لاءِ عام راءِ کي مختلف اصولن، راين ۽ نظرين جي بنياد تي منظم ڪري، جماعتون بنايون وينديون. انهيءَ مطابق ماڻهن کي همراءِ بنائي، نمائندا چونڊائي ان جي اڪثريت کي اقتدار جي واڳ هٿ ۾ ڏني ويندي پر ان

www.sindhsalamat.com

سان مخالفت رڪندڙ ڪي بہ اسيمبلين اندر يا ٻاهر پنهنجي نقط نگاهہ پيش ڪرڻ جو پورو حق ڏنو ويندو نہ صرف ايترو پر اخبارن، تقريرن ۽ تحريرن ذريعي عام راءِ کي بدلائڻ لاءِ پنهنجي نقط نگاهہ کان واقف ڪرڻ. حڪومت وقت جي خامين جي اُپٽار ڪرڻ ـ ذريعي عام راءِ کي نين چونڊن تائين بدلائي، پنهنجي راءِ جو بنائي، ووٽ ذريعي حڪومت کي بدلائي، نين حڪومت ٺاهڻ جو حق رهي ٿو.

اصل ۾ جمهوريت کي اَهل يونان رائج ڪيو جيتوڻيڪ انهن ۾ بہ پوريءَ طرح جمهوريت قائم نہ ٿي سگهي. جو اتي بہ ڪن ماڻهن کي ووٽ جو حق هوندو هو ۽ جن کي محڪوم يا نااهل سمجهيو ويندو هو انهن کي ووٽ ڏيڻ کان محروم رکيو ويندو هو. اتي شهري حڪومت جو دستور پيو جنهن ۾ مکيہ مسئلن کي نبيرڻ لاءِ عام راءِ ورتي ويندي هئي. لائق نمائندن کي چونڊيءِ انهن جي ذريعي ملڪ جا قاعدا قانون ٺاهي، چند ماڻهن کي حڪومت هلائڻ جو اختيار ڏنو ويندو هو.

صحيح جمهوريت ڇا کي چئي سگهبو ان بابت بہ اتي مختلف مفڪرن جدا رايا پيش ڪيا. ارسطوءَ هڪ قسم جو نظريو پيش ڪيو تہ افلاطون پيو نظريو ماڻهن اڳيان رکيو. جنهن مطابق عقل کي رهبر راهہ بنائي ملڪي ڪاروبار هلائڻ جو رواج پيو.

انهن کان پوءِ عالمن طرفان جمهوريت جا ڪيئي نظريا ايجاد ٿيا ۽ انهي مطابق تجربا ڪيا ويا. هڪڙن اليگارڪيءَ مطابق مستقل مفاد ۽ وڏن ماڻهن کي حڪومت هلائڻ لاءِ لائق سمجهيو تہ ٻين وري عوام کي ملڪي مسئلن حل ڪرڻ لاءِ اختيار ڏيڻ زياده پسند ڪيو. ڪن ماڻهن وري صالح ماڻهن کي حڪومت ڪرڻ جو اهل سمجهي ان لاءِ ڪي شرط بنايا، ۽ عوام جي نااهل ۽ رواجي ماڻهن کي حڪومت جي واڳ ڏيڻ نقصانڪار ٿي سمجهيو. ڪن ملڪيت وارن کي ووٽ ڏيڻ لاءِ معيار مقرر ڪيا. ڪن خانداني ۽ ڪٽنبي معيار کي ترجيح ڏني. ڪن ريپبلڪ (عوامي حڪومت) جو دستور رائج ڪيو.

مطلب تہ گذريل ٻن هزارن ورهين ۾ ان جا مختلف تجربا ٿيندا رهيا. ڪن بادشاهيون بنائي وزير (صلاحڪار) مقرر ڪري ڪم هلايو ۽ ٻين ڪمزور قومن کي زير تسلط آڻي سامراج قائم ڪري مخصوص قومي مفاد لاءِ ڪتب آندو پر هر ڪنهن پنهنجي حڪومتي ڪاروبار کي جمهوريت جي نالي هيٺ هلائڻ جي دعويٰ ڪئي.

www.sindhsalamat.com

اهل فرانس. بادشاهين کي بدلائي هڪ قسم جي جمهوريت واري حڪومت جو دستور مروج ڪيو. انگلينڊ جي رهاڪن پنهنجي سرشتي، جنهن کي پارليامينٽري دستور حڪومت سڏيائون ٿي، ڪاروبار هلائڻ شروع ڪيو. آمريڪا وارن صدارتي نظام حڪومت قائم ڪري، عام چونڊيل نمائندن جي عام مشوري مطابق حڪومت هلائڻ پسند ڪيو. روس وارن پوئين دور ۾ سياسي ۽ اقتصادي مسئلن کي گڏي هلائڻ کي ترجيح ڏني. جن جو چوڻ هو ته صحيح مساوات قائم ٿيڻ ضروري هئي. سندن چوڻ مطابق پيسي ۽ اقتدار وارا مستقل مفاد پنهنجي صحيح جمهوريت کي بيڪار بنائي ڇڏين ٿا.

مشرقي ملڪن ۾ اهڙي قسم جي حڪومت هلائڻ جو رواج ڪونه هو. اتي به ڪن جاين تي بادشاهتن هوندي به مڪاني ڪاروبار کي ڳوٺاڻين يا شهري پنچاتن ذريعي هلايو ويو ٿي. عالمگير مذهبن جي زور وٺڻ بعد ٿيوڪريسي يا مذهبي حڪومت هلائڻ جو دستور رائج ٿيو. ان مطابق مذهبي پيغمبرن جي اقوال ۽ سنت (عملي زندگي) جي پوئلڳيءَ ۾ ان جي شارحن دستور بنائي، حڪومت هلائڻ جو رواج وڌو.

هندستان ۾ ابتدائي دور ۾ حڪومت هلائڻ جا اختيار جنگجو گروهن جي هٿ ۾ هوندا هئا. جن کي ڪشتري سڏيو ويندو هو. پر قانون جي تشريح ڪرڻ ۾ حڪومت جي طريقيڪار مقرر ڪرڻ جي واڳ برهمڻ ڪلاس جي هٿ ۾ هوندي هئي. اهڙيءَ طرح ملڪ ڇهن جاتين ۾ ورهائجي ويو- ۽ هرهڪ جات جا فرائض مقرر ڪيا ويا. ايران ۾ شهنشاهه هوندا هئا. پر انهن جي اندروني ملڪي مسئلن هلائڻ لاءِ زردشتي معبد ۽ مذهبي مهندار کي گهڻو دسترس هوندو هو ۽ اختلاف راءِ برداشت نه ڪيو ويندو هو.

جڏهن عربن اسلام جي نالي ۾ سامراج قائم ڪيو ته انهن هڪ خليفو يا حاڪم مقرر ڪري، ان جي صلاح ۽ رهبريءَ هيٺ ڪي قانون مقرر ڪيا. جن کي شريعت جو نالو ڏنو ويو. اها شريعت ڪجهه بابل، ڪجهه سمير، ڪجهه مصر، ڪجهه موسوي ۽ ڪجهه عيسوي شريعت مطابق نهي. جنهن ۾ اهل عرب جي قديم دستورن کي به گهڻو دخل ڏنو ويو. ان کي الله، رسول ۽ قرآن جي حڪمن جي نالي، حڪومت هلائڻ جو دستور وڌو ويو. خليفو يا حاڪم مطلق العنان هوندو هو. پر اندروني معاملن بنسبت ڪاروبار هلائڻ لاءِ شريعت جي نالي ۾ ڪي نقه جا قاعدا قانون مقرر ڪري هرهڪ جي راءِ پٽاندر ڪم هلايو ٿي ويو.

www.sindhsalamat.com

اهڙيءَ طرح مذهب اسلام ۾ ڪيئي فرقا پيدا ٿي پيا- جن پنهنجن راين کي زوريءَ ٻين تي مسلط ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي- انهن ۾ مکيہ ٻہ فرقا پيدا ٿيا، جن جي پس منظر ۾ سياسي نظرين جا اختلاف ڪارڪن هئا. هڪڙا اَهل سنت سڏائڻ لڳا. جن عرب سامراج قائم ڪرڻ لاءِ خليفو مقرر ڪري ان جي ماتحت فقهي قانونن مطابق حڪومت هلائڻ جو دستور وڌو. پر وقت گذرڻ بعد، انهن ۾ مختلف فرقا (اسڪول آف ٿاٽ) پيدا ٿي پيا. جن مان ڪن پاڻ کي حنفي، ڪن مالڪي، ڪن شافعي ۽ ڪن حنبلي قرار ڏنو. انهن جون بہ ڪيئي شاخون پيدا ٿي پيون، جي: وهابي، اَهل سنت، اَهل حديث، اَهل قرآن، نوري، بشري وغيره نالن سان سڏيا ويا. اهي آهستي ٿي فسق ۽ فساد ۽ خونريزيءَ جو باعث بنيا- پر بنيادي طرح اهي سڀ عرب سامراج جا حامي هئا.

ٻئي فرقي پاڻ کي اَهل تشيعت جي نالي سان سڏائڻ شروع ڪيو- جي بنيادي طرح عرب سامراج جي خلاف، قوم پرستيءَ جي بنياد تي اهل ايران جي بغاوت ڪري پيدا ٿيا هئا. جن رسول ۽ ان جي اولاد جي نالي ۾ اهل عرب جي قائم ٿيل خلافتي سامراج جي خلاف قومپرستيءَ کي ترجيح ڏني. انهن ۾ بہ ڪيئي فرقا پيدا ٿي پيا. جن ۾ مکيہ بہ هئا: هڪڙن پاڻ کي اثنا عشري سڏائي، ٻارهن امامن جي پوئلڳي ۾ انهن جي حڪمن ۽ پيرويءَ مطابق شريعت جا قانون مرتب ڪري ڪم هلائڻ شروع ڪيو. ٻيا شش امامي يا اسماعيلي ٿيا. جن پنهنجي شريعتي قانونن کي ڇهن امامن جي احڪام ۽ پيرويءَ تائين محدود رکيو. اهڙيءَ طرح انهن ۾ بہ ڪيئي شاخون پيدا ٿي پيون. ان سموري مسئلي ۾ وڃبو تہ تصو ڏکيو ٿي پوندو. مطلب تہ اهل اسلام وٽ صحيح جمهوريت پيدا ٿي نہ سگهي. هڪ فرقي (پارٽي) جو راڄ هو جن خليفي عرب شهنشاهہ جي هٿ هيٺ شيخ الاسلام مقرر ڪري قاضين (مذهبي ججن) جي معرفت عدالتي ڪاروبار هلايو ٿي- ۽ ڪن بادشاهن جي هٿ هيٺ امامن جي حڪمن جي تابعيداريءَ موجب، ڪاروبار حڪومت هلايو ٿي، ۽ خليفي (عرب شهنشاهہ) کي نہ ٿي مڃيو.

مسلمانن جي - موريءَ تاريخ تي نظر ڪبي تہ موجوده دور جي عقل جي بنياد تي رياست جي رهاڪن ماڻهوءَ کي آزاد راءِ رکڻ، ان جو اظهار ڪرڻ، مخالف راءِ جي پرچار ڪرڻ جو نالو نشان بہ نظر نہ ايندو. الله، قرآن ۽ رسول جي اقوال، امامن، خليفن، مجتهدن جي مقرر ڪيل شرعي عقيدن جي دائري اندر هڪ

www.sindhsalamat.com

گروهه يا پارٽي، سنڌن نقطه نگاهه موجب شرعي قانون (ٿيو ڪريسي) مطابق حڪومت هلائي ٿي.

جڏهن مغربي جمهوريت واري نقطه نگاهه زور ورتو تہ ملي، پنڊت، پادريءَ وغيره جي هڪ هٽي (مانوپولي) ختم ٿيڻ لڳي.

عيسائين پوپ جي سر داريءَ کان منهن موڙي عقل جي بنياد تي حالات وقت کي مدنظر رکي، عوامي راءِ موجب حڪومت هلائڻ جو رواج وڌو. ڪو وقت مغربي حڪومتن جو قريبا دنيا جي گهڻي حصي تي راڄ يا اثر قائم ٿي ويو تہ شرعي فقهن جي جاءِ تي حڪومت، سائنس ۽ فلسفي جي آڌار تي ملڪي سياست بابت نوان نظريا مروج ٿيڻ لڳا. جمهوريت جو نالو اهڙو طاقتور ٿي ويو جو عيسائي، يهودي، ٻڌ، هندو مسلمان سڀ انهيءَ نظريي کي اپنائڻ لڳا ۽ ڪي انهيءَ حد تائين ويا ٿي، جو چوڻ لڳا تہ مساوات ۽ جمهوريت سنڌن مذهبن جا بنيادي متا هئا. ليڪن سڀ ماڻهو هڪ خيال جا نہ رهيا. عيسائين، ڪرسچن جمهوري يا سوشلزم جي نالي ۾ ساڳي پراڻي دستور کي نئين آيل جمهوري لهر سان گڏ ڪم ڪرڻ گهريو ٿي ۽ مسلمانن بہ اسلامي جمهوريت يا اسلامي سوشلزم جي نالي هيٺ، پنهنجي قديم شريعتن کي قائم رکڻ جي ڪوشش پئي ڪئي.

پر بين الاقوامي راءِ عامہ ايتري قدر زور وٺي ويئي هئي جو اهي ٿيو ڪريسي (مذهبي راڄ) جا پوئلڳ بہ جمهوريت جي نالي کي رد ڪرڻ جي همت ساري نہ ٿي سگهيا.

هن وقت دنيا جي اڪثر مسلمان ملڪن ۾ جديد طرز جا قانون رائج آهن. جن جو بنياد رومن قانونن تي رکيل آهي يا عوامي نمائندن ذريعي مڪاني ضرورتن پٽاندڙ حڪومتي ڪاروبار هلائين ٿا. پر جنهن صورت ۾ هزارن ورهين کان بہ مٿي خدا، رسول، قرآن، شريعت اسلامي جي نالي ۾ شخصي، قومي، دنيوي ۽ آخروي نجات جي تعليم مليل هئي ۽ مسلمان ملڪن جي اڪثريت پٺتي پيل، حڪمت، فلسفي، سائنس ۽ عقلي فڪر کان اڻواقف هئي. ان ڪري شاطر ۽ چالاڪ سياستدان، مذهب جو نالو وٺي ماڻهن کي گمراهہ ڪندا رهن ٿا.

مشرقي ملڪن ۾ مذهب جو نالو جادوءَ جو اثر رکي ٿو. مذهب جا بنيادي متا ڪهڙا هئا. انهن کي ڪهڙن مقصدن لاءِ ايجاد ڪيو ويو. اخلاق، رواداري، بقاءِ باهمي، اهنسا، باهمي تعاون، امن عامہ مذهبن جا بنيادي متا هئا. انهن تي توجهہ ڪونہ ڏنو ويو پر زياده تر فقهي شريعت جي نالي ۾ ملا، مستقل مفاد جي فائدي لاءِ ماڻهن کي گمراهہ ڪرڻ لڳا.

www.sindhsalamat.com

- هي جڏهن هڪ وطن ۽ ملڪ جو نالو وٺن ٿا ته ان مان سندن پنجاب ۽ مهاجرن جي مفاد لاءِ خود ساخته پاڪستاني مُلڪ جو استحصال آهي، جنهن مان گهڻو نقصان سنڌ کي پهچي ٿو.
- هي جڏهن اسلام جو نالو وٺن ٿا ته ان مان سندن مراد عرب سامراجي بنياد وارو جهالت، استبداد ۽ طرح طرح جي خرابين سان پُريل دين آهي.
- هي جڏهن جمهوريت جو نالو وٺن ٿا ته ان مان سندن فسطائي قسم جي سامراجي جمهوريت مقصود آهي.

ڪشمير جي آزاديءَ لاءِ جنگيون ڪرڻ نيڪ ڪم ڄاڻن ٿا، ڇاڪاڻ ته ان مان سندن مستقل مفاد کي فائدي پهچڻ جو امڪان آهي، پر هزارن ورهين واريءَ سنڌ ملڪ ۽ قوم جي آزاديءَ جي گفتگو سندن تعبير مطابق گناهه، ڪفر، جمهوريت ۽ سندن تشريع واري اسلام جي خلاف آهي. مثل مشهور آهي ته "تنگ آيد بہ جنگ آيد" (جو تنگ ٿيندو سو نيٺ جنگ ڪندو). سندن اسلامي تشريع کان سنڌي بيزار ٿي چڪا آهن، ان کان بهتر سنڌين جي صوفياني تشريع وارو مذهب آهي. پر جيڪڏهن سامراجي ان کي قبول نه ڪندا ته سنڌين کي سندن تشريح واري مذهب کان ڪفر بهتر نظر ايندو. سندن جمهوريت واري تصور کي سنڌي ڏوهه سمجهن ٿا. هو سندن پاڪستان کي سامراجي غلاميءَ جو ڳٽ سمجهن ٿا ۽ ان کي ڊاهي سنڌو ديش کي آزاد ۽ خودمختيار بنائڻ پنهنجو نصب العين سمجهن ٿا."

ڪافر عشق (سنڌايم) مسلماني مرا درڪار نيست!

سنڌ جي خود مطلب زميندار، واپاري، ڪامورا، پير ۽ مُلا ڪي، هي ڪيترو وقت بيوقوف بنائي، سنڌي عوام کي گمراهه بنائيندا رهندا. اِها دوکي جي ديوار نيٺ ته ڍهندي!

هتي سڪندر، دارا، انگريز اڪبر، اورنگزيب آيا ۽ ويا- اڄ صرف سندن نالا تاريخ جي صفحن تي رهيل آهن. سنڌ ملڪ، سنڌي قوم ۽ زبان اڄا تائين قائم آهي. انهيءَ ردعمل ڪري- سنڌ جا عام ماڻهو پاڪستان جي وڏي ليڊر جناح کي ڌاڙو حجام سڏڻ لڳا آهن اقبال کي انگريزن جو دلال، فلسطائيت جو پرچارڪ ۽ پنجابي سامراج جو علمبردار سمجهي ڌڪارين ٿا. مولوي مودودي کي باوجود سندس علم جي، هو مسيلمه ڪذاب کان وڌيڪ حيثيت ڏيڻ لاءِ تيار نه آهن.

www.sindhsalamat.com

عمر ھن پون تنھنجون محل ۾ ماڙيون،
اسان جھانگي جھنگ ۾ رهڻ بهتر ٿا ڄاڻون،

سنڌي، پاڪستان کي غلاميءَ جو ڳٽ سمجھي چون ٿا ته:

ايءَ نه مارن ريت، جئن سيڻ مٽائن سون تي،
اچي عمرڪوٽ ۾، ڪنديس ڪاڻ ڪريت،
پکن جي پريت، ماڙين سين نه مٽيان!
(شاهه)

## 5. سوشلزم جو ڏوکو

"سوشلزم هڪ اقتصادي نظريو آهي جنهن مطابق چند شخصن يا طبقن جي، عوامي استحصال کي ختم ڪري، ملڪي پيداوار جي ذريعن، ورهاست، ملڪيت ۽ پيسي کي جملي عوام جي نفعي لاءِ ڪتب آڻڻ جو اصول مد نظر رهي ٿو."

جھڙيءَ طرح جمھوريت ماڻھن مان زور زبردستي ۽ تنڊ وڏائي ڪڍي، هڪجھڙا سياسي حق ميسر ڪرڻ جي تعليم ڏئي ٿي، ۽ هڪ قوم جي ٻئي قوم تي تسلط ختم ڪرڻ جي حامي آهي، ۽ پوءِ به ڪي شاطر ۽ چالاڪ ماڻھو ان جي نالي جو غلط استعمال ڪن ٿا:

جھڙيءَ طرح مذهب ماڻهن ۾ اتحاد، امن ۽ ترقيءَ جو پيغام آڻي، محبت ۽ ميلاپ پيدا ڪري، دنيا کي دارالامان بنائڻ لاءِ ايجاد ڪيا ويا هئا. پر انهن ۾ پوءِ به مستقل مفاد پيدا ٿي مذهب جي نالي ۾ خون خرابيون، فسق ۽ فساد، نفرت ۽ نفاق پيدا ڪرڻ جو ڪارڻ بنيا:

اهڙيءَ طرح هن اقتصادي مساوات، زر ۽ ملڪيت جي منصفانه ورهاست جي عمدي نظريي (سوشلزم) کي ماڻهن نهايت غلط طور استعمال ڪيو آهي.

تاريخ جي ڄاڻن کي معلوم آهي ته جھڙيءَ طرح پيغمبر مزد هڪ ماڻھن ۾ ملڪيت جي مساوي ورهاست جو نظريو پيش ڪيو پر اڳتي هلي ان جي پوئلڳن مان، ڪن ان کي ڌاڪ زني، ڦر ۽ زوريءَ پرائي ملڪيت هٿ ڪرڻ جو ذريعو ڪري بنايو:

اهڙيءَ طرح پيغمبر اسلام زڪوات ۽ خيرات جا سبق ڏيئي، ماڻهن کي مساويانه ورهاست زر جي طرف راغب ڪيو ته مسڪين ماڻهن کي رضاڪارنه

www.sindhsalamat.com

شاهوڪار پنهنجي ملڪيت مان زڪوات جو ٽيڪس ڏئي يا خيرات ڪري انهن جي غربت کي دور ڪري سک ۽ سلامتي آڻين. پر ڪن خود مطلب ماڻهن يا گروهن، ان کي ٻين ملڪن کي پنهنجي سامراج هيٺ آڻي، مفتوح ملڪن جي ماڻهن مان زالن ۽ مردن کي غلام بنائڻ لاءِ ڪتب آندو ۽ ٻين متمدن ملڪن جي هزارن ورهين جي محنت ۽ مزدوريءَ سان گڏ ڪيل ملڪيت کي ڦري، ان کي مال غنيمت سڏي، عربن جي مفاد لاءِ ڪتب آندو ۽ اهڙيءَ طرح اسلام جهڙي امن، سلامتي ۽ محبت جي مذهب کي بہ فساد، تشدد ۽ ڦر وصل ڪرڻ جي ڪتب آندو:

جهڙيءَ طرح حضرت عيسيٰ ماڻهن کي محبت ۽ اهنسا جو پيغام ڏيئي، دنيا ۾ حڪومت الاهي قائم ڪرڻ ۽ امن ۽ سلامتي پيدا ڪرڻ لاءِ ماحول پيدا ڪرڻ جو سنهيو ڏنو ۽ ان لاءِ سندن تعليم کي محبت جي پرچار جو مکيہ مقصد ڪري پيش ڪيو. هن دشمن ۽ دوست جا سنڌا دور ڪري، محبت ۽ اهنسا ذريعي، ماڻهن جي اتحاد پيدا ڪري، امن عالم پيدا ڪرڻ لاءِ وعظ ڪيو. تہ ان جي ڪن پوئلڳن، ان سبق کي وساري، بادشاهتون قائم ڪري، ٻين قومن ۽ ملڪن کي فتح ڪرڻ جي ڪم آندو ۽ ٿوري فقهي اختلافن تي ماڻهن کي باهين ۾ ساڙائڻ، شيهو ڳاري مخالفت جي ڪنن ۾ وجهي مارائڻ. ان امن واري مذهب کي پر وارن مسلمان ملڪن تي قبضي ڪرڻ، بيت المقدس جي هٿ ڪرڻ لاءِ صليبي جنگيون ڪري مسلمان مذهب جي پوئلون کي قتل ڪرڻ جي ڪتب آندو ۽ مسيحي مذهب جي پوئلڳن کي قتل ڪرڻ جي ڪتب آندو ۽ مسيحي مذهب جي پوئلڳن پنهنجي طاقت جي آڌار تي دنيا جي گهڻن ملڪن تي قبضا ڪري، انهن جي مال ملڪيت کي ڪتب آندو ۽ اتي جي رهاڪن جو استحصال ڪيو ۽ ڪن پوئتي پيل ملڪن جهڙوڪ اتر آمريڪا، ڏکڻ آمريڪا، آسٽريليا، نيوزيلينڊ جي اصل رهاڪن کي صفا ختم ڪري، اتي پنهنجون ٻيٺڪون قائم ڪيون ۽ ان کي تهذيب ۽ تمدن جي حصول لاءِ جائز ٺهرايو بلڪل اهڙيءَ طرح سوشلزم جي نظريي جو حشر بہ اهو ئي ٿي رهيو آهي.

هيءُ نظريو قديم يوناني وقت کان رائج هو ۽ ان کي سائنٽيفڪ ۽ عقلي طرح نظريي طور مارڪس ۽ لينن دنيا اڳيان پيش ڪري، روس، ان جي پر وارن ملڪن ۽ چين ۾ رائج ڪرڻ جا تجربا ڪيا. ليڪن ان جي حصول لاءِ جي طريقہ ڪار اختيار ڪيا ويا، سي حياسون خون خرابي، زورزبردستي ۽ انساني

www.sindhsalamat.com

آزاد خياليءَ جي خلاف هئا. نتيجو اهو نڪتو تہ ان جي پوئلڳن، ان جي اشاعت ۽ ترويج لاءِ تشدد کي ڪتب آڻي، "سروائيول آف فٽيسٽ" جي نظريي جي آڌار تي، خوني انقلاب جي نالي سان سڏيو.

هي ڳالهہ جا هنن ايجاد ڪئي، سا هئي "اينڊ جسٽيفائيزمينس" يعنيٰ ڪهڙن بہ طريقن سان مقصد حاصل ڪرڻ کي هنن جائز ٺهرايو. آخر چڱا مقصد بہ برن طريقن سان حاصل ڪرڻ ڪيتري قدر جائز ٿي سگهيا ٿي!

ٽين ڳالهہ جا هنن ڪئي تہ مذهب، جن جا بنيادي مقصد ماڻهن ۾ اتحاد، امن ۽ ترقي آڻڻ هئا، تن جي غلط استعمال ڪندڙن جي اختلاف سبب موڙگو ان جي جملي مقصدن کي رد ڪري، خدا، روح، محبت، عدل ۽ انصاف، اتحاد انساني جي عقيدن کي نئين نظريي دهريت (متيريلزم) جي نالي ۾ متائي ڇڏيو ۽ خدا ۽ روح جو انڪار ڪيو. محبت جي عيوض ڪلاس اسٽرگل جي نالي، نفرت کي جائز ٺهرائي، مخالفت کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪتب آندو. عدل ۽ انصاف جا نوان قانون بنائي، دنيا جي مزدور ۽ ڪسان جي نالي ۾، قومي جمهوريت جي مخالفت ڪري، عوامي آمريت کي جائز ٺهرايو. پنهنجي نظرين کي مذهبن جي پوئلڳن جي تتبع تي آخري ۽ مڪمل، هر مخالف راءِ کي زور ۽ پرچار ذريعي رد ڪرڻ جو بنياد وڌو.

جهڙيءَ طرح ڪن قومن قوت جي آڌار تي ٻين قومن کي پنهنجي تسلط هيٺ آڻي غلام بنايو ٿي، اهڙيءَ طرح هنن وري مسلمانن جي پوئلڳيءَ ۾ پنهنجي ايجاد ڪيل نظرين (دين) کي دنيا تي مسلط ڪرڻ لاءِ پروگرام رٿي، هر ڳالهہ جا اُن راهہ ۾ رڪاوٽ وجهڻ واري ٿي سمجهائون، ان کي زور سان ختم ڪيائون ٿي. اهڙيءَ طرح دنيا جي گهڻي حصي کي، پنهنجي تسلط هيٺ آڻي ڇڏيو اٿن ۽ اڳتي وڌندا وڃن ٿا.

اِن اقتصادي مساوات جي نظريي جي نالي ۾ هتي پاڪستان اندر سنڌين کي جهڙيءَ طرح نقصان پهچائڻ لاءِ ڪتب آندو ويو آهي، اهڙو مثال ڪو مشڪل ملندو.

اهل پنجاب ۽ مهاجر سامراجين جڏهن بنگال ۽ سنڌ جي وسائل جي استحصال ڪرڻ لاءِ سٽ سٽي تہ اسلام جي نالي ۾ تعداد ۽ تشدد جي ذريعي بنگال ۽ سنڌ جي پيداواري وسيلن تي قبضو ڪري اتي ڪالونيون بنائي، انهن جو استحصال ڪرڻ لڳا. اهل بنگال، ان غلاميءَ خلاف جدوجهد ڪري تيهہ لک

www.sindhsalamat.com

ماٺهو مارائڻ ۽ ٻن لک عورتن جي عصمت دري ٿيڻ کان پوءِ پاڙيسري ملڪ ڀارت جي مدد سان مس مس آزادي حاصل ڪئي.

سنڌ ۾ پهرين ون يونٽ بنائي اُن جو استحصال ڪرڻ لڳا. پر جڏهن اهو تجربو ناڪامياب ٿيو ته هنن ٻن حربن جي استعمال سان سنڌين جي قومپرستيءَ جي جذبي کي ڪمزور ڪرڻ جو ڪارنامو شروع ڪيو آهي: هڪ طرف اسلام جي نالي ۾ هزارين ورهين جي سنڌ ملڪ ۽ قوم جي وجود کان انڪار ڪري ان کي اهل پنجاب ۽ مهاجر طبقي جي مستقل مفاد جي لاءِ استحصال ڪرڻ واسطي ريڊيو ٽيليويزن، ڪتابن، اخبارن ذريعي پرچار ڪري ڪالوني بنائي رکڻ لاءِ مسلم قوم اسلام پاڪستان جي نالي ۾ ڪوشش ڪئي، ۽ سنڌ جي رهاڪن مان ڪي ماڻهو لالچ ذريعي هٿ ڪري انهن جي ذريعي عوام جي دماغ مذهب جي غلط تشريح جي نالي ۾ مسخ ڪرڻ شروع ڪيا ۽ سنڌ جي قومي وجود، ملڪي آزادي، حقن جي حفاظت جي آواز کي، طاقت جي ذريعي دٻائڻ کي جائز ڄاتو.

ٻئي طرف سوشلزم جي نالي ۾ عوام کي گمراهه ڪري، سنڌين کي غلام رکڻ ۽ استحصال کي قائم رکڻ لاءِ، سنڌين جي جدا طبقن ۾ منافرت پيدا ڪرڻ لاءِ ڇوڙ لڳا ته پهرين سوشلزم آڻي پوءِ قومپرستي ذريعي آزاديءَ جي حاصل ڪرڻ جي ڳالهه ڪريو. مطلب صاف هو ته سنڌين ۾ ڪلاس اسٽرگل (طبقاتي جدوجهد) پيدا ڪرڻ بعد پيدا ٿيل انتشار سبب پنجابي مهاجر جي سامراجي گرفت مضبوط ٿيندي، ان لاءِ نام نهاد ڪامريڊ خريد ڪري، ليڊرشپ پنهنجي هٿ ۾ رکي، سنڌي قومپرستن کي سنڌي وڏيرن جا دلال ڪوٺائي، انهن جي آواز کي ڪمزور ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

انهن مان ڪن کي ذهني قابليت ڪري خريد ڪيو ويو آهي، جي سنڌين جي آزاديءَ جي راهه ۾ رڪاوٽ وجهڻ واسطي، سنڌ ۾ طبقاتي تصادم پيدا ڪرڻ لاءِ سوشلزم جو پرچار ڪري رهيا آهن. ته ڪي سوشلزم جي نظرياتي چمڪي هيٺ، گمراهه ٿي عوامي همدردي حاصل ڪرڻ لاءِ ائين ڪري رهيا آهن.

انهن ويچارن کي اها ڳالهه ذهن ۾ نه وڻي آهي ته سنڌ جي معاشي ذريعن جو استحصال وڏي پيماني تي ڪير ڪري رهيو آهي؟ سنڌي زميندار يا ٻاهريون آيل سرمائيدار ڪامورو تاجر ۽ ڪارخانيدار.

ان حقيقت کان انڪار ڪري نٿو سگهجي ته سنڌي زميندار غريب هاريءَ

www.sindhsalamat.com

صرف سنڌي زميندار ۽ هارين ۾ آزادي حاصل ڪرڻ کان اڳ اختلاف پيدا ڪن ٿا، ان جو نتيجو ڪهڙو نڪرندو؟

سنڌ جي ڪيترن وسون ماڻهن، جڏهن پيٽي طرفان سوشلزم جو نالو ورتو ويو ۽ هارين ۾ 16 ايڪڙ زمين ورهائڻ جو آواز ڪڍيو ويو ته ان تي اعتبار ڪرڻ شروع ڪيو. ڇو ته: پيپلز پارٽي واقعي سوشلزم آڻيندي ڇوڻ لڳا جيئي سنڌ وارا زميندارن ۽ وڏيرن جا دلال هئا، جي سوشلزم جي راهه ۾ رڪاوٽ بڻيو بيٺا آهن.

ويچاري غريب عوام کي ڪهڙي خبر ته پيپلز پارٽي، جنهن جا ڪارڪن جتوئي برادران، مير برادران، مخدوم، پير ۽ پيٽي خاندان جهڙا خاندان هئا- جن جي هٿن ۾ اڳئي هزارين ايڪڙ زمينون هيون. تنهن هوندي به وڏيڪ زمينن تي حڪومت جي آڌار تي ويا قبضو ڪندا، سي ڪهڙيءَ طرح سوشلزم آڻي، زمينون ورهائي غريبن کي ڏيندا. جيڪڏهن پيپلس پارٽي جي چند بدمعاش ۽ چالاڪ ڪارڪنن کي جماعت جو ايجنٽ ٿي ڪم ڪرڻ جي صلي ۾ پرمٽون ڏيڻ، بليڪ مارڪيٽي ڪرڻ جي اجازت ڏيڻ ۽ ٻين ڪيترن طريقن سان لکپتي بڻائڻ کي سوشلزم سڏي سگهجي ٿو ته پوءِ ٻي ڳالهه هئي. باقي غريب عوام کي ته سواءِ ڏوڪي ڪائڻ جي ٻيو ڪوبه فائدو حاصل نه ٿيو آهي.

انهي پيٽي جي دلالن، پيٽي دور کي خلافت راشديه هڪ طرف سڏيو ته سوشلزم جي حامي ٻئي طرف ظاهر ڪيو ۽ جمهوري عوام جو دور ٽئين طرف ظاهر ڪيو. اهڙي پرچار ڪري صرف اسلام، سوشلزم ۽ جمهوريت جا نالا بدنام ٿيا، پر ملڪ ۽ ماڻهن کي فائدو حاصل نه ٿيو.

وڏي ڏوڪيبازي ان مسئلي ۾ ڪميونسٽ پارٽي جي ڪن نام نهاد ڪامريڊن ڪئي، جن اهڙي حڪومت جي حمايت ڪئي. ۽ انهي جا مکيه ڪارندا، پيٽي وٽ وڪامي ويا. نه رڳو ايترو پر انهن جي اثر ڪري روس سرڪار پنهنجا اڳوڻا اصول، ننڍين قومن جي خودمختياري جا وساري پاڪستان جي مهاجر-پنجابي سامراج واري حڪومت جي طرفداري ڪئي.

هن وقت به پاڪستان سرڪارجنهن کي سنڌي بلوچ ۽ ڪيترا پختون، مهاجر-پنجابي سامراج سمجهن ٿا. تنهن جي روس ۽ چين سرڪار طرفداري ڪري رهي آهي.

هاڻ ڪيڏانهن ويا هنن جا ننڍين قومن کي خودمختياري وٺي ڏيڻ لاءِ مدد ڪرڻ جا وعدا. آمريڪا ۽ انگلينڊ وغيره حڪومتن کي روس وارا ۽ سنڌن

www.sindhsalamat.com

ڪميونسٽ پارٽي سامراجي سڏي رهي آهي تہ پوءِ پاڪستاني سامراج جي مدد ڪرڻ مهل هنن جا اهي اصول ڪيڏانهن وڃن ٿا؟

اهي سڀ ڍونگ آهن، جي سنڌين کي مهاجر-پنجابي سامراج هيٺ محڪوم رکڻ لاءِ ڏنا وڃن ٿا.

مٿي ذڪر ڪيل ڳالهين مان پتو پئجي سگهندو تہ جيڪڏهن اهل آمريڪا ۽ اُن جا حامي ملڪ سامراجي آهن، تہ روس ۽ چين وارا بہ اسان لاءِ سامراجي پارٽ ادا ٿا ڪن. جڏهن هو مهاجر-پنجابي واري پاڪستان جي ڪميونسٽ پارٽي جي ڏوڪي هيٺ اچي، سنڌي توهيستيءَ جي مخالفت ڪن ٿا.

ڪميونسٽ ملڪن جي اهڙي رول ادا ڪرڻ ڪري هي ڳالهہ صاف ظاهر ٿي پيئي آهي تہ قومن جي حق خودمختياريءَ جي اصول جي حمايت ڪرڻ هنن ڇڏي ڏني آهي. هو بہ مهاجر-پنجابي سامراج جي حمايت ڪري، سنڌين، بلوچن ۽ پختونن کي غلام رکڻ جا طرفدار ٿي پيا آهن. ان صورت ۾ جي اسان کين ظالمن ۽ غاصبن جا طرفدار سڏيون تہ حق بجانب ٿي سگهي ٿو.

## سنڌ کي بمبئيءَ سان گڏڻ ۽ جدا صوبي بنائڻ جي ڪهاڻي

پڙهندڙن کي معلوم آهي تہ انگريز سرڪار سنڌ کي فتح ڪري، پنهنجي انتظامي سهوليت خاطر، بمبئي پرڳڻي سان گڏيو. سنڌ کي ان جي ڪمشنري بنائي ڇڏيو هو. جنهن ڪري سنڌ کي ڪيئي نقصان پهتا هئا. جن مان ڪي هيٺ بيان ڪجن ٿا:

بمبئيءَ جي مرڪز پري هئڻ ڪري اتي جي آفيسرن ۽ سرڪار سنڌ جي معاملن طرف توجهہ نہ ٿي ڏنو.

سنڌ ۾ نہ خاطر خواهہ رستا نهيا، نہ زراعت جي وڌائڻ لاءِ پاڻي مهيا ڪرڻ واسطي واهہ کوٽايا ويا، ۽ نہ چڱي تعداد ۾ هاءِ اسڪول ۽ ڪاليج کولايا ويا. جيڪي اسڪول يا ڪاليج سنڌ ۾ هئا، انهن جو گهڻو حصو پيسي وارن هندن جي ذريعي کولايو ويو هو. جهڙوڪ اين. اي ڊي انجنيئرنگ ڪاليج ۽ ڊي جي سنڌ ڪاليج، حيدرآباد وارو نيشنل ڪاليج ۽ ٻيا ڪيترا هاءِ اسڪول هندن جي پيسي سان کليا هئا. پر مسلمانن طرفان صرف چند مدرسا جيئن تہ سنڌ مدرسہ الاسلام نوشهرو، مدرسہ سکر ۽ لاڙڪاڻي وارا مدرسہ کولايال هئا. آخر ۾ مير محمد خان ۽

www.sindhsalamat.com

مسٽر نور محمد وڪيل طرفان هاءِ اسڪول کولايا ويا. سنڌ ۾ مسلمانن جي آبادي 75 سيڪڙو هئي، جن جي گھرجن لاءِ اهي اسڪول ڪافي نہ هئا.

ٻئي طرف ساريءَ سنڌ ۾، درياهہ جي ٻنهي طرفن ۾، ڪراچي کان وٺي سکر تائين ڪوبہ پڪو رستو ڪونہ هو. ان ڪري ڏکيي سواري، گاڏيءَ رستي ۽ اندروني سواري اٺن ۽ گھوڙن ذريعي ٿيندي هئي. ڪراچي بند کي بمبئيءَ جي فائدي خاطر پوريءَ طرح سڌاريو نہ ويو هو. سمنڊ رستي بمبئي پهچڻ خطري کان خالي نہ هو. ان ڪري اول جهاز رستي سنڌو نديءَ جي ذريعي ملتان ۽ لاهور کان ڦري، بمبئيءَ وڃڻ ٿيندو هو. جنهن ۾ هڪ تہ وقت زياده لڳندو هو. ٻيو ٻاهرين ملڪن سان واپار جو انتظام ڪونہ هو. وڏا سرڪاري عملدار شڪار لاءِ چند ڏينهن واسطي سنڌ ۾ بمبئيءَ سان ڳنڍجڻ بعد 1911ع تائين رهي. ٻيو جڏهن انگريزن ملڪ کي سڌارا ڏيئي، ڪائونسلون ڏنيون تہ سنڌ جي آبادي گھٽ هئڻ ڪري سنڌ کي ٿي نمائندا بمبئي ڪائونسل لاءِ مس مليا. جن وڃي سنڌ جي مسئلن بابت، بمبئيءَ سرڪار کي واقف ڪرڻ شروع ڪيو. پر بمبئي پرڳڻو وڏو هو ان جي ڪائونسل ۾ گجرات ۽ مهاراشٽرا کان گھڻا ميمبر چونڊجي ايندا هئا، جن کي هن ملڪ جي حالتن جو پتو نہ هو. آمدرفت جي رستن جي تڪليف ڪري اهي هن طرف ڪونہ ايندا هئا، نہ خبر هين. جڏهن هتي جا بہ ٽي ميمبر پاڻي جي کوٽ بابت شڪايتون ڪندا هئا تہ اتي جا ماڻهو جتي چوماسي هئڻ ڪري، آبادي بارش تي ٿيندي هئي، ڳالهہ کي سمجهي ئي ڪين سگھندا هئا. سنڌ ۾ واهہ گھٽو ڪري درياهہ مان هوندا هئا، جن مان ڪڙيا ڪڍي آبادي ڪئي ويندي هئي. جڏهن سنڌ جا ميمبر ڪڙين ۾ پاڻيءَ جي گھٽتائيءَ جي گفتگو ڪندا هئا، تہ هي چوندا هئا: ”سنڌ جا ميمبر رڳو ڪڙين جي گفتگو ڪن ٿا ـ اِهي ڇا ٿيندا آهن!“ بمبئي جي طرف آبادي واهن ذريعي ٿيندي هجي ها، تہ هنن کي پتو پئجي سگھي ها.

سنڌ ۾ ڪاليجن جي امتحانن ڏيڻ لاءِ ڪا يونيورسٽي ڪانہ هوندي هئي. شاگردن کي امتحان ڏيڻ لاءِ بمبئي وڃڻو پوندو هو.

جڏهن سنڌ جي ميمبرن ڏٺو تہ ان طرف جا رهاڪو غير همدرد هئا ۽ سرڪار کي سنڌي معاملن سا ڪا دلچسپي ڪانہ هئي تہ هنن سنڌ جي بمبئيءَ لان جدا صوبي بنائڻ جي تحريڪ هلائي. پر ان خلاف بمبئي جي واپارين ۽ ڪن هندو ڪامورن ۽ سيٺين طرفان مخالف شروع ٿي، ۽ بمبئي سرڪار بہ مخالفت ڪئي.

www.sindhsalamat.com

آخر گهڻي ڪوشش بعد 1920ع کان، نون سڌارن ملڻ بعد، ان تحريڪ کي آل انڊيا جماعتن ذريعي حل ڪرائڻ طرف مائهن کي رجوع ٿيڻو پيو. رئيس غلام محمد خان ڀرڳڙي، سيٺ هَرچندراءِ وشنداس، جمشيد ميهتا، دادا چيئمل پرسرام، شيخ عبدالمجيد سنڌي، خان بهادر کهڙي، حاجي عبدالله هارون ۽ اسان ٻين جي ڪوشش هئي ويجي هنڌ ڪيو ۽ 1937ع ۾ سنڌ بمبئيءَ کان جدا صوبي جي صورت اختيار ڪئي.

پر انهيءَ دور ۾ سنڌي عوام کي جي نقصان پهتا، جن جي اڪثريت مسلمان هئي، سي هيٺئين قسم جا هئا:

مسلمان زميندارن، گذرمعاش جي فرواني ڪري، تعليم حال ڪرڻ طرف توجهه نه ڏنو ۽ نه نوڪرين طرف رخ ڪيائون. ان ڪري هندن تعليم حاصل ڪري 80 سيڪڙو نوڪرين تي قبضو ڪري ورتو هو جنهن ذريعي هو نه صرف ملڪي معاملن ۾ با اثر بنجي ويا، پر پيسو به ڪنو ڪري ويا.

واپار ۽ وياج خوريءَ ڪري، پيسي ڪٺي ڪرڻ سبب، هو زرعي زمين تي، جا اڳي هنن وٽ چند هزار ايڪڙن کان مٿي نه هئي، ترت ئي هو قريبن ٿيهه لک ايڪڙن جا مالڪ بنجي ويا. ديواني ڪورٽن جي سرشتي جي قانونن جي اڻ جاڻائي ۽ علم گهٽ هئڻ ڪري، سنڌي زميندارن کان هندو واپاري ويا زمين هٿ ڪندا، ۽ ائين هو واپار ۽ ڪارخانن جا مالڪ بنجي ويا.

اهڙي قسم جا ڪيئي مثال آهن، جي مون "سن جي بمبئيءَ کان آزاديءَ" واري ڪتاب ۾ ڏنا آهن.

بمبئيءَ کان سنڌ جدا ڪرڻ واسطي اسان کي آل انڊيا مسلم ليگ، خلافت ڪاميٽي وغيره جماعتن کان مدد وٺڻي پيئي.

هندستان جي مسلم اقليت وارن صوبن جي مسلمانن کي پنهنجون مشڪلاتون هيون. هو اتي جو صوبائي ڪائونسلن ۾ تمام ٿوري تعداد ۾ هئا. پر پڙهيل ۽ هوشيار هئڻ ڪري جدا فرقيوار جماعتون ٺاهي، هنن ڪائونسلن ۾ ويٽيج (وڌيڪ نمائندگي) ۽ جدا چونڊن ذريعي پنهنجي حقن جي حفاظت ڪرڻ جي تحريڪ هلائي، جنهن ۾ انگريزن جي ويڙهائي راڄ ڪرڻ واريءَ پاليسي سبب هو ڪامياب ٿي ويا. اسان کي جڏهن هنن مدد ڏني، ته ان جي قيمت اسان کان اها ورتائون ته جدا چونڊن ۽ ڪائونسلن ۾ جدا نشتون، فرقيوار بنيادن تي قبول ڪرڻ لاءِ اسان کي رضامند ڪيائون.

www.sindhsalamat.com

سنڌ مان جيڪي ميمبر ڪائونسلن ۾ ويندا هئا، تن جي اڪثريت خود مطلب زميندارن، پيرن، سيدن، ميرن ۽ سردارن جي هوندي هئي، جن کي ملڪ ۽ قوم جي مجموعي مسئلن مان دلچسپي ڪانه هئي. هنن کي پنهنجي زمين وڏائڻ جو شوق هوندو هو. ملڪي سياسي شعور يا قومي بهبوديءَ جو خيال منجهن ڪونه هوندو هو. ان ڪري سنڌ جدا ڪرڻ لاءِ اسان کي مسلم اقليت وارن صوبن جي مسلمانن جا شرط قبول ڪرڻا پيا. جنهن ڪري جڏهن هندن جي وڏي گروهه جي سخت مخالفت جي باوجود سنڌ جدا ٿي، ته ان ۾ جدا چونڊون ۽ جدا نشستون هڪ طرف هيون ۽ ٻئي طرف ويٽيج ڪري اسان کي پنهنجي 75 سيڪڙو تعداد کي گهٽائي 60 سيڪڙو نشستون قبول ڪرڻيون پيون. ٽئين طرف سنڌ ۾ ميمبرن جي تعداد کي ايترو گهٽايو ويو جو ان جو اثر نهايت نقصان وارو ثابت ٿيو.

سنڌ اسيمبلي جملي 60 ميمبرن تي مشتمل ٺاهي وئي جن ۾ صرف 35 مسلمان ميمبر چونڊجي سگهيا، ۽ 25 غير مسلم ميمبر چونڊجي آيا ٿي.

سنڌي عوام جي جاهل هجڻ ۽ پيرن، سيدن، زميندارن ۽ ڪامورن جي اثر هيٺ هئڻ ڪري اسيمبلين ۾ ميمبر اهي چونڊيا ٿي، جن جو مقصد سنڌ اسيمبليءَ ۾ وڃي ملڪ ۽ عوام جي ڀلي ڪرڻ وارو ڪونه هو پر ان جي ذريعي پنهنجي پنهنجي شخصي ملڪيت ۽ اقتدار وڌائڻ هو. هندو ميمبر، جي پڙهيل هئا ۽ پنچاتن جي اثر هيٺ هئا، سي سنڌن مستقل مفاد لاءِ ڪم ڪرڻ لڳا.

مسلمانن مان باقي جيڪي ٿورا سمجهدار ميمبر هئا، تن اسيمبليءَ ۾ وڃڻ لاءِ هڪ پروگرام بنايو جنهن موجب زمين آبادگار طبقي تائين محدود رکڻ جو اصول مدنظر رکيو ويو. پنجاب ۾ اهو اصول قانوني صورت ۾ اڳ ۾ رائج ٿي چڪو هو. انهن چند ميمبرن وياج خورن بي واجبي قرضن گهٽائڻ، مسلمانن کي سنڌن تعداد مطابق نوڪرين ڏيارڻ ڳوٺن ۾ تعليم جي واڌاري، ڳوٺن جي شهرن سان آمدورفت لاءِ رستن ٺهرائڻ، عوام تان هندو سيٺئي ۽ ڪارخانيدار، زميندار ڪاموري جاگيردار ۽ سردار جي طاقت گهٽائي هارين ۽ عوام جي مفاد واسطي ڪم ڪرڻ طرف توجهه ڏنو. پر مسلمانن جو ڪثرت تعداد اهڙو هو جي عهدن خاطر هندو مستقل مفاد سياستدانن سان گڏجي ڪم ڪرڻ لڳا. ۽ هنن اسان چند مخلص ڪارڪنن کي ملڪي مفاد لاءِ ڪم ڪرڻ نه ڏنو. ان ڪري لاچار ٿي اسان مسلم ليگ ذريعي، مسلم عوام ۾ مذهب جي نالي ۾ سياسي شعور پيدا ڪرڻ جي غلطي ڪئي.

www.sindhsalamat.com

سنڌ جا عام هندو مسلمان، هندو مسلم درويشن جهڙوڪ گرو نانڪ، شاهه عنايت صوفي، شاهه لطيف، سچل سرمست، سامي، روحل فقير وغيره جي تعليم ڪري محبت ۽ امن جا قائل ٿي، هڪ ٻين سان ڀائرن وانگر هلندا هئا. تن ۾ مسلم ليگ جي پرچار ڪري، جا فرقيوار جماعت ۽ مسلم اقليت وارن صوبن جي ڪٽر فرقي پرست مسلمان سياستدانن جي اثر هيٺ هئي، فرقيپڻو ۽ نفرت پيدا ٿي پيئي.

هڪ قتل منزل گاهه مسجد ڪي سکر ۾ انگريزن، ملڪ فتح ڪرڻ وقت، پنهنجي قبضي ۾ آڻي، وقتي طور آفيس طور ڪتب آندو هو. مسلم ليگ جي انتها پسند گروهه ان جي هٿ ڪرڻ لاءِ هندن خلاف تحريڪ شروع ڪئي. ان مسجد سان هندن جو ڪو واسطو نه هو پر ان جي سامهون وچ درياهه ۾ هندن جي ساڌ ٻيلي نالي سان هڪ مندر هو ۽ هي جاءِ ان جي سامهون هئڻ ڪري، هندو ميمبرن سکر جي پنچات جي اثر هيٺ سنڌ سرڪار تي زور وڌو ته اها جاءِ مسلمانن کي نه ڏني وڃي. ان تان اختلاف وڌي وڌي هندو مسلم فسادن تائين پهتا. آءٌ جو صوفي درويشن جي تعليم جو پوئلڳ هوس، سو سنڌ اسيمبليءَ ۾ هندو ميمبرن جي انهيءَ ڪوشش کي ڏسي ته هو مسلمان خود مطلب ميمبرن کي ورغلائي مٿي پهرين ذڪر ڪيل عوامي مفاد ۾ رڪاوٽ وجهي رهيا هئا، شدت ۾ اچي، غلطي ڪري، ان سکر جي منزل گاهه کي مسجد بنائڻ واري تحريڪ ۾ حصو وٺڻ لڳس. هندن وري ڊاڪٽر مونجي کي، جو هندو مهاسڀا جو ڪٽر فرقيپرست ليڊر هو سکر ۾ گهرائي اشتعال انگيز تقريرون ڪرايون.

مسلم ليگ جا مکيه ڪارڪن، حاجي عبدالله هارون، شيخ عبدالمجيد سنڌي، خان بهادر کهڙو ۽ علي محمد راشدي هئا. تن وري ان جي ردعمل ۾ صوبائي مسلم ليگ جو ڪراچي ۾ اجلاس جناح صاحب جي صدارت هيٺ سڏائي، هندستان جي مکيه فرقي پرست مسلمانن کي 10 آڪٽوبر 1938ع تي اتي گهرائي، هندستان جي ورهاڱي بابت ٻن قومن جي بنياد وارو ٺهراءُ پاس ڪرايو. ان کان پوءِ 23 مارچ، 1940ع تي، لاهور ۾ آل انڊيا مسلم ليگ ڪانفرنس جي اجلاس ۾ هندستان جي فرقيوار بنياد تي ورهاست لاءِ ٺهراءُ پاس ڪرايو ويو. ان ۾ اهو ڄاڻايل هو ته مسلم اڪثريت وارين رياستن ۾ آزاد ۽ خودمختيار رياست (صوبي) بنائڻ جي مراد نڪتي ٿي. ان کي مدِنظر رکي مون به سنڌ اسيمبليءَ ۾ اهڙي قسم جو ٺهراءُ پاس ڪرايو.

اهڙيءَ طرح مسلم ليگ سنڌن مدراس واري اجلاس 1941ع ۾ ان ٺهراءَ کي پنهنجي بنيادي مقاصد ۾ داخل ڪري ڇڏيو.

www.sindhsalamat.com

اڳتي هلي اسان کي پتو پيو تہ مسلم اقليت وارن صوبن جي مسلمان مسلم ليگين جي نيت ۾ خرابي هئي. هنن جوان تجويز جي پويان سندن صوبن مان لڏي مسلم اڪثريت وارن صوبن ۾ اچي ڪالونيون بنائي پنهنجي سامراج بنائڻ جو ارادو هو ۽ ان ڪري هنن لاهور ۾ مدراس وارن ٺهرائن کي، دهلي ۾ ڪنوينشن گهرائي، 1946ع ۾ رد ڪرايو ۽ متحده پاڪستان جو ٺهراءُ مرتب ڪرايو. اهڙين ڳالهين تان اسان جا مسلم ليگ ليڊرن سان اختلاف وڌي ويا، ۽ هنن اسان کي سندن عزائم جي راهہ ۾ رڪاوٽ سمجهي مسلم ليگ مان خارج ڪري ڇڏيو.

اسان قومپرست ڪانگريسي هندن سان سمجهوتو ڪري، مسلم ليگ جي ليڊر شپ جي مخالفت شروع ڪئي. جڏهن برٽش ڪئبينيٽ مشن دهلي ۾ هندستاني ليڊرن سان صلاح مشوري لاءِ آئي، تہ مون سنڌ اسيمبليءَ ۾ مخالف پارٽي جي ليڊر جي حيثيت ۾ هندستان ۾ صوبن جي آزاد ۽ خود مختيار رياستن جي ڪانفيڊريشن جي گهر ڪئي. مسلم ليگ فرقيوار بنيادن تي، هندستان جي تقسيم لاءِ زور پريو ۽ ڪانگريس متحده هندستان جي اصول تي قائم رهندي آئي. ان وچ ۾ ملڪ جي عام راءِ ورهائجي ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جي اثر هيٺ اچي ويئي هئي. اسان جي راءِ کي مولانا عبيدالله سنڌي ۽ راجہ گوپال آچاريا کان سواءِ ڪنهن نہ ٻڌو.

ٻي مهاڀاريہ جنگ جي ڪري پيدا ٿيل حالتن کان متاثر ٿي، انگريز سرڪار ملڪ کي آزاد ڪري ڇڏڻ لاءِ تيار ٿي ويئي. جنهن ڪري هنن مجبور ٿي ملڪ کي ورهائي، بہ ڀاڱا ڪري، هڪ حصو ڪانگريس جي حوالي ڪيو ۽ هڪ حصو مسلم ليگ جي حوالي ڪيو. پوءِ ٽيڙ ٽاڙي ٻڌي لکن بلڪ ڪروڙن جي تعداد ۾ هندستان جا مستقل مفاد مسلمان ۽ انهن جا حامي مسلمان اڪثريت وارن صوبن ۾ ڪالونائيز ڪرڻ لاءِ پهتا، ۽ هندن جي ڪثير تعداد وچي پارٽ وسايو- جن نہ وڃڻ چاهيو ٿي تن کي زوريءَ لڏايو ويو. تڏهن اسان کي معلوم ٿيو تہ پاڪستان بنجڻ ڪري مرڳو سنڌ مهاجر- پنجابي سامراج هيٺ اچي ويئي هئي. سنڌ ۽ بنگال جا صوبا، جي زرخيز هئا، تن کي ڪالونيون ڪري هلائڻ جي ائين شروعات ٿي. اسان اهڙيءَ پاليسيءَ بروقت مخالفت ڪئي. پوءِ هنن ڪراچي سنڌ کان کسي مرڪزي حڪومت جي حوالي ڪئي. سنڌي هندن جا ڇڏيل ڪارخانا، زمينون، مڪان، جايون، بئنڪون، اسڪول وغيره، ٻاهران آيل مهاجرن جي حوالي ۾ ڏنائون. هندستان کان مکيہ عملدار

www.sindhsalamat.com

گهرائي حڪومت جي واڳ انهن جي حوالي ڪيائون. سنڌ ۾ ٽن بئراجن تي نڪتل زمينون (جي بئراج سنڌ جي خرچ سان بنايا ويا هئا). جي گهڻي حصي تي پنجابين کي ڪالونائيز ڪيو ويو. سانگهڙ ضلع جي مُکي ڏنڍ ۽ اتر سنڌ مان بيلا وڍائڻ بعد. نڪتل زمينون، سرڪاري يا سنڌي زميندارن کان کسي ٻه ٻاهرين کي ڏنيون ويئيون.

مون کي ڪراچيءَ جدا ڪرڻ وقت ٻه نظربند ڪيو ويو ۽ پوءِ جڏهن ڏٺائون ته آواز بند نه ٿا ڪريون ۽ سنڌ اسيمبليءَ مان بئراجن جي زمين سنڌين کي ڏيڻ، ڪراچي موٽائي سنڌ جي حوالي ڪرڻ ۽ سنڌ جي جداگانه قوم هجڻ جا ٺهراءَ پاس ڪراياسون. ته هنن ان جو اهو علاج سوچيو ته مون کي جيل ۾ موڪلين. پيرزادي عبدالستار سنڌ جي وزيراعليٰ جي زماني ۾ اهي ٺهراءَ پاس ڪرائي سگهيا هئاسون. تنهن جي وزارت کي اسيمبليءَ ۾ اڪثريت هوندي ڊسمس ڪيائون. ۽ خان بهادر کهڙي کي، جو پرودا هيٺ سياست کان خارج ٿيل هو بنا اسيمبليءَ جي ميمبرن هئڻ جي، سڌي وزير اعليٰ بڻايائون. کيس ان جي عيوض سنڌ کي پنجاب سان گڏ ون يونٽ بنائڻ لاءِ راضي ڪري، سنڌ اسيمبليءَ مان زورزبردستي سان ون يونٽ ٺاهڻ جو ٺهراءَ پاس ڪرايائون. سنڌ جا پيسا ۽ سڀ سامان ڪٺائي لاهور نيو ويو.

اهڙيءَ طرح ون يونٽ بنائڻ بعد سنڌ جي نالي وٺڻ کي ٻه ڏوهه ٺهرايو ويو. هڪ سئو ورهيه. سنڌ انگريزن جي غلاميءَ هيٺ رهي. وري جڏهن ان کي آزاد ڪيو ويو ته اميد هئي ته ان کي ساڳيءَ طرح آزاد ڪيو ويندو جهڙيءَ طرح هن کي آزاد حيثيت ۾ فتح ڪيو ويو هو پر ائين نه ٿيو.

بمبئيءَ کان سنڌ کي جدا ڪري، الڳ صوبائي حيثيت ۾ جملي ڏهه سال رهڻ ڏنو ويو هو. ان ٿوري عرصي ۾ جيتوڻيڪ خاطر خواهه ترقي نه ٿي سگهي هئي، پر ساري سنڌ ۾ پڪن رستن جو جار پکڙجي ويو هو ڪيئي هاءِ اسڪول ۽ ڪاليج برپا ٿيا هئا. سنڌ يونيورسٽي قائم ٿي هئي. قوم پرستيءَ جو احساس وڌيو هو ڪيئي اسپتالون برپا ٿيون هيون. ٻه نوان بئراج ٺهيا هئا. سنڌي زبان کي زور وٺائڻ جي ڪوشش ٿي رهي هئي. ڪيئي ڪارخانا برپا ٿيا هئا. وغيره. پر جنهن قوم جا افراد صالح نه هوندا آهن. اها آزادي وٺڻ ۽ هلائڻ لائق نه رهندي آهي. اها ساڳي حالت نيٺ سنڌ سان ٿي. اسان پاڻ ۾ ڪن مڪاني سوالن تان ناراض ٿي، هندن کي ڪڍي، انهن جي جاءِ تي مسلمانن کي آندو پر اِها خبر

www.sindhsalamat.com

ڪا نہ هئي تہ "ويٺي سگهن لاءِ پر ڪن بہ ڪپائي آئي" جي پهاڪي وانگر. نوان مسلمان هتي اچڻ بعد پاڻ کي فاتح سمجهي، سنڌين سان مفتوح ماڻهن جهڙو ورتاءُ ڪرڻ لڳندا؛ سموري ملڪي جائداد جا مالڪ بنجڻ تي بہ راضي نہ ٿي، نيٺ ان کي پنجاب سان گڏي، ون يونٽ ۾ غلام بنائي، سنڌ جي سمورن وسائل تي قبضو ڪرڻ لڳندا؛ سنڌ جي قديم روايات کي متائڻ لاءِ شهرن ۾ رستن، اسپتالن، ڪاليجن، مارڪيٽن، بندرن ۽ بئراجن تي غير سنڌي نالا رکي، ڏاريءَ اردو ٻوليءَ کي زوريءَ ملڪ جي قومي زبان بڻائيندا؛ ۽ جمهوريت کي ختم ڪري، پنهنجي حڪمرانيءَ کي زور وٺائڻ لاءِ وزارتون ٺاهڻ ۽ ڊاهڻ جا ڪارناما شروع ڪري ڏيندا.

## ون يونٽ جي قيام بعد سنڌ سان وهايل ويلن جو احوال

جيتري قدر مون غور ڪري ڏٺو آهي تہ مغربي پاڪستان کي هڪ صوبي بنائڻ جو مقصد هيٺين مرادن جي حصول لاءِ هو:

1. پاڪستان مسلم قوم جي بنياد تي قائم ڪيو ويو هو. نظرياتي طور ان کي هڪ سمجهڻ سولو هو. پر عملي طور ان فطري طرح هزارن ورهين جي ڇئن جدا ٿيل ملڪن کي هڪ بنائڻ مشڪل مسئلو هو. تنهن ڪري هنن زوريءَ انهيءَ کي متحد بنائڻ لاءِ منظم طور ڪوشش ڪئي.
2. مغربي پاڪستان جي ڇئن صوبن جي آباديءَ جو مدار سنڌو درياهه ۽ ان جي مددگار ندين تي هو. جيئن تہ اهي ملڪ زياده تر زراعتي، صوبا هئا، انهن کي ترقي وٺائڻ ۽ گهٽي ۾ گهٽي پيدائش حاصل ڪري خوشحال بنائڻ لاءِ، هنن گڏيل منصوبي معرفت ڪم ڪرڻ زياده فائديمند سمجهيو ٿي.
3. مشرقي پاڪستان (بنگال ۾) ماڻهن جي آبادي زياده هئي، اتي جي رهاڪن جي زبان ۽ ڪلچر مغربي پاڪستان جي رهاڪن کان علحده هو منجهن بنگالي قومپرستيءَ جو جذبو بہ گهڻو هو. ترقيءَ ۾ مهاجر-پنجابي مستقل مفاد وارا زياده هئا، پر تعداد ۾ هو وڌيڪ هئا. جمهوري دستور مطابق حڪومت تي قبضو بنگالين کي ملڻو هو جا ڳالهه مهاجر-پنجابي مفاد جي خلاف هئي. انهي حالت کان بچڻ لاءِ هنن بہ طريقا سوچيا: هڪ، ٻنهي حصن کي مغربي حڪومت ۾ هڪ جيتري نمائندگي ڏني وڃي ۽ مغربي حصي

www.sindhsalamat.com

جي جملي قومن ۽ صوبن کي هڪ ڏوريءَ ۾ منسلڪ ڪري مقابلي لاءِ تيار ڪيو ويجي. ٻيو تہ سارو پاڪستان خاص طرح ۽ مغربي پاڪستان جا گھڻا حصا پوئتي پيل هئا. مرڪز ۾ حڪومت جي واڳ ڪاروبارين ۽ لشڪر جي ڪثرت ڪري مهاجر-پنجابي مستقل مفاد جي هٿ ۾ هئي. انهن جي ذريعي مرڪزي منصوبہ بنديءَ سان هنن نائدو حاصل ڪرڻ گھريو ٿي.

4. مغربي پاڪستان ۾ چار قومون ۽ چار صوبا هئا. جن جون زبانون علحده هيون. سنڌن ادب ۽ ڪلچر بہ علحده هئا. تن کي متحد ڪرڻ لاءِ هنن کي اها ڳالھ ذهن ۾ ويٺي تہ اردو زبان ۽ يو پي مسلمانن جي ڪلچر جي رنگ ۾ گڏي سيني کي هڪ بنائي سگھيا ٿي.

5. مغربي پاڪستان اندر پنجاب صوبي ۾ ماڻهن جي آبادي في ميل ٿي، بہ نسبت سنڌ، بلوچستان ۽ صوبہ سرحد جي زياده هئي. جا ڳالھ اهل پنجاب جي خوشحاليءَ ۽ ترقي جي راھ ۾ رڪاوٽ هئي. تن کي گڏي هڪ صوبي بنائڻ ذريعي، اهل پنجاب جي آباديءَ جو بار گهٽ ڪرڻ واسطي پنهنجي زياده آباديءَ کي ٻين صوبن ۾ ڪالونائيز ڪرڻ سان هو فائدو حاصل ڪري سگھيا ٿي. سنڌ ان لاءِ موزون صوبو هو. جنهن ۾ زمين ۽ ٻي پيدائش جا ذريعا گھڻا ۽ ماڻهو ٿورا هئا. تنهن ڪري ون يونٽ بنائڻ سان هو سنڌ جي زمين ۽ ٻين وسائل پيداوار کي پنجاب جي ڪثرت آباديءَ جي فائدي لاءِ ڪتب آڻي سگھيا ٿي.

6. مغربي پاڪستان ۾ جدا صوبن هئڻ ڪري هر هڪ صوبو پنهنجي جدا انتظام هئڻ سبب ان جي ترقيءَ لاءِ پنهنجا اڪثر مالي وسيلا مڪاني ماڻهن جي فائدي واسطي ڪتب آڻي رهيو هو جا ڳالھ مهاجر پنجابي مستقل مفاد جي خلاف هئي. هنن جي مفاد ۾ اها ڳالھ هئي تہ ساري ملڪ کي هڪ قوم بنائي، هڪ سانچي ۾ ڍالڻ سان هو سنڌن مفاد حاصل ڪري سگھيا ٿي. ان ڪري هنن اردو زبان ذريعي ۽ مرڪزي طاقت جي آڌار تي، جملي صوبن کي مرڪزي حڪومت ذريعي هڪ ڪرڻ جي رٿ رٿي.

7. خاص ڪري مغربي پاڪستان ۾ ڪيترين ڏيهي رياستون هيون. جي جدا نظامن هيٺ پنهنجي طور طريقي سان هلي رهيون هيون. تن کي ختم ڪرڻ سان، اتي جو انتظام مرڪزي حڪومت جي هٿ ۾ آڻي سگھيا ٿي. رڳو هڪڙيءَ بهاولپور رياست جي 17062 چورس ميلن کي پنجاب سان ملائي

www.sindhsalamat.com

پنهنجي ماڻهن کي ان ۾ نيئي ڪالونائيز ڪرڻ سان پاڻ تان آباديءَ جو بار گهٽ ڪري سگهيا ٿي.

انهن مقصدن جي حصول لاءِ هنن اسلام، سوشلزم ۽ جمهوريت جي نعرن هيٺ ملڪ کي متحد ڪرڻ جي رٽ رٽي.

جيڪڏهن چٽائي ڏسبو ته اسلام، سوشلزم ۽ جمهوريت جا نظريا ملڪ جي مجموعي نفعي لاءِ نقصانڪار ڪو نه هئا. پر انهن جي ڪاميابيءَ جو زياده مدار انهن جي ڪتب آڻڻ جي طريقن تي هو. آيا اهي نظريا هر هڪ صوبي جي قومي مفاد جي ترقيءَ لاءِ ڪتب آندا ٿي ويا، يا انهن کي مهاجر ـ پنجابي مستقل مفاد جي فائدي لاءِ ڪتب آندو ٿي ويو. جنهن صورت ۾ حڪمران طبقي جو مقصد خاص سندن سامراجي مفاد سان وابسته هو ان ڪري هنن جا اختيار ڪيل جملي طريقا ۽ تجربا ڪامياب ٿي نه سگهيا. ملڪ کي مجموعي طرح فائدي بدران نقصان پهتو ۽ اتحاد بدران نفاق پيدا ٿيو. ان حقيقت کي سمجهڻ لاءِ آئون ضروري ٿو سمجهان ته انهن مٿي ذڪر ڪيل نظرين جي ناڪاميابيءَ جي ڪارڻن معلوم ڪرڻ لاءِ بحث ڪري معاملي فهميءَ جي ڪوشش ڪئي وڃي.

## 1. ڇا مغربي پاڪستان جا رهاڪو واقعي هڪ قوم هئا؟

اهو نظريو مذهبي جذبي جي نقطه نگاهه سان پيش ڪرڻ سولو هو پر عملي طرح تاريخ جي ڪسوٽيءَ تي ڪڏهن به برثواب ٿي نه سگهيو هو. پختون ايراضيءَ ۾ اتي جا رهاڪو اهل پنجاب، بلوچستان جا رهاڪو ۽ سنڌي تاريخي پس منظر ڪري، جدا ملڪ ۽ قومون ٿي رهيا هئا. انهن جون زبانون علحده هيون. انهن جا رسم رواج جداگانه هئا. هنن جا سياسي اقتصادي مفاد متضاد هئا. هنن جي رياستن جون ايراضيون گهٽ وڌ هيون. سندن ماڻهن جي آباديءَ ۾ تفاوت هو. ڪن جي آبادي گهٽي ته ايراضي گهٽ هئي، جنهن ڪري زمين تي بار آباديءَ جو گهڻو هون. ڪي زرعي ترقي ڪري، جمهوري طرز مطابق ترقي جي راهه تي گامزن هئا. جهڙوڪ پنجاب جو صوبو. ڪي پيداوار ۽ مالي وسائل ۾ وڌيڪ زرخير هئا، پر سندن آبادي گهٽ هئي، جهڙوڪ سنڌ صوبو. ڪي ايراضيءَ ۾ گهڻا پر آباديءَ ۾ گهٽ ۽ زرعي نقطه نگاهه کان زرخيز ۽ آباد نه هئا. بلڪ ٽرائيبل دور مان گذري رهيا هئا. جهڙوڪ پختون ايريا ۽ بلوچستان جا رهاڪو. انهن ۾ ڪي جنگجو

www.sindhsalamat.com

ذهنيت جا هئا تہ ڪي امن پسند هئا. انهن ۾ مختلف تضاد جي گھٽائڻ لاءِ تاريخ جي هر دور ۾ ڪيترا طريقا استعمال ۾ آندا ويا هئا. جن مان ڪي هيٺيان خاص ذڪر ڪرڻ جي لائق آهن:

1. انهيءَ ايراضيءَ کي مغلي دور حڪومت ۾ انتظامي نقطہ نگاهہ کان ٽن خطن ۾ ورهائي منظم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي هئي: جيئوٽيڪ ان جي عملي طرح هلائڻ ۾ وقت بوقت ڪيئي رڪاوٽون پئي پيئون.

هڪ خطو مغلي دور حڪومت ۾ ملتان کان سنڌ جي سمنڊ واريءَ حد تائين هڪ نظام هيٺ رکيل هو.

ٻئي خطي جي ايراضي مغلن جي اوائلي دور ۾ لاهور کان پشاور تائين هڪ نظام هيٺ هلائي ويندي هئي.

ٽئين خطي جي ايراضي موجوده پنجاب جي ضلع ديري غازي خان ۽ موجوده بلوچستان واري خطي ۾ شمار ڪئي ويندي هئي.

ليڪن مغلن جي آخري دور ۾ انهن خطن جي ورهاست ۾ ردوبدل ٿي پيئي. پهرئين خطي سنڌ جي ايراضي مان ملتان وارو حصو ڪٽجي وڃي لاهور واري خطي سان گڏجي پشاور تائين مکن جي ماتحت ٿيو.

ٻيو حصو ڪلهوڙن جي دور حڪومت ۾ سنڌ ۽ بهاولپور وارو هڪ ٿي خاندان ڪلهوڙن ۽ دائودپوٽن جي زير تسلط رهيو.

ٽيون حصو بلوچستان وارو سرداري سسٽم هيٺ ڪري مختلف قبيلن ۾ ورهائجڻ سبب افغان اثر هيٺ رهيو. صرف ان مان لس ٻيلي وارو چانڊ سنڌي هيٺ ڪري ان جا تعلقات سنڌ سان قائم رهيا.

انهيءَ پس منظر مطابق الهندي پاڪستان صوبي هيٺ آيل ملڪ ڪڏهن بہ هڪ نظام هيٺ متحده ملڪ ٿي نہ رهيو هو. نہ انهن جي ٻولي هڪڙي هئي نہ سندن سياسي ۽ اقتصادي مفاد يڪسان هئا. جنهن ڪري اڪثر منجهن اختلاف هلندا آيا.

## 2. انهيءَ ايراضي ۾ رهندڙ ماڻهو ٽن مذهبن ۾ ورهايل هئا:

(1) ملسمان. (2) هندو ۽ (3) سک

انهي ايراضيءَ ۾ رهندڙ ماڻهن جي مستقل مفادن منجهن اختلاف پيدا ڪري ڇڏيا هئا. انهن اختلافن کي گهٽائڻ لاءِ منجهن ڪي بزرگ پيدا ٿيا. جن تصوف جي بنياد تي. انهن ٽنهي مذهبن جي اختلافن کي گهٽائي، هڪ ٻين جي

www.sindhsalamat.com

نزديڪ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي. انهن مان خواجہ فريد, گرونانڪ, شاهہ باهو بلا شاهہ, شاهہ عنايت جهوڪ وارو شاهہ لطيف ڀٽائي, سچل سر مست, شاهہ نصير نوشهري وارو روحل فقير, سامي ۽ دلپت مکيہ هئا.

ٻئي طرف مغلن جي حڪومت ۾ ٻن ڌارائن جي اختلاف سبب, هڪ بزرگ غلام احمد سرهنديءَ جي تعليم جي وسيلي سان مسلمانن جي برتريءَ جي نظريي هيٺ اهڙو رويو اختيار ڪيو جنهن ڪري هندن ۽ مسلمانن ۾ اڳي ذڪر ڪيل بزرگن جي تعليم ۽ تربيت خلاف اختلاف پيدا ٿيا. اورنگزيب سندس سموري طاقت ملڪ فتح ڪرڻ طرف صرف ڪئي ۽ ڌارائن کي مارايو جنهن جو نتيجو اهو نڪتو تہ اورنگزيب جي وفات کان پوءِ مرهٽن ۽ سکن زور وٺڻ شروع ڪيو. نيٺ مرهٽن دهليءَ واري تخت گاهہ تي قبضو ڪري ڦر فصل ڪئي. سکن ساري پنجاب کي پشاور تائين پنهنجي قبضي هيٺ آندو. انهن جي تتبع تي سنڌ ۾ ڪلهوڙن سندن دور حڪومت ۾ ڪٽر پڻي جي پاليسي اختيار ڪئي, جنهن جي وڌائڻ ۾ ٺٽي جي ملا محمد هاشم ٺٽويءَ نمايان حصو ورتو. پر هتي هندو مسلمان درويشن جي اثر ڪري اها پاليسي جتاءُ ڪري نہ سگهي, ۽ انهن جي جاءِ تي ٽالپرن جي حڪومت آئي, جن ان ڪٽر پڻي جي پاليسي کي گهٽائڻ جي ڪوشش ڪئي. ان کانپوءِ انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو ۽ حڪومت کي سيڪيولر بنيادن تي هلايو. پر جيئن تہ هنن مسلمانن کان حڪومت هٿ ڪئي هئي, ان ڪري هنن هندن جي, واپار, تعليم, نوڪرين ۾ سرپرستي ڪري, انهن کي زور وٺايو. هوڏانهن پنجاب ۾ سکن ۽ مسلمانن ۾ اقتدار لاءِ ڇتاپيٽي شروع ٿي. 1857ع ۾ انگريزي حڪومت خلاف هندستان ۾ بغاوت ڪڙي ٿي. ان ۾ مسلمان مجاهدن ۽ هندن گڏجي ڪم ڪيو. انگريزن مسلمان مجاهدن جي طاقت ختم ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪئي, ۽ ان لاءِ هنن مسلمانن مان سرسيد احمد خان جي توسط سان پنهنجا پوئلڳ پيدا ڪري, انهن کان اهو ڪم ورتو. مسلمان ٻن سياسي نقطہ نگاهہ جي گورهن ۾ ورهائجي ويا: هڪڙا انگريزن جي سرپرستيءَ هيٺ عليگڙهہ اسڪول آف ٿاٽ (مڪتبہ فڪر) هيٺ ٿي, پنهنجي مستقل مفاد بچائڻ لاءِ, سملم ليگ جماعت ٺاهي, انهي ذريعي صرف مسلمانن جي هڪ مخصوص طبقاتي ۽ سياسي مفاد لاءِ انگريزن جا حمايتي ٿي ڪم ڪرڻ لڳا. ٻيا ديوبندي نقطہ نگاهہ جا ٿي, انگريزي حڪومت جي مخالفت ڪندا رهيا.

www.sindhsalamat.com

جڏهن ڪانگريس آزاديءَ جي هلچل قومي بنيادن تي هلائڻ جي شروعات ڪئي، تہ هي ان سان مليا. انگريزي حڪومت جي خلاف هلايل هلچل ۾ شريڪ ٿيا. آخري دور ۾ خلافت ڪاميٽي، جميعت علماءِ هند، احراري جماعت متحده هند جا قائل رهيا. ۽ بيا جناح صاحب جي سياسي ليڊرشپ هيٺ ۽ علامہ اقبال جي عليگڙهي سياست مطابق نظرياتي طور مسلمانن جي جداگانہ قوم جي بنياد تي ملڪ جي فرقيوار ورهاڱي جا قائل ٿيا. نيٺ ملڪ ورهائجي ويو. هندو ۽ سک، پاڪستان واري خطي زمين مان لڏي ڀارت طرف ويا ۽ هندستان مان ڪٽر قسم جا مسلمان، پاڪستان کي سندن مستقل مفاد لاءِ نئون چراگاهہ سمجهي ان ۾ اچي ڪالونائيز ٿيا.

جناح ۽ لياقت علي جي ڏينهن ۾ مهاجر اقتدار ملڪ تي قائم رکڻ لاءِ ڪوشش ٿي، پر لياقت عليءَ جي غيردانشمندانہ پاليسي ڪري پاڪستان جي جملي صوبن جا رهاڪو ان جي برخلاف ٿي پيا، جنهن ڪري اهل پنجاب جي ليڊرن هن کي قتل ڪري سياسي ليڊرشپ جي واڳ پنهنجي هٿ ۾ ورتي. جنهن صورت ۾ اهل بنگال تعداد ۾ اڪثريت ۾ هئا، ان ڪري اول پنجاب ۽ بنگال ۾ اقتدار جي حصول لاءِ سياسي اختلاف پيدا ٿيا. جنهن جي مقابلي ڪرڻ لاءِ اهل پنجاب ون يونٽ ٺاهي، ساڳئي فرقيوار بنيادن تي مغربي پاڪستان جي جدا قومن کي اسلام ۽ مسلم قوم جي نالي ۾ متحد ڪرڻ لاءِ ڪوشش شروع ڪئي، پر ملڪي، لساني، اقتصادي اهڙا ڳوڙها هئا، جو صرف مذهب جي نالي ۾، انهن کي دور ڪرڻ ۾ ڪامياب نہ ٿيا. ان کان سواءِ ون يونٽ قائم ڪرڻ وقت جي آمرانہ ۽ غير منصفانہ طريقا هنن ننڍين قومن کي پنجاب جي ڪثرت ۾ ضم ڪرڻ لاءِ اختيار ڪيا، تن اتحاد جي بجاءِ نفاق کي وڌايو.

## 3. سنڌو درياهہ جي پاڻيءَ جي ورهاست ۽ منصوبہ بندي:

اهو بين القوامي قانون آهي تہ جملي درياهن جي پاڻي تي جن ملڪن مان هو لنگهن ٿا، انهن جو حق تسليم ڪيل آهي. سنڌو درياهہ ۽ ان سان ملحق مددگار نديون جهڙوڪ چناب، جهلم، راوي، ستلج ۽ بياس، موجوده وقت جي ڀارت وارين ايراضين مان نڪري سمنڊ تائين وڃن ٿيون.

(الف) 3_1_1990ع ڌاري انهن درياهن جي پاڻي جي ورهاست بابت، هند سرڪار طرفان هڪ انڊين اريگيشن ڪميشن انهي مقصد لاءِ مقرر ڪئي

www.sindhsalamat.com

ويئي. جنهن فصلو ڪيو تہ مٿي ذڪر ڪيل درياهن مان پنجاب سرڪار ۽ سنڌ سرڪار جي رضامنديءَ کان سواءِ ڪوبہ پاڻي ڪٽي نہ سگهندو. انهن ڏينهن ۾ سنڌ بمبئي پرڳڻي سان ملحق هئي.

ب: ان نهراءُ ۽ پاليسي کي 1919ع جي گورنمينٽ .ف انڊيا ائڪٽ ۾ بہ تسليم ڪيو ويو هو. جنهن موجب فيصلو ٿيل هو تہ ڪوبہ نئون پراجيڪٽ انهن درياهن جي پاڻيءَ بابت ڪنهن بہ صوبي طرفان گورنمينٽ آف انڊيا جي منظوريءَ کان سواءِ نهي نہ ٿي سگهيو.

ٽ: سنڌو درياهہ ۽ ان سان ملحق مددگار ندين جي پاڻيءَ جي ورهاست جو سوال گهڻو پراڻو هو پر 1919ع کان ان تي زوردار اختلاف شروع ٿيا.

ان ڪري بمبئي سرڪار ۽ پنجاب سرڪار جي وچ ۾ انهيءَ پاڻيءَ جي ورهاست تان اختلاف پيدا ٿيا. جنهن جو احوال 2 جون 1927ع تي سنڌ سرڪار طرفان سيڪريٽري آف اسٽيٽ ڏي موڪليل لکپڙهہ مان پڙهي سگهي ٿو. ان مان ڪي مختصر تڪر هيٺ ڏجن ٿا تہ مسئلي جي پس منظر بابت پڙهندڙن کي پتو پئجي سگهندو تہ ڪهڙيءَ طرح اهي اختلاف شروع ٿيا.

ث: انڊين ڪاٽن ڪميٽيءَ جي رپورٽ 1919ع ۾ ڇپجي پڌري ٿي. ان ڪاميٽيءَ جي ميمبرن کي خاص دلچسپي، سنڌ جي اڪيچار ايراضيءَ کي ڪپهہ جي پوک هيٺ آڻڻ سان هئي، جو ان ۾ مانچسٽر ۽ بمبئيءَ جي ڪپهہ ڪارخانن وارن جو هٿ هو.

ان رپورٽ ۾ خاص ڇاٽايل هو تہ پنجاب سرڪار طرفان ڪوبہ نئون پراجيڪٽ شروع نہ ڪيو وڃي، جيسين سکر بئراج جو ڪم پورو نہ ٿيو آهي ۽ جيسين آئيندي سنڌ لاءِ پاڻيءَ جي ضرورتن جو پتو نہ پيو آهي.

ج: آگسٽ 1919ع تي بمبئي سرڪار (جنهن سان سنڌ ملحق هئي) هند سرڪار عرضداشت ڪئي. ڇاڪاڻ تہ هن کان پوءِ جيڪي بہ پراجيڪٽ پنجاب سرڪار طرفان سندن آباديءَ جي وڌائڻ لاءِ شروع ڪيا ويندا. تن جو اثر سکر وٽان لنگهندڙ پاڻيءَ تي ضرور پوڻو آهي. تنهن ڪري بمبئي سرڪار کي پنجاب سرڪار طرفان نون پراجيڪٽن لاءِ گهربل رپورٽ موڪلڻ گهرجي.

ح: سيپٽمبر 1919ع تي پنجاب سرڪار ٿل پراجيڪٽ اسڪيم ناهڻ لاءِ هند سرڪار کي عرضداشت پيش ڪئي تہ ان پراجيڪٽ کي سکر بئراج جي ناهڻ تي ترجيح ڏني وڃي. ان اسڪيم موجب پنجاب سرڪار جو. پنجاب جي

www.sindhsalamat.com

آبادگارن کي 17،10،000 (سترنهن لک) ايڪڙن لاءِ پاڻي مهيا ڪرڻ جو ارادو هو.

ڊ: لارڊ چيمسفورڊ، هندستان جي گورنر جنرل، پنجاب جي ان عرضداشت قبولڻ کان انڪار ڪيو ڇاڪاڻ ته ان پراجيڪٽ هيٺ گهٽ تسم جي ايراضيءَ واري زمين آباد ٿيڻي هئي. ان کان سواءِ هنن کي سکر ۽ ستلج وئلي پراجيڪٽن جي منظوري سيڪريٽري آف اسٽيٽ کان ملڻ جي اميد هئي. جي سنڌن نقطہ نگاهه موجب وڌيڪ ترجيح ڏيڻ جي لائق هئا.

ڏ: وري ٿورو ترسي، ڪجهه مهينن کان پوءِ پنجاب سرڪار ٿل پراجيڪٽ اسڪيم کي ٻيهر ترميم ٿيل صورت ۾ هند سرڪار اڳيان پيش ڪيو ۽ ستلج وئلي پراجيڪٽ جي اسڪيم شروع ڪرڻ کان پوءِ ٿل ۽ ويلي پراجيڪٽ جي شروع ڪرڻ جي منظوري گهري. ان تي هند سرڪار اهي پراجيڪٽ منظور نه ڪيا. مرڳو کين چيو ته انهن پراجيڪٽن لاءِ ضروري سروي ۽ ٻيو مواد هٿ ڪري، کين موڪلي ڏين. جو ان مان کين سکر بئراج تي پونڊڙ اثر جو اندازو پئجي سگهندو.

ر: اپريل 1943ع تي سيڪريٽري آف اسٽيٽ فار انڊيا سکر بئراج جي ڪوٺائڻ جي منظوري ڏني. ان تي پنجاب سرڪار اعتراض ورتو ته سنڌن بئراجن تي ڇو سکر بئراج کي ترجيح ڏني ويئي هئي ۽ ان جي آباديءَ لاءِ جيڪي پاڻي جون ڊيوٽيز بمبئي سرڪار طرفان مقرر ڪيون ويئون هيون. تن تي به اعتراض ورتائون. جنهن تي بمبئي سرڪار سخت احتجاج ڪندي، جواب ڏنو ته پنجاب سرڪار سنڌو درياهه ۽ ان جي مددگار ندين مان پاڻيءَ جو گهڻو حصو اڳئي وٺي ڇڏيو هو ۽ سنڌن سڀ پراجيڪٽ پيرينيل (دائمي وهندڙ واهن جا) هئا. ۽ ٻئي طرف سنڌ ۾ اڃا هڪڙو به پراجيڪٽ شروع نه ڪيو ويو هو. ان موقعي تي بمبئي سرڪار ٿل پراجيڪٽ جي ٺاهڻ تي به اعتراض ورتو جو ان جي نڪرڻ ڪري کين سنڌ جي آباديءَ لاءِ مستقبل ۾ گهربل پاڻيءَ لاءِ گهڻو خطرو نظر آيو ٿي.

ز: هند سرڪار ٻنهي بمبئي ۽ پنجاب جي سرڪارين جي اعتراض تي غور ڪيو ۽ سکر بئراج تي آباديءَ لاءِ پاڻيءَ جي ڊيوٽيز تي نئين سر غور ڪيو. جنهن صورت ۾ آخري فيصلي لاءِ وقت پهچي چڪو هو. ان ڪري هند سرڪار هڪ اعلان ذريعي 21 آگسٽ 1923ع تي ٻنهي سرڪارين کي پنهنجي فيصلي کان آگاهه ڪيو.

ان ۾ ڄاڻايل هو ته سنڌ وارن کي سکر بئراج ۽ ٻيا پراجيڪٽ ڪوٺائڻ جو پورو حق حاصل هو. تنهنڪري انهن جي لاءِ سنڌ وارن کي گارنٽي ڏيڻ ضروري

www.sindhsalamat.com

هئي. ان کان سواءِ ان اعلان ۾ اهو به ڄاڻايل هو ته سکر بئراج لاءِ زمين جي آباديءَ واسطي جيڪي پاڻيءَ جون ڊيوٽيون مقرر ڪيل هيون، سي گهٽي غور ۽ فڪر بعد مقرر ڪيل هيون. ڇاڪاڻ ته سنڌ ۾ بارش گهٽ پيئي ٿي ۽ اندر گرائونڊ واٽر (پاڻي) جي به قلت هئي. هند سرڪار صاف ظاهر ڪري ڇڏيو ته ان مسئلي کي وري اٿلائڻ لاءِ ڪابه ضرورت نه هئي. ان کان سواءِ ان اهو به ڄاڻائي ڇڏيو ته آئينده سنڌ ۽ پنجاب جو ڪوبه پراجيڪٽ منظور نه ڪيو ويندو. سواءِ ٻي پارٽيءَ کي وقتائتي اطلاع ڏيڻ ۽ ان بابت ٻنهي جي وچ ۾ قابل قبول فيصلي مهيا ڪرڻ جي.

س: ان فيصلي کان پوءِ 15 مهينن تائين پنجاب سرڪار ۽ بمبئي سرڪار کان ڪجهه به ان مسئلي بابت لکپڙهه جو پتئو پئجي نه ٿو سگهي، جو ماٺ ٿي ويئي.

ش: سنڌو درياهه ۽ ان سان ملحق ندين جي پاڻيءَ تي پنهنجي حق ڄمائڻ لاءِ پنجاب سرڪار نومبر 1924ع ۾ وري ٿل پراجيڪٽ جي اجازت لاءِ سوال اٿاريو. هن پيري تجربي خاطر ننڍي واهه کوٽائڻ جي تجويز ڏني هئائون. جنهن ۾ صرف 750 ڪيوسڪ پاڻيءَ جي ضرورت هين. هند سرڪار جي چوڻ تي بمبئي سرڪار ان مسئلي تي غور ڪري رهي هئي، ته پنجاب سرڪار پنهنجي عرضداشت کان ڦيرو کائي، سيپٽمبر 1925ع ۾ وري ٻي عرضداشت ڪئي، جنهن ۾ مڪمل ٿل پراجيڪٽ بنائڻ جي تجويز ڏنل هئي. ۽ ڄاڻايل هو ته اهو پراجيڪٽ هو شروع ڪرڻ وارا هئا. ٻئي مهيني ۾ هند سرڪار پنجاب سرڪار کي ننڍي ٿل پراجيڪٽ جي اجازت ڏني، جنهن موجب 8،80،050 ايڪڙ آباد ٿيڻ وارا هئا ۽ سرديءَ جي موسم ۾ ڪين 2085 ڪيوسڪ پاڻي سنڌو درياهه مان وٺڻ جي اجازت ڏنل هئي.

اهو اختلاف هلندو رهيو جڏهن فيبروري 1926ع ۾ لارڊ ريڊنگ جي هند سرڪار انصاف جي بنياد تي مجبور ٿي، بمبئي سرڪار جي روبي جي تائيد ۾ هيٺيون فيصلو ڏنو:

1. جيسين تائين سکر بئراج اسڪيم مڪمل ٿي، چالو نه ٿي آهي ۽ آئينده لاءِ سنڌ ۾ دائمي پاڻي ڏيڻ جي ضرورتن بابت پتو نه پيو آهي، ان وقت تائين ٿل اسڪيم لاءِ گهربل پاڻيءَ جي تجويز کي نئين سر نه اٿلايو ويندو.
2. جيئن ته ستلج وئلي ڪئنال مان پاڻيءَ جي گهرج جو اڃا پوريءَ طرح پتو ڪونه پيل هو انهي ڪري بمبئي سرڪار کي حق هو ته سنڌو درياهه ۽ انهن جي مدد گار ندين مان پنجاب جي وڌيڪ پاڻي ڪڻڻ تي اعتراض ڪري

www.sindhsalamat.com

سگھي. جيسين تائين ڪو پورو ثبوت مهيا نہ ڪيو ويو هو تہ انهيءَ ڪري سکر بئراج جي گهربل پاڻي کي خطري جو امڪان هو.

3. ان بابت پتو تڏهن پئجي سگهندو جڏهن سنڌو درياهہ ۽ ان جي مددگار ندين جي ماپ پوريءَ طرح معلوم ٿي سگهي، جنهن لاءِ سر ٿامس وارڊس جي نوٽ مطابق 10 ڊسمبر 1929ع تائين انتظار ڪرڻو هو.

ص: باوجود ان جي بہ پنجاب سرڪار اعتراض اٿاريندي رهي. ان تي هند سرڪار ان سوال کي سيڪريٽري آف اسٽيٽ فار انڊيا ڏي فيصلي لاءِ رجوع ڪيو. ان جواب ڏنو تہ برٽش سرڪار کي افسوس سان چوڻو پوي ٿو تہ پنجاب سرڪار کي مطلع ڪيو وڃي تہ "هن وقت هوءَ سنڌس درخواست ڀڃڻ لاءِ تيار نہ آهي."

ض: ان مان پتو پوندو تہ پنجاب سرڪار ابتدا کان وٺي سنڌ کي معمولي پاڻي ڏيڻ لاءِ بہ تيار نہ هئي. جڏهن هند سرڪار برٽش سرڪار طرفان پنجاب سرڪار کي مٿي ذڪر ڪيل جواب ڏنو تڏهن لاچار پنجاب سرڪار انهيءَ صورتحال کي تسليم ڪيو.

## 1935ع کان پوءِ جو عرصو

1935ع تائين سکر بئراج ۽ ستلج وئلي پراجيڪٽ مڪمل ٿي، آباديءَ لاءِ پاڻي ڏيڻ لڳا هئا. ان وچ ۾ بيڪانير، بهاولپور ۾ پنجاب جي وچ ۾ پاڻي جي مسئلي تان اختلاف پيدا ٿيا. خيرپور رياست ربيع ۾ وڌيڪ پاڻي لاءِ گهر ڪئي ۽ پنجاب سرڪار حويلي پراجيڪٽ لاءِ وڌيڪ پاڻيءَ جي گهر ڪئي. ان مسئلي کي فيصل ڪرڻ لاءِ هند سرڪار "انڊرسن ڪاميٽي" مقرر ڪئي، جنهن تي جملي صوبن ۽ رياستن جا عيوضي رکيا ويا. تہ ان مسئلي تي پارٽين جي تقاضائن کي مدنظر رکي فيصلو ڪري انڊرسن ڪاميٽي 9 سيپٽمبر 1935ع تي متفق طور پنهنجون سفارشون پيش ڪيون. جن تي هند سرڪار ٺهراءُ ڪري انهن کي منظور ڪيو ۽ سيني پراجيڪٽن جي پاڻيءَ جي ورهاست لاءِ حدون مقرر ڪيون. جن ۾ سنڌو نديءَ ۽ ان سان ملحق ندين تي مختلف مهينن لاءِ پاڻيءَ جي الاٽمينٽ منظور ڪيل هئي.

جيتوڻيڪ ڪاميٽيءَ جي تجويز ڪيل ٽرمس ۾ ٿل پراجيڪٽ جو ذڪر ڪيل ڪونہ هو پر پنجاب سرڪار ڪاميٽيءَ کان ٿل پراجيڪٽ لاءِ وڌيڪ پاڻي منظور ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي.

www.sindhsalamat.com

## تاريخي "راءِ ڪميشن" جو قيام:

جنهن صورت ۾ پنجاب سرڪار وڌيڪ پاڻي کڻڻ ۽ بند ٻڌائڻ لاءِ رٿائون تيار ڪندي رهي هئي، انهيءَ ڪري سنڌ سرڪار مجبور ٿي بمبئي سرڪار معرفت 1939ع ۾ هند سرڪار کي عرضداشت ڪئي. بمبئي سرڪار 1935ع جي انڊيا ائڪٽ مطابق، اها درخواست آخري صورت ۾ هند سرڪار جي گورنر جنرل اڳيان 7 جون 1941ع تي پيش ڪئي، ۽ گهر ڪئي ته فيصلي ٿيڻ تائين پنجاب سرڪار جي اهڙين رٿائن تي بندش وڌي وڃي. هن عرضداشت تي غور ڪرڻ لاءِ گورنر جنرل 11 سيپٽمبر 1941ع تي هڪ ڪميشن جسٽس ,مسٽر بي. اين. راءِ، هاءِ ڪورٽ ڪلڪتي جي چيئرمنيءَ هيٺ مقرر ڪئي.

"راءِ ڪميشن" فيصلو ڪيو ته پنجاب سرڪار طرفان جيڪي رٿيل پراجيڪٽ وجود ۾ آيل آهن يا وڌيڪ جن لاءِ گهر ڪري رهي هئي، ان مان سنڌ جي آباديءَ کي آبڪلانيءَ جي سيپٽمبر مهيني ۾ نقصان پهچڻ جو انديشو هو. ان ڪري ڪميشن فيصلو ڪري تجويز ڏني ته ان سوال جي حل لاءِ سنڌ ۾ ٻن نون ٻراجن کوٽڻ جي ضرورت هئي: هڪ اپر سنڌ ۾ ۽ هڪ لور سنڌ ۾. ڪميشن وڌيڪ اهو به ڄاڻايو ته جنهن صورت ۾ سنڌ کي انهن ٻراجن جي کوٽائڻ لاءِ پيسن جي ضرورت پوڻ واري هئي. تنهن ڪري معاوضي طور سنڌ کي انهن ٻراجن کوٽڻ لاءِ پنجاب سرڪار ٻن ڪروڙ روپين جي مدد به ڏئي. ڪميشن انهي سوال تي به پنهنجو فيصلو صادر ڪيو ته سنڌ ٻراجن لاءِ پاڻيءَ جي ڪپت جي ڪيتري ضرورت ٿيندي.

ان تي هند سرڪار مسٽر گرانٽ ۽ راءِ بهادر ڪوسلا کي، ڪميشن جي سفارشن جي روشنيءَ ۾ معاهدي جا شرائط طئي ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيو جن 18 مهينن جي محنت بعد هڪ ايگريمينٽ جو مسودو پيش ڪيو جو هيٺ ڏجي ٿو. ان تي ٻنهي ڌرين 18 سيپٽمبر تي صحيحون ڪيون. اها ايگريمينٽ پنجاب حڪومت سرڪاري طور 13 آڪٽوبر تي قبول ڪئي. پيسن جي سوال تي ڪجهه گهٽتائي ڪرڻ جي شرطن سان.

هند سرڪار ان ايگريمينٽ کي قبولڻ جي منظوري ڏني. ان بعد پنجاب سرڪار، تجويز قبول ڪندي، هز مئجسٽي جي برٽش سرڪار کي صرف رقم گهٽائڻ لاءِ درخواست ڪئي، جنهن تي لکپڙهه هلندڙ هئي، ته هندستان ورهائجي ويو ۽ هند سرڪار ۽ برٽش سرڪار جو هٿ نڪري ويو ۽ سنڌ پاڪستان

www.sindhsalamat.com

ترجيح نمبر۔ 5 جو تعلق بچت پاڻيءَ سان هوندو.

2. سواءِ ان حالت جي جنهن لاءِ بہ طرح ڄاڻايل هوندو تہ گهٽيءَ خاص ترجيح سبب ان جي نئين ترجيحن تي فوقيت هوندي

3. ترجيح نمبر۔ 1 (موجوده ورهاست بابت).

(جنهن ۾ 1۔اپريل کان 20 سيپٽمبر جو مدو ڄاڻايل هوندو سواءِ بہ طرح ڄاڻايل حالت جي)

(A) پنجند (پنجاب جون نديون)

هن ترجيح ۾ هي ڳالهيون داخل هونديون:

الف: اهي ورهاستون جي اڳيون واهن کي ڏنل هونديون. يعني

1. اُتر وارا واهہ (اپر ۽ لوئر چناب، اپر ۽ لوئر جهلم ۽ باري دواب واهہ) (اپر چناب ۽ اپر جهلم واهن جي ورهاست ۾ ٻاڦ ذريعي نقصان ٽيل پاڻي)

2. اپر باري دواب ڪئنال ۽ ڪشمير ڪئنال،

3. سرهند ڪئنال،

ب: اُهي ورهاستون جي اڳي اڻ سڌريل واهن کي مليل هونديون. يعني

(1) ستلج وئلي ڪئنال، (2) حويلي ڪئنال، ۽ (3) پنجند ڪئنال، جن ۾ سندن آئينده سڌاري جي گنجائش رکيل هوندي

انهن ورهاستن کي پنجاب جي ندين جي پاڻيءَ تي پهريون حق هوندو پر سنڌو نديءَ جي پاڻي تي ڪوبہ حق نہ هوندو سواءِ انهن پابندين جي تہ اهي ورهاستون ڪنهن بہ ڏينهن ٽيبل (الف) ۾ ڄاڻايل ورهاستن ۾ واڌارو نہ ڪيل هوندو. سواءِ ان جي جو ترجيح 1 (ب) لاءِ 3 جي ضرورتن کي مدنظر رکيو ويو هجي، جيئن هيٺ ڄاڻايل آهي.

(B) سنڌو درياهہ:

(I) هن ترجيح ۾ هيٺيون ڏنل ورهاستون شامل آهن:

1. ٿل ڪئنال،

2. سکر بئراج ڪئنال، خيرپور رياست جي ڪئنالن سميت.

(II) ٿل ۽ سکر بئراج ڪئنالن جو سنڌو درياهہ ۽ پنجاب جي پنجن درياهن تي هڪجهڙو حق هوندو ڪنهن بہ ڏينهن پنجاب کي ترجيح 1۔الف ۾ ڄاڻايل پاڻيءَ کان زياده پاڻي نہ ملندو سواءِ ان صورت جي، جو پاڻي ترجيح نمبر 2۔3 جي ضروريات کان زياده هوندو.

www.sindhsalamat.com

(2) مدو 1. آڪٽوبر کان 31 مارچ جو ياَ جيئن ہيءَ طرح ڇاٽايل ھوندو.

الف: پنجند (پنجاب جون نديون)

(I) ھن ترجيح ۾ ھيٺيون ڳالھيون شامل ھونديون:

(A) جي ورھاستون پراڻن واھن کي مليل ھونديون، يعني

1. اتر ڪئنال (اپر ۽ لوئر چناب، اپر ۽ لوئر جھلم ۽ لوئر باري دواب ڪئنال)

2. اپر باري دواب ڪئنال ۽ ڪشمير ڪئنال.

3. سرھند ڪئنال.

(B) ورھاستون، جي اڳي ستلج وئلي ڪئنالن کي ڏنل ھونديون، بمع ان کي وڌائي دائمي واھ جي درجي تي آڻڻ جي.

(C) ورھاستون، جي اڳي پنجند ۽ حويلي ڪئنالن لاءِ منظور ڪيل ھونديون.

(D) وڌيڪ ورھاستون پنجند ۽ حويليءَ کي دائمي ڪرڻ لاءِ جيئن ھيٺ B-V ۾ ھيٺينءَ طرح ڇاٽايل آھي.

(II) مٿي ڇاٽايل الف_ب_ت ورھاستن کي پھريون حق پنجاب جي ندين تي ھوندو ۽ ان جو حق سنڌو درياھ جي پاڻيءَ تي نہ ھوندو.

(III) الف ۽ ب جي ورھاست، ندين ۾ پاڻيءَ جي موجودگي يا ربيع ۾ پاڻي وٺڻ جي مقدار تي محدود رکي ويندي.

(B) سنڌو درياھ:

(I) ھن ترجيح ۾ ربيع جي پاڻيءَ جي ورھاست شامل آھي، جنھن ۾

1. آبڪلاٽي واھ جي سکر بئراج جي نون واھن ۾ سمايا ويا آھن، انھن جي پاڻيءَ کي ٽن سالن جي گھٽ ۾ گھٽ ڪنھن ڏھ سالي عرصي جي سراسريءَ تي شمار ڪيو ويندو.

2. پنجاب جا آبڪلاٽي واھ جن کي سنڌو درياھن مان بئراجن تي دائمي طرح بند ھيٺ تبديل ڪيو ويو آھي، انھن جي پاڻيءَ کي ٽن سالن جي گھٽ ۾ گھٽ ڏھن سالن جي عرصي جي سراسريءَ تي شمار ڪيو ويندو.

3. سکر بئراج ڪئنال، خيرپور رياست جي ڪئنالن سميت.

4. ٿل ڪئنال، منظور ڪيل حد تائين.

5. ٿل ڪئنال کي 6000 ڪيوسڪ جي حد تائين پاڻي کڻڻ جي اجازت ھوندي

(II) 1 کان 4 ڪلاز ۾ ڏيکاريل ورھاست جي گھٽ ۾ گھٽ ورھاست ٽيبل نمبر سي- 1 ۾ ڇاٽايل آھي.

www.sindhsalamat.com

الف: 1954ع کان اڳ يا سنڌ جي ٻنهي بئراجن جي مڪمل ٿيڻ کان اڳ (جيڪو به اڳ هوندو) سواءِ سب ڪلاز هيٺ ڄاڻايل پاڻيءَ مان ڪجهه ڪو به پاڻي ڪڍي نه سگهبو.

ب: پنجاب جي هيٺين رٽيل واهن لاءِ 1954ع کان 1957ع تائين پاڻي ڏيئي سگهبو:

1. پنجاب جا رٽيل واهه جيڪي پيريرائتي 3 ۾ ڄاڻايل هوندا.

2. ڀاڪرا ڊئم وٽان سواءِ پهرين جولاءِ کان 30 سيپٽمبر تائين.

3. ڏيان گرهه ٻين ننڍين بندن مان بند ڪيل پاڻي جولاءِ ۽ آگسٽ ۾ سکر جي پاڻيءَ جي حساب موجب پاڻي سب ڪلاز 2 موجب سنڌ لاءِ ڪڍي سگهبو.

ت. 1957ع کان پوءِ به ڏيان گرهه ڊئم يا ٻين ننڍين بندن جو پاڻي (سکر تاريخ مطابق) جولاءِ ۽ آگسٽ لاءِ سنڌوءَ واسطي پاڻي ڏنو ويندو.

ث: پنجاب ڪنهن به وقت بست ڪئنال اسڪيم سون سرسا ندين يا ان جي لنڪ ڪيل ڊئم مان ڦاهي سگهي ٿو. بشرطيڪ انهن ٻني بندن ۾ گڏ ڪيل پاڻي پنج لک ايڪڙ فوٽن کان مٿي نه هوندو يا سڌو ان اسڪيم لاءِ درياهه مان پاڻي نه کنيو ويندو. بشرطيڪ (سکر جي تاريخن مطابق) جولاءِ ۽ آگسٽ جي مهينن کان سواءِ جيڪڏهن ان پاڻيءَ جي ڪٽڻ سبب سنڌ جي آبڪلاڻي جي واهن يا سنڌ جي نون بئراجن ۾ پاڻي ٽيبل (الف-2) ۾ ڄاڻايل حد کان گهٽ نه ٿي ويندو.

7. پيريرائتي نمبر 5 (واڌو سپلاءِ بابت):

1. ڪلاز 12 ۾ ڄاڻايل مدي مطابق ڪنهن به ڌر کي حق هوندو ته پيريرائتي 1 کان 4 تائين ڪنهن به واهه يا بند مان ان جي مقدار جي حد تائين واڌو پاڻي پنهنجي مقرر ڪيل مقدار موجب ڪڍي سگهي. پر ان نموني ڪتب آندل پاڻيءَ کي آئيندي لاءِ حق طور ڪتب نه آندو ويندو. ان سب ڪلاز ۾ ڄاڻايل وڌيڪ پاڻي صرف ٻي ڌر جي اجازت سان ڪتب آڻي سگهبو. اها اجازت جيترو جلد ٿي سگهندي ڏني ويندي. ان کان ٻي ڌر انڪار صرف تڏهن ڪندي جڏهن ان جي راءِ موجب اهڙيءَ طرح واڌو ڪنيل پاڻي سنڌس فائدي کي نقصان پهچائيندو.

2. ڪلاز 12 ۾ ڄاڻايل مدي جي گذرڻ کان پوءِ واڌو پاڻي بمع ڪتب آندل سب ڪلاز (1) جي ٻنهي ڌرين جي ملڪيت ٿيندو. جيئن ٽيبل (اي-5) ۾ ڄاڻايل هوندو. ان کان پوءِ هرڪا ڌر ڪي پراجيڪٽ تيار ڪري، ٻي ڌر

www.sindhsalamat.com

پاڻي ڪٽڻ لاءِ وڌائي نہ ويندي. جيسين تائين ڪ اُهي واهہ ويئر (بئراج) جي ڪنٽرول هيٺ اچن. انهن ۾ وڌيڪ پاڻي نہ ڇڏيو ويندو جيئن انهن جي گهربل ليول برقرار رکي وڃي.

2. جڏهن آبڪلاني واهہ ويئر ڪنٽرول هيٺ آندا ويندا. تہ انهن جي پاڻي جي ورهاست هيٺينءَ طرح ڪئي ويندي:

الف: خريف جي موسم ۾ پريرائٽي نمبر 2 موجب.

1. اپريل، مئي ۽ جون مهينن ۾، ڏهن سالن ۾ هنن واهن جي ڪنيل پاڻيءَ جي سراسري حساب موجب، هن ايگريمينٽ جي تاريخ کان.

2. سيپٽمبر ۽ آڪٽوبر مهينن جون سپلائيز هنن ڏهن سالن جي سراسري حساب موجب، هن ايگريمينٽ جي تاريخ کان.

3. جولاءِ ۽ آگسٽ جي مهينن ۾، انهن واهن لاءِ پوري منظور ٿيل پاڻيءَ موجب.

ب: ربيع جي موسم ۾ (ا ـ نومبر کان مارچ تائين) پريرائٽي نمبر ـ ا موجب

1. ان وقت ۾ جڏهن درياهہ جو وهڪرو سکر بئراج ۽ ٿل واهن جي گهرج کان گهٽ هجي، تہ سپلائيز گذريل ڏهن سالن جي سراسريءَ موجب ڏنيون وڃن. جڏهن پاڻي گهٽ هجي تہ ان موجب ڏنو وڃي، هن ايگريمينٽ جي تاريخ کان.

2. ٻئي عرصي ۾ گذريل ڏهن سالن جي سراسري وهڪري موجب هن ايگريمينٽ جي تاريخ کان سپلائيز ڏنيون وڃن.

3. وڌيڪ سپلائيز مستقبل جي پراجيڪٽن لاءِ هر هڪ ڊز جي مقرر ڪيل حصي جي واڌو سپلائيز مان جي ورتيون وڃڻ. اهي پريرائٽي نمبر 5 ۾ شمار ڪبيون.

9. پاڻيءَ جي ورهاست جي حصي رسيءَ لاءِ قانون:

1. الف: حصي رسيءَ جي ورهاست پريرائٽي ا کان 4 تائين مقرر ڪيل ڪئنالن ۽ ان جي تبديلين کان ڪئي ويندي.

ب: پنجاب سرڪار سنڌ کي پريرائٽي نمبر ا کان 4 تائين جو پاڻي ميسر ڪري ڏيڻ لاءِ جوابدار هوندي.

جيڪڏهن پنجاب سرڪار سنڌ جي حق واري پاڻي مان زياده پاڻي ڪٽب آڻيندي يا بندن ۾ پاڻي ڪٺو ڪندي، تہ اها اوترو پاڻيءَ جو مقدار پنهنجي حصي مان سنڌ کي مهيا ڪري ڏيندي اهو پاڻيءَ جو ايترو مقدار، پنجاب سرڪار هن مهينن جي اندر سنڌ جي چوڻ موجب مهيا ڪري ڏيندي ۽ ان جڳهہ تان ڏيندي جتان آسانيءَ سان ميسر ٿي سگهندو.

www.sindhsalamat.com

ت: سنڌ طرفان جيڪڏهن ان وقت پاڻي سمنڊ ۾ موڪيلو ويو هجي، جڏهن اهو ڪتب اچي سگهي ها، تہ ايگريمينٽ موجب اهو پاڻي سنڌ جي حصي ۾ شمار ڪيو ويندو. ان بابت سنڌ کي شڪايت ڪرڻ جو حق نہ هوندو ڇو تہ ان پاڻي کي ڪتب آڻي سگهجي ها.

2. الف: پيريائٽي نمبر 5 موجب وڌيڪ پاڻيءَ جو حصو پنجاب کي غازي گهاٽ وٽان سنڌو درياهہ جي سپلائيز ۾ پنجنند وٽان ڏنو ويندو ۽ سنڌ جي سپلائز پنجنند وٽان پنجن درياهن مان گڏو بئراج وٽ ڏني ويندو.

ب: جيڪڏهن پنجاب پنهنجي حصي کان وڌيڪ پاڻي کنيو هوندو تہ سنڌ کي اوترو پاڻي، سنڌ جي راءِ موجب، 15 ڏينهن کان ٻن مهينن جي اندر موٽائي ڏنو ويندو.

10. پاڻيءَ جي ورهاست حصي رسيءَ مطابق:

هر ڪار ڏرل ڪنهن بہ واهہ مان سندس مقرر ڪيل حد يا قبول ڪيل مقدار تائين، اهو پاڻي ڪتب آڻيندي، جنهن جو ان کي حق هوندو هيٺينءَ طرح وڌيڪ پرويزنس ماتحت:

الف: پنجاب جي الاٽمينٽ ان جي واهن لاءِ پيريائٽي 1 کان 4 تائين پنجنند وٽ، سنڌو درياهہ مان نہ کنئي ويندي.

ب: جڏهن پاڻيءَ جي سپلائيز سنڌ جي پراجيڪٽ ڪئنال لاءِ 2 ۽ 3 موجب پوريون نہ هونديون تہ پنجاب سندس موجوده واهن جي پيريائٽي نمبر 1 يا ان جي لاڳو واهن جو پاڻي تبديل نہ ڪندو. پر جڏهن درياهہ ۾ پاڻي سنڌ جي بئراجن جي ضرورتن کان زياده هوندو تہ پنجاب جي موجوده واهن جي الاٽ ٿيل پاڻيءَ کي تبديل ڪري ان جي رٿيل واهن لاءِ ڪتب آڻي سگهندو. بشرطيڪ انهيءَ زماني ۾ ڏيڪاريل زياده پاڻيءَ لاءِ سنڌ جي منظوري ورتي هوندائين.

ت: اهڙي ڪابہ تبديلي پنجاب جي پراجيڪٽيڊ ڪئنالن وچ ۾ ڪوٽ واري عرصي تائين ستلج ۽ بياس جي پانيءَ تائين محدود رهندي.

1. سنڌ جي ٽن بئراجن جي ڪوٽ واري زماني ۾ پراجيڪٽيڊ ڪئنالن جي نہ ڪتب آندل پاڻي يا روزانہ گهٽي ۾ گهٽي ڪنيل پاڻي جي ورهاست ٽيبل نمبر ڊي۔3 جي ڪالم 2 موجب ڪري سگهبي.

2. ٻئي وقت ۾ پراجيڪٽيڊ ڪئنالن جي نہ ڪتب آندل پاڻيءَ يا گهٽ ۾ گهٽ ڪنيل ماهوار پاڻيءَ کي ٽيبل نمبر سي۔3 جي ڪالم 3 موجب ڪتب آندو ويندو.

www.sindhsalamat.com

11. پراجيڪٽ ڪئنالن ۽ بندن واري محفوظ پاڻيءَ بابت:
هيٺين، ڪمن جي تعمير جي تجويز کي قبول ڪيو ويو آهي:

## 1. سنڌ

الف: هڪ بئراج سنڌو درياهه مٿان اپر سنڌ ۾ تعمير ڪرايو ويندو جنهن جي واهن جي پاڻيءَ جو مقدار 40 هزار ڪيوسڪ فوٽ هوندو.

ب: هر هڪ بئراج سنڌو درياهه جي مٿان لوئر سنڌ ۾ تعمير ڪرايو ويندو جنهن جي واهن جو پاڻي 47000 ڪيوسڪ فوٽ هوندو.

ت: سکر بئراج مان سيلابي زمين جي پاڻي ڏيڻ لاءِ 2000 ڪيوسڪ فوٽن جا واهه کوٽايا ويندا.

## 2. پنجاب

الف: هڪ لنڪ (يا لنڪون) جنهن جي جملي پاڻيءَ جو مقدار 19300 ڪيوسڪ فوٽ هوندو چناب ۽ راويءَ مان ستلج تائين کوٽڻ جي اجازت هوندي

ب: باڪرا ڊئم ٺهرائڻ جي اجازت هوندي، جنهن ۾ 25 لک ايڪڙ پاڻي اسٽور تي سگهبو.

ت: ڏيان گرهه ڊئم جي اجازت هوندي جنهن ۾ 25 لک ايڪڙ فوٽ پاڻي اسٽور ڪري سگهبو.

ث: پنجاب جي درياهن تي چار ننڍا بند هيٺينءَ طر ح پاڻي ڪٺي ڪرڻ لاءِ ٺهرائڻ جي اجازت هوندي

ٽي بند، راوي نديءَ تي (بمع ڊيگهه جي) ٽوٽل 1028520 ايڪڙ فوٽ جا. ۽ ووار ڊنڊ تي هڪ بند، جنهن ۾ جملي پاڻي 334000 ايڪڙ فوٽ ڪٺو ڪري سگهبو. جنهن مان 1434520 ايڪڙ فوٽ ڊيگهه بند کي ڪٽبو ته جملي پاڻي 928000 وڃي بيهندو.

ج: باڪرا ڪئنالن جي کوٽائن جي منظوري هوندي، جن جي پاڻيءَ جو مقدار 13000 ڪيوسڪ هوندو.

خ: ٿل واهه ۾ خريف جي موسم ۾ وڌيڪ 10000 ڪيوسڪ پاڻي کڻڻ جي اجازت هوندي

د: بست دواب ڪئنال کوٽائڻ جي اجازت هوندي جنهن جي پاڻيءَ جو مقدار

www.sindhsalamat.com

1200 ڪيوسڪ هوندو ۽ سون ۽ سرنانين تي بندن پڌائڻ جڪي اجازت هونديءَ جن ۾ 5 لک ايڪڙ فوٽ پاڻي ڪنو ڪري سگهبو.

2. ڪابہ ڌر ٻي ڌر جي اجازت سان هڪ جيتري مقدار جي پاڻي جا واهہ کوٽائي سگهندي ٻي ڌر کي اهڙي منظوري روڪڻ جو حق تڏهن رهندو. جڏهن اها ثابت ڪندي تہ اهڙيءَ طرح کوٽايل واهن جي ڪري سندن واهن تي اثر پوڻو آهي، ۽ جنهن ڪري سندن پراجيڪٽن کي نقصان پهچڻ جو انديشو آهي. بشرطيڪ پنجاب کي ٻن بندن بمع باڪرا ڊئم ۾ 5 لک ايڪڙ فوٽ کان مٿي پاڻي ڪنو ڪرائي سگهڻ جو حق نہ هوندو.

3. سب ڪلاز (2) نسبت اختلاف جي حالت ۾ معاملو ٺياڪڙ امانت واري ڪميٽيءَ کي 17 ڪلاز موجب موڪليو ويندو.

12. مستقبل جي پراجيڪٽ بابت:

1. ڪي بہ نوان ڪم ڪلاز-2 ان جي ترميم بابت پراڻن واهن جي پاڻيءَ وڌائڻ بابت هوندا. سي ڪابہ پارٽي، ٻي پارٽيءَ جي اجازت کان سواءِ ڪرائي نہ سگهنديءَ جيستائين سنڌ جي ٻن نون بئراجن کي ڏهہ سال نہ گذريا آهن يا انهن مان پهرئين بئراج کي ويهہ سال نہ گذريا آهن- بشرطيڪ:

الف: ننڍا پراجيڪٽ، جن ۾ پاڻيءَ جي ڪٽي ڪرڻ جو مقدار اڌ ملين ايڪڙ فوٽ کان گهٽ هوندو يا واهہ جي پاڻي ڪڻ جو مقدار 1500 ڪيوسڪ هوندو اهي ڪابہ پارٽي ٻئي پارٽيءَ جي اجازت سان ڪرائي سگهندي

ب: جيسين تائين سنڌ جا نوان بئراج تيار نہ ٿيا آهن، ان وقت تائين ڪوبہ بند نہ ٻڌايو ويندو يا واهن ذريعي پاڻي ڪڻ جو بندوبست نہ ڪيو ويندو. سيپٽمبر مهيني ۾ سکر جي تاريخ مطابق.

ت: ڪلاز 3 ۽ 4 جي سب ڪلاز 2 جي پابندي ماتحت پنجاب کي اجازت هوندي تہ هڪ بئراج سنڌو درياهہ تي غازي گهاٽ کان مٿان ڪٽائي سگهي، جنهن جي پاڻيءَ جو مقدار 20000 ڪيوسڪ هوندو.

2. ڪوبہ وڌيڪ پاڻي، اهو انهيءَ پارٽي جي پريرائٽي نمبر 5 موجب منظور ٿيل پارٽيءَ مان ڪٽيو ويندو.

13. سنڌ جي نان پيرينيل (غير دائمي) ڪئنالن بابت:

سنڌ جي سکر بئراج جي غير دائمي واهن يا سنڌ جي ٻن نون بئراجن مان واهن کي اپريل جي پهرين ٻن هفتن کان کوليو ويندو. 16 کان 31 آڪٽوبر تائين

www.sindhsalamat.com

ڪليل رکبو. جيڪڏهن پنجنند ۽ حويلي ڪئنالس جيئن پئرا 25_26 ۽ 34 (ب) "انڊرس ڪاميٽي رپورٽ ۾ ڄاڻايل آهي (واليوم نمبر 1)_پر ان ڪري سنڌ ڪوبه وڌيڪ پاڻي ڪڍڻ جو حق چڪي نه سگهندي. جنهن ڪري ستلج وئلي ڪئنالس جي موجوده حقن کي نقصان رسڻ جو انديشو هجي.

14. فلوفي ۽ فريشيٽ جي ورهاست جا حق:

1. باوجود ان جي الوڪيشنز پريرائٽي نمبر 1 موجب مليا آهن يا نه. پنجاب کي حق هوندو ته باڪرا رزروائر ۾ پاڻي نومبر. فيبروري، مارچ ۽ اپريل ۾ ڪٺو ڪري سگهندو. جڏهن گڏيل وهڪرو ستلج ۽ بياس ندين جو 19000 ڪيوسڪ کان گهٽ هوندو ۽ ڊسمبر ۽ جنوري جي مهينن ۾ ٻنهي ندين جو گڏيل وهڪرو 17000 ڪيوسڪ کان گهٽ هوندو. انهيءَ مقصد واسطي ستلج ڊسچارج کي باڪرا وٽ بمع دوبر ۽ بياس کي منڊي پلين وٽ اسٽوريج ڪرڻ جو حق هوندو.

2. پنجاب طرفان جڏهن بيا رزروائر يا اسٽوريز تعمير ڪيا ويندا ته انهن اسٽوريجز ڪري سنڌ جي حقن کي نقصان پهچڻ جو خيال رکيو ويندو.

3. پنجاب ۽ سنڌ کي حق هوندا ته 1 جنوريءَ کان 31 مارچ (پنجاب تاريخون) تائين پاڻي اسٽور ڪري يا وهندڙ پاڻي ڪتب آڻي پنهنجي واهن لاءِ اڏ فريشيٽ پاڻيءَ جو ٽيڪ آف پائنٽ کان شمار ڪيو ويندو.

4. پنجاب کي حق هوندو ته ڪنهن به وقت جڏهن ضرورت پويس ته ڊويزنل اسٽوريج ڪري 24 ڪلاڪن جي اليڪٽريڪل لوڊ جي تبديل مطابق. پر ٽوٽل مقدار ڊسچارج ڪيل پاڻيءَ جو رزروائر کان هرهڪ 24 ڪلاڪن اندر رزروائر کان داخل ٿيڻ جي وقت کان گهٽ نه هوندو. بشرطيڪ اهڙيءَ طرح اسٽوريج ڪيل پاڻي ايگريمينٽ موجب اسٽوريج ڪرڻ جي خلاف نه هوندو.

5. سب ڪلاز نمبر -2 Supro بابت جيڪڏهن ڪو اختلاف ٿي پيو ته ان کي 17 ڪلاز موجب امانت لاءِ موڪلبو.

15. الوڪيشنز ترميم يا تبديل ٿي نه سگهنديون:

هن ايگريمينٽ مطابق ڪيل الوڪيشنز ترميم نه ٿي سگهنديون يا اهڙيءَ طرح تبديل نه ڪيون وينديون. ٻنهي پارٽين جي خاص قبوليت کان سواءِ.

16. درياهه جي ڊيٽا وغيره:

درياهه جي وهڪري جون پوريون ماپون سنڌ ۽ پنجاب جي گڏيل انتظام

www.sindhsalamat.com

هيٺ پوري بندوبست سان لانچن جي شموليت سان سنڌ ۾ پنجاب ۾ جديد اوزارن جي ذريعي پاڻيءَ جي وهڪري جي جاين تي ڪيون وينديون. انهيءَ مقصد واسطي هڪ يا وڌيڪ نگهبان رکڻ لاءِ سنڌ کي پنجاب طرفان اجازت ڏني ويندي ته اها هرهڪ هنڌ تي تڪرين يا ميدانن تي چونڊيل جڳهين تي مقرر ڪري سگهي ٿي. اهڙيءَ طرح هڪ يا وڌيڪ نگهبان پنجاب کي سنڌ ۾ رکڻ جي اجازت هوندي ۽ اهي پنجاب پنهنجي مرضيءَ موجب چونڊيل جڳهن تي رکندو. اهڙا نگهبان، گڏجي يا جدا جدا، جيئن کين مناسب نظر اچي، نيون ۽ چيڪ جون ماپون وٺندا. اهي تڏهن صحيح سمجهيون وينديون، جڏهن انهن تي ٻنهي پارٽين طرفان صحيحون ٿيل هونديون.

2. نڌين، ڪئنالس ۽ اسٽوريجز جي گيج (گز) ۽ ڊسچارج ڊيٽا، ٻنهي پارٽين کي جلد ۽ قبول ڪيل وقتن تي مهيا ڪئي ويندي.

3. جتي به وقت جو مدو مقرر ڪيو ويو آهي، هن قبوليت جي انگن مطابق اهي انگ تجربي حاصل ڪرڻ بعد ٻنهي پارٽين جي منظوريءَ سان تبديل ٿي سگهندا.

4. جڏهن به پاڻيءَ جي گهٽتائي يا واڌ جا انگ اکر هن قبوليت جي پورائيءَ لاءِ گهربل هوندا، ته اهي انگ تجربي حاصل ٿيڻ بعد ٻنهي پارٽين جي قبوليت سان فيصلا ڪيا ويندا.

5. ڪو به اختلاف جنهن لاءِ امانت جو انتظام ڪيو ويو آهي، ڪلاز 14 جي (14) II (2) 14ـ (2) ۾ 16 مطابق ان کي هند سرڪار طرفان مقرر ڪيل امين جي سپرد ڪيو ويندو جنهن جو فيصلو ٻنهي پارٽين کي قبول ڪرڻو پوندو ۽ ان فيصلي مطابق هلڻ لاءِ ٻڌل هوندا.

6. هي قبوليت سڀني ڪلازز (فقرن) تي مدار رکي ٿي. معاوضي فيصل ٿيڻ تي ڪلاز 3ـ4ـ5 گرانٽ ڪوسلا ميمورنڊم فيبروري 1945ع يا ٻي ڪنهن طريقي تي جو ٻنهي ڌرين کي قبول هوندو.

هن ايگريمينٽ تي هيٺين عملدارن جون صحيحون هيون.

جي. ايل. گرنٽ ——— اي ايل. پروٿيرو

چيف انجنيئر سنڌ ——— سيڪريٽري پنجاب حڪومت

28 سيپٽمبر 1945ع

ايف. ايف. هيگ

چيف انجنيئر پنجاب

www.sindhsalamat.com

نوٽ: هن ايگريمينٽ ۾ هيٺيون ڄاڻايل ٽيبلون اختصار خاطر پيش نہ ڪيون ويون آهن:

ٽيبل نمبر 1 الف ـ ب ـ ت ـ ث ـ ج

ٽيبل نمبر 2 الف ـ ب ـ ت ـ ث

ٽيبل نمبر 3 الف ـ ب ـ ت ـ ث

ٽيبل نمبر 4 الف ـ ب ـ ت ـ ث

ان بعد مسٽر پرويٽرو سيڪريٽري پنجاب سرڪار پبلڪ ورڪس ۽ اريگيشن سنڌ جي فنانس ڊپارٽمينٽ جي سيڪريٽريءَ کي 13 آڪٽوبر 1945ع تي قبوليت جو خط موڪليو.

آءٌ مٿي ڏيکاري آيو آهيان تہ هندستان جي ورهاڱي بعد اسان پاڪستان سرڪار جي ماتحت ٿياسون، جنهن تي مهاجر ـ پنجابي سامراج قائم ٿيو. جن پهريان بنگال جي اڪثريت گهٽائي ۽ مغربي پاڪستان کي ون يونٽ ۾ آندو ۽ ان کان پوءِ هيٺيون حالتون پيدا ٿيون:

1. ون يونٽ ٿيڻ بعد سنڌ جي جداگانہ حيثيت ختم ڪري سنڌ ۽ پنجاب جي وچ ۾ ٿيل پاڻيءَ جي قبوليت کي ختم ڪيو ويو جو قبوليت ۾ بہ صوبائي پارٽيون ڏيکاريل هيون، ۽ هاڻي هڪ پارٽي ٿيڻ ڪري سنڌ جو حق بحيثيت جداگانہ پارٽيءَ جي ختم ٿي ويو.

2. ان قبوليت جي ختم ٿيڻ بعد سنڌ کي پاڻيءَ بابت هيٺيان نقصان پهچايا ويا آهن:

الف: هڪ طرفو نيصلو ڪري قبوليت ڪلاز 12 الف، 214، 15 جي خلاف ورزيءَ ڪري پنجاب ۾ پاڻي ڪٺي ڪرڻ لاءِ هيٺيان وڏا ڊئم بنايا ويا:

1. تربيلا ڊئم، 2. منگلا ڊئم، 3. چشمہ ڊئم، 4 راول ڊئم، جن مان هرهڪ ۾ ڪيئي هزار ملين ايڪڙ فٽ پاڻي ڪٺو ڪري، پنجاب لاءِ ڪتب آندو ويجي ٿو.

ب: پنجاب جي ٽن ندين ستلج، بياس ۽ راويءَ جو پاڻي جنهن مان 25 سيڪڙو پاڻي قبوليت موجب سنڌ کي مليو ٿي، سو پارت سرڪار کي وڪڻي هڪ هزار ڪروڙ روپيا مختلف ذرين کان حاصل ڪريءِ انهن ندين جي وڃايل پاڻيءَ جي عيوض مٿي ذڪر ڪيل ڊئم ٻڌا ويا ۽ سنڌونديءَ جو پاڻي منتقل ڪري پنجاب کي ڏنو ويو.

ت: قبوليت جي خلاف سنڌونديءَ تي تونسا بئراج ٻڌايو ويو.

www.sindhsalamat.com

ث: سنڌونديءَ جو 75 سيڪڙو پاڻي، جو سنڌ لاءِ مقرر ٿيل هو ان مان نوان واهه کوٽائي، وڌيڪ 25 سيڪڙو پاڻي پنجاب کي، سنڌ جي قبوليت بغير ڏنو ويو.

ج: ايگريمينٽ جي ڪلاز 17 موجب ٻنهي صوبن جي وچ ۾ پاڻيءَ جي مسئلي تي اختلاف ٿيڻ بعد، هند سرڪار (ٿياڪڙ) جي امانت واري حق کي ڪسيو ويو.

ح: پنجاب ۾ ساليانو 20 کان 40 انچ سراسري بارش پوي ٿي. پنجاب ۾ انڊر گرائونڊ مٺو پاڻي M.A.F 2000 ۽ سنڌ ۾ M.A.F 300 هو. باوجود ان جي ٻه درياهن جو پاڻي زياده مقدار ۾ پنجاب کي ڏنو ويجي ٿو. ان ڪري سنڌ ۾ آبادي گهٽ ٿئي ٿي.

د ان جو نتيجو اهو نڪتو ته ٻنهي صوبن جي زرعي آباديءَ ۾ وڏو تفاوت پيدا ٿي پيو.

1973_74ع ۾ ٻنهي صوبن جي آباد زيراضي هيٺين طرح هئي:

پنجاب ۾ جملي آباد ايراضي 2،19،94،800 ايڪڙ

سنڌ ۾ جملي ايراضي 1،18،81،000 ايڪڙ

سنڌ جي آبادي پنجاب کان 1،01،18،800 ايڪڙ گهٽ ٿي.

مکيه پيداوار، هيٺينءَ طرح آباديءَ هيٺ آئي:

پنجاب ۾ ڪڻڪ هيٺ ايراضي 33،82،000 ايڪڙ آباد ٿي.

ڪمند هيٺ ايراضي 10،91،000 ايڪڙ آباد ٿي.

ڪپهه هيٺ ايراضي 1،09،04،000 ايڪڙ آباد ٿي.

پيداوار جا انگ اکر اڳيئي ڄاڻايل آهن. تنهن ڪري دوباره نه ٿا دهرائجن.

سنڌ ۾ ڪڻڪ هيٺ 11،67،000 ايڪڙ ايراضي آباد ٿي.

ڪمند هيٺ 2،51،000 ايڪڙ ايراضي آباد ٿي.

ڪپهه هيٺ 20،76،000 ايڪڙ ايراضي آباد ٿي.

پيداوار جا انگ اکر اڳيئي ڄاڻايل آهن.

ذ: سنڌ ۾ پاڻيءَ جي کوٽ جي پورائي لاءِ سنڌ سرڪار نين مان وهي ايندڙ بارش جي پاڻي کي ڪٺي ڪرائڻ لاءِ 33 ڪروڙ روپين جي پنهنجي خرچ سان بند ٻڌائي آبادي ڪرائڻ جون تجويزون تيار ڪيون هيون. جن جو ذڪر مٿي ڪيو ويو آهي. انهن کي رد ڪري، اهي پيسا پنجاب جي ڪتب آندا ويا.

ر: سنڌ مان اونهاري ۾ سنڌو درياهه جو گهڻو پاڻي بيڪار ضايع ٿي سمنڊ ۾ پيو ٿي. ان پاڻيءَ کي بندن ۾ اسٽوريج ڪرڻ لاءِ سنڌ ايگريڪلچرل ڪميشن

www.sindhsalamat.com

طرفان چئن هنڌ پاڻي بند ڪري ڪتب آڻڻ جي تجويز جي سفارش ڪيل هئي. پر ون يونٽ سبب سمورو اختيار لاهور ۾ وڃڻ ڪري ان باري ۾ وڌيڪ ڪجهه نه ٿي سگهيو.

ز: سنڌ ۾ بيلن جي ايراضي تمام گهٽ هئي. جو سنڌ ايگريڪلچرل ڪميشن اڳيان شاهدي ڏيندي بيلي کاتي وارن ظاهر ڪيو هو ته سنڌ ۾ بيلن هيٺ ايراضي 2 سيڪڙو هئي، جا دنيا جي گهڻن ملڪن کان گهٽ هئي. وينڊي سعودي عرب جهڙي صحرائي ملڪ کان به ٿوري هئي. ان کي وڌائڻ لاءِ جي تجويزون تيار ڪيل هيون. تن جي تعميل لاءِ پاڻيءَ جي مٿي ذڪر ڪيل طريقن سان گهٽجي وڃڻ سبب، ڪجهه بندوبست نه ٿي سگهيو.

## ون يونٽ بنائڻ لاءِ ڪي ڪارڻ ۽ ان بعد ٿيل نقصانن جو ڪجهه ذڪر

سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان جا ملڪ پنهنجي سرحدي اهميت، ڪاٺين، واپار ۽ سنڌو درياهه جي وهڪري جي ڪري زراعت جي ڪثرت سبب گهڻي زماني کان ٻاهرين هوس جي حريص نگاهن جو شڪار پئي رهيا آهن. انهيءَ حقيقت جي شاهدي تاريخ ٿي ڏئي ته هنن ملڪن کي پٺاڻن، مغلن، سکن، انگريزن ۽ هاڻ مهاجرن ۽ پنجابين ڪهڙيءَ طرح تسلط هيٺ آڻي، انهن جي استحصال لاءِ ڪوششون پئي ڪيون آهن.

تازو جڏهن انگريزي حڪومت کان آزاديءَ جا آثار نزديڪ نظر اچڻ لڳا ته وچ هندستان ۽ پنجاب جي ماڻهن جي وڌيل آباديءَ سبب اتي جي مسلمانن جون حريص نگاهون انهن ملڪن تي قابض ٿيڻ ۽ انهن کي ڪالونيون بنائي سندن سامراج هيٺ آڻڻ لاءِ خيال ڊوڙائڻ لڳيون. اها حقيقت علامه اقبال جي الله آباد آل انڊيا مسلم ليگ جي اجلاس وقت پڙهيل صدارتي خطبي کي غور سان پڙهڻ بعد صاف نظر ايندي جيڪڏهن ائين چئجي ته پاڪستان بنائڻ ۾ مٿي ذڪر ڪيل سامراجي طاقتن جو مقصد ئي انهن پوئتي پيل ملڪن جو استحصال ڪرڻ هو ته صحيح ٿيندو.

www.sindhsalamat.com

پاڪستان بنجڻ کان پوءِ جڏهن مغربي پاڪستان جي ذڪر ڪيل صوبن طرفان، سنڌن ترقي ۽ تعمير لاءِ ڪوششون ٿيڻ لڳيون تہ ان کي روڪي ڪالونيون بنائڻ لاءِ اهل پنجاب ۽ سرمائيدارن طرفان رٿون تيار ٿيڻ لڳيون.

ان بابت حقيقتون معلوم ڪرڻ لاءِ صوبي سرحد جي اڳوڻي وزيراعليٰ سردار عبدالرشيد طرفان آئين ساز اسيمبليءَ ۾ هڪ مخفي اسڪيم جي حقيقت پيش ڪرڻ واري تقرير کي پڙهڻ بعد سموري سازش تي روشني پئجي سگهندي ان کان پوءِ ان تجويز کي ڪهڙن طريقن سان پايہ تڪميل تي پهچايو ويو ان جو مختصر احوال هيٺ پيش ڪجي ٿو:

1. سر خواجہ ناظم الدين وزيراعظم پاڪستان ۽ مسلم ليگ پاڪستان پارٽيءَ جي ليڊر کي آئين اسيمبليءَ ۾ اڪثريت هئڻ باوجود انهي سازشي گروهہ جي سر غني غلام محمد خان گورنر جنرل، فوج ۽ سول سروس جي مدد سان (جي ان گروهہ جي مفاد سان واسطو رکندڙ هئا) ڊسمس ڪري، آمريڪا مان پاڪستان جي سفير محمد علي بوگرا کي گهرائي، ان کي وزيراعظم نامزد ڪري، آل پاڪستان مسلم ليگ جو صدر ٺاهيو ۽ مرڪزي اسيمبليءَ جي ميمبرن کان قبول ڪرايو ويو. اها ڳالهہ مٿي ذڪر ڪيل مقصد جي حصول لاءِ ڪئي وئي هئي. اهڙيءَ طرح هن نئين حڪومت ۾ جمهوري دستورن جي مٿي پليت ڪئي وئي.

2. مسٽر عبدالستار پيرزادو سنڌ جو وزيراعليٰ هو سندس دور حڪومت ۾ سنڌ جي ڀلي خاطر ڪيترا ڪم شروع ٿيا هئا. ۽ کيس سنڌ اسيمبليءَ ۾ ميمبرن جي اڪثريت حاصل هئي. ان کي جڏهن معلوم ٿيو تہ ون يونٽ بنائي، سنڌ جي جدا وجود کي ختم ڪرڻ جي سازش هلي رهي آهي، تہ هن انهيءَ تجويز جي مخالفت ڪئي. ان تي کيس وزيراعليٰ تان زبردستي ڊسمس ڪري 7 سالن لاءِ سياست کان خارج ٿيل خان بهادر محمد ايوب کهڙي تان پابنديون هٽائي، سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبر نہ هئڻ جي باوجود کيس پاڪستان جي مهاجر-پنجابي سامراجي حڪومت سنڌ جو وزيراعليٰ نامزد ڪري، سنڌ جي خود مطلب ۽ بي غيرت وڏيري ڪلاس جي ميمبرن کي ڊيڄاري، ڏنڊي جي زور تي سنڌ اسيمبليءَ مان ون يونٽ جي فائدي ۾ ٺهراءُ پاس ڪرايو ويو. مخالفت ڪندڙن کي جيل ۾ موڪليو ويو جن مان هڪ آئون بہ هوس.

www.sindhsalamat.com

3. بهاول پور رياست جي وزيراعليٰ سيد حسن محمد کي ڊسمس ڪيو ويو.
4. صوبي سرحد جي وزيراعليٰ سردار عبدالرشيد کي لالچون ۽ ڪوڙا دلاسا ڏئي، سرحد اسيمبلي کان ٺهراءُ پاس ڪرايو ويو پر جڏهن هن ٽيل واعدن جي خلاف ڪم ٿيندي ڏٺا تہ هن ان تي احتجاج ڪيو. جنهن تي ڪيس وزارت اعليٰ تان هٽايو ويو.
5. ون يونٽ جي مخالفت ڪندڙ سياستدانن کي جيلن ۾ وجهي سندن آوازي دٻايو ويو. ان جا مکيہ شڪار خان عبدالغفار خان، خان عبدالصمد خان اڇڪزئي، قاضي فيض محمد، حيدر بخش جتوئي ۽ هن ڪتاب جو لکندڙ هئاسون.
6. 1954ع ۾ آئين ساز اسيمبليءَ ملڪ جو آئين تيار ڪري ڇڏيو هو صرف گورنر جنرل جي صحيح رهيل هئي. ان تي ان گروهہ جي مدار المهام مسٽر غلام محمد خان ان آئين کي ون يونٽ جي راهہ ۾ رڪاوٽ سمجهي، مرڪز آئين ساز اسيمبليءَ کي ختم ڪري ڇڏيو.

جنهن تي آئين ساز اسيمبليءَ جي اسپيڪر مولوي تميزالدين خان مرحوم ان آرڊر کي بي قانوني قرار ڏيڻ لاءِ سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ رٽ پٽيشن داخل ڪئي، ۽ ڪورٽ متفقہ طور گورنر جنرل جي ان فيصلي کي غير قانوني ٺهرائي ڇڏيو. ان تي گورنر جنرل سپريم ڪورٽ جي هڪ پنجابي جج اڳيان اپيل داخل ڪئي. جنهن صورت ۾ اهو مستقل مفاد جو فرد هو ان ڪري هن سنڌ هاءِ ڪورٽ جي ٺهراءَ کي سپريم ڪورٽ طرفان رد ڪري فيصلو ڏنو تہ جنهن صورت ۾ طاقت گورنر جي هٿ ۾ هئي، تنهن ڪري وزارت ڊسمس ڪرڻ جو کيس مڪمل اختيار هو ۽ اسيمبلي بہ ڊسمس ڪري سگهيو ٿي. ان کان پوءِ انهيءَ ساڳي گورنر جنرل غير جمهوري طريقن سان ساڳين ناسازگار حالتن هيٺ نئين آئين ساز اسيمبلي چونڊائي، ان ۾ مختلف طريقن سان 1956ع جو آئين پاس ڪرايو. جنهن جا مکيہ جزا هيٺيان هئا:

الف: مغربي پاڪستان جي سيني صوبن کي "انڊين انڊيپينڊنٽ ايڪٽ" جي خلاف ورزي ڪندي (جنهن هيٺ هر هڪ صوبي واري ملڪ کي آزادي مليل هئي) ختم ڪري مغربي پاڪستان کي "ون يونٽ" هيٺ هڪ صوبو بنايو ويو.

ب: دنيا جي قبول ٿيل جمهوري اصولن جي خلاف اولهہ پاڪستان ۽ اوير پاڪستان جي آباديءَ جي اقليت ۽ اڪثريت جي حيثيت ختم ڪري ٻنهي يونٽن (صوبن) کي مرڪزي اسيمبليءَ ۾ هڪ جيتري نمائندگي ڏني ويئي.

www.sindhsalamat.com

ت: اولهه پاڪستان جي صوبائي اسيمبليءَ ۾ ميمبرن جو هڪ اهڙو گروهه آندو ويو، جيڪو ڊپيوٽي ڪمشنر جي نامزد ڪيل جرڳن جي ميمبرن طرفان نمائنده ٿي آيو هو ۽ جو هميشه وقت جي حڪومت جي اشاري تي ووٽ ڏيندو هو.

ث: اهڙي ناجائز آئين کي پختي ڪرڻ لاءِ، ان آئين ۾ ون يونٽ کي ڊاهڻ واسطي مغربي ۽ مشرقي پاڪستان جي اسيمبليءَ جي ٺهرائن ۽ آئين ساز اسيمبليءَ جي ميمبرن جي 3/2 ووٽن جي ضرورت لازمي ٺهرائي وئي.

ان کان پوءِ، ون يونٽ جي حفاظت لاءِ ملٽري ۽ سول سروس جي آڌار تي هڪ طرف ون يونٽ جي مخالفن تي سختي اختيار ڪئي وئي، ته ٻئي طرف "وحدت مغربي پاڪستان" کي صحيح ثابت ڪرڻ لاءِ، نشر واشاعت جي سموري مشنريءَ، ڪتابن، پمفليٽن، اخبارن، ريڊيي وغيره وسيلي عوام جا ذهن مسخ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي.

## ون يونٽ جو قيام ڇو غلط هو ۽ ان مان ڪهڙا نقصان پهتا؟

1. ون يونٽ جو قيام جن طريقن سان وجود ۾ آيو ان جو مختصر احوال مٿي ڏنل آهي، ان ذريعي سنڌ جي جدا ملڪ ۽ قوم جي وجود کي ختم ڪري "قومن جي حق خودارادي جي اصول" جي مخالفت ڪئي وئي.

2. ون يونٽ جو قيام آل انڊيا مسلم ليگ جي 1940ع واري اجلاس ۾ پاڪستان لاءِ پاس ڪيل ٺهراءَ جي خلاف هو جنهن موجب پاڪستان جي جملي قومي رياستن کي آزاد ۽ خودمختيار رياستن بنائڻ جو اقرار ڪيل هو.

3. ون يونٽ جو قيام 3 مارچ 1943ع تي سنڌ اسيمبليءَ ۾ پاڪستان بنسبت منهنجي پاس ڪرايل ٺهراءَ جي خلاف هو، جنهن موجب سنڌ کي آزاد ۽ خودمختيار رياست بنائڻ جي تجويز ڏنل هئي.

4. ون يونٽ جو قيام، برٽش پارليامينٽ جي 1947ع جي "آزاديءَ واري ائڪٽ" جي خلاف هو جنهن موجب ملڪ جو ورهاڱو ٿي پاڪستان قائم ٿيو هو. ان ۾ سنڌ جي علحده صوبي جو وجود تسليم ڪيل هو ۽ ان کي گهڻا اختيار مليل هئا.

5. ون يونٽ جو قيام اقوام متحده جي "بنيادي اصولن جي چارٽر" جي خلاف هو، جنهن مطابق قومن جي حق خوداراديءَ کي قبول ڪيل هو.

www.sindhsalamat.com

6. ون يونٽ جو قيام، ”سنڌ جي بمبئي کان علحدگيءَ“ لاءِ ٿيل سموري جدوجهد جي خلاف هو جنهن ۾ هندستان جي مکيه جماعتن ڪانگريس، مسلم ليگ، خلافت ڪاميٽيءَ ۽ جميعت علماءِ هند حصو ورتو هو.
7. ون يونٽ جو قيام 1930 ۾ دهلي اندر آل انڊيا مسلم پارٽيز ڪانفرنس ۾ سر آغا خان جي صدارت هيٺ پاس ڪرايل ٺهرائن ۾ قبول ڪيل اصولن جي وعدي خلافي هو.
8. ون يونٽ جو قيام، گول ميز ڪانفرنس جي موقعي وقت مسلمانن طرفان مسٽر محمد علي جناح جو پيش ڪيل 14 نقاطي تجويز جي خلاف هو.
9. ون يونٽ جو قيام وزيراعظم پاڪستان لياقت علي خان طرفان پاڪستان آئين ساز اسيمبلي جي بنيادي اصولن جي پاس ڪيل ٺهراءَ جي 6-7 فقرن جي روح جي خلاف هو. اهي فقرا هيٺيان هئا:

الف: ملڪ جون اهي ايراضيون، جي هن وقت پاڪستان ۾ شامل آهن، يا هن کان پوءِ ان ۾ شامل ڪيون وينديون، سي باهمي رضامنديءَ سان وفاق ٺاهي سگهنديون. ۽

ب: اهڙي وفاق ۾ شامل ٿيندڙ رياستون خود مختيار هونديون، سواءِ انهن ڳالهين جي، جيڪي سنڌن رضامنديءَ سان فيڊريشن کي سپرد ڪيون وينديون.

10. ون يونٽ جو قيام سنڌي، پختون ۽ بلوچ قومن ۽ سنڌن ملڪن جي هزارين سالن جي روايتن، عزت، غيرت ۽ حق خودارادي جي خلاف هو ۽ کين پاڪستان جي قيام خلاف ٿيڻ لاءِ کليل دعوت هئي.
11. ون يونٽ جي قيام پٺيان، سنڌ جي زمين، نوڪرين، واپار، ڪارخانن، ڪاٺين، ندين جي پاڻي ۽ ٻين قدرتي وسيلن تي مهاجر-پنجابي سامراج جي مستقل مفاد جي اسحصال جو مقصد لڪل هو.
12. ون يونٽ جي قيام مان سنڌ، بلوچستان ۽ پختونستان جي زبانن، ڪلچرن، سماجي، اقتصادي ۽ سياسي مفاد جي ختم ٿيڻ جو خطرو لاحق هو.
13. مذڪور ملڪن ۽ قومن جي ماٿهن کي ون يونٽ جي قيام مان اهو انديشو هو ته پنجاب جا رهاڪو پنهنجي وڌندڙ آباديءَ کي هنن جي ملڪن ۾ زوريءَ منتقل ڪري اصل آباديءَ جو توازن مٽائي سنڌن جداگانه ملڪي ۽ قومي وجود ختم ڪندا.
14. ون يونٽ جي قيام مان سنڌ جي ترقي ۽ تعمير کي خاص طرح ۽ بلوچستان ۽ پختونستان جي مفاد کي، عام طرح نقصان پهچڻ جو انديشو هو.

www.sindhsalamat.com

15. ون يونٽ جي قيام مان سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان جي عوام ۽ دانشور طبقي کي خطرو محسوس ٿي رهيو هو تہ مهاجر-پنجابي سامراجي، سنڌن ايراضين جي زميندارن، واپارين، دولتمند طبقي، ملن ۽ پيرن کي لالچ ۽ دٻاءَ ذريعي بي ايمان ۽ پنهنجو ايجنٽ بنائي، عوام جي دماغن کي مسخ ڪري، کين ختم ڪرڻ جي اسڪيم لاءِ رضامند ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا.

مهاجر-پنجابي سامراج جي حامين، ون يونٽ جي فائدي ۾ هيٺين قسم جي دليلن ذريعي ننڍن صوبن جي رهاڪن جا دماغ مسخ ڪيا ٿي:

1. ون يونٽ جي قيام سبب مغربي پاڪستان ۾ شامل صوبن جي جدا قومن مان جداگانہ وجود جو احساس ۽ شعور ختم ٿي، هڪ پاڪستاني (مسلمان) قوم ۾ ضم ٿيڻ لاءِ قومي يڪجهتي ۽ هم آهنگي پيدا ٿيندي.
2. پنجاب جي ڪثير تعداد ماڻهن ۽ قوم سان، پنتي پيل ملڪن ۽ قومن جي ايراضي گڏجڻ ڪري هڪ نئين سامراجي قوم پيدا ڪري، تعداد، تعليم، پيسي ۽ لشڪري قوت ذريعي ٻين قومن کي ضم يا ختم ڪري، پنهنجي ترقي ۽ تعمير لاءِ ڪتب آڻي سگهندا.
3. "ون يونٽ سبب هڪ اسيمبلي ۾ گڏجي ڪم ڪرڻ سان مختلف صوبن جي ماڻهن جي وچ ۾ باهمي تعلقات پيدا ٿي، هڪ قوم بنجڻ جو امڪان پيدا ٿيندو ۽ نئين ملڪ پاڪستان جي قاعدي قانون ۽ ترقياتي رٿن کي عملي جامي پهرائڻ لاءِ حالات سازگار ٿي، نئين رومن قوم (پنجابي قوم) جي ساخت لاءِ بنياد پوندو.

اڳوڻن صوبن (قومن) جي زمينن، واپار، نوڪرين، ڪارخانن، ڪاٺين ۽ قدرتي وسيلن کي مهاجر-پنجابي مستقل مفاد جي فائدي لاءِ ڪتب آڻي سگهندا.

ون يونٽ جو قيام، پاڪستان (مهاجر-پنجابي سامراج) جي سالميت، يڪجهتي ۽ استحڪام ۽ (سنڌن تعبير واري) اسلام جي سربلنديءَ لاءِ پيش خيمي جو ڪم ڏيندو.

هنن اسان جي خود مطلب ماڻهن ۽ دانشور طبقي جا دماغ مسخ ڪرڻ لاءِ ن يونٽ جي قيام وقت جيڪي واعدا ڪيا هئا، انهن تي ون يونٽ جي حامي پير لي محمد راشديءَ جي هيٺين بيان مان روشني پئجي سگهندي:

18 نومبر 1954ع تي "ڊان اخبار" ۾ پير صاحب جو هيٺيون بيان شايع ٿيو:

www.sindhsalamat.com

"ون يونٽ جي قيام کي، مون هيٺين واعدن جي بنياد تي قبول ڪري روينيو وزير ٿيڻ قبول ڪيو هو:"

1. سنڌ جي حقن جو انتظام آئين ذريعي ڪيو ويندو جيئن ان جي خلاف ورزيءَ جي حالت ۾ ان جو قانوني چاره جوئي ذريعي سد باب ٿي سگهي."

نوٽ: انهي نقطہ نگاهه ۾ اعتماد رکڻ ڪري، هن پنهنجي عقل جي ڊيواليپڻ جو ثبوت ڏنو هو. سنڌ جي جدا حيثيت کي آمرانہ ۽ جابرانہ طريقن سان ختم ڪرڻ بعد هن هڪ اهڙي صوبي ۾ قانوني چاره جوئي جي اميد رکي ٿي، جنهن جو اڪثريت جي مفاد ۾ سنڌين جي حقن کي غصب ڪرڻ جو ارادو مضمر هو.

2. "سنڌ اندر جيڪا بہ پيدائش يا ٽيڪس جي وصولي ٿيندي، سا صرف سنڌ جي مفاد لاءِ خرچ ڪئي ويندي."

نوٽ: ان مان ڪيڏي نہ سمجهہ جي ڪوتاهي يا پين لفظن ۾ ديده دانستہ ڏوڪي دهي جو اظهار ٿئي ٿو! جدا صوبي جي حالت ۾ سندس دور وزارت ۾ سنڌ جي زمينن، ٺيڪن ۽ پيدائش کي مهاجر ۽ پنجابي مفاد لاءِ ڪتب آندو پئي ويو تہ ان کي هو باوجود ڪوشش جي روڪي نہ سگهيو هو. ان ڪهڙي توقع رکي ٿي، تہ هو هڪ گڏيل صوبي جي صورت ۾، جنهن جي حڪومت جي واڳ مهاجر-پنجابي حڪام جي هٿن ۾ هوندي، انهن جي هٿان سنڌ جي زمين ۽ ٺيڪن کي سنڌ جي مفاد لاءِ ڪتب آڻائي سگهندو جنهن جي خردبرد لاءِ ون يونٽ کي قائم ڪيو ويو هو.

3. سنڌ جي زمين، سنڌي هارين ۾ (پوءِ اهي مڪاني سنڌي هاري هجن يا پاهريان هاري) مقرر ايڪانامڪ يونٽ ۾ ورهائي ويندي."

نوٽ: پير صاحب روينيو وزير هو. ڪيس سندس مقرر ڪيل سنڌ ايگريڪلچرل ڪميشن طرفان گڏ ڪيل زمين ۽ آبادگار طبقي جي انگن اکرن جو پتو هو تہ ان وقت سنڌ ۾ 40 لک بي زمين هاري يا ايڪانامڪ يونٽ کان گهٽ زمين رکندڙ آبادگار موجود هئا. ان وقت، سنڌ ۾ لائق آباد زمين هڪ ڪروڙ ايڪڙ هئي، جنهن کي جيڪڏهن مساويانہ طور ورهايو وڃي ها تہ في فرد اوائي ايڪڙ هارين کي ملي سگهي ها. جا خود سنڌ جي رهاڪن لاءِ ايڪانڪ يونٽ طور ورهائي سگهجي ها. ان علم هوندي بہ هن ان ورهاست جي اصول ۾ مٿي ذڪر ڪيل فقري نمبر (3) موجب، پاهرين هارين کي شريڪ ڪيو ٿي.

مون کي پوريءَ طرح ياد آهي تہ جڏهن مسٽر پيرزادي، سنڌ جي خزاني ۾

www.sindhsalamat.com

ڪافي پيسي گڏ هئڻ سبب ٻن نون بئراجن تهرائڻ جي تجويز تيار ٿي ڪئي، تہ هن ان جي سخت مخالفت ڪئي هئي. ان لاءِ خانگي طرح مون کي اهو دليل ٿي ڏنائين تہ انهن جي تعمير ٿيڻ سان اسان پنجاب جي زياده آباديءَ وارن ماڻهن کي سنڌ ۾ اچي ڪالونائيز ٿيڻ جي دعوت ڏئي رهيا هئاسون. ڪيس تجربو هو تہ سنڌ ۾ مکيہ ڍنڍ جي پيلي صاف ڪرائڻ وقت نڪتل زمينن يا ضبط ٿيل زمينن تي هو پنجابين جي ڪالونائيزيشن کي روڪي نہ سگهيو هو. ان وقت هو پنجاب جي ڪالونائيزيشن کان بچڻ لاءِ "اسڪارچ آرٿ" (زمين کي ويران رکڻ) جو حربو ڪتب آڻڻ جو ذڪر ڪندو هو. اهڙو ذڪر سنڌن تحريرن مان، جي "فرياد سنڌ" (ڪتاب) ۾ بيان ڪيل آهن، بہ عيان ٿيو ٿي.

مون، سنڌن ان راءِ جي هيٺين سببن ڪري مخالفت ڪري، مسٽر پيرزادي جي حمايت ڪئي هئي:

الف 1945ع جي سنڌ پنجاب ايگريمينٽ موجب انهن ٻنهي بئراجن لاءِ سنڌ کي 87000 ڪيوسڪ پاڻي ملڻو هو جنهن کان سنڌ محروم ٿي وڃي ها.

ب سنڌ جا جيڪي هڪ سئو ڪروڙ روپين کان بہ مٿي بچيل پئسا هئا، تن کي مرڪزي سرڪار پنهنجي اخراجات لاءِ خرچ ڪرڻ جو ارادو رکيو ٿي، ان کان بچي پئجي ها.

ت مون کي خبر پئي تہ جناح صاحب جي ڏينهن کان وٺي مغربي پاڪستان جي صوبن کي گڏي هڪ ڪرڻ جي تجويز، مرڪزي سرڪار جي زير غور هئي، جنهن جا محرڪ پنجابي ڪامورا هئا. ان لاءِ جناح صاحب هڪ انگريز کي گهرائي، ان مسئلي تي غور ڪري رپورٽ ڏيڻ لاءِ چيو هو جا ڳالهہ جناح صاحب جي ترت انتقال ۽ انتظامي مشڪلاتن سبب حال في الحال رهجي ويئي هئي. ان حالت ۾ اهي پيسا بہ مغربي پاڪستان صوبي جي سرڪار جي هٿ ۾ وڃن ٿا، جي پنجاب جي ترقي ۽ تعمير لاءِ ڪتب آندا وڃن ها.

هاڻ پڙهندڙ اهو اندازو لڳائي سگهندا تہ راشدي صاحب جي اهڙي بيان ۾ ڪيتري قدر نہ خود فريبي، ناعاقبت انديشي، (يا جي سخت الفاظ ڪتب آڻجن تہ) خود مطلبيءَ جي چار ۾ ڦاسڻ ڪري اهڙي بيماني لڪل هئي، جو اهڙي خيالن جو اظهار ڪري سگهيو ٿي.

4. "سنڌ جي خطي اندر جيڪي بہ نوڪريون هونديون، سي سڀ سنڌين کي ڏنيون وينديون ۽ انهن جي ورهائڻ جو اختيار بہ سنڌين جي هٿن ۾ هوندو."

www.sindhsalamat.com

نوٽ: اها ڳالهه بہ ڏوڪو خوش فهمي ۽ ماڻهن کي گمراهہ ڪرڻ جي برابر هئي. سنڌ ۾ سندس دور وزارت وقت. وڏن عهدن تي غير سنڌي آفيسر مقرر ڪيل هئا. جڏهن ون يونٽ بعد سمورا اختيار اهل پنجاب جي عملدارن جي هٿن ۾ ايندا. تہ سنڌين کي ڪهڙيءَ طرح نوڪريون ملي سگهڻ واريون هيون. سا ڳالهہ سمجهہ کان مٿي هئي.

5. "ون يونٽ سرڪار جي مڙني نوڪرين يا اعليٰ عهدن ۾ سنڌين کي هڪ جيترو حصو ڏنو ويندو."

نوٽ: اها ڳالهہ بہ ڏوڪو خوش فهمي ۽ سنڌي ڪامورن کي گمراهہ ڪرڻ جي مترادف هئي. ون يونٽ جي دور ۾ سنڌي ڪامورن سان ٿيل بي انصافين جو ڪجهہ ذڪر. هن ڪتاب ۾ ڪٿي ڪٿي هنڌ ڏنل آهي. جنهن مان معلوم ٿيندو تہ عهدا تہ نہ مليا. بلڪ اهي کسيا ويا ۽ سنڌ ۾ هر مکيہ جڳهہ تي غير سنڌين کي مقرر ڪيو ويو.

6. "ون يونٽ جي مرڪزي حڪومت وٽ سواءِ بچاءَ. خارجيہ تعلقات ۽ ڪرنسيءَ جي ٻيو ڪاتو رهڻ نہ ڏنو ويندو."

نوٽ: اها ڳالهہ بہ سراسر ڪوڙ ڏوڪي دهي ۽ بي ايماني هئي. پهرين سوال اٿندو تہ اهل پنجاب جي سامراج کان اها ڳالهہ ڪير ميرائي ها. هيءَ صاحب صوبن جي خاتمي، آئين جي خاتمي، سنڌ جي حامين ۽ سنڌ جي حقن جي حفاظت ڪندڙن کي جيلن ۾ وجهائڻ کان روڪائي نہ سگهيو سو ڪهڙيءَ طرح مٿئين قسم جي دعويٰ ڪري ٿي سگهيو! آخر سندس حيثيت ڪهڙي هئي؟)

7. سنڌ جي آباديءَ لاءِ درياهن جي پاڻيءَ بابت. 1945ع جو سنڌ پنجاب جي وچ ۾ ٿيل عهدنامو رکيو ۽ ان ۾ رڪاوٽ نہ وڌي ويندي"

نوٽ: ڪيس خبر هئي تہ اهو عهدنامو ٻن صوبن جي وچ ۾ گورنمينٽ آف انڊيا ۽ سيڪريٽري آف اسٽيٽ فار انڊيا جي قبوليت سان ٿيل هو. ورهاڱي بعد هند سرڪار ۽ برٽش سرڪار جو هٿ نڪري ويو. ون يونٽ بنجڻ بعد سنڌ جي ان عهدنامي مان ٻي پارٽيءَ واري حيثيت ختم ٿي وئي هئي. سمورا اختيار وچي مغربي پاڪستان جي پنجابي حڪام جي هٿ ۾ رهيا هئا. اختلافن جي حالت ۾ ٺياڪڙ واري امانت وارو 17 ڪلاز ختم ٿي چڪو هو. آخر ڪهڙي آڌار تي اها دعويٰ ڪئي ٿي وئي؟ ان بابت. عهدنامي کان پوءِ ٿيل پيچيدگين جي احوال ۾ آءُ تفصيل سان ذڪر ڪري آيو آهيان. ان ڪري زياده لکڻ غير ضروري ٿو سمجهان.

www.sindhsalamat.com

8. "موجوده حڪومت طرفان سنڌي زبان ۽ ادب جي ترقيءَ لاءِ مقرر ڪيل رقم ڪي نہ گھٽايو ويندو."

نوٽ: شاهه لطيف ڪلچرل سينٽر لاءِ منظور ڪيل رقم گھٽائي، ۽ ادبي بورڊ جي تشڪيل کي بدلائي، ان جي گرانٽن کي گھٽائي، جو حشر ڪيو ويو هو سو عالم آشڪار آهي. خبر نہ آهي تہ راشدي صاحب جهڙي سنڌي دانشور ۽ قابل ماڻهوءَ اهڙيون ڳالهيون ڪهڙي ارادي، نيت ۽ آڌار تي ڪيون ٿي، جڏهن ڪيس معلوم هو تہ مهاجر- پنجابي سامراجي سنڌ جي ڪلچر، ادب ۽ زبان جا جاني دشمن هئا! انهن جو مکيہ مقصد سنڌي ڪلچر ۽ زبان کي ختم ڪرڻ هو ۽ نہ بحال رکڻ. جناح صاحب طرفان اردوءَ زبان کي قومي زبان بنائڻ ۽ لياقت عليءَ طرفان پير الاهي بخش کان اردوءَ کي تعليم لازمي ڪرائڻ جا ڪارناما، سنڌس اکين اڳيان ٿي گذريا هئا، هاڻ اهڙي دعويٰ ڪرڻ لاءِ وٽس ڪهڙي اثارٽي ۽ ثبوت هو.

9. "سنڌ کي لشڪر ۽ بچاءَ کاتي ۾ برابر حصو ڏنو ويندو."

نوٽ: ان کان وڏيڪ ڪو ڏوڪو ٿي نہ ٿي سگهيو. پاڪستان ٺهيو ئي پنجاب سامراج لاءِ هو جنهن جو مدار لشڪر تي هو. ان کان سواءِ اهو مرڪزي کاتو هو ان کي هو ڪهڙيءَ طرح مساوي طور ڪرائي ٿي سگهيو.

10. "مغربي پاڪستان اسيمبلي ۾ ڪو بہ اهڙو قانون پاس نہ ڪيو ويندو جيسين تائين ون يونٽ اسيمبليءَ ۾ سنڌي ميمبرن جي اڪثريت ان کي قبول نہ ڪندي."

نوٽ: اها دعويٰ ڪهڙيءَ يقين دهانيءَ جي بنياد تي ڪئي ٿي ويئي- ان جو آئين ۾ ذڪر ڪونہ هو. مرڪزي حڪومت جي ڪنهن بہ ذميوار حاڪم طرفان اهڙي يقين دهاني ڪرايل ڪانہ هئي. ان ڪري اهڙين ڳالهين ڪرڻ سبب سنڌي باشعور نوجوان طبقي کهڙي صاحب ۽ هن (راشديءَ) کي اڄا تائين معاف نہ ڪيو آهي. جيتوڻيڪ مون پنهنجي ذاتي تعلقات ۽ سنڌن ڪيل اڳوڻين خدمات جي ڪري ڪين معاف ڪرڻ لاءِ آمادگي ڏيکاري ٿي. پر سنڌ جو باغيرت نوجوان منهنجي ان نرميءَ جو قائل نہ ٿي سگهيو. ان کان پوءِ 1971ع جي چونڊن وقت پٽي جن ڳالهين وسيلي سنڌي عوام کي گمراهہ ڪري ڪاميابي حاصل ڪئي، تن مان هنن لاءِ اسان جي همدرديءَ جو اظهار بہ هڪ ڪارڻ هو.

www.sindhsalamat.com

ان بعد چا ٿيو ۽ سنڌ سان ڪهڙا ويل وهايا ويا. ۽ ڪهڙي طرح وعدن جي خلافي ڪئي ويئي، ان جو درد انگيز داستان ايترو طويل آهي جو ان تي ڪيترائي ڪتاب لکي سگهجن ٿا. بهرحال انهن مان چند حقيقتون، اختصار طور هيٺ ڏجن ٿيون:

1. هڪ پٺاڻ ئومپرست ليڊر ڊاڪٽر خانصاحب کي لالچ ڏيئي، ون يونٽ جو حامي بنائي، مغربي پاڪستان جو وزير اعليٰ نامزد ڪيو ويو.
2. سنڌ مان خان بهادر کهڙي ۽ پير علي محمد راشديءَ لالچ خاطر ون يونٽ بنائڻ جي حمايت ڪئي. تن مان پهرئين کي وزارت مان ٻاهر ڪري مخالفت ۾ ڌڪيليو ويو ۽ ٻئي سفارتي عهدو وٺڻ ۾ پنهنجي سلامتي جاتي، ملڪ کان ٻاهر وڃڻ مناسب سمجهيو. مغربي پاڪستان صوبي ٺاهڻ کان پوءِ، هڪ منظم پروگرام موجب سنڌ کي اڪيچار نقصان پهچايا ويا. تن مان چند هيٺيان آهن.

الف: سنڌ جي اٽڪل 80 ڪروڙ روپين جي سرڪاري خرچ سان ٺهرايل ڪوٽڙي بئراج رستي تعلقي ٽنڊو محمد خان ۽ ٻين جاين تي سڌاريل زمين غير سنڌين کي ڏني ويئي، جن ۾ اڪثريت پنجابي ۽ پٺاڻ مليٽري ۽ سول آفيسرن جي هئي.

ب: ڪيترن سينئر سنڌي آفيسرن جا حق ريٽي، پنجابي ۽ مهاجر جونيئر آفيسرن کي مکيه عهدن تي پروموٽ ڪيو ويو. مثلن: عثمان علي انصاري، آغا ظفر علي خان، مسٽر ڊکڻ ۽ ٻين ڪيترن کي ان بي انصافيءَ جو شڪار ڪيو ويو.

ت: سنڌ سرڪار طرفان جابلو ۽ ٿر ايراضين کي سڌاري لائق آباد زمينن بنائڻ لاءِ جيڪي پروجيڪٽ تيار ڪرايا ويا هئا، جن سيني جي تياريءَ لاءِ سنڌ جي پيسي مان انتظام ڪيل هو تن کي رد ڪري، سنڌ جا 33 ڪروڙ روپيا بچت، نئين مغربي پاڪستان صوبي (پنجابي اڪثريت) جي حوالي ڪيا ويا.

ث: اپر سنڌ ۾ ڪيايل نئين گڊو بئراج جي زمينن کي سڌاري، غير سنڌي آفيسرن ۽ ٻين ماڻهن جي حوالي ڪيو ويو.

ج: سنڌي ادبي بورڊ ۽ شاهه لطيف ڪلچرل بورڊ لاءِ سنڌ سرڪار طرفان منظور ڪيل رقمن کي گهٽائي، بورڊن جي تشڪيل ۾ تبديلي آڻي، انهن

www.sindhsalamat.com

کي سرڪاري آفيسرن يا توڙي ماڻهن جي هٿن ۾ ڏيئي، عمدن ڪمن کي روڪي ڇڏيو ويو.

ح: سنڌ سرڪار طرفان هر سال هڪ تعلقي ۾ هاءِ اسڪول، ۾ هر ضلعي ۾ ڪاليج ۽ اسپتالون ٺهرائڻ جون جيڪي اسڪيمون بنايل هيون، انهن کي رد ڪيو ويو. سنڌ جي ابتدائي زوري تعليم واري اسڪيم کي رد ڪيو ويو.

خ: 1945ع ۾ سنڌ ۽ پنجاب جي وچ ۾ بيان ٿيل پاڻي جي معاهدي کي رد ڪري، پنجاب جي فائدي لاءِ نوان بئراج ۽ پاڻي جمع ڪرائڻ لاءِ بند (ڊئم) ٻڌايا ويا.

د: سنڌ جي مکيه کاتن ۾ مکيه عملدار غير سنڌي رکي، کين وسيع اختيار ڏئي، سنڌي مفاد کي نقصان پهچايا ويا.

ذ: اقتصادي معاملن سان واسطو رکندڙ کاتن جي سلسلي ۾ مغربي پاڪستان جي بنياد تي ادارا ٺاهي، انهن جي چارج غير سنڌي آفيسرن کي ڏيئي، سنڌ جو مالي استحصال ڪيو ويو. انهن مان مکيه ادارا ـ واپڊا، پڪڪ، پي آءِ ڊي سي، اي ڊي سي وغيره هئا.

ر: پي آءِ ڊي سي معرفت اسڪيمن تي خرچ ڪيل ٻن سون ڪروڙن مان سنڌ تي صرف ڏهه ڪروڙ روپيا خرچ ڪيا ويا.

ز: سُنڌ ۾ ٻاهرئين ۽ ٻڌي واپار ۽ ڪارخانن برپا ڪرڻ جي پاليسي اهڙي ٺاهي ويئي، جو انهن جي مانوپولي غير سنڌين جي حوالي ٿي ويئي.

س: سنڌ جي اسپتالن، ريلوي اسٽيشنن، رستن، ڪاليجن، اسڪولن، مارڪيٽن ۽ ٻين جاين تي غير سنڌي ۽ سنڌ دشمنن جا نالا رکي، سنڌ جي روايت ۽ ڪلچر کي نقصان پهچايو ويو.

ش: اردوءَ کي قومي زبان بنائي، سنڌين کي غير مساوي حالت ۾ رکي، ڪراچي ميونسپالٽي ۽ ڪراچي يونيورسٽيءَ مان سنڌي زبان کي ختم ڪيو ويو.

ص: مغربي پاڪستان صوبو ٿي لک ڏهه هزار چورس ميلن تي مشتمل هئڻ ڪري انتظامي طرح هلائڻ مشڪل هو ان ڪري اهل سنڌ سان بي انصافيون ٿيڻ لڳيون.

ض: سنڌ ۽ سنڌين جي حقن جي حفاظت لاءِ اٿاريل هر ڳالهه کي علائقائي ذهنيت، ملڪ دشمني، انتشار پسنديءَ ۽ اسلام دشمنيءَ جو مظاهرو سڏيو، انهن جي اظهار تي بندش وڌي ٿي ويئي.

www.sindhsalamat.com

ط: سموري سرڪاري مشنريءَ کي سنڌي، بلوچ ۽ پختون قومن جي جدا وجودن، ڪلچرن، زبانن کي، اسلام، پاڪستان ۽ مسلم قوم جي نالي ۾ ختم ڪري مهاجر ـ پنجابي سامراجيت ۾ مدغم ڪرڻ لاءِ ڪتب آندو ويو.

ظ: سنڌ اندر اسٽيشنن، رستن جي پٿرن، نوٽن، دڪانن جي سائن بورڊن ۽ ووٽرن جي لسٽن تي نالا اردو زبان ۾ لکي، هڪ طرف سنڌي زبان کي نقصان پهچايو ويو ته ٻئي طرف نالن کي "کلڙ هاب" بڻايو ويو.

ع: سنڌ ۾ ڪوليل ڪارخانن، ادارن، بئنڪن، دڪانن، واپار جي منڊين لاءِ ٻاهران پنجابي، پٺاڻ ۽ مهاجر گهرائي، رکي، هڪ طرف سنڌين کي روزگار کان محروم ڪيو ويو ته ٻئي طرف سنڌين جي آباديءَ جو توازن متبدل ڪيو ويو جنهن جو مفصل ذڪر مٿي ڏنل آهي. سنڌ جي پيرن، ميرن، زميندارن، واپارين، ڪامورن ۽ سياستدانن کي لالچائي، هيسائي، غلط نظرين جي پرچار ذريعي، سنڌ جي قومي ۽ ملڪي وجود وسارڻ لاءِ دماغ مسخ ڪيا ويا.

ڪ: ون يونٽ وقت سيڪريٽريٽ ۾ اڪثريت غير سنڌين جي رکي ويئي، جيڪي سنڌي اتي رکيا ويا، انهن کي اهڙو تنگ ڪيو ويو جو ڪي نوڪريون ڇڏي آيا، ۽ ڪي تڪليفن ۽ مشڪلاتن ۾ مبتلا ٿي، ڏانهون ڪندا رهيا.

اهو مختصر ذڪر، ون يونٽ جي قيام بعد ٿيل ظلمن جو هو هاڻ پاڪستان جي قيام کان وٺي اڄ تائين ٿيل ظلمن جي داستان جو ڪجهه ذڪر ڪرڻ به معلومات ۽ سياسي شعور ۾ اضافو ڪندو.

## پاڪستان بڻجڻ بعد ٿيل ظلمن جو ذڪر

آءٌ مٿي ٻڌائي آيو آهيان ته هندستان کي ورهائي پاڪستان بڻائڻ جو هڪ مقصد مهاجر ـ پنجابي سامراج قائم ڪرڻ به هو. ان ۾ جناح صاحب جي دور حڪومت ۾ پهتل نقصانن جو ذڪر اڳي به ڪيل آهي. پر مختصر طور ان کي ورڇي دهرائڻ حافظي کي تازو ڪندو:

### جناح صاحب جي دور حڪومت جا مکيه ڪارناما:

1. ڪراچي سنڌ کان علحده ڪري، مرڪزي حڪومت جي هٿ هيٺ رکي،

www.sindhsalamat.com

ان کي مهاجر ڪالوني بڻائڻ جو ڪارنامو سندس ڏينهن ۾ سرزد ٿيو. جنهن ڪري سنڌين طرفان کيس قادو حجم جي نالي سان ياد ڪيو ويجي ٿو.

2. هن، سنڌ جي صوبائي وزارتن کي سندس مرضيءَ مطابق نه هلندو ڏسي، مرڪزي حڪومت طرفان جمهوري اصولن جي خلاف، انهن کي ڊاهي، پنهنجين هٿ ٺوڪين وزارتن قائم ڪرڻ جو رواج وڌو.

3. هن، ملڪ جي اصل زبانن کي ريتي، ٻاهرين اردو زبان کي قومي زبان بڻائي، مهاجر-پنجابي مانوپولي قائم ڪرائي.

4. هن، هندن کي لڏائي، خالي ڪيل جملي دڪانن، ڪارخانن، ڪاليجن، اسڪولن، زمينن، بئنڪن ۽ واپار تي قبضي لاءِ ٻاهران مهاجر گهرائي، ڪالونائيز ڪرڻ جي ابتدا ڪئي.

5. هن، سنڌ ملڪ ۽ سنڌي قوم جي جدا وجود کان انڪار ڪرڻ جو رواج وڌو.

ان کان پوءِ پاڪستان جي ٻهرئين وزير اعظم لياقت علي خان جي دور حڪومت ۾ سنڌين سان جيڪي ظلم ٿيا، انهن ظالمن جو داستان ڏکهو آهي. سندس ظلمن جي ڪري، سنڌين طرفان کيس "دشمن سنڌ" جو لقب عطا ٿيو.

لياقت علي خان جي سنڌ دشمني جا چند نمايان ڪارناما:

1. هن، سنڌ ۾ هندو مسلم فساد ڪرارائي، هندن کي لڏارايو ۽ هندستان کان مهاجر گهرائي، انهن کي ڪراچي ۽ سنڌ جي ٻين شهرن ۾ ڪالونائيز ڪرايو. جيڪڏهن هو زياده وقت جيئرو رهي ها ته سموريءَ سنڌ جي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ مهاجرن کي ڪالونائيز ڪرائي، سنڌ کي مهاجرن جي ڪالوني بڻائي ڇڏي ها.

2. هن کي پنهنجو پيءُ پي جي زبان ۽ ڪلچر تي فخر هو. نه صرف ايترو پر سنڌين کي هڪ فاتح وانگر حقارت جي نظر سان ڏسندو هو. هن جو ارادو سنڌي زبان ۽ ڪلچر جي جاءِ تي اردو زبان ۽ مهاجرن جو ڪلچر مسلط ڪرڻ هو. جڏهن اها ڳالهه عالم آشڪار ٿي، ته سنڌ مسلم ليگ جي ان وقت جو صدر، سيد حاجي علي اڪبر شاهه وفد وٺي کيس عرضداشت ڪرڻ ويو ته سنڌي زبان ۽ ڪلچر جي حفاظت ڪئي وڃي. ان تي هن نهايت فاخرانه انداز ۾ جواب ڏنو ته "سنڌي ائن ڪاهڻ ۽ ڳڏهن هڪلڻ واري ڪلچر ۽ بدويانه زبانن جا مالڪ هئا. ان جو جديد زماني ۾ ڪهڙو بچاءُ ٿي سگهندو!"

www.sindhsalamat.com

هن کهڙي کي ڊسمس ڪري، پير الاهي بخش کي وزارت ڏني. ان ڪان سنڌ ۾ زوريءَ اردو زبان کي رائج ڪرڻ جو ڪم ڪرايو.

3. هن جناح صاحب کي چئي، ڪراچي سنڌ کان جدا ڪرائي، ان کي ڪالونائيز ڪرائڻ شروع ڪيو. پير الاهي بخش ڪالوني، لياقت ڪالوني وغيره سڀ ان جا نتيجا هئا. هن ڪراچي شهر مان، قديم سنڌي نالا بدلرائي، هندستاني حضرات جا نالا رکائڻ شروع ڪرايا، تہ جيئن ڪراچي شهر مان سنڌي قوميت جو نالو نشان ميٽجي وڃي.

4. هن صوبائي حڪومتن تي مرڪزي حڪومت جي تسلط مضبوط ڪرڻ ۽ صوبائي وزارتن کي ختم ڪرڻ لاءِ پروڊا جو قانون پاس ڪرايو. ان قانون ذريعي وزيرن کي ڊسمس ڪري، سندن جاءِ تي صوبائي اسيمبلين جي منظوريءَ کان سواءِ پنهنجيون هٿ ٺوڪيون وزارتون قائم ڪرايون. پنهنجي طاقت جو نشان مڪو مقرر ڪيائين. يعني هن جو ارادو ڏنڊي جي ذريعي حڪومت ڪرڻ جو هو.

ڪراچي کي ڌار ڪرڻ جي مخالفت تان کهڙي وزارت کي ڊسمس ڪرائي، پير الاهي بخش کي نامزد ڪري، ان جي ذريعي ڪيترا ڪڏا ڪم ڪرايائين-جهڙوڪ: اردوءَ کي زوريءَ ابتدائي تعليم جو ذريعو بنائڻ، سرڪاري هٿيارن وسيلي سکن ۽ هندن خلاف فساد ڪرائڻ، هندن جي ڇڏيل جملي ملڪيت مهاجرن کي ڏيارڻ، ڪراچيءَ ۾ هزارين ايڪڙ سڪني زمين مهاجرن کي مفت ڏيارڻ ۽ بئنڪن کان ڪروڙين روپيا وٺائي مهاجرن لاءِ ڪالونيون ٺهرائڻ، وغيره.

5. پاڪستان جي آئين پاس ڪرائڻ ۾ جاني واڻي دير ڪري، سنڌ جي ڪالونائيزيشن جو ڪم جاري رکندو آيو. هن جو ارادو، آئين پاس ڪرائڻ کان اڳ سنڌ کي مهاجر ڪالوني بنائڻ هو. نيٺ سنڌس پاليسين کان تنگ اچي، اهل پنجاب کيس قتل ڪرائي، پنهنجي ۽ سنڌين جي جان آزاد ڪرائي.

ان کان پوءِ اڪثر وزارتون مهاجر-پنجابي سامراجيت قائم رکڻ لاءِ ساڳي پاليسي هلائيندڙيون آيون. تان جو غلام محمد خان گورنر جنرل پاڪستان، مهاجر ڪالونائيزيشن تي پنجابي ڪالونائيزيشن کي ترجيح ڏيارڻ شروع ڪئي.

www.sindhsalamat.com

## غلام محمد خان، گورنر جنرل جا ڪارناما:

1. هن سنڌ ۾ مکيه ڌنڌي جي پيلن کي وڌارائي، زمينون کڏارائي، اتي پنجابين کي ڪالونائيز ڪرايو.
2. هن اڪثريت واري صوبي بنگال جي چونڊيل ۽ اڪثريت رکندڙ وزير اعظم خواجه ناظم الدين جي وزارت کي ڊسمس ڪري، آئين ساز اسيمبلي ختم ڪرائي. آمريڪا کان محمد علي بوگرا کي گهرائي وزير اعظم پاڪستان نامزد ڪيو. اهڙيءَ طرح پاڪستان ۾ جمهوريت جو وقار ختم ڪرايائين.
3. گورنر جنرل ٿيڻ کان اڳ. لياقت علي خان کي قتل ڪرائي، سياسي قتل ڪرائڻ جو بنياد وڌائين.
4. پاڪستان جي الهندي حصي جي هزارين ورهين جي ملڪن ۽ قومن کي ختم ڪرائي، ون يونٽ ٺهرائي، سنڌ ۾ پنجابي ڪالونائيزيشن جو بنياد وڌائين.
5. پيرزادي عبداستار جي اڪثريتي وزارت کي ڊسمس ڪرائي، هٿ ٺوڪي وزارت قائم ڪرايائين.

ان بعد ٻه ان پاليسيءَ مطابق حڪومت جو ڪاروبار هلندو آيو. نيٺ ان نالي ماتر جمهوريت کي ٻه ختم ڪري، سڪندر مرزا ۽ جنرل ايوب خان ملڪ جو آئين معطل ڪري ملڪ سان مارشل لا لاڳو ڪئي. ملڪ مان جملي جمهوري ادارن، لوڪل بورڊن ۽ ميونسپالٽين کي ختم ڪري يونين ڪائونسلون برپا ڪرائي. ڏنڊي جي زور تي حڪومت هلائڻ شروع ڪئي ويئي. مختصر طور انهيءَ دور جا ڪارناما هيٺ ڏجن ٿا:

1. آئين ساز اسيمبلي، مرڪزي ايمبلي، صوبائي اسيمبلين، لوڪل بورڊن ۽ ميونسپالٽين جا سڀ جمهوري ادارا ختم ڪري يونين ڪائونسلن ذريعي ڪاروبار هلائڻ جو دستور وڌو ويو.
2. ووٽ ذريعي اسيمبلين لاءِ ميمبر ۽ ملڪ جي صدر چونڊڻ جو حق عوام کان کسي، يونين ڪائونسلن ذريعي چونڊ ڪرائڻ جو دستور وڌو ويو.
3. مکيه سياستدانن کي ورهين جا ورهيه بنا ڪيس هلائڻ جي جيلن ۽ نظربندين ۾ رکيو ويو.
4. عوام جو توجهه ملڪ جي حقيقي مسئلن کان هٽائڻ لاءِ هندستان سان ڪشمير حاصل ڪرڻ جي نالي ۾ جنگ ڪئي ويئي، ۽ گهڻي نقصان سهڻ بعد مجبور ٿي. ڌارين طاقتن جي زوربار تي صلح ڪيو ويو.

www.sindhsalamat.com

5. بنگالين کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ شيخ مجيب الرحمان تي اگرتلا سازش ڪيس هلايو ويو ۽ ون يونٽ کي مضبوط ڪرڻ لاءِ هر طرح جا حيلا هليا ويا.

ان کان پوءِ عارضي وقت لاءِ جنرل يحيٰ خان حڪومت هلائي، جنهن گذريل تجربي مان سبق سکي (1) ون يونٽ ختم ڪرايو (2) بنگال کي مرڪزي اسيمبلي ۾ آباديءَ مطابق نمائندگي جو حق ڏياريو (3) ملڪ ۾ ڪجهه قدر آزادانه چونڊون ڪرايون ۽ (4) سياسي ليڊرن کي آزاد ڪيو. پر ان سان گڏ يحيٰ جهڙي ماڻهوءَ جي غلط مشوري ۾ ڦاسي، چونڊن بعد:

1. شيخ مجيب الرحمان کي پوري اسيمبليءَ ۾ اڪثريت هئڻ جي باوجود وزارت ٺاهڻ نه ڏنائين.
2. بنگالين جي حقن گهرڻ تي، بنگالـر ۾ لشڪر موڪلي جنگ ڪرائي، شڪست کائي، بنگال هٿ مان وڃايائين.
3. هندستان سان جنگ ڪري ملڪ جو ڪجهه ڀاڱو هٿان وڃايائين، ۽ لشڪر جا نوي هزار ماڻهو هندستان وٽ قيد ڪرايائين.
4. عياشيءَ ۽ شراب نوشيءَ ۾ ڦاسي، ملڪ جو ڪاروبار چند جنرلن ۽ سول سروس جي عملدارن جي حوالي ڇڏيائين، جن کان سياسي تجربي نه هئڻ سبب ڪيئي غلطيون سرزد ٿيون.
5. آخر جنگ ۾ شڪست کائڻ بعد، عام راءِ مخالف ڏسي، آمريڪا جي چوڻ تي حڪومت جي واڳ ڀٽي جي حوالي ڪيائين.

## مسٽر ڀٽي جا ڪارناما:

جيئن ته ڀٽي جي حڪومت جو مدار پنجاب جي اسيمبليءَ ۾ اڪثريت، پنجابي لشڪر ۽ پنجابي سول سروس تي هو ان ڪري هن ڪيترا اهڙا ڪم ڪيا، جي صرف سنڌس زواليت جو باعث بڻيا، پر انهن ڪيس نهوڙي نيو.

ڀٽي جي ڪارنامن کي موجوده ملٽري حڪومت طرفان ٽن "ڪچن چٺن" (White Paper) ۾ ظاهر ڪيو ويو آهي ۽ مون هيٺين ڪتابن ۾ بيان ڪيو آهي:

1. هيڏا هاڃا ٿين.
2. پاڪستان جو ماضي، حال ۽ مستقبل.
3. سنڌو ديش ڇو ۽ ڇا لاءِ؟

www.sindhsalamat.com

هيءَ بداخلاق، ڏوڪيباز اقتدار جي هوس ۾ انڌو ٿيل، سنڌ جي حقن جو دشمن هو. سنڌس دور ۾ سنڌ سان ٿيل ظلمن کي مختصر طور هيٺ بيان ڪجي ٿو:

1. هن اقتدار ۾ رهڻ لاءِ مهاجر- پنجابي مستقل مفاد، سامراجين جي رضامندي ضروري ڄاڻي، سنڌ جي قديم ۽ جداگانه قومي وجود کان انڪار ڪري، آئين ذريعي ان کي 21 سيڪڙو اقليت بنائي، سمورا اختيار مرڪزي حڪومت جي حوالي ڪيا، ۽ ان کي اهڙيءَ طرح هلايو جو سنڌ، پنجابي اڪثريت جي ماتحت ٿي پيئي ۽ اتان اربين روپيا ٽئڪسن ذريعي غير سنڌي مفاد لاءِ ڪٽب اچڻ لڳا. ان لاءِ اسلام، سوشلزم ۽ جمهوريت جي ڪوڙن نعرن هيٺ لکين ٻاهرين ماڻهن کي سنڌ ۾ اچڻ لاءِ دروازا کولي، سنڌ جي اربين روپين جي پيداوار کي ٻاهر موڪلڻ جي اجازت ڏني، ۽ سنڌ جي آباديءَ جي توازن کي تبديل ڪيو.

2. سنڌ جي قديم ۽ مالا مال زبان کي پس پشت اڇلارائي، آئين ذريعي اردو زبان کي قومي زبان بنايو، ۽ سنڌ اسيمبليءَ ۾ سنڌس پارٽي جي ميمبرن طرفان سنڌي زبان کي واحد صوبائي زبان بنائڻ جي ٺهراءَ پاس ڪرڻ جي باوجود مرڪزي حڪومت ذريعي سنڌ کي ٻن زبانن جو صوبو بنايو. انهي ڳالهه تي اعراض ڪرڻ تي سوين سنڌي قومپرستن کي جيل ۾ موڪليو ۽ نظربند ڪرايو. سنڌي اخبارن، رسالن ۽ ڪتابن تي بندش وڌي وئي. جيئي سنڌ جي نعري بدران جيئي ڀٽو جا نعرا لڳرائي، شخصيت پرستي کي زور وٺايو.

3. هن پيپلس پارٽي کي واحد نمائنده جماعت بنائڻ لاءِ ملڪ جي اڪيچار پيسي کي ضايع ڪري، حڪومت جا اختيار پنهنجي هٿ ۾ رکي، ڪارڪنن کي ورسائي، ماڻهن کي ڪرپٽ ڪري هڪ "جي- حضور" گروهه پيدا ڪرائي، ڪين طرح طرح جي طريقن سان مالا مال ڪري، ملڪ جي سياست کي گندو ڪيو ۽ بداخلاقي جي ڪمن کي زور وٺايو.

4. هن سياسي مخالفن کي قتل ڪرائڻ، قومي ڪارڪنن کي جيلن ۽ نظربندين ۾ رکڻ، سندس راءِ جي مخالفت ڪرڻ وارن جو گلو گهٽڻ، تقرير، تحرير ۽ جماعت سازيءَ جي آزاديءَ تي بندش وجهڻ، مخالفن سان ظالمانه، حياسوز ۽ وحشيانه طريقا اختيار ڪرڻ سان، ملڪ ۾ حراس پيدا ڪيو. فضول خرچي ۽ عياشيءَ جي ڪارنامن کي تقويت وٺائي.

www.sindhsalamat.com

5. هن چونڊن کي تماشو بنائي، زوريءَ نامينيشن پيپر رد ڪرائڻ، ڪوڙا ووٽ ڏيارڻ، مخالف اميدوارن کي بيهڻ کان روڪڻ، پنهنجي چاڙتن طرفان مخالفن کي مارون ڏيارڻ وغيره جا ڪارناما ڪرائي، جمهوريت جو ڏيوالو ڪيڍائي ڇڏيو.

6. هن، پاڻ کي اقتدار ۾ رکڻ خاطر سنڌي، پنجابي ۽ مهاجر اختلافن کي وڌائڻ لاءِ حالتون سازگار بنايون. ۽ پاڻ انهن جي روڪڻ جو واحد ذريعي ظاهر ڪري عام راءِ کي گمراهه ڪيو ۽ نفرت ۽ نفاق جو ٻج پوکيو.

7. سرحد ۽ بلوچستان صوبن جي نمائنده وزارتن کي مختلف طريقن سان تنگ ڪري ڊسمس ڪرڻ بعد اتي جي قومي ڪارڪنن کي جيلن ۾ وجهي، مٿن بغاوت جا ڪيس هلارايائين. هڪ طرف ٻنهي صوبن جي ماڻهن تي طرح طرح جا ظلم ڪيائين ۽ کين ملڪ ڇڏي ٻين صوبن ۾ لڏي وڃڻ لاءِ مجبور ڪيائين. ته ٻئي طرف اُتي ڪي خود مطلب ۽ بي اصول چاڙتا پيدا ڪري، انهن کي لکين روپين ڪمائڻ جي ڇوٽ ڏيئي ملڪي سياست کي گندو ڪيائين.

8. هن، سنڌ ۾ مون کي بنا ڪيس هلائڻ جي غير محدود عرصي لاءِ ناحق نظربند ڪيو ۽ ٻين قومپرست ڪارڪنن کي نظربند ڪري ۽ جيلن ۾ وجهي طرح طرح جا عذاب ڏياريا ۽ آفيسرن کي حڪم ڪيائين ته هر ڪم پيپلس پارٽي جي ڪارڪنن جي حڪمن موجب ڪيو وڃي. جنهن ڪري رشوت خوري وڌي ويئي ۽ چند ماڻهن جي مالا مال ٿيڻ، اشراف ۽ اصول وارن ماڻهن کي تنگ ڪرڻ ۽ خوشامندي ۽ بازاري ماڻهن کي طاقتور بنائڻ لاءِ دروازا کلي پيا.

9. ملڪي سياست ۾ ڪوڙ ۽ ڏوڪيبازيءَ کي جزو بنايو ويو.

الف: هن غير اسلامي ڳالهين کي اسلام جي نالي ۾ تعبير ڪرايو ۽ پنهنجي بداخلاقي حڪومتي دور کي چاڙتن طرفان خلافت راشديه جو دور سڏايو.

ب: هن اسلامي سوشلزم جي ڏوڪي هيٺ چند ماڻهن کي مالا مال ڪيو. ماڻهن کي گمراهه ڪري، جتوئي، مخدوم، ميرن، پيرن ۽ مکيه زميندارن ذريعي سوشلزم رائج ڪرڻ جو ويساهه ويهاريو. ان کان سواءِ چند سوشلسٽ خيال ماڻهن کي خريد ڪري پنهنجي اقتدار جي مضبوطيءَ لاءِ ۽ قومپرست ۽ سوشلسٽ ڪارڪنن جي برخلاف ڪتب آندو.

www.sindhsalamat.com

ت: جمهوريت جو نالو وٺي عوام کي ڏوڪو ڏئي، تقرير، تحرير ۽ جماعت سازيءَ تي بندش وجهي، آمرانہ طرز حڪومت هلائڻ جو رواج وڌو.

10. ملڪي خزاني کي اجاين خرچن تي صرف ڪري، چند ماڻهن کي ورسائي، ملڪي ٽيڪسن کي ڏيوالي جي حد تائين پهچايو.

وڌيڪ احوال سنڌس خلاف لکيل ڪيترن ڪتابن ۽ پمفليٽن مان ملي سگهندو.

آخر ماڻهن تنگ ٿي، سنڌس خلاف بغاوت ڪري، سنڌس حڪومت کي هلڻ کان بيڪار بنايو ۽ ملٽريءَ کي مجبور ٿي، ملڪ سان مارشل لا لڳائي، حڪومت جون واڳون پنهنجي هٿن ۾ وٺڻ لاءِ حالتون سازگار بنجي پيئون. سنڌس ڪيترن ڪارڪنن تي ڪيس هلائي، ڪين سياست ۾ حصي ۾ وٺڻ کان نااهل قرار ڏنو ويو.

خود ڀٽي تي بہ ڪيس هلائي، سپريم ڪورٽ طرفان فيصلو ڏيارائي، 4 اپريل 1979ع تي ڦاسي ڏياري ويئي.

هن وقت ضياءُ الحق جي صدارت هيٺ ملڪ ۾ مارشل لا جي حڪومت برپا آهي. سڄو ڪاروبار ملٽريءَ جي هٿ ۾ ڏنو ويو آهي. هن دور ۾ جيڪي ڪارناما ٿيا آهن، تن مان چند مثال خاطر هيٺ ڏجن ٿا.

1. هنن ماڻهن کي ڏوڪي ڏيڻ لاءِ دقيانوسي اسلامي پارٽين تي مشتمل، مختلف پارٽين جي ڪارڪنن جي ڪابينا ٺاهي هئي، جن جي هٿ ۾ ڪوبہ اختيار نہ هو صرف حڪومت جا ڀَٽَ بنجي تقريرون ڪندا وتيا ٿي. اختيار سمورا ملٽري عملدارن جي هٿن ۾ هئا، جن کي جمهوري ۽ سماجي طور سياست هلائڻ جي واقفيت نہ هئي.

ڀٽي جي دور حڪومت ۾ هن حڪومت جي وچ ۾ تفاوت صرف هي آهي تہ اڳي ڀٽي جا چاڙتا ۽ دلال ڪامورن تي حڪم هلائي، ملڪ جو ڪاروبار هلائيندا هئا ۽ هاڻ اُهي ساڳيا ڪامورا ملٽري عملدارن ۽ سمري ڪورٽن ذريعي حڪومت هلائين ٿا.

2. هي "نظام مصطفيٰ" يا شريعتي نظام جو نالو وٺي، جاهل عوام کي ڏوڪي هيٺ کي بيوقوف بنائيندا وتن ٿا. ڪين اهو پتو نہ اهي تہ 13 سئو ورهيہ اڳ جو رائج ڪيل شريعتي نظام (جو در حقيقت موسوي شريعت، بابلين دستورن ۽ رواجن تي مشتمل هو). هن وقت حالتن جي تبديلي جي ڪري اڪثر ناقابل عمل ٿي چڪو آهي. اهڙي نظام جو عمل ۾ اچڻ موجوده هنري ۽ سائنسي دور ۾

www.sindhsalamat.com

ناممڪن هو. انهيءَ جو مثال هن سنڌي چوڻي برابر آهي تہ: "نون ميهارن مينهون ڏاريون، ڪٽا لاهي دونهون ڪيائون."

3. هي وقت بوقت ماڻهن کي يقين ڏياريندا رهن ٿا تہ حڪومت جمهوريت طرز موجب هلائيندا، غير جانبدارانہ چونڊون ڪرائي، حڪومت جو واڳون چونڊيل نمائندن جي عيوضين کي منتقل ڪندا.

پر سياسي جلسن تي اڃا پابندي آهي، عام راءِ کي صحيح طور تيار ڪرڻ لاءِ وقت ڪونہ ٿو ڏنو وڃي.

هن وقت ملڪ ۾ هيٺيون پارٽيون ڪم ڪري رهيون آهن. جن مان ڪن پارٽين جا ڪارڪن بہ موجوده مارشل لا حڪومت ۾ شامل هئا:

## 1. جماعت اسلامي:

هن جماعت جا ڪارڪن ۽ ليڊر جديد طرز حڪومت جي چاڻ ڪان اڻواقف آهن. هي جماعت، شريعت اسلاميءَ جي نالي ۾ پاڪستان جي مختلف صوبن جي رهاڪو مسلمانن کي حقيقتن جي خلاف هڪ قوم تصور ڪري مهاجر پنجابي مستقل مفاد جي دلالي جو ڪم ڪري رهي آهي. سنڌ، بلوچستان، پختونستان ۽ پنجاب جا دانشور سياستدان، هن جماعت کي رجعت پسند ۽ جديد قومپترستيءَ جو دشمن سمجهن ٿا.

## 2. مسلم ليگ:

هي هڪ پراڻي جماعت آهي، جنهن کي انگريز حڪومت مسلم مستقل مفاد جي ذريعي هندستان ۾ برپا ڪرايو هو تہ جيئن هند جي آزاديءَ جي راهہ ۾ رڪاوٽ پيدا ڪئي وڃي، ۽ هندن ۽ مسلمانن ۾ مذهب جي بنياد تي اختلاف پيدا ڪرايا وڃن. اڳتي هلي مسلم مستقل مفاد مذهبي بنياد تي "ٻن قومن جي نظريي" هيٺ ملڪ کي ورهارائي، مسلم اڪثريت وارن صوبن ۾ حڪومت جا اختيار پنهنجي هٿن ۾ ورتا.

پاڪستان جي برپا ٿيڻ بعد مختلف قومن تي ٿيل ظلم، بي انصافيون، استحصال ۽ "مهاجر-پنجابي سامراجيت" جو قيام سڀ هن جماعت جي پيداوار آهن. هن وقت هي پوڙهي جماعت، 73 سالن جي ڪراڙي زال وانگر نوان ڪپڙا پائي، ماڻهن کي پاڻ ڏي ڇڪي رهي آهي، پر ان ۾ جوانيءَ واري

www.sindhsalamat.com

ڪشش نه رهي آهي. هن جماعت جي دور حڪومت جا ڪارناما، جن ۾ سنڌ، بنگال، بلوچستان ۽ پختونستان جي رهاڪن خلاف جي بي انصافيون ٿيون، سي ماڻهن کان وسريا نه آهن ۽ تاريخ جو ورق بنجي چڪا آهن. تنهن ڪري جديد چاڙ وارا ماڻهو اِن خوار ٿيل جماعت طرف متوجهه نه ٿيندا، صرف جاهل ۽ اقتدار جا بکيا ۽ مهاجر-پنجابي سامراج جا طرفدار ئي هن جماعت ۾ شريڪ ٿيندا.

## 3. پيپلز پارٽي:

هيءَ پارٽي، ڀٽي جي شخصي اقتدار لاءِ قائم ٿي هئي. هن جماعت ماڻهن کي اسلام، سوشلزم ۽ جمهوريت جي نالي ۾ گهڻو بيوقوف بڻائي، ملڪ جو خانو خراب ڪيو آهي. جن جو مدار ڀٽي جي ذات تي ٻڌل آهي، جو ته ان جو نعرو ئي "جيئي ڀٽو" آهي.

## 4. نيشنل ڊيموڪريٽڪ پارٽي:

هيءَ پارٽي، نيشنل عوامي پارٽي تي بندش پوڻ بعد ان جي نعم البدل طور ٺاهي وئي آهي. هن پارٽيءَ جي ليڊرشپ ابن الوقت ۽ سامراجي ذهنيت رکندڙ ماڻهن جي هٿ ۾ آهي، جي اهل پنجاب کي پاڪستان جي يڪجهتي، استقلال ۽ سلامتيءَ جي نالي ۾ ڊوڪو ڏئي، مهاجر-پنجابي سامراج جي قرلت ۾ ساڻن پاڳي پائيوار ٿيڻ گهرن ٿا. هن جماعت ۾ ڪي ڪميونسٽ خيال جا ڪارڪن به موجود آهن. منجهانئن ڪن ليڊرن جي، قربانين ڏيڻ سبب سرحد ۽ بلوچستان ۾ ڪجهه ساک رهيل آهي. تنهن ڪري ممڪن آهي ته اهي مرڪزي اسيمبلي ۾ ڪجهه جايون هٿ ڪري سگهن، پر سندن آواز مؤثر نه ٿيندو. پنجاب ۽ سنڌ ۾ اهي مشڪل سان ڪا جڳهه کٽي سگهن، البت بلوچستان ۽ سرحد ۾ ممڪن آهي ته صوبائي وزارتون قائم ڪري سگهن.

اهل پنجاب، گذريل ڪارنامن ۽ قوميتن جي نالي وٺڻ ڪري هنن جي ليڊرن کان خوفزده آهي، ان ڪري هي آئينديءَ ڪو نمايان ڪارنامو سرانجام ڪري نه سگهندا.

ڀٽي جي پاس ڪرايل آئين هيٺ ڪم ڪرڻ سان پنهنجي صوبن جي حقن جي حفاظت ڪرڻ ۾ به ڪامياب نه ٿيندا. هي پارٽي "آل پاڪستان" بنياد تي

www.sindhsalamat.com

# سنڌ جا وسائل پيداوار

سنڌ موجوده پاڪستان جي رياستن مان سڀ کان زياده ززخير ۽ سکيو ستابو ملڪ آهي. ان جي سرزمين جو استحصال ڪرڻ لاءِ ٻين صوبن جي رهاڪن جون ڳجهن وانگر اکيون ڪتل آهن. سنڌ وسيع پيداوار جا ذريعا ۽ ڪارڻ هيٺيان آهن:

1. جڳهي زرعي زمين.
2. مال (مويشي) جي چراگاهن ۽ واڌاري جي وسيع سهوليتن جي موجودگي.
3. سنڌ جي اندروني ۽ سامونڊي مڇيءَ جي پيداوار.
4. سامونڊي بندرگاهه سبب آمدني ۽ روانگي لاءِ واپار جون سهوليتون.
5. ڪارخانن جي پيداوار.
6. کاڻين جي لڀڻ جا امڪان، ۽ انهن جي پيداوار.
7. وڌيڪ زمين ميسر ٿيڻ جا امڪان.
8. انڪم ٽئڪس، ڪسٽمس، ايڪسائيز ڊيوٽيز سيلس ٽئڪس ۽ ڪارپوريشن ٽئڪسن جي پيداوار.
9. سنڌ ۾ پنجاب جي پيٽ ۾ آدمشماريءَ جو گهٽ بار ۽
10. باغات ۽ پاڇين لاءِ سهوليتون.

هيٺ آءٌ مٿين وسيلن جو مختصر ذڪر ڏيئي، پاڪستان جي موجودگيءَ ۾ انهن جو جيڪو استحصال ٿئي ٿو سو بيان ڪري اها ڳالهه ظاهر ڪندس ته پاڪستان کي ختم ڪري، سنڌو ديش کي آزاد ۽ خودمختيار ملڪ بنائڻ سان سنڌين کي ڪيترا فائدا حاصل ٿي سگهن ٿا:

## 1. جڳهي زرعي زمين:

آءٌ مٿي هن ئي باب ۾ بيان ڪري آيو آهيان ته بهاولپور ڊويزن، لس ٻيلو ڪڇي ۽ سبي ضلعا، ڪڇ رياست ۽ جهوناڳڙهه رياست، تاريخ ۾ سنڌ جا ڪلچرل حصا رهيا آهن. ۽ اهي ڪهڙيءَ طرح کسي، سنڌ جي حدن کي گهٽايو ويو آهي. باوجود ان جي سنڌ جي ايراضي 57000 چورس ميل آهي. جنهن ۾ لائق

www.sindhsalamat.com

آباد جبلن، ماٿرين، درياهه ڊيلٽائن ٻيلن، ٿرن ۽ برن، دوابي يا سمنڊ جي پر واري ايراضي هيٺ جيڪا زمين آهي ان جا تفصيلي انگ اکر مٿي بيان ٿيل آهن. طوالت سبب ٻيهر ورجائڻ مناسب نه ٿو سمجهان.

سنڌ ۾ لائق آباد زمين مان سال ۾ 1،18،00،000 ايڪڙ زمين آباد ٿئي ٿي. ان جي مقابلي ۾ پنجاب ۾ 2،19،94،000 ايڪڙ زمين سال ۾ آباد ڪئي وڃي ٿي. ان حساب سان سنڌ ۾ 1،01،12،000 ايڪڙ آبادي سال ۾ گهٽ ٿئي ٿي. جنهن جا مکيه ڪارڻ هيٺيان آهن:

1. پنجاب وارا درياهن جي منڍ تي هئا، ۽ اڳ ۾ بئراج ٻڌائي آبادي ڪرائڻ لڳا هئا. سنڌ، بمبئيءَ سان گڏ هئڻ ڪري دير سان سجاڳ ٿي ۽ مس مس هڪ بئراج ٻڌائي سگهي هئي. پنجاب ۾ ڪافي بئراج، پاڻي جي ڪٽي ڪرڻ جا ڊيم (بند) بارش جي گهٽائي ۽ زمين هيٺ مٺي پاڻي جي ڪثرت هئي. پنجاب ۾ انڊر گرائونڊ واٽر جو ذخيرو M.A.F 2000 ۽ سنڌ ۽ پنجاب جي وچ ۾ ٿيل پاڻي جي عهدنامي جي خلاف ورزيءَ ڪري، سنڌ جو پاڻي ڪٽي ويو هو. جيڪڏهن سنڌ آزاد هجي ها ۽ پنجاب جي (پاڪستان هئڻ ڪري) ماتحت نه هجي ها، ته ائين ٿي ڪين سگهي ها.

اسان پنهنجي زراعت هيٺين ذريعن سان وڌائي سگهون ٿا:

1. اونهاري ۾ درياهه ۾ گهٽي پاڻي هئڻ وقت، اهو پاڻي ڊئمن ۾ اسٽور ڪري آباديءَ لاءِ ڪتب آڻي سگهون ٿا.
2. سنڌ ۾ جيڪو به ٿورو گهڻو انڊر گرائونڊ پاڻي آهي، اهو ٽيوب ويل هڻائي، آباديءَ لاءِ استعمال ڪري سگهون ٿا.
3. سنڌ ۾ بارش جي وقت جبلن کان ايندڙ پاڻيءَ تي ڊيم ٻڌائي، ان پاڻي ذريعي باراني زمين وڌيڪ آباد ڪري سگهون ٿا.
4. پنجاب کي مختلف طريقن سان مجبور ڪري، عهدنامي مطابق ان کان پورو پاڻي وٺي سگهون ٿا.
5. ٿر جي 14 لک چورس ميلن جي ايراضي مان، جديد مشنريءَ ذريعي اٽڪل 80 لک ايڪڙ زمين درست ڪرائي، ڪنئي ڪيل پاڻي ذريعي آباد ڪرائي سگهون ٿا.
6. جبلن ۽ ماٿرين هيٺ آيل 5000 چورس ميلن مان گهٽ ۾ گهٽ 3000 چورس ميل يعني 1930000 ايڪڙ زمين آباد ڪرائي سگهون ٿا.

www.sindhsalamat.com

7. بيلن هيٺ آيل زمين کي 1800 چورس ميلن بدران 3000 چورس ميلن تائين وڌائي سگهون ٿا.

ازانسواءِ هن وقت اسان جي ٻيلن ۾ گهٽ ڪري جلائو ڪاٺيون ۽ ڪجهه عمارتي ڪاٺ پيدا ٿئي ٿو پوءِ ٻيلن کي سڌاري منجهن تالهي، ساڳ ۽ ٻيا قيمتي قسم جا وڻ پوکائي، فرنيچر، عمارت سازيءَ، دروازن، ريل گاڏين ۽ ونگن لاءِ ڪاٺ پيدا ڪري، پاڻ پرا ٿي سگهنداسون ۽ ٻاهران گهٽ ڪاٺ گهرائيبو.

8. سنڌ ۾ باغات، ڪڇهه، ڪمند ۽ ڪٽڪ جي آبادي وڌائي سگهون ٿا.

پر اهو سڀ ڪجهه تڏهن ٿي سگهي ٿو جڏهن سنڌ جا جملي ٽيڪس سنڌ جي حوالي ڪيا وڃن. سنڌ جي ٽيڪسن جي وسيع پيداوار جا انگ اکر اڳ بيان ڪيل آهن.

پاڪستان بنجڻ بعد پنجابي ۽ مهاجر طبقي جي ترقي ۽ بهبوديءَ لاءِ جيڪو خرچ ڪيو ويو ٿي ان جو 5 سيڪڙو به سنڌ لاءِ خرچ نٿو ڪيو وڃي. سنڌ جي تعمير ۽ ترقيءَ لاءِ مرڪزي بجيٽ جو ڏهون حصو به خرچ نٿو ڪيو وڃي.

## 2. مال جي واڌاري ۽ چراگاهن جي وسيع سهوليتن جي موجودگي:

سنڌ ۾ مال جي چاري لاءِ جبلن، ٻيلن ۽ ٿر ۾ ڪافي زمين موجود آهي، پر ان جي واڌاري ۽ سڌاري لاءِ سرڪاري طرح ڪجهه به نه ڪيو ويو آهي. هن وقت وڏن شهرن ۾ مال جو ڪوس تمام گهٽو ٿي رهيو آهي، جنهن ڪري خطرو اهو محسوس ٿو ٿئي ته ڪجهه وقت بعد مينهن، ڳئن، ڍڳن، ٻڪرين، رڍن وغيره جو خاتمو ٿي ويندو. ان ڳالهه کي مدنظر رکندي اڳاتو سنڌ ايگريڪلچرل ڪميشن طرفان مال جي واڌاري لاءِ هيٺيون تجويزون رٿيون ويون هيون:

1. مينهن جي واڌاري لاءِ سنڌ جي اتر ۽ لاڙ ۾ به فارم رکائي، سٺا نسل پيدا ڪرائڻ ۽ چراگاهن لاءِ ڪي ٽڪرا چونڊي جديد نموني مال جي پرورش ڪرڻ ۽ کير جي وڪري جو انتظام ڪرڻ.

2. ڳئن جي ٽن نسلن جي واڌاري ۽ سڌاري لاءِ ٻاهران ڪي نسل آڻي، ان جي ملاوت جي انتظام لاءِ فارم بنائڻ. جهڙوڪ: اتر سنڌ ۾ ناڙيءَ جي ڳئن ۽ ڍڳن جي نسل لاءِ فارم، ٿر ۾ ٿري نسل لاءِ فارم، ۽ ڳاڙهين ڳئن جي واڌاري ۽ سڌاري لاءِ ڪراچيءَ جي پر ۾ ملير طرف فارم قائم ڪرڻ.

www.sindhsalamat.com

3. ٻيلن جي پر ۾ ڪامورين ٻڪرين جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ فارمن ۽ چراگاهن ۾ انتظام ڪرڻ.جبلن طرف برين ٻڪرين جي نسل جي افزائش ۽ واڌاري لاءِ فارم ۽ چراگاهه قائم ڪرڻ.

4. رڍن لاءِ بہ فارم قائم ڪرائڻ ـ هڪ ڪوڪي رڍن لاءِ ۽ ٻيو دنبين رڍن لاءِ ۽ گهيٽن جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ. وچ ايشيا ۽ يورپ کان وڌيون رڍون ۽ گهيٽا گهرائي، تن جي ملاوت سان موجوده نسل کي درست ڪرائڻ.

5. اُٺن، گهوڙن ۽ گڏهن جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ فارم بنائي، انهن جي چراگاهن جو انتظام ڪرڻ.

6. ڪتن جي جدا جدا نسلن جي سڌاري واڌاري لاءِ فارم بنائڻ.

7. اڳي سنڌ ۾ بهترين ڪتا هوندا هئا. جن مان ڪي گهرن جي حفاظت ڪرڻ، ڪي چورن جي پيرن ڪڍڻ ۽ ڪي شڪار ڪرڻ لاءِ ڪم ڏيندا هئا. انهن ۾ ڪي وڏا سنڌي ڪتا، ڪي ننڍا پستا ۽ ڪي بلڊاگ هوندا هئا. ڪتن جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ ٻين ملڪن ۾ گهڻو ڪجهہ ٿي رهيو هو. تجويز هئي تہ هتي بہ مختلف قسم جي ڪتن جا "ڪين" ٺاهي، انهن جي ملاوت يا سڌاري لاءِ انتظام ڪيو وڃي. انهي واسطي ڪن ماهر ماڻهن کان تجويزون بہ گهرايون ويئون هيون. ۽ اهو ڪم هڪ کاتي کي سپرد ڪرڻ جو ارادو هو.

8. سنڌ جا ڪي جانور ـ سرهہ، گڊ، هرڻ، ڦاڙها وغيره. جبلن، ميدانن، ٻيلن ۽ ٿر طرف هوندا هئا. سنڌن بچاءَ جي پوري انتظام نہ هئڻ ڪري، آهستي ٿي، مرڳو انهن جا نسل ختم ٿي رهيا هئا. ان ڪري سنڌن حفاظت واسطي ڪي سئنڪچوريز ۽ پارڪ بنائڻ جي لاءِ رٿ رٿيل هئي.

9. ڪڪڙن، ٻدڪن ۽ ڍڳن جي پکين جي بچاءَ لاءِ ڪي خاص فارم بنائڻ، ڍنڍن تي رکوالي ڪرائي، اتي شڪار جي ممانعت جو بندوبست ڪرڻ.

پر، ون يونٽ بنائي انهن سڀني اسڪيمن ۽ تجويزن کي رد ڪيو ويو. هن وقت جي مرڪزي حڪومت طرفان بہ ان طرف ڪو توجهہ نٿو ڏنو وڃي. ان غير همدردانہ روش لاءِ دانهن ڪجي ٿي تہ علائقيت، پاڪستان دشمني ۽ اسلام دشمنيءَ جا لقب ملن ٿا. ۽ احتجاجي آواز بند ڪرايو وڃي ٿو يا سزائون ڏنيون وڃن ٿيون. ان ڪري انهن سڀني مرضن جو علاج، پاڪستان ڍاهڻ ۽ سنڌو ديش کي آزاد ڪرڻ سان ئي ٿي سگهي ٿو.

www.sindhsalamat.com

## 3. سنڌ جي مڇيءَ جي پيداوار، ان جي افزائش ۽ نيڪال جو انتظام

اڳ بيان ڪري آيو آهيان ته سنڌ ۾ اٽڪل 520 ڍنڍون، ڍورا ۽ پاڻي جا تالاب آهن، جن مان مڇي مري ٿي، ان کان سواءِ درياھ مان به پلا ۽ مڇيون مرن ٿيون. ان جي واڌاري لاءِ فشريز کاتو کوليو ويو آهي، جنهن جي ذريعي ڪو خاطر خواھ سڌارو ڪو نه ٿي سگهيو آهي.

پهرين ان جو ڏوھ انجنيئري، لوڪل بورڊ ۽ روينيو کاتن کي ڏنو ٿي ويو جن مقاطعن نيلام ڪرڻ ۽ مڪاني ميربحرن جي حقن جي حفاظت لاءِ ڪو انتظام نه ڪيو هو. پر مڇي وڌائڻ، سٺن نسلن پيدا ڪرڻ، ننڍين مڇين جي مرڻ سبب نسل ختم ٿيڻ طرف گهٽ سوچيو ويو. سمنڊ تي مڇي مارڻ تي محصول رکيل نه هو جتي اڪيچار مڇي هئي، پر سنڌ ۾ مهاڻن جي مڇي مارڻ لاءِ جيڪي رنڊڪون ۽ تڪليفون هيون، تن جي دور ڪرڻ لاءِ توجهه ڪو نه ٿي ڏنو ويو. ان کان سواءِ مڇي مارڻ بعد ان جي ٻاهر نيڪال. ڪجهه وقت تائين ان کي خراب ٿيڻ کان بچاءَ ۽ مڇي پلي تي گذر ڪندڙ جي سٺي گذران طرف گهٽ سوچيو ويو ان لاءِ ڪيئي تجويزون رٿيون ويئون هيون. جهڙوڪ:

1. مڇيءَ جي گهٽڻ ۽ سٺن قسمن جي پيدائش ۽ افزائش لاءِ بندوبست ڪرڻ.
2. شهر ۾ ترت مڇي پهچائڻ لاءِ ايئر ڪنڊيشنز لاريون ٺهرائڻ.
3. مڇيءَ کي دٻن ۾ بند ڪري ٻاهر موڪلڻ.
4. مير بحرن جي شڪايتن دور ڪرڻ ۽ ٻاهرين وچ وارن مقاطعيدارن جي نفعي ڪمائڻ تي روڪ وجهڻ، وغيره. پر اهي سڀ رٿون، سنڌ جي مهاجر-پنجابي سامراج هيٺ اچڻ ڪري حرف غلط وانگر ميسارجي ويئون.

سنڌ مان هن وقت به 190000 ٽن ساليانو مڇي مري ٿي. مٿين رٿن مطابق سڌارو ۽ واڌارو آڻڻ سان ان پيداوار کي ٻيڻو بلڪ ٽيڻو ڪري سگهجي ٿو. پر ان طرف توجهه آزاد ٿيڻ کان اڳ ڪري نٿو سگهجي.

سامونڊي (مرين) مڇي: سنڌ کي خدا، 150 ميلن جي وسيع سامونڊي ڪناري سان نوازيو آهي. ان مان گهٽ وقت کان وٺي، پراڻي طريقي سان ٻيڙين ۾ چڙهي، رڇن ذريعي مڇي ماري ويندي هئي. جا ڪجهه وڪرو ڪئي ويندي هئي ۽ ڪجهه سمنڊ جي ڪناري تي واريءَ تي سڪائي ٻاهر موڪلي ويندي هئي.

اڳ جڏهن ضلع لوڪل بورڊ ڪراچيءَ جو پريزيڊنٽ هوس ته ان وقت اسان "ڳوٺ سڌار هلچل" نالي جماعت ٺاهي هئي. جنهن وسيلي، ڪراچي جي

www.sindhsalamat.com

پر ۾ مال جي سروي ڪرائي وئي هئي. ۽ اهڙيءَ طرح "مهاڻن جي جماعت" ٺاهي، مڇي مارڻ جي بہ سروي ڪرائي ويئي هئي. اِهي سروي رپورٽون، مولوي عبدالخالق "خليق" موراڻيءَ تيار ڪيون هيون.

مرحوم جمشيد ميهتا، چيٺمل پرسرام، ڊي پي دستور ۽ هاسومل ميرچنداڻي بہ ان ۾ خاص دلچسپي ورتي هئي. ان وقت ڪڏي ابراهيم حيدريءَ ۽ ريڙهي مياڻن ۽ ساڪري جي پر وارين مياڻن جي سروي ڪرائي ويئي هئي. مير بحر وڏي جوکم سان مڇي ماري ايندا هئا، پر سندن ڪمائيءَ جو گهڻو حصو غريب هئڻ ڪري، واپارين جي حوالي ٿيندو هو. ان وقت ڪو آپريٽو سوسائٽيز ائڪٽ هيٺ غير متحرڪ ملڪيت کان سواءِ پيسي ڏيڻ جو دستور ڪو نہ هو. سنڌ بمبئي سان ملحق هئي ۽ بمبئي سرڪار کي ان ۾ دلچسپي ڪا نہ هئي. ان ڪري گهڻو ڪجهه ٿي نہ سگهيو. پوءِ جڏهن سنڌ الڳ ٿي، تہ پير علي محمد شاهه راشديءَ، سنڌ ايگريڪلچرل ڪميشن ٺهرائي. ۽ اسان کي موقعو مليو ۽ مڇي مارڻ بابت بہ ڪي تجويزون سوچيون ويون. ان وقت اڃا لانچن ۽ ٽريلرن ذريعي مڇي مارڻ جو گهڻو رواج نہ پيو هو. پيڙين ذريعي مڇي مارڻ جو دستور هڪ تہ پُر خطر هو ۽ ٻيو تہ ان ذريعي سمنڊ ۾ گهڻو اندر وڃي مڇي ماري نہ سگهبي هئي. ان ڪري تجويز تيار ڪئي ويئي تہ فشريز کاتو کولي ان ذريعي اِن لئنڊ ۽ سامونڊي مڇيءَ جي مارڻ لاءِ نون طريقن کي استعمال ۾ آندو وڃي. جهڙوڪ: لانچون ۽ ٽريلر ڪتب آڻڻ، رڇن لاءِ پلاسٽڪ ڪتب آڻڻ، ميربحرن کي جديد تربيت ڏيڻ، گهرج کان وڌيڪ مڇي ڏيساور ۾ وڪري لاءِ موڪلڻ واسطي جديد طريقا استعمال ڪرڻ، مڇي ماري سڪائڻ ۽ ان جي واپار لاءِ بندر تيار ڪرڻ. پر جيئن تہ سمنڊ جي حد سنڌ سرڪار جي هٿ کان ٻاهر هئي، ان ڪري خالي تجويزون ۽ سفارشن جي ڪجهه نتي ڪري سگهياسون. بعد ۾ پاڪستان سرڪار اِن طرف ڪجهه توجهه ڪيو. مڇي گڏ ڪرڻ لاءِ بندر ٺهيو. مڇي سڪائڻ لاءِ جديد طريقا استعمال ٿيا ۽ ٻاهرين ملڪن سان واپار جو انتظام ٿيو.

1973ع ڌاري سامونڊي مڇي هڪ لک نوي هزار ٽن ساليانو مرڻ لڳي.

1962ع ۾ لانچن جو تعداد 318 هو ۽ هن وقت 800 آهي.

ان وقت پيڙين جو تعداد 3203 هو ۽ پوءِ وڌي ويو.

1962 ۾ مڇي مارڻ وارن فل ٽائيم ماڻهن جو تعداد 30000 هو ۽ پارٽ ٽائيم ڪم ڪندڙن جو تعداد 20000 هو.

www.sindhsalamat.com

73_1974ع ۾ ٽوٽل مڇي سمنڊ جي، جا صرف ڪراچي بندر تي آئي، 13689000 ٽن هئي. ان کان سواءِ سنڌ جي ٻين مياٺن تان جا مڇي مٺي ٿي، سا علحده هئي، جنهن جا انگ اکر ملي نہ سگهيا آهن.

جيڪڏهن اها اندروني ۽ سامونڊي مڇي، سنڌ سرڪار جي هٿ ۾ هجي تہ سوين ڪروڙ روپيا سنڌ واسطي پيدا ٿي سگهن ٿا. ۽ فارين ايڪسچينج بہ حاصل ٿي سگهي ٿي.

## 4. سامونڊي بندرگاهہ تي واپار جون سهوليتون:

هن وقت سموري پاڪستان ڪي هڪ بندر ڪراچي ۾ آهي. گذريل سئو سالن کان اُن جي تعمير ۽ سينگارڻ تي سنڌ جا اربين روپيا خرچ ٿيا آهن. هيءُ شهر "مشرق جي ڪنوار" ليکجي ٿو ۽ اُن مان گهڻي پيدائش ٿئي ٿي. هتي جي بندر تان نہ رڳو سنڌ جو واپار بلڪ افغانستان، پنجاب، سرحد ۽ بلوچستان جو واپار بہ ٿئي ٿو. آمدني ۽ روانگي جي محصولن مان اربها روپيا ڪمائي ٿئي ٿي. ان جي ٽيڪس (ڪسٽمس، اِنڪم ٽيڪس، ايڪسائيز ڊيوٽي، ڪارپوريشن ٽيڪس، سيلس ٽيڪس) تي پاڪستان جي مرڪزي حڪومت جي اڪثر خرچ جو مدار آهي. ان تان واپار ذريعي ڪافي فارين ايڪسچينج ڪمائي وڃي ٿي. ڪراچي ساري ملڪ جي وڏي واپار جو مرڪز آهي. سهوليت واري جاءِ تي هئڻ ڪري ملڪ جا 54 سيڪڙو ڪارخانا اُن ۾ آهن. هتي جا واپاري ملڪ جي پيدائش جا اگهہ گهٽ وڌ ڪري، ملڪ جي زرعي ۽ ٻي پيداوار مان ڪروڙها روپيا ڪمائين ٿا. اهو ئي ڪارڻ آهي جو مهاجرن، ڪراچيءَ کي پنهنجي ڪالوني بنائي ڇڏيو آهي، ۽ "ڪراچي صوبي" بنائڻ جا خواب ڏسي رهيا آهن.

ڪراچي جي بندر رستي، مڇيءَ جو واپار ٻاهرين ملڪن سان ٿئي ٿو. ڪراچي سنڌ جي عجائب گهرن ۽ تعليمي ادارن جو مرڪز بنيل آهي. ان ۾ بهترين اسپتالون آهن. شهر جي بلند جاين، صاف رستن، عمدن دڪانن مان پتو پوي ٿو تہ سڄي سنڌ جي گهڻي ڪمائي هتي صرف ٿيندي رهي آهي. ڳوٺاڻن ۽ هتي رهاڪن جي معيار زندگي ۾ وڏو فرق آهي.

هتي "سيڙهہ جو ڪندو" (جناح) دفن ٿيل آهي، جو پاڪستان جي جملي خانہ جنگين ۽ اختلافن جو ڪارڻ آهي.

هتي جا اڪثر رهاڪو نفرت جي فئڪٽري کوليو ويٺا آهن، جنهن ڪري

www.sindhsalamat.com

ملڪ ۾ محبت جي عوض نفرت پکڙجي رهي آهي.

هاڻ اهل سنڌ لاءِ ٻه رستا کليل آهن:

(1) تہ ڪراچيءَ جو سمورو ڪاروبار واپار ٽيڪس ۽ ڪارخانا پنهنجي قبضي هيٺ آڻي، سنڌ جي ڳوٺاڻي زندگيءَ جي ترقي ۽ تعمير لاءِ ڪتب آڻين. يا

(2) "اسڪارچ ارٿ" (زيرون ڪرڻ) پاليسي مطابق ان کي فنا ڪري، "سيڙهہ جي ڪنڍي" کي ٻار اڇلي، پنهنجي مصيبتن جو ازالو ڪن.

حتي الامڪان ڪوشش اها ڪرڻي آهي تہ پاڪستان کي ختم ڪري، سنڌوديش جي گاديءَ جو مرڪز ڪراچيءَ کي بنائي، ان جا جملي وسائل سنڌ جي ڀلي لاءِ ڪتب آڻجن. ٻي صورت ۾ ڪراچي جي آمدرفت جي رستن (ريلن ۽ رستن) کي ڪٽي، ٺٽي جي طرف کان اينڊز ڀاڻيءَ جي رسد بند ڪري ۽ ٻاهران اينڊز ڪاڏي وغيره جي اشياءَ کي بند ڪري بم گولا هڻي، ڪراچي کي ختم ڪري ڇڏجي، جو نہ هجي بانس نہ وڄي بانسري.

وڏي افسوس جي ڳالهہ آهي تہ ڪراچي بندر جي ڀر ۾ ٻيو هڪ بندرگاهہ، عرب سامراج جي نمائندي، غاصب، ظالم سنڌ دشمن ابن قاسم جي نالي سان تيار ڪري، سنڌين جي غيرت کي للڪاريو ويو آهي. مون اڳي هڪ ڪتاب ۾ ظاهر ڪيو آهي تہ انشاءَ الله سنڌوديش قائم ٿيڻ بعد ان بندر جو نالو "ڏاهر بندر" رکي، "مها راجا ڏاهر" جو وڏو پتلو (استيچو آف لبرٽي وانگر) هٽائي ڇڏبو.

ازانسواءِ سنڌ کي ٻين بندرن جي بہ ضرورت آهي.

## 5. ڪارخانن جي پيداوار ۽ واڌارو:

ڪراچي ۽ ان جي آس پاس زياده سهوليتن هئڻ ڪري پاڪستان جي جملي ڪارخانن جو 54 سيڪرو ڪراچي ۽ حيدرآباد جي ايراضين ۾ قائم ڪيو ويو آهي. هن وقت سنڌ ۾ مختلف قسم جا 1500 کان مٿي ڪارخانا موجود آهن جن مان 5 سيڪڙو يعني 50 کن ننڍيون جيننگ فيڪٽريون، سارين ڇڙهڻ ۽ اٽي پيهڻ جون فيڪٽريون ۽ ملون غير سنڌين جي قبضي ۾ آهن، جن ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ مزدور بہ ٻاهران گهرائي رکيا ويا آهن. جن جي آمد سبب سنڌ ۾ آدمشماريءَ ۾ وڏي واڌ آئي آهي. ڪارخانن مان اربين روپيا ساليانا پيدا ٿين ٿا، ۽ ڏارين سرمائيدارن جي حوالي ٿين ٿا. ان مان اڌ کان مٿي رقم، سنڌ کان ٻاهر موڪلي سنڌي اقتصاديات کي نقصان پهچايو پيو وڃي. سنڌي ڳوٺاڻو روز بروز

www.sindhsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| 17. مشينن جي پرزن ٺاهڻ جي | 46 | 29.25 |
| 18. باربرداري جي شين جي ڪارخانن جي | 8 | 38.54 |
| 19. سائنسي اوزارن ٺاهڻ جي | 4 | 18.55 |
| 20. فوٽو گرافڪ شين جي | 1 | 57.14 |
| 21. هٿنڊي ڪرافٽ جي | 1 | 50.7 |
| 22. راندين جي سامان جي | 1048 يونٽ | 2.4 |

73_1972ع ۾ ميجر انڊسٽريز گروپس جا انگ اکر ۽ انهن جي ڏنڏي وار ورهاست هيٺين طرح آهي:

| | |
|---|---|
| 1. ڪاڌي رس ڪيڻ ۽ تماڪ جا ڪارخانا | 472 |
| 2. ڪپڙي ٺاهڻ وغيره جا ڪارخانا | 491 |
| 3. ڪاٺ جا ڪارخانا | 17 |
| 4. ڪاغذ ۽ ڇاپي جا ڪارخانا | 102 |
| 5. ڪيميڪل ڪارخانا | 178 |
| 6. نان ميٽل (جنرلس) جا ڪارخانا | 33 |
| 7. بيسڪ ميٽل انڊسٽريز | 52 |
| 8. فيئريڪٽيس ميٽل انڊسٽريز | 248 |
| 9. هٿنڊيڪرافٽ جا ڪارخانا | 26 |
| 10. ٻيون متفرق انڊسٽريز | 22 |
| ٽوٽل ڪارخانا | 1421 |

انهن ڪارخانن مان نيٽ ساليانو ڪمائي 34،72،54،000 روپيا ٿئي ٿي.

سنڌ ۾ 1973ع ۾ مختلف ٽرانسپورٽ جا انگ اکر هيٺيان هئا.

| | |
|---|---|
| بسون | 8464 |
| ٽرڪون | 16684 |
| موٽر ڪارون | 91139 |
| ٽئڪسي ڪيبس | 9692 |
| ٻه ڦيٿيون موٽر سائيڪلون | 63446 |
| ٽي ڦيٿيون موٽر سائيڪلون (رڪشائون) | 12776 |
| متفرق | 2061 |
| ٽوٽل | 208262 |

www.sindhsalamat.com

انهن مان اڪثر تعداد غير سنڌين جي هٿ ۾ آهي. منهنجي حساب موجب ڪارخانن، مزدورن، ٽرانسپورٽ ذريعي اٽڪل 300 ڪروڙ روپيا ساليانو سنڌ مان ڪمائجي ٻاهر وڃن ٿا.

اهڙيءَ طرح ساليانو ٽئڪسن مان 1600 ڪروڙ روپيا مرڪزي سرڪار جي حوالي ٿين ٿا. جن مان 3 - سيڪڙو به سنڌ تي خرچ نه ٿو ڪيو وڃي. اهڙيءَ طرح 40 سيڪڙو زمين، ڌارين جي هٿ ۾ هئڻ ڪري اٽڪل 100 ڪروڙ روپيا ڌارين حوالي ٿين ٿا. واپار ذريعي اٽڪل 1500 ڪروڙ روپيا ڌارين جي حوالي ٿين ٿا. ان حساب سان سنڌ جي ڪمائي مان اٽڪل 4400 ڪروڙ روپيا ساليانا ڌارين جي حوالي ٿيندا رهن ٿا.

اها رقم، سنڌوديش جي آزاد ٿيڻ بعد جيڪڏهن ان جي ترقيءَ ۽ تعمير لاءِ ساليانو ڪتب آندي وڃي، ته اوهان سمجهي سگهو ٿا ته سنڌ ڪيتري قدر ترقي ڪري سگهي ٿي. اسان زيادهه ڪارخانا کولي سگهون ٿا. تعليم کي وسيع ڪري سگهون ٿا. زمين تان آباديءَ جو بار هٽائي، وڏيڪ ماڻهن کي انڊسٽرين ڪاٽين ۽ نوڪرين ۾ استعمال ڪري سگهنداسون.

اِنهي نقطي نگاهه کان ئي شيخ مجيب الرحمان پنهنجي "ڇهه-نڪاتي پروگرام" ۾ هڪ اهو به نڪتو داخل ڪيو هو ته بنگال مان "ڪئپيٽل آف ڪيپيٽل" (ٻاهر پيسي وڃڻ) تي صوبائي حڪومت کي بندش وجهڻ جو اختيار هجي. اُن ڪري ئي هن جي قوم سان جنگ ڪئي ويئي ۽ نتيجو اهو نڪتو ته بنگال علحده ۽ آزاد ملڪ بنجي ويو. هاڻ اهو تيز رفتاريءَ سان ترقي ڪندو وڃي ٿو. اُن جي مشڪلات جو سبب زمين تي آباديءَ جو زياده بار آهي ۽ جا حالت اسان وٽ نه آهي.

جيڪڏهن سنڌو ديش علحده ٿي وڃي ته اٽڪل 40 هزار ڪروڙ روپيا ساليانو سنڌ کي حاصل ٿي ويندا، جيڪي سنڌ تي خرچ ڪري، اسان ٿوري وقت اندر سنڌ کي ترقي يافته ملڪن جي قطار ۾ آڻي سگهنداسون.

اسلام، پاڪستان ۽ مسلم قوم جي نالي ۾ سنڌو ديش جي آزاديءَ جي جيڪا مخالفت ڪئي پئي وڃي، اُن جو صاف مطلب آهي ته سنڌ کي مهاجر- پنجابي سامراج جي ڪالوني ڪري ڪتب آندو وڃي. سنڌ جا اصل رهاڪو غريب، بيروزگار رهن. اُنهن جي ملڪ جي ڪمائي ڌارين جي حوالي ٿي وڃي. ۽ آهستي ڪري ويهن سالن جي اندر منظم منصوبي هيٺ سنڌين کي اقليت ۾ آڻي اڌ صديءَ اندر هنن جي حالت ريڊ انڊين جهڙي ڪئي وڃي!

www.sindhsalamat.com

آءٌ پنهنجي ڪتاب "سنڌو ديش ڇو ۽ ڇا لاءِ؟" ۾ ڄاڻائي آيو آهيان تہ اقوام متحده جي اُن وقت جي 130 ميمبر ملڪن مان 94 ملڪ سنڌ کان آباديءَ، ڪمائي ۽ ايراضي ۾ ننڍا هئا. هن وقت اقوام متحده جي ميمبر ملڪن جو تعداد 145 کان بہ مٿي آهي. وڌيل ميمبر ملڪ، اڪثري ننڍا ملڪ آهن. اُن ڪري دنيا جي آزاد ٿيل اٽڪل 110 ملڪن کان سنڌ وڌيڪ سگهي، سٺابي ۽ وڏي آهي. آخر سنڌ ڪهڙو گناهہ ڪيو آهي، جو ان کي خود ساختہ اسلامي تشريح، پنجابي اڪثريت جو زور، لشڪر ۽ مسلم قوم جي ڍوڪي هيٺ پاڪستان جي پنجوڙ ۾ غلام رکيو ويجي.

هن وقت دنيا جي عام راءِ اسان جي غلاميءَ واريءَ حالت زار کان اڻ واقف آهي. سنڌ جي ماڻهن ۾ قومي شعور پيدا ٿي نہ سگهيو آهي. اهي احساس ڪمتريءَ ۾ گرفتار آهن. پر اها حالت گهڻو وقت رهي نہ سگهندي اسان عدم تشدد ۽ قومي شعور پيدا ڪرڻ وسيلي آزاد ٿي سگهون ٿا. پر اُن لاءِ مستقل مزاجيءَ ۽ استقلال جي ضرورت آهي.

حضرت عيسيٰ ۽ گانڌي مهاراج وانگر اهنسا ۽ صبر ذريعي ڪم ڪرڻ سان اِهو غلاميءَ جو ڇنبو دور ٿي سگهي ٿو. پر ان لاءِ احساس ڪمتريءَ، بزدلي ۽ باهمي نفاق کي دور ڪرڻو پوندو. محبت کي هٿيار طور ڪم آڻڻو پوندو. دشمن سان بہ نفرت نہ ڪرڻي آهي. اسان کي جنگ آزاديءَ ۾ پاڻ بچاءَ لاءِ سختيون سهڻيون آهن. ڪيتري بہ اشتعال تي تشدد اختيار نہ ڪرڻو آهي.

هڪ طرف مهاجر-پنجابي سامراج وارا تعداد، پيسي، سياسي شعور، علم اتحاف ۽ طاقت ۾ زياده آهن. ۽ آسان گهٽ آهيون. اُن حالت ۾ دنيا جي ملڪن جي آزاديءَ جي جنگين وانگر آسان جي جنگ، تشدد ذريعي نہ ٿيندي، پر "آهنسائي انقلاب" ذريعي آزادي حاصل ڪرڻي آهي. هنسا جو استعمال خودڪشيءَ جي برابر ٿيندو. اخلاق، اتحاد ۽ قربانيءَ جون صفتون اسان جون رهبر راهہ تي ڪم ڏينديون.

## 2. ڪاٽين ليڻ جا امڪان ۽ انهن جي پيداوار

سنڌ ۾ هن وقت تائين صرف هيٺين قسم جون ڪاٽيون لڌيون آهن. ۽ انهن تي ڪم ٿي رهيو آهي. جن مان سال 1975ع ۾ جيڪا پيداوار حاصل ٿي، ان جا انگ اکر هي آهن:

www.sindhsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| 1. | ميٽ | 13752 ٽن |
| 2. | چن جو پٿر | 2186951 ٽن |
| 3. | چيرولي | 6834 ٽن |
| 4. | فائر ڪلي | 805 ٽن |
| 5. | سليشاواري | 28714 ٽن |
| 6. | چيني مٽي | 23 ٽن |
| 7. | ڪنڪري بجري | 105927 ٽن |
| 8. | ڏاءِ | 10220 ٽن |

ليڪن لوھ، ڪوئلي، پيٽرول، گئس، گندرف، سنگ مرمر، لوڻ ۽ ٻين شين جي کاڻين جي ملڻ جو گهڻو امڪان آهي.

گئس گهڻي پاڳي "سوئي ڳوٺ" جي پر ۾ نڪتي آهي. جو ڳوٺ اصل ۾ سنڌ جو حصو هو پر بعد ۾ بلوچستان کي ڏنو ويو آهي. ازنسواءِ سريءَ (تعلقي ٿاڻي بولاخان) جي پر ۾ ٻه گئس نڪتي آهي. سوئي واري گئس کي پنجاب تائين نيو ويو آهي. پر سنڌ جي وڏن ۽ ننڍن ڳوٺن کي ان جي فائدي کان محروم رکيو ويو آهي.

جيئن تہ کاڻين جو کاتو پڻ مرڪزي حڪومت جي هٿ ۾ آهي. ان مرڪزي حڪام سنڌ جي کاڻين، ڪارخانن ۽ واپار، جملي وسائل، زراعت جي پيداوار، ٽرانسپورٽ، نوڪرين ۽ ٺيڪن تي قبضو ڪري، سنڌ مستقل مفاد جي فائدي لاءِ ڪتب آڻي ۽ لشڪر تي بيجا خرچ ڪري، سنڌ کي غلام رکي، پنهنجي زائد ماڻهن جي گذرمعاش جو بندوبست ڪيو آهي.

جيڪڏهن سنڌ آزاد هجي تہ مٽي جاٿايل ۽ ٻيون وڏيڪ کاڻيون هٿان دستياب ٿي، انهن جي ڪمائي ۽ پيا وسيلا سنڌ جي ڀلائي لاءِ ڪم اچي سگهندا. سنڌ ۾ بجلي، سيمينٽ ۽ لوڻ جي پيداوار وڌائڻ لاءِ گهڻو ڪجھ ڪري سگهجي ٿو. پر انهن سڀني ڳالهين جو مدار ملڪ جي آزاديءَ تي آهي. آخر ڏارين کي ڪهڙو لاچار پيو آهي تہ اُن طرف توجھ ڏين. ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ سندن توجھ زياده تر ان ڳالھ ڏي آهي تہ سنڌي ماڻهن کي پوريءَ طرح فنا ڪري سنڌ کي پنهنجي مڪمل قبضي ۾ آڻين.

هتي سنڌ ۾ سيمينٽ جا صرف چار ڪارخانا آهن. جيڪڏهن سنڌ آزاد هجي تہ اهي وڌائي 20 ڪن ڪري سگهجن ٿا. هتي ايتري جابلو ايراضي آهي، جو

www.sindhsalamat.com

دائمي طور رهڻ لاءِ تيار نہ ٿيندا تہ لاچار اُنهن کي ائين ڪرڻ کان روڪڻو پوندو. جيڪڏهن ڪي ماڻهوان پاليسي کي هلائڻ تي زور ڏيندا تہ لاچار انهن کي ملڪ مان ڪڍيو ويندو. اهو سڀ تڏهن ٿي سگهندو جڏهن سنڌ کي آزاد ۽ خودمختيار ملڪ ۽ قوم جو درجو نصيب ٿيندو. پنجاب جي آباديءَ هن وقت اٽڪل چار ڪروڙ وجي بيٺي آهي ۽ اتي آباديءَ جو بار 400 ماڻهو في ميل آهي. قوي امڪان آهي تہ اهي منظم منصوبي هيٺ وڏيڪ ماڻهو سنڌ ۾ موڪلي، اسان جي آباديءَ جو بار وڌائين. اهو فطري دستور آهي. انهيءَ آباديءَ جي زياده هجڻ سبب گذريل هڪ سؤ ورهين ۾ ڪيئي جنگيون ٿيون آهن. جرمني، انگلينڊ، فرانس، جپان ۽ اٽليءَ وارن جي سامراجي ملڪي حوص ۽ ڪالونين برپا ڪرڻ جا مثال، اسان جي اکين اڳيان آهن. هن وقت بہ ائين ٿي سگهي ٿو. سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي تہ "ڏاڍي جي لٺ کي ٻہ مٿا" ـ شهرن تي مهاجر قبضو ڪري ويا آهن. اُنهن سان چٽاڀيٽيءَ ۾ اسان اُن حالت ۾ پهچي نہ سگهنداسون. جڏهن اسان جا پير، زميندار، مير، ملا سڀ وڪامڻ لاءِ تيار هجن، ۽ ذاتي عياشين ۽ اقتدار جي حصول لاءِ برو ڪم ڪرڻ لاءِ تيار هجن. اهل پنجاب جي طاقت سان مقابلي ڪرڻ لاءِ مهاجرن کي پنهنجي مفاد خاطر "هر اول دستو" ٿي لڙڻو پوندو. پر اهي اڪيلي سر پهچي نہ سگهندا. اُن ڪري اصل سنڌين جي مدد جي هنن کي ضرورت پوندي. ان لاءِ جيڪڏهن هو اسلام جي استحصال ۽ مسلم قوم جي نظريي تان دستبردار ٿين، سنڌ کي وطن سمجهي، سنڌي زبان سکي، سنڌ کي پنجاب کان جدا ري پاڪستان کي ڊاهي، سنڌو ديش آزاد ڪرڻ لاءِ تيار ٿين، تہ ساڻن سنڌ جي بچاءَ لاءِ سمجهوتو ڪري سگهجي ٿو. ان لاءِ اسان کي هنن جي مستقل مفاد سان واپار، ڪارخانن، بئنڪن ۽ شهري آباديءَ ۾ ٽڪر کائڻ کان پري رهي. ديهاتي زندگيءَ جي تعمير ۽ ترقي طرف توجهہ ڏيڻو پوندو.

هن وقت سنڌ ۾ هڪ ڪروڙ کن اصل سنڌي رهن ٿا. تن جي ورهاست ڪري ڪم ڪرڻو پوندو.

جيئن تہ پاڻيءَ جي گهٽتائيءَ سبب اسان جملي زمين سال بسال آباد ڪري نہ سگهنداسون. ان ڪري سنڌ جي ٽي ڪروڙ ايڪڙ زمين کي ڇهن لکن ڪٽنبن ۾ مساوي طور ورهاست ڪرڻي پوندي، جنهن موجب سٺ ايڪڙ في ڪٽنب زمين ڏيڻي پوندي

اُن حساب سان اسان کي آدمشماريءَ جي ورهاست هيٺينءَ طرح ڪرڻي پوندي:

www.sindhsalamat.com

| | ماڻهو |
|---|---|
| 1. زرعي آبادي لاءِ | 3000000 |
| 2. زمين جي سڌاري لاءِ مزدور | 1500000 |
| 3. نوڪرين، لشڪر، تعليم وغيره لاءِ | 1500000 |
| 4. مڇي مارڻ، مال چارڻ ۽ مڪاني واپار لاءِ | 1500000 |
| 5. ڪاٺين، ڪارخانن، شهري تعمير، رستن جي تعمير لاءِ | 1500000 |
| 6. رازا، واڍا، سونارا، لوهار، ڊرائيور ۽ مڪينيڪل ڪم لاءِ | 1000000 |
| ٽوٽل ماڻهو | 10000000 |

ان ڪري اسان کي زياده توجهه مشنريءَ وسيلي پوک ڪرڻ تي ڏيڻو پوندو. گهڻا مڪينيڪل ماڻهو ۽ ڊرائيور پيدا ڪرڻ لاءِ اسڪول ۽ ڪاليج کولڻا پوندا. هر آبادگار ڪٽنب لاءِ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڊرائيور تيار ڪرڻو پوندو. موٽرن، روڊ ٽرانسپورٽ، ٽريڪٽرن، بلڊوزرن ۽ لانچن هلائڻ، گوڏن ۾ ڪاٺ چيرڻ، آٽي جي پيسائي ڪرڻ ۽ جبل ڪاٽڻ جي مشينن لاءِ اسان کي گهٽ ۾ گهٽ ٻه لک ماڻهو تيار ڪرڻا پوندا. روڊ ٽرانسپورٽ، روڊ ڪنسٽرڪشن، عمارت سازيءَ، مڇيءَ جي مارڻ جي جديد طريقن، مال چارڻ، کير مان شين ٺاهڻ، گوشت لاءِ جانور تيار ڪرڻ ۽ ڳئن، ڏڳن، مينهن، سنن سانن، ٻڪرين، رڍن، اُٺن، گهوڙن، گڏهن، ڪڪڙن ۽ ٻدڪن ڌارڻ لاءِ پنهنجي ماڻهن کي تيار ڪرڻو پوندو.

پوک لاءِ اسان کي زمين جي هيٺينءَ طرح ورهاست ڪرڻي پوندي

1. ڪپهه هيٺ ساليانو 35 لک ايڪڙ زمين آباد ڪرڻي پوندي
2. ڪمند لاءِ 20 لک ايڪڙ زمين آباد ڪرڻي پوندي
3. باغات هيٺ 15 لک ايڪڙ زمين آباد ڪرڻي پوندي
4. ڪڻڪ هيٺ 50 لک ايڪڙ زمين آباد ڪرڻ پوندي
5. ٻين پوکن هيٺ 80 لک ايڪڙ زمين آباد ڪرڻي پوندي

ٽوٽل 2 ڪروڙ ايڪڙ زمين.

1. ٿر پارڪر، سانگهڙ، نواب شاهه، خيرپور ۽ سکر ضلعن جي ٿرن برن جي زمين، مشنريءَ ذريعي درست ڪري، هموار ڪرڻي پوندي. ان نموني اسين 80 لک ايڪڙ وڌيڪ زمين لائق آباد بنائي سگهون ٿا.

2. حيدرآباد، ٺٽي ۽ ٿرپارڪر جي رڻ واري زمين کي بلڊوزن ذريعي وڌيڪ پاڻي جي استعمال سان درست ڪري سگهنداسون.

www.sindhsalamat.com

3. 1500 ملين جي ڊيلٽا کي، اسان مختلف طريقا استعمال ڪري وڌائي، 3000 ميل ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسون.

4. هن وقت سنڌو نديءَ اهو ڪم ڪري رهي آهي. آئينديءَ اسان کي ان جي واڌاري لاءِ مشينريءَ جو استعمال ڪرڻو پوندو. هن وقت اها زمين بيڪار پيئي آهي. آزاديءَ بعد ان تي ناريل، ڪجيون، بانس ۽ سارين جون پوکون پوکي سگهون ٿا.

5. مال جي چراگاهن جي واڌاري لاءِ جبلن، ٽرن ۽ ٻيلن تي اسان کي انتظام ڪرڻو پوندو.

سنڌ جا دشمن يا انهن جا ايجنٽ، اُنهن ڳالهين کي خيالي پلاءَ تصور ڪري شايد ٺٺولي ڪن، پر انهن کي پتو پوڻ گهرجي ته آزاد ملڪ سڀ ڪجهه ڪري سگهن ٿا.

هالينڊ تي سمنڊ سڪائي زمين حاصل ڪرڻ، روس جي سائبيريا واري علائقي جي برفاني زمين کي پوک ۽ رهڻ جي لائق بنائڻ ۽ آمريڪا وارن جون الاسڪا طرف تيل ڪوششون، آئيسلنڊ تي اتي جي رهاڪن جون ڪوششون، نيوزيلنڊ، آسٽريليا، انٽارڪٽڪ طرف انسان ذات جون محنتون، عرب ملڪن جي ماڻهن جون ملڪ کي سڌارڻ لاءِ ورتل ڪوششون، يورپ جي باشندن جون آفريڪا، آمريڪا ۽ ڏکڻ آمريڪا وسائڻ لاءِ محنتون-اسان جي اکين ڳيان تاريخ جا ورق بنجي چڪيون آهن.

دانشور ۽ ساڃاهه-وند ماڻهن کي معلوم آهي ته آزاد ۽ ترقي يافته ماڻهو سڀ ڪجهه ڪري سگهن ٿا، ۽ بر تي بازارون لڳائي سگهن ٿا.

اسان کي پنهنجي تاريخ جي پنجن هزار سالن جو پس منظر سامهون آهي. اسان سنڌو ديش جي آزاديءَ بعد جيڪڏهن آمريڪا ۽ روس وانگر چنڊ تي ڪمند وجهڻ جهڙا ڪم ڪري نه سگهياسون، ته ڪم از ڪم پنهنجي ڊيلٽا، رڻ پٽ، ٽرن ۽ ماٿرين کي سڌاري باغ بنائي سگهون ٿا.

پر هي ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته سنڌ جي آزاديءَ ۽ ترقي جي راهه تي مذهب جي غلط تشريح، مسلمانن جي جداگانه قوم جو تصور، سنڌي قومپرستيءَ تي سوشلزم کي ترجيح ڏيڻ واري ڳالهه، جمهوريت جي نالي تي آمرانه ڪم، ۽ مذهب ۽ سياست کي گڏي هلائڻ جو دستور رڪاوٽ آهن ۽ جن کي سمجهڻ ۽ انهن کان دور رهڻ ضروري آهي.

8. سنڌ تي ٽيڪسن وجهڻ جو حق ۽ اُنهن جي پيداوار.

www.sindhsalamat.com

هر آزاد ملڪ ٽيڪس پاڻ وصول ڪري، اُنهن کي پنهنجي حفاظت ۽ ملڪي تعمير لاءِ ڪتب آڻيندو آهي پر هن وقت حالت هي آهي تہ سنڌ کي پاڪستان جي سامراجي مرڪزي حڪومت هيٺ رکيو ويو آهي، ۽ ٽيڪس وجهڻ جو حق ان کي آهي، جنهن جهڙيءَ طرح ٽيڪس وڌا آهن. جو انهن جو گهڻو بار سنڌ تي پوي ٿو ۽ نفعو پنجاب ۽ ٻيا صوبا کائين ٿا.

75_1976ع جي انگن اکرن مان معلوم ٿئي ٿو (جيئن اڳ بيان ڪري آيو آهيان) تہ سنڌ مان انڪم ٽئڪس، ڪارپوريشن ٽيڪس، ڪسٽمس، مرڪزي ايڪسائيز ڊيوٽي، سيلس ٽئڪس، سالٽ ٽيڪس ۽ ٻين روينيو هيڊس رستي مرڪز کي اٽڪل 16 ارب روپيا پيدا ٿين ٿا. جن مان سنڌ تي اٽڪل 30 ڪروڙ روپيا بہ خرچ نٿا ڪيا وڃن.

اهيءَ استحصال کي مدنظر رکندي شيخ مجيب الرحمان بنگال طرفان پنهنجن پيش ڪيل "ڇهن نڪتن" ۾ هڪ نڪتو اهو بہ رکيو هو تہ " ٽئڪس وجهڻ جو حق" صوبن کي هئڻ گهرجي. جيئن تہ ان وقت ٽيڪسن مان گهڻي پيدائش بنگال ۽ سنڌ مان حاصل ٿئي ٿي، ان ڪري اهل پنجاب اهل ڳالهہ پسند نہ ڪئي هئي. رڳو لشڪر تي 54 سيڪڙو خرچ ڪيو ٿي ويو جنهن ۾ سنڌ کي هڪ سيڪڙو بہ نمائندگي نہ آهي بلڪ ملٽريءَ ۾ 80 سيڪڙو پنجابي ۽ 19 سيڪڙو پٺاڻ رکيل آهن. ان مان معلوم ٿيندو تہ سنڌ مان وصول ٿيل ٽئڪسن جي پيدائش تي لشڪر پالي سنڌ کي پنجاب جي غلاميءَ هيٺ رکيو وڃي ٿو.

پاڪستان جي مرڪزي سرڪار پاڪستان هوندي ڪڏهن بہ ٽئڪسن وجهڻ جو حق صوبن کي ڏيڻ لاءِ تيار نہ ٿيندي، ڇاڪاڻ تہ مرڪزي سرڪار مهاجر_پنجابي ۽ پٺاڻ جي هٿن ۾ آهي، سي ڪڏهن بہ پنهنجي سامراج کي ختم ڪرڻ نہ ڏيندي هو سمجهن ٿا تہ جيڪڏهن سنڌ مان جملي وصول ٿيل ٽئڪسن جي رقم سنڌ تي خرچ ڪئي ويندي تہ مرڪزي سرڪار هلي نہ سگهندي ۽ سنڌن سنڌ تان قبضو ختم ٿي ويندو. انهي ڪري مرڪزي سرڪار ٻاهرين ملڪن کان قرض کڻي بہ مهاجر_پنجابي مستقل مفاد جي مضبوطيءَ لاءِ ڪم آڻي ٿي، جنهن جو صرف ساليانو وياج 3 ارب روپيا ڏيڻو پوي ٿو.

جيڪڏهن پاڪستان کان سنڌو ديش کي آزاد ڪري ان جا جملي ٽئڪس سنڌي مفاد لاءِ ڪتب آڻجن، تہ اٽڪل ويهہ ارب روپيا ساليانو اسان جي حوالي ٿي سگهندا. جن جي آڌار تي ٻاهرين ملڪن کان قرض کڻي سنڌ جي

www.sindhsalamat.com

ترقيءَ تعمير لاءِ استعمال ڪري، ان کي باغ بهار بنائي سگهجي ٿو ۽ اها جلد ترقي يافته ملڪن ۾ شمار ٿي سگهندي

## 9. آدمشماريءَ جو بار

هن وقت سنڌ ۾ ڪراچي سوڌو آباديءَ جو بار 260 ماڻهو في ميل آهي، ۽ پنجاب ۾ لاهور سوڌو آباديءَ جو بار 400 ماڻهن کان به مٿي في ميل آهي. پاڪستان کان اڳ 1941ع ۾ سنڌ ۾ آباديءَ جو بار 80 ماڻهو في ميل هو ۽ پاڪستان جي پنجاهه سالن ۾ اهو ايترو وڌيو آهي.

اقتصاديات جي ماهرن کي معلوم آهي ته ملڪ جي ترقي، تعمير ۽ معيار زندگي جي بلنديءَ جو مدار ملڪ جي پيدائش جي ذريعن ۽ ماڻهن جي في ميل آباديءَ جي بار تي رهي ٿو.

اهل پنجاب، مختلف سببن جي ڪري هن وقت سنڌ کان زرعي پيداوار ۾ زياده خوشحال آهي. پر پنجاب کي سنڌ وانگر پيدائش جا ٻيا ذريعا گهٽ آهن. ۽ ان ۾ آباديءَ جي گهٽي بار هئڻ ڪري اِها زرعي پيداوار اُتي جي عوام جي زندگيءَ جو معيار بلند ڪرڻ لاءِ ناڪافي آهي. سنڌ جي رهاڪن جي معيار زندگي بلند ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي، بشرطيڪ سنڌ آزاد هجي.

اها ڳالهه صاف ظاهر آهي ته زمين تي ماڻهن جي بار زياده هئڻ، ملڪي پيداوار جي ذريعن ۽ ٽئڪسن جي گهٽ هئڻ سبب ملڪن جي ترقي جي راهه ۾ رڪاوٽ پئجيو وڃي ۽ عوام جو معيار زندگي بلند ٿي نه ٿو سگهي.

انڪري يورپ ۽ دنيا جي ٻين ملڪن، ماڻهن جي آباديءَ جو في ميل بار وڌڻ جي باوجود جديد هنري ترقيءَ جي لاءِ اهو ضروري پئي سمجهيو آهي ته ٻين غير ترقي يافته ۽ پيداوار جي وسيع ذريعن وارن ملڪن کي فتح ڪري، اُتي پنهنجا فاضل ماڻهو ڪالونائيز ڪري، پنهنجن ملڪن تان آباديءَ جو بار هلڪو ڪن ۽ سندن معيار زندگي بلند ڪن. انگلينڊ، فرانس، هالينڊ، پورچوگال، اٽلي، روس، آمريڪا، بيلجم ۽ جپان جي حڪومتن اِن ڏس ۾ فتوحات ڪري، پنهنجي زمين تان ماڻهن جي آباديءَ جو بار هڪ طرف هلڪو ڪيو ٿي. ته ٻئي طرف مفتوح ملڪن جي پيداوار جي ذريعن کي پنهنجي مفاد لاءِ ڪتب آڻي سامراج بڻايا ٿي. دنيا ۾ اڪثر جنگيون، انهيءَ مقصد جي حصول لاءِ ڪيون ويون هيون، جن ۾ لکين بلڪ ڪروڙين ماڻهو قتل ٿيا هئا.

www.sindhsalamat.com

بعضي تہ حالت اها ٿي آهي تہ مفتوح ملڪن جي قومن کي ختم ڪري، اُتي سامراج پنهنجون قومون آباد ڪيون آهن. تاريخ شاهد آهي تہ آريا قوم جي ماڻهن پنهنجي ملڪ مان گهٽائيءَ سبب لڏي هيِن ملڪن کي وچي ڪالونائيز ڪيو ۽ اصل رهاڪن کي ماري ننا ڪري ڇڏيو يا لڏڻ تي مجبور ڪيو يا پنهنجو غلام بنائي ڇڏيو. سنڌ ۾ دراويدي نسل جي ماڻهن جي اها حالت ٿي.

منگولن مختلف ملڪن کي ڦري اُتي انهيءَ مقصد جي حصول لاءِ حڪومتون قائم ڪيون. يورپ وارن اُتر ۽ ڏکڻ آمريڪا، آسٽريليا، نيوزيلينڊ وغيره ڪيترن ٻئين ۽ وڏن ملڪن کي فتح ڪري، اُتي جي اصل رهاڪن کي ختم ڪري ڇڏيو. آفريڪا، ايشيا، هندستان، ۽ برما، انڊو- چائنا، سائبيريا،وچ ايشيا، فلپائن، انڊونيشيا وغيره سڀ ملڪ، مغربي ملڪن جي انهي حوص ۽ مقصد جي شڪار ٿي مفتوح ٿيا. ٻہ مهاپاري جنگيون بہ انهن مقصدن جي ڪري لڙيون ويئون هيون. جڏهن جرمني، اٽلي ۽ جپان ۾ ماڻهن جي آباديءَ جو بار وڌي ويو ۽ هنن ڏٺو تہ انگلينڊ، فرانس، هالينڊ، پورچوگال، اسپين، بيلجم ۽ روس دنيا جي گهڻن ملڪن تي قبضو ڪري پنهنجي آباديءَ جي بار کي هڪ طرف جهڪو ٿي ڪيو ۽ ٻئي طرف اُتان جي پيداوار کي پنهنجي قوم ۽ ملڪ لاءِ ڪتب ٿي آندو تہ هنن بہ پنهنجي سامراج وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي. نتيجو اهو نڪتو تہ اڳ قابض ٿيل سامراجي طاقتن پنهنجي مستقل مفاد جي بچاءَ لاءِ گڏجي ساڻن جنگيون ڪيون. جن ۾ لکين ماڻهو مٽا ۽ اربين روپين جو نقصان ٿيو.

پاڪستان بنجڻ جو مکيہ سبب بہ اهو هو. يو.پي، سي.پي ۽ ٻين پرڳڻن جي مستقل مفاد مسلمانن (جن اڳين مسلمان شهنشاهن جي ڏينهن ۾ ملڪ جي پيداوار کي پنهنجي مفاد لاءِ ڪتب آڻي مزا ماڻيا هئا)، هندو مستقل مفاد جي تسلط کان ڊڄي، مسلم اڪثريت وارن صوبن ۾ ڪالونائيزيشن لاءِ حالتون سازگار ڏسي، هندستان کي وراهارائي، پنهنجن ماڻهن کي وسائڻ ۽ مڪاني ماڻهن جي استحصال ڪرڻ لاءِ پاڪستان قائم ڪرايو.

ٻئي طرف پنجاب جي مسلمانن بہ پنهنجي وڌيل آباديءَ جي مدنظر بهتر سمجهيو تہ هندو ۽ سک مستقل مفاد کي هٽائي، سنڌن جاءِ والاري وڃي، جنهن صورت ۾ ٻنهي ڌرين (مهاجرن ۽ پنجابين) جا مقصد ۽ مرادون ساڳيون هيون. ان ڪري ٻنهي گڏجي "ٻن قومن جي نظريي" هيٺ پاڪستان قائم ڪرايو.

www.sindhsalamat.com

پهرين جناح صاحب ۽ لياقت علي جي دور ۾ مهاجرن کي ڪالونائيز ڪري ان جو استحصال شروع ڪيو پر اڳتي هلي، مهاجرن جي وڌندڙ طاقت کان خوفزده ٿي، اهل پنجاب لياقت علي خان کي قتل ڪري پنهنجي تسلط ڄمائڻ جي ڪوشش ڪئي. اقتصادي مفاد جي ٽڪر جي باوجود اُردو زبان ۽ مسلم قوم جي نظريي ۾ ايمان رکڻ سبب هنن گڏجي سنڌين، بلوچن ۽ پٺاڻن تي تسلط قائم رکيو. اهل بنگال سان بہ ساڳي روش اختيار ڪيائون. پر اهي تعداد ۾ زياده هئڻ، زميني رابطي ۾ نہ هئڻ ۽ قومي شعور وڌيڪ رکڻ سبب وڙهي، آزاد ٿي ويا.

مغربي پاڪستان جي جدا جدا رياستن جي حالت اها هئي تہ پنجاب ۾ 300، سنڌ ۾ 80، فرنٽيئر ۾ 150، ۽ بلوچستان ۾ 18 ماڻهو في آبادي هئي. ڪالونائيزيشن لاءِ ضروري آهي تہ جتي اها ڪئي وڃي اتي آبادي گهٽ ۽ پيداوار جا وسيلا گهڻا هجن.

مغربي پاڪستان ۾ فرنٽيئر جو گهڻو حصو جابلو هو ۽ اتي جا ماڻهو جنگجو ذهنيت جا هئا. اهي خود گذرمعاش جي اڻ پوري انتظام سبب هر سال سرديءَ جي موسم ۾ گذران لاءِ لڏي ٻين ملڪن- هندستان بلڪ انڊو- چائنا تائين ويندا هئا. پر ملڪ جي ورهاڱي بعد هنن لاءِ ٻيا پاسا بند ٿي ويا هئا. پنجاب ۾ ماڻهو گهڻا هئا. ۽ زمين ٿوري هئي. ان ڪري انهن کي گذرمعاش لاءِ ٻين ملڪن ۾ ڪالونائيزيشن جي ضرورت هئي. سرحدي صوبي ۾ ڪالونائيز ڪرڻ مشڪل هو. بلوچستان ۾ آبادي گهٽ ۽ پهاڙي علائقو هئڻ سبب گذرمعاش جا ذريعا گهٽ هئا. نہ نديون هيون ۽ نہ اتي ڪاٽيون ڪوٺيون ويون هيون. ان ڪري اُتي وڃي رهڻ بہ ڏکيو هو. اهڙيءَ حالت ۾ رڳو سنڌ ئي هئي، جا پيداواري وسيلن سان مالامال هئي، ان کي بندر هو ۽ اتي جا وڏا ماڻهو خود مطلب ۽ بزدل هئا. ان ڪري مهاجرن، پنجابين ۽ پٺاڻن جي حرص جي اک اُتي وڃي کتي. نتيجي طور پاڪستان بنجڻ کانپوءِ 80 لک ٻاهريان ماڻهو اچي سنڌ ۾ آباد ٿيا آهن ۽ سنڌن ڪوشش اها آهي تہ سنڌ جي رهاڪن کي ماري هڪالي، ڪمزور ڪري، ساري ملڪ تي قبضو ڪن.

جيڪڏهن پاڪستان گهڻي وقت تائين قائم رهيو تہ جيئن فلسطين تي قبضو ڪري مڪاني عربن کي ملڪ نيڪالي ڏيئي ڇڏي آهي، تيئن سنڌ جي اصل رهاڪن جي حالت بہ اها ئي ٿيندي.

هن وقت پاڪستان ۾ ٻاهرين مستقل مفاد ۽ سنڌين جي وچ ۾ تصادم آهي.

www.sindhsalamat.com

دنيا جا اڪثري ملڪ ڌارين جي چنبي مان جان ڇڏائڻ لاءِ جدوجھد ۾ مشغول آهن. هتي سنڌين جو گناھ صرف اهو آهي ته اُهي مسلمان ٿي پيا آهن ۽ سنڌن غاصب به مسلمان آهن. جي تعليم، پيسي، پروپيگينڊا، تعداد ۽ جديد هٿيارن سان مسلح آهن. سنڌين کي غلط اسلامي نظريي ۽ لشڪر جي ڏنڊي جي زور تي مرڪزي حڪومت هيٺ محڪوم رکيون ويٺا آهن.

سنڌ جا اڪثر رهاڪو منتشر ۽ قومي شعور کان وانجها هئڻ ڪري انڌا، ٻوڙا، گونگا ٿي پنهنجي تاريڪ مستقبل کي ڏسي نه سگهيا آهن. لطيف جي چوڻ موجب:

سُتي لوڪ لطيف چئي، ياد نه ذرو ڪيوءِ،
غافل ٿي غوراب کي، اوڙھ تي آندوءِ

اسلام جي غلط تشريح واري ڏوڪي کان بچڻ لاءِ سنڌين وٽ ٻه طريقا آهن:

1. جيئن روس وارن شهنشاھ ۽ پادرين جي گڏيل مذهبي استحصال کان بيزار ٿي، دهريت جي نظريي کي اپنائي، غلاميءَ کان آزادي حاصل ڪئي، تيئن هي به ڪن. يا
2. "جديد نظريي قوم" مطابق قومي وجود کي برقرار رکڻ لاءِ آزاديءَ جي جدوجهد ڪن.

اسان ڏسي رهيا آهيون ته "دهريت جو سيلاب" هڪ ٻئي پٺيان ملڪن کي ٻوڙي رهيو آهي. اسان چاهيون ٿا ته صحيح صوفياڻو مذهب به بچي ۽ ملڪ به آزاد ٿئي. پر حالتون اسان جي قبضي ۾ نه آهن. جيڪڏهن اسان جا سامراجي، ساڳئي طرح مذهب جي نالي ۾ اسان کي غلام رکڻ جي چال نه ڇڏيندا، ته اهو وقت پري نه ٿيندو جو روس وانگر هتي به مذهب جي پاڙ پٽجي ويچي. جديد دنيا ۾ مذهب ۽ سياست کي علحده رکڻ نهايت سود مند ثابت ٿيو آهي، يورپ جي ڪيترن ملڪن ۾ انهيءَ پاليسيءَ ڪري مذهب بچيو پيو آهي. رئيس غلام مصطفيٰ خان پرڳڙيءَ جو چوڻ آهي ته "پاڪستان جو قيام وڏو ڏوڪو هو. انگريز ان کي ڏوڪن پٺيان ڏوڪن ذريعي زنده رکي سگهيو."

پٺي صاحب اسلام، سوشلزم ۽ جمهوريت جي ڏوڪن هيٺ اقتدار تي قبضو ڪيو پر جنهن صورت ۾ انهن ۾ صداقت ڪا نه هئي، ان ڪري ماڻهن ڏسي ورتو ته سنڌس حشر ڪهڙو ٿيو. هاڻ اهل پنجاب، 13 سئو ورهيه پراڻي شريعت جي نالي ۾ ماڻهن کي بيوقوف بنائي، ويهين صديءَ ۾ قديم وحشيانه قانون ٺاهي ملڪ هلائڻ گهرن ٿا، پر نيٺ اها ڏوڪي جي ديوار به ڍهي پوندي

www.sindhsalamat.com

## سنڌ ۾ ٻيل ڪالونائيزيشن بابت وڌيڪ ذڪر

اهو عام دستور آهي ته ڪو به ماڻهو پنهنجي گهر ۾ ڌارين کي رهائي، آزار پيدا ڪرڻ پسند نه ڪندو آهي. اهڙيءَ طرح آزاد ملڪ نه پنهنجي ملڪن مان پيسو ٻاهر ڪڍڻ ڏيندا آهن. نه ڌارين کي پنهنجي ملڪ ۾ اچي ملڪيت خريدڻ يا دائمي رهڻ جي اجازت ڏيندا آهن.

انگلينڊ، آمريڪا ۽ سعودي عربيا وغيره ملڪن ۾ ڌارين جي اچي آباد ٿيڻ تي پابندي پيل آهي. صرف سنڌ ئي واحد نڌڻڪو ملڪ آهي، جنهن ۾ بهار، يارت، سرحد ۽ پنجاب کان هر سال هزارين بلڪ لکين ماڻهو ايندا رهن ٿا، ۽ پيسا ڪمائي ٻاهر ڪڍي وڃن ٿا. سنڌ ۾ ڪالونائيزيشن کي نه ڪو روڪڻ وارو آهي ۽ نه ڪو جهلڻ وارو آهي.

1901ع کان وٺي اڄ تائين اسان جي آدمشماريءَ ۾ ڌارين جي آمد سبب، هيٺينءَ طرح واڌ آئي آهي:

1901 ۾ سنڌ ۾ 34،5،312 ماڻهو رهندا هئا
1911 ۾ وڌي 37،71،197 ماڻهو ٿيا
1921 ۾ وڌي ساڻي سبب گهٽجي 34،73،208 ماڻهو وڃي رهيا
1931 ۾ وڌي 44،34،253 ماڻهو ٿيا
1941 ۾ وڌي 48،50،905 ماڻهو ٿيا
1947 ۾ 13 لک هندو لڏي ويا ۽ 25 لک مهاجر آيا.
1951 ۾ آدمشماري وڌي 61،44،780 ٿي
1961 ۾ وڌي 83،67،565 ماڻهو ٿيا
1972 ۾ آبادي وڌي 1،40،07،296 وڃي ٿي.

ٻاهريان ماڻهو اڪثر شهرن ۾ اچي آباد ٿين ٿا. انڪري
1951 کان وٺي شهري آباديءَ جا به انگ اکر پيش ڪجن ٿا:

1951 ۾ سنڌ جي شهري آبادي 9،40،924 هئي
1961 ۾ سنڌ جي شهري آبادي 35،81،113 ماڻهو ٿي، ۽
1972 ۾ وڌي 57،00،416 ماڻهو ٿي ويئي.

اِن عرصي ۾ ٻهراڙي آباديءَ جا انگ اکر هن طرح آهن:
1951 ۾ سنڌ جي ٻهراڙي آبادي 51،93،816 هئي
1961 ۾ وڌي 67،86،453 ٿي
1972 ۾ جمع ڪري آبادي 83،07،296 ٿي ويئي.

www.sindhsalamat.com

اندازو تہ ڪريو 1961 ۾ سنڌ جي ٽوٽل آبادي 7،085 ،83 هئي. ۽ 1972 ۾ رڳو شهري آبادي 57،40،07،00،476 ٿي ويئي. جڏهن تہ ٽوٽل سنڌ جي آبادي 1،40،07،722 هئي.

اِنهن ڏهن سالن ۾ شهرن جي آبادي تيزيءَ سان وڌندي رهي. ۽ انهن سالن ۾ سنڌ ۾ هر سال 5،12،787 ماڻهو وڌيا آهن. جي اها رفتار جاري رهي تہ ايندڙ ويهن سالن ۾ سنڌ جي آبادي اڍائي ڪروڙن کان مٿي ٿي ويندي جنهن ۾ ڪروڙ کن اصل سنڌي وچي رهندا ۽ ٻاهريان ڏيڍ ڪروڙ ٿي ويندا. اها آبادي رڳو جمر جي واڌ سبب ڪانہ ٿي آهي، پر ٻاهران ماڻهن جي آمد سبب وڌي آهي. اَنڪري ايندڙ 20 سالن ۾ اصل سنڌي 40 سيڪڙو وچي ٿيندا ۽ غير سنڌي 60 سيڪڙو ٿي ويندا. باقي جيڪي نقصان رسندا، تن جو تفصيل اڳ ۾ بيان ٿي چڪو آهي. ۽ ڪجهہ هتي ڏجي ٿو:

1. سنڌين جي ڪلچر زبان، اقتصادي مفاد جي ختم ٿيڻ جو امڪان آهي.
2. اڳي شهري آبادي 15 سيڪڙو ۽ ديهاتي آبادي 85 سيڪڙو هئي، هن وقت شهري آبادي 40 سيڪڙو ديهاتي آبادي 60 سيڪڙو وچي ٿي آهي، نتيجي طور ڳوٺ (ديهات) غير آباد سنسان ٿيڻ جو انديشو آهي.
3. ٻاهريان ماڻهو واپار ڪارخانن، بئنڪن، ڪاٺين، نوڪرين ۽ تعليمي ادارن تي حاوي ٿي ويا آهن. ۽ آئيندي جملي اقتصاديات تي قابض ٿي ويندا.
4. هر شهري ماڻهو ساليانو گهٽ ۾ گهٽ هڪ هزار روپيا ڪمائي ٿو ۽ ديهاتي ماڻهو سراسري طور تي پنجاهہ روپيا ڪمائي ٿو. ان طرح سنڌن اقتصادي بدحالي ۽ خاتمي جو امڪان آهي.
5. ديهاتي خال پوري ڪرڻ لاءِ پنجاب مان فاضل ماڻهو گهرائي، وڏيڪ ڪالونائيزيشن ڪئي ويندي.
6. سنڌ ۾ پاڪستان کان اڳ في ميل آباديءَ جو بار 80 ماڻهو هو هن وقت انگ 257 تي وچي بيٺو آهي ۽ اڳتي وڌي 350 ٿيڻ جو امڪان آهي.

اُن ڪري اهڙين ڳالهين کان بچڻ لاءِ سنڌين کي جدوجهد ڪري پاڪستان کي ڊاهي، آزاد ٿيڻو پوندو.

## 10. باغات ۽ ٻاچين جي ضرورت ۽ سهوليتون:

ماڻهو ٻن صفتن۔ گوشت خوريءَ ۽ سبزي خوريءَ۔ سان موصوف آهي. هو

www.sindhsalamat.com

پاڻ کي زنده رکڻ لاءِ ٻين جانورن کي ماري انهن جي گوشت تي گذران ڪرڻ کان بہ نہ ٿو هٻڪي. ان جو مکيہ ڪارڻ ملڪ ۾ اناج، باغات جي ميوي ۽ ڀاڄيءَ جي گهٽ موجودگي آهي، جنهن ڪري هن کي مجبورن گوشت خور ٿيڻو پوي ٿو.

"بقائي اصلح" (Survival of the Fittest) جو نظريو بہ انهيءَ ضرورت سبب ايجاد ڪيل ڏسجي ٿو.

هندستان ۾ "مهاڀارت" جي لڙائي وقت ٿيل خونريزيءَ کان بيزار ٿي ماڻهن ردعمل طور اهنسا جي ضرورت محسوس ڪئي، ۽ هنسا (تشدد) جي استعمال کي "جهنگل جو قانون" سڏيائون. هنن غور ۽ فڪر بعد معلوم ڪيو تہ تشدد جي ذهنيت، مڇي جي ماس جي ڪاڻ ڪري پيدا ٿي هئي. ان ڪري هنن سبزي استعمال ڪرڻ شروع ڪئي.

هن وقت دنيا ديواني ٿي، جنگ جا نوان اوزار ٺاهي هڪ ٻئي کي مارڻ ۽ ڪمزور قومن کي غلام رکڻ لاءِ ڪتب آڻي رهي آهي. هٿيارن گهٽائڻ جون بہ گهڻيون ڪوششون ٿيون آهن، پر اهي ڪامياب نہ ٿيون وڃن. ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ ماڻهن ان طرف سوچيو نہ آهي تہ تشدد جي پيدائش لاءِ ماس ۽ مڇي ڪاڻ مکيہ ڪارڻ آهي.

اهڙيءَ حالت ۾ مهذب ماڻهن لاءِ ضروري آهي تہ باغ رکائي ڀاڄيون ۽ ميوا پيدا ڪرائين، ۽ اناج بہ ڪثرت ۾ پيدا ڪن تہ جيئن اهي ماس ۽ مڇي کان سستا ٿيڻ ڪري، ماڻهو انهن جي ڪاڻ طرف حرص رکن.

سنڌ ۾ حالتون ان لاءِ سازگار آهن. تنهن ڪري اسان کي سنڌ ۾ اناج پيدا ڪرڻ سان گڏ باغ رکائي، ڀاڄي ۽ ميوي جي پيداوار وڌائڻ طرف وڌيڪ ڌيان ڏيڻ گهرجي. ان ڪري بيماريون بہ گهٽبيون، تشدد جي ذهنيت بہ گهٽبي، ۽ ملڪ ۾ امن امان بہ پيدا ٿيندو.

نوٽ: سنڌ ۾ ميوي ۽ ڀاڄين جي موجوده پيداوار جي تفصيلي انگن اکرن معلوم ڪرڻ لاءِ ڪتاب جي آخر ۾ ضميمو (2) ۽ (3) ڏسڻ گهرجن.

## سنڌ ۾ زرعي زمين جي مستقبل ۾ سداري ۽ واداري بابت وڌيڪ ذڪر

هن وقت جڏهن بہ ڪو ماڻهو سنڌ جي ٻهراڙيءَ جي ماڻهن جي غربت ۽ بيروزگاريءَ جو ذڪر ڪندو آهي تہ حڪومت جا ڪارڪن ۽ ڪي ڪميونسٽ ورڪر ان جو سبب سنڌ ۾ زمين جي اڻ مساوي ورهاست ٻڌائيندا آهن. ليڪن،

www.sindhsalamat.com

سنڌ جي ڪارخانن، واپار، بئنڪن، ڪاٽين وغيره ۾ ڏارين مزدورن جي ڀرتيءَ کي اصل ڪارڻ سمجهڻ ڪان لنوائيندا آهن. وقت بہ وقت، مختلف حڪومتن زمين جي حد پئي گهٽائي آهي، پر ان مان ڪوبہ فائدو نہ ٿيو آهي. وڏيڪ زمين جي حد گهٽائڻ تہ فائدي بدران نقصان ٿيندو ڇو تہ پاڻي ٿوري هئڻ ڪري سموري زمين آباد ٿي نہ سگهندي ۽ زمين جو ٿيون حصو مس آباد ٿي سگهندو.

مٿي ڄاڻائي آيو آهيان تہ سنڌ ۾ لائق آباد زمين 2 ڪروڙ 21 لک ايڪڙ آهي، آبادگارن جو تعداد 70 لک آهي. جي زمين جي مساوي ورهاست ڪبي تہ في ماڻهوءَ کي 3 ايڪڙ ورهاست ۾ ايندا. سراسري طرح ڪٽنب ۾ 5 ڀاتي شمار ڪجن تہ في ڪٽنب کي 15 ايڪڙ زمين ملندي، جنهن مان صرف 5 ايڪڙ آباد ٿي سگهندا. انهيءَ جي پيدائش مان ماڻهن جو گذر معاش چڱي طرح ٿي نہ سگهندو. ان کان سواءِ ان زمين جو ڪافي حصو پاڻيءَ جي کوٽ سبب غير آباد، جهنگلن ۽ ڊڙن جي صورت ۾ موجود آهي. زمين جا ڪي حصا باراني بارش تي مدار رکن ٿا. ۽ سنڌ ۾ برسات تمام ٿوري پوي ٿي. ڪافي زمين ڪچن، دريائي واهن ۽ ٽر ايراضيءَ ۾ آهي. ان کي آباد ڪرڻ مشڪل مسئلو آهي. بئراجن واري زمين ۾ مٿي ذڪر ڪيل زمين کي هڪ جهڙي پيدائش ڏيندڙ زمين شمار ڪري نہ سگهبو. تنهن ڪري بئراج واري زمين جي ورهاست جدا حساب سان ڪبي ۽ باراني ۽ ٻئي قسم جي زمين جي ان جي ٻيڻي يا ٽيڻي حساب سان ڪرڻي پوندي. بئراج واري زمين تي پاڻي ميسر آهي، پر اها سموري زمين بہ اڃا پوريءَ طرح درست ۽ هموار ٿي نہ سگهي آهي. واٽر ڪورس درست نہ آهن. انهن جي مرامت آبادگارن جي حوالي هئڻ ۽ هڪ واٽر ڪورس تي 20 کان 30 آبادگار هئڻ جي ڪري بہ تڪليف آهي. اڪثر پاڻي ڪڍن ۽ هنانهن حصن ۾ ضايع ٿي وڃي ٿو. اهڙين حالتن جي مدنظر موجوده آبادگار طبقي لاءِ اها زمين پوري پئجي نہ سگهندي. ٽرن ۽ جابلو حصن جي زمين، سنڌ وٽ ٽئڪسن جي پئسي نہ هئڻ سبب هن وقت درست ٿي نہ ٿي سگهي.

ان ڪري هڪ ڪٽنب جي سٺي گذرمعاش لاءِ گهٽ ۾ گهٽ 75 ـ ايڪڙ زمين ڏيڻي پوندي. باقي آبادگار طبقي جي ماڻهن کي ڪارخانن، ڪاٽين، شهري مزدورين، نوڪرين، تعميراتي ڪمن طرف مشغول ڪرڻ جو انتظام ڪرڻو پوندو. ان کان سواءِ ٻاهران لکن جي تعداد ۾ ايندڙ ماڻهن تي بندش وجهڻي پوندي ٻي صورت ۾ آبادگار طبقي جي ٻئي پاسي روزگار لاءِ منتقلي ٿي ڪانہ سگهندي

www.sindhsalamat.com

ان سڄي ڪم لاءِ پلننگ جي ضرورت آهي، جا پلننگ سنڌوديش جي آزاديءَ کان اڳ ناممڪن آهي.

- زمين جي سڌاري لاءِ مشينريءَ جو استعمال بہ تڏهن ڪري سگهجي ٿو جڏهن سنڌ جي ٽئڪس جي پيداوار اسان جي هٿ ۾ هجي.
- سال بہ سال زمين آباد ڪرائڻ لاءِ ڪيميائي ڀاڻ جي ضرورت پوندي جنهن لاءِ ڀاڻ جا وڏيڪ ڪارخانا کولائڻا پوندا. هن وقت اهو ڪاتو مرڪزي سرڪار جي هٿ ۾ آهي ۽ اهل سنڌ غلام هوندي پنهنجي سر ڪو قدم کڻي نٿا سگهن.
- مشنريءَ لاءِ ٽي ڳالهيون ضروري آهن: هڪ تہ اها مشنري هتي ٺاهي وڃي، نہ تہ مهانگي پوندي. ٻيو تہ ان جي مرامت لاءِ پنجن هزارن ايڪڙن پٺيان هڪ ورڪشاپ قائم ڪرڻ جو انتظام ڪرڻو پوندو. ٽيون تہ مشنري هلائڻ لاءِ اسڪول کولي، ماڻهن کي تربيت ڏيڻي پوندي. اهو ڪم بہ سنڌ حڪومت، آزاديءَ کان اڳ ڪري ئي نہ سگهندي.
- پوکن کي بيمارين کان بچائڻ لاءِ دوائون تيار ڪرڻيون يا ٻاهران گهرائڻيون پونديون. جا ڳالهہ بہ هن وقت ممڪن نہ آهي.

زمين جي آباديءَ لاءِ سٺن ٻجن مهيا ڪرڻ واسطي سرڪار کي انتظام ڪرڻو آهي. ان لاءِ سٺي ٻج تيار ڪرڻ لاءِ فارم کولڻا پوندا. موجوده حالتن ۾ سنڌ ۾ اهو صحيح انتظام نہ هئڻ ڪري في ايڪڙ پيداوار گهٽ لهي ٿي. فصل کي مرض لڳڻ جو امڪان رهي ٿو.

- زمين جي درستي هارين جي سالياني ضرورتن جي پورائي لاءِ پيسي جي ضرورت پوي ٿي. بئنڪون پاڪستان سرڪار جي هٿ ۾ آهن، جنهن ڪري ڪو سڌارو نہ ٿو ٿي سگهي.
- زمين جي هموار ڪرڻ، هر ڏيارڻ، فصل لڻائڻ ۽ ڳاهہ ڳاهرائڻ لاءِ جدا جدا قسم جي مشنريءَ جي ضرورت پوي ٿي. هن وقت سموري مشنري ٻاهران گهرائڻي پوي ٿي ۽ پاڪستان سرڪار اهڙن ڪمن لاءِ پيسو سيڙائڻ واسطي تيار نہ آهي. ان ڪري سنڌ جي آزاديءَ کان سواءِ اهو مسئلو بہ حل ٿي نہ سگهندو.
- پيداوار منڊين تائين پهچائڻ لاءِ سٺن رستن جو انتظام ٺيڪ نہ آهي. پيسي نہ هئڻ ڪري سنڌ سرڪار اهي ٺهرائي نہ ٿي سگهي، جو مرڪزي سرڪار صرف اهي رستا ٺهرائڻ طرف توجهہ ڏئي ٿي، جن مان پنجاب ۽ ٻين صوبن مان مال ڪراچي پهچي سگهي يا ملٽريءَ جي آمدرفت لاءِ اهي ڪارائتا ٿي

www.sindhsalamat.com

سگهن. ان ڪري آبادگارن کي مال جي نيڪال لاءِ مشڪلاتن هيٺ سبب فصل جي پوري قيمت ملي نہ ٿي سگهي. اها مشڪلات بہ تڏهن حل ٿي سگهندي، جڏهن سنڌ سرڪار وٽ ايترو پيسو هجي جو اهي ڪم ڪرائي سگهي. اهو سڀ ڪجهہ آزاديءَ بعد ئي ممڪن آهي.

- اهڙن رستن ٺهرائڻ لاءِ گهربل سيمينٽ جي فراهمي لاءِ وڏيڪ ڪارخانن کولڻ جي ضرورت پوندي.
- رستن ۽ ٻين عمارتن لاءِ ڪنڪري، بجري ۽ ريتي پري کان گهرائڻ لاءِ ٽرڪن جي ضرورت پوي ٿي. اهو ڪاتو بہ مرڪزي سرڪار جي هٿ ۾ هئڻ ڪري سنڌ کي گهربل تعداد ۾ ٽرڪون مهيا ٿيل نہ آهن. جيڪڏهن سنڌ آزاد هوندي تہ ڪثير تعداد ۾ ٽرڪون ٻاهران گهرائي يا ڪارخانا کولائي انهن جي تيار ڪرڻ جو انتظام ڪري سگهندي.
- سنڌ ۾ وڏيڪ هڪ ڪروڙ ايڪڙ زمين لائق آباد بنائڻ لاءِ انتظام ڪرائڻا پوندا. جي بہ آزاديءَ بعد ئي ٿي سگهندا.
- ڍنڍن ٻڌائڻ، انڊر گرائونڊ واٽر حاصل ڪرڻ، کارو پاڻي مٺو ڪرڻ وغيره لاءِ پلئننگ بہ آزاديءَ بعد ئي ٿي سگهندي.

هاڻ سوال اٿندو تہ ڪهڙيءَ طرح هن مهاجر- پنجابي سامراج جي چنبي مان اسان پاڻ کي آزاد ڪرائي سگهون ٿا. ان سلسلي ۾ مون ڪي حل، پنهنجي ڪتاب "سنڌوديش ڇو ۽ ڇا لاءِ؟" ۾ ڄاڻايا آهن. ۽ غور و فڪر ڪرڻ بعد ڪي طريقا هيٺيان سوچيا آهن:

1. عام تشدد (هنسا) جو استعمال ڪرڻ.
2. ماڻهن ۾ سيني بہ سيني مخفي طرح قومي شعور پيدا ڪرڻ.
3. اسلام جي غلط تشريح، آزاديءَ کان اڳ "طبقاتي جدوجهد" ۾ يا سوشلزم جي پرچار ۽ "پاڪستاني جمهوريت" جي نقصانن کان ماڻهن کي واقف ڪرڻ.
4. سنڌين ۾ اتحاد پيدا ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ.
5. عوام مان احساس ڪمتريءَ جو مرض دور ڪرڻ.

## عدم تشدد (اهنسا) جي تشريح ۽ استعمال

عدم تشدد يا اهنسا جي معنيٰ سمجهڻ کان اڳ بهتر آهي تہ تشدد يا هنسا ڇا کي ٿو چئجي. ان بابت ذهن صاف ڪرڻ گهرجن.

www.sindhsalamat.com

تشدد کي انگريزي زبان ۾ "وايولينس" يا "لا آف جهنگل" به سڏي سگهجي ٿو. جنهن جي معنيٰ اها ٿيندي ته "جو ڏاڍو سو گابو" يعني هر ڳالهه جو فيصلو قوت آزمائي ۽ زور زبردستي جي اڌار تي ڪيو ويندو.

دنيا ۾ مختلف دور گذريا آهن. جن ۾ اڪثر تشدد جو دور رهيو آهي. ان ڪري انسانذات کي جي بي انتها نقصان پهتا آهن. سي تاريخ جي ورقن ۾ درج آهن. جڏهن ماڻهو ان جي نقصانن کان تنگ ٿيا آهن. ته هنن وري عدم تشدد يا اهنسا جو رستو پئي اختيار ڪيو آهي.

آريا جڏهن هندستان ۾ آيا. ته هنن زور زبردستيءَ اختيار ڪري ويڙهل دراويدي قوم جون ٺهيل ٺڪيل تهذيبون ۽ تمدنون زيرون ڪيون ۽ ملڪ جي هر شيءِ تي حاوي ٿي ويا. جيڪو انهن جي سامهون آيو ان کي قتل ڪيائون. ڪن کي لڏائي ملڪ بدر ٿيڻ لاءِ مجبور ڪيائون. ته ڪن کي داس يا اڇوت ڪري رکيائون. آخر ان ڳالهه منجهن خون آشامي جو جذبو پيدا ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ مهاڀارت جي جنگ لڳي. جنهن ۾ لکها ماڻهو قتل ٿيا ۽ ڪيترا شهر تباهه ٿيا. عارضي فتح حاصل ٿيڻ کان پوءِ سيني کي احساس ٿيو ته ٻئي ڌريون تباهه ٿي وڃڻون هيون. جنگ يا زور زبردستيءَ ذريعي دائمي امن يا آشتي حاصل ٿيڻ وارا نه هئا.

منجهن سڌارڪ يا پيغمبر پيدا ٿيا. مهاتما ٻڌ ۽ مهاتما مهاوير جن اهنسا ۽ پريم جو پيغام ماڻهن تائين پهچايو: ته هر ڳالهه باهمي گفتگوءَ سمجهوتي ذريعي حل ٿي سگهي ٿي. هنسا يا تشدد ڪلاڪ جي پيڊيولم وانگر هڪ دفعي شروع ٿيو ته گهڻي وقت تائين خودڪار طريقي تي جاري رهڻ وارو هو. اهو تباهي. دشمنيءَ ۽ نفرت طرف ڌڪيلي. بدامنيءَ. نفاق ۽ تنزل جو باعث بنجڻ وارو هو.

ٻئي طرف محبت ۽ اهنسا انسانن جي اتحاد. امن ۽ ترقيءَ جي راهه جون رهبر ٿي ڪم ڏيڻ واريون هيون. پيغمبرن ماڻهن کي اهي پيغام پهچايا. پر انهن جي پوئلڳن پنهنجا پنهنجا مستقل مفاد پيدا ڪري انهن اصولن جي پيروي نه ڪئي ۽ اهي وري ساڳي طرح هنسا کان ڪم وٺندا رهيا. جڏهن حضرت موسيٰ سندس قوم بني اسرائيل کي مصر جي سامراج واريءَ غلامي مان ڪڍي سينا جي رڻ پٽ ۾ آندو ته بني اسرائيل وارن خواهش ڪئي ته جلد کين ڪو ملڪ ۽ ان جي حڪومت ڏني وڃي. جنهن تي حضرت موسيٰ کين چيو ته اوهان هاڻ مس آزاد ٿيا آهيو. اوهان کي ملڪ ۽ ان ۾ حڪومتون به نصيب ٿينديون. پر ڪجهه وقت تربيت حاصل ڪرڻ واسطي تڪليفن مان گذرڻو اٿو. پر هي بي صبر رهيا. سزا طور کين

www.sindhsalamat.com

چاليهن سالن تائين دشت نوردي ڪرڻي پيئي. آخر حضرت دائود ۽ سليمان جي ڏينهن ۾ انهن کي ملڪ ۽ حڪومت نصيب ٿيا. پر هنن جو حرص وڌندو ويو هنن تشدد جو رستو اختيار ڪري آس پاس جي حڪومتن سان تصادم ڪيو. جنهن ڪري هو پهرين بابل جي شهنشاهيت جا غلام ٿيا. جنهن کان ڪين ايران جي شهنشاهن ذريعي آزادي نصيب ٿي ۽ وري پنهنجو ملڪ اچي وسايائون. پر هنن لالچ ۽ لوڀ کي نہ ڇڏيو جنهن ڪري وقت بہ وقت تڪليفن جي منهن مقابل ٿيندا آيا.

سندن پيغمبر ڪين چئي ويا هئا تہ اوهان ۾ هڪ مسيح پيدا ٿيندو. جو اوهان جي حالتن کي درست ڪري وري اوج تي آڻيندو. جڏهن حضرت يسوع پيدا ٿي، پاڻ کي مسيح موعود سڏائڻ لڳو تہ يهودين منجهانئس اها توقع رکي تہ هو معجزي ذريعي کين رومن قوم جي غلامي مان آزاد ڪرائي، دنياوي حڪومت وٺائي ڏيندو. هن پنهنجي مسيح هئڻ جي ثبوت ۾ ڪي ننڍيون ڳالهيون معجزي يا خرق عادت جهڙيون ڏيکاريون هيون. ان تي پاڻ هو مست ٿي کيس چوڻ لڳا تہ هو کين جلد حڪومت وٺي ڏئي. پر زبور ۾ حضرت دائود کين چئي ويو هو تہ "زمين جو مالڪ خدا آهي، هو ان جو وارث پنهنجي پنهنجي صالح بندن کي ڪرڻ وارو هو."

حضرت عيسيٰ کي معلوم هو تہ دين موسويءَ ۾ ڪيئي بدعتون پيدا ٿي ويئون هيون. بني اسرائيل قوم فريسين ۽ صدوقين جي اثر هيٺ صلاحيت جي راهہ کان ٿڙي ويئي هئي. هو تعداد ۾ تورا ۽ پاڻ ۾ اختلاف رکندڙ هئا. ٻئي طرف رومن سامراج وڏو طاقتور ۽ ڪيترين صلاحيتن جو مالڪ ٿي چڪو هو. اهو سامراج جنگي هٿيارن، عقل ۽ ظاهري طاقتن جي ڪري اهڙو مضبوط ۽ منظم ٿيل هو جو يهودي نہ طاقت جي زريعي ۽ نہ ڪرامت جي وسيلي انهن جي چنبي مان آزاد ٿي سگهيا ٿي. هو بنسبت يهودين جي زياده صالح هئا.

ان ڪري حضرت عيسيٰ کين جواب ڏنو تہ دنياوي حڪومت حاصل ڪرڻ لاءِ پهرين صالح بنجڻو هو کين اخلاقي طور درست ٿيڻ جي ضرورت هئي. پوءِ حالتن جي درست ٿيڻ بعد هو زمين جي حڪومت جا مالڪ بہ بنجي سگهيا ٿي.

ان واسطي هن کين اهنسا ۽ محبت جي تعليم ڏني. پر يهودي قوم جي اڪثريت ۾ عجلت ۽ تڪڙ جي عادت گهر ڪري ويل هئي. جنهن ڪري هنن حضرت عيسيٰ کان ترڪ ڪري ڇڏيو تي بهشت جي گهر ڪئي.

حضرت عيسيٰ جي نظر ۾ جيسين تائين ساري قوم اهنسا، محبت ۽ اتحاد جي ڏوريءَ ۾ منسلڪ نہ ٿي هئي، قانون فطرت موجب هو مقصد کي حاصل ڪري نہ ٿي سگهيا.

www.sindhsalamat.com

ان تي يهودين کيس سنڌس راهه ۾ رڪاوٽ سمجهي ڦاسيءَ چڙهارائي ڇڏيو.

يهودين جي اڪثريت سنڌس چوڻ نه مڃيو ۽ هو مقصد کي پهچي نه سگهيا. پر جيڪي ٿورا حضرت عيسيٰ جا پوئلڳ ٿي رهيا، تن تڪليفون برداشت ڪري وچي دنيا جي گهڻي حصي تي قبضو ڪيو. هن وقت به دنيا ۾ سڀ کان وڏيڪ حضرت عيسيٰ جا پوئلڳ رهن ٿا ۽ دنيا جي گهڻي حصي تي سنڌن بادشاهت آهي. ان کان پوءِ سنڌس ڏاڏي حضرت ابراهيم جي اولاد مان عرب ملڪ ۾ حضرت محمد صلعم پيدا ٿيو. هن سنڌس قوم کي اسلام (سلامتي ۽ امن) واري دين جي تعليم ڏني. سنڌس مڪي واري زندگي ۾ مخالفن طرفان کيس گهڻيون تڪليفون پهتيون. جي هو اهنسا جي اصول جي پوئلڳيءَ سبب برداشت ڪري ويو. آخر کيس اتان لڏي مديني وڃڻو پيو جتي کيس گهڻي پوئلڳي حاصل ٿي. جنهن تي هن مدافعت ۾ مقابلي ڪرڻ جي اجازت ڏني. پر سنڌس دين جا مکيه متا بنيادي طرح رواداري بقاءِ باهمي ۽ محبت رهيا. پاڻ صاف فرمايائون ته دين جي معاملي ۾ زور زبردستي ڪم نه آڻڻي هئي.

جيئن اڳي ٻڌائي آيو آهيان ته سنڌس پوئلڳن، هن جي رواداريءَ، امن ۽ محبت ۽ سلامتي واري تعليم کي ترڪ ڪري، خون خرابيون ڪيون. ابتدا ۾ ڪاميابي نصيب ٿين ۽ دنيا جي گهڻي حصي تي عرب سامراج قائم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. پر جلد ئي عربي سامراج جو انحطاط (زوال) شروع ٿيو ۽ اهي فرقي بنديءَ ۽ مختلف حڪومتن ۾ ورهائجي، باهمي خون خرابي جو باعث بنيا.

هاڻ مهاجر- پنجابي مستقل مفاد تاريخ کان مليل سبق وساريءَ وري ٻين قومن تي زور زبردستيءَ سان پنهنجو سامراج قائم ڪيو آهي. جڏهن آءٌ سنڌين کي خوشخبري ٻڌايان ٿو ته سنڌوديش آزاد ٿيندو ۽ هو ترقي ڪري اوج جي منزل تي پهچندا. ته هو غلطي ڪري مون ۾ اها اميد رکن ٿا ته ڪرامت ذريعي جلد کين اها آزادي وٺي ڏني وڃي.

حضرت عيسيٰ جي قول مطابق منهنجو به کين اهو جواب هوندو ته مهاجر- پنجابي تعداد ۾ گهڻا. لشڪري طاقت رکندڙ تعليم. پيسي. واپار ۽ ڪارخانن تي قبضي سبب اهي سنڌين کان زياده طاقتور آهن. ٻئي طرف سنڌين جي حالت اها ته تعداد ۾ گهٽ. پاڻ ۾ وڙهيل. خود مطلب. بزدل. برين عادتن ۾ ڦاٿل. سنڌن وڏيرا ۽ زميندار ذاتي اختلافن ۽ خود مطلبين جي ڪري، قومي مفاد کي ڌارين وٽ گروي رکڻ لاءِ تيار. سنڌن پير ڌارين جي ايجنٽ بڻجڻ کي فخر جي نشاني ٿا

www.sindhsalamat.com

ڄاڻن. ملا جاهل سامراجي گروهه جي مذهبي تشريح کان گمراهه ٿي مسلم قوم، پاڪستان، اِسلام جي تشريح جا قائل ٿي، ڌارين جو ناچ نچي رهيا آهن. سنڌي ڪامورا ذاتي مفاد لاءِ ڌارين جي غلامي ۽ دلاليءَ تي راضي آهن. ڪيترا ڏسڻا وائسڻا ملڪي ڪارڪن سوشلزم جي نالي ۾ ڏوڪو ڪائي، ملڪ جي آزادي حاصل ڪرڻ کان اڳ پاڻ ۾ "طبقاتي اختلاف" پيدا ڪري، آزاديءَ جي راهه ۾ رڪاوٽ بنيا بيٺا آهن. "گوريلا وار فيئر" ۽ ٻين قسمن جون واهيات ڳالهيون ڪري، نوجوان گروهه کي بيوقوف بنائي رهيا آهن.

ان حالت ۾ منهنجو ٻه حضرت عيسيٰ وانگر ڪين اهو جواب هوندو ته پهرين اخلاق درست ڪري، صالح بنجو آهنسا اختيار ڪري، هڪ ڳل تي چماٽ لڳڻ جي حالت ۾ ٻيو ڳل سامهون ڪيو. سختيون سهڻ جي عادت پيدا ڪريو. طاقتور "ملٽري طاقت" سان اشتعال ۾ اچي، تصادم ۾ اچڻ خودڪشيءَ جي برابر آهي. تازو هندستان جي آزاديءَ جي سلسلي ۾ مهاتما گانڌيءَ طرفان اَهنسائي اِنقلاب واري هلچل مان سبق وٺڻ گهرجي. سچ چوڻ ۾ لکڻ تي اڪتفا ڪجي. جاٽي واٽي جبل سان ٽڪر نه هڻجي. ڪين خبر آهي ته هندستان جي آزاديءَ جي هلچل جڏهن شروع ٿي، انگريزن هنن سان تصادم جي عيوض ڪانگريس برپا ڪرائي، منجهن آئيني طريقي سان حق گهرڻ جو رواج وڌو. اڳتي هلي ڪانگريس ڪارڪنن ۾ ٻه رجحان پيدا ٿيا:

هڪڙن زبردستيءَ ۽ تشدد جي طريقن سان آزاديءَ وٺڻ طرف توجهه ڏنو. جنهن جي نتيجي ۾ ٿوري اشتعال ڏيارڻ تي جوش ۾ اچي اهڙا ڪم ڪيائون، جنهن ڪري قانون جي چنبي ۾ ڦاسي، سزائون ڪاٽڻ لڳا. هنن 1857ع واريءَ جنگ آزاديءَ مان ٿيل نقصانن مان سبق نه پرايو هو.

ٻيٽ مهاتما گانڌيءَ حضرت عيسيٰ جي تعليم مطابق ڪين نئين طريقي آزاديءَ حاصل ڪرڻ جو سبق ڏنو. جي: ڪمزور، منتشر ۽ پوريءَ طرح سجاڳ نه ٿيل ماڻهن لاءِ آزادي حاصل ڪرڻ واسطي "اهنسا" جو اوزار نهايت ڪارگر ثابت ٿئي ٿو. سباش چندر بوس، ڀڳت سنگهه ۽ دت. تشدد جا طريقا استعمال ڪيا. پر مهاتما گانڌي هندستان جي ڪثير تعداد ماڻهن کي "خوني انقلاب" جي عيوض آهنسائي طريقن موجب عدم تعاون ۽ قانوني انحرافيءَ جي راهه ڏيکاري ۽ اُنهن طريقن سان ٻيٽ انگريز سرڪار جهڙي فيل مست کي ڪنڌ نمائڻ تي مجبور ڪيو ۽ 31 سالن کان پوءِ 1947ع ۾ هندستان کي آزادي وٺي ڏني. انگريز حڪومت مڪاني ماڻهن جي حوالي ڪري ملڪ ڇڏي هليا ويا.

www.sindhsalamat.com

سنڌين کي بہ اُن مان سبق وٺي، آهنسا جي طريقن تي هلي، سنڌين ۾ قومي شعور پيدا ڪرڻ لاءِ چپ چاپ ۾ ڪم ڪرڻ گهرجي. پوءِ جي ان راهہ ۾ ڪين سختيون اچن، تہ ڪين خوشيءَ سان اهي برداشت ڪرڻ گهرجن. ڪرامت ذريعي آزاديءَ جي حصول يا جلد بازيءَ کان ڪم وٺڻ کان پرهيز ڪرڻي هئي. جهڙيءَ طرح دنيا جون ننڍيون ۽ ڪمزور قومون حالتن جي سازگار بنجڻ سان آزاد ٿي، اقوام متحده جون ميمبر بنجي ويئون آهن، تيئن نيٺ سنڌ جو وارو بہ ورڻو آهي.

"عملي انقلاب" کان اڳ "قومي شعور" پيدا ڪري، "ذهني انقلاب" آڻڻ ضروري آهي.

## 2. قومي شعور جي ضرورت:

هر جانور کي پاڻ۔ بچاءَ لاءِ قدرت طرفان جبلت (انسٽنڪٽ) عطا ٿيل آهي، جنهن کي علم نفسيات جي ماهرن "پاڻ بچائڻ جي جبلت" جي نالي سان سڏيو آهي. جيئن تہ ماڻهو ترقي يا فتہ جانور آهي، ان ڪري ان ۾ بہ قدرت طرفان اِها جبلت وديعت ٿيل آهي. ابتدا ۾ اِن جبلت جو دائرو فردن تائين محدود ٿئي ٿو، جنهن ڪري هر ڪو پنهنجي بچاءَ ۽ فائدي لاءِ ڪوشان رهي ٿو. ليڪن ان جي افاديت گهٽ ڏسي، تجربي بعد ان جو دائرو وڌائي، ڪٽنب ۽ قبيلي تائين آڻي ٿو.

سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي تہ "پهرين پيٽ پنجوءَ جو پوءِ يار ٻچا." اها پاڻ بچائڻ واريءَ جبلت جي ابتدائي حالت آهي، جنهن کي "نفس اماره" سڏيو اٿن. جڏهن ماڻهوءَ ۾ تجربي بعد سمجهہ جو مادو پيدا ٿئي ٿو تہ پوءِ هن کي "هرڊ انسٽنڪٽ" (قبيلائي انس) پيدا ٿئي ٿو ۽ هن تي ذهن نشين ٿئي ٿو تہ اڪيلي سر پوريءَ طرح سان بچاءُ نہ ٿي سگهندو بلڪ ولر ۾ رهڻ ڪري هن کي زياده بچاءُ حاصل ٿي سگهندو ۾ ڪيترا ماڻهو اُن ذاتي ۽ خود مطلبي واريءَ جبلت کان مٿي چڙهي نٿا سگهن.

انسان تاريخ ۽ تهذيب جي مختلف دورن مان گذريو آهي، جن کي وحشيانہ دور، بدويانہ دور، زراعتي دور، تجارتي دور، هنري دور، سائنسي دور وغيره سان منسوب ڪيو وڃي ٿو.

عام ماڻهو ديهات ۾ رهڻ ڪري اڪثر نيم خانہ بدوشي ۽ ڇڙوڇڙ گهرن ۾ رهڻ سبب پاڻ کي محفوظ نہ ڄاڻندو آهي. هن جي واقفيت ۽ لاڳاپي جو دائرو محدود رهي ٿو. سنڌ جا اڪثر ڳوٺاڻا اِن حالت ۾ رهڻ ڪري اڃا تمدن (شهريت) يعني زندگي جي گڏيل مفاد سان روشناس نہ ٿي سگهيا آهن. هنن جو جملي اثاثو مال،

www.sindhsalamat.com

ڪپڙا، زال، ٻار ٻچا، گهر ۽ سامان ۾ ذاتي مفاد رهي ٿو. اُن کان مٿي هنن کي جماعتي زندگي جي فائدن جو پتو پيل نه آهي. گهٽي ۾ گهٽ سندن مفاد قبيلي تائين محدود رهن ٿا. پر شهري زندگي يعني تمدن ۾ اچڻ بعد هنن ۾ جماعتي مفاد جو شعور پيدا ٿئي ٿو. تڏهن قبيلا گڏجي قوم بڻجن ٿا. جن ۾ ڪي نسلي بنياد تي قومون ٺهن ٿيون. آهستي ڪري زمين جي ڪن مخصوص خطن ۾ رهڻ وارا ماڻهو گڏجي، ملڪ ۽ زبان، قديم روايات، ڪلچر، سياسي ۽ اقتصادي مفاد جي بنياد تي قومون ٺاهين ٿا. اهڙيءَ طرح ٺهيل قوم کي سياست جي جديد ٻولي ۾ "قوم" سڏيو وڃي ٿو.

سنڌي گذريل پنجن هزارن سالن کان هڪ وطن، زبان، روايات، باهمي سياسي ۽ اقتصادي مفاد تي هڪ قوم ٿي رهيا آهن. پر صرف اِن طرح قوم جو هئڻ ڪافي نه آهي. جيسين تائين ان قوم جي افراد ۾ شخصي مفاد تي قومي مفاد کي ترجيح ڏيڻ جو مادو پيدا نه ٿيو آهي، اُن وقت تائين هو عملي طرح فعال قوم بڻجي نه سگهندا.

سندن اِنهي ڪمزوريءَ ڪري هو وقت به وقت ڌارين طاقتور قومن جي حملن اڳيان ڌڪ جهلي نه سگهيا آهن. ۽ وقت به وقت هو ٻاهرين حملي آور سامراجي طاقتن جي تسلط هيٺ پئي آيا آهن. هن وقت به سندن قريبن ساڳي حالت آهي.

ڳوٺاڻي ماڻهوءَ جي ڳئون يا ٻڪري چورائجي وڃي، ساڻس ڪنهن پر واري ماڻهوءَ زيادتي ڪئي، ڪنهن جي زال ڀڄي وئي، ٻين ماڻهن سان زمين جي ڏنگ ۽ حدن تان ڪو جهيڙو ٿيو اِنهن ڳالهين جي وٽن زياده اهميت آهي، بنسبت وڏين قومي ۽ ملڪي مفاد جي ڳالهين جي.

هنن ۾ اِن ڳالهه جو پوريءَ طرح شعور پيدا ٿي نه سگهيو آهي. اُنهيءَ خطي زمين جا رهاڪو جن جي زبان، ڪلچر، قومي روايات، سياسي ۽ اقتصادي مفاد هڪجهڙا آهن. تن کي ڪي ڌاريا ماڻهو غلام بڻايو ويٺا آهن. سندن وسائل جو استحصال ٿي رهيو آهي. سندن واپار، ڪارخانن، نوڪرين، تي قبضا ٿيا آهن ۽ کين محڪوم رکيو ويو آهي۔ انهن ڳالهين جي سمجهڻ جو شعور منجهن پيدا نه ٿيو آهي. هو نٿا سمجهن ته مجموعي مفاد جي حفاظت جي عدم موجودگيءَ ۾ شخصي مفاد جي حفاظت ڪا حيثيت نٿي رکي. ۽ جيئن ته اُنهن ڳالهين تائين سندن ڌيان وڃي نه سگهيو آهي، انهي ڪري چئي سگهجي ٿو ته سنڌي قوم ۾ اڃا "قومي شعور" جي عدم موجودگي آهي، يعني هو اڃا هڪ باشعور ۽ ذميدار قوم جي حيثيت ۾ مرڻ ۽ جيئڻ سکي نه سگهيا آهن. منجهن اڃا انفراديت ۽ اجتماعيت جو احساس تمام گهٽ آهي.

www.sindhsalamat.com

هاريءَ کي فصل، گهر، مال وغيره جي بچاءَ جو اونو رهي ٿو. زميندار کي سندس زمين جي پيدائش، ان لاءِ پاڻي جي ميسر هئڻ، اثر رسوخ ۽ پر واري زميندار جي دست درازيءَ کان بچڻ جو فڪر رهي ٿو. ملا مذهب جي نالي ۾ پنهنجي اثر جو دائرو وڌائي، ان جي آڌار تي گذرمعاش ۽ طاقت حاصل ڪرڻ جي پويان پيل آهي. ڪامورن کي نوڪريءَ جي حصول، بچاءَ اِضافي (Promotion)، اولاد جي پڙهائي ۽ ملڪيت گڏ ڪرڻ سان زياده دلچسپي آهي. بنسبت ملڪ جي آزاديءَ ۽ ڌارين قوم جي تسلط کان جان آزاد ڪرائڻ جي. پير صاحب پنهنجي آثر جي دائري وڌائڻ طرف متوجهه رهي ٿو. مطلب تہ قيامت جي ميدان وانگر هر ڪو نفسي نفسي ڪري رهيو آهي ۽ سيڪنهن کي پنهنجي حقن جي حفاظت ۽ بچاءَ جو اونو رهي ٿو. مجموعي ۽ قومي مفاد مان ڪهڙا نفعا حاصل ٿين ٿا، تن جي يا خبر نہ آٿن يا خودمطلبيءَ ڪري شخصي مفاد کي قومي مفاد تي ترجيح ڏين ٿا.

اها حالت هن وقت اڪثر سنڌ جي اصل رهاڪن جي آهي. ڌارئين سامراج جو سيلاب مٿن غالب پئجي، اُنهن جي آزاديءَ کي سلب ڪري ويو آهي. انهن جي زمين، ڪارخانن، نوڪرين، جاين، واپار وغيره تي روزبروز ڌارين جو قبضو وڌندو وڃي. ان حالت مان آزادي ڪيئن حاصل ڪجي، اُن طرف سندن توجهه ئي نٿو وڃي. سنڌي هڪ بيچارگيءَ جي حالت ۾ مبتلا ٿيا پيا آهن، جنهن ڪري منجهن بي همتي ۽ احساس ڪمتري پيدا ٿي پئي آهي. شاهه سائين، اهڙيءَ حالت ۾ فرمائي ٿو تہ:

ستين سنجهيئي، منهن ويڙهي مٿن جٺن،
اوجاڳو اکين کي، ڄاتئي نہ ڏيئي،
هٿان تو پيئي، ٿي ڪچو ڪيچين کي چئين!

اِن حالت کي بي حسي يا "ڪوما" جي حالت سڏجي ٿو. مٿن مدهوشي طاري ٿي ويل آهي. جيئن بدن جي ڪنهن عضوي تي فالج ڪرڻ ڪري اُهو بيڪار بنجي ويندو آهي. هن وقت سنڌين جي اِها حالت آهي.

اهو قدرت جو قانون آهي تہ هر بيڪار شيءِ فنا ٿي، ان جي جاءِ نئين، زنده ۽ باڪردار شيءِ اچي والارينديِ آهي. سنڌي قوم هن وقت قريباً اِن حالت کي پهتي آهي، جنهن لاءِ شاهه سائينءَ فرمايو آهي تہ:

پاڙي ناهہ پروڙ تہ ڪا رات رنجائي گذري!

هاڻ وقت آيو آهي تہ جن ماڻهن ۾ قومي شعور پيدا ٿيو هجي، سي لاڳاپا لاهي، گهر گهر وڃي، رمضان جي راتين جو روزن وقت جاڳائڻ وارن وانگر ماڻهن

www.sindhsalamat.com

کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪن ته اوهان جو حال ۽ مستقبل نهايت خطري ۾ آهي. ان کان بچڻ لاءِ هر ڪا ڪوشش ڪريو يا فنا ٿيڻ لاءِ تيار ٿيو.

مون کي بعضي تعجب لڳندو آهي ته تبليغي جماعت وارا ڪارڪن بستر کنيو پنڌ، پنهنجو ڪايوءِ پيئو ماڻهن کي آخرت جي نجات لاءِ تبليغ ڪندا وتن. هنن ويچارن کي اهو پتو نه آهي ته اها نجات ڪهڙي شيءِ آهي. ڪين هڏايو ويو آهي ته قيامت کان اڳ صور اسرافيل وڄنديءَ زمين ۽ جبل پرزا پرزا ٿي ڪپهه جي پوٽين وانگر اُڏامندا. پوءِ زمين هموار ٿينديءَ ۽ ميدان حشر ۾ جملي مئل ماڻهو جيئرا ٿي گڏ ٿيندا. پلصراط ٽپي خدا جي سامهون حساب ڪتاب ڏيڻ بعد ڪي ماڻهو بهشت ۾ ۽ ڪي دوزخ ۾ موڪليا ويندا. دوزخ کان ڪين روزا ۽ نمازون بچاءُ ڏيئي سگهنديون. اُنهن کان پڇيو ته اوهان کي اها خبر ڪنهن ڏني جواب ڏيندا ته ڪين اسلامي ڪتابن مان پيغمبرن ذريعي اها معلومات حاصل ٿي هئي جن کي خدا وٽان اها خبر ملي هئي. انهن ويچارن کي اها خبر نه آهي ته اهي تخيل سنڌن پيغمبرن کان گهڻو آڳاٽو مصر جي اهرامن ۾ پٿرن تي اُڪريل هئا. جن قديم وهمن جي بنياد تي اهي ڳالهيون هڏي ڪٺي ڳنڍ هڏي هئي. ڪين هڏائجي ته فرد واحد جي نجات جو مدار قوم کانسواءِ نجات حاصل ڪري نٿو سگهي

سنڌين جي نجات منجهن قومي شعور پيدا ٿيڻ بعد حاصل ٿيڻ واري آهي. اُن جو مقصد سنڌن وطن، زبان، قديم روايات، ڪلچر ۽ سياسي ۽ اقتصادي مفاد جي بچاءَ ۾ لڪل آهي. ممڪن آهي ته هو اها ڳالهه نه سمجهي سگهن. ايترو هن هزارن ورهين جي دقيانوسي موهوم نجات جو مٿن اثر ويٺل آهي.

شاهه فرمائي ٿو:

جٿن ٿا پڇن ان کي، تٿن جي پڇن پنڌ،
ته رڙهي لڏائون رنڌ، لطف سان لطيف چئي!

سنڌيو! اوهان جي اڳيان اونداهي رات اچڻ واري آهي. اوهان جو مستقبل نهايت تاريڪ ٿيڻ کي ويجهو اچي پيلو آهي. جلد سجاڳ ٿي، ان مصيبت کان بچڻ جي ڪوشش ڪريو يا فنا ٿيڻ لاءِ تيار ٿيو.

## 3. اسلام جي غلط تشريح، سوشلزم جي بي وقتي ڳالهه ۽ "پاڪستاني جمهوريت" جي ڏوڪي کان واقفيت:

هن مسئلي تي هن ڪتاب جي ورقن ۾ گهڻو ڪجهه ذڪر ڪري آيو

www.sindhsalamat.com

آهيان. تنهن ڪري وڌيڪ تفصيلوار ذڪر ڪرڻ مناسب نٿو سمجهان. سنڌيءَ ۾ چوٽي آهي ته "واڱڻ ڪن لاءِ وائي ته ڪن لاءِ بادي". ڪير جهڙي سٺي غذا به ڪن ماڻهن لاءِ نقصانڪار ثابت ٿيو پوي. اسلامي، سوشلزم ۽ جمهوريت بذات خود چڱيون شيون آهن. پر ڏسڻو آهي ته اُنهن جو ڪهڙيءَ نيت، مقصد ۽ مراد سان استعمال ڪيو ويو آهي.

اِهو صاف ٿي چڪو آهي ته اسلام جهڙي اتحاد، امن ۽ ترقي جي راهه ڏسڻ واري مذهب کي ڪن مستقل مفادن نفاق، فساد ۽ خون خرابي لاءِ ڪتب آندو آهي. اسلام جي نالي ۾ سنڌين جي هزارها ورهين جي قومي وجود کان انڪار ڪري، ان کي مهاجر پنجابي سامراج کان آزادي حاصل ڪرڻ کان اڳ، سوشلزم ذريعي سنڌين ۾ طبقاتي نفاق پيدا ڪرائي، ان جي آزاديءَ جي راهه ۾ رڪاوٽون وجهڻ لاءِ ڪتب آندو ويو آهي.

جمهوريت جو فڪر ۽ عمل، انسان ذات کي تحرير، تقرير ۽ جماعت سازيءَ جي آزادي ۽ اختلاف راءِ رکڻ جو حق ڏئي ٿو. پر ان جي نالي ۾ هتي ڇا ڇا نه ڪيو ويو آهي، اهو هر ڪنهن کي معلوم آهي.

ڪا به شي دائمي طور ۽ هر حالت ۾ فائديمند نه ٿي ٿئي. مذهب جي نالي ۾ ڪن مستقل مفاد طبقن انسان ذات کي جي نقصان پهچايا آهن، تاريخ جا ورق ان سان پريا پيا آهن. سوشلزم جي نالي ۾ جي خون خرابيون ۽ استحصال ڪيا ويا آهن، اهي زبان زد عام آهن. هتي پيٽي جي دور حڪومت ۾ سوشلزم جي نالي ۾ ماڻهن کي جهڙيءَ طرح گمراهه ڪري بيوقوف بنايو ويو اهي ڳالهيون لڪل نه آهن. ان لاءِ ڪيترا ڏسٽا وائسٽا پڙهيل ۽ دانشور قسم جا ماڻهو ذاتي اعتراض لاءِ ڪيئن آله ڪار بنجي، عوام جي استحصال جي ڪارڻ بنيا. سا ڳالهه ڪنهن کان مخفي نه آهي. نوابن، زميندارن، پٽن، جتوئي پائرن، ميرن ۽ پيرن جهڙن مستقل مفاد رکندڙ ماڻهن ذريعي، سوشلزم جي چمڪي ۾ ڦاسي، فيض احمد فيض جهڙا ماڻهو به گمراهه ٿي ويا ۽ اهڙي دور حڪومت جا حامي ٿي پيا. جو خدا پناهه ڏئي. ان ڪري اسان کي هر ڳالهه لاءِ سوچي سمجهي عمل ڪرڻ گهرجي.

جمهوريت يونان جي تهذيب جي وقت کان مختلف نمونن سان جدا جدا ملڪن ۾ مروج ٿي. اَڄ تائين ان جا ڪيئي قسم ايجاد ٿي چڪا آهن. پيٽي جي دور حڪومت ۽ هن وقت مارشل جي حڪومت هيٺ به جمهوريت جو نالو ورتو وڃي ٿو جتي نه تحرير، نه تقرير، نه جماعت سازي، نه فڪر جي آزادي، نه شخصي

www.sindhsalamat.com

آزادي حاصل آهي. پوءِ بہ حڪومت جي ڪارندن کي جمهوريت جي نالي وٺڻ کان شرم نٿو اچي. "بلا شاهہ" فرمائي ٿو تہ:

آپ سڏائيندين فقير،
لڪ لڪ پينديئن کير،
تينون لڄ نہ آونديا

لفظي ڏوڪي ۾ اچڻ کان اڳ هر ڳالهہ کي سوچي سمجهي پوءِ اعتبار ڪرڻ گهرجي

## 4. سنڌين ۾ اتحاد جي ضرورت:

قوم ۾ فعاليت پيدا ڪرڻ لاءِ منجهن اتحاد نهايت ضروري آهي. پر ان واسطي مقاصد مقرر ڪري، پوءِ اتحاد جي گفتگو ڪرڻي آهي.

منهنجي سمجهہ موجب سنڌين ۾ اتحاد پيدا ڪرڻ لاءِ هيٺيان بہ نڪتا نظر ۾ رکڻ ضروري آهن:

1. سنڌ ديش جا رهاڪو هڪ علحده قوم آهن. ۽ کين اُن حالت ۾ مڪمل آزادي حاصل ڪرڻ جو حق آهي.
2. آزادي حاصل ڪرڻ بعد انهن ۾ امن ۽ سلامتي پيدا ڪري ترقيءَ جي راهہ تي گامزن ڪرڻ جي ضرورت آهي.

آئون مٿي بيان ڪري آيو آهيان تہ سنڌي قوم هزارن ورهين کان وجود ۾ آيل آهي. ان کي پنهنجو جدا وطن رهيو آهي. انهيءَ ڪري قومن جي خوداراديءَ موجب، کين آزاد ۽ خودمختيار رهڻ جو هر ڪو حق آهي. ان جي حصول لاءِ ڪهڙا طريقا استعمال ڪجن، ان جو بہ ذڪر ڪيو اٿم.

پر جيئن ماڻهن تي مختلف طبيعتن، خواهشن، رجحانن ۽ ماحول جا اثر پون ٿا، ان ڪري اتحاد جو نالو وٺڻ سولو آهي، پر اُن کي حاصل ڪرڻ نهايت ڏکيو ڪم آهي. پيغمبرن سنڌن قومن کي نظرياتي بنيادن ۽ پنهنجي عملي زندگيءَ جي مثال مطابق متحد ڪرڻ جو ڪم سر انجام ڪيو ليڪن اڳتي هلي انهن جي پوئلڳن ۾ ڪيترين ڳالهين ڪري اختلاف پيدا ٿي پيا.

قومي ليڊرن بہ پنهنجن قومن جي اڳواڻي ڪري، انهن کي آزاد ۽ سربلند ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪري، ڪجهہ قدر ڪاميابي حاصل پڻ ڪئي آهي. پر دنيا ۾ ڪا بہ شيءِ دائمي ۽ ساڳين حالتن ۾ نہ ٿي رهي. ان وانگر قومون بہ وري وقت گذرڻ بعد، حالتن جو اندازو نہ ڪرڻ ڪري، تنزل کي وڃيو پهچن. پر اهو تنزل

www.sindhsalamat.com

دائمي نہ آهي. جهڙيءَ طرح وڻ ڄمي، وڌو ٿي، وري ڪري پوي ٿو پر ان جي جاءِ تي نئون وڻ پيدا ٿئي ٿو اهڙي ساڳي حالت قومن جي بہ ٿئي ٿي. هر شيءِ جو ساڳي حالت ۾ قائم رهڻ قانون فطرت خلاف آهي. هن وقت سنڌي قوم انحطاط جي حالت ۾ آهي. ان کي زنده ڪرڻ لاءِ آءٌ ڪوشان آهيان. پر اها ڳالهہ آسان نہ آهي.

اسان جي قومي جسم ۾ ڪيترن مرضن واسو ڪري اُن جي ڪيترن جزن کي بيڪار بنائي ڇڏيو آهي. سنڌين جي معاشري جي ڪيترن گروهن سان اهڙي ساڳي حالت لاحق آهي. جهڙوڪ- پير، ملا، زميندار، واپاريءَ ۽ ڪامورن جي اڪثريت هن وقت اخلاقي ڏيوالي ۾ اچي، سڌرڻ کان متي پهچي چڪي آهي. سندن درست ٿيڻ جو ظاهري امڪان ڏسڻ ۾ نہ ٿو اچي.

اهڙيءَ طرح عوام جي اڪثريت جي حالت بہ ايتريءَ حد کي پهتل آهي، جو متن ڪنهن نصيحت تي هدايت جو اثر ڏکيو ٿئي ٿو.

اهڙيءَ نازڪ حالت ۾ اها اُميد رکڻ تہ هي درست ٿي، آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ متحد ٿي، قوم کي بام عروج تي پهچائيندا. مشڪل مسئلو پيو نظر اچي. پر قرآن ۾ چيل آهي تہ "خدا جي رحمت مان اُميد نہ لاهڻ گهرجي." اُن ڪري آئون بہ اُميد نٿو لاهيان. ۽ قدرت جي قوت ۾ ڀروسو اٿم تہ نيون حالتون پيدا ٿي، سنڌين ۾ اتحاد پيدا ڪري اسان جي حالتن کي درست ڪنديون.

هن وقت مهاجر ۽ پنجابي مستقل مفاد سنڌين جي غلاميءَ ۽ مفلسي جو ڪارڻ بنيا آهن. پر مون کي روشني جو ترورو نظر پيو اچي. تہ خود انهن مان ڪي انصاف پسند ماڻهو پيدا ٿي سنڌو ديش کي آزاد ۽ خوشحال بنائڻ ۾ سنڌين جي مدد ڪندا. جهڙيءَ طرح سڀ سنڌي بيڪار نہ آهن. اهڙيءَ طرح سڀ ڌاريا ماڻهو خود مطلب، ظالم ۽ غاصب نہ ٿيندا. بوٽ ڪاريون رڍون هر گروهہ ۾ ٿينديون آهن. فرعون جي گهر ۾ موسيٰ جو پلجڻ هڪ مثال آهي. جو آئيندي هلي بني اسرائيل کي فرعون جي غلامي کان نجات جو ڪارڻ بنيو هو. اهڙيءَ طرح مهاجرن ۽ پنجابين مان بہ مون کي ڪن خدا ترس ۽ انصاف پسند ماڻهن جي پيدا ٿيڻ جو امڪان نظر اچي ٿو جي سنڌ کي پنهنجو وطن سمجهي سنڌي قوم سان پنهنجا مفاد وابستہ ڪري سنڌ جي آزاديءَ لاءِ ڪوشش ڪندڙ ڪارڪنن جي مدد ڪري سنڌ ۾ سنڌي قوم جي نجات جو ذريعو بڻجي سگهندا.

حافظ شيرازيءَ چيو آهي:

سلمان ز فارس، صعيب ز روم، بلال ز حبش

ابوجهل زمڪہ اين چہ ابوالعجبيبست!

www.sindhsalamat.com

اُميد لاهڻي نہ آهي. خدا ۾ ڀروسي، محبت ۽ اهنسا جي راهہ تي گامزن ٿي، ڪم ڪرڻ سان پاڻهي ڪاميابي حاصل ٿيندي.

## 5. عوام مان احساس ڪمتري دور ڪرڻ جي ضرورت:

اهو اڪثر قومن ۾ دستور رهيو آهي تہ مسلسل ناڪامياين، مصيبتن ۽ مشڪلاتن سهڻ ڪري، انهن مان قوت ارادي ۽ همت مفقود ٿيو وڃي. هو مريض عضوي وانگر بيڪار ٿيو پون ٿا. اها ڳالهہ احساس ڪمتريءَ جو باعث بنجي ٿي.

سنڌي عوام توڙي خواص جي اڪثريت بہ گهڻي وقت کان انهي مرض ۾ مبتلا رهي آهي.

اسان جي درويشن شاهہ سچل سر مست، روحل، سامي ۽ ٻين ڪيترن سنڌين کي ان حالت مان ڪڍڻ لاءِ قول ۽ فعل ذريعي گهڻي ڪوشش ڪئي آهي.

شاهہ سائين فرمايو تہ:

متان ٿئين ملول، آءٌ اڳاهون آهيان،
ڏسڻ ۾ ڪر ڏور پر حد ٻنهي جي هيڪڙي!

اهڙيءَ طرح سچل سائينءَ فرمايو آهي تہ:

اس چشم موديءَ ني ايسا اسرار ديکها تها
کہ بيچ ابر دي آفتا دا، انوار ديکها تها

آءٌ بہ شاهہ صاحب جي هن مصرع اونگر:

ڪنڌيءَ جهليو ڪانهن، عاشق اير آهون ڪري
تو ڪيئن پوڙي سهڻي، ٻيلي! منهنجي پانهن!
درياهہ توتي دانهن، ڏيندس ڏينهن قيام جي.

دانهون ۽ آهون ڪري، کين ان غلاميءَ ۽ مفلسيءَ جي حالت مان ڪڍڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهيو آهيان. ”همت بنده مدد خدا“ جي مصداق توڪل رکي، دعا گهري رهيو آهيان تہ:

الله اٿين مر هوءِ، جيئن آءٌ مران بند ۾!
پهرين وڃان لوءِ، پوءِ مر پڄنم ڏينهڙا!!

www.sindhsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| 8. | خيرپور | 193731 |
| 9. | جيڪب آباد | 214201 |
| 10. | نواب شاهه | 418720 |
| | ٽوٽل سنڌ جي آدمشماري | 3473208 |

## سال (1931)

| | | |
|---|---|---|
| 1. | ڪراچي (شهر) | 300779 |
| 2. | حيدرآباد | 662294 |
| 3. | ٿرپارڪر | 468040 |
| 4 | ٺٽو (ڪراچي) | 288012 |
| 5. | دادو | 328394 |
| 6. | سکر | 623758 |
| 7. | لاڙڪاڻو | 448657 |
| 8. | خيرپور | 227183 |
| 9. | جيڪب آباد | 459709 |
| 10. | نواب شاهه | 496612 |
| | ٽوٽل سنڌ جي آدمشماري | 4434253 |

## سال (1941)

| | | |
|---|---|---|
| 1. | ڪراچي (شهر) | 436887 |
| 2 | حيدرآباد | 758748 |
| 3. | ٿرپارڪر | 581004 |
| 4. | ٺٽو | 278013 |
| 5. | دادو | 389380 |
| 6. | سکر | 692556 |
| 7. | لاڙڪاڻو | 511208 |
| 8. | خيرپور | 305987 |
| 9. | جيڪب آباد | 304034 |
| 10. | نواب شاهه | 547178 |
| | ٽوٽل سنڌ جي آدمشماري | 4850905 |

## سال (1951)

| | | |
|---|---|---|
| 1. | ڪراچي (شهر) | 1137667 |
| 2. | حيدرآباد | 892539 |
| 3. | ٿرپارڪر | 604584 |
| 4. | ٺٽو | 290366 |
| 5. | دادو | 416738 |
| 6. | سکر | 733038 |

| | | |
|---|---|---|
| .7 | سانگهڙ | 322312 |
| .8 | لاڙڪاڻو | 501904 |
| .9 | خيرپور | 319593 |
| .10 | جيڪب آباد | 425656 |
| .11 | نواب شاهه | 490523 |
| | ٽوٽل سنڌ جي آدمشماري | 6134780 |

## سال 1961ع

| | | ٽوٽل آدمشماري | شهري آبادي | ڳوٺاڻي آبادي |
|---|---|---|---|---|
| .1 | ڪراچي (شهر) | 2044044 | 1912603 | 131441 |
| .2 | حيدرآباد | 1285719 | 514454 | 771257 |
| .3 | ٿرپارڪر | 728300 | 93790 | 634540 |
| .4 | ٺٽو | 361722 | 2887 | 340846 |
| .5 | دادو | 485122 | 44810 | 430312 |
| .6 | سانگهڙ | 428300 | 70810 | [illegible] |
| .7 | سکر | 836897 | 213419 | 685919 |
| .8 | لاڙڪاڻو | 604460 | 97621 | 506816 |
| .9 | خيرپور | 472137 | 46410 | 297514 |
| .10 | جيڪب آباد | 427562 | 58210 | 225656 |
| .11 | نواب شاهه | 691539 | 89283 | 656328 |
| | ٽوٽل سنڌ جي آدمشماري | 8367565 | 3581831 | 4945091 |

## سال 1972ع

| | | ٽوٽل آدمشماري | شهري آبادي | ڳوٺاڻي آبادي |
|---|---|---|---|---|
| .1 | ڪراچي (شهر) | 3589933 | 3498635 | 91298 |
| .2 | حيدرآباد | 2207873 | 807168 | 1410705 |
| .3 | ٿرپارڪر | 1000972 | 164276 | 826692 |
| .4 | ٺٽو | 674590 | 86750 | 585841 |
| .5 | دادو | 807753 | 101168 | 706536 |
| .6 | سانگهڙ | 680168 | 130680 | 550488 |
| .7 | سکر | 1368595 | 336990 | 1029191 |
| .8 | لاڙڪاڻو | 960990 | 160990 | 761917 |
| .9 | خيرپور | 717203 | 113729 | 603644 |
| .10 | جيڪب آباد | 694792 | 109021 | 585771 |
| .11 | نواب شاهه | 1341706 | 188556 | 1153150 |
| | ٽوٽل سنڌ جي آدمشماري | 14007722 | 5700426 | 8307296 |

www.sindhsalamat.com

## ضميمو (2): 77_1976ع ۾ سنڌ جي ميوي جي پيداوار جا تفصيلي انگ اکر

| نمبر | ميوي جو قسم | ايراضي آبادي هيٺ ايڪڙ | پيداوار ٽن ۾ |
|---|---|---|---|
| .1 | ڪيلو | 27795 | 102003 |
| .2 | چڪو | 204 | 181 |
| .3 | کجيون | 18358 | 49326 |
| .4 | زيتون | 4479 | 42136 |
| .5 | انب | 73715 | 237888 |
| .6 | پپيتو | 1478 | 4934 |
| .7 | مالٽا | 2915 | 16896 |
| .8 | ليمان | 1103 | 3122 |
| .9 | گريپ فروٽ | 492 | 2461 |
| .10 | موسميون | 374 | 238 |
| .11 | ڪينو | 307 | 1112 |
| .12 | ٻير | 1266 | 3334 |
| .13 | ملبيري (توت) | 216 | 157 |
| .14 | ٻيا ميوا | 7934 | 15163 |
| | | 1130636 ايڪڙ | |

## ضميمو (3): سنڌ ۾ ڀاڄيون (ايراضي ۽ پيداوار) 77_1976ع جا تفصيلي انگ اکر

| نمبر | نالو ڀاڄيءَ جو | ايراضي ايڪڙ | پيداوار ٽن ۾ |
|---|---|---|---|
| .1 | پينڊيون | 3189 | 9715 |
| .2 | ميها | 2179 | 3895 |
| .3 | واڱڻ | 1148 | 2833 |
| .4 | ڪدو | 974 | 439 |
| .5 | بصر | 36845 | 127857 |
| .6 | شلغم (گوگڙو) | 1531 | 8259 |
| .7 | گجرون | 2199 | 4607 |
| .8 | ٽماٽا | 8341 | 9438 |
| .9 | گوبي | 755 | 2919 |
| .10 | پٽاٽا | 2702 | 1979 |
| .11 | پيز | 4245 | 1652 |
| .12 | ٻيون ڀاڄيون | 23305 | 26615 |
| | | 87423 ايڪڙ | |

www.sindhsalamat.com

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| .4 | لاڙڪاڻو | 24 | 448 | 10257 |
| .5 | سکر | 40 | 714 | 15254 |
| .6 | سانگھڙ | 26 | 341 | 3305 |
| .7 | ٿرپارڪر | 28 | 441 | 9530 |
| .8 | دادو | 22 | 341 | 7200 |
| .9 | ٺٽو | 15 | 206 | 1412 |
| .10 | حيدرآباد | 85 | 1355 | 33021 |
| .11 | بدين | 14 | 167 | 1773 |
| .12 | ڪراچي | 456 | 8832 | 213122 |
| | ٽوٽل سنڌ | 726 | 13953 | 318615 |

**ضميمو (7):** روزنامہ "ڊان" (انگريزي) جي 20 مئي 1979ع جي شماري ۾ سنڌ جي ائڊيشنل سيڪريٽري مسٽر آخوند. سنڌ جي آدمشماريءَ پيداوار وغيره جا انگ اکر ڏنا آهن. جي هن ريت آهن:

| | |
|---|---|
| ● سنڌ جي هن وقت ٽوٽل آدمشماري (1979) ۾ | 19604318 آهي |
| ان ۾ شهري آبادي | 7897635 آهي |
| ۽ ڳوٺاڻي آبادي | 11806683 آهي |
| ● سنڌ ۾ جملي هاري ۽ مزدور | 4999000 |
| شهري مزدورن جو سيڪڙو | 2ء25٪ |
| ڳوٺاڻن هارين ۽ مزدورن جو سيڪڙو | 83ء36٪ |
| ● سنڌ جي آبادي 1982_1983 تائين | |
| وڌي هن ريت وڃي بيهندي: | 22200000 ڪروڙ |

(نوٽ: ان وقت سنڌين جي آبادي 40 سيڪڙو ٿي ويندي ۽ غير سنڌي 60 سيڪڙو ٿي ويندا.)

- سنڌ جي آبادي جملي پاڪستان جو 21 سيڪڙو آهي.
  سنڌ پاڪستان جي جملي پيداوار جو 30 سيڪڙو پيدا ڪري ٿي.
  سنڌ. ڪراچي قومي انڊسٽريل پيداوار رستي 39 سيڪڙو پيدا ڪري ٿي.
  سنڌ بئنڪنگ ۾ پاڪستان کي 25 سيڪڙو پيداوار ڏئي ٿي.
  سنڌ انشورنس ۾ پاڪستان کي 54 سيڪڙو پيداوار ڏئي ٿي.
  سنڌ تعميراتي ڪمن ۾ پاڪستان کي 51 سيڪڙو پيداوار ڏئي ٿي.
  سنڌ رسد و رسائل ۾ پاڪستان کي 37 سيڪڙو پيداوار ڏئي ٿي.

www.sindhsalamat.com

# مددي ڪتاب

| نمبر | ڪتاب جو نالو | پاڱا/جلد | مصنف جو نالو |
|---|---|---|---|
| .1 | "انسائڪلوپيڊيا آف رليجن ۽ ائٿڪس" | 13 پاڱا | مختلف مضمون نويس |
| .2 | "گولڊن بو" | 14 پاڱا | سر جيمس فريزر |
| .3 | "اِسٽڊي آف هسٽري" | " 12 | ٽوئن. بي |
| .4 | "مئن ويٿر. وڊز اينڊ وينس" | --- | ليبيٽري ۽ ڊاڪٽر اينيبيسنٽ |
| .5 | "آئوٽ لائنز آف ورلڊ هسٽري" | --- | ايچ. جي. ويلس |
| .6 | "فزيڪل اينڊ ايڪانامڪ جاگرافي آف سنڌ" | --- | ماڻڪ پٿاوالا |
| .7 | "اِنڊس سولائيزيشن" | --- | ڊاڪٽر مئڪي |
| .8 | "اِنڊين سولائيزيشن" | 3 پاڱا | سر جان مارشل |
| .9 | "اِسٽوري آف سولائيزيشن" | 6 جلد | ولڊ پورانٽ |
| .10 | "پري هسٽارڪ انڊيا 1000 ق.م." | --- | اسٽوئرٽ پگٽ |
| .11 | "ڪيمبرج هسٽري آف انڊيا" | --- | ويلر |
| .12 | "هسٽري آف عرب" | --- | هٽي |
| .13 | "نيو لائيٽ آف انڊس سولائيزيشن" | --- | شاستري |
| .14 | "اڊن اڊوانس هسٽري آف انڊيا" | --- | مجمدار |
| .15 | "بابلين ارلي انٽيڪئٽيز" | --- | مئڪي |
| .16 | "بابلين لٽريچر" | --- | --- |
| .17 | "ارٽز ارلي ايجز" | --- | پمبر |
| .18 | "انٽيڪئٽيز آف سنڌ" | --- | هينري ڪزنس |
| .19 | "تاريخ طاهري" | --- | سيد طاهر محمد |
| .20 | "هسٽري باءِ هيروڊٽس" | --- | انگريزي ترجمو |
| .21 | "لٽرري هسٽري آف عرب" | --- | نڪلسن |
| .22 | "اسٽوري آف مئن ڪائينڊ" | --- | هنڊرڪ لون |
| .23 | "ليگسي آف انشنٽ ورلڊ" | 2 پاڱا | ڊي برگ |
| .24 | "فائيو ٿائوزنڊ پيئرس آف پاڪستان" | --- | سر مار ٽيمر ويلر |
| .25 | "دي هير ٽيج آف انڊيا اشوڪا" | --- | جيمس اير ميفائيل |
| .26 | "اٿاسس آف راجستان" | --- | ٽاڊ |
| .27 | "چچ نامو" (انگريزي) | 2 جلد | مرزا قليچ بيگ |
| .28 | "فتوح البلدان" | --- | بلاذري |
| .29 | "نئين مصر جا پراڻا ورق" | --- | ڪئپٽن ايسٽوڪ |
| .30 | "تاريخ اسلام" | --- | ڪريم بخش چنا |
| .31 | "آريا ورت" (سنڌي) | --- | گنگا رام سمرات |

www.sindhsalamat.com




www.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، چو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.
اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book